




# دليل الذاڪرين

## [سوانح ۽ معارف غوث الحق مخدوم نوح رحہ]

**مؤلف**

حاجي پنهور

**ترجمو**

مولوي جمشيد احمد سڪندري

**تصحيح، تحقيق ۽ مقدمو**

ڊاڪٽر عبدالعفار سومرو

**ڄامشورو، سنڌ**

**2025ع**

ڪتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

چاپو پهريون          جنوري 2025ع

هن ڪتاب جي ڪنهن بہ حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت ڪانسواءِ اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن بہ طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: ٻہ هزار رپيا

(Price: 2000-00)



**خريداري لاءِ رابطو:**

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب سنڌ جي قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشوري ۾ جنرل مئنيجر پرنٽنگ پريس جبران زيب، مئنيجر پرنٽنگ پريس فرحان علي پٽي ڇپيو ۽ ميرزا دبير حسين بيگ، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# چپائيندڙ پاران

هيءُ ڪتاب ”دليل الذاڪرين“ سنڌ ۾ تصوف جي ماخذ جي سلسلي جي اهم تصنيف ليکجي ٿي، جيڪا حاجي پنهور 1086ھ ۾، فارسيءَ زبان ۾ تاليف ڪئي هئي. هن ڪتاب ۾ مخدوم نوح جي مڪمل سوانح حيات ۽ سندن همعصرن بزرگن، خليفن، وقت جي حڪمرانن کان سواءِ ان وقت جو علمي ماحول جو نقشو چِٽيو ويو آهي. جيتوڻيڪ مخدوم نوح جي سوانح عمري جي حوالي سان ڪيترن ئي مضمونن ۽ مقالن کان سواءِ ڪتابن ۾ هن تاليف جا حوالا ملن ٿا، پر ان باوجود هيءُ ڪتاب شايع ٿي منظرِعام تي نه اچي سگهيو. جڏهن ته هن سلسلي جو ڪتاب ”رسالہ فتحيہ“ بورڊ طرفان شايع ٿي منظرِعام تي اچي چڪو آهي.

جيئن ته هيءُ ڪتاب ”دليل الذاڪرين“ تصوف جي سلسلي جو هڪ اهم ماخذ آهي، جنهن جي اهميت ۽ افاديت کي پَرکيندي، ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب پنهنجي نگرانيءَ ۾ هن ڪتاب جو فارسي مان سنڌي ۾ ترجمو ڪرائي، ان جي تصحيح ۽ تحقيق ڪري هڪ جامع مقدمو لکي بورڊ جي حوالي ڪيو.



سنڌي ادبي بورڊ جي شروع کان ئي اِها ڪوشش رهي آهي ته ٻين موضوعن سان گڏ تصوف جي موضوع تي سنڌ جي عالمن جي تاليفات پڻ شايع ڪري، تصوف جي موضوع تي تحقيق ڪندڙن تائين رسائيجي. بورڊ جي هردلعزيز چيئرمين جناب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي دلچسپي ۽ سندن حڪمت عمليءَ تحت اداري طرفان نوان توڙي ريپرنٽ ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو اڄ عزتمآب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي هدايتن تحت بورڊ طرفان شايع ڪري رهيو آهيان.

اُميد آهي ته تصوف جي موضوع سان دلچسپي رکندڙ عالمن ۽ شاگردن کي اسان جي هيءَ ڪاوش پسند ايندي.

29- جمادي الثاني 1446ھ — ميرزا دبير حسين بيگ

01- جنوري 2025ع

سيڪريٽري

## فهرست


❊ پيش لفظ: مخدوم جميل الزمان (الف)

❊ مهاڳ: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو (ب)

❊ مقدمو: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو 1

مخدوم نُوحؒ جي دور جو تاريخي پس منظر 1

❊ مخدوم نُوحؒ جي سوانح 11

❊ مخدوم نُوحؒ جي سماجي ڪردار بابت روايتون 22

❊ مخدوم نُوحؒ جو تصوف 36

❊ مخدوم نُوحؒ جي قرآن فهمي 56

(ڀاڱو پهريون)

❊ 07





ديباچو.......................................................................................

❊ باب پهريون: اسلاف جي سلسلن ۽ واسطن جي باري ۾ 11

❊ فصل: توحيد جي باري ۾.................................................... 36

❊ فصل: ولايت وارن جي باري ۾........................................ 41

❊ باب ٻيو: مناقب مخدوم نوحؒ........................................ 52

❊ باب ٽيون: حسب نسب، حالن ۾ آمد ۽ سندن اولاد امجاد 170

❊ باب چوٿون: مخدوم معظم جي يارن ۽ ارادتمندن جا مناقب 186

❊ باب پنجون: ڪلمہ طيبہ جي ذڪر جي فضيلت 304

❊ باب ڇهون: خفي ذڪر جي باري ۾ 354

رسالهہ المسميهہ بڪؤس فخريهہ دليل الذاڪرين 380

ڀاڱو ٻيو

❊ ديباچو ............................ 381

❊ پهريون پيالو: اڳين بزرگن جي سلسلن ۽ سندن خليفن جي بيان ۾ 382

❊ ٻيو پيالو: مناقب ۽ القاب مخدوم نوح عليه الرحمة جي باري ۾ 396

❊ ٽيون پيالو: جهري (ڏاڍيان) ۽ سرّي (هوريان) ذڪر جي فضيلت ۽ اطاعت جي ڪلمي جي باري ۾ 414

❊ چوٿون پيالو: نسب ۽ ولايت حسب ۽ سڪونت بابت ۽ هالا شهر جي پسگردائيءَ ۾ آباد ٿيڻ جي بيان ۾ 429

❊ تعليقات ............................ 437

❊ ڏسٽيون ............................ 497

❊ ڪتابيات ............................ 539





❊ Introduction ............................ iii

بسم الله الرحمٰن الرحيم

حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرورؒ جن جي سوانح ۽ ملفوظات ۽ ان دور جي ٻين اوليائن متعلق جيڪي بنيادي ماخذ ملن ٿا انهن ۾ ”دليل الذاڪرين“ اهم ترين ڪتاب آهي جيڪو حضرت مخدوم محمد زمانؒ جن جي سجادگيءَ واري دور ۾ درگاهه شريف جي معتقد حاجي پنهور قلمبند ڪيو. اصل نسخو فارسي ٻوليءَ ۾ آهي، جنهن مان سنڌ جي عالمن ڀرپور استفادو ڪيو آهي، ضرورت هئي ته ”دليل الذاڪرين“ جو سنڌي زبان ۾ مستند ترجمو منظر عام تي اچي، هن تاريخي ڪم جو سهرو سنڌ جي برک عالم ۽ محقق محترم ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب جي سر تي آهي، جنهن جي زيرنگراني هي بيش قيمت قلمي نسخو سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ڪيو پيو وڃي.



مون کي يقين آهي ته ”دليل الذاڪرين“ جي سنڌي ترجمي مان سنڌ جي صوفياڻي تاريخ ۽ بزرگن جي احوال بابت ڪئين غلط فهميون دور ٿينديون ۽ صحيح تاريخ سامهون ايندي.

آئون ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب ۽ سنڌي ادبي بورڊ کي پيشگي مبارڪ ڏيان ٿو.

9 ربيع الاول 1445هه — مخدوم جميل الزّمان

24 سيپٽمبر 2023ع

دبئي

## مهاڳ

سنڌ جي تصوف جي تاريخ ۽ فڪر ۾ غوث الحق مخدوم نوحؒ جي شخصيت جي اها خاص اهميت آهي تہ ڪانئس سنڌ ۾ تصوف جي علمي روايت جو آغاز ٿئي ٿو. ڇو تہ هن کان اڳ سنڌ ۾ تصوف فقط بزرگي ۽ درويشيءَ تائين محدود هو. ان حقيقت جو ثبوت مخدوم نوحؒ جو قرآن شريف جو فارسي ترجمو آهي، جيڪو ڪيس سنڌ جي تصوف ۾ امتيازي حيثيت ڏياري ٿو. هو ڏهين صدي هجريءَ جي شروع ۾ پيدا ٿيو ۽ ڏهين صدي هجريءَ جي آخر ۾ رحلت ڪري ويو. اها ساڳي ڏهين صدي هجري يا سورهين صدي عيسوي سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ لحاظ کان نهايت افراتفريءَ جو دور آهي، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ صديءَ ۾ سنڌ ۾ مقامي حڪمران سمن ڄامن جي راڄ جو خاتمو ٿيو ۽ ٻاهران آيل ارغون سنڌ جا حڪمران بنجي ويا. ان پس منظر ۾ سنڌ جي صوفين خاص



طور مخدوم نوحؒ جو سوانحي ۽ عمراني (Sociological) مطالعو وڏي اهميت وارو آهي.

مخدوم نوحؒ جي حياتيءَ جي باري ۾ سندس وفات کان ايڪويهہ سال پوءِ سندس پوٽي مخدوم فتح محمد 'رسالہ فتحيہ' تصنيف ڪيو. جنهن ۾ مخدوم نوح جي سوانح تي مختصر روشني وڌائين. ان کان پوءِ موجوده ڪتاب ئي آهي، جنهن ۾ مخدوم نوحؒ جي پنهنجي تفصيلي سوانح حيات کان سواءِ سندس همعصرن، خليفن، وقت جي حڪمرانن ۽ ٻين بااثر شخصيتن ۽ ان وقت جي علمي ماحول جو نقشو چٽيو ويو آهي، ان لحاظ کان سنڌ ۾ تصوف جا ماخذ (Sources of Sufi Thought) سلسلي جي هيءَ هڪ اهم تصنيف آهي.(ج)

جيتوڻيڪ هن وقت تائين مخدوم نوحؒ جي سوانح ۽ تعليمات بابت ڪيترائي ننڍا وڏا ڪتاب لکيا ويا آهن جن ۾ هن ڪتاب جا حوالا ملن ٿا، ليڪن هن مهل تائين اهو ڪتاب پنهنجي اصلي صورت ۾ سامهون اچي نہ سگهيو هو. اسان کي هن ڪتاب جي فوٽو ڪاپي اسان جي مرحوم دوست

قاضي شوڪت علي پراڻن هالن واري ڪان ڪيترا سال اڳ ملي هئي. بلڪ ’رسالہ فتحيہ‘ کي ايڊٽ ڪرڻ وقت اهو نقل سامهون هو، جنهن مان استفادو ڪيو ويو هو. ان وقت ڪان اهو خيال هو، تہ هن ڪتاب جي اهميت جي پيش نظر ان کي اصلي صورت ۾ ترجمي ۽ تحقيق سان شايع ڪيو وڃي، تاهم ان ارادي جي تڪميل ۾ وڏو عرصو حائل ٿي ويو.

بهرحال دير آيد درست آيد جي چوڻيءَ موجب هن ڪتاب کي جديد تحقيق جي تقاضائن موجب پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

هتي اهو ٻڌائڻ ضروري ٿو لڳي، تہ مخدوم نوحؒ جو شجرو اسلامي دنيا جي مشهور صوفي سلسلي جي باني مباني شيخ ابونجيب عبدالقادر سهروردي ۽ شيخ شهاب الدين سهرورديءَ سان ملي ٿو، جيڪي حضرت ابوبڪر صديق رضہ جو اولاد آهن. اهو شجرو سڀ ڪان پهريائين ’رسالہ فتحيہ‘ ۾ ملي ٿو، جنهن ڪانپوءِ اهو شجرو هن ڪتاب ۾ بيان ٿيل آهي. تقريباً ساڳيو شجرو تحفة الڪرام واري ڏنو آهي. اهو شجرو



وڌيڪ تحقيقي انداز ۾ موجوده سجاده نشين مخدوم جميل الزمان جي ڪاوشن سان تذڪره مخدومان هالا ۾ شايع ٿيل آهي. جنهن کي اسان مقدمي ۾ شامل ڪيو آهي، ليڪن شجري جي ڪن شخصيتن جي باري ۾ مزيد تحقيق جاري آهي جيڪا سندن چوڻ مطابق جلد مڪمل ٿيڻ واري آهي.

هن موقعي تي آءٌ ڪتاب جي پيش لفظ لکڻ لاءِ سروري درگاه جي موجوده اهل علم و قلم سجاده نشين ۽ ڪيترن ڪتابن جي مصنف مخدوم جميل الزمان جو خاص طور شڪرگذار آهيان. ان ڪانسواءِ بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيدالزمان جو بہ ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب[د] جي ايڊيٽ جي بنياد تي بورڊ جي منظوريءَ سان شايع ڪرائڻ جو بندوبست ڪيو.

هن ڪتاب جي مواد کي اوائلي صورت ۾ ڪمپوز ڪرڻ ۽ پروفن پڙهڻ ۾ محترم سائين بخش قبولائي منهنجو پوريءَ طرح ساٿ ڏنو. ان ڪان پوءِ بورڊ منجهان ميرزا

دبير حسين ۽ عبدالصمد ان کي آخري صورت ڏني، جنهن لاءِ انهن سڀني جو شڪريو ادا ڪرڻ پڻ لازمي سمجهان ٿو.

23 ذوالحج 1444هه — عبدالغفار سومرو

13 جولاءِ 2023ع



## مقدمو

### مخدوم نوح ؒ جي دور جو تاريخي پس منظر

غوث الحق مخدوم نوحؒ جو جنم 911هه ۾ ٿيو ۽ 998هه ۾ رحلت ڪيائين. گويا سندس دور هڪ صديءَ تائين ڦهليل آهي ۽ اها ڏهين صدي هجري ۽ سورهين صدي عيسوي آهي. مخدوم نوحؒ جڏهن ڄائو ته سنڌ تي ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جهڙو بهادر ۽ عادل حڪمران هو. هن 914هه ۾ وفات ڪئي ته سندس پٽ ڄام فيروز تخت نشين ٿيو. ٿوري عرصي اندر ڄام فيروز ۽ سندس مائٽ ڄام صلاح الدين درميان خانه جنگي شروع ٿي وئي، جنهن ۾ ڄام فيروز ڪامياب ٿيو. اهو زمانو هو جڏهن قنڌار ۽ ان جي آسپاس بابر بادشاهه ۽ ارغونن جي وچ ۾ ڪشمڪش جو آغاز ٿي چڪو هو. انهيءَ پس منظر ۾ شاهه بيگ ارغون اتان پيڇڻ ۾ عافيت

سمجهي ”شال“ يعني موجوده ڪوئيٽا ۽ سبيءَ تي اچي قبضو ڪيو. ان کان پوءِ هن جون نظرون سنڌ طرف هيون ۽ 921ھ ۾ باغبان تي حملو ڪري هڪ هزار اُٺ هٽي هليو ويو. ان جي جواب ۾ سنڌ جي لشڪر دريا خان جي اڳواڻيءَ ۾ سيوي ۾ ارغون لشڪر سان مقابل ٿيو ته ان ۾ شاهه بيگ جو ڀاءُ ابوالمحمد مارجي ويو(1) اهو سال 925ھ / 1519ع هو. هڪ سال بعد 926ھ ۾ شاهه بيگ سڌو سنئون ٺٽي تي حمله آور ٿيو ته دريا خان مارجي ويو ۽ ڄام فيروز ڀڄي ويو. ٺٽي ۾ قتل عام شروع ٿي ويو پر قاضي قادن جهڙي عالم جي ڪوشش سان شاهه بيگ ٺٽي کي امن ڏنو ۽ ٺٽي جي حڪمراني ڄام فيروز جي حوالي ڪيائين.(2) ليڪن سيوهڻ کان مٿي بکر جي حڪمراني پنهنجي هٿ ۾ رکي سلطان محمود ڪوڪلتاش کي مقرر ڪيائين. ٺٽي مان واپسيءَ تي شاهه بيگ جي لشڪر سان ٿلتيءَ وٽ دريا خان جي پٽ ڄام سارنگ وارن شاهه بيگ جي لشڪر سان لڙائي ڪئي، ڪين مخدوم بلال جي حمايت حاصل هئي پر هو ناڪام ٿيا.(3)



ڄام فيروز کي اڃا ٺٽي ۾ هڪ سال به نه ٿيو هو ته ڄام صلاح الدين هڪ دفعو ٻيهر گجرات مان لشڪر وٺي حمله آور ٿيو. ڇاڪاڻ ته گجرات ۾ سندس مائٽي ٿيل هئي. ان صورتحال ۾ ڄام فيروز، شاهه بيگ کي مدد لاءِ پڪاريو. ڪن تاريخن موجب ڄام فيروز جي ماءُ مدينه ماڇياڻي شاهه بيگ کي لشڪر ڪشيءَ لاءِ آماده ڪيو.(4) هاڻي شاهه بيگ پنهنجي جوان پٽ شاهه حسن کي ڄام فيروز جي مدد لاءِ روانو ڪيو، جيڪو 14 محرم 927ھ ۾ سيوهڻ پهتو ۽ پاڻ هن جي پٺيان روانو ٿيو. ٺٽي پهچڻ تي ڄام صلاح الدين ۽ شاهه حسن جي لشڪر درميان وڏو مقابلو ٿيو. جنهن ۾ ڄام صلاح الدين پٽ سوڌو مارجي ويو. هڪ سال جي اندر ئي شاهه بيگ 928ھ ۾ وفات ڪري ويو ته شاهه حسن نصرپور ۾ پنهنجي حڪمرانيءَ جو اعلان ڪيو. ڄام فيروز، شاهه حسن جي حڪمرانيءَ کي قبول نه ڪيو ۽ لشڪر گڏ ڪرڻ لڳو. جنهن ڪري شاهه حسن ٺٽي تي حمله آور ٿيو جتي وڏي خونريزي ڪيائين. ڄام فيروز لڙائي ۾

ناڪام ٿي گجرات طرف ڀڄي ويو. ان ريت سنڌ ارغونن جي قبضي ۾ هلي وئي.(5)

شاهه حسن ارغون سنڌ جي فتح کان پوءِ پهريون دفعو 931ھ ۾ ۽ ٻيو دفعو 932ھ ۾ ملتان تي حملہ آور ٿيو. پهرئين دفعي شيخ بهاءالدين جي گادي نشين جي صلح جي پيشڪش قبول ڪئي وئي. پر ٻئي دفعي لانگاهن جي هڪ امير جي دعوت تي ملتان جي قلعي جو گهيرو ڪيو. جيڪو پندرهن مهينا جاري رهيو. آخر وڏي خونريزيءَ کان پوءِ قلعو فتح ٿيو. شاهه حسن لنگر خان کي ملتان جو حاڪم مقرر ڪري پاڻ سنڌ موٽي آيو. ان ريت ملتان سنڌ جي ماتحت ٿي ويو.

شاهه حسن جي دور جو نهايت اهم واقعو همايون بادشاهه جي سنڌ ۾ آمد آهي. اهو سال 947ھ رجب جو مهينو هو جڏهن همايون شير شاهه سوريءَ کان شڪست کائي سنڌ جو رخ رکيو. همايون سنڌ ۾ ان اميد سان داخل ٿيو هو ته، هڪ ته سنڌ هندستان جي مرڪز کان گهڻو پري هئي ۽ سرحدي علائقو هو. ٻيو ته سنڌ جي ارغون خاندان سان بابر بادشاهه جا تعلقات هئا.



خاص طور شاهه حسن پاڻ ڪجهه وقت بابر سان گڏ گذاريو هو. ليڪن جيئن همايون سنڌ ۾ پهتو ته شاهه حسن هڪ نهايت چالاڪ حڪمران وانگر سمجهي ويو ته همايون کي ڪنهن به صورت ۾ سنڌ ۾ رهڻ نه ڏجي چو ته ڪيس خطرو هو ته ائين سنڌ به سندس هٿن مان هلي ويندي. پهريائين ته همايون بکر جي قلعي ۾ رهڻ جي فرمائش ڪئي جنهن کان ڪيترا بهانا ڪري ڪيس ٽاريو ويو. ان کان پوءِ همايون سيوهڻ جي قلعي جو ست مهينا گهيرو ڪيو پر سندس قبضي جي اها ڪوشش به ناڪام بنائي وئي. مطلب ته همايون ذري گهٽ ٽي سال سنڌ ۾ دربدر ٿيندو رهيو ۽ ڪٿي به ٽانئيڪو ٿي نه سگهيو. انهيءَ عرصي ۾ پاٽ جي تاريخي شهر ۾ جمادي الاول 948ھ ۾ حميده بيگم سان شادي ڪيائين جيئن همايون جي ڀيڻ گلبدن بيگم جيڪا ساڻس گڏ هئي، پاڻ 'همايون نامہ' ۾ لکيو آهي.(6) آخر همايون سنڌ جي حالتن کان ايترو بيزار ٿيو جو پهريائين اُچ پوءِ جيسلمير ۽ وري سنڌ ۾ عمرڪوٽ پهتو جتي هڪ راڻي سندس آڌرڀاءُ ڪيو. اهو سال 949ھ رجب جي 4

تاريخ هئي، جڏهن اڪبر بادشاهه عمرڪوٽ جي ڀرسان ڄائو. هن ڪان پوءِ همايون عمرڪوٽ مان جُوڻ پهتو جتان ربيع الثاني 950هه ۾ قنڌار لاءِ روانو ٿيو.

همايون جو اهو تقريباً ٽن سالن جو عرصو سنڌ وارن لاءِ تباهي ۽ بربادي‌ءَ جو سبب بنيو. ايتري قدر جو شاهه حسن ۽ ان جا ماڻهو همايون جي پهچڻ کان اڳ ان علائقي جا فصل ساڙائي ڇڏيندا هئا ته جيئن همايون جي لشڪر کي اناج نه ملي سگهي. گلبدن بيگم جي لکڻ موجب همايون جو ڏهه هزار لشڪر سنڌ ۾ بک وگهي تباهه ٿي ويو.

بابر بادشاهه جيتوڻيڪ پنهنجي حياتيءَ ۾ همايون کي تخت جو وارث ظاهر ڪيو هو ۽ ان ڪري همايون هندستان جو بادشاهه ٿي ويو هو. پر همايون ۽ سندس ڀائرن مرزا هندال ۽ مرزا ڪامران درميان نااتفاقي آخر تائين برقرار رهي. شاهه حسن ان صورتحال جو پورو فائدو وٺڻ ٿي گهريو. اهوئي سبب هو جو جڏهن مرزا ڪامران، شاهه حسن کان سندس ڌيءُ چوچڪ بيگم جو سڱ گهريو ته هن اهو فوراً



قبول ڪيو ۽ اهو نڪاح 953هه/1546ع ۾ پڻ پاڻ ۾ ٿيو. ڀائرن جي اها هلندڙ نااتفاقي تڏهن دشمنيءَ ۾ بدلجي وئي، جڏهن همايون ڪابل پهتو ته مرزا ڪامران سندس سامهون ٿيو ۽ هڪ اهڙي مقابلي ۾ مرزا هندال مارجي ويو. مرزا ڪامران اتان ڀڄي نڪتو پر جڏهن گرفتار ٿي همايون وٽ پهتو ته هن ڪيس ماراڻ بدران سندس اکين ۾ لوهي شيخ ڦيرائي انڌو ڪرائي ڇڏيو. همايون جي ڀيڻ گلبدن بيگم اهو سربستو احوال 'همايون نامه' ۾ ڏنو آهي، بلڪ ان واقعي سان ان ڪتاب جي پڇاڙي ٿئي ٿي.(7) همايون جي نائيءَ هجڻ سبب جڏهن هو 957هه / 1550ع ۾ وري سنڌ ۾ آيو ته شاهه حسن ڪيس بکر جي ڀرسان شاهه ٻيلي ۾ رهايو ليڪن ڪجهه وقت ترسڻ بعد هو پنهنجي گهرواريءَ سميت مڪي پاڪ روانو ٿي ويو جتي وفات ڪيائين.

شاهه حسن ارغون 66 سال زنده رهيو ۽ 928هه کان 962هه تائين پورا چوٽيهه سال سنڌ جو حڪمران هو جنهن ۾ سبي ۽ گنجابه کان سواءِ ملتان به شامل هو. ليڪن 'تاريخ

طاهريءَ' جي مصنف موجب هن سنڌ ملڪ جي اصلي مالڪن ڪي اهڙو نيست و نابود ڪيو جڻ ته سندن وجود ئي ڪونه هو. مير معصوم سندس علم پروريءَ جي تعريف ڪري ٿو ۽ لکي ٿو ته هن ڪيترو وقت قاضي ڏتي سيوهاڻيءَ جي خدمت ۾ رهي علم پرايو هو. شاهه حسن ئي سنڌ جي اولين شاعر ۽ صوفي قاضي قادن ڪي بکر جي قضا تي مقرر ڪيو هو جيڪو ڪجهه عرصي بعد قضا جو عهدو ڇڏي حرمين شريف لاءِ روانو ٿيو جتي 958هه ۾ وفات ڪيائين. مير معصوم مخدوم جعفر بوبڪائي جي والد مخدوم ميران بن يعقوب، قاضي شيخ محمد اُچوي ۽ مولانا يونس سمرقنديءَ ڪي شاهه حسن جي استادن ۾ شمار ڪيو آهي. مرزا شاهه حسن ڪي شاعريءَ سان به شغف هو ۽ شاعرن جو قدردان هو. ان جو مثال شاهه جهانگير هاشمي آهي جيڪو سندس دعوت تي خراسان کان سنڌ آيو. مولانا جاميءَ جي مثنوي 'تحفة الاحرار' جي جواب ۾ مثنوي 'مظهر الآثار' سنڌ ۾ تصنيف ڪيائين جنهن جو انتساب شاهه حسن ڏانهن ڪيائين.(8)



مرزا شاهه حسن زندگيءَ جي آخري سالن ۾ فالج جو شڪار ٿيو جنهن جي علاج خاطر هو گهڻو وقت ٻيڙيءَ ۾ گذاريندو هو. اهڙيءَ صورت ۾ هن ٺٽي جي اربابي هڪ سنڌي عربي ڳاهي جي حوالي ڪئي پر اها ڳالهه سندس خاص اميرن مرزا عيسيٰ ترخان ۽ بکر جي حاڪم سلطان محمود ڪوڪلتاش ڪي قابل قبول نه هئي جن پاڻ ۾ ڳجهيءَ ريت اهو معاهدو ڪيو ته مرزا جو موت اڻ ٽر آهي ۽ ان کان پوءِ هو سنڌ کي پاڻ ۾ ورهائي کڻندا. آخر ٿيو به ائين ته 962هه ۾ مرزا جي مرڻ سان ئي مرزا عيسيٰ ترخان ٺٽي جو ۽ سلطان محمود بکر جو حاڪم ٿي ويو.

مرزا عيسيٰ ترخان پوري سنڌ تي حڪمرانيءَ جي خواب خاطر شاهه حسن جي بيوهه ماهه بيگم سان شادي ڪئي ته جيئن سيني ارغونن جي حمايت وٺي سگهي، بلڪ مرزا شاهه حسن جي لاش جي تدفين ئي نه ٿي هئي ته مرزا ترخان ۽ سلطان محمود درميان سيوهڻ تي قبضي بابت لڙائي جو ميدان تيار ٿي ويو. مير معصوم جي لکڻ موجب سندس پڙڏاڏي مير ڪلان وچ ۾ پئي

صلح ڪرايو. مرزا عيسيٰ ترخان ۽ سلطان محمود درميان اها اڻ بڻت وقت سان گڏ وڌندي رهي. هوڏانهن ٺٽي جا ارغون امير به مرزا عيسيٰ جا حمايتي نه هئا ان صورت ۾ مرزا عيسيٰ نهايت ڪم عقليءَ وچان پنهنجي پٽ مرزا باقيءَ جي چوڻ تي مدد لاءِ پورچوگيزن کي ٺٽي ۾ اچڻ جي دعوت ڏني. ياد رهي ته سورهين صدي اندر پورچوگيز دنيا جي وڏي ساموندي قوت هئا. ربيع الثاني 963ھ ۾ مرزا عيسيٰ بکر تي لشڪر ڪشي ڪئي ۽ پورا پندرهن ڏينهن گهيرو جاري رکيائين. انهيءَ وچ ۾ پورچوگيز ٺٽي شهر ۾ داخل ٿيا. هو ڪل 28 ٻيڙين تي سوار ٿي آيا هئا ۽ سندن ڪل تعداد 700 هو. هنن جو فوجي اڳواڻ پيدرو بريٽو هو. هنن مرزا عيسيٰ جي غير موجودگيءَ ڪي معاهدي جي خلاف ورزي سمجهي شهر جي گهٽين ۾ بارود وجهائي باهيون ڏنيون ۽ قتل عام شروع ڪري ڏنو. جنهن ۾ اَٺ هزار ماڻهو مارجي ويا ۽ ويهه لک پائونڊ جي برابر ڦرلٽ ڪري ٻيڙا پرائي روانا ٿي ويا. سنڌ جي اوائلي تاريخن جهڙوڪ تاريخ معصومي ۽ تاريخ طاهريءَ ۾ اهو تفصيل ڪونه ٿو ملي. البت اهو ’پورچوگيز هندستان ۾‘



ڪتاب تان ورتل آهي.(9) ’تحفة الڪرام‘ موجب اهو جمعي جو ڏينهن هو ۽ جامع فرخ ۾ ٻه هزار ماڻهو قتل ڪيا ويا هئا.

سال 967ھ ۾ مرزا عيسيٰ جي جيئري سندس ٻن پٽن مرزا محمد باقي ۽ مرزا صالح جي وچ ۾ وڏو تڪرار پيدا ٿيو. مرزا عيسيٰ ننڍي پٽ مرزا صالح جو طرف ورتو ڇو ته سندس نظر ۾ مرزا باقي نااهل هو. مرزا باقي ان صورت ۾ سلطان محمود يعني پيءُ جي دشمن وٽ اچي مهمان ٿيو. 970ھ ۾ مرزا صالح کي هڪ بلوچ ڏينهن ڏٺي جو ٺٽي ۾ ڪاتي هڻي ماري وڌو. جنهن ڪري مرزا باقي موٽي ٺٽي آيو ته پٽس راضي ٿي سيوستان سندس حوالي ڪيو. سال 974ھ ۾ مرزا عيسيٰ مري ويو پر مرڻ کان اڳ خيال ڪيائين ته مرزا باقيءَ جي بجاءِ پنهنجي ننڍي پٽ مرزا جان بابا کي وليعهد ڪري پر ماهه بيگم کيس ائين ڪرڻ نه ڏنو جنهن مرزا باقيءَ جي حمايت ڪئي. مرزا عيسيٰ ماهه بيگم جي چوڻ تي ائين ڪيو پر چيائينس ته هو ايترو ظالم آهي جو توکي به ماريندو. آخر اڳتي هلي ائين ٿيو.

مرزا باقي جيئن نئي جو حڪمران ٿيو ته هڪ دفعو ارغون جيڪي شاهه حسن جي ڪري حڪمراني پنهنجو حق سمجهي رهيا هئا، مرزا باقيءَ جي سخت مخالفت ڪرڻ لڳا. مرزاباقي هڪ وڏي سازش ستي سيني جي مهماني ڪئي جنهن ۾ سيني کي قتل ڪرائي ڇڏيائين، بلڪ هنن جا ٻار ٻچا به ڪهرائي ڇڏيائين.

مرزا جان بابا جنهن کي مرزا عيسيٰ پنهنجو وليعهد مقرر ڪيو هو، نصرپور جي امير شاهه قاسم ارغون بيگلر سان گڏجي لڙائي جي تياري ڪئي. مڪليءَ جي ٻاهران ٻنهي پاڻرن ۾ سخت لڙائي لڳي جنهن ۾ مرزا جان بابا ۽ شاهه قاسم شڪست کائي ڀڄي ويا ۽ مرزا باقي پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏئي جان بچائڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

انهيءَ پس منظر ۾ مرزا باقي نهايت ظالم حڪمران جو روپ اختيار ڪيو. سڀ کان پهريائين پنهنجي ڀائٽي مرزا صالح جي پٽ مرزا غالب کي مارايائين وقت جي وڏي عالم شيخ عبدالوهاب پورانيءَ کي عيد جي ڏهاڙي قتل ڪرايائين. مرزا



صالح جي نياڻي سيد علي شيرازيءَ جي پٽ سيد جلال شيرازي کي شهر نيڪالي ڏنائين. مرزا باقيءَ جي ظلم جا داستان همعصر ’تاريخ معصومي‘ ۽ ان کان پوءِ ’تاريخ طاهري‘ ۾ چڱيءَ طرح درج آهن.

سال 976هه ۾ مرزا باقي پنهنجي اميرن سان مشوري بعد پنهنجي ڌيءُ جو سڱ اڪبر بادشاهه سان ڪرڻ خاطر ماهه بيگم ۽ ان جي ڌيءُ ناهيد بيگم کي يادگار خان ترخان جي نگرانيءَ ۾ ڏياري موڪليو. پر ان کان اڳ جو اهو قافلو منزل مقصود تي پهچي، مرزا جان بابا جي برغلائڻ تي ماهه بيگم سندس پاسو ورتو جنهن ڪري هڪ دفعو وري مرزا باقي ۽ جان بابا ۾ لڙائي شروع ٿي وئي، جنهن ۾ ماهه بيگم گرفتار ٿي وئي. جان بابا ٻيهر ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيو. مرزا باقيءَ ماهه بيگم کي قيد ڪري ڇڏيو ۽ بکون ڏئي ڪيس اجل جي راهه وٺرائي ۽ ائين مرزا عيسيٰ جي پيشن گوئي پوري ٿي. مرزا باقيءَ ٻيو دفعو 928هه ۾ پنهنجي ڌيءَ کي شيخ عبدالغفور جي نگرانيءَ ۾ اڪبر بادشاهه ڏانهن ڏياري موڪليو جنهن اهو سڱ

قبول نہ ڪيو ۽ چيائين تہ مرزا باقي انتهائي ظالم شخص آهي.(10)

مرزا باقيءَ جي مقابلي ۾ بکر جو حاڪم سلطان محمود گهڻو هوشيار ثابت ٿيو جو هن پهريائين پاڻ اڪبر بادشاهہ جي خاص رتن بيرم خانخانان جي مائٽ تردي بيگ جي ڌيءَ سان شادي ڪيائين. ان کان پوءِ پنهنجي ڌيءَ جو سڱ سال 980هہ/1572ع ۾ اڪبر بادشاهہ سان ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو جنهنڪري مير معصوم جي لکڻ موجب اڪبر بادشاهہ کيس پنهنجي طرفان بکر جو حاڪم تسليم ڪيو. ليڪن ٻن سالن بعد جڏهن سلطان محمود جلندر جي بيماريءَ وگهي چوراسي سالن جي عمر ۾ 982هہ ۾ فوت ٿي ويو تہ مغل بادشاهہ اڪبر طرفان گيسو خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو.

عمر جي پوئين حصي ۾ مرزا باقي پنهنجي وڏي پٽ مرزا پائنده کي سيوهڻ جو نائب مقرر ڪيو پر جيئن تہ هن جو دماغ سالم نہ هو تنهن ڪري سندس حڪومت جو ڪاروبار هن جو پٽ مرزا جاني بيگ هلائيندو هو. مرزا باقي ٻئي پٽ شاهہ



رخ کي نصرپور جو حاڪم مقرر ڪيو ۽ ٽئين پٽ مرزا مظهر کي چاچڪان يعني بدين حوالي ڪيائين. پر ڪجهہ عرصي کان پوءِ جڏهن سندس پيارو پٽ شاهہ رخ 992هہ ۾ اوچتو مري ويو تہ مرزا باقي پاڻ دماغي توازن وڃائي ويٺو ۽ ان ڪري وڌيڪ ظلم ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين. آخر 993هہ ۾ رات جو اٿي ترار ڪٽي پيٽ ڦاڙي پنهنجو انت آندائين. ان ريت مرزا باقي 974 کان 993 تائين هڪ جابر، ظالم ۽ ناعاقبت انديش جي حيثيت ۾ حڪومت ڪئي.(11)

مرزا باقيءَ جي مرڻ کان پوءِ اميرن مرزا مظهر کي ڇڏي سندس اڌ چرئي پٽ مرزا پائنده کي سنڌ جو حاڪم بنايو ۽ اهو فيصلو ٿيو تہ حڪومت جو ڪاروبار مرزا پائنده جو پٽ مرزا جاني بيگ هلائيندو. ظاهر آهي تہ ان صورت ۾ مرزا مظهر ۽ مرزا جاني بيگ جي وچ ۾ لڙائي اٽل هئي جنهن ۾ آخر مرزا جاني بيگ ڪامياب ٿيو ۽ مرزا مظهر ڪڇ جي طرف پنهنجن ماماڻن ڏانهن ڀڄي ويو. مرزا جاني بيگ کي اڃا هڪ سال بہ پورو نہ ٿيو هو جو اڪبر بادشاهہ محمد صادق کي بکر جو حاڪم مقرر

ڪري ڪيس حڪم ڏنو تہ هو مرزا جاني بيگ کان ٺٽو بہ حاصل ڪري. ان مقصد لاءِ محمد صادق مقابلي خاطر سيوهڻ پهتو جتي لڪيءَ جي جبلن وٽ ٻنهي ڌرين ۾ جهڙپون شروع ٿي ويون. محمد صادق ڪيترا ڏينهن سيوهڻ جي قلعي جو گهيرو ڪيو پر ڪامياب نہ ٿيو ۽ موٽي بکر هليو ويو.(12)

مغل شهنشاهہ اڪبر اعظم هندستان تي پنجاهہ سال (1556-1605) حڪمراني ڪئي. انهيءَ عرصي دوران سال 1588/998 ۾ جڏهن اڪبر لاهور ۾ ترسيل هو تہ هن سنڌ کي مطيع ڪرڻ جو آخري فيصلو ڪيو. حالانڪ بکر اڳيئي مغل سلطنت جو حصو بنجي چڪو هو. سنڌ جي مهم لاءِ اڪبر پنهنجي انتهائي قابل اعتماد سپہ سالار عبدالرحيم خانخانان کي منتخب ڪيو ۽ هن سان گڏ ٻيا بہ ڪيترائي آزمودگار ڪماندر جهڙوڪ سنڌ ڄائو مير معصوم ۽ ڏارو پٽ توڏرمل شامل هئا. خاص ڳالهہ اها تہ مير معصوم کي پورا ويهہ سال سنڌ کان ٻاهر رهڻ بعد اجازت ملي تہ خانخانان جي ان مهم ۾ مدد ۽ رهنمائي ڪري. اڪبر بادشاهہ پاڻ خانخانان ۽ مير



معصوم کي لاهور مان خدا حافظ چيو. سنڌ مٿان حملي جي ايڏي تياريءَ جو پسمنظر اهو هو تہ شاهہ حسن ارغون اڪبر جي پيءَ همايون کي سنڌ ۾ ترسائڻ جي بجاءِ ايترو دربدر رکيو جو همايون سنڌ ڇڏي ايران روانو ٿي ويو. ٻيو، چار سال اڳ جڏهن بکر ۾ مقرر مغل گورنر محمد صادق ٺٽي جي حاڪم مرزا جاني بيگ سان مقابلي لاءِ سيوهڻ پهتو هو تہ هو ناڪام ٿي واپس ٿيو هو.

مير معصوم جي لکڻ موجب خانخانان 14 صفر 999 تي ۽ هو پاڻ بکر پهتو هو. (13) سڀ کان پهريائين سيوهڻ جي قلعي کي فتح ڪرڻ جي خيال سان خانخانان ٻيڙين جو لشڪر تيار ڪري اچي گهيرو ڪيو. هوڏانهن جاني بيگ وري نصرپور جي پرسان بوهريءَ ۾ محڪم ٿي ويٺو. ٻنهي ڌرين درميان ٻيڙين ۽ غورابن ذريعي دريائي جنگ ٿيندي رهي. مير معصوم پاڻ تاريخ معصوميءَ ۾ انهن مقابلن جو احوال ڏنو آهي جو تہ پاڻ خانخانان جو ساڄو هٿ بنيل هو. اسان جي اندازي موجب سنڌو درياءَ انهيءَ زماني ۾ سيوهڻ کان هالڪنڊي ۽ پوءِ نصرپور

ءِ اڳتي ٺٽي تائين وهندو هو. مرزا جاني بيگ جي ڪمانڊر خسرو چرڪس ٻيڙين ذريعي هن جنگ ۾ خاص مهارت جو مظاهرو ڪيو. ان کان سواءِ شاهه قاسم ارغون ۽ تاريخ طاهريءَ جي مصنف جو پيءُ سيد حسن(14) پڻ هنن لڙاين ۾ شامل هئا. سيوهڻ جو قلعو ستن مهينن تائين فتح ٿي نه سگهيو. ان کان پوءِ لڙائي ٺٽي کان سواءِ بدين ۽ چاچڪان وغيره تائين ڦهلجي وئي. انهيءَ وچ ۾ مرزا جاني بيگ اهو اعلان ڪرائي ڇڏيو ته جيڪو به مقامي ماڻهو شاهي لشڪر جي ڪنهن ماڻهوءَ جو سر لاهي ايندو ته هن کي روڪ انعام ڏنو ويندو. لڙائي واري صورتحال کي تقريباً هڪ سال ٿيڻ وارو هو جنهن ڪري ملڪ ۾ اناج جي ڪوت ٿيڻ لڳي ۽ خزانو خالي ٿيڻ لڳو. انهيءَ وچ ۾ مرزا جاني بيگ جو پيءُ مرزا پائنده بيگ ۽ سندس پٽ مرزا ابوالفتح طبعي موت مري ويا. پر مرزا جاني بيگ ڪنهن به صورت ۾ هٿيار ڦٽا ڪرڻ نٿي گهريا.

تاريخ طاهريءَ جي مصنف موجب جنهن جو پيءُ انهن مقابلن ۾شريڪ هو. خانخانان داناءَ دشمن وانگر پنهنجو هڪ



خاص ايلچي مرزا جاني بيگ ڏانهن روانو ڪيو. هوڏانهن مرزا جاني بيگ جا ساٿي به اڳيئي ٿڪجي چڪا هئا جيڪي پاڻ صلح جي تلاش ۾ هئا.(15) ان ريت ٻنهي ڌرين درميان محرم 1000ھ/1591 ۾ صلح جي نوبت پيدا ٿي جڏهن مرزا جاني بيگ جي پيءَ کي مُئي اجا يارهن ڏينهن مس ٿيا هئا.

مغل تاريخ نويس جن ۾ هڪ لحاظ سان سنڌ جو مؤرخ مير معصوم به شامل آهي، مرزا جاني بيگ کي ڪمزور ۽ مجبور ٿي خانخانان سان صلح ڪندي ڏيکاري ٿو.(16)

مآثر رحيميءَ جو مصنف عبدالباقي نهاوندي جنهن خانخانان جي سوانح ۽ ڪارنامن بابت ان ڪتاب ۾ تفصيل سان لکيو آهي، اهو پڻ صلح جي ڪوشش لاءِ مرزا جاني بيگ جي ڪمزوري سمجهي ٿو.(17) ليڪن اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي آهي ته خانخانان جهڙو تجربيڪار سپه سالار جيڪو هن کان اڳ گجرات کي فتح ڪري چڪو هو پوري هڪ سال تائين مرزا جاني بيگ کي جهڪائي نه سگهيو ۽ انهن مقابلن ۾ اڪبر جي خاص رتن توڏرمل جو پٽ ڌارومل به ڪم اچي چڪو هو.

ائين ڪٽي چئجي ته ڪنهن به ڌر کي فتح يا شڪست حاصل نه ٿي هئي.

بهرحال صلح جا شرط طي ڪرڻ کان اڳ ٻنهي ڌرين ۾ پيغامن جي ڪافي ڏي وٺ ٿي. جيتوڻيڪ هن کان پوءِ سنڌ مغل اقتدار جو حصو بنجي وئي پر مرزا جاني بيگ جي بهادري ۽ دليريءَ جو قدر ڪيو ويو ۽ ان جو اعزاز عبدالرحيم خانخانان جهڙي مدبر ڏانهن وڃي ٿو جيڪو علمي مزاج رکندڙ ۽ هندي زبان جو وڏو شاعر هو. اهي ڳالهيون ڏانهس منسوب خط مان به ظاهر ٿين ٿيون.(18)

مرزا جاني بيگ جڏهن اڪبر بادشاهه جي دربار ۾ پيش ٿيو ته مير معصوم جي لکڻ موجب ٺٽي جو ملڪ سندس حوالي ڪري کيس پنج هزاري منصب ڏنو ويو. تاهم هو شاهي لشڪر جو هڪ اڳواڻ ٿي رهيو. اڪبر مرزا جاني بيگ جي جيئري سندس پٽ مرزا غازي بيگ کي ٺٽي جو حاڪم نامزد ڪري ڇڏيو. ان کان سواءِ اڪبر پنهنجي پٽ شهزادي خسروءَ کي جاني بيگ جو نياڻو بنايو ۽ ائين متي مائٽي قائم ڪري دشمنيءَ



کي دوستيءَ ۾ بدلايو. مرزا جاني بيگ اٺ سال شاهي لشڪر جو حصو ٿي رهيو تانجو 1008هه ۾ برهان پور ۾ وفات ڪري ويو.(19) ۽ لاش کي آڻي مڪليءَ تي دفن ڪيو ويو.

## مخدوم نوح ؒ جي سوانح

مخدوم نوحؒ جو اصلي نالو لطف الله ولد نعمت الله آهي. هو 27 رمضان المبارڪ 911ھ / 1506ع تي هالڪنديءَ جي پرسان ٽوڙي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو.(20) ۽ سندس رحلت 27 ذوالقعد 998ھ / 1590ع تي ٿي.

هو خانداني نسب جي لحاظ کان صديقي آهن ۽ هڪ لحاظ کان سندن شجرو 28 واسطن سان حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ تائين پهچي ٿو. مخدوم فخرالدين صغير جيڪو مخدوم نوحؒ جو نڙڏاڏو ٿئي پهريون شخص هو جيڪو هالا قوم جي دعوت تي بوبڪ ڇڏي اچي هالڪندي ۾ مستقل طور آباد ٿيو. وري انهيءَ مخدوم فخرالدين صغير جو وڏو ڏاڏو ۽ سندس همنام مخدوم فخرالدين پهريون شخص هو جيڪو پنجاب جي قديم بستي ڪوٽ ڪروڙ مان لڏي اچي پهريائين



سنڌ جي تاريخي شهر پاٽ ۽ پوءِ بوبڪ ۾ رهيو. هن بوبڪ ۾ ئي وفات ڪئي ۽ اتي ئي مدفون ٿيو پر ڪن جو چوڻ موجب هو قلندر شهباز جي مزار جي ويجهو سيوهڻ ۾ دفن ٿيو.

مخدوم فخرالدين ڪبير شيخ ابوبڪر ڪتانيءَ جو فرزند آهي جنهن کي شيخ شمس الدين بہ چون ٿا ۽ اهوئي بزرگ عرب ملڪ مان اچي ڪوٽ ڪروڙ ۾ مقيم ٿيو ۽ شيخ بهاءالدين زڪريا جي ڏاڏي قاضي عليءَ جو همعصر ۽ هم وطن هو. اهو زمانو اندازاً پنجين صديءَ جو آهي. ڪن روايتن موجب اهي محمود غزنويءَ جي دور ۾ اتي اچي آباد ٿيا.

’دليل الذاڪرين‘ ۾ ڏنل روايت موجب مخدوم خاندان جو جدامجد شيخ ابوبڪر ڪتاني ۽ ان جا ٻيا چار ساٿي جيڪي پنج پير جي نالي سان مشهور ٿيا. انهن جون مزارون ڪوٽ ڪروڙ ۾ موجود آهن. شيخ بهاءالدين زڪريا جي ڏاڏي قاضي عليءَ جي قبر بہ اتي آهي. ڪوٽ ڪروڙ موجوده ضلعي ديري غازي خان جي حدن ۾ واقع آهي. (21)

’دليل الذاڪرين‘ موجب مخدوم نوحؒ جو شجره نسب هن ريت بيان ڪيو ويو آهي: (1) مخدوم لطف الله عرف مخدوم نوح بن مخدوم نعمت الله بن مخدوم اسحاق بن مخدوم شهاب الدين بن مخدوم سرور بن مخدوم فخرالدين صغير بن مخدوم عزالدين بن مخدوم اسماعيل بن مخدوم فخرالدين ڪبير بن شيخ ابوبڪر ڪتاني بن شيخ اسماعيل (جعفر) بن شيخ عبدالوهاب بن شيخ نصيرالدين المڪني بن شيخ سراج الدين بن شيخ خيرالدين (منيرالدين) بن شيخ ابوعاصم بن شيخ فخرالدين بن شيخ عبدالله (ابومحمد عمويہ) بن شيخ ابراهيم بن شيخ وجه الدين بن شيخ محمد عمر بن شيخ عبدالله (ابوحفص) بن شيخ رضاءالدين بن شيخ مسعود (مدفون قلعہ ٺونڪ) بن شيخ شريف ابوالقاسم بن شيخ محمد صغير بن حضرت عبدالرحمٰن بن حضرت عبدالله ابوبڪر صديق رضي الله عنہ.

رسالہ ’ڪئوس فخريہ‘ جيڪو ’دليل الذاڪرين‘ جو اختصار آهي ۽ ٻئي حصي طور ان سان شامل ملي ٿو، ان ۾ پڻ



اهو ساڳيو شجرو مختصر نموني ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ٻنهي هنڌن تي اها وضاحت ملي ٿي تہ اٺوينهين نمبر تي شيخ ابراهيم ڪي ٻہ پٽ هئا هڪ عبدالله ابومحمد جيڪو عمويہ جي لقب سان مشهور آهي، اهو عبدالقاهر ابونجيب سهرورديءَ جو پيءُ آهي ۽ ٻيو پٽ محمد آهي جنهن جو پٽ عمر شهاب الدين سهروردي آهي جن کان سهروردي سلسلو قائم ۽ مشهور ٿيو.

ليڪن مخدوم محمدزمان طالب المولىٰ ’ڪليات امين‘ جي نئين ڇاپي جو پيش لفظ لکندي مٿين شجرن سان پهريون دفعو اختلاف ظاهر ڪيو. ان جو بنياد هو ابن خلڪان جي مشهور تصنيف ’وفيات الاعيان‘ ڄاڻائي ٿو جنهن موجب شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جي چاچي شيخ ابونجيب عبدالقاهر جو پنهنجو لکيل شجرو ڄاڻائي ٿو. ان لحاظ کان سلسلہ نسب حضرت عبدالرحمٰن بن حضرت ابوبڪرؓ جي بجاءِ اهو عبدالرحمٰن بن القاسم بن محمد بن حضرت ابوبڪر صديقؓ سان ملي ٿو.(22)

مخدوم جميل الزمان ’تذڪره مخدومان هالا‘ ۾ اهو سڌاريل ۽ وڌايل شجره نسب مڪمل طور هن ريت ڏنو آهي:

”مخدوم محمدزمان ’طالب المولىٰ‘ بن مخدوم غلام محمد ’گل سائين‘ بن مخدوم ظهيرالدين بن مخدوم

امين محمد ثالث بن مخدوم محمدزمان رابع بن مخدوم امين محمد ثاني بن مخدوم ميان پنيلڏو بن مخدوم ميان مٺن عرف عثمان بن مخدوم محمدزمان ثاني بن مخدوم ميرمحمد اول بن مخدوم ميان مٺن بن مخدوم ميان ميرمحمد بن مخدوم ابومحمد ابوالخير بن مخدوم امين محمد اول بن حضرت غوث الحق مخدوم نوح بن مخدوم نعمت الله بن مخدوم شيخ محمد اسحاق بن مخدوم شيخ شهاب الدين صغير بن مخدوم شيخ فخرالدين صغير بن شيخ عزالدين بن شيخ اسماعيل بن شيخ عبدالوهاب بن مير پير عرف سرور پير بن شيخ برهان الدين بن شيخ فخرالدين ڪبير بن شيخ ابوبڪر ڪتاني بن شيخ نصيرالدين بن شيخ سراج الدين بن شيخ وجهه الدين بن شيخ خيرالدين بن شيخ ابوعاصم بن شيخ فخرالدين بن شيخ عبدالله بن شيخ الشيوخ عمر شهاب الدين سهروردي بن شيخ محمد بن عبدالله بن محمد بن عبدالله (عمويه) بن سعد بن الحسين بن القاسم بن النضر بن القاسم بن سعد بن النضر بن عبدالرحمان بن القاسم بن محمد بن سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنه."



ٻنهي شجرن ۾ فرق هي آهي ته اوائلي شجري ۾ يا ’دليل الذاڪرين‘ ۾ ملندڙ شجرن موجب مخدوم نوحؒ جو خاندان حضرت ابوبڪر صديقؓ جي پٽ حضرت عبدالرحمٰن سان ملي ٿو ۽ ٻئي موجب اهو حضرت ابوبڪر جي ٻئي پٽ حضرت محمد ذريعي ملي ٿو. ليڪن ٻنهي موجب پاڻ حضرت ابوبڪر صديق جو اولاد آهن جيئن پاڻ ان ڪي مڪاشفي طور به بيان ڪندا هئا.

مخدوم نوحؒ جي جنم توڙي نندپڻ بابت ڪيترين روايتون ملن ٿيون جن مان سندس غير معمولي شخصيت جا آثار واضح ٿين ٿا. بهرحال سندس ابتدائي پرورش ۽ تربيت پنهنجي والدين جي نگهداريءَ هيٺ ٿي. البت عربي، فارسي ۽ ديني علوم جي تحصيل لاءِ مخدوم عربي ڏياڻي جي مدرسي ۾ داخل ٿيو جيڪو هالڪنديءَ جو وڏو صاحب حال سهروردي بزرگ هو. ’دليل الذاڪرين‘ ڪان اڳ لکيل تذڪره ’حديقة الاولياء‘ ۾ هڪ اهڙي واقعي جو ذڪر ملي ٿو ته شروع جوانيءَ ۾ مخدوم نوحؒ هڪ ڀيري جڏهن مخدوم عربي ڏياڻي وٽ قرآن جي درس ۾ مشغول هو ته ڪيس روحاني عروج حاصل ٿيو.

ڪتاب ’حديقة الاولياء‘ ۾ سنڌ جي ايڪيتاليهن بزرگن ۽ ولين جون سوانح ۽ ڪرامتون بيان ٿيل آهن. اهو 1016هه يعني

مخدوم نوحؒ جي رحلت کان فقط ارڙهن سال پوءِ لکيو ويو، ان ۾ مٿيون واقعو هن ريت بيان ٿيل آهي:

”هڪ معتبر راويءَ کان روايت آهي ته هن پاڻ مخدوم نوحؒ کان اهو ٻڌو ته چوڏهن سالن جي عمر ۾ هڪ ڏينهن جڏهن مخدوم عربيءَ سان گڏ خانقاهه ۾ هوس ۽ مخدوم عربي پاڻ قرآن مجيد جي تلاوت ۾ مشغول هو. هو ستاويهين سيپاري تي پهتو هو ته مخدوم نوحؒ کي عالم بالا جو شوق دامنگير ٿيو. پر مخدوم عربيءَ جهڙي عجم جي وڏي عالم جي ادب جو خيال رکندي، ظاهري جسم کي اتي ڇڏي، روحاني وجود سان عالم بالا جو سير نصيب ٿيو. اتي عالم افلاڪ جو مشاهدو ماڻيو ۽ پاڪ روحن سان ملاقات جو موقعو مليو. اتي مون کي ست سئو آسمانن جو اندازو ٿيو. جڏهن دنيا جي آسمان ڏانهن موٽ تي ته هڪ ملائڪ سڳوري سان ملاقات ٿي ته چوڻ لڳو هاڻي زمين تي ڪيئن پهچندين؟ ايتري ۾ منهنجو هٿ پاڻ ڪريمن ﷺ پڪڙي ورتو، تڏهن ڏٺم ته انهيءَ ساڳي خانقاهه ۾ پهچي ويو آهيان ۽ مخدوم عربي اڃا ختم قرآن پورو نه ڪيو هوا“ (24)



اهو ساڳيو نقل جيئن جو تيئن ’دليل الذاڪرين‘ ۽ ان کان پوءِ ’تحفة الڪرام‘ ۾ ملي ٿو. ’حديقة الاولياء‘ ۾ مخدوم عربي ڏياڻي جو مختصر احوال ملي ٿو جنهن موجب هن سال 980هه ۾ وفات ڪئي ۽ هالڪنديءَ ۾ مدفون ٿيو. هن نقل مان ٻن ڳالهين جي خبر پوي ٿي. هڪ ته مخدوم نوحؒ پنهنجي جوانيءَ تائين مخدوم عربي ڏياڻي کان ديني ۽ قرآني علوم جو اڪتساب ڪيو. ٻيو ته مخدوم نوحؒ جي حياتيءَ ۾ جوانيءَ کان وٺي روحانيت جو جذبو زياده ڪار فرما هو. يا ائين چئجي ته مٿس روحانيت زياده غالب هئي يا سندس روحاني پهلو زياده مضبوط هو.

’حديقة الاولياء‘ ۾ اهڙي قسم جون ٻيون روايتون بيان ٿيل آهن:

”هڪ سچي راويءَ ٻڌو ته سندس عمر چوڏهن سال هئي ته پاڻ مشرق ۽ مغرب جي امام مظهر العجائب وغرائب اميرالمومنين حضرت علي بن ابي طالب رضي الله عنه کان ذڪر جي تلقين حاصل ڪيائين. اميرالمؤمنين ۽ امام المتقين رفيق شفيق حضرت ابوبڪر صديقؓ جي وسيلي سان حضرت رسالت پناهه محمد ﷺ جي

خدمت ۾ پهچي ارادت جو هٿ ورتو. پاڻ سڳورن کين علم لدنيءَ جا ست سبق پاڙهيا.“

ٻئي راوي وري هيئن بيان ڪيو ته رسول ڪريم ﷺ ست سٽون ڦرهيءَ تي لکي ڪيس پهرين ست پڙهايائون ۽ باقي ڇهه سٽون حضرت خضر ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام پڙهائيون. (25)

مٿئين واقعن مان جيڪي تقريباً ساڳئي انداز ۾ ’دليل الذاڪرين‘ ۾ بيان ٿيا آهن اها خبر پوي ٿي ته مخدوم نوحؒ جي شخصيت تي ننڍپڻ کان روحانيت جو گهڻو غلبو هو. ’دليل الذاڪرين‘ ۾ سندن وڏي عمر جا ٻيا ڪيترا اهڙا واقعا بيان ٿيل ملن ٿا جن ۾ هو ڪيترا دفعا حضور ڪريم ﷺ جي مجلس ۾ حاضر ٿين ٿا. ٻين نبين سڳورن سان ملن ٿا جن ۾ حضرت يعقوب، حضرت عيسيٰ وغيره شامل آهن. اهڙيءَ طرح ڪيترن مماتيءَ وارن بزرگن جهڙوڪ شيخ عبدالقادر جيلانيؒ، بهاءالدين زڪريا ملتاني ۽ قلندر شهباز وغيره سان ملاقي ٿين ٿا. ان کان سواءِ هن سلسلي ۾ وڏي ۾ وڏو معاملو ديدار خداونديءَ جو آهي جو مخدوم نوحؒ جي حوالي سان اها خبر ان وقت تمام گهڻي مشهور ٿي هئي جو وقت جو وڏو فقيه مخدوم جعفر بوبڪائي وٽس هلي آيو ۽ پاڻ ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪيائون.



اها مشهور روايت ’تحفة الڪرام‘ ۾ هن ريت بيان ٿيل آهي: ”چون ٿا ته هڪ ڏينهن مخدوم نوحؒ فرمايو ته مان خدا تعاليٰ کي هنن اکين سان ڏٺو آهي. [مخدوم جعفر] فرمايو ته توهان هنن اکين سان ڪونه ڏٺو آهي. هن حقيقت جي ظاهر ڪرڻ خاطر توهان کي گهرجي ته جڏهن به توهان کي اهڙي حالت پيدا ٿئي، تڏهن ڪنهن خادم کي پنهنجين اکين بند ڪرڻ جو امر ڪريو. پوءِ به جيڪڏهن خدا تعاليٰ جو ديدار قائم آهي ته يقين ڄاڻو ته اها اک هيءَ ظاهري ۽ اهو ديدار هي (رواجي) ديدار نه آهي؟ مخدوم نوحؒ هن تجربي ڪرڻ کان پوءِ فرمايو ته:

”جي نه هجي ها جعفر ته نوح ٿئي ها ڪافر!“(26)

هن روايت جي تصديق مخدوم نوحؒ جي هن معنيٰ خيز بيت مان پڻ ٿئي ٿي:

اُپٽيان ته انڌيون، پوريون پرين پسن
آهي اکڙين، عجب پر پسڻ جي.
(27)

رسالہ ’فتحيہ‘ توڙي موجوده ڪتاب مان اهو بخوبي اندازو ٿئي ٿو ته مخدوم نوحؒ جو نٽي ۾ گهڻو اچڻ وڃڻ ٿيندو هو ۽ اهو سفر اڪثر ٻيڙيءَ ۾ ٿيندو هو جيئن هڪ اهڙو نقل

ملي ٿو. ٺٽو ان وقت سنڌ جو تختگاهہ ۽ عالمن ۽ مشاهيرن جو مرڪز هو. اڪثر ٺٽي ۾ وقت جا عالم وٽن حاضر ٿي قرآن جي تفسيري نڪات بابت معلومات حاصل ڪندا هئا ڇو تہ ان زماني ۾ سندس اها شهرت عروج تي هئي جنهن جا مثال الڳ پيش ڪيا ويندا.

بهاءُالدين دلقپوش جيڪو پهريائين سهروردي سلسلي سان وابستہ هو ۽ پنهنجي وقت جو وڏو عالم هو، ٺٽي ۾ مخدوم صاحب جو معتقد ۽ مريد ٿيو. هن ڪان نقل آهي تہ هڪ دفعي مخدوم صاحب ٺٽي جي جامع فرخ ۾ تشريف فرما ٿيا. اهو جمعي جو ڏينهن هو. نماز ڪان پوءِ اٽڪل هڪ هزار ماڻهن منهنجي معرفت سندن هٿ چميا جن ۾ صابر سومرو، شيخ تاجن، شيخ حبيب ۽ سيد عبدالڪريم بلڙيءَ وارو شامل آهن. اهو بهاءُالدين دلقپوش يا گودڙيو هو جنهن مخدوم صاحب جي رحلت ڪان پندرهن سال پوءِ قرآن شريف جو فارسي ترجمو نقل ڪيو. (28)

ٺٽي ۾ مخدوم نوحؒ جي اچڻ جو هڪ وڏو سبب سيد علي ثاني شيرازي (وفات: 981هہ) جو ارادتمدن جي حلقي ۾



شامل ٿيڻ بہ هو. هن واقعي جو 'دليل الذاڪرين' ۾ تفصيلي ذڪر ملي ٿو. هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ علي ثاني انجوي سيدن جي خاندان جو چشم چراغ هو جن جو وڏو سيد علي (وفات: 877هہ) هو. سيد علي ثاني هڪ مختصر ڪتاب 'آداب المريدين' جو مصنف بہ آهي. انجوي ساداتن جو خاندان وڏي اثر رسوخ وارو هو. اهوئي سبب هو جو سيد علي ثانيءَ جي پٽ جلال ثانيءَ سان سنڌ جي حڪمران مرزا باقيءَ جي ڀاءُ مرزا صالح پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ بہ ڪيو هو.

'تاريخ معصومي' موجب سيد علي ثاني سماع جو گهڻو دلداده هو. درس الله ڏني ۽ سندس وچ ۾ سنڌي بيتن جو ذڪر ملي ٿو. سيد علي ثانيءَ جو هڪ بيت تذڪرن ۾ محفوظ آهي. اتان اندازو ٿئي ٿو تہ ڏهين صدي هجريءَ ۾ سنڌ جي صوفين وٽ سنڌي بيت جي روايت پڪي پختي ٿي جنهن جو تسلسل مخدوم نوحؒ جي ڪجهہ بيتن ۾ پڻ ملي ٿو.

مخدوم نوحؒ جيئن تہ پاڻ سهروردي صديقي طريقي جو صاحب هو تنهنڪري ان جو هر لحاظ ڪان احترام ڪندا هئا.

جيتوڻيڪ پاڻ کي "سهروردي" سڏائڻ جي بجاءِ "اويسي" چورائڻ وڌيڪ پسند ڪيائون. هڪڙي حڪايت موجب مخدوم صاحب شيخ بهاءُالدين زڪريا کي خواب ۾ ڏٺو ته ڪيس چيائون ته توکي اجازت ڏيون ٿا ته فقيرن کي ڪُلاهه پاراءِ ۽ ان کان سواءِ سندن مٿي تي قينچي هلائڻ جو به اذن ڏيون ٿا. ان جي جواب ۾ مخدوم صاحب چيو ته هي فقير ڪلمه طيبه " لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ " جي خاص قينچي رکي ٿو ۽ فقيرن کي اثبات جي پوشاڪ ڍڪائي ٿو. مطلب ته مخدوم صاحب پنهنجو امتيازي طريقو اختيار ڪيو. اهوئي سبب آهي جو بهاءُالدين زڪريا جي سلسلي ۾ قينچي سان چڳ ڪترائڻ جو رواج ته قائم آهي پر مخدوم نوحؒ جي درگاهه تي اهو ناپيد آهي.

هتان ان حقيقت جي پوري وضاحت ٿي وڃي ٿي ته جيتوڻيڪ مخدوم نوحؒ جو صوفي سلسلو بنيادي طور سهروردي آهي پر ان ۾ کي امتيازي خاصيتون آهن جنهن ڪري هو پاڻ کي اويسي چون ٿا. مولانا دين محمد وفائي هن سلسلي ۾ لکي ٿو:



"مخدوم صاحب سهروردي طريقي جو امام ۽ اويسي طريقي جو اولياءُ هو. ڪلمه " لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ " جي توحيدي تلقين ڏيندو هو." (29)

ساڳئي قسم جي راءِ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي آهي جنهن جو اظهار 'ڪافي' ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڪيل آهي: "مخدوم نوحؒ سنڌ ۾ سهروردي سلسلي جا باني هئا. سندن فيض ۽ ڪماليت فقط وهب الاهيءَ جي ذريعي ٿيو، جنهن ڪري ڪين اويسي چوندا هئا."(30)

مخدوم نوحؒ جي ذاتي زندگيءَ جي باري ۾ تذڪره نويس ان تي متفق آهن ته ڪين ٻارهن فرزند ۽ ڪجهه نياڻيون پيدا ٿيون. سندن گهروارين جو تعداد چار ٻڌايو ويو آهي. فرزندن جا نالا هن ريت آهن: ميان امين محمد، ميان حامد، ميان نورمحمد، ميان احمد، ميان دائود، ميان موسيٰ، ميان هارون، ميان يوسف، ميان آدم، ميان ميران محمد، ميان ابراهيم ۽ ميان جلال الدين. مخدوم نوحؒ جي هڪڙي نياڻي جو سڱ مٽياريءَ جي سيد عبدالله سان ٿيل هو.

رسالہ 'فتحيہ' ۾ موجوده ڪتاب ۾ مخدوم صاحب جي ذاتي زندگيءَ ۾ سادي رهڻي ڪهڻي بابت ڪيترا نقل ڏنل آهن. اهڙيءَ طرح سندن ڪرامتن بابت بہ ڪيتريون حڪايتون ملن ٿيون. گهڻو ڪري اهي سڀ حڪايتون ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ پوين ڪتابن ۾ موجود آهن. ليڪن هڪ لحاظ سان انهن سڀني جو ماخذ 'دليل الذاڪرين' آهي جنهن ۾ اهڙي قسم جون گهڻي ۾ گهڻيون حڪايتون موجود آهن جيڪي اڪثر ڪنهن ناقل جي حوالي سان بيان ٿيل آهن.

رسالہ 'فتحيہ ' توڙي 'دليل الذاڪرين' ۾ ڪنهن بہ شخص جو مخدوم نوحؒ جي خليفي طور نالو ڄاڻايل ڪونهي. ليڪن مولانا دين محمد وفائي 'دليل الذاڪرين' جي آڌار تي اهڙن ٽيهارو ڪن افراد جا نالا ڏنا آهن جيڪي مخدوم نوحؒ ڪي سندس زندگيءَ ۾ وڏ ۾ وڏ ويجها ۽ اعتماد وارا ساٿي هئا جن ۾ پهريون سيد ابوبڪر لڪعلوي، ٻيو بهاءالدين دلقپوش ٺٽوي، ٽيون درويش منو ٺٽوي، چوٿون عثمان عصار هالائي، پنجون شيخ هاشم ولد حماد آهن. 'دليل الذاڪرين' ۾ وڏ ۾ وڏ نقل



درويش منو فقير ۽ شيخ هاشم ولد حماد کان ملن ٿا. عثمان عصار تي خطن وغيره لکڻ جو ڪم هو. انهن سڀني ۾ سندن قربت سيد ابوبڪر لڪعلويءَ سان زياده هئي جنهن ڪي روايت موجب آخري وقت ۾ بہ ياد ڪيائون. جيئن 'دليل الذاڪرين' ۾ آهي تہ انهيءَ ڏينهن سومهڻيءَ جي نماز وقت مسجد جي دروازي جي ٻانهين وٽ ٻيهي هي بيت پڙهيائون:

نہ سي جوڳي جوءِ ۾، نہ سا سڪي
چاڻ
ڪاپڙين ڪنواڻ، وڃي ويل آٽيا

ان کان پوءِ گهر جي دروازي تي پهچڻ وقت هڪ ٻيو بيت بہ پڙهيائون، جنهن ۾ پڻ سيد ابوبڪر ڏانهن اشارو هو ۽ اهو بيت هن طرح آهي:

جان اچين تان آءُ، سِڪيءَ جو سڏ تان
ورين

متان ٿي پُئان، سڪين سنياسين ڪي.

مخدوم نوحؒ جي زندگيءَ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ ڪانئس اڳ سنڌ ۾ عام طور مقبول سهروردي سلسلي جي مقابلي ۾ هن پنهنجو طريقو رائج ڪيو جيڪو اصولي طور سهروردي سلسلي سان گهڻو مطابقت رکندڙ بہ آهي. ان ڪري سندس سلسلو ’اويسي ‘ نسبت سان مشهور ٿيو. تصوف جي ڪتابن ۾ اهو هڪ وڏو بحث ملي ٿو تہ ’اويسي ‘ بذات خود هڪ سلسلو نہ پر نسبت آهي.

مخدوم نوحؒ جي زندگيءَ جو ٻيو پهلو سندس قرآن فهميءَ جي خاص شهرت آهي جيڪا هن کان اڳ ڪنهن کي نصيب ڪو نہ ٿي هئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو سندس خاص معتقد بهاءالدين گودڙيي مخدوم صاحب جي رحلت کان پوءِ فارسيءَ ۾ قرآن جو اهڙو ترجمو لکي پورو ڪيو. ان لحاظ کان مخدوم نوحؒ سنڌ جي اوائلي تصوف ۾ هڪ خاص حيثيت



رکي ٿو جنهن کي شريعت ۽ طريقت جو مثالي امتزاج چيو وڃي ٿو.

مخدوم نوحؒ پنهنجي ستاسي سالن جي سموري زندگيءَ ۾ تصوف جو اعليٰ مثالي نمونو پيش ڪندي پاڻ 27 ذوالقعد 998هه ۾ رحلت فرمائي. ملا قاسم نالي عقيدتمند ڪين زبردست خراج عقيدت پيش ڪندي قطع تاريخ هيئن چيو آهي (31)

غرق درياءَ شهادت محو مطلق بس بدان
پاک از آلاي قساوت نوح مخدوم انس و جان
بويزيد و بوسعيد و بشر حافي و جنيد
در مراتب در مناقب گم ز پس ايشان مدان
طالبان او کہ از احصاء و حصر آمد فزون
چون ستاره هر يک ز ايشان مناره در جهان
جوق و جوق طالب او چون ملک در هفت چرخ
صف صف اندر صبح و شام از جان و دل الله خوان
هان ولايت ختم شد بر مفخر آخر زمان

آمدي گر بر در او مرد جاني غافلي
ذاکري زنده دل گشتي ز فيضش آن زمان
بود آنگہ نهصد و هم يازده بوده فزون
سال تاريخ ولادت آن ولايت کيش دان
مدتي عمر گرامي آن گرامي مايہ را
جملہ هشتاد هفت سال بود اندر جهان
سال فوت آن غوث حق پرسيد شد چون از خرد
آن سر حسرت فغان برداشت آنگہ گفت هان
آن سن نهصد و هشتاد هژده وقت صبح
بيست هفتم در شب پنجشنبہ ذي قعد دان

ترجمو: بس هن کي شهادت جي درياءَ ۾ مستغرق سمجهہ مخدوم نوحؒ کي جنن ۽ انسانن ۾ هر قسم جي گناهن کان پاڪ سمجهہ بايزيد بسطامي، ابوسعيد، بشر حافي ۽ جنيد بغداديءَ کان مرتبي ۾ ڪيس گهٽ نہ سمجهہ هن جا طالب ڳڻپ ۽ شمار کان ٻاهر آهن، اهي تارن وانگر پنهنجي جڳهہ تي



روشن ۽ منور آهن. هن جا طالب ڪيترين ٽولين ۾ ملائڪن وانگر ستين آسمان تائين آهن جيڪي صبح ۽ شام صفن ۾ بيهي الله جي تسبيح ڪن ٿا. هن جي مٿان ولايت جو اهڙيءَ طرح خاتمو ٿيو جيئن نبوت رسالتماب ﷺ تي ختم ٿي. هن جي دروازي تي جيڪڏهن ڪو غافل بہ ايندو هو تہ سندس دل ان گهڙيءَ ذڪر سان زنده ٿي پوندي هئي. ان وقت جڏهن نو سئو يارهن جو سال هو تہ سندس ولادت ٿي. هن جي عمر عزيز هن جهان ۾ ستاسي سال هئي. هن غوث حق جي وفات جي تاريخ جڏهن عقل سان معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ حسرت ۽ افسوس مان ائين ٻڌايو تہ اهو سال نوسو اسي ۽ ارڙهن يعني نوَسو اٺانوي صبح جو وقت ستاويهين (27) ذوالقعد ۽ خميس جي رات هئي.

سڀ کان پهرين اها تاريخ 'حديقة الاولياءُ' جي مصنف عبدالقادر ڏني آهي، جنهن وري ماده تاريخ 'شيخي بنوح بود' يعني نوح شيخ يا مرشد هو. مان ڪدي آهي ۽ ان مان اهوئي سال 998ھ ملي ٿو.

## مخدوم نوح ؒ جي سماجي ڪردار بابت روايتون

عام طور ائين سمجهيو وڃي ٿو ته بادشاهن جي دور ۾ عالمن ۽ صوفين جو ڪو ڪردار نه هو ۽ هو صرف مسجد ۽ خانقاهه تائين محدود هئا. هوڏانهن تاريخ جي ڪتابن ڪي ان لحاظ کان ڏٺو وڃي ته هو سماجي طور متحرڪ نظر اچن ٿا، بلڪ هر دور ۾ وڏين لڙاين ۽ فتوحات وقت هنن جو ڪونه ڪو ڪردار ضرور هو. ڪڏهن اهو بادشاهن جي زباني حمايت تائين محدود آهي ته ڪڏهن وري اهو مخالفت ۾ نظر اچي ٿو. ڪيترا عالم ۽ صوفي بادشاهن جي مخالفت ڪري قيد ڪيا ويا يا قتل ڪيا ويا ته ڪيترا وري مصلحت خاطر خاموش به رهيا آهن. ائين به چئي سگهجي ٿو ته سندن اهو عمل وقت جي نزاڪت ۽ حالتن تي منحصر هو. ڪيترا صوفي حڪمرانن جي صحبت ۽ ملاقات کان بلڪل ڪناره ڪش رهيا آهن ۽ ان ڪي غلط سمجهيائون. هن سلسلي ۾ سڀ کان پهريون وڏو مثال امام غزاليءَ جو آهي جنهن پنجين صدي هجريءَ ۾ مدرسه نظاميه



يعني ان وقت جي وڏي ۾ وڏي يونيورسٽيءَ جي سربراهيءَ ڪي قبول نه ڪيو، بلڪ جڏهن بيت المقدس پهتو ته اتي اهو عهد ڪيائين ته هن کان پوءِ هو ڪنهن به بادشاهه سان ملاقات نه ڪندو.(33) مسلمانن جي سماجي تاريخ ۾ اهڙا ڪيترا مثال ملن ٿا. پري نٿا وڃون صرف سنڌ هند جي حوالي سان هڪ اڌ مثالن تي نظر وجهون ٿا.

شيخ بهاءالدين زڪريا ملتاني سهروردي سلسلي جو وڏو شيخ هو ۽ پنهنجي وقت ۾ وڏي اثر رسوخ وارو هو. اهو ستين صديءَ جو شروع وارو زمانو هو جڏهن ملتان تي ناصرالدين قباچه جهڙو مضبوط حڪمران هو جيڪو دهليءَ جي درويش سلطان التمش جو دلي مخالف هو. شيخ بهاءالدين ۽ ملتان جي قاضيءَ شرف الدين سلطان التمش ڏانهن قباچه خلاف خط لکي موڪليا جيڪي پڪڙجي پيا. قباچه شيخ بهاءالدين ۽ قاضيءَ ڪي پنهنجي درٻار ۾ گهرايو ۽ خط ڪيدي ڏيکاريا. قاضيءَ قبول ڪيو ته هن اهو خط لکيو آهي جنهن تي قباچه فوراً ڪيس قتل ڪرائي ڇڏيو. جڏهن شيخ بهاءالدين جو وارو آيو ته هن اقرار ڪيو

تہ اهو خط منهنجو آهي ۽ مون اهو خط خدا جي حڪم سان لکيو آهي. اهي الفاظ ٻڌي قباچہ خاموش ٿي ويو ۽ ڪيس ڇڏي ڏنائين.

جيتوڻيڪ اهڙيءَ طور هي واقعو شيخ جي ڪرامت سمجهيو وڃي ٿو پر اها حقيقت آهي تہ شيخ بهاءالدين زڪريا جا ڪيترا طاقتور قبيلا معتقد ۽ مريد هئا، وٽس وڏي دولت هئي ۽ اناج جا محفوظ ذخيرا پڻ هئا. ان ڪري بجاءِ طور اهو گمان ڪري سگهجي ٿو تہ قباچہ هڪ سمجهدار حڪمران طور پاڻ کي وڌيڪ خطري ۾ وجهڻ نہ گهريو. البت قاضي جنهن جو سماجي طور ڪو اثر نہ هو تہ ان کي ٿڏي تي مارائي ڇڏيائين.(34)

مخدوم نوحؒ جو سڀ کان پهرين ذڪر 'تاريخ معصوميءَ' ۾ ملي ٿو جيڪا مير معصوم 1009هه ۾ تصنيف ڪئي ۽ ان کان پوءِ بيگلار نامو (1016) جيڪو پڻ انهيءَ دور جي تصنيف آهي. اهڙيءَ طرح تذڪرن ۽ ملفوظات ۾ 'حديقة الاولياء' (1016/ 1607)، رسالہ 'فتحيہ' (1617/1019)، 'گلزار



ابرار' (1022/ 1619)، 'بيان العارفين' (1038/ 1642) ۽ 'ذخيرة الخوانين' (1061/ 1665) اچي وڃن ٿا.

جيئن بلڪل شروع ۾ ذڪر ٿي چڪو تہ مخدوم نوحؒ جي زندگيءَ جو عرصو هڪ لحاظ سان سنڌ مٿان ارغونن ۽ ترخانن جي حڪمرانيءَ جو زمانو آهي. تاريخي حوالن مان اندازو ٿئي ٿو تہ مخدوم نوحؒ جو سنڌ جي ترخان حڪمران مرزا باقيءَ جي دور (974 کان 993) ۾ نٿي اڪثر اچڻ وڃڻ ٿيندو هو ۽ ان جو سبب اتي سندس خاص معتقد سيد علي ثاني (وفات:981هه) هو جيڪو پڻ نٿي جي هڪ وڏي پير شاهہ مراد شيرازيءَ جو پڙپوٽو هو. نٿي ۾ ئي مخدوم نوحؒ سان سنڌ جي ظالم حڪمران مرزا باقيءَ بہ ٽي دفعا ملاقات ڪئي جنهن جا حوالا سڌي يا اڻ سڌيءَ ريت تاريخي ڪتابن ۽ تذڪرن ۾ ملن ٿا مثلاً:

هڪ دفعي جڏهن وقت جو حاڪم مخدوم صاحب وٽ حاضر ٿيو پاڻ هن کي هدايت ڪندي چيائون. سياست تڏهن قائم رهندي جڏهن لشڪر خوشحال هوندو ۽ اهو تڏهن ٿيندو جڏهن خزانو هوندو. خزانو يا مال رعيت مان ملندو ۽ اهو تڏهن

ملندو، جڏهن رعيت راضي هوندي ۽ ان جو دارومدار عدل ۽ احسان تي آهي. تشبيهه جي انداز ۾ چيائون ته حڪومت هلائڻ لاءِ ٽي قلعا ضروري آهن. پهريائين قلعو مٽيءَ جو آهي جنهن مان مراد رعيت آهي. ٻيو قلعو لوهه جو آهي ۽ ان مان مراد لشڪر آهي ۽ ٽيون قلعو فولاد جو آهي، سي وري اولياء الله جا آهن. جيئن اڳتي هلي واضح ٿيندو ته اهو حڪمران مرزا باقي ٿي هيو.

هڪ ٻيو واقعو جنهن ۾ مرزا باقيءَ جو نالو به اچي ٿو هن ريت آهي ته هڪ دفعي مخدوم نوحؒ جڏهن ٺٽي ۾ ترسيل هو ته شيخ بهاءالدين زڪريا جي اولاد مان ڪي مخدوم صاحب وٽ اچي عرض ڪرڻ لڳا ته مرزا باقي مٿن ناراض ٿي ڪين ٺٽي شهر مان نيڪالي ڏني آهي. انهيءَ موقعي تي مرزا باقي پاڻ به اچي دست بوسيءَ جو شرف حاصل ڪيو هو. مخدوم صاحب جيتوڻيڪ سفارش ڪئي پر مرزا باقي نه مڃي. آخر صرف ايتري تائين راضي ٿيو ته اهي مخدوم ٺٽو ڇڏي ڪنهن ٻئي شهر هليا



وڃن. ان کان پوءِ اهي مخدوم بدين ۽ ڪڪرالي طرف وڃي رهڻ لڳا.

هن سلسلي جو ٻيو وڏو واقعو مڪلي ٽڪريءَ مان شيخ پرڪيي لنگ نالي درويش جو خاتمو آهي. 'دليل الذاڪرين' جي روايت موجب انهيءَ درويش مڪلي ٽڪريءَ تي اچي هڪ خاص هنڌ تي آستانو ٺاهيو ۽ اتي هڪ وڏو حوض ٺاهيائين جنهن ۾ گچ يعني چونو تيار ڪندو هو. ان جو مقصد غالباً ٽڪريءَ تي هڪ وڏو منارو ٺاهڻ هو جنهن ذريعي سمنڊ ۾ ايندڙ ٻيڙن جي رهنمائي ٿيندي هئي. هو جڏهن ان مقصد ۾ ڪامياب ٿيو ته وٽس ماڻهن جي گهڻي رجوعات ٿيڻ لڳي ۽ خوب پئسا ڏوڪڙ ڪمائڻ لڳو. آخر اها حالت ٿي جو ٺٽي جا اڪثر ماڻهو مرد توڙي عورتون جن ۾ سيد علي شيرازيءَ جا مريد به شامل هئا، هن وٽ وڏي تعداد ۾ وڃڻ لڳا. اها صورتحال ڏسي سيد علي شيرازي مخدوم صاحب کي خاص عريضي لکي موڪلي جنهن تي مخدوم صاحب جو ٺٽي اچڻ ٿيو، پوءِ ستت ٿي مرزا باقي شيخ پرڪيي جو خاتمو ڪري ڇڏيو. 'دليل الذاڪرين' ۾ هن

قصي کي ڪرامت جي رنگ ۾ پيش ڪيو ويو آهي پر مير علي شير قانع 'تحفة الڪرام' ۾ انهيءَ کي اصلي رنگ ۾ پيش ڪيو آهي. هو لکي ٿو:

"هن کي مڪليءَ جي دامن ۾ تڪيو هوندو هو ۽ ڪجهه وقت نغارو وڄائيندو هو. شهر جا ماڻهو سندس خدمت ۾ وڃڻ فرض سمجهندا هئا. ٽڪريءَ واري سمن جي قبرستان جون اڪثر عمارتون، خصوصاً سهسي لنگ جون ماڙيون ڍاهي، انهيءَ جي پٿرن مان چونو ۽ گچ ٺاهي هڪ وڏو منارو تيار ڪيو هئائين. رات جو انهيءَ تي ڏيو ٻاريندو هو. سوداگر عربي سمنڊ ۾ سنڌ جي بندرن جو رستو انهيءَ بتيءَ جي ذريعي مقرر ڪندا هئا ۽ سندس خدمت ۾ اڇي نذرانا رکندا هئا. ايتري تہ دولت هئس جو سنڌ جو حاڪم مرزا باقي ساڻس حسد ڪرڻ لڳو. هن مقرر ڪري ڇڏيو هو تہ ننڍو خواهہ وڏو جيڪو بہ وٽس ويندو هو تنهن کي ضرور سندس خدمت [نذراني سان] ڪرڻي پوندي هئي. ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ هڪ ڏينهن سيد



علي شيرازي سندس زيارت ڪرڻ ويو تنهن کي بہ خدمت جي تڪليف ڏنائين. مخدوم نوحؒ اها ڳالهہ ٻڌي دل ڪوسي ڪئي، جنهن جو نتيجو اهو ٿيو جو مرزا باقيءَ جلد ئي ڪيس مخفي طرح شهيد ڪرائي ڇڏيو.(35)

هڪ ٻيو اهم واقعو جيڪو تاريخي ڪتاب 'بيگلار نامہ' ۾ ملي ٿو جنهن مان مخدوم نوحؒ جي غير معمولي روحاني اثر رسوخ ۽ غير جانبدار سياسي حيثيت جي خبر پوي ٿي. وڌيڪ ان مان اهو پتو پوي ٿو تہ وقت جا حڪمران جيڪي هونئن پاڻ ۾ جنگ وجدل ۾ مصروف هوندا هئا، پر هو مخدوم صاحب جي عزت ۽ تڪريم کان منهن نہ موڙيندا هئا.

'بيگلار نامہ' سنڌ ۾ ترخانن خاص طور مرزا جاني بيگ جي حالات کي سمجهڻ لاءِ همعصر ماخذ آهي ۽ اهو 1017 ۾ مخدوم نوحؒ جي وفات کان اٺويهہ سال پوءِ لکجڻ شروع ٿيو. واقعي جو پس منظر هن ريت آهي تہ ٺٽي جي حڪمران مرزا عيسيٰ جي سال 973ھ ۾ مرڻ کان پوءِ سندس ٻن پٽن مرزا

باقي ۽ مرزا جان بابا ۾ حڪومت لاءِ ننڍيون وڏيون لڙايون شروع ٿي ويون. جن ۾ نصرپور جي خان زمان بيگ جان بابا طرفان هر مقابلي ۾ وڏي بهادريءَ سان حصو ورتو. هڪ دفعي جڏهن مرزا باقيءَ جو لشڪر جان بابا ۽ سندس ساٿين جو پيڇو ڪري رهيو هو ته مرزا باقيءَ جي لشڪر جي اڳواڻ مير يادگار مسڪين مرزا جان بابا ڏانهن هڪ ڳجهو خط لکيو جنهن ۾ هن اهو انڪشاف ڪيو ته اسان کي واقعي مرزا باقيءَ توهان سان جنگ لاءِ موڪليو آهي جو سندس نيت آهي ته ٻنهي طرفن جا جيترا ماڻهو مري سگهن اوترو چڱو. ليڪن اسان جي صلاح آهي ته توهان اڳيان هلندا هلو اسين توهان جي پٺيان پيا ايندا سون پر جنگ نه ڪنداسون. انهيءَ دلچسپ قصي کي 'بيگلار نامہ' جو مصنف ادراڪي بيگلاري هن ريت بيان ڪيو آهي: (36)

"جڏهن مرزا جان بابا جو لشڪر هالڪنڊي مان گذري ويو ته ان کان پويان ايندڙ مرزا باقيءَ جي لشڪر اتي اچي پڙاءُ ڪيو. ان موقعي تي خان زمان ڏٺو ته ٻنهي لشڪرن ۾ جنگ هونئن به ٽيڙي ڪونهي، تنهنڪري سندس دل



۾ اهو سهڻو خيال آيو ته ڇو نه ان موقعي جو فائدو وٺي اها ڳالهه قطب الاقطاب مخدوم نوحؒ جي گوش گذار ڪجي ۽ سندن دعائون حاصل ڪجن. آخر پاڻ وقت جي سيني مشائخن ۾ وڏي مرتبي وارا آهن ۽ هالڪنڊيءَ ۾ ئي آهن. اهو خيال ڪري اڌ رات جو تيز رفتار گهوڙي تي چڙهي اڪيلو ئي اڪيلو مخدوم صاحب جي خانقاهه جي ٻاهرين دروازي تي بيهي وڏي آواز سان سڏ ڪري چيائين ته جيڪڏهن ڪو خادم جاڳندڙ هجي ته مرزا جان بابا جا نياز ۽ دعائون سندن خدمت ۾ پهچائي ۽ گذارش ڪري ته اسان جو ارادو مرزا باقيءَ جي لشڪر سان جنگ ڪرڻ جو هو پر هينئر فقط مخدوم صاحب جي ادب خاطر جيئن ته اهو پاڇوڪڙ لشڪر هالڪنڊيءَ جي حدن ۾ اچي پهتو آهي، اسان ويڙهه کان پاسو ڪري هليا ٿا وڃون.

خان زمان اهو نيڪ نيتيءَ وارو پيغام ڏئي رات وچ ۾ پنهنجي لشڪر ۾ پهچي ويو جنهن جي مرزا جان بابا

جي لشڪر جي ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ کي خبر نہ رهي. صبح جو سوير مخدوم صاحب جو خادم سڏو مرزا جان بابا وٽ اچي پهتو ۽ مخدوم صاحب جي طرفان دعائون پهچايائين ۽ چيائين تہ اوهان جي رات جي پيغام جي جواب ۾ مخدوم صاحب اوهان کي آفرين چئي آهي ۽ انهيءَ لحاظ ۽ احسان جي بدلي اوهان لاءِ سلامتيءَ جي نيڪ تمنا ڪئي آهي. مرزا جان بابا اهو پيغام ٻڌي حيران ٿيو تہ هن ڪنهن شخص کي ڪو نہ اماڻيو هو تہ پوءِ آخر اهو سڀ ڪجهہ ڪيئن ٿيو. آخر گهڻي سوچ ويچار بعد ڏنائين تہ خان زمان جو گهوڙو ان مهل تائين سنجيل بيٺو هو پر هو پاڻ ليٽيو پيو هو. تڏهن ڪيس پڪ ٿي اهو نيڪ ڪم ان جوئي آهي.“

جيتوڻيڪ اها حقيقت آهي تہ اڳتي هلي مرزا باقيءَ هڪ تاريخي سازش سٽي جان بابا کي 978ھ مارائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. پر هن مٿي بيان ٿيل واقعي مان وقت جي حاڪمن وٽ



مخدوم صاحب جي لاءِ غير معمولي عزت ۽ احترام جو هڪ وڏو ثبوت ملي ٿو.

مخدوم نوحؒ جي روحاني شخصيت جو وقت جي حڪمرانن طرفان ان قسم جو اعتراف. وفات بعد تذڪره نويسيءَ ۾ سندس تاريخي شخصيت ۽ ڪردار کي بدلائي عوامي رنگ ۾ پيش ڪرڻ جو سبب بنجي ٿو جنهن کي عوام ۾ گهڻي مقبوليت حاصل ٿئي ٿي. تذڪره نويسيءَ ۾ انهن روايتن جو ان ريت اضافو ٿئي ٿو ۽ اهي روايتون عوامي امنگن جي اظهار جو وسيلو ۽ سبب بنجن ٿيون. اهڙين روايتن ۾ عموماً ڪنهن وڏي تاريخي واقعي کي عوامي روايت جي انداز ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو. اهڙو واقعو اڪبر بادشاهہ جي سپہ سالار عبدالرحيم خانخانان جو ٺٽي جي حاڪم مرزا جاني بيگ جي مقابلي لاءِ 999ھ ۾ اچڻ آهي جنهن کي سنڌ جي فتح جي مهم سڏيو ويو آهي. ان تاريخي واقعي جو پهريون پيرو ذڪر همعصر ’تاريخ معصومي‘ ۾ ملي ٿو جنهن جو مصنف پاڻ انهن لڙاين ۾ شامل هو. ان کان پوءِ اهو ذڪر ’تاريخ طاهريءَ‘ ۾ ملي ٿو جيڪا ٽيهارو سال پوءِ

بعد ۾ لکي وئي. ليڪن ان سموري واقعي بابت مشهور تذڪره نويس ’ذخيرة الخوانين‘ جو مصنف فريد بکري جنهن جو تعلق پڻ سنڌ سان هو ۽ مير ابوالقاسم نمڪين جو شاگرد هو، اڌ صدي بعد جڏهن اهو تذڪرو مرتب ڪري ٿو ته ان تاريخي واقعي بابت عوام ۾ مقبول زباني (Oral) روايت کي اختيار ڪري ٿو. ان روايت جي خصوصي اهميت سبب اسان اها پوريءَ ريت ’ذخيرة الخوانين‘ تان جيئن جو تيئن ترجمو ڪري پيش ڪريون ٿا. ’ذخيرة الخوانين‘ ۾ فريد بکريءَ جو بيان هن ريت آهي:

> ”چون ٿا ته جڏهن خانخانان ٺٽي جي فتح لاءِ مقرر ٿيو ۽ جڏهن بکر جي زير انتظام دربيلي جي نزديڪ پهتو ته مير معصوم بکري کيس مخدوم قاضي عثمانؒ جي خدمت ۾ وٺي ويو، جيڪو پنهنجي وقت جو مجتهد، ڪامل ولي ۽ وڏو عالم هو. خانخانان ٿوريءَ دير لاءِ پنهنجو مٿو مخدوم جي پيرن ۾ رکي وڏي عاجزي ۽ نيزاريءَ جو مظاهرو ڪيو. مخدوم عثمان سندس اها



حالت ڏسي مٿس راضي ٿيو. انهيءَ رات خانخانان خواب ۾ ڏٺو ته نبي ڪريم ﷺ جي مجلس منعقد آهي جنهن ۾ پاڻ هڪ مسند تي ويٺل آهن ۽ هزارين انسان سندن چوگرد حلقو ٻڌي بيٺا آهن. سنڌ جا اهي بزرگ جيڪي ان وقت حال حيات هئا ۽ سندن نظر عرش ڪان فرش تائين هئي. جهڙوڪ ميان (شيخ) پرڪيو، ميان (مخدوم) نوح، ۽ ميان وهيون، اهي ٺٽي مرزا جاني بيگ کا پاڻ سان گڏ وٺي حضور ڪريم ﷺ وٽ پيش ٿيا ۽ چوڻ لڳا ته يا رسول الله! مرزا جاني بيگ جي ڪري سنڌ قائم آهي پر خانخانان مٿس چڙهائي ڪري آيو آهي. توهان کي عرض آهي ته هن (مرزا جاني بيگ) جي مدد ۽ حمايت فرمايو ته جيئن خانخانان کي شڪست ملي. انهيءَ وقت مخدوم عثمان وري خانخانان کي هٿ سان وٺي حضور ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ پيش ٿي عرض ڪرڻ لڳو ته يارسول الله! هن مرد سچي اعتقاد سان منهنجي مسجد ۾ اچي التجا

ڪئي آهي، منهنجي اڇي ڏاڙهيءَ جو خيال رکي مٿس
نظر ڪريو ته جيئن خانخانان ڪامياب ٿئي. انهيءَ وقت
پاڻ سڳورن ٿوري دير لاءِ ٻنهي طرفن نهاريو ۽ پوءِ
فرمايو ته ٺٽي جو ملڪ بدستور مرزا جاني بيگ وٽ
رهندو، پر ڪيس گهرجي ته خانخانان سان جنگ نه ڪري
ڇو ته شڪست ڪائيندو ۽ آخر خانخانان جي معرفت
اڪبر بادشاهه جي ملازمت ۾ ويندو. انهيءَ ڪري پاڻ
(ٺٽي) شهر جون چاٻيون خانخانان کي ڏنائون.

مخدوم نوح، ميان وهيو ۽ شيخ پرڪيو اهڙيءَ ريت
ٻاڌائڻ ۽ اڌ رات گذرڻ کان پوءِ، مرزا جاني بيگ کي
سڄي ڪيس پوري روئداد ٻڌائي چوڻ لڳا ته هاڻي اسان
ڪان وڌيڪ ڪجهه نه ٿيندو، ڇو ته سرورِ ڪائنات ﷺ
پاڻ اهو فيصلو فرمايو آهي. مرزا جاني بيگ انهن
درويشن تي ڪاوڙجي چوڻ لڳو ته درويشن جي راتوڪي
لشڪر ڪو ٻوٽو نه ٻاريو، پر ڏسجو ته ڏينهن وارو لشڪر
(سندس) ڪهڙا ڪم ٿو ڪري ڏيکاري." (37)



هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته مير معصوم پاڻ
خانخانان جو ساڄو هٿ بنجي مرزا جاني بيگ لاءِ لڙائي ۾ هر
وقت گڏ هو بلڪ مير معصوم اڪبر بادشاهه جو خاص معتمد
هو جنهن کي بادشاهه خانخانان سان گڏ لاهور مان سنڌ روانو
ڪيو هو. هو 'تاريخ معصوميءَ' ۾ مخدوم قاضي عثمان
درٻيليءَ جو ذڪر ڪري ٿو پر هو پنهنجي ۽ خانخانان جي
مخدوم قاضي عثمان سان ڪنهن به ملاقات جو ذڪر نٿو
ڪري. درٻيلو جيئن ته بکر جي حڪمرانيءَ ۾ شامل هو تنهن
ڪري مير معصوم اتان جي حالتن، عالمن ۽ مشائخن کان
چڱيءَ ريت واقف ڏسجي ٿو ۽ ڪيترن عالمن جا سن وفات
وغيره به نقل ڪري ٿو. هو پاڻ قاضي عثمان درٻيليءَ جو سن
وفات 1002هه ڄاڻائي ٿو جنهن مان ايترو پتو پوي ٿو ته جڏهن
خانخانان مير معصوم جي رفاقت ۾ پورو هڪ سال مرزا جاني
بيگ سان جنگ جوٽي بيٺو هو ته قاضي عثمان جي زندگيءَ جو
اهو آخري سال هو ڇو ته خانخانان طرفان انهن لڙاين جو آغاز
999هه ۾ ٿيو ۽ 3 محرم 1000 تي مرزا جاني بيگ صلح لاءِ

آماده ٿيو. مير معصوم هڪ مؤرخ جي حيثيت ۾ واقعات جو سنئون سڌو ذڪر ڪري ٿو. هو ٻي ڪا بہ اهڙي ڳالهہ نٿو ڪري. هن جو بيان ان ڪري وڌيڪ قابل اعتماد آهي جو هو پاڻ اکين ڏٺو شاهد ۽ واقعات ۾ شامل آهي. بلڪ مير معصوم کي خانخانان سان سنڌ جي فتح ڪرڻ وقت ان ڪري گڏ موڪليو ويو. ڇاڪاڻ تہ مير معصوم جو تعلق سندس وڏن کان وٺي سنڌ سان هو ۽ هو سنڌ جي حالتن کان چڱيءَ ريت واقف هو. ان ڪري اڪبر بادشاهہ اهو خيال ڪيو هو تہ جنگ جي وقت ۾ هو خانخانان جي صحيح رهنمائي ۽ مدد ڪري سگهندو ۽ واقعي ٿيو بہ ائين.

مير علي شير قانع جڏهن 1181هہ ۾ 'تحفة الڪرام' لکيو تہ هڪ سُڄاڻ مؤرخ جي حيثيت ۾ مخدوم نوحؒ جي رحلت 12 ذوالقعد 998 ۽ خانخانان جي سنڌ تي چڙهائي واري سال 999هہ کان چڱيءَ طرح واقف هو. ان ڪري هو واقعي کي ٻئي رنگ ۾ پيش ڪري ٿو:



”هڪ بزرگ کان نقل آهي تہ ڪنهن اهل الله ڪيس (خانخانان) کي ٻڌايو تہ ويجهڙائي ۾ ڪرامت ماب شيخن جو شيخ مخدوم نوحؒ هالاڪنڊي ۾ گذاري ويو آهي، جيڪڏهن انهيءَ جي فاتح خوانيءَ لاءِ توهان اڳ ۾ پهتا تہ توهان ڪامياب ٿيندا پر جيڪڏهن مرزا جاني بيگ اڳ ۾ پهتو تہ پوءِ هو اڳرو ٿيندو. الله پاڪ جي تائيد جو اتفاق ڏسو جو جاني بيگ ايتري ويجهڙائي هوندي بہ انهيءَ رحماني بخشايش جي خزانن جي ڪنجي (مخدوم نوح) جي فاتح خوانيءَ جي شرف حاصل ڪرڻ لاءِ اجا پهتوئي ڪين، تہ خانخانان وڃان گوءِ ڪٽي ويو.“(38)

هتي هندستان ۾ لکيل هڪ همعصر تاريخي تذڪره 'مآثر رحيميءَ' جو حوالو ڏيڻ ضروري آهي جنهن جي هڪ باب ۾ عبدالرحيم خانخانان جي سنڌ جي فتح بابت تفصيلي احوال ملي ٿو. هن ڪتاب جو مصنف عبدالباقي نهاوندي خانخانان جي دربار سان وابستہ شاعر ۽ مؤرخ هو. هو خانخانان جي لاهور

مان روانگي، سندس فوجي ساٿين جا نالا جيڪي هن سان گڏجي سنڌ ۾ آيا جن ۾ سنڌ ڇائو سنڌ جو مؤرخ مير معصوم بہ شامل هو ٻڌائي ٿو. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ سيوهڻ ۽ نصرپور جي قلعن جي محاصري ۽ سنڌونديءَ ۾ ٻيڙين تي ٻنهي ڌرين درميان جنگي معرڪن ۽ مقابلن جو ذڪر ڪري ٿو. هو لکي ٿو تہ هڪ مرحلي تي خانخانان وٽ صرف پنجويھ ٻيڙا هئا جڏهن تہ سندس مد مقابل سنڌ جي حڪمران مرزا جاني بيگ وٽ سوين ننڍا وڏا ٻيڙا هئا. اهو مقابلو پورو هڪ سال جاري رهيو. انهيءَ دوران خانخانان کي اڪبر بادشاهہ اڍائي لک روپيا، اناج، توپون ڪشمير مان رائي سنگهہ جي اڳواڻي ۾ موڪلي ڏنا. هو اهو بہ لکي ٿو تہ سنڌ ۾ مرزا جاني بيگ شاهي لشڪرين جي سر جي قيمت جو اعلان ڪري ڇڏيو هو جنهن ڪري سندس خزانو خالي ٿيڻ لڳو.

بهرحال خانخانان جي درٻاري شاعر هجڻ جي ناتي نهاوندي لکي ٿو تہ صلح جي لاءِ اڳڀرائي مرزا جاني بيگ ڪئي ڇاڪاڻ تہ هڪ سال تائين مقابلن کان پوءِ هو سخت پريشان ٿي



چڪو هو.(39) نهاونديءَ جي لکڻ موجب 6 محرم 1000هہ تي ٻنهي ڌرين جنگ بندي قبول ڪئي ۽ 24 جمادي الثاني 1591/1001 تي مرزا جاني بيگ اڪبري دربار ۾ پيش ٿيو. هن تفصيل ڏيڻ جو مقصد اهو ٻڌائڻ هو تہ خانخانان جي جنگي فتوحات جي سلسلي ۾ هو ڪنهن بہ اهڙي واقعي جو ذڪر نٿو ڪري تہ خانخانان سنڌ ۾ مخدوم عثمان درٻيليءَ وٽ دعا لاءِ حاضر ٿيو هو، جيئن 'ذخيرة الخوانين' واري بيان ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح هڪ ٻي مشهور زباني روايت موجب هن آدم شاهہ ڪلهوڙي وٽ حاضر ٿي جاگير جو پروانو ۽ نذر پيش ڪيو هو. جيئن 'تحفة الڪرام' واري لکيو آهي جنهن جو پڻ ڪو تاريخي ثبوت ڪو نہ ٿو ملي. مطلب 'مآثر رحيمي' ۽ 'تاريخ معصوميءَ' جي بيانن ۾ ڪو فرق ڪونهي، جتان خبر پوي ٿي تہ ذخيرة الخوانين جو بيان خوش اعتماديءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ناهي. بهرحال هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ عبدالرحيم خانخانان (964-1026هہ) عالم فاضل شخص هو، هو عربي، فارسي، ترڪي ۽ هندي ٻولين ڄاڻندو هو. هو فارسي ۽ هنديءَ

جو وڏو شاعر آهي. سندس شيخ احمد سرهندي مجدد الف ثانيءَ سان خط و ڪتابت هئي جنهن جا ڏانهس تيرهن مڪتوبات امام ربانيءَ ۾ ملن ٿا. سنڌ جي فتح کان اڳ هن جڏهن اڪبر بادشاهه جي سپه سالار جي حيثيت ۾ گجرات کي فتح ڪيو ته هو اتي شيخ وجيه الدين کان بيعت ٿيو هو.

مخدوم نوحؒ جي حياتيءَ ۾ مرزا محمد باقي 980ھ کان 993ھ تائين سنڌ جو حڪمران رهيو جيڪو مخدوم صاحب جو گهڻو خيال رکندو هو جيئن ڪجهه واقعات مان ظاهر ٿئي ٿو. مرزا باقي پنهنجي حياتيءَ ۾ ملڪي انتظام پٽن کي ورهائي ڏنو هو خاص طور جڏهن اڪبر جو موڪليل فوجي اڳواڻ بکر پهتو هو ته مرزا پائنده بيگ کي سيوهڻ جو حاڪم ۽ سندس پٽ جاني بيگ کي خاص نائب مقرر ڪيو ويو هو. روايتن موجب پائنده بيگ شروع کان اڌ دماغ هو. اهوئي سبب هو جو جڏهن مرزا باقيءَ وفات ڪئي ته مرزا پائنده بيگ سنڌ جو حڪمران نامزد ٿيو پر انتظام هلائڻ جو اختيار جاني بيگ جي حوالي ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح جڏهن جاني بيگ ۽ خانخانان



درميان لڙائي آخري مرحلن ۾ هئي ته جاني بيگ جو پيءُ ۽ سندس پٽ ٻئي طبعي موت ٺٽي ۾ مري ويا. ان ڪري چيو وڃي ٿو ته جاني بيگ پيءُ جي مرڻ کان پوءِ فقط يارهن ڏينهن سنڌ جو حاڪم رهيو.

’دليل الذاڪرين‘ جي روايت موجب پائنده بيگ سيوهڻ ۾ قلندر شهباز جي روضي ۾ هڪ عورت ۾ هٿ وڌا هئا ان ڪري چريو ٿي پيو هو. هن سلسلي ۾ ڪن ماڻهن مخدوم صاحب کي جڏهن اهو عرض ڪيو ته هن لاءِ دعا نه ڪجو ته پاڻ هنن کي اهڙي تسلي ڪرايائون. بهرحال تاريخي حقيقت اها آهي ته پائنده بيگ شروع کان اڌ دماغ هو. مير علي شير قانع هن کي چريٽ لکيو آهي ۽ ’ترخان نامه‘ واري هن کي مجذوب چيو اهي ۽ ساڳي راءِ ’تاريخ طاهري‘ ۾ آهي.(40)

’رساله فتحيه‘ ۽ ’دليل الذاڪرين‘ ۾ هڪ ٻي روايت ملي ٿي ته هڪ پيري هند جو لشڪر هالڪنديءَ کان گذرڻ وارو هو جنهن ڪري ماڻهن ۾ وڏو ڏهڪاءُ هو ۽ اهي مخدوم صاحب وٽ اچي حاضر ٿيا. پاڻ چيائون پڇاڙي ڀلي ٿيندي. آخر اهو

لشڪر هالڪنديءَ کان اڳي لنگهيو ته پاڻ ٺوري مٿي ڪٽي ان لشڪر طرف اڇلايائون ان کان پوءِ اهو لشڪر سنڌ مان خوار خراب ٿي واپس ٿيو. هاڻي سوال آهي ته اهو ڪهڙو لشڪر هو ۽ تاريخ ۾ ان جو ڪو پتو پوي ٿو يا نه! مطلب مخدوم نوحؒ جي حياتيءَ ۾ هند کان ڪهڙو لشڪر سنڌ ۾ حملي خاطر آيو هو. اسان جي خيال ۾ اهو لشڪر اڪبر بادشاهه طرفان موڪليل فوجي اڳواڻ محمد صادق جو ٿي سگهي ٿو جنهن مرزا باقيءَ جي مرڻ بعد 994ھ ۾ سيوهڻ جي قلعي جو محاصرو ڪيو هو.(41) پر ناڪام ٿي واپس ٿيو هو. چو ته جڏهن ٻيو دفعو هند جو لشڪر خانخانان جي اڳواڻيءَ ۾ 999ھ ۾ سنڌ تي حملي آور ٿيو هو جنهن ۾ مير معصوم شامل هو ته مخدوم صاحب ان کان اڳ رحلت ڪري چڪو هو.

اها هڪ وڏي حقيقت آهي ته مخدوم نوحؒ کان اڳ بلڪ سندس وقت تائين سنڌ وارن لاءِ وڏي ۾ وڏو پير بهاءَالدين زڪريا ملتاني (وفات 661ھ) هو. اهوئي سبب هو جو يارهين صديءَ جي شروع ۾ جڏهن سنڌ جي اوليائن جو تذڪرو ’حديقة



الاولياء‘ لکيو ويو ته ان ۾ سڀ کان پهرين بهاءَالدين زڪريا ملتاني ۽ هن کان پوءِ سندس پٽ صدرالدين عارف ۽ ان کان بعد هن جي پٽ يعني بهاءَالدين جي پوٽي رڪن الدين عرف رڪن عالم جو ذڪر ملي ٿو. انهيءَ زماني ۾ بهاءَالدين زڪريا جي اولاد مان ڪيترا فرد سنڌ ۾ اچي مستقل آباد ٿيا جن جو ذڪر ڪتابن ۾ ملي ٿو. ’تحفة الڪرام‘ موجب سمن جي دور ۾ شيخ نعمت الله ٺٽي ۾ آيو. اهڙي طرح شيخ طلحه جو تعلق به بهاءَالدين جي خاندان سان هو. هو پير مراد شيرازي (وفات 893ھ) يعني سمن جي دور ۾ ٺٽي آيو هو. هن سلسلي ۾ جيڪو سڀ کان وڌيڪ مشهور ٿيو جنهن کي ’جيئو مڪليءَ جو ڏيئو‘ جو لقب مليو. هڪ عوامي روايت موجب غوث بهاءَالدين جا مريد جيڪي غوثي جماعت سان مشهور ٿيا. هر سال ملتان پنڌ ويندا هئا. اهو پنڌ ڏکيو ۽ اٽانگو هو. هڪ دفعي جڏهن اهو پير صاحب ٺٽي آيل هو ته مريدن سوچيو ته چونه کيس شهيد ڪري هتي پوري ڇڏيون جو پوءِ ملتان وڃڻ کان ڇٽي پئون ۽ پيا هر روز زيارتون ڪريون. اها ڳالهه هڪ سچي

مريد جيئي نالي حجام ٻڌي ورتي. سو ان رات مرشد کي مجائي ٻي جاءِ تي سمهاريائين ۽ پاڻ سندس کٽ تي سمهي رهيو ته سازش ڪندڙن اچي ڪيس شهيد ڪري ڇڏيو. جنهن کان پوءِ ڪيس مڪليءَ جي مقام ۾ دفن ڪيائون. تڏهن کان هو ”جيئو مڪليءَ جو ڏيئو“ مشهور ٿيو.(42) هن واقعي مان بهاءالدين زڪريا ۽ سندس اولاد بابت سنڌين جي عقيدت جي انتها معلوم ٿئي ٿي.

’رسالہ فتحيہ‘ توڙي ’دليل الذاڪرين‘ ۾ ڪيترا اهڙا نقل آهن جن مان ان ڳالهه جي تصديق ٿئي ٿي ته ان وقت تائين سنڌ ۾ بهاءالدين زڪريا جي روحاني فيض جو وڏو غلغلو هو. هڪ ته بهاءالدين شيخ شهاب الدين سهرورديءَ کان سڌو فيض حاصل ڪيو هو ۽ سنڌ هند ۾ کانئس سهروردي سلسلو جاري ٿيو هو ۽ ٻيو ته مخدوم نوحؒ پاڻ شيخ شهاب الدين سهروردي جي صديقي خاندان منجهان هو تنهن ڪري مخدوم صاحب کي بهاءالدين زڪريا لاءِ وڏو احترام هو. اهوئي سبب آهي جو بهاءالدين زڪريا کي ’دليل الذاڪرين‘ ۾ ’غوث العالم‘ ۽



مخدوم نوحؒ کي ’غوث الحق‘ جي لقب سان ياد ڪيو ويو آهي. هڪ کان وڌيڪ حڪايتن ۾ مخدوم نوحؒ ۽ بهاءالدين زڪريا کي ملاقات ڪندي ۽ هڪ ٻئي سان گڏ ويٺل ڏيکاريو ويو آهي ۽ بهاءالدين زڪريا طرفان مخدوم صاحب کي ذڪر جي تلقين جي اجازت ملڻ جو به بيان ڪيو ويو آهي. ڪيترين حڪايتن مان ٻنهي جماعتن ۾ ڇڪتاڻ جا به واضح آثار نظر اچن ٿا جيئن ڪمال ڪهيريءَ واري واقعي ۾ نوبت جهڳڙي تائين پهچي ٿي.

هڪ دفعي غوث العالم يعني بهاءالدين زڪريا کي پنهنجي هڪ اهڙي مريد کي اهي هدايت وارا الفاظ چوڻا پيا ته اسان ۽ مخدوم نوحؒ هڪ ئي وجود آهيون جيڪو به اسان جي مريدن مان آهي اهو مخدوم صاحب جي زيارت لاءِ وڃي حاضر ٿئي. ظاهر آهي ته هيءَ حڪايت بهاءالدين زڪريا جي هڪ مريد ڪشف ۽ خواب جي صورت ۾ بيان ڪئي آهي.

هڪ ٻئي نقل موجب غوثي مريدن جي جماعت هالڪندي پهتي ته انهن جو اڳواڻ مخدوم صاحب وٽ

پهچي عرض ڪرڻ لڳو ته شيخ بهاءُالدين جي زيارت لاءِ ملتان وڃڻ فرض آهي يا واجب يا سنت؟ تڏهن جواب ۾ چيائون ته سوال آهي ته اهو ڪهڙيءَ نيت سان وڃي ٿو. هن عرض ڪيو ته هو حق جي ذاڪرن مان ٿيڻ گهري ٿو. پاڻ چيائون ته اهڙي شخص لاءِ وڃڻ ضروري آهي ان موقعي تي وڌيڪ چيائون ته سنڌ جو علائقو غوث العالم شيخ بهاءُالدين زڪريا جي خاص خلوتگاهه ۽ نظرگاهه آهي.

مخدوم نوح ؒ جي زندگيءَ ۾ ئي سندن روحاني فيض جو آواز هندستان جي ڪيترن درگاهن تائين پهتو ۽ اتان آيل هڪ سالڪ دائود مداريءَ جو نالو ملي ٿو. مداري سلسلي جي فقيرن جون رسمون گهڻي ڀاڱي هندو جوڳين واريون آهن. انهيءَ ڪري هو هر روز شام جي وقت چيٽا ٻاري دونهين ڪندا آهن. 'دليل الذاڪرين' مان خبر پوي ٿي ته مخدوم صاحب جي خدمت ۾ پهچڻ کان پوءِ دائود پنهنجو پراڻو طريقو ڇڏي مخدوم صاحب کان فيض حاصل ڪيو جنهن



جي نتيجي ۾ ڪيس وقت جي اوتادن سان ملاقات نصيب ٿي ۽ هميشه لاءِ هتي رهي پيو.

هڪ ٻئي نقل موجب هند جي ولايت مان آيل درويش مخدوم صاحب جي رائج ذڪر واري طريقي تي اعتراض ڪيو ته پاڻ ان کي مطمئن ڪيائون. اهڙيءَ طرح هڪ ٻيو شخص نعمت الله نالي جيڪو حج جي ارادي سان نڪتو هو. جڏهن واپس هندستان وڃي رهيو هو ته ان کي برهانپور ۾ مقيم سنڌ جي صوفي بزرگ شيخ عيسيٰ جندالله پاٽائي جو ڏس ڏنو ويو. ان ريت هند کان ٻاهران خرقان ڇڏي حافظ عبدالسلام ۽ حافظ عبدالواحد هالا ۾ اچي غوث الحق کان دست بيعت ٿيا ۽ هميشه لاءِ درگاهه سان منسلڪ ٿيا ۽ اج ڏينهن تائين سندن اولاد اها مسند سنڀاليندو اچي.(43)

## مخدوم نوح ؒ جو تصوف

ڏهين صدي هجري يا سورهين صدي عيسوي تائين سنڌ ۾ تصوف ڪهڙن مرحلن مان گذري رهيو هو ۽ ان جو فڪري مواد (Sufi Thought) ڪهڙو هو. ان جو ڪنهن حد تائين اندازو يارهين صديءَ جي شروع ۾ لکيل تذڪري ’حديقة الاولياء‘ مان ڪري سگهجي ٿو، جنهن ۾ ڪل چاليهارو ڪن صوفين جو احوال ملي ٿو ۽ مخدوم نوحؒ جي سوانح سميت سندس علمي ۽ فڪري حيثيت بابت پڻ مختصر اشارا ملن ٿا. هڪ لحاظ سان تصوف جو اهو دور اسلامي دنيا ۾ تصوف جي اوائلي دور سان گهڻي مشابهت رکندڙ آهي جنهن ۾ فڪر جي بجاءِ عمل تي زياده زور آهي ۽ عمل ۾ وري ذڪر الله يعني الله جي يادگيري بلڪ الله جي مشاهدي ۽ قرب ڏانهن تمام گهڻو ڌيان آهي. جيئن تصوف جي اوائلي ڪتابن ’تعرف‘، ’ڪتاب



اللمع‘، ’ڪشف المحجوب‘ ۽ امام غزاليءَ جي ڪتابن ۾ اسان کي اها ڳالهه واضح نظر اچي ٿي. غزالي پنهنجي زندگيءَ جي تجربن مان گذرندي ’المنقذ من الضلال‘ يعني گمراهيءَ مان ڇوٽڪارو ۾ ان بابت هيئن لکيو آهي.(44)

> ”هن طريقي جي اول ۾ مڪاشفا ۽ مشاهدا شروع ٿين ٿا. تان جو اهي (صوفي سالڪ) جاڳ جي حالت ۾ به ملائڪن ۽ نبين جي روحن جو ديدار ڪن ٿا. انهن جو ڳالهائڻ ٻڌن ٿا ۽ ڪانئن ڪيترائي فائدا حاصل ڪن ٿا.“

هن سلسلي ۾ غزالي نهايت اهم نتيجو قائم ڪري ٿو جڏهن هو چوي ٿو ته شريعت ۾ علم پهريائين ۽ عمل پوءِ اچي ٿو ليڪن صوفين وٽ عمل پهريائين ۽ علم ان جي نتيجي ۾ حاصل ٿئي ٿو. هتي اسان امام غزاليءَ جو حوالو خاص طور ان ڪري ڏنو آهي جو رسالہ ’فتحيہ‘ ۾ هن ڪتاب ۾ هڪ هنڌ مخدوم نوحؒ امام غزاليءَ سان پنهنجي روحاني ملاقات جو ذڪر ڪري ٿو. جڏهن غزاليءَ جو روح ڪانئس ميثاق جي وعدي بابت پڇا ڪري ٿو ته ان جي جواب ۾ مخدوم صاحب ڪيس

جواب ۾ ٻڌائي ٿو تہ هن جي روح تڏهن "بليٰ" يعني هائو ڪئي هئي. هتان اهو اشارو ملي ٿو تہ مخدوم نوحؒ جي روح کي امام غزاليءَ سان هڪ قسم جي مناسبت آهي جو ڪيس ان قسم جو مڪاشفو ٿيو ۽ پوءِ ان ڳالهہ کي ٻين ماڻهن جي سامهون بيان ڪرڻ ضروري سمجهيائين.

'رسالہ فتحيہ' ۾ اصل الفاظ هن ريت آهن:(45)

"هڪ ڀيري اسان جي پير دستگير ارشاد فرمايو تہ عالم ارواح ۾ جتي سڀ روح گڏ هئا، اتي پهرئين صف نبين سڳورن جي روحن جي هئي ۽ ٻي صف اوليائن جي روحن جي هئي. اولياء الله نبين سان گڏ هن ريت بيٺل هئا جو هر هڪ نبيءَ جي روح جي پاسي ۾ هڪ وليءَ جو روح هو. هن فقير جو روح حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي روح جي پرسان، حضرت امام غزاليءَ جو روح حضرت عيسيٰ جي روح سان گڏ ۽ شيخ بهاءالدين زڪريا جو روح حضرت سليمان عليہ السّلام جي روح سان گڏ هو. اهڙيءَ طرح هر نبيءَ جي روح سان گڏ ان



جي امت جي وليءَ جو روح هو. هر هڪ عالم کي بارگاهہ رب العالمين مان هر وقت خطاب ٿيندو رهندو آهي. امام غزاليءَ جي روح تڏهن مون کان پڇيو تہ جڏهن الله تعاليٰ چيو تہ: "الست بربڪم" يعني ڇا مان توهان جو رب نہ آهيان؟ ان وقت مون هائو چيو هو يا نہ؟ مون جواب ڏنو تہ هائو چيو هو!"

اهو ساڳيو نقل لفظن جي ٿوري ڦيرقار سان 'دليل الذاڪرين' ۾ پڻ ملي ٿو. 'دليل الذاڪرين' ۾ ملا حسين خيالي جي حوالي سان هڪ ٻيو نقل آهي تہ مخدوم صاحب فرمايو تہ ميثاق واري ڏينهن حضرت محمد ﷺ جو روح الله تعاليٰ جي هيڪڙائي ۽ قرب واري ڪيفيت ۾ هو تہ سندن نظر مبارڪ هن فقير تي پئي. پاڻ سڳورن انتهائي مهربانيءَ سان فرمايو، "اي فلاڻا، تون منهنجي امت جي صفن ۾ شامل آهين. تڏهن مون مالڪ جو شڪر ادا ڪيو ۽ وڏي ادب سان امت جي صفن ۾ شامل ٿي ويس."

تصوف جي دنيا ۾ وڏو صوفي جنهن کي گهڻي ۾ گهڻا روحاني مشاهدا ۽ لقاءَ حاصل ٿيا، جيڪي تصوف جي ڪتابن ۾ درج ٿيل آهن. اهو بايزيد بسطامي (وفات 261هه) آهي. ’ڪتاب اللمع‘، ’ڪشف المحجوب‘ ۽ ’تذڪرة الاولياءِ‘ ۾ انهن جو تفصيل موجود آهي. رسالہ ’فتحيہ‘ ۾ آهي تہ بايزيد بسطاميءَ کي يارهن هزار دفعا الله تعاليٰ جو مشاهدو نصيب ٿيو. ’دليل الذاڪرين‘ ۾ آهي تہ هڪ دفعي جڏهن سلطان العارفين بايزيد بسطاميءَ جي مشاهدن جو ذڪر ٿيو تہ ڪي ٻارهن هزار ۽ ڪي وري چوڏهن هزار چون ٿا تہ مخدوم صاحب فرمايو تہ ”پر ڪي فقراءِ اهڙا بہ آهن جو هميشہ الله تعاليٰ جي مشاهدي ۾ رهندا آهن ۽ جيڪڏهن اک ڇنڀ جيترو وقت بہ پري ٿين تہ سڙي خاڪ ٿي وڃن.“ ان کان پوءِ پاڻ فرمايائون تہ شروع ۾ ”لاحول ولا قوة الاباالله“ گهڻو پڙهندو هيم، ان لاءِ تہ اگر اهو حق سبحانہٗ جو مشاهدو هوندو تہ پڪو، ثابت ۽ يڪو رهندو، پر جيڪڏهن شيطاني اثر هوندو تہ ختم ٿي ويندو. ليڪن رب ڪريم جي ڪرم سان هميشہ واڌارو ۽ ترقي نصيب ٿي آهي ۽



استغفار جي گهٽائيءَ ڪري هر ساعت ۽ هر گهڙي ادنيٰ کان اعليٰ ڏانهن عروج آهي.

هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ بايزيد بسطامي پهريون صوفي آهي جنهن روحاني مشاهدن ذريعي روحاني عروج حاصل ڪيو ۽ خاص ڳالهہ اها تہ انهن ڪيفيتن جو وري اشارن ڪناين ۾ بيان بہ ڪري ٿو. ’ڪشف المحجوب‘ توڙي ’تذڪرة الاولياءِ‘ ۾ سندس اهڙي روحاني سفر کي معراج جي عنوان هيٺ بيان ڪيو ويو آهي. مخدوم نوحؒ جا روحاني مشاهدا بہ اهڙي نوعيت جا معلوم ٿين ٿا جن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. مثلاً ديدار خدوندي جو باربار ذڪر اچي ٿو.

تصوف جي اوائلي ڪتاب ’ڪشف المحجوب‘ ۾ ديدار خداونديءَ جي باري ۾ هيءَ وضاحت ملي ٿي:(46)

”هن دنيا ۾ الله جو مشاهدو ۽ آخرت ۾ سندس ديدار برحق آهي مگر آخرت ۾ الله جو ديدار سيني صحابي

سگھورن جي اتفاق ۽ اجماع سان ثابت آهي. ان حالت ۾ دنيا ۾ مشاهدو به روا هئڻ گهرجي.“

اڳتي چوي ٿو:

”مشاهدو اندر جي وصف آهي ۽ ان جو بيان ڪرڻ محض عبارت آرائي ٿيندي، ڇو ته جيڪڏهن زبان ان ڪان واقف هجي ۽ مشاهدي جي ڪيفيت کي لفظن ۾ بيان ڪري سگهجي ته اهو مشاهدو ناهي. اها دعويٰ آهي ڇو جو جنهن ڪيفيت جي اصليت عقل کان ٻاهر هجي، ان کي لفظن جو جامو ڪيئن پارائي سگهبو؟“

’ڪشف المحجوب‘ ۾ بايزيد بسطاميءَ جي معراج بابت اصلي عربي عبارت هن ريت آهي:

”ماصرت الي الوحدانية فصرت طيراً جسمه من الاحدية و جناحة من الديمومة فلم ازل الطير في هواءِ الهوية حتيٰ اليٰ هواءِ التنزيه ثم اشرفت عليٰ ميدان الازلية ورأت شجر الاحدية فنظرت فعلمت ان هذا كله حد غيره.“ (47)



ترجمو: مان جڏهن وحدانيت (جي سفر) ڏانهن روانو ٿيس ته مان پکي بنجي ويس جنهن جو جسم احديت وارو هو ۽ ان جا پر هميشه وارا هئا. پوءِ آءٌ هويت جي ميدان مان گذري تنزيه جي ميدان ۾ اڏامڻ لڳس تانجو آءٌ ازليت جي ميدان سان مشرف ٿيس ۽ مون ازليت جي وڻ کي ڏٺو. جڏهن مون ان کي ڏٺو ته سمجهي ويس ته ٻين جي لاءِ اهائي آخري حد آهي.

هجويري ’ڪشف المحجوب‘ ۾ ان عربي عبارت جي ترجمي بجاءِ پنهنجي لفظن ۾ ان جي سمجهاڻي فارسيءَ ۾ ڏني آهي ۽ آخر ۾ چوي ٿو ته.

”اهو هڪ ڊگهو داستان آهي. طريقت وارا ان کي ابويزيد جو معراج سڏيندا آهن. معراج مان مراد ويجهڙائي يعني قرب آهي. نبين جو معراج جسماني طور تي ظاهر ٿيندو آهي، ولين جو معراج همت ۽ روح سان واسطو رکندڙ آهي. ولي سڪر واري حالت ۾ پاڻ کان پري ٿي ويندو آهي ۽ روحاني درجن کان لنگهي، الله جي قرب واري مقام تي پهچندو آهي. جڏهن صحو واري حالت تي

واپس ٿيندو آهي ته سمورا دليل سندس دل تي ظاهر ٿيندا آهن ۽ ڪيس انهن جو علم حاصل ٿيندو آهي. ظاهر آهي ته انهن ٻنهي ۾ وڏو فرق آهي. پهريون (نبي) ڪي جسماني طور متي ڪنيو وڃي ٿو ۽ ٻئي (ولي) جو صرف (فڪر يا خيال) اتي پهچي ٿو."

هتي تحقيق جي لحاظ کان اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته بايزيد جي معراج بابت اهو ذڪر ڪشف المحجوب کان به اڳين تصنيف 'ڪتاب اللمع' ۾ اصل عربيءَ ۾ موجود آهي. هجويري پاڻ ابونصر سراج جي انهيءَ ڪتاب جا هڪ ٻه حوالا ڏنا آهن. 'ڪتاب اللمع' جو مصنف جنيد جي زباني پورن ٻن صفحن ۾ بايزيد جي هر لفظ ۽ اصطلاح جي سمجهاڻي ڏئي ٿو ۽ آخر ۾ خاتمو هن ريت ڪري ٿو: "وأما قوله فنظرت فعلمت أن ذالک ڪله خدعه"(48) يعني آخر ۾ مون ڪي اهو سڀ سراب معلوم ٿيو ابونصر سراج هتي جنيد جي حوالي سان لکي ٿو ته ان مان مراد والله اعلم يعني الله ئي بهتر ڄاڻي ٿو.



'ڪشف المحجوب' کان پوءِ 'تذڪرة الاولياء' ۾ بايزيد بسطاميءَ جي روحاني معراج بابت گهڻو ذڪر ملي ٿو. اسان هتي ان جو ڪجهه حصو پيش ڪريون ٿا:

"شيخ (بايزيد چيو) جڏهن مون يقين جي اکين سان حق تعاليٰ کي ڏٺو، تڏهن (الله تعاليٰ) مون کي تمام موجودات کان علحده ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي نور سان منور ڪري، پنهنجا عجائب ۽ اسرار مون تي کولي ڇڏيا ۽ پنهنجي عظمت ۽ هيبت مون تي ظاهر فرمائي. حق جي انهيءَ نظر سبب مون پنهنجي صفتن ڏانهن ڏٺو ته معلوم ٿيو ته نور الاهيءَ جي مقابلي ۾ اها سراسر اونده هئي. هن جي عظمت جي مقابلي ۾ منهنجي عظمت سراسر هيچ هئي ۽ سندس عزت جي مقابلي ۾ منهنجي عزت بلڪل نابود هئي. اتي هر طرف صفائي ئي صفائي هئي ۽ مون ۾ سراسر ڪدورت ۽ ناپاڪائي هئي. وري نگاهه ڪيم ته پنهنجي نور کي هن جو نور ڏٺم. پنهنجي عزت کي هن جي عزت ۽ عظمت ۾

جاتم معلوم ٿيو تہ جيڪي آءٌ ڪريان ٿو اهو سڀ ڪجهہ هن جي قدرت سان ڪريان ٿو..."

اڳتي چوي ٿو:

"منهنجو روح ملڪوت جا سيئي ملڪ گهميو ۽ ان ڪي بهشت ۽ دوزخ ڏيکاريو ويو، پر هن ڪنهن بہ طرف توجہ نہ ڏنو. ان جي باوجود منهنجو روح حضرت محمد ﷺ جي جان تائين نہ پهچي سگهيو، بلڪ فقط سلام ڪري سگهيو. ان وقت مون محسوس ڪيو تہ سندس نور ۽ منهنجي وچ ۾ باهہ جا هزارين درياءَ (حجاب) حائل آهن ۽ منهنجو روح پهرين درياءَ ۾ قدم رکڻ سان جلي ختم ٿي ويندو. مان خوف سبب بيهوش ٿي ويس ۽ مون ڪي ڪا سُڌ نہ رهي. مون گهڻوئي چاهيو تہ محمد ﷺ جي خيمي جي رسيءَ تائين پهچي سگهان. ليڪن مون ۾ جرئت ڪو نہ هئي جو وٽن پهچي سگهان، حالانڪ آءٌ حق تعاليٰ تائين پهچي ويو هوس. اهو ان ڪري تہ هر ڪوئي پنهنجي وس آهر خدا تائين



پهچي سگهي ٿو، ليڪن محمد ﷺ خاص مقام يا هنڌ تي آهن. مطلب جيستائين ڪو بہ "**لاالٰہ الاالله**" جي وادي طئي نہ ڪندو، تيستائين محمد رسول **الله** ﷺ تائين نہ پهچي سگهندو.(49)

اڳتي وڌڻ کان اڳ هن ڳالهہ جي وضاحت ڪرڻ ضروري آهي تہ بايزيد بسطامي يا ٻين صوفين جا اهڙا ڪيترا مشاهدا بيان ٿيل ملن ٿا جيڪي صوفين جي مستقل روايت بنجي ويا ۽ اهڙي قسم جا مشاهدا مخدوم نوحؒ وٽ پڻ نظر اچن ٿا. هتي سوال آهي تہ اهڙن مشاهدن جو سماجي طور آخر ڪهڙو نتيجو نڪتو ۽ اهي مشاهدا مجموعي طور عوام لاءِ ڪيتري قدر مفيد ثابت ٿيا ٻين لفظن ۾ انهن جو عوام جي زندگيءَ ۾ ڪهڙو اثر نڪتو يا فائدو ٿيو.

بايزيد توڙي ٻين صوفين جي اهڙي قسم جي مشاهدن بابت مشهور مستشرق اي.جي آربري جو تبصرو نهايت اهميت وارو ۽ دلچسپ آهي. هن جو چوڻ آهي تہ بايزيد جي اهڙن روحاني مشاهدن جي تصوف جي تاريخ ۾ وڏي ۾ وڏي اهميت

اها آهي تہ هن کان اڳ خدا جي وجود جي باري ۾ جن عقلي دليلن جو سهارو ورتو ٿي ويو، اهي پنهنجو اثر وڃائي ختم ٿيڻ لڳا. خدا جي وجود کي عقلي دليلن سان ثابت ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانہ هئي، جيڪا هونئن بہ عام ماڻهوءَ جي سمجهہ ۽ سوچ کان مٿي هئا. خدا جي باري ۾ وڏي ۾ وڏي شاهدي صوفين جو ذاتي مشاهدو يا اندر جو لقاءُ هو ۽ صوفين جو ذاتي ڪردار عام ماڻهن ۾ اهو يقين پيدا ڪرڻ لاءِ ڪافي هو جنهن جو ثبوت تاريخ مان ان ريت ملي ٿو تہ عام خلق لاءِ اهي ئي وڏ ۾ وڏ قابل اعتبار هئا. هن سلسلي ۾ هو لکي ٿو:

The Sufis thus claimed to have proved by personal contact with the creator those truths of the Divine Unity which the theologians and the philosophers were endeavouring laboriously to expound. But there was a further riddle to be solved, the riddle of existence itself. If God was the self sufficient being that he descoribed Himself to be, what was



the compelling motive that induced Him to create the world?, Thou art the Seeker, and Thou art the Sought, Said Abu Yazid to God in the course of his long conversation. In an other bold saying he states Moses desired to see God. I did not desire to see God, God desired to see me. Elsewhere he tells us that the estatic mystic is like a mirror with six faces, When God desires to look upon His creation, He looks upon this man who is His mirror and sees in him His creation, and orders their affairs.(50)

ترجمو: ”صوفين پنهنجي دعوائن ذريعي خالق ڪائنات سان ذاتي تعلق کي ثابت ڪري ڏيکاريو ۽ توحيد الاهيءَ کي پوري ريت سمجهايو، جنهن لاءِ فلسفي ۽ متڪلم حضرات وڏي جدوجهد ڪري رهيا هئا. ليڪن ان کان وڌيڪ هڪ ٻي ڳجهارت سندن سامهون هئي اها ڳجهارت خود ’وجود ‘ جي هئي. سوال هو تہ

جيڪڏهن خدا پنهنجي ذات ۾ هر لحاظ کان مڪمل ۽ بي نياز هو، جيئن پاڻ چيو اٿس ته پوءِ آخر ڪهڙي ضرورت يا احتياج ڪري هيءَ ڪائنات تخليق ڪرڻ تي آماده ٿيو. ابويزيد چيو هو ’تون پاڻ طالب آهين ۽ پاڻ ئي مطلوب‘ اهو ٻول ابويزيد جي هڪ ڊگهي گفتگو جو حصو آهي. بلڪ ان کان وڌيڪ سندس جراتمند ٻول جا الفاظ هن ريت آهن: ’حضرت موسيٰ خدا کي ڏسڻ يا ديدار جي خواهش ڪئي هئي پر مون خدا کي ڏسڻ جي خواهش نه ڪئي هئي، بلڪ خدا مون کي ڏسڻ جو خواهشمند ٿيو.‘

هڪ ٻئي هنڌ چوي ٿو ته: ’صاحب حال صوفي ڇهن رُخن وارو آئينو آهي جڏهن خدا تعاليٰ پنهنجي مخلوق کي ڏسڻ گهري ٿو ته هو ان صوفيءَ ڏانهن ڏسي ٿو جيڪو سندس آئينو آهي ۽ هن ۾ پنهنجي مخلوق کي ڏسي ٿو ۽ ان لحاظ سان مخلوق جا ڪم سنواري ٿو.‘

بايزيد بسطاميءَ جو اهو پويون مقولو ايڏو مقبول ٿيو جو مخدوم نوحؒ وٽ به ان جو پڙاڏو هن ريت محسوس ڪيو ويو.



هڪ ڀيري ڪنهن شخص مخدوم صاحب کان سوال ڪيو ته بايزيد جو قول آهي ته ”خدا کي بايزيد جو احتياج آهي، باقي بايزيد کي خدا جو احتياج نه آهي.“ ان جو ڇا مطلب آهي؟ پاڻ سمجهاڻي ڏيندي چيائون ”جڏهن لوهار لوهه جي ٽڪري مان آئينو ٺاهي تيار ڪندو آهي ته ان کان پوءِ آئيني ۾ پنهنجو چهرو ڏسندو آهي يعني انسان ذات خداوند قدوس جو آئينو آهي.

هتي ان حقيقت ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ضروري آهي ته تصوف جي دنيا ۾ بايزيد پنهنجي شطح (نعري) ”سبحاني ما اعظم شاني“ جي ڪري مشهور آهي ۽ تصوف جي تقريباً سيني ڪتابن ۾ ان جو ذڪر ملي ٿو. پر مخدوم نوحؒ کان اڳ ٽوٽي به صديون پوءِ تائين سنڌ جي تصوف ۾ ان جو ڪو حوالو نٿو ملي. ان جو مطلب ته سنڌ جا صوفي نهايت بالغ نظر هئا جو عوام جي سمجهه ۽ ماحول کي مدنظر رکي پنهنجي ڳالهه سمجهائيندا هئا.

بايزيد کان پوءِ انهيءَ قسم جو ٻيو وڏو صوفي ابوالحسن خرقاني (وفات 425/ 1034) آهي، جنهن جي جمڻ جي پيشن

گوئي بايزيد ڪئي هئي جڏهن هو هڪ دفعي پاڻ خرقان جي ان ڳوٺ وٽان گذريو هو. بايزيد جي وفات ۽ خرقانيءَ جي جنم ۾ تقريباً چورانوي سالن جي وٿي آهي. ليڪن ان جي باوجود سيني صوفي تذڪرن موجب خرقانيءَ بايزيد کان روحاني فيض حاصل ڪيو هو جنهن جو هو پاڻ ان دعا ۾ اقرار ڪري ٿو جڏهن هن چيو هو: ”اي خداوندا! ابوالحسن کي انهيءَ نعمت مان ڪجهه حصو عطا فرماءِ جيڪا تو بايزيد کي بخشي هئي.“ (51)

صوفي تذڪرن موجب خرقاني ظاهري تعليم حاصل ڪونه ڪئي هئي ۽ بايزيد جي ان روحاني فيض کان سواءِ هو ٻي ڪنهن به ڳالهه جو ذڪر نٿو ڪري ان ڪري ڪيس ”اويسي“(52) تسليم ڪيو ويو آهي. اهو خرقانيءَ جي غير معمولي روحانيت جو اثر هو جو وقت جا وڏا عالم صوفي جهڙوڪ: عبدالله انصاري (وفات: 481/ 1086) ۽ ابوالقاسم قشيري (وفات: 461/ 1072) ڪانئس متاثر ٿيا ۽ ابوعلي سينا (وفات: 429/1037) ساڻس ملاقات ڪئي هئي.



’تذڪرة الاولياء‘ ۾ خدا تعاليٰ ۽ خرقانيءَ جي وچ ۾ ڪيترائي مڪالما ملن ٿا جن مان خرقانيءَ جي غير معمولي روحاني استعداد جي خبر پوي ٿي. سندس قول آهي ته جيتوڻيڪ مان اڻ پڙهيل آهيان پر خدا مون کي پنهنجي ڪرم سان سيني علومن کان واقف ڪيو آهي. ان ڪري منهنجو ظاهري جسم صرف خيالي آهي چو ته منهنجو ذاتي وجود ختم ٿي چڪو آهي.

هڪ دفعي چيائين مان پنجاهه سالن کان خدا سان همڪلام آهيان پر مهنجي دل ۽ زبان کي خبر ناهي. سندس ٻيو قول آهي ته بايزيد بسطاميءَ چيو هو ”مان نه مقيم آهيان نه مسافر“ ليڪن منهنجو چوڻ اهي ته آءٌ خدا جي وحدانيت ۾ مقيم آهيان ۽ هن جي هيڪڙائي ۾ سفر ڪريان ٿو.(53)

خرقانيءَ جو قول آهي ته هڪ دفعي مون هيءَ ندا ٻڌي ”اي ابوالحسن! منهنجي حڪمن جي تعميل ڪندو رهه، مان ٿئي اها زنده رهڻ واري حياتي عطا ڪندس. بشرطيڪ تون منهنجي منع ڪيل شين کان پرهيز ڪندين. منهنجي سلطنت کي ڪو

زوال ڪونهي ۽ مان توکي به اهڙو ملڪ عطا ڪندس جنهن کي ڪو زوال نه هوندو.“

هڪ ٻئي قول مطابق: ”مون خدا تعاليٰ کي عرض ڪيو ته مون تنهنجي محبت ۾ ست سال گذاري ڇڏيا آهن ۽ اڃا تائين ان اميد تي قائم آهيان. جواب مليو ته تون صرف ست سال اسان جي محبت ۾ گرفتار آهين ۽ اسان توکي ازل کان پنهنجو دوست ڪيو آهي.“

هڪ وڏيڪ قول موجب مون کي الله تعاليٰ چيو ته ڇا تون گهرين ٿو ته آءٌ تنهنجو ٿي وڃان. مون عرض ڪيو نه! وري پڇيو ويو ڇا تنهنجي مرضي آهي ته تون منهنجو ٿي وڃين. مون عرض ڪيو نه! تڏهن ارشاد ٿيو ته پر اڳين سيني جي اها تمنا رهي آهي ته آءٌ هنن جو ٿي وڃان ته پوءِ آخر تون ائين ڇو نه ٿو گهرين. مون عرض ڪيو، اي منهنجا موليٰ! جيڪي تون مون کي ڏيڻ گهرين ٿو ان ۾ به تنهنجي ڪا مصلحت هوندي ڇو ته تون ٻين جي مرضيءَ مطابق ڪم نه ڪندو آهين.



هڪ دفعي ڪجهه ماڻهن ڪانئس پڇيو ته توهان الله تعاليٰ کي ڪٿي ڏٺو ته چيائين جڏهن ۽ جتي مون پاڻ کي نه ڏٺو اتي خدا کي ڏٺم.

ابوالحسن خرقانيءَ کي غير معمولي طور مليل روحاني فيض کان سنڌ جو وڏو صوفي ۽ مخدوم نوحؒ جو همعصر شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو با خبر هو جو پنهنجي هڪ سنڌي بيت ۾ سندس نالو کڻي پنهنجي لاءِ ان ريت فيض جي پالوت جي تمنا ظاهر ڪري ٿو:

خرقان خوش ڪري، اڃي ويناسون،
جائين ڏنءِ حسن کي، تئائين ڏيندين
تون.(54)

بايزيد بسطامي ۽ ابوالحسن خرقاني کان پوءِ انهيءَ ساڳئي قسم جو ٽيون وڏو صوفي جنهن جا اهڙا روحاني مشاهدا بيان ڪيل آهن، اهو شيخ روزبهان بقلي (وفات: 606/ 1209)

آهي. بلڪ هن پنهنجي مشاهدن ۽ مڪاشفن بابت هڪ پورو ڪتاب لکيو آهي جنهن جو نالو ’ڪشف الاسرار ومڪاشفات الانوار‘ آهي. سندس ٻين تصنيفات ۾ ’عبهرالعاشقين‘ جيڪو صوفين جي شطحيات جي شرح ۾ آهي ۽ ٻيو سندس صوفيانہ تفسير ’عرائس البيان‘ آهي جيڪو پوئين دور تائين سنڌ جي صوفين ۾ نهايت مقبول هو. شيخ ابن عربي ’فتوحات مڪيہ‘ ۾ لکي ٿو تہ هن روزبهان کي ڪعبة الله جو طواف ڪندي ڏٺو هو. هو صاحب حال ۽ وجد هو.

روزبهان ’عبهر العاشقين‘ ۾ پنهنجي روحاني واردات بابت مختصر انداز ۾ هن ريت لکيو آهي:

”مان جڏهن عبوديت جي سير کان پوءِ ربوبيت جي عالم ۾ پهتس ۽ ملڪوت جي جمال کي پنهنجي اکين سان ڏٺم ۽ مڪاشفات جون ڪيتريون منزلون طئي ڪيم ۽ روحانيات جي دسترخوان تي پهچي مقامات ۽ ڪرامات جو مزو ماڻيم. ان وقت آءٌ عرش جي پکين سان عليين جي هوا ۾ اڏامڻ لڳس، تڏهن مشاهده حق جي تجليءَ



کي اکين اندر ڏٺم ۽ ذوالجلال جي محبت جو جام مون کي نصيب ٿيو. انهيءَ عشق جي لذت سان منهنجي دل کي معرفت جي چادر ۽ ڪشف جو لباس پهرايو ويو.“(55)

روزبهان ’ڪشف الاسرار و مڪاشفات الانوار‘ ۾ پنهنجي مشاهدن ۽ مڪاشفن جو بيان گهڻو کولي ڪيو آهي. هڪ هنڌ چوي ٿو:

”مون درگاهہ خداوندي جي ميدان ازل ۾ پيغمبر محمد ﷺ کي ڏٺو تہ پاڻ سڄي طرف کان داخل ٿيا. پاڻ هڪ بلڪل سفيد موتيءَ وانگر نظر اچي رهيا هئا ۽ ڪين مرواريد جو لباس پاتل هو. ائين مون آدم عليہ السّلام کي بہ ڏٺو جنهن کي پڻ مرواريد جو لباس هو. مون کي پيغمبر ﷺ جن پنهنجي هنج ۾ ويهاري منهنجي منهن تي چُمي ڏني!“

هڪ ٻئي هنڌ پنهنجو ولي بنجڻ جي بشارت جو بيان هن ريت ڪري ٿو:

”مون خدا تعاليٰ ڪي عزت ۽ جلال جي صفت سميت پنهنجي گهر جي ڇت مٿان ڏٺو. ان وقت سڄو جهان روشني ۽ نور سان ڀريل هو جيڪو عقل ۽ هوش کان مٿي وارو منظر هو. ان وقت مون کي اهو عظيم مشاهدو حاصل ٿيو جو خداوند تعاليٰ مون کي فارسي زبان ۾ ستر ڀيرا آواز ڏئي چيو، اي روزبهان، مون توکي ولايت جي ڪم لاءِ ان ڪري چونڊيو آهي جو مون کي توسان گهڻي محبت آهي. تون منهنجو ولي ۽ پيارو آهين ڪو ڀؤ ڀولو نہ ڪر ۽ ڪوبہ غم نہ ڪر. مان ئي تنهنجو مالڪ ۽ سڀاليندڙ آهيان ۽ هر ڪم ۾ تنهنجو مددگار آهيان.“ (56)

اهڙيءَ طرح روزبهان خدا جي مشاهدي توڙي مڪاشفي جو ڪيترن نمونن ۾ ذڪر ڪيو آهي ۽ ڪيترا دفعا گفتگو ڪئي آهي. انهيءَ دوران هو نبين، ولين ۽ اصحابن سڳورن سان



بہ ملاقات جو ذڪر ڪري ٿو جن ۾ حضرت ابوبڪرؓ، حضرت عمرؓ، حضرت عثمانؓ، حضرت عليؓ، حضرت خضر عليہ السّلام، حضرت موسيٰ، حضرت عيسيٰ سان ڳالهہ ٻولهہ جو بيان ڪري ٿو. رسول الله ﷺ سان ڪيترا ڀيرا پنهنجي ملاقات بابت ٻڌائي ٿو.(57)

انهيءَ پس منظر ۾ سندس ڪتاب ڪي ’رويا‘ تي مشتمل تصنيف قرار ڏنو ويو آهي. ياد رهي تہ صوفين وٽ خواب کان مٿي ’رؤيا‘ آهي جيڪا حقيقت جي قريب آهي جنهن لاءِ هو قرآن جي سورت يوسف مان دليل وٺن ٿا جتي حضرت يوسف خواب ۾ سج چنڊ ۽ يارهن تارن کي پاڻ کي سجدو ڪندي ڏسي ٿو ۽ ان کي رؤيت ڪوٺيو ويو آهي.

روزبهان هڪ ٻيو مڪاشفو بيان ڪندي چوي ٿو تہ هڪ دفعي جڏهن آءٌ خداوندي ديدار جي درياءَ ۾ غرق هوس تہ مون ڏٺو تہ ان وقت شيخ ابوعبدالله خفيف، ابواسحاق شهريار، جنيد، رويم، بايزيد بسطامي ۽ ڪي ٻيا گهوڙن تي سوار گڏجي خدا تعاليٰ ڏانهن وڃي رهيا هئا.

هڪ ٻئي مڪاشفي موجب پاڻ ڪي هڪ قبرستان ۾ ڏٺائين. اچا انهيءَ حال ۾ هو جو ڏٺائين ته هڪ ولي ڳاڙهي لباس ۾ ملبوس قبر مان ٻاهر نڪتو. هن ڪي مٿي تي به ڳاڙهي ٽوپي هئي. هو اتي هلڻ لڳو ته هن سان ان ڳوٺ جا ٻيا ولي به اتي هلڻ لڳا ۽ مون سان گڏجي شيراز ۾ آيا. شيراز ۾ پهتاسون ته اتي قبرن ۾ مدفون سڀ اولياء قبرن مان نڪري اسان جي استقبال لاءِ آيا تان جو اسان شهر ۾ آياسون. اهو زمانو هو جڏهن مون خدا ڏانهن رجوع جو پڪو ارادو ڪيو هو. ان وقت مون ڏٺو ته آءُ اوپر طرف آهيان ۽ حق تعاليٰ پنهنجي ازلي جمال سان مون تي اهڙي تجلي وڌي جو منهنجي دل ان جي حسن ۽ سونهن ۾ ٻڏي وئي.

اهڙيءَ طرح روزبهان خدا جي مختلف صفتن جي حساب سان پنهنجا مختلف مشاهدا بيان ڪيا آهن. هو پنهنجي روحاني تجربن ۽ مشاهدن جو پهريون احوال ستن سالن جي عمر جو ۽ ٻيو پندرهن سالن جي عمر وارو ٻڌائي ٿو. ان ڪان پوءِ



جوانيءَ ۾ خدا جي ديدار جو پهريون مڪاشفو بيان ڪري ٿو جڏهن خدائي تجليءَ سان همڪنار ٿيو.

مٿين صوفين جو اهو ايڏو پس منظر ڏيڻ اسان ان ڪري ضروري سمجهيو چو ته مخدوم نوحؒ جي تصوف ۾ اهڙي قسم جي مشاهدن ۽ مڪاشفن جون جهلڪيون نظر اچن ٿيون. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته مخدوم صاحب جي خيالات ڪي ان لحاظ ڪان سمجهيو ۽ پرکيو وڃي، چو ته هونئن انهن ڪي سمجهڻ ۽ پرکڻ ڏکيو ٿي پوندو. انهيءَ ربت اسان تي اهو واضح ٿئي ٿو ته مخدوم صاحب جو تصوف اسلامي تصوف جي روايت جو هڪ تسلسل آهي. 'دليل الذاڪرين' مان اهو پڻ واضح ٿئي ٿو ته مخدوم صاحب ڪان علاوه سندس ڪيترن خاص ارادتمندن ڪي به اهڙي قسم جا مشاهدا ۽ مڪاشفا حاصل ٿيندا هئا. هتي اسان مخدوم صاحب جي باري ۾ 'رسالہ فتحيہ' توڙي 'دليل الذاڪرين' مان ڪجهه اهڙن مشاهدن تي مختصر روشني وجهون ٿا.

مخدوم نوحؒ جي هڪ اهم روحاني مشاهدي جو ذڪر 'حديقة الاولياء'، 'رسالہ فتحيہ' ۽ 'دليل الذاڪرين' ۾ ملي ٿو. ياد رهي ته رسالہ فتحيہ جو مصنف مخدوم نوحؒ جو پوٽو مخدوم فتح محمد آهي، جنهن اهو ڪتاب سال 1019ھ ۾ تصنيف ڪيو. هو لکي ٿو:(59) "اسان جي حضرت قبلہ مخدوم نوحؒ جن حضرت ابوبڪر صديقؓ ۽ حضرت عليؓ جي واسطي سان رسول الله ﷺ جن کان باطني صحبت حاصل ڪئي. هڪ ڏينهن ابوبڪر صديق ۽ حضرت علي رضي الله عنهما وٽن آيا ۽ فرمايائون ته 'رسول الله ﷺ جن توهان کي طلب فرمائي رهيا آهن. پوءِ آءٌ انهن سان گڏجي سندس خدمت ۾ حاضري ڏيڻ لاءِ روانو ٿيس ۽ ان جاءِ تي پهتس، جيڪا ڏاڍي عجيب ۽ بي مثال هئي مٿي چاڙهايل انهن ٻنهي بزرگن هن فقير کي انهيءَ جاءِ تي وڃڻ جو اشارو ڪيو ۽ پاڻ ڪنهن ٻئي پاسي هليا ويا. پوءِ جڏهن انهيءَ عجيب ٽڪريءَ تي چڙهيس ته الله اڪبر چيم ۽ هيءَ دعا پڙهيم: "اللهم لڪ الشرف عليٰ ڪل شرف وللڪ الحمد عليٰ



ڪلّ مڪان" ترجمو: اي منهنجا الله! هر عزت کان مٿي تنهنجي عزت آهي ۽ هر هنڌ ۽ هر جاءِ تنهنجي ساراهہ آهي.

اتي زبردست جمال، جلال ۽ عظمت واري صورت ۾ حضرت عيسيٰ روح الله کي ڏٺم ۽ جلدي جلدي سندن خدمت ۾ پيش ٿيس. پاڻ ڏاڍي عزت ۽ گرم جوشيءَ سان مليا. سندن هٿ مبارڪ ۾ هڪ تختي هئي جيڪا هن فقير کي عنايت ڪيائون جنهن ۾ ٽي سٽون لکيل هيون. پهرئين سٽ ۾ چار علم لکيل هئا. پر پاڻ ٻي ۽ ٽين سٽ ۾ جيڪي لکيل هو ان جي باري ۾ مون کي سبق ڏنائون جيڪو مون پڙهيو. مون کي حيرت هئي ته حضرت صديق اڪبر ۽ حضرت حيدر ڪرار مون کي چيو هو ته سرڪار دوجهان محمد ﷺ مون کي طلب فرمايو هو، پر مون کي ته حضرت عيسيٰ جي خدمت ۾ پهچايائون. انهيءَ حيرانيءَ ۾ بي انتها جلال، جمال ۽ ڪمال واري صورت ۾ رسالت جي سج تي نگاهہ پئي. اک ڇنڀ ۾ آءٌ سندن خدمت اقدس ۾ حاضر ٿي ويس. پاڻ سڳورن مون تي ڏاڍي مهرباني ۽ ٻاجهہ فرمائي. فقير جي هٿ مان تختي وٺي انهن ٽنهي سٽن جو سبق پڙهايائون

۽ تختي وري فقير جي حوالي ڪيائون. جڏهن پاڻ سگهورن اهو سبق پڙهايو ته جيڪا ڳالهه پهريائين سمجهه ۾ نه آئي هئي اها سمجهه ۾ اچي وئي.“

اهو ساڳيو نقل ’دليل الذاڪرين‘ ۾ ڪجهه ڦيرڦار سان ملي ٿو پر ان جو ماحصل ساڳيو آهي.

’رسالہ فتحيہ‘ موجب مخدوم صاحب پنهنجي روحاني عروج جو بيان ڪجهه هن ريت ڪيو. هڪ دفعي عرش عظيم کان ايترو مٿي ويس جو اتي ڏيئي جيتري روشني نظر آئي. انهيءَ هنڌ ذات پاڪ حق جو نيري قسم جو نور ڏٺم. بس پوءِ انهيءَ نور ۾ خلط ملط ٿي ويس. ان کان بعد اها حالت آهي جو اکين جي بصارت ۽ قلب جي بصيرت ۾ به ڪا شيءِ ڏسڻ ۾ نٿي اچي تاهم هميشہ ان جي لذت ۽ حظ حاصل ٿي رهيو آهي. ان وقت اها حالت هئي جو جيڪڏهن ذات حق ڏانهن نهاريان ها ته سڙي رک ٿي وڃان ها. هاڻي الله جي ڪرم سان اها دولت ۽ سعادت سدائين حاصل رهي ٿي ۽ ڪنهن به گهڙيءَ ختم نٿي ٿئي.(60)



ٻئي دفعي جو ذڪر آهي ته هڪ شخص جي دل ۾ خيال پيدا ٿيو اها ڪهڙي ڳالهه آهي جو آسمان، ڪرسي، عرشي الاهي جيڏيون وڏيون شيون دل جيتري ننڍڙي عضوي ۾ سمائجي سگهن ٿيون. تڏهن مخدوم صاحب فرمايو ته جيئن ماڻهن جي نظر ۾ آسمان وڏو ۽ ويڪرو آهي، اهائي حالت اهل صفا جي انهيءَ وقت هوندي آهي، جڏهن انهن جي دل تي الله تجلي فرمائيندو آهي.

هڪ ڏينهن روح بابت چيائون ته اهو حق تعالىٰ جو نور آهي ۽ جنهن کي نور جو مشاهدو ٿيندو آهي، ان کي ئي ”نفخت من روحي“ جي حقيقت نصيب ٿيندي آهي.

’حديقة الاولياء‘ ۾ مخدوم صاحب جو اهو قول به موجود آهي ته اڃا بلوغت کي نه پهتو هوس ته نور ظلمات جي ستر هزار حجابن کان گذري ويو هوس ۽ بلوغت کان بعد ”موتوا قبل ان تموتوا“ جو مرتبو حاصل ٿيو آهي.(61)

مخدوم نوحؒ کي رسول ڪريم ﷺ جو خاص قرب حاصل هو جنهن جو اظهار حڪايت جي انداز ۾ ٿيل آهي. ’حديقة الاولياء‘ ۾ نقل آهي ته مخدوم صاحب فرمايو الله تعاليٰ جي مهربانيءَ سان مون کي نبي ڪريم ﷺ جي پهرين ملاقات هن ريت نصيب ٿي جو پاڻ سڳورن اچي فرمايو، هٿ ڏي، مون فقير عرض ڪيو ته وضو ڪونه اٿم! تڏهن پاڻ فرمايائون، ”مؤمن جو هٿ پاڪ آهي، هٿ ڏي.“(62)

’دليل الذاڪرين‘ ۾ وري مخدوم ڪبير کان نقل آهي ته هڪ دفعي هو مخدوم صاحب اڪيلا ٻيلي جي طرف وڃي رهيا هئا. هڪ فقير سندن پويان وڃي رهيو هو. هڪ هنڌ پاڻ نفل نماز پڙهي ويهي رهيا. اوچتو اتي هڪ شخص نوراني لباس سان ظاهر ٿيو ليڪن پاڻ ان لاءِ اٿي نه بيٺا. پر ان جي گهڻي تعظيم ڪيائون. آخر اهو آيل نوراني شخص روانو ٿي ويو. ان صورتحال کان پوءِ اهو فقير مخدوم صاحب جي سامهون اچي باادب انداز ۾ ڪجهه عرض ڪرڻ لڳو. تڏهن ڪيس ٻڌايائون ته نوراني لباس وارو شخص شيخ عبدالقادر جيلاني هو. وڌيڪ چيائون ته آءٌ ان ڪري



اٿي بيهي نه سگهيس جو ان وقت نبي ڪريم ﷺ هن فقير جي گوڏن تي آرامي هئا. ٻيو نقل به اهڙي قسم جو آهي ته جڏهن سيد رڪن الدين متعلوي هڪ دفعي مخدوم صاحب جي خدمت ۾ آيو ته پاڻ هن لاءِ اٿي نه بيٺا. آخر صورتحال جي وضاحت ڪندي هن سان مخاطب ٿيندي چيائون ته ”اي سيد! دلجاءِ ڪر اوهان جي اچڻ وقت سرورِ ڪونين ﷺ جو مٿو مبارڪ فقير جي گوڏي تي رکيل هو.“

هن نقل جي تصديق لاءِ ’نفحات الانس‘ منجهان علي هئيتي جي حڪايت آندل آهي جيڪو پنهنجي شيخ جي موجودگيءَ ۾ اهڙي ڪيفيت مان گذريو هو. ان کان پوءِ علي هئيتي چيو هو ته مان خواب ۾ پئي ڏٺو ۽ شيخ پاڻ بيداريءَ ۾ پئي ڏٺو. تڏهن حديث جا هي الفاظ پڙهيائين جو پاڻ سڳورن فرمايو آهي: ”من رأني في المنام فيرأني في اليقظة“ يعني جنهن مون کي خواب ۾ ڏٺو اهو مون کي سجاڳيءَ ۾ به ڏسندو.

’دليل الذاڪرين‘ ۾ آهي ته هڪ طالب کي دل ۾ خيال آيو ته حقيقت ڇا آهي؟ مخدوم صاحب فرمايو ته حق تعاليٰ جي

باري ۾ جيڪا تنهنجي وهم ۽ خيال ۾ اچي ته حق تعاليٰ کي انهيءَ کان پاڪ يا مٿي سمجهين. هن جي ذات کي نه آسمانن ۾، نه زمين ۾، نه وري ڇهن طرفن جنهن ۾ ڇئن طرفن کان سواءِ هيٺ ۽ مٿي به اچي وڃن ٿا، انهن ۾ سمجهين. تڏهن ان طالب وري خيال ڪيو ته پوءِ ان ذات جو يقين ڪيئن ڪري سگهجي ٿو. فرمايائون ته:

"قلب المؤمن عرش اللّٰه تعاليٰ"

يعني: مؤمن جي دل الله تعاليٰ جو عرش آهي.

قرآن شريف ۾ آهي ته:

اَلرَّحْمٰنُ عَلَي الْعَرْشِ اسْتَوٰىٰ (طٰهٰ: 5)

يعني: رحمان (الله تعاليٰ) پنهنجي شان سان عرش تي قائم آهي.

ان کان پوءِ حديث قدسي پڙهيائون: "و اِنّ في جسد آدم لمضغة و في المضغة فواد و في الفواد قلب و في القلب روح و



في الروح سرّ و في السرّ خفي و في الخفي اخفاءَ و في الخفاءَ انا."
يعني: بيشڪ انسان جي جسم ۾ گوشت جو هڪ ٽڪرو آهي ۽ ان ٽڪري ۾ جان آهي، جنهن ۾ وري دل آهي ۽ دل ۾ روح آهي ۽ روح ۾ راز آهي ۽ راز ۾ خفي آهي ۽ ان خفي ۾ اخفيٰ يعني وڌيڪ ڳجهه آهي ۽ انهيءَ ڳجهه ۾ آءٌ آهيان.

تڏهن وري ان طالب جي دل ۾ اهو خيال پيدا ٿيو ته عرش ۽ ڪرسي پنهنجي ايڏي وسعت هوندي سرنهن جي هڪ داڻي مثل شيءِ ۾ ڪيئن سمائجي سگهندا يا انهيءَ جو مقصد ڇا آهي؟ فرمايائون ته جهڙيءَ طرح اک جي ماڻڪيءَ واري نقطي ۾ زمين ۽ آسمان اچي سگهن ٿا تيئن دل جو حال به ائين آهي. نبي ڪريم ﷺ تڏهن فرمايو آهي: "لايسعني ارضي ولاسمائي ولڪن يسعني قلب عبدي المؤمن." يعني مون کي منهنجو آسمان ۽ زمين سمائي نه ٿا سگهن، پر منهنجي مؤمن ٻانهي جي دل مون کي سمائيندي آهي.

هڪ دفعي جڏهن منصور حلاج جي شطح يا قول "انا الحق" بابت ڪنهن سوال ڪيو ته مخدوم صاحب فرمايو ته ڪن

فقيرن جو ڪلام بہ منصور وانگر هوندو آهي پر اهو شريعت جي لباس ۾ هوندو آهي. تڏهن چيائون تہ " **لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ**" جو مطلب "لاشيءِ موجود غير **الله**" يعني **الله** کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ موجود ناهي. مطلب منصور جي ان قول جو مطلب بہ اهوئي سمجهڻ گهرجي.

هتي اهو ٻڌائڻ مناسب آهي تہ امام غزالي 'ڪيميائي سعادت' ۾ پڻ توحيد جو اهو آخري ۽ اعليٰ درجو ڄاڻايو آهي. جنهن کي هو توحيد جو ڪمال ڪوٺي ٿو جنهن ۾ عارف حق کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نٿو ڏسي ۽ پاڻ کي پوريءَ ريت وساري يعني فنا ڪري ڇڏي ٿو.(63)

تصوف جي سڀني سلسلن ۾ ذڪر جي خاص اهميت آهي ليڪن ذڪر جي لفظن ۽ ترتيب ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ فرق ضرور آهي. ذڪر جي اها اهميت قرآن جي آيت: "**فاذڪروني اذڪرڪم**" يعني: توهان مون کي ياد ڪريو تہ آءٌ توهان کي ياد ڪريان مان مراد وٺن ٿا.



'دليل الذاڪرين' موجب مخدوم نوحؒ هن آيت جي سمجهاڻي هن ريت ڏيندا هئا تہ رب تعاليٰ فرمايو آهي تہ توهان مون کي زباني ذڪر سان ياد ڪريو تہ مان توهان کي قلبي ذڪر جي توفيق ڏيان ۽ جڏهن توهان قلبي ذڪر سان ياد ڪندا تہ توهان کي روحي ذڪر جي توفيق ڏيندس."

'رسالہ فتحيہ' ۾ وري ذڪر جي باري ۾ چيائون تہ هر هنڌ ۽ هرحال ۾ جيڪو ڪم ڪار ڪجي ۽ ڪهڙي بہ مشغولي چونہ هجي، هرگهڙيءَ " **لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ**" پڙهندو رهي. شريعت جا جيڪي بہ احڪام آهن تن جي پوئواري ڪري ۽ جن کان منع ٿيل آهي تن کان پاڻ کي روڪي. ائين ڪرڻ سان دل نور سان ٽمٽار رهندي ۽ جسم جا سڀ عضوا **الله** جي اطاعت جي نور سان منور ٿي پوندا. بلڪ ٻانهي جي ظاهري ۽ باطني حواسن ۾ نورانيت جا جلوا موجود ٿي پوندا. اهڙيءَ طرح جڏهن فرضن جي ادائگيءَ سان گڏ نفلن ذريعي **الله** تعاليٰ جي رضا جو طالب ٿي گذاريندو تہ ڪيس **الله** تعاليٰ جي محبت حاصل ٿي ويندي جنهن بابت هيءَ حديث شاهد آهي: "**وما تقرّب اليّ عبدي شيءِ اَحَبُّ اِليّ**

**"مّما افترضت عليہ"** يعني: منهنجو ٻانهو مون کي ايستائين ويجهو نٿو ٿي سگهي جيستائين هو منهنجي پسنديده شيءِ يعني فرض جي ادائگي نٿو ڪري. فقط انهيءَ طريقي سان هو محرم راز ۽ اسرارن جو ڄاڻو ٿي ويندو آهي ۽ ان کان پوءِ هو جيڪي ڪجهه ٻڌندو آهي، حق جي طرفان ٻڌندو آهي، جيڪي ڪجهه چوندو آهي، حق جي طرفان چوندو آهي. گويا قرب نوافل واري درجي تي پهچندو آهي جنهن لاءِ چيو ويو آهي: **"ڪنت سمعه وبصره وقلبه و يده ورجله"** يعني: هن جو ٻڌڻ، ڏسڻ، هن جي دل، هٿ ۽ ڄنگهون خدا جي مرضيءَ سان هلنديون آهن. تڏهن ان ٻانهي تي **"انا اقول وانا اسمع"** يعني: مان چوان ٿو ۽ مان ٻڌان ٿو. جي حقيقت واضح ٿيندي آهي. اهو درجو قرب فرائض جو آهي جڏهن ٻانهي جي ذات الله جي ذات ۾ فنا ٿي ويندي آهي. انهيءَ وقت هو پاڻ کي علمي لحاظ سان توڙي مشاهدي ۾ فاني ڏسندو آهي ۽ محسوس ڪندو آهي. تڏهن ڪيس صفات خداونديءَ جو مشاهدو حاصل ٿيندو آهي ۽ سندس ڪيفيت اها هوندي آهي: **"لا ذاڪر ولا مذڪور ولا مشهود ولا ناظر ولا منظور الاالله"** يعني: الله کان سواءِ نہ



ڪنهن جو ذڪر ڪندڙ هوندو آهي ۽ نہ ڪا شيءِ ذڪر جوڳي هوندي آهي، نڪا هستي ڏسڻ جي لائق هوندي آهي، نڪو ڏسندڙ هوندو آهي ۽ نڪو ڏٺل هوندو آهي.(64)

صوفين ذڪر کي سڀني عبادتن کان وڌيڪ قرب الاهيءَ جو ذريعو قرار ڏنو آهي. هن ڪتاب جي مؤلف پڻ ذڪر جي باري ۾ پورا ٻہ باب قائم ڪيا آهن. جن ۾ قرآن، حديث ۽ ٻين ڪتابن مان ذڪر جي اهميت تي تفصيلي روشني وجهي ٿو ۽ ان ۾ مخدوم نوحؒ جي حوالي سان ذڪر جي باري ۾ سندس ارشادات ۽ طريقو بہ بيان ڪري ٿو. مخدوم صاحب جو چوڻ هو تہ پهريائين پڪي توبهہ ڪرڻ گهرجي تنهن کان بعد **"الله"** جو اسم زبان تي اچي تہ جيئن غافلن مان نہ ٿجي ۽ اها معنيٰ **" ےَ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ"** جي ذڪر واري ڪلمي ۾ موجود آهي. يعني غير جي نفي توبهہ برابر آهي ۽ ذڪر ان جو اثبات آهي. ان ڪري **" ےَ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ"** جي ذڪر جو ڪلمو ٻن توبهن جي وچ ۾ آهي.

هڪ طالب جڏهن خفي ذڪر جي اجازت گهري ته چيائونس ته خفي ذڪر ڪي حرف ۽ آواز نه ٿيندا آهن جو واتان چئي سگهجي. ٻين لفظن ۾ اهو دل جو ذڪر آهي تون جلي ذڪر ۾ مشغول ٿيءُ هو عرض ڪرڻ لڳو ته جلي ذڪر ۾ گهڻائي ڏينهن مشغول رهيو آهيان. تڏهن پاڻ سمجهايائونس ته ساهه جو لحاظ رک. جڏهن ساهه ٻاهر اچي ته " لَا اِلٰهَ" سان ٻاهر آڻ ۽ "اِلَّا اللّٰهُ" سان اندر ڪڻ. گويا ڪيس "پاس انفاس" جي ترڪيب ڏسيائون.(65) انهيءَ طريقي سان جلي ذڪر تي هميشگي ڪر ته جيئن دنيا ۽ آخرت بابت اجاين وسوسن کان دور ٿي پوين. ان کان پوءِ اميد آهي ته خفي ذڪر جيڪو دل سان مشاهدو آهي واري ڪيفيت توکي حاصل ٿي سگهندي ۽ ان جي نشاني اها آهي ته واحد کان سواءِ ٻيو وجود نه ڄاڻي. نه ڏسي ۽ نه ٻڌي جيئن "بي يبصر، بي يسمع" واري حديث جي لفظن مان ظاهر آهي.

هڪ دفعي ائين به چيائون ته " لَا اِلٰهَ" ناسوتي ذڪر، "اِلَّا اللّٰهُ" ملڪوتي ذڪر، "اللّٰه" جبروتي ذڪر ۽ "هو" لاهوتي



ذڪر آهي. ٻئي طريقي سان وري هيئن چيائون ته " لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ" زباني ذڪر، "اِلَّا اللّٰهُ" قلبي ذڪر، "اللّٰه" روحي ۽ مڪاشفي جو ذڪر آهي ۽ "هو" سرّي ذڪر ۽ مشاهدو آهي.

صوفين مطابق ذڪر ئي مشاهدي ۽ مڪاشفي جو سبب بنجي ٿو. ان سلسلي ۾ شيخ شهاب الدين سهروردي 'عوارف المعارف' ۾ هيئن لکيو آهي: "جيڪڏهن ٻانهو اڪيلائي ۾ دل جي سچائي سان پنهنجي زبان مان "لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ" جو ورد ڪندو رهي ته اهو ذڪر سندس دل ۾ پاڙ هڻي وجي ٿو پوءِ ان ٻانهي جون نفساني خواهشون سندس دل مان ختم ٿي وڃن ٿيون. بلڪ ان وقت انهيءَ ذڪر جو معنيٰ ۽ مفهوم ذڪر جي جاءِ وٺي ٿو. اهڙيءَ طرح جڏهن ذڪر دل تي غالب پئجي وڃي ٿو ۽ زبان کي ان جي عادت پئجي وڃي ٿي ته دل ان ذڪر کي پاڻ ۾ جذب ڪري وٺي ٿي. بلڪ ڪنهن وقت جيڪڏهن اهڙو ذڪر دل کان دور ٿي به وڃي ٿو تڏهن به ان جو نور قائم رهي ٿو ۽ ان وقت اهو ذڪر ان نور سبب جوهر بنجي وڃي ٿو. ان کي ئي مشاهدو، مڪاشفو ۽ معائنو چون ٿا.

اڳتي چون ٿا: ”ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته ذڪر ڪرڻ واري کي حقيقتون مثالي لباس کان سواءِ ئي معلوم ٿينديون آهن جن کي ڪشف يا خبر الاهي چوندا آهن. اهو ڪڏهن مشاهدي جي صورت ۾ ٿيندو آهي ته ڪڏهن وري سماع يعني آواز ٻڌڻ يعني اندر جي آواز ٻڌڻ سان ٿيندو آهي!

هن اقتباس توڙي هن کان اڳ سموري بحث مان اهو چڱيءَ طرح واضح ٿئي ٿو ته مخدوم نوحؒ جو تصوف اوائلي تصوف جي هڪ اهڙي شڪل آهي جنهن ۾ وڌيڪ سادگي ۽ آساني نظر اچي ٿي جنهن ڪري ان مان گهڻا فيض ياب ٿيا ۽ ان کي سنڌ ۾ مقبوليت حاصل ٿي.



## مخدوم نوحؒ جي قرآن فهمي

جيئن اڳ ۾ اشارو ڪري آياسون ته اوائلي تذڪري ’حديقة الاولياء‘ توڙي ’رسالہ فتحيہ‘ ۾ مخدوم نوحؒ جي تفسيري نڪتن بابت ذڪر ملي ٿو، بلڪ خاص ڳالهه اها ته سنڌ کان ٻاهر به سندن اها شهرت پهتل هئي جو 1022هه ڌاري لکيل مشهور تذڪري ’گلزار ابرار‘ ۾ پڻ غوثي مانڊوي مخدوم نوحؒ جي همدرس شيخ يوسف کان ٻڌل انهيءَ ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهيو جو هي الفاظ لکيائين: ”قرآن پاڪ جو تفسير پاڻ ڪيترن ئي طريقن سان بيان ڪندا هئا. سنڌ جا ۽ گهڻو ڪري ٺٽي جا عالم امتحان لاءِ اچي هر هڪ فن جا مشڪلات سندن سامهون پيش ڪندا هئا.(66)

اهڙيءَ طرح مخدوم نوحؒ جي قرآن دانيءَ جو خصوصي ذڪر ’بيان العارفين‘ ۾ ملي ٿو(67) ’دليل الذاڪرين‘ موجب

هونئن ته ڪيترا عالم سندن خدمت ۾ قرآن جي آيتن جا خاص ڪري محڪمات ۽ متشابهات بابت پڇڻ ايندا هئا پر انهن ۾ خاص ٻن عالمن مخدوم حامد اگهمي ۽ مخدوم جعفر بوبڪائي جهڙن فقيهن جا نالا به شامل آهن. هڪ لحاظ کان ڏٺو وڃي ته پاڻ نه رڳو متشابهات پر محڪمات جو تفسير به مختلف نموني ۾ ڪيو اٿن جيڪو گهڻي ڀاڱي صوفيانه روايت مطابق آهي تاهم ان ۾ ڪي جدت وارا نڪتا به ملن ٿا. مثلاً ’بيان العارفين‘ (68) ۾ هن آيت:

**قَالَ نُوحٌ رَّبِّ لَا تَذَرْ عَلَى الْأَرْضِ مِنَ الْكَافِرِينَ دَيَّارًا** (سوره71: 26)

ترجمو: نوح پنهنجي رب کي ٻاڏايو ته زمين تي هڪڙي ڪافر کي به نه ڇڏ.

انهيءَ آيت جي تشريح ڪندي هي نڪتو بيان ڪندا هئا ته ان مان فقيرن لاءِ اهو اشارو آهي ته هو ان جو مطلب هن ريت سمجهن: ”**قال نوح ربّ لاتذر علي القلب من الوسواس ديارا**“



يعني: (هر فقير جو) روح پنهنجي رب کي ٻاڏائي ٿو ته اي خداوندا. منهنجي دل مان سڀ وسوسا دور ڪر.

قرآن شريف جي سورة تڪوير جي هن آيت:

**وَإِذَا الْمَوْءُودَةُ سُئِلَتْ بِأَيِّ ذَنبٍ قُتِلَتْ** (تڪوير: 8 ۽ 9)

ترجمو: جڏهن جيئري پوريل ڇوڪريءَ کان پڇيو ويندو ته ڪيس ڪهڙي ڏوهه سبب قتل ڪيو ويو.

مخدوم صاحب انهيءَ آيت جي تفسير ۾ اڪثر اهو نڪتو ٻڌائيندا هئا ته هتي جيئري پوريل مان مراد اهي انساني نفس آهن جيڪي ذڪر کان سواءِ مرده ٿي وڃن ٿا. انهن کان اهو پڇاڻو ڪيو ويندو ته هنن ائين ڇو ڪيو؟ ٻين لفظن ۾ هن آيت جي معنيٰ کي صرف ظاهر تائين محدود نه سمجهيو وڃي.(69)

هڪ عالم نالي شيخ محمود فخري قرآن جي متشابهه آيت: ”الرحمٰن العرش استويٰ“ جي معنيٰ ۽ مفهوم بابت پاڻ چوڏهن معنائون مختلف تفسيرن مان لکي مخدوم صاحب وٽ

آيو ۽ اهي پڙهڻ لڳو. ان ڪان پوءِ چون ٿا تہ مخدوم صاحب ڪيس ٽن مهينن تائين ان آيت جو تفسير ۽ تشريح ٻڌائيندا رهيا.

مخدوم جعفر بوبڪائي جي حوالي سان وري اهو ذڪر ملي ٿو تہ هڪ دفعي هو پنهنجي شاگردن سميت قرآن پاڪ جي آيت جي تفسير ٻڌڻ لاءِ هلي آيو(70)

**قُلِ اللَّهُمَّ مَالِكَ الْمُلْكِ تُؤْتِي الْمُلْكَ مَن تَشَاء وَتَنزِعُ الْمُلْكَ مِمَّن تَشَاء وَتُعِزُّ مَن تَشَاء وَتُذِلُّ مَن تَشَاء** (آل عمران: 26)

ترجمو: چئو، اي الله، بادشاهيءَ جا مالڪ، تون جنهن کي گهرين، بادشاهي ڏين ۽ جنهن کي گهرين تہ ان کان کسي وٺين، جنهن کي گهرين تہ عزت ڏين جنهن کي گهرين تہ ذلت ڏين.

انهيءَ آيت جي تفسير ۾ مخدوم صاحب ‘تعز من تشاءُ بمحبة الفقراء و تذل من تشاءَ ببغض الفقراءَ’ فرمايو. يعني: جنهن کي الله تعاليٰ عزت ڪرڻ وارو گهرندو تہ ان جي دل ۾ اولياءَ الله جي محبت وجهندو آهي ۽ جنهن کي خوار ۽ ذليل ڪرڻ



چاهيندو آهي تہ اولياءَ الله جي دشمني سندس دل ۾ وجهندو آهي.

اهڙيءَ طرح سورة صافات جي آيت: ”**وَاللَّهُ خَلَقَكُمْ وَمَا تَعْمَلُونَ**“ جون 360 معنائون بيان ڪيائون. ٻڌندڙن ڪي حيرت وٺي وئي تہ پاڻ چيائون ”علمّني ربّي“ يعني: اهو سڀ مون کي منهنجي پروردگار سيکاريو آهي.

مشهور روايت موجب اهو سيد ابوبڪر لڪعلوي هو جنهن جي چوڻ تي بهاؤالدين دلقپوش قرآن شريف جو فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو. مولانا دين محمد وفائي جنهن قرآن شريف جو اهو نسخو سڀ کان پهريان مخدوم خاندان جي ڪتب خاني ۾ ڏٺو هو، ان جو ترقيمہ هن ريت نقل ڪري ٿو:(71)

”ترجمة القرآن يوم الخميس من شهر صفر 1011هه ختمه الله تعاليٰ و ختم ڪتابة الترجمہ بالخير والظفر في تاريخ الف و ثلاث عشر بيد الفقير بهاءالدين محرر حروف الترجمہ بفضل لله الملڪ المنان.“

معنيٰ: قرآن شريف جو هي ترجمو خميس ڏينهن صفر مهيني 1012ھ ۾ شروع ٿيو ۽ ان جي ڪتابت جو خاتمو بالخير 1013ھ ۾ فقير بهاءالدين جي هٿان ٿيو، جيڪو هنن حرفن جو ڪاتب آهي ۽ **الله** جو فضل ۽ ڪرم سان اهو ڪم پورو ٿيو.

بئي هنڌ فارسيءَ ۾ هيءَ عبارت آهي:

”تحرير ترجمہ در سال ثلاث عشر و الف بوده بدست فقير بهاؤالدين گودڙيہ باعث اين تحرير سيد سادات طالب وصول رب العالمين سيد ميان ابوبڪر لڪياري است سلمه **الله** تعاليٰ.“

معنيٰ: هن ترجمي جي تحرير جو سال 1013ھ آهي ۽ لکندڙ فقير بهاؤالدين گودڙيو آهي ۽ ان جي لکرائڻ جو باعث سيد سادات ۽ حق جو طالب سيد ميان ابوبڪر لڪياري آهي. شل خدا کيس سلامت رکي!

هتان معلوم ٿيو ته قرآن شريف جو اهو ترجمو مخدوم نوحؒ جي رحلت بعد سندس خاص معتمد بهاؤالدين دلقپوش لکي



مڪمل ڪيو جنهن جو وڏي ۾ وڏو مقصد مخدوم صاحب جي قرآن فهميءَ کي آشڪار ڪرڻ هو.(72) هتي اسان مختصر طور اهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته اهو ترجمو قرآن جي ٻين اڳاٽن ۽ خصوصاً صوفيانه تفسيرن سان ڪيتري مشابهت ۽ مطابقت رکندڙ آهي ۽ ان مان ڪهڙا خاص تفسيري نڪتا واضح ٿين ٿا.

هن قرآن شريف جي ترجمي جي خاص ڳالهه اها آهي ته ان ۾ قديم تفسيرن وانگر حروف مقطعات جو مطلب يا مفهوم ڏنل آهي. مثلاً قرآن جي سورة بقره، آل عمران ۽ اعراف وغيره جي آغاز ۾ اهڙا حروف اچن ٿا جن جي معنيٰ هن ريت ملي ٿي:

البقره جي الٓمّٓ جو مطلب ”منم خدائي ڪہ مي دانم“ يعني مان خدا آهيان ۽ مان ڄاڻان ٿو. آل عمران جي الٓمّٓ جو مطلب ”منم خدائي سزاوار پرستش ڪہ مي دانم“ يعني مان خدا آهيان جيڪو عبادت جي لائق آهي ۽ آءٌ ڄاڻان ٿو. الاعراف جي الٓمّٓصٓ جو مطلب ”منم خدائي مي دانم و هويدا مي ڪنم“ يعني

مان خدا آهيان مان ڄاڻان ٿو ۽ مان (سڀ ڪجهه) ظاهر ڪندڙ آهيان.

اهڙيءَ طرح قرآن جي سورتن يونس، هود ۽ يوسف جي شروعات الرٰ جا حروف مقطعات آيل آهن جن جي معنيٰ ڪئي وئي آهي: ”منم خدائي ڪه مي بينم“ يعني: آءٌ خدا آهيان جيڪو ڏسندڙ آهيان. سورة رعد جي شروع ۾ المرٰ جا حروف آهن انهن جي معنيٰ هن ريت ڪيل آهي: ”من خداي ڪه مي بينم مي دانم“ يعني: مان خدا آهيان ڏسندڙ ۽ ڄاڻدڙ. سورة سجده جي شروع ۾ ملندڙ الۤمۤ جي معنيٰ وري هن ريت آهي: ”منم خداي دانم هر چيز را“ يعني: مان خدا آهيان ڄاڻندڙ هر شيءِ جو.

’دليل الذاڪرين‘ ۾ جتي ٻين ڪيترن تفسيرن جا حوالا ملن ٿا، انهن ۾ ’تفسير زاهدي‘ خاص طور قابل ذڪر آهي، جيڪو 519هه ۾ مڪمل ٿيو ۽ ان جو مصنف احمد بن سليمان آهي ان ڪي فارسيءَ ۾ پهريون تفسير ٻه چيو وڃي ٿو. اهو تفسير سنڌ هند ۾ گهڻو مقبول رهيو آهي جنهن جو اثر نظر اچي ٿو. انهيءَ تفسير جي پهرين ڀاڱي ۾ الۤمۤ جي



باري ۾ عبدالله بن مسعود و عبدالله بن عباس والفحاڪ و الشعبي رضي الله عنهم جي حوالي سان هيئن لکيو آهي: **”الالف من انا و الام من الله و الميم من اعلم اي انا لله اعلم گفت من خدايم دانا تر و تاويلي است مرضي و بسنديده از آنکه عادت عرب است ڪه در ڪلام از ڪلمي بحرفي بسنده آغاز مي ڪند.“**(73) يعني: الف معنيٰ آءٌ ۽ لام الله مان آهي ۽ ميم مان مراد مان ڄاڻان ٿو. گويا مان الله آهيان ڄاڻندڙ آهيان. ڇيائين مان خدا آهيان وڌيڪ ڄاڻندڙ ۽ ان جو مطلب آهي رضا ۽ ڪافي هجڻ. اها عربن جي عادت آهي ته هو پنهنجي ڪلام جي شروعات اهڙن حروفن سان ڪندا آهن جيڪي ڪين هر لحاظ کان مڪمل لڳندا آهن.

ساڳئي تفسير زاهديءَ ۾ آل عمران جي شروع ۾ آيل الۤمۤ جي معنيٰ هن ريت ڪئي وئي آهي: ”اي خداي دانا است بحال بندگان مستحق عبادت وي است“ يعني: اهو خدا ڄاڻندڙ آهي ٻانهن جو حال ۽ اهوئي سندن عبادت جي لائق آهي.

قرآن جي سورة الاعراف جي حرفن آلمّر صٓ لاءِ وري هيئن لکي ٿو تاويل آلمّر صٓ: "اي انا لله اعلم و افضل من خداي دانا ترم و من حکم کنم ميان خلق" يعني: مان خدا آهيان ڄاڻندڙ ۽ سڀني کان بهتر مان خدا آهيان وڌيڪ ڄاڻندڙ ۽ مان ئي مخلوق تي حڪم هلائيندڙ آهيان.

هن آيت جي نزول جي باري ۾ وري هي تشريح ڪئي اٿس:

"نزول آية در حق جواب طعن کافران آمده است که قرآن را منکر شدند و گفته اند که کلام رب نيست گفته محمد است. فاقسم الله تعاليٰ بالالف و لام و الميم الالف من الله و الام من جبرئيل و الميم من محمد عليه السلام فاقسم لله بآلهية نفسه وامانة جبرئيل عليه السلام و بصدق محمد عليه السلام."(74)

ترجمو: هن آيت جو شان نزول اهو آهي ته اها ڪافرن جي انڪار جي جواب ۾ آهي جڏهن هنن قرآن جو انڪار ڪيو ۽ چيو ته اهو الله جو ڪلام ناهي بلڪ محمد ﷺ جو آهي. ان ڪري الله



تعاليٰ ڪي الف لام ۽ ميم جو قسم کڻڻو پيو. الف الله مان ورتل آهي. هتي الله تعاليٰ پنهنجي ذاتي الوهيت سان گڏ جبرئيل جي امانت ۽ محمد ﷺ جي سچائي جو قسم کنيو آهي.

هتي ان حقيقت ڏانهن اشارو ڪرڻ ضروري آهي ته حروف مقطعات جو تفسير ابن عباس (وفات: 68هه) ۾ آلمّ يعني ا ل م جا هڪ کان وڌيڪ مطلب بيان ڪيا ويا آهن. پهريون الف مان الله، لام مان جبرئيل ۽ ميم مان محمد (ﷺ). ٻيو مطلب الف مان الله جون نعمتون، لام مان سندس لطف ميم مان سندس ملڪ ۽ حڪومت مراد آهي وغيره(75)

اهڙيءَ طرح قرآن جي اوائلي تفسير ابن وهب (وفات: 308هه) ۾ پڻ ساڳئي قسم جي سمجهاڻي ملي ٿي: آلمّ- انا الله اعلم- الف من الله، والام من جبرئيل و الميم من محمد ﷺ(76)

ٻي سمجهاڻي ٻه ساڳي آهي: الالف آلاؤه (نعمتون) والام لطفه (مهربانيون) والميم ملڪه (هن جو ملڪ يا حڪومت).

ٽين سمجهاڻي الف الله جي نالي جي ابتدا آهي، لام سندس نالي لطيف جي ابتدا آهي ۽ ميم سندس نالي مجيد جي ابتدا آهي.

اهڙيءَ طرح سورة آل عمران جي الٓمٓ جي معنيٰ ابن عباس جي حوالي سان لکي ٿو: ”انالله اعلم - سورة الاعراف جي الٓمٓ صٓ جي لاءِ وري ابن عباس جي حوالي سان ٻڌائي ٿو: ”انالله اعلم و افضل“ يعني: آءٌ الله آهيان وڌيڪ ڄاڻندڙ ۽ گهڻي فضيلت وارو.

هنن ٽورن مثالن مان ئي واضح ٿي ويو ته مخدوم نوحؒ کان اڳ پڻ اها روايت موجود رهي آهي ته ڪيترن تفسيرن قرآن جي حروف مقطعات جي مطلب تي روشني وڌي آهي. ان لحاظ کان مخدوم نوحؒ ۾ ترجمي ۾ جن ٻين سورتن جي شروعات ۾



حروف مقطعات ملن ٿا، انهن مان ڪجهه وڌيڪ مثال پيش ڪجن ٿا: الدخان جي حُم معنيٰ ”تقدير ڪرده شد بودنيها.“(77) يعني: جيڪي ٿيڻو هو ان جي قسمت جو فيصلو ڪيو ويو. سورة شوريٰ حُمٓ، عٓسٓقٓ معنيٰ ”بحق حلم و مجد و علم ستاري و قدرت ما“(78) يعني: الله تعاليٰ پنهنجي حلم، وڏائي، علم، ڍڪ ڍڪڻ ۽ قدرت جو قسم کنيو آهي.

اهڙيءَ طرح حُمٓ جي حرفن سان قرآن شريف ۾ ٻيون به ڪيتريون سورتون آهن جن جي وري الڳ الڳ يا ڪجهه مختلف معنيٰ ڪئي وئي آهي. مثلاً سورة مؤمن جي حُمٓ جي معنيٰ هن ريت آهي: ”حڪم ڪردند و تقدير ڪردند بود نيها را“ يعني: جيڪي ڪجهه ٿيڻو هو ان جو حڪم ٿيو ۽ ان جي تقدير مقرر ٿي.

سورة الجاثيه جي شروع ۾ حُمٓ جي معنيٰ وري هيئن آهي: ”تقدير ڪرده شد آنچه بودني است“ يعني: هر شيءِ جيڪا ٿيڻي آهي ان جي تقدير مقرر ڪئي وئي. سورة قٓ جي شروع ۾ حرف قٓ جي معنيٰ يا مطلب ”بحق ڪوه قاف“ يعني قاف جبل

جو قسم ٻڌائي وئي آهي. سورة صٓ جو مطلب ”بحق قرآن خداوند شرف“ يعني قرآن جي عزت ۽ شرف جو قسم ٻڌائي وئي آهي. یسٓ جو مطلب ”اي سيد بشر“ يعني اي انسانن جا سردار ٻڌايل آهي. قرآن جي سورة القلم جنهن جي شروعات حرف نون ن سان ٿئي ٿي: ”**نٓ وَالْقَلَمِ وَمَا يَسْطُرُونَ**“ جي معنيٰ هن طرح آهي: ”بحق آن ماهي ڪه زمين بر پشت اوست يا بحق دوات يا بحق لوح محفوظ و بحق آن قلم از غور پانصد ساله طول ڪه جاري شد بڪائنات تاقيامت و بحق آنچه مي نويسند ملائڪه.“ يعني: قسم ان مڇيءَ جو جنهن جي پٺيءَ تي ڌرتي بيٺل آهي يا قسم ان مس ڪپڙيءَ جو يا لوح محفوظ جو يا ان قلم جو جيڪو پنج سؤ سالن کان برابر هلندو رهيو. ڪائنات جي شروع ٿيڻ سان قيامت تائين يا ملائڪن جي ان لکت جو قسم جيڪي ڪجهه هو لکي رهيا آهن. ليڪن قرآن جي ڪن حروف مقطعات جي معنيٰ نه به ڏني وئي آهي جيئن سورة مريم جي شروع ۾ ايندڙ حرف ڪٓهٰيٰعٓصٓ.



مخدوم نوحؒ جو پوٽو مخدوم فتح محمد جيڪو اڪثر ساڻن گڏ هوندو هو. پنهنجي تصنيف ’رساله فتحيه‘ ۾ اها صراحت ڪري ٿو ته وقت جا عالم گهٽن موقعن تي قرآن جي آيتن محڪمات جي مقابلي ۾ متشابهات جو تفسير پڇندا هئا. مخدوم فتح محمد جي لکڻ مان واضح ٿئي ٿو ته پهريائين پاڻ انهن عالمن کان سندن تفسير يا معنائون چڱيءَ طرح ٻڌندا هئا جيڪي اڪثر تفسيرن ۾ موجود آهن. اهي ٻڌي پاڻ چوندا هئا ته بيشڪ اهي معنائون شريعت مطابق آهن مثلاً هڪ دفعي سورة لهب جون ستر سمجهاڻيون ڏنائون. ٻئي دفعي الحمد يعني سورة فاتحه جون سمجهاڻيون ڏيندي چيائون ته جيڪڏهن پوري عمر ان جو تفسير بيان ڪبو، تڏهن به ختم ڪو نه ٿيندو. اهڙيءَ طرح هڪ موقعي تي قرآن جي هن آيت(80): **وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ وَمَا تَعْمَلُوْنَ** (الصافات: 96 ) يعني: **الله** توهان جو خالق آهي ۽ جيڪي ڪجهه توهان ڪريو ٿا. جون ستر يا اسي سمجهاڻيون ڏنائون.

هاڻي اسان هتي اهو واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته مخدوم نوحؒ کان اڳ به وڏن صوفي عالمن قرآن جي اهڙي معرفت واري تفسير جا ڪثير مثال قائم ڪيا آهن. هن سلسلي ۾ پهريون وڏو مثال عبدالله انصاري (وفات: 421ھ) جي 'تفسير عرفاني' يعني تفسير 'ڪشف الاسرار' جو آهي. ٻيو شيخ عبدالقادر جيلاني (561ھ) جو تفسير، ٽيون روزبهان بقلي (وفات: 606ھ) 'عرائس البيان' ۽ چوٿون نجم الدين ڪبريٰ (شهادت: 618) جو تفسير 'التاويلات النجميه' آهي. پوين ٻن تفسيرن جا حوالا ٻارهين ۽ تيرهين صديءَ هجري تائين سنڌ ۾ ملن ٿا.

سنڌ ۾ ان قسم جي تفسير جو نمونو تفسير 'انوار الاسرار' ۾ ملي ٿو، جنهن جو مصنف شيخ عيسيٰ جندالله ٻاٽائي (وفات:1031ھ/ 1622ع) آهي. هن جو ٿورو ذڪر 'دليل الذاڪرين' ۾ ملي ٿو. جڏهن هندستان مان آيل نعمت الله چشتي کي هالڪنديءَ ۾ ٻڌايو وڃي ٿو ته هو باقي فيض لاءِ شيخ عيسيٰ ڏانهن رجوع ڪري. شيخ عيسيٰ سوره طور جي



تفسير ۾ علم باطنيءَ جي لحاظ کان طور جبل مان مراد اهو قلب ٻڌائي ٿو جيڪو هر حالت ۾ الله تعاليٰ جو ڪلام ٻڌي ٿو ڇو ته دليون حق جون قاصد آهن يا طور مان مراد انسان جي بلندي آهي يا مراد انسان ڪامل آهي.(81) وري ڪتاب مسطور مان انسان ڏانهن اشارو آهي ڇو ته انسان ام الڪتاب آهي. والبيت المعمور ۾ بيت جو اشارو ان گهر ڏانهن آهي جيڪو استغفار ڪندڙ عارفن سان آباد آهي. شيخ عيسيٰ جند الله جو اهو تفسير قرآن جي ڇهن سورتن سورة الطور کان الحديد تائين ملي سگهيو آهي، جنهن ۾ هڪ هنڌ هو چوي ٿو ته ڪو به صوفي تيستائين ڪامل صوفي نٿو ٿي سگهي، جيستائين قرآن ڪريم جي لاءِ ست وجوه يا سبب نه ڪيندو ۽ ڪيترن اڪابرن انهيءَ طريقي سان قرآن جي تلاوت ڪئي آهي.

'دليل الذاڪرين' ۾ آيل روايت موجب مخدوم نوحؒ قرآن جي سورة تڪوير جي هن آيت جو تفسير ۽ تشريح عام معنيٰ کان مختلف انداز ۾ ڪندا هئا.(82) **وَإِذَا الْمَوْءُودَةُ سُئِلَتْ بِأَيِّ ذَنْبٍ قُتِلَتْ** (سورة تڪوير: 8-9) لفظي معنيٰ: جڏهن

جيئري پوريل نياڻيءَ کان پڇيو ويندو ته توکي ڪهڙي ڏوهه سبب قتل يعني ماريو ويو.

مخدوم صاحب جي قول موجب هن آيت ۾ انسان کي خطاب آهي ته هن پنهنجي نفس کي الله جي ذڪر کان غافل ڪري جيئري چو پوري ڇڏيو. مطلب وڏو ڏوهه الله جي يادگيريءَ کان غفلت آهي.

هن سلسلي ۾ جڏهن شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي تفسير ڏانهن رجوع ڪريون ٿا ته اتي هيءَ عبارت ملي ٿي جنهن جو پڻ ساڳيو مطلب نڪري ٿو. "أي ابكار المعاني و المعارف الاهية الودعة المدفونة في اراضي الطبائع والاركان، مع اتصافها بالحياة الازلية الابدية سئلت عن سكان تلک البقاع، و من تلک المخدرات الحسان بايّ ذنب حرية." قتلت = ترکت و دُفنت(83)

ستين صديءَ جي وڏي صوفيءَ نجم الدين ڪبريٰ 'تاويلات نجميه' ۾ هن آيت جي سمجهاڻي هن ريت لکي



آهي.(84) يعني "سُئلت عن الخواطر الهامية التي وردت علي السالک و هو نفاها و قتلها ووأدها في قبر القلب و ظلمها" ترجمو: جڏهن انهن الهامي خيالن بابت سالڪ کان پڇا ڪئي ويندي جيڪي مٿس وارد ٿيا جن کي هن بيڪار سمجهي ماري ڇڏيو ۽ جيئري قبر جهڙي قالب ۾ ظلم سان پوري ڇڏيو.

شيخ اڪبر ابن عربي پنهنجي تفسير ۾ (85) "بايّ ذنب قتلت" مان مراد نفس حيوانيءَ جو نفس ناطقه مٿان غالب ٿيڻ ۽ هن کي پنهنجي اصلي خواص کان منع ڪرڻ سمجهي ٿو.

اهڙيءَ طرح روزبهان بقلي سورة تڪوير جنهن ۾ اها آيت موجود آهي. ان جي تشريح ۾: "اذالشمس ڪُوّرت و اذالنجوم انڪدرت" جي سمجهاڻي ڏيندي چوي ٿو ته هنن آيتن ۾ عارفن جي قلب تي الاهي تجلين جي ظهور بابت اشارا آهن. ان ريت هو پوري سورة جي سمجهاڻي ڏئي وڃي ٿو ليڪن مٿين آيت جي رواجي ترجمي تي اڪتفا ڪري ٿو.(86)

اسان جي دور جي فارسيءَ جي وڏي عالم ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان مخدوم نوحؒ جي ترجمي جي 911ھ ۾ ڪيل هڪ نامعلوم ترجمي ۽ 1151ھ ۾ شاھ ولي الله جي مشهور فارسي ترجمي سان ڀيٽ ڪئي آهي- هو قرآن جي سورة والعاديات جي ٽنهي ترجمن بابت پنهنجي راءِ هن ريت ڏني آهي:

A comparative study of the above three translations of the same Surah clearly shows that the one by Makhudum Nuh is simple and literal- two significant reating of his work.

يعني ٽنهي ترجمن جو ساڳي سورة جي باري ۾ تقابلي مطالعو ٻڌائي ٿو تہ مخدوم نوحؒ جو ترجمو سادو ۽ لفظي معنيٰ جي قريب آهي- سندس ترجمي جون اهي بہ اهم خصوصيتون آهن.



آخر ۾ اهو ٻڌائڻ ضروري ٿو لڳي تہ مخدوم نوحؒ جي ترجمي ۾ حروف مقطعات جي سمجهاڻي تقريباً اها ساڳي ملي ٿي جيڪا ڪانئس اڳ وارن ڪيترن تفسيرن ۾ موجود آهي. اهڙيءَ طرح قرآن جي ڪن آيتن جو تفسير جيڪو گهڻو مشهور ٿيو، ان جا پڻ ڪجهہ مثال اڳين صوفي تفسيرن ۾ ملن ٿا. جنهن سان مخدوم نوحؒ جي قرآن فهمي واري روايت صوفيانہ روايت جو تسلسل معلوم ٿئي ٿي، جنهن ۾ ڪي نيون ڳالهيون يا اشارا ضرور موجود آهن.

حوالا


1. تاريخ معصومي، ص 152
2. ساڳيو، ص 155
3. ساڳيو، ص 157
4. تاريخ طاهري، ص 65

5. تاريخ معصومي، ص 182
6. همايون نامہ، ص 158
7. ساڳيو، ص 201
8. مثنوي مظهر اﮮثار، ص 40
9. پورچوگيز هندستان ۾، ص 52
10. تاريخ معصومي، ص 256
11. ساڳيو، ص 256 ۽ تاريخ طاهري، ص 164
12. تاريخ طاهري، ص 179
13. تاريخ معصومي، ص 295
14. تاريخ طاهري، ص 194
15. ساڳيو، ص 203
16. تاريخ معصومي، ص 300
17. مآثر رحيمي، ص 119
18. تاريخ معصومي، ص 399
19. ساڳيو، ص 304
20. تذڪره مخدومان هالا، ص 52
21. تحفة الروح، ص 47
22. ڪليات امين، ص د ۽ ح
23. تذڪره مخدومان هالا، ص 45



24. حديقة الاولياء - فارسي، ص 134 - 135
25. ساڳيو، ص 133
26. تحفة الڪرام، ص 374
27. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ص 302 - 303
28. تذڪره مشاهير سنڌ - ڀاڱو ٻيون، ص14
29. راحت الروح، ص 32
30. ڪافي، ص 182
31. تذڪره مشاهير سنڌ - ڀاڱو ٻيون، ص 6 - 7
32. حديقة الاولياء - فارسي، ص 139
33. مڪاتيب - فارسي - غزالي ،ص 45
34. سيرالعارفين، ص 158
35. تحفة الڪرام، ص 616
36. بيگلر نامہ - فارسي، ص 88 - بيگلرنامہ - سنڌي، ص40
37. ذخيرة الخوانين - فارسي - جلد اول، ص 179 - 180
38. تحفة الڪرام، ص 191
39. مآثر رحيمي، ص 119
40. تحفة الڪرام، ص 185، ترخان نامہ، ص143، تاريخ طاهري، ص 167

41. تحفة الڪرام، ص 191
42. رهاڻ هيرن ڪاڻ - ڀاڳو ڀيو، ص 208
43. سڪينة الروح - (قلمي) ص 584، راحت الروح، ص 108
44. المنقذ من الضلال، ص 50، چوٽڪارو، ص 79
45. رسالہ فتحيہ، ص 402 - 403
46. ڪشف المحجوب - سنڌي، ص 366
47. ڪشف المحجوب - فارسي، ص 259
48. ڪتاب اللمع - عربي، ص 328
49. تذڪرة الاولياء - فارسي، ص 202- 206
50. A.J Aroberry: Revelation and Reason in Islam, P.
1068107
51. تذڪرة الاولياء - فارسي، ص 661
52. ساڳيو، ص 663
53. ساڳيو، ص 66
54. بيان العارفين، ص 296
55. عبهر العاشقين، ص 90
56. ڪشف الاسرار و مڪاشفات الانوار، ص 107
57. ساڳيو، ص 106
58. ساڳيو، ص 168



59. رسالہ فتحيہ، ص 386 -387
60. ساڳيو، ص 427
61. حديقة الاولياء - فارسي، ص 138
62. ساڳيو، ص 137
63. ڪيميائي سعادت - فارسي، ص800
64. رسالہ فتحيہ، ص 430
65. راحت الروح، ص34
66. گلزار ابرار- سنڌي، ص 451
67. بيان العارفين، ص 231
68. ساڳيو، ص 260
69. راحت الروح، ص 38
70. ساڳيو، ص 38
71. تذڪره مشاهير سنڌ - ڀاڳو ڀيو، ص 13 - 14
72. القرآن الحڪيم - فارسي،مولانا قاسمي، ص 17
73. تفسير زاهدي، ص 11
74. ساڳيو، ص 75
75. تفسير ابن عباس، ص 35
76. تفسير ابن وهب، ص 16

اصل نسخي جو آخري ورق



# دليل الذاڪرين

[سوانح ۽ معارف غوث الحق مخدوم نوحؒ]

## ديباچو

### بسم الله الرَّحمٰن الرَّحيم

**الحمدلله ربّ العالمين والصلاة والسّلام عليٰ سيد المرسلين و عليٰ آلہٖ اجمعين.**

سڀ ساراهون جهان جي خالق ۽ مالڪ کي سُونهن، جيڪو سيني جو پالڻهار آهي. بيشڪ اهو (محمد ﷺ) بالابخت وارو آهي، جنهن جي مبارڪ ۽ روشن چهري کان سج جهڙي چمڪندڙ ستاري کي بہ ٿورو حصو مليو آهي. اهوئي دانائي جو اعليٰ نور ۽ برڪتن وارو آهي. اهو اهڙو تہ صاف ضمير ۽ روشني ڦهلائيندڙ آهي جو سندس سامهون هن جهان کي منور ڪندڙ سج بہ سلامي آهي. اهو اهڙو فيض بخشيندڙ آهي، جنهن جي هدايت ۽ ارشاد جي دسترخوان تي هن ڌرتيءَ تي آباد سڀ



انسان سندس مهمانيءَ ۽ مهربانيءَ ۾ پاڳي پائيوار آهن. اهي هن جا هدايت يافتہ ئي آهن جن پنهنجي وجود کي چڪيءَ وانگر پيهي خاڪ ڪيو آهي ۽ اها ئي خاڪ حورن ۽ رضوان جي اکين جو سرمو آهي. هن جي سعادت جي انتها اها آهي جو سندس اسم گرامي: "**انا افصح العرب والعجم**" [آءٌ عرب ۽ عجم ۾ وڌيڪ فصيح آهيان.] جيڪو عالي لقب "**انا سيد ولد آدم**" [آءٌ اولاد آدم جو سردار آهيان.] ۽ جيڪو مقامِ محمود جي جهندي وارو ۽ قيامت ۾ شفيع شافع (يعني حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ) آهي.

ڪماليت ۽ سرفرازيءَ جو سهڻو سرو، حُسن جي باغ جو لازوال ٻوٽو ۽ فضيلت ۽ افضليت جي محفل جو مير آهي. اهوئي انتهائي جلال واري ذات جو سهڻي صورت وارو محبوب آهي. هو اعليٰ خصلتن ۽ سهڻين صفتن واري پُر ڪشش چهري جي تر جي مثال آهي. هو باري تعاليٰ جو خاص الخاص منظورِ نظر آهي. اهو ئي عقل وارن جي دلين جو قبلو ۽ ادب سان جهڪندڙن جي توجہ جو مرڪز آهي. هو دعا گهرندڙن جي مُصلن جو سجده گاه

آهي ۽ جيڪي دعا جي مقبوليت سان سرفراز آهن تن لاءِ چمڻ جي جاءِ آهي. اهو ئي قدسي لقبن وارو صفا جي صحيفي جي ابتدا آهي ۽ قرب ۽ انتخاب جي مجموعي جي انتها آهي. هو دائمي وصال واري نسخي جي فهرست ۽ دائمي قبوليت واري رسالي جو خاتمو (يعني حضرت مخدوم نوح) آهي.

هو جوان مردن جي کاڻ جو گوهر ۽ مروت جي کاڻ جو مقبول گوهر آهي. اهو ئي جوان مردن جي جوهر جي جوت، سخاوت ۽ عنايت جي درياء جو گوهر آهي. هو ازلي هدايت جو رهنما ۽ ڪرامتن جي انوار جي تجلي، عالمِ جبروت جي راهه جو رهبر، عالم ناسوت ۾ تقليد جو مثال، ذوق ۽ وجدان جي جهنگ جو شينهن، شهود ۽ عرفان جي محفل جو سينگار، الاهي تجليات جي نشانين جو مظهر، سبحاني فيض جي انوارن جو مرڪز، خدا شناسي جي دفتر جو ديوان، اڻ ڪُٿ معارف جي قصيدن جو قافيو، الاهي اسرارن جو گنج جو مالڪ، نقد ۽ رائج سِڪن جي ڪسوٽي، اڳين چڱن خاندانن جو اصل، مان ۽ مرتبن واري خاندان جو برگزيده، اڪيلائي اختيار ڪندڙن سان گڏ



گذاريندڙ، نويڪلائي جي سامان نباهه ڪندڙ، نفس ڪشي جي صحرا ۾ تيز اُڏامندڙ، بلند پروازيءَ جي معرڪي جو مهندار، لائق فخر انسانن جي اکين جي ٺڌاڻ، اعتبار وارن انسانن جو چشم و چراغ، فيض جي ابتدا ڪندڙ ذات جو نوازيل، اڇاڻ ۽ ڪاراڻ جي دفترن جو ڄاڻو، انسانن جي اک جي ماڻڪي، ماڻهپي وارن ماڻهن جي آبرو، حق سان آشنائي رکندڙ بلبل ۽ حق جا ٻول ٻڌائيندڙ طوطي شيرين ڪلام، سمورن جهان وارن جي اميد جو مرڪز ۽ محور، اهو حضرت (مخدوم) محمد زمان آهي.

انهيءَ سعادت جي دولت سان سرفراز سردار جي دست بوسيءَ جي برڪت سان صاف دل وارن ۽ حقيقي معارف آگاهه انسانن لاءِ خوشيءَ ۽ سرور جا دروازا کليا ۽ ان سان گڏ هنن لاءِ حوصلي جي ڪشادگي ۽ مُسرت جو سامان تيار ٿيو. انهن مان هڪ اهڙي روشناس جي مناقب ۾ قابل فخر ڳالهين ڪي نا قابل برداشت وزن جي باوجود دل ۾ گهڻي خوشي محسوس ٿي. ۽ هن سلسلي ۾ وڏين رڪاوٽن ۽ پريشانين جيڪي سدائين اهڙي ڪم دوران سامهون اينديون آهن تن سان منهن ڏيڻو پيو. وڏي ڳالهه نه

تقدير جي شفاخاني مان پڻ ڪا تسلي بخش ۽ اطمينان جوڳي مرهم حاصل نہ ٿي. جنهن ڪري اها خلش وڌندي رهي. ليڪن ان دوران ايترو ضرور ٿيو تہ قدرت طرفان مڙني حالتن ۽ واقعن بابت ڪي واضح اشارا صاف نظر اچڻ لڳا ۽ ان طرح انهن واقعن جي ترتيب، اسلاف ۽ بزرگن جي ماحول ۽ سندس اخلاق بابت وڌيڪ معلومات رسالي جي صورت ۾ گڏ ٿيندي وئي جيڪا جهان وارن جي اکين ۽ دماغ کي روشن ۽ معطر ڪرڻ لاءِ ڪافي هئي. اهو سڀ ڪجهہ ان ڪري ضروري هو تہ جيئن هن ڪان پوءِ وقت بوقت ايندڙ انسان ۽ چڱائي جي واٽ ڳوليندڙن لاءِ بابرڪت سنت جي پابندي ۽ بزرگن جي دعا سان ڪين فاسد ۽ غلط عقيدن ۽ عادتن کان ڇوٽڪارو نصيب ٿئي. اهڙي طرح جيئن مڙني مخلص ۽ دوستن جي جماعت ۽ اهي ٻيا گهڻا معتقد ۽ خادم جيڪي ان چانئٺ سان عقيدت جي نسبت رکڻ وارا آهن حق ۽ سچ جي راهہ تي گامزن رهي سگهن. ان لاءِ اهي حضرات جيڪي ساڻس همراهہ رهيا يا گڏ اُٺيا ويٺا يا جن جي وٽس اچ وڃ رهي اهي پڻ هر صورت ۾ بلڪ ذڪر سمجهي شامل ڪرڻ گهرجن. اهو ئي سبب



آهي جو تمام گهڻي غور ۽ فڪر بعد گهٽين ڳالهين کي پاسي تي رکندي خير جي طلب ۽ اجر جي ان اميد تي محسوس ٿيو تہ جنهن کي حڪم ڪيو ويندو آهي، اهو مجبور رهندو آهي. لهٰذا الله ڪريم ڪارساز جي ڪرم ۽ هن جي مضبوط رسيءَ کي پڪڙيندي ڪيترين ڪرامتون ۽ معمول جي خلاف ٿيندڙ واقعن ۽ اهڙن ٻين ڳالهين کي بيان ڪيو ويو آهي ۽ ان سان گڏ اهي روايتون ۽ حڪايتون يا جيڪي پاڻ وصيتون ۽ فهمائشون ڪيائون، انهن مان ڪيترين هتي آنديون ويون آهن تہ جيئن انهن جي سچائي بابت اعتماد ۾ اضافو ٿئي. هن سلسلي ۾ هن ڪتاب 'فتحيہ' ۽ 'بهائيہ' وغيره مان پڻ حڪايتون آندل آهن ۽ ڪتاب جو نالو **'دليل الذاڪرين'** رکيو ويو آهي، جيڪو تاريخي پڻ آهي. اُميد تہ سلوڪ جي راهہ جا نوان پانڌيئڙا حق جي سچاٽپ ۽ ان جي معنيٰ ۽ مفهوم تي وڌيڪ غور وفڪر ڪندا، پر جيڪڏهن ڪين ڪي سطحي ڳالهيون نظر اچن يا مرتب کان سهو ۽ خطا ٿي هجي تہ ان کي معافي ۽ درگذر سان ڏڪيندا ۽ ملامت جو نشانو نہ

بڻائيندا، بلڪ خير جي دعا سان ياد فرمائيندا ۽ ان لاءِ مالڪ سائين مدد ڪندڙ آهي.



## باب پهريون

### اسلاف جي سلسلن ۽ واسطن جي باري ۾

معلوم هئڻ گهرجي تہ انسان جي خلقت متضاد شين ۽ مختلف صفتن وارن عنصرن مان ٿيل آهي. خاص طور عالمِ ملڪوت ۽ جبروت جي افراد جي مقابلي ۾ جو تہ اهي متضاد چار عناصر رکندڙ ناهن. وڏيڪ عالمِ ناسوت جو نظام حڪم هلائيندڙ حاڪم ۽ ساڳئي وقت روڪيندڙ جي نظم و ضبط کان سواءِ نہ پيو هلي سگهي، تنهن ڪري الله تعاليٰ هر زماني ۽ هر دور ۾ پيغمبر سڳورا موڪليا تانجو انهن کي گمراهي واري راهہ کان پري ڪري هدايت جي واٽ وارو رستو ڏيکارين. پوءِ ڪي انسان جيڪي روحاني جهان سان نسبت ۽ حساب رکڻ وارا هئا.

پيغمبرن سڳورن جي فقط منهن ڏسڻ سان ئي ايمان آندائون ۽ ڪن وري معجزا ڏسي ايمان آندو پر ڪي ته قتل ۽ جلاوطن ٿي ويا پر انهن ايمان نه آندو، بلڪ ضد ۽ نفرت ۾ پيش پيش رهيا چو ته انهن لاءِ ازل ۾ ئي ابدي بدبختي لکيل هئي.

**فَأَمَّا الَّذِينَ شَقُوا فَفِي النَّارِ لَهُمْ فِيهَا زَفِيرٌ وَشَهِيقٌ** (هود: 107)

[پوءِ اهي جيڪي بدبخت آهن دوزخ ۾ هوندا جتي هو ان ۾ گڏهه وانگر هينگندا.]

آخر رسولن کي موڪلڻ ۽ ڪتابن کي نازل ڪرڻ جو اهو سلسلو اسان جي پيغمبر عليه السّلام جي اچڻ سان بند ٿيو. تنهن کان بعد ولايت جي راهه کُلي وئي ليڪن الله تعاليٰ جي ولين يعني دوستن جا ٻه قسم آهن: هڪڙا ظاهري علم وارا يعني قرآن ۽ حديث جا ڄاڻو ۽ علم جدالي يعني اجتهاد جي ذريعي نون مسئلن جا حل ڪيندڙ ۽ ٻيو قسم آهي علم باطن وارن جو جيڪي وري قرآن ۽ حديث جي مغز جا ڄاڻو آهن ۽ اهو علم هنن حضرت رسالت مآب ﷺ کان حاصل ڪيو ۽ انهن



ٻنهي علمن جو سلسلو قيامت تائين هلندو. چو ته علم ٻه قسم آهي (1) علم المعاملة (2) علم المڪاشفة. وري علم المڪاشفة وارا ٻه قسم آهن: پهريون اُهي شخص جن جو سلسلو ظاهري طور تي حضرت رسالتمآب ﷺ سان ملي ٿو. عُرف عام ۾ انهن کي چار بزرگ ۽ چوڏهن خانوادا چوندا آهن ۽ ٻيو قسم اويسين جو آهي جيڪي باطني طور تي حضور ﷺ سان پاڻ کي ڳنڍيين ٿا. چئن بزرگن ۽ چوڏهن خاندانن جو اجمالي طور تي بيان هن طرح آهي جو جڏهن رسالت جي آسمان جو مُشتري (وڏي ۾ وڏو تارو) ۽ نبوت واري دين جو سهيل (تاري جو قسم) محمد ﷺ معراج واري رات ظاهري ۽ باطني مبارڪ اکين ۽ ڪنن سان جيڪي ڪين ٻڌڻو هو سو ٻڌائون ۽ جيڪي ڏسڻو هو سو ڏٺائون. تڏهن دلي خوشيءَ سان ميزبان جي وڇايل دسترخوان ۽ چٽيل تقدير کي ڏٺو ۽ قرب جو نئون مقام وري پيدا ٿيو. جيئن ان مبارڪ واپسي کي شاندار قسم سان ياد ڪيائين جو:

**وَالنَّجْمِ إِذَا هَوَىٰ مَا ضَلَّ صَاحِبُكُمْ وَمَا غَوَىٰ** (النجم:1- 2)

[قسم آهي ان تاري جو جنهن وقت اهو گم ٿيو اوهان جو صاحب نہ ڀُليو ۽ نہ ٿِڙيو.]

وري جڏهن اُهي لکل ۽ ڳجها راز جيڪي پاڻ ٻڌائون ۽ ڏنائون حضرت بيبي اُم هانيؓ سان بيان ڪيائون تہ عاشق صادق اصحابي سڳورا گڏ ٿي ويا ۽ هر هڪ کي مليل تحفن مان تحفا ڏنائون جيڪي وڏي جلال ۽ بي مثل باري تعاليٰ جي بارگاه مان آندا هئائون. اُتي حضرت علي المرتضيٰؓ عرض ڪيو تہ ان ونڊ مان مون کي اهو ڀاڱو عطا فرمايو جيڪو اتان اوهان کي مليو آهي ۽ جنهن کي باقي ماڻهن کان مخفي رکيو آهي. اهو ان جي حصي ۾ آهي جيڪو پاڻ گهر ڪري ۽ ان جو اهل هجي. تڏهن حضرت رسالتمآب عليه الصلاۃ والسّلام ان خاص وحدت واري ٿانءَ منجهان هڪ قطرو حضرت علي المرتضيٰؓ جي سيني مبارڪ تي هاريو ۽ ڪيس وڏن اصحابن سڳورن جي سينن جو رازدان بڻائي ڇڏيو. ائين ان سموري ورثي مان ملندڙ فيض جو اثر ۽ پالوٽ اميرالمومنين حضرت علي المرتضيٰؓ جي وجود پاڪ سان اڳتي درست ۽ صحيح ثابت ٿي. حضرت علي



المرتضيٰؓ جي خدمت مان چار مبارڪ فرد مريد ٿيا. پهريون حضرت امام حسن المجتبيٰ، ٻيو حضرت امام حسين عالي مقام، ٽيون حضرت خواجہ حسن بصري مُقتدا ۽ چوٿون حضرت ڪُميل بن زياد با صفا. هي چارئي اصحابي سڳورا آهن جيتوڻيڪ حضرت خواجہ حسن بصري ننڍو هو پر رسالت مآب عليه الصلاۃ والسّلام جي ڪُوزي پاڪ مان حصو مليو هئس.

پاڻ سڳورنﷺ هن لاءِ خير و برڪت جي دعا گُهري هئي تہ هو اهل **الله** جو سرواڻ ۽ اڳواڻ بڻبو. انهيءَ ڪري هنن چئن جو رُشد و ارشاد جو فيض ۽ ورثو حضرت خواجہ حسن بصري تائين پهتو. ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ ڀيري ان مبارڪ انتخاب جي باري ۾ شيخيت جي تاري حضرت ڪُميل، حضرت علي المرتضيٰؓ جي خدمت ۾ حقيقت جي معنيٰ بابت عرض ڪيو تڏهن حضرت علي المرتضيٰؓ کيس فرمايو تہ **"ما لک والحقيقة"** يعني تو کي حقيقت سان ڪهڙي مناسبت آهي؟" حضرت ڪُميل عرض ڪيو: "ڇا مان اوهان جو همراز ۽ همدم ناهيان؟ حضرت علي المرتضيٰؓ فرمايو تہ "هائو تون آهين! پر تو

کي اهو ئي ڪجهه ملندو جيڪو مون کان ٿمي هلندو.“ مطلب جيستائين الاهي اسرارن جي سمنڊن مان منهنجي اندرين ٿانوَ منجهان نه ٿمندو ته تو تي ڇا پرڙبو ۽ تو تائين ڪيئن پهچندو؟ ڪُميل عرض ڪيو ”ڇا اوهان جهڙو زماني کي جيئاريندڙن جو پيشوا ۽ منفرد اصفيا جو اڳواڻ سائلن کي خالي موٽائڻ جي صورت اختيار ڪري ٿو سگهي يعني سندس چوکٽ تي بيٺلن کي هو پنهنجي جوانمردي ۽ عزت ڀري دربار منجهان ڪيئن نااميد بڻائي موٽائيندو؟

حضرت علي المرتضيٰ؄ فرمايو: ”**الحقيقة ڪشف سُبحات الاجلال من غير اشارة**“ يعني حقيقت اشاري کان سواءِ نوراني پردن جو کُلڻ آهي. ڪُميل عرض ڪيو ”منهنجي سوچ ان گهري ڳالهه جي معنيٰ سمجهي نٿي سگهي ۽ منهنجو ذائقو ڳتي ۽ مٺي ۾ فرق نٿو ڪري سگهي، اجا به وضاحت ٿو گهران تانجو منزل کي پهچان. تڏهن چيائون: ”**محو الوهوم مع صحو المعلوم**“ يعني وهم ميٽجڻ معلوم جي صحيح هجڻ سان آهي. جڏهن انهيءَ وضاحت سان به انهيءَ عبارت مان مطلب جو جهنگ نه



جهاڳي سگهيو ته وري ٻيهر پُڇيائين ته فرمايائون: ”**جذب الاحدية بصفة التوحيد**“ يعني احديت جو جذبو توحيد جي صفت سان آهي.

انهيءَ تفصيل سان به مسئلو حل نه ٿيو ته وري عرض ڪيائين. پاڻ فرمايائون: ”**يشرق من صبح الازل فيلوح عليٰ هياڪل التوحيد**“ يعني اهو اهڙو نور آهي جيڪو ازل جي صبح کان اڀري ٿو، پوءِ توحيد جي صورتن تي ان جا آثار چمڪن ٿا. وري به اها ساڳي حالت رهي ۽ اجا به وڌو عرض ڪيائين. فرمايائون: ”**اطف السراج فقد طلع الصبح**“ يعني ڏيئو وساءِ جو بيشڪ صبح ٿي وئي آهي.

شيخ محمود بن شيخ علي ڪاشفي ’درر و ڪلي‘ ۾ انهيءَ قسم جي وڏين موشگافين جي معنيٰ گهري تحقيق سان هن طرح ڪئي آهي ته ”حقيقة فعيلة“ جي وزن تي آهي حق يحق ۽ حقيق مان مراد ثابت سمجهڻ يا رکڻ جي معنيٰ ۾ آهي. انهيءَ ۾ تاء (ت) وصفيه کان اسميه ڪرڻ لاءِ آيل آهي ۽ (لام) ذهني عهد آهي يعني اهو جيڪو ٻُڌندڙ جي ذهن ۾ حقيقتن

جي حقيقت (حقيقة الحقائق) مان آهي، جن مان مراد حق تعاليٰ جي ذات جو موجود هجڻ آهي يعني جيڪا ثابت ۽ باقي آهي ۽ ان کان سواءِ سڀ ڪجهه زائل ۽ فاني آهي. ليڪن هن حقيقت جي راز پروڙڻ يا سمجهڻ لاءِ نااهل کان احتراز لازم آهي ڇو ته ان جي سمجهڻ کان عوام جو عقل قاصر آهي. البته اُهي شخص جنهن کي الله سبحانهٗ پنهنجي مهرباني سان اهڙي واقفيت بخشي آهي ۽ اهي اولياء ۽ اصفياء آهن جيڪي هن امانت جا امين آهن ۽ خيانت کان آجا آهن.

جاڻ ته اميرالمومنين حضرت علي المرتضيٰؓ جو قول **"ما لکَ و الحقيقة"** ظاهري طور تي دلالت ٿو ڪري يعني هنن مسئلن بابت سائل جي سمجهه جي دوري تي، ڇو جو اهو اڻ واقفن مان آهي. اها انتها ٻانهي جي دل ۾ ڪهڙي طرح ايندي هئي، انهيءَ قول مان اميرالمومنين جي مراد اها آهي ته ان جي معنيٰ سائل جي اندر ۾ تمام وڏي ۽ جهجهي ڪري ڏيکارجي ته جيئن اهو ان کي هلڪو نه سمجهي ۽ ڪوشش جي وک برابر جاري رکي پر اِهو مطلب ناهي ته ڪو سائل بلڪل نااهل آهي،



جيڪڏهن نه ته هو ڪيئن پنهنجي قول جي آخر ۾ "بليٰ" جي لفظ سان جواب ڏين ها ۽ امير المومنين جو "بليٰ" وارو قول ڪُميل واري پهرئين "قول" جو جواب آهي ۽ اميرالمومنين واري قول مان معنيٰ ٿئي ٿي ته جيڪي ڪجهه باقي بچيل آهي يا وري هي معنيٰ آهي ته جيڪي قطرا ان فيض مان ٽِميا يعني جيڪي آنحضرت عليه الصلاة و السّلام جي قلب اطهر مان ٽِميا، جيڪي فيوضات اِلاهي ۽ غير مُتناهي مشاهدات جي سرچشمي جو مُنبع آهي. ڪُميل جو قول ته ڇا اوهان جهڙو سائل کي موٽائي سگهي ٿو؟ ۾ استفهام نفي جي معنيٰ ۾ آهي يعني توڙي جو مان انهيءَ مهرباني کي حاصل ڪندڙ ۽ انهيءَ مشاهدي واري دسترخوان جو لائق ناهيان پر توهان مهرباني جا صاحب ۽ قبوليت جا لائق آهيو ۽ اميرالمومنين جو قول ته نوراني پردن جو کُلڻ، حقيقت ۾ نالو آهي حق سبحانهٗ و تعاليٰ جو خلق جي پردن کي پنهنجي عظمت جي انوارن سان کولڻ جو ۽ اها وڏي رمز آهي جيڪا حقيقت جي پردن جا ڇِٽ نه ٿي کولي ۽ نه جلوه گر ٿئي ٿي، مگر ڪشفِ الاهي جي تائيد سان اها ڪنهن

بيان ۽ تعليم سان ظاهر نٿي ٿئي. بلڪ حق سبحانهٗ جي فيوضات مان آهي ۽ ”سبح“ نور کي چئبو آهي ۽ ڪشف جي ”سبحات“ ڏانهن اضافت مصدر جي بڻين مفعول ڏانهن اضافت آهي. جيڪو ان سان مقيد آهي. جهڙي طرح چيو ويندو آهي: **”ڪشف النقاب عن وجہ“** يعني پردي جو پنهنجي منهن کان هٽڻ. ۽ فاعل **الله** سبحانهٗ و تعاليٰ آهي. حاصل مطلب ته **الله** تعاليٰ جو پنهنجي وجهه مبارڪ جي نور ڪريم جي پردي جو خلق مٿان ڪولڻ. حديث شريف ۾ آهي ته **الله** سبحانهٗ و تعاليٰ جا ستر هزار نوري پردا آهن. جيڪڏهن هڪڙو به پردو ان هنڌان هٽي ته الاهي انوار جي لازمي تاب ڪان سمورا عالم سڙي وڃن ۽ انهيءَ مان مراد وجود جي تعينات جا پردا آهن جيڪي وجودِ مطلق جي نور کي ڍڪيندڙ آهن پر جيڪڏهن اهو ان کي کولي ته ان راز تان پردو کڄي وڃي جنهن لاءِ چيو ويو آهي **”وجودڪ ذنب لا يقاس به ذنب“** يعني تنهنجي وجود جو راز ڏوهه آهي، ان تي ڏوهه قياس نه ڪبو. اميرالمومنين واري قول ۾ بشارت وارو اشارو به اهو آهي. جو مشاراليہ اهو آهي جنهن ڏانهن اشارو ڪجي. اهو



معين وجود جي اشاري جي قابل آهي پر مطلق وجود ان اشاري جي قابل ناهي. جڏهن حضرت ڪُميل ان حلاوت جي منبع ۽ مطلق سمندر مان لذت لڌي ته سڙيلن وانگر عشق جي وادي مان **”هل من مزيد“** (ق: 30) [ڇا اجا وڌيڪ آهي.] جو آواز بلند ڪيائين. پوءِ امير المومنين حضرت علي المرتضيٰؓ فرمايو ته **”محو الموهوم مع صحو المعلوم“** يعني وهم ڪيل کي ميٽڻ معلوم ڪيل جي صحيح هجڻ سان گڏ يعني سالڪ جي دل واري آئيني تان خلق جي وجود جي ڪٽَ کي لاهي ڇڏڻ ته جيئن مطلق وجود جي تجليات جو آئينو ٿئي ۽ چو ته خلق جو شرف سندس وجود جي زوال سان آهي. تنهن ڪري ان کي موهوم جي لفظ سان ۽ جڏهن ته خالق جو وجود ثابت ازلي ۽ ابدي هو ان کي معلوم جي لفظ سان تعبير فرمايائون. ان ڪري علم واقعي جي ثابتي مطابق هوندو آهي پر وهم ان جي برخلاف هوندو آهي، ان ڪري حق تعاليٰ بذاتِ خود واجب الوجود آهي ۽ سيني نشانن ۾ موجود آهي. ان ڪري اعتقاد سان وجود کي ڏسڻ حق آهي ۽ ان کان سواءِ نه سمجهه ۾ ايندڙ وهم آهي

ءِ صحو جو مطلب آسمان تان ڪڪرن جو هٽڻ آهي. هي هڪ خيالي استعارو آهي يعني خلق جي وجود جي تاريڪي کي مطلق وجود ذريعي کولڻ. جيئن ته هي بيان پهرئين بيان کان وڌيڪ هو تنهن ڪري بقول: ”چو شوقم ديد در ساغر بيفزود“ يعني جڏهن منهنجي شوق وڌيڪ ڏٺو ته پيالو وڌيڪ پري ڇڏيائين. پوءِ جواب مليو: **”هتک الستر بغلبة السرّ“** يعني پردي جو کلڻ يا ڦاٽڻ راز جي غلبي سبب ٿئي آهي. [4]

انهيءَ جي معنيٰ هن طرح آهي ته بيشڪ جڏهن وجود جو راز جيڪو حق جي وجود جو گويا نالو آهي سمورن غيبن مان جلوو ڪري ٿو ته اهلِ شهود جي باطن تان پردو لاهي ڇڏي ٿو ڇو ته اهو پردو خلق جي وجود جو نالو آهي.

هيءُ بيان اڳئين کان وضاحت ۾ وڌيڪ آهي ۽ ”سِر“ سين جي زير سان ان ڍڪيندڙ شيءِ جو نالو آهي، جنهن سان ڪنهن شيءِ کي ڍڪجي ۽ ”سَر“ سين جي زبر سان ڍڪڻ جي معنيٰ ۾ آهي. پوءِ حضرت علي المرتضيٰؓ فرمايو: **”جذب الاحدية بصفة التوحيد“** يعني احديت کي سمائڻ توحيد جي



صفت سان يعني حقيقت جي خاصيتن مان هي آهي جو هو پاڻ ڇِڪي ٿو ۽ پنهنجي بيگانگي کي الڳ يا ڌار ڪري ٿو ۽ پنهنجي توحيد جي وصف کي موحد جي وهم کان پري ڪري ٿو ته جيئن ٻه رنگي ۽ ٻيائي جي بوءِ به نه رهي ۽ مڪمل هيڪڙائپ نظر اچي ۽ بيگانگي وچان هلي وڃي ۽ وري جڏهن طلب اچا زياده ڏيکاريائين ته لازماً جواب اهو مليو يعني:

**”نور يشرق من صبح الازل فيلوح علي هياكل التوحيد آثره“**

يعني اهڙو نور جيڪو ازلي صبح کان اُڀري ٿو، پوءِ توحيد جي صورتن تي ان جا آثار روشن ٿين ٿا. مطلب ته امير فاضل سائل جي ضمير تي اهو اطلاع موڪليو ۽ ان جي دل جي ڪُنڪن کي فراستِ نور سان مُشرف ڪري ڇڏيائين. ڇو ته هن جي مُنجهيل دل ۾ اهو ڪُتڪو هو ته توحيد جيڪا جاذب آهي ۽ ظاهر ۾ حدوث ڏانهن ويندڙ آهي، ڪهڙيءَ طرح قديم صفت تي سگهي ٿي ان لاءِ فرمايو ويو ته توحيد جي حقيقت اهڙو ازلي نور آهي جنهن جي روشنيءَ جا آثار الاهي صفات جي نور مان عالم خلق تي ظاهر ٿين ٿا پر جيڪي موحد آهن. اهي ان توحيد جي

نسبت سندس صفتن ڏانهن جيئن خلق سمجهي ٿي ان جي بجاءِ صرف وحدانيت ڏانهن ڪن ٿا. جڏهن هي بيان انتها تي پهچي ويو ۽ توحيد جي وصف ۽ ان سائل جو سوال ۽ حال اهڙي طرح ڏگهو ٿي پيو جو فرمايائون ته ان جو مطلب اهڙي صبح صادق ڏانهن اشارو ڪرڻ آهي جيڪو جهان کي روشن ڪندڙ سج جي ايرڻ سان ظاهر ٿئي ٿو ۽ اهو ظاهري چراغ جي اهڙي روشني کان بي پرواهه ڪري ڇڏي ٿو. جنهن بابت **"اذا طلع الصباح استغنيٰ عن المصباح"** يعني جڏهن صبح ظاهر ٿيندي آهي ته چراغ کان بي پرواهه ڪندي آهي. وارو قول شاهد آهي. **"والله سبحانهٗ الي الرشاد واليه المبدءَ والمعاد"** يعني ۽ **الله** تعاليٰ هدايت ڏيندڙ آهي ۽ ان ڏانهن ئي موٽڻ ۽ وري اُٿڻ آهي.

طريقت جي اڳواڻ ۽ حق جي حُسن کي پرکيندڙ حضرت شيخ حسن بصري پنهنجي جُودت ۽ بصيرت موجب سراپا سعادت ۽ خدمت جي نتيجي ۾ ٻن ڄڻن کي اِها امانت ڏني هُئي. هڪڙو شيخ المشائخ شيخ حبيب عجمي ۽ ٻيو اهل **الله** جي قافلي جو سالار شيخ عبدالواحد. وري شيخ حبيب عجمي



شعلہ هدايت سان نوَن فردن کي منور فرمايو ۽ انهن کي عام طور نوَ خانوادا چيو وڃي ٿو.

پهريون پنهنجي خاندان مان جيڪو شيخ جي پنهنجي نالي يعني "حبيبيان" سان منسوب آهي ۽ اُهي ٻه پيائر هئا. جيڪي نهايت پرهيزگار صالح ۽ سيني ماڻهن ۾ چاتل هئا ۽ اُهي عبدالرحمٰن بن عوف جي پيڙهي مان هئا ۽ ارادت جو حلقو دل ۾ وجهي عزلت ۽ خلوت اختيار ڪئي هئائون ۽ خلافت جي فيض سان نوازيل هئا. نسبي فخر کي ترڪ ڪري حسبي عزت قبوليائون. "تجريد" ۽ "تفريد" کي نظر ۾ رکي مڪي پاڪ جي پرسان "حرا" جبل جي غار ۾ جتي رسالتمآب ﷺ اعلان نبوت کان پهريائين مجاهدن ۽ رياضتن جي لاءِ ويندا هئا. اتي هي ٻه ويندا هئا. ست ڏينهن ۽ راتيون گذارڻ بعد ٻه فقط ڪارڪ تي روزي کولڻ واسطي ڪين شيخ جو حڪم هو ۽ ٻارهن سالن جي مدت انهيءَ حال ۾ گذاريائون. تڏهن ولايت جي در کولڻ جي چاٻي شيخ جي قول جي اجازت ۽ برڪت سان سندن هٿ ۾ آئي. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪک پن ۽ ڪارڪ تي روزو کوليندا هئا

۽ انگ ڍڪڻ لاءِ بازار مان اگھڙيون چونڊي سبندا هئا پر جيڪڏهن ڪين ڪو نئون ڪپڙو ملندو هئن ته ٻين کي ڏئي ڇڏيندا هئا ۽ گھڻو ڪري نذرانو قبول نہ ڪندا هئا. سندن خدمت ۾ جھنگ جون هرڻيون پاڻ هلي ايندينون هيون ۽ پنھنجي زبانِ حال سان چونديون هيون ته اي خدا جا دوستؤ! خدا جي واسطي اسان کي قبول ڪيو ۽ ذبح ڪري کائو.

ٻيو خانوادو "طيفوريان" جو آهي، جيڪو سلطان العارفين حضرت بايزيد بسطاميؒ جو لقب آهي ۽ اِهي پڻ شيخ حبيب عجمي جي مريدن مان آهن. هو پاڻ سخت رياضت ڪندڙ ۽ مڪاشفو ڪندڙ هو ۽ سندن عمر ڏيڍ سؤ سال هئي، پاڻ شيخ حسن بصري جي زيارت ڪئي هئائون ۽ حضرت امام جعفر صادقؒ جي خدمت ۾ بہ ويل هو ۽ سندن خدمت مان چار شخص فيض يافته ٿيا ۽ پاڻ کي حضرت طيفور سان منسوب ڪيائون. "سلطان العارفين" جا خرقا چار قسم هئا. هڪڙو مختلف رنگن جو جنهن کي شيخ مسعود اختيار ڪيو هو. ٻيو خرقئہ "هزار ميخي" جنهن کي شيخ محمود قبول ڪيو هو ۽ ٽيون "خشن



پاره" (کهرو) جيڪو شيخ ابراهيم جو پسند ڪيل هو ۽ چوٿون اُن ۽ پراڻي ڪپڙي مان ٺهيل جيڪو شيخ احمد اختيار ڪيو هو.

ٽيون خانوادو "ڪرخيان" جيڪو شيخ معروف ڪرخي ڏانهن منسوب آهي ۽ اِهو هڪ واسطي سان خواجہ حبيب عجمي تائين پهچي ٿو. انهيءَ لحاظ سان شيخ معروف ڪرخي عليه الرحمة خواجہ داؤد طائي کان ۽ حضرت خواجہ داؤد طائي، خواجہ حبيب کان خلافت ورتي ۽ ڪرخ بغداد ۾ محلو آهي.

چوٿون خانوادو "سقطيان" جيڪو حضرت سري سقطي سان منسوب آهي ۽ اِهو پڻ شيخ معروف ڪرخي جو خليفو هو ۽ اِهي ٽئي ڄڻا هئا جيڪي بادشاهي ٻارن مان هئا. ڏينهن روزي ۾ [5] ۽ راتيون قيام ڪندي گذاريندا هئا. اڪثر وظائف ۽ عبادات ۾ وقت ڪاٽيندا هئا. وڏا وڏا بادشاھ وٽن اچي حاضر ٿيندا هئا پر پاڻ تحفا ۽ نذر نياز قبول نہ ڪندا هئا.

پنجون خانوادو "جنيدين" جو آهي جيڪو شيخ جنيد بغدادي ڏانهن منسوب آهي، جنهن وٽان ٽن شخصن کي تمام

گھڻو فيض مليو. هڪڙو شيخ عثمان، ٻيو علي دقاق، ۽ ٽيون شيخ مجدد الدين منصور، جيڪو گهڻن علمن ۾ متبحر هو ۽ ستر سالن جي عمر ۾ به رياضت ۽ مجاهدن ۾ ممتاز هو. تڏهن کيس خواجہ جنيد جي خدمت مان ارادت جو خرقو عطا ٿيو. اِهي سڀ امام اعظم ڪوفيؒ جي شاگردن مان هئا، جيڪي هفتي ۾ هڪ ڀيرو افطاري ڪندا هئا، پر پنهنجي شيخ کان اِرادت واري خرقي ملڻ بعد چاليهہ ڏينهن پوءِ تڏهن افطار ڪندا هئا جڏهن هڪ فرشتو انساني روپ ۾ کير جو پيالو ڀري وٽن آڻيندو هو ۽ چوندو هو ته الله جو حڪم آهي ته اوهان کي فرشتن جي قطار ۾ شامل ڪيون ۽ سندن زبان حيٌ ۽ قديرٌ جي تقدير واري هئي ۽ سندن فيض واري صحبت ۾ جيڪو به ايندو هو ته ڪامل وليءُ بڻجي نڪرندو هو. پاڻ شيخ کان خلافت وٺڻ بعد ٻارهن سال حيات رهيا ۽ ايتري عرصي تائين سندن معارف بيان ڪندڙ زبان ڪائڻ، پيئڻ وارين شين ۾ ملوث نه ٿي ۽ غيبي ونڊ سمورن فقيرن کي ڏئي ڇڏيندا هئا. بلڪ "**اَبيتُ عند ربي يطعمني ويسقيني**" [مان پنهنجي ربّ وٽ رات گذاريندو آهيان، هو مون



کي ڪارائي ٿو ۽ پيئاري ٿو] واري دسترخوان جي چاشني وٺندا هئا ۽ سندن جان مان غيبي آواز ايندو هو ته.

**وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْإِنْسَ إِلَّا لِيَعْبُدُونِ** (الذاريات: 56)

[۽ مان نه خلقيو جنن ۽ انسانن کي مگر ان لاءِ ته منهنجي عبادت ڪن.]

يا

**مَا أُرِيدُ مِنْهُمْ مِنْ رِزْقٍ وَمَا أُرِيدُ أَنْ يُطْعِمُونِ إِنَّ اللَّهَ هُوَ الرَّزَّاقُ ذُو الْقُوَّةِ الْمَتِينُ**

(الذاريات: 57- 58)

[نه ٿو گهران انهن کان روزي ۽ نڪي گهران ٿو ته ڪارائن مون کي، بيشڪ الله ئي روزي ڏيندڙ ۽ طاقت ڏاڍو آهي.]

چهون خانوادو "گاذروني" يعني شيخ اسحاق گاذروني جيڪو ٻن واسطن سان خواجہ جنيد تائين پهچي ٿو ۽ سلطان ابواسحاق گاذروني جڏهن ڏنو ته تجريد ۽ تفريد ۾ درجن جي

زيادتي آهي تہ ظاهري سلطنت جي مٿان ان کي قربان ڪيائين. اُها ظاهري سلطنت جيڪا شيطاني کان گهڻو پري ناهي بلڪ جڏهن ارادت جو خرقو خواجہ عبدالله خفيف جي خدمت مان مليس تہ کيس خواجہ فرمايو: اي ابواسحاق! توکي دين ۽ دنيا پڻ ڏئي ڇڏي اٿئون، جهنڊو کڻ ۽ نغارو وڄاءِ، تانجو سڀاڻي روز قيامت تنهنجي پوئلڳن جو نشانِ امتياز ۽ سَند ٿئي. انهن درويشن جو شغل اڪيلائپ ۾ "بَانَتِ القُدرة" يعني قدرت ظاهر ٿي، جي لفظ ۾ جيڪو اسماءِ عظميٰ مان آهي ۾ مشغول رهڻ هو يعني قدرت ظاهر ۽ نروار ٿي اِهي حروف تهجي جا ڏهہ حرف آهن جو هر هڪ مان باري تعاليٰ جو اسم نڪري ٿو. جيئن "قاف" مان قادر ۽ "با" مان بردبار ۽ "الف" مان الله ۽ "را" مان رب اهڙي طرح پيا بہ آهن.

ستون خانوادو "طوسيان" جيڪي ٽئين واسطي سان شيخ جنيد بغدادي سان ملن ٿا. "فردوسي" ۽ "طوسي" هڪ ئي خرقي ۾ پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن پر طوسي درويشن جو نشان هي آهي تہ سماع ۾ حصو وٺن ٿا ۽ راڳ جي لئي، ترنم، شاعري جي آواز



تي ڪن ڏين ٿا ۽ ذڪر جلي رقص سان ڪندا آهن ۽ بدي ۽ نيڪي، نفعي ۽ نقصان مان جيڪو بہ ملندو اٿن، ان تي راضي ۽ شاڪر رهندا آهن. انهن جي زبان جو حال "بلاءُ المحبِّ عندي نعمة" [محبوب جي مليل مصيبت مون لاءِ نعمت آهي.] وارو آهي. هو ان قول جا وظيفہ خوان ۽ ذاڪر آهن ۽ فيض جي ورهاست ۾ سج وانگر ۽ بارش جي ڪڪر جيان آهن.

اٺون خانوادو "فردوسيان" جيڪي پڻ حضرت خواجہ جنيد بغدادي وٽان فيض يافتہ آهن. هڪ ڏينهن فردوسين جي جماعت جيڪا فردوس شهر ۾ هوندي هئي، جنهن جو اڳواڻ شيخ نجم الدين فردوسي هو ۽ شيخ علاؤالدين طوسي جن جي درميان ڀائپي ۽ برادري وارو رابطو هو. هڪ جاءِ تي گڏجي پيا. تڏهن شيخ ضياءالدين سهروردي جي خدمت ۾ اچي عرض رکيائون تہ اسان جي عمرين جو وڏو حصو مجاهدن ۾ گذريو آهي پر گوهر مقصود اڃا نہ مليو آهي. شيخ فرمايو "مان بہ اوهان جي رنگ ۾ انهيءَ خواهش جو آرزومند آهيان. اچو تہ ٽئي ڄڻا شيخ وجيهہ الدين ابوحفص عمر عمويہ جي خدمت ۾ هلون. ڇو تہ جيڪي عرش کان

فرش تائين آهي اهو هن جي تصرف جي احاطي ۾ آهي، هو مشرق کان مغرب جو اک چنبي ۾ سير ڪندڙ آهي. اچو ته پنهنجي جانين کي عاجزي ۽ انڪساري واري مضبوط رسي سان ٻڌي، اُن سچارن جي قبلي جي آستاني تي هلي پهچون. آخر ٽئي بزرگ وڏي ادب واري انداز ۾ ان برڪت ڀري خدمت ۾ اچي حاضر ٿيا. شيخ ضياءالدين سهروردي ۽ شيخ علاؤالدين طوسي کي خلافت سان ممتاز ڪري، هر هنڌ ڀهراڙي توڙي شهرن ۾ رهڻ ۽ خلق خدا کي فيض پهچائڻ جو حڪم ڪيائون. ليڪن شيخ نجم الدين ڪبريٰ جو هٿ پڪڙي شيخ ضياءالدين سهروردي جي حوالي ڪيائون [6] ته هن کي پاڻ سنوارين، سينگارين ۽ سمجهائين ته اسان جي زماني جو سِڪو هن جي نالي سان جناب ڪبريا جي جهان ۾ مروج ٿيندو. شيخ ضياءالدين ستن مهينن گذرڻ بعد بنا ڪنهن وڏيک تڪليف جي نجم الدين ڪبريٰ کي خلافت جو خرقو ڍڪايو ۽ ڪيس فردوسي سلسلي ۾ سيني کان ممتاز ڪيائين.



نائون "سهروردين" جو سلسلو: هنن جو اڳواڻ شيخ ابونجيب ڪبير آهي ۽ هن جو واسطو شيخ جنيد بغدادي سان ٽن واسطن سان آهي. شيخ ابونجيب ڪبير ارادت کان اڳ ۾ پنهنجو پاڻ کي اهڙيءَ طرح رياضتن ۽ مجاهدن جي حوالي ڪيو جو هفتي ۾ صرف هڪ ڀيرو پاڻي تي پيتائين ۽ ٽن ڪارڪن سان افطاري پي ڪيائين ۽ ٽيهه سال هرگز نه سُتو ۽ قبلي ڏانهن مُنهن ڪيون پيو هوندو هو ۽ ٻئي پاسي مٿو به نه مُوڙيندو هو.

پنج ٻيا خانواده جيڪي رياضت ڪندڙن جي سالار ۽ انهن کان باخبر آهن ۽ حق جي راهه ۾ مجاهدو ڪندڙن جا اڳواڻ آهن. بزرگن جي اجتماعي فهرست جا يادگار ۽ مشائخن جي درميان واسطو آهن. جيڪي هدايت جي رستي تي هلندڙ طالبن کي فيض بخشيندڙ آهن، اونداهين راهن کي روشن ڪندڙ شُعلي وانگر آهن، رحماني نگاهه جا منظورِ نظر آهن. سبحاني پردن کي کوليندڙ آهن. خلوت ۾ هميشگي ڪرڻ ۽ خلق سان پٺري ورونهه ڪرڻ وارا آهن. سرڪش ۽ نٽر نفس سان جنگ جوٽڻ وارا

آهن، هو ٻئي پنهنجي تعريف ٻڌڻ کان بلڪل پري آهن ۽ هميشه واري خالص شراب ۾ مخمور ۽ سدائين مسرور آهن. هو حق ڏانهن هر ان شخص لاءِ هادي آهن جيڪو حق جي راهه کان پري پيل آهي، اهو گهڻين فضيلتن وارو شيخ عبدالواحد آهي شال! الله سندس روح کي راحت رسائي. اهي پنج خانوادا هن جا مرهون منت آهن.

پهريون خانوادو ”زيدين“ جو آهي ۽ اِهي پنج ڄڻا هئا، عبدالله بن عوف جي پُٽن مان حافظ ۽ حافظن وارا هئا، اُهي اميد ۽ خوف وارا هئا. ظاهري علمن توڙي باطني علمن سان بهرور هئا، اِهي ڪيس بزرگيءَ مان خلافت جي شان سان مشرّف ٿيا. ۽ سڀ ڪجهه حوالي ڪري ڇڏيائون ۽ ڪو بہ جاندار بي جان نہ ڪيائون. هنن سخت ڪشالن ڪَڍڻ ۾ انتها ڪئي ۽ انهن جي پسنديده عادتن ۾ ايثار ڪرڻ ۽ نفس جي مخالفت ڪرڻ ۽ ان کان پري پيچڻ ۽ پنهنجن ۽ پراون کان بي پرواهه رهڻ شامل هو. هو زماني کان پري ۽ الله تعاليٰ جي چاهت کي ويجهو هئا ۽ پريشانين کان پاسي تي هئا ۽ الله تعاليٰ جي



نعمتن بابت غور ڪندڙ هئا ۽ هي سموريون صفتون آزاد ٻانهن جون آهن ۽ اهي مخلوق ۾ گودڙي ڍڪيندڙ آهن. اهي دوست سان هم آغوش ۽ دشمنن سان بہ مهربان ۽ جهان جي ڪاڏي پيتي کان درڪنار رهن ٿا. رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين

ٻيو خانوادو ”عياضين“ جو آهي، جيڪو شيخ فضيل عياض تائين پهچي ٿو. انهن جو طريقو ۽ سلسلو نفس کي خواهشن کان پري رکڻ ۽ ان کان سواءِ اڪيلو رهڻ ٻئي ڪنهن کان سوال نہ ڪرڻ تڪليف تي ملامت نہ ڪرڻ، سفر در وطن ۽ پنهنجي وات تي مُهر هڻڻ، رات جو جاڳڻ دل کي دلدار جي ياد سان ريجهائڻ. رات ڏينهن الله تعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول رهڻ، پيرين اُگهاڙو هلڻ، اُبرندڙ ديگڙي وانگر پاڻ کي پچائڻ، موت جي سواري تي سوار رهڻ. شال! الله تعاليٰ اسان کي ۽ سمورن طالبن کي اهو عالي مقام عطا فرمائي، آمين.

ٽيون خانوادو ”ادهمين“ جو آهي جن جو واسطو سلطان ادهم سان ملي ٿو. سندن خرقو ڏهه سير وزني آهي ۽ پاٽپٽي کان پاسو ڪندڙ آهن. حسب نسب ۽ جلوت کي ڇڏي خلوت کي

اختيار ڪن ٿا، انهن تي غالب بادشاهه مالڪ مهربان جي طرفان ۽ سمورن ڀلارن مٿان ڪيڪار ۽ خوشخبري هجي.

چوٿون خانوادو ”هُبيرين“ جو آهي، جو ته شيخ هُبير سان انهن جي نسبت آهي. انهن جي سَند براين ۽ چڱاين کان خالي آهي ۽ سوالن جوابن کان پري آهن ۽ هو ثواب ۽ حساب کان به پري ٿا رهن ۽ هو هوشياري ۽ خرابي کان بيخبر آهن. ڪائڻ ۽ ننڊ کان پاسو ڪندڙ آهن ۽ حضرت ذوالجلال سان نسبت رکندڙ آهن. ”تغمدهم الله بغفرانهٗ“ [الله تعاليٰ انهن کي پنهنجي مغفرت ۾ ڍڪي.]

پنجون خانوادو ”چشتي“ آهي، جيڪو شيخ ابواسحاق ڏانهن منسوب آهي ۽ هي چشت جو رهاڪو هو ۽ بغداد ۾ رهڻ سان ارادت جو هٿ شيخ علي دينوري جي هٿ ۾ ڏنائين. شيخ عليءَ ڪانئس پڇيو نالو ڇا اٿئي؟ چيائين: خدا جو ٻانهو پر ماڻهو مون کي ابواسحاق چشتي سڏيندا آهن. شيخ دينوري ان کي خرقو پارايو ۽ خلافت تي ويهاريو ۽ ڪيس چشت ڏانهن واپس وڃڻ جي اجازت ڏني. انهيءَ وقت کان وٺي چشت جا خواجگان



ظاهر ٿيا ۽ اُهي پنج ڄڻا هئا. هڪڙو شيخ ابواسحاق چشتي، ٻيو خواجه احمد چشتي، ٽيون خواجه محمد چشتي، چوٿون خواجه نصيرالدين چشتي ابويوسف ۽ پنجون خواجه قطب الدين مودود چشتي.

جاڻ ته هنن سيني بزرگن کي ارادت ۽ خلافت جو خرقو ظاهري بيعت سان مليو آهي. جنهن جو تفصيل مٿي گذري آيو ۽ انهيءَ ظاهري ذريعي سان باطني علوم خاطر حضرت رسالت مآب عليه افضل الصلوٰة واڪمل التحيات تائين پهچن ٿا. هي سمورو تفصيل ’العوارف المعارف‘ تان ورتل آهي.[7]

جاڻ ته بزرگن جي طبقن جا ٽي قسم يا رُتبا آهن پهريون قسم واصلن ۽ ڪاملن جو آهي ۽ هي طبقو تمام اعليٰ آهي ۽ ٻيو قسم ڪمال واري طريقي جي سالڪن جو آهي ۽ اِهو وچٿرو طبقو آهي ۽ ٽيون قسم مُقيمن جو آهي جيڪو نقصان وارو آهي ۽ اِهو هيٺيون طبقو آهي. واصل، مقرب ۽ سابق آهن ۽ سالڪ، ابرار ۽ اصحابِ يمين يعني ساڄي پاسي وارا آهن ۽ مقيم، شرير ۽ اصحابِ شمال يعني کاٻي پاسي وارا آهن ۽

نبين سڳورن کان بعد واصلن جا ڏهه ٽولا آهن. پهريون صوفي مشائخ جو ٽولو جن رسول اللهﷺ جي ڪمال تابعداري سان وصل جو مرتبو ماڻيو تنهن کان بعد خدا جي خلق کي هدايت جي دعوت ڏيڻ جو ڪين حڪم ٿيل آهي ۽ مامور ٿيل آهن. هي ٽولو ڪاملن ۽ مُڪملن جو آهي جيڪو ازلي عنايتن وارو آهي. الاهي فضل انهن کي جمع جي عين ۾ استغراق کان بعد ۽ توحيد جي اُونهائيءَ ۾ رهندڙ مڇي جي پيٽ ۾ فنا حاصل ڪرڻ بعد تفرقه واري ڪناري تي آڻي بقا جي ميدان ۾ صحيح سلامت پهچايو ته جيئن هو خدا جي خلق کي نجات ۽ هدايت واري راهه ڏسين. ٻيو ٽولو اُها جماعت آهي جيڪو وصول کان بعد ڪمال واري درجي تي پوري ريت حوالي ٿيڻ کان اڳ ۽ خلق جي رجوعات تائين نه پهتو آهي. اهي جمع جي درياء ۾ غرق ٿي ويا آهن ۽ فنا واري مڇيءَ جي پيٽ ۾ ويچارا اهڙا ته غرق آهن جو انهن کي هرگز ڪا خبر نٿي پوي ۽ تفرقي جي وڏڦڙي جو مٿن ڪو اثر ۽ بقا جي ڪا ڪُنڊ نه ٿي ملين. اُهي اهڙي ٽولي سان ڳنڍجي ويا آهن جو غيريت جي چادر کان ٻاهر



نڪتا نڪرن ۽ حيرت جي شهر ۾ گُم ۽ غرق آهن گويا وصول جي ڪمال بعد ٻين جي تڪميل خاطر ولايت سندن حوالي نه ٿي. اهل سلوڪ ٽِن قسم آهن: هڪ اعليٰ مقصد جا طالب ۽

**يُرِيدُونَ وَجْهَهُ** (الڪهف: 28)

[هُن جي ديدار جو ارادو رکندڙ.]

ٻيو قسم جنت جا طالب ۽ آخرت جو ارادو رکندڙ آهن. جيئن هن آيت ۾ آهي:

**مِنْكُمْ مَنْ يُرِيدُ الدُّنْيَا وَمِنْكُمْ مَنْ يُرِيدُ الْآخِرَةَ** (آل عمران: 152)

[توهان مان ڪي دنيا جو ارادو ڪن ٿا ۽ توهان مان ڪي آخرت جو ارادو ڪن ٿا.]

وري حق جا طالب ٽِن قسم آهن هڪڙا "مُتصوّفه" ۽ ٻيا "ملامتيه" متصوفه اها جماعت آهي جن نفسن جي ڪجهه صفتن مان ڇوٽڪارو لڌو آهي ۽ ڪي قدر صوفين جي احوال و اوصاف سان موصوف ٿيا آهن ۽ انهن جي احوالن جي انتها کان

واقف ٿيا آهن پر اجا تائين سندن نفس بقا جي وصفن سان صحيح ثابت نہ ٿيا آهن. انهيءَ ڪري اهل قرب ۽ صوفين جي مقصدن تائين پهچڻ کان پوئتي پيل آهن پر ملامتيہ اها جماعت آهي جيڪي اخلاص ۽ سچائي واري معنيٰ تي هر حال ۾ پورا بيهن ٿا ۽ ان لاءِ ڪوشش ڪن ٿا. هو اطاعت ۾ لِڪ ۽ چڱن ڪمن ۾ پوشيدگي ماڻهن جي نظرن کان واجب سمجهن ٿا ڇو تہ ڪا بہ گهڙي چڱن ڪمن کان اجائي نہ ٿا گذارين. هو هر قسم جي نيڪين ۽ چڱاين سان چنبڙڻ کي لازم سمجهن ٿا ۽ انهن جو مشرب هر وقت اخلاص واري مطلب تائين پهچڻ هوندو آهي ۽ انهن جي لذت اڪيلائپ کي اختيار ڪرڻ ۽ پنهنجن عملن ۽ احوالن کي سچي دل سان جاچڻ ۾ هوندي آهي. جيئن هڪ عام گنهگار پنهنجي گناهہ کان پاسو ڪندو آهي يا لڪائيندو آهي، اهڙي طرح ملامتي وري ظاهري عبادت جنهن ۾ رياءُ هجي ان کان پاسو ڪندو آهي تہ جيئن سندس سچائيءَ ۾ ڪو خلل نہ پوي. ڪن چيو آهي تہ "**الملامتي هو الذي لايظهر خيراً ولايضمر شراً**" يعني ملامتي اهو آهي جيڪو نيڪيءَ کي



ظاهر نہ ڪندو آهي ۽ نہ ئي بُرائي لڪائيندو آهي. هي ٽولو جيتوڻيڪ وڏي عزت ۽ شرافت جو مظهر هوندو آهي پر مٿن خلقيت جو حجاب حائل هجڻ ڪري سندن نظرن کي پوري ريت ڪشف حاصل نہ هوندو آهي. انهيءَ ڪري توحيد واري جمال جي مُشاهدي ۽ تفريد واري عين جي معائني کان روڪيل ۽ رنڊيل آهن پر اهو ان ڪري جو عملن ۽ احوالن کي خلق کان لڪائڻ يا ڳجهو رکڻ ضروري آهي، ڇو تہ خلق ۽ نفس ٻئي توحيد جا مانع آهن ۽ نفس پڻ غير يا ڌاريو آهي. جيستائين هنن جي پاڻ تي نگاهہ آهي تيستائين غير کي عملن ۽ احوالن مان ٻاهر نہ ڪڍي سگهندا.

انهن ۽ صوفين ۾ فرق هي آهي تہ ازلي عنايت جي جذبي صوفين کي هر طرح سان الڳ يا ڌار ڪري رکيو آهي ۽ خلق ۽ انانيت جو پردو انهن جي شهود واري نظر کان ڪنيل آهي ان ڪري اطاعت جي يقين ۽ پنهنجين نيڪين کي پنهنجي ۽ خلق جي وچ ۾ نہ ڏسندا آهن ۽ خلق جي نظر ۾ اچڻ کان بچيل رهندا آهن. ان ڪري هو عملن کي لڪائڻ ۽ احوالن کي ڳجهو

رکڻ جا پابند نہ هوندا آهن. اگر وقتي مصلحت خاطر اطاعت کي ظاهر ڪرڻ چڱو سمجهندا آهن تہ ائين ڪندا آهن ۽ اگر لڪائڻ ۾ مصلحت سمجهندا آهن تہ لڪائي ڇڏيندا آهن. ملامتيہ مخلِص (لام جي زير سان) آهن ۽ صوفيہ مخلَص (لام جي زبر سان) آهن.

**إِنَّا أَخْلَصْنَاهُمْ بِخَالِصَةٍ** (ص: 46)

[بيشڪ اسان انهن کي خلوص سان خاص ڪيوسين.]

انهن جي ئي حال جي وصف آهي پر آخرت جا طالب چار قسم آهن 1. زاهد 2. فقير 3. خادم 4. ٻانها. زاهد اُها جماعت آهي جيڪي ايمان ۽ يقين واري نور سان آخرت جي جمال جو مشاهدو ڪن ٿا ۽ دنيا کي [8] خراب صورت ۾ ڏسن ٿا ۽ بي بقا سينگار جي سونهن ڏانهن واجهائڻ ۽ ان ۾ رغبت کان هر وقت منهن موڙيندا رهن ٿا ۽ حقيقي ۽ باقي جمال ڏانهن رغبت رکندا آهن. هن ٽولي جو صوفين کان پوئتي هجڻ جو سبب هي آهي جو زاهد پنهنجي نفس جي ڀاڱي ڀائيوار هجڻ



سان الله تعاليٰ کان روڪيل هوندا آهن ڇو تہ بهشت نفس جي حصي جي جاءِ آهي.

**وَفِيهَا مَا تَشْتَهِيهِ الْأَنْفُسُ** (الزخرف: 71)

[۽ ان ۾ اهو ڪجهہ آهي جيڪو نفس چاهيندا]

صوفي ازلي جمال جي مشاهدي سان ۽ لَم يَزَلۡ ذات جي محبت سان ٻنهي جهانن جا خواهشمند هوندا آهن. هنن کي دنيا جي رغبت تہ نہ هوندي آهي پر آخرت جي رغبت ۾ پڻ مصروف نہ هوندا آهن پوءِ صوفي زهد جي مرتبي ۾ پڻ زاهدن کان مٿي آهن ڇو تہ نفس وارو حصو پري اٿن پر فقراء اها جماعت آهي جيڪي مال ۽ اسباب مان ڪنهن بہ شيءِ جا مالڪ نہ هوندا آهن ۽ الله تعاليٰ جو رضامندو ۽ طلبيندي هر شيءِ ترڪ ڪري ڇڏيندا آهن ۽ هن جماعت وٽ ٽن مان ڪو هڪ سبب هوندو آهي. اول حساب جي خوف جي اميد يا عذاب جو خوف ڇو تہ حلال جو حساب آهي ۽ حرام جو عذاب، ٻيو فضل ۽ ثواب جي اميد ۽ جنت ۾ وڃڻ جي اڳرائي، ڇو تہ فقير غني کان پنج سؤ

سال جنت ۾ اڳ ۾ ويندو. ٽيون دل جمعي جي طلب ۽ اندر جي فراغت، اطاعت جي ڪثرت ۽ ان ۾ دل جو حضور. صوفين ۽ ملامتين کان فقيرن جو پوئتي هجڻ جو سبب هي آهي جو بهشت جا طالب ۽ پنهنجي نفس جي لذت جا گهرجائو آهن ۽ هي حق جا طالب ۽ ان جي قرب کي گهرندڙ آهن. هن مرتبي کان علاوه فقر ۾ اهڙو مقام آهي جيڪو ملامتي ۽ صوفي کان مٿي آهي ۽ اُها صوفي جي خاص وصف آهي ڇو ته صوفي جو مرتبو فقير جي مرتبي کان علاوه آهي ۽ فقر جي مقام جو خلاصو سندس مقام ۾ شامل آهي. انهيءَ ڪري فقيريءَ جي مقام کي عبور ڪرڻ صوفي لاءِ لازمي آهي ۽ جنهن به مقام کان ترقي ڪندو آهي ته ان جا قيد ۽ پابنديون هن جي مخالفت ڪنديون آهن ۽ ان مقام جو رنگ منجهن پيرجي ويندو آهي، ان ڪري فقير جي مقام ۾ صوفي جي مقام کان اضافي وصف هوندي آهي ۽ اُها پاڻ کي سمورن اعمالن ۽ احوالن ۽ مقامن بلڪ ڪنهن شيءِ جو مالڪ نه هجڻ ڪري آهي. ڇو ته هو ڪنهن به عمل ۾ حال ۽ مقام کي پاڻ وٽان ناهن سمجهندا ۽



نه ڪو مخصوص ڪن ٿا بلڪ هو پاڻ کي ئي نه ٿا ڏسن، پوءِ ان کي نه وجود هوندو آهي ۽ نه ئي ذات ۽ نه ڪا صفت. بس محو درمحو ۽ فنا در فنا هوندا آهن ۽ اُها ئي فقير جي حقيقت آهي ۽ مشائخن انهن جي فضيلت ۾ گهڻيون ئي ڳالهيون ڪيون آهن ۽ هي جيڪي به فقراءَ جي باري ۾ ڳالهيون بيان ٿيون آهن، فقر جو نشان آهن ۽ ان جي باري ۾ شيخ ابوعبدالله خفيف قدس الله سره چيو آهي:

**"الفقر عدم الاملاڪ والخروج عن احڪام الصفات"**

[فقير مالڪ نه هجڻ ۽ صفاتي احڪامن کان الڳ ٿيڻ آهي.]

هي مڪمل تعريف آهي جيڪا فقر جي نشانين ۽ ان جي حقيقت تي مشتمل آهي ۽ ڪن چيو آهي ته.

**"الفقير الذي لايملڪ ولايملڪ"**

[فقير نه مالڪ ٿيندو آهي ۽ نه ئي سندس ڪو مالڪ آهي.]

صوفيءَ جي مقام جي فوقيت فقر جي مقام تي انهيءَ ڪري آهي جو فقير پنهنجي ارادي سبب ۽ نفس جي پاڳي پائيوار ٿيڻ سبب روڪيل هوندو آهي پر صوفي جو ڪو به خاص ارادو نه هوندو آهي. فقر ۽ غنا جي صورت ۾ هن جو ارادو حق جي ارادي ۾ گم هوندو آهي بلڪ هن جو ارادو عين حق تعاليٰ جو ارادو بڻجي ٿو ۽ انهي ڪري جيڪڏهن هو فقر جي ارادي جي صورت ۽ ان جي رسم اختيار ڪري ٿو ته ارادو ۽ اختيار پاڻ محجوب يعني رنديل نه ٿيا ڇو ته هن جو ارادو حق تعاليٰ جو ارادو هوندو آهي. ابوعبدالله خفيفؒ چيو آهي ته

**”الصوفي من استصفيٰ الحق لنفسه تودّداً والفقير من استصفيٰ نفسه في فقره تقرباً“**

[صوفي اهو آهي جنهن کي الله پنهنجي لاءِ چونڊي ان ۾ محبت رکي ۽ فقير اهو آهي جيڪو پنهنجي فقر ۾ پنهنجو پاڻ کي قرب خاطر چونڊي.]

ڪن چيو آهي ته،



**”الصوفي هو الخارج عن النعوت والرسوم والفقير هوالفاقد الاشياء“**

[صوفي اهو آهي جيڪو تعريفن ۽ نشانن کان خارج آهي ۽ فقير اهو آهي جيڪو شين کي ختم ڪري ڇڏي.]

ابوالعباس نهاونديؒ چوي ٿو ته.

**”الفقر بداية التصوف“**

[فقر تصوف جي ابتدا آهي.]

فقر ۽ زهد ۾ هي فرق آهي جو فقر زهد کان سواءِ ممڪن هوندو آهي، جهڙي طرح ڪو شخص دنيا کي ته ترڪ ڪري ٿو ۽ پڪو خيال ڪري ٿو ۽ ثابت ارادو رکي ٿو پر منجهس رغبت باقي هوندي آهي ۽ ائين زهد فقر کان سواءِ ممڪن آهي، جيئن ڪو ماڻهو رغبت جي سببن جي هوندي ان کان پري هجي. فقيرن جي هڪ رسم يا نشاني اها آهي ۽ حقيقت ۾ ان جي رسم مالڪ نه هجڻ آهي ۽ ان جي حقيقت صفتن جي دائري مان نڪرڻ آهي ۽ پاڻ سان ڪنهن به شيءِ جي خاص ٿيڻ کي ختم

ڪري ڇڏڻ آهي ۽ فقر جي اها رسم يا نشاني زهد جي صورت ۽ ان جي امارت آهي. زهد جي معنيٰ دنيا کان مُنهن مَٽڻ آهي پر حق سبحانه و تعاليٰ جڏهن گُهرندو آهي ته پنهنجن ڪِن اوليائن کي چادر جي هيٺان عزت خاطر غيرن جي نظرن کان حجاب ۾ رکي ته انهن کي ظاهري طور غني هجڻ جو لباس ڍڪائيندو آهي جيڪا رغبت جي صورت آهي ته جيئن ظاهر وارا انهن کي ٻين دنيادارن کان مٿي سمجهن، تڏهن انهن جي حال جو جمال اڻ واقفن جي نظرن کان اوجهل رهندو آهي ۽ هي حقيقت زهد ۽ فقر جي آهي جيڪا صوفي جي حال کي لازم آهي. پر فقر جي رسم ڪن صوفي مشائخن وٽ ان ڪري اختيار ڪيل آهي جو ان مان مراد انبياء عليهم جو پوئلڳ ٿيڻ آهي ۽ دنيا کان بيزاري ۽ طالبن کي فقر جي صورت ڏانهن حال جي زبان سان دعوت ۽ ترغيب ڏيڻ آهي ۽ انهيءَ معنيٰ ۾ انهن جو اختيار حق سبحانه و تعاليٰ جي اختيار تي ڀروسو ڪرڻ آهي، نه ڪي آخرت ۾ حصي جي طلب لاءِ.



پر خدام اها جماعت آهي جنهن جا فرد حق جي طالبن ۽ فقيرن جي خدمت اختيار ڪن ٿا. حضرت دائود عليه السّلام کي چيو ويو ته. **”اذارأيت لي طالباً فکن لهٗ خادماً“** [جڏهن منهنجو ڪو طالب ڏسين ته ان جو خادم ٿي پئُ.] هو وقت تي پنهنجن فرضن جي ادائگي ڪرڻ بعد فراغت ۽ آرام جي وقت پنهنجين دلين کي معاشي معاملن ۾ حصي وٺڻ جي [9] مقابلي ۾ آخرت جي معاملات جي تياري ۾ مصروف رهڻ کان مٿي سمجهن ٿا ۽ انهن ڳالهين کي نفلي عبادت کان اڳ ۾ ادا ڪن ٿا. هو اهڙين ضروري شين جي طلب ۾ حصو وٺن ٿا جيڪي ڪنهن به لحاظ کان شريعت ۾ خراب ناهن. جيئن محنت مزدوري ڪرڻ يا پنڻ سان ته ڪي وري نذرانن ڏيڻ وٺڻ ۾. انهن جي نظر حق تعاليٰ تي هوندي آهي ۽ وٺڻ جي معاملي ۾ خلق کي الله تعاليٰ جي عطا جو رابطو سمجهندا آهن ۽ ڏيڻ ۾ قبوليت جو واسطو سمجهندا آهن. هڪڙي جماعت وٽ هن مقام جي معاملي ۾ خادم ۽ شيخ جي وچ ۾ فرق ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. هنن خادم کي شيخ کان مختلف رکيو آهي ۽ فرق هي آهي جو

خادم جو مقام ابرار وارو آهي ۽ شيخ جو مقام مقرّب وارو آهي چو ته خادم مان مراد خدمت اختيار ڪرڻ ۽ آخرت جو ثواب حاصل ڪرڻ آهي پر هو ان سان مقيّد نه هوندو آهي ليڪن شيخ جي مراد هر وقت حق سان قائم آهي نه ڪي پنهنجي نفس جي مراد سان.

پر عابدن جو اهو ٽولو آهي جيڪو عبادتن جي شغلن سان لاڳاپيل هوندو آهي ۽ قسمين قسمين نفلن تي هميشگي ۽ انهن کي لازم سمجهندا آهن. آخرت ۾ ثواب حاصل ڪرڻ ضروري سمجهندا آهن ۽ هي صفت صوفيءَ ۾ به موجود هوندي آهي. اهي ٻين ڪَمين ڪوتاهين ۽ غرضن جي شائبن کان خالي ۽ آجا هوندا آهن چو ته اِهي حق جي عبادت حق خاطر ڪندا آهن ۽ آخرت جي ثواب خاطر نه ڪندا آهن. عابدن ۽ زاهدن ۾ هي فرق آهي ته دنيا جي رغبت جي باوجود عبادت جي صورت ممڪن هوندي آهي ۽ عابدن ۽ فقيرن ۾ هي فرق آهي ته غنا جي باوجود شايد ڪو عابد هجي هتان معلوم ٿيو ته واصل به ٽولا آهن ۽ سالڪ ڇهه قسم آهن ۽ اُنهن اُنن مان هر هڪ ۾



وري به مشابهتون آهن هڪ حقيقي مشابهت رکندڙ ٻيو باطل مشابهت رکندڙ.

پهريون صوفين سان حقيقي مشابهت رکندڙ: اِهي فقط اُهي آهن جيڪي صوفين جي احوالن کان مڪمل طور تي واقف ۽ مُشتاق هوندا آهن. ليڪن صفتن جي باقي رهجي وڃڻ سبب مقصد تي پهچڻ کان روڪيل يا رنديل هوندا آهن.

ٻيو صوفين سان باطل مشابهت رکندڙ: هيءَ اُها جماعت آهي جيڪا پاڻ کي صوفين جي روپ ۾ ظاهر ڪندي آهي پر انهن جا اعمال، عقيدا ۽ احوال کوکلا ۽ خالي هوندا آهن ۽ اطاعت جو پٽو ڪنڌ مان ڪڍي ۽ بي لغام گهوڙي وانگر هر وقت جواز جي چراگاهه ۾ چرندا وتندا آهن ۽ چوندا آهن ته شرعي احڪامن جي پابندي عوام لاءِ آهي، جن جي نظر شين جي ظاهر تائين محدود هوندي آهي پر خاص ۽ اهل حقيقت جو حال عام کان مٿاهون هوندو آهي چو ته اُهي ظاهري حالتن ۾ مقيد نه هوندا آهن. جيتوڻيڪ هنن جي اندر جو اهتمام يعني حضور ۽

باطن صحيح نہ هوندو آهي پر هو پاڻ کي باطنيہ يا مُباحيہ چورائيندا آهن.

ٽيون مجذوبن سان حقيقي مشابهت رکندڙ: هي اصل ۾ اهلِ سلوڪ جو اهڙو ٽولو آهي جن کي اجا اُهي منزلون طئي ڪرڻ ۾ نفسي رُڪاوٽون موجود هونديون آهن. انهن جو وجود طلب جي گرمي جي تابش جي ڪري بي آرام ۽ بي قرار رهندو آهي ۽ صبح صادق جي ڪِرڻن جي ظاهر ٿيڻ ڪان توڻي ذاتي فنا جي اصلي مقام ۾ پهچڻ ڪان اڳ سندن شهودي نظر ڪشف جي ڪنهن هڪ تجلي تي پوندي آهي. اهڙي ريت وصل جي ساهن مان هڪ ساهہ فنا جي گُهلندڙ هوا مان انهن جي واس وٺڻ واري دل تائين پهچندو آهي. تڏهن انهن جي نفسن جي اونداهي اُن ڪنوڻ جي نوري چمڪاٽ ۾ لِڪي ۽ ڍڪجي ويندي آهي پر هوا جي گُهلڻ سان انهن جي باطني ساهہ کي طلب واري باهہ ۽ شوق جي اُڻ تُڻ ڪان سڪون ۽ آرام ملندو آهي. پر جڏهن وري اُها ڪنوڻ ختم ٿئي ٿي ۽ اُها هوا ساڪت ٿئي ٿي تہ نفسي صفات جو ظهور ۽ طلب جو سوز ۽ شوق جي



تاس وري موٽي اچي ٿي. سالڪ تڏهن گُهرندو آهي تہ مڪمل طور تي صفتن جي لباس ڪان آجو ۽ آزاد ٿئي ۽ فنا جي درياء ۾ اهڙيءَ طرح غرق ٿئي جو سندس وجود هڪ ڀيرو ئي دفعو ڏاپجي پوي. هوڏانهن اُن مهل اجا ان جو اهو مقام نہ هوندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن مٿس نازل ٿيندو آهي تاهم ان جو اندر مڪمل طور تي هن مقام ڪان باخبر ۽ مشتاق هوندو آهي ان ڪري انهن جو لقب مجذوبن سان حقيقي مشابهت رکندڙ پئجي ويو آهي.

چوٿون واصل مجذوبن سان باطل مشابهت رکندڙ: هي اُها جماعت آهي جيڪا فنا جي درياء ۾ استغراق ۽ توحيد جي چشمي ۾ هلاڪ ٿيڻ جي دعويٰ ڪندي آهي ۽ هو پنهنجي چُرپُر کي هرگز پاڻ ڏانهن منسوب نہ ڪندا آهن ۽ چوندا آهن تہ اسان جي چُرپُر درن جي چُرپُر وانگر آهي جيڪا ڪنهن چوريندڙ ڪان سواءِ ممڪن ناهي. هي ڳالهہ پنهنجي ليکي صحيح تہ آهي پر ان جماعت جو اهو حال نہ هوندو آهي. ڇو تہ انهيءَ ڳالهہ مان انهن جي مراد انڪار ۽ نافرماني جي عذر جي شروعات هوندي

آهي ۽ ان کي الله تعاليٰ جي حوالي ڪرڻ ۽ پاڻ کان ملامت ٽارڻ هوندي آهي ۽ انهيءَ جماعت کي زنديق چوندا آهن.

سهل عبدالله کي چيائون ته هڪڙو شخص چوي ٿو ته منهنجي فعل جي نسبت الله تعاليٰ جي ارادي سان ائين آهي جيئن درن جي چُرپُر جي نسبت انهن جي چُوريندڙ ڏانهن آهي. چيائين ائين چوندڙ جيڪڏهن اهو شخص آهي جيڪو شرعي اصولن جي رعايت ۽ عبوديت جي احڪامن جي حدن جي حفاظت ڪندڙ آهي ته صديقن جي جماعت مان آهي پر جيڪڏهن چوندڙ اهو شخص آهي جيڪو شرعي احڪامن جي گهرائي ۾ وڃڻ جو خيال نه ٿو رکي ۽ اهي ڳالهيون ان ڪري ٿو چوي ته جيئن پنهنجا افعال الله تعاليٰ جي حوالي ڪري، پنهنجي نفس تان ملامت ٽاري ڇڏي ۽ دين وملت کان ڇڙواڳي ظاهر ڪري ته ان صورت ۾ اهو زنديقن جي جماعت مان آهي.[10]

پنجون ملامتين سان حقيقي مشابهت رکندڙ: هيءَ اُها جماعت آهي جنهن جا افراد خلق جي نظر ۾ ناهڻ ۽ ڍاهڻ جي



گهٽي پرواهه نه ڪندا آهن ۽ اڪثر سندن ڪوششون رسمن ۽ عادتن جي برخلاف ۽ آدابن جي لحاظ کان ڪريل هونديون آهن ۽ انهن جي حال جو سرمايو پنهنجي دلي فراغت ۽ خوشدلي کان وڌيڪ نه هوندو آهي ۽ انهن جي ڪا به رسم زاهدن ۽ عابدن جي رسمن سان نه ملندي آهي ۽ انهن جي نفلي عبادت جي ڪثرت به نه هوندي آهي ۽ عملن سان هميشه چُهٽيل به نه هوندا آهن. هو فرض جي ادائگي کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه ڪندا آهن. ليڪن دنيوي اسبابن جي ڪثرت حاصل ڪرڻ ۽ جمع ڪرڻ کي ڇڏي خوش رهڻ تي قناعت ڪندا آهن ۽ مزيد احوال جي طلب نه ڪندا آهن ۽ انهن کي ”قلندريه“ سڏيندا آهن. هي جماعت رياءُ نه ڪرڻ جي ڪري ملامتين سان مشابهت رکندڙ آهي ۽ ٻنهي ۾ فرق هي آهي جو ملامتين سمورن نفلن ۽ فضائلن سان ڳنڍيل هوندا آهن پر خلق کان لڪائيندا آهن پر قلندريه فرضن جي حد کان اڳتي نه وڌندا آهن ۽ پنهنجا عمل ظاهر ڪرڻ ۽ لڪائڻ ۾ خلق جي پرواهه نه ڪندا آهن البته هن زماني ۾ جيڪي قلندري سڏجن ٿا اُهي اسلامي دائري کان پري

آهن ۽ بيان ڪيل صفتن کان خالي آهن ۽ هي نالو انهن تي اجايو آهي ۽ انهن کي حشويہ يعني ڦوڳ سڏجي تہ وڌيڪ بهتر آهي.

ڇهون ملامتيہ سان باطل مشابهت رکندڙ: هي بہ بي ايمانن جو هڪڙو ٽولو آهي جيڪي اخلاص جي دعويٰ ڪندا آهن ۽ ڏوهہ ۽ گناهہ جي اظهار تي اُلٽو واڌارو ڪندا آهن ۽ چوندا آهن تہ انهيءَ مان اسان جو مقصد خلق جي ملامت ۽ ماڻهن جي نظرن کان پاڻ کي ڪيرائڻ آهي ڇو تہ الله تعاليٰ خلق جي فرمانبرداري کان بي نياز آهي ۽ سندن نافرماني ڪين نقصان ڏيندڙ ناهي. هنن وٽ نافرمان خلق کي ايذائڻ ۽ فرمانبردار خلق تي احسان ڪرڻ سمجهندا آهن.

ستون زاهدن سان حقيقي مشابهت رکندڙ: هي اُها جماعت آهي جنهن جا فرد مڪمل طرح سان دنيا کان الڳ نہ ٿيا آهن ۽ چاهيندا آهن تہ هڪ دفعي ئي دنيا کان مُنهن موڙي ڇڏين ۽ انهن کي متزهّد يعني هٺرادو زهد چوندا آهن.



اٺون زاهدن سان باطل مشابهت رکندڙ: هي اُها جماعت آهي جنهن جا فرد خلق ۾ مقبول ٿيڻ جي خيال سان دنياوي رغبت ڇڏي ڏيندا آهن پر پنهنجي دل ۾ پوريءَ ريت دنيوي اسبابن ڏانهن لاڙو رکندا آهن ۽ انهيءَ ذريعي ماڻهن ۾ مرتبي حاصل ڪرڻ جي طلب رکندا آهن ۽ ڪوشش ڪندا آهن تہ جيئن ماڻهو سمجهن تہ اِهي دنيا کان بلڪل الڳ ٿلڳ آهن ۽ اهڙيءَ طرح انهن پاڻ مال ڇڏي مرتبو خريد ڪيو آهي ۽ دنيا لاءِ دنيا ڇڏي اٿن ۽ ان ڪري اهو ممڪن آهي تہ انهن جو پنهنجو حال انهن تي گواهہ ٿي پوي ۽ سمجهن تہ انهن جي دل دنيوي اسباب جي طلب ۾ مشغول ناهي ڇو تہ هنن ان کان منهن موڙي ڇڏيو آهي. هن جماعت کي ڏيکاءُ ڪندڙ يعني مرائيہ چوندا آهن.

نائون فقراءِ سان حقيقي مشابهت رکندڙ: هي اُهي آهن جن جو ظاهر فقيرن جي رسمن مطابق هجي ۽ انهن جو باطن فقر جي حقيقت کي گھُرندڙ هجي پر اجا تائين انهن ۾ غِنا جو لاڙو قائم هجي ۽ فقر جي تڪليف تي قناعت ڪندڙ هجي حالانڪ

حقيقي فقر کي الله تعاليٰ جي خاص نعمت سمجهڻ گهرجي ۽ ان تي سدائين اڳواٽ ئي شُڪر ڪرڻ گهرجي.

ڏهون فقراء سان باطل مشابهت رکندڙ: هي اُهي آهن جن جو ظاهر فقيرن جي رسمن سان ڳنڍيل رهندو آهي ۽ انهن جو باطن حقيقت کان آگاهه نه هوندو آهي ۽ هنن جو مطلب فقط سندس دعويٰ جو اظهار آهي ته جيئن خلق جو رضامندو ۽ مقبوليت حاصل ڪري سگهن ۽ انهيءَ جماعت کي مرائيه به چوندا آهن.

يارهون خادمن سان حقيقي مشابهت رکندڙ: هي اُهي آهن جيڪي هر وقت الله تعاليٰ جي خلق جي خدمت ۾ حاضر رهندا آهن ۽ اندر ۾ به ائين ئي چاهيندا آهن ته خدمت کي دنيوي ۽ مالي مرتبي جي غرض سان اختيار نه ڪن ۽ نيت کي رياء ۽ هوس جي شڪ شُبهي کان الڳ ڪن پر هو اجا تائين زهد جي حقيقت کي نه پهتل هوندا آهن. تاهم ڪڏهن ته ايماني نور جي غلبي ۽ نفس کي لِڪائڻ جي ڪري سندن کي خدمتون حقداري واري منزل تي پهچنديون آهن ۽ ڪڏهن وري



نفس جي غلبي ۽ نفساني غلطين جي ڪري سندن خدمت رياءَ ۽ هوس سان ملي ويندي آهي. انهن جون دليون حقيقت سان آشنا ٿيڻ کان اڳ، پنهنجي تعريف ۽ ساراهه جي لحاظ کان خدمت ۾ گهڻي اڳڀرائي ڪنديون آهن ۽ ان ڪري جيڪي خدمت جا مستحق هوندا آهن تن کي نظر انداز ڪري ويندا آهن. انهن کي متخادم چوندا آهن.

ٻارهون خادم سان باطل مشابهت رکندڙ: اهو شخص آهي جنهن کي خدمت ۾ آخرت جي نيت نه هجي بلڪ خدمت خلق کي دنيوي نفعن جي نالي تي قربان ڪري ڇڏي ته جيئن ان طرح وقف ڪيل شين ۽ اسبابن مان کاڌ خوراڪ ۽ ٻيون ضرورتون پوريون ڪندو رهي. وري جڏهن پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي مراد حاصل ڪرڻ ۾ انهن کي مؤثر نه ڏسي ته ڇڏي ڏئي ۽ اهڙي خدمت ۾ اهو هر وقت مرتبي، مال ۽ اتباع جي ڪثرت ۽ ڦهلاءَ مدنظر رکندو آهي ته جيئن محفلن ۽ مجلسن ۾ هو اڳرائي ۽ مٿانهين جاءِ حاصل ڪري سگهي.

انهن جي نظر هر خدمت عيوض پنهنجي نفساني لذت تي هوندي آهي ۽ اهڙي شخص کي متخادم چوندا آهن.

تيرهون عابد سان حقيقي مشابهت رکندڙ: هي اهو شخص آهي جيڪو پنهنجي هر گهڙيءَ کي عبادتن لاءِ وقف ڪري ٿو پر طبيعت جي گُهرجن ۽ تزڪيہ نفس جي ڪمال نہ هجڻ ڪري سندس نفس هر وقت ورد وظيفن ۾ سُستي ۽ دير جو شڪار رهندو آهي، اهو شخص ايستائين عبادتن جي اصلي لذت حاصل نہ ٿو ڪري سگهي جيڪو تڪلف سان اهو سڀ ڪجهہ ڪري ٿو، ان کي متعبّد چوندا آهن.[11]

چوڏهون عابد سان باطل مشابهت رکندڙ: هي اُهو شخص آهي جيڪو فقط ڏيک يا نُماءَ ذريعي خلق ۾ مقبوليت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي هوڏانهن سندس دل ۾ آخرت جي ثواب جو يقين نہ هوندو آهي. بلڪ جيستائين سندس اطاعت جو غيرن کي اطلاع نہ ٿئي تيستائين ان ۾ پاڻ رُذل رهندو آهي. شال! الله سبحانہ اسان کي رياءَ ۽ ڏيکاءَ کان بچائي ۽ الله ئي عزت ۽ توفيق ڏيندڙ آهي.

## فصل

## توحيد جي باري ۾

توحيد جا هي درجا آهن: پهريون توحيد ايماني، ٻيو توحيد علمي، ٽيون توحيد حالي ۽ چوٿون توحيد الاهي. ايماني توحيد اُها آهي جڏهن ٻانهو الله تعاليٰ جي معبود هجڻ بابت سندس هيڪڙائي ۽ اُلوهيت جي وصف جي هيڪڙائي بابت قرآني آيتن ۽ حديثن مطابق دل سان انهن جي تصديق ڪري ۽ زبان سان اهڙو اقرار ڪري. اِها توحيد پيغمبر عليه السّلام جي تصديق ۽ سچي اعتقاد جو نتيجو هوندي آهي ۽ اها ظاهري علم سان حاصل ٿيندي آهي ۽ ان تي مضبوط ٿي هلڻ ظاهري شرڪ مان ڇوٽڪاري ۽ اسلامي لڙهيءَ ۾ پوئجڻ جو فائدو ڏيندي آهي. صوفي سڳورا اهڙي ضروري حڪم جو اقرار ڪندي



هن قسم جي توحيد ۾ عام مؤمنن سان شريڪ آهن پر ٻين درجن ۾ الڳ ۽ جدا آهن.

علمي توحيد باطني علم جي ڪري فائديمند آهي ان ڪي علم يقين بہ چوندا آهن ۽ اهو هن طرح جو ٻانهو رستي جي مُنڍ ۾ شروعاتي يقين سان سمجهندو آهي تہ حقيقي موجود ۽ مؤثر مطلق (هر قسم جو اثر ڏيکاريندڙ) خداوندِ عالم کان سواءِ ڪو بہ ناهي ۽ سمورين ذاتين، صفتن ۽ افعالن کي ان جي ذات، صفات ۽ افعال جي پيٽ ۾ ڪجهہ بہ نہ سمجهندا آهن. هر ذات کي مطلق صفت جي نور جو ڪرڻو سمجهندا آهن. جتي بہ ڪو علم، ڪا قدرت، ڪو ارادو، ڪو ٻڌڻ ۽ ڏسڻ لهن ٿا تہ ان کي الله تعاليٰ جي ڏسڻ، ٻُڌڻ ۽ ارادي، قدرت ۽ علم جي اثرات مان هڪ اثر سمجهندا آهن. ائين ٻيون سمورين صفتون ۽ افعال ۽ هي درجو خاص صوفين جي توحيد جي شروعاتي درجن مان هڪ درجو آهي ۽ ان جي ابتدا عوام جي توحيد جي انتها سان ڳنڍيل آهي ۽ انهيءَ مرتبي سان مشابهہ هڪ اهڙو مرتبو آهي جنهن کي تنگ نظر توحيد علمي سڏيندا آهن. اصل ۾ اُها

توحيد علمي نہ هوندي آهي بلڪ اُها رسمي توحيد هوندي آهي جنهن جو ڪو اعتبار نٿو ڪري سگهجي ۽ اُهو هن طرح ٿيندو آهي جو ڪو شخص ذهانت ۽ عقل جي گهري سوچ سبب يا مطالعي يا سماع سبب توحيدي مفهوم جو تصور رکي ۽ توحيدي صورت واري رسم سندس اندر ۾ سمائجي وڃي ۽ اُن وقت بحث ۽ مناظري خاطر ڪڏهن ڪڏهن اجايون ڳالهيون ڪندو وتي جڏهن تہ منجهس توحيد حالي جو ڪو بہ اثر نہ هوندو آهي جيتوڻيڪ توحيد علمي توحيد حالي ڪان مرتبي ۾ گهٽ آهي پر توحيد حالي مزاج ۾ ان سان گڏ آهي.

**وَمِزَاجُهُ مِنْ تَسْنِيمٍ عَيْنًا يَشْرَبُ بِهَا الْمُقَرَّبُونَ** (المطففين: 27)

[۽ ان ۾ خاص شراب مليل آهي جنهن چشمي مان مقرب پيئندا آهن.]

توحيد جي شراب جي وصف اها آهي ۽ انهيءَ ڪري انهيءَ شراب پيئڻ وارو گهڻو ڪري ذوق ۽ سرور ۾ هوندو آهي. توحيد حالي جي بنياد تي هن جون بعض اونده جهڙيون رسمون



ختم ٿي وينديون آهن انهيءَ ڪري هو ڪِن حالتن ۾ پنهنجي علم جي مطابق عمل ڪندا آهن ۽ انهن سببن ڪي درميان ۾ نہ ڏسندا آهن جيڪي الاهي ڪمن جي رابطن لاءِ موجود هوندا آهن پر اڪثر حالتن ۾ پنهنجي اونداهي وجود جي باقي هجڻ ڪري اصلي علم جي تقاضائن ڪان اڻ ڄاڻ هوندا آهن ۽ انهيءَ ڪري ان توحيد سان خفي شرڪ ڪنهن حد تائين قائم رهي.

پر توحيد حالي اُها آهي جڏهن توحيد جو حال موحّد جي پنهنجي ذات جي لازمي وصف ٿي پوي ٿو ۽ سڀ وجود جون اونداهيون رسمون ختم ٿي وڃن ٿيون سواءِ چند رسمن جي جيڪي توحيدي نور جي چمڪات سان ناپيد يا غائب ٿي وينديون آهن تڏهن توحيد علمي جو نور هُن جي حال جي نور ۾ سمائجي يا داخل ٿي وڃي ٿو. جيئن تارن جو نور سج جي نور ۾ گم ٿي ويندو آهي.

**فلمّا استبان الصبح ادرج ضوءَهٗ باسفاره اضواء نور الكواكب**

[جڏهن صبح ٿيو تہ ان جي روشني ڦهلجڻ سان تارن جي روشني ختم ٿي ويندي آهي.]

موجب انهيءَ مقام ۾ موحّد جو وجود واحد جي وجود جي جمال واري مشاهدي ۾ اهڙو غرق ٿي ويندو آهي جو عين جو جمع يعني بلڪل گڏ محسوس ڪندو آهي. بلڪ واحد جي ذات ۽ صفات کان سواءِ سندس مشاهدي واري نظر ۾ ڪجهہ نہ اچي تانجو هن توحيد کي واحد جي صفت سمجهي. بلڪ پنهنجي اهڙي ڏسڻ کي پڻ هن جي صفت ڪري ڏسي ٿو ان نموني ۾ هو توحيد جي درياءَ جي لهرن ۾ هڪ قطرو بڻجي موجن ۾ هيٺ مٿي ٿيندي جمع جي حالت ۾ غرق ٿي وڃي ٿو. جنيد جي هن قول ۾ بہ اهوئي اشارو آهي:

**"التوحيد معنيٰ يضمحلّ فيه الرسوم ويندرج فيه العلوم ويکون الله لم يزل"**

[توحيد اُها حقيقت آهي جنهن ۾ سڀ نشان گُم ٿي وڃن ۽ ان ۾ اهي سڀ علم داخل ٿي وڃن تا جن سان الله تعاليٰ ائين ئي



باقي رهندو آهي جيئن هو اصل کان آهي. هن توحيد جي منشا مشاهدي جو نور آهي ۽ توحيد علمي سان مشابهہ مراقبي جو نور آهي ۽ انهيءَ توحيد سان اڪثر بشري رسمن جو خاتمو ٿي ويندو آهي باقي توحيد علميءَ ۾ سڀ نہ بلڪ ٿوريون رسمون ختم ٿينديون آهن ۽ توحيد حالي ۾ ڪن بقايا رسمن جو سبب بہ اهو هوندو آهي تہ جيئن موحّد کان افعال جي ترتيب جو ظهور ۽ احوالن ۾ سڌارو ممڪن ٿئي ۽ اِهو ئي سبب آهي جو جيئري توحيد جو حق جيئن ادا ٿيڻ کپي نہ ڪري سگهبو آهي ۽ ابوعلي دقاق جي قول ۾ بہ اِهوئي اشارو آهي:

**"التوحيد غريمٌ لايقضيٰ دينه و غريب لايودي حقہ"**

[توحيد اهڙو قرض خواه آهي جو پنهنجو قرض نٿي چڏي يا غريب مسافر وانگر ان جو حق ادا نٿو ڪري.]

ان ڪري خاص موحد بہ حياتيءَ ۾ اهڙي توحيد جي حقيقت بابت فقط هڪ ئي دفعي وجود جا آثار ۽ رسمون ماڻي سگهندو آهي. بلڪ اهو لمحو اکين کي چمڪندڙ کنوڻ وانگر

ٻوٽي ڇڏڻ وارو هوندو آهي ۽ ساڳئي وقت وسامي ويندڙ باهه وانگر هوندو آهي. ليڪن جڏهن باقي رسمون وري موٽ ڪائينديون آهن تڏهن شرڪ خفي جي بقايا مڪمل طرح سان ختم ٿي ويندي آهي ۽ انهيءَ توحيد ۾ هن مرتبي کان سواءِ ماڻهوءَ لاءِ ٻيو ڪو مرتبو ممڪن ناهي.

بهرحال توحيد الاهي اُها آهي جو **الله** تعاليٰ ازل کان پنهنجو پاڻ ئي آهي ۽ نه ٻئي ڪنهن جي سمجهڻ سان يعني هو هميشه کان وحدانيت جي وصف ۽ فردانيت جي صفت سان موصوف آهي ۽ سندس اها ئي تعريف آهي: **ڪان الله ولم يڪن معه شيئاً** يعني فقط **الله** تعاليٰ هو ۽ ان سان گڏ ڪا شيءِ نه هئي ۽ هاڻي به ائين ئي آهي. ازلي صفت سان واحد ۽ فرد آهي ۽ بلڪ هينئر به ائين ئي آهي جيئن هو ۽ ابداےباد تائين پڻ انهيءَ وصف سان ئي رهندو.

**كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ إِلَّا وَجْهَهُ** (القصص: 88)

[هر شيءِ ختم ٿيندڙ آهي مگر ان جي ذات.]



هتي يُهلِڪ نه چيائين ڇو ته سندس علم ۾ آيل سيني شين جو وجود هن جي وجود ۾ اڄ به هلاڪ ٿيندڙ آهي ۽ انهيءَ حال جي مشاهدي کان سياڻي تائين فقط اُهي محروم آهن جن تي پردا پيل آهن. ليڪن ڏسڻ وارا ۽ مشاهدي وارا جيڪي زمان ۽ مڪان جي تنگيءَ کان آزاد ٿي چُڪا آهن تن لاءِ هي وعدو عين نقد آهي. اِها توحيد الاهي آهي جيڪا هر قسم جي نقصان کان الڳ ۽ آجي آهي ۽ خلق جي توحيد سندن ناقص وجود جي ڪري اڻپوري آهي. شيخ الاسلام ڪتاب 'منازل السائرين' کي هنن ٽن بيتن تي ختم ڪيو آهي:

ما وحد الواحد من واحد
اذكل من وحدهٗ جاحد
توحيد من ينطق عن نعته
عاريه ابطلها الواحد
توحيده اياه توحيده
و نعت من ينعته لاحد

[هڪڙو شخص، ذات واحد جي ڪهڙي تعريف ڪري سگهي ٿو بلڪ اهڙيءَ طرح هو جيڪي ڪجهہ چوي ٿو اجايو چوي ٿو. اهڙو شخص جيڪي ڪجهہ چوي ٿو پنهنجي اندر جي لحاظ کان چوي ٿو. پر سندس اهو سڀ ڪجهہ چوڻ اهڙي اوڏر آهي جيڪا واحد (ذات) وٽ باطل آهي. بس توحيد اها آهي تہ هو پاڻ پنهنجي توحيد بيان ڪري بيشڪ پنهنجي تعريف مطابق اهو ٿي لاحد هر وصف ۽ حد کان ٻاهر آهي.]



## فصل

### ولايت وارن جي باري ۾

ڪتاب 'ڪشف المحجوب' ۾ آهي تہ الله تعاليٰ نبوت جي دليلن کي باقي رکيو آهي ۽ ولين کي ان جي اظهار جو سبب بنايو آهي تہ جيئن الله تعاليٰ جي نشانين ۽ محمد ﷺ جي سچائي جي ثبوت ۽ ان سان ڳانڍاپو ظاهر ٿيندو رهي. انهن کي ٿي جهان جو والي ۽ حق سچ جي ڳالهہ جي تصديق ڪندڙ آهي ۽ آسمان مان ايندڙ خاص رحمت سبب سندن نفس کي تابعداري حاصل آهي. انهن جي قدمن جي برڪتن سان آبادي ۽ زمين منجهان سلا اُپري وڏا ٿين ٿا ۽ ايمان وارا ڪافرن تي سندن همت سان ڪامياب ٿين ٿا. اُهي ڪُل چار هزار آهن جيڪي مقرر ٿيل آهن پر اهي هڪ ٻئي کي نہ سڃاڻندا آهن ۽ پنهنجي حال جو جمال نہ ڄاڻندا آهن ۽ پنهنجو سمورو حال پاڻ

ءِ خلق کان ڳجهو رکندا آهن. حديث ۾ بہ اهڙو ذڪر ملي ٿو ۽ ڪيترن ئي اوليائن جا قول بہ انهيءَ باري ۾ ملن ٿا.

**الحمد للہ!** مون کي پڻ انهيءَ حقيقت جي چڱي خبر آهي بهرحال اُهي جيڪي وڏن معاملن جا صاحب آهن ۽ حق تعاليٰ جي بارگاهہ جا دربان آهن سي ٽي سؤ آهن جن کي "اخيار" چوندا آهن ۽ انهن مان ٻين چاليهن کي "ابدال" چوندا آهن ۽ انهن مان ٻين ستن کي "ابرار" چوندا آهن ۽ چار ٻيا آهن جيڪي "اوتاد" سڏبا آهن ۽ ٽي ٻيا آهن جيڪي "نقباء" سڏبا آهن ۽ انهن مان هڪ اهڙو آهي جنهن کي "غوث" ۽ "قطب" سڏيندا آهن ۽ اهي سيئي هڪ ٻئي کي سڃاڻندا آهن ۽ ڪمن ۾ هڪ ٻئي جي اجازت جا محتاج هوندا آهن ۽ هن ڳالهہ بابت ڪيتريون حديثون روايت ٿيل آهن ۽ اهل حقيقت انهيءَ قول جي سچائي تي متفق آهن. ڪتاب 'فتوحات مڪيہ' جي هڪ سؤ اٺانوي 198 باب جي ايڪٽيهين فصل ۾ انهن ستن مردن کي "ابدال" سڏيو آهي ۽ اتي ذڪر ڪيو اٿس تہ **الله** سبحانہ و تعاليٰ زمين کي ستن ولايتن ۾ ورهايو آهي ۽ چونڊيل ٻانهن مان ست



ماڻهو آهن جن کي ابدال سڏيو وڃي ٿو. انهن مان هر هڪ هڪڙي ولايت تي نگاهہ رکندو آهي. صاحب فتوحات چوي ٿو تہ مان انهن سان مڪي جي حرم پاڪ ۾ مليو آهيان ۽ انهن سان سلام عليڪم ڪئي اٿم ۽ انهن مون تي بہ سلام ورايو ۽ انهن سان گفتگو ڪيم **"فمارئيت فيما رئيت احسن سمتاً منهم ولا اڪثر شغلا منهم بالله"** يعني صحيح رُخ ۾ هجڻ جي لحاظ سان انهن کان وڌيڪ ڪنهن کي نہ ڏٺم! ۽ انهن کان وڌيڪ ٻيو ڪو مشغول نہ ڏٺم. **الله** جو قسم! انهن جهڙو ٻيو ڪو نہ ڏٺم ليڪن هڪ شخص قونيہ ۾ ڏٺو هوم. ڪتاب 'نفحات الانس' ۾ بہ ائين آهي.

اولياء **الله** جو ٻيو قسم اويسي آهن جيڪي سواءِ ڪنهن واسطي ۽ پير جي دستگيري محض الاهي تائيد ۽ بي گمان توفيق جي سهاري باطن ۾ علوم نبوي جي برڪت حاصل ڪن ٿا ۽ ٻئي ڪنهن واسطي کان سواءِ جناب رسالتمآب عليہ السّلام جي فيوضات عالي منجهان مشرف ٿيل آهن. انهيءَ عالي درجي واري جماعت جو اڳواڻ ۽ نگهبانن جي انهيءَ

جماعت جو سالار ۽ وحدتِ رباني جي اسرارن جو خزانو، شهود ۽ معرفت سبحاني (جنهن جون نعمتون وڏيون ۽ عام جام آهن) جي دريائن جو منفرد موتي شيخ اُويس قرني رحمة الله عليه آهي جنهن انهيءَ مقام ۾ مضبوط قدم رکيو ۽ محبوب حقيقي جي محبت جو جهنڊو بلند ڪيائين.

جيئن واقعو آهي ته درة التاج حضرت رسالتمآب ﷺ معراج واري رات فلڪ الافلاڪ جي بالاخانه تي جڏهن موتين سان جڙيل نوراني تخت مٿان فيوضات رباني جي چمڪندڙ چادر ۾ ويڙهيل اهڙي روح کي جسماني قالب ۾ ڏٺو ته مالڪ الملڪ جي سامهون اها کهڙي هستي آهي جو بالم تي پير ڏگهيريا اٿس. واقعي جي اصل حقيقت ڇا آهي؟ ايڏي جرأت وارو ۽ هن ظاهري بي ادبي جو مرتڪب ڪير آهي؟ تڏهن جبرئيل امين رب العالمين جي امر سان اچي ڪين عرض ڪيو ته اهو شيخ اويس قرني جي روح پُر فتوح جو قالب آهي جنهن اوهان جي عشق ۾ دم هڻي اوهان کان دوري ۽ درد جي ميدان ۾ قدم کنيو ليڪن اوهان جي عشق جي هَام جي ڪري خالقِ رب السمٰوٰت جي



بارگاهه مان ڪيس ڏوراپو مليو ته ڇا لاءِ ظاهري طور تي منهنجي محبوب جي پلاري ديدار کان پاڻ کي روڪيو اٿئي. اها ئي ڳالهه آهي جو ان پاڳن پري جي وصال يعني دارالفنا مان رحلت ڪري دارالبقا ۾ پهچڻ کان پوءِ آنحضرت عليه السّلام جو جُبو مبارڪ جڏهن ٻين صحابه ڪرام جي بدن تي پورو نه آيو ته خيرالانام عليه السّلام جي وصيت مطابق ۽ صحابه ڪرام جي اتفاق سان شاهه ولايت ۽ ڪرامتن جي ميدان جي اڳواڻ امير المؤمنين حضرت عمرؓ جي هٿان حقيقتن جي راز جي ڄاڻو ۽ محبتن جي مغز اويس قرني ڏانهن اهو جُبو موڪليو ويو. پاڻ اهو خطاب ۽ عاشقانه عتاب ٻڌڻ بعد نئين سر وضو ڪري ٻه رڪعتون شڪراني جون ادا ڪري ان جُبي کي پاتائين ته اهو مٿس پورو آيو، تڏهن زمين کي شڪراني وچان چميائين. ائين اهو عاشقن جو پيشوا ۽ حُبدارن جو مقتدا چُستيءَ وچان شاهِ ولايت جي خدمت مان اجازت ملڻ بعد حيرت جي حجري ۽ فڪر جي وادي ۾ غلطان ٿي ويو. دل مان اهڙي درد ۽ جدائي جي سڙيل آهه ٻاهر

کڍڻ وارو اهو خيرالتابعين يعني حبيب خدا جي پوئلڳن ۾ احسان سان نوازيل يمني ستارو شيخ اويس قرني آهي.

اهو ئي سبب آهي جو ڪڏهن ڪڏهن حضرت رسالتمآب ﷺ يمن ڏانهن منهن مبارڪ ڪري فرمائيندا هئا:

**"اني لاجد نفس الرحمٰن من جانب اليمن"**

[بيشڪ مون کي يمن کان رحمان جي خوشبوءِ اچي ٿي.]

روايت آهي ته نبي ڪريم عليه السّلام فرمايو "قيامت جي ڏهاڙي دوست ۽ دشمن کي ملائيندڙ باري تعاليٰ جنهن جون نعمتون عام ۽ ڳڻيون آهن. ستر هزار ملائڪن کي اويس جي صورت ۾ پيدا فرمائيندو ته جيئن اويس کي ٻين سيني جي نظرن کان اوجهل رکي بلڪ جيئن موتي لڙهه ۾ پوئبا آهن تيئن دنيا ۾ هن کي ٻين جي نظرن کان لڪل خزاني وانگر محفوظ رکيائين ۽ اويس پڻ ان محبت کي ڪڏهن وائکو نه ڪيو.

**"اوليائي تحت قبائي لايعرفهم [14] غيري"**



[منهنجا دوست منهنجي قبا (چادر هيٺ) آهن. انهن کي مون کان سواءِ ڪير به نه ٿو سڃاڻي.]

انهيءَ ڳالهه تي شاهد آهي بلڪ هن قسم جي عجيب روايت پڻ ملي ٿي ته جنت جي محل ۾ داخل ٿيڻ وقت سرور ڪائنات فخر موجودات عليه الصلوٰة والسّلام جن پاڻ اويس قرني جي فرحت بخش ديدار جي تقاضا ڪندا. جناب رب الارباب جي طرفان آواز ايندو ته هن مشڪل گُهر کان موٽ ڪائو ۽ هن غير ممڪن بيابان ۾ ڪوشش جو قدم نه کڻو. ڇو ته جهڙي طرح دنيا ۾ ملاقات نه ٿي سگهي اهڙي طرح آخرت ۾ به ٿيڻي ناهي!

جهان جي نور يعني پيغمبر عليه السّلام جي فرمان موجب منهنجي امت ۾ هڪ اهڙو مرد آهي جنهن کي قيامت جي ڏهاڙي ربيعه ۽ مضر قبيلي جي رڍن جي وارن جيترو شفاعت جو مقام ملندو. اهي قبيلا رڍن جي گهڻائي ۾ مشهور هئا. ڪنهن عرض ڪيو ته ان جو نالو ڇا هوندو؟ فرمايائون ته "اُويس" عرض ڪيائون ته ڪٿان جو آهي. فرمايائون ته "قرن".

پڇيائون ته حضرت رسالتمآب عليه الصلوٰة والسّلام جي صحبت سان مشرف ٿيل آهي؟ فرمايائون ته ظاهري طور تي نه. عرض ڪيائون ته تنهن وقت اهڙي ماڻهو ڪي حضرت رسالتمآب عليه الصلاة والسّلام جي خدمت ۾ پهچڻ کان ڪهڙي شيءِ مانع هئي جو خدمت ۾ نه پهتو ۽ جدائي جي باهه ڪي وصل جي پاڻي سان ٺڌو نه ڪيائين. فرمايائون ٻن شين جي ڪري، حال جي غلبي هٿان پيرن کان لاچار ۽ معذور، نابين پوڙهي ماءُ جي خدمت جي ڪري. ان جي ڏنارپ ڪري هو انهيءَ مان پيٽ پاليندو هو. جڏهن صديق اڪبرؓ ان سان ملڻ جي تمنا ظاهر ڪئي، تڏهن پاڻ فرمايائون ته اها سرمدي دولت تنهنجي هٿ نه ايندي بلڪ عمر فاروقؓ ۽ علي شيرِ خدا ؓ ان وڏي نيڪ بخت جي صحبت ۾ پهچندا ۽ هن جي عرفان جي درياءَ جي ڇولين ۽ يقين جي موجن مان مستفيض ٿيندا. جڏهن هنن اهڙي درخواست ڪئي ۽ ڪا خاص نشاني گهريائون ته پاڻ فرمايائون: **"انه رجل شعراني"** يعني هو گهاٽن وارن وارو شخص آهي ۽ سندس کاٻي ۽ ساڄي هٿ جي ترين جي پٺيان ۽ پاسن ۾ ٿورا اڇا داغ آهن



۽ ائين به چيائون ته توهان کي جڏهن ان جي صحبت ميسر ٿئي ان سان هم ڪلام ٿيو ته منهنجا ان کي سلام ڏجو ۽ منهنجي امت لاءِ دعا ڪرائجو.

روايتن ۾ آهي ته رسالت مآب عليه الصلاة والسّلام جي رحلت کان پوءِ وصيت مطابق سندن پيراهڻ مبارڪ کي عمر فاروقؓ ۽ علي مرتضيٰؓ گڏ ڪٺي ڪوفي ۾ پهتا. فاروق اعظم خطبي جي وچ ۾ فرمايو ته اي نجد وارؤ! توهان ۾ قرن جو ڪو شخص آهي؟ قرن جي ڪجهه ماڻهن کي حاضر ڪيائون. پڇا ڪيائون ته اويس نالي هنن نشانين سان قرن ۾ اهڙي شخص کي سڃاڻو ٿا؟ چيائو ته نه! البت هڪڙو مجنون، شرميلو ۽ هميشه اڪيلو رهڻ وارو بلڪ ماڻهن کان پري تنهائي پسند ۽ ويراني ۾ رهندو آهي ۽ عُرنه ۾ اٺ چاريندو آهي ۽ غمي ۽ خوشي کان پري رهندو آهي. جيڪڏهن ماڻهو روئن يا کلن ته هي انهن جي برعڪس هوندو آهي. تڏهن ٻئي عرنه وادي ڏانهن روانا ٿيا ۽ ان کي نماز ۾ وڃي ڏٺائون. هوڏانهن سندس اُٺ جهان جي مالڪ جي حڪم سان ملائڪن جي نگراني ۾ پئي

چريا. شيخ قرني جيئن ئي پيرن جي آواز کي محسوس ڪيو ۽ نماز مان سلام ورايائين ته فاروق اعظم ڪيس چوڻ لڳو ته پنهنجو ساڄو هٿ ڏيکار. واقعي اهو ئي نشان جيڪو صاحبِ وحي فرمايو هو سڃاڻي ورتائين. ان مهل ئي ان جو هٿ چميائين. پيغمبر عليه الصلوة والسّلام جا سلام پهچايائين ۽ چيائين ته پاڻ فرمايو اٿن ته ”اسان جي امت لاءِ دعا ڪر. اُويس چيو ته اي فاروق! هن خاص ڪم لاءِ تون وڌيڪ بهتر آهين ڇو ته هن وقت سموري خلق ۾ تنهنجي مثل ڪو امام ناهي.“ عمر فاروقؓ وراڻيو ته ”انسانن جي سردار جي وصيت بجا آڻ“ اُويس چيو ”اي عمر! سوچ ۽ سمجهه کان ڪم وٺ. متان اهو ڪو ٻيو شخص هجي.“ عمرؓ چيو ”اهو نشان جيڪو صاحبِ وحي فرمايو هو اهو تو ۾ ڏٺو اٿم. تڏهن يڪدم انهيءَ پهراڻ جي درخواست ڪيائين جيڪو وٺي ڪنڊ ۾ رکيائين. ان کان پوءِ نهايت عاجزي سان زارو قطار روئيندي زمين تي مُنهن رکي مناجات لاءِ زبان کوليائين ته ”اي نيڪي ۽ چڱائي جا الهام ڪندڙ! ۽ اي هدايت ڏيندڙ هادي! هن جبي کي ايستائين نه پائيندس



جيستائين نبي آخر زمان جي سموري امت مون سان گڏ بخشين ۽ بخشش جو قلم انهن جي گناهن تي نه ڦيرائين. غيبي آواز آيو ته ڪجهه تنهنجي ڪري بخشي ڇڏيم. هاڻي جبو پاءِ. عرض ڪرڻ لڳو ته سمورن جي بخشش گهران ٿو. وري آواز آيو ته بنومضر ۽ ربيعه جي قبيلن جي رڍن جي وارن جيترا بد ڪردار گنهگار تنهنجي ڪري بخشي ڇڏيم ۽ هن کان وڌيڪ نه پڪار. عرض ڪيائين: اي گهٽي کان گهٽو ڄاڻڻ وارا! محمد عليه الصلوة والسّلام جي سموري امت جي بخشش گهران ٿو. انهيءَ مهل فاروق اڪبر ۽ علي المرتضيٰ سندس آواز ٻڌڻ لاءِ وڌيڪ ويجهو ويا ته ان بلند بخت انسان جي حال ۾ خلل وجهي ڇڏيائون. تڏهن هن چيو جيڪڏهن توهان جلدي نه ڪيو ها ته آءٌ تيستائين خدا جي محبوب جو جُبو نه پايان ها جيستائين اهو مالڪ مهربان سموري امت جا گنهگار ۽ بد ڪردار نه بخشي ها. ان وقت اُويسؓ کي اٺ جي چمڙي جو پوش ڍڪيل هو ۽ سندس دل جي ديڳ محبت ۾ ٽهڪندڙ هئي ۽ مٿي ۽ پيرن اگهاڙو هيو. جيتوڻيڪ سندس هٿ ۾ هڪڙو درهم ۽ دينار به نه هو پر

سندس زبان تي هيڪڙائي جي چاشني جو ذائقو هو ۽ ٻنهي جهانن جا خزانا سندس گودڙيءَ جي هيٺان لڪل هئا. جڏهن فاروقؓ اهڙي صاحب تجريد و تفريد جو اهو حال ڏسي چوڻ لڳو آءٌ پنهنجي خلافت کي هڪڙي مانيءَ جي مُلهه برابر مس سمجهان ٿو ان ڪري مون کي پنهنجي موجوده حال تي روئڻ ٿو اچي. اُويسؒ چيو ان لاءِ خريد و فروخت جي ڪهڙي ڳالهه آهي. هيءَ امانت پاڻ هٿ سان ڏئي ڇڏ ۽ پابنديءَ وارو ڳٽ ڳچي مان لاهي ڇڏ. جڏهن عمر فاروقؓ اهڙو ارادو ڪيو ته رسول **الله** ﷺ جا صحابي سڳورا سندس خدمت ۾ آيا ۽ عرض ڪيائون ته عدل جي هڪ گهڙي سؤ سال جي عبادتن کان بهتر آهي ۽ خلافت واري امانت کي جيڪا صديق اڪبر کان ملي اٿوَ ان کي ائين نه ڇڏڻ گهرجي بلڪ حقداري ۽ مسلمانن جي مصلحتن خاطر پنهنجي همت خرچ ڪرڻ گهرجي.

واقعي عمر فاروقؓ جو رتبو اويس قرني کان زياده آهي پر خلافت ۽ امامت جي مسئلن جي ڪري تجريد جي مقام ۾ نه هو جنهن جو عَلم اويس قرني بلند ڪيو هو. اها ادنيٰ آرزو خدا



جي حبيب رسالتمآب جي ان التماس وانگر آهي جڏهن پاڻ ساڳئي هٿن پيرن کان معذور اويس کي دعا لاءِ چيو هئائون. اهو ئي سبب هو جو پوءِ عمر فاروقؓ کيس چيو. اي اويس! اسان لاءِ دعا ڪر. چيائين پنج وقت نماز ۾ دعا ڪندو آهيان جيڪا توهان ۽ سڀني مسلمانن لاءِ آهي ۽ التحيات سان گڏ "**اللهم اغفرلي ولجميع المؤمنين**" يعني اي منهنجا **الله**! مون کي ۽ سڀني مومنين کي بخش ڪر واري دعا پڙهندو آهيان ۽ عام و خاص لاءِ دعا چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿو. عمر فاروقؓ چيو ڀلا اسان کي ڪا وصيت ڪر. چيائين: خدا کي سڃاڻين ٿو؟ چيائين هائو. چيائين ته انهيءَ شناسائي جي هوندي ان جي غير کي جيڪڏهن نه سڃاڻين ته چا تي پوي ها! چيائين انهيءَ کان وڌيڪ ڪجهه چئو. چيائين خدا تعاليٰ توکي ڄاڻي ٿو ڪاش! تون ان جي غير کي نه ڄاڻين ها، بلڪ پنهنجي خوديءَ کي به پنتي ڪري ڇڏين ها! تڏهن عمر فاروقؓ چوڻ لڳو. ته ڪانئس ڪائڻ جي ڪا شيءِ پيش ڪريان. اويسؓ پنهنجو هٿ تڏي هيٺان وجهي ٻه درهم ڪڍيا جيڪي ڏٺارپ جا هيس چيائين ته ڏٺارپ جي ڪمائي

مان ڪائڻ گهڻو بهتر آهي. حضرت عمرؓ وڏيڪ سوال ڪرڻ تي چوڻ لڳو جيڪڏهن انهيءَ ڪمائي جي خرچ ڪرڻ تائين منهنجي جيئري رهڻ جي پڪ ڏيو ته پوءِ توهان ڪان ڪا شيءِ وٺان. ٿوري دير بعد چيائين ته موٽي وڃو قيامت جو معاملو تمام قريب آهي، ته جيئن رضائي الاهي جي حصول خاطر رهيل سفر جي سامان ڪٺي ڪرڻ ۾ مشغول ٿي وڃان، روڪڙ جهڙي وقت ڪي اجايو نه گذاريان.

چون ٿا ته قرن جا رهاڪو ڪوفي مان موٽي آيا ۽ جڏهن ان واقعي جي ڪين خبر پئي ته اويسؓ ڪي وڏي عزت وارو مقام ڏنائون. ليڪن ان ڪان پوءِ اُويسؓ ڪي وري ڪنهن شخص نه ڏٺو مگر شمع صفا، معدنِ وفا هرمز بن حيان چوي ٿو ته جڏهن ٻڌم ته بارگاهه اِلاهي ۾ شيخ اويس جو مرتبو مٿانهين درجي وارو آهي ته مون تي پڻ شوق جو غلبو ٿيو ۽ منهنجي ذوق به اُن ڏانهن ڇڪ ڪاڍي جو آخر سندس طلب ۾ سفر ڪيم ۽ جهنگ جهر جهاڳي ڪوفي ۾ اچي پهتس ۽ فرات جي ڪناري تي ڪيس ڳولي لڌم جڏهن اتي اچي اهو املهه ڏٺم تڏهن پاڻ وضو



پئي ڪيائين ۽ محبوب حقيقي سان محبت جي شغل ۾ رڌل هو. سلام ۽ آداب بجا آڻي هٿ وڌايم پر مون ڪي هٿ نه ڏنائين ۽ اعتراض طور چيائين ته ”اي هرمز بن حيان! توڪي ڪهڙي شيءِ هن جاءِ تي آندو؟ چيم منهنجي پيءُ جي نالي جي توهان ڪي ڪيئن خبر پئي؟ ته وراڻيائين:

**نَبَّاَنِيَ الْعَلِيمُ الْخَبِيرُ** (التحريم: 3)

[مون ڪي وڏيڪ ڄاڻندڙ ۽ خبر رکندڙ خبر ڏني.]

ان ڪري اهو راز ڪليو بلڪ منهنجي روح جي تنهنجي روح سان ازل ۾ جيڪا الفت رهي آهي ان ڪري توڪي سڃاتم. مون ڪيس عرض ڪيو پلي ۾ پلي ۽ عقل ڪي عاجز ڪندڙ، فصاحت جو خاتمو ڪندڙ، بلاغت جي پورائي ڪندڙ ۽ روشنيءَ جي انجام پيغمبر ﷺ جي ڪلام مان مون ڪي ڪا ڳالهه ٻڌايو. چيائين مان ظاهري ۽ جسماني طور صحبت جي دولت سان مشرف نه ٿيو آهيان ۽ انهيءَ ڪري نه ٿو چاهيان ته وڏيون ڳالهيون ڪندڙ محدثن ۽ جرح ڪندڙ راوين جي فهرست ۾

اچان. عرض ڪيم تہ پلا قرآن مجيد فرقان حميد جي آيتن مان ڪا آيت پڙهو تہ هي آيتون پڙهيائين:

**وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْإِنْسَ إِلَّا لِيَعْبُدُونِ** (الذاريات: 56]

[۽ مون نہ خلقيو آهي جنن ۽ انسانن کي مگر عبادت لاءِ]

(ٻي آيت آهي:)

**وَمَا خَلَقْنَا السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا لَاعِبِينَ** (الدخان: 39)

[۽ اسان نہ خلقيو آهي آسمانن ۽ زمين ۽ انهن جي وچ ۾ جيڪي ڪجهہ آهي کي اجايو.]

**مَا خَلَقْنَاهُمَا إِلَّا بِالْحَقِّ وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُونَ .... الخ** [16] (الدخان: 41 -42)

[اسان ٻنهي کي نہ پيدا ڪيو آهي مگر حق سان پر انهن مان اڪثر نہ ٿا ڄاڻين اهو ئي غالب حڪمت وارو آهي.]



ان وقت سندس اکين مان لڙڪ ٽمڻ لڳا ۽ دل مان گرم آهہ ڪڍيائين ۽ زمين تي پاسا ورائي حال مان بيحال ٿي ويو. جڏهن ان حال مان واپس وريو تہ چيائين اي ابن حيان! هتي ڪهڙي مقصد خاطر آيو آهين؟ چيم جيئن توهان سان ورونهہ ڪيان. چيائين اهڙي شخص کي هرگز نہ ٿو سڃاڻان جيڪو خدا کي سڃاڻي پر ان جي غير سان ورونهہ ڪري. آخر هرمز چيو مون کي وصيت ڪريو. چيائين موت کي سمهڻ مهل وهاڻي هيٺان رکي سمهہ ۽ اٿڻ مهل اکين آڏو رک ۽ هلڪا ۽ ننڍا گناهہ نہ ڪر ڇو تہ صغيرن گناهن تي اصرار پڻ عين ڪبيرو گناهہ آهي. هرمز چيو ڪا اهڙي جاءِ ڏسيو جتي وڃي سڪون سان رهان ۽ مرڻ تائين اتي عبادت ۾ مشغول ٿيان. چيائين شام (ملڪ هليو وڃ) چيم اتي گذر سفر ڪيئن ڪيان؟ چيائين حيف هجي ان دل تي جنهن تي شڪ غالب اچي وڃي پوءِ اها دل نصيحت ڪيئن قبول ڪندي. تڏهن هرمز چيو تہ ٻي ڪا نصيحت ڪريو. چيائين اي حيان جا پٽ! تنهنجو پيءُ ۽ ڏاڏو مري ويا ۽ آدم ۽ حوا، نوح ۽ ابراهيم، موسيٰ ۽ دائود ۽ حضرت محمد ﷺ بہ

هن جهان مان سامان کڻي هليا ويا. خليفن مان حضرت ابوبکرؓ ۽ عمر فاروقؓ پڻ دم ڏٺي حوالي ڪيو. عرض ڪيم عمرؓ جي عمر اجا باقي آهي. چيائين عمر جي عمر ختم ٿيڻ جي باري ۾ حق تعاليٰ خبر ڏني آهي. وڌيڪ چيائين مان ۽ تون ٻه اهڙن سمورن مئلن مان آهيون نه ڪي هميشه رهندڙ! آخر مون لاءِ دعا ڪيائين ۽ چيائين وصيت اها آهي ته ڪتاب الله ۽ اهل صلاح وصفا جي واٽ وٺي هل ۽ هڪ پل به باري تعاليٰ جي ياد کان غافل نه رهه ۽ چيائين اي حيان جا پٽ! مون کي به دعا ڪر جو مون به تو کي دعا ڪئي آهي ۽ هاڻي منهنجي نظرن ۽ منهنجي اکين کان پري هليو وڃ. مون گهڻو ئي گُهربو ته ڪا گهڙي وڌيڪ سندس صحبت ۾ رهان پر راضپو نه ڏيکاريائين ۽ پاڻ به روئڻ لڳو ۽ مون کي به روئڻ اچي ويو تانجو منهنجي نظر کان غائب ٿي ويو ۽ جدائي جو داغ منهنجي جگر تي نقش ڪري هليو ويو.

هڪ ٻي روايت موجب ربيع هيثم (خُثيم) نالي هڪ شخص کي پڻ ميدان تجريد جي ان شهسوار ۽ معرڪئہ تفريد



جي يگاني اڳواڻ جي ديدار جي شوق ۽ فيض سندس دل کي بيتاب ڪيو ۽ آخر ان طلب ۾ پنهنجي وسان نه گهٽايائين تانجو صبح جي نماز ۾ وڃي ڪيس ڳولي لڌائين پر هو تسبيح ۽ تهليل ۾ اهڙو ته مشغول هو جو ڪيس هٿ ملائڻ جو موقعو به نه مليو. آخرڪار ٽي ڏينهن سانده نماز کان پوءِ به هن سان منهن نه ڏنائين بلڪ ان دوران نه ڪجهه کاڌائين ۽ نه ڪو سُتو. چوٿين رات ٿوري دير لاءِ سندس اکين ۾ ننڊ محسوس ٿيڻ لڳي. مون ڪن ڏيئي ٻڌو ته الله تعاليٰ سان هيئن مناجات پئي ڪيائين جيڪو:

**لَا تَأْخُذُهُ سِنَةٌ وَلَا نَوْمٌ** (البقره: 255)

[ان کي نه اونگهه ۽ نه ئي ننڊ وٺندي آهي.]

وارو آهي ته اي مالڪ! آءٌ گهڻي ننڊ واري اک ۽ پربل پيٽ کان تنهنجي پناهه ٿو گهران. دل ۾ انصاف ڪري چيم ته مون لاءِ ايتري نصيحت ڪافي آهي ۽ اها نصيحت ئي مون کي ڏنائين. پوءِ ڪيس ٻي تڪليف نه ڏنم ۽ پوئين پير واپس ٿيس. چون ٿا

تہ سجي عمر ۾ نہ سُتو ۽ نہ ڪا شادي ڪيائين. هر رات سجدي ۾ وجي ڏينهن ڪري ڇڏيندو هو ۽ هر ڏينهن کي رڪوع، سجدي ۽ قيام ۾ گذاري رات ڪري ڇڏيندو هو. ڪيس چيائون اي اويس! اهڙي طاقت ڪيئن ٿو رکين جو ايڏي وڏي رات هڪ حال ۾ ٿو گذارين؟ چيائين "**سبحان ربي الاعليٰ**" اجا هڪ پيرو پورو نہ ڪندو آهيان جو ڏينهن ٿي ويندو آهي ۽ جهان نور سان منور ٿي ويندو آهي. شيخ طريقت شيخ فريدالدين عطار فرمايو تہ **الله** تعاليٰ جي ولين جي هڪ قوم آهي جن کي طريقت جا مشائخ ۽ حقيقت جا اڪابر اُويسي سڏيندا آهن ۽ انهن کي ظاهري طور تي ڪنهن پير جي ضرورت نہ هوندي آهي چو تہ انهن کي حضرت رسالت مآب ﷺ پنهنجي عنايت سان پرورش ڪندا آهن. جيئن اويسؓ جي ڪيائون ۽ انهيءَ عظيم ۽ اعليٰ مقام تي اهو ئي پهتو جنهن هيءَ دولت عظميٰ حاصل ڪئي. بس ائين سمجهہ:

**ذَٰلِكَ فَضْلُ اللَّهِ يُؤْتِيهِ مَنْ يَشَاءُ** (الجمعة: 4)



[هي **الله** تعاليٰ جو فضل آهي جنهن کي چاهي عطا فرمائيندو آهي.]

اهڙي طرح ڪي اولياءَ **الله** اهڙا آهن جيڪي حضور ﷺ جا تابعدار آهن جيڪي بعض طالبن جي روحاني تربيت بغير ظاهري پير جي ڪندا آهن ۽ اها جماعت اويسين ۾ داخل آهي ۽ طريقت جي گهڻن ئي مشائخن کي سلوڪ جي شروع ۾ هن مقام جو توجهہ حاصل ٿيو آهي. جيئن شيخ بزرگوار شيخ ابوالقاسم گرگاني طوسي جنهن سان نجم الدين الڪبريٰ جي مشائخن جو سلسلو ملي ٿو ۽ شيخ ابوسعيد ابوالخير ۽ شيخ ابوالحسن خرقاني جي ٽولي وارا جيڪي ذڪر جي منڊ ۾ سدائين 'اويس' 'اويس' چوندا هئا. حضرت غوث الحق رب پاڪ جي طرفان انهيءَ وڏنڊ لقب سان سرفراز آهي بلڪ انهيءَ طريقي سان سلوڪ طئي ڪيو اٿس ۽ ڪنهن ظاهري واسطي کان سواءِ اصلي مقصد حاصل ڪيل اٿس.

خوش آنکس کش زبهر

زرمقصود

محک هرگز نباشد هيچ مشهود

[اهو شخص خوش نصيب آهي جنهن کي سون جي پرکڻ لاءِ
ڪنهن ظاهري ڪسوٽي تي نظر ئي نٿي پوي.]

’قل الله ثم ذرهم‘ خواب و خور اوست
’ابيت عند ربي‘ برگ و بر اوست

[’الله جو نالو وٺي باقي سڀ ڪجهه ڇڏي ڏي‘. اهڙي شخص جي غذا آهي ’آءٌ پنهنجي رب وٽ رات گذاريان ٿو‘ سندس ثمر ۽ ساٿي آهي.]



## باب پيو

### مناقب مخدوم نوح ؒ

ولايت جي آسمان جو سج، وحدت جي محلات جي شمع، معرفت جي تخت تي ويٺل، شريعت جي باغ جي بلبل، طريقت جي ميدان جو پهلوان، رازن ۽ رمزن کي سڃاڻڻ وارو، هدايتن ۽ ڪرامتن جي تلوار کي تيز ڪندڙ، رهبري ۽ رهنمائي جو چراغ، الله وارن جي قافلي جو اڳواڻ، خدا جي واٽ جي طالبن جو مُنڍ، محبتي مجلس جو سرموڙ، خلوت جي محل جو واقف ۽ ڄاڻو، اجتهاد جي راهه جي پانڌيئڙن جو ساٿي ۽ سونهون، هدايت ۽ واٽ ڳوليندڙن جو سرواڻ، سچ ۽ حق جو مددگار، عين اليقين جي حقيقت جو سڃاڻيندڙ، ظاهري ۽ معنوي درجن تي فائز، محنت

سان عطا ٿيل علومن جو پندار، دين جي عزت ۽ رونق، ساراهه ۽ ساڃهه وارن جو سربراهه، عارفن جي اڳوڻن جو منتخب، اڪابر محققن جو اڳواڻ ۽ مڙني معرفتن جو صاحب ۽ ظاهري ڪرامتن سان سينگاريل، عالي مقامات ۽ سهڻن احوالن وارو، بگڙيل نفسن کي فرمانبردار ڪرڻ وارو، بدن ۽ روح جو سڌارڪ يعني مخدوم نوح، **الله** تعاليٰ سندس قبر کي روشن رکي. بيشڪ هو پاڻ عبادتن جي سيني نمونن سان هر وقت ۽ هر طرح ڳنڍيل هئا. پاڻ غيبي وارداتن کان با خبر، طلب جي وادي جي اڃايلن کي تلقين جي سهڻي سواري ذريعي وصال واري مٺي ۽ صاف پاڻي جي هنڌ تي پهچائيندا هئا. هو نفسن جي باغيچن کي پروردگار جي ذڪر وارين مڪڙين سان جلوي ۽ جمال جي جوت ڏئي ڪميني توڙي شريف کي احوال ۽ استعداد جو لائق بڻائي ڪاميابي سان ڪمال جي سرچشمي تي پهچائيندا هئا. هو فيوضات جي بارش سان منتظر دلين جي رهنمائي ۽ ضرورتمندن جي مقصد برآوريءَ خاطر، صحيح صورت بيان ڪرڻ سان پيل



پردا هٽائي، هر ٽولي جي سچي طلب موجب الهام جي زبان کولي هر ننڍي وڏي شيءِ جو تفصيل قرآن جي آيت ڪريم:

**وَلَا رَطْبٍ وَلَا يَابِسٍ** (الانعام: 59)

[۽ ڪا سُڪل ۽ آلي شيءِ ناهي مگر روشن ڪتاب ۾]

مطابق فرمائيندا هئا. اهڙي طرح طالب کي پنهنجي چهري جي اصليت واري آئيني ۾ پنهنجو گوهر مقصود نظر ايندو هو. پاڻ محڪمات ۽ متشابهات آيتن جون تاويلون اهڙي طرح بيان ڪندا هئا جو وڏا وڏا فصيح ۽ بليغ عالم سندن سامهون عاجز ٿي هٽي ويندا هئا. وڏي ڳالهه اِها ته سندن ظاهري مڪتبي تعليم موجب پاڻ قرآن مجيد جي ويهن پارن (پنج پهرين ۽ پندرهن پوين) کان وڌيڪ ياد نه ڪيا هئائون.

پاڻ هميشه عام ماڻهن جي وچ ۾ ويهي جماعت جي آڌو گذاري ويلن جي احوال ۽ ايندڙن جي نشانين جي ذڪر نهايت سهڻي ۽ سٺي نموني ۾ بيان ڪندا هئا. جيڪو به سچي ارادي سان سندن خدمت ۾ ايندو هو ته **لاالٰه الاالله** جي

كلمي پاڪ جو ورد سندس زبان تي جاري ٿي ويندو هو توڙي جو ظاهر ۾ هو باري تعاليٰ جي بارگاهه منجهان سندن مريديءَ جي ونڊ مان حصيدار ٿيل نه هوندو هو. ليڪن فصاحت ۽ برڪتن واري سندن ذات جي ترجمان زبان انهيءَ معنيٰ جي مٿان ناطق هوندي هئي. جام معرفت پيتل بهاءالدين دلق پوش ٻن نيڪ شخصن کان نقل ڪري ٿو جن مان هڪ معرفت جي رازن کان باخبر مخدوم فضل الله آهي ۽ ٻيو نيڪ بخت انسان ميان محمود ڪاريو آهي. اهي روايت ڪن ٿا ته هڪ ڏينهن صبح شام حال تي قائم رهندڙ شيخ ابوبڪر قريشي جيڪو پاڻ غوث العالم جي اولاد ۽ وفادارن جي عالي مجموعي شيخ بهاؤالدين زڪريا جي سعادتمند اولاد مان هو ۽ بندگي ۽ ارادت جي راهه ۾ راحت ۽ روح جي پيالن جي ساقي، صدق ۽ وفا جي ٻن دريائن جي ميلاپ يعني مخدوم سان وابستگي رکندڙ هو. هن حقيقتن سان واقف مخدوم فضل الله کان پڇيو ته حضرت مخدوم نوح ڪهڙي سلسلي سان اخلاص واري نسبت رکن ٿا؟



انهيءَ راز کي معلوم ڪرڻ لاءِ هو مخدوم نوح جي بابرڪت خدمت ۾ ڊوڙي آيو ۽ اجا دل جي ڳالهه ظاهري طور نه چئي هئائين جو ڪيس فرمايائون:

**لَيْسَ لَهَا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيٌّ وَّلَا شَفِيْعٌ** (الانعام: 70)

[هن لاءِ ان ذات کان سواءِ ڪو دوست ۽ ڪو وچ وارو ناهي.]

انهيءَ آيت ڪريمه جي ٻڌڻ سان شيخ ابوبڪر استغراق واري حالت ۾ هليو ويو. آخر جڏهن بيهوشي مان ٻاهر آيو ته اهو راز مخدوم فضل الله جي سامهون رکيائين ۽ اهو پڻ جڏهن حيرت جي حالت مان صحيح سلامت ٻاهر نڪتو ته چيائين ته بيشڪ جيڪو فرمايائون حق سچ آهي ۽ ائين ئي پڪو اعتقاد رکڻ گهرجي چو ته.

**"شرف الانسان بالنطق وشرف النطق بالعقل وشرف العقل بالعلم وشرف العلم بالعمل وشرف العمل با لاخلاص وشرف الاخلاص بالتقويٰ وشرف التقويٰ بالادب وشرف الادب بالمعرفته وشرف المعرفة بالله"**

[يعني انسان جو شرف ڳالهائڻ سان آهي ۽ ڳالهائڻ جو شرف عقل سان آهي ۽ عقل جو شرف علم سان آهي ۽ علم جو شرف عمل اخلاص سان آهي ۽ اخلاص جو شرف تقويٰ سان آهي ۽ تقويٰ جو شرف ادب سان آهي ۽ ادب جو شرف معرفت سان آهي ۽ معرفت جو شرف **الله** تعالي سان آهي.]

۽ پڻ فرمايائون:

**وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوَىٰ** (النازعات: 40)

[۽ جنهن نفس کي خواهشن کان روڪيو.]

ولايت جي صاحب مخدوم زاده ميان موسيٰ جيڪو ڪنهن وقت هڪ محفل ۾ هو اسرار الاهي ۽ اڻ ڪُٿ دريا ۾ ٽٻين کان بعد ڳالهه جي انتها هن ريت ڪئي جو مون ڏانهن اشارو ڪري چوڻ لڳو ته توکي ان باري ۾ ڪجهه علم آهي؟ يعني ته جناب مخدوم جي ارادت ڪهڙي خانوادي يا سلسلي سان ٿي ملي. آءُ خبر نه هجڻ ڪري چپ رهيس تانجو هڪ ڏينهن سندن بابرڪت خدمت سڳوري ۾ ارادو ڪيم ته عقل



سان انهيءَ ڳالهه لاءِ زبان ڪوليان تڏهن پاڻ روشنين ڪي عاجز ڪندڙ هنن آيتن جو سچ وانگر تجلو ڪيائون.

**مَنْ يَهْدِ اللَّهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِي وَمَنْ يُضْلِلْ** (الاعراف:178)

[جنهن کي **الله** تعاليٰ هدايت ٿو ڏئي ته ان کي ڪو به گمراهه ڪندڙ ناهي.]

**مَنْ يُضْلِلِ اللَّهُ فَلَا هَادِيَ لَهُ** (الاعراف: 186)

[۽ جنهن کي گمراهه ڪري ته ان کي ڪو به هدايت ڪندڙ ناهي.]

**مَنْ يَهْدِ اللَّهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِ وَمَنْ يُضْلِلْ فَلَنْ تَجِدَ لَهُ وَلِيًّا مُرْشِدًا** (الڪهف:178)

[جنهن کي **الله** تعاليٰ هدايت ڏئي پوءِ اهو ئي هدايت يافته آهي ۽ جنهن کي اهو گمراهه ڪري ته ان لاءِ ڪو هدايت ڏيندڙ والي ناهي.]

**يُضِلُّ مَنْ يَشَاءُ وَيَهْدِي مَنْ يَشَاءُ** (الفاطر:8)

[جنهن کي چاهي گمراهه ڪري ۽ جنهن کي چاهي هدايت ڏئي.]

**وَمَنْ يُضْلِلِ اللّٰهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ سَبِيلًا** (النساء:143)

[۽ جنهن کي گمراهه بنائي پوءِ ان لاءِ ڪا واٽ نه لهندين.]

اهڙي طرح اونداهين جي پردي کي هٽائيندڙ گفتگو ڪندي هن طرح بيان ڪيائون ته جڏهن هدايت ۽ گمراهي هن جي ڪامل قدرت جي منشا ڪان سواءِ ڪنهن به ريت حاصل ٿيڻ واري ناهي، ته پوءِ جيڪو انهن هدايتن ۽ بي انتها عنايتن سان نوازيل هوندو آهي ته ان صورت ۾ اهو بني آدم جي ڪنهن ٻئي فرد جو محتاج نه هوندو آهي. بلڪ هدايت جا اهڙا طلبگار رياضتن ۽ مجاهدن سان مرشد جي ارشاد جي توسط سان حقيقي محبوب جو مشاهدو ماڻي وٺندا آهن ۽ هن سلسلي ۾ هدايت ڪندڙ ۽ هدايت وٺندڙ جي درميان مرتبي سان ڪو فرق نٿو پوي. جيئن خير الانام جي هن سچي قول مبارڪ مان واضح آهي:

**من طلب شيئاً وجدّ وجد**



يعني جنهن شيءِ جي ڳولا ڪئي ته پوءِ اها ضرور لهندو.

اهي ٻئي ڳالهيون هن وٽان ٿي آهن ڇو ته هر حال ۾ **الله** تعالىٰ جي بزرگي ۽ ان جي وڏائي سڀ ڪان پهرين آهي ۽ اهو ئي اُويسن جو مرتبو آهي جيئن لغت جي ماهرن جي اڳيان اُويس لفظ جي معنيٰ ۽ مطلب پوشيده ناهي. ڇو ته اُويس 'اوس' جي تصغير آهي ۽ اوس ڦاڙيندڙ بگهڙ کي چئبو آهي ۽ تصغير تعظيم جي لاءِ آهي. يعني **الله** ڪان سواءِ ٻي هر شيءِ کي چڱي طرح ڦاڙيندڙ ۽ ان بي نياز بارگاهه سان هر وقت مليل! انهيءَ حقيقت جي باري ۾ شيخ فريدالدين عطار چيو آهي ته وڏي طريقت جي اصلي اوليائن مان ۽ حقيقت جي مشائخن مان هڪ ٽولو اهڙو به آهي جيڪي ارادت جو هٿ ظاهري طور ڪنهن ڪان نه وٺندا آهن پر انهن جو مرتبو سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ۽ وهم وگمانن ڪان به مٿي هوندو آهي. جيئن حديث قدسي آهي ته، "بيشڪ نبين ۽ رسولن ڪان سواءِ منهنجا پنج سؤ اهڙا ٻانها آهن [19] جن جا مرتبا سمورن مرتبن ڪان مٿي آهن ۽ اهي مشاهدن جي درياءَ ۾ غوطا کائيندڙ آهن ۽ انهن جي خوراڪ بقا وارو نور

آهي ۽ انهن جو پاڻي آب حيات ۽ انهن جي ننڊ معراج وانگر آهي ۽ انهن جون خطائون بہ نيڪين وانگر آهن ۽ انهن جي مزاح تسبيح آهي ۽ انهن جو ڪلام **الله** جو ذڪر آهي ۽ انهن جو لباس ڪاري اُن آهي ۽ انهن جون صورتون ياقوت وانگر آهن ۽ انهن جا چهرا آسمان ۾ سج وانگر آهن ۽ انهن جون اکيون، ڪن، زبان، بدن، ڪل، گوشت، رت، دليون ۽ روح سڀ **الله** تعاليٰ جو نور آهن ۽ انهن جو بيهڻ **الله** تعاليٰ جي حضور ۾ آهي ۽ اهي بقا وارا آهن ۽ انهن کي موت ناهي ۽ انهن کي زوال ناهي ۽ انهن کي فنا ناهي ۽ انهن کي **الله** تعاليٰ کان سواءِ ڪو نہ ٿو ڄاڻي ۽ جيڪڏهن انهن وٽ ڪافر اچي ويهي تہ مؤمن ۽ مسلمان ٿي وڃي ۽ جيڪڏهن فاسق ۽ ظالم ۽ ڪافر انهن وٽ اچي ويهي تہ توبهہ تائب ۽ سچو ۽ مخلص بڻجي وڃي.“

اهڙن ٻانهن لاءِ سندن رب طرفان هيئن پڻ وارد ٿيل آهي:

”اي غوث الاعظم! بيشڪ منهنجا نبين ۽ رسولن کان سواءِ اهڙا ٻانها آهن جنهن جي احوالن بابت دنيا ۽ آخرت مان ڪوبہ نہ ٿو ڄاڻي ۽ نہ ئي جنت وارن مان ۽ نہ ئي دوزخ وارن مان ۽ نہ ئي



جنت ۽ جهنم جي داروغي مان ڪو ڄاڻي ٿو ۽ مون انهن کي جنت ۽ جهنم، ثواب ۽ عذاب، حور، محلات ۽ غلمان لاءِ نہ خلقيو آهي. مبارڪ هجي انهن جي سڃاڻ وارن کي ۽ انهن کي (حقيقي طور) مون کان سواءِ ڪو بہ نہ ٿو ڄاڻي.“

نبي ڪريم ﷺ فرمايو:

**الانسان سرّ الله تعاليٰ في الارض.“**

[انسان زمين ۾ **الله** تعاليٰ جو راز آهي]

پر وڏيڪ پڪي ڳالھ مطابق تہ.

**لولاک لما خلقت الافلاک**

[جيڪڏهن تون نہ هجين ها تہ ڪائنات ئي پيدا نہ ڪيان ها.]

هنن موتين سان پربل مضمون جي منشا آهي تہ.

**طرق الطالبين من الله ڪثيرة لکن لاطريق سوي المحمد**

[الله تعاليٰ ڏانهن طالبن جا طريقا گهڻا ٿي آهن پر محمد ڪريم ﷺ کان سواءِ ڪو صحيح رستو ناهي.]

مطلب هن راهه ۾ پوءِ اها ظاهري هجي يا باطني نبوي شريعت يعني سنت مبارڪ ۽ مصطفيٰ ﷺ جي تابعداري ۾ راضي رهندڙ ۽ راضي ٿيلن جي پوئواري اڻ ٽر آهي

روز و شب طالب قبول وئيم
پيروي امت رسول وئيم

[ڏينهن رات هن جي طلب ڪندڙ آهيون ۽ هن جي رسول جي اُمت آهيون.]

هڪ روايت موجب هدايت يافته مخدوم عبدالعزيز ۽ هر وقت يقين جي ڇهري سان ٻهڪندڙ بهاءُالدين جي موجودگيءَ ۾ حضرت مخدوم ڪنهن تقريب ۾ وڃڻ لاءِ ٺٽي شهر جو پڪو ارادو ڪيو. نبوي خاندان جو خلاصو ۽ مرتضوي خاندان جي ٽاري ۽ حقيقت جي باغ جو بلبل سيد علي شيرازي سندن بابرڪت



آمد جو ٻڌي ڪين پنهنجي گهر وٺي آيو. شهر جا ننڍا وڏا برڪت حاصل ڪرڻ واسطي سندس خدمت ۾ آيا. محبت جي نقش و نگارن ۾ گم، صاف مرتبي وارو سيد جلال رب ذوالجلال جي اسرارن ۽ رمزن جي ڏکهين ڳالهين بعد خوشي بخشيندڙ خدمت ۾ عرض ڪيو ته ٻڌو ٿو وڃي ته سائين جن پاڻ شاهه ولايت حضرت علي ڪرم الله وجهه جي خدمت ۾ ارادت جي طلب رکن ٿا. فرمايائون هائو، اها درگاهه انسانن جي پناهه ۽ حفاظت لاءِ اڻ ٽر آهي. مون ننڍپڻ ۾ چوڏهن سالن جي عمر ۾ سالڪن جي قبلي مخدوم عربي جي مدرسي ۾ قرآن جو سبق ٿي پڙهيو ۽ جڏهن:

و نادىٰ اصحٰب الاعراف

[۽ اعراف وارن دوستن سڏيو.]

واري لکيل پٽي دريا تي ڌوئڻ لاءِ کڻي ويس، تڏهن پٽي ڌوئڻ ۽ نئين وضو ۽ غسل کان بعد اوچتو هوا مان ٻه چنبڙ جهڙا جسم ظاهر ٿيا. چيائون اي مولانا ۽ مخدومنا! توکي حضرت

رسالت مآب ﷺ طلب فرمايو آهي. هو مون کي پنهنجي ڪلهن تي سوار ڪري ڪٽي هليا. ڏٺم تہ هڪ شاندار ڪرسي تي حضرت عيسيٰ عليه السّلام ويٺا آهن. انبياء ۽ اولياء کي واعظ ۽ نصيحت پيا فرمائن. مون کان پٽي هٿ مان وٺي ان تي ارڙهن سٽون پاتائون ۽ هر سٽ تي جدا علم لکيائون ۽ سيکاريائون. تڏهن دل ۾ خيال آيو تہ مون کي حضرت سيدالانام جي نالي تي هتي وٺي آيا آهن. ان گهڙيءَ سينجلي جي سينگاريل يعني اميرالؤمين عليؓ هن فقير کي حضرت رسالتمآب ﷺ جي خدمت ۾ وٺي آئي ادب وچان گوڏا پيجي ويهاريو. ان وقت جناب حضرت مصطفيٰ ﷺ منهنجي هٿ مان پٽي وٺي ٻيون چار سٽون اڳين مٿان پاتائون ۽ هر سٽ ۾ ڪجهہ لکي منهنجي حوالي ڪيائون ۽ شفقت ۽ مهرباني سان مون کي سبق ڏنائون. ان سان ملڪ ۽ ملڪوت جا سمورا اسرار مون تي کُلي پيا. ان کان پوءِ مخلوقات مان ٻئي ڪنهن راهہ ۽ طريقي جي ضرورت نہ پئي:

**وَعَلَّمَ آدَمَ الۡاَسۡمَاءَ كُلَّهَا** (البقرة: 31)



[۽ آدم کي سمورن جا نالا سيکاريائين.]

جو مليل سبق منهنجو لاڳيتو سبق بنجي ويو. ائين ظاهري ۽ باطني علمن جي هر وقت امتياز جي سَند سان نوازيائون ۽ ان ڏينهن کان وٺي جناب رسالت مآب جي بي انتها مهربانيءَ سان لاالٰہ الاالله جي تلقين سان احديت جي چوڪٽ تان اجازت وارو ٿيس. نيڪن جي اڳواڻ، غار جي رفيق، خلافت جي منزل ماٽيندڙ، حضرت ابوبڪر صديقؓ سندن خدمت ۾ سفارش ڪئي تہ هيءَ منهنجي اولاد مان آهي، تڏهن صداقت جي اصلي نشان، پنهنجي معجز بيان، مٺڙي زبان بيان سان فرمايو تہ پڻ منهنجي اولاد مان آهي. [20] راوي چوي ٿو تہ سيني سيدن جي اڳواڻ جلال فرمايو تہ ايڏي قدر ۽ عزت واري راز جو ڪشف سندن جذب جي ڪيفيت سبب آهي ورنہ ان جي اظهار جي ضرورت ناهي ڇو تہ صورت حقيقت جو آئينو آهي.

عرفان وشهود جي محفل جي بزم کي سينگاريندڙ ۽ شيخيءَ جي منزل تي فائز ميان محمود کان نقل آهي تہ حضرت غوث الثقلين محي الدين عبدالقادر جيلاني جي اولاد گرامي مان

هڪڙو شخص حضرت غوث الحق جي خدمت ۾ اچي چوڻ لڳو تہ مان خلافت جهڙي فائدي ڏيڻ تي مامور آهيان. علم ڪيميا بہ ڄاڻان ٿو بلڪ انهيءَ فن ۾ گهڻي مهارت رکان ٿو. جيڪڏهن قبول پئي تہ نهايت عاجزي سان عرض ڪندس ڇو تہ ظاهري طور ڪنهن وقت بہ ڪم ۾ اچي سگهي ٿي. فرمايائون تہ جڏهن کان حضرت رسالت مآب جي خدمت ۾ حاضري جو شرف نصيب ٿيو آهي تہ اهڙي هر تجويز مون کان پري ڦٽو ڪيل آهي. اوڏي مهل هڪڙو درهم گهرائي مٽي سان مهٽي ڇڏيائون تہ اهو سچو سون ٿي پيو.

نقل آهي بهاءالدين دلق پوش کان تہ هڪ ڏينهن جناب مخدوم ذڪر واذڪار جي ادائگيءَ بعد قرآني آيتن جو تفسير ڪيو جيڪو وڏن مشهور مفسرن جي علم کي عاجز ڪندڙ هو. ان کان پوءِ وڏن مشهور بزرگن جا نڪتا بيان ڪندي فرمايائون تہ هڪ پيري صاحب برڪت شيخ بهاءالدين زڪريا جي ملاقات سان مشرف ٿيس تہ پاڻ قادرِ مختيار جي حقيقتن تي گهڻي گفتگو کان پوءِ انتهائي شفقت ۽ نرمي سان فرمايائون تہ توکي



ارادت رکندڙ سمورن فقيرن کي ڪُلاهہ پارائڻ ۽ هدايت کان منهن موڙڻ وارن لاءِ برڪت جي قينچي هلائڻ جو اذن ڏيئي پنهنجو بنايون ٿا تہ جيئن ٻوڙن طالبن کي حقيقي مطلوب تائين پهچائيندڙ بنجي وڃو ۽ اسان جي اها ڳالهہ زماني جي پيشاني تي چٽو يادگار بنجي وڃي. تڏهن مون عرض ڪيو اي شيخ المشائخ! ڪلام خداوندي ۾ تاڪيد سان فرمايل آهي:

**وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ وَمَا تَعْمَلُوْنَ** (الصافات: 96)

[۽ الله تعاليٰ توهان کي ۽ جيڪي عمل ڪيو ٿا ان کي خلقيو آهي.]

گويا اهي قينچي هلائڻ ۽ ڪُلاهہ ڏيڻ ۾ خصوصيت رکن ٿا. هي فقير پڻ ڪلمہ طيبہ لااِلٰهُ الاالله جي خاص امتياز واري قينچي رکي ٿو ۽ ان ڪري توهان جي مريدن کي ڪُلاهہ پارائي سلوڪ جي راهہ ۾ آڻيون ٿا. انهيءَ مناسبت سان هي فقير بہ لااِلٰهُ جي نفي واري قينچي سان اجاين وسوسن ۽ سڌن کي ڪاٽي دلين مان ڪدورت کي ڪڍي ڪين الاالله جي اثبات واري پوشاڪ

ڏيکائي ٿو ۽ انهن کي پنهنجن دوستن ۾ داخل ڪري ٿو. ان ڪان بعد (بهاءالدين ذڪريا) فقير جي سلسلي ۽ پنهنجي سلسلي جي لاءِ دعا گهريائون.

ڳالهه ٿا ڪن ته حضرت غوث الحق کي ڪو زخم ٿي پيو ۽ ڪا به دوا ڦٽ کي ڇٽائي نه سگهي، حاضرين مجلس خبر ڏني ته حضرت مخدوم کي زخم آهي ته پاڻ چوڻ لڳا ڪهڙو مخدوم؟ جواب ۾ چوڻ لڳا ته ابن نعمت الله! فرمايائون ته نعمت الله ڪهڙو؟ آخر پنهنجا هٿ مخدوم معظم جي گوڏن تي رکي، چيائون ته هي مخدوم! تنهن تي پاڻ فرمايائون ته هوندو! ٻئي ڏينهن ڪنهن خدا جي ٻانهي عرض ڪيو ته ڪا مدت ٿي آهي جو بدن جي هڪ هنڌ ڦٽ ٿي پيو آهي ۽ اُها وُضو خاطر ڌوئڻ ضروري آهي پر اهو زخم علاج سان بهتر نه ٿو ٿئي. جيڪڏهن ڪنهن پتر تي ڪا شيءِ پڙهي عنايت ڪن ته جيئن ان جو مهٽڻ شفا جو سبب بڻجي پوي. پاڻ پتر تي ڪا شيءِ پڙهي ان جي حوالي ڪيائون. جڏهن ان شخص هڪ به دفعا ان کي مهٽيو ته بهتر ٿي ويو.



ميان محمد ڪبير حضرت غوث احد جو خاص ساٿي روايت ٿو ڪري ته هڪ دفعي حضرت مخدوم معظم اڪيلائي اڪيلا جهنگ جي رستي سان ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا. قضا سان رستي ڪان پليل هڪ عورت سندن سامهون اچي پنهنجو مطلب بيان ڪيو. مخدوم صاحب هٿ مبارڪ سان اشارو ڪري چيو: وڃ، هادي مطلق تو تي هدايت جو در کوليندو ۽ گمراهي ڪان تنهنجي پناهه ۽ حفاظت فرمائيندو. چون ٿا ته ان حال ۾ انهيءَ رات ئي سندس دل ۾ معرفت جو ڏيئو روشن ٿيو ۽ هوءَ ڪامل واصلن مان ٿي وئي ۽ حقيقت جي شاهراهه تي هلندڙ بڻجي وئي ۽ دنيا جي سيني پؤ پولن ڪان بچي وئي.

آنان ڪه خاک را بنظر ڪيميا
ڪنند
آيا بود ڪه گوشه چشمي بما
ڪنند[21]

[اهي جيڪي متيءَ کي نظر سان سون ڪندڙ آهن، شل! اسان ڏانهن بہ مهرباني جي نظر ڪن.]

بلڪ ان ڏينهن کان پوءِ ان عورت ظاهري بدن ۾ ڏسڻ کان دوري اختيار ڪئي تہ جيئن غير تي نظر ۾ ڌارئي جي ڳالهہ سندس ڪنن ۾ نہ پئي.

متيٰ خبرت ان الشمس انثيٰ
ينهنهي عفافي ان اراها

[جڏهن کان خبر پئي آهي تہ سج (عربيءَ ۾) مونث آهي تہ منهنجي پاڪائي مون کي ان کي ڏسڻ کان روڪيو آهي.]

چون ٿا تہ بخشڻهار جي ان برگزيده بندي ان گفتار کان سواءِ سڄي عمر ۾ بي ڪنهن ڌاري عورت سان ڳالهائڻ جو اتفاق نہ ٿيو ۽ پڻ ساڳيو راوي بيان ڪري ٿو تہ هڪڙو ماڻهو ڪنهن مائٽ جي بيماريءَ مان شِفا واسطي ٿورو پاڻي پيالي ۾ وجهي حضرت غوث جي خدمت ۾ کڻي آيو. حضرت مخدوم



آگر شريف پاڻي ۾ وجهي ڪجهہ پڙهي دم ڪري سندس حوالي ڪيو ۽ ڪيس چيو تہ اي مسلمان! جڏهن تہ تنهنجي اجازت کان سواءِ پاڻي ۾ آگر آلي ٿي آهي ان لاءِ بخشجو. هن شخص نهايت عاجزي سان ائين ڪيو. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت مخدوم پاڻ تپ جي اثر جي ڪري جيڪو سندن بدن کي وڪوڙي ويو هو، گهر جي ڪُنڊ ۾ ڪمري اندر پٽ تي ليٽيل هئا. گهر جو ننڍو ڇوڪرو جيڪو خدمت چاڪري لاءِ هو تنهن کي چوڻ لڳا تہ تون ۽ مان ٻئي خدا جا ٻانها آهيون پر جڏهن تہ تنهنجي ڪفالت جو ذمو اسان تي ۽ اسان جي خدمت توتي لازمي آهي، پيئڻ لاءِ ٿورو پاڻي کڻي اچ. ڇوڪرو کلندي ٻاهر ڀڄي ويو پر پاڻي کڻي نہ آيو. چيائون تہ سڄي عمر ۾ اهو ئي هڪ سوال ڪيو هوم پر اهو بہ قبول نہ پيو. طبيعت جي گهرج سبب پاڻي جي دلي ڏانهن ڏٺائون تہ خدمت ۾ حاضرين مان هڪ شخص اها ڳالهہ سمجهي ويو. هن ان دلي مان ڪجهہ پاڻي کڻي آڻي حاضر ڪيو پر نہ پيتائون، بلڪ فرمايائون تہ دلي

جو پاڻي هاري ڇڏيو ڇو ته اهو طمع جي بوءِ سان آلوده ٿي ويو آهي ۽ ان ڪري دل ۾ لالچ پيدا ٿي آهي.

ڳالهه ٿا ڪن ته حضرت مخدوم معظم وٽ ڪو مهمان آيل هو جو پاڻ گهر تشريف کڻي ويا. پڇيائون ته طعام (اناج) مان ڪجهه موجود آهي گهروارن چيو ته گهڻو ڪجهه آهي. پاڻ فرمايائون هڪ سير. پاڪدامن سائڻ چيو ته هڪ سير کان وڌيڪ آهي. هڪ ٻئي کان اهڙي طرح سوال و جواب ڪندي ڳالهه ڇهن سيرن تي پهتي. سائڻ چيو ته خدا جو ڏنو گهڻو ڪجهه آهي. مخدوم جڏهن موٽي گهر آيو ته چيائين ايتري ملڪيت گهر ۾ رکڻ توڪل کان گهڻو پري آهي ۽ سياڻي لاءِ ايترو سامان گڏ ڪري رکڻ رازق جي روزي ڏيڻ تي اعتبار ڪرڻ جي خلاف آهي. تڏهن فقيرن کي آواز ڏنائون ۽ اهڙي طرح فقط گهروارن جي ڳالهه ٻڌڻ سان ئي جيڪو ڪجهه گهر ۾ هيو ٻاهر ڪڍي ڏئي ڇڏيائون.

**نقل** آهي ته هڪ ڏينهن وڏا عالم حضرت مخدوم معظم جي خدمت ۾ جمع ٿيا. وحدت جي حقيقت بابت نڪتا



۽ فقر جي رازن ڄاڻڻ بابت گفتگو ٿي ڪيائون. تڏهن پاڻ ڪين ٻڌائڻ لڳا ته هڪ ڀيري اولياء ڪرام هن فقير جي حجري ۾ تشريف فرما ٿيا. انهن مان هڪڙي شيخ حسن بصري جي زباني ولايت جي شاهه ۽ سچ اميرالمؤمنين حضرت علي ڪرم **الله** وجهه کان ٻڌل روايت بيان ڪئي ته هڪ ڏينهن حضرت رسالتمآب ﷺ جي پيشاني مبارڪ ۾ اهڙو ته نور ڏٺم جو ان پيشاني جي نور مان مون تي ارڙهن هزار جهان روشن ٿيا. عرض ڪيم ته اي حبيب خدا! اڄ رات اوهان ڪٿي هُيوَ ۽ مون تي ڪهڙا مشاهدا ڪيوَ ۽ پاڪ جان جي غذا مبارڪ ڪهڙي هئي جو اهڙي فرحت بخش ديدار سان ملڪ ۽ ملڪوت ۽ وَمَا فيها جا اسرار ظاهر ٿيا آهن. فرمايائون ته اڄ انتهائي خوبصورت معراج واري رات هئي جڏهن مالڪ الملڪ جي بارگاهه ۾ پهتس. يعني آسمان جي ستن طبقن ۽ عرش ۽ ڪرسي کان گذرڻ بعد **"قاب قوسين"** ڏانهن عروج ۽ پاڪيزه دعائن ۽ تقديس ۽ ثنا بعد بارگاهه الاهيءَ مان خوش آمديد جو آواز ٻڌم. جڏهن نظر مٿي کڻي ڏٺم ته اهڙي شڪل ڏٺم جنهن جي

تجليات جي چمڪاٽ ۾ زمين و زمان ۽ مڪين و مڪان سڀ گم ٿي ويا ۽ هوش اڏامي ويو. انهيءَ وچ ۾ خاص ڪرم جي جام سان نوازيائون. مناجات ڪيم ته آواز آيو اڪيلو ڏسندين [22] يعني اها محسوس صورت فقر جي صورت ۽ ذات جي تجلي آهي ۽ جيڪو ڍڪ پريو اتوَ عشق جي شراب جو ڍُڪ آهي. هاڻي جيڪو اها تمنا رکي ته اهو تجرد جو ايثار ۽ تفرد کي اختيار ڪري ۽ دنيا جي ڪائڻ ۽ پيئڻ جي شين کان جيڪي حقيقي ديدار لاءِ پردو آهن الڳ ٿيڻ واري اشاري تي عمل ڪري ۽ دنيا جي حُب ۽ خود پسنديءَ کي ترڪ ڪري ته پوءِ اهو فردانيت سان احديت کي رسندو.

اي عمر بسر برده در تگ ودو
يار نزديک تو است دور مرو
هرکه تخم دوئي ودوري کاشت
بر همان بر گرفت وقت درو
دانه گندم از محالات است



چون فشاندي به خاک دانه جو

[هاءِ تنهنجي عمر اجائي پچ ڊُڪ ۾ گذري وئي، يار ته تنهنجي ويجهو آهي پري نه وڃ. جيڪو ٻيائي ۽ پري وارو خيال رکندڙ آهي ته ان جو سمورو وقت ان ۾ ئي گذري ٿو. ڪڻڪ جو داڻو اپرڻ محال آهي، جيڪڏهن تو جوَ جو داڻو مٽيءَ ۾ ڇٽيو آهي.]

’ڪشف الاسرار‘ ۾ آهي ته. ”اي احمد! اگر ٻانهو آسمانن ۽ زمين ۾ رهندڙن جيترين نمازون پڙهي ۽ ملائڪن وانگر ڪائڻ ڇڏي ڏي، ايستائين جو ڪا به شيءِ نه ڪائي يا عارفن وانگر اوگهڙ جو لباس پائي. ليڪن اگر مان ان جي دل ۾ ذري برابر به ڏيکاءُ يا حاڪميت يا زيب وزينت يا اهڙي ٻي ڪا شيءِ ڏسندس ته ان کي پنهنجي ويجهو نه رهائيندس ۽ ان جي دل مان پنهنجي محبت ڪڍي ڇڏيندس ۽ ان جي دل تي اونداهي ڪندس تانجو مون کي وساري ڇڏيندو. توتي منهنجي رحمت ۽ معرفت ۽ سلام هجي.“

جيستائين سالڪ سلوڪ ۾ فقر جو مسلڪ ۽ لڳ لاڳاپن کان ڇوٽڪارو نہ لهندو ۽ ناسوت ۽ ملڪوت مان ترتيب سان لاهوت تائين ڪمال ۽ واقفيت نہ لهندو ۽ رياضت ۽ خلوت، گهٽ کائڻ ۽ شب بيداري کي پنهنجو مهربان دوست نہ بڻائيندو، شريعت، طريقت ۽ حقيقت جي رستي تي ثابت قدم نہ رهندو تہ هن راهہ کي طئي ڪرڻ مشڪل آهي. چيو اٿائون تہ فقر جي راهہ ۾ هڪ هزار هولناڪ منزلون آهن ۽ ٻئي قول مطابق چاليهہ آهن ۽ هڪ ٻي روايت موجب نوي آهن ۽ ڪن جي خيال ۾ فقط اٺ ۽ ڪن جي طريقي ۾ رڳو ست آهن يعني هر ڪنهن وٽ مختلف آهن. ملڪ ۽ ملڪوت جي شڪل عالم ناسوت واري جي نظر ۾ خطرناڪ لڳندي آهي تہ جيئن انهن منزلن مان گذر نہ ڪري ۽ فقر جو سلطان پنهنجي راهہ ۾ ڪيس در تان لنگهڻ بجاءِ تڙڻ جي ڪوشش ڪندو آهي پر سالڪ کي گهرجي تہ هر مقام کي چڱي ريت معلوم ڪري ۽ پنهنجي ظاهر کي باطن جي مطابق بڻائي تہ جيئن فقر جو لباس سندن بدن تي پورو بيهي ۽ جيڪڏهن معاذ الله! هن جو اندر سندس



ٻاهر جي مخالف هوندو تہ هن راهہ جو مرتد ۽ منافق ٿي پوندو پر جيڪڏهن ان جي ابتڙ سندس اندران فقر سان سينگاريل آهي ۽ ٻاهران خرقي کان خالي ۽ ڪجهہ نہ اٿس تہ بہ ڪامل فقير آهي. اهو ئي سبب آهي جو ٻن مشاهدن جي ماڻيندڙ حسين تميم چيو آهي تہ فقر کي دنيا جي قبا جي هيٺان ڳجهو رکڻ کپي، نکي دنيا کي فقر جي لباس جي هيٺان لڪائڻ گهرجي ۽ حديث ۾ ائين آهي تہ.

**ان الله لاينظر اليٰ صورکم ولٰکن ينظر اليٰ قلوبکم**

[بيشڪ الله توهان جي صورتن ڏانهن نٿو ڏسي پر توهان جي دلين کي ٿو ڏسي.]

نقل آهي تہ الائجي ڪيترن ۽ ڪهڙن چهرن جي زنگ کي صاف ڪندڙ عرفاني منزل ماڻيندڙ ميان بهاءُالدين ٻڌايو تہ عزت ۽ اعتبار جو صاحب شيخ پرڪيو ڪاتيار هڪ ڏينهن جذب ۽ حال ۾ اچي چوڻ لڳو تہ فخرالاسلام شيخ فخرالدين جي اولاد مان ڪنهن اهڙي شخص ظهور ڪيو آهي جيڪو هر وقت

پڻ مشاهدن وارو آهي ۽ اڳين اوليائن جي حال جي مقابلي ۾ هر شخص سان ان جي اهليت جي اندازي مطابق ۽ ان جي استعداد مطابق ڳالهائي ٿو ۽ عوام جي صحبت کان پاسو ڪري ٿو جو ان تي سندس اختيار ناهي.

**نقل** آهي ته رڪن الاسلام، حقيقت جي ڏسندڙ، معرفت جي صاحب ميان رڪن الدين چيو ته هڪ ڏينهن شيخ پرڪيو جي فصاحت بيان زبان ۽ ڪشف جي عارف کان ٻڌم ته حضرت غوث الحق جو عجيب حال آهي جو خلق کان اجتناب نه ڪرڻ ۽ گهڻي عبادت ۾ مشغول نه ٿيڻ جي باوجود بظاهر معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ بارگاهه الاهي ۾ مقبول ۽ محبوب آهي ۽ بارگاهه نبوي جي مهربانين ۽ شفقتن جو منظورِ نظر آهي. اهو ئي سبب آهي جو خاص الخاص روحاني مقام تي پهتل آهي. **”انه يعلم الجهر وما يخفيٰ“** يعني بيشڪ اهو ظاهر ۽ لڪل کي ڄاڻي ٿو. يا جيئن قول آهي: **”الانسان سري وانا سره“** يعني انسان منهنجو راز آهي ۽ مان ان جو راز آهيان.]



ميان خاصگان مخصوص

رمزيست

کراماً کاتبين را هم خبر نيست

3

[خاص ٻانهن جي وچ ۾ مخصوص راز هوندا آهن جو لکڻ وارن ملائڪن کي به خبر نه هوندي آهي.]

**نقل** آهي ته رڪن الاسلام، آئينه حقيقت، صاحب معرفت ميان رڪن الدين روايت ٿو ڪري ته هڪ ڏينهن قادر مطلق جي برگزيدي بندي جي فيض واري خدمت ۾ يعني غوث الحق جي مجلس ۾ مخدوم بلاول جو ذڪر نڪتو ته جنهن جاءِ تي فخر موجودات سان سندس ملاقات ٿي هئي پوءِ اتي ئي حجرو ناهي خلوت اختيار ڪيائين ۽ هر عام وخاص لاءِ در بند ڪري خدا تعاليٰ جي عبادت ۾ مشغول ٿي وينو هو ته جيئن ٻئي پيري پڻ ان املهه دولت ۽ ابدي سعادت کي حاصل ڪري [23] ليڪن رب ڪريم طرفان بغير سبب خاص عنايتن جي ڪري هي پوري مسجد فقير جو اهڙو حجرو آهي. ۽ اها وڏي برڪت هتي هر جاءِ

ءِ هر هنڌ آهي ۽ پلي ۾ پلي ڳالهائيندڙ انسان جي سمورين پلاين سان سينگاريل ۽ سرفراز آهي.

هي نقل وقت جي سچن راوين ۽ قصن ۽ خبرن بابت مشڪلون حل ڪندڙن ڪان هن ريت آهي ته جبروتي معرڪن جون صفون چيريندڙ ۽ لاهوتي ميدان جو جوان مرد مخدوم نوح عليه الرحمة ظاهري وظيفن ۽ نفلن کي ادا ڪرڻ ۾ جلدي ۽ تڪڙ ڪندا هئا. انهيءَ ڪري دين محمدي جا ڪي ڪارفرما ۽ ملت احمدي جا ظاهر پرست عالم قرآني آيت:

**كُنْتُمْ خَيْرَ أُمَّةٍ أُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَأْمُرُونَ بِالْمَعْرُوفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ**

(آل عمران: 110)

[توهان پلي امت آهيو توهان کي ان ڪري آندو ويو آهي ته نيڪي جو حڪم ڪيو ۽ برائي کان روڪيو.]



جي امر موجب عبادتن جي ادائگي ۾ گهڻ توجهه يعني تڪڙ جي ڪري مخدوم کي تبليغ ڪري آماده ڪن. اهڙن ظاهر وارن مان هڪڙي جڻي مسلمانن جي جماعت کي صبح جي نماز ٿي پڙهائي ۽ جڏهن آخر قعدي ۾ وجي وينو ته غوث الحق به پهچي ويا. پاڻ **"لا تتركوا سنة الفجر ولو طردتكم الخيول"** يعني فجر جي سنت نه ڇڏيو اگرچه توهان کي گهوڙا لتاڙين جي مضمون مطابق ٻه رڪعتون فجر جون سنتون جوڻي اهي پوريون ڪري وجي امام کي ان ئي قعدي ۾ پهتا. ان تي ان اڻ پوري امام اهل اسلام جي اڳواڻ بابت ملامت جو اظهار ڪيو ته اطمينان سان پڙهڻ واجب آهي ۽ انهيءَ مختصر گهڙيءَ ۾ ڪهڙي قرائت ڪئي هوندؤ. فرمايائون آءٌ ترتيب وارو وظيفو ۽ دائمي طريقو رڪان ٿو جو ٻن منجهان پهرئين رڪعت ۾ بقره ۽ ٻيءَ ۾ آل عمران پڙهندو آهيان. انهيءَ جواب سان امام جي دل کي اٿلو گهڻي تڪليف پهتي چوڻ لڳو اي مخدوم! اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي. فرمايائون ته ڪن فقيرن جي جسم جو هر وار زبان وانگر هوندو آهي ۽ هر زبان ۾ هڪ بيان ۽ پوءِ جڏهن اعليٰ

مقصد سان قرآن مجيد ۽ فرقان حميد جي تلاوت شروع ڪبي آهي ته وار وار ڪي هڪ هڪ حرف جو حصو نصيب ۾ ملندو آهي. ڇو ته سموري قرآن جا حرف انسان جي جسم جي وارن جيترا هوندا آهن. ان ريت هڪ قول سان نازل ٿيل قرآن پورو ۽ اختتام پذير ٿيندو آهي. ختم قرآن يا زبان سان پڙهڻ جي اها ئي معنيٰ آهي. شير خدا اسد الله الغالب علي بن ابي طالب جي قرآن جو ختم به ائين هو. لهٰذا وهٽ تي سواري جي وقت هڪ رڪاب ۾ پير رکي قرآن پڙهڻ شروع ڪندا هئا ۽ ٻئي رڪاب ۾ پير وجهڻ تائين ختم پورو ڪندا هئا.

ڳالهه ٿا ڪن ته غوث الحق کي ٻڌايائون ته مخدوم ساهڙ لنجار سُستيءَ سبب ظاهري ناپاڪائي ۽ پليتي جو ايترو خيال نٿو ڪري ۽ نئون وضو نٿو ڪري ۽ چوي ٿو ته منهنجي وضوءَ جو پاڻي اهڙي جاءِ ڪان آهي جو اصلي نٿو پڄي. فرمايائون ته صحيح ٿو چوي ۽ هو انهيءَ ڳالهه جي دعويٰ ۾ سچو آهي. پر ڪي فقراءَ ته اهڙا به آهن جو سندن وضو هڪ ڀيرو اهڙي جاءِ تان ٿيل آهي جو دنيا ۾ سدائين وضو ۽ غسل سان رهندا آهن



پر شريعت سگهوريءَ جو طريقو هٿان نه ڇڏيندا آهن ۽ ظاهري وضو جي تجديد ڪندا رهندا آهن. تڏهن اهو پڻ ظاهر ڪيائون ته ان مخدوم جي ڳاهه جي داڻن ڪان سواءِ ٻي غذا نه هئي. فرمايائون ته هن جي قسمت ائين هئي جيڪا ڪيس نصيب ٿي. ”النصيب يصيب ولو ڪان بين الجبلين و غير النصيب لايصيب ولو ڪان بين الشفتين“ يعني نصيب ملي ٿو توڙي جو ٻن جبلن جي وچ ۾ هجي ۽ جيڪا شيءِ نصيب ۾ ناهي اها نٿي ملي توڙي جو ٻن چپن جي وچ ۾ هجي.

آنچه نصيب ست بتو مي رسد
گر نه ستاني به ستم مي رسد

[جيڪو تنهنجو نصيب آهي اهو تو کي ضرور ملندو، توڙي جو تون اها وٺين يا نه پر اها توکي زبردستيءَ پهچندي.]

اها ئي ڳالهه حق تعاليٰ جي اڳيان رتبي ۽ مرتبي جي لحاظ کان اهم آهي، جو ته گهڻو ڪائڻ جانورن جي عادت آهي ۽ گهٽ ڪائڻ تعريف لائق عادت آهي.

**اعروا اجسادكم واظمؤا اكبادكم ترؤ الله اعيانا**

يعني پنهنجن جسمن کي ڪليل رکو ۽ پنهنجي اندر کي خالي رکو ته الله تعاليٰ کي ظاهر ڏسندؤ.

جان محمد نالي شخص جيڪو بارگاهه الاهي ۾ پهتلن مان هو تنهن کان روايت آهي ته هڪ ڏينهن حقيقتن جي آسمان ۽ نيڪ بختي جو تارو مخدوم جعفر بوبڪائي ٺٽي شهر وڃڻ جي ارادي سان ٻيڙي تي سوار ٿيو، جڏهن ٻيڙي جو گذر هالا ڪنڊيءَ کان ٿيو ته اتفاق سان حضرت غوث الحق درياء جي ڪناري تي موجود هئا. ٻنهي جي ملاقات ۾ ڊگهي گفتگو ٿي ۽ احاديث و اقوال ۽ ٻين بي شمار ڳالهين ڪرڻ کان بعد ڳالهه انهيءَ تي ڪٽي جو غوث الحق پڇيو ته رحلت کان بعد محشر جي ڏينهن شفيع پيغمبر سڳوري کي ظاهري اکين سان ڏسڻ



تي اعتبار رکو ٿا يا نه؟ چيائين ته نه! فرمايائون اوهان جي ڳالهه جو اعتبار ڪيون يا سيد الابرار جي ديدار تي جيڪو تجربي جي درجي تي پهتل آهي ان تي اعتبار ڪريون. جواب ڏنائين ته **"العلماء ورثة الانبياء"** يعني عالم ئي نبين جا وارث آهن جي مطابق اسان کي عالمن جي قول کي اهميت ڏيڻ گهرجي. اُهي جيڪي چون ٿا واقعي ۽ حقيقت جو بيان آهي، جو ته ظاهر باطن کان سواءِ ۽ باطن ظاهر کان سواءِ ناهي. ولايت جي مرتبي جي واصل جي جڏهن غفلت ۽ ننڊ ختم ٿيندي آهي ۽ تلوين (حال جي تبديلي) جڏهن تمڪين ٿيندي آهي ته ان حال ۾ سرور ڪائنات ۽ خداوند اڪبر جي ذات کي ظاهري اکين سان ڏسڻ ممڪن ٿيندو آهي. پر عالمن وٽ هيءَ راءِ آهي ته اک لڳي ته بيداري وئي ڀلي ڪيتري به بيداريءَ ڪيس حاصل هجي پر اهو خواب جي حڪم ۾ آهي. اِها ڳالهه پنهنجي اندر جي بنياد تي فرمايائون جيڪا صحيح آهي پر هونئن گمراهي آهي ۽ گهڻا ماڻهو اهڙيءَ طرح هدايت جي واٽ کان رڪيل آهن ۽ اها راءِ مخدوم معظم جي ڳالهه تي شاهد آهي.

'نفحات الانس' ۾ آهي تہ هڪ ڏينهن شيخ مجلس ۾ واعظ پئي ڪيو ۽ شيخ علي هيئتي سندس ويجهو ويٺل هو. اوچتو ان کي ننڊ اچي وئي شيخ مجلس وارن کي چيو خاموش ٿيو ۽ پاڻ منبر تان لهي شيخ علي هيئتي جي سامهون اچي ادب سان بيهي رهيو ۽ ڪيس گهُورڻ لڳو. شيخ علي جڏهن بيدار ٿيو تہ شيخ پڇيس حضرت نبي ڪريم کي خواب ۾ ڏٺئہ؟ چيائين تہ هائو. شيخ چيو مان بہ ان ڪري ادب ۾ بيٺو هيس. ڀلا توکي ڪهڙي شيءِ جي وصيت ڪيائون. چيائين اوهان جي خدمت. تنهن کان بعد ماڻهن شيخ علي کان ان باري ۾ پڇيو جيڪو شيخ فرمايو هئس تہ مان ان ڪري ادب سان بيٺو هيس. شيخ علي چيو تہ مون خواب ۾ پئي ڏٺو ۽ شيخ پاڻ بيداري ۾ پئي ڏٺو! تحقيق پاڻ سڳورن فرمايو آهي "**من رآني في المنام فيرآني في اليقظة**"

يعني جنهن مون کي خواب ۾ ڏٺو اهو مون کي سجاڳي ۾ بہ ڏسندو.



"**اليقظہ**" قاف جي زبر سان آهي، جنهن جي معنيٰ آهي سجاڳي ۽ چيو ويو آهي تہ انهيءَ حديث جو مطلب هي آهي تہ اها ان وقت وارن لاءِ آهي يعني جنهن مون کي ننڊ ۾ ڏٺو ۽ اهو مهاجر نہ آهي تہ ان کي **الله** تعاليٰ هجرت نصيب ڪندو ۽ سجاڳي ۾ منهنجي زيارت نصيب فرمائيندو ۽ چيو ويو آهي تہ سجاڳي مان مراد آخرت جو ڏينهن آهي، جيئن نبي ﷺ جن فرمايو:

**الناس نيام فاذا ماتوا انتبهوا فيها الرؤية الخاصتہ باالقرب منه**

يعني ماڻهو ننڊ ۾ آهن پوءِ جڏهن مرندا تہ نبي ﷺ جي ديدار سان سجاڳ ڪيا ويندا. انهيءَ ۾ خاص ديدار جو ويجهو هجڻ آهي.

ابن فرشتہ جي ڪتاب 'شرح المشارق' ۾ ائين آيل آهي. ٻي حديث ۾ هيئن آهي:

**لايمس النار مسلما من رآني اوريٰ من رآني وفي رواية اورآني من رآي من رآي من رآني**

يعني جنهن مسلمان مون کي ڏٺو يا منهنجي ڏسندڙ کي ڏٺو ته ان کي جهنم جي باهه نه ڇهندي.

ٻي روايت ۾ آهي ته مون کي ڏسندڙ جي ڏسندڙ کي ۽ ان ڏسندڙ جي ڏسندڙ کي باهه نه ساڙيندي. انهيءَ حديث جو ظاهر خواب ۽ سجاڳي تي مشتمل آهي يعني مطلق آهي ڇو ته نبي ﷺ جو خواب ۾ ديدار حق آهي. پوءِ جنهن ڪيس ننڊ ۾ ڏٺو ته اهو باهه ۾ داخل نه ٿيندو. روايت آهي ته جيڪو ارادو ڪري ته نبي ﷺ جو ديدار ڪري ته پوءِ ان کي گهرجي ته اڪي عدد سان هي صلواة پڙهي: "**اللّٰهُم صلّ عليٰ محمد كما امرتنا ان يصلي عليه اللّٰهُم صلّ عليٰ محمد كما هو اهل له اللّٰهُم صلّ عليٰ محمد كما تحب وترضيٰ اللّٰهُم صلّ عليٰ روح محمد في الارواح اللّٰهُم صلّ عليٰ جسد محمد في الاجساد اللّٰهُم صلّ عليٰ قبر محمد في القبور.**"

پاڻ سڳورن جو فرمان آهي:

**من رآني فقد رآني فان الشيطان لا يتمثل بي**



يعني جنهن مون کي ڏٺو سو ان مون کي ئي ڏٺو بيشڪ شيطان منهنجي صورت نه ٿو وٺي سگهي.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته نبي ڪريم ﷺ جن جو ديدار خواب ۾ ٿيندو آهي. پوءِ اهو ڪڏهن پير مرد جي صورت ۾ ته ڪڏهن نوجوان صورت وغيره ۾ ٿيندو آهي. مختلف جاين ۾ به ديدار ٿيندو آهي ڪڏهن مڪي ۾ ته ڪڏهن مديني ۾، ڪڏهن مشرق ۾ ته ڪڏهن مغرب ۾ تشريف فرما ٿيندا آهن. هن حديث موجب سمورين صورتن ۾ "خفاء" آهي ۽ ان جي معنيٰ ۾ اختلاف آهي. ڪن چيو آهي ته انهيءَ جي معنيٰ آهي ته ان جو خواب صحيح آهي، اهو پريشان خواب ۽ شيطان جو ڪسڪائڻ ناهي.

**من رآني باي وجه كان فليستبشرو ليعلم انه قد رآي الرويا بالحق اي اللتي**

**هي غير الباطل**

يعني جنهن مون کي کهڙي به طريقي سان خواب ۾ ڏٺو ته ان کي خوشخبري آهي ۽ پڪ سمجهي ته ان سچو خواب ڏٺو آهي مطلب ته ان غير يا باطل شيءِ نه ڏٺي آهي. نه ڪي باطل شيءِ چو ته باطل شيءِ شيطان آهي ۽ شيطان منهنجو مثال نه ٿو بنجي سگهي. نبي ڪريم ﷺ جو ننڊ ۾ ديدار مختلف صورتن ۾ ٿئي ٿو تنهنڪري ڏسڻ واري حالت ۾ اختلاف پوي ٿو ۽ ڪن چيو آهي ته انهيءَ جي هي معنيٰ آهي ته جنهن مون کي ان صورت ۾ ڏٺو جنهن تي آئون هيس ته ان مون کي ئي ڏٺو چو ته شيطان انهن مخصوص صورتن مان ڪا به صورت نه ٿو بنائي سگهي. ليڪن ڪن چيو آهي ته انهي جو هي مطلب آهي ته جنهن مون کي کهڙيءَ به صورت ۾ ڏٺو ته ان حقيقت ۾ مون کي ئي ڏٺو چو ته صورت جو مالڪ فقط روح المقدس ﷺ جو مثال آهي. اهو هن لحاظ کان برابر آهي ته صورت مخصوص هجي يا نه. شيطان ان جو مثال نه ٿو ٿي سگهي ۽ اها ڳالهه حديث جي لفظ مان ظاهر آهي. پاڻ سڳورن جي بزرگي ۽ تعظيم جي ڪري شيطان کي هي شيءِ هرگز حاصل ناهي ته



اهو مثال بنجي سگهي، جيڪو پاڻ ڪريمن ﷺ جو مثال آهي. امام نووي به انهيءَ سبب کي صحيح قرار ڏنو آهي تاهم ڪن چيو آهي ته حديث جي لفظ مان پهريون سبب غير ظاهر آهي سندس خيال انهيءَ آخري وجهه ڏانهن وجي ٿو. پوءِ ان تي غور ڪرڻ گهرجي![25]

**نقل** آهي ته ڪنهن شخص مخدوم معظم جي خدمت ۾ دل جي درد سان اچي عرض ڪيو ته ظاهري علم ۽ سلوڪ وارن جي وچ ۾ عداوت ۽ جهيڙي جو کهڙو سبب آهي؟ فرمايائون ته پنهي ٽولن وٽ خاص غور طلب لفظ معرفت جو آهي جيڪو انهن جي وچ ۾ ان جو سبب آهي. تڏهن پنهنجي هٿ مبارڪ سان دائرو ڪڍيائون ۽ چيائون انهن جي وچ ۾ خلل ۽ رڪاوٽ اهو شخص آهي جيڪو حقيقي معنيٰ جي اصلي ۽ قطعي خبر نه ٿو رکي.

سوال: **الله** تعاليٰ ۽ حضرت رسالت مآب ﷺ کي خواب ۽ بيداري ۾ ڏسڻ جائز آهي يا نه؟

جواب: ”مجموع خاني“ ۾ آيل آهي ته **الله** تعاليٰ کي خواب ۾ ڏسڻ جائز آهي چو ته اها ننڊ نئين ڳالهه نه هوندي آهي پر ڪن چيو آهي ته خواب ڏسندڙ جان (روح) آهي ۽ جان (روح) جو حدث سان تعلق ناهي.

**نقل** آهي ته مخدوم معظم مجلس ۾ ڪنهن اڻ واقف اهل بيت جي اچڻ سان ادب ۾ اٿي بيهندا هئا ايستائين جو ٽڪجي جهڪي پوندا هئا.

**نقل** آهي ته گلزار رضوي جي گل سيد ساجن متعلوي بيان ڪيو ته منهنجو والد سيد قاسم سيدن جي جماعت سان پنهنجي ڳوٺ کان خدمت خاطر هلي آيو ته جيئن سيد لاءِ اُٺڻ واري ڳالهه جي خبر پوي ۽ پنهنجي اصل نسل بابت معلومات حاصل ڪري. تڏهن پاڻ انهن جي پهچڻ سان بي ساخته سڌا اٿي بيٺا ۽ فرمايائون ته هي ڪارڪون جيڪي سوڪڙي طور آنديون اٿن هن ننڍڙي سيدزادي جي حوالي ڪيو جو اوهان جي خريد ڪرڻ وقت انهن کان پئي گهريائين.



**نقل** آهي ته دنيا ۽ دين جو مرشد سيد رڪن الدين متعلوي انهيءَ ئي ارادي سان مخدوم معظم جي خدمت ۾ آيو پر تڏهن ان عادت ۾ گهٽتائي ڏٺائين ۽ هميشه واري جڳهه ڳولي پوري ادب سان وڃي مسجد جي ڪنڊ ۾ ويٺو. فرمايائون ته اي سيد! دلجاءِ ڪر اوهان جي اچڻ وقت سرور ڪونين خاتم الانبياءُ ۽ جو مٿو مبارڪ فقير جي گوڏي تي رکيل هو. هونئن پٺيءَ ۾ مون کي هڪ اهڙو هڏو آهي جو ڪنهن سيد جي اچڻ سان تعظيم جي خاطر مٿي اڀري ايندو آهي ائين خبر پوندي اٿم.

ڳالهه ٿا ڪن ته دين جي ميدان جي شهسوار، خلف (پٽ) محمد امين وڏي تڪليف سان هڪ گهر ٺهرايو ۽ برڪت خاطر مخدوم معظم کي ان ۾ وٺي آيو. فرمايائون اهڙو خوبصورت گهر سادات جي ئي لائق آهي. فوراً ان کي سيد عبد**الله** جي حوالي ڪيائون ان ڪري اڄ ڏينهن تائين هو اتي رهندڙ آهن.

**نقل** آهي ته حضرت غوث الحق جي نياڻي عاجزه محترمه بيبي مريم سيدزادي مرتضوي نسبت واري مير سيد عبد**الله**

متعلوي جي نڪاح ۾ آيل هئي. جڏهن پيءُ جي خدمت ۾ ايندي هئي ته مخدوم صاحب سندس تعظيم ۾ اٿي بيهندا هئا، ڪيترائي ڀيرا عرض ڪيائون جڏهن ته اسان توهان جو اولاد آهيون ته هي تڪليف پاڻ ڇا لاءِ ٿا ڪيو. فرمايائون ته توهان لاءِ نه ٿا اٿون پر توهان سان گڏ توهان جي پيٽ ۾ هڪ موتي آهي ان جي تعظيم اسان تي واجب آهي.

سيد اسماعيل بخاري روايت ٿو ڪري ته هڪ ڏينهن مخدوم معظم صحرا جي طرف روانا ٿيا ۽ هي فقير به انهن جي پويان ويو. اوچتو دريا جي ڪناري جهنگل منجهان هڪ ٽتر پاڻ کي سندن پير (قدم) تي اچي ڪيرايو ۽ مٽي تي ڏوڙ وجهڻ لڳو. مخدوم معظم برڪت واري نظر ڪندي مون کي چيو ته وڃ ۽ ٽتر جي تڪليف دور ڪر. وڃي ڏٺم ته هڪ ڪارو نانگ ٽتر جو آنو ڪاٽي آڪيري ۾ ويٺو آهي. مان پري کان بيهي نانگ کي چيو ته توکي مخدوم صاحب گهرايو آهي. منهنجي ائين چوڻ سان نانگ اڳيان ٿي هلڻ لڳو ۽ اسان ٽئي يعني آءٌ، نانگ ۽ ٽتر اچي مخدوم صاحب جي خدمت ۾ پهتاسون. اٿي پهچڻ



سان نانگ چيلهه سڌي ڪري منهن هيٺ ڪري ويٺو. تڏهن پاڻ نانگ کي مخاطب ٿي چوڻ لڳا، اي نانگ! تو کي خدا جو خوف نه ٿيو جو ويچاري ٽتر کي آڪيري مان ڪڍي ڇڏيئي ۽ هن کي پريشان ڪيئي ۽ هن جي ٻچن کي کائي وئين وري ان جي آڪيري کي پنهنجي آرام آگاهه ناهي ڇڏيئي. نانگ اهو ٻڌڻ سان بي اختيار ٿي پاڻ کي زمين تي اهڙي زور سان سَٽيو جو اتي جو اتي مري ويو ۽ ٽتر پنهنجي آڪيري ڏانهن روانو ٿي ويو. اتي مون عرض ڪيو ته نانگ کي مرڻ کان منع ڪيو ها. پاڻ چيائون ته خدا جي خوف کان هن پاڻ پنهنجو ساهه حوالي ڪيو ۽ ائين وڏي سزا کان به بچي ويو نه ته اڃا وڏي مصيبت ۾ پئجي وڃي ها.

**نقل** ڪيو ميان ڪبير محمد ته مخدوم معظم ڪڏهن ڪڏهن جهنگ جي طرف اڪيلا نڪري ويندا هئا ۽ ڪنهن خادم کي به ساڻ نه ڪٺندا هئا پر هڪ ڏينهن وڏي محبت رکندڙ هڪ فقير سندن پويان پويان وڃي رهيو هو. ڏٺائين ته جڏهن پاڻ درياءَ جي ڪناري تي پهتا ته اتي وضو ساري ٻه رڪعتون

پڙهيائون. ايتري ۾ اوچتو هوا مان هڪ شخص ظاهر ٿيو جنهن کي نوراني لباس پاتل هو ۽ هو اچي سندن سامهون ويٺو. ليڪن پاڻ اتي ئي ويٺا رهيا ۽ هن جي لاءِ نہ اُٿيا. هن جي موڪلائڻ وقت پاڻ نهايت ڪلمڪ انداز ۾ هن جي تعظيم ڪيائون. اها صورتحال ڏسي اهو خادم جيڪو هن وقت تائين لڪو بيٺو هو گهڻي مؤدب انداز ۾ سندن آڏو اچي ان ماجرا بابت ڪجهہ چوڻ لڳو. پاڻ چيائونس اهو شخص جنهن کي نوراني لباس ۾ ڏٺئي اهو غوث الثقلين صمداني (شيخ عبدالقادر جيلاني) هو. وڌيڪ چوڻ لڳو تہ هن جي ظاهري تعظيم ۽ تڪريم جيتري سندس مان مرتبي مطابق هئي ان ڪري ادا نہ ڪري سگهيس جو نبي ڪريم ﷺ پاڻ هڪ وڏي چادر ويڙهي هن فقير جي گوڏن تي آرامي هئا. ان ڪري اونها ۽ اڻ ڪٿ الاهي اسرار پالوٽ ٿي رهيا هئا جن جي بيان ڪرڻ کان زبان قاصر آهي.

**نقل** آهي تہ هڪ ڏينهن مخدوم معظم جا خاص يار ۽ دوست محفل ۾ مشغول هئا ۽ اسلاف جي بزرگن ۽ درويشن جون حڪايتون ۽ نقل بيان ڪري رهيا هئا. اتي ويٺل حاجي



الحرمين الشريفين حاجي زڪريا پنهنجي زبان ڪوليندي چوڻ لڳو تہ هن سيد السادات ڪرامت نشان سيد طيب جي زبان مبارڪ مان ائين ٻڌو آهي تہ آءٌ سادات ڪرام جي نسل مان آهيان مان ننڍپڻ کان وٺي پاڻ کي سخت رياضتن ۽ تڪليفن جو عادي بنايو ايتريقدر جو وقت جي چاليهن بزرگن جي معيت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هڪڙي فيض بخشيندڙ جي صحبت ۾ پهتس جتي غيبي مشاهدات کان مستفيض بہ ٿيس. انهيءَ دوران ڪيترن غير معمولي خارجي ۽ بيروني واقعن جو مشاهدو ڪيم. جهنگلن ۽ بيابانن ۾ وحشي جانورن سان واسطو بہ پيو ۽ کاڌي پيتي کان پرهيز ڪرڻ بہ سڪي ويس ۽ ڪترا پيرا روحاني عروج بہ حاصل ڪيم ليڪن آخر تائين اهو حضور جيڪو صفتن کان بہ خالي هجي ان کي حاصل ڪرڻ کان نااميد رهجي ويس. انهيءَ صورتحال ۾ ناڪاميءَ سبب موت ڪاڌم ۽ سڀ سلوڪ جيڪي طي ڪيا هيم، اهي پاڻ سان گڏ کڻي مخدوم معظم جي خدمت ۾ پهچڻ واسطي هالڪنديءَ جي راهہ اختيار ڪيم. انهيءَ شهر مبارڪ ۾ پهچڻ

سان مون کي گويا مصر مان اها مقصود ۽ مطلوب خوشبوءِ اچڻ لڳي جنهن لاءِ قول خداوندي آهي:

**إِنِّي لَأَجِدُ رِيحَ يُوسُفَ** (يوسف: 94)

[بيشڪ مون کي يوسف جي خوشبوءِ اچي رهي آهي.]

جڏهن سندن سج جهڙي روشنيءَ واري نظر مون تي پئي ته ان جو اثر منهنجي سڄي بدن ۾ پهچي ويو اها ڳالهه جنهن جي لاءِ سالن جا سال منتظر هوس مون کي حاصل ٿي وئي. اتي ئي مون اهو ٻڌو ته پاڻ سموري حياتيءَ ۾ ڪڏهن به خلاف شريعت ڪم جي پنيرائي نه ڪيائون ۽ اڪثر اڪيلائي ۾ توڻي جماعت آڏو تفسيرن جي مدد ۽ حديثن جي روشني ۽ وڏن مشهور بزرگن جي اقوالن جي تائيد کان سواءِ ٻي ڪنهن طرف متوجهه نه ٿيا. اهڙي طرح ظاهري ساز و سامان کان پرهيز ۽ پروردگار جي لطف ۽ رحمت جو شڪر تمام گهڻو ادا ڪندا هئا. ۽ ڪاوڙ کان هرحال ۾ پاسو ڪري وعظ ۽ نصيحت طرف ڌيان ڏيندا هئا.



**نقل** آهي ته مخدوم معظم جي ولادت کي ست ڏينهن مس گذريا هئا ۽ اڃا پينگهي ۾ آرامي هئا ته پاڙي جي ٻانگي نماز جي ٻانگ ڏيڻ شروع ڪئي، جيئن ٻانگ پوري ٿي ته ان وقت حضرت مسيح وانگر پنهنجي فصيح زبان سان چوڻ لڳا: **"نعم لاالٰہ اِلاالله ولانعبد الا اياه مخلصين له الدين"** يعني هائو ناهي ڪو معبود مگر هڪ الله ۽ نٿا عبادت ڪيون مگر ان جي ئي خالص ڪندي ان لاءِ دين کي. اهو آواز مجلس ۾ حاضرين به ٻڌو. بيشڪ بخشيندڙ مهربان ۽ ان غيور بادشاهه جي حڪمت جي اها تقاضا آهي ته دوستن جو پاڻ کان سواءِ تعلق ڇني ۽ اهو ئي انهن جي حواسن کي غير کان الڳ ڪري پنهنجي بارگاهه ڏانهن موڙيندڙ آهي. هو پڪ سان عالم ملڪوت جي هر راهي ۽ مقام جبروت جي هر سالڪ جي ڪنن ۽ اکين تي مهر هڻي پنهنجي راهه ڏيکاري ٿو ته جيئن سندن نظر غير تي نه پوي ۽ ڌاريا حرف انهن جي ڪنن تي نه پون.

**نقل** آهي ته هڪ ڏينهن ننڍي عمر ۾ پنجن ڇهن سالن جي ٻارڙن سان کيڏندي هڪ اڻ ڄاتل ويراني واري جاءِ تي پهتا

اجا سامان وٽ جي هيٺان رکي ٿوري دير لاءِ آرام خاطر ليٽيا هئا جو مٿن حيرت جي ڪيفيت طاري ٿي وئي.[27]

**نقل** آهي تہ هڪڙو شخص مخدوم معظم جي پاسي ۾ امام جي اقتدا ۾ نماز ادا ڪندي هر رڪن ۾ موافقت خاطر امام جي پيروي ڪري رهيو هو. مگر خادم ڪيس تنبيهہ پيو ڪري تہ الله تعاليٰ بعض فقيرن جي حواسن کي پنهنجي حوالي ڪري ڇڏي ٿو ۽ جيڪي ڪجهہ شريعت جي موافق هوندو آهي سندن اختيار کان سواءِ ڪانئن اهڙي طرح ظاهر فرمائيندو آهي جو ڪا بہ شيءَ انهن کان رهجي نہ ويندي آهي، بلڪ ائين ناهي تہ جيڪي هن جي دل ۾ گذري ٿو ائين آهي، ڇو تہ الله تعاليٰ پنهنجي شان مطابق هنن کي پاڻ سان اهڙيءَ طرح مشغول رکي ٿو جو هو ڪنهن بہ ٻي ڳالهہ جو نہ ٿا سوچين.

**نقل** آهي تہ حسن ٻانگو جيڪو عجيب و غريب ڳالهين جي ڪري مشهور هو ۽ معرفت جي ڳالهين ۾ پڻ سندس نالو هو. گهر ۾ وٽس تمام مٺو ۽ لذيذ ٻير جو وڻ رکيل هوس. هو ادب وچان فرزندن جي لاءِ ٻير موڪليندو هو. چيائون تہ ٻين جي



وڻن جا پٽي موڪلي ٿو. اها ڳالهہ ٻڌڻ سان ئي هو پاڻ پنهنجي هٿن سان ٻير چونڊي خدمت ۾ ڪٺي آيو تنهن کان پوءِ اهي پسند ڪيائون.

**نقل** آهي تہ ڪنهن وقت جماعت جي نماز ۾ نہ پهتا تہ ڪجهہ ماڻهن ڏانهس سُستي جي نسبت ڪئي. فرمايائون تہ ڪجهہ فقير اهڙا آهن جو الله تعاليٰ سموريون تڪليفون ڪانئن معاف ڪيون آهن پر رسول الله ﷺ جي پيروي ڪري ڇڏي نہ ٿا سگهن. فرمايائون تہ حضرت عيسيٰ روح الله ڪجهہ درهم هن فقير کي ڏيڻ پئي گهريا. عرض ڪيم تہ فقير رسالت مآب ﷺ جي مطابعت موجب دنيا قبول نہ ڪئي آهي. چيائين تہ توهان جي اولاد ۾ ڪثرت آهي انهن جي لاءِ ڪم ايندو. عرض ڪيم اسان جو اولاد خدا جي حوالي آهي پوءِ هنن کي دنيا جي مصيبت جي حوالي نہ ڪيو.

**نقل** آهي تہ هڪ پيري منصورؒ جي قول بابت مخدوم معظم جي خدمت ۾ ذڪر ٿيو فرمايائون تہ بعض فقيرن جو ڪلام بہ منصور وانگر هوندو آهي پر اهو شريعت جي لباس ۾

ڏکيل هوندو آهي، جهڙي طرح ڪلمي طيبہ جي مطلب ۾ ”**لا شيءِ موجود غير الله**“ يعني **الله** کان سواءِ ٻي ڪا بہ شيءِ موجود ناهي. هڪ لحاظ سان هِن قول جو نتيجو ساڳيو ئي آهي.

**نقل** آهي تہ زماني جي حاڪم نيڪ خصلت مخدوم معظم جي خدمت ۾ سوال ڪيو تہ ڪجھ فقراءَ پيٽ جي اندر جو خبرون ۽ مينهن وسڻ جون ڳالهيون ۽ ايندڙ وقت ۾ احوال ٻڌائن ٿا هوڏانهن قرآن شريف ۾ وارد آهي تہ.

**﴿إِنَّ اللَّهَ عِنْدَهُ عِلْمُ السَّاعَةِ وَيُنَزِّلُ الْغَيْثَ وَيَعْلَمُ مَا فِي الْأَرْحَامِ وَمَا تَدْرِي نَفْسٌ**

**مَاذَا تَكْسِبُ غَدًا** (لقمان: 34)

[بيشڪ قيامت جو علم الله تعاليٰ وٽ آهي، اهو ئي مينهن کي موڪلي ٿو ۽ اهو ئي ڄاڻي ٿو تہ مائرن جي پيٽ ۾ ڇا آهي ۽ ڪو بہ ساهہ نٿو ڄاڻي تہ هو سڀاڻي ڇا ڪندو.]



فرمايائون تہ ان آيت ۾ نفس جو لفظ آهي روح جو لفظ ناهي ۽ فقير جيڪي بہ چوندا آهن نفس سان ناهن چوندا. ڇو تہ هو نفس جي منزل کان گذري چڪا هوندا آهن بلڪ هو ”**تخلقوا باخلاق الله**“ يعني **الله** تعاليٰ جي عادتن وارا ٿي وڃو واري صفت سان موصوف هوندا آهن. حاڪم عرض ڪيو تہ ڪا نصيحت پيري ڳالهہ انتهائي مهرباني وچان ارشاد فرمايو، جيڪا اثر واري هجي تہ ان تي عمل ڪريان. فرمايائون تہ بادشاهہ حڪومت کان سواءِ فتني فساد ۽ جهڳڙن ۽ جنگ کان محفوظ نہ ٿا رهي سگهن ۽ حڪومت لشڪر جي رضامندي ۽ خوشنودي سان حاصل ٿيندي آهي ۽ لشڪر خزاني جمع ڪرڻ سان ٿيندو آهي ۽ خزانو رعيت کان سواءِ حاصل نہ ٿيندو آهي ۽ رعيت عدل ۽ احسان سان هلندي آهي. مطلب تہ بادشاهي جو مدار ۽ خزاني جو جمع ٿيڻ عدل ۽ انصاف تي مشتمل آهي. فرمايائون تہ هڪڙي بادشاهہ ڪنهن بزرگ جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ ڪا نصيحت ڪريو. بزرگ بادشاهہ کي چيو تہ جهان ۾ ٽي قلعا ٺاهڻ ضروري آهن تہ جيئن فسادين کان انهن قلعن ۾ بي

ڪُٽڪي امن وامان ۽ آرام واري حالت سان گذاري سگهجي ڦهريون مٿيءَ جو قلعو آهي ۽ اهو رعيت آهي ۽ رعيت جي قلعي کي عدل ۽ احسان جي گاري سان اهڙي طرح مضبوط ڪري جو ان ۾ ظلم جو ڪنهن به ريت گذر نه ٿئي. ٻيو قلعو لوهه جو ۽ اهو لشڪر آهي ۽ ان جي تعمير انعام اڪرام سان ٻڌل آهي ته جيئن اهي فتنن ۽ فسادن کي ختم ڪري سگهن. جيڪي ملڪ ۾ پيدا ٿين ۽ رعيت عام و خاص هنن جي ڪري امن جي پاڇي ۾ محفوظ رهن. ٽيون قلعو فولاد جو آهي ۽ اهي اهل **الله** آهن ۽ انهن جو نصيب بيت المال مان آهي، انهن جو حصو سُستيءَ کان سواءِ انهن تائين پهچائجي ته جيئن مدرسن ۾ علم جي پاڙهڻ ۾ بي ڪٿڪا ٿي مشغول رهن ۽ بادشاهي جي قائم ۽ ان جي باقي رهڻ خاطر هر وقت دعائن ۾ مشغول رهن. اهڙي طرح اولياء **الله** ۽ ٻين فقيرن ۽ صالحن جي تعظيم ۽ تڪريم لازمي آهي تنهن ڪري انهن کي عزت ۽ تعظيم سان پيش اچجي بلڪ هنن جي ڪفالت جو ذمو پاڻ تي لازم ڄاڻي پاڻ کي انهيءَ جماعت جو محتاج سمجهي، نه ڪي



انهن کي پنهنجو محتاج سمجهي. [28] هر مطلب ۽ مقصد واسطي سچي دل ۽ خلوص سان انهن جي خدمت ۾ انتهائي نياز سان عرض ڪري ڇو ته بادشاهيءَ جي معاملن جو اختيار هنن جي هٿن ۾ ڏنو ويو آهي.

**نقل** آهي ته مخدوم معظم جي گهرواري صاحبه فاني دنيا مان باقي سفر جو سامان ٻڌو. حاضرين کي حضرت جي پيشاني ۾ غم ۽ ڏک جو اثر معلوم ٿيو. هڪ ٻئي کي چيائون ته جيڪڏهن خدا کي عرض ڪن ته ان جي روح جو پکي وري انهيءَ قالب واري پڃري ۾ موٽي ايندو. فرمايائون ته ڪجهه فقير آهن جن جي زبان کي **الله** تعاليٰ ”ڪن فيڪون“ جي امر سان نوازيو آهي پر اهڙي بدعت جيڪا شريعت جي روڪ ڪنڌڙ هجي انهن کان اهڙي شيءِ واقع نٿي ٿي سگهي. باوجود ان جي جو هدايت ۽ ارشاد جي سمورن قسمن جو ڪين امر ۽ اذن مليل هوندو آهي. پر هنن لااُله **الاالله** جي ڪلمي جي تلقين اختيار ڪئي آهي ۽ حضرت رسالت مآب ﷺ جي تابعداري ۽ ان جي تعليم اختيار ڪندي:

**فَاعْلَمْ أَنَّهُ لَا إِلٰهَ إِلَّا اللّٰهُ** (محمد:19)

[پوءِ ڄاڻ ته بيشڪ **الله** کان سواءِ ڪوئي معبود ناهي.]

تي عمل پيرا ٿيا. فرمايائون ته ساري عمر ۾ اجنبي عورت سان هڪ ڀيرو ڳالهايو اٿم ۽ هڪڙو سوال ڪيم جيئن اڳ ۾ گذري آيو. ائين هڪ ڀيرو جڏهن چانور مڇي سان گهر ۾ پڪل هئا، دل گهريو ته ڪجهه ڪائجن پر پڇاڙي ۾ مون کي وساري ڇڏيائون ۽ آخر ۾ ڪنهن ٻار جي لاءِ جيڪي ڪجهه بچيل هو، چيائون ته هن مان تناول ڪيو. چيم ته ٻين جي حصي مان کائڻ جائز ناهي.

**نقل** آهي ته مخدوم محمد معظم هڪ ڪنواري عورت کي پڇاڙي واري عمر ۾، جڏهن سندن وجود مبارڪ تي پوڙهپ جا نشان ظاهر ٿي چڪا هئا پنهنجي نڪاح سان مشرف ڪيائون. جڏهن پاڻ اڪيلائي ۾ سندس صحبت لاءِ ويجهو ٿيا ته هن جي ٽڙندڙ مکڙي جهڙن ڳلن تي پريشاني جا آثار ڏٺائون جو هوءَ جڻ ڏجندي کين هٽڻ جو چئي رهي هئي. ان حال ۾



فرمايائون ته اي پرين! اسان جي ويجهو اچ. توکي اسان جي ضعيفي بابت جيڪا خبر پهتي آهي ڏس ته واقعي ائين آهي جو ته اهل **الله** اختيار وارا آهن جيڪا به شيءِ گهرندا آهن ته اها کين نصيب ٿيندي آهي. انهيءَ سبب هو اڪيلائي واري مهل ۾ نوجوان کان وڌيڪ چُست ۽ چالاڪ ٿي پوندا آهن. هي نقل عبد**الله** ابن موسيٰ ابن مخدوم معظم کان ٻڌم.

**نقل** آهي ته زماني جو غوث محمد امين مخدوم معظم جو خلف ۽ سچو پچو عڪس هو. هڪ دفعي هن اولاد جي غربت بابت سندن خدمت ۾ اظهار ڪري وڌو. آخر خواب ۾ ڏٺائين ته حضرت رسالتمآب ﷺ تخت تي ويٺا آهن ۽ اڪثر اولياء **الله** ان تخت جي هيٺان بيٺا آهن، حضرت مخدوم معظم به ان تخت تي ويٺا آهن تڏهن فرزند ارجمند کي سڏي چيائون ته هي ڪرامت ۽ شرافت جيڪا مون کي ملي آهي اها سموري رسالت مآب ﷺ جي تابعداري جي بدولت ملي آهي ۽ پاڻ سڳورن انهيءَ مفلسيءَ کي اختيار ڪيو آهي.

**نقل** آهي تہ مخدوم معظم جي خدمت ۾ عرض ڪيائون تہ فلاڻو هميشہ روزي ۾ آهي ۽ رات جو جاڳي ٿو. فرمايائون تہ کائڻ، پيئڻ ۽ سمهڻ جا وقت ورهايل آهن ۽ هر شخص پنهنجي انهيءَ لکئي مطابق کائڻ، پيئڻ ۽ ننڊ ڪندو آهي ۽ پنهنجي ان حصي کان وڌيڪ ڪو بہ نہ کٽندو آهي. پر حقيقي روزيدار کائڻ، پيئڻ توڙي وهم ۽ خيال، خواب ۽ بيداريءَ ۾ عبادت ۾ هوندو آهي ۽ ان جو هلڻ چلڻ، گهمڻ ڦرڻ، تسبيح ۽ ذڪر برابر آهي. ائين هن جو ساهہ کڻڻ بہ حمد ڪرڻ برابر آهي ڇو تہ ڪجهہ بہ نہ کائڻ سدائين جيئري ۽ قادر مطلق جي عادت آهي ۽ طعام ڏيڻ اصلي رازق جي صفت آهي. **”هو يطعم ولا يطعم“** [هو کارائي ٿو پر پاڻ نہ ٿو کارايو وڃي.]

**نقل** آهي تہ زماني جا عالم شاگردن سان گڏ مخدوم معظم جي فيض واري خدمت ۾ آيا جو هنن ٻڌو هو تہ پاڻ ڪلام ربانيءَ جون ڪيتريون معنائون ۽ لفظن جو مفهوم ادا ڪن ٿا. هو ڪجهہ متشابهہ آيتون دل ۾ سوچي آيا. پاڻ انهن جي اچڻ سان ئي مجلس ۾ فرمايائون تہ عالمن کي کپي تہ



اهڙيءَ ريت علم بيان ڪن تہ جيئن ٻيا ٻُڌن. آخرڪار سندس فصاحت بيان زبان انهن عالمن جي اڳيان اهڙي طرح کُلي جو سڀئي حيرت ۾ پئجي ويا. پاڻ ٽي سو پنجهٺ تفسيرن جا نالا ورتائون تہ فلاڻي تفسير ۾ اهڙي طرح آهي ۽ فلاڻي ۾ اهڙي طرح آهي. وري طريقت ۽ حقيقت جا مفهوم ۽ معنائون بيان فرمايائون تہ ڪي انهن عالمن جي دل ۾ ويٺيون ۽ ڪي تہ انهن جي سمجهہ ۾ بہ نہ آيون. آخر عالمن دعا جي لاءِ عرض ڪيو. فرمايائون تہ اسان ”الحمد“ پڙهون ٿا ۽ توهان آمين ڪيو. چون ٿا تہ جڏهن سورة فاتحه جي اختتام تي پهتا سڀ مجلس ۾ جيڪي حاضر هئا ولايت جي درجي تي پهچي ويا. تڏهن پاڻ چيائون تہ جيڪڏهن ساري عمر سورة فاتحہ جي معنيٰ ادا ڪرڻ ۾ گذارين تڏهن بہ پوري نہ ڪري سگهندا.[29]

**نقل** آهي تہ درويش رڪن الدين جيڪو اسلام جي ٺٽي شاهہ رڪن الدين متعلوي جي ڪامل مريدن مان هڪ هو، بيان ڪيو تہ سندن مسجد ۾ دوست وجد ۽ رقص ۾ محو هئا جو انهن مان هڪڙي جي اهڙي حالت ٿي جو ديوارن کي خراب پئي

ڪيائين. فقير ان کي روڪڻ لڳا اتفاق سان ان جي دستار مٿي
تان زمين تي ڪري پئي ۽ مٿي اگهاڙو سيد رڪن الدين جي
خدمت ۾ اچي فريادي ٿيو. اسان ٻنهي کي اڳيان گهرائي
معلومات ڪيائون ته ڇا واقعي هن جي بي عزتي ٿي آهي اهو
درويش مطمئن نه ٿيو ۽ پنهنجي دل ۾ اهو رنج کڻي مخدوم
ڪرم الله جي خدمت ۾ مدد وٺڻ لاءِ آيو ته جيئن سيد سڳوري
سان وابسته ٽولي جي مخدوم معظم ۽ ان جي يارن سان
شڪايت ڪري. مخدوم ڪرم الله تفصيل سميت حقيقت
ڪاغذ تي لکي درويش عثمان کي ڏني ته مخدوم نامدار جي
ڪن تائين اها حقيقت پهچائي. درويش رڪن الدين ولايت جي
بادشاهه شاهه رڪن الدين جي اڳيان اچي سمورو واقعو بيان
ڪيو. جنهن اها حقيقت مخدوم الانام جي خدمت ۾ عرض
ڪئي. تڏهن سيد سڳوري ڇا ڪيو جو معذرت ۽ معافي خاطر
ڪنڌ ۾ رسي وجهي خادم کي هٿ ۾ ڏيئي مخدوم معظم
جي خدمت ۾ موڪلي ڏنائون. آخر پاڻ پيرن تي اٿي بيٺا ۽ اها
رسي پنهنجي هٿن سان ان جي ڳچيءَ مان ڪوليائون ۽ اهڙي



حالت ۾ موڪلڻ جو سبب پڇيائون جڏهن کين سموري حقيقت
ٻڌايائون ته پاڻ شفقت ۽ مهرباني جي نظر ڪندي، فرمايائون ته
فاتحه پڙهو ته جيئن هن سيد جي آمدني جو ڪو سهڻو سبب
بنجي ڇو ته هن سان وابسته افراد آهن. واپسيءَ ۾ رستي جي وچ
۾ هئا جو اوچتو کين هڪ مرد گڏيو جنهن ٻن سالن جي ڏڳي
سندس حوالي ڪئي ۽ کيس ٻڌايائين ته اها ٿي ٿويا کير جا رات
توٽي ڏينهن ۾ ڏيندڙ آهي.

**نقل** آهي ته اوائل ۾ مخدوم اسماعيل سومرو جي والده
ڪجهه ان جا داڻا مخدوم جي خدمت ۾ موڪليا. پاڻ فاتحه
پڙهي ان تي دم ڪيائون. تنهن کان پوءِ انهن جي خاندان ۾
گهڻي برڪت اچي وئي. اهڙيءَ طرح مخدوم بازيد گهانگهري
پڻ گهٽ مال ۽ گهڻي عيال خاطر سندن اڳيان اچي پنهنجي
مدعا بيان ڪئي. تڏهن هن باري ۾ پڻ دعا جي طلب قبوليت
سان سرفراز ٿيو ۽ هو عزت مرتبي ۽ مال وارو ٿي ويو.

**نقل** آهي ته مخدوم ساهڙ لنجار مخدوم نامدار جي
خدمت ۾ رزق جي ڪمي ۽ ڪثرتِ عيال جو بيان ڪيو.

فرمايائون ته پوک ڪيو. چيائون ته ان جي طاقت نه ٿو رکان فرمايائون ته واپار ڪيو. چيائين پيسو نه ٿو رکان. فرمايائون ته روزي حاصل ڪرڻ جو ٽيون وسيلو نوڪري ڪرڻ آهي. تڏهن چوڻ لڳو ته وڏي ۾ وڏي مالڪ جي بارگاهه جي خدمت ۾ آهيان. ٻئي جي نوڪري اسان کي ڪرڻ نه ايندي. تنهن ڪان پوءِ فرمايائون روزيءَ جي خاطر چوپايو مال رکڻ چڱو آهي جو رحمت وارو رزق آهي. آخر فاتحه پڙهي ان جي رزق جي ڪشادگي جي لاءِ دعا گهريائون. موٽڻ مهل واٽ ويندي ڏراڙن ڏٻي جو هڪ جنگهه ڪان منڍو ٻچو جيڪو هلي نه پيو سگهي، کُهي هن درويش کي ڪاٽڻ جي لاءِ ڏئي ڇڏيو. تڏهن مخدوم ساهڙ پنهنجي ساٿين کي چيو ته هن کي کُهڻ نه ڪپي چو ته مخدوم معظم جي خدمت مان مون کي گذر سفر جي لاءِ اهو چوپايو جانور مليو آهي. پوءِ ان ٻچي کي گهر ۾ آندائون ته ٺيڪ ٿي ويو ۽ اٽڪل ٻه سؤ ڳئون ان جي نسل مان پيدا ٿيون.

**نقل** آهي ته هڪ شخص مخدوم معظم جي خدمت ۾ دل جي حضور سان عرض ڪيو ته جيڪا پوک ڪيان ٿو گهٽ



پيداوار ڏئي ٿي بلڪ ٻج ۽ محنت ضايع ٿي وڃن ٿا. انهيءَ جي ڪري نادار ۽ لاچار گذاريان ٿو. وري عيال به گهڻو اٿم جو مرد جي خواري آهي. فرمايائون ست پيرا ڪا به شيءِ پنهنجي طاقت مطابق صدقو ڪرڻ ڪپي ته جيئن فصل ۾ برڪت پيدا ٿئي. پهرئين ڏينهن زمين پاڪ ڪرڻ وقت ۽ ٻيو ٻج پوکڻ مهل ان مان ڪجهه خيرات ڪجي. ٽيون جڏهن ٻج ڦٽي مٿي اپري اچي. چوٿون جڏهن وڏيڪ سلا ڪري بيهڻ وارو ٿئي. پنجون جڏهن اَنُ جهلي، ڇهون جڏهن لابارو ڪري، ستون جڏهن گهر ۾ فصل ڪٽي اچي. ان ڪان پوءِ اهو همراهه فرمان مطابق ائين ڪرڻ لڳو ته وٽس اهڙي برڪت اچي پئي جو دولت وارو ٿي ويو.

**نقل** آهي ته هڪڙي دفعي مخدوم معظم حضرت محمد امين جي پوک جي پاسي ڪان گذريو. حاضرين خدمت عرض ڪيو ته هن پوک ڏانهن به نظر ڪن ته جيئن ان کي ڏسڻ سان منجهس [30] برڪت پوي پر پاڻ هرگز نه ڏٺائون. اتي ڪنهن شخص جي دل ۾ آيو ته ظاهري عالم چوندا آهن ته جيڪو به پنهنجي پوک تي نظر وجهندو ته هر داڻي ۾ پن جي

عيوض جيڪو ڪيس نظر ايندو تمام گهڻو ثواب ملندو. تڏهن پاڻ فرمايائون نبي ڪريم ﷺ فرمايو:

**يا طالب الدنيا لتبرّ ان ترکه لابر**

يعني اي دنيا جا طالب! چڱائي ڪر جو دنيا ڇڏڻ تمام بهتر آهي.

ڳالهه ٿا ڪن ته ڪنهن واهڙ ۾ ست سالن کان دريا جو پاڻي نه آيو مخدوم اسماعيل سومري مخدوم معظم جي صحيح جانشين محمد امين جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته درياء جي پاڻي جا اڃايل آهيون. نياپي آڻيندڙ کي چيائون ته توهان جي لاءِ دريا جو پاڻي رسالت مآب ﷺ جي خدمت مان گهريو اٿئون جتان قبوليت واري عزت ملي آهي. تنهن کان پوءِ اهو واهڙ اڄ تائين جاري آهي. هي نقل حافظ حماد کان ٻڌل آهي جيڪو مخدوم محمد اسماعيل سومري جو خادم هو.

وڌيڪ نقل آهي ته مذڪوره حافظ حماد مخدوم اسماعيل سومري جون ڪي سوڪڙيون پاڪڙيون مخدوم معظم



جي خدمت ۾ کڻي آيو ۽ ايمان ۽ سلامتي جي دعا لاءِ عرض ڪيائين. تڏهن پاڻ اسان جي پهچڻ سان فاتحه پڙهايائون ۽ ايمان جي سلامتي جي لاءِ دعا گهريائون ۽ چيائون ته مخدوم اسماعيل الله تعاليٰ جي دربار ۾ مقبولن مان آهي.

**نقل** آهي ته هڪ سوناري جي پٽ کي نانگ اهڙو ڏنگي وڌو جو هن جي حياتي باقي وڃي بچي. چوڪري جي ماءُ روئيندي رڙندي ۽ تڙپندي اچي مخدوم معظم جي خدمت ۾ پهتي ۽ عرض ڪرڻ لڳي ته فلاڻي سوناري جي پٽ کي نانگ ڏنگي ويو آهي ۽ اهو مرڻ تي پيو آهي ۽ نانگ جي زهر جو اثر چوڪري جي ڏندن مان گهروارن کي صاف نظر پيو اچي. هو حسرت وچان نانگ جي ڏنگ جي ڪري خاڪ مٽي ۾ ٿا وڃهن ۽ هي مسڪرائڻ ۾ مشغول آهن. تڏهن پاڻ فرمايائون ته هن چوڪر جي عمر ڊگهي آهي ڪيس چار پٽ ۽ هڪ ڌي ڄمندي. جڏهن اها عورت هي مبارڪ ٻول ٻڌڻ کان پوءِ واپس گهر پهتي ته ان چوڪر کي صحيح سالم ڏٺائين.

هڪ ڏينهن فرمايائون ته فقير جي پيدائش جي وقت ڪاتي نتي لڌائون، دل ۾ آيو ته ٻڌايان ته فلاڻي جاءِ تي رکيل آهي پر اظهار نه ڪري سگهيس. هڪ ظاهري عالم ڪي اعتبار نتي آيو سو ان ڳالهه بابت تحقيق لاءِ مخدوم معظم وٽ هلي آيو. پاڻ ان جي ويهڻ سان فرمايائون ته ميثاق واري ڏينهن پهرئين صف ۾ نبين جا روح ۽ ٻي صف ۾ ان جي پويان ولين جا روح هئا. فقير جو روح محمد ﷺ جي روح جي پاڇي ۾ ۽ امام غزالي جو روح حضرت موسىٰ ڪليم **الله** جي روح جي پاڇي ۾ ۽ شيخ بهاءُالدين ذڪريا جو روح حضرت سليمان جي روح جي پاڇي ۾ هو، ائين هر وليءَ ڪي ان جي مرتبي مطابق پيغمبر جي پاڇي ۾ بيهاريو اٿن.

اهڙي طرح هنن پيغمبرن جي دربار مان فيض پاتو آهي، ائين جيڪو حضرت سليمان پيغمبر جي پاڇي ۾ آيو ته پوءِ اهو ان جي مرتبي مان فيض يافته آهي ۽ اهڙي نموني سان ٻيا. فرمايائون ته امام محمد غزالي جي روح فقير جي روح کان پڇيو ته اسان "**بلىٰ**" چيو هو؟ وراڻيم ته توهان جي روح "**الست بربڪم**"



يعني ڇا مان توهان جو رب ناهيان. جي جواب ۾ بلىٰ چيو هو. اهي ڳالهيون ٻڌي ان عالم ڪي جيڪو دل ۾ ڇڻ گمان ٿي پيو هو دل مان نڪري ويو ۽ سالم اعتقاد وارو ٿي ويو.

**نقل** آهي ته فضيلت ۽ ڪماليت وارو ملا حسين خيالي پنهنجي رسالي ۾ ذڪر ڪري ٿو ته مخدوم معظم چيو ته جڏهن ميثاق واري ڏينهن حضرت محمد ﷺ جو روح مبارڪ **الله** تعالىٰ جي هيڪڙائي ۾ قرب واري ڪيفيت ۾ هو ۽ محبوبيت جو مرتبو ڪيس حاصل ٿيو ته ان وقت **الله** تعالىٰ جي طرفان رحمت جي نظر هن فقير تي به پئي، تڏهن حضرت رسالت مآب ﷺ انتهائي مهرباني مان فرمايو اي فلاڻا! تون منهنجي امت جي صفن ۾ داخل آهين. تڏهن مون مالڪ جو شڪر ادا ڪيو ۽ وڏي ادب سان امت جي صفن ۾ شامل ٿي ويس.

**نقل** آهي ته هڪ ڏينهن مخدوم معظم جي خدمت ۾ چار ڄڻا پهتا. پاڻ جماعت وارن ڪي چيائون ته هنن آيلن جي خدمت جو حق ادا ڪجو. بهرحال جيڪي حاضر خدمت هو سو آڏي پيش ڪيائون. تڏنهن انهن مان هڪڙي چيو ته مون هن

جهان ۾ پاڻ کي کائڻ پيئڻ کان پري رکيو آهي جڏهن کان اها خبر پئي اٿم. ٻي چيو ته مون ماءُ جي ٿڃ کان سواءِ هن جهان ۾ ٻيو ڪجهه به نه کاڌو پيتو آهي. ٽئين چيو ته مان وري ماءَ جي پيٽ ۾ جيڪي مليو ان کان پوءِ ڪا شيءِ نه کاڌي آهي. چوٿين چيو ته مون وري ميثاق واري ڏهاڙي کان پوءِ ڪجهه نه کاڌو آهي نه پيتو آهي. انهن کان پڇيائون ته ڪهڙي بزرگ سان عقيدت جي لڙهيءَ ۾ پوتل آهيو. چيائون ته ميثاق جي ڏينهن کان وٺي مخدوم معظم جي ارادت رکون ٿا. تڏهن ڪين چيائون ته اي خدا جا بندؤ! جڏهن کان مريدن جي حلقي ۾ شامل ٿيا آهيو ته اهي راز واريون ڳالهيون ياد رکو ٿا. [31] چيائون ته هائو. ياد رکون ٿا ته انهيءَ ڏينهن سموري رزق کي ٻن حصن ۾ ورهايو هئائون. هڪ حصو خواص لاءِ ۽ ٻيو عوام جي لاءِ. وري خاص جو حصو عوام ۾ ملائي ڇڏيائون ته جيئن خاص عوام مان پنهنجو حصو گُهري حاصل ڪن. انهيءَ ڪري عوام کي خاص جي مرتبن مان ججهو حصو حاصل ٿيندو آهي. پوءِ فرمايائون ته هي صاحب دل پنهنجي ڳالهه ۾ سچا آهن جو هي فقير به ان وقت اتي



موجود هو جڏهن عوام جي فائدي خاطر خاص جو تقسيم ڪيل رزق عوام جي رزق ۾ ملايائون.

**نقل** آهي ته مخدوم معظم جي ارادتمندن جي جماعت هڪڙي مسجد ۾ آئي ته اتي هڪڙو مدرس سبق پاڙهڻ ۾ مشغول هو. هن جماعت جي اچڻ سان ٿي شڪايت واري زبان کولي. تڏهن درويشن مان پاڻ کي بهتر پائڻ وارو ان وٽ ويو ۽ چيائين: **"قلب المؤمن عرش الله تعالیٰ"** يعني مومن جو قلب الله جو عرش آهي. تو ان کي ويران ڪري ڇڏيو ۽ **"اکرموا الضيف ولو كان كافراً"** يعني مهمان جي عزت ڪيو توڙي جو ڪافر هجي. پر توکان عزت جي بجاءِ دل آزاري ظاهر ٿي آهي ۽ چون ٿا ته علم هدايت ڪندڙ آهي پر تو مان ته ان جي بوءِ نه ٿي اچي، بلڪ تو کان ته اوليا الله کي تڪليف ڏيڻ واري شيءِ ظاهر پئي ٿئي. اِن هدايت ڀري ڪلام جو ان تي اهڙو اثر ٿيو جو يڪدم حضرت مخدوم معظم جي خدمت جي راهه ورتائين ۽ حق جي واصلن مان بڻجي ويو. ساڳيو درويش هڪ دفعي رستي ۾ هڪ عالم سان بحث ۾ پئجي ويو. عالم چيس اي درويش! پنهنجي پير

جا ته ڪجھ ڳڻ ٻڌاءِ. درويش چيس هڪ دفعي درياءَ جي ڏيڏر ڪوھ جي ڏيڏر سان ملاقات ڪئي. پڇيائين ته ڪٿان آيو آهين؟ چيائين درياءَ ڪان. چيائين ته درياءَ ڪيترو وڏو آهي. چيائين ته تمام وڏو آهي ۽ سموري جهان کي گهيريندڙ آهي. چيائين ته ها، پر اسان جي ڪوھ جيترو نه هوندو. هن مثال ٻڌڻ سان ئي اهو عالم ان گهڙي مخدوم معظم جي خدمت ۾ وڃي پهتو ۽ دل ۾ سوچيائين ته ايڏو وڏو مرتبو ڪيس ڪيئن حاصل ٿيو آهي ته ان مهل ئي پاڻ فرمايائون:

**وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ وَمَا تَعْمَلُوْنَ** (الصافات: 96)

[**الله** تعاليٰ توهان کي ۽ جيڪو ڪجھ توهان ڪيو ٿا اهو سڀ پيدا ڪيو آهي.]

هن آيت سڳوري جا ٽي سو سٺ دليل بيان ڪيائون. تڏهن وري ان عالم ۽ مجلس جي ٻين حاضرين جي دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته هي علم الائجي ڪنهن کان حاصل ڪيو اٿن. پاڻ فرمايائون "**علّمني ربي**" يعني مون کي پنهنجي رب سڪاريو



آهي. اُهو ٻڌي عالم هيڪاري حيرت ۾ پئجي ويو ۽ ان درويش سان ئي راز سليائين ته ان ڪوھ واري ڏيڏر پاڻي جي ذات ته ڏٺي هئي پر اسان ته اهي ڏيڏر هئاسون جو ان پاڻي جي ذات ئي ڪا نه ڏٺي هئي سون.

**نقل** آهي ته هڪ ڏينهن حضرت مخدوم معظم وضو سارڻ کان بعد منهن آسمان ڏانهن ڪري چپ پئي چوريا ۽ سندن چپن جي وارن مان نور پئي ٽميو. خدمت ۾ موجود حاضرين سوچ ۾ پئجي ويا ته هينئر حق تعاليٰ جي ڪهڙي تجلي ۽ ڪهڙي صفت سان موصوف ٿيا آهن جو سندن چهري مان ايتري تازگي ۽ طراوت ظاهر پئي ٿئي. فرمايائون ته **الله** تعاليٰ سان ڪلام ۾ هيس چو ته حضرت موسيٰ ڪليم **الله** وانگر حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي امت مان بعض فقرائن سان **الله** تعاليٰ هنن جي دلين جي طور سينا تي ڪلام واري صفت سان تجلي فرمائيندو آهي بلڪ ڪڏهن حيات واري صفت سان ته ڪڏهن ممات واري صفت سان به تجلي فرمائيندو آهي.

**نقل** آهي تہ هڪ دفعي مخدوم معظم شهر کان ٻاهر ويجهو ئي ويل هئا تہ ٻيپهريءَ جو وقت ٿي ويو. پاڻ سان گڏ ساٿيءَ سان اظهار ڪيائون تہ جيڪر سنت موجب جماعت سان نماز ادا ڪيون ها. ساٿيءَ وراڻيو تہ هن تر ۾ قبرستان کان سواءِ ڪو ڳوٺ نظر نہ ٿو اچي. پاڻ خادم جي هٿان يارهن ماڻهو قبرستان مان گهرايائون ۽ جماعت سان نماز ادا فرمايائون.

**نقل** آهي تہ پاڙي جي مسجد جي ٻانگي سومهڻيءَ جي نماز لاءِ ٻانگ چئي ۽ نماز لاءِ سڏيندو رهيو. مسجد وارا حيران ٿي ويا تہ پاڻ اڪثر ڪري وقت کان پهريائين ۽ ڪڏهن تہ اذان کان پهريائين ۽ ڪڏهن تہ ٻانگ کان بعد جلدي اچي ويندا آهن ۽ ڪڏهن بہ ڪانئن تڪبير اوليٰ نہ ڇُٽي آهي هينئر ايڏي دير جو سبب ڇا آهي؟ محمد امين ۽ خادم عثمان چاڪي اندر ويا ۽ ڏٺائون تہ پاڻ آرام ۾ آهن. جڏهن جماعت جو انتظار حد کان وڌي ويو تہ نماز پڙهي ڇڏيائون مگر اهو خادم حجري جي در تي انتظار ۾ ويٺو رهيو پر دل ۾ تمام گهڻو ڪتڪو هوس تہ ڪڏهن بہ جماعت نہ ڇڏي اٿن. گهڻي دير کان بعد ٻاهر آيا ۽



اظهار فرمايائون تہ حقيقت جا تمام ڳورا ۽ وڏا احوال پيش اچي ويا هئا نہ تہ تڪبير اوليٰ ۾ ڪوتاهي ڪيئن ٿي ڪري سگهجي. جڏهن ڏٺائون تہ سمورين مسجدن ۾ سومهڻي جي نماز پڙهي ڇڏي اٿن تہ پوءِ پاڻ صحرا جو رخ ڪيائون ۽ اتي ويجهو ئي قبرستان هو. ان خادم سڳوري کي فرمايائون جنهن پڻ نماز نہ پڙهي هئي تہ قبر وارن تي منهنجا سلام چؤ ۽ انهن مان ڏهہ ڄڻا وٺي اچو. آخر ائين ڪيائون انهن کي سلام چيائون ۽ هنن کين وعليڪم السّلام جو جواب ڏنو ۽ چيائون تہ توهان مان ڏهن ڄڻن کي حضرت غوث الحق طلب ڪيو آهي. ان مهل ئي سفيد لباس ۾ اڳيان اچي پهتا. اهي مُشڪ جي خوشبوءِ کان بہ وڌيڪ معطر ۽ خوشبوءِ وارا هئا، جنهن جو بيان نٿو ڪري سگهجي جو ان خوشبوءِ سان دل ۽ دماغ معطر ٿي ويا. حضرت مخدوم معظم امامت فرمائي ۽ اهي ڏهہ مُردا ۽ يارهون [32] خادم مقتدي ٿي بيناسون. نماز مان فارغ ٿي جڏهن گهر وڃڻ لڳا تہ اُهي مُردا بہ ادب سان هٿ ٻڌي پويان هلڻ لڳا. خادم سڳوري عرض ڪيو تہ اهي قبرن وارا بہ پويا پيا اچن پاڻ

فرمايائون تہ ڀلي اچن جڏهن شهر جي ويجهو پهتا تہ وري عرض ڪيائين پاڻ منهن مبارڪ انهن ڏانهن ورائي فرمايائون دل گهري پئي تہ توهان ڪي توهان جي گهرن ڏانهن وٺي هلجي پر اهو عمل شريعت سڳوري جي موافق ناهي. هاڻي وڃو ۽ پنهنجين قبرن ۾ وڃي آرام ڪيو. تڏهن پاڻ انهن لاءِ دعا ڪيائون تہ شال! **الله** تعاليٰ جو فضل و ڪرم ۽ رحمت توهان جي حال سان شامل هجي. آخر مخدوم صاحب جو حڪم مڃيندي اهي سڀ قبرن ڏانهن موٽي ويا.

**نقل** آهي تہ محلي جي مسجد جي مؤذن مخدوم معظم جي اچڻ کان اڳ ۾ تڪبير چئي ڇڏي، پاڻ جماعت ۾ نہ پهچي سگهيا. خادم سڳوري سان قبرستان ويا مُردن ڪي زنده ڪندڙ **الله** تعاليٰ يارهن مردا زنده فرمايا ۽ انهن سان نماز ادا ڪري موٽي آيا ۽ قبر وارا پويان پئي آيا خادم ڪي دل ۾ خيال آيو تہ هي مُردا تہ زنده رهجي ويندا. ان مهل ئي اجازت ڏئي ڪين روانو فرمايائون تہ انهن جي زندگي **الله** تعاليٰ جي راز ڪي ظاهر ڪرڻ آهي ۽ اها ڳالهہ ممنوع آهي.



**نقل** آهي تہ سومر جي ڏينهن منجهند جي وقت مجلس ۾ حاضرين هڪ ٻئي ڪي چوڻ لڳا تہ اڳوڻن بزرگن کان تہ ڪيتريون ڪرامتون ظاهر ٿينديون هيون جيڪڏهن اسان بہ ڪا ڪرامت ڏسون تہ جيڪر اخلاص ۾ اضافي جو سبب ٿي پوندو. ان مهل ئي درياءَ جي ڪناري تي هڪ شهر ڏٺائون ۽ حضرت مخدوم معظم سان گڏ ان شهر ۾ داخل ٿيا تہ خبر پيئي جمعي جو ڏينهن آهي شهري جمعي جي نماز جي لاءِ غسل ڪرڻ ۾ لڳا پيا آهن. شهر ۾ وڏو هُل هنگامو پئجي ويو تہ غوث الحق تشريف فرما ٿي چڪا آهن عام و خاص جي پيهہ سان جامع مسجد پهتاسون. نماز کان فارغ ٿيڻ کان بعد بادشاهہ وزير، مشير ۽ وڏا ماڻهو اچي گڏ ٿيا، ڪي تہ مريد پئي ٿيا ۽ تحفا ۽ نذرانہ پئي پيش ڪيائون ۽ اتان جي بادشاهہ هيرن سان ڀريل هڪ وڏو ٿالهہ سندن خدمت ۾ پيش ڪيو. ان شهر جي سُونهن ۽ سوڀيا، فِضا ۽ باغن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي بلڪل جنت پئي لڳو. هڪ هفتي گذرڻ بعد واپس ٿيا تہ رستي ۾ هڪ سونو جبل آيو فرمايائون اُهي سڀئي نذرانا جيڪي گڏ اتوَ اُهي

اِتي هن جبل تي ڦٽي ڪيو. جڏهن انهيءَ جبل کان گذرياسين تہ معلوم ٿيو تہ پنهنجي شهر جي ٻاهران بيٺل آهيون ۽ وقت بہ ساڳيو منجهند جو آهي ۽ اهو ئي ڏينهن سومر جو لڳو پيو آهي.

**نقل** آهي تہ هند جو لشڪر سنڌ تي ڪاهہ ڪرڻ لاءِ گاديءَ واري شهر دهليءَ کان تيار ٿي هليو. تڏهن ماڻهن اچي اهو عرض ڪيو تہ لشڪر ٿو اچي. فرمايائون تہ پچاڙي ڀلي ٿيندي. آخر اهو لشڪر ملڪ ڦريندو ۽ لُٽيندو هالاڪنڊي شهر جي ويجهو اچي پهتو. ڳوٺاڻا ۽ گهرن وارا بہ ڊڄندي ڏڪندي سندن خدمت ۾ اچي پهتا ۽ چوڻ لڳا تہ لشڪر پهچي ويو آهي، رڙيون ۽ ڪوڪون پئجي ويون آهن. آخر سندن فرمان مطابق ٿوري مٽي ڪٽي آندائون تہ ان تي هي دعا پڙهيائون: **اللّٰهُم لک الحمد ولک المجد ولک الشکر واليک المتکا وانت المستعان وبک المستغاث وعليک التکلان ومنک الفرج ولاحول ولاقوة الا باللّٰه العلي العظيم و صلي اللّٰه عليٰ خير خلقهٖ محمد آلہ واصحابہ اجمعين برحمتک يا ارحم الراحمين** يعني اي اللّٰه! تو لاءِ آهن سڀ تعريفون ۽ تو لاءِ آهي بزرگي ۽ تنهنجو ئي شڪر آهي ۽



تو تي ڀروسو آهي ۽ تون مدد ڪندڙ آهين ۽ تو کان ئي مدد طلب ڪيل آهي ۽ تون ئي ڀروسو آهين ۽ تنهنجي طرفان ڪشادگي آهي ۽ شر کي ڦيرائيندڙ ڪا طاقت ناهي مگر بلند ۽ عظمت وارو **اللّٰه** ۽ **اللّٰه** تعاليٰ پنهنجي خلق مان ڀلي ۾ ڀلي محمد ڪريم تي رحمتون موڪلي ۽ ان جي آل ۽ ان جي سمورن اصحابن تي موڪلي. بيشڪ اي رحم ڪندڙن مان ڀلو رحم ڪندڙ تون ئي آهين. اها دعا پڙهي لشڪر ڏانهن اُڇليائون. چون ٿا تہ اهو لشڪر پوئتي هٽي ويو ۽ پنهنجي ملڪ تائين بہ ڏينهن پورا ڪنهن هڪ جاءِ تي ٽِڪي نہ سگهيو ۽ ڪيتروئي سامان ۽ شيون ڇڏي هليا ويا. هي ڪرامت حضرت مخدوم معظم کان حضرت رسالت مآب ﷺ جي متابعت موجب آهي جو جڏهن قريش جو لشڪر مسلمانن تي غالب ٿي ويو هو ۽ اصحابي سڳورا پاڻ نہ سنڀالي سگهيا تہ پاڻ ڪريمن ﷺ مٽيءَ جي لَپَ ڪٽي قريش جي لشڪر ڏانهن اڇلي هئي ۽ **وَمَا رَمَيْتَ إِذْ رَمَيْتَ وَلَٰكِنَّ اللّٰهَ رَمَىٰ** (الانفال: 17) [۽ تو نہ اڇليو جنهن

وقت تو اچليو پر **الله** تعاليٰ اچليو.] واري آيت بہ تڏهن نازل ٿي هئي.

**نقل** آهي تہ ڪنهن ارادتمند جي دل ۾ خيال آيو تہ حضرت مخدوم معظم ڪهڙي ولايت ۽ هدايت واري مرتبي ۽ درجي سان واصل ٿيا آهن. تڏهن پاڻ گوڏن تان مٿو مٿي ڪڻي فرمايائون تہ "**ڪُنْ فيڪُون**" جي اعلان بعد چوڏهن اعليٰ ۽ نفيس لباس عطا ٿيا آهن جن جي حقيقت جي خبر **الله** تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪير نٿو ڄاڻي. مجلس مان حاضرين هيءَ ڳالهہ ٻڌڻ ۽ هن راز جي ظاهر ٿيڻ سان حيرت جي بيابان ۾ گم ٿي ويا. پاڻ ولايت سان انهن جي دل جو حال معلوم ڪري فرمايائون:

**وَأَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ** (الضحيٰ:11)

[پنهنجي رب جي نعمت جو خوب بيان ڪر.]

مطلب ڪڏهن بہ انا (مان) ۽ نحن (اسان) ۽ عندي (مون وٽان) ۽ مني (مون کان) وغيره جهڙا انانيت وارا لفظ ڳالهائڻ وقت سندن موتي هاريندڙ زبان مان ادا نہ ٿيا ۽ جيڪڏهن



پنهنجي طرفان ڪو [33] بيان ۽ شان ٻڌائڻ چاهيندا هئا تہ هيئن فرمائيندا هئا تہ فقير هيئن ٿا چون يا هيئن چيائون.

چون ٿا تہ ڪو شخص هڪ لٺ حضرت مخدوم معظم جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ کڻي آيو جو تہ "**العصا معلم الماء وقوة الاعضاء ودافع البلاءِ**" يعني لٺ پاڻي جو نشان ٻڌائيندي آهي عضون کي طاقت ڏيندڙ ۽ مصيبت ٽاريندڙ آهي. پاڻ ان کي جواب ڏنائون تہ هر حال ۾ **الله** تعاليٰ ڪافي آهي ۽ ڪاٺي تي ڀروسو نہ ڪرڻ گهرجي.

**نقل** آهي تہ مخدوم زادن هميشہ خدمت ۾ حاضر رهندڙ دائود مداري درويش تي اعتراض ڪيو ۽ ڪيس ملامت ڪيائون تہ تون حضرت مخدوم معظم جي وفات وقت موجود نہ هئين ۽ فاتحہ پڙهڻ لاءِ بہ گهڻي وقت کان پوءِ آيو آهين ليڪن پاڻ کي ڪامل مريدن مان ٿو سڏرائين. ان جواب ڏنو تہ مون کي معاف ڪريو ۽ فاتحہ پڙهڻ ۾ جيڪا دير ٿي آهي اها منهنجي غفلت ۽ سُستي جي ڪري نہ ٿي آهي جو تہ هڪ ڏينهن حضرت مخدوم معظم مون تي رحمت جي نظر ڪري اوپر طرف ڏنو تہ

مون سفر جو سامان کڻي اوڀر طرف سفر شروع ڪيو. جتي به رات گذاريم ٿي اتي جيڪي به اهل دل پوءِ اهي زنده هجن يا مئل، انهن جي زيارت ڪري اشراق ۽ چاشت نماز پڙهڻ کان بعد ظهر نماز تائين پنڌ ڪندو هوس. آءٌ پورو سال ائين هلندو رهيس تان جو هڪ شهر ۾ اچي پهتس ان مبارڪ شهر ۾ حضرت شاه عبدالوهاب سان مليس. جيڪو سموري مخلوق کان منهن موڙي مسجد شريف جي پاسي ۾ هڪ حجري جي اندر اعتڪاف ۾ ويٺو هو. ان منهنجي پهچڻ شرط فوراً حجري جو در کوليو ۽ مون کي عزت ۽ احترام سان نوازيائين. اتي موجود فقيرن جڏهن سندس توجهه مون ۾ ڏٺو ته انهن کي حيرت لڳي. جڏهن ان بزرگ عبدالوهاب مهمانيءَ جو پورو حق ادا ڪيو ۽ آءٌ پنهنجي عادت مطابق اتان روانو ٿيڻ لڳس ته ان بزرگ مون کي ٻڌايو ته اي درويش دائود! حضرت مخدوم معظم پنهنجي ڪمال ڪرم سان هن فقير (عبدالوهاب) ڏانهن اوهان کي موڪليو آهي اطمينان رک جو توهان جي سفر جي پڄاڻي هن جاءِ تي آهي. اسان پنج اوتاد آهيون ۽ توهان جي پير جي مريدن



مان آهيون جيڪو وقت جو غوث آهي. اوڀر وارو طرف اسان جي حوالي آهي ۽ اتر جي اوتاد جو نالو عبدالغفور آهي ۽ ڏکڻ جي اوتاد جو نالو عبدالغياث آهي ۽ اولهه جي اوتاد جو نالو عبدالستار آهي ۽ زمين جي وچ مڪي شريف جي اوتاد جو نالو عبدالرحمٰن آهي. (درويش داؤد مداري چيو ته) اتي آئون پورو هڪ سال رهيس آخر هڪ رات اَسُر ويل مون کي حجري ۾ گهرايائين ۽ فرمايائين ته اڄ رات مخدوم معظم جي رحلت آهي مون کي ۽ عبدالستار کي پنهنجو رفيق ٻڌايو اٿن (اسان جي رحلت جو به وقت آهي). مون کي وصيت ڪيائون ته مون کي غسل تون ڏجان ۽ جيڪي ڪپڙا پاتل آهن انهن ۾ ڪفن ڏجان ۽ هن عبادتگاهه واري ڪمري ۾ دفن ڪجان. پوءِ ٻانهن سان پاڪر پائي ساهه جي امانت الله تعاليٰ جي حوالي ڪيائين ۽ ولايت واري امانت منهنجي حوالي ڪيائين. ڪفن دفن کان فارغ ٿيڻ بعد سندس وصيت مطابق ٿي ڏينهن اتي ترسي ان کان پوءِ واپس موٽي مخدوم معظم زادي خلف الصدق وغيره جي قدم بوسي کان مشرف ٿيو آهيان. ان درويش پوءِ باقي سڄي عمر

حضرت مخدوم معظم غوث الحق جي آستاني جي مجاوري ڪندي گذاري. ان درويش کي مداري انهيءَ ڪري چون ٿا جو جماعت سان نماز پڙهڻ بعد مسجد جي ٻاهران ڇيٽا گڏ ڪري انهن کي باهه ڏئي اتي ويٺو هوندو هو جنهن کي سنڌيءَ ۾ "دونهين" چوندا آهن ۽ اها رسم شاهه مدار جي مريدن جي آهي.

**نقل** ڪيو حضرت متي ته هڪ رات حضرت محمد امين عشاء نماز پڙهڻ بعد پنهنجي هٿ سان طعام تاهي حضرت داؤد مداري جي خدمت ۾ کڻي آيو. اتي اچي ڇا ڏسي ته حضرت داؤد مقتديٰ آهي ۽ حضرت مخدوم معظم رحمة الله عليه امامت پيا ڪن. ان وقت حضرت مخدوم امين رحمة الله عليه کي وضو نه هو سو وضو ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو. وضو کان فارغ ٿي ڏسي ته مخدوم رحمة الله عليه نماز پڙهي غائب ٿي چڪا هئا. تڏهن داؤد مداري فرمايو ته حضرتا! جيڪڏهن وضوءَ سان هجو ها ته هڪ دفعي روحاني نماز جو به لطف حاصل ڪيو ها، هن وقت ٻه رڪعتون نفل اتي ادا ڪيو جتي مخدوم معظم امامت ڪئي آهي. ان کان پوءِ مخدوم محمد امين ان جاءِ تي



ٻه رڪعتون ادا ڪيون جيڪي سندن مرتبي ۾ واڌري جو سبب ٿيون. درويش داؤد ۽ مخدوم معظم ۾ وفات کان بعد ڪو به حجاب نه هيو جو ڪجهه چاهيندو هو ڀلي ڪيڏي وڏي مشڪل ڳالهه هجي (حضرت مخدوم معظم کان) حل ڪرائي وٺندو هو پوءِ اهو پنهنجو ڪم هجي يا ٻين جو.

**نقل** آهي ته هڪ ارادتمند کي دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته جيڪڏهن خاتم الانبياءِ عليه الصلوٰة والسّلام کان بعد نبوت هجي ها ته اسان جو پير به پيغمبر ٿئي ها. پاڻ يڪدم فرمايائون ته بعض شاهوڪار ۽ غني نبي سڳورن فقراء پيغمبرن جي مرتبي جي تمنا ڪئي آهي. بهرحال نبوت جو رتبو الله تعاليٰ وٽ تمام وڏو آهي، ڪٿي ولايت جو مقام ۽ ڪٿي نبوت جو ۽ هي اهڙو راز آهي جو ڪنهن جي به سمجهه ۾ نه ايندو. ڪي اهل تصوف چون ٿا ته انبياء اميرن وانگر آهن ۽ فقراء اهي آهن جيڪي هر وقت الله تعاليٰ جي حضور ۾ هوندا آهن ۽ بعض نبي سڳورا الله تعاليٰ جي حضور جي تمنا رکندا آهن. هي ڳالهه به ثابت آهي ته هر نبي ولي آهي ۽ هر ولي نبيءَ جي ولايت مان

فيض ياب آهي ۽ ڪي نبي سڳورا پاڻ کان مرتبي ۾ وڏيڪ وارن کان دعائون گھرائيندا آهن. هن ڳالهہ جو مثال ’نفحات الانس‘ ۾ ملي ٿو جو حمدون قصار رحمة **الله** عليه جيڪو پھرئين طبقي جي صوفين مان آهي ۽ سندس ڪنيت ابوصالح آهي ۽ هو اهلِ ملامت جو شيخ ۽ امام هيو. نيشاپور ۾ ملامت جو طريقو ان رائج ڪيو. پھريون مسئلو جيڪو ان کان ۽ ان جي ساٿين کان عراق ۾ پهتو، اهو هي هو تہ سهيل بن عبد**الله** تستري ۽ جنيد بغدادي چيو آهي تہ اگر نبي ڪريم ﷺ کان بعد نبي اچڻ جائز هجي ها تہ نبي انهن مان ٿئي ها. ڪجھہ ماڻهو وري سمجهندا هيا تہ جناب مخدوم معظم حضرت خضر عليه السّلام کان علم حاصل ڪن ٿا، انهن جي ان خيال جو رد ڪندي، فرمايائون تہ **الله** تعاليٰ جي عنايت ۽ نبي ڪريم ﷺ جي شفقت سان اسان کي ڪنهن بہ مخلوق جي محتاجي ناهي بلڪ ڪيترائي دفعا خضر عليه السّلام مقتدي بڻيو آهي ۽ هي فقير امام.



**نقل** ڪري ٿو درويش نوح ڪاريو تہ هڪ رات مخدوم معظم رحمة **الله** عليه حجري ۾ تشريف فرما هئا تہ اوچتو حجري جي در تي هڪ نوراني شخص ظاهر ٿيو. پاڻ فوراً اُٿيا ۽ تعظيم ۽ تڪريم جا آداب بجا آندائون. پاڻ ۾ گفتگو ڪيائون موڪلائڻ وقت ان بزرگ جنهن جو چهرو سج وانگر روشن هو، حضرت مخدوم کي پنهنجن مريدن لاءِ دعا جي درخواست ڪئي تہ اهي اڪثر دنيا ۾ مشغول رهن ٿا ۽ شڪل و شباهت بہ شريعت مطابق نٿا رکن. ناقل فرمائي ٿو تہ فراغت بعد جڏهن پاڻ آرامي ٿيا تہ آئون سندن پير مهٽڻ ۽ زور ڏيڻ ۾ مشغول ٿيس تہ پاڻ فرمايائون تہ تون ڪير آهين؟ مون عرض ڪيو تہ فقير نوح آهيان. پاڻ فرمايائون تہ هي جيڪو بزرگ آيو (۽ وري واپس ويو) تو ان کي سڃاتو؟ مون عرض ڪيو تہ نہ. پاڻ فرمايائون تہ غوث صمداني محبوب سبحاني سيدنا عبدالقادر جيلاني هيو. پوءِ مون کي حيرت ٿي تہ اهڙا بزرگ بہ خدمت ۾ حاضر ٿين ٿا ۽ دعائون گھرائن ٿا. پاڻ فوراً فرمايائون تہ اڪثر

اولياء **الله** حضرت آدم عليه السّلام جي زماني کان وٺي تشريف فرمائيندا آهن.

ساڳيو نقل ڪرڻ وارو چوي ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت غوث الثقلين مخدوم معظم کان پڇا ڪئي ته جيڪڏهن مريد کان ڪا اهڙي ڪوتاهي واقع ٿئي جيڪا اهل **الله** جي حال مطابق نه هجي ته ان کي ڪهڙي طرح سزا ڏيو ٿا ۽ ان کي ڇا ٿا ڪيو؟ پاڻ فرمايائون ته پهرين ۽ ٻي خطا معاف ڪندا آهيون ۽ اگر ٽين خطا ڪري ته ان جو هٿ وٺي حضرت خير البشر جي حضور ۾ ان کي اهڙي طرح حوالي ڪريون ٿا جو وري سندس هٿان خطا واقع نه ٿي ٿئي. تڏهن محبوب رب العالمين غوث الثقلين به فرمايو ته دعا ڪيو ته اسان جي هٿان به ائين ٿئي.

**نقل** ڪيو حضرت مخدوم زادي فتح محمد ته مخدوم معظم جي مريدن مان هڪ مريد ڪيتري مدت تائين هڪ عورت جي محبت ۾ مبتلا هو ۽ محبت جي غلبي جي ڪري ڪيس ڏينهن رات قرار ۽ آرام حاصل نه هو. اها عورت به ظاهري طور هن سان محبت جو اظهار ڪندي هئي. هڪ دفعي انهن



کي جڏهن اڪيلائپ جو موقعو مليو ته دروازا بند ڪري ڇڏيائون. جڏهن مٿن شهوت جي لشڪر حملو شروع ڪري ڏنو ۽ سندن تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ جو سامان لُٽجڻ تي هيو ته اوچتو مخدوم معظم جو هٿ مبارڪ ٻنهي جي وچ تي ظاهر ٿيو ۽ کين هڪ ٻئي کان جدا ڪيائين. ان کان بعد هن شخص ڪڏهن به ان عورت ڏانهن بري نظر سان نه ڏٺو ۽ نڪي ان عورت هن ڏانهن نظر کڻي نهاريو.

**نقل** آهي ته هڪ عقيدتمند چيو ته آءٌ هڪ دفعي مخدوم معظم جي خدمت بابرڪت ۾ حاضر هئس جو حضرت غوث الثقلين تشريف وٺي آيا ۽ فرمايائون ته توهان جا اڪثر عقيدتمند گهڻي کائڻ، سمهڻ، کِلڻ ۽ اجاين ڳالهين ۾ مشغول هوندا آهن. پاڻ فرمايائون ته برابر معاملو ائين آهي پر **الله** تعاليٰ اڪثر ناپسنديده افعال ۽ اقوال هن فقير جي صحبت جي برڪت سان معاف فرمايا آهن. ان سان گڏ اهي محبوب محمد ﷺ جا امتي آهن ۽ سرور ڪائنات ﷺ جي امت جا سڀ جرم بخشيل آهن. جيئن حديث پاڪ ۾ آهي: **”هي امة مذنبة وانا رب**

**غفورؒ** يعني هي امت گنهگار آهي ۽ آءٌ بخشڻهار رب آهيان.[35]

ساڳئي نقل ڪرڻ واري جو بيان آهي تہ مخدوم معظم جي عقيدتمندن مان هڪ بزرگ جيڪو تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي زيور سان سينگاريل هو، هن ڪجهہ اڻ وڻندڙ ۽ جماعت جي برخلاف طريقا اختيار ڪيا جيڪي خراب ۽ ناپسنديده هئا. تڏهن ان حضرت غوث الحق رحمة الله عليه جي خدمت بابرڪت ۾ عرض ڪيو تہ سائين جن جو ظاهر ۽ باطن نبي ڪريم ﷺ جي موافق ۽ مطابق آهي. تنهنڪري خادمن عقيدتمندن جو ظاهر ۽ باطن بہ پنهنجي شيخ سان موافق هئڻ گهرجي ۽ سندن تعلق بہ شيخ سان مضبوط ۽ پڪو هئڻ گهرجي. ان دوران ڪيس ننڊ اچي وئي ۽ ننڊ ۾ مخدوم معظم کي ڏٺائين، جنهن ڪيس چيو تہ اي فلاڻا! اسلام جا تمام احڪام ۽ ارڪان سنتون ۽ نفل نبي ڪريم ﷺ جا پورا ڪيا اٿم، ظاهر ۽ باطن ۾ سرورِ ڪائنات جي تابعداري ڪئي اٿم. سڀاڻي قيامت جي ڏينهن جڏهن هر ماڻهو خوف ۾ ورتل هوندو پاڻ سڳورا الله رب العزت



جي حڪم سان شفاعت فرمائيندا ۽ هي فقير بہ الله سبحانہٗ و تعاليٰ جي اذن سان ۽ نبي ڪريم ﷺ جي نظر ڪرم سان پنهنجي فقيرن جي شفاعت ڪندو تہ جيئن اها (شفاعت ڪرڻ واري) سنت بہ قيامت ۾ ادا ٿي وڃي. چو تہ آقاءِ نامدار ﷺ جي پيروي ۽ سنت ٻنهي جهانن ۾ لازمي آهي.

**نقل** آهي تہ الله تعاليٰ جي ذڪر جي ڪثرت جي ڪري حضرت مخدوم معظم رحمة الله عليه جا چپ مبارڪ هر وقت چرندا ۽ جنبش ڪندا هئا. حجام دل ۾ خيال ڪيو تہ اگر هڪ لمحي لاءِ بہ سندن لب مبارڪ خاموش ٿين تہ سندن چپن مبارڪن جا وار وٺي برابر ڪري ڇڏيان. حجام جي خيال کي پروڙي پاڻ فوراً چيائون تہ امام اعظم يا امام شافعي جي حجام سيرب پئي ٺاهي. حجام عرض ڪيو تہ اي مسلمانن جا امام! پنهنجن چپن مبارڪن جي جنبش کي ٿورو خاموش ڪرايو تہ چپن جا وار وٺي وٺان. فرمايائون اگر سج ۽ آسمانن جي جنبش کي حرڪت کان روڪي سگهين ٿو تہ مان بہ چپن ۽ زبان کي ذڪر کان روڪيان ٿو.

**نقل** آهي تہ هڪ دفعي درويش سارو عرف پهاڙ چند فيض وارن فقيرن سان گڏ مخدوم معظم جي خدمت ۾ پهتو ۽ سڀ دست بوسيءَ جي شرف کان مشرف ٿيا. حاضرين خدمت مان درويش عثمان کان پڇا ڪيائون تہ توهان جي هن حلقي جو اڳواڻ ڪير آهي؟ چيائين تہ فلاڻو آهي جيڪو حضرت مخدوم معظم جي ساٿين ۽ عقيدتمندن مان آهي. فرمايائون تہ پاڻ سان جماعت جا گهڻا ماڻهو ساڻ ڪري ميزبانن وٽ وڃڻ تڪليف پيدا ڪرڻ جو سبب آهن جو اتي رات گذارين. چئن ڄڻن کان وڌيڪ سي بہ اهي جيڪي هڪ پيالي ۾ کائن. ٻين کي پنهنجو رفيق نہ بڻائڻ گهرجي.

**نقل** آهي تہ مسجد جي مؤذن مقرر وقت تي آذان چوڻ ۾ سُستي ڪئي، چو تہ ننڍي حجري کي ڪجهہ ڪشادو پئي ڪيائين. فرمايائون تہ محمد امين جي ولادت تي مبارڪ ڏيڻ لاءِ هن ڪمري ۾ هڪ سؤ چوويهہ پيغمبر سڳورا ماپي ويا هئا ۽ هي هڪڙو نئو ماپي سگهي.



**نقل** آهي تہ هڪ سهڻي صورت ۽ نيڪ سيرت شخص مسجد جي دروازي تي پهتو تہ (مخدوم صاحب) استقبال خاطر هلي اچي نهايت ادب سان ان وٽ ويٺا ۽ هڪ ٻئي سان هم ڪلام ٿيا. ان جي رواني ٿيڻ بعد مجلس ۾ حاضرين جي دل جي ڪُتڪي کي ختم ڪرڻ خاطر فرمايائون تہ هي حضرت يعقوب (عليہ السّلام) جو فرزند حضرت يوسف عليہ السّلام هو. ڳالهہ ٿا ڪن تہ سندن ارادتمندن مان ٻن ڄڻن دل ۾ سوچيو تہ رات جو سائين جن جي حجري پاڪ جي در تي حضرت خضر عليہ السّلام جن کي منتظر ڏٺو اٿئون. پاڻ فرمايائون تہ ڪڏهن ڪڏهن تشريف فرما ٿيندا آهن پر اڄ رات حجري ۾ نہ آيا جو هر ڪنهن کي خدا سان خلاصو وقت مليل هوندو آهي، جيئن **"لي مع الله وقتٌ"** يعني منهنجو الله تعاليٰ سان ڪو خاص وقت آهي، آيل آهي.

**نقل** آهي تہ هڪ درويش خدمت ۾ حاضر فقير هٿان ٻہ ٽي ڏينهن لاڳيتو مخدوم معظم جي خدمت ۾ چورائي موڪليو تہ سياڻي **الله** سبحانہٗ وتعاليٰ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي

امت جو حساب ڪيئن وٺندو. تمام گھڻي آهه وزاري پئي ڪيائين ته اسان جي سوال کي جواب جو شرف ملي ڇو ته تمام پري کان آيو آهيان ۽ **الله** ۽ رسول جا واسطا ٿي وڌائين. پاڻ فرمايائونس ته جڏهن منهنجن پنهي اکين ۾ تڪليف ٿي پئي هئي تڏهن حضرت خير الابرار ﷺ هن خاڪسار جي عيادت لاءِ تشريف مبارڪ کڻي آيا هئا ته اوهان جي اکين جي لاءِ شفا آندي اٿئون. پاڻ اچڻ سان فرمايائون ته عطائون ڪندڙ رب جي بارگاهه مان امت جي گناهن جي مُعافي ۽ بخشش گھُرو. پوءِ حڪم قبول ڪندي مٿو نياز واري سجدي ۾ رکيم ۽ امت جي گناهن جي معافي گھُريم.

**نقل** آهي ته هڪ شخص مخدوم معظم جي برڪت واري خدمت ۾ عرض ڪيو ته منهنجو هي پٽ سائين جن جي دعائن جي برڪت سان **الله** جي ڪلام جو حافظ ٿئي ڇو ته حديث پاڪ ۾ آهي ته "**اهل القرآن اهل الله خاصة**" يعني قرآن وارا خاص اهل **الله** آهن. پاڻ فرمايائون ته صالح ٿئي. پر ان شخص وري حافظ ٿيڻ جي دعا جو عرض ڪيو. پاڻ فرمايائون ته اوهان



جو هي پٽ صالحن مردن مان آهي ۽ ٽي پيرا ائين فرمايائون. مطلب زبانِ معجز بيان مان صالح کان سواءِ ٻيو جواب ظاهر نه ٿيو. فرمايائون ته توڙي جو **الله** تعاليٰ وٽ حافظن جو مرتبو عظيم آهي پر صالحن جو مرتبو ان کان وڌيڪ اعليٰ ۽ افضل آهي، ڇو ته حضرت يوسف عليه السّلام نبوت جي باوجود **الله** سائين کان اسلام جي حالت تي فوت ٿيڻ ۽ صالحن جي جماعت سان هجڻ جو عرض ڪيو هو. جيئن فرمايو ويو آهي ته.

**مُسْلِمًا وَّأَلْحِقْنِي بِالصَّالِحِينَ** (يوسف:101)

[يعني مون کي مسلمان ڪري مارجانءِ ۽ صالحن سان گڏ رکجانءِ]

امام المسلمين امام اعظم علم ظاهر ۽ باطن جي حفاظت جي باوجود صالح جي مرتبي جي تمنا ۽ آرزو ڪئي هئي. جيئن قول آهي: "**احب الصالحين ولست منهم لعل الله يرزقني صلاحاً**" يعني صالحن سان محبت ڪيان ٿو. حالانڪ صالح ناهيان اميد آهي ته **الله** تعاليٰ مون کي صالح بڻائي. چون ٿا ته جڏهن اهو

شخص سعادت واري خدمت مان اجازت وٺي پنهنجي ڳوٺ پهتو ته ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ان ڇوڪري جيڪو صالحن جي مرتبي سان مشرف ٿيو هو، پنهنجي پيءُ کي چوڻ لڳو ته هاڻي منهنجو هن فاني دنيا مان باقي جهان ڏي هلڻ جو وقت ٿي ويو آهي. پر جڏهن منهنجي غسل ۽ ڪفن جي تياري ڪري بيهو ته منهنجي جنازي جي امامت لاءِ انتظار ۾ بيهجو. وصيت مطابق جڏهن سيئي انتظار ۾ هئا ته اوچتو قدرت خدا جي نقاب پاتل هڪ شخص غيب مان ظاهر ٿيو ۽ امامت ڪرايائين. معلوم ٿيو ته اهي مخدوم معظم هئا.

**نقل** آهي ته قاضين جي اولاد مان ڪو ماڻهو سائين جن جي محفل ۾ حاضر هو جنهن جا ماءُ ۽ پيءُ، اولاد ۽ مائٽ وقت جي بادشاهه جي قيد ۾ هئا. سفارش لاءِ عرض ڪيائين ته آزاد ٿي پون. پاڻ فرمايائون ته لکي آڻيو. خادم سگهوري عرض ڪيو ته فلاڻي قاضي جو پٽ جيڪو معتقد ۽ مخلص آهي گهربل عبارت جي ڪتابت لکڻ نٿو ڄاڻي. ليڪن پاڻ فرمايائون ته ان جي لکت مقبول آهي ڇئوس ته لکي. تنهن کان بعد هو ان شهر



جو قاضي ٿيو ۽ ان جي لکت هر معاملي ۾ قبوليت واري عزت ماڻيندي هئي. هيءُ نقل معتبر راوي کان آهي ته ڪيس مخدوم معظم کان معلوم ٿيو ته جڏهن سندن عمر شريف ارڙهن سال هئي ۽ هڪ ڏينهن عبادت ڪرڻ وقت مخدوم عربي سان گڏ وينا هئا. مخدوم عربي مراقبي جي حالت ۾ قرآن جي تلاوت ۾ مشغول هو ۽ جڏهن ستاويهين سيپاري تي پهتو ته مخدوم معظم کي عالمِ بالا جي مشاهدي جو شوق دامنگير ٿيو. تڏهن مخدوم عربيءَ جي ادب جو خيال رکندي پنهنجي جسماني وجود ۽ ظاهري شڪل کي اتي ئي ڇڏي، روحاني وجود سان عالمِ بالا ڏانهن اُسريو ۽ عالم افلاڪ جو مشاهدو ڪيائون ۽ پاڪ روحن سان ملاقات ڪيائون. فرمايائون ته منهنجي اک ۾ ڳڻڻ جي حساب سان ست سؤ آسمان هئا. وري جڏهن دنياوي آسمان ڏانهن موٽڻ جو ارادو ڪيم ته اسماعيل نالي فرشتي سان ملاقات ٿي جنهن چيو ته هتان زمين تي لهي سگهجي ٿو. مون سندس هٿ ورتو ۽ هيٺ لهي آيس، ڏٺم ته ان ئي ساڳي جاءِ ۾

پهتو آهيان جتي مخدوم عربي اجا قرآن جو ختم پورو نہ ڪيو هو.

**نقل** آهي تہ (مخدوم صاحب جي) ننڍپڻ جي زماني ۾ والدين جي فرمان مطابق وحد جي صاحب مخدوم عربي واري مسجد ۾ اُستاد قرآن جي سهڻي تلاوت جو شغل پيش ڪندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن قرآني آيتن جو تفسير پڻ اهڙي انداز ۾ ڪندو هو جو ٻڌندڙ گهڻو فيض حاصل ڪندا هئا. هن حقيقت جي باري ۾ ڪنهن مسجد وارن کي ٻڌايو تہ لطف الله پٽ نعمت الله جيڪو اوهان جي مڪتب ۾ آهي، ڪلام الله جي معنائن جو عجيب تفسير پيش ڪري ٿو. ٻئي چيو تہ هڪ ڏينهن پاڻ اکرن واري پٽيءَ کي پاٽيءَ سان ڌوئي ميٽ هڻي سُڪڻ لاءِ اُس ۾ رکي پاڻ وڻ جي ڇانوَ هيٺان ليٽي پيو هو ۽ سج مٿي چڙهي آيو پر هن جي سِر تان ڇانورو نہ هٽيو. اهڙيون معمول جي خلاف ڳالهيون ٻڌي سندس استاد جي پيشانيءَ ۾ حيرت وچان پگهر اچي ويو. تڏهن مخدوم معظم فرمايو تہ روحاني سير ڪندي چوٿين آسمان تي مخدوم عربي جي روح



سان ملاقي ٿيس. جڏهن ڪانئس موڪلاڻ لڳس تہ ڏاڍي معذرت سان پيش آيو ۽ ظاهر ڪيائين تہ اُن خلش ڪري جيڪا اوهان ڪان ننڍپڻ ۾ خلاف عادت شيون ظاهر ٿيڻ جي ڪري منهنجي دل ۾ ٿي هئي، هن منزل ڪان منهنجو روح اڳتي نٿو وڃي [37] توهان خدا ڪان دعا گهرو تہ منهنجي اها ڪوتاهي درگذر ڪري ۽ اوهان بہ معاف ڪيو. فرمايائون تہ مون حق تعاليٰ کي عرض ڪيو تہ هيءُ منهنجو پاڙيسري آهي اگر ان ڪان ڪا ڪوتاهي ٿي آهي تہ ڪيس معاف ٿئي تڏهن هاتفي آواز آيو تہ ان ڳالھ جي ڪري سندس مٿي اچڻ بند هو پر هاڻي اوهان جي سفارش جي ڪري ڪيس بخشيون ٿا.

**نقل** آهي تہ مخدوم معظم پنهنجي زبان مبارڪ سان اظهار ڪيو تہ حضرت رسالت مآب ﷺ هر وليءَ کي سندس حال جي حساب سان علائقا انهن ۾ امانت طور تقسيم ڪيا آهن ۽ هن فقير کي بہ ولايتن مان گهڻائي ڳوٺ ڏنا اٿن. ان زماني ۾ عالمن مان ڪو سندن ارادت لاءِ آيل هو، جنهن جي دل ۾ ڪيئي سوال ۽ مونجهارا هيا پر ڪيس انهن جا جواب مدعا

مطابق ملي رهيا هئا. اوچتو سندس دل ۾ خيال آيو تہ انهيءَ ورهاست ۾ مريد ۽ معتقد بہ شامل آهن يا نہ؟ تڏهن پاڻ فرمايائون تہ سڀ پيروي ڪندڙ نجات واري ٽولي ۾ داخل آهن. وري عالم سوچيو تہ پڪ اهي اهل اسلام هوندا نڪي اهل ڪفر. تڏهن چيائون تہ اهل اسلام حديث جي چٽائي موجب ناجيہ ٽولي ۾ داخل آهن. جيئن نبي ڪريم ﷺ فرمايو:

**سابقنا سابق ومقتصدنا ناج وظالمنا مغفور لهٗ**

[اسان جو اول اول آهي ۽ اسان جو ارادو رکندڙ نجات وارو آهي ۽ اسان جي ظالم لاءِ بخشش آهي.]

وري فرمايائون تہ ان ورهاست ۾ مسلمان، ڪافرن ٽوڻي منافقن جي شفاعت اولياءَ جي حوالي آهي ۽ ان ۾ ان وليءَ جو اختيار آهي ۽ ڪيس شفاعت جي واسطي اجازت مليل آهي. تڏهن اُهو عالم دليل جو طالب ٿيو. فرمايائون تہ الله تعاليٰ فرمايو آهي:



**يَوْمَئِذٍ لَا تَنْفَعُ الشَّفَاعَةُ إِلَّا مَنْ أَذِنَ لَهُ الرَّحْمَنُ وَرَضِيَ لَهُ قَوْلًا** (طٰهٰ: 109)

[شفاعت فائدو نہ ڏيندي مگر جنهن کي موڪل مليل آهي الله کان ۽ جنهن جي ڳالهائڻ کان هو راضي ٿئي.]

۽ الله تعاليٰ فرمايو:

**وَآخَرُونَ مُرْجَوْنَ لِأَمْرِ اللَّهِ إِمَّا يُعَذِّبُهُمْ وَإِمَّا يَتُوبُ عليهمْ** (توبہ: 106)

[۽ ٻيا الله تعاليٰ جي حڪم ۾ دير ڏنل آهن پوءِ وٽيس تہ انهن تي عذاب ڪري ۽ وٽيس تہ انهن کي توبهہ جي توفيق ڏي.]

وري ان عالم سگهوري دل ۾ سوچيو تہ هنن آيتن جو شان نزول تہ اهل اسلام جي حق ۾ آهي. تڏهن ڪيس چيائون تہ ظاهري عالم بيشڪ ان ريت آيتن جو تفسير ڪندا آهن پر باطني عالم حضرت رسالت مآب ﷺ کان انهيءَ قسم جي باري ۾ راوي آهن ۽ هن سلسلي ۾ ٽي دفعا حضرت رسالت

مآب ﷺ جي زبان مبارڪ مان انهن آيتن جو بيان ٻڌو اٿم. هن نقل جي راوي مولانا يوسف چيو ته مون پنهنجي اکين سان ڏٺو ته اُن عالم جي بدن ۾ اهڙي اچي ڏڪڻي پئي جڻ ته اجهو ڪرڻ وارو آهي ۽ هميشه لاءِ موڪلائڻ وارو آهي. ڪافي دير تائين بيهوش پيو هو ۽ جڏهن هوش ۾ آيو ته ارادت جو ڳارو ٻچيءَ ۾ وجهي پنهنجي ڳوٺ ڏانهن وريو ۽ ڪامل واصلن مان بڻجي ويو.

**نقل** آهي ته ساڳي ڏينهن حضرت شيخ احمد خرقاني مخدوم معظم جي خدمت ۾ آيو. هو هيٺ سائي گاهه تي ويٺل هو ۽ مٿي تي پاتل ڊگهي ٽوپيءَ کي گهمائي رهيو هو. اوچتو غيبي آواز سندس ڪن تي پيو ته اي احمد! انهيءَ ٽوپي کي وڪڻندين؟ چيائين دنيا ۽ آخرت سان ڪو واسطو ناهي ۽ تون پاڻ اسان جي ملڪيت مان آهين تو وٽ ٻي ڪا به شيءِ ناهي جنهن جي بدلي ٽوپي وڪڻان. وري ٻيو غيبي آواز سندس ڪن تي پيو ته اي احمد! انهيءَ پنهنجي گستاخي ۽ بي ادبي کان موٽ ڪاءُ ورنه تنهنجا عيب خلق جي آڏو ائين ظاهر ڪندس جو



ڪو به توکي سلام نه ڪندو. چيائين يا الاهي! جيڪڏهن تنهنجي رحمت ۽ ڪرم مان ٿورو حصو به هن خلق ۾ ظاهر ڪيان ته مخلوقات مان ڪو به توکي سجدو نه ڪندو. تڏهن وري ان وڏي عزت واري دربار مان آواز آيس ته. اي احمد! پنهنجي حد ۾ رهه ۽ ماٺ ڪر! اتي حضرت مخدوم معظم فرمايو ته ابليس جڏهن پروردگار جي رحمت واري خزانن جي رازن کان واقف ٿيو، تڏهن گهريائين ته پروردگار جي بي حساب رحمت ۽ ڪرم کي مخلوق تي ظاهر ڪري ته جيئن جنهن کي جيڪو وڻي سو وجي ڪري. ڇو ته ان جي رحمت دوست ۽ دشمن کان ڳجهي ناهي ۽ هر نيڪ ۽ بد سندس رحمت ۾ غوطو کائيندو. انهيءَ سبب جي ڪري ابليس کي تزيلن ۽ لعنتين مان بڻائي ڇڏيائين ته جيئن ڪو به ان جي ڳالهه تي ڀروسو نه ڪري ۽ ذڪر ۽ محبت ۽ عبادت مان فارغ نه رهي. جيئن:

**وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْإِنْسَ إِلَّا لِيَعْبُدُونِ** (الذاريات: 56)

[۽ مون پيدا ڪيو جنن ۽ انسانن کي مگر پنهنجي عبادت جي لاءِ]

واري فرمان ۾ آهي، باقي حقيقت ۾ حق تعاليٰ جي رحمت جي ڪا بہ حد يا پڇاڙي ڪونهي. جيئن 'مصابيح' ڪتاب ۾ آهي تہ نبي (ڪريم) ﷺ فرمايو آهي تہ،

**والذي نفسي بيدهٖ اولم تذنب الذنب لذهب بكم وجاء الله بقوم يذنبون فليستغفر الله فيغفرلهم**

[قسم آهي ان ذات جو جنهن جي قبضہ قدرت ۾ منهنجو ساهہ آهي. گناهہ ڇو نہ ڪيئي، ضرور توهان کي ختم ڪري توهان جي جاءِ تي الله تعاليٰ اهڙي قوم آڻيندو جيڪا گناهہ ڪندي پوءِ اها الله تعاليٰ کان معافي گهرندي تہ الله تعاليٰ انهن کي بخشيندو.

حديث قدسي ۾ آهي تہ،

**لو علم الناس من المغفرة [38] لتقربوا الي بالجرائم**

[جيڪڏهن ماڻهو منهنجي بخشش کي سمجهن تہ مون وٽ گناهن سان پيش پون.]



**نقل** آهي تہ حضرت مخدوم معظم جي اولاد مان ڪنهن کي ڪو وڏو مرض ٿي پيو جو سندس پٽ جو هڪ هٿ شل ٿي پيو ۽ هڪ پير کان اڳيئي منڊو هو. پاڻ ۽ سندس فرزند ٻيڙي ۾ سوار ٿي غوث الاعظم جي روضي مبارڪ ڏانهن متوجهہ ٿيا. ٻيڙيءَ ۾ ئي جبل جيڏين ڇولين جي سختي جي ڪري مهراڻ درياءَ جي ڪناري تي ڪين رات پئجي وئي. مريض کي ڇولين جي هولناڪ آواز جي ڪري آرام ڪو نہ پئي آيو. آخر حضرت مخدوم معظم جي صورت ڏٺائين تہ پاڻ شفقت وارو هٿ هن جي مٿي تي گهمايائون ۽ چيائونس اي ٻچا! هر طرح سان دلجاءِ ڪر، شفا لهندين. ٻيڙيءَ کي هلائيندا هلو. غوث الصمد فتح محمد جيڪو انهن سان گڏ هو ان کان هن روئداد بابت پڇا ڪرڻ لڳا. هن ڪين چيو سمجهو شفا آئي ۽ تڪليف وئي. آخر هو ڪٽي ترسڻ کان سواءِ درياءَ مان بنا تڪليف جي پار ٿيا ۽ ڪناري تي اچي پهتا جو ملاحن کي بہ خبر نہ پئي. هوڏانهن جيئن غوث الحق جي روضي مبارڪ ۾ داخل ٿيا تہ اهو

چوڪرو جنهن جو هٿ شل ۽ ڄنگهه ڪان منڊو هو بلڪل ٺيڪ ٿي ويو ۽ اتي مزار مبارڪ جي چوڌاري گهمڻ لڳو.

**نقل** آهي ته مخدوم معظم جي اهل مان ٻه ٽي عورتون ڪنهن مريض مائٽن جي شفا واسطي رات جي وقت اچي حاضر ٿيون. هو وڏي تڪليف سان روضي جي مجاور جي جاءِ تائين آيون ڇو ته اتي پيو ڪو مجاور نه ڏٺائون. ان رات ڏاڍي اونداهي هئي ۽ هوا تمام گهٽي ۽ تکي هلي رهي هئي. ڀؤ ۽ هراس، خوف ۽ اڪيلائي اچي ڪين وڪوڙيو. ايتريقدر جو ڪجهه ڪُڇي به نه پئي سگهيو. آخر لاچار ٿڙندي ٿاٻڙندي واپس موٽي گهر آيون. حضرت مخدوم معظم رستي ۾ اچي سندن سامهون ٿيو ۽ ساڻن گڏجي گهر تائين پهچايائين. موڪلائڻ مهل ڪين تسلي ڏئي چيائين توهان جو مريض ٺيڪ ٿي ويو آهي، اسان نه اوهان سان گڏ ئي هوندا آهيون. جهڙي طرح حياتي ۾ هوندا هئاسون. **"ان اولياء الله لايموتون بل ينتقلون من دار الي دار"** يعني بيشڪ **الله** تعاليٰ جا دوست مرندا ناهن بلڪ هڪ گهر ڪان ٻئي گهر ڏانهن لڏيندا آهن.



ڳالهه ٿا ڪن ته انتهائي استغراق واري حالت ۾ پُٽن ۽ دوستن جي نالن مان اڪثر وساري ويهندا هئا بلڪ ڪين پنهنجي سڃاڻپ به نه رهندي هئي. آخر هڪ ڏينهن سندن گهر وارين مان پرده دار عورتن جي سرتاج، وقت جي رابعه، مريم ثاني مخدومه صاحبه جن کي دل ۾ خيال آيو ته اڄ پاڻ هن دنيا ۾ اسان کي نٿا سڃاڻين. سڀاڻي حشر واري ڏينهن جنهن وقت وڏو زلزلو ايندو:

**إِنَّ زَلْزَلَةَ السَّاعَةِ شَيْءٌ عَظِيمٌ** (الحج: 1)

[بيشڪ قيامت جو زلزلو وڏي ڳالهه آهي.]

اُتي اسان جي ڪيئن مدد ڪندا؟ تڏهن فرمايائون ته اسان جي پيارن، آل اولاد ۽ پٽن پوٽن ۽ ڏوهٽن کي **الله** تعاليٰ زلزلن جي هولناڪي ڪان ان ڏينهن ائين پنهنجي امان ۾ رکندو جيئن اسان کي رکيو اٿس ۽ هيءَ آيت ڪريم تلاوت ڪيائون:

**وَمَنْ صَلَحَ مِنْ آبَائِهِمْ وَأَزْوَاجِهِمْ وَذُرِّيَّاتِهِمْ وَالْمَلَائِكَةُ يَدْخُلُونَ عليهمْ مِنْ كُلِّ بَابٍ سَلَامٌ عَلَيْكُمْ بِمَا صَبَرْتُمْ فَنِعْمَ عُقْبَى الدَّارِ** (الرعد:23)

[۽ اهي جيڪي صالح ٿيا انهن جي ابن ڏاڏن ۽ زالن ۽ اولاد مان ته ملائڪ وٽن هر دروازي کان اچي هن طرح چوندا، توهان تي سلامتي هجي توهان جي صبر جي بدلي ۾ پوءِ آخرت جو گهر ڪهڙو نه سُٺو آهي.] وري ٻئي هنڌ فرمايو اٿس:

**وَالَّذِينَ آمَنُوا وَاتَّبَعَتْهُمْ ذُرِّيَّتُهُمْ بِإِيمَانٍ أَلْحَقْنَا بِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَمَا أَلَتْنَاهُمْ مِنْ عَمَلِهِمْ مِنْ شَيْءٍ** (الطور:21)

[جن ايمان آندو ۽ سندن اولاد ايمان سان گڏ انهن جي پيروي ڪئي ته اسان انهن جي اولاد انهن سان ملائينداسون ۽ سندن عملن ۾ ڪا به گهٽتائي نه ڪنداسون.]

**نقل** ڪندي درويش يحيٰ مندي ٻڌايو ته بيبي مريم مخدوم معظم جي خدمت ۾ روزيءَ جي ڪشادگيءَ لاءِ عرض ڪيو. فرمايائونس ته جيڪي تنهنجو مقدر آهي ته ان ۾ نه



گهٽتائي ٿيندي ۽ نه ڪي توکي ٻين جو حصو ملندو پر جيڪي تو کي ملندو ان ۾ توکي پريشاني نصيب نه ٿيندي ۽ جيڪو تو لاءِ نه آهي ان ۾ پڻ تو کي پريشاني نه ٿيڻ کپي. هن ڳالهه مطابق خبر پئي ته حديث شريف ۾ آهي ته.

**قنعني فيما رزقتني ولا تشغلني فيما صرفت عني**

[مون کي قناعت عطا ڪر ان ۾ جيڪو رزق تو مون کي ڏنو آهي ۽ مون کي مشغول نه بڻاءِ ان ۾ جيڪو تو کي مون کان پري ڪري ڇڏي.]

**نقل** آهي ته هن ملڪ جي درويشن مان هڪ جيڪو ڪرامتن وارين ڳالهين ۾ گهڻو مشهور هو، گودڙي پائي سنتل هو. سندس خادم پير تي مَهٽيا جو سمجهيائين ته بزرگ جو وجود گودڙي جي هيٺان ناهي. ڪجهه وقت کان بعد وري هن کي گودڙي جي هيٺان ڏٺائين، دل ۾ سوچيائين ته ڪاڏي ويو هوندو. اهڙي حال ۾ هو اُتي چوڻ لڳو ته مخدوم معظم خدا ۽ رسول جي حڪم سان ولايت جون خلعتون اولياء الله ۾ تقسيم

ڪري رهيا هئا. اسان بہ اُتي وجي پهتاسون ۽ غوث الحق جي توجہ جي برڪت سان اڳين رتبي ۾ اضافي سان سرفراز ٿي واپس گوڏڙي ۾ اچي ليٽيو آهيان.

**نقل** آهي تہ حضرت فتح محمد غوث الصمد چيو تہ [39] عالمن جي اڳواڻ ۽ پرهيزگارن ۾ ڪامل حضرت يار محمد ساڪن دربيلہ عرس وارن ڏينهن ۾ روضي مبارڪ جي سامهون انتظار ۾ ڪافي دير تائين بيٺل هو. ان ڪان پڇيم تہ چيائين ميڙ ۾ حضرت مخدوم معظم پنهنجي خلف امين الدين محمد امين سان روضي مبارڪ جي سامهون بيٺل هئا ۽ حقيقي طالبن جا مرتبا وڌائي لڪندا پئي ويا ۽ جيڪي وري مجمعي ڪي فقط ڏسڻ لاءِ خاص طور تي پئي آيا انهن جا وري ڪيل گناهہ معاف ڪرائيندا پئي ويا.

**نقل** آهي تہ هڪ شخص حضرت مخدوم معظم جي خدمت ۾ غريبي ۽ قرض جي شڪايت ڪئي ۽ ڏاڍيون زاريون پئي ڪيائون. پاڻ هڪ پٿر تي ”فاتحہ“ پڙهي دم ڪيائون تہ ڳاڙهو سون ٿي پيو. آخر ان سائل پنهنجون ضرورتون پوريون



ڪيون. ان ڪان پوءِ ڪيترائي ڀيرا هن ٻئي ڪنهن پٿر تي فاتحہ پڙهي دم ڪئي تہ سون نہ ٿيو. وري موٽي اچي حضرت مخدوم معظم جي خدمت ۾ عرض ڪيائين تہ سائين جن پٿر تي فاتحہ پڙهي تہ سون ٿي ويو پر منهنجي پڙهڻ سان سون نہ ٿو ٿئي. پاڻ فرمايائون تہ جيڪو سون ۽ پٿر ۾ فرق رکي ۽ برابر نہ سمجهي تہ ان جي هٿ ۾ پٿر سون نہ ٿيندو. وري فرمايائون تہ ننڍپڻ ۾ پٿر کي سون ڪان وڌيڪ سمجهندو هئس ۽ موت کي حياتيءَ ڪان وڌ ترجيح ڏيندو هئس، چو تہ.

**الموت جسر يوصل الحبيب الي الحبيب**

[موت هڪ پُل آهي جيڪو هڪ دوست کي ٻئي دوست سان ملائي ٿو.]

پر هاڻي قادر ڪريم جي ڪرم سان سون ۽ پٿر، مرڻ ۽ جيئڻ هڪجهڙا ۽ برابر آهن. هڪ وڏو عالم ان مهل مجلس ۾ حاضر هو جيڪو ٺڪر جا ڪجهہ ٽڪرا ميڙي کڻي آيو هو ۽ انهن تي پاڻ فاتحہ پڙهي دم ڪيائين تہ ان وقت ئي اهي چاندي

ٿي ويا پر جڏهن هو گهر آيو ۽ پاڻ پتر تي الحمد پڙهي دم ڪيائين ته چاندي نه ٿي، پوءِ پڪ ٿيس ته منهنجي پڙهڻ سان ان جو چاندي ٿي پوڻ مخدوم معظم جي محفل جي برڪت ۽ فيض بخش صحبت جي اثر ڪري هو ڇو ته "الصحبة مُوثر" يعني صحبت اثر ڪندڙ آهي. فرمايائون ته پوري عمر ڏؤ سان پاڻي نه پيتو ۽ ڏؤ سان طعام نه کاڌو.

**نقل** آهي ته مخدوم معظم جي ارادتمندن مان هڪڙو درياءَ مان ڪوئنرو پرڻ لاءِ پئي ويو ته رستي ۾ هڪ مجذوب پنهنجي ڪنهن دوست سان نشي پيئڻ جو شغل پئي ڪيو. ان مجذوب جي تصرف جي ڪري هن ارادتمند جي دل ۾ خيال آيو ته جيڪر هو پاڻ هڪڙو پيالو ان مان پي وٺي پر خدا تعاليٰ پنهنجي مهرباني ۽ غوث الحق جي توجهه سان ائين نه ڪري سگهيو ۽ ڪوئنرو پري واپس خدمت ۾ پهتو. ان جي پڇڻ سان فرمايائون ته ديوانن جي آڏو نه وڃڻ گهرجي ڇو ته اهي بدعتي آهن ۽ دنيوي شين کان سواءِ انهن مان ٻي ڪا شيءِ حاصل نه



ٿيندي ۽ خدا تعاليٰ جي طالب کي انهن جي اڳيان هرگز نه وڃڻ گهرجي.

**نقل** آهي ته خادم مسعود پنهنجي پٽ محمود سان گڏ خدمت ۾ آيو، تڏهن ان ڇوڪري دل ۾ سوچيو ته جيڪر مخدوم معظم پنهنجي خدا کي عرض ڪري ته ڏڪر جا ڏينهن خلق تان ختم ٿين. فرمايائون ته **الله** سائين فرمايو آهي:

**وَلَوۡ بَسَطَ اللّٰهُ الرِّزۡقَ لِعِبَادِهٖ لَبَغَوۡا فِي الۡاَرۡضِ** (الشوريٰ:27)

[۽ جيڪڏهن **الله** تعاليٰ پنهنجن ٻانهن کي جهجهو رزق ڏئي ڇڏيندو ته ضرور زمين ۾ فساد ڪندا.]

فرمايائون ته اِهو آسان ڪم آهي پر حڪيم يعني سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ پنهنجي حڪمت ۽ ازلي علم سان ائين ئي گهريو آهي. "**المالک في ملک يتصرف** ڪيف يشاء" يعني مالڪ پنهنجي ملڪيت ۾ جيئن چاهي تصرف ڪري سگهي ٿو. اڪثر ڪري سياري ۽ اونهاري، ڏينهن ۽ رات جي خبر نه رکندا هئا، ڪڏهن ڪڏهن اکين ۾ سور جي ڪري ملم پٽي ٻڌندا

هئا. فرمايائون ته ڇا ٿا ڪيو عرض ڪيائون ته مخدوم ڪي اکين ۾ درد آهي ان تي ملم پٽي ٿا ٻڌون. فرمايائون في الواقع اکين ۾ درد اٿس ٺيڪ آهي الائي نه.

**نقل** آهي ته هڪ رات عشاء نماز پڙهي گهر ڏانهن وڃڻ لڳا اوچتو خدا تعاليٰ جو نالو ڏاڍيان زبان سان ورتائون. خادم ڪي خبر پئي ته ڪين وڇون ڏنگي ويو آهي. ٿورو اڳتي هلي ڪين پير ۾ ان جو اثر محسوس ٿيو. انهيءَ وچ ۾ خادم ڪا شيءِ سندن پير ڪي لڳائي پر پاڻ هرگز ان جي خبر نه رکيائون.

**نقل** آهي ته وقت جي حڪمران ملڪ جي سموري رعيت تي حد کان وڌيڪ ڏنڊ مقرر ڪيو جنهن جي ادا ڪرڻ جي هنن ۾ طاقت ڪو نه هئي. سيني ماڻهن گڏجي اچي پٽن ۽ خادمن ڪي منٿون ڪيون ۽ خدا ۽ رسول جا واسطا وڌائون. آخر مخدوم معظم ڪي هلڻ لاءِ ٻيڙي ۾ سوار ڪيائون. رستي ۾ ڪجھ ڏينهن کان بعد عصر نماز لاءِ ٻيڙي مان ٻاهر لٿا ته هٿ ۽ گوڏا مڇرن جي ويهڻ جي جاءِ بنجي ويا. چوڻ لڳا ته شايد اسان جي مسجد ۾ مڇر گهٽا ٿي ويا آهن! عرض ڪيائون ته فلاڻي تاريخ



کان انهيءَ مطلب لاءِ گاديءَ جي هنڌ وڃي رهيا آهيون. سفر ۾ جتي به ترسيا ٿي ته ڪيترائي خاص ۽ عام ماڻهو اچي ڪٺا پئي ٿيا. سموري واٽ انتهائي استغراق جي حالت ۾ گذاريائون، جهان جي ڪا خبر نه رکيائون. جڏهن ان سفر تان خير سان واپس پهتا ته گهروارن خادم جي هٿان چورائي موڪليو ته مخدوم معظم لاءِ جيڪو خاص طعام تيار ڪري ڏنو هئوسون، اهو سفر مان جيئن جو تيئن واپس آندو اٿئون، حالانڪ پاڻ بلڪل ترو تازا لڳا پيا آهن. مطلب ته انهيءَ سفر ۾ نڪي اهو خاص طعام کاڌو اٿن ۽ نڪي اهو پاڻي پيتو اٿن. هڪ دفعي فرمايائون ته نور يا روشن تارو هميشه منهنجي آڏو هوندو آهي ان جي لذت اهو ڄاڻي جيڪو اوستائين پهتل آهي. اهو الله تعاليٰ جو فضل آهي جنهن ڪي چاهي عطا فرمائي ۽ الله تعاليٰ وڏي فضل وارو آهي. باقي هي جيڪو ٿورو گهڻو ڪائون ٿا ايترو ڪافي آهي ته جيئن گهڻا متارا نه ٻڻجون ۽ ٻي عام خلق وانگر جسم ۾ هجون.

مرد عارف يافت لذت قرب
نه به اڪلش ڪشش بود نه به

## شرب

[عارف انسان ڪي جڏهن قرب جي لذت ملندي آهي تہ ان ڪي ڪائڻ پيئڻ جي ڪشش نہ رهندي آهي.]

اکل شرب او باشد انس بہ حق
دائم او در حق ست مستغرق

[هن جو ڪائڻ پيئڻ الله تعالىٰ جو اُنس هوندو آهي جنهن ۾ هو هميشہ غرق رهندو آهي.]

**نقل** آهي تہ هڪ خادم سڳورو مسجد ۾ حضرت مخدوم معظم جي پٺيان ويٺل هو دل ۾ سوچيائين تہ جيڪڏهن اڄ سندن ڪا ڪرامت ظاهر ٿئي تہ ڏسجي. هن جي دل اهڙي وڻندڙ ۽ دلڪش خيال اچڻ سان محسوس ڪيو تہ هو اهڙي جاءِ تي اچي پهتو آهي جتان جا رهاڪو انتهائي حسين وجميل آهن ۽ سڀ مخدوم معظم جي چوڌاري ويٺل آهن اهو



خيال ايندي پنهنجي پيرن جي هيٺان ڪٽي نظر ڪيائين ڇا ڏسي تہ هڪ نوري گنبذ آهي. اتان جي رهاڪن کان پڇيائين تہ هي ڪهڙو گنبذ آهي جيڪو گهڻو هيٺ تائين نظر ٿو اچي. چيائون الائي جي اسان بہ ڏسندا آهيون پر ڪنهن کي بہ خبر ناهي تہ اهو ڪهڙو گنبذ آهي. ان حال ۾ خادم اک مٿي ڪنئي تہ حضرت مخدوم معظم کي پنهنجي جاءِ تي ويٺل ڏٺائين دل ۾ سوچيائين تہ اهو ڪهڙو گنبذ آهي. فرمايائون تہ اهو عرش عظيم آهي ۽ وڌيڪ فرمايائون تہ رحمان جي عرش کان بہ ايترو مٿي ويس جو عرش عظيم بہ مشعل (ميڻ بتي) جيترو نظر پئي آيو ۽ اُتي ڪارو نور چرخي وانگر ڦري رهيو هو، تنهن ۾ اندر داخل ٿيس پوءِ اتي ايترو بيخود ٿي پيس ۽ ذوالجلال جي نور ۾ ايترو محو ٿيس جو پنهنجي هستي جي آثارن مان ڪجهہ ظاهر نہ هو ۽ هميشہ لاءِ ذات ۾ محو ٿي ويس. انهيءَ باري ۾ چيو اٿن:

توحيد حلول نيست، نابودن
تست

ورنہ آدمي بگزاف حق نہ شود

[توحيد حلول ناهي بلڪ اها تنهنجو نہ هجڻ آهي، ورنہ ماڻهو رڳو ٻٽاڪ سان حق نہ ٿيندو آهي.]

انهيءَ باري ۾ صاحب ’گلشن راز‘ هيئن چيو آهي:

سياهي گر بداني نور ذات ست
بتاريکي درون آب حيات است

[اگر ڄاڻين تہ ڪاراڻ ذات جو نور آهي، ڇو تہ اونداهي اندر ئي آب حيات آهي.]

ذات جي نور کي ڪارو انهيءَ ڪري چوندا آهن جو جهڙيءَ طرح ڪاراڻ اک جي نور تي غلبو ڪري ٿي. اهڙي طرح ذات جو نور نورانيت جي ڪمال سبب اکين جي نور تي غالب ۽ قابض آهي. نورانيت جو ڪيڏو نہ ڪمال آهي جو انتهائي



اونداهي جي ڪري نٿي ڏيکارجي ۽ جيڪو ڏيکارجي ٿو اُهو اونداهي مليل نور آهي جنهن کي ضياء يعني روشني سڏين ٿا. فرمايائون تہ جيڪڏهن اک جيترو بہ فرق ٿئي ها تہ سڙي خاڪ ٿي وڃان ها ۽ اهو بہ چيائون تہ ڪامل ولي اهو آهي جيڪو ظاهر ۽ باطن ۾ حضورﷺ جي اطاعت ۽ تابعداري ۾ اهڙو تہ ثابت قدم رهي جو قول ۽ فعل ۾ ڪانئس بدعت جو ايترو ذرڙو بہ ظاهر نہ ٿئي، جيڪو تقسيم ٿيڻ جي قابل هوندو آهي، ايستائين جو معراج واري پيروي حاصل ٿئي. فرمايائون تہ حضرت عيسيٰ عليه السّلام جي تجرد کي ڏسي مان بہ مائل ٿيس پر حضرت محمد ﷺ جي متابعت جي ڪري ڇڙهائپ اختيار نہ ڪيم (جو حديث ۾ آهي) **"لارهبانية في الاسلام"** يعني اسلام ۾ ڇڙهائپ ناهي. بلڪ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو:

**حُبّب اليّ من دنيا کم ثلث الطيّب والنّساء وقرّة العيون في الصّلوٰة**

[توهان جي دنيا مان مون لاءِ ٽي شيون پسند ڪيون ويون آهن خوشبوءِ، عورت ۽ نماز جيڪا اکين جي ٺار آهي.]

**نقل** آهي ته حضرت مخدوم معظم جي خدمت ۾ عرض ڪيائون ته حبيب ۽ خليل ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ پاڻ فرمايائون ته حبيب معشوق ۽ خليل عاشق هوندو آهي يعني حبيب ناز ۾ ۽ خليل نياز ۾ آهي. حبيب پڪو دوست آهي ۽ خليل اهو آهي جو ان جي دوستي مان هٿ ڪڍي به سگهجي ٿو. فرمايائون ته خليل طالب ۽ حبيب مطلوب هوندو آهي ۽ خليل جسماني عالم مان ۽ حبيب روحاني عالم مان هوندو آهي. انهيءَ ڪري حضورﷺ جو پاڇو نه هو جو سندن پاڇو پوري عالم کي محيط يعني گهيريندڙ آهي ۽ سندن آڏو هن عالم جو مثال ان ذرڙي جيان آهي، جيڪو فقط سج جي شعاع ۾ نظر ايندو آهي.

**نقل** آهي ته ڪنهن شخص سوال ڪيو ته نفس ۽ روح ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ پاڻ فرمايائون ته سمورو نفس. عالم اجسام منجهان آهي، جيئن:



**اَلَا لَهُ الْخَلْقُ وَالْاَمْرُ** (الاعراف: 54)

[خبردار! ان (الله تعالي) لاءِ خلق ۽ امر آهي.]

۾ آيل آهي. روح عالم امر منجهان آهي جيئن:

**قُلِ الرُّوحُ مِنْ اَمْرِ رَبِّي** (بني اسرائيل: 85)

[فرمايائين ته روح منهنجي رب جي امر منجهان آهي.]

مان ظاهر آهي. عالم امر بيان ڪرڻ جي حد کان مٿي آهي. فرمايائون ته الله تعاليٰ جو فرمان آهي ته،

**وَاِذَا الْمَوْءُدَةُ سُئِلَتْ** (التڪوير: 8)

[ياد ڪر اهو وقت جڏهن جيئري پوريل ڇوڪريءَ بابت پُڇاڻو ٿيندو؟]

انهيءَ جو مطلب آهي ته اُهي ساهه پساهه جيڪي الله تعاليٰ جي ياد کان سواءِ ٻاهر نڪتا ويا يا اندر ڪنيا ويا. جڏهن ڪو شخص ڪامل مرشد جي تلقين سان الله تعاليٰ جي ذڪر

تي هميشگي ڪندو آهي تہ پوءِ هو هڪ گهڙي بہ **الله** تعاليٰ جي ياد کان سواءِ نہ هوندو آهي. بلڪ هو منع ڪيل شين کي ڇڏي امرن کي بجا آڻيندو آهي بلڪ جائز شين کان پڻ ممڪن حد تائين پاسو ڪندو آهي، تڏهن **الله** تعاليٰ جي فضل سان سندس هر دل ذڪر جي نور سان ڀريل رهندي آهي ۽ اُهو ذڪر سندس سمورن عضون ۾ جاري ۽ ساري ٿي ويندو آهي ۽ خراب صفتون ان جي وجود مان ختم ٿي وينديون آهن. بلڪ ذڪر جي برڪت سان مذڪور (**الله** تعاليٰ) جي قرب سان واصل ٿي ويندو آهي ۽ "**تخلقوا باخلاق الله**" يعني **الله** تعاليٰ جي صفتن سان رڱجي ويندو آهي. جيئن نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو:

**ڪُنت سمعه وبصره و قلبه ويده ورجله** [41]

[آءٌ هن جو ڪن ۽ هن جي اک ۽ هن جي دل ۽ هن جو هٿ ۽ هن جو پير ٿي ويندو آهيان.]

تڏهن هو جيڪي بہ چوندو آهي تہ **الله** تعاليٰ جي طرفان چوندو آهي يعني "**انا اقول**" (مان چوان ٿو) ۽ "**انا اسمع**" (مان



ٻڌان ٿو) يعني پاڻ کي ڄاڻي واڻي فاني ۽ ڪجھ بہ نہ سمجهندو آهي ۽ هن جي عضون کي پنهنجو پائيندو يا ڏسندو آهي گويا "**لاذاڪر ولامذڪور ولاشاهد ولامشهود و الاناظر ولامنظور الاالله**" يعني **الله** تعاليٰ کان سواءِ ڪو ذاڪر ۽ مذڪور، شاهد ۽ مشهود، ناظر ۽ منظور ناهي، تنهن کان بعد **الله** تعاليٰ جي نور سان واصل ٿي ويندو آهي، جيڪو نوري مرتبي جو معائنو ڪندو، اهو حقيقت ۾،

**وَنَفَخْتُ فِيهِ مِنْ رُوحِي** (الحجر: 29)

[ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيم.]

تي پهچي ويندو آهي پوءِ ان جو روح ڄاڻي ٿو تہ ان جي حقيقت ڇا آهي. پر جيڪڏهن مذڪور ذات جي برخلاف نفساني خواهشن ۾ مشغول ٿيو ۽ **الله** تعاليٰ جي حڪمن فرضن واجبن ۽ سنتن کي ڇڏيائين تہ غفلت ۽ لاپرواهي سندس دل تي غالب ٿيندي تڏهن ان جو اثر هن جي عضون ۾ جاري ۽ ساري ٿي ويندو آهي تانجو سمورو جسم شيطاني سلطنت جو تخت ٿي

ويندو آهي ۽ نفس اماره ان تي غالب ٿي ويندو آهي ۽ خود پسندي ۽ تڪبر ۽ پاڻ کي ٻين کان مٿي سمجهڻ لڳندو آهي ۽ سندس دين ۽ دنيا ۾ خسارو پئجي ويندو آهي. پر جيڪڏهن هن جو آخري پساهہ ڪلمئہ طيبہ "**لاالہُ الا الله**" سان هر حال ۾ قائم رهيو تہ آخرت ۾ محفوظ ۽ معصوم رهندو توڙي جو دنيا ۾ سندس اعمال اهڙا نہ هئا. شال! **الله** تبارڪ و تعاليٰ نبي ڪريم ﷺ ۽ "**لاالہ الاالله محمد رسول الله** ﷺ" جي صدقي اسان ۽ اوهان جي عمر جو خاتمو ڪلمہ طيبہ سان نصيب فرمائي.

وري ساڳئي مرد سوال ڪيو تہ ذڪر جو رُتبو ڪيئن ملندو؟ فرمايائون تہ جڏهن فڪر تائين پهچندو. وري پڇيائين تہ فڪر کان ڪيئن فارغ ٿيندو؟ فرمايائون تہ جڏهن شهود تائين پهچندو. وري پڇيائين تہ شهود کان ڪيئن فارغ ٿيندو؟ پاڻ فرمايائون تہ فڪر جي منزل دل آهي ۽ شعور جو رتبو روح آهي پر جڏهن ظاهر ظهور پهچندو تہ معائنہ مان مشاهدي ۾ اچي ويندو جيڪو رؤيت (ڏسڻ) جو نالو آهي يعني سمجهہ سان نہ



کي اک سان. وري پڇيائين تہ رؤيت مان ڪيئن فارغ ٿيندو؟ فرمايائون تہ جڏهن ٻيائي وڃان ختم ٿيندي ۽ جڏهن ٻيائي وئي تہ نفس ۽ روح جي ان کي پوري حقيقت معلوم ٿي ويندي.

**ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيهِ مَنْ يَشَاءُ** (الجمعة:4)

[گويا اهو **الله** تعالي جو فضل آهي جنهن کي چاهي عطا فرمائي.]

**نقل** آهي تہ ڪنهن طالب کي دل ۾ خيال آيو تہ حقيقت ڇا آهي؟ فرمايائون حقيقت اُها شيءِ آهي جو جيڪا صورت تنهنجي خيال ۽ وهم ۾ اچي تہ حق تعاليٰ کي ان کان پاڪ سمجهين. نڪي ان کي آسمانن ۾ ۽ نہ زمين ۾ ۽ نہ ڇهن طرفن ۾ سمجهين ۽ جنهن کي تون نٿو ڄاڻين فقط اهو ڄاڻي ٿو. وري ان طالب دل ۾ سوچيو تہ پوءِ يقين ڪيئن ڪري سگهجي ٿو؟ فرمايائون "**قلب المومن عرش الله تعاليٰ**" يعني مومن جي دل **الله** تعاليٰ جو عرش آهي. جيئن **الله** تعاليٰ قدسي حديث ۾ فرمايو آهي تہ،

**الرَّحْمَنُ عَلَى الْعَرْشِ اسْتَوَىٰ (طٰهٰ: 5)**

[رحمٰن (پنهنجي شان مطابق) عرش تي قائم آهي.]

(قدسي حديث ۾ آهي):

**"وان في جسد آدم لمضغة وفي المضغة فواد في الفواد قلب وفي القلب روح وفي الروح سِرّ وفي السِر خفي والخفي اخفاء وفي الاخفاء انا"**

[بيشڪ انسان جي جسم ۾ هڪ گوشت جو ٽڪرو آهي ۽ ان ٽڪري ۾ جان آهي ۽ ان ۾ "دل" آهي ۽ "دل" ۾ "روح" آهي ۽ "روح" ۾ "راز" آهي ۽ "راز" ۾ "خفي" آهي ۽ "خفي" ۾ "اخفيٰ" آهي ۽ اخفيٰ ۾ آءٌ آهيان."]

**نقل** آهي ته هڪ شخص دل ۾ خيال ڪيو ته عرش پنهنجي وڏي هجڻ ۽ ڪرسي پنهنجي ڪشادگيءَ جي هوندي سرنهن جي داڻي ۾ ڪيئن ماپي سگهن ٿا يا انهيءَ جو مقصد ڇا آهي؟ فرمايائون ته جهڙي طرح اک جي ماڻڪي واري نقطي



۾ زمين ۽ آسمان ۽ تجليءَ جي وقت رب تعاليٰ سمائجي سگهن ٿا تيئن دل جو حال به ائين ئي آهي. جيئن نبي ڪريم ﷺ کي **الله** تعاليٰ جي طرفان فرمايو ويو آهي ته.

**لايسعني ارضي ولاسمائي ولٰكن يسعني قلب عبدي المومن**

[مون کي منهنجو آسمان ۽ منهنجي زمين سمائي نٿا سگهن پر منهنجي مومن ٻانهي جي دل مون کي سمائيندي آهي.]

**نقل** آهي ته حضرت مخدوم معظم جي خدمت ۾ زماني جي طيّ ۽ نشر يعني ويڙهجڻ ۽ کُلڻ بابت پڇيائون. فرمايائون ته پهريون **"طيّ ارضي"** يعني زمين جو ويڙهجڻ آهي يعني سبحان **الله**! چوڻ جيتري وقت ۾ پوري زمين کي گهمي سگهجي ٿو ۽ ٻيو **"طيّ لساني"** يعني زبان جو ويڙهجڻ آهي يعني بسم **الله**! چوڻ جيتري وقت ۾ پورو قران ختم ڪري سگهجي ٿو ۽ ٽيون **"طيّ مڪاني"** يعني مڪانن جو ويڙهجڻ آهي جو هڪ ئي وقت ۾ مختلف جاين تي مختلف نمونن سان ٿيندو آهي يعني ڪنهن جاءِ تي **الله** تعاليٰ جي حضور ۾ ته

ڪنهن جاءِ تي ذڪر ۾ ته ڪنهن جاءِ تي حضورﷺ جي خدمت ۾ ۽ ڪنهن جاءِ تي ڪعبة **الله** جي طواف ۾ ۽ ڪنهن جاءِ تي عرش جي چوڌاري ۽ ڪنهن جاءِ سُتل هوندي ۽ ڪنهن جاءِ تي خلق سان ڳالهائيندڙ ۽ ڪنهن جاءِ تي عورت سان مشغول هوندي ۽ ڪنهن جاءِ تي قرآن جي تلاوت ۾ رُڌل يعني هڪ ئي وقت ۽ هڪ گهڙيءَ ۾ ائين ٿي سگهي ٿو. آخر ۾ فرمايائون ته ولايت ۾ ننڍي ۾ ننڍو مرتبو هي آهي ته هڪ گهڙي اندر پندرهن جاين تي موجود رهي سگهي ٿو ۽ وڏيڪ جي ڪا به حد ناهي.

**نقل** آهي ته ڪنهن شخص پڇيو ته سلطان العارفين فرمايو آهي ته **الله** تعاليٰ جو بايزيد ۾ ڪم پوندو آهي ۽ بايزيد جو ان ۾ ڪو به ڪم ناهي، سو انهيءَ جي معنيٰ ڇا آهي؟ فرمايائون ته لوهار آئينو نه ٺاهيندو آهي پر پنهنجي منهن ڏسڻ لاءِ آئيني جو محتاج رهندو آهي. هڪ دفعي سندن خدمت ۾ سلطان العارفين بايزيد بسطامي جي مشاهدن جو ذڪر ٿيو ته ڪي ٻارهن هزار [42] ۽ ڪي چوڏهن هزار چون ٿا ته هن ايترا



پيرا رب العالمين جا مشاهدا ڪيا هئا. پاڻ فرمايائون ته ڪي وري اهڙا فقراء آهن جو هميشه **الله** تعاليٰ جي مشاهدي ۾ رهندا آهن جيڪڏهن اک ڇنب جيترو به پري ٿين ته سڙي خاڪ ٿي وڃن. فرمايائون ته شروع ۾ "**لاحول ولاقوة الابالله**" گهڻي پڙهندو هيم ان لاءِ ته اگر هي حق سبحانه و تعاليٰ جو مشاهدو هوندو ته ثابت ۽ پڪو ۽ يڪو رهندو ۽ جيڪڏهن استدراج ۽ شيطاني اثر هوندو ته ختم ٿي ويندو پر ڪريم جي ڪرم سان هميشه واڌارو ۽ ترقي نصيب ٿي آهي ۽ استغفار جي گهڻائي هن ڪري آهي جو هر ساعت ۽ هر گهڙي ادنيٰ کان اعليٰ طرف عروج آهي.

**نقل** آهي ته ڪنهن مرد پنهنجي گهر واري کي بدبخت چيو ظاهري عالمن فتويٰ ڏني ته مڙس تي ڪا به شيءِ لازم نه ٿيندي پر مخدوم معظم فرمايو ته بدبخت ڪافر کي چئبو آهي، جيئن فرمان باري تعاليٰ آهي:

**فَأَمَّا الَّذِينَ شَقُوا فَفِي النَّارِ لَهُمْ فِيهَا زَفِيرٌ وَشَهِيقٌ** (هود: 104)

[پوءِ بدبخت ماڻهو جهنم ۾ هوندا جتي هو دانهون ۽ ڪوڪون ڪندا رهندا.]

پوءِ انهيءَ ڪري نئون نڪاح ڪيو ويندو. هڪ مرد پنهنجيءَ زال کي چيو ته جيڪڏهن تون ديڳڙي ڇٽيندينءَ ته قسم آهي تو کي طلاق آهي. بهرحال ان عورت ديڳڙي ڇٽي، ظاهري علمائن فتويٰ ڏني ته مرد حانث (قسم ٽوڙيندڙ) ٿي ويو ۽ مخدوم معظم فرمايو ته حانث نه ٿيو ڇو ته ان (عملي طور) هٿ ڇٽيو آهي.

**نقل** آهي ته هڪ شخص ڪنهن شهر جو حاڪم هو ۽ هڪ ڌاري عورت تي عاشق ٿي پيو حالانڪ هو پرهيزگار ۽ نيڪوڪار هو. درٻارين صلاح ڏنس ته ان عورت سان صحبت ڪر، ٿي سگهي ٿو توهان جو توجهه گهٽجي وڃي ۽ خيال بدلجي وڃي. سو هو مخدوم معظم جي خدمت ۾ اچي پهتو ۽ عرض ڪيائين ته دُعا گهرو ته **الله** سائين بزرگ هستين جي برڪتن سان خباثت کان پنهنجي پناه ۾ رکي. پاڻ فرمايائون ته **الله** سائين مرد تي چار عورتون حلال فرمايون آهن بشرطيڪ



انهن ۾ انصاف ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن نه ته هڪ تي گذارو ڪري ۽ نفس جي خواهش جي چڪر ۾ نه پوي ۽ پنهنجي اوگهڙ جي حفاظت ڪري ۽ جيڪڏهن نه ته ڏوهاري بڻبو ۽ ڏوراپي وارو بڻبو. بس خلق جي مُقتدا جو اهو برڪت ڀريو ڪلام ٻُڌڻ سان ئي هو توبه تائب ۽ پشيمان ٿيو ۽ سندس دل جو سوز ۽ جلن ختم ٿي وئي ۽ **"لاالهٰ الاالله"** جي ڪلمي جي تلقين حاصل ڪيائين ۽ ڪاملن مان بڻجي ويو.

**نقل** آهي ته غوث الابرار جا چند ارادتمند قيامت جي هولناڪين ۽ تڪليفن کان پئي ڊنا ۽ انهيءَ دوران غوث المعظم انهن جي مٿان اچي بيٺا. فرمايائون ته ڪهڙيون ڳالهيون پيا ڪيو سموري ماجرا عرض ڪيائون. پاڻ پوري **"سورة الضُحيٰ"** پڙهي، انهن سان هٿ ملايائون ۽ فرمايائون ته توهان آزاد آهيو ۽ جيڪو توهان کي هٿ ڏيندو اهو به دردناڪ عذاب کان پناهه ۾ رهندو.

**نقل** آهي ته هڪ شخص دل ۾ خيال ڪيو ته حضرت مخدوم معظم پنهنجي پُٽن جا نالا به ياد نٿا رکن. فرمايائون ته

برسات جي هر هڪ قطري سان هڪ ملائڪ مقرر ٿيل آهي جيڪو ان قطري کي جتي بہ ڪيرائڻ جو حڪم مليل آهي اُتي پهچائي ٿو ۽ وري ٻئي قطري جي لاءِ اهو ساڳيو ملائڪ مٿي نٿو وڃي. هي فقير انهن سمورن ملائڪن جي نالن کي ڄاڻي ٿو فرمايائون تہ ان زمين کان علاوه چار شهر آهن ۽ هر شهر هن زمين جيترو آهي ۽ چارئي شهر پکين سان ڀريل آهن. اهي پکي **الله** تعاليٰ جي نالن وٺڻ ۾ مشغول آهن ۽ جيڪو نالو هڪ ڀيرو ورتائون وري ٻيهر اهو نالو نہ وٺندا آهن ۽ قيامت تائين انهن جو هي سلسلو هلندو رهندو. انهن سمورن پکين جيڪي بہ نالا چيا، چون ٿا ۽ چوندا اُهي سمورا نالا هن فقير کي ياد آهن ۽ جيڪڏهن ڪنهن مهل ڪنهن پُٽ جو نالو ياد نہ آيو تہ اِهو ولايت ۾ ڪمي جو سبب نٿو ٿي سگهي.

**نقل** آهي تہ هڪ ڀيري مسجد کان گهر پهتا تہ گهروارن عرض ڪيو تہ ماني اڌ پڪل آهي تشريف رکو. پاڻ اتي ئي گوڏن ڀر ويهي رهيا تانجو ماني پچي تيار ٿي وئي اڳيان آڻي رکيائون ۽ آگاهہ ڪيائون تہ ماني حاضر آهي قبول فرمايو.



پاڻ فرمايائون ان دوران ڇهہ ڀيرا **الله** تعاليٰ جي عرش جو طواف ڪيم ۽ چاهيم تہ ستون ڀيرو طواف ڪيان پر اوهان اسان کي ماني کان آگاهہ ڪري ورائي آندو.

**نقل** آهي تہ هڪ ڏينهن پاڻ بار بار آڱريون پنهنجن ڏندن تي پئي رکيائون. خدمت ۾ موجود ماڻهن دل ۾ سوچيو تہ اڄ پاڻ بار بار ڏندن تي هٿ ڇو ٿا هڻن. فرمايائون تہ اُحد جنگ ۾ پيغمبر آخر زمان جي ڏند مبارڪن مان هڪ ڏند مبارڪ جيڪو شهيد ٿيو هو [43] اهو امانت طور هن فقير جي حوالي ڪيل آهي جنهن جي حفاظت لاءِ ڪوشش ڪرڻي ٿي پئي.

**نقل** آهي تہ هڪ دفعي پاڻ پنهنجي امڙ کي فرمايائون تہ اهو وقت ياد رکو جڏهن توهان جي والدين جي ڳوٺ ۾ ڪنهن لشڪر حملو ڪيو هو ۽ هر ڪوئي اتي ڀڄو ۽ اوهان ٻارن سان ٻئي پاسي جهنگ جو رُخ ڪيو پر رستو ڀُلجي ويا ۽ پريشان ٿي ويا. تڏهن لشڪر جا ڪجهہ سوار توهان وٽ آيا تہ جيئن اوهان کي قيد ڪن ۽ ان مهل ڀڄڻ جو بہ ڪو چارو نہ هيو. توهان ڊجندي اُٿي بيٺا تہ اوچتو هڪ سوار ٻڙڇيءَ سان ظاهر ٿيو هو ۽

ان سوارن تي حملو ڪري ڪين ڀڄائي ڇڏيو هو. تڏهن اوهان ڪي پنهنجي پٺيان سوار ڪيائين ۽ ٻيا ٻار پويان پيئي آيا ۽ اوهان ڪي پنهنجي والدين تائين پهچاياائين ته اهو سوار هي فقير هو. ان وقت سندن امڙ چيو ته دل ۾ هر وقت کُٽڪو ۽ وهم هوندو هو ته ننڍپڻ ۾ ڪنهن ڌارئي ماڻهوءَ جو مون ڪي هٿ لڳي ويو هو پر هاڻي دل ڪي اطمينان ٿيو ته الحمد لله! اهو منهنجي پيٽ ڄاول هو.

**نقل** آهي ته حضرت مخدوم معظم پنهنجي والد مخدوم نعمت **الله** ڪي ٻڌايو ته توهان هڪ ڏينهن بيابان ۾ بلڪل اڪيلا هئا ۽ اوهان لاءِ نماز جو آخري وقت اچي ٿيو. اوهان دل ۾ پريشان هئا ته جيڪڏهن مسنون جماعت سان نماز ادا ٿئي ها ته سُٺو هو. ان مهل هڪ سفيد پوش مرد چند ماڻهن سان اتي اچي پهتو. هڪڙي انهن مان بانگ چئي ۽ اُهو امام ٿيو سو هي فقير هو. چيائين ته واقعي ائين هوندو ۽ انهي ڳالهه تي هي نقل شاهد آهي.



**نقل** آهي ته امير المؤمنين علي ڪرم **الله** وجههٗ خوش طبعي ٿي ڪئي جڏهن ته حضرت سلمان فارسي وٽن حاضر هو. هن چيو هي جوان آهي يا ڇوڪرو؟ تڏهن امير المومنين چيو ته اي سلمان فارسي ارژند وارو واقعو وساري ڇڏيئي جو مون ڪي ڇوڪرو يا جوان ڪري سڏيئي. اُهو ائين آهي جو منهنجي ولادت کان اڳ ۾ تنهنجي چار سؤ سال عمر جي ويهين سال جي ڳالهه آهي جڏهن تون پنهنجو گهر ڇڏي اهڙي مرشد جي تلاش ۾ نڪتو هئين جيڪو حق جي واٽ جو هادي هجي جڏهن ارژند جي بيابان ۾ پهتو هئين ته اچانڪ هڪ گجگوڙ ڪندڙ هيبتناڪ شينهن ظاهر ٿيو هو جنهن تو ڪي مارڻ جو ارادو ڪيو هو. تڏهن ان وقت وچ جيان غيب مان هڪ سوار ظاهر ٿيو هو جنهن جي هٿ ۾ برڇي هئي ۽ ان شينهن تي حملو ڪري توکي ڇڏرايو هو ته اهو آءٌ هيس. سلمان فارسي اهو ٻڌي ان مهل ئي پيرن تي ڪري پيو ۽ معافي ورتائين ۽ چيائين معاملو ائين ئي هو جيئن بيان ڪيو اٿو.

دراصل بعض اولياء الله ازل کان ابد تائين عالم علوي ۽ سفلي جي پردن ۾ ڪڏهن به لڪل نه هئا ۽ نه ڪي آهن ۽ نڪي اڳتي هوندا. اگرچه هن جهان ۾ ڪجهه وقت کان پوءِ ظاهر ٿيا آهن جو ولادت کان اڳ توڙي رحلت کان بعد ڪجهه بين ماڻهن جي جسم ۽ قالب جي روپ ۾ هوندا آهن ۽ زندگي جي وقت ۾ **"ڪنت ڪنزاً مخفياً"** يعني مان لڪل خزانو هيم. ۽ عالم ارواح جي خلقت ۽ ان کان بعد ميثاق جي ڏينهن ۽ **وَنَفَخْتُ فِيهِ مِنْ رُوحِي** (الحجر: 29) [۽ ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيم.] جون خبرون ظاهر ڪندا آهن ته هي خاڪي جسم عرش عظيم کان به ايترو مٿي هليو ويندو آهي جو عرش پنهنجي عظيم هجڻ جي باوجود مشعل جيترو نظر ايندو آهي. حضرت جا ڪجهه مريد اهڙي مرتبي تي پهتا آهن جو هر ساهه ميدان العاشقين ۾ ڪٽندا آهن جيڪو عرش عظيم کان به هڪ لک سال پنڌ جيترو مٿي آهي يعني طيّ زمان (وقت جو ويڙهجڻ) ۽ طيّ مڪان (جاءِ جي ويڙهه) ۽ طيّ لسان (زبان جو ويڙهجڻ) ۾ ڪمال رکندا آهن. چنانچه هڪ دفعي حاجات نماز جي نيت ڪيائون ڪنهن مريد



جي دل گهريو ته سندن اقتدا ڪري، پاڻ هٿ ڪن تائين مٿي ڪري رڪوع ۾ ويا ۽ ان مهل ئي سجدو ڪيائون ۽ وري قيام ڪيائون ۽ وري سجدي ۾ ويا ۽ ائين چار رڪعتون ادا ڪيائون. ان ويچاري مريد لاءِ ته اهو به ممڪن نه رهيو جو تڪبير پوري ڪري جماعتي بڻجي سو فارغ ٿيڻ کان بعد دل ۾ سوچيائين ته اهڙي نماز ۾ ڪهڙي قراءت ٿي هوندي. تڏهن پاڻ مريد جي دل کي پرکي، ڪيس سمجهايائون ته ڇئني رڪعتن ۾ ڏهن پارن پڙهڻ جو هميشه وارو معمول اٿم ۽ نماز حاجات جي پهرئين رڪعت ۾ سورة البقر ۽ سورة آل عمران پڙهڻ جو معمول آهي. وڌيڪ فرمايائون ته هن معاملي ۾ اصل ڳالهه هي آهي جو الله تعاليٰ جسمن جي اصلي جوهر کي ان جو اهل ڪري پيدا ڪيو آهي جيڪو جوهر هر صفت کي قبول ڪندو آهي. جيئن ڪاريگر جي هٿ ۾ ميڻ هجي ته ڪاريگر جيڪو به نقشو ۽ صورت چاهيندو آهي ته ميڻ اُها ئي صورت اختيار ڪندي آهي. ائين ئي قادر پنهنجي ڪمال سان جيڪو به چاهيندو آهي ڪندو آهي:

**يَفْعَلُ مَا يَشَاءُ (الحج:18) يَحْكُمُ مَا يُرِيدُ** (المائدة: 1)

[جيڪو به **الله** تعاليٰ چاهيندو آهي ڪندو آهي ۽ جيڪو به ارادو ڪندو آهي ائين ئي ڪندو آهي ان جو مثال باهه کي اهو فرمان آهي جنهن سان هوءَ پنهنجي خاصيت کان رڪجي وئي:

**يَا نَارُ كُونِي بَرْدًا وَسَلَامًا** (الانبياء: 69)

[اي باهه! سلامتي واري ٿڌي ٿي وڃ.]

اهڙيءَ طرح پاڻي به ٻوڙڻ واري صفت کان رڪجي ويو. جيئن حضرت موسيٰ عليه السّلام لاءِ ٿيو هو يا حضرت داؤد عليه السّلام جي هٿ ۾ لوهه کي ميڻ ڪري ڇڏيائين ۽ حضرت صالح عليه السّلام جي ڏاچيءَ کي سخت پهاڙ مان ٻاهر ڪڍيائين. حالانڪ پهاڙ ۾ نه ته ڪو ڦاٽ هو ۽ نه ڪو شگاف ۽ نه ڪي سوراخ. ائين حضور ﷺ کي ڪيئن آسمان عرش و ڪرسي ڏانهن سواءِ ڪنهن سوراخ ۽ چير ڪرڻ جي پار نيائين [44] ۽ هڪ قدم سان پاڻ ڪعبي اچي پهتا. ان لحاظ سان سج به اولياء **الله** جي حڪم جو تابع هوندو آهي انهيءَ ڪري



جڏهن سج لهڻ هارڪو هجي ۽ مرد خدا نماز پڙهڻ لاءِ سج کي بيهارڻ چاهين ته ان مهل ئي بيهي وڃي ٿو ۽ نماز وقت تي ادا ٿي وڃي ٿي. جيتوڻيڪ افلاڪي نظام ۾ تبديلي به نه ٿيندي هئي جهڙيءَ طرح حضرت هاشم ابن حماد کي سج موڪل ڏني هئي ته عصر نماز ادا ڪري ڇو ته پاڻي کان ڪافي پري هئا.

هي نقل درويش موسيٰ تميم کان ٻڌو ويو آهي جيڪو واصل ۽ ڪامل هو ۽ هر وقت ساڻن گڏ هوندو هو. اهو به چيائون ته غيب ۾ زماني جي پکيڙ جو مشاهدو ڪيم جو هڪ هزار سال دريا ۾ سفر ڪندو رهيس. ائين رات ۽ ڏينهن پئي ڳڻيم ۽ رمضان جا روزا به رکيم ۽ سفري نمازون پڙهندو رهيس تڏهن غيب کان آواز آيو ته وقت ايترو گهڻو ڪو نه گذريو هو. بس صبح جي نماز کان مٿي چڙهي اچڻ جيترو مس ٿيو هو. **الله** ئي بهتر ڄاڻيندڙ آهي ۽ هن ڏانهن واپسي آهي. فرمايائون ته اصل ۾ روح هڪ ئي آهي **وَنَفَخْتُ فِيهِ مِنْ رُوحِي** (الحجر: 29) [ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيم.]

**نقل** آهي ته هڪ دفعي ڪي درويش پاڻ ۾ اها گفتگو ڪري رهيا هئا ته طالب کي پهريائين گهرجي ته ڏيئي ۾ تيل ۽ وٽ اڳ ۾ ئي تيار ڪري رکي ته جيئن فوري طور شيخ جي مشعل مان ٻاري وٺي. فرمايائون ته اهڙي قسم جي سمورن طالبن ۾ فقط هڪڙو طالب مليو جنهن چوٿين آسمان تي هن فقير سان ملاقات ڪري ڏيئو روشن ڪيو. ميزبان کي گُهرجي ته طعام پنهنجي ٿانوَ ۾ پچائي ٿالهه ۾ وجهي، مهمان جي اڳيان انتهائي تعظيم سان پيش ڪري ته جيئن مهمان کائي وٺي. فرمايائون ته لباس سادو هئڻ گُهرجي بلڪ هڪ حصو ڪپڙن جو پراڻو هئڻ گُهرجي، پر جيڪڏهن ٻئي ڪپڙا نيرا ڪندو ته تارڪ ڏيکاربو ۽ جيڪڏهن هڪ اڇو ۽ ٻيو نيرو ڪندو ته نه تارڪ سمجهبو ۽ نه ئي فخر وارو. حديث ۾ وارد آهي "**خير الامور اوسطها**" يعني معاملن جي بهتري وچٿرائپ ۾ آهي.

**نقل** آهي ته مخدوم صاحب نماز ادا ڪرڻ کان بعد گهر پئي آيا ته ساده نالي مُريد پٺيان پئي آيو ان دل ۾ سوچيو ته وقت جي بزرگن کان ڪرامتون ظاهر ٿينديون هيون. اڄ حضرت



مخدوم معظم جي خدمت مان ڪا ڪرامت ڏسان ته ڏاڍو ڀلو ٿي ويندو ۽ اخلاص اڃا به وڌندو. اڃا چا ڏسي ته رستي ۾ هڪ مُئل ڪانو پيو هو جيڪو بلڪل ڳريل ۽ سڙيل هو. پاڻ ان کي پير جي آڱوٺي سان اشارو ڪيائون ته ان مُهل ئي زنده ٿي اُڏامي ويو. تڏهن چيائون ته مُئل کي زنده ڪرڻ آسان آهي پر معرفت کان محروم ۽ مُئل دل کي زنده ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي.

**نقل** آهي ته مخدوم معظم جي فيض بخش خدمت ۾ ذڪر ٿيو ته رڪن الولايت درويش رڪن الدين ابن وتايو جيڪو ان دؤر ۾ ڪرامتن ۾ مشهور هو، هڪ دفعي چئي ته هن روۓ زمين تي جيڪي به جاندار آهن جيڪڏهن قادر مطلق جي بارگاهه ۾ دعا ڪيان ته اهي سڀ مري وڃن مالڪ سائين ٻانهن جون دعائون ائين ئي قبول فرمائيندو آهي. حضرت شيخ پرڪيي ڪاتيار چيو ته جيڪڏهن آءٌ پنهنجي خدا کي عرض ڪيان ته سڀ زنده ٿي وڃن. پاڻ فرمايائون ته غافلن جي دلين کي ذڪر سان زنده ڪرڻ گُهرجي ۽ جنهن ڳالهه جي شريعت اجازت نه ڏئي

تہ اُها زبان تي نہ آڻڻ گهرجي ڇو تہ هن جهان ۾ سيني کي مارڻ ۽ جيارڻ ناممڪن ڪم آهي.

**نقل** آهي تہ درويش محمد بوبڪائي چيو تہ مخدوم معظم جي خدمت ۾ ٻڌم تہ ذڪر ڪنهن خالي جاءِ ۾ ڪرڻ گهرجي ۽ ڌارين عورتن سان ڳالهائڻ نہ گهرجي ۽ فاجرن سان صحبت نہ ڪرڻ گهرجي ۽ ظاهري علم وارن سان بحث ۽ جهڳڙو نہ ڪرڻ گهرجي ۽ پوک گهٽي نہ ڪرڻ گهرجي ۽ بادشاهن ۽ دنيادارن جي گهرن ۾ نہ وڃڻ گهرجي. پر جيڪڏهن گهرائن تہ انڪار نہ ڪرڻ گهرجي.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ ڏينهن صحرا ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيائون تہ رستي ۾ هڪ روشن صورت وارو گهوڙي سوار مليو ۽ حضرت مخدوم معظم کان پڇيائين تہ هن ڳوٺ جو نالو ڇا آهي؟ چيائون هالاڪندي. وري مخدوم معظم ڪانئس پڇيو تہ اوهان جو نالو ڇا آهي؟ وراڻيائين يعقوب. ان مهل ڄاتائون تہ حضرت يعقوب عليہ السلام آيو. تڏهن پاڻ ۾ گڏجي وينا ۽ گفتگو فرمايائون ۽ حضرت يعقوب عليہ السّلام کي دعا لاءِ



عرض ڪيائون. فرمايائون اسان ڪهڙي دعا گُهرون جو اوهان کي بہ ٻارهن فرزند آهن تہ اسان جا بہ ٻارهن آهن باقي اهل الله جو ذڪر ۽ اهل الله جي ياد دل ۾ ڪيو. ائين جيئن هاري زمين ڇتڻ کان اڳ ان کي ڪاهيندو آهي.

**نقل** ڪيو اهل مشاهدي جي اڳواڻ حضرت درويش متي تہ حضرت مخدوم معظم سورة لهب جو تفسير ستر نمونن سان بيان فرمايو جنهن کي سمجهڻ کان ظاهري عالمن جو فهم ۽ ادراڪ قاصر هيو. هن درويش وڌيڪ ٻڌايو تہ مخدوم معظم فرمايو تہ پنج ڳالهيون الله تعاليٰ سان ملائن ٿيون 1. حق سان سچي دل 2. خلق خدا سان اخلاق سان هلڻ [45] 3. خنده پيشاني 4. هيٺاهين اختيار ڪرڻ 5. سخاوت.

’حديقة الاولياءِ‘ ۾ آهي تہ بهاءُالدين دلق پوش بيان ڪيو تہ مون مخدوم صاحب کان ٻڌو تہ مان ڪنهن وقت پاڻ سڳورن جي ملاقات سان مشرف ٿيم. پاڻ شفقت ڪندي فرمايائون پنهنجو هٿ ڏي. مون عرض ڪيو اي الله جا رسول! مان بي وضو آهيان. پاڻ فرمايائون: مؤمن جو هٿ پاڪ آهي ان

ئي معنيٰ ۾ **ترغيب الصلواة** ۾ آيو آهي ته تڙ واري کي پليت نه چوڻ گهرجي، چو ته هڪ ڏينهن **حضرت حُذيفه رضي الله عنه** پاڻ سڳورن جي سامهون آيو ته پاڻ سڳورن کيس سلام ڇيو، چو ته پاڻ سندس هٿ وٺڻ تي چاهيائون ته هن سلام جو جواب عرض ڪيو پر هٿ نه ڏنائين. پاڻ فرمايائونس ”اي حذيفه! توکي ڪهڙي تڪليف پهتي آهي جو هٿ نه ٿو ڏين؟ هن عرض ڪيو ته منهنجو هٿ پليت آهي يعني مان تڙ وارو آهيان. پاڻ سڳورن فرمايو: **”المؤمن لاينجس“** [مؤمن پليت ناهي ٿيندو] انهيءَ باري ۾ ساڳي راوي کان ذڪر ٿيل آهي ته مخدوم صاحب فرمايو مان اجا جوان نه ٿيو هوس جو ستر هزار نوري پردن کان اڳتي گذر ڪري ويس جوان ٿيڻ کان پوءِ **”موتوا قبل ان تموتوا“** [يعني مرڻ کان اڳ مري وڃو] جي مرتبي تي فائز ٿي ويس. انهيءَ کان وڌيڪ ذڪر آهي ته مخدوم صاحب فرمايو ته مان قرآن پاڪ آخر کان سورة ڪهف تائين ۽ شروع کان فقط ڏهه پارا پڙهيا هيم ۽ وچ وارا پنج پارا نه پڙهيا ته **الله تعاليٰ** مون تي سڀ قرآني رموز ظاهر ڪري ڇڏيا.



**نقل** ڪيو سيد عبدالرحمٰن جيڪو صاحب ڪشف ۽ اسرار بزرگ هو ۽ عالم ارواح جي چڱيءَ طرح سُڌ رکندڙ هيو. چوي ٿو ته مخدوم صاحب جي فرزندن مان ڪو هڪ وفات ڪري ويو. جڏهن ڪفن ڏيڻ ۽ جنازي نماز پڙهڻ کان پوءِ کيس دفن ڪيائون ۽ وٽس منڪر نڪير سوال ڪرڻ آيا ته انهن کي ڪو جواب نه ڏنائين. ان ڪري ملائڪ سڳورن جي سيني ۾ غضب جي باهه ڀڙڪي پئي. ان وقت مخدوم صاحب اچي پهتو ۽ فرمايائين ته سوال ڪندڙن کي چڱيءَ طرح ٻڌايو ته مان نوح جو پٽ آهيان. ملائڪ اهو جواب ٻڌڻ بعد باري تعاليٰ جي حڪم سان وڌيڪ سوالن جو پڇڻ ئي ڇڏي ڏنو ۽ چيائون: **”نم ڪنومة العروس“** يعني گهوٽ وانگر سمهي پئُ.

**نقل** آهي ته وقت جو هڪ بزرگ جنهن جون ڪرامتون ۽ روشن ڳالهيون هالاڪندي ۾ گهڻو مشهور هيون ۽ اهو بزرگ مخدوم صاحب جو همراز هو. ان بزرگ پنهنجي پٽن کي چيو ته عيد جي ڏينهن منهنجو هن فاني گهر کان هميشه واري جڳهه ڏي لاڏاڻو آهي. عيد جي ڏينهن نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ پهتو. اجا

كفن دفن جو سوچي رهيا هئا تہ ان پلاري ڏينهن مخدوم صاحب بزرگ جي عيادت لاءِ تشريف فرما ٿيا. ان ڏينهن هن بزرگ جي روح جو اصيل گهوڙو فنا جي ميدان ڏانهن نہ ڊوڙيو ۽ ان جي ساهہ جي پياري پکيءَ پڃري کان پرواز نہ ڪيو. آخر ان بزرگ جي پٽن ان حقيقت بابت پڇيو تہ موت جي تاخير جو سبب ڇا هيو. جواب ڏنائين تہ مخدوم صاحب جي ڪري مون کي هڪ سال جي وڌيڪ عمر بخشي وئي آهي. ايندڙ عيد جي ڏينهن منهنجي جهان ڇڏڻ جو ڏينهن آهي.

**نقل** مخدوم امام بن مخدوم يوسف جيڪو ذوشهادتين هو ان ٻڌايو تہ اسان جي عزيزن مان حق جي هڪڙي جماعت قرآن پاڪ جي تلاوت سان مشغول رهندي هئي. اهي مخدوم صاحب جي خدمت ۾ پهتا ۽ عرض ڪيائون تہ اسان قرآن پاڪ جي تلاوت ڪيون يا لاالٰہ الاالله جي ڪلمي جو ذڪر ڪيون، جيڪو مخدوم صاحب حڪم فرمائي تہ اسان ان سان مشغول ٿيون. مخدوم صاحب فرمايو تہ **الله تعاليٰ** پنهنجي ڪلام ۾ ارشاد فرمايو آهي تہ.



**وَمَا آتَاكُمُ الرَّسُولُ فَخُذُوهُ وَمَا نَهَاكُمْ عنه فَانْتَهُوا** (الحشر: 7)

[۽ جيڪو اوهان کي رسول عطا ڪري سو وٺو ۽ جنهن کان روڪي ان کان مڙي وڃو.]

صرف هن هڪڙي آيت جي ٻڌڻ سان ان جماعت جي دل جا سڀ وهم ۽ وسوسا ختم ٿي ويا.

**نقل** درويش احمد ولد درويش حاجي نساج جيڪو شيخ پرکيي جي مريدن مان هو چوي ٿو تہ جڏهن آسي پاسي مخدوم صاحب جي تمام گهڻي شهرت ٿي وئي تہ مخدوم صاحب فرمايو جنهن شخص مون کي ڏٺو يا [46] منهنجي ڏسندڙ کي ڏٺو تہ ان جي سٽن پيڙهين جو ايمان شيطان جي کسجڻ کان محفوظ رهندو ۽ اهي دوزخ جي باهہ کان آزاد هوندا. معلوم ٿئي ٿو تہ ان قول بابت ڪين پاڻ سڳورن کان تائيد ۽ اجازت حاصل هئي. هو چوي ٿو تہ مون کي بہ مخدوم صاحب جي دامن وٺڻ ۽ خدمت جو جذبو دل ۾ پيدا ٿيو ڇو تہ اهو قول پنهنجي ڪنن سان ٻڌو هوم. بلڪ پنهنجي اکين سان اڇي

ڏٺم ته سندن مجلس ۾ پهچڻ سان اسان جي دل ۾ جيڪي ڪجهه هوندو هيو اهو سندن فصيح زبان تي جلدي ظاهر ٿيندو هيو. فرمائيندا هئا ته جنهن مون کي ڏٺو يا منهنجي ڏسندڙ کي ڏٺو ته ان جي ستن نسلن جو ايمان سلامت رهندو ۽ دوزخ جي باهه کان آجا هوندا. مخدوم صاحب فرمائيندا هئا ته جڏهن ڪو شخص هڪ پيرو **الله** جل جلاله چوي ٿو ته سؤ سال جي عبادت ان جي نالي تي ثابتيءَ طور لکي ڇڏين ٿا، اهڙي طرح جڻ اها مدت رات جو قيام ڪندڙ ۽ ڏينهن جو روزو رکندڙ هجي. ائين به فرمائيندا هئا ته سڀاڻي جزا جي ڏينهن جڏهن ٻانهي جا عمل عدل جي ترازي ۾ توريا ويندا ته ڏوهه ۽ گناهه ڀلي ڪيترا گهڻا ڇو نه هجن، سمورن گناهن تي **الله** تعاليٰ جو نالو غالب ٿيندو. بلڪ اگرچ سموري جهان جا گناهه هڪ پُڙ ۾ رکجن ۽ **الله** عزوجلّ جو نالو ٻئي پڙ ۾ هجي ته **الله** جل جلاله جي نالي وارو پُڙ غالب ۽ ڳرو ٿيندو. اهڙيءَ طرح جنهن شخص جي زبان مان **الله** عزّوجلّ جو نالو ظاهر ٿيو هوندو ته ان شخص جي سڄي عمر جي گناهن کي ميٽڻ لاءِ ڪافي آهي.



هڪ نقل ڪندڙ ٻڌايو ته ڪنهن ڪتاب ۾ لکيل ڏٺم ته **الله** عزّوجلّ هر جمعي جي ڏينهن چاليهه ماڻهن کي جيڪي جهنم جا مستحق هوندا آهن ڇوٽڪارو ڏئي ٿو. مخدوم صاحب ٻڌي فرمايو ته اها ڪهڙي تعجب جي ڳالهه آهي جيڪڏهن چاليهه هزار ماڻهو ۽ چاليهه هزار ڳوٺ ۽ چاليهه هزار شهر به دوزخ جي باهه کان آجا ڪري ته به ان جي رحم کان پري ناهي.

**نقل** آهي ته هڪڙي ڏينهن مخدوم صاحب مسجد ۾ وينو هيو ۽ گهر جي دروازي تي پردي لڳائڻ جي ضرورت هئي ۽ ان پردي جي قيمت پردي ٺاهيندڙ کي ڏنل هئي. مخدوم صاحب ان جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا. مخدوم صاحب کي خيال ٿيو ته ڪنهن شخص کي چوان ته ان کي وٺي اچي، تڏهن اهو پردو ٺاهيندڙ پاڻ اچي ويو. مخدوم صاحب **الله** تعاليٰ جو شڪر ادا ڪيو ته هو حڪم جي بغير اچي ويو ڇو ته حڪم ان بلند بي نياز اڪيلي ذات لاءِ آهي جيڪو چڱو ٿيو جو هن عاجز ٻانهي کان صادر نه ٿيو.

ٻالهه تا ڪن تہ مخدوم صاحب سڄي عمر ڪنهن ڪم لاءِ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي نہ چيو ۽ نہ ئي هلڻ ۾ ڪنهن شخص کان اڳرائي پسند ڪيائين. ايستائين جو خادم کي بہ پاڻ کان اڳ ۾ ڪندا هيا ۽ پاڻ پٺيان هلندا هئا. مخدوم صاحب فرمائيندا هئا تہ خنزير **الله** تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو ۽ چيائين مون کي چئني فقهي مذهبن ۾ حرام ڪيئي. **الله** تعاليٰ ان کي فرمايو منهنجو شڪر ڪر جو هڪ دفعو بہ تو کي ڪنهن قوم جو رئيس ۽ اڳواڻ نہ ڪيم. مجلس ۾ موجود ماڻهن پڇيو تہ رئيس ڇا کي چوندا آهن. مخدوم صاحب فرمايو تہ رئيس اهڙي ماڻهوءَ کي چوندا آهن جيڪو پاڻ کي ٻين ماڻهن کان مٿي ڄاڻي ۽ چاهيندو آهي تہ سندس حڪم ٻيا قبول ڪن. حالانڪ حديث پاڪ ۾ آهي تہ **"ڪن واحدا من الناس"** يعني ماڻهن سان هڪ جهڙو ٿيءُ

**نقل** آهي تہ ڪنهن **الله** واري ٽئين آسمان جو سير ڪري چوٿين آسمان جي سير جي شوق ۾ حضرت عيسيٰ جي صحبت حاصل ڪرڻ لاءِ ڦري رهيو هو تان جو هڪ صاحبِ



ڪشف بزرگ پنهنجي مقصد لاءِ اتي اچي پهتو. هن سان ٻيا ڪجهہ فقير بہ گڏ هئا پر انهن مان ڪنهن بہ وٽان پنهنجي مراد نہ لڌائين. آخر درويش صوپي جي صحبت ۾ اچي پهتو جيڪو ڪيبرن جي ڳوٺ جو رهاڪو ۽ مخدوم صاحب جو ارادتمند هيو. هن ڪيس ڏس ڏنو تہ هالاڪنڊي ۾ هڪ بزرگ رهندو آهي، ان جي خدمت کي پاڻ تي لازم ڪيو. ائين جڏهن هو هالاڪنڊي پهتو تہ مخدوم صاحب جي فقط ڏسڻ سان ڪيس اها صحبت ۽ چوٿين آسمان جو سير ٿي ويو. درويش صوپي کي جڏهن اها ڪاميابي يعني ان طالب جو چوٿين آسمان بابت سير جو معلوم ٿيو تہ دل ۾ ڏک ٿيس ۽ ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي سوچڻ لڳو تہ اسان کي ڪيترو عرصو گذري ويو آهي جو اسان هتي اچون ٿا پر اهڙي قسم جي ڪا بہ ڪرامت حاصل ناهي ٿي جهڙي هن سالڪ کي بغير خدمت ۽ رياضت ۽ ڪوشش جي فقط ديدار سان حاصل ٿي آهي. مخدوم صاحب فرمايو تہ پنهنجي دل کي انهن خيالن کان خالي ڪر جو توهان کي تلوين (ڦرڻ گهرڻ) ۽ تمڪين (ٽڪاءُ) ۽ هن قسم جي ڪشف ۽ ڪرامتن ۽ آسمانن

جي سير وغيره کان بچائي رکيو اٿئون. [47] بيشڪ اھوئي مالڪ سائين ھر قسم جي زميني ۽ آسماني تلوين ۽ تمڪين کان پاڪ آھي ۽ توھان کي ان مان حصو مليو آھي ان ڪري توھان جي دل ۽ ساھ جي پٽيءَ کان غير جو حرف ميٽيل ۽ وسريل آھي.

**نقل** آھي تہ پرھيزگار شخص سمايو فخريہ حافظن جي اڳواڻ عثمان کان ٻڌو تہ واصلن جي قبلي حضرت متي چيو تہ حاضرين مجلس مان ڪنھن ھڪ جي دل ۾ خيال آيو تہ ايڏي وڏي سعادت ۽ دولت جو فيض ڪٿان حاصل ڪيائون ۽ ڪھڙي سبب جي ڪري ھتي پھتا آھن. پاڻ ان وقت باطني طريقي سان ان جي ٻانھن کي جھلي آسمان تي وٺي ويا حالانڪ ظاھر ۾ سندس جسم ان جڳھ تي ھيو ۽ پاڻ بہ ساڳيءَ طرح مجلس ۾ ظاھري طرح موجود ۽ ڳالھائيندا ٻولھائيندا رھيا. ان دوران ھن ڪجھ فرشتا ڏٺا جيڪي وڏي آواز سان **لاالٰہ اِلااللہ** جو ذڪر ڪري رھيا ھئا. انھن کان پڇائين تہ ڪھڙي مرشد کان ذڪر جي تلقين ورتي اٿو. انھن چيو ھڪ فرشتي کان جنھن



مخدوم صاحب کان ذڪر ورتو آھي پوءِ ان فرشتي جي اڳيان ٿيا. انھن بہ ساڳي ڳالھ ڪئي تان جو ھڪ اھڙي فرشتي وٽ پھتا جيڪو ان ملائڪن جي ٽولي جو سردار ھو ان کان پڇائون تون ڪھڙي مرشد کان ذڪر جي تلقين ورتي آھي ۽ ڪھڙي وقت ان سان مليو آھين. ان فرشتي چيو مان بہ مخدوم صاحب جو مريد آھيان ۽ ذڪر جي اجازت بہ ان کان مليل آھي پر مان ان کي سڃاڻان نہ ٿو. ان ڪري جو جڏھن **اللہ** تعاليٰ پاڻ سڳورن ﷺ کي **لاالٰہ الااللہ** جي ذڪر جي تلقين جي اجازت ۽ حڪم فرمايو تہ پھريان فرشتن کي **اللہ** جي طرفان حڪم ٿيو تہ ذڪر جي تلقين وٺن تڏھن آسمان جي طبقن ۾ رھندڙ فرشتن جو ھجوم گڏ ٿي ويو ۽ اھڙي پيھ ٿي وئي جو تلقين لاءِ مخدوم صاحب جي ھٿ ۾ ھٿ ڏيڻ مشڪل ٿي پيو. اھڙي وقت مخدوم صاحب جي جسم مان گويا ٻارنھن ھزار جسم ظاھر ٿي پيا ۽ ھر ھڪ ذڪر جي تلقين ڏيڻ ۾ مشغول ٿي ويو. ان جي ڪري نہ ٿو سڃاڻان ۽ نہ ٿو ڄاڻان تہ ذڪر جي تلقين ڪنھن

ڪان ورتي اٿم. في الواقع اهي صورتون ان صورت مان ظاهر ٿيون آهن.

**نقل** آهي تہ هڪ ڏينهن مخدوم صاحب جي فرزند ادهم ثاني حاضرين مجلس ۾ سوال ڪيو تہ مرزا جاني بيگ جي زندگي جڏهن اختتام تي پهتي آهي تہ هن جي جڳهہ تي بادشاهي تخت ڪهڙي شخص کي ملندو؟ ادب جي ڪري ڪنهن شخص جواب نہ ڏنو. ان وقت عيسيٰ لڪعلوي جيڪو عجيب ڳالهين سبب مشهور هيو. مجلس ۾ اچي پهتو. هو نهايت ادب ۽ عاجزيءَ سان گوڏا پيجي مٿو هيٺ جهڪائي ادهم ثاني جي اڳيان ويٺو ۽ عرض ڪيائين تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت مان هن ملڪ جي بادشاهي جي دستار مرزا غازي کي ملي آهي. وڌيڪ ٻڌايائين تہ سندس پاڻ ڪريم جي خدمت ۾ چوٿين صف ۾ ويهڻ جي جڳهہ مقرر هئي پر آءٌ انتهائي محبت ۽ شوق وچان پهرئين صف ۾ ويهڻ چاهيان پيو. اوچتو صفن جي وچ مان منهنجي پاسي کان ان رستي ۾ مخدوم صاحب سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ پاڻ سڳورن جي ساڄي طرف کان



تي ويٺو ۽ مون کي بہ سندن اجازت سان پهرئين صف ۾ داخل ڪيائين. پاڻ سڳورن جي مجلس پوري ٿيڻ کان پوءِ چاهيم تہ ڪو وقت مخدوم جي خدمت ۾ هجان ۽ ڪانئس ٻين بزرگن تي ان عزت ۽ شرف جو سبب پڇان. مخدوم صاحب فرمايو تہ پاڻ سڳورن جي مجلس ۾ فوقيت جو سبب هي آهي تہ هن فقير سندن شريعت جي متابعت ۾ ذري برابر بہ ڪمي ناهي ڪئي. ان سيد ٻڌايو تہ رستي ۾ هلڻ وقت مون کي مخدوم صاحب اڳيان ڪيو. مون کي دل ۾ خيال ٿيو تہ ايڏي شرافت ۽ وڏي مرتبي واري مون کي ڇالاءِ اڳيان ڪيو ۽ پاڻ پٺيان ٿيو. مخدوم صاحب فرمايو تہ مون کي شرافت ۽ عزت **الله** وارن ۽ اهلبيتن جي پٺيان هلڻ جي ڪري ملي آهي. اها ڳالهہ ٻڌي ادهم ثاني دل ۾ خيال ڪيو تہ هي اسان جي مريدن مان نہ هوندو. انهيءَ جي ڪري ڪانئس اهڙي ڳالهہ سرزد ٿيل آهي. تڏهن پاڻ چيائون تہ خفي کي حرف ۽ آواز نہ ٿيندو آهي پر جيڪو خفي هوندو آهي ان جو قول مقبول ٿيندو آهي ۽ هن جي دعا قبول پوندي آهي. هو سواءِ پڙهڻ جي قرآن پاڪ جو تفسير ڪندو آهي ۽ دنيا

جا ڪم هن ڪي چڱا ناهن لڳندا. اميرالمؤمنين حضرت امام حسين رضي **الله** تعاليٰ عنه فرمايو آهي ته جيڪو ٻين ڪمن جي ڪري **الله** تعاليٰ جو ذڪر نه ٿو ڪري ان جي عمر ضايع ٿي وڃي ٿي اها ئي ڳالهه 'ترغيب الصلّواة' ۾ آهي.

**نقل** آهي ته هڪ ڏينهن مخدوم صاحب جي مجلس ۾ شيخ پرڪيو ڪاتيار جيڪو **الله** تعاليٰ وٽ پهتلن مان هو ويٺل هيو. مخدوم صاحب شيخ پرڪيو کي فرمايو ته درويشن مان ٿجانءِ نه ڪي مردن مان حاضرين مجلس عرض ڪيو ته درويش ڪنهن کي چوندا آهن ۽ مرد ڇا کي چوندا آهن. مخدوم صاحب فرمايو ته درويش ۾ چار فضيلتون هونديون آهن پهريون هميشه پاڻ سڳورن جي مجلس ۾ هوندو آهي هو لوح محفوظ جو علم رکندو آهي. ٻيون اهو قرآن جو تفسير بيان ڪندو آهي چوٿون هو روءِ زمين جي هر مسجد ۾ تڪبير اوليٰ تي پهچندو آهي مرد اهڙي طالب کي چوندا آهن جيڪو ظرف وارو نه هجي ۽ گهٽ عقل وارو هجي. پهريان ان کي اهو ظرف ۽ مڪمل حوصلو عطا ڪيو وڃي ٿو ۽ ان کان پوءِ فيض سان ۽ آخر ۾ **الله** تعاليٰ جي



مهربانين جا خزانا ان جي حوالي ڪيا وڃن ٿا جيئن ان جو قدم شريعت جي رستي کان ٻاهر نه وڃي.

**نقل** آهي ته مخدوم صاحب هڪڙي حق جي طالب کي **الله** تعاليٰ جي اسم هادي جي اجازت ۽ تلقين فرمائي. ڪجهه ڏينهن گذرڻ کان پوءِ ان شخص تي **الله** تعاليٰ جي نوراني تجليات جو ظهور ٿيڻ لڳو جو ان کان فرض نماز فوت ٿيڻ لڳي. مخدوم صاحب جي خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين ته دل تي نوراني تجليات جي گهڻائي جي ڪري فرض نماز فوت ٿي ٿئي جنهنڪري مخدوم صاحب ان تي شفقت جي نظر ڦيرائي ته جيئن فرض نماز ادا ڪرڻ جي توفيق ٿئيس ان سان هو **الله** تعاليٰ جي ڪامل ٻانهن مان ٿي ويو.

**نقل** آهي ته هڪ ڏينهن مخدوم صاحب ڪنهن طرف وڃڻ جو ارادو ڪيو ۽ پنهنجي نندي ڀاءُ کي به گڏ ڪنيائون. هن بک جي ڪري هڪ هنڌ طعام جي طلب ڪئي ته ڳوٺ ڪندو جيڪو هالا جي پرسان هو اتي هر قسم جو طعام اچي ڪٺو ٿيو. تڏهن پنهنجي نندي ڀاءُ کي فرمايائون ته ڏس هتي هي

سمورو کاڌو توهان جي کائڻ لاءِ مهيا ڪيو ويو آهي پر کائجانءِ نہ!

**نقل** آهي تہ جمعي جي ڏينهن نماز پڙهڻ لاءِ جامع مسجد وڃي رهيا هئا تہ رستي ۾ عثمان عصار جي دل ۾ خيال آيو تہ جيڪڏهن مخدوم صاحب کان ڪا ڪرامت ظاهر ٿئي تہ ڳوٺ وارن لاءِ وڌيڪ اخلاص جو باعث ٿيندو. اُن مهل ئي هڪ وڏي ميدان ۾ پهتا تہ اتي مخدوم صاحب جي اچڻ جي ڪري وڏو هجوم گڏ ٿي ويو جن مخدوم صاحب جي هٿن چمڻ جو شرف حاصل ڪيو. اتان پري کان هڪ گنبذ ظاهر ٿيو. عثمان عصار اتان جي رهندڙن کان پڇيو تہ هي گنبذ جيڪو پري کان نظر ٿو اچي ان جي حقيقت ڇا آهي؟ چيائون تہ اسان کي ڪا خبر ناهي ۽ اسان بہ هينئر ڏسون ٿا پر اسان سان ڪنهن ان جي حقيقت بيان نہ ڪئي آهي. تڏهن مخدوم صاحب عثمان کي ٻڌايو تہ هي گنبذ جيڪو نظر ٿو اچي ان ۾ عرش کان فرش تائين آهي جنهن ۾ سڄو جهان سمايل آهي ۽ اسان جو هي سير ان جهان کان ٻاهر واقع آهي. ٿورو اڳتي آياسين تہ عرش



کان فرش جيترو ٻيو گنبذ ڏٺوسون ان کان پوءِ جڏهن ان سير کان واپس ٿياسون تہ اچي مسجد ۾ ويهي رهياسين.

**نقل** ڪيو مخدوم جان محمد جيڪو سيوستان جي پسگردائي جو رهندڙ هو تہ سيد السادات سيد حيدر جيڪو سن جو رهاڪو هو، ظهر جي نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ مسجد ۾ ليٽيل هو تہ ان وقت مخدوم صاحب اتي پهتو ۽ هي آيت پڙهيائين: **﴿أَقِمِ الصَّلَاةَ لِذِكْرِي﴾** (طٰهٰ: 14) [منهنجي ياد لاءِ نماز قائم ڪر.] سيد جواب ۾ چيو: "**من علمّک**" يعني تو کي اهو ڪنهن سيکاريو. مخدوم صاحب فرمايو: "**علّمني ربي**" يعني مون کي منهنجي رب سيکاريو. ان کان وڌيڪ ڪلام نہ ڪيائون تان جو ٽيپهري نماز تائين مسجد ۾ ويٺا رهيا ۽ ان کان پوءِ واپسي ڪيائون. سيد گهڻو ئي ڪين چيو تہ رات هت رهو تہ توهان جي خدمت ڪيان. مخدوم بلاول ٽلٽي واري سيد حيدر جي حوالي سان اهو ذڪر ڪيو آهي تہ منهنجي رحلت کان پوءِ فخرالدين جي پونيرن مان هڪ بزرگ لطف الله نالي ٿيندو، هر ڇڱو ۽ بُرو ماڻهو ان کان فيض حاصل ڪندو. ان وٽ وڃجو ڇو تہ ان جي

خدمت لازم آهي. هن کان رخصت ٿيڻ بعد جيڪو خاص پيٽل اٽو وٽن پوري حفاظت سان رکيل هو حوالي ڪيائون جيڪو پاڻ قبول ڪيائون. واپسيءَ ۾ ان مان روزي کولڻ وقت ماني پچائي کاڌائون. راوي وڌيڪ بيان ڪري ٿو ته پورو هڪ سال نه کاڌائون نه پيتائون بلڪ سڄو سال ان ماني سان روزو افطار ڪندا رهيا.

**نقل** آهي ته هڪ ڀيري مخدوم صاحب جي فرزند موسيٰ کي خدا جي مجذوب وهيو پٽ للو مهماني خاطر پنهنجي گهر وٺي آيو ۽ مهماني جو حق چڱيءَ ريت ادا ڪيائين ۽ خاص خدمت واسطي ڪيترائي طعام تيار ڪرايائين ۽ دسترخوان وڇائڻ بعد مخدوم موسيٰ جا پاڻ هٿ ڌورايائين. خادمن عرض ڪيو ته هن مهمان جي لاءِ پاڻ ڪي ايتري تڪليف ڇو ٿا ڏيو ان لاءِ اسان کي حڪم ڪيو ها ته اسان اها خدمت ڪيون. بزرگ فرمايو ته بلڪ مون کي گهرجي ته انهن جي خدمت واسطي مان پنهنجي جان قربان ڪيان؟ ان ڪري جو مون سندن والد جي مدد ۽ شفقت سان نبي ڪريم ﷺ جي رڪابداري جي خدمت حاصل ڪئي آهي. هونئن پاڻ سڳورن جي خدمت ۾ منهنجي



بيهڻ جي جاءِ آخري صف ۾ مقرر هئي. [49] پر هڪ ڏينهن جڏهن مخدوم صاحب ڪي پاڻ سڳورن جي ساڄي طرف کان ويٺل ڏٺم ته دل ۾ خيال ڪيم ته جيڪر مخدوم صاحب مهرباني فرمائي سندن خدمت ۾ التماس ڪن جيئن آءٌ به پاڻ سڳورن وٽ اهو شرف لهان جو ڪنهن وقت آءٌ اهڙو ويجهو ٿيان. ان وقت مخدوم صاحب جو اهو عرض قبول پيو ۽ مون کي پاڻ سڳورن سڏي رڪابداريءَ جي خدمت عنايت ڪيائون.

**نقل** آهي ته هڪ ڀيري مخدوم جي مجلس ۾ ڪنهن ڳالهه ڪئي ته جڏهن اسلام ۽ مسلمانن جو ٿنڀ سيد رڪن بازار مان گذرندو هو ته غير مسلمن تي به ذڪر جو اثر ٿيندو هو. بلڪ ڪنڌن ۽ گاهه دروازن ۽ ڀتين مٿان به مخدوم صاحب جي قول موجب **الله** جي هر مخلوق کي فقيرن جي ذڪر جو اثر پهچندو آهي. ليڪن نيڪيءَ جو حڪم ڪرڻ ۽ برائي کان روڪڻ وڏو ڪم آهي.

**وَلْتَكُنْ مِنْكُمْ أُمَّةٌ يَدْعُونَ إِلَى الْخَيْرِ وَيَأْمُرُونَ بِالْمَعْرُوفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ**

(آل عمران: 104)

[توهان مان هڪڙي اهڙي جماعت هجي جيڪا ڀلائيءَ ڏانهن سڏي ۽ نيڪيءَ جو حڪم ڪري ۽ برائيءَ کان روڪي.]

ڪنهن شخص اها ڳالهه سيد صاحب تائين پهچائي. سيد سڳوري فرمايو ته جيڪڏهن صرف هڪ پيرو **الله** تعاليٰ جو نالو جهڙي طرح **الله** جي نالي وٺڻ جو حق آهي. مخدوم صاحب جي زبان مان ظاهر ٿي پوي ته سڄي ڳوٺ وارن جو دليون قيامت تائين ڦاٽي ذرا ذرا ٿي وڃن. ان کان پوءِ هن مخدوم ڪرم **الله** جي رفاقت اختيار ڪئي جيڪو مخدوم صاحب جي دوستن مان هيو جتي پاڻ کي وڏي خدمت جي درجي تي پهچايائين. پهريائين مخدوم ڪرم **الله** جي هٿن چمڻ سان مشرف ٿيو ۽ پاڻ سيد مسجد جي ڪنڊ ۾ ان جي سامهون هٿ ٻڌي بيهي رهيو ۽ چوڻ لڳو ته ڪرم **الله** ديوانو ٿيو آهي جو سيد کان هٿ ٿو وٺي في الفور مجنون ٿي ويو. ڪجهه ماڻهن جو چوڻ آهي ته "يا **الله**" ۽ "يا هو" جي ذڪر جي ڪثرت جي ڪري هن ۾ جنونيت جو اثر ظاهر ٿيو هو. ان کان پوءِ فرمايائون ته مسنون ۽



معروف طريقي مطابق ذڪر جا ٽي سو سٺ قسم آهن خبر ناهي ته مخدوم ساهڙ لنجار توهان کي مذڪوره قسمن مان ڪهڙي قسم جي ذڪر جي تلقين ڪئي آهي. ان وقت سيد ٻئي هٿ ڪٽي مخدوم صاحب جي پيرن تي رکيا ۽ هٿن کي چمي ڏنائين. تڏهن مخدوم صاحب جي زبان مان ارشاد ٿيو ته مبارڪ هجئي جو سيد مڃي ٿو ته هن توهان کان ذڪر جي تلقين ورتي آهي، هي ٽي اسان کي نقل پرهيزگارن جي سردار اسماعيل عرف فخريه کان مليا آهن:

**نقل** چڱي پچاڙي واري شيخ محمود ولد صديق جيڪو مخدوم ساهڙ لنجار جو عزيز هيو ۽ هو مخدوم صاحب جو مريد هو. شيخ محمود چوي ٿو ته مون مخدوم ساهڙ لنجار جي زبان مان پاڻ ٻڌو ته هڪ ڏينهن پنهنجي ڳوٺ جي ويجهو ڍنڍ جي ڪناري عبادت ۾ مشغول هوس ته ٻه فرشتا هوا ۾ اڏامندا ڏٺم. انهن کان پڇا ڪيم ته ڪيڏانهن ٿا وڃو. هنن ٻڌايو ته **الله** تعاليٰ جي حڪم سان نبي ڪريم ﷺ جي طرفان لطف **الله** ابن نعمت **الله** جي لاءِ چار تحفا عطا ٿيا آهن. 1. قرآن جو تفسير ۽

حديث جو بيان 2. خوابن جي تعبير 3. لااله الاالله جي ڪلمي جي تلقين 4. قينچي هلائڻ ۽ خرقو ڏيڻ. مون ڪين چيو ته تحفا پهچائي واپس مون وٽ اچجو. هو جڏهن واپس آيا ته انهن ٻنهي فرشتن ڪان پڇا ڪيم ته چار ئي تحفا قبول ڪيائين. فرشتن چيو ولايت ڏيڻ پسند نه ڪيائين جو هي ٻين جو حق آهي ۽ ان تي ڏاڙو نه هٺندس باقي ٽي ٻيا قبول ڪيائين. مان ان وقت مخدوم صاحب جي خدمت ۾ اچي پهتس ته مخدوم صاحب فرمايو ڀلي آيا ساهڙ لنجار. عرض ڪيم توهان کي ڪنهن خبر ڏني ته مان ساهڙ لنجار آهيان. فرمايائون:

**نَبَّأَنِيَ الْعَلِيمُ الْخَبِيرُ** (التحريم: 3)

[مون کي عليم خبير ذات ٻڌايو.]

ان وقت مشائخ هوتي لاکو به پهتو تڏهن اسان ٻنهي لااله الاالله جي تلقين حاصل ڪئي.

**نقل** ڪيو عالمن جي اڳواڻ ۽ پرهيزگارن جي چونديل حضرت حامد سالڪن جي سردار ۽ رهبر حضرت ابومحمد ابن



خلف الصدق حضرت امين محمد ابن غوث الصمد. حضرت جلال الدين جلال محمد جي خدمت ۾ حاضر هوس ته مخدوم صاحب جي معجز بيان زبان مان مون پاڻ ٻڌو. فرمايائون ته حضرت رسالتمآب ﷺ مون کي چئن شين سان عزت وارو بڻايو آهي ۽ انهن جي تفسير ۽ تاويل جو اجازت نامو پڻ ڏنائون. هڪ حق جي طالبن کي لااله الاالله جي تلقين ڪرڻ ۽ پڻ ٻين ذڪرن جي اجازت ڏيڻ، ٻيو ڪلام مجيد ۽ فرقان حميد جون مختلف معنائون، بيان ۽ تفسير ڪرڻ، ٽيون نبي ڪريم ﷺ جي حديث بيان ڪرڻ ۽ چوٿون خوابن جا تعبير ڪرڻ. ڪجهه خوابن جا تعبير جيڪي مذڪوره راوي مخدوم معظم ڪان روايت ڪيا اُهي هن طرح آهن ته جيڪو خواب ۾ پاڻ کي نماز ۾ بيٺل ڏسي ان کي دين ۾ استقامت نصيب ٿيندي، جيڪو خواب ۾ پاڻ کي رڪوع ۾ ڏسي ته ان ڏانهن خلق رجوع ڪندي، جيڪڏهن پاڻ کي سجدي ۾ ڏسي ته ان کي الله تعاليٰ جو قرب حاصل ٿيندو. جيڪڏهن پاڻ کي نماز مان فارغ ٿيل ڏسي ته ان ڪان ديني ڪم سرانجام ٿيندو ۽ غم ۽ ڏک ڪان ڇوٽڪارو ملندو. جيڪو خواب

۾ مينھن ڏسي تہ ان کي رزق آسانيءَ سان ملندو ۽ جيڪو خواب ۾ کير ڏسي تہ ان کي علم ملندو. جيڪو خواب ۾ مکڻ ڏسي تہ ان کي الله تعاليٰ جي معرفت ملندي. جيڪو خواب ۾ تيل ڏسي اهو دين ۾ خالص ۽ مخلص ٿيندو. جيڪو ڍور ۽ جانور خواب ۾ ڏسي تہ ان کي رزق آسانيءَ سان ملندو. جيڪو خواب ۾ شينهن ڏسي تہ هن کي علم حاصل ٿيندو [50] جيڪو مڇي سِپ کان سواءِ ڏسي تہ ان کي رزق آساني سان ملندو. جيڪو خواب ۾ مکڻ ڏسندو تہ هن کي الله تعاليٰ جي معرفت حاصل ٿيندي جيڪو مڇي سِپ سان گڏ ڏسندو تہ هن کي حلال رزق ملندو. بلڪ ان کي رزق آساني سان ملندو. جيڪو خواب ۾ ڪٽڪ جو اَن ڏسي تہ ان کي رزق ڏکيائي سان ملندو. جيڪڏهن خواب ۾ مِٺو ڌنئورو ڏسي تہ ان کي حلال روزي وارو رزق ملندو. جيڪو خواب ۾ ڪتو ڌنئورو ڏسي تہ ان کي حرام جي شبهي وارو رزق ملندو. جيڪو خواب ۾ چاندي ڏسي تہ نيڪ آهي ۽ جيڪڏهن سون يا ٽامو ڏسي تہ نيڪ ناهي. جيڪڏهن خواب ۾ پائخانو ڏسي تہ ان کي دنيا هٿ ايندي. جيڪو خواب ۾ ڏسي تہ دريا ان



جا گهر پائي ويو آهي تہ اهو بادشاهي بيت المال مان دولت لهندو ۽ جيڪڏهن وقت جي بادشاهہ کي خواب ۾ ڏسي تہ ڪيس ان کان ڪا شيءِ حاصل ٿيندي ۽ جيڪو وليءَ کي خواب ۾ ڏسندو تہ ان کي ان ولي جو مرتبو نصيب ٿيندو ۽ جيڪو هاٿيءَ کي خواب ۾ ڏسندو ان کي بيت المال مان ڪا شيءِ ملندي ۽ جيڪو خواب ۾ ڏسي تہ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيو آهي تہ غمن کان نجات ۽ سلامتي لهندو. جيڪڏهن صاف پاڻي ڏسي تہ خوشخبري ملندس ۽ جيڪڏهن ميرو پاڻي ڏسي تہ ٿورو غم لهندو. جيڪڏهن خواب ۾ ماڪڙ ڏسي تہ ويجهڙائي ۾ جيڪا زمين آهي اتي چور پيدا ٿيندا. جيڪڏهن گهٽي ماڪڙ هوا ۾ اڏندي ڏسي تہ لشڪر ظاهر ٿيندو. جيڪو خواب ۾ ڏسي تہ پنهنجيءَ ماءُ سان ويجهڙائپ ٿو ڪري تہ ان کي حج نصيب ٿيندو ۽ ڪعبي ۾ داخل ٿيندو.

هڪڙي بيوه عورت مخدوم معظم جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ خواب ۾ ڏٺو اٿم تہ منهنجو پٽ، مهراڻ درياء مان ٻنهي هٿن سان پاڻي پيو پيئي. فرمايائون قوم جو سردار ٿيندو ۽ بيت المال مان دولت خرچ ڪندو ۽ ائين ئي ٿيو. ليڪن هر اهو مقام

جنهن ۾ ڪو غرض يا مقصد نظر اچي تہ ان جي اصل رمز بيان ڪرڻ ڪپي تہ جيئن هن راهہ وارن کي راهہ سُڃاڻڻ، علامتون ۽ نشانيون سُڃاڻڻ ۾ صحيح پرک حاصل ٿئي. سڀ کان پهرين جڏهن خاڪي صفتن جي مقام مان عبور ٿئي ٿو تہ خوابن ۾ هيٺانهيون، مٿانهيون، گهٽيون، کوهہ ۽ اونداهيون جايون ظاهر ٿينديون ۽ ويرانين ۽ قتل جڳهين، جبلن ۽ دڙن تان گذر ٿيندو آهي تانجو اهي گهٽ گهيڙ گهاٽايون ختم ٿي ويندا ۽ اِڪي ۽ ٻڏي ظاهر ٿي پوندي. ٻئي مرتبي ۾ آبي صفتن تان گذر ٿيندو آهي جيئن ساوڪون ۽ پوکون، پکين جي رهڻ جا آکيرا ۽ وڻ، وهندڙ پاڻي ۽ چشما، حوض ۽ دريا ۽ اهڙين ٻين سيني شين تان گذر ٿيندو آهي. ٽئين مرتبي ۾ هوائي صفتن تان گذر ٿيندو آهي، هوا تي هلڻ ۽ اُڏرڻ، ڊوڙڻ ۽ بلندين تان لنگهڻ، وادين ۾ هلڻ ۽ ٻين اهڙين شين کي ڏسڻ شامل آهي. چوٿين مرتبي ۾ آتشي صفات تي گذر ٿيندو آهي. ڏيئا، شمعون، بجليون ٻارڻ جا ڍير ۽ باهين جا دونهان، ساڙيندڙ شعلا ۽ ان جهڙيون ٻيون شيون. پنجين مرتبي ۾ افلاڪي صفتن ۽ آسماني جسمن تان



گذرڻ آهي آسمانن تي وڃڻ ۽ اُڏڻ، هڪ آسمان کان ٻئي آسمان تائين پهچڻ، آسمان جي چرخي جو ڦرڻ ۽ ان کي ڏسڻ. ڇهين مرتبي ۾ جڏهن ملڪوت ۽ ستارن ۽ تارن کي عبور ڪرڻ آهي جنهن ۾ ستارا ۽ سج چنڊ ۽ انهن جا انوار ۽ انهن جيان ٻيا آهن. ستين مرتبي ۾ حيواني صفات عبور ڪرڻ آهي ۽ هر اُها صفت جنهن مان عبرت حاصل ڪجي. جيئن چوپاين يا ڦاڙيندڙ جانورن جي قسمن کي ڏسندو رهي جيڪي مختلف حيوانات مان هوندا آهن. جيڪڏهن پاڻ کي ان حيوان تي والي ۽ قادر سمجهندو تہ عبور ڪري سگهندو پر جيڪڏهن پاڻ کي ان حيوان جو قيدي سمجهيائين تہ ان کان ڊڄندڙ ۽ هراسان رهندو. ان صورت ۾ ان صفت جو غلبو ڇانئجڻ ان جي نفس مٿان ٿيندو آهي. ليڪن هي مرتبو مٿين سيني مذڪوره مختلف عالَمن کان مٿانهون هوندو باقي چند هزار ٻيا عالَم سالڪ کي عبور ڪرڻ گهرجن، جتي هر عالَم ۾ ان جي مناسبت سان مشاهدا ۽ واقعا ظاهر ٿيندا آهن. ڪڏهن هڪ واقعي جو هڪ قسم هنن چند مقامات ۾ ظاهر ٿيندو تہ وري ٻي جاءِ تي ان مقام جو اشارو ٻي معنيٰ ۾

هوندو تاهم هي اختلاف ۽ فرق هر شخص نہ تہ ڄاڻي سگهي ۽ فرق نٿو ڪري سگهي سواءِ ڪنهن ڪامل شيخ جي. اهڙيءَ طرح جڏهن سالڪ واقعہ شناس نہ هوندو تہ انهن واقعن ۾ بند رهجي ويندو ۽ اڳتي راهہ نہ لهي سگهندو. حضرت شيخ لاءِ ضرورتن مان هڪ هي آهي تہ مثلاً هو باهہ کي ڪيترن ئي جاين ۾ ڏسندو آهي پر هر جاءِ تي ان جي معنيٰ ٻي هوندي آهي ڪڏهن آتشي صفت عبور جو نشان هوندي آهي تہ ڪڏهن اها گرميءَ جي طلب جو نشان هوندي آهي. ڪڏهن اها شيطاني صفت جو غلبو ظاهر ڪندي آهي ۽ ڪڏهن باهہ وانگر ذڪر جو نور هوندي آهي. ڪڏهن محض شوق جي باهہ هوندي آهي جيڪا سمورين بشري صفتن کي ساڙي ڇڏيندي آهي ۽ ڪڏهن قهر جي باهہ هوندي آهي تہ ڪڏهن هدايت جي باهہ هوندي آهي. جهڙيءَ طرح موسيٰ عليه السّلام کي هئي جو **آنَسَ مِنْ جَانِبِ الطُّورِ نَارًا** (القصص:29) [ڏٺائين طور جي پاسي کان باهہ] ڪڏهن وري اها محبت جي باهہ هوندي آهي جيڪا الله تعاليٰ



کان سواءِ ٻي هر شيءِ کي ساڙي ڇڏيندي آهي ۽ ڪڏهن معرفت جي باهہ هوندي آهي.

**وَلَوْ لَمْ تَمْسَسْهُ نَارٌ نُورٌ عَلَىٰ نُورٍ يَهْدِي اللَّهُ لِنُورِهِ مَنْ يَشَاءُ** (النور:35)

[جيتوڻيڪ باهہ ان کي نہ ڇُهي تڏهن بہ اها روشنيءَ مٿان روشني آهي. الله تعاليٰ پنهنجي نور سان جنهن کي گهري تہ هدايت ڏئي ٿو.] [51]

ڪڏهن اها ولايت جي باهہ هوندي آهي.

**اللَّهُ وَلِيُّ الَّذِينَ آمَنُوا يُخْرِجُهُمْ مِنَ الظُّلُمَاتِ إِلَى النُّورِ** (البقره: 257)

[الله تعاليٰ ايمان وارن جو دوست آهي انهن کي اونداهين مان نور جي طرف ڪيندو آهي.]

۽ ڪڏهن وري مشاهدي جي باهہ هوندي آهي.

**أَنْ بُورِكَ مَنْ فِي النَّارِ وَمَنْ حَوْلَهَا** (النمل: 8)

[اهو برڪت وارو آهي جيڪو باهه وٽ ۽ ان جي چوڌاري آهي.]

انهيءَ ڪان سواءِ به ٻيون ايتريون ٻاهيون آهن جو انهن ۾ تجربيڪار شيخ ڪان سواءِ ٻيو ڪو فرق نٿو ڪري سگهي ۽ باقي ٻيا خواب توڙي انهن ۾ فرق به ائين ئي آهن.

**نقل** سدو درويش جيڪو قوم جو سمو هو ۽ شاهه خيرالدين بکريءَ جو ارادتمند هو سندس وفات ڪان بعد هن جو خليفو ۽ جانشين به ٿيو. هو چوي ٿو ته هڪ ڏينهن شاهه صاحب جي معجز بيان زبان مان ٻڌم ته جڏهن عرب ولايت مان هن سنڌ ملڪ ڏانهن آيس پئي ته پهريائين حضرت مخدوم معظم جي خدمت ۾ پهتس. هڪ ڏينهن پاڻ مسجد ڪان گهر پئي ويا ته يارن کي تاڪيد فرمايائون ته اڄ هتي هن مسجد ۾ ڪو بدعتي شخص ايندو. اگر هو توهان ڪان ڪا شيءِ گُهري ته ڏجوس ۽ جيڪا توهان کي ڏئي ته قبول نه ڪجو. آخرڪار اهو شخص آيو ۽ پنگ گهريائين جيڪا پيشاب ۾ پُسائي پاڻي وجهي چوڻ لڳو ته جيڪو به هن مان ڪجهه پيئندو ته ان کي دنيا جي ضرورت نه پوندي بلڪ ان کي آخرت نصيب ٿيندي ۽



ٻئي جهان ماڻيندو. ڪنهن به شخص اها ڳالهه قبول نه ڪئي ۽ فقط پاڻ پيتائين ۽ ٺڪر جو ٿانو به چٽي پنهنجو رستو ورتائين. جڏهن مخدوم معظم مسجد موٽي آيا ته فرمايائون اُهو ماڻهو پنهنجيءَ ڳالهه ۾ پورو هو ۽ جيڪو نفعو ٻڌايائين پئي حاصل ته ٿئي ها پر جيڪو نفعو اهڙن بدعتين مان ملي اُهو نفعو نه هوندو آهي. دراصل اُهو مشاهدو ئي پلي ۾ پلو آهي جيڪو مسنون طريقي سان حاصل ٿئي ۽ اهو ئي مشاهدي جو ڪمال آهي.

**نقل** آهي ته بهاءالحق والدين شيخ بهاءالدين زڪريا جي اولاد مان هڪڙو فرد حضرت مخدوم معظم جي خدمت ۾ آيو. حاضرين مجلس ان جي حسب نسب ڪان پوريءَ ريت واقف ٿيا تاهم ڪمال استغراق جي ڪري ان طرف پورو توجهه نه ڪيائون بلڪ چيائون ته ڪهڙي بهاءالدين جي اولاد مان آهي؟ ان ڪري سندس غيرت واري رڳ ڦڙڪي پئي ۽ سندس دل ملالت واري مٽيءَ سان ڀرجي وئي. اهڙيءَ صورت ۾ هو موٽي ويو.

درويش طاهر پهوڙ جيڪو پنهنجي ڪرامتن سبب مشهور و معروف هو ۽ حضرت بهاءالدين زڪريا جي ارادت ۾ پڪو هو، تنهن خواب ۾ ڏٺو ته حضرت بهاءالدين زڪريا معذرت واري انداز ۾ هن جو هٿ مخدوم معظم جي حوالي ڪندي چيو ته پنهنجي ان مريد (طاهر پهوڙ) کي ان غفلت جي عيوض اوهان جي حوالي ڪيان ٿو جيڪا منهنجي اولاد کان ظاهر ٿي آهي. ان بعد مخدوم معظم بي انتها مهربانيءَ وچان مون ڏانهن نظر ڪئي ته مون کي پنهنجيون ڪي ڪوتاهيون ۽ گهٽتايون نظر آيون ۽ پنهنجي دل جي دامن تي ملالت جي مٽي معلوم ٿي. تڏهن فرمايائون ته هر طرح سان تسلي رک ڇو ته الله تعاليٰ کان سواءِ هر شيءِ تنهنجي وجود مان ٻاهر وڃي رهي آهي ۽ وحدت جو ساقي احديت جي تجليات جو جام تنهنجي وجود ۾ پَلٽي رهيو آهي.

**نقل:** صالحن ۾ صالح حاجي عبدالله ابن حاجي هارون کان نقل آهي ته شيخ بهاءالدين زڪريا جي اولاد مان ڪي مخدوم معظم جي خدمت ۾ اچي عرض ڪرڻ لڳا ته اسان جو



حاڪم اسان کي پنهنجي وطن ٺٽي شهر مان جلاوطن ٿو ڪري. پاڻ فرمايائون ته رضا تي راضي ٿي فرمانبرداري اختيار ڪيو. هنن پنهنجي اسلاف کان دل ئي دل ۾ توڙي ٻين کان ظاهر ۾ مدد طلب ڪيائون. تڏهن ڪين خبر پئي ته هن معاملي جي اصلاح وقت جي مرشد جي واسطي سان ٿيڻي آهي. آخر موٽي اچي وري مخدوم صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ خدا رسول جا واسطا ڏئي گاديءَ واري شهر ڏانهن روانا ٿيا. جامع فرخ (ٺٽي) ۾ اچي ترسيا ته مرزا محمد باقي سندن آمد جو ٻڌي تعظيم خاطر اچي دست بوسي ڪئي پر ڳالهه نه مڃيائين. فرمايائون ته جيڪو به اولياءَ الله کي ايذائي ٿو ته ان تي اهڙا ملائڪ مسلط ٿين ٿا جن جون ڇهنبون الماس کان به تيز آهن. ان مهل هوا مان اهڙا پکي ظاهر ٿيا جيڪي سيني حاضرين مجلس کي ڏسڻ ۾ پئي آيا. تڏهن (مرزا محمد باقي) ڏڄندي دل جي زبان سان عرض ڪيو ته هن جماعت کي ڪَيڻ ڏاڍي بزرگ جي حڪم سان هو ۽ اسان جو حاڪم بنجڻ به ان جي حڪم سان آهي. آخر مخدوم معظم سان هن ڳالهه تي اتفاق ٿيو ته بادشاهه هن

جماعت کي پنهنجي مُلڪ مان ٻاهر نہ ڪيندو باقي هن شهر کان سواءِ جتي بہ چاهين رهي سگهن ٿا. تڏهن انهن مان ڪي ڪڪرالہ ڳوٺ ۾ وڃي رهيا تہ ڪي بدين شهر ۾ وڃي رهيا.

**نقل** آهي تہ ٻہ نيڪوڪار جن ڪي صوفين وارو لباس پاتل هو مسجد جي دروازي تي اچي پهتا. جڏهن انهن جي نظر حضرت مخدوم معظم جي پيڏين تي پئي تہ فوراً موٽي ويا. خدمت ۾ موجود عثمان عصار دل ۾ سوچيو تہ انهن جو اچڻ ۽ ايترو جلدي واپس وڃڻ ڇا جي ڪري هو. فرمايائون تہ اهي سير جا طالب هئا جيڪي فرش کان عرش تائين هلڻ وارا آهن فقط هڪ نگاهہ سان پاڻ ئي هتي اچي پهتا آهن. هن هدايت ڀَري ڪلام ڪي ٻُڌي دل ۾ خيال آيس تہ ڪاش! آئون بہ هن سير سان مشرف ٿيان ها. فقط دل ۾ اِهو خيال آڻڻ سان ئي اهڙيءَ جاءِ تي وڃي پهتو جتي جا رهاڪو صورت ۽ سيرت ۾ هن جهان وارن وانگر نہ هئا. جلد ئي ڪيس مخدوم معظم جي فيض بخش خدمت ۾ موٽائي وٺي آيا ۽ خدمت ۽ مهمانيءَ جا آداب بجا آندائون. ان جاءِ تي پري کان هڪ گنبذ ظاهر ٿيو جنهن جي



حقيقت ڪنهن تي بہ ظاهر نہ ٿي. فقير جي دل ۾ خيال آيو تہ هي ڇا آهي؟ فرمايائون اِهو عرش عظيم آهي ۽ اِهي ٻئي درويش **الله** تعاليٰ جي عرش جي سير کان فائز ٿي موٽي آيا آهن. ليڪن توهان جي هن فقير سير جي طاقت کان بہ وڌيڪ بلندي حاصل ڪئي آهي پر حق جي طالبن ڪي اهڙن سيرن جي ڪا ضرورت نہ هوندي آهي. بلڪ اهي ان کان بلڪل پري رهندا آهن ڇو تہ حق جي طالب لاءِ حق ڪافي آهي.

**نقل:** مولوي حامد اگهمي پنهنجي دور جو بينظير فقيه هو ۽ هو پاڻ خير البشر جي صحبت کان مشرف ٿيو هو. هن هڪ دفعي ٻڌايو تہ حضرت رسالتمآب ﷺ ڪي خواب ۾ ڏٺم ۽ سوال جواب سان سرفراز ٿيس. صالحن ۾ صالح شهاب الدين جنهن جو واسطو قُل قبيلي سان هو. هڪ ڏينهن ارادت واري قبلي شاهہ خيرالدين بکريءَ کي چيو تہ حضرت مخدوم نوح خدا تعاليٰ جي مراد آهي ۽ ٻيا مشائخ خدا تعاليٰ جا مريد آهن. جڏهن ذوالنون کان پڇيائون تہ مُريد ڪير آهي ۽ مراد ڇا آهي؟ جواب ڏنائين تہ مريد طلب ڪندڙ آهي ۽ مراد پڄندڙ يا ٿهندڙ

آهي. شيخ الاسلام چيو ته مريد لک نيازن سان طلب ڪندو آهي ۽ مراد لک نازن سان پھچندڙ آهي. ڪتاب 'نفحات الانس' ۾ اهڙيءَ طرح آهي.

مخدوم حامد اگهميءَ کان نقل آهي ته مخدوم عثمان جهيجو جنهن جو حُليو ظاهري باطني علمن سان سنواريل سينگاريل ۽ اهل مڪاشفي مان هو. هڪ شاگرد سان گڏجي مخدوم معظم جي فيض بخش خدمت ۾ آيو. مصافحي ۽ ڀاڪر پائڻ کان بعد هڪ هنڌ ويهي مجلس ڪرڻ لڳا ته فرض نماز جو وقت ٿي ويو. مخدوم صاحب اڪثر فرض نماز جي ادائگيءَ ۾ جلدي ڪندا هئا. مذڪور شاگرد دل ۾ سوچيو ته ايڏي تڪڙ سان قراءت جيڪا فرض آهي پوريءَ ريت ادا نه ٿي سگهندي. تڏهن پاڻ حال ۾ اچي فرمايائون ته ڪجهه فقراء اهڙا هوندا آهن جو جڏهن تڪبير تحريمه ٻڌندا آهن ته جسم تي جيترا وار هوندا آهن ته هر هڪ وار هڪ هڪ ڪلمو (لفظ) چوندو آهي ۽ قرآن مڪمل ٿي ويندو آهي. ان وقت مخدوم عثمان پنهنجي شاگرد ڏانهن ڏٺو ۽ چيائين ته دل ۾ تسلي رک ته ان



قول ۾ سچائي آهي. مخدوم معظم وڌيڪ فرمايو ته جيڪو مون کي يقين ۽ اعتبار جي اک سان ڏسي يا منهنجي ڏسندڙ کي ڏسي ته جهنم جي باهه ۽ دردناڪ عذاب کان امن ۾ رهندو ۽ سندس ايمان تڙيل شيطان جي هٿان لُٽجڻ کان بچي ويندو. ان شاگرد دل ۾ سوچيو ته هيءَ ته وڏي ڳالهه ڪري ڇڏيائون. تڏهن مخدوم عثمان ڏانهن ڏٺو ۽ چيائين ته عالمن جي اڳيان زبان بند رکڻ ۽ اولياء الله جي اڳيان دل بند رکڻ گهرجي ۽ هي مخدوم معظم جيڪو ڪجهه چوي ٿو پنهنجي جاءِ تي قول ۽ فعل ۾ سچو آهي. ڇو ته هي سڀ ڪجهه حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي اذن سان چوندو آهي. ان ڪانپوءِ وري ان شاگرد کي دل جو اطمينان ٿيو. تڏهن دل ۾ سوچيائين ته جڏهن هن دنيا ۾ بزرگن جي پاڙي ۾ هجڻ سان ظالمن جي ظلم کان ۽ ساڳيءَ ريت ضعيفن ۽ درمندن کي حفظ وامان ملي ٿو ته پوءِ وفات بعد قبرستان وارن تي بزرگن جي پاڙي ۾ عذاب ۾ هلڪائي ٿئي ٿي يا نه؟ مخدوم معظم ان شاگرد جي دلي ڪُتڪن کي ڄاڻي فرمايائون: هائو. وري ان يوسف نالي شاگرد جي دل ۾ خيال آيو

ته هتي سنڌ ۾ اهڙو قبرستان ڪٿي آهي جنهن جي برڪت سان گنهگارن تي رحمت ٿئي. فرمايائون هڪڙو مڪلي قبرستان، ٻيو راهوٽ ڳوٺ جو قبرستان ۽ ٽيون اُگهم ڪوٽ وارو قبرستان. تڏهن وري دل ۾ سوچيائين ته اڪثر ٻڌو ويو آهي ته مگرين درويشن جي قبرستان ۾ جيڪو ٺٽ ۾ واقع آهي. ڪڏهن منڪر نڪير سوال جواب خاطر آيا ئي ناهن. [53] ڇو ته هو دنيوي لذتن ڪان هر وقت متنفر رهندا هئا. بلڪ ڏٺ جي ڳاهه تي گذارو ڪندا هئا. تڏهن حال ۾ اچي پاڻ فرمايائون ته مذڪوره قبرستان ۾ مگريه درويشن جي اها جماعت هوندي پر رسالت مآب جي مجلس ۾ فقير ڪي اها ڪڏهن ٻڌڻ ۾ نه آئي. ان شاگرد وري دل ۾ سوچيو ته پوءِ اهو قبرستان ٻين ڪان ڪيئن شرف وارو آهي. ان وقت فرمايائون قرآن مجيد جي حافظن جي ڪري اهو قبرستان ٻين ڪان فضيلت وارو آهي ۽ جيڪو به انهن جي پاڙي ۾ دفن ٿيندو آهي ڀلي گنهگار هجي پر قرآن جي تلاوت ۽ حافظ جي برڪت جي ڪري بخشجي ويندو آهي. جيئن حديث



پاڪ ۾ آهي: "**اهل القرآن اهل الله خاصة**" يعني قرآن وارا خاص اهل الله آهن.

ڳالهه ٿا ڪن ته مخدوم محمد عثمان جهيجو جڏهن مخدوم معظم جي دست بوسيءَ سان مشرف ٿيو تڏهن پاڻ چيائين ته هيءَ دست بوسي حضرت صديق اڪبرؓ جي صدق واري آهي جيڪا هڪ ٿي واسطي سان ان جي ارادتمند مخدوم المخاديم مخدوم بلاول سان وجي ملي ٿي. مون ڪيترائي پيرا پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي ته حضرت رسالتمآب ﷺ کين عالم روحانيت ۾ نماز جو امام بنائڻ سان نوازيو اٿن.

**نقل** آهي ته مخدوم حامد اگهمي الله هن جي مرقد کي روشن رکي، جيڪو عارف رباني هو ۽ عشق ربانيءَ جي تجلين ۾ سڙيل هو ۽ آدم مخدوم جمعه دنيه قبيلي واري جو پياءُ هو. هن ٻڌايو ته الله سائين جي فضل سان مجاهدن ۽ رياضتن ذريعي خواهشن ۽ سَڌن ۽ دنيا جي لاڳاپن ڪان خلاصائي ۽ قلب ڪي روشني ته حاصل ٿي پر منهنجي وجود مان حرص ٻاهر نڪري ٿي نه پيو. آخر مخدوم الابرار جي خدمت واسطي سندرو

ٻڌي نڪتس ۽ سائين جن جي ديدار سان مشرف ٿيس. مصافحي وقت فرمايائون ته اولياء الله طبيبن وانگر آهن جيڪي حرص جهڙين بيمارين ۽ ٻين خرابين کي جيڪي انسانن سان ٻڌل آهن چڱيءَ ريت سڃاڻيندا آهن ۽ انهن کي پاڙئون ڪڍي ڇڏڻ ۾ ڪين وڏي مهارت حاصل آهي. اول ته حرص کي ڪڍيائون ڇو ته هيءَ اهڙي پوک آهي جيڪا دل کي گهيرو ڪري ٿي ۽ زبان کي بيان کان عاجز ڪندڙ آهي. جڏهن تقدير جي هنڌ تي پهچايائون ته پنهنجي دل جي آئيني کي حرصن جي زنگ کان صاف ڏٺم ۽ نفس جي پاڪائي ۽ دل جي صفائي سندن توجهه جي برڪت سان گهرج مطابق حاصل ٿيون.

**نقل** آهي ته شيخ بهاءالدين زڪريا عليه الرحمة جي مريدن مان هڪڙو روحاني ڪشف وارو هو تنهن پنهنجي ڪشف سان معلوم ڪيو ته روحاني جهان جو مجمع آهي انهن ۾ غوث العالم (بهاءالدين زڪريا) ۽ حضرت خضر موتين سان مڙهيل مسند تي ويٺل آهن ۽ ڪنهن بزرگ جي اچڻ جي انتظار ۾ آهن. آخر هڪ پاڪڙو ريشم ۽ پَٽ سان سينگاريل اچي پهتو ته



مخدوم معظم ان پاڪڙي مان ٻاهر آيا ۽ حضرت شيخ بهاءالدين زڪريا ۽ حضرت خضر عليه السّلام جي وچ ۾ اچي ويٺا ۽ ٻئي بزرگ نهايت سِڪ وچان انتظار ڪرڻ لڳا ته واحد جي وحدت ۽ احد جي محبت جي ڪا ڳالهه بيان ڪن ته ٻڌون بهرحال غوث العالم ان مريد کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ فرمايائون ته اسان ۽ مخدوم صاحب هڪ ئي وجود آهيون. جيڪو به اسان جي مريدن مان آهي ته اهو مخدوم جي زيارت لاءِ وڃي حاضر ٿئي. ڇون ٿا ته ظاهر ۾ ان مريد مخدوم معظم جي مزار جي زيارت ۾ غفلت ڪئي هئي.

**نقل** آهي ته هڪ ڏينهن درياء جي ڪناري تي وضو ساري ٻه رڪعتون ادا ڪيائون ته ايتري ۾ نوراني صورت ۽ شڪل وارو هڪ شخص ظاهر ٿيو. پاڻ ۾ ويهي صحبت ڪيائون ۽ الله سبحانهٗ و تعاليٰ جي محبت ۽ وحدت جون ڳالهيون ڪيائون. آخر ڳالهه جو اختتام هن طرح ٿيو جو ان شخص چيو ته اسان جي مريدن لاءِ دعا ڪيو ۽ خود پنهنجي مريدن لاءِ به. ڇو ته انهن ۾ تڪبر جو اثر آهي. فرمايائون اي

غوث اعظم! ازل واري ڏينهن کان متڪبر واري اسم جي مظهر جي بوءِ انهن جي دماغ ۾ پهتل آهي، تنهن ڪري تڪبر جو اثر انهن جي وجود ۾ ويهجي ويو آهي تاهم شيطاني تڪبر جو هنن ۾ ڪو بہ اثر ناهي. نيڪن جو اڳواڻ سيد اسماعيل بخاري اوٽ ۾ هو سو انهن جيڪو ڪجهہ چيو سو ٻڌائين پئي.

**نقل** آهي تہ هڪ ڏينهن نوح ڪاريہ دنيوي ڪم لاءِ حضرت جن جي خدمت ۾ آيو دل ۾ گهٽائي ڪُتڪا هئس. ٻيپهري نماز بعد حضرت مخدوم معظم مسجد جي حجري ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ ڪنهن ماڻهوءَ سان هم ڪلام ٿيا، جڏهن تہ بظاهر حجري ۾ ڪو بہ نہ هو. ڪجهہ دير کان بعد نوح ڪاريہ کي حجري ۾ سڏ ڪيائون ۽ فرمايائون تہ حضرت غوث الثقلين هتي ويٺل هئا تن جي خدمت ۾ توهان جي ڪم جو عرض ڪيم. اهي هر غرض ۽ دنيوي مطلب واسطي توهان ۽ ٻين دوستن جا معاون ۽ مددگار ٿيندا تسلي ڪيو.

**نقل** آهي تہ مخدوم معظم جي خدمت ۾ بيان ڪيائون تہ سيد طيب متعلوي جيڪو ظاهري ۽ باطني علم سان گهڻو



سنواريل ۽ سينگاريل هو جڏهن بہ ڪنهن بدعتيءَ کي ڏسندو هو تہ ان کي تعذير ڏيندو هو [54] ۽ ان تي شرعي حد قائم ڪندو هو. خاص ڪري اهڙن فقيرن کي جيڪي مٿي ۽ پيرين اگهاڙي هوندا هئا. پاڻ فرمايائون تہ بدعت ست قسم آهي ۽ انهن مان چار وڏا آهن. پهرئين بدعت اُها آهي جو بعض فقراء چوندا آهن تہ **الله** تعاليٰ فرمائي ٿو:

**لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوا مِمَّا تُحِبُّونَ** (آل عمران: 92)

[توهان هرگز ڀلائي حاصل نہ ڪندؤ جيستائين پياري شيءِ خرچ نہ ڪيو.]

ان ڪري جيڪي عورتن کي گهڻو پسند ڪندڙ آهن انهن کي بہ وقف ڪري ڇڏيندا آهن. ٻيا اُهي آهن جيڪي چوندا آهن تہ حق تعاليٰ فرمائي ٿو:

**أَيْنَمَا تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ**(البقره: 115)

[جيڏانهن بہ منهن ڪندؤ تہ پوءِ **الله** تعاليٰ ان طرف آهي.]

ان ڪري جاڏي ڪاڏي سجدا ڪندا آهن. حالانڪ هو آيت جي شان نزول کان بي خبر هوندا آهن. ٽين بدعت اها آهي جو چوندا آهن:

**وَاعْبُدْ رَبَّكَ حَتَّىٰ يَأْتِيَكَ الْيَقِينُ** (الحجر: 99)

[۽ پنهنجي رب جي عبادت ڪيو تانجو اوهان کي يقين حاصل ٿئي.]

يعني جڏهن ڪو شخص يقين کي پهچندو آهي ته تڪليف جو قلم ان تان هٽي ويندو آهي ۽ روزو ۽ نماز ادا نه ڪندا آهن ۽ بس الله جي هيڪڙائي تي يقين رکندا آهن. چوٿين ڪبير بدعت اُها آهي جو ڪي فقراء چوندا آهن ته عورتون خوشبوئن وانگر آهن ته جيڪو به اُن کي سونگهي ته جائز آهي ۽ مجازي مال ۾ تصرف جائز سمجهندا آهن. انهن مان ٽي بدعتون ننڍيون آهن. پهرئين جوڳين وارو خاص لباس جيڪو هندستان جي جوڳين جي رسم آهي. اهي ڪپڙي کي ميٽ يعني ڦڪي يا پيلي رنگ سان رڱيندا آهن ۽ پائيندا آهن. ٻي بدعت اُها آهي



جو رسيون وَٽي مٿي تي ٻڌندا آهن ۽ ٽئين لوها ڪَڙا ٺاهي ٻانهن ۾ پائيندا آهن. فرمايائون ته مٿو ۽ پير اگھاڙا ڪرڻ کي بعض عالمن بدعت نه چيو آهي چو ته ڪڏهن حضرت رسالتمآب ﷺ کان به هي عمل واقع ٿيو آهي. چو ته ڪڏهن ڪڏهن پاڻ سڳورا مٿو مبارڪ ۽ پير مبارڪ اگھاڙا ڪري بازار تشريف وٺي ويندا هئا ۽ گوشت وغيره خريد ڪري پنهنجي هٿن ۾ کڻي ايندا هئا. صحابي سڳورا چوندا هئا ته اسان کي ڏيو ته پاڻ کنهن کي نه ڏيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا **"صاحب السلعة بالحمل اولي"** يعني سامان جو مالڪ سامان کڻڻ جو وڌيڪ حقدار آهي.

**نقل** آهي ته زماني جي بزرگن مان هڪڙو مخدوم الابرار جي خدمت ۾ پهتو ۽ هٿ ملائڻ ۽ پاڪر پائڻ سان مشرف ٿيو. ظاهري طور ان جي ڳلي ۾ تسبيح پيل هئي. فرمايائون ته اي درويش! هٿ ۾ تسبيح کڻڻ بدعتِ حسنه (چڱي) آهي پر ڳلي ۾ تسبيح وجهڻ قبيح يا خراب بدعت آهي، چو ته ذمي هميشه ڳلي ۾ تسبيح وجهندا آهن.

**نقل** آهي تہ ڪو بزرگ هالاڪنڊي جي ڳوٺ ۾ آيو ۽ بظاهر عقل ۾ نہ اچڻ جهڙيون ڳالهيون ان کان هن طرح پئي ظاهر ٿيون جو موجود کي گم ۽ گم کي موجود پئي ڪري ڏيکاريائين. ڪجهہ حق جا طالب ان کان فيضياب پئي ٿيا. حضرت مخدوم معظم جي خدمت ۾ اها ڳالهہ پهچايائون تہ اهڙي قسم جو ڪو درويش اسان جي هن ڳوٺ ۾ آيو آهي ۽ هن علائقي جا اڪثر بزرگ ان وٽ وڃن ٿا ۽ اسان کي بہ گُهرجي تہ ان جي زيارت لاءِ وڃون. فرمايائون تہ **"زيارة الصالحين ڪفارة الذنوب وزيارة الصالحين رؤية الله تعاليٰ وزيارة الصالحين نور رحمة للعالمين"** يعني نيڪن جي زيارت گناهن جو ڪفارو آهي ۽ نيڪن جي زيارت الله تعاليٰ جو ديدار آهي ۽ نيڪن جي زيارت رحمة للعالمين جو نور آهي. پر جاچ ڪجو متان هن ۾ بدعت جو ڪم قسم هجي جيڪو شريعت پاڪ جي خلاف هجي. چيائون تہ شريعت جو پابند ۽ پرهيزگار آهي. وري فرمايائون تہ چڱيءَ طرح جاچ ڪجو تہ ڪٿي ان ۾ ڪو بدعت جو اثر نہ هجي. ٻڌايائون تہ ان جي ڪنن جي ٻنهي پاپڙين ۾



سوراخ آهن شايد نندي لاڪون سندس والدين ان جي ڪنن ۾ والا پارايا هجن. فرمايائون تہ جنهن کي **الله** تعاليٰ پنهنجي حفظ ۽ پناهہ امان ۽ نگهباني ۾ رکندو آهي تہ انجا والدين بہ ان جي حق ۾ بدعت جائز نہ سمجهندا آهن.

**نقل** آهي تہ حضرت مخدوم معظم جي خدمت ۾ اچي بيان ڪيائون تہ خدا تعاليٰ جي مردن مان هڪ مرد آهي جيڪو ٻارهن سالن کان وٽي هڪڙي ئي حال ۾ انتظار واريون اکيون آسمان ڏانهن ڪپائي ويٺو آهي ۽ کائڻ پيئڻ ۾ بہ مشغول نٿو رهي، بلڪ هو ڪيڏانهن بہ ڪو توجهہ ۽ لاڙو نٿو ڪري. چون ٿا تہ مشاهدي سان واصل ٿيل آهي. فرمايائون تہ اسم اعظم منجهس گهر ڪري ويو آهي جنهن دنيا کان بلڪ الڳ ٿلڳ ڪري ڇڏيو اٿس جيئن باري تعاليٰ فرمان آهي:

**وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَتَبَتَّلْ إِلَيْهِ تَبْتِيلًا** (المزمل: 8)

[پنهنجي رب جو نالو ياد ڪر ۽ هر شيءِ کان الڳ ٿي فقط انجو ٿي.]

اجا تائين ان بزرگ کي مشاهدي جي مرتبي جو حصول آهي.

نقل آهي تہ بهاءالدين دلق پوش چيو تہ ٺٽي شهر ۾ جامع مسجد فرخ ۾ جمعي جي نماز کان بعد هڪ هزار ماڻهو منهنجي هٿان مخدوم معظم جي دست بوسيءَ سان مشرف ٿيا ۽ تلقين حاصل ڪيائون ۽ سمورا ولايت جي درجي کي وڃي پهتا. جهڙوڪ ڪامل مرشد سيد عبدالڪريم ولد سيد لله متعلوي، صابو سومرو، تاجن ۽ حبيب جيڪي ڪرامتن سبب مشهور آهن ۽ غوث ۽ مقبول ٿيا هئا. ٺٽي شهر ۾ ڪنهن شخص دل ۾ خيال ڪيو تہ اڄ ڪيترا ڄڻا مخدوم معظم جي خدمت مان واصل باللہ ٿيا ۽ دست بوسيءَ جو شرف حاصل ڪيائون. فرمايائون تہ ٻارهن هزار شخص اڄ ولايت کي وڃي پهتا وري ان شخص دل ۾ سوچيو تہ ڪيئن معلوم ڪيو هونداٿون. فرمايائون تہ جيڪو شخص هٿ ڏئي پيو تہ درود پئي پڙهيم. ڪراماً ڪاتبين جي دفتر مان معلوم ڪيم تہ ٻارهن هزار درود منهنجي اعمال نامي ۾ لکيا اٿن.



**نقل** آهي تہ ڀرڪيي نالي درويش مڪليءَ جي قبرستان ۾ مخدوم جمعي جي ويجهو پنهنجو آستانو ٺاهيو ۽ [55] ڪرامتون ڏيکارڻ شروع ڪيائين. هڪ چوني جو حوض ٺاهڻ لڳو ۽ جيڪو بہ ننڍو وڏو، عام خاص ۽ شيخ يا مُريد عالم توڙي متعلم ان جي زيارت جي لاءِ پئي آيو تہ ان کان چُوني جو ڪم پئي ڪرايائين. ٿوري وقت اندر ٺٽي جا اڪثر ماڻهو سندس مطيع ۽ فرمانبردار ٿي ويا. آخر مرتضوي آل مان سيد علي شيرازيءَ کي غيرت اچي ورتو جو چيو ويو آهي: "**ان الله غيور يحب الغيور**" يعني بيشڪ الله تعاليٰ غيرت وارو آهي ۽ غيرت واري کي پسند ٿو فرمائي. سوچيائين تہ ڪنهن بہ طريقي سان ان جو تدارڪ ۽ دفع ڪرڻ جي تدبير ڪجي. ڇو تہ دين جي بزرگن ۽ پرهيزگار سالڪن کي اچي ذليل وخوار ڪيو اٿس ۽ اهي سندس فريب ۾ ڦاسندا پيا وڃن. مطلب تہ سيني مٿان ڪرامتن جي غبار سندن منهن کي لٽي ڇڏيو هو ايتريقدر جو وڏن وڏن مان بہ ڪنهن کي همت نہ پئي ٿي جو ان درويش جو مقابلو ڪن. آخر اها ڳالهہ وقت جي حاڪم وٽ پهچي وئي ۽

هن کي شڪايت ڪيائون ته اهڙي قسم جي هڪ درويش مڪليءَ جي قبرستان ۾ اچي آستانو ٺاهي ويٺو آهي. هن وٽ جنگي سامان جو به بندوبست آهي بلڪ تير، ڀالا، نيزا، تلوارون ۽ بندوقن جهڙا هٿيار گڏ ڪيا اٿس. هر قسم جي نيڪ ۽ صالح ماڻهن کي به پنهنجو مطيع بڻائي ڇڏيو اٿس، ڪٿي ائين نه ٿئي جو بادشاهه جو تختو اُٿلو ڪري وجهي. اوهان تائين ڳالهه پهچائڻ اسان جو فرض هو، وڌيڪ جيئن اوهان جو حڪم.
حاڪم فقط انهيءَ اثرائتي ڳالهه ٻڌڻ سان ئي حڪم ڪيو ته فوراً جنگي هٿيارن جي ساز وسامان وارين جاين کي تالا هڻي بند ڪري ڇڏيو. پر ڇا ڏسن ته اٿلو حاڪم جا دفينا ۽ خزانا درويش جي مُهر سان بند ٿيا پيا آهن. اهو ڏسي وقت جي حاڪم پنهنجيءَ گستاخيءَ جي معافي ورتي ۽ توبه ڪيائين ته اڄ کان بعد وري اهڙي قسم جي بي ادبي نه ڪندس ۽ پشيمان ۽ نادم ٿيو ليڪن سيد مذڪور کي تاڪيد ڪيائين ته جيترو ٿي سگهي انهيءَ معاملي کي دفع ڪريو. تنهن کان بعد سيد



سڳوري هن قسم جي عبارت وارو خط (مخدوم معظم ڏانهن) لکيو.

سيد علي شيرازي حافظ القرآن حاجي الحرمين زادهما **الله** شرفاً وتعظيما عالم ۽ عامل، متديّن ۽ متقي مروت ۽ حيا جو صاحب سخاوت جو سرچشمو خلق ۾ پيارو، هدايت ۽ ارشاد جو صاحب تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ سان سينگاريل بلڪ پنهنجي لاءِ اصلح **الله** شانه و عز برهانه جهڙا لقب استعمال ڪيائين. تڏهن ڪيس چيائون ته اهڙي قسم جو خط لکڻ اڳوڻن بزرگن جي شان کان ٻاهر آهي ۽ انهيءَ ۾ پنهنجي اجائي گهڻي تعريف شامل آهي. جيئن چيو اٿن: "**من مدح نفسه فقد ادّي زکوٰة جمعة ومن مدح فقد ذبح بغير سکين**" يعني جنهن پنهنجي پاڻ تعريف ڪئي جڻ ان جمعي جي زڪات ادا ڪئي ۽ جيڪو تعريف ڪيو ويو جڻ ڇُريءَ کان سواءِ ذبح ڪيو ويو. چيائين ته. "**انما الاعمال بالنيات**" يعني بيشڪ عمل نيتن سان آهن. هتي انهن سٽن لکڻ وقت منهنجي نيت اِها آهي ته اگر اختياري يا غير اختياري طور تي اهي الفاظ مخدوم معظم جي زبان کان ادا

تي ويا تہ ضرور قبوليت جو شرف حاصل ڪندا. شايد پاڻ پڙهن يا ٻڌن تہ هي حقير بندو انهن لکيل رُتبن سان سرفراز ۽ ممتاز ٿي پوي. مخدوم معظم جي خدمت ۾ قاصدن جي هٿان احسان جي اميد سان تحفا ۽ سوکڙيون بہ ڏياري موڪليائين جيڪي ان وقت خدمت ۾ حاضرين کي بہ انعام واڪرام سان نوازيائين، بلڪ انتهائي تاڪيد ڪيائين تہ لازمي هڪ ڀيرو مخدوم معظم ٺٽي شهر ۾ تشريف آڻين تہ جيئن سندن آمد سان ٻنهي جهانن جي سعادت نصيب ٿئي. **"الانسان عبيد الاحسان"** يعني انسان احسان جو ٻانهو آهي.

آخر غوث الحق پنهنجن خادمن سان مهراڻ درياء جي رستي ٻيڙي ۾ سوار ٿي ٺٽي شهر لاءِ روانا ٿيا. رستي ۾ ظُهر نماز ادا ڪرڻ لاءِ مخدوم معظم ٻيڙيءَ مان لٿا تہ سندن هٿ تي هڪ مَڇر اچي ويٺو. پاڻ فرمايائون تہ اسان جي مسجد جو مڇر ٿو ڏسجي. مخدوم معظم جي خدمت ۾ عرض ڪيائون تہ سيد السادات منبع البرڪات ڪامل ولي حضرت سيد علي شيرازي جيڪو سخي ۽ رضي، عالم ۽ متقي ۽ حاجي الحرمين شريفين



۽ صاحب ذوشهادتين ٺٽي شهر ۾ پهچي چڪا آهن تنهن ڪري ٻيڙيءَ تي سوار ٿي هلڻ گهرجي ۽ هيءُ مڇر جنهن کي هٿ مبارڪ کي ڇهڻ جو شرف مليو آهي، اِهو جهنگ جو مَڇر آهي. پاڻ فرمايائون تہ اِهائي مراد آهي جيڪا ازل ۾ الله تعاليٰ هن لاءِ مقرر فرمائي آهي. جڏهن ٺٽي شهر جي ويجهو پهتا تہ سيد علي پاڻ صاحب ڪمال مخدوم صاحب جي استقبال لاءِ سواريءَ جي واڳ هٿ ۾ جهلي چند قدم پيادل هلڻ لڳو ۽ پاڻ سان آندل نذر ۽ سوکڙيون پيش ڪيائين. پاڻ فرمايائون تہ اوهان جي نذر پوري ٿي وئي، هاٿي سوار ٿيو. اتان ڪين پنهنجي گهر وٺي آيا جيڪو سونهن ۾ فردوس برين پئي لڳو. پاڻ فرمايائون تہ جاءِ تمام سُٺي آهي پر جيڪو بہ نئون گهر ٺهندو آهي تہ پهرئين ان ۾ شيطان اچي رهندو آهي ۽ جڏهن ڪو نيڪ صالح ٻانهو ان ۾ ايندو آهي تہ شيطان ڀڄي ويندو آهي. سيد سڳوري دل ۾ خيال ڪيو تہ هيءَ جاءِ تہ خاص ڪري فقراء جي لاءِ ٺاهي وئي آهي. پاڻ فرمايائون تہ ائين ئي ٿيندو. تڏهن سيد سڳوري چاهيو تہ اِتي ئي ان گهر ۾ مخدوم معظم جي تابعدارن جي

حلقي ۾ داخل ٿئي. پاڻ فرمايائون ته اڪيلائپ چاهين ٿو يا سيني جي سامهون هن فقير جي يارن ۽ ارادتمندن ۾ داخل ٿيڻ گهرين ٿو. آخر سياڻي جمعي جي ڏينهن ممبر تي ويهي علي الاعلان پنهنجي زبان سان علان ڪيائين ته اي مسلمانو! اسان مخدوم معظم جي مخلصن ۽ تابعدارن مان آهيون. ان ڪان پوءِ سيد سڳوري عرض ڪيو ته اِهڙي قسم جو هڪ درويش مڪلي ۾ آهي جو ڪو به فقير يا نيڪ صالح ماڻهو ان جي خدمت ۾ وڃي ٿو ته ان کي ڇُوني جي ڪم جو چوي ٿو. پاڻ فرمايائون ته ڇا ٿي پيو، فقرائن جي ڪنهن نه ڪنهن قسم مان هوندو. وري سيد سڳوري ٻيهر عرض ڪيو ته گهڻا مرد ۽ عورتون ان ڪرامت واري وٽ وڃن ٿا. پاڻ فرمايائون ته ڇا ٿي پيو الله تعاليٰ جي طلب مردن ۽ عورتن تي فرض آهي. اهڙيءَ طرح هر پيري ارادي جو تير مقصد ۽ مراد جي نشاني تي نه ٿي پهتو. تڏين پيري ڪنهن ٻئي طريقي سان عرض ڪيائين ته اهو درويش بدعتي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن پير قبلي ڏانهن ڪندو آهي ۽ قبلي ڏانهن منهن ڪري ٽُڪ به اڇليندو آهي ۽ هر طرف پيو



سجدا ڪندو آهي. پاڻ فرمايائون ته اِهو تمام بڇڙو طريقو آهي ۽ بدعت آهي، پوءِ پنهنجي هٿ مبارڪ جون آڱريون ان طرف ڇنڊيائون. تڏهن سيد سڳورو سمجهي ويو ته حضرت مخدوم معظم جي هٿ ڇنڊڻ سان ئي درويش پرڪيي جا ڪم لهي ويا هوندا ان ڪان پوءِ جيڪا جماعت هالا وارن جي ان درويش سان گڏ هئي. اهي سڀ مخدوم صاحب جي خدمت ۾ آيا ۽ اجازت گُهريائون. فرمايائون ته حڪمرانن جي اطاعت به لازمي آهي، وجو ۽ "**أُولِي الْأَمْرِ**" (النساء:59) [حڪم ڪرڻ وارن جو حڪم بجا آڻيو.] آخر ۾ پاڻ مڪلي قبرستان ڏانهن روانا ٿيا. جتي تلاش ڪيائون ته درويش پرڪيو آهي ئي ڪو نه ۽ اڳيئي گُم ٿي چڪو هو. باقي ڪجهه هٿيار ۽ ٻيو سازو سامان جيڪي ڪجهه اُتي ان جاءِ ۾ رکيل هو پاڻ سان کڻي آيا ۽ بادشاهه جي خزاني ۾ جمع ڪرايائون. ان ڏينهن کان پوءِ ڪنهن به هن درويش کي نه ڏٺو ۽ هن جو ڪو به نشان ڪنهن کي نه مليو ته ڪاڏي ويو ڪي چون ٿا ته اهو درويش پرڪيو پڻ حضرت مخدوم معظم جي ارادتمندن مان هو.

**نقل** آهي تہ خواجہ شمشاد تمام وڏي رقم مسجد ٺاهڻ تي خرچ ڪئي ۽ ڪاريگرن جڏهن ٽن قبن سان وڏي محنت ۽ نقش ونگارن سان اها جوڙي تيار ڪئي تہ ان کان بعد خبر پيئي تہ مسجد قبلي کان ڦِريل آهي. تڏهن ڪم جي اڳواڻ مزورن ۽ ڪم ڪرڻ وارن سان گڏجي انتهائي پريشاني ۽ ڪُتڪي وچان حضرت سيد علي جي هٿان حضرت مخدوم الابرار جي ڪَنن تائين اها ڳالهہ پهچائي تہ خواجہ ڏاڍو ظالم ۽ جابر آهي، سُياڻي اسان کي قتل ڪرائي ڇڏيندو. خدمت ۾ حاضر رهندڙ عثمان فقير بہ ٽي پيرا عرض ڪيو تہ جڏهن اُها مسجد قبلي مُنهن صحيح تي ويندي تہ پوءِ ئي ڇُٽندا. مخدوم معظم فرمايو تہ انهن جو ڇوٽڪارو بہ انهيءَ ڳالهہ ۾ آهي تہ مسجد قبلي مُنهن صحيح تي وڃي. صبح سوير مسجد قبلي منهن صحيح تي وئي. حاڪم ماڻهو موڪليا جن جاچي ڏٺو تہ تقريباً بہ ٽي گز ڏاڪڻي ڪُند اُيرندي سُريل آهي ۽ مسجد جي ديوارن جون سرون بہ بلڪل سالم صحيح آهن. هڪ شخص جي دل ۾ خيال آيو تہ هيءَ مسجد قبلي مُنهن ڪيئن صحيح تي هوندي. پاڻ اظهار



فرمايائون تہ مسجد جي هڪ پاسي کان هن فقير ۽ ٻئي پاسي کان حضرت شيخ اُويس قرني وٽي سِڌي ڪئي آهي.

**نقل** سيدن جي ٽولي جي اڳواڻ، مرادن جي دائري جي مرڪز، سخا ۽ حيا جي صاحب، تجليات ربانيءَ جي مُنبع، انوار سبحانيءَ جي کاڻ، **الله** جي طرفان هدايت يافتہ، حضرت مير لطف **الله** موتين جي لڙهي وانگر ۽ مُشڪ سان مهڪيل پنهنجي هڪ لکت هن فقير جي حوالي ڪئي، اها عبارت هن رسالي ۾ داخل ڪئي وئي آهي. جنهن مطابق هن پنهنجي بزرگن کان اهڙي طرح ٻُڌو تہ سيد علي شيرازي (جنهن جي آرامگاه جنت ۽ پناه بخش آهي) جي عرض ڪرڻ تي درويش پرڪيي جي شر ۽ فتني کي ختم ڪرڻ خاطر مخدوم معظم ٺٽي شهر تشريف کڻي آيا ۽ مرحوم جي حويلي ۾ اچي رهيا، جيڪا سونهن ۾ فردوس برين جي مثل هئي. مخدوم صاحب نظر گهمائيندي فرمايو تہ اي سيد علي! **الله** تعاليٰ تو کي دنيا ۾ ئي جنت ڏئي ڇڏي آهي پر آخرت ۾ بہ توکي عطا فرمائيندو. آخرڪار ڪجهہ ڏينهن بعد مخدوم صاحب مڪلي قبرستان

جي زيارت لاءِ تشريف کڻي ويا ته رستي ۾ ٺي اها خواجه شمشاد واري جامع مسجد هئي جنهن جي ٺهرائڻ ۾ هُن تمام وڏي رقم خرچ ڪئي هئي ۽ سيد مغفور جي سفارش سان خواجه صاحب جي عرض ۽ دعا جي طلب ڪرڻ سان مسجد جو رخ قبلي طرف صحيح ٿيو هو. جڏهن پاڻ مخدوم جمعه عليه الرحمة جي مزار جي ويجهو پهتا جتي اُهو درويش پرڪيو ويٺل هو ته اُتي پنهنجي هڪ خادم ذريعي چورائي موڪليائون ته اُن کي چئو ته فقيرن جي جماعت سان هِتي حاضر ٿئي. جيئن ته اُهو پنهنجي معمول مطابق جيڪو به ان وٽ لائق توڙي نالائق ويندو هو ته ان کان چُوني جو ڪم ڪرائيندو هو. تنهن هن خادم کي به ويهاري ڇڏيو. جڏهن اُن خادم اچڻ ۾ دير ڪئي ته پاڻ وري ٻئي خادم کي موڪليائون. اُن حقيقت معلوم ڪري عرض ڪيو ته اڳيون خادم ته چُوني ڳوهڻ ۾ مشغول آهي. پاڻ فرمايائون ته وري ڏسي اچو هن دفعي جو خادم اُتي پهتو ته درويش پرڪيي جو ڪو به نالو و نشان نه ڏٺائين. [57] موٽي اچي عرض ڪيائين ته اُتي هاڻي ڪو به شخص ڪو نه هو. سيد علي مخدوم



صاحب جو مريد ۽ اخلاص ۾ پوريءَ ريت مستحڪم ۽ ٻنهي ۾ يگانگت ۽ اخلاص ڪمال درجي جو هو.

**نقل** آهي ته مخدوم ابراهيم بن مخدوم معزالدين مخدوم معظم جي خدمت ۾ دل وجان سان عرض ڪيو ته اسان جي ڳوٺ وارن جو پاڙي ۾ ٻئي ڳوٺ وارن سان زمين جي حد بندي تان جهڳڙو هلندڙ آهي ۽ ٻنهي پاسن کان خونريزي جو خطرو آهي. پاڻ فرمايائون ته اهڙي جاءِ کان لَڏڻ ڀلو آهي جيئن نقل مشهور آهي ته ڪنهن وقت پولڙن جي آبادي ۾ ڏڪار پئجي ويو سو پنهنجي چڱي مڙس جي اڳيان لاچاري ظاهر ڪيائون ۽ آس پاس ماڻهو موڪليائون ته جتي امن ۽ خوشحالي هجي ته اوڏانهن هلجي. آخر خبر پئي ته فلاڻي علائقي ۾ تنگي ناهي پر اُن علائقي جي بادشاه جي طنبيلي ۾ هڪ گهيٽو آهي جنهن جو هن جي ڪنيز سان وير آهي. تڏهن پولڙن جي چڱي مڙس نصيحت ڪندي کين چيو ته اُتي وڃڻ صحيح ناهي. هو چوڻ لڳا ته اسان جي رهائش ته جهنگ ۾ هوندي اُن گهيٽي جو وير اسان کي ڇا ڪندو. بهرحال اُتي لڏي ويا ۽ ڏاڍا خوش گذارڻ

لڳا. اتفاق سان اُن ڪنيز هٿ ۾ باهه جي چوچڙي ڪڍي اُن ڳهيٽي جي ويجهو گذر ڪيو ته ڳهيٽي پنهنجو سڱ ان جي هٿ کي اهڙو هنيو جو اها چوچڙي ان جي هٿان ڇڏائجي وڃي گهوڙن جي طنبيلي ۾ ڪري، ڪيترا گهوڙا سمورا سڙي ويا ۽ ڪي اڌ سڙي ويا. تڏهن اتي آيل حڪيمن چيو ته پولڙن جي چربي سڙيل گهوڙن لاءِ ڏاڍي مفيد ٿيندي آهي ان لاءِ وٺي ماڻهو ڊوڙايائون ته پولڙن جي چربي آڻي ڏيو. تڏهن پولڙن جي چڱي مڙس چين ته توهان منهنجي ڳالهه تي ڌيان نه ڏنو پر هاڻي وارو ڪيو ۽ هي علائقو ڇڏيو. بهرحال مذڪور مخدوم عرض ڪيو ته گهڻي وقت کان وٺي اسان جا ابا ڏاڏا هتي رهيل آهن اُتان لڏڻ ڏاڍو مُشڪل آهي جو گهڻا ويجها ۽ مِٽ مائٽ اِتي ئي آهن. آخر پاڻ ڪين تسلي ڏيندي چيائون ته اڄ کان پوءِ انهن ڳوٺ وارن ۾ ڪا دشمني ۽ ڪدورت نه رهندي ۽ فاتحه شريف پڙهي دُعا گُهريائون جيڪا قبول ٿي وئي جو اڄ تائين انهن ڳوٺن ۾ صُلح سانت قائم آهي.



**نقل:** مخدوم معظم جي ڏوهٽي غوث الاحد ڪبير محمد چيو ته نيڪن جي اڳواڻ سيد اسماعيل بخاري جيڪو مخدوم معظم جي ارادتمندن مان هو، خيال ڏيڪاريو ته سائين جن جي معجز بيان زبان مان جيڪا به ڳالهه ٻُڌي وڃي ته اُها لکي وڃي. پاڻ فرمايائون ته حق جو طالب حق جي حقيقتن جو بيان قدرت جي قلم سان دل جي صحيفي تي لکندو آهي نه ڪي ڪاغذ تي. ڪڏهن ڪڏهن مخدوم معظم فرمائيندا هئا ته جيڪڏهن تصوف جي موضوع تي اڳوڻن بزرگن وانگر ڪو ڪتاب لکون ته اهو هنن بزرگن جي ڪار گذارين کي جهڙوڪ ميٽي ڇڏيندو ۽ شايد پوءِ ڪو به انهن جي تصنيف ڏانهن اک نه کڻندو پر ادب کي لحاظ ۾ رکون ٿا ۽ اسان جا فقير اسان لاءِ سلوڪ جا ڪتاب آهن. هونئن به جيڪي انهن جي زبان مان ادا ٿئي ٿو اهو هميشه بزرگن جي اقوالن ۽ شريعت سڳوري جي موافق هوندو آهي.

**نقل** آهي ته نيڪن جي اڳواڻ سيد اسماعيل بخاري مخدوم معظم جي خدمت ۾ دل جي سچائي سان سوال ڪيو

تہ سچ ڪيترو پري هوندو؟ پاڻ فرمايائون ٻارهن ڪروڙ ٻارهن لک چوڏهن سؤ ٻاونجاهہ ڪوهہ آهي. وري دل ۾ خيال آيس تہ چنڊ جي گولائي الائجي ڪيتري هوندي. پاڻ فرمايائون نو ڪروڙ نو لک ڏهہ هزار اوڻانوي ڪوهہ آهي. فرمايائون تہ اهو تہ ننڍو سير آهي جيڪو بعض فقراء جو آهي تڏهن وري سندس دل ۾ خيال آيو تہ ثُريا جي جهرمٽ ۾ ڪيترا ستارا هوندا. فرمايائون تہ نَو ڪروڙ نَو لک ڏهہ هزار اوڻانوي آهن. فرمايائون تہ اهو مختصر سير بہ بعض فقراء جو آهي. اتي ڪنهن دل ۾ خيال ڪيو تہ حضرت سليمان عليہ السّلام جو تخت ڪيترو وڏو هوندو ۽ اهو الائجي ڪٿي هوندو. پاڻ فرمايائون ٺٽي شهر کان لاهور شهر تائين جيترو وڏو هو ۽ ان جو اڌ درياءَ جي پاڻي ۾ ۽ ان جو ٻيو اڌ خشڪيءَ تي رهجي ويو.

**نقل** آهي تہ عارفن جي سر موڙ محمد عارف ابن قدوه واصلان سدو جيڪو حضرت شاهہ خيرالدين بکري جو جانشين هو، هڪ ڏينهن مخدوم معظم جي مسجد ۾ جتي سڀ اهل دل ويٺا هئا، پنهنجي فصيح ۽ مليح زبان سان آيت ڪريم:



**فَاسْتَقِمْ كَمَآ اُمِرْتَ** (هود:112)

[سڌو ٿي بيهہ جيئن تو کي حڪم ڪيو ويو آهي.]

جو تفسير بيان ڪري رهيو هو تہ هڪ ڪجهيءَ جو ٽُڙ ڪِلندو آيو ۽ قادرِ جي ڪمال قدرت سان پنهنجو حال هن طرح ٻڌائڻ لڳو تہ اسان ٻئي ڀوتا جڏهن زمين کان ڦُٽاسون تہ مون سِڌائي اختيار ڪئي ۽ ان جو ڦَلُ بہ مليو جو مسجد سڳوري ۾ وڃي لڳس ۽ هميشہ فيض واري صحبت ۾ آهيان. البت ٻيو ٽُڙ جيڪو منهنجي پاسي ۾ هو اُن ڪٽجڻ جي خوف کان ٽيڙائپ اختيار ڪئي جنهن ڪري ڪيس ڪَٽيو بہ ويو [58] ۽ ٽڪرا ٽڪرا ڪري مختلف هنڌن تي لڳايو ويو.

**نقل** چڱي پچاڙيءَ واري شيخ محمود ولد صديق فخريہ وقت جي وڏن عالمن مان هو، هن:

**الرَّحْمٰنُ عَلَى الْعَرْشِ اسْتَوٰى** (طٰهٰ: 5)

[رحمٰن پنهنجي عرش تي (پنهنجي شان مطابق) قائم آهي.]

واري آيت جون چوڏهن مختلف معنائون تفسيرن مان معلوم ڪري ڪاغذ تي لکي مخدوم معظم ڪان امتحان وٺڻ خاطر سندن خدمت ۾ اچي پهتو ڇو تہ هن ڪي ٻڌڻ ۾ آيو هو تہ مخدوم صاحب محڪم ۽ متشابهہ آيتن جو تفسير ڪيترن ئي نمونن سان بيان ڪن ٿا. هو لڳاتار ٽي مهينا سندن مجلس ۾ اچي ويهندو هو ۽ پاڻ جنهن آيت جو بيان فرمائيندا هئا تہ هو لکندو ويندو هو. شروعات حضرت آدم عليہ السّلام ڪان ڪندا هئا تہ فلاڻي پيغمبر ڪان پڇيم تہ هِن طرح بيان ڪيائين ۽ انتها حضرت محمد ﷺ تي ڪندا هئا. ان ڪان اڳتي اصحاب سڳورا ۽ تنهن ڪان بعد تابعين ۽ تنهن ڪان بعد تبع تابعين ۽ تنهن ڪان بعد بزرگانِ دين ۽ اولياء **الله** جو بيان ڪندا هئا. آخرڪار جڏهن اُهو عالم سڳورو واپس پنهنجي وطن پهتو ۽ گُهرايائين تہ جيڪي ڪجهہ لکيو اٿس ان جو مطالعو ڪري تہ ڪاغذن تي ڪجهہ لکيل نہ ڏٺائين.

**نقل** آهي تہ هڪڙي شخص حضرت مخدوم معظم جي خدمت ۾ سوال ڪيو تہ **"العلم حجاب الله الاڪبر"** يعني علم **الله**



تعاليٰ جو وڏو پردو آهي. جو مطلب ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ هي عينڪ جي حجاب وانگر هڪ حجاب آهي جيڪو اک ۽ نظر کي نور بخشيندڙ آهي. اتي هڪ ٻئي عرض ڪيو تہ شال! مون کي **الله** تعاليٰ علم نصيب ڪري. پاڻ فرمايائون تہ علم ڪان وڌيڪ عليم جي طلب ڪم جي آهي، تڏهن هڪ طالب، علم لاءِ دعا جي درخواست ڪئي تہ ان کي علم حاصل ٿي ويو. ليڪن اهو شخص ساري عمر حسرت ڪائيندو رهيو ۽ چوندو رهيو تہ ڪاش! مان سندن خدمت ۾ علم جي بجاءِ عليم جي طلب ڪيان ها تہ عليم سان گڏ علم بہ ملي وڃي ها. جو چيو اٿن: **"من لہ المولیٰ فلہ الکل"** يعني جنهن جو موليٰ تنهن جو سڀ. هڪ موقعي تي مخدوم معظم فرمايو تہ علم جو مثال بادلن مان وسندڙ برسات جي قطرن وانگر آهي، جيڪڏهن سِپ جي وات ۾ پئجي وڃي تہ موتي پيدا ٿي وڃي پر جيڪڏهن نانگ اُن لاءِ منهن کولي ويهي تہ ساڳئي قطري جي وات ۾ پوڻ سان قاتل زهر پيدا ٿي وڃي. يعني جيڪڏهن **الله** تعاليٰ جي رضا جي خاطر پڙهي ان تي عمل ڪري تہ ان کي معرفت حاصل

ٿيندي پر جيڪڏهن دنيوي مرتبي ۽ منصب حاصل ڪرڻ لاءِ پڙهندو ته اهو هن لاءِ قاتل زهر بڻجي پوندو.

باران که در لطافت طبعش خلاف
نيست
در باغ لاله روید و در شور خار و خس

[برسات جي فطرت ۾ ڪو به فرق نه هوندو آهي ليڪن باغ ۾ گل ۽ ڪلراٺي زمين ۾ ڪک ۽ ڪنڊا ڦٽندا آهن.]

**الله** تعاليٰ جو فرمان آهي:

**وَيَتَعَلَّمُونَ مَا يَضُرُّهُمْ وَلَا يَنْفَعُهُمْ** (البقره: 102)

[۽ هو سکن ٿا اها شيءِ جيڪا انهن کي نقصان ٿي ڏئي ۽ فائدو نٿي ڏئي.]

نبي ڪريم ﷺ فرمايو: **اعوذبک من علم لاينفع و قلب لايخشع ودعاء لايسمع ونفس لايشبع** يعني مان تنهنجي



پناهه ٿو گهران ان علم کان جيڪو نفعو نٿو ڏئي ۽ اهڙيءَ دل کان جيڪا خوف نٿي رکي ۽ اهڙي دعا کان جيڪا نٿي ٻڌجي ۽ ان نفس کان جيڪو نٿو ڌاپجي. پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو: **اللّٰهم اني اسّالک علمًا نافعًا و اعوذبک من علم لاينفع** يعني اي منهنجا **الله**! مان توکان فائدي وارو علم ٿو گهران ۽ تنهنجي پناهه ٿو گهران ان علم کان جيڪو نفعو نٿو ڏئي.

**نقل** آهي ته هڪ ڏينهن فرمايائون ته جيترو ذڪر جي تلقين جو حق آهي اوترو ڪنهن کي به نه ڏئي سگهيو آهيان. البت پنهنجي فرزند کي ڏنم ته هن دم ڏٺي جي حوالي ڪيو ۽ تلقين جو تاب نه آڻي سگهيو. وري فرمايائون ته **الحمد لله**! جو پنهنجي پُٽ جو خون آهي نه ڪنهن ٻئي جو! مطلب فقير جي تلقين جي قابليت جي سگهه هن زماني ۾ ڪنهن ۾ به نه آهي. ڳالهه ٿا ڪن ته حضرت غوث الدنيا والدين شيخ بهاءالدين زڪريا عليه الرحمة جي اولاد مان هڪ بزرگ مخدوم معظم جي خدمت ۾ آيو ۽ ذڪر جي تلقين جو سوال ڪيائين. خدمت ۾ حاضر عثمان عصار اها ڳالهه سندن ڪنن تائين پهچائي ته

هڪڙو طالب غوث العالم جي اولاد مان آهي جنهن کي شوق آهي ته ذڪر جي تلقين سان مُشرف ٿئي. پاڻ فرمايائون ته هر شخص تي الله تعاليٰ جو ذڪر واجب آهي توڙي اهو پاڻ شيخ چو نه هجي. اُن مهل ئي ان جو هٿ هٿ ۾ وٺي تلقين ڏنائونس ۽ فرمايائون ته هِن جو مٿو کُوڙيو. فقط تلقين وٺڻ سان ئي هن جي جسم جو ظاهري رنگ سون ورنو ٿي ويو ۽ مٿي کوڙائڻ کان بعد ان جا وار جهڙوڪ خالص سون ٿي پيا. پاڻ فرمايائون ته ٽانو طاقتور هئس جو تلقين جو بار برداشت ڪيائين.

**نقل** آهي ته ڪامل طالبن مان هڪڙي طالب مخدوم معظم جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته اسان کي پنهنجي مريديءَ ۾ قبول فرمائن ۽ منهنجو مٿو ڪوڙين. فرمايائون ته طالبن جي لاءِ منهنجو وظيفو لااله الاالله جو ذڪر آهي ۽ انهي تمنا سان هن چند ڏينهن خدمت ۾ گذاريا تاهم ڪافي عاجزيءَ نيازي ڪرڻ ڪانپوءِ منت ميڙ ڪرڻ بعد ڪيس مريدي جو هٿ ڏنائون. سينگار واري کي چيائون ته ان جي مٿي تي پاڪي هلائي. ان وقت هر وار جو رنگ جيڪو ان جو مٿي مان جدا ٿي رهيو هو نج سون



وانگر نظر پئي آيو. مجلس مان ڪيترن تحفي ۽ سوکڙيءَ طور انهن وارن کي محفوظ ڪري رکيو ۽ انهن کي برڪت وارو سمجهي سانديي رکيائون.

**نقل:** نيڪ پڇاڙيءَ واري شيخ محمود ولد صديق فخريه بيان ڪري ٿو ته نوح ولد هوٿي ڪبير جي اولاد مان نوح نالي شخص کي غوث الثقلين مشرق ۽ مغرب جي محبوب عبدالقادر جيلاني جي فيض واري ديدار جو شوق مخدوم معظم جي خدمت ۾ چڪي آيو. هو جڏهن مسجد ۾ داخل ٿيو ته بظاهر ان وقت [59] حضرت غوث الحق نماز ۾ هئا ۽ ان ڪري پنيان ملاقات جي انتظار ۾ ويهي رهيو. نماز مان فارغ ٿيڻ سان ئي هڪڙو سهڻي صورت وارو مرد سجدي واري جاءِ مان ظاهر ٿيو. جنهن چيو: اي نوح! اُٿ دست بوسيءَ جو شرف حاصل ڪر. ڪجھ دير محبت واري گفتگو ڪرڻ بعد پاڻ فرمايائون اي شيخ الثقلين! هن طالب ۽ مريد جي ملاقات جي لاءِ اوهان کي تڪليف ڏني ويئي هئي.

**نقل** آهي تہ صالحن جي اڳواڻ محمود پنهنجي پيءُ عارفن جي اڳواڻ حامد کان ٻڌو ۽ هن وري نيڪن جي سردار درويش ورياهہ کان جيڪو جنت ۾ آرامي درويش شڪرالدين جي اولاد مان آهي تہ هڪ دفعي مخدوم معظم جي مجلس ۾ ويٺا هئاسون تہ حضرت غوث العالم شيخ بهاؤالدين زڪريا جي مريدن جي هڪ جماعت اتي پهتي. ان جماعت مان هڪڙو جيڪو ٻين کان ڪجهہ معتبر هو سوال ڪيو تہ غوث العالم جي زيارت جي لاءِ ملتان وڃڻ فرض آهي يا واجب يا سنت؟ خدمت ۾ حاظرين طرفان اهو عرض پهچايائون تہ هڪڙو شخص اهڙي طريقي سان سوال ٿو ڪري. فرمايائون تہ ڪهڙي نيت سان ٿو وڃي. هن چيو هن لاءِ ٿو وڃان تہ جيئن حق جي ذاڪرن مان ٿيان ۽ **الله** کان سواءِ هر شيءِ کي وساري ڇڏيان. فرمايائون اهڙي شخص کي ملتان وڃڻ فرض آهي ۽ فرمايائون تہ سنڌ جو علائقو حضرت غوث العالم شيخ بهاؤالدين زڪريا جي خاص خلوت گاهہ ۽ نظر گاهہ آهي، ان ڪري هن علائقي مان نذرانا ۽ سوکڙيون پنهنجي حال مطابق هن درگاهہ ۾ موڪلڻ کپن ۽



سلطان ابراهيم جيڪو مخدوم معظم جو فرزند ارجمند آهي ڪڏهن ڪڏهن طعام تيار ڪرائي حضرت غوث العالم جي روح کي نذر طور پيش ڪرڻ جي لاءِ فقراءِ ۾ ورهائيندو هو. بلڪ هو چوندو هو تہ هن علائقي ۾ گهڻين مصيبتن جو اچڻ انهي جي ڪري آهي جو ان درگاهہ جي باري ۾ گهڻي غفلت ۽ سُستي آهي.

**نقل** آهي تہ غوث العالم شيخ بهاؤالدين زڪريا جي مريدن مان ڪو هڪ مريد صاحب دل هو ڪيس عالم ارواح جو ڪشف حاصل هو. هڪ دفعي هو مخدوم معظم جي مزار کان ويجهو گذريو پر زيارت نہ ڪيائين. ادب جي تقاضا موجب پنهنجي اڳواڻ کي خواب ۾ ڏنائين تہ حضرت غوث العالم انتهائي پسنديده جاءِ تي ويٺل آهن ۽ ڪيترا اولياء **الله** سندن چوڌاري ادب سان بيٺا آهن ۽ ڪنهن بزرگ جي اچڻ جي انتظار ۾ ويٺل آهن. تڏهن هڪڙي پاڪڙي مان مخدوم معظم ظاهر ٿيو انهيءَ حال ۾ غوث العالم اُٿيا هڪ ٻئي سان هٿ ملائي ياڪر پاتائون ۽ ڪيس پنهنجي پاسي ۾ ويهاريائون. وحدت بابت

گفتگو ڪرڻ بعد پنهنجي ان مريد کي پاڻ وٽ سڏي چيائين ته مان ۽ مخدوم معظم هر ڳالهه ۾ هڪ آهيون ۽ هڪڙو وجود آهيون، توهان هن جي زيارت کان ڇا لاءِ پاڻ کي روڪيو آهي؟

**نقل**: صالحن جي اڳواڻ حسين ٿهيم ٻڌايو ته بکر جي هڪ رهندڙ ۽ اهلِ علم ارادو ڪيو ته ارادت جو رسو پنهنجي ڳچي ۾ وجهي. خواب ۾ ڏٺائين ته حضرت غوث الثقلين ۽ غوث العالم جي وچ ۾ مخدوم معظم ويٺل آهن ٻنهي غوثن اشارو ڪيو ته آءُ ارادت جو هٿ مخدوم معظم جي هٿ ۾ ڏيان. صبح ٿيڻ سان مخدوم معظم جو پوٽو ابومحمد سجاده نشين اتي اچي پهتو ته ان جي چوڻ کان اول ئي پنهنجي اڳيان سڏي ذڪر جي تلقين ڪيائون. مون شڪرانا بجا آندا. هن ٻڌايو ته جيڪو به دل ۾ هيو زبان سان ظاهر ڪرڻ کان سواءِ حاصل ٿي ويو.

**نقل** آهي ته مخدوم معظم فرمايو ته جڏهن مؤمن وضو ڪري مسجد ۾ اچي ٿو ته ستر هزار فرشتا ان جي پهري جي لاءِ مقرر ٿين ٿا، جيڪي اڳيان ۽ پويان کان ايندڙ شيطانن کي



تڙيندا آهن ايستائين جو گهر ۾ موٽي اچي. هن کي کپي ته جلدي گهر موٽي اچي ته جيئن اهي ملائڪ فارغ ٿين.

**نقل** آهي ته حضرت مخدوم معظم فرمايو ته هڪڙو واپاري سندن خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين، چاهيان ٿو ته پنهنجو مال ۽ سامان اوهان جي خدمت ۾ امانت طور رکان ۽ پاڻ واپار خاطر مسافري تي وڃان. فرمايائون ته جڏهن آءُ پنهنجي دل کي وسوسن ۽ ساهه کي سنڀالي نٿو سگهان ته دنيوي سامان جي حفاظت مون لاءِ محال آهي. توکي گهرجي ته اهڙي شخص کي پنهنجي امانت حوالي ڪرين جيڪو چاليهه ڏينهن مسلسل ٻين کان اڳ جماعت جي لاءِ مسجد ۾ حاضر ٿئي. آخر هڪڙي چور کي انهيءَ حقيقت جي خبر پئجي وئي ته هن جماعت ۾ پهچڻ لاءِ ٻين کان اڳ ۾ اچڻ واسطي پنهنجي پوري تياري ڪيائين ته جيئن انجو مال هٿ ڪري. اهو واپاري منتظر هيو ته آخر اهو ان چور کان سواءِ ڪهڙو شخص هوندو سو ٻيو ڪو ان جي نظر ۾ نه آيو. جڏهن چاليهه ڏينهن پورا ٿيا ته چيائين ته پنهنجي سامان کي امانت طور ان جي حوالي ڪيان ۽ پاڻ واپار

خاطر ٻي ملڪ ۾ وڃان. هاڻي ان چور قبول نہ ڪيو ڇو تہ سندس اها خراب عادت سٺي عادت ۾ تبديل ٿي چڪي هئي. بهرحال سنت جماعت جي برڪت سان توڙي جو برائي جي نيت سان ئي هن اها نيڪي اختيار ڪئي. پر نيڪيءَ جو بدلو نيڪي آهي، ان ڪري چون ٿا: **الريا قنطرة الحقيقة** يعني ريا حقيقت جي پُل آهي. [60]

**نقل** آهي تہ هڪ ڏينهن مخدوم صاحب جي خدمت ۾ تڪبير اوليٰ جي ثواب جو ذڪر نڪتو. پاڻ فرمايائون تڪبير اوليٰ وقت جيڪو امام جي ويجهو هجي اهو تڪبير چوي يا امام جي پويان يا پهرئين رڪعت ۾ بلڪ امام جي سلام ورائڻ تائين جنهن بہ جاءِ تي پهچي تڪبير اوليٰ آهي. جيئن ڪنهن ماڻهوءَ جي دستار پاڻيءَ ۾ ڪِري پوي تہ ترندي رهندي جيڪڏهن دستار جي پلئہ مان هڪ يا بہ ڏاڳا ان جي هٿ ۾ اچي ويا تہ سمجهبو تہ دستار هٿ ۾ اچي وئي ائين جيڪڏهن امام سان گڏ نماز جي آخر مان ڪا شيءِ ان کي ملي وڃي تہ ڄڻ سڄي نماز ان کي هٿ اچي وئي. ’ترغيب الصلوٰة‘ ۾ آهي تہ



**”من ادرک آخر الشيء فقد ادرکها“** يعني جنهن ڪا شيءِ ان جي آخر مان حاصل ڪئي پوءِ بيشڪ ان پوري نماز کي حاصل ڪيو.

**نقل** آهي تہ ڪنهن ماڻهوءَ مخدوم معظم جي خدمت ۾ دل جي وهمن ۽ وسوسن جي باري ۾ جيڪي نمازيءَ جي دل ۾ پيدا ٿيندا آهن. پڇيائين تہ پوءِ هن جي اهڙي نماز جو ڇا حال آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ تڪبير اوليٰ اونداهي گهر ۾ ڏيئي وانگر آهي ان ڪري گهر ۾ جيڪي ڪجهہ هوندو آهي ان ڏيئي جي روشنيءَ ڪري ظاهر ٿي پوندو آهي.

**نقل** آهي تہ ڪامل وصفن واري مخدوم زاده موسيٰ پنهنجي والد کان ٻڌو تہ مخدوم معظم چيو تہ جيڪو بہ فرض نماز مان فارغ ٿيڻ بعد ٻئي هٿ سجدي واري جاءِ تان کڻي پنهنجي مُنهن تي گُهمائي ۽ ٽي ڀيرا **الله** تعاليٰ جو اسم چوي يا ”**لااله الاالله** محمد رسول **الله**“ چوي تہ ان جي نماز ان تي وري موٽائي نہ هٽندا ۽ قبول ڪري ڇڏيندا توڙي جو قبوليت جي قابل نہ هجي!

ڪتاب ’حصن الحصين‘ ۾ آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جنھن وقت نماز پڙهي فارغ ٿيندا هئا تہ پنھنجو ساڄو هٿ مبارڪ پنھنجيءَ پيشانيءَ تي ڦيرائي عرض ڪندا هئا ان **الله** جي ذات جي نالي سان شروع جنھن کان سواءِ ڪو معبود ناهي مگر رحمٰن رحيم اي **الله**! مون کان غم ۽ ڏک دُور فرماءِ ڳالھہ تا ڪن تہ هڪ دفعي مخدوم جعفر بوبڪائي پنھنجن شاگردن سان گڏ مخدوم معظم جي خدمت ۾ انھيءَ خيال سان پھتو جو هن کي ٻڌڻ ۾ آيو هو تہ پاڻ **الله** تعاليٰ جي ڪلام جون هڪ کان گھڻيون معنائون ڪيترن نمونن ۾ ادا ڪن ٿا باوجود انھيءَ جي جو ظاهري علم جو اڪتساب نہ ٿا ڪن. دل ۾ خيال ڪيائون تہ.

**قُلِ اللّٰهُمَّ مَالِكَ الْمُلْكِ** (آل عمران: 26)

[تون چئو، اي منهنجا **الله**! بادشاهن جا بادشاهہ]

واري آيت ڪريم جو تفسير مخدوم معظم جي موتي بيان ڪندڙ زبان مان ٻڌون. اهڙي جلوه افروز مجلس ۾ ويھڻ



سان ئي فياضِ مانوس (فيض ڏيندڙ سان اُنس ڪندڙ) مخدوم معظم آيت ڪريم جو بيان ٻارهن نمونن سان بيان فرمايو. وڏيڪ چيائون تہ جيڪڏهن هفتي تائين اهو بيان جاري رکجي تہ جيڪر پورو بہ ختم نہ ٿئي. پر وڏيڪ ڊگهو بيان ٻڌڻ لاءِ سُستي ۽ ٿڪاوٽ جو سبب ٿئي ٿو. وري دل ۾ سوچيائين تہ جيڪر اڻ لپ نڪتو مخدوم صاحب جي زبان مان هن آيت بابت ٻڌجي ها. فرمايائون تہ ”**وتعز من تشآء بمحبة الفقراءِ وتذل من تشآء ببغض الفقراء**“ يعني جنھن کي هو دوست ۽ عزت وارو رکڻ چاهيندو آهي تہ ان جي دل ۾ فقراء جي محبت وجھندو آهي پر جنھن کي ذليل ۽ خوار ڪرڻ چاهيندو آهي تہ ان جي دل ۾ اولياء **الله** جي عداوت ۽ بغض وجھي ڇڏيندو آهي.

هن جي اجازت وٺڻ بعد مخدوم صاحب جي خدمت ۾ يوسف نالي خدمتگار فقير عثمان عصار جي واسطي سان عرض ڪيو تہ مون کي **الله** تعاليٰ علم نصيب ڪري. تڏهن ڪيس فرمايائون تہ اي يوسف علي! تو کي بہ علم ۽ عليم جي معرفت حاصل ٿيندي. هاڻي وڃ جو تنهنجا دوست تنهنجي اچڻ جي

انتظار ۾ آهن. جڏهن مخدوم جعفر جي خدمت ۾ پهتو تہ چيائين يوسف علي! توهان جي اچڻ جو انتظار هيو. اصل ۾ ان جو نالو فقط يوسف هو. هي نقل تقويٰ واري مُلا ٻُڍي جي زبانيءَ مليو جيڪو ان جي شاگردن مان هو.

**نقل** آهي تہ مخدوم معظم جي مجلس ۾ ذڪر نڪتو تہ هن حديث نبوي تي عمل محال آهي ڇو تہ ڪو بہ هِن ذميواريءَ تي پورو نہ اچي سگهندو. اُها حديث هي آهي: "**لايومن احدكم حتيٰ يحب لاخيه المسلم ما يحب لنفسه**" يعني توهان مان ڪو بہ مڪمل ايمان وارو نٿو ٿي سگهي جيستائين پنهنجي مسلمان ڀاءُ لاءِ اُها شيءِ پسند ڪري جيڪا پنهنجي لاءِ پسند ٿو ڪري. پاڻ فرمايائون تہ هن حديث پاڪ تي عمل هر ان شخص جي لاءِ ممڪن آهي جيڪو مهمان جي عزت ۽ اڪرام خاطر ان طرح ايثار ڪري جو طعام ۽ ٻين شين وغيره ۾ پنهنجي حال مطابق اضافو ڪري بلڪ پنهنجي لاءِ ضروت ڪان ڪجھ وڌيڪ نہ رکي باقي مهمان جي حق ۾ اسراف ڪري ۽



ائين ڪرڻ جائز آهي. انهيءَ طريقي سان مومن مسلمان ڪي پاڻ ڪان وڌيڪ پيارو رکي سگهندو آهي.

**نقل** آهي تہ حضرت هاشم واصلن جي اڳواڻ حضرت سيد عبدالوهاب ڪان ٻڌو جيڪو ان جي ڳوٺ جو هو چيائين تہ منهنجو والد قرآن مجيد جو حافظ هو ۽ مخدوم معظم جي فيض بخش خدمت مان ذڪر جي تلقين ورتي هئائين. دل ۾ خيال ڪيائين تہ ذڪر جي ڪري قرآن شريف وسري ويندو. اُن مهل ڪيس فرمايائون تہ اي سيد سڳورا! دلجاءِ رک تو ڪي ذڪر سان گڏ قرآن شريف پڻ ياد رهندو.

**نقل** آهي تہ ٻہ نيڪ طبيعت شخص هڪڙو شيخ المشائخ ديوانہ قريشي جي اولاد مان هو. جنهن ڪي هر وقت اهو فڪر رهندو هو تہ حياتيءَ ۾ هر وقت الله تعاليٰ جي ذاڪرن مان هجان [61] يعني جيئري توڙي مرڻ وقت ۽ قيامت ۾ وري اُٿڻ وقت انهيءَ درجي تي واصل ٿيان ۽ ذاڪرن جي ٽولي سان گڏ جنت الماويٰ ۾ داخل ٿيندڙن مان هجان. ٻيو مُلا سليمان سميجو جي مائٽن مان هو جيڪو ڪرامتن ڏيکارڻ سبب جهان ۾

مشهور هو. قرآن مجيد جي حفظ جي نيت سان مخدوم معظم جي خدمت ۾ پهتو زيارت سان ئي ڪيس سلطاني ذڪر جي طالب جي حيثيت ۾ دلي فروغ نصيب ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح مٿس غلبو ٿيو جو پورو ڏينهن رات سجاڳي توڙي ننڊ ۾ لاالٰہ **الاالله** جو ذڪر پيو ڪندو هو. هن جو آواز پري تائين ٻڌبو هو. ايتريقدر جو آخري عمر ۾ ٻوڙو ۽ گونگو ٿي ويو. هوش وڃائي ويٺو بلڪ ڏينهن رات جي ڪا به خبر نه رکندو هو پر اُن حال ۾ به لاالٰہ **الاالله** جي ڪلمي جو آواز ڪانئس پري تائين ٻُڌبو هو. ٻيو وري فقط مخدوم معظم جي ڏسڻ سان حافظ قرآن ٿي ويو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته ڪجهه آيتن جو تفسير پڻ ڪندو هو چو ته فيض واري صحبت جي برڪت جو اثر ٿي ويو هوس. هن رسالي جي لکندڙ فقير پڻ ٻنهي کي ڏٺو هو.

**نقل** آهي ته وقت جو ڪامل ولي شيخ علي نالي شيخ بهاءالدين زڪريا جي اولاد مان ٺٽي شهر ۾ رهيل هو، جنهن جي مزار به مڪليءَ جي قبرستان ۾ آهي. ڦوهه جواني ۾ ڪجهه وقت حضرت رسالتمآب ﷺ جو چؤڪٽ جو مجاور هو ۽



انهيءَ ئي جاءِ تي (**زاد هما الله شرفاً و تعظيما**) واصل بالله ٿيو ۽ رسالت مآب ﷺ دربار مان وطن ڏانهن موٽڻ جو اذن مليس. تڏهن روضي پاڪ جي مجاورن جي اڳواڻ هڪڙي چادر سندس حوالي ڪئي ۽ چيائونس ته هيءَ چادر حضرت خير البشر شفيع يوم المحشر مخدوم معظم جي لاءِ ڏني آهي، جيڪا امانت جي طور تي اوهان جي حوالي ڪجي ٿي. چنانچه فوراً بنا ڪنهن دير جي هڪ لحظي ڪان به گهٽ وقت اندر ڪرامت واري قدم سان فاصلو طئي ڪري اُها امانت ديانت سان اچي پهچايائين. پاڻ نهايت ئي ادب احترام سان اُها فيض ۽ برڪت جو اثر رکندڙ چادر مٿي تي رکيائون ۽ **الله** تعاليٰ جا شُڪرانا بجا آندائون ته الحمد لله! حضرت اويس وانگر شرف حاصل ڪيوسون.

**نقل** آهي ته مخدوم معظم مجلس جي حاضرين ڪان پڇيو ته هتي ڪنهن زماني ۾ خراسان ولايت جو هڪ درويش ايندو هو. عرض ڪيائون ته هائو. ايندو هو. انهيءَ ڳالهه ۾ ئي هئا ته اهو درويش مسجد جي دروازي مان داخل ٿيو ۽ دست بوسيءَ جي شرف حاصل ڪري ويهي رهيو. ٿوري دير ويهڻ ڪان

بعد اٿيو ۽ هٿ ٻڌي هي شعر چيائين ۽ پنهنجي پياري وطن ڏانهن واپس ٿيو.

ابيات

حضرت مخدوم نوح عارفِ کون ومکان
آنکہ دمد چون مسيح در بدن مرده جان

[حضرت نوح کون ومکان جو عارف آهي، هو مئل دلين کي حضرت عيسيٰ وانگر جياري ٿو.]

صادق اهل يقين سالک روئي زمين
آنکہ در اطوار دين آمد عالي مکان



[يقين وارو صادق ۽ روءِ زمين جو سالک آهي، هو دين ۾ عالي مقام طريقي سان آيو.]

سر خفي و جلي هردم زو سر زند
آنچہ تصور کند پيش وي آمد عيان

[هن جي خفي ۽ جلي ذڪر سان سِر ڦرن ٿا. هو جيڪو تصور ڪري ٿو اها شيءِ ان جي اڳيان ظاهر ٿئي ٿي.]

بنده چہ گويد فقير در صفت اي کبير
از کرمت دستگير تا بکنم فکر آن

[هي فقير ٻانهو هن جي تعريف ۾ ڇا چوي اي سردار! پنهنجي ٻاجهائي سان دستگيري فرماءِ، تان جو ان جو فڪر ڪيان.]

تڏهن پاڻ فرمايائون تہ هي درويش وقت جي اوتادن مان آهي. جيتوڻيڪ فقير جي يارن ۽ ارادتمندن مان آهي.

**نقل** آهي تہ هڪڙو بزرگ خلاف معمول ڳالهين جي ڪري زماني ۾ گهڻو مشهور هو. ليڪن پنهنجي مريدن کي پهريائين رياضتن ۽ مجاهدن جو حڪم ڪندو هو ۽ تنهن کان بعد ارشاد ڪندو هو. هن کي ٻڌڻ ۾ آيو تہ مخدوم معظم جي خدمت ۾ حق جا طالب فقط ديدار فرحت آثار سان فيضياب ۽ واصل **بالله** ٿي وڃن ٿا. آخر پنهنجي مريدن مان هڪڙي کي سندن پاڳ پري خدمت ۾ نياپو ڏئي موڪليائين تہ جيڪو شخص رياضت اختيار نہ ڪري ۽ غيرن سان اڪيلائي ۽ نويڪلائي اختيار ڪري، هن کي محبوب حقيقي سان وصال ميسر نٿو ٿئي. پيغام پهچائيندڙ جڏهن ان مجلس سڳوريءَ ۾ پهتو تہ فرمايائون تہ جهڙي طرح زماني جي بادشاهن جو طالب اٽڪلن ۽ حيلن ۽ آهستي وارن طريقن سان پهريائين ملازمن ۽ دربانن کان آشنا ٿيندو آهي تنهن کان بعد وڏي ڪوشش سان وڃي بادشاهه جي خدمت جي شرف سان مشرف ٿيندو آهي. پر پوءِ بہ ضروري ناهي تہ بادشاهه وٽ هن جي ڳالهه مڃي وڃي الائجي نہ! پر هڪ ٻئي شخص کي جيڪڏهن بادشاهه پاڻ



ڪنهن وسيلي کان سواءِ گُهرائي ۽ بي انتها مهربانين ۽ نوازشن سان نوازي ۽ پنهنجي حڪومت ان جي حوالي ڪري بقول "ڪيف يشاء" يعني جيئن هو گهري. مطلب بادشاهيءَ ۾ تصرف ان جي حوالي ڪري جيتوڻيڪ اهو ماڻهو جهنگلي ڏنار هجي تہ اُهو هن اڳلي ماڻهوءَ سان ڪيئن برابر ٿي سگهندو. جيئن آيت ڪريمہ مان ظاهر ٿئي ٿو:

**يفعل الله مايشاءُ ويحكم مايريد**

[**الله** تعاليٰ ڪري ٿو جيڪو چاهي ٿو ۽ فيصلو ڪري ٿو جيڪو ارادو ڪري ٿو.]

جڏهن اُن مريد مخدوم معظم جي اها تمثيل پنهنجي مرشد کي وڃي گوش گذار ڪئي تہ هو پاڻ ارادت جو ڪَڙو پنهنجي ڪنڌ ۾ وجهي حاضر ٿيو، معتقد ۽ مخلص بنجي ويو ۽ اضافي مرتبا ماڻيائين.

شمس الاولياء مخدوم معظم جا اهي نالا جيڪي بهاءالدين دلق پوش ۽ 'رسالہ فتحي' ۾ آيل آهن: ولي، وحي،

غوث، قطب، مرشد، عارف، عاشق، ذاکر، عابد، زاهد، مذکر، حامد، فاتح، عالم، عامل، کاملا، فاضلا، عاقلا، صادقا، سالما، قاسما، ثابتا، قائما، ناصحا، ناطقا، واعظا، نافعا، ناصرا، مرادا، شاهدا، خواصا، باب، وجه، برهان، حجة، دليلا، داعيا، جامعا، واصلا، ناظرا، حاضرا، حافظا، سراجا، شمسا، قمرا، ظاهرا، مطهرا، قانعا، راضيا، شفيعا، شافعا، معينا، موحدا، امينا، موقنا،

صدرا، عادلا، متوسطا، نصيرا، ناصرا،[62] فقيرا، غنيا، فيضا، فياضا، جمالا، کمالا، جلالا، خليلا، جميلا، مليحا، خطيبا، نجيبا، شريفا، عزيزا، بديعا، لطيفا، بشيرا، اشيرا، منيرا، منورا، نورا، محبوبا، معشوقا، مطلعا، مخصوصا، محظوظا، محفوظا، مسعودا، معصوما، منظورا، مذکورا، مقبولا، هاديا، مهديا، فخريا، قريشيا، صديقيا، مرشدالمريدين، هادي المضلين، ارشادالطالبين، بدرقه السالکين، دليل المتحيرين، غياث المستغيثين، سلطان العارفين، شمس الواصلين، بدرالموحدين، صدرالدنيا والدين، ضياءالعارفين و العالمين، اخص الخواصين، مقبول رب العالمين، محبوب سيدالمرسلين، مخدوم نوح ولي الله، مخدوم نوح حبيب الله،



مخدوم نوح باب الله، مخدوم نوح لطف الله، مخدوم نوح نعمت الله، مخدوم نوح فتح الله، مخدوم نوح فيض الله، مخدوم نوح حجة الله، مخدوم نوح عطاء الله، مخدوم نوح ظل الله، مخدوم نوح هادي الي الله، مخدوم نوح محو في رضا الله، مخدوم نوح فاني في الله، مخدوم نوح اهل الله، مخدوم نوح عبد الله، مخدوم نوح لسان رسول اللهﷺ، مخدوم نوح نور الله.

غزل

وصف فرزندان که اخيارِ تمامي عالمند
من چه باشم که گويم عقل کل حيران دران
شرع را نوعي شعار خويش کردند آن فريق
کز سرِ بدعت نه بيني هرگز اندر شان نشان
بر سرِ راه طريقت بس که روز وشب روند
آگه اندر رحل وموسوم آن ره بيگمان
طالبان او که از احصاء حصر آمد فزون
چون ستاره هر يکي ز ايشان قلاوه در جهان

جوق و جوق طالب او چون ملک در هفت چرخ
صف صف اندر صبح وشام از جان و دل الله خوان

در لباس فقر وفاقه بس که خرم خاطر اند
در نظر شان در نیاید اطلس و خارائي خان

شانہ ومسواک و کوزه صوم و صلواة وصلوٰة
رخت اسباب جهان شان شغل این وکار آن

ساکنان هشت خلد از شوق و شوق تمام
بر در حق دائما بودند مُستدعي بہ جان

کہ اي الٰهي صحبت پر فیض آن مخدوم ملک
درمیانِ جنت از لطف و کرم بنما عیان

حق تعالیٰ زان نداي ارجعي در داد وخواند
سوئي جنت در جوار مصطفیٰ دادش مکان



1. سندس فرزندن جي وصف جيڪي پوري جهان ۾ پلا آهن، مان ڪير ٿيندو آهيان جو ٻڌايان سمورو عقل ان ۾ حيران آهي.
2. انهن شريعت کي پنهنجو شعار بڻايو هو، انهن ۾ ڪو بہ بدعت جو ذرڙو بہ نہ ڏسندين.
3. بس طريقت جي راهہ تي ڏينهن رات هلندڙ آهن ۽ ان جي مرحلن کان آگاهہ ۽ ڪنهن شڪ کان سواءِ اُن راهہ سان سڏجندڙ آهن.
4. ان جا طالب ڳڻڻ کان بہ مٿي آهن ستارن وانگر جهان ۾ اهي عزت جي هار وانگر آهن.
5. ان جا طالب ٽولن مٿان ٽولا جيئن ستن آسمانن جا ملائڪ صبح شام صفون ٻڌي دل و جان سان الله تعاليٰ جو نالو وٺندڙ آهن.
6. بس فقر ۽ فاقي جي لباس ۾ خوش و خرم آهن، هنن کي سردارن جا ريشمي ۽ اطلس جا لباس متاثر نہ ٿا ڪن.
7. ڦڻي ۽ ڏندڻ، ڪوئيرو، روزو، درود ۽ نماز اهي سندن هن جهان جي اسباب جو سامان ۽ شغل آهي.
8. ستن جنتن جا رهاڪو بہ وڏي شوق مان دل و جان سان الله تعاليٰ جي دربار ۾ هميشہ دعا جا طالبگار هئا.

9. اي پروردگار! ان فيض واري ملائڪن جي مخدوم جي صحبت جنت ۾ بہ مهرباني فرمائي نصيب ڪر.
10. الله تعاليٰ هن ڪي ارجعي (موٽي مون ڏانهن اچ) واري ندا ڏني ۽ مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي پاڙي ۾ ان ڪي جاءِ ڏئي ڇڏيائين.

نظم

مطلع انوار عرفان و صفا
مخزن اسرار و الطاف وعطا
مظهر لطف و ڪرم فضل اِلٰه
منبع فيض و عنايات خدا
اختر برج فيوض سرمدي
معدن اذڪار و ارشاد هديٰ
آمده از لطف رب العالمين
هادي و مرشد دليل و رهنما



مرشد بہ ارث استحقاق او ست
قدوهٔ مردان زبدهٔ اتقيا
سرورِ اقطاب قطب ملڪ حق
غوث جن وانس ختم اوليا
قبله ڪار آگهان و مقبلان
پيشوا او اصفيا او اتقيا
چون نبوت ختم شد بر پيغمبر ست
آنکه ختم اوليا شد شيخنا
محو ذاتِ مطلق خلّاق خلق
در ضمير او نيايد ما سوا
قلزم وحدت محيط معرفت
لجئه توحيد عرفان و ولا
آنڪہ پيشش هر همہ يڪسان نور
چه وجود نيست چه فقر و غنا
شيخ عالمگير چون عرش عظيم

شد محیط عالم ارض و سما
مهر اوج شیخي آمد در جهان
هم سپهر مهر ملت پر ضیا
سایۀ لطف و عنایت یک سره
آمده بر فرق عالم گوئیا
سایۀ مهرش جهان را تازه کرد
چون چمن پر فیض از لطف هوا
مر خلایق را و جودش درد و کون
رحمت و لطف وکرم فضل خدا
بر گداگر افگند سلطان کند
سایه جود وعنایت چون هما
شهسوار مرکب میدان دین
راسخ آمد بر سرِ شرع و هدیٰ
یک قدم نگذاشت از شرع متین
وارثِ دینِ محمد مصطفیٰ



اصدق اندر آل صدیق اکبر ست
فضل واکمل ز خیلي اولیا
فخر فخرالدین محمد سروري
داعي خلق آمده چون انبیا
شیخ عالي قدر ما مخدوم نوح
غوث حق شیخ المشائخ شیخنا
چون سفینۀ نوح ما من درگهش
گشت عالم را ز طوفان بلا
ما مرید و مخلصیم و معتقد[63]
پیر مرشد مهربان مخدوم ما
اي اثیرالدین خدا را همتي
بر من مسکین و بیدل بي نوا
از دل و جان من مرید و بنده ام
شیخ صاحب دستگیر ما شما
من ز گمراهي بسي حیران شدم

دستگيري کن خدا را مرشدا

بر ندارم از درت سر را که او

سجده گاهي قبلہ ملجاء ما

اي محمد خلق وي عيسيٰ دمي

وي کليم آسا کلامت باخدا

يک نظر عالي و اقدس مهر تو

بهر من کافي ست هر دوسرا

1. عرفان ۽ صفا جي انوار جي اپرڻ جي جاءِ ۽ اسرارن جو خزانو ۽ لطف وڪرم جو مظهر ۽ الله تعاليٰ جو فضل ۽ خدا جي عنايتن ۽ فيض جو سرچشمو آهي.
2. سرمدي فيوض جي برج جو تارو، ذڪرن جي کاڻ، هدايت وارشاد جي کاڻ، جيڪو رب العالمين جي لطف سان هادي ۽ مرشد دليل ۽ رهنما بڻجي آيو.
3. مُرشد ٿيڻ جو هو حقدار آهي مردن جو سالار ۽ متقين جو اڳواڻ آهي.



4. الله تعاليٰ جي بادشاهي جي قطبن جو اڳواڻ انسانن ۽ جنن جو غوث ۽ ختم الاولياءِ.
5. مقبولن ۽ باخبر انسان جو قبلو، اصفيا ۽ اتقيا جو اڳواڻ.
6. جيئن نبوت پيغمبر تي ختم آهي ائين اسان جو شيخ ختم الاولياء آهي.
7. هو خلق پيدا ڪندڙ جي مطلق ذات ۾ محو هو، هن جي دل ۾ الله تعاليٰ کان سواءِ ڪا شيءِ نہ هئي.
8. وحدت جو سمنڊ ۽ معرفت جو پارکو هو، عرفان ۽ بادشاهي جي توحيد جو ڪُن هو.
9. هن جي سامهون هر شيءِ نور برابر آهي فقر ۽ غِنا جو ان وٽ ڪو بہ وجود ناهي.
10. هو عرش عظيم وانگر عالمگير شيخ آهي، پوري جهان يعني آسمان ۽ زمين کي سمائيندڙ آهي.
11. جهان ۾ اسان جو شيخ وڏو چنڊ بڻجي آيو، مِلت جي چنڊ جي روشني لاءِ سج آهي.
12. هو خدا جي عنايت ۽ لطف جو پاڇو آهي جيڪو جهان ۾ جڻ تہ ڇت آهي.
13. هن جي مهربانيءَ جي پاڇي جهان کي تازو ڪري ڇڏيو جهڙيءَ طرح باغ ۾ پر لطف هوا لڳندي هجي.

14. هن جو وجود ماڻهن لاءِ خدا جي فضل ۽ مهرباني، لطف ۽ رحمت وارو هو.
15. هُو هُما پکيءَ وانگر جيڪڏهن عنايت ۽ سخاوت جو سايو ڪري ته فقير کي سلطان بڻائي ڇڏي.
16. هو دين جي ميدان جو ماهر سوار، شريعت ۽ هدايت جي رستي ۾ مضبوط هو.
17. هڪڙو قدم به شريعت کان پوئتي نه رکيائين، محمد مصطفيٰ ﷺ جي دين جو وارث هو.
18. صديق اڪبرؓ جي آل ۾ وڏو سچار هو ۽ اوليائن جي ٽولي ۾ افضل ۽ اڪمل هو.
19. هو سهڻي سردار محمد ﷺ جي دين جو فخر هو، انبيائن وانگر خلق کي سڏيندڙ بڻجي آيو.
20. اسان جو عالي قدر شيخ مخدوم نوح اسان جو شيخ شيخ المشائخ غوث الحق آهي.
21. نوح عليه السّلام جي ٻيڙي وانگر طوفان جي مصيبت کان جهان کي امن ۾ رکندڙ ۽ بچائيندڙ ٿيو.[63]
22. اسان هن جا مخلص مريد ۽ معتقد آهيون ۽ اسان جو مخدوم مهربان پير ومرشد آهي.



23. اي اثير الدين! خدا جي واسطي مون مسڪين، بيدل، بي نوا تي رحمت فرماءِ.
24. مان دل ۽ جان سان مريد ۽ خادم آهيان، اسان جو شيخ اسان ۽ توهان جي مدد ڪندڙ آهي.
25. مان گمراهي ۾ پريشان آهيان، خدارا! اي مرشد ڪريم! مدد فرمايو.
26. آءٌ هن جي در تان متو متي نه ڪٽندس ڇو ته هو اسان جي پناه ۽ قبلو ۽ نوڙت واري جاءِ آهي.
27. اي محمدي خلق وارا! عيسيٰ نبي جي ڦوڪ وارا! طور پهاڙ تي جهڙوڪ خدا سان ڪلام ڪرڻ وارا!.
28. تنهنجي هڪڙي عالي نظر ۽ مقدس مِهر مون لاءِ ٻنهي جهانن ۾ ڪافي آهي.

از مُلا قاسم

غرق دريائي شهادت محو مطلق ويس سان
پاک ز آلائي و قساوت نوح مخدوم انس وجان
قرب و قربت در حضور حق که آن مخدوم

داشت

کس نديده در جهان لوح و قلم شايد بر آن

بويزيد و بوسعيد و بشر حافي و جنيد

در مراتب در مناقب کم ز پور خسروان

هان ولايت ختم بر افتخار اهل فخر

چون نبوت ختم شد بر مفخر آخر زمان

آمدي گر بر در او مرده جاني غافل

ذاکري وزنده دل گشتي ز فيضش در زمان

بود آنگه نهصد وهم يازده بوده فزون

سال تاريخ ولادت آن ولايت کيش دان

مدتي عمر گرامي آن گرامي مايه را

جمله هشتاد و هفت سال بوداند در جهان

سال فوتِ آن غوث الحق پرسيده شد چو از

خرد

از سر حسرت فغان برداشت آنگہ گفت آن

آن سن نهصد و هشتاد و هزده وقت صبح



بيست و هفتم در شب پنجشنبہ ذي قعد دان

1. شهادت جي دريا ۾ غرق ۽ بس هر وقت ان ۾ محو، انس و جن جو مخدوم نوح دنيا ۽ سخت دلي کان پاڪ.
2. بارگاهِ الاهي ۾ مخدوم جو اهڙو تہ قرب ۽ قربت وارو درجو هو، جو جهان ۾ اهڙو ڪنهن نہ ڏٺو اِن تي لوح و قلم شاهد آهن.
3. بايزيد، ابوسعيد، بشر حافي ۽ جنيد جهڙا بہ مرتبن ۽ مناقبت ۾ گهٽ ۽ پوئتي سمجهہ.
4. ان فخر واري جي فخر تي ولايت ختم آهي، جيئن آخر زمان فخر واري نبي سائين تي نبوت ختم ٿي.
5. ان جي در تي جيڪڏهن مُرده دل يا غافل قلب ايندو هو تہ ان وقت هن جي فيض سان زنده دل ۽ ذاڪر بڻجي ويندو هو.
6. ان صاحب ولايت جي ولادت جو سال نو سو يارهن هجري آهي.
7. ان لائق عزت جي عمر هن جهان ۾ ستاسي سال هئي.

8. عقل کان جڏهن ان غوث الحق جي وفات جو سال پڇيو ويو ته حسرت مان ٽڏو ساهہ پريندي ان وقت هيئن چيائين.

9. اهو سال نو سو اٺانوي هجري هو ۽ صبح جو وقت هو ۽ ذوالقعد مهيني جي ستاويهين تاريخ هئي ۽ خميس جو ڏينهن هو.

چون ٿا ته ظاهري طور سندن جسم مبارڪ تي ڪنهن بيماريءَ جا آثار ڪونه هئا. البت هڪ ڏهاڙي سومهڻيءَ جي نماز کان پوءِ مسجد جي دروازي جي ٻانهين کي پڪڙي بيٺا هئا ۽ هي بيت ٿي پڙهيائون:

نه سي جوڳي جوءِ ۾، نه سا سِڪِي
چاٽ،
ڪاپڙين ڪنوات، وڃي ويل آٽيا.

صبح صادق ٿيڻ کان پوءِ خبر پئي ته پاڻ هن فاني جهان مان رحلت ڪئي آهي.

اهو پڻ چون ٿا ته پنهنجي گهر جي دروازي تي پهچڻ وقت هڪ ٻيو بيت به پڙهيائون، جنهن لاءِ سندن ويجهن ماڻهن جو خيال آهي ته ان جو اشارو سيد ابابڪر ڏانهن هو جيڪو ان وقت حاضر نه هئو ۽ خبر نه هئي ته ڪيڏانهن ويل آهي. تاهم



اهو رات وچ ۾ دريا جي پيٽ ۾ ترندو نماز جنازه تي اچي حاضر ٿيو. اهو بيت هي آهي.[140]

جان اچين تان آءُ، سِڪيءَ جو سڏ تان
ورين،
متان تي پُٺان، مسڪين سنياسين
ڪي.

## باب ٽيون

### حسب نسب، هالن ۾ آمد ۽ سندن اولاد امجاد

جيئن آسمان جي چنڊ کي هالو يعني سندس چوڌاري روشن حلقو لڳندو آهي ائين سندن هالا ۾ اچڻ ٿيو. چون ٿا ته هڪڙو شخص چتين لڳل لباس ۾ پاڙي جي مسجد جي در اڳيان گذر ڪندو هو پر جنهن مهل غوث الحق والدين، اسلام ۽ مسلمانن جو فرياد رس، حاجتن ۽ مطلبن جو ڪوليندڙ، حقيقتن جو واقف مخدوم نوح جو والد سڳورو پنج وقت نماز ادا ڪرڻ لاءِ تشريف فرمائيندو هو ته اُهو درويش اڳي کان وڌيڪ جوش ۽ جذبي جي حالت ۾ اُتي بيهندو هو. هڪ ڏينهن اُن درويش ساڳي روش ۾ ڪوتاهي ڪئي. ڪانئس پڇيو ويو ته چيائين



تعظيم خاص عزت واري لاءِ هوندي آهي ۽ اج اها شيءِ سندن پُٽيءَ مان ماءُ جي پيٽ ۾ هلي وئي آهي. آخر ولادت باسعادت بعد پنهنجي پِرون جو هار يعني ان ڇهري ڏسڻ سان منور ڪري سفر جو رستو ورتائين ۽ ظاهر ڪيائين ته اسان جو هت ويهڻ انهيءَ بافيض وجود جي ڪري هو ۽ اهو مخدوم نوح بن نعمت الله بن مخدوم اسحاق بن مخدوم شهاب الدين بن مخدوم سرور بن مخدوم فخرالدين صغير عليهم الرحمة هو. اهو مخدوم فخرالدين جيڪو ڪرامتن جو سج هدايت جي آسمان جو چنڊ هو، جيڪو معمول خلاف ڳالهين ۽ حالات سان راضي ۽ ننڍن وڏن جو پيار هو ۽ پنهنجي وقت ۾ ملڪان ملڪ مشهور هو.

ڳالهه ٿا ڪن ته لاڪا ۽ هالا قبيلن جا ماڻهو پراڻي وقت کان وٺي هڪ ٻئي ۾ اِيڪي ۽ يڪجهتيءَ خاطر مِٽي مائٽي ڪندا ٿي آيا يعني پنهنجن ڌيئرن جي سڱاوتي ڪري هڪ ٻئي سان ڏي وٺ ڪندا هئا. انهن جي وچ ۾ اهو پراڻو چڱو رواج هلندڙ هو، پر هڪ دفعي جڏهن هالا وارا لاکن جي ڳوٺ ۾ ويا ۽ انهن جي ڇوڪرين سان نڪاح ڪري واپس آيا ته ان ڪانپوءِ

كنهن غلط فهميءَ سبب ٻنهي جي وچ ۾ دشمني ظاهر ٿي پئي جنهن ڪري هالا وارن قسم کاڌو ته اڄ کان بعد لاکا قوم سان سڱابندي نه ڪندا. آخرڪار لاکا قوم اهڙي ضرورت خاطر هالا قوم جي رهاڪن وٽ سندن گهر ۾ تنازعي جي حل واسطي ”ريل“ جي سرزمين جي هڪ درويش کي منٿ ميڙ خاطر وٺي ويا ته جيئن گذريل اڻبڻت کي محبت ۾ تبديل ڪيو وڃي ۽ پراڻين غلط فهمين کي قرابت جي رشتي سان قائم ڪيو وڃي، ليڪن هالا وارن ڪا به نسبت نه پئي رکڻ چاهي. اُن نفرت ۽ اُوپرائپ جي هميشه لاءِ خاتمي خاطر ۽ جيئن ان صاحب معرفت جي ڪئي ڪمائي مٿان ڪا ملامت نه اچي، مخدوم صاحب جي خدمت ۾ گڏجي التجا ڪيائون ته خير جو ڪم صورت پذير نه ٿو ٿئي. پاڻ چيائون ته درويش جي اڳيان خدمت جو سندرو دل سان ٻڌل رکجو ۽ ان جي مهمانوازيءَ ۽ ٻين لوازمن ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏجو. هوڏانهن ان فقير پنهنجي ذمي ان شخص جي زندگيءَ خاطر مخدوم صاحب جي خدمت ۾ هي پيغام موڪلي ڏنو ته اهو شينهن جيڪو اسان جي سواري ۽ چڙهڻ لاءِ آهي اڄ



اوهان جو مهمان آهي، مخدوم صاحب جي خادمن وري ڏيڳي پيش ڪئي. درويش جي ساٿين ڇا ڪيو جو شينهن ۽ ڏيڳي کي هڪڙي ئي جاءِ ۾ واڙي در کي ڪَڙو ڏئي ڇڏيائون. دسترخانو وڇائي طعام کائڻ جي تياري ڪيائون. فارغ ٿيڻ کان بعد جڏهن ناهه جي ڳالهه نڪتي ته تڏهن هالا وارن چيو ته اسان جو هي معاملو اسان جي وقت جي مخدوم جي حوالي آهي.[64]

مسجد جو خطيب اهو ٻڌائڻ لاءِ منبر تي چڙهي موجود حاضرين کي چوڻ لڳو ته مخدوم صاحب کي وڃي عرض ڪن ته هن صورتحال ۾ اسان جو عذر صفائي جي شرف سان قبول فرمائين بلڪ حقيقت بين نظر سان لوح محفوظ منجهان واقعي جي صورت معلوم ڪن ۽ شادي جي خواهش رکندڙ مرد ۽ عورت بابت غور ڪن. پاڻ حقيقت حال غور سان ٻڌي پنهنجي مصلي جي ڪُنڊ کڻي اتي آڱر سان لڪير ڪَڍي ڏاهي ڇڏيائون. فرمايائون ته دعا کان بعد ان عرفان جي واقف کي چون ته نئين سر نظر ڪري. جڏهن تقدير جي دفتر جا ورق پڙهيائين وڏيڪ پريشان ٿي ويا جو چيائون ته هالا جي زمين دريا پائي ويندو.

مخدوم صاحب کان اڇي معلوم ڪيائون تہ فرمايائين واقعي ائين آهي پر درياءُ وري چڙهي ويندو. اهو ٻڌي درويش ان خيال سان اٿيو تہ پنهنجي راهہ وٺي. خادم جنهن جي هٿن ۾ سواريءَ جو انتظام هو چا ٿو ڏسي تہ ٻڪئون شينهن ڪي ڪائي ويٺي آهي، مگر ڪُنِ هٽ ۽ پير باقي بچيا آهن، ان ڪري خاموشيءَ جي مهر چپن تي هڻي سفر جو سامان ٻڌي روانو ٿيو. ڳالهہ تا ڪن تہ ان جاءِ تي جتي رات گذاري هئائين هڪ ڪٻڙ جو وڻ هو. جڏهن درويش اتان اٿي نڪرڻ وارو هو تہ سندس مٿي واري دستار وڻ ۾ ڦاسي پئي. خادمن گهڻي ئي ڪوشش ڪئي تہ دستار واپس وٺن پر نہ وٺي سگهيا. آخر مخدوم فخرالدين جي خدمت ۾ مٿي اگهاڙو آيو ۽ سموري ماجرا بيان ڪيائين ۽ پنهنجي گُستاخيءَ جي معذرت گهريائين. تڏهن مخدوم صاحب هڪ خادم کي اُن وڻ ڏانهن موڪليو جيڪو دستار واپس کڻي آيو.

**نقل** آهي قدوة الصلحاء اسماعيل کان جيڪو سمايو فخري نالي سان مشهور هو تہ هڪ ڏينهن مخدوم فخرالدين گهر کان مسجد ڏانهن پئي آيا تہ رستي ۾ ٻير جي وڻ جي



ٽاريءَ ۾ سندن دستار مبارڪ ڦاسي پئي تہ فوراً اهو وڻ قادر جي قدرت سان ان جڳهہ کان پنج ڇهہ گز پري هٽي ويو تہ متان ٻئي ڀيري ان جي ٽاري وري وڃي نہ لڳي. ڳالهہ تا ڪن تہ سير جي خاطر خادمن سان درياءَ پار ڪري هالا جي سرزمين تي وڃڻ جو ڪين اتفاق ٿيو. اُتان جا ماڻهو ان کي قادر جي ڪمال عنايت ۽ سعادت سمجهي، مخدوم جي اهڙي برڪت ڀري آمد تي خدمت جو خاص سندرو ٻڌي ڊوڙندا آيا ۽ ڏاڍيون آزيون نيازيون ڪيائون تہ اتي مستقل رهائش اختيار ڪن ليڪن جڏهن مانوس ٽڪاڻي ڏانهن موٽڻ جا آثار ڪرامتن واري ذات جي صفحن مان مشاهدو ڪيائون تہ سمورن تابعدارن ۽ گهڻو وقت گڏ گذارڻ وارن سان حضر جو ارادو ترڪ ڪري سفر اختيار ڪيائون. تڏهن مخدوم صاحب فرمايو تہ هتي پنهنجا دوست گهڻا آهن يا وابستہ ماڻهو گهڻا آهن عرض ڪيائون تہ هالا جا ماڻهو ڳڻڻ کان ٻاهر آهن ان حالت جي بناء تي ۽ وڌيڪ عرض معروضات سبب اُن عالي همت جي ذمي تي سمورن رعايتن سان رهائش اتي ئي اختيار ڪئي وئي. ان مالڪ جي مهربانين ۽ ذات احد جي برگزيده بندن

جي پُر زور اصرار سبب چار تڪبيرون هنيائون. آخر هڪ راءِ تي ڏينهن رات خدمت ڪري ۽ مال متاع خرچ ڪري اتي ئي مجلس آرا ٿيا ته عاشق پروانن وانگر سفيد روشنيءَ تي اچي حاضر ٿيا. اهڙيءَ صورتحال ۾ ڪِلڪ جي زبان پوشيده رازن جي ڄاڻندڙ جي آثارن ۽ بيانن کان قاصر آهي، قلم کي ڪهڙي طاقت آهي جو اها همت ڪري سگهي ۽ اهو بار کڻي سگهي.

بهرحال ضرورت مطابق هي بي سرو سامان ۽ طاقت کان خالي (مؤلف) ان ارادي تي عمل پيرا ٿيڻ جو ارادو رکي ٿو. سندن مقبرو شريف هالا شهر ۾ ڏکڻ طرف آهي. پاڻ ڪرامتن ۾ مشهور چار پُٽ ۽ هڪ نياڻي ڇڏيائون.

مخدوم شهاب الدين، مخدوم نور محمد، مخدوم حسام الدين ۽ مخدوم عزالدين خليفو ۽ پونيئر هڪ ئي فرزند مخدوم شهاب الدين مان آهن. ڇئني جي آرامگاهه مخدوم جو قبرستان آهي. اهو ابن مخدوم عزالدين بن مخدوم اسماعيل بن مخدوم فخرالدين ڪبير هو جنهن کي مخدوم ڪبير به چون ٿا. جنهن پنهنجي ظاهري صورت کي حقيقت جي آئيني ۾



محسوس ڪري ظاهر کي باطن سان پوري ريت آشنا رکيو. هن سير سفر ڪندي ڪوٽ ڪروڙ مان لڏي سيوستان ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي ڇو ته سندس قسمت جي حڪم موجب داڻو پاڻي اتي رکيل هو. اهو به مشهور آهي ته هن جو اصلي مسڪن ۽ سندس ڪجهه خاندان وارن جو تعلق بوبڪ جي ڳوٺ سان هو ۽ ان برگزيده انسان جي برڪت ڀري مدفن جي جاءِ به اتي ئي آهي. وڏيڪ صحيح قول مطابق سيوستان شهر ۾ مخدوم شهباز جي قرب جوار ۾ آهي ۽ اهو ابن شيخ ابوبڪر هو جيڪو "ڪَتاني" جي لقب سان مشهور آهي. [65]

چون ٿا ته قريش مان پنج ڄڻا پنهنجو ديس ڇڏي آيا جيڪي ڪوٽ ڪروڙ ۾ پهچي پنهنجي رهائش جي جاين کي سجائي، الله تعاليٰ جي عبادت ۾ مشغول ٿيا. شيخ ابوبڪر ڪتاني، شيخ احمد، شيخ محمد، شيخ علي المعروف قاضي ۽ شيخ جلال الدين محمد. اهي پنج ئي ولايت جا سرچشما ڪوٽ جي چوٽي تي هڪ هنڌ تي رکيل آهن. اُن ڳوٺ ۾ تمام گهڻا مشائخ آهن پر اڪثر ماڻهو پهريائين هنن جي مزارن تي حاضري

خاطر ايندا آهن ۽ زيارت وقت هر قسم جا ضروري آداب ادا ڪندا آهن. ان لحاظ کان اتي اهي پنج پير گهڻو مشهور آهن. شيخ ابوبڪر سيني جو اسوه، قدوه، زمان ۽ زمانن جو مرشد هو، پر اڪثر ماڻهن وٽ سندس مشهور نالو شيخ شمس الدين آهي. ان ڪري ڪيس شيخ شمس الدين ڪوٽ ڪروڙي سڏيندا آهن. هن کي ٻه پٽ هئا شيخ فخرالدين ۽ شيخ اسماعيل ۽ هڪ قول مطابق ٽي چون ٿا. ان شجري مطابق جيڪو بحر جي غواص ۽ حقيقت شگرف آئين غوث العالم شيخ بهاءالدين زڪريا تحرير ڪيو آهي ته جناب مخدوم شيخ محمد غوث بن قاضي علي بن سلطان اليٰ آخره جو والد شيخ ابوبڪر بن شيخ اسماعيل آهي. ليڪن ڪن جي چوڻ موجب هن جو نالو جعفر بن شيخ عبدالوهاب آهي ۽ عبدالله سندس وڏي ڏاڏي جو نالو آهي. اهو ابن شيخ نصيرالدين ابي القاسم جي ڪنيت سان بن شيخ سراج الدين بن شيخ خيرالدين يا منيرالدين بن شيخ ابوعاصم بن فخر الدين بن عبدالله آهي جيڪو ابومحمد بن ابراهيم جي لقب سان ڄاتل آهي ۽ ابراهيم کي ٻه پُٽ هئا هڪ عبدالله جيڪو



ابومحمد جي لقب سان آهي ۽ عموية جي لقب سان مشهور آهي اهو ئي شيخ شهاب الدين سهروردي جو پيءُ آهي ۽ ٻيو ابونجيب سهروردي آهي.

’نفحات الانس‘ ۾ امام يافعي شيخ شهاب الدين جا هي القاب لکيا آهن: استاد زمانه، فريد اوانه، مطلع الانوار، منبع الاسرار، دليل الطريقه، ترجمان الحقيقة، استاد شيخ الاڪابر، الجامع بين علمه الباطن والظاهر، قدوة العارفين، عمدةالسالڪين، العالم رباني، شهاب الدين ابوحفص عمر بن محمد البڪري السهروردي قدس الله سره العزيز ابوبڪر صديقؓ جي اولاد مان آهي ۽ تصوف ۾ سندن نسبت سندن چاچي ڏانهن آهي، جنهن جو نالو ابونجيب سهروردي آهي ۽ سندن صحبت شيخ عبدالقادر جيلاني تائين پهتل آهي. شيخ عبدالقادر جيلاني ڪيس فرمايو هو ته ”**انت آخر المشهورين بالعراق**“ يعني تون عراق ۾ آخر تائين مشهور هوندين.

’نفحات‘ ۾ ائين به آهي ته شيخ بهاؤالدين زڪريا ملتاني قدس سره هن کان ظاهري علمن جي تحصيل ۽ تڪميل ڪئي هئي، ان کان بعد پندرهن سال درس تدريس ۽ علوم جي

اضافي ۾ مشغول رهيا. روزانو ستر عالم ۽ فاضل وٽانئس استفادو ڪندا هئا. جڏهن پاڻ حج جو ارادو ڪيائين ته حج تان موٽڻ مهل بغداد ۾ پهتو ته شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جي خانقاه ۾ حاضر ٿي سندس مريد ٿيو ۽ اها سموري منزل ۽ ڪمال ان هنڌان حاصل ڪيائون. ابونجيب پنهنجي ڏاڏي شيخ وجهه الدين جو مريد آهي ۽ ابراهيم ڪنيت ابوحفص بن اعظم العظام شيخ الاسلام شيخ وجهه الدين المسمي محمد والمڪنيٰ ابوحفص عمر سهروردي آهي. اُهو ئي سهروردي خاندان خرقه و خلافت ۽ ارشاد وهدايت جو صاحب هيو. شيخ وجهه الدين ابن شيخ محمد عمر عمويه ابن شيخ عبدالله ابوحفص ابن شيخ رضاءالدين محمد دنيا جي ظاهري ڏيک ويک ۽ دنياداري کي فضول سمجهي پاڻ کي خدا پرستي ۽ خلوت نشيني جي حوالي ڪيو. عرفان ۽ معرفت جي سالڪن کي ڳولڻ روحاني ڪمالات ۽ وڌن مقصدن خاطر ولايت ۽ ڪرامت جي چاڙهي چڙهي عدم جي ميدان مان گذري وجود جي سرحد ۾ قدم رکيائين. سندس مرقد منوره ٺِٽ ۾ آهي. هن ٿي عظيم فرزند ۽ هڪ قول



موجب چار فرزند زماني ۾ يادگار ڇڏيائين ۽ اهو ابن شيخ مسعود آهي جيڪو پڻ ٺِٽ جي قلعي ۾ آرامي آهي. ٻيو ابن شيخ شريف ابوالقاسم جنهن کي شيخ شريف به چون ٿا ته سندس والده ماجده اهل بيت مان هئي. نقشبندي رسالن ۾ آيو آهي ته شيخ شريف ابوالقاسم امام جعفر صادق سان ماءُ جي طرفان قرابت دار آهي. "**والامام جعفر الصادق مع وجود وراثه ابائه الڪرام اخذ الطريقه من شريف ابوالقاسم و شريف ابوالقاسم ڪان من فقهاء السبعه في التابعين وڪان من اڪملهم في علم الظاهر والباطن و هو منسوب الي سلمان الفارسي [66] مع شريفه بصحبته النبي ﷺ اخذ الطريق عن الصديق وهو عن النبي ﷺ**" [امام جعفر صادق پنهنجن آباءِ ڪرام بزرگن جي هوندي طريقو شريف ابوالقاسم کان ورتو ۽ هي تابعين ۾ ستن فقيهن مان هو ۽ ظاهري توڙي باطني علمن ۾ ڪامل هو ۽ اهو حضرت سلمان فارسي ڏانهن منسوب آهي جنهن نبي ﷺ جي صحبت جو شرف هوندي صديق اڪبر کان طريقه ورتائين ۽ ان نبي ﷺ کان حاصل ڪيو.] هن جو مدفن مبارڪ "**بندر نحيلو**" ۾ آهي.

چون ٿا ته لافتيٰ الاعلي جو رازدار ۽ سينجلي جو مهندار يعني علي ولي ڪرم **الله** وجهه پنهنجي خلافت واري وقت ۾ شريف ابي القاسم کي بصره جي حڪومت ڏئي پاڻ نجف ڏانهن روانو ٿيو. رمضان المبارڪ جي ايڪيهين تاريخ تي جمعي جي ڏينهن **الله** سبحانهٗ و تعاليٰ جي حڪم سان اُتي شهادت جو شربت نوش فرمايائون. ڪذا في الفوائد. ڪانئن پوءِ خلافت امام حسن عليه السّلام تي مقرر ٿي پر ڪجهه وقت کان بعد زهر جي ڪري پاڻ وصال فرمايائون. ازل ۽ ابد جي تڙيل يزيد جي عداوت ۽ دشمني حضرت امام حسين جي شهادت تائين هر نيڪ ۽ بد لاءِ عجيب صورتحال پيدا ڪئي ۽ ان دوران منصور بن احمد کي بصري تي مقرر ڪيائين ته شريف ابوالقاسم ۽ ان جو پٽ شيخ مسعود پنهنجي ٻن پُٽن سان شيخ رضاءالدين محمد ۽ ابوالبرڪات جيڪي وفا واري قائم ڪيل حڪومت جا مشهور چنڊ ۽ "**لاسيف الاذوالفقار**" جي حقيقتن جي رازن جا ڄاڻندڙ ۽ پنهنجي ذات ۾ امين ۽ ديانت دار ۽ پرهيزگار هئا. جيڪڏهن اهي متابعت ۽ اطاعت جو فرمان ٻڇيءَ ۾ نه وجهن



ها ته ڪين مارائي ڇڏي ها. ان وقت طرماح نالي شخص جو تقرر ٿيو، جيڪو خدا جي شير جنهن جي شان ۾ "**وعلي بابها**" آيل آهي يعني علي المرتضيٰ جي مخلصن مان هڪ هو. هو بغداد ۾ پنهنجا اُٺ وڪڻي بصره پئي آيو. هو جنهن وقت سمنانيءَ جي ڪوهه وٽ پهتو ته حقيقي حال کان واقفيت حاصل ڪري رات وچ ۾ شريف ابي القاسم کي تڙيل يزيد جي ارادي ۽ منصور جي مقرر ٿيڻ ۽ سمناني جي ڪوهه وٽ پهچڻ کان آگاهه ڪيائين. جڏهن شريف ڪجهه گهري نظر سان غور ڪيو ته ان حسد سان ڀريل پليد کي اهل بيت جو خيرخواه نه ڏٺائين. ان ڪري باقي عمر بندر نحيلو ۾ وڃي بسر ڪرڻ لڳو، اُتي ئي ساهه ڌڻيءَ حوالي ڪيائين. وليد جڏهن تڙيل يزيد جي سخت عذاب ۾ پهچڻ کان بعد خلافت سنڀالي ته شريف ابي القاسم جي خبر چار لڌائين. سموري ماجرا کان واقف ٿي حڪم ڪيائين ته شيخ مسعود ٻنهي پُٽن ۽ حجاج بن يوسف ۽ محمد قاسم بن عقيل سميت ڇهه ئي ڄڻا هڪ ٻئي جي اتفاق سان راڄه ريل جي اڌ بادشاهي تصرف ۾ آڻين، هن شرط سان ته

جيڪو ٻه اسلام آڻڻ کان انڪار ڪري ته هن کي قتل ڪري ڇڏين. شيخ مسعود مطيع ۽ فرمانبردار بنجي وليد جي فرمان تي ڪاربند ٿي راجه ريل کي قتل ڪري ان جي اڪثر ملڪ کي قبضي ۾ آندو. فاتح لشڪر مملڪت جي تخت کي شيخ مسعود جي حوالي ڪري واپسي ڪئي. ان ڪانپوءِ شيخ تِنڪ جي قلعي ۾ پنهنجي رهائش گاهه تعمير ڪرائي ۽ آخر اتي ئي وفات ڪيائين. سندس هڪ پٽ شيخ رضاءالدين محمد دنيوي معاملن ۾ ميل جول کان تنگ ٿي خلوت ۽ تنهائي کي پنهنجي همت جو قبلو بڻائي الله تعالي جي عبادت ۾ مشغول ٿي ويو. شريف ابي القاسم ابن شيخ محمد صغير عموي جنهن کي عُمر ٻه چوندا آهن يعني ابن عبدالرحمٰن بن عبدالله امير المؤمنين ابوبڪر صديق رضي الله عنه.

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه دورِ جاهليت ۾ ٻن عورتن سان نڪاح ڪيو هو. هڪ قيله يا قيتلير بنت عبدالعزيٰ. اسما جنهن جو لقب "ذات النطاقين" آهي ۽ ٻيو عبدالله ان مان پيدا ٿيا. ٻي اُم رُمان بنت عامر جيڪا عبدالرحمٰن ۽ عائشه



صديقه جي والده آهي. حضرت ابوبڪرؓ اسلام واري دور ۾ پڻ ٻن عورتن سان نڪاح ڪيو. هڪ بنت عير جيڪا پهريائين حضرت جعفر طيار جي گهرواري هئي. محمد بن ابي بڪر صديق ان مان ڄائو ۽ ٻي حبيبة بنت خارضه بنت زيد انصاري. هوءَ حامله هئي جو پاڻ وفات ڪري ويا. ڪتاب 'روضة الاحباب' ۾ ائين آيل آهي. اهو ابن عثمان ئي آهي جيڪو ابوقحافه سان مشهور آهي ۽ اهو ابن سعد بن تيم بن مره بن ڪعب جيڪو حضرت رسالتمآب ﷺ جي ڏاڏنگ ۾ آهي. جهڙي طرح ابن عبدالله ابن عبدالمطلب بن هاشم بن عبد مناف بن قُصي بن ڪلاب بن مره بن ڪعب بن لوي بن غالب بن فهر بن مالڪ بن نضر بن ڪنانه بن حزيمه بن مدرڪ بن الياس عليه السّلام بن مضر بن نزار بن معد بن عدنان بن آد بن ادين بن ايمع بن سلامان بن ثابت بن جمل بن قيدار بن اسماعيل عليه السّلام ذبيح الله بن ابراهيم خليل الله عليه السّلام بن آذر بن ناخور بن شاروخ بن ارغو بن فالح بن غابر بن شالح بن ارفخشد بن نوح عليه السّلام بن يزد دهولمڪ بن متوشلح بن اخنوخ يعني

ادريس عليه السّلام بن مهاد بن مهلائيل بن قنيان بن الوش بن شيث عليه السّلام [67] بن آدم صفي الله.

1. صحابہ ڪرام جيڪي عشره مشبره آهن ۽ قريش جا قبيلہ جهڙي طرح سيرت جي ڪتابن مان معلوم ٿيو آهي نسبت ۾ حضرت ختم نبوت جي ڏاڏنگ سان وڃي مِلن ٿا.
2. جهڙي طرح امير المؤمنين عمر بن خطاب رضي الله تعاليٰ عنه بن نفيل بن عبد العزيٰ بن رباح بن عبدالله بن قرط بن راج بن عدي بن ڪعب بن لوي.
3. اميرالمؤمنين عثمان بن عفان رضي الله عنه بن ابي العاص بن امير بن عبدالشمس بن قصي بن ڪلاب.
4. امير المؤمنين حضرت علي ابن ابي طالب رضي الله تعاليٰ عنه بن عبدالمطلب.
5. حضرت زبير بن العوام بن خويلد بن اسد بن عبدالعزيٰ بن قصي بن ڪلاب.
6. حضرت عبدالرحمٰن بن عوف بن عبدالحارث بن زهره بن ڪلاب بن مره.
7. حضرت سعد بن مالڪ بن واهب بن عبد مناف بن الحارث بن زهره بن ڪلاب بن مره.



8. حضرت طلحہ بن عبدالله بن عثمان بن سعد بن تيم بن مره بن ڪعب.
9. حضرت سعيد بن زيد بن نفيل بن عبدالعزيٰ بن رباح بن عبدالله بن فرط بن راج بن عدي بن ڪعب.
10. حضرت ابوعبيد بن عامر بن عبدالجراح بن هلال بن اُهيب بن جنتہ بن الحارث بن مالڪ بن نضر بن ڪنانہ رضي الله تعاليٰ من جميع اصحاب ﷺ.

تفسير جي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ حقيقت تي مبني ڪلام **رَبِّ أَوْزِعْنِي أَنْ أَشْكُرَ** (النمل: 19) [اي منهنجا رب! مون کي توفيق بخش تہ شڪر ڪريان.] (حضرت) احمد مختار **ثَانِيَ اثْنَيْنِ إِذْ هُمَا فِي الْغَارِ** (التوبہ: 40) [ٻن مان ٻيو جنهن وقت اهي ٻئي غار ۾ هئا.] ”رضوان الله عليه وعليٰ آلہٖ الاطهار.“

يعني (حضرت) صديقؓ بابت مقولو آهي تہ هن پنهنجي اولاد ۽ خاندان جي لاءِ ڪاميابي ۽ اصلاح لاءِ رب العباد جي بارگاهہ مان دعا گھري ۽ تنهن ڪان بعد **أُجِيبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ إِذَا دَعَانِ** (البقره: 186) [سڏيندڙ جي سڏ کي قبول ڪيان ٿو جڏهن مون کي سڏيائين.] جي حڪم موجب ان کي قبوليت ۽ عزت

جو شرف حاصل ٿيو. ان ڪري جيڪو بہ سندس اولاد مان آيو يا ايندو اهو اصلاح ۽ تقويٰ سان سنواريل ۽ سينگاريل هوندو. جناب مخدوم صاحب حسب نسب ۾ انهن سان ملن ٿا. **"ڪما لايخفيٰ علي ناظر هذا المختصر بہ قلتہ التامل والتدبر"** يعني جيئن هن نظر ڪندڙ تي ڪا شيءِ مخفي نہ تي ٿئي، ٿوري غور ۽ فڪر سان.

بهاءالدين گودڙيو پنهنجي رسالي ۾ لکي ٿو تہ مولانا عبدالغفور بن مخدوم ناصر، مخدوم زاده عبداللطيف بن مخدوم جمال کان نقل ڪيو آهي جيڪو شيخ فخرالدين جي اولاد مان آهي. نقل هينئن آهي تہ مخدوم صاحب جي زبان مان ٻڌو جو پاڻ چيائون تہ هڪ دفعي حضرت ختم مرتبت رسالتمآب ﷺ جي خدمت جو شرف حاصل ڪيم، جتي صديق اڪبر بہ مجلس ۾ حاضر هئا. سندن خدمت ۾ عرض ڪيم تہ مان اوهان جي اولاد مان آهيان يا نہ؟ فرمايائون تہ هائو، توهان منهنجي پٽ عبدالرحمٰن جي اولاد مان آهيو. تڏهن حضرت رسالتمآب عليه الصلوٰة والسّلام جن فرمايو تہ اي



مخدوم نوح! تون منهنجي اولاد مان پڻ آهين. اهو ائين جو منهنجي نياڻي فاطمہ جي نياڻي بي بي اُم ڪلثوم اميرالمؤمنين عمر جي نڪاح ۾ آئي هئي ۽ عمر بن عبدالرحمٰن بن ابي بڪر ان ڪي گهريو هو. تون ان جي نسل مان آهين.

رسالي ۾ اهو بہ آهي تہ ڪيترائي پيرا مخدوم معظم جي زبان مان ٻڌو ويو تہ چيائون اسان اصل ۾ سيدزاده آهيون. هوڏانهن مخدوم معظم جي والده بيبي راڄي آهي جيڪا لاکن جي قوم مان هئي ۽ هن جي والده سومرن مان هئي ۽ فرمايائون تہ امام اعظم جي والده پڻ انهيءَ قوم مان هئي. مخدوم معظم ڪي چار حرم ۽ هڪ قول موجب سترهن ۽ ٻئي قول مطابق پندرهن فرزند هئا. پهريون حرم ترڪ قوم مان هو جيڪو باجار سان مشهور آهي ان مان چار پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون. محمد امين جيڪو صاحب خلافت هو ۽ ميان حامد ۽ ميان نور محمد ۽ ميان احمد ۽ بيبي تاج خاتون جيڪا ميان محمود ڪي نڪاح ۾ ڏنل هئي ۽ بيبي رقيہ ميان قاسم ابن عبدالله جي گهرواري هئي ۽ بيبي مريم متعلوي ساداتن مان سيد عبدالله

بن يعقوب جي اهليہ هئي. بيبي صحت خاتون ميان صالح محمد بن قاسم جي گهرواري هئي. ٻيو حرم جنهن جي پيشاني ۾ اهليت جي لکت ظاهر هئي ان مان پنج پٽ ٿيا. ميان دائود، ميان موسيٰ، ميان هارون، ميان يوسف ۽ ميان آدم. ٽئين حرم مان ٽي پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي. ميان ميران محمد، ميان ابراهيم جنهن کي ادهم ثاني جو لقب هو ۽ ميان جلال الدين محمد ۽ بيبي بيبائي جيڪا ميان الهداد ابن حضرت بلال جي نڪاح ۾ آئي، جيڪو مخدوم معظم جو سڳو ڀاءُ هو. اولاد مان ٻارهن ٻار وڏا ٿيا ۽ باقي ننڍپڻ ۾ الوداع ڪري ويا. چوٿون حرم سهتہ قبيلي مان هو ۽ ان مان ڪو بہ پُٽ نہ ڄائو.[68]

**نقل** آهي تہ حضرت غوث الاعظم الاسلام والمسلمين محمد امين سجاده نشين مخدوم زمان و زمين جي خدمت ۾ هڪ بزرگ ويٺل هو ان کي فرمايائون تہ برسات وسڻ واري آهي. ان حال ۾ اُٿي گهر ويا ڪجهہ دير بعد هڪ ڪارو ڪڪر آيو ۽ تمام گهڻي برسات پوڻ شروع ٿي وئي. هڪ شخص کي ڪو ڪم چيائون پر اهو ماڻهو هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تائين لڏ پلاڻ ۾



مشغول هو. تنهن ڪري ڪيس ان حڪم مڃڻ ۾ سُستي ٿي وئي ۽ سامان وغيره کڻڻ جو عذر پيش ڪيائين. پاڻ فرمايائون تہ انهيءَ شخص کي چئو تہ ڀلي پنهنجو سامان کڻندو رهي اسان جو ڪم خدا جي حوالي آهي. تنهن کان پوءِ اهو شخص سڄي عمر لڏ پلاڻ کان ڪڏهن واندو نہ ٿيو ۽ ڪڏهن بہ هڪ جاءِ تي رهائش پذير نہ ٿي سگهيو.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪڙو بزرگ خدمت ۾ دست بوسيءَ جي شرف سان مشرف ٿيو پر دل ۾ سوچيائين تہ هن دؤر ۾ غوث ڪٿي ليندو؟ فرمايائون تہ جنهن کي غوث معلوم ڪرڻ جو شوق هجي چئوس تہ هر ڪنهن کي هٿ ڏئي تہ جيئن غوث جي هٿ ۾ هٿ اچيس.

**نقل** آهي تہ حضرت مخدوم جي فرزندن مان هڪڙي چيو تہ مون گهڻائي دفعا جنت ڏٺي آهي. ان جون محل ماڙيون ڏاڍيون بلند ۽ نفيس آهن ۽ دلڪش باغات ۽ حورون ۽ غلمان آهن. اهي سڀ هن فقير کي پيا ڏسن پر مون انهن ڏانهن واجهايو بہ نہ!

چون ٿا ته ڪڏهن ڪڏهن ننڊ ۾ ڪائنس ”انا الحق“ ۽ ”وهو الحق“ يعني مان حق آهيان ۽ اهو حق آهي جو آواز سندس زبان مان ظاهر ٿيندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن هي حديث شريف پڙهندو هو: نبي ﷺ فرمايو: **”رأيت ربي ليلة المعراج علي صورة امرد شاب قطط ورأيت ربي في احسن صورة وان الله خلق آدم عليٰ صورته“** [مون معراج واري رات پنهنجي رب کي ڏٺو يا مون پنهنجي رب کي سهڻيءَ صورت ۾ ڏٺو، بيشڪ **الله** تعاليٰ آدم کي پنهنجيءَ صورت تي ٺاهيو.]

**الله** تعاليٰ پنهنجي گهڻي ۽ خاص مهرباني سان هن فقير جي مراد پوري ڪئي. انهيءَ ڪثرت سبب مخدوم ابراهيم کي ادهم ثاني به چوندا هئا. هن غربت ۽ ڪثرتِ عيال جي باوجود **الله** کان سواءِ ڪا به شيءِ نه رکي.

**نقل** آهي ته سلطان ابراهيم پاڻ مسجد ۾ چاليهه ڏينهن جو اعتڪاف ۾ ويٺو ته جيئن پنج وقت با جماعت نماز پڙهي سگهي. اهو به ظاهر ڪيائين ته جيڪڏهن ڪو چاليهه ڏينهن پنهنجي قول وفعل تي هميشگي اختيار ڪري ويو ته پوءِ هو



سدائين انهيءَ طريقي تي هوندو. حديث شريف ۾ آيو آهي ته چاليهه ڏينهن مسلسل جماعت سان نماز ادا ڪرڻ سان انسان هميشه لاءِ نفاق کان آجو ٿي پوندو آهي. هن جي مجلس ۾ هڪ دفعي ڳالهه نڪتي ته ڪنهن پهلوان مقابلي ۽ وڙهڻ جي وقت پنهنجي مالڪ سان انجام ڪيو ته هڪ پيرو خوني تلوار مخالف سردار جي سر تائين ضرور پهچائيندس پوءِ جيڪو ٿيو سو ڏٺو ويندو. آخر مالڪ جي رڪاب کي چمي ڏيئي گهوڙي کي ميدان ۾ ڊوڙايائين جت تيز تلوارون برسات وانگر وسي رهيون هيون. آخر پاڻ کي ان هاٿيءَ تائين پهچايائين جنهن تي قوم جو سردار سوار هو ۽ پنهنجي تلوار جا ٻه ٽي وار سندس هاٿيءَ جي مٿي تي هڻي ڪيرايائين پر پاڻ به مري ويو. ان جون قصو پاڻ ٻڌي اظهار ڪيائون ته اسان به پنهنجي مالڪ جي خدمت ۾ جهاد جي تلوار پنهنجي نفس تي ضرور هلائينداسين پوءِ جيڪو ٿيو سو ڏٺو ويندو.

ڳالهه ٿا ڪن ته سلطان ابراهيم چار چاليها اهڙي قبرستان ۾ گذاريا جيڪو ويراني ۾ هو. اتي ڪا به شيءِ نه

کاڌائين نہ پيتائين وڏ ۾ وڏ بہ آڱريون پاڻيءَ ۾ پجائي تِرن ۾ گھمائيندو هو جيترا بہ چنبڙيا تہ انهن سان روزو ڇوڙيندو هو بلڪ چيائون تہ افطار جي بہ حاجت ناهي توڙي جو ڪا بہ شيءِ نہ ٿي کاڌائون پر افطار ڪرڻ سنت آهي. مطلب تہ الله جي ذڪر کان سواءِ ڪا بہ شيءِ زبان تي جاري نہ ڪيائون. عالمِ ارواح وغيره مان ڪا بہ شيءِ وٺن ايندي هئي تہ ان ڏانهن بہ نہ واجهائيندا هئا ۽ اک کڻي بہ نہ ڏٺائون مگر آخري چلي جي آخري ڏينهن جڏهن بيحد حسين عورتون جن جو حسن بيان کان ٻاهر هو آيون تہ انهن کان ايترو پڇيائون تہ اوهان ڪير آهيو؟ هنن وراڻيو تہ اسان اُهي عورتون آهيون جيڪي پنهنجي مئل مڙسن پنيان پاڻ کي زندگيءَ ۾ ساڙينديون آهن. جنهن کي سنڌيءَ ۾ "ستيون" چوندا آهن. اسان کي جڏهن خبر پئي تہ عالمِ علوي ۽ سفليءَ جي رهاڪن پاڻ کي توهان جي سعادت ڀري خدمت ۾ پهچايو آهي تہ اسان کي بہ اهڙي فرحت بخش ديدار جي شوق هتي خدمت ۾ جيڪي آندو آهي تہ اسان بہ ٻي مخلوق وانگر فيضياب ٿيون ۽ اهو شوق حاصل ڪري موٽي وڃون. هڪ ڏينهن عيد تي



گھروارن تي فاقو پيو ڪا بہ شيءِ گهر ۾ نہ هئي. چيائون تہ الحمدلله! جو هڪ دفعو رسول الله ﷺ جي سنت ادا ٿي آهي جو هڪ دفعي عيد تي پڻ اهل بيت جي گهر ۾ فاقو هيو.

هڪ دفعي پنهنجي خادم جعفر کي پاڻ اَن جون ٻوريون ٻڌرائڻ ۾ مدد ڪندي ٻڌايائون تہ پوري عمر ۾ اهو ئي دنياوي ڪم ڪيو اٿئون. ٻيو ننڍپڻ ۾ ٻارن سان جهنگ ۾ ڪاٺيون ڪيون آهن. [69]

حضرت هاشم ابن حضرت حماد نقل ڪيو تہ هڪ رات سُتل هئا تہ ڪو بزرگ اندر آيو ان جي پيشاني مان نور پئي چمڪيو. پاڻ اُٿيا ۽ هڪ ٻئي سان ويهي ڪچهري ڪيائون. جڏهن اهو روانو ٿيو تہ ان وقت خدمت ۾ حاضر خادم عرض ڪري پڇيو. پاڻ اظهار فرمايائون تہ غوث الثقلين هئا. هڪ رات ليٽيل هئا تہ هڪ حسين صورت وارو شخص اندر آيو ان جي ڪري سمورو گهر نور سان ڀرجي ويو. ان وقت اُٿيا ۽ گهڻي تعظيم و تڪريم جا آداب بجا آندائون. هڪ ٻئي سان گفتگو ڪيائون ۽ واپسي وقت تمام عزت واحترام سان سندن پنيان ويا

۽ رخصت ڪري موٽي آيا. ان وقت خدمت ۾ حاضر رهندڙ عرض ڪيو، اي مهربان سائين! هي ڪير هئا؟ فرمايائون: اي ساهه ڪان وڌيڪ پيارا! هي سرورِ ڪائنات رسالت مآب ﷺ هئا.

مخدوم فتح محمد پنهنجي رسالي ۾ لکي ٿو ته مخدوم معظم پنهنجي فرزندن سان گڏجي قيدين جي رهائي لاءِ جن تي تمام گهڻو جرمانو رکيل هو، ٺٽي جي حاڪم وٽ سفارش جي لاءِ وياسون. حاڪم نهايت سختيءَ سان پيش آيو. ان ڏينهن ڪنهن بزرگ جي مزار وٽان گذريا جيڪو ان شهر ۾ تمام گهڻو مشهور هو. پاڻ اظهار ڪيائون ته هي بزرگ فرمائي ٿو ته واپس گهر موٽي وڃو ۽ تڪليف نه ڪيو چو ته چند ڏينهن بعد پاڻهي آزاد ٿي ويندا ۽ هڪ به درهم ڏنڊ جو نه ڏيندا. بلڪ هو چوي ٿو ته هنن قيدين جي آزادي جي صورت چند ڏينهن ڪان بعد ٿي ويندي توهان واپس وڃو. ٿوري ئي وقت ۾ اهو حاڪم مَٽجي ويو ۽ ٻيو مقرر ٿيو جنهن انهن قيدين کي آزاد ڪيو ۽ ڪا به پائي پئسو انهن ڪان نه ورتائين.



**نقل** آهي ته نماز ادا ڪرڻ ڪان بعد هڪ مسافر سوال جي زبان کولي ۽ بيحد آزيون نيازيون ڪرڻ لڳو هن کي ڪيترائي دلاسا ڏنائون ته شغل جو وقت آهي صبر ڪر جيڪي ڪجهه نصيب هوندو ملندو. هرگز بس نه ڪيائين بلڪ اجا به وڌيڪ دانهون ڪرڻ لڳو. حضرت جلال محمد خوش طبعي وچان چيو ته هن ماڻهوءَ کي چيلهه ۾ چاندي ۽ سون ٻڌل آهي جيڪو وٺي ورهايو. ان مهل ئي ان جي تلاشي ورتائون ته اهو مال ظاهر ٿيو. جڏهن اهو تمام گهڻو پشيمان ٿيو ۽ پنهنجي ئي سون وٺڻ لاءِ تمام وڏيون رڙيون ڪرڻ لڳو تڏهن اهو ڪيس موٽائي ڏنائون.

**نقل** آهي ته هڪ ارادتمند ڪنهن بزرگ کي التجا ڪئي ته بارگاهه الاهي ۾ اسان جي لاءِ دعا گهُرو ته پنهنجي معرفت نصيب فرمائي. هو جڏهن سلطان ابراهيم جي خدمت ۾ آيو ته ڪيس اچڻ سان چيائونس ته اسان کي سُنو نٽو سمجهين جو حق جي طلب ٻين ڪان ٿو ڪرين. ان وقت پشيمان ٿيو ۽ توبهه ڪيائين.

**نقل** ڪيو شيخ عبدالقدوس ته هڪ دفعي ميران محمد جي پيرن کي زور ڏيڻ لاءِ رات جو مشغول هيم ته سندس روح جسم مبارڪ مان ٻاهر نڪري ويو. گهڻو ڊڄندي هٿ سندس سيني تي رکي معلوم ڪيم ته زنده نه هئا. حسرت ۽ ندامت وچان خيال ڪيم ته دانهون ڪيان ته فوراً پير چوريائون ۽ زنده ٿي فرمائڻ لڳا: "**موتوا قبل ان تموتوا**" يعني مرڻ کان اڳ مري وڃو. حديث ۾ به آيو آهي ته واصلن سان هي معاملو ٿيندو رهندو آهي مطلب بعض اوقات ائين ڪڏهن مرندا ته ڪڏهن زنده ٿيندا هئا.

**نقل** آهي ته هڪ ڏينهن مڪلي قبرستان جي زيارت لاءِ پاڪڙي ۾ سوار ٿي رهيا هئا ته رستي جي وچ تي ئي دم ڏڻي حوالي ڪيائون. خدمت ۾ حاضرين ڏٺو ته زندگي جا آثار نه هئا وري جڏهن روح سندن بدن مبارڪ ۾ موٽي آيو ته فرمايائون هن قبرستان وارن استقبال ڪيو هو انهن جي ملاقات لاءِ اڳتي ويو هوس.



**نقل** آهي ته حضرت جلال محمد ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ منٿ ميڙ ڪٽي نواب شاد خان وٽ ويو پر هن قبول نه ڪيو ۽ ظاهر ڪيائين ته هي ماڻهو سندس ملڪ ۾ رهڻ جي لائق ناهي ۽ ان کي فلاڻي جاءِ تي موڪلڻ گهرجي. تڏهن چيائون هن جي جاءِ تي امير خان هتي رڪجي ۽ ٺٽي جي حاڪمي هن جي حوالي ڪجي. آخر ان وقت شاد خان جي پيشانيءَ ۾ تبديلي آئي جڏهن امير خان اتي پهچي ويو ۽ ملڪ پنهنجي ضابطي ۾ آندائين. حاصل ڪلام ته پاڻ مقبول دعا هئا جيڪو به سندن زبان مان جاري ٿيندو هو اهو قبوليت جو شرف لهندو هو. مخدوم معظم جا ٻارهن فرزند ارجمند با شرع ۽ پرهيزگار هئا. قول توڻي فعل ۾ انهن کان اهڙي ڳالهه ظاهر نه ٿي جيڪا مسلماني لحاظ يا شريعت جي خلاف هجي. ڳالهه ٿا ڪن ته مخدوم معظم جي ڏوهٽن مان هڪڙي جي ٻنيءَ ۾ ڪنهن شخص جو چوپايو مال گهڙي آيو، هارين ڪيس جهٽڪيو ته هو گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو ۽ ڳالهائڻ ۾ حد کان وڌيڪ بي ادبي ڪيائين. فرمايائون ته هن شخص جي جزا ۽ سزا ناموافق نه هوندي جو چور هن کي قتل

ڪندا ۽ هن جو مال چورائي ويندا. انهن ٽي ڏينهن ۾ ڪي چور هن ڪي ماري سندس مال ڪاهي ويا.

مطلب ته سندن اولاد جا مناقب سڀ عمر ويهي لکجن، تڏهن به پورا ٿي نه سگهندا. حاجي الحرمين ملا قاسم رهاڪو سيوستان بظاهر پنهنجو وقت ڪنياڪري ڪم ۾ گذاريندو هو پر سندس پوري عمر ۾ هر دفعي چار مهينا اهڙا ايندا هئا جو انهن ڏينهن ۾ حرمين شريفين زادهما **الله** تعظيماً وشرفاً (**الله** تعاليٰ انهن جي عزت ۽ تعظيم وڌائي) جي زيارت ڪري موٽي ايندو هو ۽ انهيءَ طريقي سان هو هميشه ظاهر ڪندو هو ته جناب رسالت مآب عليه وعليٰ آلهٖ افضل الصلواة والتحيته ڪيس ان خدمت تي مامور ڪيو آهي ته مخدوم معظم جي اولاد بزرگوار سان منسلڪ رهان ۽ خدمت جو تعلق نڀائيندو رهان جيڪا هن لاءِ ٻنهي جهانن جي سعادت جو شرف رکي ٿي.



## باب چوٿون

### مخدوم معظم جي يارن ۽ ارادتمندن جا مناقب

**نقل** آهي ته مخدوم معظم جي خدمت ۾ دل سان سوال ڪيائون ته سائين جن جي ارادتمندن کي يار ۽ اڳين مشائخ جي ارادتمندن کي مريد چون ٿا. تڏهن پاڻ معجز بيان زبان سان فرمايائون ته هن فقير جو هر قدم شريعت جي متابعت تي پڪو آهي، جيڪو به رسالتمآب ﷺ جي ظاهري صحبت ۾ هوندو هو ان کي به يار پيغمبر چوندا هئا.

**نقل** آهي ته مخدوم معظم حاضرين مجلس کان پڇيو ته ڇا يار ڪثرت سان نون ذڪرن ۾ مشغول رهن ٿا ۽ هڪ ٻئي سان ٻين کان وڌيڪ محبت ۽ قرب ۽ ايثار رکن ٿا؟ خدمت

گرامي ۾ عرض ڪيائون تہ هائو. انهيءَ طريقي سان متصف آهن. پاڻ فرمايائون تہ انهيءَ ڪان وڌيڪ بہ خدا تعاليٰ ڪين عطا ڪندو. محفل ۾ موجود حاضرين دل ۾ خيال ڪيو تہ اُها بہ خبر پئجي وڃي تہ بهتر آهي تہ جيئن دل جو اطمينان ٿئي. فرمايائون تہ واقعي واري صورت ۾ ڏٺم تہ حضرت بيبي فاطمہ رضي الله عنها فقير تي شفقت واري نظر رکي فرمايائون تہ هن جوان جا هدايت يافتہ لاالٰہ الاالله جو ذڪر ائين ڪندا جيئن هاري زمين ۾ ٻج ڇٽيندا آهن ۽ هڪ ٻئي سان ميٺ محبت ۾ هوندا آهن. اهي سڀاڻي ڇوٽڪاري واري ڏينهن ضرور منهنجي پُٽن حسن ۽ حسين رضي الله تعاليٰ عنهما سان بهشت ۾ ويجهو هوندا.

**نقل** ڪيو درويش حُسين عرف سوم تہ سيد السادات لازم البرڪات اهل ڪشف و يقين شاهہ خير الدين وقت جي ڪامل مرشدن مان هو. جڏهن هن جي خدمت ۾ مشرف ٿيس تڏهن سندن غيب جي ترجمان زبان مان جذبي جي حالت ۾ اهو ظاهر ٿيو تہ حضرت شيخ بهاءالدين زڪريا جي مريدن جون ست گذريل ۽ ست ايندڙ پيڙهيون دوزخ جي باهہ ڪان ڇٽل آهن ۽



جيڪو بہ مخدوم نوح جي يارن مان آهي سڀاڻي قيامت جي ڏينهن حضرت بيبي فاطمہ رضي الله عنها جي فرزندن سان جنت ۾ ويجهو هوندو.

**نقل:** چڱي عاقبت واري مسعود شيخ محمود ابن صديق فخري ٻڌايو تہ بہ پهريان نيڪ طبيعت انسان جيڪي حضرت غوث الحق جي فيض بخش خدمت مان ڪلمئہ طيبہ لاالٰہ الاالله جي تلقين سان مشرف ٿيا. انهن مان هڪڙو قدوة الابرار مخدوم ساهڙ لنجار هو ۽ ٻيو شيخ المشائخ هوتي لاڪو هو. بلڪ غوث الحق فرمايو جيئن جناب رسالتمآب ﷺ صحابہ ڪرام مان چئن کي اختيار فرمايو ائين فقير جي يارن مان چار وڏا آهن. انهن چئن مان هڪ سيدن جو سردار، برڪتن جو سرچشمو، طٰ ويُس جي آل جو خلاصو سيد ابوبڪر لڪعلوي آهي. ٻالهہ ٽا ڪن تہ ارادت واري سعادت جي شرف سان مشرف ٿيڻ ڪان اڳ ۾ واقعي جي وقت ۾ ڏٺائين تہ چوٿين آسمان تي ملائڪ حلقو ٻڌي ذڪر جلي لاالٰہ الاالله ۾ مشغول آهن انهن ڪان پڇيائين تہ انهيءَ طريقي سان ذڪر جي ترتيب ڪهڙي

طريقي وارن جي آهي. فرمايائون ته هالاڪنڊي جي ڳوٺ ۾ مخدوم فخرالدين جي اولاد مان هڪڙو بزرگ لاالٰه الاالله جي ذڪر جي ان تلقين سان باري عزّ اسمه وجلّ قدرته جي بي پايان عنايت ۽ حضرت رسالتمآب ﷺ جي امداد سان اجازت واو آهي. اسان کي به حڪم آهي ته لاالٰه الاالله جي ذڪر ۾ انهيءَ طريقي سان مشغول رهون. جڏهن ملائڪن کان هي حقيقت ٻڌڻ ۾ آيس ته ارادت جو شوق هن جي دل جي دامن کي ڇڪي مخدوم معظم جي صحبت گرامي ۾ پهچايو. تڏهن هو مڪمل واصلن مان بڻجي ويو ۽ انهيءَ طريقي تي اهڙو ته پختو ٿي بيٺو جو هڪ دفعو ٺٽي شهر مان ڪيترين سوڪڙين پاڪڙيون ڀيڙي پيرائي گويا انهن ملائڪن جو قاصد بڻجي آيو. جڏهن هالا ڪنڊي ۾ پهتو ۽ مسجد ۾ پير پاتائين ته ياد آيس ته خاص سرمو جيڪو گهر ۾ رکيل هو اهو وساري آيم، سو اتان موٽيو ۽ ٺٽي شهر مان اهو سرمو هٿ ڪيائين. چون ٿا ته جنس ۽ نقد، مال ۽ ملڪيت جيڪي به هٿ آيس ڪٺي ڀيڙي ۾ ٿي وڌائين ۽ سڀ حضرت غوث الحق جي پُر عظمت خدمت ۾ پيش



ڪيائين. سندس فرزندن عرض ڪيو ته ڪجهه انهيءَ نقد ۽ جنس مان اسان کي به عنايت ڪريو جو ضرورت وقت خرچ ڪيون. اهڙيءَ طرح قرض مٿان آهي ۽ قرض خواه هر وقت گهرن ٿا انهن کي ڏيڻ ۾ لاچار آهيون. هنن پنهنجي حاجت بيان ڪرڻ ۾ وسان نه گهٽايو ۽ گهڻيون آزيون نيزاريون ڪيائون پر آخر تائين هٿ نه ڪوليائين ۽ هڪ ٽڪو به نه ڏنائين. بلڪ سمورو سامان ۽ مال حضرت غوث الحق [72] جي فيض واري صحبت ۾ آڻي حاضر ڪيائين. مخدوم صاحب مجلس ۾ پهچڻ سان ٺي ڪيس فرمايو ته اي سيد! سيني تي شريعت پاڪ ۾ اولاد جو حق لازم آهي جيڪو ادا ڪرڻ گهرجي ۽ پَڪ سمجهه ته اسان جي ضرورت جي ڪفايت لاءِ خدا تعاليٰ ڪافي آهي جو:

**”ومن يتوکل علي الله فهو حسبه“** (الطلاق: 3)

[جيڪو **الله** تعاليٰ تي ڀروسو ڪري ٿو پوءِ اهو ان لاءِ ڪافي آهي.]

مناسب هو ته ڪجهه اولاد جي مدد لاءِ به ڇڏين ها. هن جڏهن ڏٺو ته بهار جو ڪڪر وسڻ وارو آهي ۽ سخا جو درياءَ لُطف سان ڀريل آهي ته تاج المستورات، زين المخدرات، رابعه عدويه بي بي مريم ثاني جي واسطي سان عرض ڪيائين ته اسان جي اولاد کي الله تعاليٰ جي حوالي ڪن جو:

**مَا عِنْدَكُمْ يَنْفَدُ وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ بَاقٍ** (النحل: 96)

[جيڪا شيءِ توهان وٽ آهي ختم ٿي ويندي ۽ جيڪا الله تعاليٰ وٽ آهي باقي رهندي.]

جيئن ٻيا انعام اڪرام، ٻيون نعمتون ۽ برڪتون ڪين عطا ٿين. تڏهن فرمايائون ته توهان جي اولاد چوڏهن پشتن تائين فقيرن، ميرن ۽ پيرن جي دعائن سان هُوندي ۽ ان کان بعد توهان جي خدمت ۽ عبادت جو ثمر ماڻيندي.

ظاهري طور نماز ادا ڪرڻ ۾ چند قدم اڳتي هليو ويندو هو ڪيس ڪنهن شخص چيو ته اِها حرڪت نماز ۾ جائز ناهي. چيائين خبر آهي، پر جڏهن سر سجدي مان ڪڍندو آهيان ته



ڪعبة الله منهنجي سجدي گاهه تائين اچي ويندو آهي پوءِ بهتر سمجهي ٻيو سجدو ڪندو آهيان. اڳتي نماز ۾ چُرڻ جو سبب اهوئي آهي. هڪ لڪعلوي شخص ڳوٺان گدرو سندس خدمت ۾ ڪٽي آيو جڏهن ٻه اڌ ڪيائين ته متو نڪتو ته ان مهل ئي ٻئي اڌ ڪٽي هالاڪندي ۾ مخدوم معظم جي خدمت ۾ آندائين. ڳالهه ٿا ڪن ته سيد سڳورو پاٽوٽ ڳوٺ ۾ شيخ حسن مؤذن جو مهمان ٿيو جيڪو پاڻ بزرگي ۽ ڪرامتن ۾ مشهور هو. هو اهڙو ته برڪتن ڀريو هو جو هر اجايل ۽ سڙيل ساهه وارو جڏهن اتي ايندو هو ته هڪ ٻن ڏُکن سان سيراب ۽ ڏاپجي ويندو هو. ائين ان وقت ٿورو طعام جيڪو هن جي لاءِ تيار ڪيو هئائون هر ايندڙ ويندڙ کي سڏي ٿي ڏنائون بلڪ هر ڪنهن کي صلاح ٿي هنيائون ۽ جنهن صلاح قبول پئي ڪئي ته پوريءَ ريت ڏاول ٿي پئي نڪتو. بلڪ جن کي ان مان ذرو يا ڪجهه به مليو ٿي ته ان بچت مان ڪائي پي ڊؤ ٿي ڪيائون. آخر جڏهن پاڻ ۾ اڪيلا ٿي ويٺا ته سيد پاٽي گُهريو ته ان ڪرامت واري مؤذن ڪرامت ڏيکاريندي پنهنجي اندر مان وڏو جام ڀري ٿي ڏنائينس جنهن

کي پي ڍائجي ويو. ”**هل من مزيد**“ [ڇا اڃا به آهي] جو نعرو هنيائين تڏهن سندس زبان تي هي شعر هو:

سَبو سبوده خم خم دلي بُود مرا
قدح چه آب زند آتش بلند مرا

[اسان جو دليون شراب جا وڏا مٽڪا ٿي ويون آهن اسان جي هن آڙاهه کي پيالا ڇا ڪندا؟]

عزت جي تقاضا سمجهي ڳوٺ ۾ پڙهو ڏنائون ته هر گهر چئن مانين جيترو کاڌو ۽ ماني حاضر ڪندو وڃي ڇو ته مهمان گهڻا ٿي ويا آهن. ڪنهن به گهر هن جي سڏ کي نه ٽاريو جيڪو به پچايائون اهو مسجد ۾ آڻي جمع ڪيائون تڏهن ڪرامت برڪت واري اک گهمائي چيائين ته هي لقمو قبول فرمائين. فوراً سڀ ڪجهه کاڌائين ۽ اها ديڳ جيڪا مهمانن لاءِ تيار ٿي رکي هئي اها به کائي پوري ڪيائين تڏهن اها حالت ڏسي ڳوٺ ۾ آس پاس جيڪي ڌنار ۽ مال وارا هئا. انهن کي



آواز ڏنائين ته ڪير ڏهي ڌنؤرو ۽ ٻيو کاڌو جيڪي وٽن موجود هجي ته آڻيو. صبح سوير معمول کان وڌيڪ گهڻو ڪجهه ڳڏ ٿي ويو. هن پنهنجي ورد وظيفن کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ اهو سڀ ڪجهه جيڪي اتي پهتل هو کائي ويو ۽ جيڪي ڪجهه ديڳ ۾ هو اهو سڀ پڻ کاڌائين. ليڪن اهو سڀ ڪجهه کائڻ پيئڻ بعد به پيشاب ۽ پائخاني بلڪ انساني حاجت لاءِ ڪيڏانهن نه ويو. حد ته اها جو شام جي وضو سان صبح واري نماز ادا ڪيائين. آخر انهيءَ ماجرا کان دل ڏکويل ٿي هالاڪندي جي راهه ورتائون ۽ واٽ تي اها ڪلي جيڪا ڍڳن سان کوهه مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ ڪم آڻيندا آهن مالڪ جي اجازت سان انهيءَ ۾ وات وڌائين ته سمورو پاڻي پي ويو. آخر ان شخص جيڪو فصل کي پاڻي ڏيڻ جي انتظار ۾ هو جڏهن سڀ ڪجهه خالي ڏٺو ته سمجهيائين ته اهو مرد آهي جيڪو پاڻي پي ويو آهي. ٻجندي ان جي ويجهو آيو ۽ آزيون نيازيون ڪيائين ۽ ڪيس الله ۽ رسول جا واسطا وڌائين ته پوک ٿي سُڪي. اهو ڏسي اتان اُٿيو ۽ درياءَ ڏانهن منهن ڪيائين درياءَ ۾ جيڪو پاڻي هو سڀ پي ويو.

مذڪور مؤذن انهيءَ حال کان واقف ٿيڻ خاطر هڪڙي خادم کي موڪليو ۽ چيائين قضا حاجت دوران جيڪي ڪجهه ظاهر ٿئي ڪٽي اچ. اها ڪڪڙ جي آني وانگر ڪا شيءِ هئي جيڪا خادم ڪٽي مخدوم صاحب جي خدمت ۾ آيو. جنهن ۾ زعفران کان وڌيڪ خوشبوءِ هئي. انهيءَ ڏينهن پاڻ مخدوم معظم جي خدمت ۾ پهتو چيائونس. اي سيد! فقيرن کي اهڙا حال ظاهر ڪرڻ نٿا سونهن. خاص ڪري اسان جي دوستن کي جيڪي شريعت جي رستي تي ثابت قدم رهندا آهن. اهڙي صورتحال ڏسي ان سيد توبهه ڪئي ۽ ان جو ڪفارو چار چِلا ڪڍيائين ۽ هر اها هدايت جيڪا مخدوم معظم جي معجز بيان زبان مان ٻڌائين ان تي فوراً عمل شروع ڪيائين بلڪ هڪ دفعي جڏهن ڪافي عرصي کان بعد مخدوم معظم جي [73] زبان مان ڪنهن شهر جو نالو ٻڌندو هو ته ان حال ۾ اوڏانهن رخ ڪندو هو ۽ لاالٰه الاالله جو ذڪر صبح ۽ عصر جي نماز کان بعد ۾ جيڪو هن سلسلہ عاليہ جو طريقو آهي ٻارنهن هزار ڀيرا نفلي ورد وظيفن کان پوءِ پڙهندو هو. سندس جمعي جي نماز سڄي عمر



۾ ڪڏهن فوت نه ٿي توڙي جو ٽن ڏينهن جي مسافريءَ تي پري هوندو هو.

**نقل** آهي ته هڪ بزرگ هندستان جي ڪنهن ولايت ۾ خواب ۾ ڏٺو ته سنڌ ولايت ۾ اهل بيت مان هڪ بزرگ آهي جنهن جو قدم حضرت موسيٰ ڪليم الله جي قدم تي آهي. هن کي دل ۾ ان بزرگ جي خدمت جو ڏاڍو شوق دامن گير ٿيو ۽ آخر لڪعلوي ڳوٺ ۾ اچي پهتو. اتي ڳوٺ جي مسجد ۾ ڏٺائين ته هڪ بزرگ عبادت ۾ مشغول هو. هو جيئن دست بوسي ڪري ويٺو ته سمجهيائين هن جو حال دنيا جي ظاهري شين کان بلڪل خالي هو ۽ هن جو جسم ڪنهن به قسم جي اوچي لباس کان ناواقف هو. بلڪ هن جو پيٽ بک جي باهه ۾ پيٽل هو. سوچيائين ته ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي ته هن غريب ۽ سادڙي انسان جو قدم موسيٰ ڪليم الله جي قدم تي آهي. آخر هن درويشن جي حالت کي پنهنجي دل جي آئيني ۾ ڏسي چوڻ لڳو ڳيرو ڪٽي کهڙو به ٿلهو متارو هجي باز سان ڪيئن ٿو ياري ڪري سگهي ۽ زور آزمائي ڪري سگهي. ان جو مثال

هيئن آهي تہ پڳڙا پُڄڻ جي وقت توڙي جو ڦندي وڏن ٿا پر ٿانوَ ڪي نہ ٿا پچن، چو تہ ان ۾ پُڄندا آهن. اها ساڳي ڳالهہ نفس جي اندر سان لاڳو آهي جڏهن ان سيد ڪان اها ڳالهہ ٻڌي تہ پنهنجي بي ادبيءَ جي معافي گهريائين ۽ اجازت وٺي سيد اسماعيل بخاري جي بابرڪت خدمت ۾ پهتو جيڪو مخدوم معظم جي ارادتمندن ۾ خاص هو. اهڙيءَ حالت ۾ هن پنهنجي دل جي آئيني ۾ عين بصيرت سان مشاهدو ڪري ڪين چيو تہ هن فيض بخش زماني ۾ خاص بہ شخص ان لائق آهن هڪڙو غوث العالم شيخ بهاؤالدين زڪريا ۽ ٻيو غوث الحق مخدوم نوح.

**نقل:** شيخ محمود بن صديق فخري ٻڌايو تہ بهاؤالدين دلق پوش ڪي دل ۾ خيال آيو تہ سيد ابوبڪر لڪعلوي ارادتمندن منجهان تمام وڏيڪ پيارو هوندو چو تہ مخدوم معظم جي خدمت ۾ قسمين قسمين تحفا آڻي ٿو. آخر هڪ ڏينهن بهاؤالدين دلق پوش خوش طبعي ڪندي سيد ابوبڪر ڪي چيو تہ همت جي ميدان ۾ اچ تہ ولايت جي راند ۾ زور آزمائي ڪيون. پهرين تون پاڻ ڪي ملڪ ۽ ملڪوت جي درياء ۾ يا



انهيءَ ڪان علاوه جتي بہ گهرين ٽٻي هڻي وڃ، جيڪڏهن توکي ڳولي ويس تہ راند مون کٽي. آخر ان حال ۾ ڪرامت واري خيال ۽ حال سان پرواز ڪيائين ۽ افلاڪ، عرش، ڪرسي، عالم مثال ۽ عالم ارواح ڪان بہ اڳتي گذري ويو ۽ احديت واري درياء ۾ وڃي لڪو. ليڪن دلق پوش سندس پٺيان هو ۽ ان جاءِ تي وڃي ڪيس ڳولي لڌائين. هاڻي بهاؤالدين وڃي پاڻ ڪي لڪايو جڏهن هن ڪي نہ لهي سگهيو تہ چيائين ٻاهر اچ راند تون کٽي وئين. تڏهن هن حضرت رسالت مآب ﷺ جي آستين مان يعني دامن مان پاڻ ڪي ظاهر ڪيائين جتي وڃي لڪو هو.

**نقل** آهي تہ اهو سيد نيري لباس سان ۽ بهاؤالدين دلق پوش ڳاڙهي لباس سان مخدوم معظم جي خدمت ۾ پهتا. فرمايائون تہ منهنجي آسمان جي ڪنهن ملائڪ سان ملاقات ٿي جنهن ڪي نيري لباس ۾ ڏٺم ۽ هالاڪنديءَ جي پرسان پاٽوٽ ڳوٺ ۾ ڍنڍ تي ابليس سان ملاقي ٿيم تہ هن ڪي ڳاڙهو لباس پاتل هو. حديث ۾ آهي تہ ”اَلحَمرَه زيّ الشيطَانِ يعني ڳاڙهاڻ شيطان جي سونهن آهي. مخدوم معظم جو ابليس ڪي

ٻاڙهي لباس ۾ ملبوس ڏسڻ حديث جي حجت تي دلالت ڪري ٿو ۽ حديث جي حجت مخدوم معظم جي ولايت جي صحت تي دلالت ڪري ٿي.

رضوي باغ جو گُل سيد ابوبڪر لڪعلوي هڪ دفعي چوڻ لڳو ته عرش عظيم کان مٿي اسي هزار سال نور آهي ۽ ان کان مٿي اسي هزار سال نور عليٰ نور آهي ۽ ان کان مٿي اسي هزار سال اونداهين جو نور آهي ۽ فقير هردم ان حضور جي نور ۾ حاضر هوندو آهي. جيڪڏهن هڪ ساعت به اتان غائب ٿئي ته سڙي خاڪ ٿي وڃي يا ڳري پاڻي ٿي وڃي. ظاهري علم وارن مان هڪڙو مجلس سڳوريءَ ۾ موجود هو دل ۾ سوچيائين ته اها بلڪل نئين ڳالهه آهي سمورو وقت ته هتي آهي ۽ نماز ادا ڪرڻ لاءِ به پنج ئي وقت جماعت سان حاضر آهي پوءِ اتي وڃڻ جو وقت ڪيس ڪيئن ميسر ٿي سگهي ٿو. تڏهن چيائون ته بعض ماڻهو قرآن کي محنت سان ياد ڪن ٿا ۽ زير زبر ۽ پيش ۽ ان جا وقف وغيره سڀ ملحوظ رکن ٿا، ليڪن مڪاشفي وارو شخص وڏيڪ اعليٰ طريقي سان سڀ اسرار رباني ڄاڻي وٺي ٿو.



تڏهن ان شخص جي دل ۾ آيو ته سيد سڳورو پنهنجي حد کان وڌيڪ تعريف ٿو ڪري. هن چيو ته پنهنجي نفس جي تعريف نٿو ڪيان پر پاڪائي ان خدا تعاليٰ جي آهي جنهن اهڙي نعمت ٻانهن کي عطا ڪئي آهي ۽ پروردگار جي نعمتن جو شڪر ڪرڻ به حديث موجب آهي ۽ ان مالڪ جي نعمت جي ڳالهه ڪرڻ به شڪر طور لازمي آهي جيئن **الله** تعاليٰ پاڻ فرمايو آهي:

**وَأَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ** (الضحي: 11)

[۽ پنهنجي رب جي نعمت جو بيان ڪر]

هڪ ڏينهن سيد ابوبڪر جي دل ۾ خيال آيو ته اسحاق گونگي جي خدمت ۾ وڃجي جيڪو ڪرامتن ۾ مشهور هو. آخر الاهي انوارن جي تجلين ۾ فاني اسحاق گونگي جي خدمت ۾ اچي ظاهر ٿيو ۽ اُنس ۽ محبت جي خواهش ڪيائين. فقير اسحاق ۽ پاڻ گهڻي دير تائين صحبت ڪيائون ۽ اسرار ۽ وحدت جون ڳالهيون ڪيائون انتها ان ڳالهه تي ڪيائين ته هڪڙي سفيد چادر نذراني طور ان درويش جي اڳيان پيش ڪري

چيائين تہ قبول فرمايو جيڪا ڏاڍي سفيد آهي. [74] تڏهن هو چوڻ لڳو تہ اي سيد! مون ڪي اها جاءِ ڏيکاريو جتي سفيد رنگ جا پکي تمام گهڻا آهن ۽ انهيءَ ولر جو آخري ٽولو هڪڙي پير تي بيٺل آهي ۽ ٻيو پير انهن جو مٿي آهي. هر پکي اهو اسم جيڪو زبان سان ادا ڪري ٿو ٻيو پيرو اهو اسم زبان تي نٿو آڻي ۽ ٻن اسمن جي وچ ۾ ڪين اک چنيڻ جيترو وقت نٿو لڳي ۽ ازل کان ابد تائين ان حال ۾ آهن. ان مرحلي تي سيد عرض ڪيو تہ ڪاش! انهن پکين وارو سير مون ڪي بہ نصيب ٿئي جو مڪنوني آهي. چيائين اي سيد! تو ڪي اهو سير هٿ نہ ايندو جو گهوڙي تي سوار ٿو ٿئين ۽ ڪجهہ خادم اڳيان ڪري پاڻ ڪي شيخ ٿو سمجهين. جيڪڏهن گهرين ٿو تہ انهن پکين جي جاءِ تي جيڪي تسبيح پڙهندڙ آهن. مشرف ٿيئن تہ ڦاٽل پراڻي گودڙي پاءِ ۽ پڳل ڪونرو هٿ ۾ ڪڻ ۽ پنهنجو نالو بڪر وٽ. نڪي ابوبڪر ۽ اهڙي جاءِ تي وڃ جتي تنهنجو نام و نشان ڪو شخص نہ ڄاڻي ۽ نہ سڃاڻي. آخر موڪلائڻ وقت سيد سڳوري نيري رنگ واري هڪڙي چادر سندس حوالي ڪئي.



فقير اسحاق ان ڪي ڏوئي ان جو پاڻي پي ڇڏيو ۽ اها پنهنجي ڪفن جي لاءِ سنڀالي رکايائين. چون ٿا تہ اسحاق فقير روحانيت جي جهان مان سڌو سنئون ”يا الله“ ”يا هو“ جي اسم سان تلقين حاصل ڪئي هئي.

ٻيو وڏن يارن مان درويش عمر هو جنهن پنهنجي عمر رياضتن ۽ مجاهدي ۾ بسر ڪئي هئي ۽ ان جو نفس اماره مئل هو ۽ کاڌي پيتي ۽ لباس کان گهٽو پڳل هو ۽ هڪڙي گودڙي کان سواءِ وٽس ڪجهہ بہ رکيل نہ هو. ان ڏينهن کان پوءِ هو ارادتمنديءَ جي شرف سان مشرف ٿيو. ڪڏهن فضول ڪلام زبان تي نہ آندائين بلڪ سارو وقت روزي ۾ گذارڻ ۽ رات جو قيام ڪندڙ هو ۽ سندس غذا ڪيترن ڏينهن کان پوءِ افطار وقت چند لقما هوندي هئي. سندس ويهڻ ۽ سمهڻ جي جاءِ ساڳي نہ هوندي هئي ۽ ننڊ ان جي اختيار ۾ نہ هئي.

ٽيون وڏن يارن مان قدوة الابرار درويش عثمان عصار سمورو وقت ڏينهن توڙي رات غوث الحق جي خدمت ۾ هوندو هو جيڪو بہ طلب جو ارادو ڪندو هو تہ ان جو سڃاڻندڙ بنجي

ان جي اصل نسل ۽ ان جي فضيلت بابت مخدوم معظم جي خدمت ۾ اهڙي لطافت آميز ۽ لطف انگيز گفتگو ڪندو هو جو اهو ارادتمند خدمت منجهان وڏي فيض وارو ٿي ويندو هو. آخر ۾ هڪڙي چادر کان سواءِ پنهنجي لاءِ ٻي ڪا شيءِ نه رکندو هو. جنهن جو هڪڙو پاسو پاڻ ڏي ڪندو هو ۽ ٻي پاسي کي ڳلي ۾ ڳنڍ ڪري ٻڌندو هو ۽ جيڪو ٽڪر ڳنڍ کان ٻاهر بچي پوندو هو ته ڪَٽي ڇڏيندو هو ۽ ڪو به نذرانو قبول نه ڪندو هو.

**نقل** آهي ته هڪڙو شخص سفيد سوٽي ڪپڙو سندس خدمت ۾ سوکڙيءَ طور پيش ڪري چوڻ لڳو ته چادر کانسواءِ ٻي ڪنهن شيءِ سان واسطو نه ٿو رکان. وڌيڪ عرض ڪيائين ته اسان کان قبول ڪيو ۽ ڪنهن ٻئي کي ڏئي ڇڏيو. چيائونس ته هيءُ ڪم توهان جي لائق آهي ۽ ان سودي جو فائدو توهان جي لاءِ آهي اها منهنجي اڳيان ڪڻ ٻي ڪنهن کي ڏي، چو ته فقيرن کي وٺڻ ۽ ڏيڻ سان ڪو ڪم نه هوندو آهي. ايتري فاقه ڪشي ڪندو هو جو پيشاني جي پسيني مان افطار ڪندو هو.



چوٿون صحيح السّادات سيد علي متعلوي آهي جنهن چاليهه سال جهنگلن ۽ بيابانن ۾ مجاهدا ۽ رياضتون ڪيون هيون ۽ ڏٿ تي روزو کوليندو هو ۽ هن جي اوبر ڪو به نه ڪائي سگهندو هو ۽ جيڪو ڪائيندو هو ته ان مهل ئي مري ويندو هو. هڪڙي ڏينهن ان جي اوبر زمين ۾ ٿي پوريائون ته ڏؤنري جا ڪجهه ذرڙا ٻاهر رهجي ويا جنهن کي هڪڙي ڪانوَ اچي چنهب سان کوٽڻ لڳو ته اتي جو اتي مري ويو.

**نقل** آهي ته هڪڙو هندو مذهب وارو رياضت گذار مرد هن جي رياضت ڏسڻ آيو. اهو هندو عجيب طريقي سان هڪ ٽنگ تي ٿي بيٺو يا پاڻ کي رسي سان وڻ يا ان جي ٽاريءَ سان ٻڌي ٿي ڇڏيائين. هن کي چيائين ته مون وانگر بيهي ته ڏيکار ۽ ان دوران هن کي جيڪي ملندو هو ته کائيندو هو. مذڪور سيد هن جي اهڙي حالت جو معائنو ڪيو ۽ سندس اچڻ جي نيت معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ڪيس چيائين ته ڪجهه ڏينهن رهي پؤ ته جيئن هڪ جاءِ تي گڏ بيهي گذاريون بلڪ جنهن طريقي تي مان کائڻ ۽ پيئڻ ۾ هجان تون به ان طريقي

تي هج. هڪ ٻئي جي ڳالهه تي متفق ٿيا ۽ هڪڙي جاءِ مقرر ڪيائون. ڪجهه ڏينهن بعد سيد چيو ته رسيءَ کان سواءِ ۽ تاريءَ ۾ ٻڌجڻ کان سواءِ بيهي ڏيکار جيئن اسان بيٺا آهيون. ان کان پوءِ اهو هندو سخت حيران پريشان ٿي ويو بلڪ اُڃ ۽ بک جي ڪري سارو جگر سڙي ويس تانجو پڇڻ جو رستو اختيار ڪيائين. چون ٿا ته سيّد سڳورو اتي هڪ سال تائين انهيءَ طريقي سان بيٺو رهيو. هو گهڻو ڪري عمدو لباس ڍڪيندو هو ۽ هڪ ڏينهن اهڙو ئي لباس پائي مخدوم معظم جي خدمت ۾ آيو. پاڻ فرمايائون ته فخر واري عمدي لباس ۾ ڍڪيل ڪير آهي؟ اتي موجود درويش عثمان ظاهر ڪيو ته درمندن جو ڇوٽڪارو مرتضوي سيّد علي آهي ۽ فخر وارو لباس انهيءَ ڪري ڍڪيو اٿس جو دنيا وارن جو هيٺو حال ترڪڻ جي لاءِ هوندو آهي پر فقر جي دولت قبا جي هيٺان فخر وارن شين کي لڪائڻ لاءِ آهي. فرمايائون ته هن جو اهو لباس دنيا دارن جي ترڪڻ جي ڪري نه آهي بلڪ هي لباس دنيا جي طلب پڻ ڪري ٿو. پاڻ فرمايائون ته نيري رنگ جي چادر هيٺان ڪرڻ ۽



سفيد چادر ڪلهي تي رکڻ ۽ دستار جا پنج ست يا يارهن گز مٿي تي رکڻ ۽ ان سان چئن آڱرين جيترو طُري جو پلئه ڇڏڻ نڪي ترڪ دنيا آهي نڪي فخر واري ڳالهه آهي.

**نقل:** عارفن جي اڳواڻ مخدوم امام ولد مرحوم مخدوم يوسف ٻڌايو ته هڪ ڏينهن سيد علي جي خدمت ۾ حاضريءَ جو شرف حاصل ڪيم. مجلس وارا مون کي سڃاڻي ويا [75] ته هتي مشاهدي وارن بزرگن جي اولاد مان ڪو بزرگ يعني خدا جي مردن مان ڪو پلارو خدمت شريف ۾ آيل آهي. چيائون ته هن زماني ۾ خدا جي مردن مان هڪ آءٌ به آهيان ۽ ٻيو جمعو جاڙيجو آهي باقي توهان جيڪي ڪجهه فرمايو ٿا ته هو خدا جي مردن مان آهي اسان نٿا ڄاڻيون. اها ڳالهه ڪرڻ وارو چوي ٿو ته اهو هدايت وارو ڪلام جيڪو موتين پربل زبان مان بيان جي صورت ۾ ظاهر ٿيو ان جي برڪت سان آءٌ نفس جي سواري کان پيادو ٿي پاڻ پائڻ ۽ پنهنجي غرور واري قيد کان ٻاهر نڪري آيس. درويش جمعو جاڙيجو پڻ سيد سڳوري جي واسطي سان مخدوم معظم جي ارادت ۾ وڃي مشرف ٿيو. اهو ساڳيو راوي

بيان ڪري ٿو ته سيد علي جي جاءِ نماز هيٺان هميشه خالص سون ۽ چاندي ۽ مرواريد جو واهه وهندو هو جيڪو اڻ کٽ هو. ليڪن پاڻ ان مان ڪا پائي به خرچ نه ڪندا هئا ان ڪانسواءِ چوپايا ۽ مال ملڪيت ۽ گهريلو سامان وٺن تمام جهجهي انداز ۾ موجود هو.

اهو ساڳيو ناقل چوي ٿو ته محبت جي چمن جو بلبل درويش جمعو جاڙيجو جڏهن ڪيس اچا ڏاڙهي به ڪو نه آئي هئي تڏهن ڪان منهنجو همدم ۽ همراز هو. هڪڙي ڏينهن پنهنجي شفقت وارو هٿ منهنجي مٿي تي رکيائين. ڏٺم ته عالم ارواح جا سڀ راز مون تي کلڻ لڳا. مون جڏهن اها روئداد پنهنجي والد سان بيان ڪئي ته فرمايائون ته هن جي خدمت ۾ ڪمر چُست رک ۽ سرگرم رهه. جڏهن ٻيو ڀيرو اهڙي مهرباني ڏسين ته انتهائي ادب سان سندس خدمت ۾ اهو عرض ڪر ته پنهنجي انهيءَ ڪرامت واري مرتبي جي ڪري جنهن سبب ظاهري ۽ باطني جهان منهنجو فرمانبردار ٿيو آهي ٻيو ڪو مقصد نٿو رکان. آئون صرف توهان جي خدمت ۾ اها اميد ٿو رکان ته



منهنجو هٿ حضرت رسالتمآب ﷺ جي هٿ ۾ ڏيو. آءٌ ڪافي وقت انهيءَ انتظار ۾ رهيس تان جو وري هڪ ڏينهن شفقت جو اهو ساڳيو اثر سندس چهري مبارڪ مان معلوم ٿيو. تڏهن سندس خدمت ۾ عرض رکيم ۽ مقصد ظاهر ڪيم ته اکيون آليون ڪري اظهار ڪيائين ته ذوالجلال جي برگذيده جمال اڳيان باهه جا ستر هزار پردا آهن. بدعت وارن ڪي اتان عبور ڪرڻ مشڪل آهي ڇو ته اسان به بدعت وارا آهيون جو وحدت جو شراب امردن ۽ عورتن جي صورت ۾ هر وقت اسان جي سامهون آهي. حق جو مشاهدو انهن جي درميان آهي. تون ٻڌاءِ ته تنهنجو هٿ خدا جي هٿ ۾ ڏيان يا تنهنجو هٿ خضر عليه السّلام جي حوالي ڪيان ته اهو تنهنجو مددگار ۽ معاون ٿئي. وڌيڪ بيان ڪيائين ته آءٌ گهڻي مدت محبت ۽ عشق احمدي جي واديءَ ۾ سرگردان ۽ پريشان رهيس ۽ ڪيترين ئي رياضتن ۽ مجاهدن کي مخفي پئي رکيم ته ڪڏهن انهيءَ عظيم دولت سان مستفيد ٿيندس. آخر هڪ رات خواب ۾ خير البشر جو لشڪر منهنجي نظرن ۾ ظاهر ٿيو. آءٌ ان وقت جيترو به تکو ٿي سگهيو

ڊوڙندو رهيس پر پهچڻ نصيب نه ٿيو. آخر اهڙي وقت مخدوم معظم جي خدمت ۾ مدد جي فرياد ڪيم ته فوراً مدد خاطر منهنجو هٿ وٺي جيترو ممڪن ٿي سگهيو تيز هليا پر منهنجي بد قسمتيءَ جي ڪري پهچڻ ممڪن نه ٿيو. ان ڪان پوءِ نهايت عاجزي ۽ نيازمندي جو مون تي هٿ رکندي ۽ رسالتمآب ﷺ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيائون ته هي فقير اسان جي دوستن مان آهي اميد آهي ته ديدار فرحت بخش جي شرف مان مشرف ٿيندو. اهڙيءَ طرح مخدوم معظم جي ان سوال قبوليت واري عزت ماڻي ۽ مون ڪي هٿ ڪان وٺي قدم بوسيءَ جي شرف سان مشرف ڪيائون پر ان وقت به حضرت جن جي مهرباني پاڻ تي معلوم نه ٿي سگهي.

ساڳئي نقل ڪرڻ واري بيان ڪيو ته هڪ ڏينهن سؤ داڻن واري تسبيح ٽڪڙي پوري ٿي ڪيائون. خوش طبعي واري انداز ۾ عرض ڪيم ته انهيءَ جلدي جلدي ڦيرائڻ مان ڇا حاصل ٿئي ٿو. جواب ۾ چيائون ته هر داڻي تي الله تعاليٰ جي ڪلام جو ختمو ٿو ٿئي ۽ وري چيم ته حضرت اميرُالمؤمنين علي



ڪرم الله وجهه هڪڙي رڪاب ۾ پير رکي ڪلام الله شروع ڪندا هئا ۽ ٻي رڪاب ۾ پير پهچائڻ تائين ختم مڪمل ڪندا هئا. اميرالمؤمنين حضرت علي رضي الله عنه جي اسم شريف ٻڌڻ سان پنهنجو هڪ هٿ تعظيم خاطر مٿي تي رکي چيائون ته فقيرن جي غير معمولي قوت الله تعاليٰ جي مهرباني سان انهيءَ نموني جي آهي. ساڳيو نقل ڪندڙ وڌيڪ چوي ٿو (حضرت عليؓ) ظاهري طور چار سؤ عورتون پنهنجي نڪاح ۾ آنديون هيون تاهم دنيوي شين جي ملڪيت مان ڪجهه نه هُين. جيڪڏهن ڪنهن اجائي خرچ پڪي يا ان وقت مهر وغيره جي طلب ڪئي ٿي ته پنهنجي حال موجب ڏندڻ جي ڪاٺي يا جُتي وغيره هٿ ۾ ڏيندا هئا ته اها خالص سون ٿي پوندي هئي. ان ڪان پوءِ هن ڪي طلاق ڏئي ڇڏيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته هاڻي پلي پنهنجي راهه وٺ جو تون دنيا جي طلبگار آهين ۽ مولىٰ جي طلبگار نه آهين.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪڙو بزرگ جوانيءَ ۾ ڪرامتن ۾ مشهور ۽ پنهنجي زماني ۾ گهڻو ڄاتل سڃاتل هو ڪنهن

بزرگ جي ڌيءَ سان نڪاح ڪري گھوٽ جي لباس ۾ پئي آيو تہ ان ڪنوار پنهنجي پيءُ جي سامهون چئي ڏنو تہ اي منهنجا مهربان بابا! هن سان گڏ تہ ٻي عورت ڪنوار وارا ڪپڙا ڍڪي پئي اچي. تڏهن ان بزرگ پنهنجي نياڻيءَ کي چيو تہ گھڻي غيرت پنهنجي دل مان ڪڍي ٻاهر ڪر جو هي مرد سدائين نئون گھوٽ هوندو آهي ۽ هميشہ نئين گھوٽ واري لباس ۾ ڍڪيل رهندو آهي.

**نقل** آهي تہ هڪڙي ڏينهن (سيد علي) جامع مسجد فرخ ۾ تمام تڪڙ ۾ نماز پئي پڙهي تہ هڪڙي طالب علم سندن نماز ڏٺي تہ هن آيت ڪريم جي تقاضا موجب:

**وَلْتَكُنْ مِّنْكُمْ اُمَّةٌ يَّدْعُوْنَ اِلَى الْخَيْرِ وَيَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ** (آل عمران: 104)

[توهان هڪ اهڙي جماعت ٿيو جيڪو ڀلائيءَ ڏانهن سڏي ۽ نيڪيءَ جو حڪم ڪري.]



سوچ ۾ پئجي ويو. چوڻ لڳو تہ اي ڳوناٽا! توهان جيڪا نماز پڙهي آهي شريعت وارن وٽ ناجائز آهي ۽ اها ورائي پڙهو. جواب ڏنائون تہ اي علم وارا مرد! يقين ڄاڻ تہ مان اهو پڪي آهيان جو وحدت جي درياء مان احديت جا موتي [76] ميڙيندو آهيان البت ظاهر ۾ پيشاني زمين تي رکندو آهيان. چيائين اهو موتي مون کي بہ ڏيکاريو جيڪڏهن نہ تہ انهيءَ طريقي سان نماز پڙهڻ کان توبهہ تائب ٿيو ۽ اهڙيون سڀ نمازون جيڪي پوريءَ عمر ۾ ادا ڪيون اٿوَ قضا سمجهو تہ جيئن ان ذميواريءَ کان هن جهان ۾ ئي آزاد ٿي وڃو جو "**اول ما يُوحاسب با العبد يوم القيامة بعد التوحيد من الصلواة**" يعني قيامت ۾ ٻانهي کان توحيد کان بعد پهرين نماز جو حساب ورتو ويندو. انهيءَ حال ۾ ٻئي هٿ قيمتي موتين سان سجدي واري جڳهہ مان ڀري ان کي ڏيکاريائين جو اهڙا موتي جهان ۾ ڪنهن بہ نہ ڏٺا. جواهر ۽ مرواريد ڏسڻ سان سندس هوش جو پکي هن جي جسم جي آکيري مان اُڏري ويو. ڪافي دير بيهوش پيو هو جڏهن هوش ۾ آيو تہ پشيمان ۽ توبهہ تائب ٿي پوري اخلاص سان مخدوم

معظم جي ارادتمندن واري ٽولي ۾ داخل ٿيو ۽ ولايت واري رتبي کي وڃي پهتو.

اهو ناقل وڏيڪ چوي ٿو ته بي انتها عقيدت وچان هن جا مناقب هر مجلس ۾ منهنجي زبان تي هوندا هئا. هڪڙي رات خواب ۾ جناب رسالتمآب ﷺ جي خدمت ۾ معلوم ٿيو ته اهو ئي درويش دل وارو (مخدوم نوح) حضرت حق جي باغ جو بلبل هو. هن جي ڪرامتن جي بيان ڪرڻ کان زبان خاموش رهه ائين به ٻڌم ته محبت جي ملڪ جي خلافت هن فقير جي حوالي آهي جنهن کي عشق جي اها ڳالهه مشڪل لڳي ته اسان وٽان ان جو حل لهندو.

بهاؤالدين دلق پوش پڻ سندن خادمن مان آهي. هو اڳ ۾ بهاؤالحق والدين شيخ بهاؤالدين زڪريا جي ارادت رکندڙ هو ليڪن پوءِ هن سلسله عاليه جي درويشن خاص ڪري جمعي جاڙيجي معرفت غوث المعظم جي دست بوسيءَ سان مشرف ٿيو ۽ ڪافي وقت خاص خدمتگارن ۾ شامل هيو. اهو ئي سندن فرزندن جو استاد هو ۽ گهڻو وقت عبادت ۾ هميشه مشغول



رهندو هو. هن عمر جو ڪو لمحو نماز، ذڪر، ورد وظيفن، قرآن وحديث ۽ فقه ۽ سلوڪ جي ڪتابن لکڻ کان سواءِ نه گذاريو. ايستائين جو کائڻ وقت جڏهن وات ۾ گرهه وجهي هو چٻاڙيندو هو ته ٻئي لقمي تائين ان ڪم کان واندو نه ويهندو هو. هر وقت قال الله ۽ قال رسول الله ۽ بزرگان دين جي طريقن تي عمل پيرا هو. هن جو هر عمل مسنون طريقي موجب هوندو هو. هو ڏينهن ۾ قرآن جو هڪڙو ختم ۽ رات ۾ ٻيو ختم ۽ رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ تراويحن ۾ پورو ختم قرآن امام اعظم ابوحنيفه وانگر پڙهندو هو. ليڪن هڪ دفعي چيائين ته اڪثر اڳوڻن بزرگن جا مجاهدا ۽ رياضتون ۽ انهن جون دعائون ۽ ورد هن فقير مڪمل ڪيا. ليڪن مخدوم معظم جي کاڌي يا طعام جو معمول بلڪل نرالو هو. جنهن ۾ ڪڏهن ٽي لقما طعام جا ته ٻه ڏُک پاڻيءَ جا يا ٽي ڏُک پاڻيءَ جا ته ٻه لقما طعام جا واپرائيندا هئا ۽ ان کان وڌيڪ ڪڏهن نه کائيندا هئا. ٻيو زبان جي ذريعي ختم يا طي لساني جنهن موجب حضرت علي ڪرم الله وجههٗ هڪ رڪاب ۾ پير پائي ٻئي رڪاب ۾ پير وجهڻ

سان قرآن جو ختم ڪندا هئا. چيائين ته هن فقير کان ايتري مدت اندر پندرهن سيپارا ٿي سگهن ٿا. رمضان مهيني جي هڪ رات ۾ بعض اوقات قرآن جا ٽي ختم سامعين هوندي ۽ ٻيا وظائف هن کان اڳ جو ماڻهو اَسُر جي طعام لاءِ اُٿن پورا ڪندا هئا. بهاءالدين دلق پوش پهريون ڀيرو جڏهن ارادت سان مشرف ٿيو ته عرض ڪيائين ته هر وقت چا وضوءَ سان رهجي. مخدوم معظم فرمايو ته هي شخص واقعي سياڻو آهي جو ته وضو مومن جو هٿيار آهي جيئن چيو اٿن **"الوضوء سلاح المؤمن"** چون ٿا ته اڪثر ڪري ڏينهن چڙهڻ بعد اڳين يعني ظهر نماز جي وضو سان سومهڻي جي نماز پڙهندا هئا ۽ تهجد جي وضو سان چاشت جي نماز پڙهندا هئا. چون ٿا ته بيابان ۾ ڪافي وقت جانورن پکين ۽ اتي مجبور انسان جيڪي بُکايل ۽ اُڃايل هوندا هئا تن جي آرام لاءِ سخت تڪليف ڪري پاڻيءَ جو بندوبست ڪندو هو. جيستائين رحمت جو ڪڪر ۽ مينهن وسڻ جي موسم اچي بلڪ قحط سالي ۽ خشڪي جي زحمت ختم نه ٿيندي هئي ته ان ڪم کان هٿ نه ڪڍندو هو. پڇائونس تو



کي ڪڏهن ڪا تڪليف پهتي؟ چيائين ته نه، پر تڏهن جڏهن پوکي وارا ماڻهو تيز اوزار (هَرَ وغيره) سان گاهه پاڙؤن پٽيندا آهن. چيائين ته جهان ۾ هوا جي گهلڻ سان جيڪو به ڪک پن چُري ٿو يا اهو ڪک جيڪو ڪنهن جي ڏاڙهي کان ڇڪجي ٿو ته اُها جنبش ۽ حرڪت به منهنجي سموري جسم ۾ محسوس ٿئي ٿي.

ڳالهه ٿا ڪن ته ڪڇ علائقي جي حاڪم مُلا حسن کي قيد ڪيو هو جيڪو بهاءالدين جي خاص دوستن مان هو. ان جو سبب اهو هو ته هن ان جي ڌيءُ سان پيچ اٽڪايو هو. هن کي ڇڏائڻ جي لاءِ فقراء جي جماعت ڪڇ وٺي ويو اتي وزيرن مشيرن کي جڏهن سندس آمد کان آگاهه ڪيو ويو ته هنن چيو مصلحت هن ڳالهه ۾ آهي ته ملا حسن ۽ فقراء جي پوري جماعت کي قتل ڪرايو وڃي ته جيئن ٻيا هن مان عبرت حاصل ڪن. آخر گهڻي سوچ ويچار کان بعد ان ملڪ جي حاڪم چيو ته فقير بهاءالدين دلق پوش کي چئو ته اڄوڪي رات اها بارش وسي جيڪا اسان جي ملڪ لاءِ گهربل آهي جو ته خشڪ سالي آهي

[77] فقط ان صورت ۾ ڏيءُ جو سگ ملڪ جي سُک ۽ آرام خاطر فقراء ۽ خادمن تان قربان آهي ورنہ انهن کي جوڳي سزا ملندي. جڏهن اِهو پيغام بزرگ جي ڪن تائين پهچاياٽون تہ ان رات اهڙي تہ بارش اچي وسڻ شروع ڪيو جو وري ان کي بند ڪرائڻ لاءِ آزيون نيازيون ڪيائون. آخر مُلا کي قيد مان ڇڏي چيائون تہ اڄ ڏينهن بعد مُلا حسن کي ڪا بہ تڪليف نہ پهچندي بلڪ سندن ڪيميا واري نظر جي اثر خاطر ڪيترائي نياز نذرانہ آندائون.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ ڏينهن درويشن جي هڪ ميڙ ۾ جيڪي ان وقت عجيب عادتن ڪري مشهور هئا اچي شامل ٿيا. وجد، سماع ۽ رقص جي محفل ۾ سيئي گڏجي هٿ هٿ ۾ ملائي مست ٿي ويا بلڪ هوش مان مدهوش ۽ آخر حال کان بيحال ٿي ويا. ايتريقدر جو ڪنهن کي ڪنهن جي خبر نہ ٿي پئي، ميڙ وارن درويشن مان هڪڙي رقص ۾ مست ٿي پنهنجي چادر جو پلؤ صاحبِ يقين بهاؤالدين دلق پوش جي دوستن مان هڪڙي کي هٽي ڪديو تہ هو ان مهل ئي اتي جهڙوڪ مري



ويو. تنهن کان پوءِ ٻن ڄڻن بهاؤالدين دلق پوش کي ڪَنن کان وٺي زمين تان مٿي کنيو پر جڏهن هو گهڻي دير تائين استغراق جي ڪري هوش ۾ نہ آيو تہ وري ٻيو پيرو ڪنيائونس. ٽئين پيري تمام گهڻي زور سان ڪنيائونس تڏهن اک کوليائون ۽ دانائي سان سمجهي ورتائين تہ اي الله! هي هڪ قسم جو جهڳڙي جو انداز آهي جيڪو هن هنڌ جي درويشن جي رسم آهي جو ان طريقي سان امتحان وٺندا آهن ۽ هڪ ٻئي کان ولايت ڦريندا آهن ۽ رضامندي واري عادت ڪسي وٺندا آهن. آخر اُهو دوست جيڪو جهڙوڪ مري ويو هو فقط سندس نظر پوڻ سان زنده ٿي ويو. هوڏانهن ان ٻئي بزرگ جڏهن ظاهري ۽ باطني طور ڪا بہ پناهہ نہ ڏٺائين جنهن سان بچي ۽ آزاد ٿئي تہ اهڙي طرح گم ٿي ويو جو ان ڏينهن کان بعد ڪنهن وري هن کي نہ ڏٺو ۽ نہ ئي هن جو ڪو نالو نشان مليو.

بهاؤالدين دلق پوش اُها رات سجدي ۾ وڃي ڏينهن ڪري ڇڏي. پڇيائونس تہ اڄ رات سجدي ۾ ڏينهن ڪري ڇڏڻ جو سبب ڇا آهي؟ چيائين تہ اهو فقير جو معمول آهي سجدي ۾

وجڻ ۽ اُٿڻ حضرت رسالت مآب ﷺ جي اذن سان هوندو آهي پوءِ اها فرضي نماز هجي چاهي نفلي. اج رات انهيءَ سجدي ۾ دربارِ رسالت ۾ عرض ڪيم ته اج کان بعد ڪنهن کي اهڙي قسم جو ايذاء مون کان نه پهچي، نه ظاهري طور ۽ نه ڪي باطني طور. جڏهن اهو عرض اگهاڻو تڏهن سجدي مان مٿو مٿي ڪنيم. وڌيڪ چيائين ته مخدوم جي قدم بوسيءَ کان مشرف ٿيڻ کان اڳ ۾ موجود کي عدم بڻائڻ ۾ ڪو ڀؤ نه سمجهندو هئس جهڙي طرح ملاح جي ڄار ۾ جيڪا به مڇي پوندي آهي ٻاهر اچي مري ويندي آهي هاڻي ذوالجلال جي ڪرم ۽ رسالت پناه ﷺ جي شفقت ۽ مخدوم معظم جي مدد سان جوڻءَ، چِچڙ ۽ مَڇر کي به مارڻ ڏکيو ٿو لڳي بلڪ ڪنهن ساهواري کي ايذائڻ سُٺو نٿو سمجهان.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ دفعي ڪنهن ظالم حاڪم ڪيس قيد ۾ بند ڪيو ۽ سندس محبوب ترين ملڪيت ڪتابن کي ضايع ڪري ڇڏيائين. پُٽن ۽ دوستن ڪيس گهڻو چيو ته ڪرامت وارا آهيو تڪليف وقت ڪرامت ظاهر ڪرڻ جائز آهي. علم جفر



وغيره ۾ ماهر آهيو، جيڪڏهن سِڌي ڪرامت نٿا ظاهر ڪريو ته اهڙي ڪا صورت اختيار ڪريو جنهن سان هن جي هلاڪت ٿئي ته جيئن توهان قيد ۽ ذلالت مان آزاد ٿيو. چيائين تون جيڪو چوين ٿو صحيح آهي غلط ناهي پر هي ظالم مون کي مليل رزق يا نصيب مان هڪ داڻو به گهٽ نٿو ڪري سگهي ۽ منهنجو ايمان ذري برابر به نه گهٽيو آهي باقي عزت جي بقا ماڻهن ۾ شهرت جو سبب آهي ۽ شهرت الله جي مردن لاءِ آفت آهي. ڪيس قيد ڪندڙ شريف الملڪ جهانگير بادشاهه جي طرفان ٺٽي شهر جو حاڪم هو. ان جي زماني ۾ جهانگير جو فرزند ارجمند شاهه خرم دهلي جي دارالسلطنت مان هِن سر زمين ڏانهن ڀڄي آيو هو. هو بهاؤالدين دلق پوش جي قدم بوسيءَ لاءِ خدمت ۾ حاضر ٿيو هو ۽ پنهنجي واسطي تخت جي تمنا ڪئي هئائين. پاڻ آية الڪرسيءَ جو نقش ڪڍي شاهه خرم کي ڏنائون جنهن کي هن جهنڊي ۾ ٻڌي ڇڏيو هو ۽ ڪيس چيو هئائين ته دهليءَ جي سلطنت توکي ئي لائق آهي ۽ تو سان ڪنهن کي جنگ ڪرڻ جي همت نه ٿيندي. چون ٿا ته بنا

ڪنهن مقابلي جي شاهي تخت تي وڃي ويٺو. ٺٽي جي ظالم حاڪم انهيءَ ڪري ئي کين قيد ڪرايو هو جو هن شهزادي خرم لاءِ بادشاهي جي دعا ڪئي هئي.

**نقل:** ڳالهه ٿا ڪن ته بردبار ۽ حليم سيد عبدالڪريم جو فرزند ارجمند سلطان ابراهيم ۽ بهاؤالدين دلق پوش فقيرن جي جماعت سان سيد مير علي شاه وٽ منٿ ميڙ ڪٽي آيا ڇو ته هن ڪجهه زرعي زمين پنهنجي اقتدار جي نشي ۾ قبضي ۾ ڪئي هئي. مير علي شاهه انتهائي تعظيم ۽ تڪريم جيئن ٿيندي آهي بجا آندائين ۽ گڏ ويهي گفتگو ڪيائون. ان مجلس ۾ ڳالهائڻ جي اڳواڻي بهاؤالدين دلق پوش پئي ڪئي. سيد مير علي چيو ته ڳالهه جي شروعات سيد عبدالڪريم جي فرزند کي ڪرڻ گهرجي جيڪو سيد ۽ مدعي آهي. چيائين توڙي جو سيد آهي پر سندس والد هن فقير جو شاگرد آهي، شريعت، طريقت ۽ حقيقت جي علمن جي حصول خاطر خدمت ۾ حاضر رهيو آهي. علم سلوڪ ۽ بزرگان دين جي قولن کي ٻڌڻ لاءِ ۽ [78] سلوڪ جي رسالن مان استفادي خاطر ايندا هئا. بلڪ ڪامل طالبن مان



هئا ۽ بعض اوقات دقيق نڪتا ۽ باريڪ ڳالهيون پڇندا هئا. جن جا جواب سلوڪ جي ڪتاب مان سندس دل جي تسلي لاءِ ڏنا ويندا هئا. هو اڪثر ڪري فقير جا ڪتاب ساڻ کڻندو هو ۽ مراتب جي اضافي لاءِ فقير سان گڏ هلندو هو. ليڪن مير سيد علي جي دل مان اها ڳالهه نه وئي ۽ چوڻ لڳو ته پوءِ به ڳالهائڻ ۾ اڳرائي سلطان ابراهيم کي ڪرڻ کپي، ڇو ته هو توهان جي قبلي پير جو فرزند ۽ ولي آهي. بهاءُالدين وري چيو توڙي جو اسان جي پير ومرشد جو فرزند آهي ۽ ڳالهائڻ ۾ اڳرائي هن کي جڳائي پر اهو به اسان جي شاگردن مان آهي، تنهن ڪري اسان کي هن ڪان اڳ ۾ ڳالهائڻ نه گهرجي. اتي سيد مير علي ڪاوڙجي چيو ته بس هتان هليا وڃو، اُٿو ۽ هتي نه ويهو. تڏهن بهاؤالدين دلق پوش چيو ته هو وڃي رهيو آهي ۽ ٻين کي به چوي ٿو ته وڃو. اهڙيءَ طرح مجلس پوري ٿي وئي ۽ جنهن واٽ سان آيا هئا ان سان موٽي ويا. سيد مير علي پڻ صاحب دل هو ۽ ٿوري دير ۾ دانهن ڪري چيائين ته هي خواجه منهنجي عمر جا ڏينهن پورا ڪندو ٿو وڃي، هاڻي منهنجي زندگي پوري ٿي.

ائين چئي پنهنجو هٿ سيني تي زور سان رکي حاضرين مجلس کي چيائين ته هيءَ موت جي رڳ ظاهر آهي. آخر ڪجهه ڏينهن بعد ۾ ڪي چون ٿا پندرهن ڏينهن کان پوءِ دنيا جي گهر مان حياتي جو سامان ٻڌائين. ڳالهه ٿا ڪن ته هو ڏينهن ۾ رات ۾ هڪ ڀيرو صلاة تسبيح پڙهندو هو ۽ جمعي جي رات چاليهه ڀيرا ادا ڪندو هو ۽ تسبيح نماز ۾ پروردگار جي مشاهدي سان مشرف ٿيو هو.

**نقل** آهي ته هڪ ڏينهن بهاؤالدين دلق پوش جي زبان مان حاضرين مجلس ٻڌو جو پاڻ چيائين ته زمين آسمان ۽ جيڪي ڪجهه ان درميان آهي جمادات، حيوانات، نباتات وغيره ۽ عرش ڪرسي وغيره کان ٿيندو ويندو آهيان بلڪ ملڪ ۽ ملڪوت پڻ. هڪ دفعي درياءَ جي ڪناري تي پهتو ته ٻيڙي موجود نه هئي جو پار ڪن. حاضرين خدمت عرض ڪيو ته سياري جي رات آهي اهڙي سُج ۽ سرديءَ ۾ مرڻ وارا آهيون، تڏهن ان مهل ملاحن سميت هڪ ٻيڙي پيدا ٿي ان ۾ سوار ٿي



ٻئي ڪناري تي وڃي پهتا. جڏهن ڪنڌ ورائي ڏٺائون ته نه ٻيڙي هئي ۽ نه ڪي ملاح!

**نقل** آهي ته هڪ دفعي بهاؤالدين دلق پوش ڪنهن ڳوٺ جي مسجد ۾ عشاء نماز کان بعد پهتو تڏهن رفيقن مان هڪڙو بي صبريءَ جو مظاهرو ڪندي چوڻ لڳو ته جيڪڏهن عشاء جي وقت تائين پهچون ها ته ماڻهو اچي رهن ها ۽ فقراء جي جماعت کي فاقو نه ڪرڻو پئي ها. اوچتو ان ڳوٺ جو چڱو مڙس عشاء نماز ادا ڪرڻ لاءِ خلق جي سمهي پوڻ کان بعد مسجد ۾ داخل ٿيو جو اڳ ۾ جماعت ۾ نه پهتو هو، ڇو ته ٻاهر ڪنهن ڪم سانگي ويو هو. جڏهن فقراء جي جماعت ۽ انهن جي اڳواڻ جي بابرڪت آمد جي خبر پيس ته بنا ڪنهن دير جي گهر ويو ۽ مهمانيءَ خاطر جيڪي ڪجهه ٿي سگهيو کائڻ پيئڻ لاءِ تيار ڪرائي کڻائي آيو. ان کان پوءِ بهاؤالدين دلق پوش پنهنجي موتين جهڙي زبان سان بيان ڪيو ته جيڪڏهن ڪو درويش ڪنهن ڳوٺ ۾ رات گذاري ۽ ان ڳوٺ وارن وٽان ڪين ڪجهه به کائڻ پيئڻ لاءِ نه ملي يا ڪو ماڻهو ان کان پڇا به نه

ڪري ۽ ائين ئي فاقي ۾ ان ڳوٺ مان روانو ٿي وڃي. بلڪ پنهنجي ظاهري ۽ باطني طور تي راضي به هجي ۽ اعتراض جي زبان ڪنهن تي به نه کولي ته الله تعاليٰ پنهنجي لطف ۽ ڪرم سان سڀاڻي قيامت جي ڏينهن ان فاقي واري رات جي بدلي ڪيس معراج عطا فرمائيندو. جنهن جو مثال سردار انبياء ومرسل ﷺ جي معراج وانگر هوندو.

**نقل** آهي ته هڪ ڏينهن بهاؤالدين دلق پوش صبح جو فرض ادا ڪرڻ کان بعد ۽ سج اڀرڻ کان اڳ گهر ويو پڇا ڪرڻ تي ٻڌايائون ته خلاف عادت ان ڪري ڪيم جو رسالتمآب ﷺ جي سنت بجا آندم چو ته پاڻ ڪڏهن فرض ادا ڪرڻ کان بعد ۽ سج اڀرڻ کان اڳ گهر تشريف فرمائيندا هئا. ان ڪري ته جيئن حضرت بيبي فاطمه رضي الله تعاليٰ عنه کي سجاڳ ڪن ته جيئن ڪانئس نماز فوت نه ٿي وڃي. اهڙي طرح اڄ پنهنجي گهرواري کي سجاڳ ڪيم ته جيئن صبح جي نماز وقت تي ادا ڪري سگهي. اڪثر اها تمنا ۽ آرزو ظاهر ڪندا هئا ته ڪنهن اهڙي شخص جي اڳيان وڃان ته جيئن نبي ڪريم ﷺ جي



سنت بابت ٻڌي انهن تي عمل ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪيان.

**نقل** آهي ته هڪ ميزبان مهمان نوازي ڪرڻ جي خيال سان بهاؤالدين دلق پوش جي خدمت ۾ آيو ۽ مهمانوازي جا شرائط بجا آندائين ۽ موڪلاڻيءَ وقت پنهنجي حال آهر نذرانو به ڏنائين. غوث الجنّ والاِنس جي مريدن مان هڪڙو جيڪو ٻين سيني کان به قدم اڳتي هو غيرت ۽ حسد وچان چوڻ لڳو ته فلاڻو ڪير ٿيندو آهي. هو ته اسان جي پير جو مريد ۽ پيروڪار آهي. تڏهن بهاؤالدين دلق پوش سندس جواب ۾ چيو ته منهنجو پير اويسي مرتبي وارو آهي جنهن کي جناب رسالتمآب ﷺ کان سواءِ ڪنهن پير جي ضرورت ناهي. تڏهن نهايت جوش و خروش سان چيائين اي فلاڻا! هو هر وليءَ کي سرفراز ڪرڻ وقت صلوٰة الحضور ادا ڪرائيندا آهن ۽ اُها نماز پڻ توهان جي مقتدا پڙهي آهي. اسان به جيڪي مريد آهيون ان جاءِ تي پڙهي آهي ۽ انهيءَ نماز ۾ قراءت توڙي قيام اندر به ختم قرآن ۽ هڪ رڪوع ۽ هڪ قيام ۽ ٻن سجدن ۾ ۽ هڪ جلسي ۾ يعني

هر هڪ رڪوع ۾ قرآن جو ختم پڙهندا آهن. حضرت غوث الثقلين محبوب رب المشرقين و رب المغربين مذڪوره نماز پڙهي ۽ غوثيت جو مرتبو حاصل ڪيائون ۽ وقت جي ڪيترن بزرگن جي هوندي منبر تي بيهي ان جو اظهار ڪيائون. [79] جڏهن هي الفاظ چيائون **"قدمي هٰذه علي رقبة كل ولي الله"** يعني منهنجو هيءُ قدم **الله** تعاليٰ جي سمورن ولين جي ڪنڌ تي آهي.

**نقل** آهي ته هو هڪ ڀيري دوستن جي جماعت سان مخدوم معظم وٽ آيا مرشد سڳورو ڪين مهمانيءَ لاءِ پنهنجي گهر وٺي آيو. اوچتو گهر جي در وديوار مان الله جي ذڪر جي صدا بلند ٿي سندن ڪنن ۾ پهتي. تڏهن سندس دل ۾ خيال آيو ته اهڙي هادي وقت جي ارادت جي رسي ڪنڌ ۾ وجهڻ کپي. جڏهن انهيءَ راز کان بهاؤالدين دلق پوش آگاهه ٿيو ته ڪين فرمايائون:

چو بيني شاه عالي شان نشايد هر گدا
ديدن



خطا باشد لب درياء اعظم چاه كنديدن

[بادشاهه عالي شان جي هوندي ڪنهن گدا ڏانهن نه واجهائبو، چو ته درياء جي ڪناري تي کوهه کوٽڻ گناهه آهي.]

آخر سيني کي مخدوم معظم جي ارادت تائين پهچايائين تانجو اهي سڀ مرتبن جي اضافي سان فيضياب ٿيا.

نقل آهي ته هڪڙو شخص بهاؤالدين دلق پوش جي خدمت ۾ اچي چوڻ لڳو ته چاهيان ٿو ته اڪيلائي ۾ حق جي طلب جي اصلي ڳالهه پڇان. چيائين ته چئو، جيڪو به اها ڳالهه سمجهي ٿو ته اهو اهل آهي ۽ ان کان اهڙي ڳالهه روڪڻ افسوسناڪ آهي ۽ جيڪڏهن سمجهه ۾ نه آيس ته ڀِت وانگر نادان آهي. پڇڻ لڳو هن زماني ۾ ڪهڙو ولي سدرة المنتهيٰ کان واقف آهي؟ چيائين وڻ جي ڳالهه پڇي اٿئي نه ڪي حق جي طلب جي، تڏهن ڪيس حسرت وچان چوڻ لڳا هي فقير جيڪو توهان جي اڳيان ويٺل آهي هر پَل ميدان العاشقين ۾

حاضر آهي ۽ جيڪڏهن هڪ پل جُدا ٿئي ته سڙي رک ٿي وڃي. ان کان پڇيائون ته ميدان العاشقين ڪٿي آهي؟ چيائين ست فلڪ ست هزار سال جي واٽ جي مُسافت تي آهي ۽ عرش و ڪرسي جي وچ ۾ ٻه لک سال جو پنڌ آهي ۽ عرش کان ٻاهر جي گولي تائين ٻه لک سالن جو پنڌ آهي ۽ ان کان مٿي ٻاهٺ لک سالن جو پنڌ آهي ۽ ميدان العاشقين انهن سڀني جي مٿان واقع آهي حق جا عاشق هر وقت اُتي آهن.

**نقل** آهي ته هڪ ڏينهن مسجد ۾ لکڻ ۾ مشغول هئا ۽ ان مسجد جي ڪُنڊ ۾ هڪ ڪوڙهيو شخص موجود هو جنهن جا هٿ ۽ پير چرڻ پرڻ کان شل هئا. ڪيس هلڻ چلڻ توڙي ڪا شيءِ وٺڻ ۽ کڻڻ جي طاقت نه هئي، هن کي اشارو ڪيائين ته اُٿ ۽ مسجد جي جاري ۾ ويجهو ئي لوٽو رکيل آهي کڻي اچ ته جيئن ٿورو پاڻي مس ڪُپڙي ۾ وجهان. الله تعاليٰ سندس قول کي قبوليت جي شرف سان نوازيو ۽ اُن حال ۾ اُن مرد کي اُٿڻ جي طاقت نصيب ٿي ۽ صحيح سالم ٿي اُتي هلڻ لڳو ۽ سندس ڪوڙهه جو اثر بالڪل ختم ٿي ويو چڻ ته ڪا بيماري



هئس ئي ڪو نه. بلڪ چاق چڱو ڀلو ٿي هٿ ۾ لوٽو کڻي پنهنجي هٿن سان ڀري سندس خدمت ۾ کڻي آيو. آخر ۾ ان شخص مرض کان نيڪ ٿيڻ جي ڳالهه ڪئي ۽ چيائين ته ٻئي ڪنهن کي نه ٻڌائجانءِ نه ته مرض موٽي ايندو. البت هن فاني جهان مان منهنجي وڃڻ کان بعد ڪندين ته اجازت آهي.

**نقل:** ڳالهه ٿا ڪن ته پاڻ هڪ رات شينهن جي شڪل ۾ شيخ ڪپور جي زيارت لاءِ آيا جنهن جي مزار آباديءَ کان دور هئي جڏهن ان جي قبر وٽ پهتا ته قرآن پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويا ۽ پنهنجي اصلي روپ ۾ موٽي آيا. ختم پوري ٿيڻ بعد ۽ ارواح کي بخشڻ بعد ڪُنڊ ۾ هڪ مرد کي ويٺل ڏٺائين جيڪو لڪيو ويٺو هو هن کي پاڻ وٽ سَڏي تاڪيد ڪيائين ته هرگز هن راز کي ظاهر نه ڪجانءِ جو توهان لاءِ ٻنهي جهانن ۾ ڪم آسان ٿيندا ۽ جيڪڏهن ظاهر ڪندين ته توهان لاءِ دين و دنيا ۾ خساري جو سبب بنجندا. چون ٿا ته اُهو مرد جيستائين جيئرو هو. تيستائين اهو راز لڪائي رکيائين ۽ ان ڪري دولت ۽ ولايت

وارو ٻڌجي ويو، ليڪن رحلت کان بعد ظاهر ڪيائين تنهن کان پوءِ پاڻ به ممات واري گهر ڏانهن حياتي جو سامان ٻڌائين.

**نقل** آهي ته مزار فائض الانوار جي مجاورن مان هڪڙي ڪين ڏٺو ته سندن خدمت ۾ معاشي تنگيءَ جي دانهن ڪيائين چيائونس ته هن راز کي قابو ڪجانءِ، تڏهن تو وٽ دنيا جي دولت ايندي. ظاهري طور تي ٻه ٽي ٻڪريون وٺي ڏاريائين. هر ٻڪري خلاف معمول هر مهيني ٻه ٽي دفعا ڏُکي ٿيندي هئي ۽ ڦر ڄڻيندي هئي. اهڙي طرح کير ۾ گهڻو اضافو ۽ ٻين شين ۾ برڪت ظاهر ٿيڻ لڳي. هڪڙي دفعي جڏهن ڪنهن سان اهو راز سليائين ته چوپائي مال توڙي نقد جنس ۾ جيڪا هُن گڏ ڪئي هئي ان ۾ گهٽتائي ۽ نقصان ڏسڻو پيس. شيخ محمود ابن صديق فخري کي سندن خدمت ۾ منٿ لاءِ موڪليائين. چيائونس توهان جي معذرت جي ڪري هن کي بس ضرورت جيترو ملندو. **والله** اعلم بالصواب.

**نقل** آهي ته هڪ طالب بهاؤالدين دلق پوش جي خدمت ۾ سوال ڪيو ته ذڪر گهڻا قسم آهي ۽ خفي ذڪر ڪهڙو



آهي. چيائين ته هن باري ۾ منهنجي تقرير تمام گهري آهي تنهنجي سمجهه ۾ نه ايندي، ها پر سلطان الواصلين حضرت مٺو جي خدمت ۾ وڃي پُڇ، [80] جيڪو ذڪر جي قسمن بابت توکي صاف ۽ سليس جواب ڏيندو جنهن سان تنهنجي پريشان دل کي اطمينان ملندو. نيٺ طالب پنهنجو اهو سوال حضرت مٺي جي خدمت ۾ وڃي پيش ڪيو هن فوراً چيو ته ‘اصول روشن’ ڪتاب آڻيو جيڪو سلوڪ جي فن ۾ لکيل آهي ۽ ان جي فلاڻي باب ۾ ڏسو اتي لکيل هو ته ذڪر اٺ قسم آهي اک جو ذڪر، زبان جو ذڪر، ڪَن جو ذڪر، هٿ جو ذڪر، پير جو ذڪر، مٿي جو ذڪر، دل جو ذڪر، پوري وجود جو ذڪر. سائل چيو ته هن عبارت مان مون کي ڪا به شيءِ سمجهه ۾ نٿي اچي، وضاحت هجڻ کپي. تڏهن چيائون ته اک جو ذڪر اهو آهي جو نظر قرآن ۾ هجي ان سان گڏ عالمن بزرگن ۽ پيران طريقت ۽ ماءَ پيءُ جو منهن ڏسڻ، ڪاريگر جي ڪاريگر جون عجيب وغريب شيون ڏسڻ. اهڙيءَ طرح ويران شيون ڏسي انهن مان عبرت ۽ نصيحت وٺڻ، اجنبي عورتن ۽ امردن ۽ محرمات کي

ڏسڻ کان رکجڻ. ٻيو زبان جو ذڪر جيڪو قرآن جو پڙهڻ آهي ۽ تفسير واحاديث وعلم فقه وغيره علوم شريعه سکڻ. طريقت جي مشائخن جا احوال ۽ حالات ۽ انهن جي اقوال متعلق ڳالهائڻ. بي مقصد ڪلام، ڪوڙ، الزام، غيبت ۽ چغلي جهڙين ٻين شين کان زبان کي روڪڻ يا وري قرآن پڙهائڻ يا وري زبان سان ڪنهن کي رضامند ڪرڻ. ٽيون ڪَن جو ذڪر جنهن لاءِ قرآن وعظ ونصيحت ۽ ان مثل ٻڌائيندو رهي جيڪي شيون ٻڌڻ جي قابل ناهن اُهي نه ٻڌي مثلاً اجايون سجايون ڳالهيون ۽ موسيقيءَ وغيره جيئن طنبورا ۽ دف وغيره. ڪوڙ ۽ فحش ڪلام، حسد ۽ گلا ۾ شريڪ ٿيڻ. چوٿون هٿن جو ذڪر جنهن جو مطلب آهي ته ڏوهن جا اوزار ۽ حرام شيون نه وٺي ۽ ڪنهن کي به تڪليف نه پهچائي يا وري عاجزن ۽ هيٺن وغيره جي خدمت ڪري. پنجون پيرن جو ذڪر جو مطلب عالمن جي مجلس ۾ وڃي يا ڪامل مرشد جي طلب رکي ۽ بُرن جي مجلس ۾ وڃڻ کان پيرن کي روڪي يا وري ڪنهن شخص کي رستو ڏيکارڻ لاءِ هلي ۽ اُهي نيڪيون ڪري جن جو تعلق پيرن



سان آهي. ڇهون مٿي ۽ ڪنڌ جو ذڪر اُهو هي آهي جو خاص **الله** تعاليٰ جي حڪمن آڏو ڪنڌ جهڪائي ۽ انهن کان ڪنڌ نه ڪيرائڻ. ستون دل جو ذڪر جنهن سان نيڪ عملن جي نيت هر وقت دل ۾ هجي ۽ گناهن جي نيت کان پچڻ. اٺون پوري وجود جو ذڪر ۽ اُها عاجزي ۽ پاڻ کي نه پائڻ آهي ۽ پاڻ ڏانهن اضافي اعمالن جي نسبت کي ڪيرائڻ ۽ اهو خفي جي ذڪر جو اثر آهي.

**نقل** ڪيو درويش داؤد بصير يعقوب واڍي کان جيڪي ٻئي مخدوم امام ولد يوسف جا شاگرد هئا ته حضرت مٺي جي خدمت ۾ ٻڌم ته في الواقع بعض خدا جا ٻانها **الله** تعاليٰ وٽ اسان جي پير کان فوقيت رکندڙ آهن پر جيتري عقيدت مخدوم معظم سان اسان مريدن جي آهي ايتري ڪنهن ٻئي بزرگ جي مريدن ۾ ناهي نه هئي ۽ نه ٿيندي، ڇو ته حضرت رسالتمآب ﷺ سان ظاهراً، باطناً قولاً ۽ فعلاً تابعداري ڪندڙ آهن.

**نقل** آهي ته قدوة الواصلين حضرت مٺي جي دل ۾ آيو ته مخدوم معظم جي خدمت ۾ وڃي ارادت جو رسو ڪنڌ ۾

وجهي. پهرين قدم کڻڻ سان هر طرف کيس پنهنجي رهائش کان ست ڏينهن جي مسافت معلوم ٿي پر ساڳئي وقت الله جي ذڪر جو اثر پنهنجي پوري وجود ۾ ساري ۽ جاري محسوس ٿيس ۽ ست سال لاڳيتو مخدوم معظم جي خدمت ۾ بسر ڪيائين. جيتوڻيڪ اُمي ۽ اڻ پڙهيل هو پر جڏهن مخدوم معظم جي فيض واري صحبت ۾ مرتبي ۽ مڪاشفي واري دولت مان مستفيض ٿيو ته ان ڪري زماني جي عالمن ۽ دانشمندن جي اڳيان الله جي ڪلام جي معنيٰ اڻ ڏٺل تفسيرن مان بيان ڪري ويندو هو، جنهن ڪي اهي عالم قبول ڪري وٺندا هئا. بلڪ گهڻو پسند ڪندا هئا ۽ اخلاص ۽ عقيدت جو اظهار ڪندا هئا بلڪ بعض اوقات عربي ۽ فارسي قصيدن جا مشڪل بيت سندس صحبت ۾ اچي حل ڪندا هئا. اها ڳالهه جڏهن قاضي احمد جي ڪنن تي پئي جنهن کي وقت جو امام اعظم چوندا هئا ته ڪو درويش آهي جيڪو ظاهري جهڙوڪ نحو ۽ صرف يا فقه جي پڙهڻ کان سواءِ آيتن، حديثن ۽ علم معاني وغيره يا عربي قصيدن جي مشڪل بيتن جي مطلب کي



بيان ڪرڻ جهڙا ڪم ڪري ڏيکاري ٿو. سو ڇا ڪيائين جو ٻه ٽي ڏکيا بيت دل ۾ سوچي هن جي خدمت ۾ تجربي جي خاطر کڻي آيو. اچا زبان مان ڪجهه ڪڇيائين مس ته هن بيتن جو معنيٰ ۽ مفهوم کان سواءِ صرف نحو جي به سمجهاڻي ڏيندو ويو. جڏهن ڪي ڳالهيون ڪيس سمجهه ۾ نه آيون ته وري پڇڻ لڳو ته اها معنيٰ ڪهڙيءَ طرح ڪئي اٿو. تڏهن هو مخاطب ٿي چوڻ لڳس، اي قاضي! ان ماڻهو ڪي ڏٺو اٿئي جنهن ڪي جِن وٺندو آهي ان وقت جيتوڻيڪ هو اُمي هوندو آهي ته به قرآن پڙهڻ لڳندو آهي وري جڏهن جِن هن کان ٻاهر نڪري [81] ويندو آهي ته اهڙيءَ طرح هو ساڳيو اُمي رهجي ويندو آهي. ان ريت جيڪي فقرائن کان ظاهر ٿيندو آهي، اهو علم هنن مان پاڻ ظاهر نه ٿيندو آهي بلڪ خالص الله تعاليٰ جي مٿن عنايت هوندي آهي. هو جيڪي ڪجهه چوندا آهن انهن جو اختيار ۾ نه هوندو آهي. اهو مثال ٻڌڻ سان معتقد ۽ مخلص بلڪ حلقه بگوش ٿي ويو ۽ هر قسم جون خدمتون بجا آڻڻ لڳو. ڪيترا ڀيرا پنهنجي آڱرين جون چوٽيون اکين تي رکي چوندو هو ته مون

ڪيئي پيرا پنهنجي پروردگار کي پنهنجي هن اکين سان ڏٺو آهي پر جڏهن زماني جي عالمن کان معلوم ٿيو ته **الله** تعاليٰ کي اک سان ڏسڻ عقائد جي ڪتابن ۾ ثابت ڪونهي، تڏهن جواب ۾ چيائين ته واقعي پروردگار کي اک جي نظر سان ڏسڻ مشڪل آهي پر هن درويش جي ظاهري صورت ان جي سچي قول تي شاهد آهي. اڪثر ڪري وجد ۽ سماع ۾ سجدو ڪري وٺندو هو ۽ اهڙي حال ۾ به سندس سجدا قبلي جي طرف واقع ٿيندا هئا. واصلن جي اڳواڻ حضرت هاشم ابن حماد سڪريي نالي درويش کان پڇو ته حضرت مٿو هن وقت وحدت جي پيالي ۾ مست آهي ۽ احديت جي جام پيڻ سبب مدهوش آهي پر ان حال ۾ پڻ سجدا قبلي جي طرف ڪندو آهي. چيائين ان برڪت جو سبب سندس ڪامل مرشد جو هجڻ آهي جيڪو رسالت مآب ﷺ جي قول ۽ فعل جي تابعداري ڪندڙ آهي.

**نقل**: سهڻي عاقبيت وارو قاضي مسعود نصرپوري جيڪو زماني جي اڻ لپ عالمن مان هڪ هو، تنهن ٻڌايو ته درويش مٿو هڪ پيري مخدوم معظم جي مجمع ۾ وجد ۽



رقص ۾ ايترو محو ٿي ويو جو پنهنجو پاتل پهراڻ قوالن جي حوالي ڪري ڇڏيائين. مون ڏٺو بلڪ هن ظاهري ڪنن سان پاڻ ٻڌم ته سندس جسم جو هر وار زبان ٿي ويو ۽ **الله** پاڪ جي اسم چوڻ ۾ ازحد مشغول هو.

**نقل** آهي ته واصلن جي اڳواڻ مٿي فقير جي وفات کان ڪجهه عرصو پوءِ فقير حسين جيڪو پڳڙا جو رهاڪو هو سخت بيمار ٿي پيو. ايتريقدر جو اٿڻ ويهڻ کان به لاچار ٿي ويو بلڪ سندس سمورا عضوا سُڪي ويا. وضو ۽ استنجا جي طاقت به نه رهيس ۽ نماز به اشارن سان ادا ڪرڻ لڳو. جڏهن گهڻي درد جي ڪري دانهن ڪندو هو ته چوندو هو "**شڪر علي ڪل مصيبة**" يعني هر مصيبت تي شڪر آهي. پندرهن سالن گذرڻ بعد حضرت مٿي جي يارن ۽ دوستن سان شڪايت واري زبان کوليائين ته آخر هن فقير کان ڪهڙي ڪوتاهي ٿي آهي جو اهڙي مرض ۾ مبتلا ٿيو آهيان جو وضوءَ جي طاقت به نٿو رکان ۽ زمين تي پيشاني رکڻ جي سگهه به نه رهي اٿم جو صحيح سجدو ڪري سگهان. حضرت مٿي کي ان رات خواب ۾ ڏٺائين

جنهن چيس، اي فقير حسين! **الله** سائين فرمايو آهي: **"من طلبني فقد وجدني ومن وجدني فقد احبني ومن احبني فقد عشقتني ومن عشقتني فقد عشقته ومن عشقته فقد فقتلتهٗ ومن قتلتهٗ فانا ديتهٗ"** [جنهن منهنجي طلب ڪئي ان مون کي پاتو ۽ جنهن مون کي پاتو ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي ان مون سان عشق ڪيو ۽ جنهن مون سان عشق ڪيو ته مون ان سان عشق ڪيو ۽ جنهن سان مون عشق ڪيو، بيشڪ ان کي مون قتل ڪيو ۽ جنهن کي مون قتل ڪيو بيشڪ ان جي ديت مان خود آهيان.] جڏهن ننڊ مان سجاڳ ٿيو ته باري تعاليٰ جو شڪر بجا آندائين ۽ پوءِ ساهه ڏڻيءَ جي حوالي ڪيائين.

**نقل** ڪيو مخدوم امام ولد مخدوم يوسف ته هڪ ڏينهن قدوة الواصلين حضرت مٺي پنهنجي موتين جهڙي زبان سان اهو بيان ڪيو ته خدا تعاليٰ وٽ هڪ اهڙو بهشت آهي جو ان بهشت ۾ **الله** تعاليٰ جي رضا ۽ ديدار ڪانسواءِ اتي ٻي ڪا به نعمت ڪانهي، تڏهن اهو بيان ٻڌڻ واري چيو ته ان بهشت ۾



اُمت مان الائجي ڪهڙو شخص ويندو. جواب ڏنائين ته ان ۾ فقير مٺو هوندو. ان نقل ڪرڻ واري وڌيڪ چيو ته حضرت مٺي جي خدمت ۾ سوال ڪيم ته حديث قدسي ۾ آهي ته، **"الانسان سرّي وانا سره"** يعني انسان منهنجو راز آهي ۽ مان ان جو راز آهيان. اهو انسان ڪهڙو آهي؟ چيائين اهو ڪامل انسان حضرت محمّد مصطفيٰ ﷺ آهي ۽ ٻي سموري خلق کي هن جي محبت جي ڪري پيدا ڪيو اٿس.

**نقل** آهي ته ٺٽي شهر جا قابلِ فخر عالم مخدوم داؤد سان گڏ جيڪو وقت جو علامه هيو، قدوة الواصلين حضرت مٺي جي خدمت ۾ آيا ۽ پڇڻ لڳا ته فقر جي حقيقت ڇا آهي؟ چيائين ته حضرت مخدوم معظم جي خدمت ۾ هڪڙو عالم دربيلي شهر جو زيارت جي لاءِ آيل هو هن پڻ سوال ڪيو ته فقر جي حقيقت ڇا آهي ته، چيائين نبي ڪريم ﷺ جو فرمان آهي: **"سالت عن الله تعاليٰ عَنِ الفقر قال الله تعاليٰ الفقر يسرّ بيني وبين عبدي لا يطلع عليه نبي مرسل ولاملک مقرب الا محمد** ﷺ" يعني مون **الله** تعاليٰ کان فقر جي باري ۾ پڇيو

**اللّٰه** تعاليٰ فرمايو ته فقر منهنجي ۽ ٻانهي جي وچ ۾ هڪ راز آهي جنهن جي ڪنهن نبي مرسل ۽ مقرب ملائڪ کي به خبر ناهي سواءِ محمد ﷺ جي.

حضرت بيبي عائشه رضي **الله** تعاليٰ عنها حضرت رسالت مآب ﷺ کان سوال ڪيو ته فقير ڪير آهن ۽ فقر ڇا آهي؟ حضور ﷺ جن فرمايو ته فقير ان کي چوندا آهن جنهن وٽ دنياوي اسبابن مان ڪجهه به هن جي ملڪيت ۾ نه هجي ۽ گهڻي فاقن جي باوجود ڪنهن به شخص کان بلڪ پنهنجي خدا کان به ڪا شيءِ طلب نه ڪري ۽ گذر سفر جا اسباب پڻ نه رکي. ٻيو فقر جو فخر هي آهي ته نه هجڻ ۽ مصيبتن ۾ گرفتار هجڻ جي باوجود راضي ۽ شاڪر هجي. ٽيون فقر جو سِر هي آهي ته دنياوي اسبابن جي باوجود دنيا سان ڪا وابستگي نه رکي ۽ پنهنجي لاءِ ان ۾ تصرف جي ڪا اميد به نه رکي. چوٿون فقر حقيقي هي آهي ته پاڻ کي وچ ۾ نه ڏسي ۽ **الله** تعاليٰ جي حڪم ۽ ارادي کي پنهنجو والي ۽ پاڻ تي غالب سمجهي ته جيڪي به ڪري ٿو سو خدا ٿو



ڪري ۽ جيڪو به طريقو آهي اهو خدا تعاليٰ جي طرفان آهي.

**نقل** آهي [82] ته هڪ ڏيهن مخدوم حامد قدوة الواصلين حضرت مني کان سوال ڪيو ته خدا تعاليٰ کان ڇا گهرڻ ڪپي؟ چيائين ته شريعت جو علم مخدوم حامد چيو ته اڳين اوليائن کان منقول آهي ته عقل ثابت گهرڻ ڪپي. تڏهن حضرت مني پنهنجي قول جي تائيد ۾ هيءَ حديث دليل طور آندائين ته رسول **الله** ﷺ فرمايو آهي: **"العقل يدل عليٰ امور الخير والعلم يدل علي اوامر الله تعاليٰ من يتبع العقل فهو يتبع الدنيا ومن يتبع الدنيا فهو يتبع النفس ومن يتبع النفس فهو يتبع النار ومن يتبع العلم فهو يتبع الشريعة ومن يتبع الشريعته فهو يتبع الله ومن يتبع الله فهو يتبع نوره ومن يتبع نوره فهو من نورهِ ويغرق من نورهِ فقال الله تعاليٰ نبيه وقل رب زدني علماً"** يعني عقل ڀلن ڪمن جو ڏس ڏيندو آهي ۽ علم **الله** تعاليٰ جي حڪمن جو ڏس ڏيندو آهي جنهن عقل جي تابعداري ڪئي ان دنيا جي تابعداري ڪئي ۽ جنهن دنيا جي تابعداري ڪئي ان

نفس جي تابعداري ڪئي ۽ جنهن نفس جي تابعداري ڪئي ان
باهہ جي تابعداري ڪئي ۽ جنهن علم جي تابعداري ڪئي ان
شريعت جي تابعداري ڪئي ۽ جنهن شريعت جي تابعداري
ڪئي ان الله تعاليٰ جي تابعداري ڪئي. پر جنهن الله تعاليٰ
جي تابعداري ڪئي ان ان جي نور جي تابعداري ڪئي ۽ جنهن
ان جي نور جي تابعداري ڪئي اهو ان جي نور مان آهي ۽ ان
جي نور ۾ داخل ٿيندو. پوءِ الله تعاليٰ پنهنجي نبي کي فرمايو
چئو اي منهنجا رب! مون کي علم ۾ اجا وڌائي ڏي. جيڪو
عقل جي پويان هليو اهو گمراهہ ٿيو. مخدوم معظم جي دوستن
مان هڪڙي کان پڇيائون تہ فقير ڪنهن کي چوڻ کپي؟ چيائين
تہ جيڪو هر ساهہ ۾ الله جي بارگاهہ ۾ هزار سجدا ڪري.

**نقل** آهي تہ هڪ ڏينهن قدوة الواصلين حضرت مٺو
دوستن جي جماعت سان ڪنهن ڳوٺ ۾ پهتو. ڳوٺ جو وڏيرو
نيڪ ڪم طبيعت انسان هو. ڍڳيون، ڍڳا ۽ ٻڪريون وغيره
ڪُهرائي ۽ طعام تيار ڪرائي هڪڙي هنڌ تي اچي ڍير ڪيو.
طعام جا ڪيترا ٿالهہ ڀري فقيرن جي جماعت جي آڏو ڪٽي آيا.



جماعت مان هڪڙو درويش هو جنهن کي طعام ورهائڻ جو ڪم
حوالي ٿيل هو. پڇڻ لڳو تہ ان ايتري تي اڪتفا ڪيان يعني اهو
فقيرن ۾ ورهائي بس ڪريان. تڏهن ان وڏيري چيو تہ نہ جيترو بہ
گهرجي اوترو توهان کي پهچائيندسون. تڏهن ورهائڻ واري چيو
تہ هي طعام جيڪو توهان هتي حاضر ڪيو آهي توڙي جو
گهڻو آهي پر درويشن مان ڪنهن هڪڙي شخص جي لاءِ بہ
ڪافي ناهي. اهو ٻڌي وڏيرو چوڻ لڳو تہ ان سلطاني لباس ۾
اهڙو ڪوڙ نٿو جڳائي چو تہ هي طعام جيڪو مون هتي آندو
آهي اهو هڪ سؤ ڪان بہ وڌيڪ ماڻهن لاءِ ڪافي آهي. تڏهن
حضرت مٺو جوش ۾ اچي ويو ۽ درويش علي کي جيڪو گلخن
جي لقب سان مشهور هو ان کي کائڻ جو اشارو ڪيائين. ان حال
۾ هن اهو سمورو طعام جيڪو ڳوٺ وارن آندو هو ۽ جيترو بہ
پچائي ڍير ڪيو هئائون سمورو ڪائي ڇڏيائين. بلڪ ان ڪانپوءِ
ڳوٺ جو رخ رڪيائين جو جيڪو بہ ڪاڏو، ڪير، ڏونئرو مليس
ڪائي پي چٽ ڪيائين. اها حالت ڏسي ڳوٺ جو وڏيري معذرت
ڪندي اڳيان آيو ۽ تمام گهڻي نيزاري ڏيکارڻ لڳو. آخر ڏند

ڏئي پنهنجي گستاخيءَ جي معافي گهريائين ته اسان فقير کي اجايو ڪوڙو چيو تڏهن وڃي سندس غلطي معاف ڪيائون ۽ علي فقير کي ڪاٺ ڪان منع ڪيائون.

**نقل** آهي ته آل طٰهٰ ۽ يٰس جو خلاصو سيد بايزيد جڏهن ٺٽي شهر جو حاڪم هيو ته هو ولايت جي مالڪ حضرت مٺي جي لاءِ اخلاص جو گوشو رکندڙ هو ۽ وقت بوقت خدمت ۾ حاضريءَ سان مشرف ٿيندو هو ۽ هر دفعي چانديءَ جا ويهه روپيه سندس پيرن ۾ رکندو هو. ليڪن ان نقد رقم کي حضرت مٺي جي خادمن ۽ ملازمن مان ڪو به شخص نه کڻندو هو بلڪ حاڪم جي خدمتگارن مان جيڪو اتي ايندو هو ته کڻي ڇڏيندو هو. هڪڙي ڏينهن حضرت مٺي جي سعادت واري خدمت ۾ سوال ڪيائين ته اسان به ڪائيندا پيئندا ۽ ڪپڙا ڍڪيندا آهيون ۽ عورتن سان به صحبت ڪندا آهيون. توهان به ڪائيندا پيئندا آهيو ۽ ساڳيءَ ريت عورتن سان صحبت به ڪيو ٿا ليڪن اسان وٽ جيڪو مال اسباب آهي اهو ٺڪر جي ٺڪرن مثال آهي. آخر ڪهڙو سبب آهي جو توهان کي اهل الله چون ٿا ۽ اسان کي



اهل الدنيا، باوجود ان جي جو اسان به پنهنجي حوصلي جي مطابق خدا تعاليٰ جي طلب رکون ٿا. ان جي جواب ۾ چيائونس جيڪو به چيئي بلڪل صحيح آهي پر نبي ڪريم ﷺ فرمايو:

**"الدنيا جيفة وطالبها كلاب"**

[دنيا ڍونڊ آهي ۽ ان جا طلبگار ڪتا آهن.]

اسان **اهل الله** ضرورت جيتري شيءِ تي اڪتفا ڪريون ٿا ۽ ٻن گرهن کائڻ بعد موڙي منهن ڇڏيندا آهيون. توهان ٻن ٽن لقمن مان بس نه ڪندا آهيو. مردارن کائيندا آهيو ۽ مردارن وانگر سمهندا آهيو. ان سان گڏ عيش عشرت ڪندا آهيو ۽ مزا ماڻيندا آهيو ۽ دوستيون نباهيندا آهيو. **الله** تعاليٰ جو فرمان آهي:

**زُيِّنَ لِلنَّاسِ حُبُّ الشَّهَوَاتِ مِنَ النِّسَاءِ وَالْبَنِينَ وَالْقَنَاطِيرِ الْمُقَنْطَرَةِ مِنَ الذَّهَبِ وَالْفِضَّةِ وَالْخَيْلِ الْمُسَوَّمَةِ وَالْأَنْعَامِ وَالْحَرْثِ ۗ ذَٰلِكَ مَتَاعُ الْحَيَاةِ الدُّنْيَا** (آل عمران: 14)

[ماڻهن جي واسطي سينگاري وئي سندن خواهشن جي محبت جنهن ۾ شامل آهن عورتون، پُٽ ۽ سون ۽ چاندي جا ڍير، نشان ڪيل گهوڙا ۽ چوپايا ۽ پوکون، پر اهو سڀ دنياوي زندگي جي مُوڙي آهي.]

ان جي مقابلي ۾ فقيرن جو مشرب هن آيت ڪريمه مان واضح آهي:

**وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَتَبَتَّلْ إِلَيْهِ تَبْتِيلًا** (المزمل: 8)

[۽ پنهنجي رب جو نالو ياد ڪر ۽ سمورن ڪان ڇڄي فقط انهيءَ جو ٿي رهه]

وري پڇيائين ته ڀلا ڪي اولياءَ الله فنا في الله ۽ بقا بالله جي مرتبي تي هوندا آهن ته پوءِ انهن جي نماز ادا ڪرڻ ڪيئن ۽ ڪنهن جي لاءِ آهي؟ فرمايائين ته معراج واري رات حضرت رسالتمآب ﷺ جڏهن عالم ناسوت، ملڪوت، جبروت ۽ لاهوت مان گذريا ته مالڪ المُلڪ جو "**أدن مني**" جو ستر هزار ڀيرا آواز سندن ڪنن مبارڪن تائين پهتو ٿي، تڏهن پاڻ هر آواز



سان ستر هزار سالن جو رستو ساڳيءَ ريت پيئي طي ڪيائون. اتي سندن دل ۾ خيال آيو ته ڪهڙي ريت اهو سفر طي ٿيندو. ان حال ۾ آواز ٻڌائون [83] ته جيڪڏهن اهو وهم تنهنجي دل ۾ نه اچي ها ته حشر واري ڏينهن تائين اهو سفر جاري رهندو. هاڻي توهان ان حالت ۾ انتهائي تعظيم ۽ تڪريم سان بيهي وڃو تانجو اسان پنهنجي قديم ذات سان ويجهڙائپ ڪيون ۽ "دنائيت" ڏيکاريون يعني:

**فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ أَوْ أَدْنَىٰ** (النجم:9)

[ٻن ڪمانن کان به وڌيڪ ويجهو ٿيو]

پاڻ حق تعاليٰ جي قرب سان اهڙي طرح واصل ٿيا. جيئن اک جي ڪارڻ ماڻڪي سان بلڪ ان کان به ويجهو جيئن ماڻڪي ۾ صورت جو عڪس. اتي اهڙو آواز ٻڌائون جيڪو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي آواز وانگر هو ته "**قف اِن ربّک في الصلوٰة**" [بيهو بيشڪ تنهنجو رب صلوٰة ۾ آهي.] يعني تو تي ۽ تنهنجيءَ امت تي رحمت ڪرڻ ۾ آهي.

اتي حضرت رسالتمآب ﷺ پڇيو تہ اها ڪهڙي رحمت آهي ۽ ڪنهن جي لاءِ آهي؟ آواز آيو تہ منهنجي صلوٰة منهنجي ذات جي لاءِ آهي: **"ثناءُ ذاتہٖ لذاته"** يعني هن جي ذات جي ثنا هن جي ذات جي لاءِ آهي. تڏهن حضرت رسالتمآب ﷺ جن فرمايو: **"ثناءَ عليک ڪما انت ڪما اثنيت عليٰ نفسک"** يعني آءٌ تنهنجي شان مطابق ثنا نٿو ڪري سگهان جيڪا تون پنهنجي لاءِ پاڻ ڪري ٿو سگهين. اتي خدمت ۾ حاضر درويش پڇيو تہ معراج جو اهو مرتبو جيڪو بيان ڪيوَ هر شخص لاءِ ٿي سگهي ٿو. تڏهن هي آيت دليل طور پڙهيائين:

**وَنَحۡنُ أَقۡرَبُ إِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ ٱلۡوَرِيدِ** (ق: 16)

[اسان هن کي ان جي ساهہ واري رڳ کان بہ وڌيڪ ويجها آهيون]

چيائين جيڪو تو چيو حق آهي پر آئينو بہ پاسا رکندو آهي هڪڙو صاف ٻيو زنگ وارو جيڪو ڪاراٽيل هوندو آهي.



انبياءَ ۽ اولياءَ جو مثال صاف آئيني وانگر آهي جيڪي الوهيت جا مظهر آهن.

**نقل** آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت مٺي جي محفل ۾ ذڪر ٿيو تہ حضرت بيبي رابعہ بصري پنهنجي وقت جي بزرگن کان سوال ڪيو تہ توهان جي گذر سفر جو بندوبست ڪهڙيءَ ريت آهي. چيائون تہ جيڪڏهن خدا تعاليٰ ڪا شيءِ گهرڻ کان سواءِ ڏيندو آهي تہ اها شيءِ واپرائيندا آهيون جيڪڏهن نہ تہ فقر ۽ فاقي تي صبر ڪندا آهيون. تڏهن چيائين تہ ڪُتا بہ اها ئي خصلت رکندا آهن. بزرگن پڇيو تہ ڀلا اوهان جو ڪهڙو طريقو آهي؟ چيائين خدا تعاليٰ جيڪي ڏيندو آهي اهو وري خدا تعاليٰ کي واپس ڪري پاڻ فاقي ۾ گذاريندي آهيان. تڏهن حضرت مٺي چيو خدا تعاليٰ اسان ڏي جيڪي موڪليندو آهي ان مان فقيرن تي بہ قربان ڪندا آهيون بلڪ قرض ڪڻي بہ فقيرن تي قربان ڪندو آهيان ۽ صدقو پڻ ڪندو آهيان.

**نقل** آهي تہ واصلن جو قبلو ڪامل حضرت هاشم ولد (اهل الله جي ديوان جي دفتر جو راز) حضرت حماد چيو تہ خدا

ڪي ڏيڻ واري صفت سان ڏسڻ ڪپي يعني هن جي بخشش ۽ مهرباني واري صفت سندس لائق آهي ۽ پاڻ کي وچ ۾ نه آڻجي يعني نه سمجهجي.

**نقل** آهي ته حضرت متي کان سوال ڪيائون ته بعض حق جا طالب مشاهدن ماڻڻ جي باوجود امردن ۽ عورتن ڏانهن محبت جي طريقي کي روا رکندا آهن ۽ مجاز تي موهت ۽ حيران پريشان ٿيندا آهن. چيائين ته سموريون شيون **الله** تعاليٰ جي وصفن جون مظهر آهن پر محبوب ۽ حسين **الله** تعاليٰ جي وصفن جا خاص مظهر آهن چو ته، "**ان الله جميل ويحب الجمال**" يعني بيشڪ **الله** تعاليٰ حسين آهي ۽ حسن کي پسند ٿو ڪري. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي ته "**اطلب الحوائج من حسّان الوجوه**" يعني سُهڻي شڪل وارن کان پنهنجون ضرورتون گُهرو. ان ڪري حق جا طالب ۽ واصل پنهنجي حاجت لاءِ سٺي صورت وارن ڏانهن رجوع ڪندا آهن سندن عشق ۾ حيران ۽ بيجان ٿي پوندا آهن پر جڏهن ڏاڙهي ايندي اٿن ته پوءِ مجاز جي واٽ نه لهندا آهن. چيائين ته سواءِ ڏاڙهي جي **الله** جي جمال واري



صفت جو مظهر آهي جنهن سان هر ڪنهن کي لاڙو هوندو آهي جيئن چنڊ. پر جڏهن ڏاڙهي ايندي اٿس ته **الله** جي جلال واري صفت جو مظهر هوندو آهي ۽ ان وقت هو سج وانگر هوندو آهي جو هن ڏانهن اک کڻي ڏسڻ جي طاقت نه هوندي آهي بلڪ اک جي نظر لاءِ نقصان وارو هوندو آهي. فرمايائون ته ڪامل مرشد جي تلقين زوردار ۽ گهڻي وسندڙ مينهن جي قطرن وانگر آهي. جيئن نانگ جي وات ۾ ساڳيو قطرو پهچندو آهي ته اهو زهر بڻجي ويندو آهي پر جڏهن اهو سپ جي وات ۾ پهچندو آهي ته موتي بڻجي ويندو آهي. جيڪڏهن ڪاري پاڻيءَ جو قطرو سپ ۾ پهچي وڃي ته موتي ضايع ٿي پوندو آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن دنيا جي آلودگي سان ذڪر ۾ مشغول ٿيندو ته تلقين جا موتي طالب جي سيني واري سپ ۾ ضايع ٿيندا آهن.

**نقل** آهي ته هڪ رات مخدوم معظم جي مزار جي اڳيان عشاء نماز ادا ڪرڻ کان بعد ليٽيل هئا. صبح صادق ٿيڻ ۽ نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ صبح جو خدمت ۾ حاضر ٿيندڙن پڇيو ته اڄ رات تهجد جي نماز جيڪا صوفي سڳورن کي ادا ڪرڻ

لازم آهي نہ اٿيا. چيائين تہ پوري رات مخدوم معظم جي خدمت ۾ هيس. پاڻ فرمايائون جنهن بہ طالب کي دنيا ۽ آخرت جي آلودگي وارو سمجهين تہ هن رحمت واري درياءَ مان ڪيس ٽٻي ڏيار. ائين ساري رات اُن ڪم ۾ رڌل رهيس ۽ سڀ ڪان پهرين پنهنجي ساٿين کي ان ۾ مشغول رکيم. [84] آخر خير الخلائق يعني پلي انسان جي ديدار سان مشرف ٿيس، ليڪن وري دل ۾ وهم آيو تہ هي جمال با ڪمال حضرت محمد ﷺ جو آهي يا نہ! ان حال ۾ پاڻ فرمايائون: **"من رأني فقد رئ الحق فان الشيطان لايتمثل بي"** يعني جنهن مون کي ننڊ ۾ ڏٺو ان حق کي ڏٺو پوءِ بيشڪ شيطان منهنجي صورت نہ ٿو وٺي سگهي.

**نقل** آهي تہ ايمان جي مٺاڻ جي کاڻ ۽ يقين جي باغن جو هزار داستان، همسر پيالي پائن ڪان گهٽو برتر درويش آريسر جيڪو سوده قبيلي جو هو پنهنجي پوکيل زمين مان فصل ڪٽڻ جي لاءِ ڪجهہ ماڻهو ونگار ڪري داخل ٿيو. جڏهن سرزمين تي پهتا تہ هنن ان کي ڳاڙهاڻ مائل ڏٺو ۽ سيني کي نظر آيو تہ



هتي هر طرف مٺاڻ ئي مٺاڻ ڦهليو پيو آهي. فرمايائون تہ هائو، مالڪ ذوالجلال جي قدرت سان جيڪو هر شيءِ کي تبديل ڪندڙ آهي هتي هر هنڌ مٺاڻ ئي مٺاڻ آهي. چون ٿا تہ پوءِ بہ ڏينهن ۽ بہ پهر ڏاند ڳاڏين ۽ ڳڏهہ ڳاڏين تي اتان جا ماڻهو بغير حساب ڪتاب مٺاڻ ڍوئيندا رهيا.

**نقل** آهي تہ واصلن جي اڳواڻ حضرت هاشم (نيڪ بختن جي ديوان جو سر موڙ) ابن حضرت حماد بيان ڪيو تہ هن جي قبيلي وارن کي وڏي مصيبت يعني جلاوطنيءَ کي منهن ڏيڻو پيو ۽ جيڪا بہ شيءِ مال ملڪيت جهڙوڪ چوپايا جانور نقد جنس وغيره وٽن موجود هئي اها سڀ فسادين تباهہ ڪري ڇڏي. آخر هو درويش آريسر سودي جي خدمت ۾ دانهہ کڻي پهتو ۽ **"الجوع الجوع"** يعني بُک ڙي بُک پڪاريندو آيو تہ وٽن ان جو داڻو نہ بچيو آهي جو کائي سگهن ۽ نہ ڪا وٽن ڪٿ باقي بچي آهي جنهن تي ويهي ۽ سمهي سگهن. مطلب هر شيءِ ڪانئن ڦرجي چڪي آهي. ان جاءِ جي قريب جتي هنن سڪونت اختيار ڪئي هئي بظاهر ڪلراٺي زمين هئي.

فرمايائون تہ انھيءَ زمين مان ٿوري مٽي کڻي اچو ۽ ان کي پاڻي ۾ ملائي اھو پاڻي پيئو تہ جيئن بک ۽ اُڃ ختم ٿئي، تسلي رکو. اھڙيءَ طرح جڏھن اھا مٽي پاڻي ۾ ملائي پيتائون تہ اھو پاڻي کنڊ کان وڌيڪ مٺو ٿي پيو. ڪافي عرصو جڏھن ائين کائڻ پيئڻ جو اھو سلسلو رھيو تہ اھا صورتحال ڏسي ڪنھن بيھودي شخص چيو تہ ان زمين جو مالڪ اصل ۾ مان آھيان جو اھا کنڊ جي کاڻ آھي. ان جي ھن دعويٰ کان پوءِ اوچتو اھا زمين بلڪل ڪلراٺي ٿي وئي ۽ پاڻي بہ ڪوڙو ۽ ڪارو ٿي ويو. رياضتن جي ان سردار لاءِ مخدوم معظم جي چڪ ائين ثابت ھُئي جيئن سرورِ ڪائنات فخر موجودات عليہ افضل الصلاة واڪمل التحيات پاڻ نھايت ذوق ۽ شوق مان فرمائيندا ھئا تہ **”اني لا جد ريح الرحمان“** يعني بيشڪ مان رحمان جي خوشبوءِ ايندي محسوس ڪيان ٿو. ھن کان بي شمار ڪرامتون سرزد ٿيون جيڪي تقرير ۽ تحرير ۾ آڻي نٿيون سگھجن ۽ جنھن نئين شيءِ جي تقاضا معجز بيان زبان مان ظاھر ٿيندي ھئي تہ اھا قبوليت سان مشرف ٿيندي ھئي.



**نقل** آھي تہ ھڪ سيد سگھورو برڪتن جي سرچشمي پنھنجي والد بزرگوار کان نقل ڪري ٿو تہ چيائين ھڪ ڏينھن حضرت آريسر سوڍي جي صحبت سان مشرف ٿيس تہ سندن چھري تي پشيماني جو اثر معلوم ٿي رھيو ھو. ان جو سبب پڇا ڪيم ظاھر ڪيائون تہ مخدوم معظم کي خواب ۾ ڏٺم جو وضو پئي فرمايائون. گھريم تہ استعمال ٿيڻ وارو پاڻي پيئان پر روڪيائون تہ جائز ناھي. تڏھن وات مبارڪ مان لعاب جي مھرباني ڪيائين ۽ منھنجي وات ۾ وڌائون. ان جي برڪت سان تي ڏينھن ھر طرف کان ھر شيءِ مون کي بلڪل چٽي ۽ صاف نظر اچڻ لڳي آھي بلڪ ھر قول ۽ فعل صحيح ۽ غلط کي ظاھر ظھور ڏسڻ لڳس. انھيءَ سبب جي ڪري پريشانيءَ ۾ مبتلا ٿي ويس. آخر لاچار ٿي وري مخدوم معظم جي درگاھ ۾ ان ڪيفيت کي ختم ڪرڻ جو عرض ڪيم. پاڻ حڪم ڪري ھڪ لقمو ڪارايائون تہ ان جي کائڻ سان دل واري ميراڻ صفائي ۾ بدلجي وئي ۽ ان کان پوءِ انھيءَ ڪشف جي مرتبي کي مڪروه سمجھڻ لڳس. چون ٿا تہ جڏھن جنازي کي دفن ڪرڻ

لاءِ قبر جي ڪوٽڻ ۾ مشغول هئا ته ڪنهن شخص چيو ته ويڪر ڊيگهه ۽ گهرائي ۾ ڪجهه وڌيڪ رکجو. تڏهن جنازي مان آواز آيو ته تڪليف نه ڪجو ڇو ته ان قبر ۾ ڪجهه ڏينهن هونداسون جو اسان جي لاءِ ٻي جاءِ تيار ڪئي اٿن جيڪا جنت جي باغ يا روضئہ رضوان ۾ آهي.

ساڳيو ناقل پنهنجي پيءُ کان نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن فجر جي نماز درويش ڦڪڙيي سان گڏ قبرستان جي پاسي ۾ پڙهيم. سج اُڀرڻ کان پوءِ ڪجهه ڪلمات جو بار بار ورد ڪيائون. جڏهن '**الاالله**' جي چوڻ ۾ مشغول ٿيا ته مُردن قبرن مان مٿو ٻاهر ڪڍي '**الاالله**' جي ذڪر سان اسان جي موافقت ڪيائون.

**نقل** آهي ته حق سان واصلن جي قبلي حضرت هاشم لقب (نيڪ بختن جي ديوان جي دفتر جو مُهڙ) بن حضرت حماد درويش سعدي درويش مٺي جي خدمت ۾ سوال ڪيو ته حق تعاليٰ پنهنجي ذات جو عارف ڪيئن آهي چيائين ته هو ذات جي حيثيت سان عارف، معروف ۽ معرفت جي [85] وصفن کان



خالي ۽ پاڪ آهي ڇو ته "**لاعارف ولامعروف ولامعرفت**" يعني ڪو به عارف ۽ ڪا به معرفت ۽ ڪو به معروف ناهي. وڌيڪ چيائين ته وڏائي ۽ تڪبر ان شخص کي لاحق آهي جيڪو دنيا ۾ پيٽ ڀريل رهيو آهي نڪي ٻي سرو سامان درويش جيڪو ٻُڪايل ۽ اُڃايل هوندو آهي. فرعون: ﴿**أَنَا رَبُّكُمُ الْأَعْلَىٰ** (النازعات: 24) [توهان جو وڏو رب آهيان.] جو نعرو ملڪيت جي مالڪ هجڻ جي ڪري هنيو هو يعني هو هر طرح ڍاول هو نڪي بکايل.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪڙو درويش حضرت مٺي جي خدمت ۾ زيارت جي لاءِ آيو هن درويش ڏٺو ته هڪ جماعت هميشه خدمت ۾ حاضر رهي ٿي ۽ ٻي وري عبادت ۾ مشغول آهي ٻنهي کي بکايل ڏٺائين ايتريقدر جو سندن چپ خشڪي ڪري ڦاٽل هئا ۽ چاهيائين ته پاڻ کي هن جماعت جي خدمت ۾ وقف ڪري. ان ڪري ٻه ٽي ڏينهن لڳاتار روزانو ظهر نماز جي وقت ڪجهه مانيون آڻي حاضر ڪندو هو. هڪ ڏينهن سائين جن پڇا ڪئي ته جيڪو هي مانيون روزانو آڻيندو آهي پنهنجي محنت ۽

پگهر جي پورهئي مان آٽي ٿو يا ايتري روڪڙ چيلهه ۾ ٻڌل اٿس. جواب ڏنائين ته هن جماعت کي بڪايل ڏٺم سو پني مانيون پچائي ڪٺي ايندو آهيان. تڏهن ڪيس ٻانهن کان وٺي مسجد مان ٻاهر ڪڍي فرمايائون ته حق جي وات کان پري آهين ۽ عمر ضايع ڪري ڇڏي اٿئي ۽ هاڻي چاهين ٿو ته هيءَ جماعت به اِئين ضايع ٿئي. پنهنجي وات وٺ ۽ ان ڏينهن کان بعد ڪنهن به هن کي نه ڏٺو. چون ٿا ته حضرت منو ظهر نماز کان عشاء تائين ڪڏهن به منهن قبلي کان نه ڦيرائيندو هو.

**نقل** آهي اسماعيل بلوچ کان ۽ هن يلتموش معرڪي جي شاهد بهاءالدين دلق پوش کان ٻڌو ته نوح ڪاريو درويش جڏهن مخدوم معظم جي صحبت جي شرف مان ذڪر جلي جي تلقين سان فيضياب ٿيو ته هن جا عضوا سَنڌ سَنڌ کان الڳ ٿي پوندا هئا ۽ جڏهن اڪيلائي ۾ ذڪر جي شغل ۾ مشغول ٿيندو هو ته اصلي خلقت واري حالت مان ٻاهر نڪري ويندو هو. هڪ رات سندس گهر واريءَ ڪيس انهيءَ حال ۾ ڏسي ورتو ته وٺي رڙيون ڪيائين ته هو پڻ قادر جي قدرت سان



هوشيار ٿي ويو ۽ سندس سمورا عضوا وري ٺيڪ ٺاڪ ٿي ويا. تڏهن اٿي ان پاڳيريءَ جي وات تي هٿ رکيائين ۽ چيائين ته اها ڳالهه ڪنهن سان نه ڪر ۽ منهنجي ڳالهه ٻڌ. بهرحال تصرف ۽ تلقين وارو تير فوري طور توحيد ۽ يقين واري جُبي مان نڪري ان عورت تي اهڙو نشان تي لڳو جو ڪيس پنهنجي رنگ ۾ آڻي ڇڏيائين.

ڳالهه ٿا ڪن ته منجهند جي آرام وقت پاڻ ۽ سندس گهرواري هڪڙي ئي چادر ۾ گڏ سُتل هئا ته ذڪر واري لشڪر ٻنهي تي حملو ڪري ڏنو ۽ جلاليت واري تلوار سان ٻنهي جي عضون کي ٺيڪ ٺيڻ کان اڳ وري ڪولي ڇڏيائين. انهيءَ وچ ۾ هڪڙي شخص اچي ٻاهر ان آواز ڏنو ته هن زبان سان سلام ورائي تهليل جي درياء ۾ مستغرق هوندي تڪڙ ۾ اُٿيو ته سندس گهرواريءَ جي چوڙين واريون لڱل ٻانهن سان ئي ٻاهر نڪري آيو. ڏٺائين ته سندس هٿ متيل آهي سو وري وٺي اندر ڊوڙيو ۽ مائي جا عضوا مائي کي موٽائي ڏنائين ۽ پنهنجا پاڻ وٺ آندائين.

**نقل** قدوة الواصلين حسين ٿهيم رهندڙ ڳوٺ بکيرا ڳالهه ڪئي، ڪنهن شخص جي گهوڙي مرڻ تي هئي جو مخدوم معظم جي هڪڙي ارادتمند ڪي عرض ڪيائين ته گهوڙي جيڪا مرڻ تي آهي جيڪڏهن ان جي شفا واسطي رب جي بارگاهه ۾ گذارش ڪن ته اهو جي اخلاق وٽان هوندو. ان جي صحيح ٿيڻ لاءِ ٻه سفيد ۽ ٻه ڳاڙها جوڙا شرط تي نذر طور باس باسيائين. مذڪور درويش چيو ته توهان جي هيءَ گهوڙي ضرور شفاياب ٿيندي. جيڪڏهن نه ته اسان تعزير جي لائق آهيون. قدرت خدا جي، جو خلق ڪي ماريندڙ واري تقدير سان اها گهوڙي مري وئي ۽ ڪجهه ڏينهن اندر ان ۾ ڪيڙا پئجي ويا. ٻن ٽن ڏينهن بعد اهو درويش موٽي ان جاءِ تي آيو جتي اها گهوڙي مئل حالت ۾ پئي هئي. تڏهن درويش گهوڙيءَ جي مالڪ ڪي طلب ڪري پنهنجي اڳيان اهڙيءَ طرح ويهاريو جو هن جي پٺي گهوڙيءَ ڏانهن ۽ سندس منهن پاڻ ڏانهن ڪيل هو. ويهڻ سان هن باس پوري ڪرڻ لاءِ چيو ته هن شخص وراڻيو بلڪ تو ڪي تعزير ملڻ گهرجي. ان تي درويش چيو اي بيوقوف! ڏس ته



تنهنجي گهوڙي صحيح سالم آهي ۽ گاهه کائڻ ۾ مشغول آهي هاڻي باس پوري ڪرڻ ۾ سُستي ڇو ٿو ڪرين. جڏهن ان شخص ڪنڌ ورائي پنهنجي پٺيان ڏٺو ته قادر جي قدرت سان ان مرده گهوڙيءَ ڪي تازو توانو گاهه کائيندي ڏٺائين. تڏهن اها باس پوري ڪيائين ۽ معذرت به ڪيائين.

**نقل:** مخدوم امام ولد يوسف ٻڌايو ته سيدن جي اڳواڻ عارف ۽ حليم سيّد عبدالڪريم متعلوي قدوة الواصلين حضرت مٺي کان سوال ڪيو ته محمّد ﷺ جي ذات جمالي نور مان آهي ۽ جمالي نور ڪي چنڊ سان نسبت آهي. پر ابليس جي صورت جلالي آهي ۽ ان جي سج سان نسبت آهي، اها ڳالهه به ثابت آهي ته چنڊ سج کان نور حاصل ڪندو آهي. وڏيڪ چيائين ته پنهنجي نور جي باوجود ٻئي کان نور جذب ڪرڻ پڻ ڪمال آهي. هن فقير ڪي فقط ان تي اعتراض آهي ته سج پڻ جمالي آهي، انهيءَ ڪري جو اهو تمام گهڻا فائدا ڏئي ٿو. جهڙيءَ طرح رنگ ۽ بُوءِ يا ميون جو پچڻ ۽ مزيدار ٿيڻ ۽ اناج جي داڻن جو اُپرڻ ۽ پچڻ وغيره. [86] ليڪن سج جو گذر دوزخ

جي مٿان آهي تاهم يقين آهي ته سج، چنڊ ۽ سمورا ستارا جيڪي ثابت ۽ ڦرندڙ آهن ٻئي سموري مخلوق وانگر نبي ڪريم ﷺ جي نور مان آهن، ڇا پوءِ به ان سوال مان بي ادبيءَ جي بوءِ ظاهر ٿئي ٿي؟

**نقل** حضرت سيد جعفر بڪري مهديءَ ٻڌايو ته مرشد زمان سيد عبدالڪريم متعلوي پنهنجي دوستن سان گڏجي بهاؤالدين دلق پوش جو واعظ ٻڌڻ ويو. مجلس پوري ٿيڻ ڪان پوءِ پنهنجي چادر هن جي قدمن ۾ رکيائين ۽ موڪلائڻ وقت سندن جُتيءَ ڪي پنهنجي مبارڪ هٿن سان ٿاهي ان جي پيرن آڏو رکيائين. ان تي سيّد سڳوري جي دوستن جي دل ۾ اجايو خدشو ظاهر ٿيو ۽ ڪاوڙجي پيا. انهن مان هڪڙي عبدالقدوس نالي چيو ته. اي سيّد! جنهن وقت تو نهايت ادب سان ان جي پير ۾ جتي رکي ته هن ڪا معذرت به نه ڪئي. بلڪ بي پرواهه معلوم پئي ٿيو. تڏهن انهن ڪي جواب ۾ سيد سڳوري چيو ته هن جو ۽ فقير جو وجود هڪڙو آهي ۽ معذرت ڌارين سان ڪبي آهي. حضرت رسالتمآب ﷺ جي مجلس ۾ جڏهن مشرف



ٿيندا آهيون ته هو روبرو ويهندو آهي ۽ هي فقير ٿيئن صف ۾ بيٺل هوندو آهي. ان ڪري انصاف انهيءَ ڳالهه ۾ آهي ۽ ڪتابن ۾ به اهڙيءَ طرح آهي. سيد سڳوري وڏيڪ چيو ته هڪ دفعي ٽن ڄڻن حضرت مخدوم معظم جي خدمت ۾ وڃڻ جو ارادو ڪيو. هڪڙي فقير جي دل ۾ آيو ته ذڪر جي تلقين وقت حق جي طالبن ۾ عليحده هجان ۽ هدايت وٺندڙن لاءِ هدايت جي نشاندهي ڪرڻ وارو ٿيان. ٻيو ميرڻ ڪاتيار هو جنهن جي دل ۾ اهو خيال هو ته سندس نياڻي حضرت مخدوم جي فرزندن مان ڪنهن هڪ جي نڪاح ۾ اچي. ٽيون مريد بلوچ هو جنهن جي دل ۾ اهو خيال ويٺل هو ته ڪيس ڪرامتن جو ڪشف حاصل ٿئي. سيئي فقط مخدوم معظم ڪي ڏسڻ سان ئي پنهنجي تمنا ڪي پهتاسون ۽ پهنجي مطلب تي فائز ٿياسون. سيد سڳوري پنهنجي رسالي (بيان العارفين) ۾ بيان ڪيو آهي ته شروع وارن ڏينهن ۾ طلب جي ميدان ۾ ان خيال جو هيس ته اگهاڙو تي گهمان ۽ گودڙي ڪي به اڇلائي ڇڏيان، پر جڏهن مخدوم معظم جي خدمت ۾ پهتس ته هي فاسد خيال

منهنجي دل مان نڪري ويو ۽ شريعت جي طريقي تي استقامت نصيب ٿي. اهو پڻ سندس رسالي ۾ آهي ته ڪنهن شخص سيد سڳوري جي خدمت ۾ اچي چيو ته تو ڪي مخدوم معظم ياد ڪيو آهي ته فقط اهو ٻڌڻ سان ايڏو خوش ٿيو جو هڪڙو ڏڳو جيڪو ڪيتيءَ جي ڪم لاءِ هيس ذبح ڪري ڇڏيائين. تڏهن چيائين الحمد لله! اسان ڪي ياد ڪيائون باوجود انهيءَ جو ڪڏهن به پنهنجي فرزندن ڪي ياد نه ڪندا آهن ۽ نه سڃاڻيندا آهن. سيد سڳوري فرمايو ته طالب حق ڪي ڪاڏي ڪائڻ ڪان پرهيز ڪرڻ کپي، ليڪن جڏهن منهنجي نه ڪائڻ جي خبر مخدوم معظم وٽ پهتي ته فرمايائون ته الله تعاليٰ فرمايو آهي:

**ڪُلُوا وَاشْرَبُوا** (الاعراف:31)

[ڪائو ۽ پيئو]

تنهن ڪان پوءِ ٿورو گهڻو ڪائڻ جي عادت وڌم. اهڙيءَ طرح سندس رسالي ۾ اهو به آهي ته هڪڙي ڏينهن لڌي نالي درويش جنهن جو واسطو پهوڙ قوم سان هو ۽ مخدوم معظم



جي گهرن ارادتمندن مان هو. ڪافي جماعت ساڻ ڪري اچي پهتو. ان وقت ظاهري طور تي ٻئي ملڪ سان دشمنيءَ جي ڪري خوف ڇانيل هو. جڏهن هن جماعت جا فرد هڪ ٻئي پويان هٿ ملائيندا ويا ته ڪين چيائون: اي لڌا! هي جنگ جو ميدان نه آهي جو ايڏي جماعت ساڻ آندي اٿئي. هڪ دفعي مخدوم معظم جمعي جي نماز ادا ڪرڻ لاءِ مسجد ۾ اڪيلا پئي ويا ان وقت قاسم ڪوري سندن پويان اچڻ گهريو پر راضي نه ٿيا، بلڪ هن ڪي اڳيان ڪيائون ۽ پاڻ هن جي پٺيان هلڻ لڳا. جيتوڻيڪ اهو درويش مخدو معظم جي ارادتمندن مان هو ۽ هر وقت خدمت ۾ حاضر رهندو هو. هڪڙي ڏينهن چوڻ لڳو ته ڪنهن ٻئي هنڌ وڃڻ گهران ٿو. تڏهن پنهنجو سامان گڏ ڪنيائين. تڏهن پاڻ هن ڪي اڳيان سڏي چيائون ته چئو: لاالٰه الاالله. فقط زبان تي ڪلمي جي جاري ٿيڻ سان هو مڇي وانگر ڦٿڪڻ لڳو جيئن اها ڇار ۾ ڦٿڪندي آهي. بلڪ هو مورڳو بيهوش ٿي ويو ۽ زمين تي ڪري پيو. فرمايائون ته هن ڪي حجري ۾ ڪٽي هلو تنهن ڪان پوءِ ڪجهه ڏينهن هو حجري ۾

پيو هو ۽ ٻاهرين جهان جي ڪا بہ خبر نہ رهيس. ان ڪان پوءِ مسافريءَ تي وڃڻ ڪان هٿ ڪنيائين ۽ باقي عمر جا ڏينهن سندن خدمت ۾ بسر ڪيائين. ان جماعت مان مخدوم معظم جي خدمت ۾ هڪ ٻار پڻ ارادت جو هٿ ڏنو هو جنهن کي فرمايائون: اي پٽ! **الله** تعاليٰ تو کي نندپڻ ۾ پاڻ ڏانهن سڏيندو.

**نقل** آهي تہ مخدوم معظم جي ارادتمندن مان هڪ دڪاندار ڪان ڪجهہ ڏوڪڙ قرض گهريو ۽ چيائينس تہ سج تو وٽ گروي آهي جيڪو قرض ادا ڪرڻ ڪانسواءِ پنهنجي جاءِ ڪان نہ اُڀرندو. هوڏانهن سج اڀرڻ جي قريب هو. پر هو اهي پئسا پنهنجي ضرورت موجب خرچ ڪري گودڙي زمين تي وڇائي پاسو ڏيئي سمهي رهيو. پورا ٽي ڏينهن ۽ راتيون سج نہ اڀريو تانجو خلق ان واقعي ۾ حيران ٿي وئي ۽ حال جي حقيقت ڪنهن تي بہ ظاهر نہ ٿي. جڏهن مخدوم معظم کي ٻڌڻ ۾ آيو تہ فلاڻي يار سج گروي رکي دڪاندار ڪان قرض ڪنيو آهي ۽ ادا ڪرڻ جو وقت سج اڀرڻ ڪان پهرين جو رکيو آهي ۽ هو پاڻ



فلاڻي جاءِ تي ستل آهي. فرمايائون تہ هن تائين اسان جو پيغام پهچايو تہ سج کي رخصت ڪري. جڏهن هن کي ڳولي لڌائون تہ ڏٺائون تہ گودڙيءَ جي هيٺان سندس عضوا سنڌن ڪان جدا پيا آهن. تنهن ڪري ڪنهن کي همت نہ ٿي تہ هن جي قريب وڃي پيغام پهچائي. هنن موٽي اچي حقيقت حال عرض ڪئي. تڏهن مخدوم معظم پاڻ تشريف کڻي [87] ويا ۽ پنهنجو هٿ هن جي پنيءَ تي رکي، فرمايائون تہ اسان جي دوستن کي اهڙيءَ طرح ڪرڻ نٿو جڳائي. چوڻ لڳو تہ ملڪيت ۾ ڪا بہ شيءِ نہ هئي جو گروي رکان ۽ ڪنهن کي سوال بہ نہ پيو ڪري سگهان. دڪاندار کي پئسا واپس ڏيڻ شرط ٿي سج اڀريو.

**نقل** آهي تہ مخدوم معظم جي خدمت ۾ هڪڙي ارادتمند سوال ڪيو تہ طالب فقر جي مرتبي تي ڪيئن پهچي جو "**الفقر كنز من كنوز الله و سرّ من اسراره ولا يطلع عليه احداً الا محمداً** ﷺ" يعني فقر الله تعاليٰ جي خزانن مان آهي ۽ ان جي رازن مان هڪ راز آهي ۽ ان جي ڪنهن کي بہ خبر ناهي سواءِ محمد ﷺ جي. فرمايائون تہ جڏهن: "**موتوا قبل ان تموتوا**"

يعني مرڻ کان اڳي مري وڃو جي حقيقت کي پهچي يعني مري فنا ٿي وڃي. حق تعاليٰ جي حياتي سان حيات ٿئي ۽ **"الفقر فخري والفقر مني"** يعني فقر منهنجو فخر آهي ۽ فقر مون مان آهي جي خوشبوءِ ان جي سونگهڻ واري حواس تائين پهچي. هدايت جو اهو ڪلام ٻڌڻ سان ئي ان جو جسم مُشڪ جي خوشبوءِ سان پرجي ويو. ان وقت ساڻس هڪڙو خادم گڏ هو هن کي چيائين ته منهنجي جسم جي مشڪ اٽ تي رکي فلاڻي جبل تي اڇلائي اچ. سال گذرڻ کان پوءِ مون کي وري ان جاءِ تي لهندين. خادم سندس حڪم کي بجا آندو ۽ ان جي جسم جي مشڪ کي ان جبل تي هاري آيو. زمين خشڪ هئي سمورو پاڻي ڇهي وئي. ڪجهه عرصي گذرڻ کان پوءَ جڏهن ان جبل تي مينهن وسيو ته قسمن قسمن جا ٻوٽا ڦُٽا جيڪي ڪجهه وقت کان پوءِ وري سُڪي ويا ۽ اهي سپ ڪک پن باهه ساڙي وئي ۽ لڳندڙ هوا خاڪ کي ٻُهاري ڪٽي وئي. سال گذرڻ کان پوءِ اهو خادم اتي موٽي آيو ته ڏٺائين هو ان زمين مان ظاهري طور زنده ٿي آيو. ٻئي مخدوم معظم جي خدمت ۾ آيا.



فرمايائون ته فقر جي مرتبي تي پهچڻ به ان ئي طريقي سان ممڪن آهي.

**نقل** آهي ته درويش حمزو جيڪو وقت جي ڪاملن مان هو حضرت شيخ محمود ولد صديق فخري جي خدمت ۾ اچي چوڻ لڳو ته **الله** جو اسم ذاتي آهي. چيائين هرگز نه! يعني اسم ذات نٿو ٿئي. هن جواب تي ٻئي اٽڪي پيا ۽ هو وقت جي هڪ وڏي عالم وٽ ويو. هن کي چيائين ته شيخ محمود جو هي جواب آهي ته هن چيو هو سچو آهي. سو موٽي وري هن جي خدمت ۾ آيو ۽ هن جي ڪشف جو طالب ٿي ويو. هن کي سمجهايائون ته ذات کان سواءِ نالو (غير مسميٰ) آهي ۽ اهو اهڙو علم آهي جيڪو فقط معرفت جي لاءِ آهي پر اهو نڪي ذات جو جُز آهي ۽ نه ڪُل جو.

**نقل** آهي ته حضرت شيخ محمود جمعي جي ڏينهن نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ قبرستان جي زيارت جي لاءِ ويو پئي ته اهو ساڳيو درويش رستي ۾ اڳيان اچي ويس ۽ چوڻ لڳس ته مُردن جي زيارت ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو ڇو ته اهي بوسيده هڏا آهن.

ان جو جواب نہ ڏنائون. هڪ ڏينهن وري ان جي خدمت ۾ آيو ۽ چوڻ لڳو تہ هڪڙي عورت پنهنجي قبر کان ٻاهر اچي مون سان چنبڙي پئي ۽ ڪٽي زمين تي اهڙو ستيائين جو ڳچيءَ تائين خشڪ زمين ۾ اندر هليو ويس. تڏهن هڪ ٻيو مردو پنهنجي قبر مان اُٿي آيو جنهن کي مدد جي لاءِ سڏ ڪيم تہ مون کي هن کان ڇوٽڪارو ڏياري. هو چوڻ لڳو اي حمزا! تون ڪو خاص پير نہ ٿو رکين ۽ نہ وري سلوڪ جي راھ ۾ ڪو اڳواڻ ورتو اٿئي، ارادت جو هٿ بہ ڪنهن جي هٿ ۾ نہ ڏنئي. پر اسان جي ڪنڌ ۾ ارادت جو مضبوط رسو وڌل آهي جو ان عورت جهڙيون ۽ جنهن کان پڻ قبر وارن جي مدد ۽ اعانت سان نجات لڌئي، پنهنجي جان کي هزار مشڪلاتن کان آجو ڪيو آهي توڙي انهن جو تعداد لکن ۾ هجي. حضرت پير جي توجهہ مبارڪ سان جيڪو اسان جو رهبر آهي اسان جي اڳيان ڪا بہ مصيبت نہ ٿي اچي. اهو ٻڌي ان ڏينهن ئي ساڳيو درويش مخدوم معظم جي زيارت لاءِ روضي مبارڪ ۾ داخل ٿيو ۽ عقيدت جو اظهار ڪيائين. جو تہ پاڻ جهڙي طرح حياتيءَ ۾ فيض بخشندڙ هئا،



اهڙي طرح هاڻي بہ فيض بخشيندڙ آهن ۽ جيڪو بہ سندس مزار ۾ داخل ٿيو تہ وري ڪنهن شخص کي ان سان مقابلي جي همت ۽ دشمني جي طاقت نہ ٿي ٿئي.

**نقل** آهي تہ حضرت شيخ محمود ٻڌايو تہ ننڍپڻ جي عمر ۾ منهنجي والد ٻہ چادرون مون کي ڏنيون مون ٻئي فقيرن کي ڏئي ڇڏيون ۽ پاڻ چتيون لڳل پراڻي گودڙي ڍڪيم. جڏهن والده شفقت وچان منهنجي سرزنش ڪئي تہ پشيمان ٿيس، ڇو تہ الله تعاليٰ والدين سان احسان جو حڪم فرمايو آهي ۽ مون کان اهڙو ڪم ٿي ويو جيڪو انهن جي مرضي جي مطابق نہ هو. هڪ ڏينهن منهنجي والده خواب ۾ ڏٺو تہ حضرت رسالت مآب ﷺ ٻئي هٿ ان پراڻي گودڙيءَ سان مهٽي رهيا هيا. جڏهن خواب مان سجاڳ ٿي تہ اها ڳالهہ بيان ڪيائين ۽ چيائين تہ اڄ کان پوءِ تنهنجي مرضي اسان جي مرضي آهي جو تون مقبولن مان آهين. وڌيڪ ٻڌايائين تہ ننڍپڻ جي زماني ۾ مون کي زبان جي ٻاتائپ هئي. منهنجي ماءُ مون کي مخدوم معظم جي خدمت ۾ ڪٺي آئي هئي ۽ دعا جي لاءِ عرض

کيائين ته هن کير پياک ٻار جي زبان ۾ ڳنڍ آهي اها ڳنڍ کولڻ فرمايو. ان وقت پاڻ ماني پئي کاڌائون ته ڪجھه پنهنجي وات مان ڪڍي منهنجي وات ۾ وجهي فرمايائون ته فصيح زبان ۽ الله تعاليٰ جي ڪلام جو حافظ ٿيندو بلڪ ولي، شيخ ۽ رياضت وارو ٿيندو. وڏيڪ ٻڌايائين ته ننڍپڻ ۾ ڪافي عرصو بيمار هيس ته هڪ هفتي جڏهن منهنجا پير اتر طرف هئا ته پاڻ اتي پهتا ۽ منهنجي سيراندي کان بيهي چيائون پنهنجي پيرن کي ڏکڻ ڏانهن ڪر ته تنهنجي صحت ٺيڪ ٿي ويندي. [88] ان وقت ئي خلافت پڻ ڏنائون.

**نقل** صالحن جي چونڊيل سخي مڙس رب ڏني اونچ بيان ڪيو ته مون ڪجھه سال ڪوهستان ۾ مجاهدا ڪيا ۽ آباديءَ جي ويجهو نه آيس ۽ جهنگلي ڏٿ کانسواءِ ڪنهن به شيءِ سان افطار نه ڪيم. پر شيخ محمود ٻارنهن سال پورا ڪوهستان ۾ هيو ۽ ڪڏهن ڪنهن ڳوٺ ۽ وسنديءَ ۾ نه آيو ۽ گاهه تي گذارو ڪندو رهيو. شيخ محمود چيو ته ڪنهن سان ٻارنهن سال عشق جي ڪري منهنجي اکين ۾ ننڊ نه آئي ۽ نه



وري ڪنهن کي ان ڳالهه کان واقف ڪيم ۽ نه ڪنهن کي ان جي خبر پئي. آخر هڪ اونداهي رات ۾ جڏهن درويش موسيٰ مون کي پنهنجي گودڙي ڍڪائي ڇڏي ته ان ڏينهن کانپوءِ ڪڏهن منهنجي اکين ۾ ننڊ نه آئي ۽ غفلت ۽ سُستي هميشه لاءِ منهنجي جسم مان نڪري ويئي.

**نقل** آهي ته درويش زڪريا ٻيڙ سما قبيلي واري جڏهن ذڪر جي تلقين حاصل ڪئي ته پندرنهن ڏينهن تائين هڪڙي پاسي تي پيو هو ۽ ڏينهن رات کان بي خبر هو. آخر مخدوم معظم چيو ته هن کي مون وٽ کڻي اچو. جڏهن هن کي اتي کڻي آيا، ته ساڳئي حالت ۾ اچي ويو. هن کي وڌيڪ فرمايائون ته وڃي ۽ اهلُ الله ۽ فقرائن کي ڏس. هو هڪڙي اهڙي مرد خدا جي خدمت ۾ آيو جنهن جي اڳيان هڪ چلو ڪڍيائن. هن چيس ته منهنجي ارادت جو رسو ڪنڌ ۾ وجهه ته توکي چوٿين آسمان جو سير ڪرايان. هن چيو ته اهو سير جيڪو جناب مخدوم معظم جي ڪري حاصل ٿيو آهي تنهن کان پوءِ هن چوٿين آسمان جي سير کي اجائي راند ٿو سمجهان. ائين چئي جهنگ

منهن ڪيائين ۽ هڪ وڏي دريا جي ڪناري تي هڪ نانگي فقير سان مليو ۽ تي چلا هن جي اڳيان ڪڍيائين ۽ ان دوران ڪا شيءِ نہ کاڌائين. مگر پهرين رات جڏهن آيو هو تہ هڪڙو شخص ڪير ۽ چانورن جي پاٽ پري ٻنهي جي اڳيان رکي ويو هو. تڏهن ٻنهي اُتي پاڻ اهو طعام کاڌو هو. ان ڪانپوءِ وري پهاڙن طرف رخ رکيائين جتي عارفن سان ملاقاتون ڪيائين ۽ وڌيڪ چلا ڪڍيائين. آخر پنهنجي سر هڪڙي غار جي اندر گهڙي لااله الاالله جي ذڪر ۾ مشغول ٿي ويو. جتي هر رات غار جي اندر شينهن جي گجگوڙ ٻڌڻ جي باوجود صبح تائين عبادت ۾ مشغول هوندو هو. هڪڙي رات مخدوم معظم کي خواب ۾ ڏٺائين. فرمايائونس تہ جيڪڏهن منهنجي ارادتمندن ۽ دوستن مان آهين تہ پوءِ انسانن جي وستيءَ ڏانهن موٽي اچ ۽ اچي جماعت سان نمازون ادا ڪر جو جماعت سان نماز ادا ڪرڻ کان وڌيڪ ٻي ڪا عبادت نہ آهي.

**نقل** ڪيو درويش حسين ٿهيم جيڪو سندن پسنديده مريدن مان هو تہ هڪ ڏينهن سندس ملاقات هڪ بدعتي



شخص سان ٿي، جنهن ڀنگ جو ڀريل پيالو اڳيان آڻي رکيس جيڪو پاڻ بہ پي رهيو هو ۽ ٻين کي بہ پياري رهيو هو. هڪ پيالو ڀري اسان ڏانهن وڌايائين تہ درويش زڪريا چيس تہ هن پاڻيءَ جو نشو زائل ٿيندڙ آهي ۽ اسان شريعت واري پاڻي جو نشو ڪندا آهيون جيڪو باقي رهندڙ آهي. ان حال ۾ هو توبهہ تائب ٿيو ۽ اسان سان گڏ هلڻ قبول ڪيائين.

**نقل** آهي تہ حضرت مخدوم معظم جي فيض واري خدمت ۾ شاهہ خيرالدين بکري پاڻ ڪنن سان ٻڌو تہ فرمايائون تہ حق جي تلقين جهڙي طرح ٻن ماڻهن کي نصيب ٿي اها ٻي ڪنهن کي نہ ملي. هڪ پنهنجي فرزند کي جنهن جلد شاهہ ڏٽيءَ جي حوالي ڪيو ڇو تہ تلقين جي طاقت نٿي رکيائين. ٻيو غوث العالم جي اولاد مان شاهہ خيرالدين. هڪ دفعي هن ڪن فقرائن کي ذڪر ۾ مشغول ڏٺو تہ ڪين چئي ڏٺائين تہ توهان کي ذڪر جي تلقين ئي نہ ملي آهي تہ پوءِ ڇا جي لاءِ ذڪر ٿا ڪيو. اهو ٻڌي زڪريا شاهہ خيرالدين جي ملاقات لاءِ پاڻ ويو ۽ ڪيس ٻڌايائين تہ جيتوڻيڪ اسان اهڙي خاص تلقين سان مشرف

نہ ٿيا آهيون. پر مخدوم معظم جي منهن مبارڪ ڏسڻ سان ايترو فيض مليو اٿئون جو جيڪڏهن چار سؤ جٺئي وارا منهنجي اڳيان اچن تہ اهي هڪڙي نظر سان توهان وانگر ولايت جي درجي تي پهچي وڃن ۽ حق جي هدايت واري راهہ مٿن روشن ٿي پوي. ان ڪانپوءِ ڪڏهن بہ فقيرن کي جهٽڪڻ واري زبان ڪم نہ آندائون ۽ ڪجهہ بہ نہ چيائون.

**نقل** آهي تہ هڪ ڏينهن درويش زڪريا ۽ سندس ساٿي حسين مسجد ۾ بيمار پيا هئا. هڪڙو صاحبِ ڪرامت ۽ مقبول دعا درويش اتي اچي پهتو ۽ چيائين تہ جيڪڏهن هي ٻئي درويش سمورا ڪپڙا جيڪي سندن بدن تي آهن لاهي مون کي ڏين تہ فوري صحتمند ٿي پوندا، ورنہ مري ويندا. درويش زڪريا چيو تہ بہ ڪپڙا وٺ باقي اسان وٽ ڇڏي ڏي. گهڻيون آزيون نيازيون ڪيائون پر هن قبول نہ ڪيون. تڏهن يڪدم زڪريا چيو تہ اي درويش! اسان ٺيڪ ٿي وياسون ۽ شفا ملي وئي، هاڻي توهان پنهنجو فڪر ڪيو. آخر اهو درويش ٻي رات مري ويو ۽ انهن ٻنهن کي واقعي شفا ملي وئي.



**نقل** آهي تہ هڪ ڏينهن پاڪائي ڪرڻ جي لحاظ کان پتر ڪنيائين تہ سندس هٿ مبارڪ لڳڻ سان ئي اهو سون ٿي ويو. تڏهن درويش زڪريا چوڻ لڳو، اي پروردگار! جيڪڏهن سمورو جهان سون ۽ موتي ٿي پوي تہ فقير زڪريا تنهنجي ذات پاڪ کان سواءِ پوءِ ڪيڏانهن بہ نہ وڃي. هڪ ڏينهن ڪنهن شخص غلطيءَ وچان درويش حسين جي پٺي تي لت هڻي ڪڍي تہ ان رات ئي اهو شخص چئن ٻين ماڻهن سان گڏ مارجي ويو. تڏهن چوڻ لڳو تہ هن ڳوٺ جا سمورا رهاڪو قتل ٿي وڃن ها پر نہ گهريم ۽ هنن پنجن تي اڪتفا ڪيم [89]

هڪ دفعي ڪنهن ظالم جي اڳيان ڪنهن قيديءَ جي آزادي لاءِ منٿ ميڙ ڪرڻ ويا جيڪا هن قبول نہ ڪئي، تڏهن آگر مٿي ڪٽي زور سان چيائين تہ اهو ماڻهو ڇڏي ڏي تہ ڇڏي ڏنائين ۽ پاڻ ان جي غلطي معاف ڪري ڇڏيائين. حاضرين ان شخص کان پڇا ڪئي تہ اها ڳالهہ پهرين قبول نہ ڪيئي ان کان پوءِ ان ولايت واري درويش جي اشهد آگر ڪٽڻ سان معاف ڪري ڇڏيئي. چيائين تہ اها آگر وڏي بلا وانگر مون کي ڏسڻ ۾ پئي

آئي جيڪر سمورو جهان ان جي وات ۾ هليو وڃي. تڏهن پنهنجي ساهه جي خوف کان هن جي منٿ کي قبول ڪيم.

هڪ ڏينهن ڪنهن هنڌ سماع دوران وجد ۽ رقص ڏسندي درويش کي غيرت اچي وئي. ڪرامت واري ترڪش مان تير ڪڍي ان شخص کي هنيائين ته اهو اتي جو اتي زمين تي ڦهڪو ڪري ڪريو جيڪو ڪيتري دير تائين بيهوش پيو هو. جڏهن ان حالت مان ٻاهر آيو ته دوستن ڪانئس حقيقت جي پڇا ڪئي چيائين ته ان درويش جڏهن غيرت وچان تيز تير هنيو ته آءٌ مخدوم معظم وٽ روحانيت واري عالم ۾ وڃي پهتس ۽ عرض ڪيم. تڏهن ان تڪليف واري حالت جيڪا ان تير جي ڪري ٿي تنهن کان شفا ملي وئي. آخر ۾ مون ان کي تير هنيو جنهن سان هو صفا مرڻينگ ٿي ويو ۽ هن تير کان هن جو ڇوٽڪارو مشڪل آهي گهڻو ڪري ته مري ويو هوندو. آخر دوستن سان گڏ هن جي جنازي نماز پڙهي پوءِ پنهنجي راهه ورتائين. هن جا مناقب ڳڻڻ کان ٻاهر آهن بس هنن چند نقلن تي اڪتفا ڪئي وئي ته جيئن خرار مان مٽ جي نموني طور



سيني کي معلوم هجن. درويش حسين ٿهيم سندس پيارن ساٿين مان هو سڄي عمر سندس خدمت ۾ بسر ڪيائين ۽ گهڻن مشاهدن وارو هو. بلڪ صاحبِ ڪشف ۽ صاحبِ ڪرامت هو ۽ علم لدني جو ڪشف به ڪيس حاصل هو ۽ خاص برڪت وارو هو جو هڪ ڏينهن پنهنجي خادم کي فرمايائين ته اَن جي ٽانوَ مان جوَ ڪڍي اچ، فوراً وڃي ان ٽانوَ جو منهن کوليائون ته ان کي جوَن سان ڀريل ڏٺائون، حالانڪ ان ۾ هن کان اڳ ۾ هڪڙو داڻو به نه هو ۽ ڪافي دير تائين جوَ ڪيندا ۽ استعمال ڪندا رهيا. چون ٿا ته پندرهن سال هڪ پاسي تي بيمار پيل هو پر هميشه چوندو هو: "**الحمد لله عليٰ كل مصيبة**" يعني **الله** جون تعريفون هر مصيبت تي. هن جا مناقب حد کان وڌيڪ ۽ لکڻ کان ٻاهر آهن.

**نقل** آهي ته هڪ پيري دوستن جي جماعت سان سير ۾ هيو ۽ ڪٿي مهمان ٿي اچي ٽڪيو. ميزبان تمام نفيس طعام ۽ تڪلف وارو کاڌو انهن جي اڳيان آندو. طعام کائي فارغ ٿيڻ کان بعد پاڻي گهريائون ۽ اُج اُج جو آواز بلند ڪيائون، ڇو جو

ان جاءِ تي اهڙو پاڻي تمام گهٽ هو جيڪو پيڻ جي لائق هجي. ان جو مطلب اهو هو ته جيئن سنو طعام کارايو اٿس اهڙي طرح منو پاڻي به پيدا ڪري. جيئن چون ٿا ته هڪ يار کي پڻ ڪن دوستن مينهن خاطر تڪليف ڏني هئي جو ڏندڻ هٿ ۾ ڪٺي چوڻ لڳا ته اسان وضو ۽ غسل مينهن جي پاڻي کان سواءِ نه ڪنداسون. آخر ان يار کي مينهن جي واسطي دعا گهرڻي پئي ۽ اها دعا رب جي بارگاه ۾ قبوليت جي درجي کي پهتي. تيئن توکي به اهڙي يار جي مرتبي کان گهٽ نٿا سمجهون. توهان به الله سائين کان دعا گهرو ته مينهن وسائي ته جيئن اوهان جا دوست به مينهن جو منو پاڻي پين ان سان وضو ۽ غسل ڪن. آخر ان حال ۾ سورة فاتحه پڙهيائين ۽ جيئن اها پوري ٿي ته مينهن وسي پيو.

حضرت فتح محمد لکي ٿو ته مخدوم معظم جي ارادتمندن مان هڪ فقير کيس ٻڌايو ته خواب ۾ ڪيترا پيرا ڏٺو اٿم ته الله جلّ جلاله جو نور تخت تي ظهور پذير آهي ۽ اولياءَ ۽ انبياءَ سيئي ان تخت جي اڳيان هٿ ٻڌي بيٺا آهن ۽ اسان ان



جو مشاهدو ۾ رنگ پئي ڏٺو. وري ان فقير چيو ته ذات ذوالجلال جو نور قدرت جي تخت مٿان مشاهدو ڪيم ته سيئي جهان عرش کان فرش تائين ان نور ۾ وهنتل هئا ۽ اسان ان جو مشاهدو ڪري ورتو. ان درويش جي اهڙي ڳالهه ڪنهن به شخص قبول نه ڪئي. پر جڏهن هڪ شخص جي پٽ کي پيٽ ۾ اڇي سور پيو ته منت قبول ڪيائين ۽ هڪڙو اٽ باس ۾ ڏنائين. تڏهن ان درويش پنهنجي ڪلاه موڪلي ڏنائين، جيڪا ان ڇوڪري جي پيٽ تي مهٽيائون ته شفاياب ٿي ويو.

هڪ درويش جي گهرواري سَنڍ هئي. ان جي مڙس گهريو ته ڪا ٻي عورت نڪاح ۾ آڻي ته جيئن کيس پٽيلو اولاد ٿئي. تڏهن ان عورت پنهنجي پيءُ کي چيو ته منهنجو مڙس منهنجي مٿان ٻي عورت آڻڻ گهري ٿو ته جيئن ان جو ڪو وارث پيدا ٿئي. اهڙي صورتحال ۾ هن نياڻي کي پنهنجي اڳيان سڏي ان کي منع ڪئي پر هو نه مڙيو. آخر درويش لاچار ٿي ٻڌايس ته هڪ پٽ ٿيندو مگر اهو تنهنجي پيٽ مان ٻاهر ايندو ڇو ته ٻيو ڪو فرزند تنهنجي نصيب ۾ نه آهي. ڏنائون ته

ان مرد جو پيٽ ڏينهون ڏينهن وڌو ٿيندو ويو ايتريقدر جو عاجز ۽ پريشان ٿي ويو. آخر ڪي ماڻهو هن درويش ڏانهن ميڙ ڪٺي ويا ۽ خدا رسول جا واسطا ڏنائون. تڏهن هن پنهنجو هٿ ان جي پيٽ تي رکيو ته گوشت جو هڪ ٽڪرو هن جي پيٽ مان ٻاهر نڪري آيو. چون ٿا ته ٻه ٽي سال هر مهيني هن کي ماهواري ٻه ايندي هئي. آخر وري ڪن وڃي ميڙ منٿ ڪئي تڏهن وڃي اهو سلسلو به بند ٿيو.

چون ٿا ته هڪ ڏينهن منجهند جي وقت ڳوٺ جي وچ ۾ مسجد جي اڳيان جلي ذڪر ۾ مشغول هو ان ڳوٺ جي چڱي مڙس چيس ته اي درويش! هن وقت هتي آواز سان ذڪر ڪرڻ مناسب نه آهي. ان جي جواب ۾ چيائين ان وقت تائين الله جي ذڪر ۾ مشغول هوندس جيستائين تنهنجو جنازو آڻيندا ۽ ان تي نماز پڙهندس. آخر ان حال ۾ ان مرد جان الله جي حوالي ڪئي ۽ ان جي جنازي نماز پڙهيائين.[90]

**نقل** آهي ته هڪ ڏينهن حصرت حماد پنهنجي والد حضرت هاشم سان گڏ رستي سان پئي آيو. واٽ تي پاڻ حاجتِ



انساني جي لاءِ هڪ وڻ جي اوٽ تي ويٺو. ايتري ۾ هڪڙو سوار ٽن پيادل ماڻهن سان اُتان اچي لنگهيو ته اهو خادم جيڪو ساڻن گڏ هو ان کي بيگار ۾ وٺي وڏي ڳنڍ هن جي مٿي تي رکيائون. پاڻ جڏهن انساني حاجت کان فارغ ٿي موٽي آيو ۽ ڏٺائين ته خادم کي رستي وارا زوري وٺي ويا آهن ته ان حال ۾ انهن جي پٺيان لڳو ۽ پنهنجي خادم کي واپس وٺي آيو. تڏهن حضرت حماد پڇا ڪيس ته اي فقيرا ان ظالم کي ڪٿي ڇڏي آئين. چيائين انهن کي ڪوهه قاف کان اڳتي ٽپائي ٿامي جي سرزمين تي ڪيس ڇڏي آيس. اجا وضو نه هو نه ته جيڪر گهڻي دير اڳ انهن کي اڳتي ڇڏي اچان ها. ان درويش جو نالو مريد بلوچ هو ۽ هميشه ڪلمه طيبه سندس زبان تي جاري رهندو هو. اهڙي قسم جا سندس مناقب تمام گهڻا آهن.

**نقل** آهي ته فقرائن جي هڪ جماعت جو گدرن جي واڙيءَ کان گذر ٿيو درويش خيرالدين سوڍي کي چيائون ته ڪنهن طريقي سان نقدي يا ڏوڪڙ هٿ ڪر جو تمام اعليٰ ۽ لذيذ هندوانا ۽ گدرا وڪڻي رهيا آهن. ائين چئي هو هڪڙي

درويش کي کنڌ ۾ وٺي ويو ۽ اتي ڪکن پنن جي ڍير کي هٿ لاتائين ته اهو ٽامو بنجي پيو ۽ جيترو فقيرن جي لاءِ ڪافي هو ڪٽي آيو هڪڙي ڏينهن ساڳئي درويش کي چيائون ته هڪڙو درويش جماعت جي درميان هميشه اگهاڙو آهي جيڪڏهن ڪجهه پئسا هٿ اچن ته ڪو سوٽي ڪپڙو خريد ڪري هن جو انگ ڍڪجي ته جيئن سندس نماز جائز ٿي سگهي. تڏهن هڪ درويش کي چيائين ته فلاڻي وڻ جي هيٺان وڃ پر اتان ضرورت کان وڌيڪ هرگز نه ڪڍجو. هو جڏهن اتي ويا ته ڏٺائين ته سون ۽ جواهر جو (واهه) وهي رهيو آهي. هو جيترو به ڪٽي سگهيو ان درويش جي خدمت ۾ آندائين. ليڪن هن جي معجز بيان زبان مان جيڪو ظاهر ٿيو هو ته ضرورت کان ڪجهه به وڌيڪ نه ڪڍجو ائين نه ڪيائون. ان ڪري سندن پهريون قدم ڪوهستان ۾ پيو جتي گهڻي عرصو جهنگل ۾ پئي رُليا پر جانور ۽ ٻيا وحشي درندا کين ڏسڻ سان ٿهندا نه هئا. ان ڪانپوءِ جڏهن ماڻهن جي بستيءَ ۾ آيا ته ڪانئس پڇيائون ته فقر جي حقيقت ڇا آهي؟ چيائين ته ان جو ٻج باري تعاليٰ جي ذات جو نور آهي ۽



ان جو وڻ حضرت رسالت ماب ﷺ ۽ ان جو ٽاريون پيران طريقت ۽ ان جا ميوا فقراء آهن.

**نقل** آهي ته درويش صوپيو رهندڙ ڳوٺ (ڪيبر) وڏي آواز سان ذڪر ڪندو هو. ڪنهن شخص هن کي چيو ته وڏي آواز سان ذڪر ڇو ٿو ڪرين، آهستي ڇو نه ٿو ڪرين. بيشڪ **الله** تعاليٰ ٻڌندڙ ۽ ويجهو آهي. ٻئي پيري آهستي ذڪر ڪرڻ شروع ڪيائين ته اوچتو شيخ فريد شڪر گنج وٽس پهتا ۽ چيائونس ته ذڪر بلند آواز سان ڪر جو اسان پاڪ پٽڻ مان هر رات تنهنجي ذڪر ٻڌڻ جي لاءِ ايندا آهيون. هڪڙي ڏينهن ذڪر ۾ ايترو مشغول هو جو سندس وات مان نڪرندڙ ڳف اڏامندي پرسان گاهه جي مٿان وڃي ڪري. ان گاهه کي جڏهن هڪ ڍڳيءَ کاڌو ته اها ديواني ٿي وئي ۽ وڏي آواز سان رنڀڻ شروع ڪيائين. آخرڪار ان کي ذبح ڪيائون پر جنهن به ان ڳئون جو گوشت کاڌو ته اسم **الله** جو آواز اٿندي ويهندي. ننڍ توڙي سجاڳيءَ ۾ ڪانئس نڪري ٿي ويو جيڪو پري پري تائين ٻڌڻ ۾ پئي آيو. اها خبر مخدوم معظم جي خدمت ۾ پهتي ته

فرمايائون جيڪو به مخلص هوندو ته هن ۾ ذڪر جو اثر رهندو باقي ٻئي ماڻهوءَ ڪي اثر نه ٿيندو. هن رسالي جي لکندڙ فقير انهن مان هڪڙي ڪي ڏٺو هو راهو نالو هوس.

**نقل** آهي ته ڪو درويش مجازي عشق ۾ ڦاسي پيو. ٻئي ماڻهوءَ ڪي چيائين ته تو ڪي حضور ﷺ جي بارگاهه ۾ پهچايان ٿو منهنجي معشوق تان هٿ ڪڻ چو ته هو اسان لاءِ حق جي حقيقت جي پُل آهي ۽ تون ان ۾ خلل وجهندڙ نه ٿيءُ هن قبول ڪيو ته ڪيس هٿ ڪان وٺي حضور ﷺ جي بارگاهه ۾ پهچائي ڇڏيائين.

**نقل** آهي ته هڪڙا ٻه دوست پهاڙن ۾ ذڪر ۾ مشغول هئا ۽ گاهه جا پن چونڊي ديڳ ۾ وجهي ان جي هيٺان باهه ٻاري پاڻ عبادت ۾ مشغول ٿي ويا. جڏهن ديڳ جي هيٺيان باهه تمام گهٽ ٿي وئي ته ٻه حورون بهشت مان اچي باهه ٻارڻ ۾ مشغول ٿي ويون ٻنهي درويشن جڏهن ان طرف ڏٺو ته چيائون توهان ٻئي حورون جتان آيون آهيو واپس وڃو ڪٿي ائين نه ٿئي جو سياڻي حساب ورتو وڃي.



**نقل** آهي ته الهڏتي نالي شخص جڏهن مخدوم معظم جي خدمت مان تلقين وارو ٿيو ته ڪائڻ پيئڻ کان پاڻ کي روڪي ڇڏيائين. ايتري قدر جو ڪاڙهي ۾ ريگستان اندر ۽ سياري ۾ ٿڌي پاڻي ۾ ذڪر ۾ مشغول رهندو هو ۽ پنهنجي سڄي عمر اهڙي طريقي سان گذاريائين. ڪنهن درويش ڪانئس پڇيو ته ڪائڻ پيئڻ ڪانسواءِ تنهنجي زندهه رهڻ جو سبب ڇا هو؟ ٻڌايائين ته ذڪر ڪرڻ وقت هڪ نوري لاٽ آسمان مان منهنجي وات ۾ پهچندي هئي جنهنڪري ڪائڻ پيئڻ جي ضرورت محسوس نه ٿيندي هئي. [91]

**نقل** آهي ته هڪ ڏينهن درويش خيرالدين رستي جي وچ ۾ وڏي ادب سان هٿ ٻڌي بيٺو هو. ان وقت دوستن سان بيان ڪيائين ته خلف الصدق مخدوم امين محمد تشريف آور ٿيا هئا. باطني طور مون کي مخدوم معظم جي خاندان وارن جي خدمت جو تمام گهڻو تاڪيد ڪيائين. چيائين ته انهن جي خدمت ۾ هميشه تيار رهه ۽ ان تي پابندي ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏ. ان ۾ توهان ۽ توهان جي دوستن ۽ پڻ سيني لاءِ ٻنهي جهانن

جو فائدو اهي. پاڻ جڏهن هڪ شخص جا مهمان هئا سندن آڏو جيڪو طعام آندائون ته ان مان ٻه ٽي مانيون ميزبان کي موٽائي ڏنائون ۽ باقي کائڻ ۾ مشغول ٿيا. تڏهن کين طعام آڻيندڙ کان معلوم ٿيو ته اهي ٻه ٽي مانيون حيض جي حالت ۾ پچايل هيون، مون کي انهن عورتن جي باري ۾ اها خبر تڏهن پئي.

**نقل** آهي ته ڪو درويش رحلت ڪري ويو هڪ ڳيرو جنهن جو آکيرو بلڪل ويجهو هو ان حال ۾ پاڻ کي زمين تي ڪٽي اڇلايو ۽ اتي ئي ساهه ڏنائين. آخر ان ڳيري کي سندس پاسي ۾ دفن ڪيائون. هڪ دوست مخدوم معظم جي وضو جي پاڻي پيئڻ جو آرزو مند هو جيڪو سڄي عمر ان کي نه ملي سگهيو هو. ڏاڍو حيران پريشان پنهنجي ڳوٺ موٽي آيو. رات جو مخدوم معظم کي خواب ۾ ڏٺائين ته پنهنجي زبان شريف ان ضرورت مند جي وات ۾ رکي ۽ فرمايائون ته توکي وضوءَ جي پاڻيءَ جي پيئڻ جو شوق هو پر خادمن توکي نه ڏنو. ان کان پوءِ ان مريد ٻڌايو ته هر وقت نهايت خوشبودار ۽ تمام مٺو شربت پنهنجي وات ۾، بلڪ پوري وجود ۾ اهڙيءَ طرح محسوس



ڪريان ٿو، جو کائڻ پيئڻ ته ڇا، بلڪ ڪنهن ٻيءَ شيءِ جي ضرورت ئي نه رهي آهي ايتريقدر جو ننڊ به اکين مان هلي وئي آهي.

**نقل** آهي ته ڪو ماڻهو حج کان آيو ۽ چيائين ته هيءَ مسجد قبلي کان ڦِريل آهي مخدوم معظم جي مسجد جو مؤذن ۽ امام ان حاجيءَ کي مسجد جي هڪ ڪنڊ ۾ وٺي ويا ۽ ڪعبو شريف ڏيکاريائونس ته مسجد ڪعبي جي حساب سان بلڪل برابر آهي. اهو ڏسي ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ اچي سندن ارادت جو ڪمند پنهنجي ڪنڌ ۾ وڌائين. دوستن جي هڪ جماعت بيابان ۾ بڪايل ۽ اُجايل هُئي ۽ رستي وڃائڻ ڪري کين ڪو طرف معلوم نه پئي ٿيو. انهن مان هڪڙو جيڪو سيني کان وڏيڪ سمجهه وارو هو ٻين کي چوڻ لڳو ته فلاڻي وڻ جي هيٺان هڪ قبر آهي اتي وڃي منهنجا سلام پيش ڪريو. ان ائين ڪيو ته قبر مان مردو ٻاهر نڪري آيو ۽ چيائين ته منهنجي سلام پڻ چئجانءِ هن جي چوڻ مطابق ان بعد ان رستي سان ٻي

تي قدم کنيائون ته کين پنهنجو ڳوٺ نظر آيو. سيئي گهڻو خوش ٿيا مطلب جيئن انهيءَ قبر واري ٻڌايو هو ائين ئي ٿيو.

**نقل** آهي ته دوستن جي هڪ جماعت آبادي کان پري وڃي نڪتي. جتي ڏاڍو حيران ۽ پريشان ٿيا، بُک ۽ اُڃ سبب مرڻ جي ويجهو وڃي پهتا. هڪڙو جيڪو انهن ۾ وڏيڪ عقل وارو هو ته دوست هلاڪت ۾ وڃي پهتا آهن ۽ هِتي هُتي ڪرندا وتن ٿا، تنهن کين دلاسو ڏيندي چيو ته آبادي ويجهي آهي. چيائون ته ڪم دلاسي کان چڙهيل آهي جو آخري ساهه وڃي باقي بچيو اٿن. چيائين هتي ڪڏ کوٽيو. ان هنڌ ان لذيذ طعامن سان ڀريل خونچا ۽ ٿڌي پاڻيءَ جا لوٽا هٿ آين. پنهنجي ضرورت مطابق کائي پيئي ڏاڍو خوش ٿيا.

**نقل** آهي ته هڪ ڀيري بهاؤالدين دلقپوش شاهه اسماعيل بخاريءَ کي چيو ته ڇا لاءِ مخدوم محمد معظم جي خدمت ۾ گهڻو نه ٿو اچين. جواب ڏنائين توڙي جو ظاهري طور اچڻ ۾ ڪوتاهي ڪيان ٿو پر باطني طور تي هميشه حاضر هوندو آهيان. تڏهن ظاهر ڪيائين ته فلاڻي وقت توهان ۽ توهان



جا ٻيا دوست مخدوم صاحب جي خدمت ۾ حاضر هيا ۽ ڪيترا ماڻهو دست بوسي سان مشرف پئي ٿيا، اوچتو چار سهڻي صورت وارا شخص حقيقت ۾ ڪامل اتي اچي پهتا جيڪي هٿ چمي وري واپس ٿيا. حاضرين خدمت مان ڪنهن کي ٻه انهن جي باري ۾ يعني حسب نسب ۽ نالي نشان جي ڪا ٻه خبر نه پئي. جڏهن مخدوم معظم جي خدمت ۾ انهن چئن شخصن جي حقيقت بابت پڇيائون ته معلوم ٿيو ته اهي چار مقرب ملائڪ هئا جيڪي ڪڏهن ڪڏهن اولياءَ الله سان ملاقات لاءِ ايندا آهن.

**نقل:** نيڪن جو اڳواڻ سيد اسماعيل بخاري پنهنجي خادم سان گڏ اولهه جي طرف درياءَ ڏانهن وڃي رهيو هو ته جيئن پنهنجي ڳوٺ ڪڪري پهچي سگهن. جڏهن درياءَ جي ڪناري تي پهتا ته ٻيڙي نه ڏنائون جو سوار ٿي درياءَ پار ڪن. ايستائين جو سج لهي ويو. اهو خادم جيڪو ساڻس گڏ هو چوڻ لڳو ته سياري جي رات آهي ۽ درياءَ جو ڪنارو جهنگل وارو آهي. مٿان برسات اچڻ واري آهي پڪ مري ويندا سون ۽ ڇوٽڪاري جي ڪا

صورت نظر نٿي اچي. تڏهن سيد سڳوري فرمايو ته في الواقع مرڻ جو ئي وقت آهي اڃا ان گفتگو ۾ ئي هئا ته اوچتو ڪڪري ڳوٺ جا گهر خادم کي نظر ۾ آيا. چيائين اي سيدا! [92] ٻچي وياسون جو هي سامهون جيڪي گهر آهن اسان جي رهائش وارا آهن. چيائين پڪ ٻچي وياسون جو جيئرا آهيون.

**نقل** آهي ته هڪ ڏينهن سيد السادات سيد رڪن الدين متعلوي ۽ هدايت جي واٽ جو عامل سيد عبدالڪريم ٻئي سيد اسماعيل جي خدمت ۾ آيا. ڏٺائون ته زباني ذڪر ۾ مشغول آهي چيائون ته باطني شغل جي باوجود ظاهري شغل ۾ مصروف آهي. تڏهن هن چيو ته ظاهري عضون کي به معبود جي عبادت ۾ مشغول ڪرڻ کپي چو ته مشاهدي جي باوجود ظاهري ڪسب ضروري آهي. ٻئي هن جي خدمت ۾ چوڻ لڳا ته اسان عام ۽ خاص جي ميڙ سبب حق تعاليٰ جي عبادت وقت خالي ذهن نه هوندا آهيون پر تون اسرارِالاهي جي مليل خزاني جي باوجود شهرت کان محفوظ رهين ٿو. چيائون ته توهان ٻنهي شهرت جا خيما نصب ڪيا آهن ۽ پاڻ تي مرشد جو لقب رکرايو



اٿو. ان ڪري توهان کي فقرائن جي مرتبي سان ڪهڙي نسبت ٿي سگهي ٿي. قدوة الواصلين حضرت هاشم ولد حضرت حماد چيو ظاهري ڪسب جي ڪري حق تعاليٰ جو مشاهدو ٿيندو آهي پر مشاهدي جي ڪري ڪسب حاصل نه ٿيندو آهي.

**نقل** آهي ته هڪڙي دوست جي چوڻ تي هڪ طرف سير جي تڪليف ڪيائون. مشهور هو ته ان طرف جا رهاڪو سرڪش، باغي ۽ ڌاڙيل آهن، اهي اڪثر چوپايو مال ۽ جانور ڦرلٽ ڪري ڪاهي ويندا آهن. ان ڪري هنن ڏانهن وڃڻ صوفين جي لاءِ هرگز مناسب ناهي. جيڪڏهن هر طعام سندن محنت سمجهي حلال ڪري کائيندا تڏهن حقيقت جي لحاظ کان مجرم ٿيندا آهن چو ته سڀ شيون خداوند ذوالجلال جي ملڪيت آهن جيڪڏهن ٻين کي مالڪ سمجهن ته گويا شرڪ خفي ڪيائون. پر جيڪڏهن حرام ۽ حلال جي تحقيق ڪانسواءِ کاڌائون ته پوءِ متن شريعت جو عتاب لازمي ٿيندو. انهيءَ ڪري اهڙي ۾ سڪونت اختيار ڪرڻ. بهتر آهي جتي پڇڻ جي حاجت ناهي. بعض اوقات مخدوم معظم فرمائيندا هئا ته حلال حرام بابت

پڇا ڪانسواءِ طعام کائيندڙ يا لباس پائيندڙ کي سندس نيڪ عملن بابت پڇڻ ڪانسواءِ دوزخ موڪليندا.

**نقل** آهي ته امين محمد مخدوم معظم جي جانشين هڪڙي ارادتمند کي خاص ڪم جي لاءِ قورُن جي ڳوٺ ڏانهن موڪلڻ وقت هن کي تاڪيد ڪيائين ته انهيءَ ڳوٺ ۾ حرام خور آهن متان انهن جي ڪا شيءِ کائين يا پيئين. پورا ٻارنهن ڏينهن ان ڳوٺ ۾ گذاريائين ۽ ڪم سرانجام ڪري هالاڪنڊي جي ڳوٺ ۾ موٽي اچي ماني کاڌئين.

**نقل** آهي ته درويش بادو سهتو اڪثر کير ۽ ڏهي وغيره ماڻهن کان زوريءَ ڪسي مسڪينن ۽ فقيرن کي کارائيندو هو. ابوالمحمد ولد محمد امين سجاده نشين غوث الاحد هن کي منع ڪئي ته ائين نه ڪر. چيائين ته هڪ رات حضرت رسالت مآب ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جو شرف مليو جتي ڪيترائي اولياءَ **الله** نبي ڪريم ﷺ جي مجلس ۾ حاضر هئا. مخدوم معظم فقير جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي چيو اي **الله** جا حبيب! هي فقير اسان جو مُحب آهي، مريد ۽ فقير آهي. تڏهن سلطان



الانبياءَ هن ٻانهي جي هٿ کي پنهنجي هٿ مبارڪ ۾ وٺي فرمايائون ته هي شهر جي سکر رهاڪن مان شيون زوري وٺي فقيرن کي ڏئي ٿو اهو چڱو ۽ بهتر آهي. اهو ئي سبب آهي جو آءٌ سرورِ ڪائنات ﷺ جي فرمان موجب ماڻهن کان زوريءَ شيون وٺندو آهيان، ورنه آءٌ پاڻ ڪا ضرورت نٿو رکان. ليڪن حضرت ابوالمحمد چيس ته اي درويش! ڀلي ائين هجي. جيئن تون سمجهين ٿو ائين نه ڪر ۽ توبهه ڪر. ڇاڪاڻ ته تو جيڪي ڪجهه ڏٺو آهي ۽ جنهن شيءِ جو توکي حڪم ٿيل آهي ظاهري ان جو شريعت ۾ حڪم هرگز ناهي تڏهن وجي توبهه ڪيائين.

**نقل** آهي ته غوث العالم جي اولاد مان ڪنهن هڪ درويش کان پڇيو ته توهان جو پير مرشد حضرت رسالت مآب ﷺ وٽ ڪهڙو مرتبو رکي ٿو. چيائين ته ساڄو بازو سمجهه جو کين عمدي لباس سان نوازيندا آهن. درويش جي اها ڳالهه ٻڌي کيس چيائين ته ڪامل مريدن مان آهين. چون ٿا ته هڪ شخص ست سال هالاڪنڊي ڳوٺ جي مسجد ۾ اعتڪاف

۾ ويٺل هو پر ڪڏهن به ظاهري طرح مخدوم معظم جي مزار جي زيارت جي لاءِ نه آيو. هڪ شخص ڪي دل ۾ خيال ٿيو ته ايتري عرصي ۾ زيارت جي لاءِ نه ويو آهي. حالانڪ سندن ارادت جو ڇَلو ڪن ۾ رکي ٿو. جلد ئي هن شخص جي دل جي اندر ڪان واقف ٿيو، جنهن ٻڌايس ته مُنهنجو هن مسجد ۾ ويهڻ خاص مخدوم معظم جي لاءِ آهي، ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ اچڻ جو سبب اها نفرت هئي ته جيئن ٻين جي خرابين تي نظر نه پوي. اهو ئي سبب هو جو ڪڏهن انهن جهوپڙين وارن جي ويجهو رهندو هو جيڪي جهنگل ۾ صرف جانورن جي چاري خاطر رهائش اختيار ڪندا هئا، اتي [93] رات بسر ڪندو هو، پر سندس اهڙي ياڳ پري آمد ڪان ڪنهن ڪي ڪا به خبر نه پوندي هئي. پر صبح جو ڏسندا هئا ته ڪو به چوپايو پنهنجي جاءِ ڪان چرڻ ڪان لاچار هو. جڏهن خبر پين ته درويش بادو اسان وٽ رات گذاري ويو آهي ۽ اسان ڪان هن جي خدمت ۾ اسان ڪان غفلت ۽ سستي ٿي وئي آهي ۽ جانورن جو متي نه اُٿڻ انهيءَ ڪوتاهي جي ڪري آهي. آخر ان ڳوٺ جا سڀ ننڍا توڙي



وڏا سندس خدمت ۾ معذرت جي لاءِ ڊوڙندا آيا. خدا رسول جا واسطا ڏيڻ لڳا ۽ اچڻ جي خبر نه پوڻ جو عذر پيش ڪيائون. تڏهن ڪرامت جي زبان کوليندي ڪين چيائين جيڪڏهن معذرت ۽ منٿ ميڙ نه ڪيو ها ته توهان جو ڪو به جانور زمين ڪان متي اُٿي هلي نه سگهي ها. في الحال ڪا ٿلهي متاري ڏيڳي آٽيو ۽ فقيرن ڪي ذبح ڪري ڪارايو ته جيئن ٻيا جانور چرڻ پُرن تڏهن هن جو فرمان قبول ڪري ۽ ان ريت ڇوٽڪارو ڏنائون.

ڳالهه ٿا ڪن ته حاجي ڪلهوڙي جي ارادتمندن جي هڪ جماعت رياضتن ۽ مجاهدن توڙي رضامندي ۽ خاموشيءَ سان ممتاز هئي پر هنن ڪي درويش بادو جي قسمين قسمين ڪاڏن، گهٽي ڳالهائڻ ۽ ڪِل مذاق توڙي فقيرن جي خوش طبعي جيڪا هن جي خصوصيت هئي ان ڪان انڪار ڪندڙ هئا. بلڪ ائين پيا چوندا هئا ته هو سالڪن جي عادتن ڪان خالي پيو نظر اچي. مخدوم معظم عالم روحاني مان انهن تي خاص جلوو ڪري ڪين فرمايو ته هو پنهنجي پروردگار وٽ قبوليت رکن ٿا توهان پاڻ ڪي ڇا لاءِ پري رکو ٿا. ان ڪان پوءِ توبهه ڪيائون ۽

كڏهن به طعني جي زبان نه كوليائون. واصلن جي اڳواڻ ربڏني ولد عارفِ رباني ابوبكر عباسي كنهن درويش كي ڏٺو جيكو ظاهري طور تي صالحن جي طريقي تي نه هو. تڏهن دل ۾ خيال آيس ته سچا ساٿي اُهي ئي هئا جيكي پنهنجي حياتيءَ ۾ جيئري مخدوم معظم جي دست بوسيءَ سان مشرف ٿيا. خواب ۾ ڏٺائين ته كيس چيائون ته هيءَ پوئين جماعت به اڳيئن جماعت جي برابر آهي.

**نقل** آهي ته بهاؤالدين دلق پوش چيو ته گهر ۾ ويهڻ جون ٽي مصيبتون آهن ۽ گهر كان ٻاهر ست مصيبتون آهن. يعني اختيار، عُزلت ۽ تخفيف هي ٽي مصيبتون آهن. چيائين ته نبي كريم ﷺ فرمايو آهي: **"ان الله طرقا احق الطرق ذكره"** يعني بيشك **الله** تعاليٰ جا گهڻا ئي طريقا آهن جن مان سيني كان وڌيك حقدار طريقو ان جو ذكر آهي. ۽ اهو شيخ جي تلقين سان آهي. وڌيك چيائين ته **"الطرق الي الله بعدد انفاس المخلوقات"** يعني **الله** تعاليٰ ڏانهن ويندڙ رستا مخلوقات جي نفسن جي عدد جيترا آهن. ۽ پڻ چيائين مخدوم معظم كان



ٻڌو ويو آهي ته **الله** تعاليٰ ڏانهن نَوَ كروڙ نَوَ لک نَوَ هزار نو سو اوڻٽيهه ۽ نَوَ واٽون خاص آهن ۽ باقي عام آهن.

**نقل** آهي ته هكڙي پيري صاحب مجاهدات درويش يحييٰ رائنتيو شيخ محمود صديق فخري ۽ سيدالسادات سيد نصيرالدين ٻڌايو ته درويش حسين ٿهيم ساكن بُكيره فرمايو ته اڳوڻا اولياء پنهنجي مريدن كي حُجري ۾ ويهڻ جي تكليف ڏيندا هئا. غوث المعظم به پنهنجي ارادتمندن كي حجري ۾ ويهڻ جي تلقين فرمائيندا هئا. هن سبب جي كري جو هكڙي ديوار نه كائڻ جي، ٻي نه سمهڻ جي، ٽئين چپ رهڻ جي، چوٿين وحدت ۽ شفقت جي آهي ۽ كامل مرشد ان حجري جي ڇت وانگر آهي، اتي جي غذا **لااله الاالله** آهي. ٻين جي چوڻ مطابق حجري جون چار ديوارون آهن پهرئين شريعت، ٻي طريقت، ٽئين حقيقت، چوٿين معرفت ۽ ان جي ڇت واحد جي وحدانيت آهي، اتي جي غذا **الله** سان اُنس آهي.

**نقل** كيو درويش مذكوره قدوة الواصلين درويش مٺي كان ۽ ان نقل كيو مخدوم معظم كان ته جيكو چاليهه ڏينهن

چئن شرطن سان **الله** جي ذڪر **لاالٰه الاالله** ۾ مشغول ٿئي يعني پهريون شرط نہ ڪائڻ جو، ٻيو نہ سمهڻ جو، ٽيون نہ ڳالهائڻ جو ۽ چوٿون دل جي تنهائي جو تہ پوءِ اهڙي ذڪر جو اثر زبان مان ٿيندو عضون تائين پهچندو آهي ڇو تہ اصل رڳون دل تائين پهتل آهن ۽ زبان جي حرڪت کي چوريندڙ آهن. ان ڪانپوءِ اهو ذڪر گوشت تائين ان کان پوءِ هڏن تائين ۽ ان کان پوءِ مغز تائين ۽ آخر ۾ هر وار زبان ٿي ويندو آهي. تڏهن هر وار ستر ڀيرا تڪرار ڪندو آهي ان کان پوءِ لباس جهڙين پائڻ واريون شيون ۽ ويهڻ واري جاءِ تي اثر انداز ٿي ويندي آهي، ڇو تہ مڪان جو شرف مڪين جي ڪري هوندو آهي. ان کان پوءِ اهو فڪر تائين ۽ ان کان پوءِ وصال تائين پهچندو آهي. تڏهن فاني في **الله** ٿي پوندو آهي ۽ حق جي بقا سان باقي ٿي ويندو آهي. اهڙي صورت ۾ زماني جي ڪا بہ تبديلي ۽ ڦيرڦار هن جي اڳيان نہ اچي سگهندي آهي.

**نقل** آهي تہ هڪ ڏينهن صاحبِ مجاهده درويش يحيٰ راهوٽو ۽ حضرت شيخ محمود ابن صديق فخري ۽ سيد السادات



سيد نصيرالدين جيڪو شاهہ خيرالدين بکريءَ جو مريد هو پاڻ ۾ ڪچهري ڪندي ۽ طالبن جي طلب ۽ ذاڪرن جي ذڪر جي باري ۾ گفتگو ٿي ڪيائون. سيد مذڪور چيو تہ هر ساهہ ۾ چار ڀيرا **الله** جي اسم جو تڪرار فقير جي لاءِ لازمي هجڻ کپي ۽ ان سان گڏ ان جي زبان مان ذڪر جو آواز ۽ قرآن پڙهڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي. ان ڪانپوءِ درويش يحيٰ چيو تہ چار سو ڀيرا **الله** جي اسم جو تڪرار هر ساهہ ۾ فقير کان ادا ٿيندو آهي پر اسان هي ذڪر ڳڻپ ۾ نہ ٿا آڻيون. ڇو تہ ان مرتبي ڪانسواءِ [94] ٻيا بہ ذڪر جا گهڻا ئي مرتبا آهن جن لاءِ چيو ويو آهي **"ما لا عين رات ولا اُذن سمعت"** يعني نہ ڪنهن اک ڏٺو ۽ نہ ڪنهن ڪن ٻڌو.

**نقل** آهي تہ درويش حسين ٺهيم چيو تہ پيرانِ مقتدا ٽي قسم آهن پهريون خدمت جي لاءِ آهي جيڪڏهن چند بزرگن جي خدمت ڪري تہ جائز آهي، ٻيو اهو پير جيڪو خرقو بخشي ۽ خرقو تحفي جي مثال آهي جيڪڏهن قبول ڪري ٻئي بزرگ جي خدمت ۾ اچي تہ جائز آهي، ٽيون اشارت جو پير آهي

جيڪو مريد کي نجاستن ۽ ظاهري ناپاڪاين ۽ انساني خرابين کان پاڪ ڪري. ان جي جسم جي گهر کي هدايت جي شمع سان روشن ڪري. اهڙو پير ڇڏي ٻئي ڏانهن رجوع ڪرڻ جائز نہ هوندو آهي. زماني جي علمائن مان هڪڙي چيو تہ مان هڪ پيرو پروردگار جي مشاهدي سان مشرف ٿيس پوءِ درويش يحيٰ جيڪو سلطان ابراهيم جي دوستن مان هو، تنهن چيو تہ ڪجھ فقير اهڙا آهن جو هر سجدي ۾ پنهنجي پروردگار جي مشاهدي سان مشرف ٿيندا آهن مگر دم نہ هڻندا آهن ۽ ظاهر نہ ڪندا آهن.

**نقل** ڪيو حضرت هاشم بن حماد تہ درويش حافظ دَل قبيلي جو سلطان ابراهيم جي يارن مان هو، هن ٻڌايو تہ مان هر رات قرآن شريف جو ختمو پورو ڪري حضور مآب ﷺ جي روح مبارڪ کي بخشي سمهندو هيس. هڪ ڏينهن منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ اهي ختما جيڪي سڄي عمر پئي پڙهيم انهن مان ڪو آنحضرت ﷺ جي بارگاهہ ۾ قبول بہ پيو آهي الائجي نہ! هوڏانهن بعض فقير چون ٿا تہ مخدوم معظم جي



ويهڻ جي جاءِ حضور ﷺ جي ساڄي هٿ طرف آهي. آخر خواب ۾ ڏٺم تہ حضرت رسالتمآب ﷺ اهڙي تخت تي ويٺل آهن ۽ ڪيترا اولياءِ ڪرام هٿ ٻڌي هن تخت جي چوڌاري بيٺل آهن ۽ مخدوم معظم ساڄي پاسي کان تخت تي ويٺل آهن. ايتري ۾ هڪڙو فرشتو هوا مان ڪا پڙهيل شيءِ سفيد دسترخوان تي رکي حضور ﷺ جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ لڳو تہ هي پڙهيل قرآن جو ختمو حافظ درويش جو آهي. ناقل کي تاڪيد ڪيائين تہ منهنجي زندگيءَ ۾ هي خواب ڪنهن سان اظهار نہ ڪجانءِ، هن جي رحلت کان پوءِ سڀ کان پهرين هن رسالي جي لکندڙ فقير اهو نقل ڪيو آهي.

**نقل** آهي تہ هڪ ڏينهن هڪ شخص مخدوم معظم جي خدمت ۾ ظاهر ڪيو تہ دوستن ۾ مجاز جو اثر آهي فرمايائون: "اَلمَجَازُ قَنطَرَةُ الحقيقتِ" يعني مجاز حقيقت جي پُل آهي. پلي هجي ائين بہ چيائين تہ گهڻو ٿا ڪائن. فرمايائون تہ پنهنجو نصيب ٿا ڪائن.

هڪ دفعي درويش حسين ٿهيم ٺٽي شهر مان مخدوم معظم جي مزار جي زيارت جي لاءِ آيو رستي جي وچ ۾ ڪنهن ڇوڪريءَ تي عاشق ٿي پيو. پندرهن ڏينهن ڪا شيءِ نہ کاڌائين نہ سُتو نڪو ڳالهايائين. يعني هوش ۾ ئي نہ هو. جڏهن هوش ۾ آيو تہ ان جي دل ۾ خيال آيو تہ زيارت جي نيت ڪئي تہ هيم هاڻي تہ هلڻ گهرجي. ٿي رستو ورتائين تہ سندس محبوبہ بہ هن جي پٺيان ڊوڙندي آئي ۽ خدا رسول جا واسطا وجهي ۽ چيائينس تہ ڪجهہ ڏينهن هوندين تہ زندگيءَ جو سبب ٿي پوندو ورنہ موت آهي. ان وقت درويش جي مٿي تي جيڪا دستار هئي ڪانئس گهُريائين ۽ اها سيني تي رکي ساهہ ڏٽيءَ حوالي ڪيائين. وصيت ڪيائين تہ هيءَ دستار ڪفن جي هيٺان ڏين اهو درويش ڪجهہ عرصي بعد هن جي قبر تي موٽي آيو تہ اُها ڇوڪري پنهنجي قبر مان مٿو ڪڍي ڪيس چوڻ لڳي تہ اي درويش حسين! خدا تعاليٰ تنهنجي دستار جي برڪت سان مون کي بخشيو آهي ۽ بہ ٿي ٻيا بہ انهيءَ ڪري بخشجي ويا آهن. **”من مّات عشقاً فليمت هاڪذا لاخير في عشق بلاموت“** يعني



جيڪو عشق ڪندي مئو تہ پوءِ اهو ڀلي مري! ائين عشق ۾ موت ڪانسواءِ ٻي ڪا ڀلائي ڪانهي.

**نقل** آهي تہ امام احمد ڪنهن پهاڙ ڪان گذريو تہ پٿر تي هي بيت لکيل ڏٺائين:

يا معشر العشاق بالله خبّروا
اذا اشتدَّ عشق بالفتي ڪيف
يصنع

[اي عاشقن جي جماعت ٻڌايو تہ جڏهن ڪنهن نوجوان تي عشق سخت ٿي وڃي تہ ڪيئن ڪندو.]

قلم ۽ مس ڪپڙي ڪڍي ان جي جواب ۾ هي بيت لکيائين:

يداري هواه ويتم بره
ويخشع في ڪل الامور ويخضع

[پنهنجي خواهش کي ريجهائي ۽ راز کي لڪائي ۽ هر ڳالهه ۾ ڏجي ۽ نوڙت ڪري.]

هڪ ڏينهن کان بعد وري اتان گذريو ته ان جي جواب ۾ هي بيت لکيل ڏٺائين:

فكيف يداري والهويٰ قاتل الفتا
وفي كل يوم روحه يتقطع

[ڪيئن خواهش کي ريجهائي حالانڪ خواهش نوجوان جي قاتل آهي ۽ هر ڏينهن ان جو روح ٽڪرا ٽڪرا ٿيندو رهي ٿو.]

پيهر وري اتان گذريو پاڻ هي بيت لکيائين:

اذا لم يطق صبرا وكتمان سره
فليس له ان يموت والله انفع



[جڏهن صبر ۽ راز لڪائڻ جي طاقت نه اٿس ته الله تعاليٰ جو قسم ان لاءِ موت کان وڌيڪ ڪا شيءِ نفعي بخش ناهي.]

آخري دفعو جڏهن اتان گذريو ته هڪ لاش رکيل ڏٺائين جنهن جي اڳيان هي بيت لکيل هو:

سمعنا واطعنا ثم متنا
فبلغ سلامي الي من كان يمنع

[ٻڌوسون ۽ مڃيوسون پوءِ مري وياسون پوءِ منهنجا سلام هن کي پهچاءِ جيڪو مون کي روڪيندو هو.]

نقل آهي ته درويش اسماعيل بلوچ چيو ته مخدوم معظم جي ارادتمندن مان ڪو هڪڙي عورت تي عاشق ٿي پيو [95] هر رات تهجد جي وقت اها عورت پنهنجي چادر مسجد ۾ وڇائيندي هئي ۽ اهو درويش تهجد جي نماز ان تي ادا ڪندو هو. هڪ رات ان عورت جي مڙس کي غيرت اچي ورتو ته. ”**لايدخل الجنة ديوثاً**“ يعني ديوث جنت ۾ داخل نه ٿيندو. ديوث

ان کي چوندا آهن جيڪو پنهنجي زال کي ٻئي جي اڳيان ڇڏي ۽ هن کي ڪجهه نه چوي. آخر هڪ رات تلوار هٿ ۾ کڻي ان درويش ۽ عورت کي قتل ڪرڻ جي نيت سان جڏهن مسجد جي دروازي تي پهتو ته ڪيس درويش ۽ عورت جهڙيون لکين مرد ۽ عورتون ڏسڻ ۾ آيون جيڪي هر طرف کان نماز تهجد جي ادا ڪرڻ جي لاءِ چادرن تي مشغول هيون. حيران پريشان ٿي موٽي آيو ته انهن مان ڪنهن ڪنهن کي قتل ڪيان. صبح سوير ٿيڻ سان ان درويش ڳوٺ مان پنهنجو سامان ان بد عادت مريد جي بي ادبيءَ جي ڪري کڻي روانو ٿيو. هوڏانهن سندس محبوبه هن جي پنيان ڊوڙندي پئي آئي ۽ ان ڳوٺ جا ڪيترا ماڻهو ان عورت جي پنيان ڪاهيندا پئي آيا. تڏهن ان فقير انهن ڏانهن نظر ڪئي ته ان عورت کان سواءِ سيئي سُڪي ڪاٺ ٿي پيا ڇڻ ته انهن جي جسم ۾ ساهه ئي نه رهيو. تڏهن ان عورت کي پنهنجن مائٽن جو گهڻو ويچار ٿيو. چيائين ته، اي درويش! ظلم نه ڪر، هڪڙو ته پاڻ سان گڏ وٺي ٿو وڃين ۽ آئون شرعي لحاظ سان تنهنجي زال نٿي ٿي سگهان. تڏهن درويش وري پنهنجي



محبوبه جي سفارش سبب شفقت جي نظر گهمائي ته هو سڀ زنده ٿي ويا. آخر درويش چيو ته تون باطني طور تي منهنجي محبوبه آهين ۽ آئون تون سان گڏ هوندس پر ظاهري طور تي تنهنجو وصال ترڪ ڪريان ٿو. ائين الوداع چئي بيابان جو رستو ورتائين.

**نقل** آهي ته هڪڙي طالب مخدوم معظم جي ارادتمندن کان پڇيو ته پروردگار جي سڃاڻپ ڪيئن آهي؟ چيائين سليس زبان ۽ فصيح بيان سان اهو سمجهائي نٿو سگهان جهڙيءَ طرح جواب ڏيڻ گهرجي. پر هڪ مثال دل ۾ اچي ٿو قبول ڪرڻ واري دل سان ٻڌ. شروعات استاد طالب علم کي پهرين اوٽتيهه اکر پٽيءَ تي لکي ڏيندو آهي ۽ ان کي اهي پڙهائيندو آهي. ان کانپوءِ اهو آهستي آهستي **الله** تعاليٰ جي ڪلام جو حافظ ۽ عالم ٿيندو آهي بلڪ علامه، مصنف، مؤلف ۽ مجتهد وغيره. اهڙيءَ طرح حق جي واٽ جو متبدي شروع ۾ هن ظاهري قالب ڪانسواءِ جسم جي لحاظ کان ڏُبرو ٿيندو آهي تنهن کان بعد ملڪ ۽ ملڪوت، جبروت ۽ لاهوت ۽ جيڪو ڪجهه انهن ۾

آهي سڀ ٻڌجي ويندو آهي. بلڪ عالم ارواح سان ويجهو ۽ متحد محو ۽ مشرف ٿي ويندو آهي.

**ذَٰلِكَ فَضْلُ اللَّهِ يُؤْتِيهِ مَنْ يَشَاءُ** (الجمعة: 4)

[اهو **الله** تعاليٰ جو فضل آهي جنهن کي چاهي عطا فرمائي ٿو.]

**نقل** آهي ته طلب جي ابتداء ۾ مرشدِ دوران سيد عبدالڪريم متعلوي ۽ تقويٰ شعار ميرڻ ڪاتيار پوڪي راهيءَ جي ڪم ۾ رُذل هئا ته متانئن ڪي پڪي هوا ۾ اڏامندا گذريا تن مان ولايت جو آواز ۽ مخدوم معظم جو ارشاد هنن جي ڪنن تي پيو. ان وقت ئي هالاڪندي جو رستو ورتائون ۽ صحبت ۾ اچي پهتا ۽ فيض حاصل ڪيائون. ميرڻ ڪاتيار پنهنجي نياڻيءَ جو سڱُ سلطان ابراهيم جي نڪاح ۾ ڏنو. ان ڪانپوءِ اهو سيد ٽيويهن سالن جي عرصي تائين هر مهيني ۾ ٽي ڀيرا مخدوم معظم جي خدمت ۾ ايندو هو ۽ جيڪو به سامان وٽس هوندو هو يا روڪڙ سڀ ڏئي ويندو هو. هو اڪثر ڪري سلطان ابراهيم جي گهر ۾ ڪاٺيون ڪري پچائيندو هو. هڪ ڏينهن



سلطان ابراهيم مخدوم الابرار جي خدمت ۾ ڳالهه ڪئي ته فلاڻو سيد هن غريب جي گهر ۾ ڪڏهن ڪڏهن پُنيءَ تي ڪاٺيون آڻيندو آهي. فرمايائون ته شيخ ۽ اڳواڻ بنجڻ جو ارادو رکي ٿو ته چئوس پلي آڻي. **"من تواضع لله رفعه الله"** يعني جيڪو **الله** تعاليٰ جي لاءِ عاجزي اختيار ڪندو ته **الله** تعاليٰ ان کي بلند فرمائيندو. هڪ ڏينهن مخدوم معظم جي خدمت ۾ بيان ڪيائين ته خواب ۾ ڏٺم ته مان مري ويو آهيان پر چنڊ جهڙو ٿي ويو آهيان. فرمايائون ته هن جهان مان رحلت ڪانپوءِ گهڻو مشهور ٿي ويندين. مخدوم معظم جي رحلت ڪان پوءِ سلطان ابراهيم جي خدمت ۾ گهڻو سرگرم رهندو هو.

**نقل** آهي ته واصلن جو قبلو حضرت هاشم بن (نيڪ بختن جي ديوان جي دفتر جو مُنڊ حضرت حماد چيو ته **الله** جو ذڪر هر حال ۾ هر طريقي سان بهتر آهي توڙي جو دنيوي غرض ۽ ريا سان ڇو نه ڪيو وڃي. چون ٿا ته هڪڙو ڀار نٿي شهر جي بازار ۾ هٽ ٽنگي ماڻهن کان پيسا گهرندو هو ۽ ان لاءِ **الله** تعاليٰ جي اسم جو گهڻو تڪرار ڪندو هو. ڪجهه

عرصي کان پوءِ **الله** تعاليٰ جي اسم جي برڪت سان بيشمار دولت سندس هٿ ۾ آئي پر **الله** تعاليٰ جي اسم جي شغل سبب بشري هوس ۽ دولت جو حرص سندس دل جي تختي تان ميٽيل هو ان ڪري ۽ ڪامل واصلن مان بڻجي ويو. بلڪ ان جو وجود قطري وانگر وحدت جي درياءَ ۾ گم ٿي چڪو هو.

دروغي درين راه بهتر بود
ز صادق ڪه با غير خوشتر بود

[هن راهه ۾ اهو ڪوڙو، ان صادق کان گهڻو بهتر آهي جيڪو غير سان گهڻو خوش آهي.]

**نقل** آهي ته درويش ابوبڪر هوتي **الله** تعاليٰ جي طلب خاطر جهان ۾ هلندو رهيو ۽ سخت مجاهدا ۽ رياضتون ڪندو رهيو ۽ وظيفا ۽ دعائون گهرندو رهيو پر ڪٿان به مطلب حاصل نه ٿيس ۽ حقيقي مطلوب تائين نه رسيو. هڪ رات مخدوم معظم کي رحلت کان بعد خواب ۾ ڏٺائين ته تيل سان ڀريل



ديڳ اڳيان رکيل اٿن. ان جي هيٺان باهه ٻاري اٿن ۽ تيل ٻڙڪي پيو ۽ [96] ٽڙڪا ڪائي پيو. فرمايائون ته اي ابوبڪر، جيڪڏهن هن ديڳ ۾ پاڻ کي اڇلين ته تنهن جي جسم جا عضوا منهنجي جسم وانگر بڻجي ويندا. هن انڪار ڪيو ۽ قبول نه ڪيائين. تڏهن مخدوم معظم هن کي ٻانهن کان جهلي ڪيس ديڳ ۾ اڇلايو ته سُجاڳ ٿيو. ڏٺائين ته هن جا عضوا سون جهڙا ٿي ويا آهن ۽ ايئن واصل **بالله** ٿي ويو ۽ ڪوهستان جو رستو ورتائين. ڪافي عرصو پهاڙن ۾ گذاريائين ۽ وڻن جي پنن وارو لباس ڪم آڻيندو هو. آخر ڏهن ٻارنهن سالن کان بعد وري مخدوم معظم کي خواب ۾ ڏٺائين. فرمايائونس ته اي ابوبڪر! اسان جي دوستن مان آهين ته پوءِ ڳوٺ ڏانهن موٽي اچ ۽ جماعت سان اچي فرض ادا ڪر. چون ٿا ته باقي عمر اهڙيءَ طرح خلوت ۾ اچي بسر ڪيائين ۽ نماز باجماعت ادا ڪندو هو.

**نقل** آهي قدوة الواصلين حضرت هاشم ابن حماد کان ته مخدوم معظم جي ارادتمند مان هڪڙو هميشه اعتڪاف ۾

ويهندو هو. پر هو ڪڏهن بہ حجري مان جماعت سان فرض نماز ادا ڪرڻ کان سواءِ ٻاهر نہ ايندو هو. جڏهن هن جو آخري وقت آيو تہ حجري جي در تي منتظر ٿي بيٺو. تڏهن ڪو دوست ان وٽ پهتو تہ ان کي سڏيائين ۽ پاڻ حجري ۾ اندر وڃي سڌو ٿي ليٽي پيو. جڏهن اهو ٻيو دوست پوري ادب سان اندر داخل ٿيو تہ ڏٺائين تہ هن جو روح سندس بدن واري آکيري مان نڪري چڪو هو ۽ گرم پاڻي ۽ ڪفن جو سامان ان حجري ۾ تيار رکيو آهي. هن جي دل ۾ خيال آيو تہ حجري مان ٻاهر نڪري ٻئي ڪنهن کي تدفين جي واسطي وٺي اچي. تڏهن اهو درويش ان حال ۾ اُٿي پاڻ غسل واري تختي تي ويٺو ۽ اشارو ڪيائين تہ تون اڪيلو مون کي غسل ڏي ۽ انهيءَ ٿورڙي ڪفن ۾ ويڙهہ آخر ان حال ۾ ئي ان کي غسل ڏئي ڪفن ۾ ويڙهي جنازي نماز جون چار تڪبيرون چيائين. ان کان پوءِ اهو درويش سندس نظرن کان غائب ٿي ويو. غسل ڏيڻ وارو چوي ٿو تہ غسل ڏيڻ وقت مون کي ڏٺائين پئي ۽ پاڻ ئي ساڄي کاٻي پئي ٿيو. آخر چيومانس تہ اي دوست پيارا! جيڪڏهن تون زندگيءَ جو سامان



**الله** جي حوالي ڪيو آهي تہ پوءِ پنهنجي اکين کي بند ڪر ۽ کلڻ بہ بند ڪر تہ جيئن مان توکي زندگي جي ڪنهن ڪٽڪي کانسواءِ غسل ڏيان. هو ان حال ۾ کليو ۽ پوءِ اکيون پوري ڇڏيائين.

**نقل** آهي تہ زبدة الواصلين يحيٰ جيڪو رانئٽيو جي لقب سان مشهور ۽ صاحبِ ڪرامات، رياضتن ۽ مجاهدن جي قاعدن قانونن ۾ ماهر ۽ ورد وظيفن ۾ بہ پڙ هو. جهڙيءَ طرح حزب يماني، حزب البحر، حزب محبوبي، حزب جعفري، مسبغات عشر، فتحي اورادَ ۽ ٻين ڪيترين شين ۾ مشغول هوندو هو ان ڪري محبوبِ حقيقي جي وصل سان هر وقت سرفراز ۽ ممتاز هو. هو مخدوم معظم جي دوستن مان هو ۽ پوري عمر سلطان ابراهيم جي صحبت ۾ بسر ڪئي هئائين ۽ نياز مان جيڪو قبول ڪندو هو سو فقرائن کي ايثار ڪري ڇڏيندو هو ۽ پاڻ عيال سوڌو فاقن ۾ گذاريندو هو. جيتوڻيڪ مال ۽ دولت جي وٽس ڪمي ڪو نہ هئي پر انهن مان ضرورت هوندي بہ ڪجهہ خرچ نہ ڪندو هو. آخري وقت جڏهن محبوب حقيقيءَ جي وصال

خاطر موت سان همڪنار ٿيڻ لاءِ تيار هو ته ان وقت ڪامل محمد امين ۽ سلطان ابراهيم وٽس ويا. هنن ڳهريو ٿي ته انهيءَ حال ۾ جيڪو وٽس حاضر هو، شايد ربوبيت جي اسرار جا ڪي نڪتا ظاهر ڪري پر هرگز چَپ نه ڪوليائين. بلڪ هٿ سان اشارو ڪيائين ته جيڪا به ڳالهه دل ۾ آهي ان مدُعا جو جواب بدن جي آکيري مان روح پرواز ٿيڻ کان بعد ملندو. رات پئجي وڃڻ ڪري غسل ۽ ڪفن نه ٿيڻ ڪري نماز جنازه نه ٿي سگهي ان ڪري ڪيس عبادت واري حجري ۾ ئي رکيائون. حضرت محمد امين حجري جي در کي بند ڪري ٻين ماڻهن کان خالي ڪيائون تڏهن ان درويش ڪفن کان مُنهن ٻاهر ڪڍي پوري تعظيم سان گوڏن ڀر سندن اڳيان ويهي چوڻ لڳو ته سڪرات مهل ڏکيو وقت هو ۽ ڪا ڳالهه نه ڪري سگهيس انهيءَ ڪري جو متان حق جي حقيقتن مان ڪا ڳالهه زبان تي اچي وڃي ۽ ظاهري شريعت جي ڳالهين ۾ خلل وجهندڙ نه ٿي پوي. مطلب ته صبح صادق تائين اهڙي طرح هڪ ٻئي سان ڳالهيون ڪندا رهيا. تان جو خلق خدا جي حجري جي در تي جنازي کڻڻ لاءِ



پهتي، تڏهن پنهنجي ڪفن ۾ ويڙهجي سمهي پيو. چو ته، **"الا ان اولياء الله لايموتون ولاڪن ينقلون من منزل الي منزل"** يعني بيشڪ **الله** تعاليٰ جا دوست مرندا ناهن پر هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ ڏانهن منتقل ٿيندا آهن. هي نقل سڌو سنئون درويش محمد امين کان ٻڌو ويو.

ساڳئي ناقل کان ٻيو نقل آهي ته مخدوم معظم جي ارادتمندن مان هڪڙو همون نالي ڍيڍ قبيلي وارو مرڻ کان بعد پنهنجي گهر ۾ ايندو هو ۽ گهر واريءَ سان صحبت به ڪندو هو تان جو اها ڳورهاري ٿي پئي. اهڙي حالت ۾ مردي جي ماءُ يعني سَسُ ۽ ان جي ٻين قبيلي وارن ان ڳالهه کي تمام گهڻو نِنديو ۽ ظاهر ڪيائون ته اهو حمل بدڪاريءَ سبب آهي. تڏهن هوءَ عورت زارو قطار روئڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي ته هي حمل مون کي پنهنجي مُئل مڙس مان ٿيو آهي جيڪو هر رات مون وٽ ايندو آهي. اڄ رات توهان ڀلي ٻه ٽي ماڻهو منهنجي گهر ۾ لِڪائي ويهاريو ۽ در به بند ڪري ڇڏيو. اهو ٻڌي ان جي ماءُ کي پنهنجي فرزند ارجمند جي ديدار جو شوق گهڻو وڌي ويو. ٻيا

ماڻهو ڪُند ۾ لڪي ويٺا تانجو اهو مئل شخص اندر پهچي ويو ۽ اچي پنهنجي زال جي اڳيان ويٺو. جيڪي ماڻهو ڪُند ۾ لڪل ويٺا هئا انهن ڏٺو ۽ سُڃاتو. هوڏانهن هن جي ماءُ گهڻي پيار وچان ٻئي هٿ فرزند جي ڳچيءَ ۾ وڌائين پر ڪيس پنهنجن هٿن ۾ هوا کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ محسوس نہ ڪيائين. تڏهن ان جي گهر واريءَ وڏي رڙ ڪري چيو تہ اڄ رات بيوه ٿي ويس جو جنتي ميوو هٿان وڃايم. ان ڏينهن کان بعد اهو شخص وري پنهنجي گهر نہ آيو.

**نقل** آهي تہ هِند جي ولايت مان هڪ درويش هتي اچي پهتو ۽ دوستن اڳيان اچي ظاهر ڪيائين تہ توهان جي طريقي ۾ ڪلمہ طيبہ جو تڪرار هڪ نئين ڳالهہ آهي ڇو تہ اثبات ۾ مثبت، ثابت ۽ اثبات آهي ۽ نفيءَ ۾ منفي، نافي ۽ نفي آهي. مخلص موحد جڏهن خود معدوم آهي تہ ڪنهن جي نفي ٿو ڪري ۽ جيڪو بہ ٻئي ڪنهن جو قائل آهي تہ اهو مشرڪ آهي، خاص طور ان وقت جڏهن هو ان سان اُنس رکي ٿو.



از نفي و از اثبات برون صحرائيت
بي ڪيف طائفہ را دران مڪان سودائيست
.

[نفي ۽ اثبات کان ٻاهر صحرا آهي هن جماعت کي ان جاءِ جو ئي خيال آهي.]

عاشق چون بدانجا رسد نيست شود
ني نفي نہ اثبات وَ نہ موءِ را جائي ست

[عاشق جڏهن اتي پهچندو آهي تہ نيست ٿي ويندو آهي، نفي ۽ اثبات بلڪ ڪنهن وار کي بہ اُتي جاءِ ناهي.] [97]

هن رسالي جو راقم فقير ان جي جواب ۾ چوي ٿو تہ حضرت رسالتمآب ﷺ توڙي اصحاب سڳورا، تابعين ۽ تبع تابعين ۽ دين جا مجتهد ۽ يقين جي واٽ جا سالڪ سڀئي ڪلمہ طيبہ جو تڪرار ڪندڙ هئا ۽ فيض ۽ ڪرم جي مالڪ جي عطا سان سموري خلق کان ممتاز هئا.

تا بجاروب لا نروبي راه
نہ رسي در سرائي الا **الله**

[جيستائين 'لا' جي ٻهاري سان نفيءَ جي راهہ نہ ويندين، تيستائين **الله** جي بارگاهہ ۾ نہ پهچندين.]

ايصدف در جوهر الا
جامہ و جان بنہ بہ ساحل لا

[اي 'الا' جي جوهر واري سپ! لباس ۽ ساهہ لا جي ڪناري تي رکي ڇڏ.]

درحقيقت نفي صرف وحدت جو نالو آهي جيڪا ذات جي لحاظ کان سيني اوصاف کان خالي آهي. ليڪن اثبات ذات جي حيثيت سان ڪثرت آهي.



تا جهان صافي شود يڪسر سلطان الٰہ
آفرينش را همہ پي ڪن بہ تيغ لاالٰہ

[جيستائين **الله** جي بادشاهي سان پورو جهان صاف ٿئي، لاالٰہ جي تلوار سان ان جي خلق جي پنيان پؤ!]

**نقل** آهي تہ حضرت منني جي خدمت ۾ سوال ڪيائون تہ جڏهن سالڪ فنا في **الله** ٿي وڃي ٿو تہ پوءِ 'لا' سان نفي ڪنهن جي ٿو ڪري. جواب ڏنائين مراتب جي ڇو تہ حق جي ذات جي ڪا انتها ناهي. حضرت هاشم بن حماد چيو جيڪڏهن مريد پنهنجي پير جي ارادت جو انڪار ڪري ۽ ڪنڌ پوئتي ڪري تہ ارادت کان ٻاهر نڪري وڃي ٿو. پر جيڪڏهن پير ان کي قبول نہ ڪري ۽ چوي تہ اسان جو مريد آهي تيستائين گويا ارادت واري رسي سندس ڪنڌ ۾ پيل آهي ۽ مريد رهندو آهي ۽ ارادت کان ٻاهر نہ ٿو مري. ڇو تہ حضرت ابوطالب کي رسالتمآب ﷺ اسلام جي دعوت ڏني پر قبول نہ ڪيائين ۽ مقبول نہ ٿيو.

**نقل** آهي تہ حضرت حسين ٿهيم چيو تہ هڪ طالب کي ازل جي طلب پنهنجي ڦندي ۾ پاڻ ڏانهن اهڙو ڇڪي ورتو جو منهن بيابان ڏانهن ڪيائين. اچانڪ تمام اونهي ڪڏ هن جي اڳيان اچي وئي هن طلب جي بي انتها سبب منهن نہ موڙيو ۽ پاڻ کي ان ڪڏ ۾ ڪٽي اُڇلايائين ان ڪري هن جو پير ڀڄي پيو. آخر اتي هڪ قافلو اچي پهتو جن ڪَک پن گڏ ڪري پنهنجي گهاٽ جي جاءِ تاهڻ لڳا جتي هو ڪري پيو هو. پر تڏهن بہ جسم کي نہ چوريائين. جڏهن ڇڪي مٿي ڪڍيائونس تڏهن بہ مٿس مٽي ڪرندي رهي. آخر ان حالت ۾ بہ پريشان نہ ٿيو ۽ ساهہ ڌڻي جي حوالي ڪيائين ۽ وصال جو مرتبو ماڻيائين.

**نقل** آهي تہ ڪبير محمد، غوث الاحد جي ڌُهتي فقراء جي جماعت کان دعا جي طلب ڪئي. حاضرين مجلس هاشم ابن حماد وٽ آيا ۽ دعا جي لاءِ عرض ڪيائون. ان مهل ڪبير محمد چيو تہ اي فقراء جي جماعت! توهان اسان لاءِ رب العزت جي بارگاهہ مان دعا گهُرو ڇو تہ فقير هاشم ڪاملين منجهان آهي ۽ هو پنهنجو پاڻ کان دعا گهري رهيو آهي جيتوڻيڪ هو



حق سان باقي ٿيل آهي ۽ حق جي اخلاق سان سينگاريل آهي ۽ ان جي وصفن سان سنواريل آهي. تڏهن سلطان ابراهيم چيو تہ اولياء **الله** جو ظهور خلق خدا جي ڀلائي واسطي آهي ۽ ان ۾ خلق جو فائدو آهي. انهن جو پاڻ کي لڪائڻ ۽ مخفي رکڻ ۾ انهن جو اڪمل مرتبو آهي. حضرت مٿي فرمايو تہ جڏهن ”حسبي **الله**“ جو اسم پاڻ ظاهر ڪيو اٿس تہ ڪوشش جي ضرورت نہ آهي ڇو تہ قرآن ۾ آهي:

**إِنَّ سَعْيَكُمْ لَشَتَّىٰ** (الليل:4)

[بيشڪ توهان مان هر هڪ جي ڪوشش الڳ الڳ آهي.]

آيو آهي. هڪ حديث قدسي موجب **الله** سائين فرمايو تہ ”جڏهن اسان جو اسم حسبي **الله** آهي تہ پوءِ ڀلي سمورو جهان ڪجهہ بہ نہ ڪمائي تہ بہ انهن کي رزق ڏينداسون.“ پاڻ فرمايائون تہ اگر **الله** تعاليٰ حقيقي عدل فرمايو تہ ڪنهن کي بہ عذاب نہ ٿيندو ڇو تہ ٻانهن جي فعلن جو خلقيندڙ اهو پاڻ آهي. اهڙيءَ طرح هر ڪو جنت ۾ داخل ٿيندو جيڪڏهن فضل ڪري ۽ جنهن سان

فضل فرمائي ته اهو بهشت ۾ ويندو. حضرت هاشم ابن حماد فرمايو ته **الله** تعاليٰ جي ذات ۾ فنا ٿيڻ اهڙي طرح آهي جيئن ٿوري مِٽي درياءَ ۾ اڇلائجي ته اها گم ٿي وڃي. هن پنهنجي والد کان نقل ڪيو ته حق جي طالب کي جيڪڏهن شينهن کائي وڃي ته اهو هن لاءِ وڌيڪ ڀلو آهي. ان کان جو خلق سان ملي وڃي ڇو ته مُبتديءَ کي خلق سان ميل جول حق جي راهه ۾ طلب ۽ سلوڪ کان پري رکڻ جو سبب آهي. ان ڪري اهڙي وحشت لازمي ۽ ضروري آهي. 'تذڪرة الاولياء' ۾ حضرت شيخ ڪبير جو هڪ قول آهي ته جيڪڏهن هڪڙي طرف کان تير اچي ۽ ٻئي طرف کان دنيادار ته مان تير کي پسند ڪندس ڇو ته تير جي زخم جي ڇُٽي وڃڻ جو امڪان آهي پر دنيادار جي صحبت مان جيڪو حرص ڇهتندو ان جي تڪليف کان بچاءُ ۽ علاج ڪنهن به ريت نه ٿي سگهندو. جيئن چيو اٿن ته. "**صحبت الملوک سم قاتل لا دوا له**" يعني بادشاهن جي صحبت قاتل زهر آهي ان جي ڪا به دوا ناهي. جنهن طالب پنهنجي نفس کي خدا جي ذڪر کان خالي رکيو ڄڻ ته ڪنهن مسلمان کي قتل



ڪيائين صوفي نه سائل هوندو ۽ نه هن کان سوال ڪبو آهي ۽ نه وسيلو ڀڇي ڇو ته صوفي جي نظر ۾ سندس هجڻ ۽ نه هجڻ برابر آهي هو ظاهري ۽ باطني طور موجود و معدوم کان پاسو ڪندو آهي. هو "لاشي غير **الله**" يعني **الله** تعاليٰ کان سواءِ ڪا شيءِ ناهي جي حقيقت تي ثابت قدم هوندو آهي. ان ڪري هو اُن لباس کي سونهن وارو سمجهندو آهي. حسين ٿهيم چيو ته پير جو مثال اهڙي شڪاري وانگر آهي جنهن جي ارشاد جو تير مريد جي جسم مان لنگهندو آهي ته ان ئي حال ۾ پير جي حوالي ٿي ويندو آهي. پر جيڪڏهن تلقين جي تير ڪم نه ڪيو ته پوءِ ان جي ڄار ۾ قيد نه ٿيندو آهي ۽ ذبح ٿائين نه پهچندو جو حلال ٿئي.

**نقل** آهي ته سالڪن جي پيشوا زماني جي دائري جي قطب يعني قطب بري جي مخدوم لاثاني جعفر بوبڪائي سان ملاقات ٿي هن کي چيائين ته اي درويش! ڪٿان پيو اچين؟ چيائين ته **الله** تعاليٰ کان وري پڇيائين ته ڪاڏي ٿو وڃين؟ چيائين ته **الله** تعاليٰ ڏي. [98] مخدوم صاحب کي ان جواب

کان سخت تعجب ٿيو ۽ مهماني ڪري ۽ ڪجهه نذرانو پيش ڪيائين. وري پڇيائين ته ڪنهن جو مريد آهين؟ چيائين ته الله تعاليٰ جو پر جيڪڏهن وڌيڪ نيڪ نظر سان ڏسين ته الله تعاليٰ اسان جو مُريد آهي. مخدوم صاحب ان جي جواب کان حيران ٿيو. تڏهن قطب بڙي چوڻ لڳو ته اي اسان جا مخدوم ۽ اسان جا مولانا جيئن ته اسان ٻانها آهيون ۽ هن جي اطاعت ۽ عبادت جو ارادو ٿا ڪريون ان لحاظ سان اسان هن جا مريد آهيون. پر اسان ڪي پنهنجي ارادت ۽ مشيت سان اسان جي ارادي ۽ گهرڻ کان سواءِ عدم مان وجود ۾ آندائين. ان ڪري اهو اسان ٻانهن جو ارادو ڪندڙ آهي. انهيءَ جواب ٻڌڻ ڪانپوءِ مخدوم صاحب جو خلوص پاڻ زياده ٿيو. اتفاق ڪندي وڌيڪ پڇيائين ته سلوڪ جي راهه ۾ اوهان جو پيشوا يا رهنما هن زماني جي مشائخن مان ڪير آهي؟ جواب ڏنائين ته مخدوم معظم مخدوم نوح. تڏهن مخدوم جعفر بوبڪائي فرمايو ته مريد جي ڪماليت مرشد جي ڪماليت سان آهي. درويش قطب بڙي ڪاهري ٻيلي جو رهاڪو هو ۽ پنهنجو لباس وڻن جي پنن ڪي ملائي بدن ڪي ڍڪيندو ۽



هر صورت ۾ دنيا وارن جي لباس ۽ ڪاڌي کان پرهيز ڪندو هو. اڪثر اوقات مخدوم معظم جي زيارت لاءِ ايندو هو ۽ وري واپس پنهنجي شهر ويندو هو. اهڙيءَ طرح جڏهن به ايندو هو ته پهاڙن جي رستي سان گذرندي. سياري توڙي اونهاري ۾ به ڪائڻ پيئڻ جون ڪي شيون پاڻ سان نه کڻندو هو بلڪ رستي ۾ افطار گاهه ۽ ڪنئور سان ڪندو هو. هڪ ڏينهن رستي ۾ هڪڙي وڻندڙ جڳهه نظر آيس ۽ دل ۾ خيال آيس ته جيڪر هن ساوڪ واري جاءِ تي نئين غسل ۽ وضوءَ سان باجماعت نماز ادا ڪيان. انهيءَ مهل اتي ڪنهن مؤذن اچي آذان چئي ۽ تڪبير چيائين. تڏهن هڪ ٻيو شخص به اتي پهتو جنهن پيش امام بنجي چار رڪعتون پڙهايون ان کان پوءِ امام غائب ٿي ويو. هن امام ڪي سڃاڻي ورتو ته اهو مخدوم معظم هو ۽ مؤذن کان پڇيائين ته هن امام ڪي سڃاتئي چيائين ته نه. پر اسان جي هر وقت هتي اهو ئي امامت ٿو ڪري ۽ وري غائب ٿيو وڃي. جڏهن مخدوم معظم جي خدمت ۾ پهتو خيال ڪيائين ته ان جماعت جي حقيقت جي باري ۾ پڇا ڪري ته ملائڪ هئا يا انسان. چيائون

ته چند ڏينهن هتي رهه ته جيئن ڳڏجي نماز ادا ڪيون ليڪن فيض بخش صحبت جي خاص ادب جي ڪري اُها جماعت اختيار نه ڪيم ته متان مون کان اهڙو ڪو قول يا فعل ظاهر ٿئي جو سندن مرضيءَ جي برخلاف هجي. ائين جيڪا ڳالهه دل ۾ اندر هئي اها مراد پوري ڪو نه ٿي. هڪ ڏينهن فرمايائون ته اي درويش قطب! جهنگل جون ڳالهيون وسنديءَ ۾ ۽ اندر جي حقيقت ٻاهر ظاهر نه ڪرڻ گهرجي. تڏهن ڪان خاموشي جي مُهر وات تي هنيم.

مخدوم حامد اگهمي چيو ته بهاءُالدين دلق پوش جي ڪرامت بيان زبان مان ٻڌم ته قرآن مجيد جي هڪ حرف جون معنائون مفسرن هڪ لک جيتريون ٻڌايون آهن پر پوءِ به پوريءَ ريت الله تعاليٰ کان سواءِ ڪو به نٿو ڄاڻي جيئن الله تعاليٰ جو پنهنجو فرمان آهي:

**وَمَا يَعْلَمُ تَأْوِيلَهُ إِلَّا اللَّهُ** (آل عمران: 7)

[۽ نٿو ڄاڻي ان جي تاويل مگر **الله** تعاليٰ.]



حضرت هاشم ابن حماد چيو ته ڪامل مرشد شڪاريءَ وانگر آهي جنهن جي هٿن ۾ شهباز آهي جنهن کي هو تڏهن ڇڏيندو آهي جڏهن شڪار قريب ڏسندو آهي تانجو وري واپس چنبي تي موٽي اچي چو ته جيڪڏهن شڪار قابو ۾ نه اچي ۽ باز به هٿ مان ڇڏي ڏئي ته نقصان ڪائيندو. مرشد به ائين ئي آخري دم تائين مريد جي انتظار ۾ هوندو آهي ۽ هدايت جو باز هن جي لياقت ۽ قابليت ڏسي ڇڏيندو آهي. اگر مريد جي باطني قابليت ۽ استعداد کي سمجهڻ کان اڳ ۾ پنهنجي باز کي طالب جي قلب واري پکي تي ڇڏيندو ته باز کي نقصان پهچندو ۽ شڪار به حاصل نه ٿيندو.

**نقل** آهي ته واصلن جي قبلي هاشم ابن حماد چيو ته **الله** تعاليٰ جي بارگاهه ۾ فقيرن کان دعا گهرائڻ لاءِ ظرف ۽ ڪامل اخلاص جي ضرورت آهي چو ته شيرن جو شير خالص ٽانوَ کان علاوه ڪنهن به ٽانوَ جو خيال نه رکندو آهي. بلڪ ٻيا ٽانوَ ڀڃي ڇڏيندو آهي. وڏيڪ چيائين ته درويش جي دعا ٻج وانگر

آهي ۽ ٻج پوکڻ مهل زمين جي صلاحيت جي پرک ضروري آهي اگر زمين چڱي نہ هوندي تہ ٻج ضايع ٿيندو.

**نقل:** حضرت هاشم پنهنجي والد حضرت حماد کان ٻڌو تہ جڏهن ڪو شخص ڪنهن صالح جي زيارت جي ارادي سان گهران نڪري ٿو تہ **الله** تعاليٰ هن جي چئني پاسن کان ملائڪن کي رفيق بڻائي ٿو. پوءِ اهي ملائڪ سڳورا بارگاهِ الاهي ۾ عرض ڪن ٿا تہ اي باري تعاليٰ هي ٻانهو تنهنجي رضا جي خاطر فلاڻي صالح ٻانهي وٽ وڃي ٿو تون سندس ٻنهي جهانن جون مرادون پوريون فرماءِ توڙي جو اُهو ٻانهو مقبول الدعوات نہ هوندو آهي پر ملائڪن جي دعا سان ان جي مراد قبوليت جو درجو لهندو آهي. اهو پڻ چيائين تہ يار وفادار هجڻ ڪپي ۽ اهو **الله** سائين آهي جنهن عدم جي لِڪ مان وجود جي صحرا ۾ آندو ۽ پيءُ جي پٺيءَ کان ڪدي ماءُ جي رِحم تائين آڻي قرار بخشيو ۽ اتان ٻاهر آڻي قسمين قسمين نعمتون عطا ڪيائين. وري اتان اڪيلو قبر ڏانهن موڪلي ٿو. توڙي جو ان وقت هن جا



گهڻا دوست ۽ يار هوندا آهن پر هن سان گڏ ڪو بہ نہ هلندو آهي سواءِ خدا تعاليٰ جي تڏهن تہ چيو ويو:

**وَهُوَ مَعَكُمْ أَيْنَ مَا كُنْتُمْ** (الحديد: 4)

[۽ اهو توهان سان گڏ آهي جتي بہ هجو.]

**نقل** ڪيو درويش ابوبڪر تہ سلطان ابراهيم ابن مخدوم معظم فرمايو تہ شريعت وارن وٽ "**اُقتلوا الموذي قبل الايذاءِ**" يعني ايذاء ڏيندڙ کي ايذاء ڏيڻ کان اڳ ۾ ماري ڇڏيو. پر طريقت وارن وٽ "**اُقتلوا الموذي بعد الايذاء**" يعني ايذاء ڏيندڙ کي ايذاء ڏيڻ کان بعد مارڻ آهي پر حقيقت وارن وٽ موذي جي ايذاء کان بعد معاف ڪرڻ ۽ معرفت وارن وٽ ايذاء کان بعد موذي کي بخشي ڇڏڻ، معاف ڪرڻ ۽ موذيءَ کي چڱاين سان نوازڻ آهي. ان ڪري "**والكاظمين الغيظ والعافين عن الناس والله يحب المحسنين**" يعني ڪاوڙ ڪائيندڙ ۽ ماڻهن کي معاف ڪندڙ ۽ **الله** تعاليٰ احسان ڪندڙن سان محبت ٿو فرمائي. مطلب تہ

معافي کان بعد احسان سميت حق جي دوستي [99] عطا ڪري ٿو.

**نقل** آهي ته درويش علي ولد مراد قبيله قريش عُرف پنهوار کي ڪنهن چيو ته منهنجي ڌڻ مان فلاڻي رِڍ آڻي ذبح ڪيو. خادم ويو ۽ رڍ آنديائين تڏهن درويش علي چيو ته جنهن وقت هِن اها رڍ ڌڻ کان جدا ڪئي ته دانهن ڪري پنهنجي ماءُ کي ٻڌايائين ته مون کي تو کان الڳ ڪري ذبح ڪرڻ لاءِ وٺي وڃن ٿا. اهو ٻڌي ماڻس چيو ته توکي درويش عليءَ جي اڳيان وٺي وڃن ٿا. پر هو نيڪ دل آهي توکي ذبح نه ٿيڻ ڏيندو ۽ تون موٽي ايندينءَ ان ٻڌايو ته واقعي ڌڻ مان جڏهن اها رِڍ جدا ڪيم ته دانهن ڪيائين ۽ ٻين به دانهون ڪيون. آخر ان رِڍ کي وري ڌڻ ۾ ڇڏي آيا.

**نقل** آهي ته هڪ ڏينهن فقراء ٻُکايل هئا دل ۾ خيال ڪيائون ته درويش علي وڏي برڪت وارو آهي جيڪڏهن خدا تعاليٰ کان درخواست ڪري ته اسان لاءِ ڪجهه طعام پيدا ٿي پوي جو فاقو ڊگهو ٿي پيو آهي. ان مهل پرسان ديوار مان هٿ



جي ننهن سان گاهه جو تيلو ڇڪي ٻاهر ڪڍيائون ته اتان ڪڻڪ وَهڻ لڳي ان کي اَٽو ڪري ماني پچايائون. هڪڙي کي دل ۾ خيال آيو ته هن ڪڻڪ مان ڪجهه ٻج لاءِ به رکي ڇڏجي چيائين ته هيءُ ڪڻڪ فقراء جي کائڻ جي لاءِ آهي نه کي ٻيجاري لاءِ. فقراء لاءِ ٻُک بهتر آهي ۽ دنيا هنن لاءِ مذموم آهي، مقبول ناهي جنهن کان پاسو ڪرڻ لازمي آهي خاص ڪري اهل الله کي.

**نقل** آهي ته قدوة الواصلين حضرت هاشم ابن حماد جيڪو حاڪمن ۽ رياست جي والين مان هو. هڪ دفعي دل جي ڳالهه ڪندي چوڻ لڳو ته ڪن درويشن کي جڏهن نقد ۽ جنس ڏيندو آهيان ته قبول ڪندا آهن ۽ ان کي خرچ ڪرڻ به جائز سمجهندا آهن. پر جڏهن انهن جي اڳيان طعام رکندو آهيان ته کائڻ کان لنوائيندا آهن بلڪ درياءَ جي پاڻيءَ ۾ به شبهو رکندا آهن. چيائين ته بادشاهن جو طعام دل کي اهڙو ڦٽ ڪندو آهي جيڪو پرجي نه سگهندو آهي. البت نقد ۽ جنس عضون کي زخمي ڪندا آهن جنهن جو علاج مجاهدي جي دوا سان ممڪن

آهي. حضرت منو مثال ڏيندو هو تہ ”جنهن کي پاڻ گھُرندو آهي ان کي غيرن جي نظر ۾ شُهرت کان حفاظت ۾ رکندو آهي.“ چنانچہ هڪڙي شخص ڪنهن بزرگ جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ اللہ تعاليٰ وٽان دعا گھُر تہ منهنجي هيءَ گھوڙِي مادي ٻچو ڄڻي. چيائين تہ ان جي پيٽ ۾ مادي آهي. انهيءَ حالت کان جلد ئي نا اميد ۽ شرمندو ٿيو. خادم ڪانئس پڇيو تہ نا اُميدي جو سبب ڇا آهي. چيائين پهريائين ان جي پيٽ ۾ مادي ٻچو ئي هو جنهن کي پوءِ مٽائي نَر ڪيائون. منهنجي شرمندگيءَ جو اهو سبب هو ان ڳوٺ ۾ هڪ ٻيو اهڙو ماڻهو بہ هو جنهن وٽ ظاهري ۽ باطني علم ڪجھ بہ نہ هو پر جيڪا ڳالھ ڪندو هو پوري ٿيندي هئي تان جو هر هنڌ ان ڪري گھڻو مشهور ٿي ويو. حالانڪ حق جي معرفت جي ذري برابر بہ بوءِ نہ هيس. آخر اللہ تعاليٰ هن کي پنهنجي در تان تڙي ڇڏيو ۽ شهرت جي آفت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيائين.

**نقل** آهي تہ ڪنهن طالب پنهنجو مطلب حضرت شيخ محمود ولد صديق فخري جي آڏو پيش ڪيو ۽ ڪجھ نذرانو بہ



پيش ڪيائين. فرمايائون تہ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪامل اخلاص جي ضرورت آهي. جيئن ڳالھ ٿا ڪن تہ هڪ شخص ڪنهن ملڪ جو حاڪم هو پر اللہ وارن ۾ پختو يقين رکندو هو ۽ ان تي هر وقت ثابت قدم هو. ان ريت وٽس جيڪو بہ مال متاع هو سڀ ختم ڪري ڇڏيائين ۽ ڪا بہ شيءِ پاڻ وٽ نہ رکيائين ايستائين جو رهائش جو گھر بہ ضرورت پوري ڪرڻ خاطر وڪڻي جلاوطنيءَ جي مصيبت ۾ مبتلا ٿيو. آخر شهر ۾ ڪانيون وڪڻي زندگي بسر ڪرڻ لڳو. هڪ ڏينهن ڪنهن صاحبِ ولايت درويش سان هن جي ملاقات ٿي تہ ڪجھ نقد جي هن کي ضرورت آهي. هو پرياسي وارن سوداگرن وٽ ويو ۽ چيائين تہ اسان جو مالڪ آيو آهي ۽ اسان هن جي خاندان جا غلام آهيون. هو چاهي ٿو تہ اسان کي ڪنهن جي هٿ وڪڻي ڇڏي جيڪڏهن خدا ۽ رسول جي واسطي توهان ڪجھ نقد يا روڪڙ قرض طور ڏيو تہ ان کي ڏئي آزادي وٺون باقي توکي آهستي آهستي ڪمائي قرض موٽائي ڏبو. اهو سوداگر اخلاص جي برڪت سبب جيڪو بہ هن کان گھريائون بنا ڪنهن هٻڪ

جي هن جي حوالي ڪيو. سموري رقم ڪٺي فقير کي ڏنائون ۽ فقير اها رقم خرچ ڪري ٻن ٽن ڏينهن کان بعد انهن وٽ رات رهڻ جو بهانو ڪري آيو. انهن کان ڪجهه چُريل ڪپڙو گهريائين جيڪو انهن حوالي ڪيس. صبح صادق مهل ان ڪپڙي کي باهه ۾ اڇلي پاڻ ٻاهر نڪري هليو ويو. هوڏانهن جنهن گهر ۾ باهه ٻاري هيائون صبح جو ڏسن ته سمورو ڳاڙهو سون ٿي پيو آهي، اهو سمورو ٻاهر ڪڍي خرچ ڪيائون ۽ ان مان هڪ خوبصورت ۽ تمام وڏو محل تيار ڪيائون. آخر وري اهو فقير سندن در تي آيو ۽ **الله** تعاليٰ جي نالي تي ڪا شيءِ گهريائين. ٻئي پيرين اگهاڙي ڊوڙندا آيا ۽ ظاهر ڪيائون ته اسان ٻئي تنهنجا پراڻا خادم آهيون. جيئن اڳي هئاسون. درويش دعا ڪندي چيو ته ٻنهي جهانن جي دولت اوهان لاءِ آهي جنهن ۾ ڪا ڪوت نه ايندي.

**نقل** آهي ته قبلة الواصلين هاشم ابن حماد چيو ته جيڪو ٻين لاءِ سوال ڪندو ته گويا اهو پنهنجي ضرورت لاءِ گهرندو آهي جو **"العادة لايرد"** يعني عادت نه ڇڏيندي آهي. ان



ڪري پنهنجا توڙي پراوا مسئلا **الله** تعاليٰ جي حوالي ڪريو ۽ پڻ چيائين ته جيڪو هڪ لقمي جو سوال ڪندو ته **الله** تعاليٰ ان جا چاليهه لقما روڪي ڇڏيندو جيڪي ان جي قسمت ۾ بنا سوال جي لکيا هئائين. چو ته حديث پاڪ ۾ آهي ته.[100] **"انا عند الظن عبدي بي والطمع يفسد الدين"** يعني مان ٻانهي جي گمان وٽ آهيان ۽ لالچ دين کي خراب ڪري ٿي.

طمع را سه حرف ست هر سه
تهي
ازان نيست مر مطمعان را بهي

[طمع جا ٽي حرف آهن ۽ ٽئي خالي آهن ان مان ڪائيندڙ لاءِ ڪا بهتري ڪونهي.]

نقل آهي ته زبدة الواصلين هاشم ابن حماد چيو ته **الله** تعاليٰ جي طلب لاءِ ان جي محبت ۽ عشق سان گڏوگڏ ان جو خوف به لازمي آهي. چو ته محبت خوف ۽ تقويٰ کانسواءِ

بچڙائيءَ تائين پهچائيندي آهي ۽ اهڙيءَ طرح فقط خوف ۽ پرهيزگاري محبت کان سواءِ ذوالجلال والجمال جي قريب نہ پهچائيندا آهن. جيئن چيو اٿن: **"لاشيخ ابلغ من العشق"** يعني عشق کان وڌيڪ ڪو ٻي شيخ پهچائيندڙ ناهي.

**نقل** آهي تہ واصلن جي قبلي ۽ ڪامل هاشم ابن حضرت حماد چيو تہ هڪڙي مريد پنهنجي پير جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ ڪاش **الله** تعاليٰ خزاني سان ڀريل اهڙو ڪوهہ عطا فرمائي جنهن لاءِ ڏول ۽ رسيءَ جي بہ ضرورت نہ هجي تہ جيئن سخاوت جو هٿ هر وقت ڊگهو هجي. فرمايائون هرگز نہ چو تہ مان انهن مان نہ هوندس جيڪي آهستي آهستي سخاوت ڪن بلڪ آءٌ هڪ ئي دفعي ۾ پورو ڪوهہ سخاوت ڪري فارغ ٿي ويهندس ڇو جو سخي اهو آهي جو جيڪو بہ وٽس هجي ٿورو يا گهڻو سڀئي هٿان ڏئي ڇڏي.

**نقل** آهي تہ قبلة الواصلين هاشم ابن حضرت حماد فرمايو تہ بعض مرشدن جي مريدن طرفان تربيت جو مثال ڪونج جي آني وانگر آهي جيڪا ڏاڍو ڇڳڻ وقت آني جو خيال دل ۾



رکندي آهي تنهن کان بعد هيٺان رکندي آهي ۽ دل ۾ اهو خيال نہ آڻيندي آهي بلڪ وساري ڇڏيندي آهي تہ اُهو آنو خراب ٿي ويندو ۽ اُن مهل ڀلي ڪٽي بہ هجي. ڪن مرشدن جو مثال وري اهڙن دريائي جانورن وانگر آهي جيڪي پاڻ پاڻيءَ ۾ رهندا آهن ۽ آنا خشڪي ۾ لاهيندا آهن پر هر وقت انهن جي نظر پنهنجي آني تي رهندي آهي ۽ جيڪو آنو هن جي نظر ۾ نہ رهندو آهي اُهو خراب ٿي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح ڪن مرشدن جو مثال ڪُڪڙين وانگر آهي جيڪي پنهنجي آنن ڪي ڪوڙي هيٺان رکنديون آهن ۽ سدائين ان لاءِ اُڃايل رهنديون آهن پر انهن جي دل هر وقت گهٽين ۾ گهمڻ ڏانهن مائل رهندي آهي تڏهن انهن جا ڪافي آنا خراب ٿي ويندا آهن.

**نقل** آهي تہ مخدوم معظم جي يارن مان هڪڙو تڏا واڻيندڙ حاجي گگرو هو جيڪو چيلهہ سان هميشه اَن جي مُٺ يا لپ ٻڌندو هو ۽ جتي پراڻي ٻَار ڏسندو هو تہ اُن ۾ ٿورو ملائي ڇڏيندو هو ۽ اهو مِٽي گڏاڙيل اَن هوا ۾ ڇنڊبيندو هو تہ اُن مان ڪجهہ اَن ملندو هوس جنهن مان ڪجهہ ڏينهن گذر سفر ڪندو

هو. درويش ڏاهر سميجو جيڪو صاحب ڪرامت هو تنهن کي چيائين ته هن مٿيءَ جي حق حلال جي ڏنڌي مان ڪجهه مينهن جا ڌڻ ڌاريا اٿم اتان جيڪي وٽئي قبول ڪر ۽ انهن جو کير پي ته جيئن عبادت لاءِ طاقتور ٿي سگهين. ائين هن کي منٿون پئي ڪيائين پر قبول نه پئي ڪيائين. هڪ ڏينهن تمام گهڻيون منٿون ڪيائينس ۽ کيس هٿ کان وٺي پاڻ سان درياءَ جي ڪناري تائين آيو ته جيئن ڪجهه مينهون هن جي حوالي ڪري. اتي ڳنڍ ۾ ٻڌل اَن مان مُٺ ڀري درياءَ ۾ اُڇلايائين ته قادر قدير جي قدرت سان هر داڻي مان مينهن نڪري آئي جنهن رنڀ پئي ڪئي. درويش ڏاهر کي زور ڀريائين ته هنن مان ڪجهه ڪڻ. ان درويش انهن مان چار اڇيون مينهون پنهنجي لاءِ کنيون ۽ باقي ڇڏي ڏنائين. ان درويش پنهنجي پُٽن کي وصيت ڪئي ته جڏهن منهنجي وفات ٿئي ته ائين ڪجو جو منهنجي قبر ان صاحبِ ولايت جي پيرن ۾ ڪجو ليڪن ان جي پُٽن شرم کان هن جي قبر حاجيءَ جي قبر جي سِيرانديءَ ۾ ناهيائون. ٻئي



ڏينهن اچي ڏسن ته انهن جي پيءُ جي قبر ڏاهر فقير جي پيرانديءَ ۾ آهي.

**نقل** آهي ته **الله** جي هڪڙي ٻانهي مخدوم معظم جي ارادتمند کان پڇيو ته جڏهن اوهان حضرت پير جي برڪت ڀري خدمت ۾ وڃو ٿا ته اوهان کي ڪهڙو حڪم ٿو ڪري ۽ پنهنجي زبان مان ڪهڙي ڳالهه جو اظهار ٿو ڪري. چيائين ته. "**فاذ کروني اذکرکم**" يعني مون کي ياد ڪيو ته مان توهان کي ياد ڪريان. مطلب ته خدا کي ياد ڪيو. وري پڇڻ لڳو ته انهيءَ ڀاڳن ڀري ڪلام جو اوهان جي دل جي درياءَ ۾ ڪهڙو اثر ٿو پيدا ٿئي ۽ عقل يا سمجهه ۾ ڇا ٿو اچيو. جواب ڏنائين ته فرمائن ٿا ته خلق کي وساري اسان وٽ اچو ٿا ۽ اسان کي وساري **الله** سائين کي ياد ڪريو. بلڪ رڳو **الله** کي ياد رکو ڇو ته **الله** تعاليٰ کان سواءِ ذاتي ۽ صفاتي طور تي ڪوئي موجود ناهي جنهن جو ثبوت ۾ دليل هي آهي: "**لا ذات ولاصفات الاذات الله والحقيقة سارية في الاکوان وهو ساري في کل ذراري**" يعني "**الله** تعاليٰ جي ذات کانسواءِ ڪا ذات ۽ ڪا صفت ناهي اها حقيقت

سيني شين ۾ جاري ۽ ساري آهي بلڪ اهو هر ذري ۾ جاري ۽ ساري آهي.“ سوال ڪندڙ چيو ته مريد پهرين پنهنجي ذات کي پير جي ذات ۾ گم ڪري چو ته اول فنا في الشيخ پوءِ فنا في الله آهي ۽ سيني شين ۾ پنهنجي شيخ جي ذات جو مشاهدو ڪري. ان مهل پير جي ذات کي پڻ بي مثال ذوالجلال جي ذات ۾ گم سمجهي نڪي پاڻ کي ۽ نڪي ٻي ڪنهن غير جي ذات کي ڏسي.

**نقل** مخدومزادي فتح محمد بيان ڪيو ته منهنجو چاچو سائين جذبي جي حالت ۾ چوندو هو ته اگر **الله** تعاليٰ حقيقي عدل فرمائي ته ڪافرن کي به ڇوٽڪاري جي اُميد آهي پر مخدوم معظم فرمائيندو هو ته ڪافرن کي انهن جي ڪفر جيترو عذاب ٿيندو. جيئن **الله** تعاليٰ فرمايو آهي:

**وَيَوْمَ يُعْرَضُ الَّذِينَ كَفَرُوا عَلَى النَّارِ أَذْهَبْتُمْ طَيِّبَاتِكُمْ فِي حَيَاتِكُمُ الدُّنْيَا وَاسْتَمْتَعْتُمْ بِهَا فَالْيَوْمَ تُجْزَوْنَ عَذَابَ الْهُونِ بِمَا كُنْتُمْ تَسْتَكْبِرُونَ فِي الْأَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَبِمَا كُنْتُمْ تَفْسُقُونَ** (الاحقاف: 20)



[انهيءَ ڏينهن ڪافر باهه جي آڏو آڻيا چئبو ته پنهنجون نعمتون دنيا جي زندگيءَ ۾ وڃائي چڪا ۽ مزا ماڻيندا رهيو. پوءِ اڄ اوهان کي سزا ڏني ويندي سخت عذاب جي جنهن ڪان توهان ناحق وڏائي ڪندا هيا بلڪ بدڪاري ڪندا هيا.]

**الله** تعاليٰ جو فعل حق آهي توڙي جو ظاهري طور تي بعض ماڻهن جي تصور ۾ ظلم ڏيکارجي. جيئن **الله** تعاليٰ فرمايو آهي:

**إِنَّ اللَّهَ لَا يَظْلِمُ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ** (النساء: 40)

[بيشڪ **الله** تعاليٰ ذري جيترو به ظلم ناهي فرمائيندو.]

حديث قدسي ۾ آهي ته ”جيڪو ازلي سعادت وارو آهي ان لاءِ خوشخبري آهي اهو تنهن ڪان بعد خوار نه ٿيندو ۽ جيڪو ازلي بدبخت آهي پوءِ ان لاءِ ويل آهي ۽ اهو پوءِ ڪڏهن به مقبول نه ٿيندو. مون دنيا ۽ آخرت جي هر مصيبت لاءِ ”لاالٰه الاالله“ جو (علاج) تيار ڪيو آهي ۽ هر غم ۽ ڏک لاءِ ”ماشاءَ الله“ ۽ هر نعمت لاءِ ”الحمد لله“ ۽ هر سختي ۽ آساني لاءِ

"الشکر الله" ۽ هر عجيب شيءِ لاءِ "سبحان الله" ۽ هر گناهه لاءِ "استغفر الله" ۽ هر تنگي لاءِ "حسبي الله" ۽ هر مصيبت لاءِ **إِنَّا لِلَّهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ** (البقره: 156) ۽ هر قضا ۽ تقدير لاءِ **تَوَكَّلْ عَلَى اللَّهِ** (الطلاق: 3) ۽ هر فرمانبرداري ۽ نافرماني لاءِ **"لاحول ولاقوة الابالله العلي العظيم"** يا جيئن الله تعاليٰ جو قول آهي: **قُلْ كُلٌّ مِنْ عِنْدِ اللَّهِ** (النساء: 78) [هر شيءِ الله تعاليٰ وٽان آهي.] اهو ئي ڪمال قادر آهي چاهي ته عذاب ڪري ۽ چاهي ته معاف ڪري. جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي:

**إِنْ تُعَذِّبْهُمْ فَإِنَّهُمْ عِبَادُكَ وَإِنْ تَغْفِرْ لَهُمْ فَإِنَّكَ أَنْتَ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ** (المائده: 118)

[جيڪڏن انهن کي عذاب ڪندين پوءِ بيشڪ اهي تنهنجا ٻانها آهن ۽ جيڪڏهن انهن کي بخشيندين پوءِ بيشڪ تون غالب حڪمت وارو آهين.]

**نقل** آهي ته حضرت هاشم فرمايو ته ظاهري ۽ باطني طور تي جيڪو معدوم يا موجود آهي ان کان پاسو ڪري چو ته



**الله** تعاليٰ ڪانسواءِ ڪا شيءِ موجود ناهي **"لا شي موجود غيرالله"** يعني **الله** تعاليٰ کان سواءِ ڪا ٻي شيءِ موجود ناهي. مان اهو سچ ثابت آهي. جيستائين اُن صوفيءَ لباس جو اهل ٿئي ته ان باري ۾ ظاهري علم واري پڇيو ته اهو خاصن وارو لباس عامن کي ڪهڙو فائدو ڏيندو. چيائين هن ظاهري دنيا جي گهر ۾ اهل **الله** جي لباس جي برڪت سبب هڪڙو ته ڪين وڏيڪ بار ڪٽڻ کان فراغت ۽ بوجهه ۾ هلڪائي ٿيندي ۽ سڀاڻي قيامت جي ڏينهن پڻ ڇوٽڪاري جي اُميد آهي چو ته حديث پاڪ ۾ آهي **"من تشبهه بقوم فهو منهم"** يعني جيڪو جنهن قوم سان مشابهت رکندو پوءِ اهو انهن مان آهي. ۽ حضرت شيخ سعدي فرمايو آهي:

هر ڪرا جامه پارسا بيني
پارسا دان و نيڪ مرد انگار

[جنهن کي پرهيزگاري جو لباس ڏسين ته ان کي پرهيزگار ۽ نيڪو ڪار سمجهه.]

ور نداني کہ در نهانش چيست
محتسب را درونِ خانہ چہ کار

[توڙي جو نہ ڄاڻين تہ اندر ۾ ڇا اٿس. حساب وٺندڙ کي گهر جي اندر سان ڪهڙو ڪم.]

مثال ڏنائون تہ هڪڙو شخص مينهون چورائي هليو تہ رستي ۾ مالڪ پنيان اچي پهتس ان مهل چالاڪيءَ سان مينهون رستي جي وَٽ کان جهنگل ۾ اُماڻي ڇڏيائين ۽ پاڻ رستي تي نماز پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويو. هڪڙو لوٽو انهن چورايل مينهن جي کير جو ڀريل ڳڏ هئس. مالڪن هن جي ان ظاهري حال کي ڏسي دعا لاءِ عرض ڪيو. چور چين تہ هن لوٽي مان ڪجهہ پيئو تہ توهان جو دلي مقصد پورو ٿئي. جڏهن ان کير جو ذائقو چکيائون تہ اخلاص ۽ پڪي عقيدي وارا ٿي پيا. جڏهن انهن کي پڪي اعتقاد وارو ڏٺائين تہ ان مهل کين اهڙي طرف جو اشارو ڏنائين جيڏانهن مينهون کو نہ ويون هيون. جڏهن اُهي پري نڪري ويا تہ هو مينهن کي پنهنجي مقصد لاءِ



ڪاهي هليو هڪڙو ساٿي چور جيڪو ساڻ هيس تنهن چيس هتي تہ پاڻ کي مکر ۽ فريب سان ڇڏائي ورتئي ۽ مينهون بہ ڪاهي پيو هلين، پر سڀاڻي قيامت جي ڏينهن **الله** تعاليٰ کان ڪيئن ڇٽندين جو وضوءَ کانسواءِ سجدو ڪيئي. چيائين تہ جڏهن هتي دنيا ۾ صالحن سان ظاهري مشابهت جي ڪري نجات وارو ٿي ويو آهيان تہ سڀاڻي اُتي بہ **الله** تعاليٰ عيب ڍڪيندڙ ذات آهي جيڪو ٻانهن جا عيب ڍڪيندو.

**نقل** آهي تہ مخدوم معظم جي هڪ ارادتمند چيو تہ رسالتمآبﷺ جي ولادت کان وٺي وصال مبارڪ تائين جيڪو قول توڙي فعل ۾ يا ظاهري ۽ باطني طور، ازل کان ابد تائين سرزد ٿيل آهي يا واقع ٿيل آهي يا ٿيندو، اهو سڀ صوفين جي جماعت لاءِ مسنون آهي ۽ ان کانسواءِ ٻيو سڀ بدعت آهي. جيئن تهجد جي نماز عوام تي نفل آهي ۽ صوفين تي واجب بلڪ فرض آهي. هن رسالي جي راقم کي عالم ارواح ۾ حضرت بيبي آمنہؓ جي پيٽ ۾ حضرت رسالتمآب ﷺ جي ولادت ۽ حمل جي حقيقت جي باري ۾ معلوم ٿيو. چون ٿا تہ

وزن ۽ حمل جو ڪو بہ اڻ وڻندڙ اثر نہ هو بلڪ پيٽ ۾ سج کان وڌيڪ روشن نور هو. هڪ رات راحت واري بستري تي آرامي ٿيڻ بعد ڏٺائين تہ هڪ ننڍو ٻار سندن ڪمري ۾ موجود آهي جنهن جي پيشاني جي نور جي ڪري جيڪو آسمان ۽ زمين ۾ هو مون تي ظاهر ٿيو. مطلب تہ نڪو ويم جا سور ٿيا ۽ نڪي ٻي ڪا تڪليف. حضرت رسالتمآب ﷺ جي ولادت جي حقيقت هن کان وڌيڪ معلوم ناهي.

قبلة الواصلين هاشم ابن سر دفتر ديوانِ اسعاد حضرت حماد جي سراسر سعادت ڀري خدمت مان ٻڌم تہ اسان جي مخلصن ۽ متعلقن مان ڪنهن هڪڙي جي امڙ وفات ڪري وئي تہ ان کي منهنجي والد مرحوم جي دفن ٿيڻ واري جاءِ جي ديوار کان ٻاهر دفنايائون. تنهن کان بعد حسرت ۽ ندامت وچان چوڻ لڳا تہ جيڪر والده سڳوري کي ديوار جي اندر دفن ڪرايون ها تہ بزرگن جي برڪت سان عذاب کان امن ۾ هجي ها چو تہ چوڌاري وارن جو پاڙيسري چوڌاري ۾ هوندو آهي. انهيءَ خيال ۾ هو تہ ننڊ وٺي ويس ۽ حضرت حماد کي خواب ۾



ڏٺائين فرمايائونس تہ اي فلاڻا! [102] پڪ سمجهہ تہ پير آر جي ڳوٺ کان جتي حضرت شيخ پٺي جي مزار آهي خانداني شيخ ڀرڪيہ ڪاتيار جي ڳوٺ تائين، خير الابرار حضرت رسالتمآب ﷺ جي اِذن سان سڀ قبرستان هن فقير جي حوالي آهن ۽ جيڪو مردو انهن ٻنهي ڳوٺن جي وچ ۾ دفن ٿيل آهي اهو بخشيل آهي ۽ ان تي عذاب نہ ٿيندو. تون تسلي رک تہ تنهنجي والده بہ انهيءَ پاڙي ۾ آهي.

**نقل** ڪيو قدوة الواصلين حضرت هاشم ابن سّر دفتر اهل اسعاد حضرت حماد حضرت مٺي کان تہ سڀاڻي هر ڪنهن کي پروردگار جي ديدار جو جنت ۾ مشاهدو پنهنجي مرتبي ۽ محبت مطابق ٿيندو چو تہ معشوق جي ڳالهائڻ ۽ ڏسڻ ۽ مرڪڻ جي لذت عاشق کي ٻين کان وڌيڪ ملندي آهي.

**نقل** آهي تہ مخدوم معظم جو هڪ ارادتمند ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون موت جي سڪرات واري حالت ۾ هو. تڏهن مخدوم زاده اتي پهتو ۽ چيائينس تہ اي پيارا درويش! ڪهڙيون سختيون ۽ تڪليفون پيش آيون آهن جو تنهنجي جسم مان

روح آرام سان ٻاهر نڪتو نڪري حالانڪ اهو هميشه **الله** تعاليءِ جي ذڪر ۾ مشغول رهندو هو ۽ غوث الحق جي فيض بخش صحبت ۾ پڻ پهتل هو. ان مهل اکيون کولي پنهنجي فصيح زبان سان اظهار ڪيائين ته روح جي امانت **الله** تعاليٰ ڏانهن پهچڻ ڪان بعد جواب ڏيندس. اُنهيءَ حالت ۾ پنهنجي پياري جان جان آفرين جي حوالي ڪيائين. غسل ڪفن ڪان بعد جڏهن هن جو جنازو نماز لاءِ آنڌائون ته مخدوم زادي جي اکين ۾ جهڙوڪ ٿوري دير لاءِ ننڊ اچي وئي ان حال ۾ هن سان اظهار ڪيائين ته انهن ٽنهي ڏينهن ۾ حق تعاليٰ جي حاضريءَ ۾ هيم ۽ **الله** تعاليٰ جي وصال جي قرب سان مشرف ٿيل هوس. انهيءَ حالت ڪي سڪرات الموت جي سختي نه پانئجو جو اسان ڪي فرش ۽ عرش ڪان مٿي کڻي ويا هئا ۽ لامڪان تائين پهچايو هئائون جتي **الله** جي ذات ڪانسواءِ ٻئي جي موجودگي نه هئي.

**نقل:** واصلن جو رهبر ڪامل حضرت هاشم ابن سر دفتر ديوانِ اسعاد حضرت حماد ڪان نقل آهي ته جنّ و بشر جي مخدوم جا ٻه ارادتمند پاڻ ۾ مشاهدن جون باريڪ ڳالهيون ۽



تجليات جا نڪتا بيان ڪري رهيا هئا. پڇاڙيءَ جو اِتي اچي ٻيئا جو هڪڙي چيو جيڪر هن جاءِ تي ئي حضرت خير البشر ﷺ ۽ مخدوم معظم جي صحبت جي سعادت سان مشرف ٿيون. تڏهن هڪڙي چيو ته پهريائين حضرت رسالت پناهه ﷺ جي دست بوسي ڪنداسون پر ٻئي چيو ته پهريائين مخدوم معظم جي دست بوسي ڪنداسون. **الله** تعاليٰ جي مهربانيءَ سان اشرف الانبياء عليه التحيته والثناء ۽ ختم الاولياء جي صحبت جي دولت سان واصل ٿيا. هڪڙي پهريائين حضرت رسالت پناهه ﷺ ۽ پوءِ مخدوم صاحب جي دست بوسي ڪئي ۽ ٻئي پهريائين مخدوم معظم جي دست بوسي ڪئي ته جنهن جي هٿ ڪي پنهنجي هٿ ۾ جهلي رسالت مآبﷺ جي حوالي ڪيو. اهو ٻه عرض ڪيائين ته هي درويش هن فقير جو ارادتمند ۽ حضرت رسالتمآب ﷺ جو اُمتي آهي. اُنهيءَ سفارش جي ڪري هو مرتبي جي زيادتي ۽ درجن جي ترقي ۾ ٻئي ڪان اڳتي وڌي ويو. قدوة الواصلين حضرت هاشم اهو ٻه فرمايو ته طالب ڪي گهرجي ته واٽ ويندي جڏهن پير کڻي ته **الله**

پاڪ جي اسم سان آغاز ڪري ۽ ڪابي پير رکڻ مهل ختم ڪري. ڪنهن وقت ائين به فرمائيندا هئا ته سڄو پير کڻڻ مهل 'لااله' چوي ۽ ڪابي پير رکڻ مهل 'الاالله' چوي تان جو جيڪو به قدم کڻي ته الله جي ذڪر سان کڻي.

**نقل** آهي ته قدوة العلماء حضرت حسن نساج حضرت هاشم بن حماد جي خدمت ۾ دعا جي درخواست ڪئي. پاڻ فرمايائون ته عالمن کي گهرجي ته دعا ڪن جو پيغمبرن جا وارث آهن. ادب جو لحاظ ڪندي چيائون ته جنهن شخص جو طعام شڪ گاڏڙ هجي ته ان جي دعا قبوليت جي ويجهو نه هوندي. حضرت هاشم فرمايو ته هن مولانا رڪن الدين جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته الله تعاليٰ جي معرفت جي ڪا ڳالهه بيان ڪريو. فرمايائين ته مان بيان نه ڪندس ڇو ته هن زماني جا اڪثر طالب ادب جي طريقي کان پري ٿا رهن ڇو جو وضوءَ ڪانسواءِ آسمان ڏي ڏسن ٿا. ساڳئي عالم پوءِ هي نقل ڪيو ته هڪڙو بادشاهه هو جيڪو گهري پيو ته ولايت جو مرتبو حاصل ڪري. ان بادشاهه ٻڌو هو ته جيڪو هُما پکيءَ کي ڏسندو اهو



ولي ڪامل ٿيندو. هڪ پيري رستي ويندي اوچتو سندس وزيرن مان جيڪو هُما پکي سڃاڻڻ جي قابليت رکندو هو، هن کي هُما نظر آيو. ٽي پيرا بادشاهه کي عرض ڪيائين ته اِهو هُما آهي پنهنجي نظر سان ڏسو. بادشاهه چيو ته مون کي وضو نه آهي ۽ جيڪا ولايت وضوءَ ڪانسواءِ ملندي اُها ولايت ئي ناهي. اهڙي ولايت اسان جي ڪنهن ڪم جي ناهي جيڪڏهن اسان جي نصيب ۾ ولايت هوندي ته وضوءَ سان حاصل ٿيندي.

**نقل** آهي ته قبلهٔ واصلين حضرت هاشم بن نيڪ نهاد حضرت حماد فرمايو ته پاڻ هر ان شخص لاءِ جيڪو وٽن ايندو هو اٿي بيهندا هئا توڙي جو اهو جٽيو پائيندڙ هندو هجي. هڪ ڏينهن هن رسالي جو لکندڙ سندن خدمت ۾ حاضر هو دل ۾ خيال آيو ته هر ان شخص لاءِ اُٿڻ جيڪو تعظيم جو لائق نه آهي ڪهڙي لحاظ سان هوندو. پاڻ فرمايائون ته مخدوم المخاديم مخدوم فضل الله هر ان شخص لاءِ جيڪو سندن خدمت ۾ پهچندو هو اُٿي بيهندا هئا توڙي جو مسجد ۾ تدريس ۾ مشغول هوندا هئا. شاگرد چوڻ لڳا ته حديث ۾ وارد آهي ته ”لا

**تعظموني في بيت ربي**" يعني رب جي گھر ۾ منهنجي تعظيم نہ ڪيو. چيائين اگرچہ حديث ۾ ائين آهي پر نص (قرآن) ۾ صريح واقع آهي تہ.

**وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِي آدَمَ** (بني اسرائيل: 70)

[۽ بيشڪ عزت وارو ڪيوسون آدم جي اولاد کي.]

**نقل** آهي تہ سيد السادات منبع البرڪات سيد عبداللطيف تارڪي چيو تہ هڪ ڏينهن جلال محمد ابن مخدوم معظم جي خدمت ۾ طعام جو هڪ قسم ڪٽي آيس چکڻ سان ئي معجز بيان زبان تي هي الفاظ آندائون تہ جيڪر هي طعام حضرت هاشم سان گڏ کائجي ها. ان مهل ئي هو ٻئي پاسي کان ظاهر ٿيو ۽ چيائين تہ سائين فقير هاشم حاضر آهي. حالانڪ هو ڪٿي پري ويل هو ۽ دروازي کان بہ اندر نہ آيو چو تہ اسان در تي ويٺل هئاسون.

**نقل** آهي تہ حضرت مخدوم جا ڪي مريد پاس انفاس (ڪجهہ وقت ساهہ بند ڪرڻ) جي مشق ڪندا هئا ۽ ڪي وري



بند انفاس ڪندا هئا. جيئن سيد عبدالڪريم بابت رسالي وارو لکي ٿو تہ حضرت مخدوم جي مخلصن مان هڪ فقير هو جو ڪاٽوٽ کان ساهہ بندو ڪندو هو تہ اچي هالاڪنديءَ ۾ ساهہ ڪوليندو هو ۽ ٻنهي ڳوٺن جي وچ ۾ اڌ پهر جو پنڌ آهي ۽ انهيءَ حساب سان سڄي ڏينهن ۾ اَٺ دم ٿين ٿا. هڪ ڏينهن قدوة الابرار ميرڻ ڪاتيار جيڪو مخدوم معظم جي ارادتمندن مان هو. ڪيترائي ڀيرا هن جي زبان مان ظاهر ٿيو تہ روح قبض ڪندڙ فرشتي عزرائيل کي اسان ۾ ڪو بہ ڪم ناهي. اهو پڻ چوندو هو تہ جڏهن '**لااله الاالله**' جي ذڪر ۾ مشغول ٿيندو آهيان تہ مون جهڙو ٻيو ماڻهو مون سان گڏ ويهي ذڪر ڪندو آهي ۽ مان ان کي چِٽو ڏسندو آهيان. هو پاڻ شروع واري عمر ۾ قوم جو چڱو مڙس هو. نهايت ڦڙتيلي گھوڙي تي چڙهي حق جي تجليات جو انوار ۾ تيز هلڻ سان سندس دل روشن ٿي پئي. غرور جو وڻ ۽ وڏائي ختم ڪري ڇڏيائين ۽ حيران ۽ پريشان بنجي جهنگل رلندو رهيو. **الله** تعاليٰ جي عشق ڪيس گھر ۽ گھر وارن جي محبت کان پري ڪري ڇڏيو. تان جو اهو راز

ڪنهن سان نہ سَليائين. آخر ڪنهن سان اهو راز ٻڌائڻ سبب ان ۾ ڪمي ۽ ڪوتاهي ٿي ۽ سندس اسرارن جو اهو خزانو هن جي هٿئون هليو ويو. تڏهن ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ مجنون بنجي درويشن ۽ اهل دل جي تلاش ۾ رهيو ۽ انهن جي خدمت ۾ حاضر پئي ٿيو، پر ڪيس پنهنجو مطلب ڪٿان بہ حاصل نہ ٿيو. آخر سيد عبدالڪريم سان گڏجي مخدوم معظم جي خدمت ۾ پهتو تہ ان مهل ئي پنهنجي گُم ڪيل شيءِ ڪي وري لڌائين بلڪ اڳي ڪان بہ وڌ ملي ويس. تنهن ڪان پوءِ جڏهن بہ زيارت لاءِ ايندو هو تہ درجن مٿان درجا چڙهندو ويو ۽ ٻيٽي چوٽي ترقي ڪندو ويو. هڪ دفعي سندس گهر واري عبادت ڪرڻ واري جاءِ ۾ اَندر وڃي فوراً واپس موٽي وئي، پر تڏهن بہ چوڻ لڳو تہ هاڻي هيءَ جاءِ باهہ ڏيڻ جي لائق آهي ڇو تہ هن ۾ عورت جو پير داخل ٿيو آهي.

**نقل** ڪيو قدوة الواصلين حضرت هاشم بن نيڪ نهاد حضرت حماد تہ هڪ مريد هڪ عورت جي ذميداري پنهنجي مٿان ڪنئي (پرڻيو). ان شخص هڪ مالدار سان اٽڪل بلڪ ڪيو تہ فلاڻي رات توکي خير البشر شفيع يوم المحشر جي



صحبت سان مشرف ڪندس. ان لاءِ تون هيترو مال ملڪيت ڏي، هن قبول ڪيو بلڪ جيڪو بہ هن گهريو سو ڏنائينس. جڏهن اُها مقرر رات ٿي تہ ان مالدار شخص ڪي شهر جي هڪڙي نيڪ صالح ٻانهي وٽ وٺي ويو ۽ ان جي دست بوسي سان مشرف ڪرايائينس. تڏهن ان مالدار چيو اسان هن نيڪ مرد ڪان پهريان ئي واقف هئاسين. تون اسان سان ڪُوڙ ۽ ٺڳي ڪري پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق مال وٺي اُڏائي ڇڏيو آهي. سڀاڻي صبح جو حاڪم وٽ سزا واري محڪمي ۾ جيڪا سزا تنهنجي موافق هوندي ملندئي. ان مرد ڪي پوري رات ننڊ ۽ آرام نہ آيو ڇو تہ اتان ڀڄڻ جو حيلو بہ نہ هيس. هوڏانهن تحفا ڏيندڙ اهو مرد اُن رات حضرت رسالتمآب ﷺ جي زيارت سان مشرف ٿيو. ان ڪري هو صبح سوير پاڻ زياده مال سان ان شخص وٽ وڃي حاضر ٿيو تہ مان پنهنجي مطلب ڪي پهچي ويس اج ڪان پوءِ توکي جيڪو گهرجي توکان پري ناهي.

**نقل** آهي تہ قدوة الواصلين حضرت مني ۽ بهاءالدين دلق پوش جي خدمت ۾ ذڪر نڪتو تہ ڪهڙي شخص تي خرچ

ڪرڻ افضل آهي. ڪن چيو ته عام ۽ خاص ٻئي برابر آهن. انهيءَ ڳالهه تي ڪجهه يارن جي دل ۾ ڏک ٿيو ته ائين ناهي. تڏهن بهاءالدين چيو ته ڪنهن ڪتاب ۾ اهو لکيل ڏٺو اٿم ته ڀين کي صدقو ڏيڻ تي ڏهه اجر پر مائٽن کي ڏيڻ تي هڪ سو ٻيرا آهي ڇو ته صلئه رحمي (مائٽن سان قرابت واري) لازمي شين مان آهي. بلڪ حديث: **"قاطع الرحم لايدخل الجنة"** يعني مائٽي ڇنندڙ جنت ۾ داخل نه ٿيندو] ۾ ائين آهي. پر اهل **الله** کي ڏيڻ تي هڪ هزار جو درجو ملندو ڇو ته هي **'صلة الله'** (**الله** سان قرابت قائم ڪرڻ وارا آهن) آهي. خاص ڪري پنهنجي پيشوا جي ارادتمندن کي ڏيڻ، جيڪي سمورن اهل **الله** جي خدمت ۾ سيني کان اڳتي آهن.

**نقل** آهي ته قبلة الواصلين حضرت هاشم ابن نيڪ نهاد حضرت حماد چيو ته انسان روح جو پاڇو آهي ۽ روح **الله** [104] تعاليٰ جو پاڇو آهي ۽ بني آدم جي هر فرد جي مقابلي ۾ عرش عظيم تي سندس موجوده صورت کان وڌيڪ حسين صورت آهي. جڏهن هِتي هن صورت کان ڪا ڪمي ڪوتاهي ٿئي ٿي



ته هُن جاءِ تي رهندڙ ملائڪن کان اُها صورت لِڪي ويندي آهي، تڏهن ملائڪ **الله** تعاليٰ کان عرض ڪري پڇندا آهن ته اي باري تعاليٰ! هوءَ سهڻي صورت ۽ سٺي سيرت وارو جيڪو عبادت ۾ مشغول هو هاڻي اسان کان غائب آهي. **الله** تعاليٰ کين پنهنجي انتهائي ڪرم وچان فرمائيندو ته اسان ۽ انهيءَ ٻانهي جي وچ ۾ هڪ راز آهي جنهن جي ڪنهن کي به خبر ناهي. اي ٻانها! اُن ستار حاڪم جا ڪم به ڏس جو هو تنهنجا عيب ملائڪن کان به لڪائي ٿو. لهٰذا اهو هن کان پري آهي جو تنهنجو پردو فاش ڪري.

**نقل** آهي ته قدوة الواصلين حضرت مني چيو ته جڏهن قهاريت جو آواز حضرت رب العزت جي دربار مان جهنم وارن کي ٻڌڻ ۾ ايندو ته.

**اخْسَئُوا فِيهَا وَلَا تُكَلِّمُونِ** (المؤمنون: 108)

[انهيءَ ۾ رهو ۽ مون سان نه ڳالهايو.]

اي اسان جي درگاھ کي ڇڏيندڙؤ ۽ اي اسان جي بارگاھ مان تڙيلؤ! جهنم ۾ رهو. اهي هن عتاب ڀري دوزخي ڪلام جي ٻڌڻ واري لذت جي ڪري عين دوزخ ۾ دوزخ جو عذاب وساري ويهندا. بلڪ تنهن کان بعد جڏهن انهن کي چيو ويندو ته جنت ۾ وڃو ته قبول نه ڪندا. شبليؒ جڏهن هن آيت کي پڙهيو ته. **اخْسَئُوا فِيهَا وَلَا تُكَلِّمُونِ** (المؤمنون: 108) [انهيءَ ۾ رهو ۽ مون سان نه ڳالهايو.] کي پڙهيو ته چيائين ته انهن لاءِ مبارڪباد جو هڪ ڀيرو وري ستر هزار سال کان پوءِ به انهن سان گفتگو ڪيائين. شبلي انهيءَ کي نه ٿو ڏسي ته ڇا چيائين بلڪ اهو ڏسي ٿو ته ڪجھ چيائين:

يکي با ما سخن گوي وپس آنگاه
بکش
گر کشت خواهي اي شهنشاه

[اي شهنشاھ! اسان سان فقط هڪڙو ٻول ٻولِ. ان کان پوءِ ڀلي ڪُهي ڇڏ جيڪڏهن ڪهڻ چاهين.]



’شمائل‘ ۾ آٿي ٿو ته عذابِ اڪبر جيڪو خاص ڪافرن کي ٿيندو اهو هي آهي ته خدا تعاليٰ هڪ دفعو ڪافرن کي جلوو ڏيکاريندو ۽ پنهنجي عشق جي باھ ۽ شوق انهن جي دل ۾ وجهي ڇڏيندو. ان کان بعد هو **الله** تعاليٰ جي ديدار کان رنڌجي يا رڪجي ويندا. انهن لاءِ اهو ئي وڏي ۾ وڏو عذاب يا عذابِ اڪبر هوندو.

**نقل** آهي ته هڪ دفعو حضرت حسين ٿهيم ناهيون ڳوٺ ۾ واقع جامع مسجد خسروي وٽان انتهائي ادب سان گذر ڪيو. هن کان پڇيائون ته ڇا جي ڪري ائين ڪيو. چيائين ته پهريون دفعو حضرت رسول **الله**ﷺ جي صحبت سان هن ئي مسجد ۾ مشرف ٿيو هيس.

**نقل** آهي ته قدوة الواصلين حضرت هاشم ابن نيڪ نهاد حضرت حماد چيو ته جڏهن ابوالمحمد جيڪو مخدوم معظم جو پوٽو آهي مون کي لااله الاالله جي ذڪر جي تلقين سان مشرف فرمايو ۽ به ٽي گز دستار جا منهنجي مٿي تي رکيائون ته ان مهل بي خود ٿي ويس ۽ ساھ نڪرڻ تي اچي ويو.

پر مخدوم معظم جي شفقت ۽ پنهنجي والد جي مدد سان منهنجي اندر جو ٿانو ان شراب جي قابل بڻيو ۽ پنهنجي پلائي سان منهنجي مقصد واري جام کي ڀريائون.

**نقل** آهي ته حضرت حسين ٿهيم ساڪن ڳوٺ ٻُڪيره جي عجيب ڳالهين مان هڪڙي بيان ڪندي ٻڌايو ته بکر شهر جي آس پاس ڳوٺ ڪنڊياري ۾ اتو نالي هڪ ڪافر ڀُڳڙا پچندو هو. پر ڏينهن ۾ ٻه دفعا وهنجي ڌوتل ڪپڙا پائيندو هو. هڪ ڏينهن سج لهڻ کان بعد معمول مطابق پاڻي ڏانهن منهن ڪيائين. جڏهن واندو ٿيو ۽ گهر وڃي رهيو هو ته ٻه شخص هوا مان ظاهر ٿيا. هن کي ٻنهي ٻانهن کي سوگهو پڪڙي مٿي سَتن آسمانن ۽ ڪرسي جو سير ڪرايائونس بلڪ جٽيو چني ڪيس قطب العالم ٻڌايائونس ۽ وري ڪعبة الله (شرف الله تعاليٰ) جو طواف ڪرايائونس. انهيءَ ڳوٺ جا هڪڙا ٻه پائر حرم پاڪ جا رهاڪو هئا جن هن کي سڃاتو. پڇيائونس ته تون هن منزل تي ڪيئن واصل ٿيئن. ٻڌايائين ته مون تي فيض جي پالوٽ ۽ مرتبن ۾ اوچتو واڌارو ٿيو آهي. چيائونس ته اسان کي



پنهنجي پياري وطن پهچاءِ چيائين ته مان هاڻي واپس وڃان ٿو ۽ هنن کي چيائين ته توهان اکيون ٻوٽيو. اکيون ٻوٽڻ سان ٿئي پنهنجي ڳوٺ جي جامع مسجد ۾ اچي پهتا. ان کان پوءِ جيڪو ٻه وٽس اچي وينتي ڪندو هو ته خدا سائين جي واسطي اسان جو هي ڪم آسان فرماءِ ته آسان ٿي ويندو هو. چون ٿا ته هڪڙي بزرگ خدا تعاليٰ کان دعا گهري ته قطب العالم جو ديدار نصيب ٿئي. ان مهل هن جي ڪنن ۾ غيبي آواز آيو ته اُوپر ڏي منهن ڪري هل. ٿن ڏينهن کان پوءِ هڪ بيابان ۾ پهتو جتي هڪ ماڻهو خوفناڪ صورت ۾ ڏٺائين جنهن وٽ سوئر شڪار ٿيل هو. جڏهن هن بزرگ کي ڏٺائين ته ڪيس ٻانهن کي وٺي زور سان پڪڙيائين ۽ چاهيائين ته هن کي ماري ڇڏي. جڻ آدم خورن مان ٿي لڳو. تڏهن هن کي چيائين ته ٿوري دير منهنجي مارڻ ۾ دِير ڪر هونئن ٻه تنهنجي هٿان پڇي ته نٿو سگهان. ان مهل عجز ۽ نياز سان سجدي ۾ منهن رکي بيحد گريه زاري ڪندي چوڻ لڳو ته اي مالڪ سائين! مون ته تنهنجي بارگاهه مان قطب العالم ڏسڻ جي درخواست ڪئي هئي الٽو مون کي

اهڙي شخص جي هٿ ۾ ڏنئي جيڪو آدم خور آهي. ان مهل ان شڪاري شخص سوئر کي ڦٽي ڪري، چيس تہ اي فلاڻا! هينئر تنهنجي دعا سان مون کي قطب العالم بڻايو اٿن. تون منهن سجدي مان مٿي ڪڻ ۽ منهنجي دست بوسيءَ کان مشرف ٿيءُ.

وڏيڪ ٻڌايائين تہ حضرت غوث الثقلين ڪمري اندر عبادت ۾ مشغول هئا تہ هڪڙو چور ڪمري جي پوئين طرف کان اندر گهڙي آيو. ڏٺائين تہ ڪو مرد آهي جيڪو خدا کي ياد ٿو ڪري ۽ ڪو بہ اهڙو سامان نہ ڏٺائين جو کڻي سگهي. مايوس ٿي موٽي ويو ۽ اُن ڪاٺ کي عارضي طور ڍڪي ويو تہ جڏهن هيءُ شخص رات جي پوئين پهر ۾ سمهي پوندو تہ مان ان جي لباس وغيره کي کڻي ويندس. اُن مهل خضر عليه السّلام اچي ٻڌايو ۽ ٻڌايائين تہ هڪ قطب العالم هن فاني جهان کي ڇڏي هميشہ واري گهر ڏانهن سامان ٻڌو آهي ان ڪري جنهن لاءِ بہ چئو تہ ان کي قطب العالم بڻايو وڃي، ڇو تہ قطب، غوث جي اِذن سان قطب ٿيندو آهي. چيائون تہ هن شخص کي جيڪو



اسان جي ڪپڙن چورائڻ جي انتظار ۾ هِتي آهي اُن کي وٺي وڃو.

وڏيڪ ٻڌايائين تہ هڪ دفعي تقريباً ٻہ ٽي سؤ فقراء مخدوم معظم جي ڏوهٽي حضرت دوست محمد سان گڏ سير سفر ۾ هئاسون. واٽ تي جيڪو بہ نياز نذرانو مليو ٿي سو سڀ محتاجن تي خرچ ڪري وڃي ملتان پهتاسون. اُتي غوث الابرار جي سجاده نشين جي خدمت ۾ هڪ دستار پيش ڪئي سون تہ ان مهل وڏي تعظيم سان اها پنهنجي مٿي تي ٻڌي وري اسان جي حوالي ڪيائون، جيڪا ٿيلهي ۾ رکي ڇڏيسون. سجاده نشين جي ملازمن غيرت وچان چيو تہ ڇا اسان جو پِير هن جماعت جو مريد آهي جو دستار ٻڌائين ۽ ان جماعت جي سردار اها مٿي تي نہ رکي. تڏهن وڏو بحث شروع ٿي ويو. گهڻي ڏي وٺ کان پوءِ ڳالهہ اِتي پهتي تہ حضرت شيخ شهاب الدين پنهنجي چاچي شيخ نجيب الدين سهروردي جو مريد آهي ۽ هيءَ جماعت شيخ ابونجيب جي اولاد مان آهي.

اهو پڻ ٻڌايائين ته انهيءَ سير ۾ ڪنهن ڳوٺ جي پاسي ۾ رات گذاري سون. صبح جو سوير هڪ مريض جيڪو قريب الموت هو ۽ هن جو ساهه لُڪي ۾ اچي بيٺو هو ڪٺي آيا ۽ فقراء کي شِفا جي دعا لاءِ چيائون. ان جماعت ۾ هڪ اهڙو درويش به هو جيڪو ڪڏهن ڪڏهن شڪار به ڪندو هو. هن چيو ته هڪ جٽيو پائيندڙ مرد جيڪو فقيرن جي پرسان واري هن ڳوٺ ۾ وڃڻ جو ارادو رکي ٿو، هن بيمار جي شفا لاءِ انهيءَ کان طلب ڪيو. حضرت دوست محمد جي اجازت سان ان کي گهرائي حاضر ڪيائون ۽ چيائونس ته هن بيمار لاءِ الله تعاليٰ جي درگاهه مان صحت وٺي ڏئي. هن شخص انهيءَ وقت جيڪا لٺ هن جي هٿ ۾ هئي ان تي مٿو رکي ۽ ڪجهه وقت کان بعد منهن مٿي ڪٺي هندي زبان ۾ چيائين: "اي پرميشورا! هن مريض کي شفا ڏي". انهيءَ وقت اهو مرِيض ٺيڪ ٿي اٿي وينو.

**نقل** ڪيو مخدوم حامد اگهمي (چگّيءَ پچاڙيءَ واري) شيخ محمود ولد صديق فخريءَ کان ته هڪ ڀيري فقيرن جي جماعت ڪنهن طرف سفر ۾ هئي ته هڪ درويش ميرن ڪپڙن



۽ ڪنديل وارن سان ظاهر ٿيو ۽ گهٽي آهه و زاري سان هڪ درهم گهرڻ لڳو ۽ خدا ۽ رسول جا واسطا ٿي ڏنائين. محمود هن کي سچاتو ۽ جيڪي ڏوڪڙ ۽ نقد سندس گودڙيءَ ۾ هيا انهن کي وچي هٿ رکيائين. اها صورت حال ڏسي درويش گهُرڻ بند ڪيو ۽ وڏي رڙ ڪري ڪجهه وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين ۽ ڪجهه قبول نه ڪيائين. محمود ڊڄندي ۽ ڏڪندي تمام ادب سان ان جي وڃڻ کان پوءِ ظاهر ڪيو ته هو درويش هارون بري آهي ۽ مخدوم صاحب رحمة الله عليه جي ساٿين مان آهي.

ساڳئي ناقل اهو پڻ چيو ته هڪڙو مجذوب ٺٽي شهر ۾ رهندو هو جنهن وٽ وڏو ڀورو پراڻن خرقن ۽ ڪمبل جي ڦاٽل ٽڪرن سان ڀريل هوندو هو. بلڪ جيڪي گوشت ۽ مڇي وغيره ۽ ٻيو طعام هن کي ملندو هو کائڻ بعد باقي بچيل ان ۾ رکي ڇڏيندو هو. هو هميشه اها ڀوري پنهنجي پيٽ تي ڪٽندو هو ۽ ان جي وزن جي سختي برداشت ڪندو هو. منهنجي دل ۾ خيال آيو ته ڇا انهيءَ سختي جي ڪري (ولايت) صفائي سان ويجهڙو آهي يا نه؟ انهيءَ وقت اظهار ڪيائين ته فلاڻا تنهنجو ذڪر احد

واري جنگ ۾ نبي ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ مون ٻڌو هو. يقين سان معلوم ڪيم ته اهل صفا مان آهي ۽ ڪيترا ئي ڀيرا اهو مجذوب هارون نالي حضرت سلطان ابراهيم جي خدمت ۾ ايندو هو ۽ پٺي ڏئي ويهندو هو. معرفت ۽ حقيقت جون اونهيون ڳالهيون پڇندو هو ۽ پنهنجي مقصد جي حل لاءِ جواب حاصل ڪري خوش ٿيندو هو. هڪڙي ڏينهن هن کان سلطان ابراهيم پڇيو ته هارون ڪنهن جي ساٿين مان آهي. چيائين ته هارون هارون بري جي ساٿين مان آهي ۽ هارون بري وري مخدوم نوح رحمة الله جي ارادتمندن مان آهي.

**نقل** آهي ته هڪ ڀيري حضرت متي جي زبان مان ظاهر ٿيو هو ته محمود ڪاريو غوث الثقلين جي مريدن مان هو. پر جڏهن هو سلطان ابراهيم جي گهر ايندو هو ته ساٿين مان هن ڪي ڪو به نه سڃاڻيندو هو ۽ نه ڪنهن سان ڳالهائيندو هو. گهڻو ڪري ته اتي ئي الله تعاليٰ جي مشاهدي (ديدار) سان مشرف ٿيندو هو. هڪ دفعي جڏهن ڪافي عرصي کان پوءِ سُڪر مان صحيح حالت ۾ آيو ته سلطان ابراهيم سان هٿ



ملائي پاڪر پائي قدم بوسي ڪري معذرت گهريائين. مهمان نوازيءَ جا آداب مناسب طريقي سان بجا آنديائين ۽ جيڪي ڪجهه وٽس هو جناب سلطان ابراهيم جي خدمت ۾ پيش ڪيائين. اها ڳالهه به پڌري ڪيائين ته ڪيترا ڀيرا غوث الثقلين فقير سان بيحد محبت ۽ لطف فرمائيندا هئا ته جيڪو به ديني يا دنيوي مطلب هجي ته چئو الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ عرض ڪنداسون ته جلدي مقبول ٿي ويندو. پر اسان اها ڳالهه جيڪا وري مخدوم صاحب جي شان وٽان هوندي هئي ته نه چوندا هئاسون ڇو جو اسان جي هر ڪم ۽ مطلب لاءِ مخدوم صاحب ڪافي هو.

نقل آهي ته حق جي طالبن جو اڳواڻ حاجي نعمت الله چشتي مُلڪ پنجاب جو هو پنهنجي وطن کان حج جي ارادي سان هالاڪنديءَ پهتو. جتي مسجد جي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهيو جتي مخدوم معظم صاحب پنج وقتي جماعت لاءِ حاضر ٿيندا هئا. هن عشاء جي نماز ادا ڪرڻ بعد پاڻ کي پراڻي تڏي جي اوٽ ۾ لڪائي دل ۾ سوچڻ لڳو ته جيڪڏهن هن اونداهي

جاءِ تي مون کي ڏسي ورتائون ۽ پنهنجي زبان سان منهنجو نالو ورتائون ته حقيقت ۾ ولايت جو مالڪ آهي. عشاء نماز پڙهڻ بعد مخدوم صاحب جڏهن گهر تشريف کڻي ويا ته مجلس ۾ موجود ماڻهن کي فرمايائون ته هڪڙو شخص نعمت الله نالي جيڪو شيخ فريد گنج شڪر جي اولاد مان آهي. اسان کان پنهنجو پاڻ کي مسجد جي ڪُنڊ ۾ پيل پراڻي تڏي هيٺان لڪايو آهي ان کي وٺي اچو. جڏهن هن کي وٺي آيا ته پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن آسمان جي ستن طبقن ۽ عرش وڪرسي ۽ سيني زمينن هيٺان به پاڻ کي لڪائين ها ته به لڪي نه سگهين ها. هتي ته تو صرف پاڻ کي مسجد ۾ پيل پراڻي تڏي هيٺان لڪايو آهي. بهرحال تو پنهنجي اصل جي طرف رجوع ڪيو آهي ڇو جو مشهور آهي ته **”ڪُلُّ شيءٍ يرجع اِلٰي اصلهٖ“** يعني هر شيءِ پنهنجي اصل ڏانهن موٽ ڪائيندي آهي. اوهان جي ڏاڏي شيخ شهاب الدين کي به اهڙو گمان ٿيو هو. سندس مهمان نوازي ڪيائون ۽ موڪلائڻ وقت تحفي طور هڪ ڪوزو هن کي ڏنائون. حج ادا ڪرڻ ۽ حرمين شريفين (الله تعاليٰ انهن جي



عزت ۾ اضافو ڪري) جي زيارت ڪرڻ بعد نبي ڪريم ﷺ جن جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي عرض ڪيائين ته مون کي حق جي راهه حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو مرشد ڏسيو. هن کي جواب مليو ته هن زماني ۾ مرشد مخدوم نوح آهي هن جي خدمت ۾ وڃ. تڏهن اهو عقيدت جو احرام ٻڌي مخدوم معظم جي فيض بخش صحبت جي شرف سان مشرف ٿيو ۽ ذڪر جي تلقين ورتائين. ڪجهه وقت خدمت ۾ رهيو ته اجازت مليس ته وڌيڪ اهل الله عيسيٰ جي خدمت باسعادت ۾ وڃي حاضر ٿيءُ جيڪو برهانپور ۾ مقيم آهي. اتان تنهنجو باقي مقصد ۽ مدعا پوري ٿيندي. آخر جڏهن اهو شخص وڏو سفر طي ڪري برهانپور ۾ اهل الله عيسيٰ جي خدمت ۾ پهتو ته هن فرمايو اڄ مون کي اهڙي ماڻهوءَ جي خوشبوءِ محسوس ٿئي ٿي، جيڪو رسول اڪرم ﷺ جي خوشبوءِ سان گڏ اسان جي رهبر مخدوم معظم صاحب جي فيض مان فيض يافته آهي. حاجي نعمت الله ڪجهه ڏينهن سندن خدمت ۾ رهيو. هڪڙي ڏينهن جڏهن ساڻس گڏجي ڪنهن دعوت ۾ ويو ته دعوت مان فارغ ٿيڻ بعد حاجي

نعمت **الله** سندن جُتيءَ کي سنڀالي پيرن ۾ وڌو. ان وقت ڪيس فرمايائون ته تون ڪير آهين جو منهنجي اڳيان جُتي رکي اٿئي چيائين ته فقير نعمت **الله** تڏهن ڪيس چيائون ته اي نعمت **الله**! هتي ڪڏهن آيو آهين؟ چيائين ته هاڻي. فرمايائون اي نعمت **الله**! (پاڪ) پتن جي شهر ۾ وڃ اتي شيخ فريد آهي. حاجي نعمت **الله** چيو تون ثاني فريد آهين. ائين پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيو. هن ڪانپوءِ پنهنجي راهه ورتائين.

**نقل** آهي ته عيد جي ڏينهن بهاؤالدين دلق پوش فقيرن جي جماعت سان عيد نماز ادا ڪرڻ جي ارادي سان عيدگاهه ڏانهن وڃي رهيا هئا. جڏهن قمري مسجد پهتا جيڪا نٽي ۾ آهي ته فرمايائون اي دوستو! اڄ اوهان جي دل ڪهڙو طعام گهري ٿي. چيائون ته جيڪا ماني ڳوناٺا ڪنڊ يا ڳُڙ سان (ٻُصري) پچائيندا آهن ۽ تازو مکڻ يا گيهه به هوندو اٿس. ڇو جو اهڙو طعام شهر ۾ گهٽ ملندو آهي ۽ اسان جي طبيعت کي اهو ڪاڏو وڌيڪ پسند آهي. انهيءَ وقت پاڻ ۾ ڪا شيءِ وجهي مسجد جي محراب ۾ رکي آيا. عيد نماز کان فارغ ٿيڻ بعد



انهيءَ محراب مان اهو دل پسند ڪاڏو ڪڍي آيا جيڪو سموري جماعت کي ڏيؤ ڪري کارايائون. ٻئي دفعي پاڻيءَ جي ڪناري تي فقير پنهنجا ڪپڙا ڌوئڻ ۾ مشغول هئا ته هڪ ڪانو آيو ۽ صابڻ جو ٽڪرو پنهنجي چهنب ۾ ڪڍي هليو ويو. اچي ٻڌايائون ته اوهان جي ڪپڙن واسطي جيڪو صابڻ رکيو هو اهو ڪانوَ ڪڍي ويو آهي ۽ ٻيو صابڻ ڪو نه آهي. تڏهن پاڻ فوراً زمين تي آڱر سان هڪ تصوير ٺاهيائين ته اهو ساڳيو ڪانو اهو صابڻ واپس ڪڍي آيو ۽ زمين تي ليٽڻ لڳو. اهڙي قسم جا ڪيئي تصرفات حاصل هئس.

نقل آهي ته هڪڙي ڏينهن حضرت حسين ٿهيم جي خدمت ۾ درخواست ڪيم ته ظاهري علم وارا انسان کي فاعلِ مختيار سمجهندا آهن پر شيخ عبدالحق 'شرح عقائد' ۾ ان خيال جو آهي ته انسان پنهنجي اختيار ۾ مجبور آهي پر ڪي وري چوندا آهن "**لا قدر ولا جبر**" يعني نه مڪمل مجبور آهي نه ڪُلي طرح اختيار وارو آهي. پر معاملو ٻنهي جي وچ وارو آهي. "**والقدر خيره وشرّه من الله تعاليٰ**" [سُٺي ۽ بري تقدير **الله** تعاليٰ

جي طرفان آهي.] ليڪن صوفي حضرات انسان کي مطلق مجبور چون ٿا. ڇو جو **الله** تعاليٰ جبار آهي ۽ قادر آهي ۽ اسان مقدور ۽ **الله** تعاليٰ رزاق آهي ۽ اسان مرزوق ۽ **الله** تعاليٰ جو فرمان آهي:

**وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ وَمَا تَعْمَلُوْنَ** (**الصافات:96**) **وَرَبُّكَ يَخْلُقُ مَا يَشَاءُ وَيَخْتَارُ مَا كَانَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ** (القصص: 68)

[۽ **الله** تعاليٰ توهان کي خلقيو آهي ۽ جيڪو ڪجهه توهان ڪيو ٿا ۽ تنهنجو رب خلقي ٿو جيڪو چاهي ۽ پسند فرمائي ٿو پر انهن کي ڪو به اختيار ناهي.]

ڪهڙي طرح انهن قولن ۾ تطبيق جي ڪهڙي صورت ٿي سگهي ٿي. فرمايائون ته هي نڪتو مشڪل آهي هر ڪنهن ماڻهوءَ جي سمجهه ان جو ادراڪ نه ٿي ڪري سگهي. اهل تصوف هن باب ۾ پنهنجي اندر جي عقيدي کان باز نٿا اچن ۽ اهي ظاهر ۾ ايتري ڪوشش نٿا وٺن جو مطلق اختيار هٿ آڻين. ٻنهي قولن ۾ ظاهري صورت جي لحاظ سان تطبيق قبول نه ٿي



ڪري سگهجي. چيائين ته هڪ ظاهري عالم جو هڪ صوفيءَ سان ان مسئلي ۾ تمام گهڻو بحث مباحثو ٿيو. هن چيو ته انسان کي محض مجبور چوڻ گمراهي آهي. [107] صوفيءَ جي هڪ نياڻي هئي جيڪا راهِ سلوڪ ۾ ڪمال رکندي هئي، پنهنجي پيءُ کي چيائين ته مون کي هن عالم جي نڪاح ۾ ڏيو ته هن جڳهڙي مان توهان جي جان ڇٽي! ۽ توهان تي گمراهيءَ جي فتويٰ نه لڳي. صوفيءَ ضرورت سمجهي پنهنجي ڇوڪريءَ جو نڪاح ان عالم سان ڪرايو. ان عالم جڏهن ڇوڪريءَ سان صحبت ڪئي ته صوفي جي ڌيءَ چيس ته ٻيهر به صحبت ڪر. عالم چوڻ لڳو ته ايتري جلدي ٻيو پيرو صحبت جي طاقت نه ٿو رکان تڏهن ڇوڪريءَ چيس ته پوءِ پاڻ کي مختيار ڪيئن ٿو چوين. ايتري قدرت نه اٿئي جو تنهنجو نفس تنهنجي اختيار سان ٻيو پيرو مائل ٿئي، پوءِ ڪهڙيءَ طرح تون پنهنجي ٻين ڪمن جي ڪرڻ ۾ مختيار ٿي سگهين ٿو.

هم عدلت جزا برمن فاعل دگري
عقل کل راه بدين نکته مشکل

[سڀ ڪجهه عدل سمجهي ۽ جزا مون تي آهي جڏهن ته ڪنڌڙ ٻيو آهي وڏي عقل واري کي پڻ هن راهه کي سمجهڻ ڏکيو آهي.]

**نقل** آهي ته درويش شهمير جنهن جو بُڪيره قبيلي سان تعلق هو. زهد ۽ مجاهدي ۾ بي مثال هو. چيائين ته اهل مشاهده جو اڳواڻ حضرت متو فقيرن جي جماعت سان منهنجي پيءُ جو اچي مهمان ٿيو سندن وضو جو پاڻي جنهن ٿانوَ ۾ جمع ٿيو اهو مون پي ڇڏيو. ان کان پوءِ ٽيهن سالن تائين وري پاڻي نه پيتم ۽ نه طعام کاڌم چو ته ان پاڻيءَ پيئڻ جي برڪت سان ٻئي اُڃ ۽ بُک ختم ٿي ويا. باقي نم ۽ ٻين وڻن جا پن ۽ ان کان پوءِ ٿوري کير وغيره سان روزو کوليندو هوس. اهو پڻ ٻڌايائين ته مون کي حضورﷺ جن ۽ مخدوم معظم جي طرفان مليل رياضتن ۽ مجاهدن جو حڪم آهي ۽ حضرت هاشم بن حماد کي وري فقيرن کي کاڌي کارائڻ ۽ لباس وغيره



يا جيڪا ضرورت پيش اچي ان جي ذمي آهي. وڌيڪ چيائين ته ڪيترائي ڀيرا نبي ڪريم ﷺ جي صحبت سان مشرف ٿيو آهيان ۽ پيرن مبارڪن کي زور ڏيڻ جي سعادت حاصل ڪئي اٿم. مخدوم صاحب جي مجلس ۾ روحاني طرح هميشه حاضر هوندو آهيان ۽ ڪيترائي ڀيرا حضرت هاشم بن حماد پنهنجي زبان سان چيو ته اهڙي مجاهدي وارو صاحب هن وقت ۾ ٻيو ڪو ظاهر ۾ ڪو نه ٿو ڏسجي

**نقل** آهي ته شيخ ڪمال کهيري ملڪ پنجاب جو هو جيڪو صاحب ارشاد هو ۽ سندس ڪيترا پوئلڳ ۽ مريد هئا. هو پنهنجي مقامات ڪري ڄاتل سڃاتل ۽ ڪرامات ۾ گهڻو مشهور هو هن جو ظاهر ۽ باطن گهڻو سينگاريل هو. سيد ابراهيم ۽ درويش امين پليجو ۽ عبدالجليل مگٽيجو وغيره جيڪي ظاهري طور سندس تابع هئا تن جي مخدوم صاحب جي ساٿين سان گهٽي ڏي وٺ ٿي هئي جنهن جي نتيجي ۾ ساٿين کي دڙڪا ۽ ڌمڪيون ڏئي هٿ پير ٻڌي پنهنجي مرشد جي اڳيان وٺي ويا. انهيءَ وقت هُن به گهٽ وڌ ڳالهائڻ ۾ ڪا

ڪسر نہ ڇڏي هن جو هڪڙو پٽ فتح شاهہ نالي هو جنهن چيو تہ منهنجا سائين! هي طريقو درست نہ آهي جو فقيرن جي دل ڏکائي اٿو. ڪمال کهيريءَ معذرت ڪئي ۽ فقيرن کي آزاد ڪري ڇڏيائون جو ڪيس ڪو فائدو نہ ٿيو. مطلب تہ غمگين ۽ ڏکويل دل سان اها دانهن عثمان ۽ حضرت نُور ابن حضرت مخدوم جي پُٽن جي خدمت ۾ ڪٺي پهتا ۽ ڏک جو اظهار ڪيائون پر پنهنجي مقصد موجب ڪين جواب حاصل نہ ٿيو. اهڙي غم ۽ ڏک جي حالت ۾ پنهنجي درخواست جناب شيخ محمد ناصرالدين سجاده نشين قطب جي خدمت ۾ پيش ڪيائون پر ان وٽان بہ ڪين جيڪو جواب مليو اهو سندن مرضيءَ مطابق نہ هو. لاچار ٿي بهاؤالدين زڪريا عليه الرحمة جي خدمت ۾ پنهنجي دانهن پهچايائون. اتان بہ اهو حڪم صادر ٿيو تہ مخدوم معظم جي پوٽن جي خدمت ۾ موٽي وڃو جو تہ هن معاملي جي ظاهري ۽ باطني جاچ جو حڪم ۽ ظالمن کي تنبيهہ نبي ڪريم ﷺ جي طرفان مخدوم صاحبؒ ۽ ان جي ساٿين جي حوالي ٿيل آهي اسان بہ اوهان جي مدد ۽ فتح جي



دعا ڪئي آهي اها بہ قبول ٿي آهي. انهيءَ حال ۾ خوشيءَ سان موٽي عثمان ۽ ان جي طالب جي خدمت ۾ آيا پوءِ اتان ٻئي بزرگ ڪجهہ فقيرن سان گڏجي ڪمال کهيريءَ ڏانهن روانا ٿيا. هوڏانهن ڪمال کي جڏهن انهن بزرگن جي آمد جي خبر پئي تہ هو بہ ڪيترن فقيرن سان گڏجي انهن سان جهيڙي لاءِ اڳتي آيو ليڪن رستي ۾ ئي جان جان بخشيندڙ جي حوالي ڪيائين. ان ڪانپوءِ هن جو لشڪر ۽ پوئلڳ ڀڄي ويا ۽ فتح شاهہ جلاوطني جي مصيبت ۾ پئجي ويو. هن جو ٻيو پٽ عبدالرحيم نالي مخدوم صاحب جي روضي تي گهڻو وقت پاڻي ڀريندو هو. هڪ ڏينهن حضرت ابومحمد حاضرين مجلس ڪان پڇيو تہ هي ماڻهو ڪير آهي جو گهڻي وقت ڪان پاڻيءَ جو دلو ڀري ڪلهي تي ڪٺي هن جاءِ تي اچي رکي ٿو. چيائون تہ ڪمال کهيريءَ جو پٽ آهي جنهن اسان جي ساٿين سان پنجاب ۾ لڙائي ڪئي هئي ۽ اها سزا پيو ڀوڳي. هن کي پنهنجي اڳيان سڏي هن جي مٿي تي دستار رکي دعا ڪندي فرمايائون تہ هاڻي پنهنجي وطن موٽي وڃ ۽ پنهنجي ڀيءُ جي مزار تي وڃي

رهه جو ٻنهي جهانن جي دولت اوهان ڏانهن موٽندي ۽ تنگي ۽ پريشاني اوهان ۽ اوهان جي اولاد کان ختم ٿيندي. اهڙي نوازش بعد پنهنجي وطن موٽيو ۽ ويل مرتبو ۽ مان وري حاصل ڪيائين.

نانکہ خاک را بنظر کیمیا کنند
آیا بود کہ گوشۂ چشمي بما
کنند

[اهي جيڪي هڪ نظر سان مٽيءَ کي ڪيميا ڪري ڇڏيندا آهن. ڪيڏو نه ڀلو ٿئي جو ٿورڙي نظر اسان تي به ڪن.] [108]

**نقل** ڪيو حضرت هاشم بن حماد ته هڪڙي درويش کان ڪا غلطي ٿي وئي جيڪا صوفين جي عادت جي خلاف هئي. حضرت مٿي ڪيس چيو ته اي درويش! تعزير ۽ سزا جو حقدار آهين پر اهي هٿ جيڪي مخدوم صاحب جي هٿن ۾ آيا آهن تن سان ظالمن ۽ جابرن وارو سلوڪ نه ڪندس.



**نقل** آهي ته ڪنهن درويش کان هڪ وڏي غلطي ٿي وئي ۽ زبان مان نازيبا ۽ نامناسب الفاظ ادا ڪيائين. حسين ٿهيم هن کي چيو اي نادان شخص! تون حقدار ته ان ڳالهه جو آهين جو توکي سزا ڏني وڃي ۽ بي عزتي ڪئي وڃي پر مون پنهنجي هنن هٿن سان نه ڪنهن کي ماريو آهي ۽ نه ڪنهن جي دل ڏکائي اٿم. مخدوم صاحب به ڪڏهن ڪنهن کي ظاهر ۾ ڪا شيءِ نه هنئي بلڪ جانورن جيئن گهوڙو ۽ گڏهه جنهن تي سوار ٿيندا هئا، انهن کي به ڪڏهن نه ماريائون ۽ ڪڏهن پاڻ سان تلوار نه ٻڌائون بلڪ تير ڪمان ۽ ترڪش به نه کنيائون. ايتري قدر جو لٺ به هٿ ۾ نه رکيائون البت پوڙهائپ جي حالت ۾ ٽيڪ خاطر لٺ هٿ ۾ کنيائون. پاڻ فرمائيندا هئا ته اعتماد صرف الله جي ڪرم تي آهي. مطلب ته جنهن شيءِ سان ڪنهن به جانور کي تڪليف ٿئي ان کي هٿ ۾ نه کڻندا هئا.

ڳالهه ٿا ڪن ته ڪامل محمد ننڍپڻ ۾ راند طور ڪمان هٿ ۾ کنئي ته سلطان ابراهيم هن کي چيو ته اي پٽڙا! هن ڪمان کي ڀيڄي پري اڇلائي ڇڏ ڇو ته خدا جا پڪي ڪمان کان

گهٽو ڏجندا آهن ۽ ڪمان واري ڪان پري پڄندا آهن. هجڻ ائين ڪپي ته ڪنهن به مخلوق کي ڪهڙي به طريقي سان تڪليف نه پهچي. بيان ڪن ٿا ته سلطان ابراهيم جي خدمت ۾ ڳالهه ڪيائون ته اوهان جي پٽ کي ڪنهن گاريون ڏنيون آهن ۽ گهٽ وڌ ڳالهايو آهي. سلطان ابراهيم پنهنجي پٽ کي گهرائي چيو ته ان وقت جڏهن ان ماڻهوءَ اوهان کي گهٽ وڌ چيو ۽ سختيءَ سان پيش آيو ته اوهان کي اتان هليو وڃڻ کپندو هو ۽ پني ڏيڻ لازم هو. روايت ڪن ٿا ته ڪامل محمد ڪڏهن به ڪاوڙ نه ڪئي. ڪنهن ماڻهو امتحان خاطر پنهنجا گهوڙا سندس پوک ۾ ڇڏي ڏنا جن پوک کي ڪاڻو ۽ باقي بچيل کي پيليائون تانجو صبح جو سوير پاڻ ان پوک ۾ وڃي آرام سان گهوڙن کي ٻاهر ڪڍيائون ۽ ڪا ڪاوڙ نه ڪيائون. سندن حياتي ۾ ائين محسوس ٿيندو هو جو چوندين ته جڻ مٿل آهي.

**نقل** آهي ته حضرت هاشم بن حماد ٻڌايو ته هڪ شخص بايزيد بسطاميؒ وٽ حاضر ٿيو ته جيئن ان جي مريدن جي حلقي ۾ شامل ٿئي. ان کي فرمايائون ته جيڪڏهن تون



چاهين ٿو ته توکي پنهنجي مريدي ۾ داخل ڪيان ته پوءِ وڃ فلاڻي رستي تي بيهه اتي هڪڙو پوڙهو ڪاٺين جي ڀري مٿي تي رکي تنهنجي اڳيان گذرندو ان کي تو ڪان جيترو ٿي سگهي مار ڪيجانءِ. ان اها ڳالهه قبول ڪئي. سلطان العارفين جي حڪم مطابق ان کي گهٽو ماريائين زمين تي ڪيرائي ڪيس چماٽون ۽ مڪون لتون هنيائين. جڏهن رات ٿي ته اهو پوڙهو سندس خدمت ۾ آيو ۽ ڪانئس معافي گهرڻ لڳو بلڪ هن جي هٿن ۽ پيرن کي مالش ڪري چوڻ لڳو ته توکي منهنجي مارڻ جي ڪري تڪليف پهتي هوندي. صبح سوير اهو ماڻهو سلطان العارفين جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. تڏهن ان شخص کي پاڻ چيائون ته جيڪڏهن منهنجي مريدي اختيار ڪرين ته پوءِ هن پوڙهي وانگر ٿي وڃ جو اهو به اسان جو مريد آهي.

**نقل** آهي شيخ محمود ابن صديق فخري کان جو هڪ ڏينهن قرآن مجيد پڙهائڻ واري پنهنجي استاد سان گڏجي زيارت لاءِ مخدوم ساند انڙ جي خدمت ۾ پهتو. مجلس ۾ ويهڻ سان ئي فقيرن جي طرف منهن ڪري با ادب نموني ۾ بيان

كيائين ته هڪڙي ڏينهن مخدوم صاحب چاشت نماز واسطي درياءَ جي ڪناري تي آيا ته اتي هڪڙو تمام سهڻي صورت ۽ سيرت وارو ماڻهو ظاهر ٿيو جيڪو چوڻ لڳو ته اي اسان جا سائين ۽ اسان جا مخدوم! مرزا پائينده سنڌ جو حڪمران مجذوب (چريو) ٿي ويو آهي. ان جي صحت واسطي ڪي ماڻهو توهان جي خدمت ۾ دعا گهرائڻ لاءِ ايندا ٻه ٽي ڀيرا عرض ڪندا پر توهان هرگز ان جي حق ۾ دعا نه ڪجو. فرمايائون ته اي مخدوم لعل شهباز ان جي لاءِ الله تعاليٰ کان شفا هرگز نه گهرندس. آخرڪار ان جي شفا طلبي جي واسطي ڪي ماڻهو مخدوم معظم وٽ حاضر ٿيا پر ڪو فائدو نه ٿيو (پاڻ انڪار ڪيائون)، تڏهن فقيرن ڪي پاڻ ٻڌايائين ته اسان به انڪار ڪيو ان ڪري ته جنهن ماڻهو لاءِ مخدوم صاحب جهڙي هستيءَ دعا نه گهري ته اسان ڪير ٿيندا آهيون جو ان جي حق ۾ دعا گهرون. چون ٿا ته ان مرزا لعل شهباز جي روضي جي اڳڻ ۾ هڪ عورت ۾ هٿ وڌا هئا تڏهن کان وٺي هو چريو ٿي ويو ۽ پنهنجو پائخانو ۽ پيشاب ڪائڻ پيئڻ شروع ڪيائين.



**نقل** آهي شيخ محمود ابن صديق فخري کان ته هڪڙو بزرگ پنهنجي پالڻهار جي مشاهدي سان ٽي ڀيرا ڏينهن ۽ ٽي ڀيرا رات جو مشرف ٿيندو هو. گهڻو ڪري ننڍڙن ٻارن سان گڏ ماني ڪائيندو هو. ان ڪي چيائون ته ٻارن جا هٿ ميرا ۽ مِٽي هاڻا هوندا آهن انهن سان گڏ نه کائڻ کپي. چيائين ته پر اهي گناهن جي ميراڻ ۽ گندگيءَ کان پاڪ صاف ۽ بخشيل هوندا آهن. فرمان آهي ته **"من أكل مع المغفورين فهو مغفورٌ"** يعني جنهن بخشيل ٻانهن سان گڏجي کاڌو ته اهو به بخشجي ويندو.

حضرت هاشم بن حماد کان نقل آهي ته هڪڙي ماڻهو الله جي طلب ۾ پنهنجو گهر ڇڏي ڏنو ۽ هر هنڌ ۽ هر وقت حيران پريشان ۽ سرگردان ڦرندو رهيو. هن جي نيت هئي ته جيڪو پاڻ اچي منهنجي دامن ڪي دولت سان ڀريندو ته ان ڪي پنهنجو مرشد تسليم ڪندس ۽ ان جي خدمت ڪي لازم ڪري وٺندس. هڪ ڏينهن الله تعاليٰ جي قدرت سان جيڪو پنهنجي طلب وارن ڪي وصال جو رستو ڏيکاريندو آهي، هڪ ويران واديءَ ۾ ڪندن واري وڻ سان ان شخص جو دامن چنبڙي پيو ۽ ان جو

هڪ مرشد جيترو حق سمجهي ان کان منهن نہ موڙيائين ۽ ڪيترو عرصو ان ويران واديءَ ۾ هٽ ٻڌي ان وڻ جي سامهون سردي توڙي گرميءَ ۾ بيٺو رهيو. آخر ان ڪري بشريت جي آثارن کان ٻاهر اچي ويو ۽ هدايت جي باغ ۾ تر وَتازه ٿي ويو. ائين وصال جي باغيچي جي گلن مان هو منزل تي پهچي ويو. مطلب تہ پنهنجي وقت ۽ زماني جو مقتدا ۽ رهبر بڻجي ويو ۽ جهان وارن جو قبلو ٿي ويو. هڪ ڏينهن هن کان سندس مريدن پنهنجي مرشد جي باري ۾ پڇيو. چيائين تہ سفر جي تياري ڪيو تہ اوهان کي پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ وٺي هلان. تڏهن سيني کي وٺي ان وڻ جي هيٺان آيو جتي هڪ اهڙي صورت ملاحظ ڪيائون جو خالي ڏسڻ سان سيئي پنهنجي اصل مقصد کي پهچي ويا ۽ بي اختياري جي عالم ۾ محبوب حقيقي سان واصل ٿيا. حالانڪ اها صورت فقط ان مرد ڪامل جي اخلاص ۽ اعتقاد سبب نظر آئي هئي. جنهن کي سيني پنهنجو مرشد سمجهيو. والله اعلم.



**نقل** آهي حضرت هاشم بن حماد کان تہ مون بهاؤالدين دلق پوش کان ٻڌو جو چيائين تہ جيڪي ڪجهہ کاوان ٿو يا پيئان ٿو يا عورتن سان صحبت ڪيان ٿو اهو سڀ ڪجهہ الله جل جلالہ جي لاءِ آهي. نفساني خواهشن ۽ انا پرستيءَ جي ڪري نہ آهي، بلڪ هيءَ گوشت جي ظاهري گل جيڪا عضون تي چڙهيل آهي سا بہ الله جي رضا جي واسطي آهي. وڌيڪ ٻڌايائون تہ هڪ هنڌ ٻہ درويش هئا جيڪي هڪ ٻئي سان خاص دوستي رکندا هئا. هڪڙو شهر ۾ پنهنجي خاندان سان ۽ ٻيو جهنگ ۾ زندگي گذاريندو هو. هڪڙي ڏينهن شهر واري درويش پنهنجي گهرواريءَ کي چيو تہ هي مٽي پاٽيءَ جو ٿانءُ کڻ ۽ ٻہ ٽي مانيون کڻي فلاڻي جڳهہ تي فلاڻو درويش ويٺو آهي ان کي ڏئي اچ. مائي چيس تہ درياءَ وچ ۾ آهي ڪيئن پار ڪنديس. چيائين تون درياءَ کي چئُ تہ فلاڻو درويش جيڪو سڄي زندگي عورتن ۾ مشغول نہ ٿيو آهي اگر پنهنجي قول ۾ سچو آهي تہ مون کي رستو ڏي. اهو ٻڌڻ سان ئي درياءَ ان عورت کي رستو ڏنو ۽ اهو پاٽي ۽ اها ماني ان درويش کي پهچايائين. جڏهن

درويش ماني کاڌي ۽ پاڻي پيئائين ته عورت کيس چيو ته مون کي واپس به وڃڻو آهي. درياءَ کي ڪهڙي طرح سان پار ڪيان. چيائينس پهريان ڪيئن آئي هئينءَ چيائين ته منهنجي مڙس مون کي چيو ته درياءَ کي نياپو ڏجانءِ ته جيڪڏهن اهو صحيح ۽ سچ آهي ته مون (مڙس) ڪڏهن به ڪنهن عورت سان صحبت نه ڪئي آهي ته مون کي رستو ڏي، بس! ان چوڻ سان مون کي رستو ڏنائين. تڏهن ان چيس ته هاڻي درياءَ کي منهنجا سلام ڏج ۽ چئج ته هن ڪري جو مون سڄي زندگي ڪا به شيءِ نه کاڌي ۽ نه پيتي آهي اگر سچ آهي ته مون کي رستو ڏي. ان عورت درياءَ کي اهو پيغام پڄايو ته انهيءَ وقت درياءَ کيس رستو ڏنو. موٽي گهر اچي پنهنجي مڙس کي چيائين اوهان ٻئي درويش صاحب ولايت ظاهر ۾ ته پنهنجي ڳالهه ۾ ڪوڙا آهيو، پر حقيقت ۾ سچ ان جو سبب ڪهڙو آهي. چيائين ته منهنجو ۽ ان درويش جو قول ۽ فعل خاص الله تعاليٰ جي رضامندي واسطي آهي.



ڳالهه ٿا ڪن ته جڏهن حضرت حماد حضرت هاشم جو والد پنهنجي گهران مخدوم معظم صاحب جي صحبت جي ارادي سان رواڻو ٿيندو هو ته روزي جي نيت ڪري نڪرندو هو ۽ هن کي ڪا به سُستي ۽ تڪليف ڪو نه ٿيندي هئي. چوندا آهن ته دنيا جا بادشاهه مٿي تي عظمت وارو جوهر رکندا آهن ان ڪري هر ڪو ماڻهو انهن جي آڏو جهڪندو آهي. ليڪن باطن جي جهان جا بادشاهه يعني اولياء **الله** حڪمت جو جوهر پيرن ۾ رکندا آهن. ان جي ڪري ماڻهو انهن جي پيرن تي جهڪندا آهن.

**نقل** آهي ته ابراهيم ڦل ذات جو ناهيو، جو **الله** جي واٽ وٺي هلندڙ سالڪن مان هو، سلوڪ جي رستي ۾ هڪ هنڌ ڦاسي پيو جنهن کي پار نه ٿي ڪري سگهيو. ڪيترائي مجاهدا ۽ رياضتون ڪيائين ۽ اهل دل ماڻهن وٽ ويو. ايتري تائين جو هڪ ڪامل بزرگ هن کي چيو ته تنهنجو هن هنڌ تان گذرڻ عالم ارواح وارن مان حضرت سهيل يمني، اويس قرني ۽ ظاهري دنيا جي هادين جهڙوڪ مخدوم معظم جن جي مدد ڪانسواءِ

ڪو نہ ٿيندو يا جيستائين اهي تنهنجو هٿ نہ پڪڙيندا. آخر ان ارادي سان پهريائين پلاري انسان حضرت شيخ اويس قرنيءَ جي مزار جي زيارت لاءِ عرفہ واري ڏينهن جڏهن اڪثر ماڻهو اوڏانهن ويندا آهن ويو. ان ڪانپوءِ عيدالاضحيٰ واري ڏينهن هالاڪندي آيو جتي پاڻيءَ سان تازو غسل ۽ وضوءَ ڪرڻ سبب دير ڪيائين. تڏهن مخدوم معظم فرمايو تہ اڄ عيد نماز ادا ڪرڻ واسطي ٿورو انتظار ڪيو جو هڪ اهل الله شخص پهچڻ وارو آهي. جڏهن اهو آيو تہ پاڻ چيائون تہ هو جماعت ۾ داخل ٿي ويو آهي. نماز ادا ڪرڻ بعد هو دست بوسيءَ جي سعادت سان مشرف ٿيو ۽ پنهنجو دلي مقصد ۽ مراد کي پهتو. ان ڪانپوءِ مخدوم صاحب خدمت ۾ حاضر ماڻهن کان پڇا ڪئي تہ جيڪي ماڻهو نماز لاءِ عيدگاهہ ۾ حاضر ٿيا هئا سي ڪاڏي ويا. چيائون تہ شهر وارا پنهنجي گهرن ڏانهن هليا ويا ۽ اهي جيڪي ٻاهران آيا هئا انهن کي محمد امين گهر وٺي ويو آهي ۽ دعوت ڪئي اٿس. پاڻ ٽي ڀيرا فرمايائون تہ الله تعاليٰ هن کي جهجهو ڏئي ۽ مٿس برڪتون نازل ڪري [110] تڏهن اتي



موجود ابراهيم جي دل ۾ خيال آيو تہ مخدوم صاحب جي توجهہ جي برڪت سان مون کي بہ جيڪر اهڙيون خصلتن وارو پُٽ نصيب ٿئي. مخدوم معظم اهو ٻڌي فرمايو اي ابراهيم! **الله** تعاليٰ توکي يارنهن پٽ ڏيندو هڪڙو انهن مان سخاوت ۾ پلاٽي جو صاحب ٿيندو ۽ اهو پٽ جلال نالي هوندو جيڪو سهڻن اخلاقن سان جڳ ۾ مشهور ٿيندو.

**نقل** ڪيو صالحن جي اڳواڻ جناب اسماعيل فخري درويش زڪريا سوڍه کان تہ حاجي ڪلهوڙو جيڪو مجذوبن ۽ ڪاملن جو سالار هو. ان کان جڏهن پهرئين ڀيري ذڪر ملڻ سان پنجاهہ ماڻهن کي تلقين حاصل ٿي تہ انهن حق جي طالبن جي دلين کي اها ترقي ملي جو سندن جسم جا عضوا هڪ ٻئي کان الڳ ٿي ويا ۽ پنهنجي جان الله تعاليٰ جي حوالي ڪري ڇڏيائون. جڏهن اها حالت ڏٺائين تہ پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ التجا ۽ مدد طلب ڪرڻ واسطي حاضر ٿيو تہ جيئن سندس تلقين الله تعاليٰ جي طلب وارن جي حق ۾ ڪارگر ٿئي ۽ هر ڪنهن جي حوصلي جي مطابق ۽ موافق اچي چو تہ اسان جي

مٿان حال غالب آهي. ان خيال سان هو مخدوم صاحب جي مزار جي زيارت لاءِ ڊوڙيو ۽ هڪڙي پوري رات روضي مبارڪ اندر ان مقصد لاءِ گذارئين. آخر سندس اها درخواست مقبوليت جي درجي سان قبول ٿي وئي. ان ڪانپوءِ هن جا ساٿي سندس تلقين سان ڪامل ۽ صحيح سالم رهندا هئا ۽ اهڙي طرح ڪيس حال جي تسخير هٿ اچي وئي. چوندا آهن ته هڪ دفعي درويش زڪريا سوره ڪنهن درويش جي خدمت ۾ پهتو ۽ آباديءَ ڪان منهن موڙي جهنگل ۾ زندگي گذارڻ شروع ڪيائين. جيتوڻيڪ وضوءَ غسل ۽ طهارت ۾ گهڻي ڪوشش ڪندو هو پر ظاهري نماز نه پڙهندو هو. ڪجهه ڏينهن هن جي خدمت ۾ رهڻ بعد وڏي مهرباني وچان چيائين ته اي درويش زڪريا! چا تون چاهين ٿو ته توکي زمين ۽ زمان جي ڪشف سان نوازيان. زڪريا جواب ڏنو ته ان معاملي ۾ منهنجو مرشد پير ڪافي آهي. وري هڪڙي ڏينهن پڇيائيس ته توکي ٻن مشاهدن سان نوازي ڇڏيان. چيائين ته ضرورت ناهي، سواءِ هن ڳالهه جي جو تون ظاهر ۾ اهل بدعت مان ٿو ڏيکارجين، جو نماز نه ٿو پڙهين. تڏهن



مخدوم معظم جي مزار ڏانهن منهن ڪيم ته اهي مراتب جيڪي درويش جي زبان تي آيا هئا، انهن مان ڏهه مرتبا هالاڪنديءَ پهچڻ ڪان اڳ ئي انهن سان مشرف ٿيس.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪڙو درويش هو جنهن جنگل ۾ هڪڙي چوڪري کي ڍڳيون چاريندي ڏٺو. چيائينس ته تون اسان جي مريدي قبول ڪندين ۽ اسان جي صحبتين مان ٿيندين؟ چيائين ته قبول آهي ۽ ان جو نالو ڏس پتو پڇيائين جڏهن اهو ٻارڙو جوان ٿيو ته مرشد جي زيارت جو ارادو ڪري نڪتو. رستي ۾ هڪڙي اهل الله سان ملاقات ٿي ويس. ان چيس ته اي نوجوان! جيڪڏهن اسان جي مريدي قبول ڪندين ته ٻنهي جهانن جا مطلب حاصل ٿي ويندئي پر ان نوجوان چوڪري قبول نه ڪيو. وري ٻئي درويش چيس ته اسان جي مريدن ۾ شامل ٿيندين ته توکي حضورﷺجن جي خدمت ۾ پڄائيندس بلڪ ان وقت حضور پاڪ جي ڪچهري ڏيکاري چيائين ته تنهنجو هٿ حضورﷺ جن جي هٿ ۾ ڏيندس. ان جوان چيس ته اي الله وارا جيڪو منهنجو نصيب هوندو اهو ان درويش ڪان ئي

حاصل ٿيندو جنهن جي مريدي مون نندپڻ کان قبول ڪئي آهي. مطلب تہ جڏهن پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ پهتو تہ انهيءَ وقت ڪيس هٿ مان وٺي حضورﷺ جن جي حوالي ڪيائين ۽ چيائينس تہ اي نوجوان ان وقت جيڪو درويش توکي مليو هو ۽ جيڪي ڪجهہ ان چيو تي سچ هو. مان حاضر هيس پر توکي ڪو بہ نفعو حاصل نہ ٿئي ها اهو توکي منهنجي هٿ کان ٿي حاصل ٿيڻو هو.

**نقل** آهي تہ درويش عثمان متقي جيڪو مخدوم معظم جي غلامي ۽ مريدي ۾ هو. شروع جوانيءَ ۾ هن جي دل جو پکي هڪ خوبصورت سهڻي عورت جي عشق جي ڄار ۾ ڦاسي شڪار ٿي ويو هو. هڪ صاحب دل جيڪو مخدوم صاحب جي سعادتمند مريدن مان هو ڊوڙي اچي انهيءَ راز جو پردو فاش ڪيائين. تاهم جيڪي ڪجهہ هٿ وس هوس ان الله واري جي قدمن ۾ اڇلايائين پر اها بي نياز سراپا ناز محبوبہ ڪنهن ٻي نوجوان جي نڪاح ۾ هلي وئي ۽ هو روئيندو پٽيندو ۽ زبان حال سان واويلا ڪندو رهجي ويو. آخر ان صاحبدل جي



خدمت ۾ اچي گدا نوازي جي لهجي ۾ چيائين تہ دل جهان جي سمورن سهڻن جي محبت کان تنهنجي طرف مائل آهي ۽ هي بازي تنهنجي حوالي ڪيان ٿو. الله تعاليٰ جي قدرت جو. ان کان پوءِ جنهن جاءِ تي ڪو خوبصورت ماڻهو يا ٻارن مان ڪو سهڻو ٻار ڏسندو هو تہ بي اختيار حيران ٿي ڊوڙي ويندو هو. حالانڪ اهو بي بدل صاحبِ دل پاڻ ڪي الله تعاليٰ جي عبادت ۾ مشغول رکندو هو ۽ ڪنهن جي طرف نظر نہ ڪندو هو ۽ گهڙي بہ آرام نہ ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن درويشن جي محفل ۾ ذڪر نڪتو تہ ٻين کي ڌارين عورتن جي ڏسڻ کان منع ٿو ڪري ۽ گهٽ وڌ ٿو چوي پر پاڻ ان کان نٽو مڙي. جيئن فرمان الاهي آهي:

**أَتَأْمُرُونَ النَّاسَ بِالْبِرِّ وَتَنْسَوْنَ أَنْفُسَكُمْ** (البقره: 44)

[ڇا ٻين ماڻهن کي نيڪيءَ جو حڪم ڪيو ٿا ۽ پاڻ کي وساريو ٿا.]

ان جي جواب ۾ فرمايائين هو ڪڏهن به هوس جي ويجهو نه ويو آهي ۽ اها دعوي نه ڪئي اٿس ڇو ته هي ڪم گهڻو مشڪل آهي ۽ نفس اماره سان بنا پير جي جنگ ڪرڻ ان جي ڪو ويجهو نٿو وڃي سگهي. ۽ ڪو به اهڙي امتحان ۽ آزمائش ۾ پاڻ کي نٿو آڻي سگهي ڇو جو: **”رجعنا من الجهاد الاصغر الیٰ الجهاد اڪبر“** يعني ننڍي جهاد کان وڏي جهاد ڏانهن موٽياسون [111] انهيءَ طرف اشارو آهي.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪڙي رات اِملي نالي هڪ نوجوان خوبصورت عورت ان صاحب حال جي مجلس ۾ آئي. گهڻي روڪ جي باوجود جڏهن هوءَ بلڪل بي صبر ٿي پئي ته پاڻ کي اگهاڙو ڪري شهوت وچان هن جي مٿان پاڻ کڻي اڇلايائين، تڏهن فقط ايترو چيائون ته ”هائو اي املي!“ خالي انهيءَ لفظن چوڻ سان ئي هن عورت منجهان انساني شهوت جو خاتمو ٿي ويو ۽ هوءَ مريم ثاني بڻجي وئي. ان ڪانپوءِ هوءَ سندس خدمت ۾ رات کي ڏينهن ڪندي هئي ۽ ڪڏهن خوابن جو لشڪر سندس دل ۽ اکين جي ملڪ تي ڌوڙڻ لڳندو هو. آخر ان ريت



هوءَ خدمت ڪندي هارائي وئي تڏهن درويش مذڪور چيو ته اڄ ڪانپوءِ هن کي ننڊ ڪونه ايندي.

چون ٿا ته ڇهن مهينن جي عرصي تائين هن جي اک جي هڪ پنبڻي ٻي پنبڻيءَ سان نه لڳي ۽ هڪ گهڙي به بستري تي آرام نه ڪيائين. اهڙيءَ طرح سندس جسم ۾ ڪڏهن ننڊ جو قرار نه آيو. اها حالت ڏسي ڪجهه نيڪ دل ماڻهو منٿ ميڙ ڪٺي درويش جي خدمت ۾ آيا ۽ حد کان وڌيڪ منٿون ڪيائون ۽ جنس ونقد نذراني ۾ ڏنائون. تڏهن ڪيميا واري نظر هن تي گهمايائين، تڏهن انهن مان هڪڙي توبهه ڪئي ته هميشه سڄي رات خدمت ۾ بيٺي گذاريندس. آخر هڪڙو پٿر ان جي حوالي ڪري اظهار ڪيائون ته اهو پٿر پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي قدم مبارڪ هيٺ آيل هو تنهن ڪري ان جي تمام گهڻي حفاظت ڪَن. جيئن ئي اهو پٿر اکين تي رکيائين ته انهيءَ وقت سندس اکين ۾ سڪون جي ننڊ اچي وئي. چون ٿا ته حلال ڪائڻ جي ڪري مينهن رکندا هئا ۽ گهڻي احتياط سان ان جو ڪير ڏوهندا هئا. ان ڪري ڏهڻ وارن

هٿن کي ست ڀيرا ڌوئيندا هئا. اهڙي طرح ٽانوَ ۾ مينهن جي ٽٽن ۾ ديڳڙي کي ٻه چڱيءَ طرح ڌوئي ڪم ۾ آڻيندا هئا. ڪجهه وقت ان کير کي گرم ڪندا هئا ۽ ان کي لاهي ٿڌو ڪندا هئا جو گرم سان تڪليف ٿيندي آهي. ان طريقي سان رات پوري ٿيندي هئي جڏهن ڏينهن ٿيندو هو ته دل کي چوندو هو ته هاڻ ڏينهن روزي سان گذارڻ کپي ۽ پنهنجي نفس کي افطار جو آسرو ڏيندو هو. جڏهن رات ٿيندي هئي ته وري ان واعدي سان گذاريندو هو. ان طرح پورو هفتو گذاري ڇڏيندو هو. جڏهن هڪ هفتي بعد ان ساڳئي کير کي ڪڍندو هو ته ان مان بدبوءِ ايندي هئس پوءِ نفس خَسِيس کي چوندو هو جيڪڏهن ان کي پيئندين ته اهڙي بدبوءِ تو مان ايندي. اهڙيءَ طرح پنهنجي زندگي گذاريندو هو ۽ پنهنجي نفس کي ائين باز رکندو آيو ۽ ان ۾ ڪڏهن سُستي يا غفلت ڪنهن به وجهه سان نٿي ڏيکاريائين.

**نقل** آهي ته هميشه روزي ۾ رهندڙ ۽ راتيون جاڳندڙ، يقين ۽ ڪشف جي صاحب درويش محمد امين رهندڙ ڳوٺ



ڪڪري ٻڌايو ته مخدوم معظم جي خدمت ۾ خضر عليه السّلام جي صحبت سان مشرف ٿيس. مون ڪيس چيو ته اوهان به هن ڀلاري جاءِ تي آيا يا ان ڪان به ڀلاري ٻي جڳهه آهي. وري مون ڪيس چيو اوهان ڪان ڀلارو ڪير آهي. جواب ۾ چيائين اهو نالي وارو پر اتي چوڻ لڳو ته گهڻن ماڻهن جي هڪ هنڌ ان وضو ڪرڻ جي سببان مون کي هن حوض مان وضو ڪرڻ مڪروهه ٿو لڳي. انهيءَ وقت مخدوم معظم ظاهر ٿي چوڻ لڳا ته هن حوض مان وضو ڪر جو شريعت ۾ هن حوض مان وضو ڪرڻ جائز آهي. وڌيڪ چيائون ته ڪنهن سان به دشمني رکڻ نه کپي. درويش ماڻڪ سڌو سنئون چيو ته فقيرن کي کپي ته اميد ۽ مراد ڪان پاڻ کي خالي رکي.

چون ٿا ته سلطان ابراهيم مخدوم صاحب جي صاحبزادي هڪڙي خادم کي چيو ته جيڪو به دنيوي يا ديني مطلب هجئي چئُ چو ته هن وقت تنهنجو سوال **الله** تعاليٰ وٽ قبول پوندو. چيائين ته اي مدد ڪندڙ پير منهنجي مراد ۽ مطلب صرف ايترو آهي ته هر وقت خدمت ۾ چُست هجان ۽ ڪڏهن به

سُستيءَ غفلت مون ڪان ظاهر نہ ٿئي. مريد ڪي ڪپي تہ هو مُرادن ۽ تمنائن ڪان هر حال ۾ فارغ ۽ آزاد هجي بلڪ پنهنجي پير جي هٿن ۾ مُئلن جيان سمهجي جيئن اهو غسل ڏيارينڌڙ جي هٿن ۾ هوندو آهي.

**نقل** ڪيو زبدة واصلين رب ڏنو ابن عارف رباني ابوبڪر عباسي ڪرامتن جي روشن برج حضرت مٿي جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ ڏنو ويو آهي تہ سهڻي صورت وارا مرد توڙي عورتون هوش حواس کسي وٺندا آهن. حالانڪ ڪائنات جي هر شيءِ يا هر ذرو ڪيتري بہ نندي ڇو نہ هجي اوصافِ الاهي جو مظهر آهن. ان جو مثال هڪ بادشاهہ جو محل آهي جنهن ڪي ڪِڙڪيون ۽ جارا آهن ۽ هر ڪڙڪي يا دري ان جي جلوي جي جاءِ آهي. هي ظاهري معشوق عاشقن ۽ حيران ٿيندڙن جي دلين ڪي حيرت جي قيد ۾ قابو ٿا ڪن ۽ پنهنجي طرف مائل ٿا ڪن. ان جو سبب اهو آهي تہ سيئي ان خوبصورت بادشاهہ جي چهري جا مظهر آهن جو:

**صِبْغَةَ اللّٰهِ وَمَنْ أَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ صِبْغَةً** (البقره: 138)



[اهو **الله** تعاليٰ جو رنگ آهي ۽ **الله** تعاليٰ ڪان وڌيڪ سهڻو رنگ ڪرڻ ۾ ڪير آهي.]

ڇيائون تہ "صبغة **الله**" ولايت جو رتبو آهي ۽ محبت جو درجو آهي ۽ جنهن ماڻهوءَ ڪي دوستي جي رنگ لڳي ٿو تہ اهو سڀ جهان ڪان مٿي ٿي وڃي ٿو ۽ محققن وٽ صبغة **الله** جو رنگ بي رنگ آهي. ايتري تائين جو جيستائين ڪو شخص ٻين رنگن ڪان پاڪ نہ ٿو ٿئي تيستائين هن تي صبغة **الله** جو رنگ نٿو چڙهي ۽ اها حقيقت 'صاحبِ لوايح' (خدا هن جي حلال جي حقائق ڪي قائم رکي) جي هن رباعي مان معلوم ٿئي ٿي.

رباعي

بس ڪہ بي رنگ است يار دلخواه
اي دل قانع نشوي برنگ ناگاه
اصل همہ رنگهاي ازان بي رنگي است
من احسن من **الله** صبغة اي دل [112]

[هو دل گهريو يار بي رنگ ٿي آهي، اي دل! تون ڪڏهن به هن جي اوچتي رنگ تي مطمئن نٿي سگهندين. اصل ۾ سڀ رنگ ان بي رنگي مان آهن. اي دل! **الله** تعاليٰ کان رنگ ڪرڻ ۾ وڌيڪ سهڻو ڪير آهي؟]

وري حضرت مٺي جي خدمت ۾ اچي عرض ڪرڻ لڳا ته نوخيزن ڏانهن نظر ڪرڻ ۽ عورتن کي ڏسڻ زنا کان به زياده سخت آهي، باوجود ان جي جو ڪي چون ٿا ته اها حقيقت جي پُل آهي. فرمايائون جيئن ناپاڪ پاڻيءَ سان پچي تيار ٿيل ميوو به پاڪ آهي انهيءَ ڪري جو ان ناپاڪ پاڻيءَ جي خاصيت ۽ اثر ان جي ظاهر ۽ اندر ۾ نه آهي. اهڙيءَ طرح اها ٻڪري جيڪا ڪُتيءَ جي کير تي پرورش حاصل ڪري ته ان جو کير ۽ گوشت به جائز آهي پر ان جو لڪائڻ جيترو ٿي سگهي ضروري آهي. جيئن حضور ﷺ فرمايو آهي:

**"من عشق وكتم وعف ومات مات شهيدا"**



يعني جنهن عشق ڪيو ۽ لڪايائين ۽ پاڪ رهي مري ويو ته اهو شهيد ٿي مري ويو.

**نقل** آهي حضرت هاشم بن حماد کان ته آسماني هدايت جو ستارو احمد واصل واحد الاحد غوث الصمد جو فرزند اوائل عمر ۾ گهٽ آزاريندڙ هو. ان کان پوءِ جڏهن مٿس جذب جي حالت طاري ٿي وئي تڏهن ان کي چيائون ته عجب آهي جو اوهان جي دل تي غمن جو غبار ظاهر ۽ وارد ٿئي ٿو پر اوهان جي عادت جي خلاف هٿن ۾ لٺ رکڻ ۽ ان سان مارڻ ڪهڙي سببان اچي ويو آهي. ٻڌايائين ته سهڻي صورت ڏٺم ۽ اها رب العالمين جي هئي. تڏهن هيءَ حديث مبارڪ پنهنجي زبان سان پڙهڻ لڳا: **"رأيت ربي في احسن صورة"** يعني مون پنهنجي رب کي سهڻي صورت ۾ ڏٺو. ان ڏينهن کان پوءِ منهنجي دل هٿن مان کسجي وئي آهي ۽ منهنجي قابو ۾ نٿي رهي. انهيءَ ڪري ڪجهه ڳالهيون سالم طبيعت جي مخالف انجام ڏئي ٿي.

نقل آهي حسين تهيم کان ته قدوة الواصلين حضرت مٺي فرمايو ته ظاهري طور هن آيت سڳوري:

﴿إِنَّ اللَّهَ يَأْمُرُكُمْ أَنْ تُؤَدُّوا الْأَمَانَاتِ إِلَىٰ أَهْلِهَا﴾ (النساء: 58)

[بيشڪ الله تعاليٰ اوهان کي حڪم ٿو ڪري ته امانتة ان جي اهل کي ڏيو.]

جو شان نزول هي آهي جو پاڻ ڪريمن ﷺ فتح مڪہ واري ڏينهن خانہ ڪعبہ جي چاٻي عثمان بن طلحه کان ورتي اها چاٻي عثمان جي ماءُ سلافه جي حوالي ڪئي. عثمان ماءُ وٽ ويو ته ماڻس چاٻي نه ٿي ڏني ۽ چيائينس ته جيڪڏهن اوهان کان چاٻي ورتائون ته توهان کي واپس ڪو نه ملندي ڇو ته خانہ ڪعبہ جي چاٻي خانداني وراثت طور عبدالدار جي زماني کان اسان کي مليل آهي. عثمان چاٻي وٺڻ ۾ رد ڪد ٿي ڪيو ۽ سندس ماءُ نه ڏيڻ تي بضد هئي. پاڻ سڳورا مسجدالحرام ۾ انتظار ڪري رهيا هئا آخرڪار حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنهما سلافه جي دروازي تي آيا ۽ حضرت عمر رضؓ



ڪري چيو، اي عثمان! ٻاهر اچ ڇو ته انتظار گهڻو ڊگهو ٿي ويو آهي. سلافه چاٻي عثمان کي ڏني ۽ چيائين ته تون وٽ ان کان بهتر آهي جو تميم ۽ عدي قبيلي وارا ڪسي وڃن. پوءِ عثمان چاٻي کڻي پاڻ سڳورن وٽ آيو. اچا نبي ڪريم ﷺ پنهنجو هٿ مبارڪ اڳتي وڌايو ته هن کان چاٻي وٺن ته حضرت عباسؓ اُٿيو ۽ عرض ڪرڻ لڳو ته يا رسول الله! تميم صديق جو قبيلو آهي ۽ عدي قبيلو فاروق جو آهي ۽ زمزم جي کوهہ جو پاڻي مون کي حوالي ڪيو اٿئو ته چوڪيداري خانه ڪعبہ جي به مون کي ڏيو. عثمان انهيءَ ڳالهہ ٻڌڻ سان هٿ پوئتي ڪيو. تڏهن پاڻ سڳورن فرمايو ته عثمان چاٻي مون کي ڏي. عثمان هٿ اڳتي وڌايو ته حضرت عباس وري ساڳي ڳالهہ چئي. عثمان چاهيو ته هٿ وري پوئتي ڪري. پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن الله ۽ ان جي رسول تي ايمان رکين ٿو ته چاٻي منهنجي حوالي ڪر. عثمان عرض ڪيو ته هي وٺو الله جي امانت. مطلب ته ان کان پوءِ جڏهن ٻاهر آيا ته چاٻي نبي ڪريم ﷺ جي هٿ ۾ هئي.

ان وقت حضرت عليؓ اڳيان آيو ۽ چيائين ته خانه ڪعبي جي چوڪيداري اهل بيت جي حوالي ڪيو چو ته زمزم جو کوهه به انهن جي حوالي ڪيو اٿؤ. ان وقت جبرائيل عليه السّلام اها آيت سڳوري کڻي نازل ٿيو. پاڻ حضرت عليؓ کي فرمايائون ته، اي علي! مان توهان کي اهو ڪم چوان ٿو جنهن سان اوهان مان ماڻهن کي نفعو حاصل ٿئي ۽ نه الٽو ماڻهن کان اوهان کي نفعو پهچي. پوءِ پاڻ عثمان کي طلب ڪيائون ته، **"خذوها يا بني طلعته خالدة تالده لاينزعها منكم الا ظالم"** يعني اي بنو طلحه! وٺو هن کي هميشه لاءِ اوهان کان ڪو به نه ڪسيندو مگر ڪو ظالم جابر ماڻهو. تڏهن عثمان پاڻ سڳورن جي صحبت اختيار ڪئي ۽ چابي پنهنجي ننڍي ڀاءُ شيبه جي حوالي ڪئي ۽ اج تائين ڪعبي جي چابي ان قبيلي وارن وٽ آهي. اگرچه امانت جي ادا ڪرڻ جو حڪم هن آيت ۾ خاص نازل ٿيو آهي پر تمام امانتون هن حڪم ۾ داخل آهن ۽ باطن جي اعتبار سان ان جو تفسير هن طرح آهي ته سيئي شيون يا مصنوعات اسماء حسنيٰ جو مظهر آهن ۽ انسان ستن اسمن جو



مظهر آهي يعني عليم، سميع، بصير، متڪلم (ڪلام ڪندڙ)، قدير، مريد ۽ حيٌّ. جڏهن انسان انهن اسمن جو امانتدار آهي ته ان کي کپي ته اهل کي حوالي ڪري ته جيئن خيانت کان ڇٽي پوي. ۽ وصفون ٻيون به چيون اٿن: **"ڪينو نيت و مالڪيت"** چو جو انسان هجڻ جي ناتي هو ڪنهن شيءِ جو مالڪ آهي ۽ هستي يا وجود به رکي ٿو اگرچه ممڪن الوجود آهي. ان ڪري هن کي کپي ته خداوندي امانتون يعني ان جي اسما جو مظهر بڻجي، اهي وري واپس حوالي ڪري ۽ غير سان مشغول نه ٿئي چو جو:

**وَلَهُ الْحُكْمُ وَإِلَيْهِ تُرْجَعُونَ** (القصص: 70)

[(خبردار!) ان جو ئي حڪم آهي ۽ انهيءَ جي طرف اوهان موٽايا ويندا.]

**نقل** آهي ته اهل دل يعني سالڪن هن آيت سڳوري:

**وَإِذَا الْمَوْءُودَةُ سُئِلَتْ بِأَيِّ ذَنْبٍ قُتِلَتْ** (التڪوير:9 - 8)

[۽ جڏهن جيئري پوريل ڌيءَ کان پڇيو ويندو ته ڪهڙي ڏوهه ۾ قتل ڪئي وئينءَ]

جي تفسير ۾ هن ريت بيان ڪيو آهي ته قيامت جي ڏينهن زنده نفسن کان پڇا جو مطلب آهي ته قبرن ۾ وڃڻ کان غير سان ڇو مشغول رهيا. اهڙيءَ طرح عابدن کان مطلبي عبادت جي، عارف جي نفس کان معرفت جي ۽ ان حڪمت بابت جيڪا **الله** تعاليٰ جي حقيقت جو انسان جي وجود ۾ مظهر آهي پڇا ڪئي ويندي. اک کان جيڪا بصيرت جو مظهر آهي ۽ ان بصيرت بابت جيڪا انسان جي دل ۾ سمايل آهي [113] ۽ دل جيڪا **الله** تعاليٰ جي نظر جي جاءِ آهي ۽ ان سرّ يا راز بابت جيڪو انوار الاهي جي لهڻ جي جاءِ آهي ته انهن جي قتلام جو ڪارڻ ڇا آهي.

حافظ يوسف حضرت هاشم بن حماد جي خدمت ۾ سوال ڪيو ته ڪجهه ماڻهو حق سبحانه جي معرفت ڪي عقلي ۽ نقلي دليلن سان حاصل ڪن ٿا. جيئن اهل ڪلام ۽ ڪي مشاهدي ۽ اکين سان ڏسڻ جي دعويٰ ڪن ٿا. ظاهري حقيقت



ڇا آهي؟ فرمايائون ته هڪ حديث شريف ۾ آهي ته. **"ان الله خلق آدم عليٰ صورته"** يعني بيشڪ **الله** تعاليٰ آدم کي پنهنجيءَ صورت تي خلقيو. ۽ ٻي حديث آهي: **"رأيت ربي في احسن صورة"** يعني مون پنهنجي رب کي سهڻيءَ صورت ۾ ڏٺو.

آدمي چيست برزخ جامع
صورتِ خلق وحق درو واقع

[انسان ڇا آهي برزخ جو جامع آهي، مخلوق ۽ حق جي صورت ان ۾ واقع آهي.]

در بشر رو پوش کرده آفتاب
فهم کن والله اعلم بالصواب

[انسان ۾ سچ کي لڪايو ويو آهي، سمجهه ڪر! وڌيڪ **الله** ئي ڄاڻي ٿو.]

خاک شو خاک تا بروید گل
کہ جُز از خاک نیست مظهر گل

[مٽي ٿي وڃ جو مٽيءَ ۾ ئي گل ڦٽي ٿو، ڇو جو مٽيءَ کان سواءِ گل جي ظاهر ٿيڻ جي جاءِ ڪانهي.]

عاشقن جي سرواڻ حضرت هاشم بن حضرت حماد فرمايو اهل دل يا الله وارن جي صحبت طالبن ۽ سالڪن تي اهڙي طرح اثر ڪندي آهي جيئن ڪپڙن جي جوڻ (جيت) جيڪا سفيد آهي مٽي جي رنگ وارن جي صحبت ڪري ڪاري ٿي وڃي ٿي. **"والارض من كأس الكرام نصيب"** يعني زمين جي لاءِ سخين جي جام مان حصو آهي. ۽ **"الاناء يتشرح بما فيه"** يعني ٿانوَن مان اهو ئي نڪرندو آهي جيڪو انهن ۾ هوندو آهي.

'نفحات' ۾ آهي ته مريدن جي لاءِ فائده مند شيءِ صالحن جي صحبت آهي. ان کان سواءِ افعال ۽ اخلاق ۾ انهيءَ



جي پوئلڳي ۽ الله تعاليٰ جي دوستن جي مزارات جي زيارت، فقيرن ۽ ساٿين جي خدمت ۾ قيام ڪرڻ آهي.

**نقل** ڪيو مرتضوي گلشن جي گل سيد ساجن متعلوي ته مخدوم صاحب وڏا فرمائيندا هئا ته هڪ ٻئي سان خاص طور پاڙي جي سيني گهرن ۽ ڳوٺن ۾ قرابت هجڻ ڪپي. حاضرين مجلس دل ۾ خيال ڪيو ته اها قرابت ڪهڙي نموني يا صورت واري ٿي سگهي ٿي. فرمايائون ته هر شخص سان جهڙي طرح جي واقفيت آهي ته ڏک توڙي سُک ۾ رفاقت رکڻ ڪپي باقي ان جي اچڻ جي مهماني رشتي دارن تي آهي ۽ جيڪو سلام ۾ اڳرائي ڪندو اهو دوستن مان آهي. حديث ۾ آهي ته **"اكثروا من الاخوان فان ربكم حيّ كريم يستحِي ان يُعذب من بين اخواتهٖ"** يعني ڀائر زيادهہ بڻايو بيشڪ اوهان جو رب حيّ ۽ ڪريم آهي اهو ڀائرن ۽ دوستن جي درميان ٻانهي کي عذاب ڏيڻ ۾ حياءُ فرمائيندو.

ٻي روايت حق ڳوليندڙ طالبن جي گروهہ جي فرد، رياضتن ۽ مجاهدن جي قاصد، عشقِ سبحاني جي شهباز

جمعي جاڙيجي کان ٻڌائون ته جيڪو انسان ڏهه ڏينهن ۽ راتيون جاڳندو ۽ اکيون نه ٻوٽيندو ته غفلت جي ننڊ هن کان مڪمل ختم ٿي ويندي. سيني جي دل ۾ آيو ته عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. درويش ابراهيم پٽ ڪامل اوصاف جلال ناهيو انهيءَ وقت ان جماعت ۾ اچي پهتو ۽ وڏي خيال سان انهيءَ ڳالهه کان واقف ٿيو. چوڻ لڳو ته جوانيءَ ۾ پاڻي سان ڀريل لوٽي جي ٻنهي سوراخن کي گاهه سان بند ڪري ڪلهي تي رکي رشد وارشاد جي سج جي روشني واري ڳوٺ هالاڪنديءَ جو رستو ورتم ۽ مخدوم معظم جي صحبت کان مشرف ٿيس. جيتوڻيڪ ارڙهن ڏينهن ۽ راتين بعد پنهنجي ڳوٺ موٽيس پر هن پوري مدت ۾ وضو جو ڪو به مفسد يعني ڀڃندڙ ظاهر نه ٿيو. اهڙيءَ طرح ننڊ وغيره جي سبب پڻ تجديد وضو جي ضرورت نه ٿي جو منهنجي جسم مان اهڙي ڪا ڳالهه ظاهر نه ٿي. سعادتمندن جي اڳواڻ هاشم بن حماد چيو ته خلق کي مڇيءَ جي خريد وفروخت ڪير کان وڌيڪ سولي لڳندي آهي شايد ان ڪري جو جانورن جو ميلاپ خواري ۽ نا پرهيزگاري جي



نموني وارو آهي بخلاف مڇيءَ جي ڇو جو اها پاڻي ۾ لڪل رهي ٿي. هوڏانهن هر ساهواري شيءِ کي ڪُهڻ ۽ ايذائڻ ۾ رقت قلب ٿيندي آهي پر مڇيءَ ۾ نه ان ڪري جو ڪيس محبت نه هوندي آهي.

**نقل** آهي ته شيخ محمود ابن صديق فخري پنهنجي مقصد جي پوري ٿيڻ خاطر محمود بوبڪائي جي خدمت ۾ منت باسي هئي جنهن ۾ گهٽي سُستي ڪيائين. آخر عبادت ۽ اطاعت جي توفيق به ڪانئس گهٽجي وئي ايتري قدر جو فرض نمازون به هن کان قضا ٿيڻ لڳيون. جڏهن هوش آيس ته شرمندو ٿيو ۽ صلح صفائي خاطر نوح ڪاريي کي منت ميڙ ڪري وٺي ويو ۽ نذراني کي ٻيڻو ڪري پيش ڪيائين ۽ حد کان وڌيڪ معذرت ڪيائين. تڏهن ظاهر ڪيائين ته جيڪڏهن اهڙي منت واري طريقي سان اوهان سان گڏ نه اچي ها ته هن سست جاهل لاءِ هڪ جٽيو تيار ٿي چڪو هو جيڪو هوا ۾ لٽڪيل ڏٺائون.

**نقل** آهي ته هن سلسلي سان وابسته هڪڙو شخص قبرستان ۾ ويو جتي سُڪل ڪاٺيءَ تي جڏهن پنهنجو ڪهاڙو

هنيائين تڏهن هڪ بزرگ قبر ڪان منهن ٻاهر ڪڍي هن کي زخمي ڪيو. اتان سڌو شيخ محمود ابن صديق فخري جي بابرڪت خدمت ۾ آيو ۽ پوري ماجرا جيڪا ٻنهي جي درميان پيش آئي هئي بيان ڪري ٻڌايائين. هن کي چيائين ته رات جي پيٺ ۾ الائجي ڇا ٿي وڃي تنهن ڪري صبح سوير ٿيڻ ڪان اڳ جيڪي ڪجهه وٽس هو آڻي مرشد جي خدمت ۾ پيش ٿيو. صبح جو پاڻ ٻڌايائين ته مان خواب ۾ نبي ڪريمﷺ ۽ اصحاب سڳورن جي زيارت ڪان مشرف ٿيس تنهن ڪري منهنجي زندگي بچي وئي ۽ اهو قبر وارو ٻيا سيئي مٿل توبه تائب ٿيا ته اڄ کان پوءِ مخدوم معظم جي مريدن سان ڪائين جي باري ۾ جهڳڙو نه ڪنداسين. [114]

شيخ محمود ابن صديق فخري ڪان نقل آهي ته جواني ۾ صالحن جي اڳواڻ ملا ساند جي زيارت لاءِ ويس جيڪو ڪرامتن ۾ تمام گهڻو مشهور هو. اسان جيئن محفل ۾ پهتاسون ته پوريءَ ريت اسان ڏي مُنهن ڪيائين. دل ۾ خيال آيم ته ڪهڙي ڳالهه جي ڪري حاضرين مجلس ڪان اسان کي



وڏيڪ عزيز رکن ٿا جڏهن ته اُلفت به اسان جي وچ ۾ نه آهي. بلڪ ان وقت جيڪي ڪجهه منهنجي دل ۾ آيو ڪين معلوم ٿي ويو ۽ مخدوم صاحب جا مناقب بيان ڪرڻ ۾ شروع ٿي ويو. چوڻ لڳو ته توهان جي تعظيم اسان جي لاءِ لازم آهي ڇو جو اوهان فخري جي اولاد مان آهيو. اهو به ظاهر ڪيائين ته هڪ ڏينهن مخدوم صاحب جي پويان دريا جي ڪناري تي ويٺو هئس ۽ سندن نگاهه برگزيده مان مراتب جي زيادتي مان فيض ياب پئي ٿيس. اچانڪ هڪڙو ماڻهو غيب ڪان ظاهر ٿيو، جو روشن سج ڪان به وڌيڪ روشنيءَ وارو هو. هو چوڻ لڳو ته اسان جا مخدوم، مرزا پائنده والد مرزا جاني جيڪو سنڌ ملڪ جو حڪمران آهي. ان اسان جي روضي تي آيل هڪ عورت سان بي ادبي جي طريقي سان دست درازي ڪئي آهي ان جي ڪري ڇريو ٿي ويو آهي. اوهان جي خدمت ۾ ان جي شفا لاءِ ڪي ماڻهو ايندا توهان ان کي رد ڪندا ۽ اها ڳالهه ٻه ٽي ڀيرا ورجايائين. تڏهن منهنجي دل جي تسلي خاطر هن کي فرمايائون ته اي مخدوم لعل شاهباز بلند پرواز وحدت جي آشياني جا

ساکن ان کي هرگز دعا نہ کندس، چون ٿا بعد ۾ ان چرئي مرزا
کي مخدوم صاحب جي خدمت ۾ آندائون پر کيس هرگز شفا
حاصل نہ ٿي، آخر ديوانگي جي حالت ۾ آخرت واري ملڪ ڏي
راهي ٿيو.

**نقل** آهي **اللّٰہ** تعاليٰ جي حدن جي حفاظت ڪرڻ واري
ميان حافظ ولد هاشم کان جيڪو رياضت ۾ وڏي مقام جو
صاحب هو، چون ٿا سڄي ڄمار هن کي ڪنهن ڳچيءَ کان وٺي
گوڏن تائين اگهاڙو ڪو نہ ڏٺو نہ ڪنهن محرم ۽ نہ ڪنهن غير
محرم. هن ڪڏهن بہ ڪائڻ پيئڻ وارين شين مان پيٽ ڀري نہ
کاڌو. هميشہ فقط ڪجهہ ان جي داڻن ۽ پاڻيءَ جي ڪجهہ قطرن
کان وڌيڪ وات ۾ نہ وڌائين ۽ نہ وري ڪڏهن آرام واري بستري
تي آرام ڪيائين، هو پنهنجي حال لڪائڻ ۾ مبالغو ڪندو هو.
هڪ دفعي چيائين تہ پروردگار کي ڏٺم ليڪن ان کان پوءِ جلدي
پنهنجي زندگي جو سامان هن فاني دنيا مان ڪنيائين.

**نقل** آهي تہ قدوة الواصلين حضرت مني ربڏني ابن
ابوبڪر عباسيءَ کان پڇيو تہ هي طعام فقيرن جي دعوت ۾



کهڙي سبب کان آندو اٿو، چيائين تہ پهريائين ماڻهن کان
گهريم پر هنن چيو تہ سوال ڪرڻ طالبن کي نہ جڳائي ليڪن
ضرورت وقت قرض وٺڻ جائز آهي. حضرت شيخ محمود بن
صديق فخري چيو تہ تپ جي ڪري سومهڻيءَ جي نماز مڪروهہ
وقت ۾ ادا ڪيم يعني رات جي پوئين اڌ ۽ ان ڪري ڪيتري
عرصي کان غمگين ۽ ڏکايل آهيان تہ جيڪو مسنون وقت رات
جو ٽيون حصو آهي فوت ٿي ويو.

**نقل** آهي تہ نيڪن جي اڳواڻ حضرت سيد اسماعيل
بخاري کي مخدوم صاحب جي خدمت فيض بخش مان ٿي پيرا
حڪم ٿيو تہ سعادت جي صاحب، واصل حق مجذوب مطلق
براتي نالي ٺٽي ۾ رهندڙ آهي، جيڪو پنهنجي ڪرامتن ۽ ٻين
عجيب ڳالهين ۾ مشهور آهي، ان وٽ وڃو. هو طالبن جي دل
جا مقصد ۽ مطلب پنهنجي زبان سان اهڙيءَ طرح ادا ٿو ڪري
جو انهن ۾ ڪو شڪ شبهو باقي نٿو رهي، ۽ جيڪو وارد ٿئي
ٿو ان کي يقين جي صيقل سان صاف ڪري ٿو ڇڏي. حڪم
جي پوئواري ڪندي هو پنهنجي گهران ٻيڙِي ۾ سوار ٿي روانو

ٿيو. واٽ تي خادم کي هڪڙي ڳوٺ ۾ جيڪو درياءَ جي ڪناري جي قريب هو ڪنهن ڪم سان موڪليائين. ان ڳوٺ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ کي جن وٺي ويو هو. جنهن خادم کي هيءَ ڳالهه ٻڌائي ته حضرت سيد صاحب کي سلامن کان پوءِ عرض ڪج ته براتي وٽ نه وڃي ۽ پاڻ کي اجائي تڪليف نه ڏئي ڇو ته هن کان ولايت واري عنايت ڪسجي وئي آهي. جيڪڏهن سيد صاحب يقين نه ٿو ڪري ته پوءِ نشاني ٻڌايان ٿو جيڪا ان جي خدمت ۾ وڃي ٻڌاءِ ته ڳوٺ موٽي وڃي.

هڪ ڏينهن صاحب رياضت ۽ ڪامل ولي سيد علي نئين عمدي لباس ۾ ملبوس هو جنهن تي سيد طيب جيڪو واصلين ۽ ڪاملين مان هو اعتراض ڪيو ۽ نصيحت جي زبان کوليندي چيائين ته اسان جيڪي مخدوم صاحب جي ارادت رکون ٿا، انهن کي غير شرعي لباس نه پائڻ کپي. ان تي پاڻ ۾ وڏو بحث مباحثو ڪندي ۽ باطني جهڳڙي ۾ پئجي ويا. جنهن ڪري سيد طيب اسهالن جي مرض ۾ مبتلا ٿيو. آخر شفا جي درخواست سيد علي جي وسيلي مخدوم صاحب کي عرض



رکيائون. پاڻ فرمايائون ته فقير جي دوستن کي کپي ته پاڻ ۾ جهڳڙو نه ڪن نه ڪي ظاهر طور تي نه ڪي باطني طور تي ۽ هيءَ زيادتي اوهان جي شفاعت جي ڪري شفا ۾ تبديل ٿي ويندي. خادم جيڪو به هُن جنّ کان ٻڌو اهو سيد جي خدمت ۾ وڃي ٻڌايائين. چيائين ته جنّ جو قول جهڳڙي ۽ شفا طلبي لاءِ واقعي سچ آهي. مخدوم صاحب جي قول کي معتبر ۽ عزت وارو سمجهي براتي ديواني جي خدمت ۾ وڃي پهتو جتي مجذوب پنهنجي زبان مان ظاهر ڪيو ته اي سيد! اي سيد! اي مڪرم! انهيءَ جنّ کي جنون هيو ان جي قول جو ڪو به اعتبار ناهي. [115] اوهان کي وقت جي سلطان موڪليو آهي جو اسان ۽ اوهان ان جي ارادتمندن مان آهيون. انهيءَ مهل درويش براتي سيد صاحب جي گوڏن تي مٿو رکي ۽ دم ڏٽيءَ حوالي ڪيائين ۽ جيڪا ولايت واري امانت هيس اها سيد صاحب جي حوالي ڪيائين. هن جي تجهيز ۽ تدفين کانپوءِ سيد سڳوري چيو ته هن مجذوب جي وفات تي آسمان ۽ زمين به روئن ٿا جيڪي بدبخت ماڻهو جي مرڻ تي نه روئندا آهن. جيئن الله تعاليٰ جو

فرمان آهي: **فَمَا بَكَتْ عليهمُ السَّمَاءُ وَالْأَرْضُ** (الدخان: 29) [انهن تي زمين ۽ آسمان نہ رُنو.] ۽ رسول ڪريم ﷺ جن فرمايو: "**اهتزَّ عرش الرحمٰن بموت سعد**" يعني سعد بن ابي وقاص جي موت تي **الله** تعاليٰ جو عرش بہ ڏڪي ويو هو.

**نقل** آهي تہ مخدوم صاحب جي خدمت ۾ عرض ڪيائون تہ هڪ ٻار آهي جو ان جا ٻئي رستا ڪڏهن بہ بند نٿا ٿين. پاڻ فرمايائون تہ قادر ڪريم جي ڪرم سان بيهجي ويندا. هن ڪلام سعادتِ انجام جي برڪت ڪان پوءِ هن جي ٻنهي رستن مان سڀي ڇمار تمام ٿورو ٻاهر آيو ورنہ ڪجهہ ڪائڻ ۽ پيئڻ ڪان بعد هن جي جسم مان فقط چند قطرا پگهر جا نڪرندا هئا.

چيائون تہ اڪيلائپ ڪي تعلقات تي ترجيح حاصل آهي ان دعويٰ جو دليل هي آهي تہ حضرت بيبي مريم عليها السّلام ڪي دنيا ڪان الڳ رکيو ويو ۽ حضرت عيسيٰ عليه السّلام جي ولادت ڪان اڳ ۾ ڪيس پنهنجو پاڻ رزق ملندو هو. جيئن **الله** تعاليٰ جو فرمان آهي تہ. **كُلَّمَا دَخَلَ عليها زَكَرِيَّا الْمِحْرَابَ وَجَدَ**



**عِنْدَهَا رِزْقًا** (آل عمران: 37) [جنهن وقت زڪريا عليه السّلام ان ڪنڊ وٽ آيو تہ ان وٽ رزق (ڪائڻ پيئڻ جون شيون) ڏٺائين.] وري حضرت عيسيٰ عليه السّلام جي ولادت ڪان پوءِ ان ڪي وحي پهتي: **وَهُزِّي إِلَيْكِ بِجِذْعِ النَّخْلَةِ** (مريم: 25) [۽ ڪجيءَ جي ٿڙ ڪي وٺي پاڻ ڏي لوڏو ڏي.] ليڪن اهو اڪيلائپ وارو طريقو ٿورو ڏکيو آهي.

**نقل** آهي تہ حضرت هاشم ابن حماد ڪان تہ هڪ بزرگ جيڪو ڪرامتن ۾ گهڻو مشهور هو غوث العالم شيخ بهاؤالدين جي فيض بخش صحبت سان مشرف ٿيو. هڪڙو ٻار جيڪو مجلس جي پرسان راند ڪرڻ ۾ مشغول هو ان بزرگ ڪي ڏسي ڪليو. حضرت بهاؤالحق هن ڪان ڪلڻ جي حقيقت پڇا ڪئي. ان تي هن چيو تہ پنهنجي پوٽي شاهہ رڪن الدين ڪان ان بابت پڇو. ان ڪان پوءِ جڏهن سندن پوٽو حاضر ٿيو تہ هن چيو تہ هن بزرگ جي روح ازل ۾ بليٰ نہ چيو هو ڇو جو بدبختن جي جماعت مان آهي، تڏهن غوث العالم جي جسم ۾ ڏڪڻي پئجي وئي ۽ ڏجندي پنهنجي پوٽي ڪان پڇا ڪيائين تہ پيلا

منهنجي روح بليٰ چيو هو يا نه؟ جواب ڏنائين ته مون پنهنجي ڪنن سان اوهان جي بليٰ چوڻ واري آواز کي ٻڌو هو. اوهان پريشان نه ٿيو.

**نقل** آهي ته حضرت مني هڪڙا ٻه درويش گودڙي ۾ ملبوس ڏٺا جن جا پير ۽ مٿو اگهاڙا هئا. اهي سڌي رستي کان منهن موڙيندڙ، پاڻ پائيندڙ، وڏائي ۾ قاتل ۽ خراب عادتن ڏانهن منهن ڪندڙ هئا. هنن کان پڇا ڪيائين ته ڪهڙي ڳالهه جي ڪري هي لباس ۽ نا پسنديده عادتون اوهان ۾ آهن. هڪڙي چيو ته اهو سڀ ڪجهه دنيا کان منهن موڙڻ جي ڪري آهي ته ٻئي وري چيو ته هيءَ خدا کان ٻه منهن موڙڻ آهي. حالانڪ رستو اهڙو هجي جيڪو پاڪ ۽ روشن شريعت مطابق هجي.

**نقل** آهي حضرت هاشم کان ته هڪ بزرگ جا مريد نماز ۾ تشهد پڙهڻ مهل پنهنجي هٿن جي ٻنهي آڱرين کي بند ڪندا هئا. انهن جي وڏي ڪائنن ان جو سبب پڇيو ته چيائون ته جڏهن وري کوليندا آهيون ته اسان کي حق جو حضور حاصل ٿيندو آهي. تڏهن انهن جو شيخ پريشان ٿي چوڻ لڳو ته اسان



کي اهڙي حضوري سان جيڪا سنت جي طريقي جي مطابق نه هجي ڪو واسطو نه آهي. چون ٿا ته هو سجدي ۾ اکين کي پڻ بند ڪندا هئا.

**نقل** آهي حضرت هاشم بن حماد کان ته هڪڙي شخص نبي ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ فرياد ڪيو ته هڪ عجيب اجنبي ان جي گهر ۾ گهڙي آيو آهي. حضرت علي ولي **الله** کي اشارو ٿيو ته وڃو ڏسي اچو. حضرت علي المرتضيٰ ؓ جيڪو ڊَڪَ ڊڪڻ جو مظهر هو پنهنجي روشن چهري سان اتي پهچي ان اجنبيءَ کي چيو ته گهر جي ڪنهن هڪ ڪُنڊ کي اختيار ڪر. ان کان بعد دروازي جي سوراخ مان نظر ڪيائين ته ڪنهن ٻه ماڻهوءَ کي پنهنجي نظر مبارڪ سان نه ڏٺائين. وري موٽي فرمايائون ته ٻيءَ ڪُنڊ ۾ هليو وڃ. پهرين سوراخ مان نظر ڪرڻ سان اتي ٻه ڪيس ڪو شخص نظر نه آيو. حضرت علي رضي **الله** موٽي اچي بارگاهه نبويءَ ۾ عرض ڪيو ته ڪنهن ٻه ماڻهوءَ کي اکين سان نه ڏٺائين.

**نقل** آهي تہ هڪڙو درويش هن سلسلہ عاليہ جي درويشن مان اڻ پڙهيل هو پر جڏهن بهاؤالدين دلق پوش علوم عقلي ۽ نقلي بيان ڪندا هئا تہ اهو سمجهڻ ۽ نڪتن جي وري ادا ڪرڻ ۾ سيني ڪان متي هوندو هو. هڪڙي ڀيري ان خاص تصرف جي بناء تي جيڪو اهڙي بلند طبقي وارن سان واقع ٿئي ٿو ان شخص کي غفلت جي ننڊ ۾ احتلام پئجي ويو تاهم پاڻ اُٿي بيهي تڪبير اوليٰ هٽڻ شروع ڪيائين. هن جو مقصد اهو ڏيکارڻ هو تہ جلدي پاڪائي ۾ بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهي ۽ اهو هن ريت جو هن تڪبير تحريمہ جي ٻڌڻ سان مسجد جي پر ۾ واقع کوهہ ۾ ٽپي هنيائين ڳُڙا ڪيائين ۽ نڪ ۾ پاڻي وڌائين ۽ اچي امام سان نماز ۾ شريڪ ٿيو. [116]



## باب پنجون

## ڪلمہ طيبہ لاالٰہ اِلاالله جي ذڪر جي فضيلت

هن آية ڪريمہ: **فَاذْكُرُونِي أَذْكُرْكُمْ** (البقره: 152) جي معنيٰ حضرت مخدوم معظم هن طرح بيان فرمائي تہ ياد ڪيو اسان کي زباني ذڪر سان تہ ياد ڪيون اسان توهان کي قلبي ذڪر جي توفيق ڏيڻ سان ۽ ياد ڪيو اسان کي قلبي ذڪر سان تہ اسان ياد ڪيون اوهان کي روحي ذڪر جي توفيق ڏيڻ سان ۽ آيت سڳوري:

**يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تُلْهِكُمْ أَمْوَالُكُمْ وَلَا أَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللَّهِ** (النافقون: 9)

[اي ايمان وارؤ! اوهان کي اوهان جو مال ۽ اولاد الله تعاليٰ جي ياد کان غافل نہ ڪري.]

آيت ڪريمہ جي معنيٰ هن طرح بيان فرمايائون تہ "اي ذڪر ڪندڙؤ! نہ غافل ڪري اوهان کي ذڪر ڪرڻ مجاهدي ڪرڻ کان ۽ جيڪو ائين ڪري ٿو، اهي نقصان وارا آهن. اي مجاهدي ڪرڻ وارؤ! نہ غافل ڪري اوهان کي مجاهدو ڪرڻ علم کان ۽ جيڪو ائين ڪري ٿو اهو نقصان وارو آهي. اي علم وارؤ! نہ غافل ڪري اوهان کي اوهان جو علم عمل کان ۽ جيڪي ائين ڪن تا اهي نقصان وارا آهن. اي عمل وارؤ! نہ غافل ڪري اوهان کي اوهان جو عمل خلوص کان ۽ جيڪي ائين ڪن تا اهي نقصان وارا آهن. اي اخلاص وارؤ! نہ غافل ڪري اوهان کي اوهان جو اخلاص محبت کان ۽ جيڪي ائين ڪن تا اهي نقصان وارا آهن. اي محبت ڪرڻ وارؤ! نہ غافل ڪري اوهان کي اوهان جي محبت قرب کان ۽ جيڪي ائين ڪن تا اهي نقصان وارا آهن. ۽ قرب اتحاد کان ۽ اتحاد محو ٿيڻ کان.



امام زاهدي هن آيت ڪريمہ جو وڌيڪ تفسير هن طرح بيان فرمايو آهي تہ جڏهن نماز مڪمل ڪيو تہ پوءِ **الله** تعاليٰ کي بيهندي ۽ ويهندي ۽ پنهنجن پاسن پر يعني رات ۽ ڏينهن، خشڪيءَ ۽ سمنڊ، سفر ۽ حضر، ڳجهہ ۽ ظاهر ۾ ياد ڪيو. 'تفسير زاهدي' ۾ الغناء ۽ الفقر يعني تنگدستي ۽ ڪشادگي جا الفاظ پڻ آندل آهن. 'تفسير بحر درر والغرر' ۾ آيل آهي تہ **فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ** (النصر:3) يعني بلند ڪر پنهنجي آواز کي **الله** تعاليٰ جي ذڪر سان ۽ پڻ ساڳئي تفسير ۾ آيل آهي. **إِنَّ إِبْرَاهِيمَ لَحَلِيمٌ أَوَّاهٌ** (الهود: 75) ۽ الاواہ اهو آهي جيڪو بلند ڪري آواز کي **الله** تعاليٰ جي ذڪر سان.

سوال: **وَاذْكُر رَّبَّكَ فِي نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَخِيفَةً وَدُونَ الْجَهْرِ مِنَ الْقَوْلِ بِالْغُدُوِّ وَالْآصَالِ ادْعُوا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَخُفْيَةً إِنَّهُ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِينَ** (الاعراف: 205)

[۽ پنهنجي رب کي دل ۾ عاجزي ۽ خوف سان سواءِ ڏاڍيان آواز جي ياد ڪريو صبح ۽ شام ۽ پنهنجي رب کي ٻاڏايو. هوريان ۽

زاريءَ سان سڏيو پنهنجي رب کي. بيشڪ الله تعاليٰ حد ٽپندڙن کي پسند نٿو ڪري.]

اعتداء جو تفسير ڏاڍيان سان ڪن ٿا. ان صورت ۾ ذڪر جهري ڪيئن جائز ٿيندو؟

جواب: پهريون ته اها آيت سڳوري آيت مذڪوره جي نازل ٿيڻ سان منسوخ آهي. جيڪڏهن ان کي منسوخ نه چئبو ته به انبياء ڪرام عليهم السّلام سان مخصوص آهي جيڪي اڪمل آهن، پر غير انبياء جيڪي دل تي وسوسن ڪُتڪن ۽ پريشانين کي ڪٽندڙ آهن، اهڙن غفلت ۽ وسوسن وارن لاءِ جهري ذڪر ضروري آهي. حضرت غوث الحق هن آيت ڪريمه **وَقَالَ نُوحٌ رَبِّ لَا تَذَرْ عَلَى الْأَرْضِ مِنَ الْكَافِرِينَ دَيَّارًا** (النوح: 26) جي معنيٰ کي هن طرح ادا فرمايو آهي ته **"قال نوح رب لاتذر علي القلب من الوساوس ديارا"** اي منهنجا رب دل ۾ وسوسن مان ڪو به باقي نه ڇڏ. ٻي آيت سڳوري دعا جي باري ۾ آهي ۽ دعا مناجات آهي رب العالمين سان ۽ ان ۾ اخفيٰ (لِڪ) هوندو آهي. جهڙي طرح ڪتاب 'فتاويٰ سراجي' ۾ آهي ته **"المستحب في



الدعا الاخفاء"** يعني دعا ۾ اخفآء ڪرڻ مستحب آهي ۽ **"والجهر بدعةٌ"** دعا ۾ اظهار ڪرڻ بدعت آهي پر جيڪي **"ادعوا"** مان **"اذڪرو"** ۽ **"تضرعاً"** مان مراد **"جهر"** وٺن ٿا ۽ خفيہ مان مراد خفي ۽ معتدين مان مراد جيڪي مومنن جي واسطي بد دعا ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح 'تفسير مُشتري' ۾ مذڪور آهي ته، پنهنجي رب کي سڏيو ٻاڏائيندي يعني ظاهر ظهور توڙي هوريان يعني آهستي بيشڪ الله تعاليٰ حد ٽپندڙن سان محبت نٿو ڪري يعني الله تعاليٰ ان شخص کي پسند نٿو ڪري جيڪو مسلمانن کي بد دعا ڏيڻ ۾ حد کان ٽپي ٿو ٻئي 'تفسير املاءَ' ۾ هن ريت آهي ته. ڪن جو خيال آهي ته ان جي معنيٰ ڪتي آهي پڪاريو ان کي علانيہ يعني وڏي آواز سان ۽ آهستي سان چو ته تضرعا ضراعة مان آهي ۽ ان جي معنيٰ حاجت جي شدت کي ظاهر ڪرڻ آهي ۽ خفيہ سِر ۽ جهر جي درميان مشترڪ آهي ۽ اها صفت اضداد جي آهي. باقي الله تعاليٰ جو فرمان "المعتدين" يعني "المحبين المتڪلفين" مراد آهن. اهڙيءَ طرح 'خزانة الجلالي' ۾ آهي. 'تفسير امام ناصر؟ غزالي' ۾ هن آيت: **الَّذِينَ**

يَتَّبِعُونَ الرَّسُولَ النَّبِيَّ الْأُمِّيَّ الَّذِي يَجِدُونَهُ مَكْتُوبًا عِنْدَهُمْ فِي التَّوْرَاةِ وَالْإِنْجِيلِ (الاعراف: 157) [اُهي شخص جيڪي نبي، امي رسول جي تابعداري ڪن ٿا جنهن کي توراة ۽ انجيل ۾ لکيل ڏسن ٿا.] ۾ آيو آهي ته امير المؤمنين حضرت عمر بن خطاب﷜ مڪي جي يهودين ۽ نصارن ڏي ماڻهو موڪلي پڇا ڪئي ته توريت ۾ پيغمبرﷺ جي صفت ڇا بيان ٿيل آهي. انهن 'توراة' آڻي حضرت عمر فاروق﷜ جي سامهون کوليو ۽ بيان ڪيائون ته آخر زماني ۾ هڪ پيغمبر ايندو جنهن جو نالو 'احمد' هوندو ۽ ان جي ڳالهه بغير وحي جي نه هوندي ۽ ان جي امت وڏي عظمت واري هوندي جيڪي هر وقت خدا جو حمد چوندا رهندا ۽ وضو ۽ نماز ادا ڪندا ۽ لااِله الاالله جي ڪلمي کي اهڙيءَ طرح بلند آواز سان چوندا جو بند پيل دليون ۽ انڌيون اکيون کُلي پونديون ۽ اتي انهن جون ٻيون به گهڻيون وصفون لکيل آهن. اهڙي طرح 'مطلع الانوار' ۾ آهي. عرب وارن جي جاهليت واري زماني ۾ اها رسم هوندي هئي جو حج جا مناسڪ ادا ڪرڻ بعد هر قبيلي مان هڪ ماڻهو جيڪو زياده فصيح



هوندو هو. اهو منبر تي بيهي وڏي آواز سان پنهنجي ابن ڏاڏن جا مناقب بيان ڪندو هو ۽ ان تي سڀ فخر ڪندا هئا. پر جڏهن اسلام جي دولت وارو سج ڪائنات جي افق تان اڀريو، تڏهن الله تعاليٰ پنهنجن ٻانهن کي جيڪي اسلام جي دولت ۽ سعادت سان مشرف ٿيا. فرمايو: فَإِذَا قَضَيْتُم مَّنَاسِكَكُمْ فَاذْكُرُوا اللَّهَ كَذِكْرِكُمْ آبَاءَكُمْ أَوْ أَشَدَّ ذِكْرًا (البقرة: 200) [پوءِ جڏهن حج جا ڪم پورا ڪريو. ان کان پوءِ الله تعاليٰ کي ائين ياد ڪيو جيئن اوهان پنهنجن ابن ڏاڏن کي ياد ڪندا هئا يا اجا به ان کان وڌ!] هي آيت ڪريمه دليل ۽ نص صريح آهي لااله الاالله جي جهري ذڪر ڪرڻ بابت الله تعاليٰ جو فرمان: وَجَعَلَ كَلِمَةَ الَّذِينَ كَفَرُوا السُّفْلَىٰ وَكَلِمَةُ اللَّهِ هِيَ الْعُلْيَا (التوبہ: 40) [۽ ڪافرن جي ڪلمي کي هيٺ ڪيائين ۽ الله جو ڪلمو ئي بلند آهي.] مفسرن جو اتفاق آهي ته "ڪلمة الله هي العليا" مان مراد لااله الاالله جو ڪلمو آهي. مؤذنن جو منارن تي چڙهي وڏي آواز سان ٻانگ ڏيڻ يا عرفات ۾ حاجين سڳورن جو لبيڪ چوڻ يا غازين جي ملاقات وقت تڪبير چوڻ يا خطيبن جو اجتماع جي موقعن تي

حمد بيان ڪرڻ يا ڏينهن جي وقت نماز ادا ڪرڻ وارن جو دعائون يا نماز يا نماز کان بعد ۽ وجد جي حالت ۾ دانهون ڪرڻ يا سماع جي حالت ۾ فرياد ۽ اڪيلائپ ۾ دل جو سوز سان ذڪر ڪرڻ، اهي سڀئي لاالٰه اِلاالله جي ڪلمي واري نور جي ظهور لاءِ آهن [117] **وَلَقَدْ نَادَانَا نُوحٌ فَلَنِعْمَ الْمُجِيبُونَ** (الصافات: 75) [۽ تحقيق پُڪاريو اسان کي نوح، پوءِ سڏڻ وارا ڀلارا آهن] موجب تہ نوح عليه السلام دانهن ڪئي يعني با آواز بلند سڏيائين **وَأَيُّوبَ إِذْ نَادَىٰ رَبَّهُ** (الانبياء: 83) ايوب عليه السلام جي واقعي ۾ فرمايائين تہ **فَنَادَىٰ فِي الظُّلُمَاتِ أَنْ لَا إِلَٰهَ إِلَّا أَنْتَ سُبْحَانَكَ إِنِّي كُنْتُ مِنَ الظَّالِمِينَ** (الانبياء: 83) يونس عليه السلام بآواز بلند اسان کي پڪاريو. ائين قرآن مجيد ۾ گهڻن جاين تي لفظ نادٰي آيو آهي جيڪو جهري ذڪر تي دلالت ڪري ٿو.

سوال: انبياء عليهم السلام الله تعاليٰ کي بآواز بلند سڏيو باوجود ان جي جو الله تعاليٰ قريب آهي ۽ ٻڌڻ وارو آهي ۽ پري هجڻ ۽ ٻوڙائپ کان پاڪ آهي. هو ڪِول جي پير جو بہ آواز ٻڌي ٿو جيتوڻيڪ اها تحت الثريٰ يا ڪٽي عرش جي مٿان ڇو نہ



هجي، ان صورت ۾ اهو ادب کان خالي هوندو جيڪو وڌيڪ ويجهي ۽ وڌيڪ ٻڌندڙ کي بلند آواز سان سڏي. حضرت زڪريا عليه السلام جي حق ۾ فرمايائين تہ **إِذْ نَادَىٰ رَبَّهُ نِدَاءً خَفِيًّا** (مريم: 3) [جڏهن پنهنجي رب کي هوريان سڏيائين.]

جواب علم نحو ۾ حروف ندا پنج بيان ڪيا اٿن ٽي پري جي لاءِ آهن. جيئن يا زيد، ايا زيد، هيا زيد ۽ ٻہ قريب لاءِ ٻڌايا اٿن جهڙيءَ طرح اي زيد ۽ أزيد پر جڏهن اهو تمام گهڻو ويجهو هوندو آهي تہ حرف ندا کي حذف ڪيو ويندو آهي ۽ چيو ويندو آهي اقبل زيد ۽ جيئن **يُوسُفُ أَعْرِضْ عَنْ هَٰذَا** (يوسف: 29) [اي يوسف هن کي ڇڏ] مطلب تہ انبياء ۽ اولياء پنهنجي دعائن ۽ مناجات ۾ الاهي، يا الله، يا رحمٰن، يا رحيم، يا توّاب ۽ يا وهاب چيو اٿن ۽ چوندا آهن تہ ان جو راز هي آهي تہ اهي بندگي جي شرط ۾ گم ٿيل آهن ۽ ڪين رب سان حجت نہ ڪرڻي آهي ۽ عاجزي ڪرڻ آهي تہ اسان الله تعاليٰ جي قرب جي اهل نہ آهيون. حضرت زڪريا عليه السلام جي خفي ندا ضعف ۽ پيريءَ جي ڪري هُئي، ان ڪري چيائين **رَبِّ إِنِّي وَهَنَ الْعَظْمُ**

**مِنِّي وَاشْتَعَلَ الرَّأْسُ شَيْبًا** (مريم: 4) [اي رب! مان ڪمزور هڏن وارو آهيان ۽ منهنجو مٿو پوڙهائپ جي ڪري اڇو ٿي ويو آهي.] هتي آهستي آهستي ۽ پوشيده ذڪر ڪرڻ ۽ ضعيفن جي حال مطابق آهي ان جي مقابلي ۾ بآواز بلند يا طاقت سان ذڪر طاقتور طالبن جي حال مطابق آهي. الله تعاليٰ جو فرمان آهي. **ادْعُوا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَخُفْيَةً** (الاعراف: 55) [سڏيو پنهنجي پالڻهار کي ڏاڍيان ۽ هوريان.] **إِنَّ اللَّهَ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِينَ** (البقرة: 190) حضرت ابن عباس جيڪو قرآن ۾ ٽٻي هڻندڙ ۽ علم و ايقان جو دريا هو. فرمائي ٿو ته اهو مخصوص حڪم نماز جي حالت ۾ آهي. هن جو اهو قول اڪثر تفسيرن ۾ آيل آهي ۽ ادعوا جي ٻي معنيٰ آهي اذڪرو ۽ اخفا يعني لڪائڻ دعا جي آداب مان آهي نه ذڪر جي آداب مان. بلڪ هيءَ آيت ذڪر جي اظهار ۽ اعلان بابت وڏو دليل آهي ۽ نڪي اخفاء جو دليل. ڇو ته تضرع جي معنيٰ آهي اظهار برأت يعني ظاهر ظهور توبه ڪرڻ ۽ اهو لفظ ۽ معنيٰ جي لحاظ سان وڌيڪ موزون ۽ زياده موافق آهي. اهو قول 'تفسير ڪشاف' ۾ امام زمخشري جو



آهي ۽ هن معنيٰ تي دليل جهڙي طرح ٻي آيت سڳوري ۾ صريح ۽ واضح آهي: **قُلْ مَنْ يُنَجِّيكُمْ مِنْ ظُلُمَاتِ الْبَرِّ وَالْبَحْرِ تَدْعُونَهُ تَضَرُّعًا وَخُفْيَةً** (الانعام:63) [چئُو ڪير اوهان کي برن ۽ بحرن جي اونداهين کان نجات ڏئي ٿو. اهو ئي آهي جنهن کي ڏاڍيان ۽ هوريان پڪاريندا آهيو.] ان وقت جڏهن ٻيڙي طوفان ۾ هلاڪ ٿيڻ واري هوندي آهي ۽ مخالف طرف جي هوا زور سان گهُلڻ لڳندي آهي ۽ لهرن جو لشڪر ٻيڙي تي حملو ڪندو آهي ۽ ڪشتيءَ وارن جو ساهه نڙيءَ تائين پهچي اٽڪي بيهندو آهي، ان مهل اهي الله کي ڪهڙيءَ ريت پڪاريندا آهن. ظاهر آهي ته ان وقت اهي وڏي آواز سان دانهن ۽ فرياد ڪندا آهن ۽ سندن اهو وڏو آواز بي اختيار بلند ٿيندو آهي. پر جڏهن اها گهڙي ختم ٿي ويندي آهي ته پوءِ اهي آهستي ۽ ڳجهي طريقي سان سڏيندا آهن. جهڙي طرح قرآن ان تي شاهد آهي ته **ثُمَّ إِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ فَإِلَيْهِ تَجْأَرُونَ** (النحل: 53) [پوءِ جڏهن اوهان کي تڪليف ٿيندي آهي ته ان ڏانهن ڪشادگي ڳوليندا آهيو.] پوءِ "لجوار الفراخ" آهي هتي معلوم ٿيو ته تحقيق جي لحاظ کان

تضرع جي معنيٰ جهر آهي چو ته "**القرآن يفسر بعضه بعضا**" **وافضل الذكر لااله الاالله** يعني قرآن هڪ ٻئي جو تفسير بيان ڪري ٿو ۽ افضل ذڪر لااله الاالله آهي. جهڙي طرح حديث ۾ آهي ته الله تعاليٰ حڪم ڪيو پنهنجي نبيءَ کي ته اهو ڪلمو سِک. پوءِ الله فرمايس ته، **فَاعْلَمْ أَنَّهُ لَا إِلَٰهَ إِلَّا اللَّهُ** يعني ڄاڻ ته ناهي ڪو معبود مگر الله تعاليٰ. قرآن ۾ ڪلمو ٻن جاين تي چٽو آيل آهي. 1. **وَإِذَا قِيلَ لَهُمْ لَا إِلَٰهَ إِلَّا اللَّهُ يَسْتَكْبِرُونَ** (الصافات: 35) [۽ جنهن وقت انهن کي چيو وڃي ٿو ته ناهي ڪو معبود مگر الله تعاليٰ ته تڪبر ڪن ٿا.] 2. **فَاعْلَمْ أَنَّهُ لَا إِلَٰهَ إِلَّا اللَّهُ** توحيد فقط لااله الاالله جي ڪلمي سان صحيح ٿيندي آهي. هتان اهو به معلوم ٿيو ته بس هي ڪلمو اسم 'الله' سندس اسمآء اعظم مان آهي.

**فائدو:** سهل تستريءَ چيو ته الله تعاليٰ بابت قول لااله الاالله جو ثواب ايستائين نه آهي جيستائين نظر الله تعاليٰ جي چهري جي طرف نه آهي باقي جنت اعمالن جو ثواب آهي. جڏهن ڪافر هن ڪلمي کي چوندو آهي ته ڪفر جي ظلمت هن جي اندر مان



نڪري ويندي آهي ۽ هن جي دل ۾ توحيد جو نور داخل ٿي ويندو آهي. پر جڏهن مؤمن هن ڪلمي کي چوندو آهي اگرچه اهو هن کي هر روز هزار ڀيرا به چوي پوءِ به هر ڀيري سان هن کي نئين شيءِ معاف ڪئي ويندي آهي جيڪا اڳ معاف نه ڪئي وئي هئي. ياد رکو الله تعاليٰ جي علم جو مقام ڪڏهن ختم نه ٿيندو آهي. ان ڪري الله تعاليٰ پنهنجي نبي ڪريم ﷺ کي فرمايو ته، **فَاعْلَمْ أَنَّهُ لَا إِلَٰهَ إِلَّا اللَّهُ** ۽ ائين نه فرمايائين 'علمت' حضرت ابراهيم عليه السلام کي فرمايائين ته 'اسلم' ته پوءِ ان چيو 'اسلمت' چو ته اسلام جي بنياد ظاهر تي آهي. ڄاڻ ته عبادات جو مقصد ۽ اصل الله تعاليٰ کي ياد ڪرڻ آهي، ۽ نماز اسلام ۽ مسلماني جو ٿنڀ آهي ۽ ان جو مقصد الله تعاليٰ جو ذڪر آهي، جهڙيءَ طرح الله تعاليٰ جو فرمان آهي: **إِنَّ الصَّلَاةَ تَنْهَىٰ عَنِ الْفَحْشَاءِ وَالْمُنكَرِ وَلَذِكْرُ اللَّهِ أَكْبَرُ** (العنڪبوت: 45) [بيشڪ نماز روڪي ٿي بي حيائي ۽ برائي کان ۽ الله تعاليٰ جو ذڪر تمام وڏو آهي.] قرآن پڙهڻ به افضل عبادت آهي. ان ڪري جو اهو به الله تعاليٰ جو ڪلام ۽ ان جو ذڪر آهي يا

جيڪي ڪجهه ان ۾ آهي، سڀ **الله** تعاليٰ جي ذڪر کي تازو ڪندڙ آهي. روزي جو مقصد شهوت کي ٽوڙڻ آهي ته جيئن دل خواهشن ۽ شهوتن جي تڪليفن کان نجات حاصل ڪري ۽ صاف ٿئي ۽ **الله** تعاليٰ جي ذڪر جو مرڪز يا ٽڪاڻو ٿئي. جڏهن دل شهوتن سان گڏيل ۽ مليل هوندي آهي ته ذڪر نه اندر ۾ ويهندو آهي ۽ نه ڪو اثر ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح حج جو مطلب **الله** جي گهر جي زيارت آهي ته ان مان مقصد به گهر جي مالڪ جو ذڪر آهي يعني هن سان شوق ملاقات جو مزو وٺڻ آهي. ان لحاظ سان سڀني عبادتن جو مقصد ۽ راز ذڪر آهي بلڪ اصل مسلماني لااله الاالله جو ڪلمو آهي ۽ اهو عين ذڪر آهي. باقي ٻيون سڀ عبادتون هن ذڪر جي تاڪيد وانگر آهن، جهڙي طرح **الله** تعاليٰ فرمائي ٿو، **فَاذْكُرُونِي أَذْكُرْكُمْ** (البقره: 152) [مون کي ياد ڪيو مان اوهان کي ياد ڪيان.] ۽ هيءَ ياد هميشه لاءِ هجڻ کپي ۽ جيڪڏهن هميشه نه ته اڪثر حالت ۾ هجڻ کپي ڇو جو نجات ان ۾ ئي آهي. ان ڪري فرمايائين ته **اذْكُرُوا اللَّهَ كَثِيرًا لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُونَ** (الانفال: 45) [**الله** تعالي کي



گهڻو ياد ڪيو ته جيئن اوهان ڪامياب ٿيو.] يعني جيڪڏهن نجات [118] جي اميد رکو ٿا ته ان جي چاٻي ذڪر آهي. زيادهه يا ٿورو اڪثر حالتن اندر نڪي ٿوري وقت خاطر. ان ڪري فرمايائين **الَّذِينَ يَذْكُرُونَ اللَّهَ قِيَامًا وَقُعُودًا وَعَلَى جُنُوبِهِمْ وَيَتَفَكَّرُونَ** (آل عمران: 191) [اهي شخص جيڪي **الله** تعاليٰ کي بيهندي ۽ ويهندي ۽ پاسن ڀر ياد ڪن ٿا ۽ فڪر ڪن ٿا.] ان قوم جي ان ريت تعريف بيان ڪيائين ته اهي ويٺي ۽ بيٺي ۽ پاسي ڀر ستل هوندي **الله** جو ذڪر ڪندا آهن ۽ ڪنهن به ڪم ڪرڻ وقت غافل نه هوندا آهن اهو به فرمايائين ته **وَاذْكُر رَبَّكَ فِي نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَخِيفَةً وَدُونَ الْجَهْرِ مِنَ الْقَوْلِ بِالْغُدُوِّ وَالْآصَالِ وَلَا تَكُنْ مِنَ الْغَافِلِينَ** (الاعراف 205) [۽ پنهنجي رب کي اندر ۾ خوف ۽ عاجزيءَ سان ۽ نه ڏاڍيان آواز سان ياد ڪر صبح توڻي شام متان غافلن مان ٿئين. **الله** جو فرمان آهي ته، **وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَتَبَتَّلْ إِلَيْهِ تَبْتِيلًا** (المزمل: 8) [۽ پنهنجي رب جي نالي سان ياد ڪر ۽ دنيا کان بي تعلق ٿي ان ڏانهن متوجهه ٿي.] ۽ **الله** تعاليٰ فرمايو آهي: **وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ بُكْرَةً وَأَصِيلًا**

(الانسان: 25) وَسَبِّحُوهُ بُكْرَةً وَأَصِيلًا (الاحزاب:42) [۽ پنهنجي رب جي نالي کي صبح وشام ياد ڪر ۽ ان جي تسبيح صبح وشام بيان ڪر] ڪجهه ماڻهو استدلال ۽ تاويل ڪري چوندا آهن ته ذڪر وڏي آواز سان جائز نه آهي ۽ حق جي طالبن کي مسجد ۾ الله تعاليٰ جي ذڪر ڪرڻ کان منع ڪن ٿا. اهي ماڻهو هن آيت ڪريمه وَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّنْ مَنَعَ مَسَاجِدَ اللَّهِ أَنْ يُذْكَرَ فِيهَا اسْمُهُ وَسَعَىٰ فِي خَرَابِهَا (البقرة:114) [۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جيڪو الله تعاليٰ جي مسجدن ۾ الله تعاليٰ جي ذڪر ڪرڻ کان روڪي ٿو ۽ ان کي ويران ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو] واري وعيد کان غافل آهن. فقير چوندا آهن ته اها بدعت حسنه جيڪا فقيهن وٽ به جائز آهي "ذڪر جهر" آهي جو ان مان پوءِ ذڪر خفي حاصل ٿئي ٿو.

هتي سوال آهي ته ڇا فقيرن جو ڇوڻ ڪو اصل رکي ٿو يا نه؟

جواب: ڪتاب 'عين العلم' ۾ آهي ته آهستي سان پلي ذڪر ڪري پر جيڪڏهن ريا جو خوف هجيس يا پوءِ اهو سرّي



ذڪر جهري ذڪر کان ستر دفعا زيادهه افضل آهي. يا جيڪڏهن اهي حالتون نه آهن ته پوءِ جهري طريقي سان ذڪر ڪري. اهو ذڪر دل جي نيت سان ٻڌل آهي جيڪو خيال جمع ٿو ڪري ۽ سماعت کي متوجهه ڪرڻ واسطي آهي. اهو ننڊ ۽ سُستي کي ختم ڪري ٿو ۽ چستي کي وڌائي ٿو ۽ ننڊ ڪندڙ کي جاڳائي ٿو ۽ رغبت ڏياري ٿو. ان عبادت ۾ فرشتن جو وارد ٿيڻ ثابت آهي ۽ گهر جا ٿنڀ اهو ذڪر ٻڌن ٿا چڻ اهي به نماز پڙهن ٿا ۽ ان نماز جي ڪري اهو وڌاءُ ڪرڻ اَفضل آهي. ڪتاب 'خانيه' ۾ آهي ته ڏاڍيان قرآن پڙهڻ آهستي قرآن پڙهڻ کان افضل آهي ان ڪري جو ان وقت فرشتا حاضر ٿين ٿا ۽ شيطان ڀڄي وڃي ٿو. 'قنيه' ۾ آهي ته نماز کان سواءِ وڏي آواز سان قرآن پڙهڻ افضل آهي اهو رستو ڏسڻ وارو آهي هدايت جو طرف ڏسڻ وارو آهي ۽ اهو باطل خيال ختم ڪندڙ آهي. بيشڪ انهيءَ جي طرف پناهه جي جاءِ آهي ۽ انهيءَ جي طرف موٽڻ آهي. 'تفسير مدارڪ التنزيل' ۾ آهي الله تعاليٰ جو فرمان ادْعُوا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَخُفْيَةً (الاعراف: 55) يعني تضرع ۽ خفيه وارو ۽ ضراعة کان غافل ۽

الخذل يعني انتهائي عاجزي ۽ انڪساري سان آهي. نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته ”تنا ٻڌايو اوهان ٻوڙي کي ۽ غائب کي بلڪ سميع ۽ قريب کي ٻڌايو ٿا ۽ اهو اوهان سان آهي اوهان جتي به هجو.“ هي قول مبارڪ حضرت حسنؒ کان بيان ٿيل آهي. سرّ ۽ علانيه جي وچ تي ستر درجا آهن. ﴿إِنَّ اللَّهَ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِينَ﴾ (البقرة: 190) يعني ”المتجاوزين“ يعني هو رب کي هر ان شيءِ ۾ جنهن ۾ سڏڻ يعني دعا جو حڪم آهي حد کان گذرڻ وارن کي پسند نٿو ڪري. ابن جريج کان اهڙي روايت آهي يعني پنهنجي آواز کي دعا ۾ بلند ڪرڻ ۽ هن کان اها روايت به آهي ته دعا ۾ رڙيون ڪرڻ مڪروهه ۽ بدعت آهي. انهيءَ سلسلي ۾ الله تعاليٰ جو فرمان آهي وَاذْكُر رَّبَّكَ فِي نَفْسِكَ (الاعراف: 205) ۾ اهو عام حڪم آهي يعني قرآن پڙهڻ يعني دعا ۽ تسبيح ۽ تهليل وغيره ۽ ان کان علاوه ۽ خفيه يعني عاجزي ڪرڻ ۽ خائفا يعني خوف رکڻ نڪو وڏو آواز ڪرڻ. ڇو ته اخفآء اخلاق ۾ زياده داخل آهي ۽ فڪر جي حسن کي به زياده ويجهو آهي ۽ جنهن شيءِ جو حڪم ٿيل آهي ان جي ادائگي



۾ اها واضح آهي. ايتري تائين چيو ويو قضاء مثل معقول سان جيئن نماز نماز جي بدلي آهي ۽ غير مقعول جو مثال جيئن فديو ڏيڻ روزي جي واسطي ۽ حج جي واسطي خرچ ڪرڻ جو ثواب آهي، هر اها شيءِ جيڪا لا يعقل لهٗ آهي. جيئن قربت اها بذات خود پوري ڪرڻي پوندي جيئن عرفه ۾ بيهڻ ۽ رمي الجمار ۽ قرباني ڪرڻ ۽ تڪبيرات التشريق. اهي سڀ جهري طريقي سان آهن ۽ اهي ادا نه ٿيندا سواءِ انهيءَ وقت ۾ جو ته اصل انهن ۾ اخفآء آهي، ۽ الله تعاليٰ فرمايو ته ادْعُوا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَخُفْيَةً (الاعراف: 55) [پنهنجي پالڻهار کي ڏاڍيان ۽ هوريان ياد ڪيو.]

سوال: فقير ذڪر جهري بلند آواز ۽ رڙين سان ڪندا آهن ۽ ڪلمه توحيد جو ورد پنج وقت نماز کان پوءِ وڏي آواز سان ڪرڻ سيني جي طريقو ٿي ويو آهي. ان جي باوجود نص قرآني، احاديث ۽ عالمن جي قول ۽ اصول وغيره مان ان جو عدم جواز ظاهر ٿئي ٿو، ليڪن ڪنهن به ديندار ۽ پرهيزگار فقيهن منجهان انهيءَ جو انڪار نه ڪيو آهي. ڇا ان جي خلاف ڪا

گنجائش آهي يا ان جي تطبيق ٿي سگهي ٿي يا ان کي بدعت ٺئي قرار ڏنو وڃي ڇو ته ڪا به ڳالهه اصل نه ٿي رکي، اهڙيءَ صورت ۾ انهيءَ کان انڪار ۽ منع ڪرڻ لازم آهي يا نه؟

جواب: ’تفسير بيضاوي‘ موجب **الله** تعاليٰ جي فرمان **وَإِنْ تَجْهَرْ بِالْقَوْلِ فَإِنَّهُ يَعْلَمُ السِّرَّ وَأَخْفَى** (طٰهٰ: 7) [۽ جيڪڏهن آواز بلند ڪندين ته هو لڪل توڙي آهستي کي ڄاڻي ٿو.] هتي تنبيهه هن ڳالهه تي آهي ته بيشڪ مشروع ذڪر يا دعا ۾ جهر ٻنهي ۾ **الله** تعاليٰ اعلام نه آهي بلڪ پنهنجي نفس کي سنوارڻ آهي ۽ ذڪر جو دل ۾ راسخ ٿيڻ آهي. ليڪن ان صورت ۾ ان جي منع آهي جڏهن ان ڪري غير سان مشغول ٿئي. رسول **الله**ﷺ فرض ادا ڪرڻ بعد وڏي آواز سان ”**لااله الاالله** محمد رسول **الله**“ چوندا هئا ۽ ان جهڙي ٻئي ذڪر جي رغبت ڏياريندا هئا. حديث ۾ اهڙي ذڪر جي جيڪو وڏي آواز سان چوندا هئا جي خبر پوري ٿي. نيشاپوريءَ جي ’دستور القضات‘ جي تبيان اندر باب في الاذڪار ۾ آهي ته بيشڪ نبي ڪريمﷺ صحابه ڪرام سان گڏجي وڏي آواز سان ذڪر



وغيره ڪندا هئا. جيئن تسبيح، تهليل وغيره نماز کان بعد، ’فتاويٰ الصيرفيه‘ ۾ ’تفسير البيهقي‘ جي حوالي سان ان قول: **فَإِذَا قَضَيْتُمُ الصَّلَاةَ فَاذْكُرُوا اللَّهَ قِيَامًا وَقُعُودًا وَعَلَىٰ جُنُوبِكُمْ** (النساء:103) [پوءِ جڏهن نماز پوري ڪيو ته **الله** تعاليٰ کي بيهندي ۽ ويهندي ۽ پاسن ڀر ياد ڪيو.] جي وضاحت ۾ آهي ته **الله** تعاليٰ جو ذڪر ڪيو نماز جي فارغ ٿيڻ کانپوءِ تعظيم ۽ ادب سان وڏي آواز سان آهستي رات جو توڙي ۽ ڏينهن جو. ’خزانة الرواية‘ جي ڪتاب الصلواة ۾ وري هن ريت آهي ته اهڙو ڪلام جيڪو جهر (وڏي آواز) کان گهٽ ۽ سرّ (بلڪل هلڪي) کان مٿي هجي. [119] بيشڪ ان ۾ عاجزي ۽ اخلاص کي زيادهه دخل آهي. ’بيضاوي‘ مطابق اهو فقيهن جي اصطلاح کان ٻاهر آهي. هنن مطابق سر اهو آهي جيڪو ڳالهائڻ وارو پاڻ ٻڌي ۽ هن جو غير نه ٻڌي ۽ ان کان مٿي دون الجهر آهي ۽ هي اهو آهي جو ويجهو وارو به ٻڌي ۽ ان کان مٿي جهر آهي جيڪو پري وارو به ٻڌي ته ان کي سامهون مخاطب پڻ ٻڌي. ’احياء العلوم‘ ۾ باب الدعا جي چوٿين فصل ۾ هن ريت وضاحت

آهي ته "خفض الصوت بين المخافت والجهر" يعني خفض ڏاڍيان ۽ هوريان جي وچ واري آواز کي چئبو آهي.] اهڙيءَ طرح ابوالحسن الاشعري فرمايو ته اسان رسول اللهﷺ سان گڏجي جڏهن مديني جي قريب پهتاسون ته ماڻهن بلند آواز سان تکبير پئي چئي. تڏهن حضور عليه والسلام فرمايو ته اوهان ٻوڙن ۽ غائبن کي نه ٿا ٻڌايو. انهيءَ باري ۾ هڪ حديث آهي ته حضرت عائشهؓ فرمايو ته، نه بلند ڪر پنهنجي آواز کي ۽ نه مخفي ڪر انهيءَ کي يعني پنهنجي دعا کي. تحقيق الله تعاليٰ پنهنجي نبي حضرت زڪريا جي لاءِ فرمايو. إِذْ نَادَىٰ رَبَّهُ نِدَاءً خَفِيًّا (مريم: 3) [جنهن وقت پنهنجي رب کي هوريان سڏيائين.]

حضرت ابوقتادهؓ چيو ته بيشڪ نبي ڪريمﷺ هڪ رات جڏهن ٻاهر نڪتا ته حضرت صديقؓ نماز پڙهي رهيا هئا ۽ هن جو آواز آهستي هو پر جڏهن حضرت عمرؓ وٽان گذريا ته هن جو آواز بلند هو. جڏهن ٻئي وٽن آيا ته پاڻ فرمايائون اي ابوبڪر! مان تو وٽان گذريس ته تون نماز آهستي آواز سان پڙهي رهيو هئين. عرض ڪيائين يا رسول اللهﷺ! مان ان کي ٻڌايان پيو



جنهن سان مناجات ڪري رهيو هوس. حضرت عمرؓ کي فرمايائون ته مان تو وٽان گذر ڪيو ته تون بلند آواز سان پڙهي رهيو هئين. عرض ڪيائين ته يا رسول اللهﷺ! مان سُتل ماڻهن کي جاڳايان پيو ۽ شيطان کي ڀڄايان پيو. پاڻ فرمائون ته اي ابوبڪر! پنهنجي آواز کي ٿورو بلند ڪر ۽ اي عمر! تون پنهنجي آواز کي ٿورو گهٽ ڪر. هن کي 'ترمذي' روايت ڪيو آهي. ان جي مثل حديث 'مشڪوٰت' جي باب القيام اليل ۾ آهي ۽ 'تفسير البستيءَ' ۾ آهي ته حمام ۾ تلاوت ڪرڻ سان ڪو گناهه ناهي ۽ انهيءَ تي فتويٰ آهي جيڪڏهن جڳهه پاڪ هجي ۽ ستر ڍڪيل هجي ته پوءِ حمام ۾ وڏي آواز سان قرآن پڙهڻ جائز آهي بغير ڪراهت جي اوليٰ آهي. 'تحفة الفقهه' موجب گهڻن مشائخن لااله الاالله جي ذڪر کي اختيار ڪيو آهي ۽ ان ڪلمي جي خاصيت باطن کي روشن ڪرڻ آهي ۽ مصيبت کي دفع ڪرڻ آهي جڏهن ان تي هميشگي ڪندو ته هڪ سچو ۽ مخلص ٿي پوندو اها الله تعاليٰ جي عنايت هن امت جي لاءِ آهي. 'عوارف' جي آخري باب ۾ ائين آهي.

نقل آهي مولوي محمد يوسف فقيهه کان جيڪو پنهنجي زماني جي اڪابر علماء مان هو. حضرت عزيزان کان سوال ڪيو ته اوهان بلند آواز سان ذڪر ڪهڙي نيت سان ڪندا آهيو؟ فرمايائون علماء جو اجماع آهي ته سڪرات واري وقت ۾ وڏي آواز سان ذڪر چوڻ هن حديث موجب آهي: **”لقنوا امواتکم به شهادة ان لااله الاالله“** يعني لااله الاالله جي شهادت سان پنهنجن فوتين کي تلقين ڪيو] ياد رکو ته درويش جو هر ساهه آخري ساهه آهي. ’رشحات الاولياء‘ ۾ آهي ته حضرت عزيزان وڏن حنفي مجتهدن مان آهن. جهڙي طرح ’فتاوِي بزازيه‘ مان معلوم ٿئي ٿو. ’ڪبرِي‘ ۾ آهي ته ”امر بالمعروف“ تڏهن واجب ٿئي ٿو جڏهن معلوم ٿئي ته اهي ٻڌي رهيا آهن. جيڪڏهن نه ته پوءِ نه. ۽ هي ته ڪَتيل نه هجي نه ان ۾ ڪو اختلاف هجي چو ته اختلاف ۾ حڪم ڪرڻ جائز نه آهي. ’نصاب‘ ۾ آهي ته جنهن گوڏي کي نه ڍڪيو ته ان کي زبردستيءَ سان منع نه ڪيو ويندو چو ته ان جي اوگهڙ هجڻ ۾ مشهور اختلاف آهي. پر جنهن ران کي نه ڍڪيو ته ان کي ان تي سختي سان چيو ويندو



۽ ماربو نه. چو ته ان جي اوگهڙ هجڻ ۾ بعض اهل حديث جو اختلاف آهي پر جنهن شرمگاهه نه ڍڪيو ته ان کي جهٽڪيو ويندو ته ان کي ڍَڪ چو ته ان جي اگهڙ هجڻ ۾ ڪو به اختلاف نه آهي. مختلف فقهي روايات جي نقل ڪرڻ مان مراد اختلاف جو احوال بيان ڪرڻ هو. پهرين اختلاف جي ڪري ان جي حرام هجڻ جي منافي آهي وري ڪجهه جڳهن تي پڇڻ ظن جي وجوب کي مانع آهي ۽ اهو پڻ حرمت جي منافي آهي. ليڪن ’بيضاوي‘ ۽ ’احياء العلوم‘ جي نقل ڪرڻ مان مقصد آهي ته قرآن جي ظاهر ۾ به اختلاف آهي. مطلب ته جڏهن حرمت مقطوع نه هجي ته ڪنهن به روايت سان منع ڪرڻ جائز نه آهي يا وري منع ڪرڻ نرمي سان هجي.

’تحفة الفقه‘ ۾ آهي ته قرآن وڏي آواز سان پڙهڻ امام ابوحنيفهؒ وٽ مڪروهه آهي ۽ ’قنيه‘ ڪتاب ۾ آهي ته نماز کان باهر وڏي آواز سان قرآن پڙهڻ افضل آهي. ليڪن ’عقود اللآلي‘ ۽ ’خانيه‘ جي حوالي سان آهي ته قرآن آهستي پڙهڻ کان جهر سان پڙهڻ افضل آهي. چو ته انهيءَ محفل فرشتا حاضر

ٿيندا آهن ۽ ان ۾ شيطان کي تڙڻ آهي ۽ ’تحفه‘ واري روايت اها محمول آهي ’سراجي‘ واري روايت ته قبرستان ۾ قرآن پڙهڻ مڪروهه آهي ابوحنيفهؒ وٽ ۽ امام محمد وٽ مڪروهه نه آهي ۽ انهيءَ تي فتويٰ آهي ۽ ’فتويٰ قاضيخان‘ ۾ آهي ”تڪلموا في قراءة القرآن عند القبور“ يعني قبرن وٽ قرآن جي تلاوت ڪيو. امام اعظم موجب اهو مڪروه ٿيو ۽ امام محمد فرمايو ته مڪروهه نه آهي ۽ اسان جي مشائخن امام محمد جي قول کي اختيار ڪيو آهي. اهڙي طرح ’خانيه‘ ۽ ’شرعة الاسلام‘ ۾ آهي ته **الله** تعاليٰ جو ذڪر ڪرڻ نفس جي لاءِ سخت عملن مان آهي پر اجر ۽ ثواب جي لحاظ سان وڌيڪ وڏو آهي ۽ اهو دلين جي زنگ ختم ڪرڻ جو اوزار آهي ۽ ايمان جي نشاني ۽ نفاق کان ڇوٽڪارو ۽ عبادتن جو نچوڙ ۽ نجات جي ڪنجي آهي. ان ريت دل جو حضور ۽ راز جي سچائي خاطر مخفي ذڪر ڪرڻ بيشڪ اهو ظاهري ذڪر کان افضل آهي. ذڪر خفي نه سڃاتو ويندو، مگر پاڪيزه خوشبو سان ۽ افضل ذڪر کي قبول ڪيو ويندو ۽ اهو لااله الا**الله** جو ڪلمو آهي. انهيءَ ۾ هو پنهنجي آواز کي



ايتري قدر ڇڪي ٿو جو هر هڪ عضوو ان مان پنهنجو حصو حاصل ڪري ٿو ۽ ذڪر ڪرڻ غافلن جي درميان غنيمت آهي. ڪفاية الشعبيءَ جي ’معرڪة الاسواق‘ ۾ آهي ته هڪڙو ماڻهو وڏي آواز سان ذڪر ڪري رهيو هو ته ٻيو وري ان کي روڪي پيو ڇو ته هو **ادْعُوا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَخُفْيَةً** (الاعراف: 55) [آهستي ۽ وڏي آواز سان پنهنجي رب کي سڏيو.] موجب هو ان کي عُذر وارو سمجهي پيو. اهڙيءَ طرح ’خزانة العلوم‘ ۽ ابوالليث جي ’تنبيه الغافلين‘ ۾ آهي ته مسجدن جي حرمت مان هڪ اها به آهي ته انهن ۾ ڪثرت سان ذڪر ڪيو وڃي ۽ **الله** تعاليٰ ڪارساز جي ذڪر جي آواز کان سواءِ ٻيو آواز بلند نه ڪيو وڃي. ’انيس الواعظين‘ ۾ ابوالفتح جي شرح جي حوالي موجب اهو جائز آهي ته **الله** تعاليٰ جو ذڪر جهراً ڪيو وڃي ۽ ڪو به ان کان منع نه ڪري جيڪڏهن منع ڪندو ته اهو معذور هوندو. ’شمالي‘ ۾ آهي ته جڏهن ڪافر غالب هئا تڏهن ذڪر، نماز تسبيح، تهليل ۽ قرآن پڙهڻ نماز توڙي نماز کان ٻاهر جو حڪم خفيه طريقه سان هو جيئن هنن آيتن ۾ آهي: **ادْعُوا رَبَّكُمْ**

**تَضَرُّعًا وَخُفْيَةً** (الاعراف: 55) **وَاذْكُرْ رَبَّكَ فِي نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَخِيفَةً وَدُونَ الْجَهْرِ مِنَ الْقَوْلِ** (الاعراف: 205) پر جڏهن پيغمبرﷺ ۽ ان جا اصحاب سڳورا ڪفارن تي غالب ٿيا ته پوءِ هي فرمان نازل ٿيو **سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْأَعْلَى** (الاعليٰ: 01) [پنهنجي ان بلند رب جي نالي جي تسبيح بيان ڪر] يعني پنهنجي رب جي ذڪر سان آواز کي بلند ڪر. ابن مسعودؓ نبي اڪرمﷺ جن جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيو ته مان جڏهن آهستي ذڪر ڪندو آهيان ته منهنجي دل پريشان ٿيندي آهي ۽ هر ماڻهوءَ جي ڳالهائڻ جي طرف ڌيان ويندو آهي. پاڻ فرمايائون ته پنهنجي رب جي ذڪر سان آواز کي بلند رک چو ته حڪم ٿيو آهي **فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ** (النصر: 3) تسبيح آواز کي بلند ڪرڻ آهي. شيخ المشائخ نجم الدين ڪبريٰ چيو ته بيشڪ ذڪر توڙي جو اهو فقط زبان سان هجي وڏو دليل آهي ۽ ان جي ڪثرت تي حرص ۽ عجلت نه ڪرڻ گهرجي، ان ڪري مستحب قرار ڏنائون ته پنهنجي آواز کي لاالٰه الاالله جي قول سان بلند ۽ مٿي ڪجي. هر ذڪر جيڪو مشروع آهي چاهي اهو واجب



هجي يا مستحب ان ۾ ڪنهن به ريت حمد کان تجاوز نه ڪيو وڃي ان ۾ ان جو تلفظ به اچي وڃي ٿو. 'شرح مشڪوٰت' موجب جڏهن انهن ارادو ڪيو ته اوراد ۽ ذڪرن ۾ اهو معتبر آهي جنهن جا شريعت ۾ فضائل وارد ٿيل آهن جيئن نماز کان پوءِ تسبيح يا نماز. ان جهڙين ٻين عبادتن جو ثواب ان طرح ڏنو ويندو جڏهن اهي لفظن ۾ ادا ٿين ۽ ساهه جي ٻڌڻ ۾ اچن. جهڙي طرح تلاوتِ قرآن ۾ ٿيندو آهي ۽ انهيءَ تي 'جزري' جو ڪلام دليل آهي، پر دل سان ذڪر ڪرڻ ان کي ذڪر نه چيو ويندو ۽ ان تي الله جي ذڪر جو ثواب حاصل نه ٿيندو ۽ ان جي ڪري اهو محل نظر آهي. 'حصن الحصين' جي شرح ۾ هن طرح آهي ته اهو همزي سان پنهنجي آواز کي ڇڪيندو آهي. چو ته عرب پنهنجي آواز کي بلند ڪندا هئا. خاص طور دعا ۽ استغاثه جي وقت ۽ ڪنهن شيءِ جي نفي ۾ مبالغه جي وقت جهڙي طرح هن جاءِ تي آهي. بيشڪ اهو مبالغي جو مقام آهي جتي الله تعاليٰ جي غير جي نفي ڪرڻ آهي ۽ ان کي تعظيم ۽ مبالغو چيو ويندو آهي. اها ابن عمرؓ کان مرفوعاً روايت آهي ته جنهن ماڻهوءَ لاالٰه

**الاالله** چيو ۽ پنهنجي آواز کي ان سان بلند ڪيائين ته **الله** تعاليٰ ان کي دارالجلال ۾ رهائيندو ۽ هن کي پنهنجي زيارت نصيب ڪندو.

حضرت انس﷜ کان روايت آهي ته جنهن ماڻهو بلند آواز سان **لاالٰه الاالله** چيو ته ان جا چار هزار گناهه معاف ڪيا ويندا جيتوڻيڪ اهي ٻئي روايتون ضعيف آهن. پر اهي ٻئي 'فضائل اعمال' ۾ آهن ۽ علماَء جو اتفاق آهي ته ضعيف حديث فضائل ۾ قابل عمل آهي. اهڙي طرح مصنف 'النشر' ۾ پڻ ذڪر ڪيو آهي. ان ڪانسواءِ 'صحيح ابن داؤد' ۽ 'نسائي' ۾ بروايت **عبدالله** ابن زبير﷜ ته حضور ﷺ نماز ادا ڪرڻ بعد بلند آواز سان چوندا هئا **"لاالٰه الاالله وحدهٗ لاشريک لهٗ لهٗ الملک ولهٗ الحمد وهو عليٰ ڪل شيءِ قدير ولا حول ولا قوة الا بالله ولانعبد الا اياه وله النعمة والثنآء الحسن لاالٰه الاالله مُخْلِصِينَ لَهُ الدِّينَ وَلَوْ كَرِهَ الْكَافِرُونَ"** (غافر: 14) [ناهي ڪو معبود مگر الله. هو اڪيلو آهي ان سان ڪو شريڪ ناهي ان جي لاءِ بادشاهي آهي ۽ ان جي لاءِ حمد آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي. شيطان جي شر کان ڪا



به طاقت بچائيندڙ ناهي مگر **الله** تعاليٰ ۽ نه ئي عبادت ڪيون مگر ان جي ۽ ان جي لاءِ آهي ڀلي حمد وثنا ۽ ناهي ڪو به معبود مگر **الله** تعاليٰ خالص ڪري ان دين کي توڙي جو ڪافر ناپسند ڪن ٿا.] 'صحيح بخاري' ۽ 'مشڪواة مصابيح' ۾ حضرت ابوهريره﷜ کان روايت بيان ٿيل آهي ته نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته **الله** تعاليٰ فرمائي ٿو **"انا عند ظن عبدي بي ....الخ"** يعني مان ٻانهي لاءِ سندس اندر جي گمان مطابق هوندو آهيان. مان ان سان گڏ هوندو آهيان جڏهن اهو منهنجو ذڪر ڪندو آهي پوءِ جيڪڏهن هو مون کي پنهنجي دل ۾ ياد ڪندو آهي ته مان به هن کي اهڙي طرح ياد ڪندو آهيان جيڪڏهن هو مون کي ڪنهن جماعت ۾ ياد ڪندو آهي ته مان ان کان بهتر جماعت ۾ ان کي ياد ڪندو آهيان ۽ جيڪڏهن هو مون کي هڪ گرانٺ ويجهو ٿيندو آهي ته مان ان کي هڪ هٿ ويجهو ٿيندو آهيان ۽ جيڪڏهن هو مون کي هڪ هٿ ويجهو ٿيندو آهي ته مان هن کي هڪ گز ويجهو ٿيندو آهيان ۽ جيڪڏهن هو مون ڏي هلي ايندو آهي ته مان ان وٽ ڊوڙي ايندو آهيان. ان جي معنيٰ آهي

ته جيڪو ماڻهو منهنجي خدمت ۾ پنهنجي نفس سان ٿورو به مجاهد ڪندو آهي ته مان ان کي پنهنجي رحمت جي ويجهو ڪري ڇڏيندو آهيان مناڻ سان ۽ ان کي رغبت ۽ لذت عطا ڪندو آهيان ۽ ان کي پنهنجي اُنس جي مناڻ نصيب ڪندو آهيان پاڻ سان ۽ پنهنجي ذڪر سان پوءِ اهو حامل هجڻ جي باوجود محمول ٿي پوندو آهي.

اهڙي طرح ’طهارة القلوب‘ ۾ آهي ۽ ’بيهقي‘ کان مروي آهي ته حضرت زيد کان ته چيو ابن اورع مان نبي ڪريمﷺ سان چاندوڪي جي رات ۾ هلندو پئي ويس ته پاڻ هڪڙي ماڻهوءَ وٽان گذريا جيڪو مسجد ۾ بلند آواز ڪري رهيو هو. مون عرض ڪيو ته اي خدا جا رسول! شايد اهو ماڻهو ريا ڪرڻ وارو آهي. پاڻ فرمايائون ته

نه، بلڪ اهو آواز بلند ڪندڙ آهي. ’نوادر الاصول‘ جي فصل به سؤ سٺ ۾ آيل آهي ته حضرت ابن عمر رسول اللهﷺ کان ٻڌو ته ذڪر خفي ممتاز آهي ۽ ذڪر جلي مبتدي لاءِ افضل آهي. ’روضة العلماء‘ جي ايڪاسي باب ۾ هينئن لکيل آهي ته



حضرت ابن عمرؓ کان روايت آهي ته نبي اڪرمﷺ فرمايو ته جنهن ماڻهوءَ بلند آواز سان **الله** تعاليٰ جي راهه ۾ ”**الله** اڪبر“ چيو ته **الله** تعاليٰ ان جي لاءِ پنهنجو رضوانِ اڪبر لکي ڇڏيندو ۽ جنهن جي لاءِ **الله** تعاليٰ رضوانِ اڪبر لکيو ته **الله** تعاليٰ ان کي حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ ٻين نبين سڳورن سان دارالجلال ۾ جمع فرمائيندو ۽ هو انهن مان ٿي پوندو جيڪي صبح شام پنهنجي رب جو ديدار ڪندا. ’هداية الذاڪرين‘ ۾ آيل آهي [121] ته نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته **الله** تعاليٰ حضرت موسيٰ عليه السلام ابن عمران کي فرمايو ته امت محمدي مان ڪجهه اهڙا ماڻهو آهن جيڪي مٿاهين جڳهين تي ويهندا آهن ۽ لااله الاالله جي قول سان ذڪر ڪندا آهن ۽ هنن جي جزا **الله** تعاليٰ وٽ انبياء جي جزاء وانگر آهي. حضرت جابر بن عبد**الله** انصاري کان روايت آهي ته هن ٻُڌو ته ڪن ماڻهن هڪ قبر ۾ روشني ڏٺي پوءِ اهي ان وقت رسول **الله**ﷺ جن وٽ آيا. پاڻ فرمايائون ته مون کي پنهنجو اهو سنگتي ڏيکاريو. جيڪو بلند آواز سان ذڪر ڪري رهيو هو. ان حديث مان ٻه ڳالهيون معلوم ٿين

ٿيون. هڪ نبي ڪريم ﷺ جي زماني ۾ بلند آواز سان ذڪر ڪندا هئا. ٻيو ته ان ماڻهو کي ايترو دوست رکيائون جو پنهنجي هٿن مبارڪن سان ان کي دفن ڪيو اٿن.

’حلية الاولياء‘ ۾ ’ڪعب الاحبار‘ کان روايت آهي ته رسول **الله** ﷺ فرمايو ته **الله** تعاليٰ حضرت موسيٰ بن عمران کي فرمايو لااله **الاالله** جي قول جي ڪثرت ڪر. جيڪڏهن انهن ماڻهن جو **لااِله الاالله** آواز ٻڌڻ ۾ نه اچي ها ته مان دنيا وارن تي جهنم کي مسلط ڪري ڇڏيان ها. هن حديث مان ٻه ڳالهيون معلوم ٿيون. هڪ ته پنهنجي ڪليم کي بلند آواز سان ذڪر جو حڪم فرمايل آهي. ٻيو ته هنن جي ذڪر جي برڪت سان دوزخ جو عذاب دفع ٿي وڃي ٿو ۽ ’شرح الناس‘ ۾ آيل آهي ته. بلند آواز ذڪر جي شروعات حضرت اسرافيل عليه السلام جي ڪيل آهي. نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته جڏهن **الله** تعاليٰ حضرت اسرافيل کي پيدا فرمايو ۽ اکيون کولي رب تعاليٰ جي عظمت جي طرف ڏٺائين ته بي هوش ٿي عرش جي پاوَن کي چنبڙي پيو. جڏهن ٽيهه هزار سالن کانپوءِ هوش ۾ آيو ته وڏي ۽



سهڻي آواز سان چيائين ”**سبحان ربي العظيم**“ پوءِ **الله** تعاليٰ هن کي ٻانهن جي روحن تي صور ڦوڪڻ لاءِ مقرر ڪيو ۽ جواب حديث جو ”**ياايها الناس رابعوا عليٰ نفسڪم فانڪم لا تدعوا صماً ولا غائباً وانما تدعون سميعاً وقريباً**“ يعني اي ماڻهؤ! پاڻ تي نرمي ڪيو بيشڪ توهان ٻوڙي ۽ غائب کي نه ٿا سڏيو، اوهان ٻڌندڙ ۽ ويجهو واري کي سڏيو ٿا. انهيءَ ڪري فرمايو اٿن ته بلند آواز سان ذڪر غافلن جي تنبيهه واسطي ۽ ياد نه ڪندڙن لاءِ يادگيري ۽ شيطان کي ڊوڙائڻ ۽ پري ڀڄائڻ جي لاءِ آهي. اصحاب ڪرام حضور ۾ پڪي يقين وارا ۽ هر قسم جي غرور گهمنڊ کان پري هئا. رسول **الله** ﷺ جي مٺي محفل جا شائق ۽ سندن خدمت جا مجذوب ۽ ارادت ۽ محبت جا ماريل هئا. پر تڏهن به سندن موجودگيءَ ۾ بلند آواز سان ذڪر ادب کان پري نه هو. هن سلسلي ۾ خاص حديث وارد ٿيل آهي جيڪا ان وقت جي مصلحت جي تقاضا موجب هئي پاڻ ڪنهن لڙائي کان واپس ٿيا هئا ۽ اصحاب سڀورا ڪافي ٿڪل هئا. ڪجهه پوئتي رهيل هئا ڪجهه چوڪيداري ۾ مشغول هئا. ڪي دشمنن کي

ويجها هئا ۽ ڪجهہ وري دوستن کان موڪلائي اٿيا تہ بلند آواز سان تڪبير ۽ تهليل چوندا پئي ويا. انهي وقت حضور ﷺ فرمايو **”لا تدعون اليٰ آخره الحديث“** يعني خاص جو مورد عام جو دليل نہ هوندو آهي خصوصاً هن دور ۾ جڏهن غفلت ۽ سُستي، شهوت ۽ غم ماڻهن جي دلين تي چڙهيل آهن ڇو تہ ماهر طبيب جو اصول آهي تہ هر شخص کي ان جي حال ۽ مرض مطابق دوا ڏسيندو آهي.

هڪ حديث ۾ اهو بہ آيل آهي **”زينو القرآن باصواتڪم فان الصوت الحسن يزيد القرآن“** [قرآن کي پنهنجن آوازن سان سينگاريو، ڇو تہ سهڻو آواز قرآن جو (ذوق) وڌائي ٿو.] هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي تہ جڏهن نبي ڪريم ﷺ دوستن کي نصيحت ڪندا هئا ۽ مخلوق کي خدا جي طرف سڏيندا هئا تہ آواز اهڙي طرح بلند ڪندا هئا **”ڪانه نذير جيش“** جڻ تہ پاڻ هڪ لشڪر کان ڊيڄاريندڙ (نذير) آهن. هڪ صحيح حديث ۾ ائين بہ آهي تہ **”ڪان يرفع صوتہ حتي يسمع النساء في بيوتهنّ“** يعني آواز ايترو بلند ڪندا هئا جو عورتون گهرن ۾ ٻڌنديون



هيون. اهو بہ معلوم آهي تہ ڪنهن نالي سان يا ڪنهن صفت سان جڏهن ان کي ياد ڪبو تہ اهو ذڪر آهي ۽ اهو ذڪر صرف **لاالٰہ الاالله** جي ڪلمي ۾ بند نہ آهي. نبي ڪريم ﷺ فرمايو تہ مون وٽ جبرائيل آيو ۽ مون کي چيائين تہ مان پنهنجي صحابين ۽ هر ان شخص کي جيڪو مون سان گڏ آهي حڪم ڪيان تہ اهي تلبيهہ ۽ تهليل ۾ پنهنجو آواز بلند ڪن. ٻي مشهور حديث آهي تہ **الله** تعاليٰ جنت ۾ حضرت دائود عليه السلام کي فرمائيندو تہ اي دائود اُٿ ۽ منهنجو حمد انهيءَ ساڳي سهڻي آواز ۾ بيان ڪر. هي حڪم آواز کي **الله** تعاليٰ جي ذڪر سان بلند ڪرڻ جو دليل آهي ۽ پيغمبرن جي سنت آهي. جيترو ذڪر ۾ آواز بلند هوندو تہ دل جو حضور ۽ ذڪر جو ذوق بہ اوترو زيادهہ هوندو. ثوري رحمة **الله** عليه چيو تہ **”افضل الاعمال الانفاس بالتعظيم“** يعني نفس جا افضل اعمال تعظيم سان آهن. ان مان وڏي عظمت وارو ذڪر جو ڪلمو لاالٰہ الاالله آهي جيڪو زبان تي جاري رهي ۽ ’ثوري‘ جي ڪلمات بابت شارح جي عبارت هي آهي تہ ”ويملاءَ فاه ويرفع صوتہ“

يعني پنهنجي وات کي پري پنهنجو آواز بلند ڪري. هن ڪان واضح تر ٻيو دليل هي آهي ته حضرت علي ڪرم **الله** وجهہٗ عرض ڪيو ته يا رسول **الله**! مون کي **الله** تعاليٰ جي طرف سڀ کان وڌيڪ ويجهو رستو ڏسيو ۽ اهو جيڪو افضل هجي ۽ جيڪو ٻانهن تي زياده آسان هجي. تڏهن نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته اي علي! اهو جنهن سان مان نبوت جي طرف آيو آهيان. حضرت علي عرض ڪيو ته اهو ڇا آهي. پاڻ فرمايائون ته اڪيلائپ ۾ ذڪر تي هميشگي ڪرڻ. عرض ڪيائون ته يا رسول **الله**! ڇا ذڪر جي ايڏي فضيلت آهي ۽ سڀ ماڻهو ذڪر ڪرڻ وارا آهن. چيائون **﴿وَإِنْ مِنْ شَيْءٍ إِلَّا يُسَبِّحُ بِحَمْدِهِ﴾** (بني اسرائيل: 44) [ڪا به اهڙي شيءِ ناهي مگر اها ان جي حمد ۽ تسبيح بيان ڪري ٿي.] حضرت عليؓ چيو ته قيامت قائم نه ٿيندي جيستائين زمين جي مٿان ڪو به **الله**، **الله** چوڻ وار هوندو. حضرت عليؓ عرض ڪيو ته يا رسول **الله**! مان ڪيئن ذڪر ڪيان؟ پاڻ فرمايائون ته مون کان ٻڌ ايتري تائين جو مان ان کي ٽي ڀيرا چوان ۽ تون ٻڌين. پوءِ ان کي تون چؤ ته مان



ٻڌان تڏهن پاڻ فرمايائون **لااله الاالله**. پوءِ ان کي حضرت عليؓ رسول **الله**ﷺ کان ٻڌو، چيائين اهڙي ريت جڏهن ٽي ڀيرا ٻڌائين ته پاڻ ڪريمن ڪيس پوءِ اجازت ڏني. وڌيڪ هن ڳالهہ جي به تلقين ڪيائون ته ان جي ٻئي ڪنهن کي به اهڙي تلقين ڪري جيڪا پوءِ حسن بصريءَ کي ۽ شيخ حسن بصري کان حبيب عجميءَ کي ملي ۽ اهڙيءَ طرح اهو سلسلو اڳتي هلندو رهيو. ’شعب الايمان‘ ۾ حضرت ابي (ذرؓ) کان روايت آهي ته ان چيو ته رسول **الله**ﷺ فرمايو **”اڪثروا ذڪر الله حتيٰ يقول المنافقون انڪم مراؤن“** يعني **الله** تعاليٰ جو ذڪر ايترو ته گهڻو ڪيو جو منافق چوڻ لڳن ته اهي ڏيکاءُ ڪن ٿا. هن حديث ۾ جهري ذڪر کان منع ڪرڻ لاءِ وڏي تنبيهه آهي جنهن بابت ٽي اشارا [122] آهن. هڪڙو هي ته جيڪو خراب گمان ڪري ۽ انڪار ڪري اهو منافق آهي، ٻيو وڏي آواز سان ذڪر جي اجازت ۽ رضامندي جيڪا منافقن جي لاءِ غم برابر آهي ۽ ٽيون انهيءَ ڳالهہ جي شاهدي ڏيڻ ته ذاڪر کان بيزاري نفاق آهي. ڪتاب ’اربعين‘ جنهن کي **’مڪالمة الرسول في الاصول‘**

بہ چيو ويندو آهي اهو چئن عشرن تي مشتمل آهي. ان جو پهريون عشرو ذڪر جي فضيلت ۾ آهي پهريون نبي ڪريم ﷺ فرمايو انهن ماڻهن جو مثال جيڪي ذڪر وڏي آواز سان ڪن ٿا ائين آهي جڻ دشمن سان ظاهر ۾ جنگ ڪن ٿا ۽ اهي جيڪي سرّي ذڪر ڪن ٿا اهي گويا باطني طور دشمن سان جنگ ڪن ٿا دشمنن سان. ٻيو جيڪو ماڻهو ذڪر تي هميشگي ڪندو اهو دشمن تي غالب ٿيندو ۽ جيڪو ذڪر تي هميشگي نہ ڪندو تہ اهو دشمن کان مغلوب ٿيندو. ٽيون تہ ذڪر جلّي ۾ ڏهہ فائدا آهن 1. دل جي ڪاراڻ جي صفائي 2. غافلن جي لاءِ تنبيهہ 3. جسماني صحت 4. الله تعاليٰ جي دشمنن سان جنگ 5. دين جو اظهار 6. نفساني ۽ شيطاني وسوسن جي نفي 7. الله تعاليٰ جي طرف توجهہ 8. غير الله کان منهن موڙڻ سان الله تعاليٰ ۽ ان جي ٻانهي جي درميان حجاب ختم ٿي وڃن ٿا. چوٿون الله تعاليٰ جي طرف گهڻائي رستا آهن جنهن مان بهترين طريقو ان جو ذڪر آهي جنهن جي شيخ يا مرشد تلقين ڪئي هجي، پنجون جيڪو شخص دنيا ۽



آخرت جي ڪاميابي جي ارادو رکي ٿو تہ پوءِ ان کي گهرجي تہ الله تعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول ٿي وڃي ۽ غير کان منهن موڙي ڇهون جيڪو شخص چاهي ٿو تہ دنيا ۾ ئي الله تعاليٰ جو ظاهر ديدار ڪري تہ الله تعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول ٿي وڃي ۽ ان جي غير کان منهن موڙي ستون جيڪو شخص حقيقي ايمان جو ارادو رکندڙ آهي تہ ان کي گهرجي تہ پنهنجي رب تعاليٰ جو ديدار ڪري تہ هن جو ديدار ماڻڻ هن جي ذڪر تي هميشگي ڪرڻ ۽ غير الله کان منهن موڙڻ ۾ آهي. اٺون ڪو بہ اهڙو ٻانهو ناهي جنهن الله تعاليٰ جو هميشگي سان ذڪر ڪيو هجي ۽ هن جي لاءِ رحمت الاهي جا دروازا نہ کوليا ويا هجن. الله تعاليٰ پنهنجي انوارن ۽ اسرارن (رازن) جي تجليات سان هن جي قلب کي ضرور منور فرمائي ٿو تڏهن الله تعاليٰ ۽ ان ٻانهي جي وچان حجاب ڪڇي وڃن ٿا ايستائين جو ٻانهو الله تعاليٰ جو ديدار هن دنيا ۾ ئي پسي ٿو. نائون الله تعاليٰ جو ذڪر زنده ٻانهن واري ذڪر سان ڪرڻ نہ مئلن واري ذڪر سان. عرض ڪيائون تہ اي الله جا رسول! زنده ماڻهن جو

ذڪر ڪهڙو آهي ۽ مئل ماڻهن جو ذڪر ڪهڙو آهي. تڏهن پاڻ ڪريمن فرمايو جيڪي ٻانها وضؤ جي حالت ۾ الله جو ذڪر ڪن ٿا تہ اهو زنده ٻانهن جو ذڪر آهي ۽ جيڪي ٻانها غفلت جي حالت ۾ ذڪر ڪن ٿا تہ اهو مئلن وارو ذڪر آهي. ڏهون جيڪو ٻانهو الله تعاليٰ جو ذڪر وڏي آواز سان ڪري ٿو چڻ تہ محبت الاهي ڪي ظاهر ڪري ٿو ۽ جيڪو ٻانهو الله تعاليٰ جو ذڪر مخفي ڪري ٿو چڻ تہ اهو محبت الاهي ڪي لڪائي ٿو پر جيڪو ٻانهو الله تعاليٰ جي محبت ڪي ظاهر ڪندو تہ الله تعاليٰ بہ ان جي محبت ڪي ظاهر فرمائيندو ۽ جيڪو الله تعاليٰ جي محبت مخفي رکندو تہ الله تعاليٰ بہ ان جي محبت ڪي ڳجهہ ۾ رکندو.

حديث شريف ۾ آيو آهي تہ اسلام سندن سينن ۾ ڳجهيءَ ريت داخل ٿيندو. 'مسلم شريف' ۾ آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو جنهن شخص دل جي شوق سان لاالٰہ الاالله چيو اهو جنت ۾ داخل ٿي ويندو. 'احياء' ۾ بہ آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ پنهنجي جسمن جي زڪوات ادا ڪريو



پوءِ بيشڪ توهان جي جسمن جي زڪوات لاالٰہ الاالله جو ذڪر آهي. 'مصابيح' ۾ آهي نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ جنهن ٻانهي جي ڪلام جي ابتدا ۽ انتها ۾ لاالٰہ الاالله هوندو تہ ان جون هڪ هزار خطائون بخشيون وينديون. جيڪڏهن ان تي عمل ڪندو رهندو تہ هڪ لک خطائون معاف ٿيندس ۽ الله تعاليٰ هن ڪان هڪ بہ گناهہ جو پڇاڻو نہ فرمائيندو. 'مشڪوٰة المصابيح' ۾ آهي جنهن شخص لاالٰہ الاالله هڪ ڀيرو چيو تہ الله تعاليٰ ان جا اڳيان ۽ پويان گناهہ معاف فرمائي ڇڏيندو. توڙي اهي سمنڊ جي گجيءَ جيترا گهڻو هجن. 'صحيح مسلم شريف' ۾ آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ ڪا بہ اهڙي قوم نہ آهي جيڪا الله تعاليٰ جو ذڪر ڪري مگر انهن ڪي ملائڪ گهيري ۾ وٺي هن ڪي رحمت سان ڍڪين ٿا انهن تي سڪون نازل ڪيو وڃي ٿو ۽ الله تعاليٰ پنهنجي شان جي لائق محفل ۾ انهن جو ذڪر فرمائي ٿو. 'بيهقي' ۾ آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ڪا بہ اهڙي قوم نہ آهي جيڪا گڏجي الله تعاليٰ جو ذڪر ڪري مگر آسمان مان سڏ ڏيندڙ انهن ڪي سڏ ڏئي ٿو. اي قوم! توهان

ڪي بخشيو ويو آهي ۽ تحقيق توهان جي براين کي نيڪين ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته جمع ٿيندڙن کي جلدي معلوم ٿي ويندو ته اهي اهل ڪرم مان آهن. تڏهن عرض ڪيو ويو ته اي **الله** جا رسول! اهل ڪرم ڪير آهن. تڏهن وڌيڪ چيائون **الله** تعاليٰ جو فرمان آهي ته مسجدن ۾ ذڪر جون محفلون ڪرڻ وارا اهل ڪرم آهن. مان ان ٻانهي جو ذڪر ڪندڙ آهيان جيڪو منهنجو ذڪر ڪري ٿو ۽ مان حبيب آهيان ان جو جيڪو منهنجو ذڪر ڪري ٿو ۽ مجيب آهيان ان جو جيڪو منهنجو ذڪر ڪري ٿو ۽ مان پنهنجي خاص حفاظت ۾ رکندڙ آهيان ان کي جيڪو منهنجو ذڪر ڪري ٿو. مان رحم ڪندڙ آهيان ان تي جيڪو منهنجو ذڪر ڪري ٿو ۽ بخشيندڙ آهيان ان کي جيڪو منهنجو ذڪر ڪري ٿو. 'هداية الذاڪرين' ۾ آيو آهي ته **الله** تعاليٰ فرمائي ٿو: **فَإِذَا قُضِيَتِ الصَّلَاةُ فَانْتَشِرُوا فِي الْأَرْضِ وَابْتَغُوا مِنْ فَضْلِ اللَّهِ وَاذْكُرُوا اللَّهَ كَثِيرًا لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُونَ** (الجمعة: 10) [جڏهن نماز پوري ٿي وڃي ته پوءِ زمين ۾ ٽڙي پکڙجي وڃو ۽ **الله** تعاليٰ جو فضل تلاش ڪيو ۽ **الله** تعاليٰ



جو ذڪر گهڻو ڪريو ته جيئن اوهان ڪامياب ٿيو.] يعني جڏهن جمعي جي نماز پوري ٿي وڃي. انس بن مالڪ فرمايو ته 'انتشار' آخرت جي ڪم ۾ ڪوشش ڪرڻ جو نالو آهي چو ته 'ابتغوا' جو امر **الله** تعاليٰ جي فضل مان ٻانهپ ڪانسواءِ ڪا صورت نٿو رکي ۽ **"اذڪروا ڪثيرا"** [ذڪر گهڻو ڪيو.] جو امر ضعيف ٻانهن جي حق ۾ وڌيڪ پسنديده آهي ۽ قوي ٻانهن جي حق ۾ واجب آهي. جيتوڻيڪ اهو حڪم هن آيت ۾ نماز جمع ادا ڪرڻ کان بعد آيو آهي پر حق جا طالب هر فرض نماز کان بعد ذڪر ۾ مشغول ٿين ٿا ۽ **لاالٰه الاالله** جو ڪلمو قرآن پاڪ ۾ ٻن جاين تي آهي هڪ سورة 'والصافات' ۾ **إِذَا قِيلَ لَهُمْ لَا إِلَٰهَ إِلَّا اللَّهُ يَسْتَكْبِرُونَ** [۽ جڏهن انهن کي **لاالٰه الاالله** جو چيو ويو ته تڪبر ڪرڻ لڳن ٿا.] ۽ ٻيو سورة 'محمّد' ۾ **فَاعْلَمْ أَنَّهُ لَا إِلَٰهَ إِلَّا اللَّهُ** [پوءِ ڄاڻ ته بيشڪ ناهي ڪو معبود مگر **الله** تعاليٰ.] قرآن جي حرفن مان ڪنهن به هڪ حرف جو انڪار ڪرڻ ڪفر جو سبب آهي ۽ **لاالٰه الّاالله** جو ڪلمو قرآن ۾ وڌيڪ شرف وارو آهي. جيئن نبي ﷺ فرمايو آهي: **"اعجز احدڪم ان**

**يقرء في ليلة ثلث القرآن قالو كيف نقرء ثلث القران قال قل هو الله احد يعدل ثلث القرآن**" يعني ڇا توهان مان ڪو ان ڪري عاجز ٿئي ٿو ته هڪ رات ۾ قرآن جو ٽيون حصو پڙهي. عرض ڪيائون ته قرآن جو ٽيون حصو ڪيئن پڙهون. فرمايائون ته "**قل هو الله احد**" قرآن جي ٽيئن حصي برابر آهي. سورة اخلاص جي فضيلت [123] ان ڪري آهي جو ان ۾ ذات باري تعاليٰ جي وصف آهي ۽ قرآن ڪريم جون اڪثر آيتون احڪامن، امرونهي بابت آهن ۽ واعدي ياد ڏيارڻ ڊيڄارڻ، اسلاف جا قصا ٻڌائڻ ۽ جنت جو ذڪر ۽ ان جون نعمتون، دوزخ ۽ ان جا عذاب بيان ڪرڻ بابت آهن. لااله الاالله جي ڪلمي ۾ واجب الوجود ذات جي وحدانيت جو اثبات آهي ۽ ان جي غير جي نفي ڪرڻ آهي. هر اها آيت جنهن ۾ وحدانيت جو ذڪر آهي تنهن جي پڙهڻ ۾ گهڻو ثواب آهي ۽ الله تعاليٰ وٽ بلند درجات جو حصول آهي. جيئن الله تعاليٰ فرمايو **وَلِلّٰهِ الۡاَسۡمَآءُ الۡحُسۡنٰى فَادۡعُوۡهُ بِهَا** (الاعراف: 180) [۽ الله تعاليٰ جي لاءِ آهن سهڻا نالا پوءِ ان کي انهن سان سڏيو] ڪو به اسم ۽ ڪلمه لااله الاالله کان وڌيڪ



بلند ۽ عظمت وارو ناهي. جيئن نبي ﷺ فرمايو آهي ته مون ملائڪن جي سردار جبرئيل عليه السلام کان ٻڌو، چيائين: "**ما كلمة اجل من لااله الاالله علي وجه الارض بها فانت السمٰوات والارض والجبال والشجر والبر والبحر الا وهي كلمة الا خلاص الا وهي كلمة الاسلام لا وهي كلمة النور الا وهي كلمة الرحمة الا وهي كلمة القرب الا وهي كلمة التقريب الا وهي كلمة النجات الا وهي كلمة الله العليا لو وضعت في كفته وسبع سمٰوات وسبع ارضين في كفته لرجحت بهن**" [زمين تي لااله الاالله کان وڌيڪ عظمت وارو ڪلمو نازل نه ڪيو ويو آهي انهيءَ سان آسمان ۽ زمين جبل ۽ وڻ ۽ بر ۽ بحر آندا ويا. اهو ئي اخلاص جو ڪلمو آهي ۽ اهو ئي اسلام جو ڪلمو آهي ۽ اهو ئي نور جو ڪلمو آهي ۽ اهو ئي رحمت جو ڪلمو آهي ۽ اهو ئي قرب جو ڪلمو آهي ۽ اهو ئي تقرب جو ڪلمو آهي ۽ اهو ئي نجات جو ڪلمو آهي ۽ اهو ئي بلند ڪلمو آهي جيڪڏهن هڪ پڙ ۾ اهو ڪلمو ۽ ٻئي ۾ ست آسمان ۽ ست زمينون رکجن ته ڪلمي جو وزن وڌي ويندو.

ڪلمہ طيبہ جا قرآن واحاديث مان ڪيترا نالا معلوم ڪري رکيا اٿن. پهريون ڪلمہ توحيد هي سورة محمد ۾ آهي **فَاعْلَمْ أَنَّهُ لَا إِلَهَ إِلَّا اللّٰهُ** [پوءِ ڄاڻ تہ بيشڪ ناهي ڪو معبود مگر **الله** تعاليٰ.] ناهي ڪو بہ معبود عبوديت جي لائق ان ڪانسواءِ. ٻيو ڪلمہ اخلاص هي حديث مان معلوم ٿو ٿئي **"الاوهي ڪلمتہ الا خلاص"** يعني مگر اهو اخلاص جو ڪلمو آهي جو تہ اهو ٻانهي کي شرڪ کان پاڪ ڪري خالص، مخلص ۽ موحد بڻائيندو آهي. ٽيون ۽ چوٿون عدل ۽ احسان جو ڪلمو آهي **إِنَّ اللّٰهَ يَأْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْإِحْسَانِ** (النحل:90) [بيشڪ **الله** تعاليٰ عدل ۽ احسان جو حڪم ٿو فرمائي.] يعني عادل آهي ان ڪري جو ٻانهو حق ۽ باطل جي وچان حق اختيار ڪري ٿو ۽ باطل کان بچي هر ٻانهي تي جيستائين **الله** سائين ان تي احسان جي نظر فرمائي ان تي هي ڪلمو احسان ڪندو آهي تان جو ان جي برڪت سان محسنن ۽ نيڪوڪارن ۾ شامل ٿي ويندو آهي. پنجون ڪلمہ دعوة الحق ۽ هي سورة رعد ۾ آهي جو تہ حق ڏانهن سڏڻ ان کي ئي جڳائي ۽ لااله الاالله جو ڪلمو حق ڏانهن



سڏيندو آهي تان جو باطل ۽ گمراهي ۽ دل جي ڪَٿُ ۽ اونداهي دور ڪري ٿو. ڇهون ڪلمہ طيبہ جيئن سورة ابراهيم ۾ آهي **أَلَمْ تَرَ كَيْفَ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا كَلِمَةً طَيِّبَةً كَشَجَرَةٍ طَيِّبَةٍ** (ابراهيم: 24) [ڇا تو نہ ڏٺو ڪيئن **الله** تعاليٰ مثال پيش ڪيو آهي طيب ڪلمي جو.] اهو مومن جي دل ۾ معرفت سان ثابت آهي ۽ ان جي تصديق اها آهي **"ڪثبوت الشجرة في الارض واذا تڪلمہ وتقرر صعدت الي السماء"** [جيئن ول جو زمين ۾ ڦهلجڻ ۽ جڏهن ڪلمو پڙهندو رهندو تہ آسمان ڏانهن چڙهندو.] جيئن ڪجيءَ جي وڻ جي ٽاري آسمان ڏانهن اڀرندي آهي. حديث ۾ آهي تہ **"مفتاح الصلاة لااله الاالله"** يعني نماز جي ڪنجي لااله الاالله آهي. ستون ڪلمہ طيب جيئن قرآن پاڪ ۾ آهي تہ **إِلَيْهِ يَصْعَدُ الْكَلِمُ الطَّيِّبُ** (فاطر:10) [ان جي طرف طيب ڪلمو چڙهي ٿو.] ڪلمہ طيب ان ڪري چئجي ٿو جو ٻانهي کي ڪفر ۽ شرڪ ۽ گناهہ کان پاڪ ڪندڙ آهي ۽ آخرت ۾ رنج ۽ افسوس کان نجات بخشيندڙ آهي. اٺون ڪلمۃ ثابت جيئن قرآن پاڪ ۾ آهي **يُثَبِّتُ اللّٰهُ الَّذِينَ آمَنُوا بِالْقَوْلِ الثَّابِتِ فِي الْحَيَاةِ الدُّنْيَا وَفِي**

اٰخِرَةِ (ابراهيم: 27) [خدا تعاليٰ مومنن کي مظبوطي ڏئي ٿو قول ثابت سان ۽ سڌو رکي ٿو هِن جهان ۽ هُن جهان ۾.] ان کري رحلت وقت توڙي قبر ۾ منکر نکير جا صحيح جواب ڏئي سگهي ٿو. لاالٰه الاالله جي ڪلمي جي برڪت سان حشر نشر سولو ڪري ٿو. نائون ۽ ڏهون ڪلمة البّر والتقويٰ جيئن قرآن ۾ آهي **وَتَعَاوَنُوا عَلَى الْبِرِّ وَالتَّقْوَىٰ** (مائدة: 2) [۽ نيڪي ۽ تقويٰ جي معاملي ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪيو.] يعني چڱن ڪمن ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪريو. پرهيزگاريءَ تي اپارڻ واسطي پلائي جو اهو اهڙو ڪلمو آهي جو هن کان وڌيڪ پلو ڪو ٻيو ڪلمو ناهي. بلڪ تقويٰ جو اهو اهڙو ڪلمو آهي جو ٻانهو هن ڪلمي جي برڪت سان **الله** تعاليٰ جي حرام ڪيل شين کان بچي ويندو آهي.

يارهون **وَجَعَلَهَا كَلِمَةً بَاقِيَةً فِي عَقِبِهِ** (الزخرف:28) [۽ پنهنجي پويان باقي (رهندڙ) ڪلام رکيائين.] يعني ڪلمه باقيه اهڙو ڪلمو آهي جو مؤمن ٻانهي کان مرڻ وقت ٻيا سڀ ڪلما جدا ٿي ويندا مگر ڪلمه باقيه لاالٰه الاالله آهي ۽ اهو هن سان



ٻنهي جهانن ۾ گڏ هوندو. ٻارهون ڪلمه عليه **وَجَعَلَ كَلِمَةَ الَّذِينَ كَفَرُوا السُّفْلَىٰ وَكَلِمَةُ اللَّهِ هِيَ الْعُلْيَا** (التوبه: 40) [۽ ڪافرن جي ڪلمي کي هيٺانهون ڪيائين ۽ **الله** جو ڪلمو ئي بلند آهي.] هي اهڙو ڪلمو آهي جيڪو ٻين سيني ڪلمن تي غالب ۽ گهڻو مٿي آهي. تيرهون ڪلمه مثل: **وَلِلَّهِ الْمَثَلُ الْأَعْلَىٰ** (النحل: 60) ۽ **الله** تعاليٰ جي لاءِ آهي اعليٰ مثال يعني بلند صفتون **الله** تعاليٰ جي لاءِ آهن.] يعني الوهيت جي صفتن مان ان ذات جي هيءَ وصف تمام اعليٰ آهي ۽ مثل الاعليٰ ۽ ڪلمة **الله** هي العليا جي معنيٰ هڪڙي ساڳي بيان فرمائي اٿن. چوڏهون ڪلمه سواء **قُلْ يَا أَهْلَ الْكِتَابِ تَعَالَوْا إِلَىٰ كَلِمَةٍ سَوَاءٍ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ** (آل عمران:64) ([چئو. اي ڪتاب وارؤ! اچو اهڙي ڪلمي ڏانهن جيڪو اوهان ۽ توهان جي وچ ۾ برابر آهي.] حضرت آدم عليه السلام کان وٺي حضرت محمدﷺ جي زماني تائين ڪنهن به پيغمبر کي پنهنجن ٻانهن ڏانهن نه موڪليائين مگر لاالٰه الاالله جي ڪلمي جن مخلوق کي **الله** تعاليٰ جي طرف سڏيو. پندرهون ڪلمه نجات آهي. هي اهڙو ڪلمو آهي جو جيڪو هن کي دل

جي صدق سان پڙهندو ته دنيا جي مصيبتن ۽ آخرت جي عذاب کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندو.

سورهون ڪلمه عهد ﴿**أَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ قَالُوا بَلَىٰ** (الاعراف: 172) جو آهي . هي اهو ڪلمو آهي جيڪو ازل ۾ **الله** تعاليٰ وعدي ۽ ميثاق جي صورت ۾ حضرت آدم عليه السلام ۽ ان جي تمام اولاد کان ورتو هو. ان ڪري جڏهن هو دنيا ۾ اچن ۽ **الله** تعاليٰ انهن جي طرف پنهنجا رسول موڪلي ته ڪلمه توحيد جنهن جو اقرار ڪيو هئائون ۽ اهو انهن جي اڳيان پيش ڪن ته هو ان کي قبول ڪن. ان ڪري اهو ڪلمو اهم سرمايو آهي ۽ مرڻ وقت ۽ حشر نشر ۽ ابداےباد تائين انهن لاءِ قيمتي سرمايي جي حيثيت رکي ٿو. سترهون ڪلمه استقامت ﴿**إِنَّ الَّذِينَ قَالُوا رَبُّنَا اللَّهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوا** (حٰم السجدة: 30) [بيشڪ جن چيو ته اسان جو رب **الله** آهي پوءِ ان تي قائم رهيا.] جن حق تعاليٰ جي وحدانيت ۽ ربوبيت جو اقرار ڪيو ۽ ان تي هميشه قائم رهيا يعني لااله الا**الله** جي ڪلمي تي استقامت ڪيائون ته ملائڪ انهن وٽ اچي خوشخبري ڏين ٿا يعني شخص دل جي



سچائي ۽ استقامت سان هن ڪلمه طيبه کي زبان تي جاري رکندا ته انهن کي ڪو خوف ۽ تڪليف نه پهچندي. ارڙهون آسمانن ۽ زمين جون چابيون جيئن **لَهُ مَقَالِيدُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ** (الشوريٰ: 12) [ان جي لاءِ آهن آسمانن ۽ زمين جون چابيون.] آهي. امير المؤمنين حضرت عثمان بن عفانؓ حضرت رسالت مآب ﷺ کي عرض ڪيو ته "**له مقاليد السمٰوٰت والارض**" اُهي مقاليد ڪهڙيون آهن. پاڻ فرمايائون ته اي عثمان! تو کان اڳ مقاليد جي متعلق ڪنهن به نه پڇيو آهي. آسمان ۽ زمين ۾ پنج مقاليد آهن پهريون ڪلمه لااله الا**الله** جيڪو سيني چابين جو اصل آهي، ٻيو **الله** اڪبر، ٽيون سبحان **الله** وبحمده، چوٿون استغفر **الله**، پنجون **لاحول ولا قوة الا بالله العلي العظيم** يعني خزانن ۽ سعادت جي دولت، ظاهري ۽ باطني طور، حقيقي ۽ معنوي طور جيڪا زمين ۽ آسمان ۾ آهي ان جي ڪنجي لااله الا**الله** آهي. اوڻويهون ڪلمه سديد آهي **وَقُولُوا قَوْلًا سَدِيدًا يُصْلِحْ لَكُمْ أَعْمَالَكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوبَكُمْ** (الاحزاب: 70- 71) [۽ سڌي ڳالهه چئو توهان جا عمل توهان لاءِ نيڪ ڪري ڇڏيندو ۽

اوهان لاءِ اوهان جا گناه بخشيندو.] ۽ قول سديد لاالٰه الاالله جو ڪلمو آهي. ان جي پڙهڻ سان فرد جو ڪردار اصلاح جي قابل ٿئي ٿو ۽ هن جا جرم معاف ٿين ٿا. ڇو ته ڪو به هن کان وڌيڪ سچو ۽ افضل ۽ بلند ناهي. **الله** تعاليٰ جي يگانگيءَ تي شاهد آهي بلڪ وحدانيت جي وجود تي حق تعاليٰ پاڻ هن ڪلمي سان گواهي ڏني آهي ته **شَهِدَ اللّٰهُ أَنَّهُ لَا إِلٰهَ إِلَّا هُوَ وَالْمَلَائِكَةُ** (آل عمران: 18) [**الله** تعاليٰ شاهدي ڏني ته بيشڪ ان کان سواءِ ڪو معبود ناهي ۽ ملائڪن] ۽ **الله** تعاليٰ جن کي علم عطا ڪيو آهي، اُهي به هن ڪلمي سان حق جي وحدانيت جي شاهدي ادا ڪن ٿا. **وَالْمَلَائِكَةُ وَأُولُو الْعِلْمِ قَائِمًا بِالْقِسْطِ لَا إِلٰهَ إِلَّا هُوَ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ** (آل عمران: 18) [۽ ملائڪن ۽ علم وارن انصاف جي ڳالهه ڪئي ته بيشڪ هن کان سواءِ ڪو به معبود ناهي ۽ فقط اهوئي غالب حڪمت وارو آهي.]

ويهون ڪلمه دين آهي. جيئن **إِنَّ الدِّينَ عِنْدَ اللّٰهِ الْإِسْلَامُ** (آل عمران: 19) [بيشڪ دين **الله** تعاليٰ وٽ اسلام آهي.] جيئن هڪ حديث ۾ آهي ته "**الاوهي كلمة الاسلام**" يعني اهوئي اسلام



جو ڪلمو آهي. اهو ڪلمه دين يعني ڪلمه اسلام هن جي ڪري آهي جو ٻانهو جيستائين هي ڪلمو نه ٿو پڙهي تيستائين مسلمان جو نالو ئي ان تي نٿو پئجي سگهي. ڪافر جيڪو هڪ دفعو لاالٰه الاالله چوي اگرچه اسي سال ڪفر ۾ يا بت پرستي ۾ گذاريا هجن، ان مهل ئي مسلمان ٿي پوندو ۽ هن کان ڪفر جي ڪردار متعلق پڇا نه ٿيندي. اهائي ان ڪلمي جي خاص عظمت ۽ عزت ۽ حرمت آهي ۽ لاالٰه الاالله جو ڪلمو حق سبحانه وتعاليٰ وتقدس جي بارگاهه ۾ موجود آهي.

اها ڳالهه خطيب جمال الدين محمد شيرازي جي رسالي ۾ آهي ۽ هو ان حديث ۾ اٺ اسم ڄاڻائي ٿو. ڪلمه نور اهڙو ڪلمو آهي جيڪو ڪفر ۽ شرڪ جي اونداهيءَ کان ٻاهر ڪڍي، ايمان ۽ يقين جي نور سان مؤمن جي دل کي روشن ڪري ٿو. ڪلمه رحمت اهڙو ڪلمو آهي جنهن ڪري اهڙي ڪلمي چوندڙ تي رحيم ڪريم طرفان رحمت نازل ٿئي ٿي. ڪلمه قرب اهڙو ڪلمو آهي جيڪو ان تي هميشگي ڪرڻ سان حق تعاليٰ جي خاص ٻانهن مان ٿي پوندو آهي. ڪلمه تقرب اهڙو ڪلمو آهي

جنهن سان طالب رب العالمين جي بارگاهه جو قرب ۽ وصال ڳولهي ٿو، ان جي لاءِ لاالٰه الاالله جي ڪلمي کان وڌيڪ بهتر ڪو ڪلمو ناهي. اهو ڪلمه امن به آهي جيئن وارد ٿيل آهي **”لاالٰه الاالله حصي فمن دخل حصي امن من عذابي“** يعني لاالٰه الاالله منهنجو ڪوٽ آهي پوءِ جيڪو منهنجي ڪوٽ ۾ داخل ٿيو ته منهنجي عذاب کان امن ۾ رهندو] اهو ڪلمه امان ان ڪري آهي ته جيڪڏهن ڪافر هن ڪلمي کي زبان تي جاري ڪندو ته ان جي جان ۽ مال امان ۾ اچي وڃي ٿو، توڻي جو سندس دل ۾ سچائي نه هجي يا ڪٽي منافق هجي. پر جيڪو شخص دل جي سچائي ۽ محبت سان هن ڪلمي کي زبان تي آڻي ان تي هميشگي ڪري ٿو ته ان کي ٻنهي جهانن جي دولت ۽ نيڪ بختي حاصل ٿئي ٿي ۽ ڪيترا راز ۽ حقيقتون ۽ لطائف هن جي لاءِ انعام تي اچن ٿا. جيئن چيو ويو آهي **”مالا عين رأت، ولا اذن سمعت، ولا خطر علي قلب بشر“** يعني جنهن کي ڪنهن اک نه ڏٺو ۽ نه ڪنهن ڪن ٻڌو ۽ نه ڪنهن انسان جي دل ۾ ان جو خيال آيو. هن ڪلمي تي هميشگي ڪرڻ واري



لاءِ انهن ٻارهن حرفن مان جيڪي نفي ۽ اثبات تي مشتمل آهن، ٽي حرف سواءِ تڪرار جي ثابت رهندا ۽ باقي مِٽجي ويندا يعني الف احديت جو ۽ لام لطف جو ۽ ها هويت جي ۽ جڏهن ان تي هميشگي ڪندو ته سواءِ الف احديت جي باقي حرف مِٽجي ويندا ڇو ته الف سڀني حرفن جو اصل بنياد آهي. پر جڏهن احديت غلبو ڪري ٿي ته ذڪر ۽ ذاڪر ٻئي وڃان ختم ٿي وڃن ٿا. ڇو ته **وَاذْكُرْ رَبَّكَ إِذَا نَسِيتَ** (الڪهف:24) [۽ پنهنجي رب کي ياد ڪر جڏهن وسارين] جو اهو مطلب آهي. ڄاڻ ته نماز جي شڪل ۾ **الله** تعاليٰ جو نالو لکيل آهي ڇو ته الف قيام، لام رڪوع ۽ ٻيو لام قعدو ۽ هاء سجدو آهي ۽ ائين بني آدم الف جي هيئت تي پيدا ٿيل آهي. ائين آڱرين کي به ان تي قياس ڪر ۽ نماز جي شڪل ۾ اسم احمد داخل آهي. الف قيام ۽ حاء رڪوع ۽ ميم سجدو ۽ دال قعدو آهي. ان جو مطلب آهي ته شين کي ڏسڻ وقت انهن جي ٺاهيندڙ کان غافل نه ٿيندو ڪر ۽ ظاهري ۽ باطني طور ان کي سڀ کان مٿي ڄاڻين. **الله** تعاليٰ جي نالي کي هرگز نه وسار ڇو ته اهو ئي اسم

اعظم آهي. حديث شريف ۾ آيو آهي تہ ”الدين نصيحة“ يعني دين خير خواهي آهي ۽ سمورن عضون کي عبادت ۾ مشغول رک ۽ امانت ۾ خيانت نہ ڪر تہ جيئن تنهنجي ايمان ۽ دين ۾ خلل نہ پوي. ”لَا ايمان لمن لا امانة له“ يعني ناهي ڪو بہ ايمان وارو جيستائين هو امانت وارو ناهي. اُها امانت لاالٰه الاالله جو ڪلمو آهي ۽ ان جي بلندي کي عين اليقين سان ڏِس ۽ ان ڪلمي جو چوڻ توتي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي برڪت سان آسان ڪيو ويو آهي.

هڪ حديث جيڪا حسن الحاملي کان روايت آهي ان موجب ”بني اسرائيل ۾ هي طريقو هو جو جڏهن ٻانهو لاالٰه الاالله چوڻ جو ارادو ڪندو هو تہ ان لاءِ سال [125] روزو رکڻ ۽ سال عورتن کان پري رهڻ ۽ سال گوشت نہ کائڻ هو تانجو پنهنجي زبان سان لاالٰه الاالله چوي. شعيب عليه السلام جي قوم ۾ ائين هو جو ڇهہ مهينا روزا رکندا هئا ۽ ڇهہ مهينا عورتن کان پري رهندا هئا ايستائين جو شهادت انهن جي زبان تي جاري ٿيندي هئي. عيسيٰ عليه السلام جي قوم ۾ ائين هو جو مهينو روزا



رکندا هئا ۽ مسلسل ٽي ڏينهن پاڻ کي ڌوئيندا هئا تانجو لاالٰه الاالله جي گواهي انهن جي زبان تي جاري ٿئي. حديث ۾ آهي تہ حضرت عيسيٰ عليه السلام پنهنجي حوارين سان جڏهن امت محمد ﷺ جي فضيلت جو بيان ڪيو تہ انهن عجب ڪندي پڇيو اي روح الله! ڇا اها عزت ۽ ويجهڙائپ ۽ مرتبو جيڪو انهن جي لاءِ آهي عملن جي گهٽائي جي ڪري آهي. فرمايائون تہ ”نہ پر هڪڙو ڪلمو آهي جيڪو الله تعاليٰ انهن تي آسان ڪيو آهي ۽ سيني امتن تي ڏکيو هو ۽ اهو لاالٰه الاالله جو ڪلمو آهي.“

نماز قائم ڪرڻ مان مراد ان جو ذڪر قائم ڪرڻ آهي. الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ ﴿أَقِمِ الصَّلَاةَ لِذِكْرِي﴾ (طٰهٰ: 14) [منهنجي ياد لاءِ نماز قائم ڪر.] جهاد مان بہ مراد الله تعاليٰ جو ذڪر آهي. نبي ﷺ فرمايو تہ جنهن ان لاءِ جهاد ڪيو تہ جيئن الله تعاليٰ جو ڪلمو بلند ٿئي پوءِ اهو واقعي الله تعاليٰ جي واٽ ۾ آهي. شيخ ابراهيم ادهم هميشہ چوندو هو تہ جنت جون نعمتون مون کي صرف ذڪر جي محبت ۾ ڏئي عزت وارو

ڪيائين. حضرت بايزيد بسطاميؒ تي پيرا وات ڌوئي ان کان پوءِ هڪ پيرو **الله** جو نالو زبان سان کڻندو هو ۽ چوندو هو جيڪڏهن سڄي عمر ۾ بايزيد کان هڪ پيرو **لاالٰه الاالله** جو ڪلمو صحيح ادا ٿئي ها ته ڪيس ڪنهن به شيءِ جو خوف نه هو. حضرت شيخ سهل جي مريدن مان هڪ مريد تمام بُک وچان چيو ته اي استاد! "ما قوة المُريد" يعني مُريد جو کاڌو ڇا آهي؟ فرمايائين ته [ذڪر] **الْحَيِّ الَّذِي لَا يَمُوتُ** (الفرقان: 58) [ان زنده ذات جو ذڪر جنهن کي موت ناهي.] شيخ مُعاذ ان ڪري ئي چيو هو ته ذڪر سمورن گناهن کي ختم ڪندڙ آهي. سهل بن عبد**الله** فرمايو ته قيامت جي ڏينهن سمورن عملن ۽ عبادتن جو ثواب جنت تائين پهچائيندڙ آهي ۽ **لاالٰه الاالله** جو ثواب **الله** تعاليٰ تائين پهچائيندڙ آهي. ابوسعيد خرازؒ فرمايو آهي ته جڏهن **الله** تعاليٰ ٻانهن مان ڪنهن ٻانهي کي ويجهو آڻڻ جو ارادو ڪندو آهي ته ان تي پنهنجي ذڪر جا در کوليندو آهي، پوءِ جڏهن اهو ذڪر شروع ڪندو آهي ته ان تي قرب جا در کوليندو آهي، پوءِ ان کي اُنس جي مجلسن ڏانهن ڇڪيندو آهي، پوءِ ان کي توحيد جي



ڪرسي تي ويهاريندو آهي، پوءِ ان کان حجاب کڻندو آهي ۽ فردانيت جي گهر ۾ داخل ڪندو آهي ۽ جلال ۽ عظمت ظاهر ڪندو آهي. پوءِ جڏهن مالڪ جي نظر مٿس پوندي آهي ته هو ان کان سواءِ باقي رهجي ويندو آهي ۽ ان وقت ٻانهو فاني ٿي سندس حفاظت ۾ اچي ويندو آهي.

(شيخ اڪبر) محي الدين اندلسي چيو آهي ته "**الله** وارن سان دشمني کان بچ جيڪي حق تعاليٰ جا پسنديده ٻانها آهن توڙي جو هو اهڙيون خطائون يا گناهه ڪن جيڪي پلي زمين جي برابر هجن رڳو **الله** تعاليٰ سان شرڪ نه ڪن ته ڪين گناهن جي بدلي ۾ به معافي ملندي ۽ جيڪو به **الله** تعاليٰ جو ولي آهي انهن سان جهڳڙو ۽ گستاخي ڪرڻ حرام آهي، ڇو ته اهلِ ولايت سان دشمني ڪرڻ **الله** تعاليٰ سان دشمني ڪرڻ آهي. جيئن **الله** تعاليٰ فرمايو آهي ته "**من أهان لي ولياً فقد بارزني بالمحاربة**" يعني جنهن منهنجي وليءَ جي توهين ڪئي بيشڪ ان مون سان جنگ جو اعلان ڪيو. فضيل چيو ته، "**الذاکر ناعم غانم سالم اي ناعم بالذکر غانم بالاجر سالم عن الوزر**" يعني ذاڪر

آرام ڪندڙ لُٽيندڙ ۽ سلامتي وارو آهي يعني ذڪر سان آرام ڪندڙ ۽ اجر لُٽيندڙ ۽ بار کان سلامت رهندڙ آهي.

مالڪ دينارؒ فرمايو امت مصطفيٰ ﷺ کي الله تعاليٰ ٻه اهڙيون شيون عطا ڪيون آهن جيڪي جبرئيل ۽ ميڪائيل کي به عطا نه ڪيون ويون آهن. هڪ **فَاذۡكُرُونِيٓ أَذۡكُرۡكُمۡ** (البقره:152) [پوءِ مون کي ياد ڪيو مان توهان کي ياد ڪيان.] ۽ ٻيو **ادۡعُونِيٓ أَسۡتَجِبۡ لَكُمۡ** (المؤمن:60) [مون کي سڏيو اوهان کي جواب ڏيان ٿو.] شيخ سهل بن عبدالله تستريؒ هڪ پيري مريدن جي جماعت سان ويٺا هئا ته ڪو مرد انهيءَ حلقي جي قريب کان گذريو. حضرت شيخؒ پنهنجي ساٿين کي ٻڌايو ته هي مرد پنهنجي رب جو راز رکڻ وارو آهي. حضرت شيخ جي وفات کان بعد سندس مريدن مان ڪو شيخ جي مزار تي ويٺو هو ۽ اهو مرد زيارت جي واسطي اتي اچي پهتو. تڏهن هن مريد ان کي سڃاتو ۽ چيائينس: اي سردارا! هي اسان جو شيخ آهي جيڪو هن مٽيءَ ۾ آرامي آهي، انهيءَ ڏينهن جڏهن تون اسان جي مجلس جي قريب کان گذريو هئين ته حضرت شيخ فرمايو هو ته



هي مرد الله تعاليٰ جو راز رکڻ وارو آهي. هاڻي الله سائين جو واسطو اٿئي جنهن توکي راز عطا ڪيو آهي اهو مون تي به کول. ان مرد حضرت شيخ سهل تستريءَ جي مزار جي طرف اشارو ڪيو ۽ چيائين اي شيخ سهل! اهو راز جيڪو الله تعاليٰ جي هن ٻانهي وٽ آهي اوهان پنهنجي فصيح زبان سان ظاهر ڪيو ته هي اوهان جو مريد واقف ٿئي. تڏهن حضرت شيخ جي مزار مان آواز بلند ٿيو. چيائين اهو راز **لاالٰه الاالله محمد رسول الله** آهي. پوءِ ان مرد چيو ته اي شيخ! چون ٿا ته لاالٰه الاالله جي ورد ڪرڻ واري لاءِ قبر ۾ اونداهي نه هوندي. سچ آهي يا نه. بار بار پڇڻ تي انهيءَ وقت قبر مان آواز آيو ته سچ آهي، سچ آهي، سچ آهي. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته گهڻي فضيلت وارو ذڪر جيڪو ڪنهن وقت ۽ سبب ۽ مڪان سان مخصوص ناهي اهو لاالٰه الاالله آهي. هي افضل ترين ذڪر آهي ۽ افضل ترين نيڪي آهي. قيامت جي ڏينهن ماڻهو منهنجي شفاعت سان نيڪ بخت ٿيندا جنهن به خلوصِ قلب سان اهو پڙهيو هوندو ته جهنم کان بچي ويندو ۽ جنهن جي دل ۾ جوَ جي داڻي برابر ايمان جي

پلائي هوندي ته اهو به جهنم کان بچي ويندو. ائين جنهن جي دل ۾ ڪڻڪ جي داڻي برابر ايمان جي پلائي هوندي ته جهنم کان بچي ويندو بلڪ جنهن جي دل ۾ هڪ ذرڙي برابر ايمان جي پلائي هوندي.[126]

مطلب جنهن به پاڻهي اهو ڪلمو پڙهيو پوءِ مري ويو ته جنت ۾ داخل ٿي ويندو توڙي جو ڪيترا پيرا چوري يا زنا ڪئي هوندائين. ’حصن الحصين‘ ۾ ائين آهي. لاالٰه الاالله جو ذڪر سمورن ذڪرن تي فضيلت رکي ٿو ۽ اطاعتن ۽ ٻين عبادتن کان هن ڪري افضل آهي جو جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن کي عرض ڪيو ويو ته ڪهڙو عمل وڌيڪ افضل آهي. پاڻ فرمايائون ته الله جو ذڪر. عرض ڪيو ويو ته پوءِ جهاد؟ پاڻ فرمايائون ته الله تعاليٰ جي ذڪر کانسواءِ جهاد نه ٿي سگهندو. عرض ڪيو ويو ته پوءِ نماز؟ پاڻ فرمايائون ايستائين نماز نه آهي مگر الله تعاليٰ جي ذڪر کي قائم ڪرڻ آهي. اهڙيءَ طرح جڏهن حج، روزي ۽ زڪوات جو ذڪر ڪيائون ته عبادتن مان وڏي عبادت ڪهڙي آهي تڏهن به پاڻ فرمايائون ته اهو سڀ ڪجهه الله تعاليٰ



جي ذڪر کي قائم ڪرڻ لاءِ آهي. انهيءَ لحاظ کان نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته فقط نماز فرض ڪئي وئي آهي ۽ حج جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ مناسڪن جي تعظيم لاءِ چيو ويو آهي. مگر الله تعاليٰ جي ذڪر کي قائم ڪرڻ ڇڻ ته نمازي بنجڻ آهي. اهوئي سبب آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن اهل صُفّه مان هڪ مرد کي فرمايو جنهن جي ڪنيت ’ابورزين‘ هئي. اي ابارزين! جڏهن اڪيلائي ۾ هجين ته پنهنجي زبان کي الله تعاليٰ جي ذڪر سان تازو رک. پوءِ بيشڪ تون تيستائين نماز ۾ هوندين جيستائين پنهنجي رب جي ذڪر ۾ هوندين. لاالٰه الاالله جو پڙهڻ جيترو به چئجي يعني تسبيحن کان ۽ حمدن کان ۽ بزرگي بيان ڪرڻ کان گهڻو افضل آهي. ان لاءِ اهو دليل آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته افضل ترين اهو آهي جيئن مون چيو آهي ۽ مون کان اڳ سڀني نبين سڳورن لاالٰه الاالله چيو آهي ۽ پڻ فرمايائون ته افضل ترين ذڪر لاالٰه الاالله آهي.

نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته حضرت موسيٰ عليه السلام عرض ڪيو اي منهنجا رب! مون کي اهڙي شيءِ سيکار جنهن سان تنهنجو ذڪر ڪيان ۽ توکي سڏ ڪيان. **الله** تعاليٰ فرمايو: **لااله الاالله** سان سڏ ڪر. وري عرض ڪيائين اي منهنجا رب! اهو ته تنهنجا سمورا ٻانها چوندا آهن. جڏهن ته مان هڪ اهڙي شيءِ جي گهُر ڪيان ٿو جيڪا فقط منهنجي لاءِ خاص هجي پوءِ **الله** تعاليٰ فرمايو: اي موسيٰ! جيڪڏهن ستئي آسمان ۽ زمينون، ۽ جيڪي ڪجهه انهن ۾ آهي تارازي ۾ رکيا وڃن ته اهي سڀ **لااله الاالله** جي مقابلي ۾ هلڪا ٿي پوندا. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته جيڪڏهن **لااله الاالله** کي هڪ پڙ ۾ رکيو وڃي ۽ ٻي پڙ ۾ آسمانن ۽ زمينن ۽ جيڪي ڪجهه آهي انهن کي رکيو وڃي ته ضرور **لااله الاالله** وڌيڪ وزنائتو ٿيندو. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته تسبيح ڪرڻ سان ميزان اڌ ٿئي ٿو ۽ الحمدلله ان کي پري ڇڏي ٿو. **لااله الاالله** جي ڪري ٻانهي جي لاءِ **الله** تعاليٰ جي بارگاهه ۾ پردو ناهي ايستائين جو ٻانهو قرب الاهي کي حاصل ڪري وٺي ٿو ۽ **لااله الاالله** جو ڪلمو



آسمانن جي ڪنجي آهي. هن دليل سان ته نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته هر هڪ شيءِ لاءِ ڪنجي آهي آسمانن جي ڪنجي **لااله الاالله** آهي ۽ ذڪر زنگ آلوده دلين کي صاف ڪندڙ اوزار آهي. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو هر هڪ شيءِ لاءِ چمڪ آهي. دلين جي چمڪ **الله** تعاليٰ جو ذڪر آهي، نبي ڪريم ﷺ جن کي هڪ مرد عرض ڪيو اي **الله** جا رسول! مون کي وصيت ڪيو. پاڻ فرمايائون تون **الله** جي ذڪر کي پاڻ تي لازم ڪر. پوءِ بيشڪ اهو **الله** جو ذڪر منهنجي لاءِ نور آهي. انهيءَ معنيٰ ۾ رسول **الله** ﷺ جن فرمايو تحقيق **الله** تعاليٰ جو ذڪر ڪندڙ ٻانهو قيامت ۾ هن حال ۾ ايندو ته هو سج جي نور وانگر هوندو ۽ 'قول ثابت' مان مراد جيڪو هن آيت ۾ آيل آهي: **يُثَبِّتُ اللَّهُ الَّذِينَ آمَنُوا بِالْقَوْلِ الثَّابِتِ فِي الْحَيَاةِ الدُّنْيَا وَفِي الْآخِرَةِ** (ابراهيم:27) '**لااله الاالله**' جو ڪلمو آهي چو ته دنيا جي گهر ۾ **لااله الاالله** جي ڪلمي جي برڪت سان ان جو مال ۽ جان امان ۾ هوندا آهن ۽ جنهن شخص ان تي هميشگي ڪئي هوندي آخرت جي ميدان ۾ ايندو ۽ ڪلمي جو نور ان جي دل ۽ زبان

مان جهلڪندڙ هوندا. **لاالٰه الاالله** جو ڪلمو ايمان ڪي دل ۾ تازو ۽ نئون رکي ٿو هن دليل سان ته نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ايمان کي تازو ڪيو. عرض ڪيو ويو ڪهڙي طرح پنهنجي ايمان کي تازو ڪيون. پاڻ چيائون چئو **لاالٰه الاالله** ۽ انهيءَ معنيٰ ۾ آيو آهي ته نبي ڪريم ﷺ فرمايو **لاالٰه الاالله** ايمان کي دل ۾ ائين ڦُٽائي ٿو جيئن زمين ۾ ساوڪ کي.

**لاالٰه الاالله** ايمان جو اعليٰ رڪن آهي هن دليل سان ته نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ايمان جا ستر کان ڪجهه وڌيڪ حصا آهن سڀني کان بلند **لاالٰه الاالله** آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ رستي کان تڪليف ڏيندڙ شيءِ کي هٽائڻ آهي. **لاالٰه الاالله** جو چوندڙ هميشه لاءِ دوزخ ۾ نه رهندو هن دليل سان ته نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو هر ان شخص کي جهنم مان ٻاهر ڪڍيو ويندو جنهن به **لاالٰه الاالله** چيو هوندو ۽ هن جي دل ۾ ذري برابر خير هوندو ۽ اِهو اُهو ٻانهو هوندو جنهن سموري زندگي غفلت ۽ نافرماني ۾ گذاري هوندي، ليڪن ان جو ڪم **الله** تعاليٰ جي مشيت سان ٻڌل آهي. جيڪڏهن **الله** تعاليٰ گهُري ته ان جي



گناهن جو تدارڪ دوزخ سان ڪري ۽ ان کان بعد ڪلمي جي برڪت سان ڪيس ٻاهر ڪڍي ۽ جيڪڏهن گهري ته ان کي معاف ڪري ڇو ته دوزخ جي ٻاهه **لاالٰه الاالله** وارن تي حرام ڪيل آهي. جيئن حديث ۾ آهي: حرم النار علي من قال **لاالٰه الاالله** يبتغي بها وجه **الله** [**الله** تعاليٰ جي رضا جي خاطر جنهن **لاالٰه الاالله** چيو ان تي جهنم جي ٻاهه حرام آهي. يعني دنيا ۽ آخرت جي واسطي نه چيو بلڪ خاص **الله** سائين جي محبت ۽ رضا لاءِ اهو ڪلمو پڙهيو انهيءَ معنيٰ ۾ آهي. نبي ڪريم ﷺ فرمايو جهنم مومنن کي چوندو **"يا مؤمن جز فقد اطفاء نورک لهبي"** يعني اي مومن! اڳتي وَڌُ تنهنجي نور جي ڪري منهنجي ٻاهه وسامي ٿي. حضرت شيخ بايزيد بسطاميؒ فرمايو ته عارف **بالله** لاءِ دوزخ جي ٻاهه نه آهي بلڪ دوزخ اهل **الله** کان خوف ڪندڙ ۽ ڊڄندڙ آهي جنهن به شخص دل جي سچائيءَ سان **لاالٰه الاالله** جو ڪلمو پڙهيو هوندو ان کي حضرت پيغمبر ﷺ جي شفاعت حاصل ٿيندي. جيئن حديث ۾ آهي **"ان اسعد الناس شفاعتي من قال لاالٰه الاالله خالصا من قلبه او**

**نفسه**" يعني بيشڪ ماڻهن مان وڏيڪ نيڪ بخت منهنجي شفاعت سان اهو آهي جنهن خالص قلب يا ساهه سان لاالٰه **الاالله** چيو.

ڪلمو پاڻ به شفاعت ڪندو هن دليل سان نبي ﷺ فرمايو: "**اذا قال المؤمن لاالٰه الاالله خرج من فمهٖ طيرا خضرا وله دوي ڪدوي النحل فيقول الله تعاليٰ اسڪن فيقول لا اسڪن حتيٰ تغفر لقائلي فيقول الله تعاليٰ ما اجريتڪ علي لسانهٖ الا بعد ان غفرته**" يعني جنهن وقت مؤمن لاالٰه **الاالله** چوندو آهي ته ان جي وات مان سائو پکي نڪرندو آهي جيڪو ماکيءَ جي مک وانگر ڀڻڪندو آهي پوءِ **الله** تعاليٰ ان کي فرمائيندو آهي ته چُپ ٿي وڃ. پر هو عرض ڪندو آهي ته ايستائين چُپ نه ٿيندم جيستائين منهنجي چوندڙ کي نه بخشين. تڏهن **الله** تعاليٰ فرمائيندو ته تو کي ان جي زبان تي جاري نه ڪيم مگر ان کي بخشڻ کان بعد." جيڪو شخص ٻار جي تربيت ڪري تان جو اهو ٻار لاالٰه **الاالله** پڙهي ته حق تعاليٰ ان شخص جو حساب نه ڪندو. جيئن حديث ۾ آهي "**من ربّيٰ صغيرا حتيٰ يقول لاالٰه**



**الاالله لم يحاسبه الله**". حديث ۾ آهي ته "**ولو يعلم التاجر ماله في ذڪر الله لترڪ تجارته**"[127] يعني جيڪڏهن واپاري ڄاڻي ته **الله** جي ذڪر ۾ ڪيترو فائدو آهي ته پنهنجي واپار کي ڇڏي ڏئي. چو ته ذڪر جو نفعو ابدي آهي ۽ ڪلمي پڙهندڙ جون خطائون مِٽجي وڃن ٿيون. هن سلسلي ۾ حضرت ابوذر رضي **الله** عنه کان روايت آهي ته مون عرض ڪيو ته يا رسول **الله**! مون کي اهڙي شيءِ سيکاريو جيڪا مون کي نفعو ڏئي. پاڻ فرمايائون "**فاذا عملت سيئة فاعمل حسنة فانها عشر امثالها**" يعني جيڪڏهن برائي ٿي وڃي ته پوءِ نيڪي ڪر چو ته ان جو بدلو ڏهه ڀيرا آهي. عرض ڪيم ته يا رسول **الله**! ڇا لاالٰه **الاالله** نيڪين مان آهي. فرمايائون ته "**نعم من احسن الحسنات**" يعني هائو, نيڪين ۾ تمام ڀلي نيڪي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ پاڻ فرمايائون ته "**من قال لاالٰه الاالله لم يضره معها خطيئة ڪما لوا شرڪ بالله لم ينفعه معها حسنة**" يعني جنهن لاالٰه **الاالله** چيو ته ان کي برائي نقصان نه ڏيندي جيئن جيڪو **الله** سان شريڪ ٿو ڪري ته ان کي نيڪي نفعو نه ڏئي سگهندي. يعني لاالٰه **الاالله**

پڙهڻ واري جون خطائون نيڪين ۾ تبديل ٿين ٿيون، هن سلسلي ۾ نبي ﷺ فرمايو آهي تہ "**ماقال عبد لااله الاالله في ساعة من الليل والنهار الا وطئت ما في صحيفة السيآت حتيٰ سكن الي مثلها من الحسنات.**" يعني نہ ٿو چوي ڪو ٻانهو لااله **الاالله** رات ۽ ڏينهن جي گهڙي ۾ مگر ان جي برائي جا دفتر ويڙهجي وڃن ٿا ايستائين جو ان جيترين نيڪيون ٿي وڃن ٿيون.

لااله **الاالله** جو ڪلمو ذاڪر جي خطائن کي ختم ٿو ڪري جيئن نبي ڪريم ﷺ فرمايو تہ "**ذڪر الله خير لا شرفيه يذهب الذنب ولاذنب فيه خفيف علي اللسان ثقيلي في الميزان**" يعني **الله** تعاليٰ جو ذڪر خير آهي ان ۾ ڪو بہ شر ناهي. اهو گناهن کي ختم ٿو ڪري ۽ ان ۾ ڪو بہ گناهہ ناهي زبان تي جيڪو بلڪل هلڪو آهي پر ميزان ۾ تمام ڳرو آهي. ذڪر ۽ استغفار شيطان کي هلاڪ ڪندڙ آهن انهيءَ واسطي نبي ڪريم ﷺ فرمايو تہ. "**عليڪم بہ لااله الاالله و الاستغفار فاڪثروا فان ابليس قال هلڪت الناس بالذنوب واهلڪون بالاستغفار وَ لااله



الاالله**" يعني اوهان تي لااله **الاالله** ۽ استغفار ڪرڻ لازمي آهي ۽ اهي ڪثرت سان ڪيو ڇو تہ شيطان چيو تہ مون انسانن کي گناهن سان هلاڪ ڪيو ۽ انهن مون کي استغفار ۽ لااله **الاالله** سان هلاڪ ڪيو آهي. شيطان ذڪر ڪندڙ کان پري ڀڄي ويندو آهي ۽ غفلت وقت موٽي ايندو آهي. جيئن حديث پاڪ ۾ آهي: "**ان الشيطان جاثم علي قلب ابن آدم فاذا اذڪر الله خنس وتوليٰ واذا غفل التقم قلبہ فحدثه ومناه**" يعني شيطان بني آدم جي دل تي غلبو ڪندو آهي پر جڏهن بني آدم ذڪر ڪندو آهي تہ شيطان مايوس ٿي پٺي ڏئي واپس ٿيندو آهي ۽ غافل جي دل ۾ مثل گرهہ جي اندر ويندو آهي ۽ وسوسا وجهي هن جي دل ۾ خواهشون وڌائيندو آهي. **الله** تعاليٰ جو ذڪر شيطان جي مڪر ۽ فريب کان حفاظت ڪندڙ آهي. جيئن حديث پاڪ ۾ آهي تہ بيشڪ مون رات عجيب ڳالهہ ڏٺي عرض ڪيائون تہ اهو ڇا هو يا رسول **الله**! فرمايائون: "**رأيت رجلا من امتي استوشہ الشياطين فجاء ذڪر الله من ايديهم**" يعني مون پنهنجي امت جو هڪ مرد ڏٺو جنهن کي شيطان گهيرو ڪيو ويٺا هئا پوءِ **الله** تعاليٰ جو

ذکر آيو جنهن ان کي انهن جي هٿان ڇڏايو. **الله** تعاليٰ جو ذکر شفا آهي ۽ ماڻهن جو ذکر ڏک ۽ سور آهي. جيئن حديث شريف ۾ آهي "ذکر **الله** شفاء وذکر الناس داء يعني **الله** تعاليٰ جو ذکر شفا آهي ۽ ماڻهن جو ذکر مرض آهي. ائين به آيو آهي ته "**مفتاح الجنة لااله الاالله**" يعني جنت جي ڪنجي لااله الاالله آهي. ائين به آيو آهي ته جنهن جو آخري ڪلام لااله الاالله هوندو اهو جنت ۾ داخل ٿيندو. ائين وارد آهي ته "**من قال لااله الاالله غرست له شجرة في الجنة من ياقوت حمراء ينبتها من مسک ابيض طلعها احلي من العسل واشد بياضا من الثلج واطيب ريحا من المسک**" يعني جنهن لااله الاالله چيو ته ان جي لاءِ ڳاڙهي ياقوت جو وڻ لڳايو وڃي ٿو جنهن جون پاڙون سفيد مشڪ جون آهن ۽ ان جو ميوو ماکيءَ کان وڌيڪ مٺو آهي ۽ برف کان وڌيڪ سفيد ۽ مشڪ کان وڌيڪ خوشبودار آهي. انهيءَ تي هي دليل آهي ته ذکر ڪندڙ شُکر ڪندڙ جيان آهي. جيئن حديث قدسي ۾ آهي ته **الله** تعاليٰ فرمايو: "**يا ابن آدم انک مان ذکرتني شکرتني وما نسيتني کفرتني**" يعني اي ابن



آدم! بيشڪ تو مون کي ياد ڪيو جڻ منهنجو شڪر ڪيئي ۽ جيڪو مون کي وساري ٿو ته جڻ منهنجي نا شڪري ڪيائين. ذکر ڪندڙ جي حاجت ۽ مراد بغير گهرڻ جي پوري ٿئي ٿي، هن سلسلي ۾ نبي ڪريم ﷺ پنهنجي رب جي ڳالهه ڪندي فرمايائون ته، "**من شغله ذکري عن مسالتي اعطيته افضل ما اعطي السائلين**" يعني جيڪو مون کان گهرڻ ڇڏي رڳو منهنجي ذکر ۾ مشغول رهي ٿو ته ان کي گهرڻ وارن کان سٺو عطا ڪندس. نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته "**ان الله امرني ان يکون نطقي ذکرا**" يعني مون کي **الله** تعاليٰ حڪم فرمايو آهي ته منهنجو ڳالهائڻ ذکر هجي. خدا ذاڪر سان گڏ آهي هن دليل سان ته نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته **الله** تعاليٰ فرمايو آهي ته "**انا مع عبدي ما ذکرني وتحرکت بي شفتاه**" يعني مان ان ماڻهوءَ سان گڏ آهيان جيڪو مون کي ياد ٿو ڪري ۽ مون لاءِ چپ چوري ٿو. ائين به نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته **الله** تعاليٰ فرمايو آهي ته "**لااله الاالله حصني فمن دخل حصني امن من عذابي**" يعني لااله الاالله منهنجو ڪوٽ آهي جيڪو منهنجي ڪوٽ ۾

داخل ٿيندو ته منهنجي عذاب کان امن ۾ رهندو. نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته **الله** تعاليٰ فرمايو آهي ته ”**وعزتي و جلالي ما اجريت علي لسان عبدي لااله الاالله الا اردت ان اعصمه**“ يعني مون کي پنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم ته پنهنجي ٻانهي جي زبان تي **لااله الاالله** جاري نه ڪندو آهيان مگر جڏهن ان کي بچائڻ جو ارادو ڪندو آهيان. يعني ان جي لاءِ مصيبتن ۽ آفتن کان امان هجي ۽ **لااله الاالله** جي ڪلمي پڙهندڙ جو قدر بلند ٿئي. انهيءَ ڪري نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته **الله** تعاليٰ فرمايو آهي ته ”**وعزتي وجلالي ما اجريت علي لسان عبدي الذڪر الا اردت ان ارفع ذڪره**“ يعني مون کي پنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم آهي ته مون پنهنجي ٻانهي جي زبان تي ذڪر جاري نه ڪيو مگر جڏهن سندس ذڪر کي بلند ڪرڻ جو ارادو ڪيو. ڪا به نعمت ذڪر کان وڌيڪ فضيلت واري نه آهي هن دليل سان ته نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته ”**ما انعم الله علي عبد نعمة افضل من ان يلهم ذڪره**“ يعني **الله** تعاليٰ ٻانهي کي پنهنجي ذڪر ۾ مشغول رکڻ کان وڌيڪ افضل ڪا نعمت نه ڪئي آهي.



جيڪڏهن وضوءَ کان فارغ ٿيڻ کان بعد ٻه رڪعتون نفل نه پڙهي ۽ انهيءَ حالت ۾ ذڪر جي حلقي ۾ داخل ٿئي ته جائز آهي هن دليل سان ته نبي ڪريم ﷺ فرمايو ”**حضور مجلس الذڪر افضل من صلوٰة الف رڪعة وشهود الف جنازة وعيادة الف مريض**“ يعني ذڪر جي مجلس ۾ حاضر ٿيڻ هزار رڪعتن پڙهڻ ۽ هزار جنازن ۾ حاضر ٿيڻ ۽ هزار مريضن جي عيادت ڪرڻ کان افضل آهي. ۽ وضوءَ سان هڪڙي ڪي ذڪر جو ثواب ڏهه نيڪيون آهن ۽ بنا وضوءَ جي هڪڙي ڪي هڪ نيڪي جو ثواب آهي. وڌيڪ نبي ڪريم ﷺ فرمايو ”**من ذڪر الله طاهراً فالواحد عشرة من ذڪر الله وهو غير طاهر فواحدة بواحدة**“ يعني جنهن پاڪ تي **الله** تعاليٰ جو ذڪر ڪيو. ان لاءِ هڪ جي بدلي ڏهه نيڪيون آهن ۽ جنهن ناپاڪي سان **الله** تعاليٰ جو ذڪر ڪيو ته ان کي هڪ جي بدلي هڪ نيڪي ملندي. ذڪر اُٿندي ويهندي سمهندي جائز آهي هن آيت جي دليل سان **الَّذِينَ يَذْكُرُونَ اللَّهَ قِيَامًا وَقُعُودًا وَعَلَىٰ جُنُوبِهِمْ** (آل عمران:19) [جيڪي **الله** تعاليٰ جو ذڪر ڪن ٿا بيٺي ۽ ويٺي ۽ پاسن ڀر] پر ويٺل

جو بيٺل کان اڌ ثواب آهي. جيئن حديث ۾ آهي ته "**صلوٰة القاعد علي النصف من صلوٰة القائم**" يعني رات جو بيهي ذڪر ڪرڻ وڌيڪ بهتر آهي ويهي ذڪر ڪرڻ کان. "**عليڪم لقيام اليل فانه مرضاه بڪم ومڪفرة سياتڪم وهو داب الصالحين قبلڪم وقربة الي الله و ملقا للوزر ومنهاة للاثم ومذهبته لڪيد الشيطان ومطردة للدار عن الجسد**" يعني توهان تي رات جو قيام ڪرڻ لازمي آهي اِهو هن ڪي راضي ڪندڙ آهي ۽ توهان جون خطائون ميٽيندڙ آهي ۽ توهان کان اڳ ۾ اهو صالحن جو طريقو آهي اهو الله تعاليٰ ڏانهن قريب ڪندڙ آهي ۽ گناهن ۽ خطائن ڪي دور ڪرڻ جو اوزار آهي ۽ شيطان جي مڪر ۽ جسماني بيمارين ڪي دور ڪرڻ جو اوزار آهي. عصر جي نماز کان پوءِ سج لهڻ تائين ذڪر ۾ مشغول ٿيڻ ۽ اهڙيءَ طرح فجر جي نماز ادا ڪرڻ کانپوءِ ذڪر ڪرڻ سج اڀرڻ تائين وڌيڪ بهتر آهي هن دليل سان ته حديث ۾ آهي ته نبي ڪريم ﷺ فرمايو "**وان اجلس مع قوم يذڪرون الله من صلوٰة العصر الي ان تغرب الشمس احب الي من اعتق ثمانيه من ولد اسماعيل**"[128] يعني منهنجو ان قوم



سان ويهڻ جيڪا عصر نماز کان سج لهڻ تائين الله تعاليٰ جو ذڪر ڪن ٿا اسماعيل جي اولاد مان ائن ڄڻن ڪي آزاد ڪرڻ کان وڌيڪ پسنديده آهي. نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته "**لان اقعد مع قوم يذڪرون الله مثل من بعد منذ صلواة الغداة حتّيٰ تطلع الشمس احب اليٰ من ان اعتق اربعة من ولد اسماعيل**" يعني منهنجو ان قوم سان گڏ ويهڻ جيڪا فجر جي نماز کان پوءِ سج اڀرڻ تائين الله تعاليٰ جو ذڪر ڪن ٿا اسماعيل جي اولاد مان چئن ڄڻن ڪي آزاد ڪرڻ کان وڌيڪ پسنديده آهي.

جيڪڏهن ڪو ذڪر ڪندڙ ٻانهو پير هڻي، محبوب جي ذڪر جي گهڻي لذت سبب رقص ڪرڻ لڳي يا هٿ ڪولي ڇڏي ۽ ڌانهون ڪري ته اهو پسنديده عمل هوندو. نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته "جڏهن آدم عليه السلام زمين تي تشريف فرما ٿيا تي سؤ سال روئندا رهيا پوءِ الله تعاليٰ ان ڏانهن وحي موڪلي ته توکي ڪنهن شيءِ روئاريو آهي. عرض ڪيائين يا الاهي! جنت جي نعمتن جي شوق ۾ نٿو روئان ۽ نه ئي وري جهنم جي عذاب جي خوف جي ڪري پر انهن ملائڪن جي

شوق ۾ جيڪي ستر هزار صفن ۾ ٺهي جُڙي سُرمو پاتل عرش جو طواف ڪن ٿا ۽ تنهنجي ذڪر ۾ رقص ڪن ٿا. انهن مان هر هڪ پنهنجي دوست جو هٿ وٺي وجد ڪن ٿا ۽ بلند آواز ۾ اسان وانگر چون ٿا ته تون اسان جو دوست آهين ۽ سندن اهو طريقو قيامت تائين هلندو. تڏهن **الله** تعاليٰ وحي موڪلي ته پنهنجو مٿو مٿي ڪڻ ۽ انهن ڏانهن ڏِس پوءِ آسمان ڏانهن مٿو ڪنيائين ته **الله** تعاليٰ پنهنجي فضل سان ڪيس ڏيکاريو ته اهي ڪيئن ذڪر ڪن پيا ۽ **الله** تعاليٰ کين ٻڌي پيو. هو عرش جي چؤڌاري رقص ڪن پيا ۽ عرش ڪرسي جي وچ ۾ ٻوڙن پيا ۽ ان ڪان سواءِ غائب ٿين پيا پوءِ روئڻ بند ڪيائين. افضليت ۽ اوليت وارو ذڪر صبح و شام جو آهي ان ڪري جو دوزخين کي صبح ۽ شام عذاب جو منهن ڏيکاريو ويندو. **اَلنَّارُ يُعْرَضُونَ عليها غُدُوًّا وَعَشِيًّا** (غافر:46) [اهي صبح شام باه جي آڏو پيش ڪيا وڃن ٿا.] جيڪو به ٻن وقتن ۾ حق تعاليٰ جي ذڪر تي هميشگي ڪري ٿو ته هو دنيا جي گهر ۾ اوچتو ايندڙ مصيبتن کان ۽ آخرت ۾ عذاب کان امن ۾ رهندو. حديث پاڪ



۾ آهي ته معراج واري رات جڏهن دوزخين تي حضرت محمدﷺ جي نظر پئي ته هڪ مرد کي ڏٺائون جيڪو دوزخ جي عذاب ۾ گرفتار هيو. پر جنت جي حورن مان هڪ جنتي حور هن جي زبان ۽ وات کي پکو هٽي راحت پهچائي رهي هئي. جبرئيل امين کان ان جي حقيقت معلوم ڪيائون. چيائين اي حبيب خدا! هي نمرود آهي جنهن ابراهيم خليل **الله** کي باهه ۾ اڇلائي پاڻ مٿان بيهي تماشو ڏسي رهيو هو. جڏهن خليل **الله** جي چؤڌاري رب پاڪ جي حڪم سان باهه کي گُل وگلزار ٿيندي ڏٺائين ته چيائين ”هميشه خوش رهي ابراهيم جو خدا. مطلب خدا جي قدرت جي ڪرشمي وقت ثنا جي ڪلمي چوڻ سبب هن جي زبان کي باهه کان بچايو اٿن. حالانڪ ست سؤ سال ڪفر، گمراهي ۾ گذاريا هئائين ۽ هڪڙو دفعو به حق تعاليٰ جو اقرار نه ڪيو هئائين. ان ڪري اهو ڪڏهن گمان نه ڪجو ته مومن ٻانهو جيڪو هميشه ذڪر ۾ مشغول رهي ٿو، ان کي دوزخ جي باهه جو عذاب ٿيندو؟

دوستانرا کجا کني محروم
ڪہ تو با دشمنان نظر داري

[دوستن کي ڪيئن محروم رکندين ڇو تہ تون دشمنن سان بہ مروت رکڻ وارو آهين.]

رات جي عملن جي شروعات شام جي وقت ٿيندي آهي ۽ ڏينهن جي صبح جي وقت تائين جاري رهندي آهي. صبح سان ڏينهن جا عمل شروع ٿين ٿا ۽ رات تائين جڏهن اهي ڪراماً ڪاتبين وٽ پهچن ٿا ۽ **لاالٰہ الاالله** جي دفتر جي عنوان تحت ڪلمي جو ڪردار لکندي خوش ٿيڻ لڳن ٿا. پر جيڪڏهن **لاالٰہ الاالله** جي ڪلمي چوندڙ کان ڪا غلطي صادر ٿئي ٿي تہ ان جي معافي ۽ مغفرت جي اميد آهي. ان جو دليل هي آهي جو نبي ڪريمﷺ فرمايو تہ "**يقول الله تعاليٰ للملٰئکة انظروا اليٰ صحيفة عبدي فان کان في اولها ذکري وفي آخرها ذکري فاشهدکم اني غفرت له ما بينهما**" يعني **الله** تعاليٰ ملائڪن کي حڪم ڪري ٿو تہ منهنجي ٻانهن جي دفتر ڏانهن ڏسو.



جيڪڏهن ان جي شروع ۽ آخر ۾ منهنجو ذڪر آهي تہ پوءِ توهان کي شاهد ڪيان ٿو تہ درميان جون خطائون بخشي ڇڏيم. '**احياء العلوم**' ۾ آهي تہ نبي ڪريمﷺ فرمايو اي ابن آدم! فجر نماز کان بعد ۽ عصر نماز کان بعد هڪ گهڙي مون کي ياد ڪر تہ انهن ٻن وقتن جي درميان آءٌ تنهنجي ڪفايت ڪندس. بلڪ سمورين ساعتن ۾ ذڪر ۾ مشغول رهڻ لاءِ چيو ويو آهي. جيئن حديث ۾ آهي. نبي ڪريمﷺ فرمايو "**مامن ساعة ياتي علي ابن آدم لايذکر الله فيها الا کانت له حسرة وان دخل الجنة**" يعني اهڙي ڪا گهڙي ناهي جيڪا ابن آدم تي اچي جنهن ۾ **الله** تعاليٰ جو ذڪر نہ ڪري مگر ان لاءِ افسوس آهي جو جنت ۾ داخل نہ ٿئي. حضرت معاذ بن جبل کان روايت آهي تہ نبي ڪريمﷺ فرمايو "**ليس يتحسّر اهل الجنة عليٰ شيءٍ الا عليٰ ساعة مرت بهم لم يذکر الله فيها**" يعني جنتي ڪنهن شيءِ تي حيران نہ ٿيندو مگر ان گهڙيءَ تي جيڪا هن تي آئي ۽ ان ۾ **الله** تعاليٰ جو ذڪر نہ ڪيائين. حديث ۾ آهي تہ جڏهن سج اُڀرندو آهي ۽ خلق خدا دنيوي ڪمن ۾ مشغول ٿي

ويندي آهي تڏهن سندن غفلت ۽ ويسر سبب **الله** پاڪ جو مٿن غضب ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويندو آهي ۽ ان ۾ مسلسل اضافو ٿيندو آهي. وري جڏهن زوال جو وقت ٿيندو آهي ۽ صالح ٻانها عبادت ۾ مشغول ٿيندا آهن ته غضب ۽ ڪاوڙ آهستي آهستي ٻانهن تان هلڪي ٿيندي ويندي آهي ليڪن ذڪر واسطي ذاڪرن جي جماعت جو اهتمام گهڻو افضل آهي.

امام احمد بن حنبل ڪتاب 'زهد' ۾ آڻن ٿا ته حضرت داؤد نبيؑ جڏهن چاهيندو هو ته ذڪر ۾ مشغول ٿئي ته آواز ڏيندو هو ۽ چوندو هو "**الا ذاکر اذکر معه الامذکر اذکر معه**" يعني آهي ڪو ذاڪر جنهن سان گڏ ذڪر ڪيان آهي يا ڪو مذڪر جنهن سان گڏ ذڪر ڪيان. حضرت ابراهيم خليل خدا پاڪ کي عرض ڪيو هو ته ذاڪرن جي جماعت موڪل ته جيئن مونسان گڏ تنهنجو ذڪر ڪن ۽ مان انهن سان تنهنجو ذڪر ڪيان. **الله** تعاليٰ هن جي دعا قبول ڪئي ۽ غيب مان جماعت موڪليائين جيڪا هن وٽ ذڪر ڪندي هئي ۽ پاڻ ٻه انهن سان ذڪر ڪندو هو. حلقو يا دائرو ٺاهي ذڪر ڪرڻ 'مشڪوٰة' جي هن



حديث مان ثابت آهي "**اذا مررتم برياض الجنة فارتعوا منها قالوا يا رسول الله وما رياض الجنة قال حلق الذکر**" [129] يعني جڏهن توهان جنت جي باغن کان گذرو ته انهن مان ڪائو. عرض ڪيائون يا رسول **الله**! جنت جو باغ ڪهڙو آهي. فرمايائون ذڪر جو حلقو. 'خزانة الجلالي' ۾ پڻ اهو ئي بيان آهي. رسول **الله**ﷺ فرمايو "**ان الله تعاليٰ سيارة من الملائکة اذا مروا بحلق الذاکرين قال بعضهم لبعض اقعدوا فاذا دعا القوم آمنوا علي دعائهم فاذا صلوا علي النبيﷺ معهم حتيٰ يفرغوا ثم يقول بعضهم لبعض طوبيٰ لهؤلاء يرجعون مغفور لهم**" يعني بيشڪ **الله** تعاليٰ ملائڪن کي گهمڻ لاءِ موڪلي ٿو جڏهن ذڪر جي حلقن کان گذرن ٿا ته هڪ ٻئي کي چون ٿا ته اتي ويهو ۽ جڏهن اهي ماڻهو دعا گهرن ته آمين چئو. جڏهن نبي ڪريم ﷺ تي درود پڙهن ته توهان انهن سان گڏ درود پڙهو ايستائين جو فارغ ٿي هڪ ٻئي کي چون ته انهن لاءِ خوشخبري آهي جو ته انهن لاءِ بخشش گهرندي موٽن ٿا. ڪتاب 'نور الرياض' ۾ آهي ته "پلاري مجلس مومن کان ڏهه لک بريون

مجلسون ميٺي چڏي ٿي. هتي مجلس مان مراد ذڪر جي مجلس آهي.“ ڪتاب ’عمدة الواعظين‘ ۾ آهي ته ذڪر جي حلقي ۾ ائين ويهڻ گهرجي جو هڪ ٻئي جو جسم پاڻ ۾ نه ملي چو ته اها ڳالهه حضور ۾ خلل وجهندڙ آهي ۽ ٻن جي وچ ۾ ايترو فاصلو به نه هجي جو ڪو ٻيو ويهي سگهي ۽ ذڪر ۾ موافقت تمام اهم ڳالهه آهي. انهيءَ سان شوق ۽ ذوق وڌندو آهي هن جو دليل حضرت علي ڪرم الله وجهه جي روايت آهي ته هڪ ڏينهن مسجد ۾ حضرت رسالتمآب ﷺ ٻائيتاليهه ماڻهن سان حلقو ٺاهي ذڪر ۾ مشغول هئا. مون کي اتي اهو طريقو نهايت عجيب لڳو جو سڀ روئڻ ۾ هئا تاهم مان حلقي جي پٺيان بيهي اِنهن سان ذڪر ڪرڻ ۾ موافقت ڪئي.

حديث ۾ آهي ته حضرت موسيٰ ؑ هڪ قوم وٽان گذريو جيڪا ذڪر ۾ مشغول هئي ۽ روئي به رهي هئي ۽ محبت جي شدت سبب رڙيون ٿي ڪيائون. حضرت موسيٰ ؑ کي انهن تي ڪاوڙ آئي ۽ کين دانهون ڪرڻ کان منع ڪيائين. مٿان فرمان آيو ته **”يا موسيٰ انّهم صاحوا بذڪري وناحوا بشوقي وبهم تڪره علي عبادي فملّ سبيلهم فانهم لي وانا لهم“** يعني اي موسيٰ! اِنهن منهنجي ذڪر ۾ دانهون پي ڪيون ۽ منهنجي شوق کي پئي حاصل ڪيائون. پر تون انهن کي نا پسند ڪرين ٿو ۽ انهن جي رستي ۾ خلل وجهين ٿو پوءِ بيشڪ اهي مون لاءِ آهن ۽ مان انهن لاءِ آهيان. تڏهن حضرت موسيٰ عليه السلام معافي گهُري ۽ سر سجدي ۾ رکي توبهه ڪيائين. **”اللّٰهم اجعل لي منهم ولا تو اخذني ما قلت لهم“** يعني اي الله! مون کي انهن مان ڪر ۽ انهن کي جيڪو ڪجهه چيم انهن جو مون کان پڇاڻو نه ڪر. جيڪڏهن ذڪر واري جماعت مان ڪو عذر ڪانسواءِ غائب ٿئي ته ان کي ڳولي ۽ ان کان ڏنڊ وٺن چو ته حضرت سليمان انهن پکين جي وڏي آواز واري ذڪر مان اُنس وٺندا هئا جيڪي مٿانئس پاچو وجهندا هئا. جڏهن هڪ دفعي هُدهُد جو آواز سندس ڪن مبارڪ تي نه پهتو ته چيائين **مَا لِيَ لَا أَرَى الْهُدْهُدَ أَمْ كَانَ مِنَ الْغَائِبِينَ لَأُعَذِّبَنَّهُ عَذَابًا شَدِيدًا أَوْ لَأَذْبَحَنَّهُ أَوْ لَيَأْتِيَنِّي بِسُلْطَانٍ مُبِينٍ** (النمل:21-20) [مون کي ڇا ٿيو آهي جو هدهد کي نٿو ڏسان ڇا اهو غير حاضرن مان آهي.

آءُ ضرور ان کي سخت سزا ڏيندس يا ان کي ڪُهندس يا مون وٽ واضح سبب پيش ڪري] ذڪر جي حلقي مان نڪرڻ ۽ ڇڏڻ پسنديده فعل ناهي هن دليل سان ته رسول اللهﷺ فرمايو ته **"قال اخ داؤد يا الٰهي اذا رأيتني اجاوز مجالس الذاڪرين الي مجالس الغافلين فاڪسر اجلي دونهم فانها نعمة تنعم بها علي"** يعني منهنجي ڀاءُ دائود عرض ڪيو ته اي الله! جڏهن مون کي ڏسين ته مان ذاڪرن جي مجلس کان تجاوز ڪري غافلن جي مجلس ڏانهن وڃان ٿو ته ان کان اول منهنجو پير ڀڃ بيشڪ اِها نعمت آهي جنهن سان تون مون کي نوازيو آهي. يعني اهو پير ڀڃ جيڪو ذاڪرن جي مجلس کان ٻاهر آهي تان جو صحيح سالم پير ان ڀڳل پير سان واپس اچي. منهنجو اهو پير نه ڀڃ جيڪو ٻاهر ٿيل آهي متان اهو ٻيو پير ٻاهر ٿئي جيڪو ذڪر جي مجلس کان پري ڪيم.

جيڪڏهن ذاڪرن جي جماعت ۾ ڪو هڪڙو به مقبول ۽ جنتي هوندو ته ان جي شفاعت سيني لاءِ ڪافي آهي. نبي ڪريمﷺ جن جو قول مبارڪ آهي **"ما اجتمع ملاء عليٰ ذڪر**



**الله تعاليٰ فيهم عبد من اهل للجنة الا شفعه الله تعاليٰ فيهم"** يعني نه ٿو جمع ٿئي ڪو ٽولو الله تعاليٰ جي ذڪر تي مگر جنهن ۾ جنتي ٻانهو هوندو آهي. ڇو ته انهن تي الله تعاليٰ جي شفاعت هوندي آهي. الله جي ذڪر سان طعام هضم ڪيو ۽ ڊؤ سان ڪڏهن نه سمهو ورنه انهيءَ ڪري دل جي مٿان ڪَٽ پيدا ٿيندي آهي. رسول اللهﷺ فرمايو **"اذيبوا طعامڪم بذڪرالله ولا تنا مواعليه فتقسوا قلوبڪم"** يعني پنهنجا طعام الله تعاليٰ جي ذڪر سان هضم ڪيو ۽ ڪائي نه سمهو, ڇو ته اوهان جون دليون ڪٺجي وينديون. هڪ دليل اهو به آهي ته حق جي واٽ ۾ خرچ کان ذڪر افضل آهي. حضرت معاذ بن انس؄ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ ارشاد فرمايو ته ذڪر ڪرڻ الله تعاليٰ جي راهه ۾ ست سؤ جي ٻيڻ خرچ ڪرڻ کان به وڌيڪ فضيلت ٿو رکي. الله تعاليٰ جو قول مبارڪ آهي **إِنْ تُبْدُوا الصَّدَقَاتِ فَنِعِمَّا هِيَ** (البقره:271) [جيڪڏهن صدقن کي ظاهر ڪيو ته اهو بهتر آهي. انهيءَ جو مطلب آهي ته ڏاڍيان ذڪر ڪرڻ وارو ان شخص جي

مقابلي ۾ جيڪو پنهنجي ڪمري ۾ درهم ورهائي ته ذاڪر ٻانهو انهيءَ کان فضيلت ۾ وڌيڪ آهي.

انهيءَ باري ۾ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته ڇا توهان کي اهڙن عملن جي خبر نه ڏيان جن جي توهان کي جزا ملي ۽ اُهي ملائڪن وٽ وڌيڪ پاڪيزه هجن ۽ توهان جي درجات جي بلندي جو سبب بڻجن بلڪ توهان لاءِ سون ۽ چاندي خرچ ڪرڻ کان به بهتر هجن ۽ توهان لاءِ ميدانِ جنگ ۾ پنهنجن دشمنن سامهون ٿيڻ کان به بهتر آهن جتي اهي توهان جا ڪنڌ ڪپن يا اوهان انهن جا ڪنڌ ڪپيو. عرض ڪيائون، هائو ڇو نه يا رسول الله! فرمايائون اهو الله تعاليٰ جو ذڪر آهي. رسول الله ﷺ فرمايو جيڪي پنهنجي رب کي ياد ڪن ٿا ۽ جيڪي نه ٿا ڪن انهن جو مثال زنده ۽ مُردن وانگر آهي. پاڻ ائين به چيائون ته جنهن گهر ۾ الله تعاليٰ جو ذڪر ڪجي ٿو ۽ جنهن ۾ نٿو ڪجي ته انهن جو مثال زنده ۽ مُرده وانگر آهي. پاڻ سڳورن ائين به فرمايو ته بيشڪ الله تعاليٰ جا ملائڪ رستن تي هلندا آهن ۽ ذڪر وارن کي ڳوليندا آهن پوءِ جنهن مهل ذڪر وارن کي ڳولي



لهندا آهن ته سڏ ڪري چوندا آهن اچو پنهنجي حاجت جي طرف. فرمايائين پوءِ انهن کي دنياوي آسمان تائين پنهنجن پرن سان ڍڪي ڇڏيندا آهن. اتان آسمان ڏانهن روانا ٿي ويندا آهن. فرمايائين پوءِ انهن کان الله تعاليٰ پڇندو آهي حالانڪ الله تعاليٰ خوب ڄاڻندو آهي ته اُهي ڪٿان پيا اچن. ت0هن اهي عرض ڪندا آهن ته زمين ۾ تنهنجن ٻانهن وٽان اوهان جي حضور ۾ آيا آهيون. فرمايائين پوءِ الله تعاليٰ انهن کان پڇندو حالانڪ الله تعاليٰ انهن کي خوب ڄاڻي ٿو ته منهنجن ٻانهن ڇا پئي چيو. عرض ڪندا ته تنهنجي تسبيح ۽ تڪبير يا وڏائي ۽ حمد ۽ تهليل ۽ بزرگي بيان پئي ڪيائون. فرمايائين پوءِ الله تعاليٰ فرمائيندو ته ڇا انهن مون کي ڏٺو آهي ته عرض ڪندا نه، الله تعاليٰ جو قسم انهن توکي نه ڏٺو آهي. تڏهن رب سائين فرمائيندو اگر مون کي ڏسن ها ته اهي ڪيئن هجن ها اگر مون کي ڏسن ها. اهي عرض ڪندا ته اگر توکي ڏسن ها ته تنهنجي تمام گهڻي عبادت ڪن ها ۽ تنهنجي تمام گهڻي بزرگي بيان ڪن ها ۽ تنهنجي اڳي کان گهڻي تسبيح پڙهن ها.

فرمايائين پوءِ رب ڪريم چوندو تہ اهي ڇا پيا گهُرن عرض ڪندا تہ توکان جنت پئي گهريائون ۽ فرمايائين تہ رب سائين پڇندو تہ ڇا اها انهن ڏٺي آهي. عرض ڪندا تہ نہ ۽ **الله** جو قسم انهن ان کي نہ ڏٺو آهي. تڏهن رب پاڪ فرمائيندو ڀلا پوءِ ڪيئن هجن ها اگر ان کي ڏسن ها. تڏهن عرض ڪندا تہ اگر اهي ان کي ڏسن ها تہ انهن جو حرص اڃا بہ وڌي ها ۽ انهن جي طلب گهڻو وڌي ها ۽ انهن جو شوق تيز ٿئي ها. فرمايائين رب ڪريم چوندو تہ اهي ڇا کان پناهہ پيا گهُرن چوندا جهنم کان [130] پناهہ پئي گهُريائون. رب تعاليٰ فرمائيندو تہ ڇا انهن اُها ڏٺي آهي؟ چوندا تہ نہ. اي رب انهن انُ کي نہ ڏٺو آهي. پوءِ رب ڪريم فرمائيندو تہ ڪيئن هجن ها اگر اهي ان کي ڏسن ها. چوندا تہ جيڪڏهن اُهي ان کي ڏسن ها تہ ان کان وڌيڪ پري ڀڄن ها ۽ ان کان وڌيڪ ڊڄن ها. عرض ڪندا تہ توکان پڻ بخشش پئي گهُريائون. تڏهن رب پاڪ فرمائيندو توهان کي گواهہ بڻايان ٿو تہ بيشڪ مون انهن کي بخشي ڇڏيو ۽ جيڪو گهُرن پيا اُهو عطا ڪري ڇڏيم ۽ جنهن جي پناهہ پئي گهُريائون



اُها پناهہ انهن کي عطا ڪيم. ملائڪن مان هڪڙو ملائڪ عرض ڪندو تہ اي رب ڪريم! انهن ۾ فلاڻو اهڙو آهي جيڪو انهن مان نہ آهي اهو فقط ڪنهن ڪم لاءِ آيو هو ۽ هڪڙي روايت ۾ آهي تہ عرض ڪندو تہ اي رب ڪريم هنن ۾ هڪڙو تمام گنهگار بہ هو اهو پيل ۾ فقط اتان گذريو ۽ انهن سان اچي گڏ ويٺو. تڏهن رب پاڪ فرمائيندو ان کي بہ بخشي ڇڏيم. انهن سان گڏ ويهڻ وارو بدبخت نہ هوندو آهي ۽ **الله** تعاليٰ جو فرمان آهي **وَالذَّاكِرِينَ اللَّهَ كَثِيرًا وَالذَّاكِرَاتِ أَعَدَّ اللَّهُ لَهُمْ مَغْفِرَةً وَأَجْرًا عَظِيمًا** (الاحزاب:35) [**الله** تعاليٰ جو گهڻو ذڪر ڪرڻ وارا مرد ۽ عورتون انهن لاءِ **الله** تعاليٰ وڏو اجر ۽ مغفرت تيار ڪئي آهي.]

نبي ڪريم ﷺ فرمايو غافلن ۾ **الله** تعاليٰ کي ياد ڪندڙ ائين آهي جيئن ڪو جنگ ۾ وڙهندڙ هجي ۽ غافلن ۾ **الله** تعاليٰ کي ياد ڪندڙ ائين آهي جيئن اونداهي گهر ۾ ڏيئو هجي ۽ غافلن ۾ **الله** تعاليٰ کي ياد ڪندڙ ائين آهي جيئن بيابان ۾ سائو وڻ. غافلن ۾ **الله** تعاليٰ کي ياد ڪندڙ کي **الله**

تعاليٰ سجاڻندو ۽ جنت ۾ ويهاريندو. غافلن ۾ الله تعاليٰ کي ياد ڪندڙ جو مرتبو سيني فصيح عربي ۽ عجمي ماڻهن جي تعداد برابر الله تعاليٰ بخشش فرمائيندو. اتي هڪ مرد عرض ڪيو ته يا رسول الله! مجاهدن مان ڪهڙو اجر ۾ وڌيڪ آهي. پاڻ فرمايائون انهن مان الله تعاليٰ جو گهڻو ذڪر ڪندڙ. ان ڪانپوءِ نماز جو، پوءِ حج جو، پوءِ صدقي جو ذڪر ڪيائون. هر هڪ لاءِ فرمائن پيا ته انهن مان الله تعاليٰ جو گهڻو ذڪر ڪندڙ وڌيڪ فضيلت وارو آهي. حضرت ابوبڪرؓ حضرت عمرؓ کي ٻڌايو ته ذڪر ڪندڙ گوءِ کٽي ويا. تڏهن رسول الله ﷺ فرمايو هائو، تڏهن نبي ڪريم ﷺ فرمايو ”مفردون“ گوءِ کٽي ويا. عرض ڪيائون يا رسول الله! مفردون ڪير آهن. (آخر تائين حديث) پوءِ رسول الله ﷺ فرمايو لااله الاالله چوڻ وارن تي قبرن ۾ وحشت نه ٿيندي ۽ نه ئي انهن کي حشر ۾ پريشاني ٿيندي. بلڪ لااله الاالله چوڻ وارا پنهنجن مٿن تان مٽي ڇنڊيندي چوندا ته سڀ تعريفون ان ذات لاءِ آهن جنهن غم درد دور ڪيا. رسول الله ﷺ فرمايو جنهن الله تعاليٰ جي رضا خاطر لااله الاالله چيو



ان تي باهه حرام آهي. رسول الله ﷺ فرمايو معراج واري رات مان هڪ اهڙي مرد وٽان گذريس جيڪو عرش جي نور سان ڍڪيل هو. آءٌ حيران ٿيس ته هي ڪير آهي ڇا ملائڪ آهي. چيو ويو ته نه. وري سوچ ۾ آيو ته ڇا هي نبي آهي. چيو ويو ته نه. وري چيم ته هي ڪير آهي؟ چيو ويو ته هي اهو مرد آهي جنهن جي زبان سدائين الله تعاليٰ جي ذڪر ۾ آلي رهندي هئي. رسول الله ﷺ کان پڇيو ويو ته قيامت جي ڏينهن ڪهڙا ماڻهو الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ فضيلت وارا هوندا. پاڻ سڳورن فرمايو **وَالذَّاكِرِينَ اللَّهَ كَثِيرًا وَالذَّاكِرَاتِ** (الاحزاب:35) [الله تعاليٰ جو گهڻو ذڪر ڪندڙ مرد ۽ عورتون.] عرض ڪيائون ته الله تعاليٰ جي راهه ۾ جهاد ڪندڙ؟ پاڻ فرمايائون جيڪڏهن ان جي تلوار ڪافرن جا سر قلم ڪندي رهي ايستائين جو هو پاڻ به رت ۾ رڱجي وڃي ته به الله تعاليٰ جو گهڻو ذڪر ڪندڙ ان کان درجات ۾ افضل آهي. رسول الله ﷺ فرمايو سچيءَ دل سان لااله الاالله چوندڙ جا اگرچه زمين جيڏا به گناهه ڪيل هوندا ته به ان جي الله تعاليٰ بخشش فرمائيندو. رسول الله ﷺ فرمايو بيشڪ

منهنجي امت مان لاالٰه الاالله واري لاءِ آسمان ۽ زمين جو وچ جزا
۽ ثواب ۽ نور سان ڀريو ويندو. رسول اللهﷺ فرمايو ته اهڙا
شخص آهن جن جي دعا الله تعاليٰ رد نه ڪندو آهي انهن مان
پهريون الله تعاليٰ جو گهڻو ذڪر ڪندڙ آهي. رسول اللهﷺ
فرمايو ته الله عزوجل فرمائي ٿو جڏهن منهنجو ٻانهو مون سان
مشغول ٿي ويندو آهي ته مان ان جي همت ۽ لذت کي پنهنجي
ياد ٻڻائيندو آهيان. جڏهن ان جي همت ۽ لذت پنهنجي ياد ۾
رکندو آهيان ته اهو مون تي عاشق ٿي پوندو آهي ۽ مان ان تي
عاشق ٿي پوندو آهيان. تڏهن هن جي ۽ پنهنجي درميان سڀ
پردا کڻي ڇڏيندو آهيان هو ڪڏهن نه ڀٽڪندو آهي جڏهن ته ٻيا
ماڻهو ڀٽڪندا آهن. اهي ئي آهن جن جو ڪلام نبين جو
ڪلام هوندو آهي ۽ اهي ائي آهن جيڪي حق سان مليل آهن.
اهي ئي آهن جو جڏهن زمين وارن تي عذاب ۽ ڏمر جو ارادو
ڪندو آهيان ته انهن کي ياد ڪري انهن کان اهو عذاب هٽائيندو
آهيان. جيئن الله تعاليٰ پنهنجي حبيب نبي ڪريمﷺ جي
لاءِ فرمايو آهي **وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَأَنْتَ فِيهِمْ** (الانفال: 33)



[۽ الله تعاليٰ جو هي شان ناهي جو انهن کي عذاب ڪري
جڏهن تون انهن ۾ موجود آهين.] رسول اللهﷺ فرمايو ٿي
شخص شيطان ۽ ان جي لشڪر کان بچيل هوندا. الله تعاليٰ جو
رات ۽ ڏينهن جو ذڪر ڪندڙ ۽ اسر مهل استغفار ڪندڙ ۽ الله
تعاليٰ جي خوف ۾ روئندڙ. رسول اللهﷺ فرمايو ناهي ڪا
صبح ۽ نه ئي ڪا شام مگر زمين جا ڀاڱا هڪ ٻئي کي چوندا
رهندا آهن ته ڇا توڏانهن ڪو الله تعاليٰ جو ذاڪر ٻانهو
خوشخبري ڏيندي متوجهه ٿيو آهي. رسول اللهﷺ فرمايو الله
جي ذڪر کان وڌيڪ ڪو به صدقو ناهي. تڏهن ڪنهن عرض
ڪيو اي الله جا رسولﷺ اسلام جا احڪام مون لاءِ گهڻا ٿي
پيا آهن اهڙي ڪا شيءِ ڏسيو جنهن تي ثابت قدم رهي
سگهان. پاڻ فرمايائون هر وقت تنهنجي زبان الله تعاليٰ جي
ذڪر ۾ آلي هجي. عرض ڪيائين يا رسول الله ﷺ مون کي
وصيت فرمايو پاڻ فرمايائون تنهنجي مٿان هي شيءِ لازم آهي
ته جيترو ٿي سگهي الله کان ڊڄ ۽ هر وڻ ۽ پٿر وٽ الله جو
ذڪر ڪندو رهه انهيءَ ڪانسواءِ جيڪو به عمل ڪرين ته ان ۾

الله تعاليٰ کان توبهہ طلب ڪندو ڪر. ڳجهي عمل جي ڳجهي توبهہ ۽ ظاهر ظهور عمل جي ظاهر ظهور توبهہ. انسان الله جي ذڪر جو جيڪو بہ عمل ڪندو آهي تہ اهو الله تعاليٰ جي عذاب کان ان کي نجات ڏياريندو آهي. ڪتاب 'حصن الحصين' ۾ ائين آيل آهي. [131] چيو وڃي ٿو تہ اهڙي ڪا قوم ناهي جيڪا مجلس قائم ڪري پر ان ۾ الله تعاليٰ جو ذڪر نہ ڪري تہ ڄڻ اهي ڪنهن ڍونڍ کان الڳ ٿيا ۽ ان ڪري ڪين قيامت جي ڏينهن پاڻ تي حسرت ٿيندي. ائين جنت وارا بہ ڪا بہ حسرت نہ ڪندا مگر ان گهڙيءَ تي جيڪا انهن کي ميسر ٿي پر انهن ۾ الله تعاليٰ جو ذڪر نہ ڪيائون. رسول الله ﷺ فرمايو رب تعاليٰ کي وسارڻ کان وڌيڪ ڪو بہ گناهہ ناهي. حضرت ابن عباس؄ فرمايو تہ بيشڪ الله تعاليٰ حضرت يحيٰ بن ذڪريا کي پنجن ڪلمن جو حڪم فرمايو جنهن تي پاڻ بہ عمل ڪري ۽ بني اسرائيل کي بہ حڪم ڪري تہ هو بہ ان تي عمل ڪن ۽ اهو الله تعاليٰ جو ذڪر آهي.



نبي ڪريم ﷺ ائين بہ فرمايو تہ الله تعاليٰ جو ذڪر ڪرڻ واري شخص جو مثال ان وانگر آهي جنهن جي پٺيان دشمن اچي لڳو ليڪن هو ڊوڙندي هڪ مضبوط ڪوٽ ۾ اچي پهتو پوءِ انهن کان پنهنجي جان بچائي نڪتو. اهڙي طرح ٻانهو پاڻ کي شيطان کان نٿو بچائي سگهي مگر الله تعاليٰ جي ذڪر سان ۽ الله تعاليٰ جو ذڪر ڪندڙ غافلن ۾ ائين آهي جيئن غازين ۾ صابرين. رسول الله ﷺ فرمايو "مفردون" گوءِ کڻي ويا. عرض ڪيائون تہ مفردون ڪير آهن يا رسول الله ﷺ! فرمايائون الله تعاليٰ جو گهڻو ذڪر ڪندڙ مرد ۽ عورتون. عرض ڪيائين الله تعاليٰ کي وڌيڪ پسند ڪهڙا عمل آهن. فرمايائون تون اهڙي حال ۾ مرين جو تنهنجي زبان الله تعاليٰ جي ذڪر سان آلي هجي جيئن زندگي گذاريو ٿا ائين مرندؤ ۽ جيئن مرندؤ ائين اٿاريا ويندؤ ۽ جيئن اُٿاريا ويندؤ ائين گڏ ڪيا ويندؤ. اهي جوان جيڪي لاالہ الاالله جو ذڪر ڪن ٿا خواهشن کان خالي ناهن، پر جڏهن پوري قوت سان ذڪر ڪن تہ ذڪر جي برڪت سان انهن جي دل ۾ نور ظاهر ٿئي ٿو ۽ اجايا خيال ختم ٿين ٿا. شيخ

الاسلام گاذروني چيو آهي تہ لاالہ الاالله وڏي آواز سان بلند جاءِ تي اهڙيءَ طرح چوڻ گهرجي تہ جيئن ٻيا ٻڌن ۽ غافلن کي تنبيهہ ٿي ۽ چيائين:

چون بلبل بيقرار هردم در موسم گل
مينال دلا کہ بعد ازين نتواني کرد

[اي دل! موسم بهار ۾ هر وقت بلبل وانگر دانهون ڪر ڇو تہ ان کان پوءِ شايد ائين نہ ڪري سگهين.]

هڪ حديث ۾ آهي تہ الله تعاليٰ موسيٰ ابن عمران کي فرمايو تہ "**ان في امة محمد رجالاً يقولون علي الاشراف ينادون يقولون لاالہ الاالله اُولائک جزاءهم عندي کجزاء الانبياء**" يعني محمد ﷺ جي امت مان ڪي اهڙا شخص وڏي شرف وارا هوندا جيڪي مٿي بلند جاين تي فائز ٿيندا ۽ وڏي آواز سان چوندا لاالہ الاالله ۽ اهي مون کي پيارا آهن. پهريائين انهن کي پنهنجو ديدار ڪرائيندس ۽ انهن جي جزا پيغمبرن جي جزا مثل آهي.

**باب ڇهون**

**خفي ذڪر جي باري ۾**

جيئن (حديث ۾) آيو آهي ته نبي ﷺ فرمايو "خير الذڪر الخفي" يعني ڀلو ذڪر خفي آهي. خفي ذڪر رڳو انهيءَ کي نه چئبو آهي ته زبان سان آهستي چئجي، بلڪ اهو زبان، دل ۽ خيال کان پري يا مٿي آهي ۽ هتي عقل ۽ ظاهري علم کي ڪا راهه ناهي. **الله** تعاليٰ ان کي پنهنجي علم سان مؤثر ڪري ٿو ۽ ان کان سواءِ ڪو نٿو ڄاڻي، جنهن جو دلين ۾ اعتقاد آهي ۽ ان جي ڳُجهه کي لڪايو ويو آهي. ان سان بظاهر سندن زبانون نٿيون چُرن ۽ نه ٻيا عضوا. اهو **الله** تعاليٰ جي هيبت ۽ تعظيم ۽ جلال ۽ **الله** تعاليٰ جي خوف جي اعتقاد مثل آهي. اهو سڀ ڪجهه **الله** تعاليٰ ۽ ان جي ٻانهي جي درميان جو معاملو آهي ان کي ڪير به نٿو ڄاڻي مگر جيڪو غيب ڄاڻي ٿو ۽



انهيءَ تي دليل **الله** تعاليٰ جو هي قول آهي **يَعْلَمُ مَا تُكِنُّ صُدُورُهُمْ وَمَا يُعْلِنُونَ** (القصص:69) [۽ اهو ئي ڄاڻي ٿو جيڪي ڪجهه هنن جا سينا لڪائن ٿا يا ظاهر ڪن ٿا.] انهيءَ جي مشابهه هي شيون آهن جنهن سان **الله** تعاليٰ مهرباني فرمائي ٿو پوءِ اُهي ان اڪيلي جي لاءِ آهن ۽ ان جي ثنا بلند آهي. اهي راز مقرر ٿيل ملائڪ به نٿا ڄاڻين جيئن **الله** تعاليٰ فرمائي ٿو **مَا يَلْفِظُ مِنْ قَوْلٍ إِلَّا لَدَيْهِ رَقِيبٌ عَتِيدٌ** (ق:18) [ڪا ڳالهه زبان مان نٿو ڪڍي مگر ان وٽ هڪ نگهبان تيار ويٺو آهي.] ائين **الله** تعاليٰ جو فرمان آهي "**كِرَاماً كَاتِبِيْنَ يَعْلَمُوْن مَا تَفعَلُوْنَ**" [اهي ڀلارا لکڻ وارا ڄاڻن ٿا جيڪي ڪريو ٿا.] هن تي نگهبان ملائڪ مقرر ٿيل آهن جيڪي ان جي زبان مان ظاهر ٿئي ٿو ۽ جيڪي ڪري ٿو ڄاڻن ٿا. جيڪو ڪوشش مان ظاهر ٿئي ٿو يا جيڪو دلين ۾ لڪل آهي يا جيڪو ٻين عضون تي اچا ظاهر نه ٿيو آهي يا جنهن جو دلين ۾ خيال اچي ٿو ان جو علم **الله** جل جلاله کي آهي. بلڪ دلين جا اهي عمل به حوالي ٿيل آهن جيڪي اچا

اعتقاد ۾ آهن ۽ اندر کان ٻاهر ناهن نڪتا پوءِ ان جو مثال ائين آهي. والله اعلم

نبي ڪريم ﷺ فرمايو جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو ۽ الله تعاليٰ خلق کي حساب لاءِ گڏ فرمائيندو تڏهن اهي نگهبان ملائڪ ايندا جنهن جي نگهباني ڪيائون ۽ جيڪي ڪجهه لکيائون. الله تعاليٰ کين فرمائيندو ته هن وٽ ڪا شيءِ آهي؟ عرض ڪندا، اي اسان جا پالڻهار! اسان ڪا به شيءِ نه ڇڏي آهي. اسان جيڪي ڪجهه ڄاتو ان کي پوريءَ طرح لکيوسين. تڏهن الله تعاليٰ فرمائيندو بيشڪ تو لاءِ مون وٽ هڪ اهڙو خزانو آهي جنهن بابت مون کان سواءِ ڪو به نٿو ڄاڻي ۽ مان ان سان توکي جزا ڏيندس ۽ اهو خزانو خفي ذڪر آهي. رسالہ 'قشيريہ' ۾ آهي ته خفي ذڪر کي ملائڪ نٿو لکي سگهي ڇو ته هن کي ان تي ڪو به اطلاع ناهي ۽ اهو ٻانهي ۽ رب جي درميان راز آهي. رسالي 'مرأة الارواح' ۾ آهي ته خفي ذڪر کي ملائڪ ان ڪري نٿو لکي سگهي ڇو ته اهو دل ۽ نفس جي عالم مان ناهي. بيشڪ خفي ساهه کان به وڌيڪ



ڳجهو آهي ان جو دنيا ۽ آخرت کان مٿانهون گذر آهي ان ڪري جو ان جي ۽ حق جي درميان ڪو به حجاب نه آهي. خفي راز کان به وڌيڪ راز آهي ۽ حق ڏانهن به وڌيڪ ويجهو آهي. خفي ذڪر ڪرڻ واري جي هيءَ علامت آهي ته اهو دنيا ۽ آخرت ڏانهن واجهائيندو ناهي.

شيخ عبدالله انصاري چيو آهي ته الله تعاليٰ فرمايو آهي **وَاذْكُرْ رَبَّكَ إِذَا نَسِيتَ** (الڪهف:24) [۽ ياد ڪر پنهنجي رب کي جنهن مهل تو وساريو يعني هن جي غير کي.] پنهنجي نفس کي پنهنجي ذڪر ۾ وساريئي پوءِ پنهنجي ذڪر کي پنهنجي ذڪر ۾ وساريئي پوءِ حق جي ذڪر ۾ وساريئي. هر ذڪر خاص تنهنجو آهي ۽ ذڪر غفلت ۽ ويسر کان آزاد هجڻ کي چئبو آهي ۽ انهيءَ جا ٽي درجا آهن پهريون درجو يعني ظاهري ذڪر ثنا يا دعا ڪرڻ آهي ۽ ٻيو درجو خفي ذڪر جو آهي يعني ٻِگاڙ کان ڇوٽڪارو ۽ شهود سان گڏ بقا ۽ حال احوال ڪرڻ جو لازم هجڻ ۽ ٽيون درجو حقيقي ذڪر جو آهي ۽ اهو حق جي ذڪر جو خاص توسان شهود آهي ۽ تنهنجي ذڪر جي

شهود کان آزاد ٿيل ۽ ذڪر جي افتراء يا گهڙاوٽ جي معرفت ان جي بقا ۾ ان جي ذڪر سان گڏ آهي. هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ ذاڪر جو فهم گم ٿي وڃي هن دليل سان تہ مفردون گوءِ کٽي ويا. عرض ڪيو ويو تہ اُهي ڪير آهن تڏهن نبي ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو هي اُهي آهن جيڪي **الله** تعاليٰ جي ذڪر ۾ ڪيس دل سان پڪاريندا آهن. جيئن ٻار ٻالهائڻ ۾ هبڪائيندو آهي. ٻي روايت **"صيرو لقد سبق المفردون"** جا لفظ آهن. عرض ڪيو ويو تہ مفردون ڪير آهن. پاڻ فرمايائون جيڪي ذڪر ۾ آلاپ ڪندا آهن پوءِ ذڪر سبب انهن جو وزن انهن تان ڪجهي ويندو آهي. ان ڪري اهو قيامت ۾ هلڪا ٿي ايندا. فرد ۽ تفرد جي هڪ ئي معنيٰ آهي يعني مفردون اهي آهن جيڪي **الله** تعاليٰ کي هن طرح ياد ڪندا آهن جو ماڻهن مان ان سان واعدو وفا ڪندڙ آهن.[132] ڪن چيو آهي تہ مفردون اهي آهن جيڪي پنهنجي ذات کي فنا ڪري ساري عمر رڳو **الله** تعاليٰ جو ذڪر يا پچار ڪن ٿا يعني اهي ذڪر جي حرص ۾ آهي. ڪن چيو تہ (مفردون) اهي آهن جن (سڀ شيءِ پاڻ تي) حرام سمجهي **الله**



تعاليٰ جي ياد ۽ ان جي اطاعت ۾ پاڻ کي جلائي ڇڏيو آهي. ان ڪري جيڪڏهن ڪو گهٽي ذڪر جي ڪري مجنون ٿي وڃي ۽ ماڻهو ان کي چريو چوڻ لڳن تہ اهو بہ جائز آهي. ان لاءِ هن حديث پاڪ مان دليل آهي تہ **"اڪثرو ذڪر الله حتيٰ يقال انکم مجانين."** يعني **الله** تعاليٰ جو ايترو گهڻو ذڪر ڪيو جو ماڻهو اوهان کي پيلي ديوانو چون. شيخ قدس **الله** سره کان سوال ڪيائون تہ هي جو (لااله الاالله) جا ذاڪر آپي مان ٻاهر نڪري ٿا وڃن ۽ انهن جي هٿن پيرن ۽ مٿي ۾ جنبش ۽ ڏڪٽي اچي ويندي آهي، ڇا اهو سڀ جائز آهي يا نہ؟ چيائين ٻانهو جيڪو ڪجهہ بارگاهہ الاهي ۾ جمع ٿو ڪرائي اهو جائز آهي. جيڪا شي توکي **الله** تعاليٰ سان مشغول ڪري تہ ان کي قائم رکڻ واجب آهي ۽ جيڪا شيءِ توکي **الله** تعاليٰ کان پري ڪري تہ ان کان مُنهن موڙڻ واجب آهي. جيڪڏهن ذڪر جي ذوق مان ذاڪر جو سمورو جسم حرڪت ۾ اچي وڃي تہ اهو جائز آهي.

ابواراڪ کان روايت آهي فرمايائين مون حضرت علي ابن ابي طالبؓ سان گڏ نماز پئي پڙهي جنهن مهل سج نيزي برابر

آيو تہ مون سندن هٿ چميو. تڏهن چيائون **الله** تعاليٰ جو قسم بيشڪ مون رسول **الله**ﷺ جي اصحابن سڳورن کي ڏٺو. هاڻي انهن جي مشابهہ ڪو نٿو ڏسان. بيشڪ اُهي صبح هن حال ۾ ڪندا هئا جو انهن جا وار ڪنڌريل ۽ غبار آلوده هوندا هئا. انهن جي اکين ۾ ٽڪل سوار وانگر اوجاڳو هوندو جو **الله** جي بارگاهہ ۾ سجدا ۽ قيام ڪندي حاضر ٿيندا هئا. اهي ڪتاب **الله** جي تلاوت ڪندا هئا ۽ پنهنجين پيشانين ۽ قدمن کي ثابت قدم رکندا هئا. ان ڪري جڏهن صبح ڪندا هئا تہ پوءِ **الله** تعاليٰ جي ذڪر ۾ ائين ڪُبا يا ڏوڙا ٿي پوندا هئا. جيئن سخت هوا ۾ وڻ جهڪي پوندا آهن ۽ انهن جون اکيون ايترا تہ نير وهائينديون هيون جو انهن تي نشان ظاهر ٿي پوندا هئا. **الله** تعاليٰ جو قسم اهي غافل ماڻهو نہ هئا. انهيءَ باري ۾ هي قول بہ آهي تہ بيشڪ **الله** تبارڪ وتعاليٰ حضرت موسيٰ ؑ ڏانهن وحي فرمائي تہ اي موسيٰ! جڏهن مون کي ياد ڪرين تہ مون کي ئي ياد ڪر ۽ پنهنجن عضون کي ڍلو ڇڏي ڏي ۽ منهنجي ذڪر ۾ عاجزي ڪندڙ ۽ اطمينان رکندڙ هج. جڏهن مون کي ياد ڪرين تہ



پنهنجي زبان کي پنهنجي دل جي پٺيان رکي ڇڏ ۽ جڏهن منهنجي سامهون بيهين تہ پوءِ انتهائي نوڙت ڪندڙ ٻانهي جيان بيهہ. پنهنجي نفس جي مذمت ڪر ڇو تہ اهو قابل مذمت آهي ۽ سرگوشي ڪندڙ هج. جنهن مهل مون سان سرگوشي ڪرين. تڏهن خوفزده دل ۽ سچيءَ زبان رک.

جيڪڏهن ذڪر جي سماع جي ذوق ۾ ذاڪر جو مٿو ۽ پير حرڪت ۾ اچن تہ جائز آهي. جيئن شيخ محدث متعمر بن احمد بن زياد صوفي اصفهاني پنهنجي ڪتاب ’شواهد تصوف‘ ۾ ڪتاب سنت ۽ ٻين امامن جي قولن مان ثابت ڪيو آهي. چيائين حديث ٻڌائي ان کي ابن حيان، ٻيو دفعو ان کي محمد بن هارون، ٽيون دفعو ان کي ربيع ابن سليمان، چوٿون دفعو ان کي ابن وهب، چيائين خبر ملي ان کي اسامہ بن زيدان کان جنهن کي ابوحازم کان ملي ۽ ان کي ابو ابن عمرؓ کان ملي تہ بيشڪ هن رسولﷺ کي منبر تي جلوه افروز ٿيندي ڏٺو ۽ پاڻ خطبو ڏيندي هيءُ آيت سڳوري پڙهيائون **وَمَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ قَدْرِهٖ** (الزمر:67) [جيترو **الله** تعاليٰ کان ڊڄڻ جو حق آهي اوترو ڊڄو.]

پوءِ رسول اللهﷺ فرمايو الله تبارڪ وتعاليٰ آسمانن ۽ ستن زمينن کي پنهنجي هٿ جي تَرين ۾ وٺي انهن کي ائين جلال سان فرمائيندو ته مان الله اڪيلو آهيان، مان غالب آهيان. (راوي چيو) ايستائين جو مون منبر کي ڏٺو ته اهو گويا ڪرڻ وارو هو ان کي وري روايت ڪيو. محمد بن المنڪدر ابن عمرؓ کان ته منبر اهڙي طرح چڻ لڏي ويو. تانجو وري پاڻ ان تي جلوه افروز ٿيا ۽ وري هيٺ لهي آيا. پوءِ ٽي دفعا (ائين ٿيو) پوءِ اها حرڪت يا (چُرپر) سڀ الله عزوجل جي عظمت جي شاهدي ۽ وجود بابت دليل آهن. جيڪڏهن دلين جي مٿان ڪَٽ يا عيبن جي اسبابن ۽ معاملات جي قلت ۽ دنيا جي محبت ۽ گناهن جي ڪثرت نه هجي ته جيڪر دليون ٽٽي پون. الله تعاليٰ جي ذڪر ۽ قرآن جي قرآت کان رڪجي وڃن ها. پر قرآن جي ٻڌڻ سان دلين جي صفائي ۽ پاڪائي عبوديت ۾ اخلاص ۽ هن فاني دنيا ۾ زهد جي حقيقت کان آساني ٿئي ٿي. جيئن الله تعاليٰ فرمايو: **لَوْ أَنْزَلْنَا هَذَا الْقُرْآنَ عَلَى جَبَلٍ لَرَأَيْتَهُ خَاشِعًا مُتَصَدِّعًا مِنْ خَشْيَةِ** (الحشر: 21) [جيڪڏهن هن قرآن کي ڪنهن جبل تي نازل



ڪيون ها ته تون ضرور ان کي الله تعاليٰ جي خوف ۾ ڏڪندڙ ۽ ڦاٽندڙ ڏسين ها.] هن باري ۾ هڪ حديث شريف پڻ آهي. حديث بيان ڪئي ابو محمد بن حيان جنهن ٻُڌي حسين بن حسن طبري کان ۽ هن ٻُڌي اسماعيل بن عبدالجميل کان ۽ هن حفص بن عمر کان جنهن روح بن مسافر ۽ هن محمد الملاهي کان ۽ ان پنهنجي پيءُ کان ۽ هن رسول اللهﷺ کان ته پاڻ هڪ سفر ۾ رات جو بسم الله الرَّحمٰن الرَّحيم پڙهيائون ته روئڻ لڳا. پوءِ عشري بن مُره جڏهن پڙهيو ته هو به روئي ساڻو ٿي ڪِري پيو. آخر ۾ فرمايائون ته اهو ناڪام ٿيو جنهن تي رحمٰن رحيم رحم نه فرمايو.

ان ڪري جيڪڏهن دوران ذڪر ذاڪر جي اندر مان ڪا دانهن يا ڪُوڪ نڪري ته جائز آهي. جهڙي طرح ’ڪتاب الشواهد‘ ۾ آهي. حضرت حمران بن اعين کان روايت آهي چيائين ته هڪ دفعي رسول الله ﷺ هيءَ آيت پڙهي **إِنَّ لَدَيْنَا أَنْكَالًا وَجَحِيمًا** (المزمل:12) [بيشڪ اسان وٽ عبرتناڪ سزا ۽ دوزخ آهي.] تڏهن هڪ رڙ ڪيائون. جيڪا پوءِ صحابه ڪرام

ڪان پڻ نڪري وئي. اهڙي طرح صوفين جي سماع توڙي سندن غير معمولي حرڪتن ۽ سندن ضعيفي ۽ انهن جي اضطراب بابت حضرت ابوبڪر صديقؓ جو هي حال شاهد آهي جنهن بابت قيصر ابن ابي حازم کان اهڙي روايت ملي ٿي. هڪ ڀيري صحابن سڳورن کي حضرت ابوبڪر صديقؓ صبح جي نماز پڙهائي جنهن ۾ سورة الحاقہ پڙهيائين. جڏهن **خُذُوهُ فَغُلُّوهُ** (الحاقة:30) [پڪڙيو هن کي ۽ پوءِ ان کي ڳٽ وجهو.] تي پهتو تہ ڪائنس رڙ نڪري وئي ۽ بيهوش ٿي ڪري پيو. ايتري قدر جو اسان پوءِ سورهن ڏينهن صبح جو سندس عيادت ڪندا رهياسين. ساڳي ريت ذڪر جي وقت صوفين جي توحيد وقت حالت ۽ انهن جي ڇُرپر ۽ انهن جي پريشاني بابت حضرت عمرؓ

جو حال شاهد آهي. جنهن بابت سندس پنهنجي روايت آهي تہ ان هڪڙي قاريءَ کان سورة طور پڙهندي ٻڌي، جڏهن **إِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ لَوَاقِعٌ** (الطور:7) [بيشڪ تنهنجي رب جو عذاب واقع ٿيندڙ آهي.] ان کي ڪير بہ نہ ٽاريندو. تي پهتو تہ پريشان ٿي پٽ تي ڪري پيو ۽ بيهوش ٿي چڙهيون هڻڻ لڳو. جڏهن بس ڪيائين



تہ هن کي گهر کڻي آيا ۽ ڪيترائي ڏينهن سندس عيادت ڪندا رهيا. اهڙيءَ طرح صوفين جي حالت ۽ انهن جي غير معمولي حرڪتن ۽ پريشانيءَ بابت حضرت عثمان غنيؓ جو حال شاهد آهي تہ پاڻ فجر جي نماز پڙهايائين جنهن ۾ سورة مزمل پڙهيائين ۽ جڏهن **إِنَّ لَدَيْنَا أَنكَالًا وَجَحِيمًا** (المزمل:12) [بيشڪ اسان وٽ عبرتناڪ سزا ۽ دوزخ آهي.] تي پهتو تہ وڏي رڙ ڪري ڪِري پيو ۽ ڪيترائي ڏينهن ماڻهو سندس عيادت ڪندا رهيا. ان کان سواءِ صوفين جي سماع ۽ انهن جي پريشاني ۽ زارو قطار روئڻ واري حال بابت هيءُ روايت شاهد آهي جيڪا حضرت عليؓ بابت آهي تہ هڪ دفعي ماڻهن کي فجر جي نماز ۾ سورة مزمل پڙهايائين پوءِ جڏهن "**أَنكَالًا وَجَحِيمًا**" تي پهتا تہ تمام زارو قطار روئڻ بعد بيحال ٿي ويا جو ڪيترائي ڏينهن عيادت ڪئي وئي.

ذاڪرن کي گهرجي تہ هڪ ئي طريقي ۽ گڏيل آواز سان گڏ ويهي ذڪر ڪن. ڇو تہ اهڙو قول جيڪو دل مان اُٿندو آهي، اهو هر ٻئي قول کان بهتر ۽ سهڻو آهي. جيئن ارشاد آهي

لِمَنۡ كَانَ لَہٗ قَلۡبٌ اَوۡ اَلۡقَى السَّمۡعَ وَهُوَ شَهِيۡدٌ (ق: 37) [ان لاءِ جيڪو دل رکي ٿو يا ڪن لڳائي ٿو اُهو شاهد هجي.] شيخ ابوالحسن نوريءَ ڪنهن نابين کي ڏٺو جيڪو **الله** جي اسم جو تڪرار ڪري رهيو هو. هن کي چيائين اي نابين! تون هن کي نٿو ڄاڻين ۽ هن جو اسم فقط زبان تي ٿو ورجائين؟ جيڪڏهن تون ڄاڻين ٿو ته پوءِ زنده ڪيئن آهين؟ اهو ٻڌڻ سان هن حق تعاليٰ جي شوق ۾ وڻي جهنگ ڏانهن مُنهن ڪيو ۽ سَرن ٻوڙن ۾ وڃي ڪريو، جتي رقص ڪندي ڄنگهون، ٻانهون ۽ سارو جسم رتو رت ڪري ڇڏيايئن. تانجو خون جو هر قطرو جيڪو سندس جسم مان زمين تي تي ڪريو ان مان **الله** جو اسم ٺهي ٿي ويو. چون ٿا هڪڙو ذاڪر هو جيڪو ذڪر جي وچ ۾ سجدو ڪندو هو ان کان پڇيائون هي ڇا آهي؟ چيائين شڪر جو سجدو آهي، ذڪر جي نعمت جي توفيق ملڻ تي ڪيان ٿو جيڪڏهن انهيءَ سجدي ۾ هي دعا گهري ها ته وڌيڪ مناسب ۽ پسنديده هجي ها ته **الله** تعاليٰ جي لاءِ سجدو ڪيم ان جي نعمتن ۽ فضل ۽ ان جي طرفان ڏِرَ ۽ احسان ملڻ تي، سڀ تعريفون ان **الله**



جي ذات لاءِ آهن جنهن مون کي پنهنجي ذاڪرن مان بڻايو. اي **الله!** مون کي اهڙن ذاڪرن مان ڪر جيڪو ذڪر ۾ ٻئي ڪنهن جو ارادو نٿو ڪري ۽ اهو تو لاءِ آهي. اي **الله!** منهنجي دل مان پنهنجي ياد کان سواءِ سڀ يادون مِٽائي ڇڏ ۽ پنهنجي محبت کانسواءِ سڀ محبتون ۽ هر ڪا رغبت ختم ڪر، ان کان سواءِ جيڪا صرف تو ڏانهن آهي ۽ هر خوف مگر جيڪو تنهنجو آهي.

شيخ ابوعبدالرحمٰن السلمي پنهنجي استاد ابوعلي دقاق کان پڇيو ته ذڪر وڌيڪ آهي يا فڪر؟ جواب ڏنائين ته ذڪر، ڇو ته **الله** تعاليٰ ذڪر سان موصوف ٿيندو آهي نڪي فڪر سان. ۽ گهُرجي ته ذڪر جا آداب ۽ ارڪان ۽ شرائط پورا ڪري تان جو ذڪر جي حقيقتن ۽ لڪل رازن کان محروم نه ٿئي. نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته **لااله الاالله** تي تڪليف نٿي ڏني وڃي. ڇو ته **لااله الاالله** اسلام جي ڍال آهي اها جيستائين مضبوط ناهي ته انهن کي نقصان پهچندو رهندو ۽ جيڪو تير ڍال کان پار ٿيندو آهي ته ڍال واري کي ماري وجهندو آهي. حديث ۾ آهي ته

قيامت ۾ لاالہ الااللہ ظاهر ٿيندو ۽ جڏهن خلق دوزخ ۾ ويندي تہ ڪين چوندو توهان اللہ ۽ ان جي نشانين جو انڪار ڪيو ۽ ٺوڪون ڪندا هُيوَ. نبي ڪريم ﷺ فرمايو شيطان چوندو تہ مون ماڻهن کي گناهن سان هلاڪ ڪيو ۽ انهن وري مون کي لاالہ الااللہ ۽ استغفار سان چُٽيو ان ڪري مون سدائين اهو سوچيو تہ انهن کي خواهشن سان هلاڪ ڪندس ۽ اهي سمجهن ٿا تہ هو هدايت يافتہ آهن. جاڻ تہ علم مان مقصود عمل آهي ۽ قرآن مان مقصود قرآن تي عمل ڪرڻ آهي ۽ ذڪر مان مقصود اُنس يعني يادگيري ۽ ناسوت، ملڪوت ۽ جبروت ۽ لاهوت کي عبور ڪرڻ آهي. جيڪڏهن ذاڪر کي هتي دل جو ڪلڻ ميسر نٿو ٿئي تہ ان سان سندس درجات ضرور بلند ٿين ٿا.

بهاءالدين دلقپوش مخدوم معظم غوث الحق جي خاص اراتمندن مان آهي. هو پنهنجي رسالي ۾ لکي ٿو تہ پاڻ فرمايائون ظاهري عالم لاالہ الااللہ جي ڪلمي جي معنيٰ **”لا معبود سوي اللہ“** مقرر ڪن ٿا. فقرا وري **”لاشيءِ موجود غير اللہ“** يعني اللہ کانسواءِ ڪا شيءِ موجود ناهي سمجهن ٿا ۽ ان کي



دل جي تختي تي پڇائي چڙهين ٿا. وڌيڪ چيائون تہ ’لاالہ الااللہ‘ ناسوتي ذڪر آهي، جنهن جو تعلق زبان سان آهي ۽ ’الااللہ‘ ملڪوتي ذڪر آهي جنهن جو تعلق دل سان آهي ۽ ’اللہ‘ جبروتي ذڪر آهي جنهن جو تعلق روح سان آهي ۽ ’هو‘ لاهوتي ذڪر آهي جنهن جو تعلق سر يا مٿي سان آهي. ائين چيائون تہ زباني ذڪر مجاهدو آهي ۽ قلبي ذڪر ملاحظو آهي ۽ روحي ذڪر مڪاشفو آهي ۽ سِري ذڪر مشاهدو آهي. وڌيڪ چيائون تہ افضل ذڪر لاالہ الااللہ آهي ۽ پلي ۾ پلي دعا الحمد شريف آهي. جيڪو بہ مخدوم معظم جي خدمت ۾ دعا لاءِ عرض ڪندو هو تہ پاڻ سورة فاتحہ پڙهندا هئا ۽ چوندا هئا تہ جيڪي ڪجهہ هن سورة سگوري ۾ آهي اهو توهان ۽ اسان جو نصيب ٿئي. فرمايائون مخدوم عربي فقيرن کي چوندو هو تہ نفلي نماز گهٽ ادا ٿا ڪن. مون کي چيائين تہ جيڪو نماز ۾ سجدي واري جاءِ کان نظر ٻئي طرف ڪري ٿو تہ اللہ تعاليٰ فرمائي ٿو اسان ڏي ڏس چڱي شيءِ ٿو ڏسين. پر جيڪڏهن ٻيو دفعو ٻئي هنڌ نظر ٿو ڪري تہ اللہ تعاليٰ فرمائي ٿو اسان وٽ ڇا لاءِ آيو

آهين. وري جيڪڏهن ٽيون دفعو ٻئي هنڌ ڏسي ٿو ته **الله** تعاليٰ ملائڪن کي فرمائي ٿو ته هن کي اسان وٽان تڙي ڇڏيو. انهيءَ ڏوراپي جي پوءِ کان آءٌ فرض ۽ سنتن تي اڪتفا ٿو ڪيان ۽ ذڪر ۾ مشغول رهندو آهيان. ذڪر **الله** جي وات ۾ وڌيڪ ويجهو ڪندڙ آهي ڇو ته ذاڪر کي غفلت دامنگير ٿيڻ ڪري پڻ ڏوراپو نه ٿو ملي ڇو ته پَل ڇڪ انسان جي حال کي لازم آهي. فرمايائون **لااله الاالله** جي ذڪر ۾ مشغول رهڻ وارو ان شخص وانگر آهي جيڪو هڪ وڏو جانور شڪار ٿو ڪري ته ان گوشت مان پاڻ به کائيندو ۽ ٻيا به ڍؤ ڪندا. ٻين عبادتن ۾ مشغول رهڻ وارو ان شخص وانگر آهي جيڪو جهرڪي وغيره جو شڪار ٿو ڪري جنهن مان ان جو پنهنجو پيٽ به نه ٿو ڀرجي سگهي ۽ پڻ فرمايائون ته بندي جو ذڪر **الله** پاڪ جي ٻن ذڪرن جي وچ ۾ آهي، پهريون ذڪر جي توفيق جيڪا **الله** تعاليٰ وٽان آهي جڏهن ٻانهو **الله** پاڪ جي توفيق سان ذڪر ۾ مشغول ٿئي ٿو ته هو کيس اجر عظيم عنايت فرمائي ٿو. جيئن حضرت امير المؤمنين علي ڪرم **الله** وجهه فرمايو آهي ته



**"الذکر بين الذکرين والاسلام بين السيفين والذنب بين الفرضين"** [ذڪر ٻن ذڪرن جي درميان آهي ۽ اسلام ٻن تلوارن جي درميان آهي ۽ گناهه ٻن فرضن جي درميان آهي] جيڪو اسلام جي فرمانبرداري کان گردن ڦيرائي ته هن کي تلوار سان هڪالي ڪيو ۽ جيڪڏهن اسلام کان پوءِ مرتد ٿي وڃي ته کيس قتل ڪري ڇڏيو. لازم آهي ته گناهه نه ڪجي ۽ جيڪڏهن ٿي وڃي ته توبهه ڪرڻ فرض آهي. جيئن فرمان باري تعاليٰ آهي. ***يُحِبُّهُمْ وَيُحِبُّوْنَہٗ*** (المائدة: 54) **"الاطال شوق الاحباب الي لقائي واني الي لقائهم اشد شوقاً"** [اهو انهن سان محبت ڪري ٿو ۽ هو ساڻس محبت ڪن ٿا. يعني دوستن کي منهنجي ڏسڻ جو جيترو گهڻو شوق آهي ان کان وڌيڪ مون کي انهن جي ڏسڻ جو شوق آهي يعني مان انهن کي ڏسڻ جو شوق انهن کان گهڻو رکان ٿو.] مقصود هي آهي ته سڀ هن جي طرفان آهي (همه ازوست) بلڪ سڀ ڪجهه اهو آهي (همه اوست).

**نقل** آهي تہ مخدوم معظم فرمايو تہ پهريائين پڪي توبهہ ڪرڻ گهرجي تنهن ڪان بعد **الله** جو اسم زبان تي آڻجي تہ جيئن غافلن مان نہ ٿجي ۽ اِها معنيٰ **لاالٰه الاالله** جي ذڪر واري ڪلمي ۾ موجود آهي. يعني غير جي نفي توبهہ جي برابر آهي ۽ ذڪر جو اثبات. ان ڪري **لاالٰه الاالله** جي ذڪر جو ڪلمو بہ توبهن جي وچ ۾ واقع آهي.

**نقل** آهي تہ هڪ طالب مخدوم معظم جي سعادت واري خدمت ۾ خفي ذڪر جي اجازت گهُري، پاڻ چيائونس تہ خفي ذڪر ڪي حرف ۽ آواز نہ ٿيندا آهن جو واتان چئي سگهجي. تون جلي ذڪر ۾ مشغول ٿيءُ عرض ڪيائين تہ جلّي ذڪر ۾ گهڻائي ڏينهن مشغول رهيو آهيان. پاڻ سمجهايائونس تہ ساهہ جو لحاظ رک. جڏهن ساهہ ٻاهر اچي تہ لَاالٰه سان ٻاهر آڻ ۽ **الاالله** سان اندر ڪڻ. انهيءَ طريقي سان جلي ذڪر تي هميشگي ڪر تہ جيئن دنيوي ۽ اخروي تعلق ۽ اجائي قسم جا وسوسا مڪمل طرح سان دُور ٿين. ان ڪان بعد اميد آهي تہ خفي ذڪر جيڪو مشاهدي جو نالو آهي تہ **"الشاهدة**



**رؤيت الحبيب في الحجاب"** يعني مشاهدو پردي ۾ دوست جو ديدار جو نالو آهي واري ڪيفيت توتي پرڻجي پوي، ۽ ان جي نشاني هي آهي تہ واحد ڪانسواءِ ٻيو وجود نہ ڄاڻي ۽ نہ ڏسي ۽ نہ ئي ٻڌي. جيئن **"بي يبصر وبي يسمع"** مان واضح آهي.

وڌيڪ چيائون تہ ان ذڪر ڪان توبهہ ڪجي جنهن مان مراد ڪشفِ علم، ڪشفِ ڪرامت ۽ مشاهدو هوندو آهي، بلڪ ان جي بجاءِ اُن ذڪر جي نيت هجڻ ڪپي تہ جيئن حڪم بجا آڻجن. آيت ڪريمہ **فَاذْكُرُونِي أَذْكُرْكُمْ** (البقره: 152) [پوءِ مون ڪي ياد ڪيو مان توهان ڪي ياد ڪيان.] ۾ اهو ئي سبق آهي، ڇو تہ هن جي حڪمن جي بجا آوري تمام اهم معاملن مان آهي. ذڪر ۾ دعا وانگر هٿ مٿي ڪڻڻ هن دليل سان جائز آهي تہ نبي ڪريمﷺ فرمايو **"افضل الدعاء لاالٰه الاالله"** يعني وڌيڪ فضيلت واري دعا لاالٰه الاالله آهي. انهيءَ تي هي صحيح حديث بہ **دليل** آهي تہ شداد بن اوس ڪان روايت آهي تہ مان رسول **الله** ﷺ سان گڏ هوس. آءٌ تڏهن اصحابي سڳورن مان ڪنهن هڪ جي گهر ۾ هوس. فرمايائون توهان ۾ توهان ڪان سواءِ ڪو

غير آهي؟ عرض ڪيائون تہ نہ. تڏهن فرمايائون تہ در سوگهو ڪيو. پوءِ در بند ڪيائون تڏهن فرمايائون پنهنجا هٿ کڻو ۽ **لاالٰه الاالله** چئو ۽ **رسول الله** ﷺ پاڻ بہ هٿ کنيا پوءِ اسان بہ هٿ کنيان. وري فرمايائون تہ پنهنجا هٿ هيٺ ڪيو ۽ بشارت وٺو تہ توهان بخشجي ويا بيشڪ مان انهيءَ خاطر موڪليو ويو آهيان ۽ مون کي انهيءَ جو حڪم ڪيو ويو آهي ۽ انهيءَ تي جنت ۾ داخل ٿيندس هيءَ حديث صحيح آهي. جيڪا حافظ ابوالقاسم طبرانيءَ ۾ آندي آهي.

’مڪتوبات منيري‘ ۾ آهي تہ جيڪو هر پل سِرّي ۽ جهري طور تي **لاالٰه الاالله** جي ڪلمي کي پنهنجي پناهہ بنائي ٿو تہ اک ڇنڀ جيترو بہ پاڻ کي انهيءَ ڪوٽ کان ٻاهر نہ سمجهي جو نبي ﷺ **الله** تعاليٰ جو فرمان بيان ڪندي چيو **”لاالٰه الاالله حصني فمن دخل حصني امن من عذابي“** يعني لاالٰه الاالله منهنجو ڪوٽ آهي جيڪو منهنجي ڪوٽ ۾ داخل ٿيو تہ منهنجي عذاب کان امن ۾ رهندو. انهيءَ کان ائين بہ آيل آهي تہ حديث پاڪ ۾ آهي تہ. قيامت ۾ هڪ شخص ميزان تي آندو



ويندو پوءِ ان جا نوانوي دفتر کوليا ويندا. هر هڪ دفتر اک جي نظر کٽڻ تائين جيترو هوندو جنهن ۾ ان جا گناهہ ۽ خطائون لکيل هونديون. اهي ميزان جي پڙ ۾ رکيا ويندا هوڏانهن آڱرين جي چوٿين جيترو ڪاغذ جو پرزو آندو ويندو جنهن ۾ **”اشهد ان لاالٰه الاالله واشهد ان محمد عبدہٗ ورسولہٗ“** لکيل هوندو. جڏهن اهو ٻئي پڙ ۾ رکيو ويندو تہ ان جو وزن خطائن کان وڌي ويندو. ذڪر ڪرڻ جو شرط دنيا کي ظاهري ۽ باطني طور تي ڇڏي ڏيڻ آهي. چو تہ **”حب الدنيا راس کل خطيئة وترکه رأس کل عبادة والدنيا جيفة“** معنيٰ دنيا جي محبت سڀني برائين جي پاڙ آهي ۽ ان کي ڇڏي ڏيڻ سڀني عبادتن جو منڍ آهي ۽ دنيا ڍونڊ آهي. جيئن پليتي سان نماز جائز ناهي تيئن دنيوي بي پاڪيزگي سبب ذڪر جو اثر ظاهر نہ ٿيندو.

شيخ عبدالله بلياني ڪنهن طالب کي خلوت جو حڪم فرمايو. ڪجهہ ڏينهن کان بعد هو خلوت مان ٻاهر آيو تہ پنهنجي شيخ سان اظهار ڪندي چيو تہ منهنجي اڳيان ڪاري سِرَ ظاهر ٿئي ٿي ۽ ان ڪري پاڪ حاضري جي اُنس ۾ خلل ٿو

پوي. فرمايائون ته دنيوي شين مان ڪا ملڪيت رکين ٿو ڇا؟ عرض ڪيائين نه. ڪجهه قرآن جا ورق آهن. فرمايائين انهن کي به پنهنجي ملڪيت ۾ رهڻ نه ڏي. ان ڪان پوءِ هو شيخ سان ذڪر ۾ مشغول ٿي ويو ڇو ته **وَلَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهٖ أَحَدًا** (الڪهف: 110) [۽ نه شريڪ ڪجي پنهنجي رب جي عبادت ۾ ڪنهن کي.] مطلب نيت خالص هجڻ گهرجي. **"انما الا عمال بالنيات لکل امري ما نوي"** يعني بيشڪ عمل نيتن سان آهن ان ڪم جي لاءِ جنهن جي ان نيت ڪئي. ذڪر جو ڪائڻ پيئڻ ۽ ڍڪڻ حلال مان هجڻ کپي ڇو ته **ڪُلُوا مِنَ الطَّيِّبَاتِ وَاعْمَلُوا صَالِحًا** (المؤمنون: 51) [کائو پاڪ شين مان ۽ چڱا عمل ڪيو.] حلال قوت هن زماني ۾ ته بلڪل ختم آهي ان ڪري مجبوراً ٿوري تي گذارو ڪرڻ گهرجي ڇو ته حضرت رسالتمآب ﷺ جن فرمايو **"اذا تغد لم تعش واذا تعش لم تغد"** يعني جڏهن سياڻي ڪرين ته زندگي نه گذارين ۽ جڏهن زندگي گذارين ته سياڻي نه ڪر. حضرت علي ڪرم **الله** وجهه ڪنهن قوم کي ڏٺو پڇيائين هيءَ ڪهڙي قوم آهي؟ عرض ڪيائون اوهان جا



حمايتي آهن. ڇيائين منهنجي حمايتن جو انهن ۾ ته ڪو نشان ناهي. عرض ڪيائون اهو ڪهڙو آهي؟ فرمايائين **"خصص البطون من الطويٰ وبيس الشفاه من الظماءَ وعمش العيون من البڪاء"** يعني انهن جا پيٽ بُک کان خالي آهن ۽ چپ اُڃ کان خشڪ آهن ۽ روئڻ جي ڪري اکيون آليون هونديون اٿن.

مخدوم معظم فرمايو ته جيڪو جلي ذڪر ۾ مشغول ٿئي ته هر ڇهن ڏينهن ڪان بعد روزو ڪولي ۽ جيڪو قلبي ذڪر ۾ مشغول ٿئي ۽ ساهن جو لحاظ رکي ته ٻارهن ڏينهن ڪان بعد روزو ڪولي تان جو ذڪر مان اُن کي اُنس ملي ورنه نتيجو ڪو به نه نڪرندو. پاڻ کي خراب ڪمن ۽ عادتن جهڙوڪ حسد، غيبت، چغلي، بخل ۽ عداوت وغيره کان مڪمل طور تي خالي رکي ته جيئن دل ذڪر جي قرار جي جاءِ بڻجي. 'حصن الحصين' ۾ آهي ته علمائن موجب جنهن جاءِ ۾ ذڪر ڪيو وڃي ته اها مٿاهين ۽ پاڪ هجڻ کپي ۽ ذاڪر پاڻ پهرين ڪامل صفتن وارو هجڻ گهرجي ۽ ان جو وات به صاف هجڻ گهرجي. جيڪڏهن هن ۾ ڪا خرابي هجي ته ان کي ڏندڻ سان دور ڪرڻ

گهرجي ۽ ويهڻ واري جاءِ ۾ قبلي ڏانهن مُنهن ڪري عاجزي نياز نوڙت ۽ آرام ۽ وقار ۽ دل جي حاضري سان ويهي ۽ جيڪو ذڪر ڪري ان ۾ سوچ فڪر ڪري ۽ ان جي معنيٰ سمجهي. اگرچہ ان جي معنيٰ کان اڻ واقف هجي ۽ ڪن چيو تہ **لاالہ الاالله** جو چوندڙ چئن شين جو محتاج ٿئي ٿو تصديق ۽ تعظيم ۽ حلاوت ۽ حرمت. چو تہ جنهن جي تصديق ناهي اهو منافق آهي ۽ جنهن کي تعظيم ناهي اهو بدعتي آهي ۽ جنهن کي حلاوت ناهي اهو ڏيکاءُ ڪرڻ وارو آهي ۽ جنهن کي حرمت ناهي اهو فاسق آهي. سهل تستري چيو تہ **لاالہ الاالله** چوڻ وارا گهڻا آهن پر انهن مان مخلص ٿورا آهن.

مخدوم معظم اڪثر ڪري حضور ﷺ جن جي طريقي مبارڪ تي هلندا هئا يعني جيڪو بہ اسلام جي دولت سان مشرف ٿيندو هو تہ پاڻ ڪلمہ طيبہ سان خوشخبري ڏيندا هئا. ائين جيڪو وٽن ارادت لاءِ ايندو هو تہ پاڻ انهيءَ کي ڪلمہ طيبہ جي تلقين فرمائيندا هئا. ذڪر لاءِ چوندا هئا تہ جنهن بہ طريقي سان دل ۽ زبان جي آواز ۽ جنهن بہ نموني يعني ڏاڍيان يا



هوريان، البت حروف تهجي جو پورو لحاظ رکي ادا ڪجي تہ اهو ذڪر جلي آهي ۽ هدايت وٺندڙ کي (مستر شد) جماعت مان نماز کان فارغ ٿيڻ بعد ان ساڳي جاءِ تي زباني ذڪر ۾ مشغول رکندا هئا. خاص ڪري فجر کان بعد سج اڀرڻ تائين ۽ عصر کان سج لهڻ تائين [135]. ذڪر جو ثمر اُها اصلي محبت آهي جنهن جو اثر پوري جسم ۽ چمڙيءَ تي وغيره برابر ٿيندو آهي. ان جي ڪري اهڙيون حالتون ظاهر ٿينديون آهن جن سان خفي جي مرتبن ۾ اضافو ٿيندو آهي ۽ اُهو عشق هوندو آهي. خفي ٻہ قسم آهي پهريون تہ پاڻ ٻُڌي ۽ ٻيو نہ ٻُڌي ۽ ٻيو پاڻ بہ نہ ٻُڌي. مبتديءَ کي گهرجي تہ پهريون قسم اختيار ڪري ۽ جڏهن شوق وڌي وڃي تہ ڪوشش ڪري تہ سندس آواز پري تائين ٻُڌو وڃي ۽ جڏهن پاڻ ۾ انهيءَ کان مٿي ڪنهن حالت جو مشاهدو ڪري يا وري ڏاڍيان چوڻ جي ڪري ڪمزوري جا نشان ۽ ملالت جا آثار پنهنجي ڳلن جي پاسن تي ظاهر ڏسي تہ ساهہ اندر ڪڍڻ وقت **لاالہ** ۽ ٻاهر ڪڍڻ وقت **الاالله** تي هميشگي ڪري. ذڪر واري ذات ظاهري ۽ باطني طور حاضر ۽ ناظر ڄاڻي.

جلي اُهو وڻ آهي جنهن جو ميوو خفي آهي ۽ خفي اُها حالت آهي جنهن جو بيان عبارت ۾ لکڻ ۽ تقرير طور بيان نٿو ڪري سگهجي. اهو ئي سبب آهي جو غوث الحق هڪ عورت جي جواب ۾ جنهن تلقين جي گذارش ڪئي هئي فرمايائون ته ڪنهن مهل ماڻهو پهرئين ئي طلب ۾ خفي جو طالب ٿي ويندو آهي. درحقيقت خفي نه آواز آهي ۽ نه ئي حرف ۽ نه ئي اسماء الاهي مان ڪو اسم ۽ نه ئي ڪنهن اشاري جي قابل آهي بلڪ اُها اهڙي لڪل يا ڳجهي حالت آهي جيڪا پوري وجود ۾ ڇانئجي ويندي آهي تان جو ڪيس وحدت جو جيڪو به اثر ڏسڻ ۾ اچي، ان ۾ صرف مطلق احد ڪي ڏسي فنا ٿي وڃي. تڏهن **”كان الله ولم يكن شيئاً“** [الله تعاليٰ هو ۽ ڪا شيءِ نه هئي.] جو راز هن تي کُلي پوي ٿو. فرمايائون هيءُ حال ان سان اهڙي طرح رهندو جنهن جو مثال طعام سان ڀريل اها هڪڙي ديگ آهي جنهن ۾ لوڻ جو ذائقو به مناسبت سان هوندو آهي. دسترخوان جو مالڪ جڏهن به ان ديگ ۾ جتان به طعام ڪڍندو آهي ته لوڻ جو ذائقو ان ۾ نمايان رهندو آهي حالانڪ پاڻ وچ ۾ نه هوندو



آهي. اهل تحقيق تلقين جا سبب يا ڪارڻ ظاهر ڪيا آهن هڪ روزي، نماز، تهجد، اشراق ۽ چاشت وغيره ۾ مشغول رهڻ ۽ ٻيو ذڪر ڪندي غير جي نفي ۽ حق تعاليٰ جي اثبات ۾ مشغول رهڻ.

نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته **”من اراد ان يجلس مع الانبياء فليجلس مع العلماء ومن اراد ان يجلس مع الله فليجلس مع الفقراء“** يعني جيڪو چاهي ته انبيائن سان گڏ ويهي ته ان ڪي علمائن سان گڏ ويهڻ گهرجي ۽ جيڪو چاهي ته الله جي حضور ۾ رهي ته فقرائن سان گڏ ويهي. علماء مان مراد عابدَ ۽ فقراء مان مراد ذاڪر آهن. سالڪ ڪي وري سلوڪ جي واٽ ۾ ٻه شيون گهرجن پهرين اخلاص جي چادر. ليڪن اخلاص جون به ٻه معنائون آهن هڪ پنهنجي خوديءَ مان ڇوٽڪارو ٻيو خلوص. جيئن سٽڀ ڪير مان آهي ۽ ڪير رَت مان آهي، ٻيو طلب جي واٽ ۾ استقامت. ڇو ته **”الاستقامة فوق الكرامة“** يعني استقامت ڪرامت کان مٿي آهي. ۽ جتي به استقامت جي منزل ايندي آهي ته اتي اقامت جو سامان لاهيندا آهن. ان مرحلي تي **سَبِّح**

**اسْمَ رَبِّكَ الْأَعْلَى الَّذِي خَلَقَ فَسَوَّىٰ وَالَّذِي قَدَّرَ فَهَدَىٰ وَالَّذِي أَخْرَجَ الْمَرْعَىٰ فَجَعَلَهُ غُثَاءً أَحْوَىٰ** (الاعلي: 1 - 3) [پنهنجي ان بلند رب جي نالي جي پاڪائي بيان ڪر جنهن خلقيو ۽ پوريءَ طرح ٺاهي تيار ڪيو ۽ راهه ڏيکاري جنهن اپاريو گاهه ڪي پوءِ ان کي سُڪل ڪارو ڪري ڇڏيائين.] ان جي راهه جو سامان ٿي پوي ٿو. وڌيڪ فرمايائون ته '**لااله الاالله**' ناسوتي ذڪر، '**الاالله**' ملڪوتي ذڪر، '**الله**' جبروتي ذڪر ۽ 'هو' لاهوتي ذڪر آهي. ٻئي طريقي سان فرمايائون '**لااله الاالله**' زباني ذڪر، '**الاالله**' قلبي ذڪر، '**الله**' روحي ۽ مڪاشفي جو ذڪر آهي ۽ 'هو' سرّي ذڪر ۽ مشاهدو آهي. چون ٿا ته صوفين جي اصطلاح ۾ مبتدي اهو شخص آهن جنهن جي نفسانيت جو لاڙو لذيذ ڪاڌا ڪائڻ ۽ سِبيل ڪپڙا پائڻ ۽ گهڻي سمهڻ ڏانهن اڃا باقي آهي. متوسط يا وچولو اُهو شخص آهي جنهن وٽ نفساني خيال گهڻو اهميت نٿا رکن ۽ هن جي توجهه جو قبلو آخرت ڏانهن آهي. پهرئين کي گهرجي ته شروعاتي مرحلي ۾ لااله الاالله جي ذڪر ۾ يعني "**لامعبود بالحق غير الله**" يعني الله تعاليٰ کان سواءِ ڪو معبود



بالحق ناهي سان مشغول رهي. جڏهن عروج لهي ته "**لامقصود الاالله**" ڏانهن ترقيءَ جو سفر اختيار ڪري ۽ ان کان بعد "**لا شيءِ مقصود غير الله**" يعني الله تعاليٰ کان سواءِ ڪا شيءِ مقصود ناهي کي پنهنجو نصب العين بڻائي، ۽ ٻيو "**لا مقصود الاالله**" تي هميشگي ڪرڻ سان اکين تان نقاب ۽ حجاب لاهي ڇڏي ۽ مقصد ۽ مطلب جي آڪيري ۾ حق تعاليٰ جي محبت ۽ رضا کان سواءِ ڪجهه نه ڏسي. منتهي (پهتل) اهو شخص آهي جيڪو ماسويٰ کان الڳ ٿي، مضبوط رسيءَ کي پڪڙي "**لاشي موجود غير الله**" سان چنبڙيل هجي ۽ "**لاذڪر ولاذاڪر ولامذڪور الاهو**" يعني ان کان سواءِ ڪو ذڪر ۽ ڪو ذاڪر ۽ ڪو ذڪر ڪيل ناهي تي پهتل هجي. بلڪ "**بي يسمع وبي يبصر**" يعني مون سان ٻڌي ٿو ۽ مون سان ڏسي ٿو کي پنهنجي سمجهه جو راز بڻائي هجي ۽ اِهو فنا في الله ۽ بقا بالله جو مقام آهي.

منقول آهي ته چيائون جنهن کي ذڪر جو ارادو هجي ته افضل ذڪر واري حڪم يعني لااله الاالله جي متبرڪ ڪلمي جو تڪرار ڪري ۽ وظيفي يا ورد جو ارادتمند هجي ته يا لطيف

چوي ۽ صلوٰة التسبيح جهڙا نوافل پڙهي. هڪ ڏينهن مخدوم عربي ڪيميا جي اثر رکندڙ خدمت ۾ نفلي نمازن جي گهڻ پڙهڻ جو سبب پڇيائون. جواب ڏنائين پاڻ ۾ نوافل ادا ڪرڻ جي لياقت نه ٿو ڏسان چو ته اُتي **"لاصلوٰة ثم الا بالخشوع والخضوع"** يعني خشوع ۽ خضوع کان سواءِ ڪا نماز ناهي واقع آهي ۽ جيڪو نماز ۾ ڪنهن به ٻي شيءِ کي باطني يا ظاهري طرح سان گمان ۾ آڻيندو، اهو پاڻ کي پنهنجي پروردگار جي سامهون طعني ۽ ڏوراپي وارو بڻائيندو. انهيءَ ڪري ذڪر جي طريقي کي اختيار ڪيو ويو آهي ۽ طالبن کي ذڪر لاءِ همٿائجي ٿو. ڪي وري هن ڳالهه تي آهن ته رياءُ يا ڏيکاءُ يا زباني ڪندڙ غيبت جهڙين ڳالهين ڪرڻ ۽ ٻڌڻ کان ته پاسي تي آهي. تاهم ڪي هن خيال جا آهن ته جنهن وقت ۾ گهٽي پشيماني ۽ گهٽي پريشاني سان گڏ بيداري ۽ هوشياري گهٽي گهٽجي وڃي ٿي تڏهن حواسن جي جميعت تمام ڏکي يا وري مشڪل ٿي پوي ٿي ته اُتي ذڪر ڪهڙي فضيلت ٿو رکي. جيئن ارشاد آهي **وَلِكُلٍّ وِجْهَةٌ هُوَ مُوَلِّيهَا فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرَاتِ أَيْنَ مَا تَكُونُوا يَأْتِ**



**بِكُمُ اللَّهُ جَمِيعًا إِنَّ اللَّهَ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ** (البقره: 148) [۽ هر هڪ ڇهري لاءِ هڪ طرف آهي جنهن ڏانهن مُهڙ ڪري ٿو، پوءِ توهان چڱن ڪمن ۾ اڳرائي ڪريو، توهان جتي به هوندا الله توهان کي گڏ ڪندو، بيشڪ اهوئي هر شيءِ تي قدرت وارو آهي.]

ذڪر جا چار درجا آهن هڪڙو زبان مشغول ۽ دل فارغ پر اثر کان خالي نه هجي ۽ هي ضعيف مرتبو آهي. ٻيو زبان ۽ دل ٻنهي سان مشغول هجي پر ان جو اثر دل کي وڻندڙ نه هجي. انهيءَ ڪري دل هٿرادو نموني ۾ عقيدت جو اظهار ڪري ٿي.[136] ٽيون پاڻ اقرار ۽ آرام ۾ هجي ۽ اها اميري يا اڳواٽي اهڙيءَ طرح ظاهر ٿئي جو ان جو پورو تڪلّف ٻئي ڪنهن مقام جي حاصلات ۾ ڪم آڻي سگهجي ۽ هي قوي مرتبو آهي. چوٿون جڏهن هن تي حق غالب هجي يا ان جو غلبو حاصل ڪري سگهي چو جو الله تبارڪ وتعاليٰ حق آهي نه ذڪر. هتي جيڪو فرق آهي اهو هي ته سموري دل دوست سان هجي يا انهيءَ هنڌ هجي جتي دوست سان گڏ آهي. ذڪر جي

حقيقت هي آهي تہ هر امر ۾ نهي پاڻ بجا آڻي ۽ هر اهو ڪم جيڪو ان ڏانهن منسوب آهي هٽان نہ وڃائي. ائين گناهہ وقت تہ **الله** جو ذڪر تمام گهڻو ڪرڻ گهرجي ڇو تہ باطن ۾ ڏُک ۽ تڪليف جا آثار گهڻا ظاهر ٿيندا آهن. هن سلسلي ۾ حضرت غوث جي مريد ميان مني جا ڪجهہ وڌيڪ سمجهڻ جهڙا نڪتا مشهور آهن. پهريون اهو تہ شيخ جي ذڪر جي تلقين ڪرن جي وڏڦڙي مينهن وسڻ وانگر آهي جنهن مان نانگ ۽ سِپ ٻئي مستفيد ٿيڻ لاءِ وات کوليندا آهن. پر پهرئين يعني نانگ جي وات ۾ اهو زهر بنجي پوندو آهي ۽ ٻيو سِپ جي صورت ۾ اهو قيمتي موتي بنجي پوندو آهي. ان ڪري چوندا آهن تہ **"ماء المزن صارفي الا صدف دُراً وفي فم الافاعي صار سماً"** مطلب جهڙيءَ طرح دنيا ۾ ڪاري پاڻي جو قطرو برسات جي پاڻيءَ سان ملي جڏهن سِپ ۾ پوي ٿو تہ اهو ئي پاڻي محض وحدت جي حال ۾ سفر طئي ڪرڻ جي ڪري مرواريد بنجي پوي ٿو. اهڙيءَ طرح شيخ جي تلقين بہ ائين ئي آهي جو طالب جي وجود ۾ جيڪو دنيوي تعلقات ۾ ڦاتل هوندو آهي ان



۾ داخل ٿيڻ سان بار آور ٿيندي آهي بلڪ هن جي اڳئين حال جي خاتمي جو سبب بڻبي آهي. ٻيو تہ انسان جي سعادت جو اصل سبب هي آهي تہ هو فرشتن جي صفتن سان موصوف آهي ڇو تہ سندس جوهر فرشتن جي بنياد مان اُڌارو ورتل آهي ۽ هتي مسافر وانگر چند ڏينهن هن ڌرتيءَ کي وطن بڻايو اٿس. ان صورت ۾ جيڪڏهن تون گهرين تہ هن چار مان پنهنجي جان ڇڏائي خاص طور هتان هستيءَ جو سامان ٻڌڻ وقت پنهنجون اصلي صفتون پاڻ سان گڏ رکين تہ پوءِ اها فرشتن جي شغل وانگر احديت جي ذات جي عشق کان سواءِ ڪا ٻي مشغولي نٿي ٿي سگهي. توکي کپي تہ حق کانسواءِ ٻين سيني شين کان تعلق ختم ڪري حق تعاليٰ سان تعلق جوڙڻ جو جتن ڪرين. آيت ڪريمہ **"ثم ذرهم والله يكفيهم"** [پوءِ انهن کي ڇڏ ۽ **الله** تعاليٰ انهن لاءِ ڪافي آهي.] ۾ اهو ئي پيغام آهي. ٻيو ذڪرِ خفي جنهن کي نہ سُر آهي ۽ نہ آواز جو ذاڪر جي دل ۾ سامع جي ڪَن ۾ پوي، بلڪ جڏهن غالب قوت دل جي آسمان تي پنهنجو جهنڊو نصب ڪري ٿي تہ اهو ڪلام اتان نڪري مٿي

بڌڻ جي حدن کان گذري ٿو جتي دوست ۽ دشمن کان عبور ڪري اثر ڏيکاري ٿو. پر جڏهن سُريلي ۽ وڻندڙ خوشخبري چُست ڪنن تائين پهچي ٿي ۽ انهيءَ وسيلي زهد ۽ سرد دلي دنيا جي سيني تعلقات کي ڇڏي ٿي ته طالب جي دل عروج حاصل ڪري ٿي، توڙي جو ظاهر ۾ آلوده نظر ايندي آهي پر باطن ۾ اهڙي ڪناري تي هوندي آهي جتي سخاوت ۽ جوانمرديءَ جي سيني تي پوندڙ ماڪ هن جي اکين کان اوجهل هوندي آهي. تڏهن هن جي مٿان پوندڙ روشني سکڻ ۽ سيکارڻ کانسواءِ علم لدني بنجي سندس فصيح زبان تي جاري ٿيندي آهي ۽ هن جي هر حرڪت ۽ سکون ۾ حيا جو اثر نمايان ٿيندو آهي ۽ هو واٽ ويندڙن تي ڪو تعصب ۽ ڪاوڙ ظاهر نٿو ٿئي بلڪ هو عام ماڻهن جي غلطين کي پنهنجي اکين سان ڏسڻ جي باوجود نظر انداز ڪري ٿو. ان سلسلي ۾ هو اجاين سجاين ۽ ڪيني وارين ڪاروائين کي پنهنجي ويجهو اچڻ نٿو ڏي ان جي مقابلي ۾ هو پنهنجي وڻندڙ خوشبوءِ سان ماحول کي خوشگوار ۽ معطر ڪري ٿو ۽ اهي ئي خفي جا نشان آهن. ٻيو سادو ۽ وڻندڙ لباس پهري



ٿو ۽ ماڻهن سان سٺو سلوڪ ڪري ٿو ۽ بي تڪلف جيئڻ شروع ڪري ٿو ذڪر جي طريقي جي شروعات ۾ گوڏا پيچي يا پلٽي هڻي ويهي ٿو. ٻئي پير ساڄي يا کاٻي ڪري ٿو ۽ ساڄو هٿ کاٻي تي رکي ٿو ۽ اهو يقين رکي ٿو ته هيٺيون هٿ منهنجو ۽ مٿيون سندس پير يا شيخ جو آهي. هٿ گوڏن تي رکي ٿو ۽ آڱريون قبلي منهن ڪري جيئن نماز ۾ هونديون آهن. اندر ۾ يقين ۽ صدقِ سان ڄاڻي ٿو ته ساڄي کان حضرت علي المرتضيٰ آهي ۽ کاٻي کان حضرت پير عليه الرحمة آهي ۽ سامهون حضرت ختم المرتبت ﷺ تشريف فرما آهن. ان وقت تسلي سان **الله** جي وحدانيت جي تصور سان دل کي پُرنور بڻائي هي درود پنج يا ٻارهن ڀيرا چوي ٿو: **"اللّٰهم صلي عليٰ سيدنا ونبينا محمد وعليٰ آل سيدنا ونبينا محمد وبارک وسلم."** يعني اي **الله** اسان جي ۽ نبي سردار محمد ڪريم ۽ ان جي آل تي رحمتون موڪل ۽ برڪتون ۽ سلام موڪل. ان سان هڪ ڀيرو **"بعدد کل معلوم لک يا الله يارحمٰن يا رحيم يا ڪريم وصل ڪذالک عليٰ جميع الانبياء والمرسلين والملائڪة المقربين**

**والصديقين والشهداء والصالحين وعليٰ اهل طاعتک اجمعين والحمد لله رب العالمين ورضي الله سبحانه وتبارک وتعاليٰ عن اصحاب رسول الله اجمعين**" [تنهنجي علم ۾ جيڪو ڪجهه آهي ان جي عدد برابر يا **الله** يا رحمٰن يا رحيم يا ڪريم ۽ ائين ئي سمورن نبين ۽ مرسلن ۽ ملائڪن ۽ مقربن ۽ صديقن ۽ شهداءِ صالحين جي مٿان رحمتون موڪل ۽ پنهنجن سمورن اطاعت ڪرڻ وارن تي. والحمد **لله** رب العالمين ۽ **الله** سبحانه وتبارڪ وتعاليٰ راضي ٿيو رسول **الله** جي سمورن اصحابن کان] ۽ چار ڀيرا يا وڌيڪ "**سبحان الله والحمدلله و لااله الاالله والله اڪبر ولا حول ولا قوة الا بالله العلي العظيم**" يعني پاڪ آهي **الله** ۽ سڀ تعريفون **الله** جي لاءِ آهن ۽ ناهي ڪو معبود مگر **الله** ۽ **الله** سڀ کان وڏو آهي. ناهي ڪابه طاقت ۽ ڦيرائيندڙ قوة مگر بلند عظمت وارو **الله**. ٽي ڀيرا يا وڌيڪ "**استغفرالله الذي لااله الا هو الحيّ القيوم غفار الذنوب ستار العيوب عالم الغيوب يا مقلب القلوب والابصار واتوب اليه**" يعني ان **الله** کان بخشش گهران ٿو جو ناهي ڪو معبود مگر اهو زنده قائم رهڻ وارو گناهه



بخشيندڙ عيب ڍڪيندڙ غيب ڄاڻندڙ. اي دلين ۽ نظرن کي ڦيرائڻ وارا ۽ ان ڏانهن ئي توبهه ڪيان ٿو. هڪ ڀيرو "**بسم الله توڪلت علي الله ولا حول ولا قوة الا بالله العلي العظيم**" يعني **الله** جي نالي سان شروع **الله** تي ڀروسو ڪيم ۽ ناهي ڪا شر يا برائي کي ڦيرائيندڙ طاقت ۽ قوة مگر بلند عظمت وارو **الله**. انهيءَ ترتيب سان چوي ٿو. ان کانپوءِ **لااله الاالله** گهڻو مٿي چڪي ان جو تڪرار ڪري ٿو ۽ **لامعبود الاالله** کي تصور ۾ آڻي ٿو. تنهن کان بعد مبالغي کان بغير مد سان پڙهي ٿو ۽ دل ۾ ڄاڻي ٿو ته لامطلوب الاالله. اڳتي ان کي گهٽائي رڳو دل ۾ لااله جي نيت ڪري ٿو ۽ **الاالله** زبان سان چوي ٿو.

سوال جيڪڏهن ڪو ذاڪر پهريائين **لااله الاالله** نفي ۽ اثبات سان چوي تنهن کان بعد فقط **الاالله** جو تڪرار ڪري ٿو ته اها ترڪيب نحوي قاعدي جي تقاضا مطابق ڪيئن آهي؟ [137] ۽ ڇا انهيءَ جو شغل صحيح ٿي سگهي ٿو يا نه؟

جواب پهرئين صورت ۾ تاڪيد لفظي آهي ۽ انهيءَ قاعدي سان صحيح ٿي وڃي ٿو تنهن کان بعد واحد الاحد

الصمد جي وحدانيت کي دل جي صحيفي تي لکي ۽ زبان سان **الله** جو تڪرار ڪري لام کي ظاهر ۽ پُر ڪرڻ سان. ابن الهمام ’زاد الفقير‘ ۾ چيو آهي ته ”لام جي مد صحيح آهي ۽ ها جي مد لغت جي خطا آهي ۽ ائين ئي ها جي جزم وڌيڪ مناسب آهي. تلقين کان بعد ان ذڪر شريف سان مشغول ٿئي جيڪو ذڪرن جو سردار آهي ۽ اهو **لااله الاالله** آهي ان جي آواز کي بلند آواز سان ڇڪي ۽ مد سان ذڪر جي فضيلت آهي جيئن حضرت انس بن مالڪؓ کان روايت آهي ته بيشڪ رسول **الله** ﷺ فرمايو **”من قال لااله الاالله ومدها هدمت عنه اربعة آلاف ذنب من الكبائر“** يعني جنهن چيو **لااله الاالله** ان کي مد ڏنائين ته ان جا چار هزار ڪبيرا گناه ختم ٿي ويندا. يا **الاالله** جي ذڪر سان يا **الله الله** جي ذڪر سان ۽ ان ۾ ٽي مرتبا آهن. **الله** جي ها کي ڇڪڻ سان ۽ **الله** هو جي ها کي هو ۾ ادغام ڪرڻ سان ۽ **الله** ها جي جزم سان يا هو هو جي ذڪر سان يا هو **الله** جي ذڪر سان يا حيٌّ يا قيوم جي ذڪر سان.



’عقدالفريد‘ ۽ ’ارشاد الطالبين‘ ۾ رب پاڪ جي غوث گنج شڪر حضرت شيخ فريد قدس سره کان هڪ نقل ۾ به ائين آيل آهي ته خدا جو طالب حلقو ٻڌي جهري ذڪر ڪري ۽ هڪ ذڪر مان ٻئي ذڪر ۾ هن طرح منتقل ٿئي. اول نئين سر توبه ڪري ۽ ڪجهه ڀيرا سيد الاستغفار ۽ درود پاڪ پڙهي تنهن کان بعد نفي ۽ اثبات جي ڪلمي **لااله الاالله** سان شروع ڪري هڪ سؤ ڀيرا چوي. وري هڪ سؤ ڀيرا **الاالله** جي اثبات پڙهي ۽ **الله** جي ”ها“ کي ڊگهو ڪري ته جيئن **الله** هو ٿئي ۽ ان کان بعد هڪ سؤ ڀيرا ’**الله**‘ ۽ ان کان بعد به سؤ ڀيرا ’هو‘. تنهن کان بعد به ٽي ڀيرا ڪلمه طيبه وڏي مد سان چوي ۽ ٻئي ڀيري ۾ مد پوري ڪري.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ ڏينهن غوث الحق قيلوله جي وقت مسجد مان نڪري گهر ڏانهن منهن ڪيو ته مسجد ۾ ويٺلن مان هڪڙي جي هيءَ حالت اچي ٿي جو تمام تڪڙو تڪڙو **الله** جو اسم زبان تي اهڙي نموني سان تڪرار ڪرڻ لڳو جو هن جي ”ها“ ڪرڻ وقت سندس نڙگهٽ ظاهر ظهور ڏسڻ ۾ پئي آيو.

انهيءَ دوران **ڪيس حضور جو شرف حاصل هو.** وري ان حالت ۾ ئي ڳائڻ ۾ مشغول ٿي ويو. هڪ هٿ ٻئي هٿ تي هڻي يعني تاڙيون وڄائڻ شروع ڪيائين جيئن رواج آهي. اهو ڏسي هن جا ٻيا دوست پڻ ان جي اهڙي پيروي ڪندي ذڪر ۾ مشغول ٿي ويا تان جو ٻنپهرن جو اچي وقت ٿيو. آخر غوث الحق جي ڪنن تائين اها ڳالهه پهچايائون ته فلاڻو درويش انهيءَ عجيب طريقي سان ذڪر شروع ڪيو آهي. فرمايائون ته ڪيس **الله** سائين جي محبت جو تمام گهڻو ذوق آهي. عرض ڪيائون قوال وانگر ڳائڻ ۽ هڪ هٿ ٻئي هٿ تي هڻڻ ۾ به گهڻو شوق ۽ ڪمال ڏيکاريو اٿس. فرمايائون **الله** سائين جي شوق ۾ جيترو به وڌاءُ ڪري جائز ۽ صحيح ڳالهه آهي. چيائون ميان منې لاالٰه **الاالله** جي معنيٰ "**لا شيءِ موجود غير الله**" ڪئي آهي. "**وهو الحيّ القيوم هوالهادي**" ۾ هو ضمير جي معنيٰ آهي ۽ قصر مان مراد شوق جي زيادتي آهي.

غوث الحق فرمايو ظاهري عالمن ڪلمه تمجيد جي معنيٰ "لامعبود سوي **الله**" ڪئي آهي ۽ فقراء "**لاشيءِ موجود**



**غيرالله**" ڪن ٿا. پاڻ تلقين ڪندي بيعت ۽ ارادت واري ڪي همتائيندا هئا ته **الاالله** وڏي آواز سان ۽ لاالٰه آهستي چوي. ان ڪانسواءِ خلق ۾ هجوم ۽ وڏو مجموعو ڪري ويهن ۽ ساهه کڻڻ وقت هڪ ٻئي سان ذڪر ڪرڻ ۾ هم آهنگي خاطر موقعي مهل ۽ پاڻ سان گڏ ويٺلن جي رعايت يعني لحاظ رکجي. چو ته تصوف مان مراد اهڙو خالي هٿين گروهه نه آهي جيڪي سکڻا هٿ ڪڏهن اڳتي ته ڪڏهن پوئتي پيا ڦيرائين اهو اهڙو پريل پيالو ناهي جيڪو اهڙي هنڌ رکيل آهي جو ان مان ڪو پي نٿو سگهي. ذڪر چاليهه پيرن کان گهٽ نه چوي ۽ ٽي سؤ ٽيرنهن پيرا شامل نفعو بخشي ۽ فارغ ٿيڻ کان بعد ٿوري گهڙي مراقبو ڪري دل جو توجهه **الله** تعاليٰ جي نعمتن ۽ نوازشن ڏانهن ڪري ۽ متبرڪ شهادتون ۽ ڪلمه تمجيد ۽ ٽي دفعا استغفر**الله** ۽ سبحان **الله** پڙهي.

قدوة الواصلين حضرت ميان منو ڪڏهن ڪڏهن لاالٰه الاهو تڪرار سان ڪندو هو تنهن کان بعد گهٽائي الاهو چوندو هو. پر تڏهن مست ۽ مدهوش ٿي ويندو هو ايستائين جو ڪڏهن

ٻپهريءَ جي نماز کان ته ڪڏهن پوري سومهڻي نماز پڙهڻ کان بعد شروع ڪندو هو ته صبح صادق تائين ان ۾ مشغول رهندو هو.

ٻيو درويش مظفر نالي جيڪو جوڻيجا قوم مان هو جنهن جو سڄي عمر وري هي معمول هو ته عشاء نماز کان بعد لااله الاالله جي ذڪر ۾ صبح صادق تائين مشغول رهندو هو. بلڪ اڪثر پاڻيءَ ۾ اندر ويهي ذڪر ۾ مشغول رهندو هو پر سندس ڪپڙا ڪڏهن به آلا نه ٿيندا هئا. عيال جي ڪثرتِ جي باوجود سپاٽي جي لاءِ ٿورو يا گهڻو ڪڏهن به بچائي نه رکندو هو. هن کان روزانو ڪيترين ئي ڪرامت جهڙيون ڳالهيون ٿينديون هيون جيڪي لکڻ ۽ ٻڌائڻ کان گهڻيون آهن.

اڪثر نوان دوست جيڪي مخدوم معظم جي هٿن ڪي چمندا هئا ته لااله الاالله جي ذڪر ۾ اهڙا مشغول ٿي ويندا هئا جو مڪمل طور تي ٻنهي جهانن جي تعلقات کان الڳ ٿي حق تعاليٰ سان ملي ويندا هئا. بلڪ هوش مان بي هوش ٿي ويندا هئا ۽ کائڻ پيئڻ ۽ سمهڻ ۽ آرام وغيره جهڙين خواهشن ۽



اهڙين بندشن جي ڪا خبر نه رکندا هئا حالانڪ اُهي شيون انسان جي لاءِ هر حال ۾ لازم آهن.

خاص ڳالهه اها ته فرضي نمازن کان علاوه نفل نه پڙهندا هئا، ليڪن پنج وقت نمازن کان بعد ورد وظيفن، 'مسبعات عشر' جي پڙهڻ، 'چاليهه اسم' ۽ 'سيفي' ۽ 'حزب البحرين' وغيره جيڪي اسلاف جا اوراد آهن. پوريءَ ريت ۽ قاعدي مطابق پڙهڻ ۾ مشغول رهندا هئا. جن مان ڪي پنهنجي توفيق موجب مقرر تعداد ۾ پڙهندا هئا، جيئن ٻارهن هزار ڏينهن جو ۽ ٻارهن هزار رات جو ساهه جي ڳُٽپ سان، ڪڏهن ته هڪ ساهيءَ ۾ پنجن دفعن کان چار سؤ تائين ۽ ڪڏهن وري هڪ ساهيءَ ۾ ٻارهن هزار ڀيرا تڪرار ڪندا هئا. بهرحال مقرر عدد موجب ذڪر ڪرڻ وڌيڪ پسند ڪندا هئا. انهيءَ ڪري جو سڀ مشائخ اسلاف جهڙوڪ: شيخ جنيد، شيخ سري سقطي ۽ شيخ معروف ڪرخي قدس الله سرهما خلوت ۾ عدد يا انگ مقرر ڪندا هئا.

فرمايائون ڏينهن رات ۾ ذڪر جو اهو انگ چند هزار جو مقرر ڪرڻ کپي ته جيئن سُستي دور ٿئي ۽ ٻيا طالب پنهنجي

توفيق مطابق ان جو خيال رکن ۽ انهيءَ غرور ۾ نه پون ته هو تسبيح سان ڳڻڻ جا محتاج ناهن يا هنن جو ذڪر مستحڪم ٿي ويو آهي صرف ان ڪري ته مان سموري ذڪر ۾ مشغول آهيان ۽ هاڻي مون کي ڳڻڻ جي ڪهڙي ضرورت؟

فرمايائون جيڪڏهن تسبيح سان ڳڻڻ ڇڏيندو ته ان ۾ گهڻي سُستي ظاهر ٿيندي ۽ ذڪر وارن جي مقامات جي درجي کان محروم ٿي ويندو. 'هداية الذاڪرين' ۾ به ائين آهي ته فضيلت وارا وقت، ڏينهن کان بعد شام، ٻپهري، ٽپهري، اڌ رات ۽ اسر مهل آهن ۽ ان لاءِ خاص جاءِ مقرر ڪجي جو ته غيرن جي نظرن کان بچڻ گهرجي. ليڪن دوستن جي محفل ذڪر ۾ گڏ رهڻ به لوازمات مان آهي جو ته ذاڪرن جي دل اڪيلائي ۽ ويڳاڻپ محسوس ڪندي آهي. جيتوڻيڪ اصلي ۽ بنيادي طور دنيا جي محبت ۽ صحبت ۽ ان جي اسباب سان **"شغل من کل الوجوه"** (هر طرح سان) انهن جي دل ۾ نه هوندو آهي. ليڪن انهن ٽنهي شين جي برڪت سان لازمي طور ذڪر جا فائدا جهڙوڪ حضور ۽ ذوق، لذت ۽ اُنس وغيره ظاهر ٿيندا آهن ۽



ٻنهي جهانن جي ڀلائي حاصل ٿيندي آهي. هن لحاظ سان ذارين کي ذڪر ۾ هم راز ۽ هم خيال نه بڻائجي. هتي ذارئي مان مراد اهو شخص آهي جيڪو دنياوي اسبابن سان تعلق رکندو هجي. جيئن حضرت شيخ جنيد دوستن سان ذڪر ۾ مشغول هئا ۽ انهن ۾ ڪو ذاريو هو ته ان کي پاڻ وٽ سڏيائون. ان وقت ڪين جيڪو جُبو پاتل هو سو هن کي ڏيئي چيائون ته هي وٺ ۽ اهو ڏيئي بازار مان ٻه سير ڪنڊ ۽ بادام وٺي اچ. هو حڪم جي پوئواري خاطر خانقاهه مان ٻاهر نڪتو ته پٺيان کان آواز آيو ۽ فرمايائون ته اهو جُبو توکي ڏئي ڇڏيم. ذڪر مان فارغ ٿيڻ کان بعد دوستن کي ٻڌايائون ته اڄ مون شوق سان توهان آڏو اهو جُبو خريد ڪيو هو پر اهو ان ذاريي شخص کي صرف توهان جي صحبت کان پري ڪرڻ خاطر ڏئي ڇڏيم.

**نقل** آهي ته مخدوم معظم فرمايو ته جڏهن ذڪر وارا گڏجي ذڪر ڪرڻ کان فارغ ٿي هٿ ملائيندا آهن ته ملائڪ سڳورا بارگاهه خداوندي ۾ عرض ڪندا آهن ۽ دعا گهرندا آهن ته يا الاهي! هي طالب تنهنجي رضا جي واسطي هڪ ٻئي سان هٿ مِلائن ٿا ۽

تنهنجو وصال طلبين ٿا ۽ هڪ ٻئي سان محبت جو انداز اپنائين ٿا.
تون به انهن تي پنهنجو فضل ۽ ڪرم، رحمت ۽ ڪرم ڪر. **الله**
تعاليٰ فرمائيندو **وَأَنَّ إِلَىٰ رَبِّكَ الْمُنْتَهَىٰ** (النجم: 42) [۽ بيشڪ
تنهنجو موٽڻ پنهنجي رب ڏانهن آهي.] اگر فرض نماز يا صلاة
تسبيح ۾ هڪڙو مقبول ٻانهو اچي وڃي ته ان جي صدقي ٻين جي
نماز به قبول ٿي پوي ٿي ۽ ائين ئي عيد ۽ جمعي جي نماز آهي.

اهڙيءَ طرح عرفات ۾ حاجين جو گڏجڻ ۽ ٻين
اجتماعن ۽ ذڪر جي محفلن جو حال آهي. اگر ذاڪر جو چيل
صرف هڪڙو **الله** پاڪ جو اسم مقبول ٿئي ٿو ته ذاڪر جو پورو
ذڪر مقبول ٿي پوي ٿو. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪنهن جو هٿ
مقبول جي هٿ ۽ پير مقبول جي پير کي ڇُهي ويو وري چادر جو
پلئو هن سان لڳي ويو ته اهو به جهنم کان آزاد ٿي وڃي ٿو يا
جيڪڏهن ڪنهن (جهنم کان) آزاد ٿيل جو نالو سڃاڻندو ته به
بخشجي ويندو. يا جيڪو به مسنون طريقي سان هٿ هٿ ۾
ملائي درود پڙهندو ته ٻنهي جا گناهه ائين ڇڻي ويندا جيئن سرءُ
جي موسم ۾ وڻن جا پن ڇڻندا آهن. اهو مسنون طريقو هي آهي



ته پنهنجي هٿ جي ترِي ٻئي هٿ جي ترِي ۾، ٻئي جي آڱرين
جون چوٽيون پنهنجي آڱرين جي چوٽين تي ۽ اشهد آڱر جو نرم
حصو ۽ آڱوٺو پاڻ ۾ ملن چو ته ائين ڪرڻ محبت جي اضافي
جو سبب آهي.

**نقل** آهي ته هڪ شخص مخدوم معظم جي خدمت مان
ٻڌو ته هر پنجن ڄڻن جي جماعت ۾ هڪ مقبول ۽ هر چاليهن
ماڻهن ۾ هڪ ولي هوندو آهي. هو انهيءَ تجربي خاطر چاليهن
شخصن کي مزدوري واسطي پنهنجي گهر ۾ وٺي آيو ۽ ڪم
ڪرڻ کان بعد هر شخص کي مزدوري ادا ڪري هر ڪنهن جي
مُنهن تي چڱيءَ طرح ڏسڻ جي اجازت گهريائين. انهن چاليهن
مان هڪڙي ظاهر ڪيو ته هن جيڪو به ٻڌو آهي صحيح ۽ سچ
آهي تڏهن ان يقين ڪيو ته اهو هن جماعت ۾ ولي آهي. ان کان
پوءِ هو ان جي پٺيان ويو ۽ ڏٺائين ته سندس عيال ڪنهن ڏاڍي
ڏکئي جاءِ تي رهيل آهي. هو موٽي گهر ويو ته جيئن کا کائڻ
پيئڻ ۽ اوڍڻ واري شيءِ ان جي خدمت ۾ ڏئي اچي. پر هو جڏهن

ذڪر ختم ڪرڻ کان بعد ٽي ڀيرا استغفرالله، استغفرالله،[139] استغفرالله جو تڪرار ڪري ۽ پوءِ ٽي ڀيرا سبحان الله، سبحان الله، سبحان الله ۽ ٽي ڀيرا صلي الله وسلم جو تڪرار ڪري ۽ ان سان گڏ "**وصل کذالک عليٰ جميع الانبياء والمرسلين والملائکة المقربين وعليٰ اهل طاعتک اجمعين.**" چئي هي دعا پڙهي: "اللهم صلي عليٰ محمد وعليٰ آل محمد سلطان الرسل ختم الانبياء محمد مولي الثقلين، تاج الحرمين، صلواة دائمة بنور ابد آباد.

**اللهم يا هادي يا هادي يا هادي نور قلبي و نور قلوبنا بنور هدايتک ونور معرفتک کما نوّرت الشمس والقمر بنور قدرتک. اللهم انا ذکرناک عليٰ قدر قلة علمنا وعقلنا وفهمنا ودرايتنا فاذکرنا يا رب العالمين عليٰ اسعة رحمتک ولطفک و وجودک ومنک وکرمک وعطائک يا خير الذاکرين ويا خيرالناصرين. اللهم اللهم ارزقنا طاعتک وطاعة انبيائک وطائة اوليائک. اللهم اجعل ذکرک احب الينا من سمعنا وبصرنا ومن جميع جوارحنا. اللهم احينا ذاکرين وامتنا ذاکرين وابعثنا ذاکرين**



**واحشرنا يا الٰهنا في زمرة الذاکرين العارفين العابدين الواصلين الخالصين المخلصين الذين لاخوف عليهم ولاهم يحزنون.**

**الصلواة والسلام عليک يا رسول الله، الصلواة والسلام عليک يا حبيب الله، الصلواة والسلام عليک ولي الله، الصلواة والسلام عليک يا سيدالاولين، الصلواة والسلام عليک يا سيد آخرين، الصلواة والسلام عليک يا سيد العاشقين، الصلواة والسلام عليک يا سيد المعشوقين. عليکم السلام حضرت با فتوح مخدوم نوح قدس سره العزيز و صلي الله علي خير خلقه محمد وآله اجمعين برحمتک يا ارحم الراحمين وختم بروح حضرت خاتم النبوة نمايند وبراي از و ياد توفيق طالبان بعده بيعت کنند دوست يک ديگر بطريق مسنون دهند فاز الله بميا من برکات عباده الصالحين يطلبون الحق ويسلکون مسالک الفائزين وهديهم اعليٰ صراط المستقيم بالبني وآله المتقين. والحمد لله رب العالمين. برحمتک يا ارحم الراحمين.**

الحمد لله پورو ٿيو پهريون ڀاڱو. [140]

رسالھ المسميھ

بکؤس فخريھ

دليل الذاڪرين



## ٻاڳو پيو

**بسم الله الرَّحمٰن الرَّحيم**

**الحمدلله رب العالمين والعاقبة للمتقين والصلوٰة والسلام عليٰ رسولہٖ محمد وآلہٖ وصحبہٖ اجمعين.**

بي حساب شڪرانا ان پاڪ ذات خداوند ڪريم جا جنھن **إِنَّ اللَّهَ اصْطَفَىٰ** (آل عمران: 33) [بيشڪ الله تعاليٰ چونڊيو] جي سونھن سوڀيا وارو تاج ابوالبشر آدم ڪي پارائي پاڪ بارگاھ جي خبرن ڏيندڙن ۽ مقبول دعا وارن جو مسجود ۽ انساني عظمت ڪان واقفن جو مشھود بڻايو. **إِنَّا عَرَضْنَا الْأَمَانَةَ** (الاحزاب: 72) [بيشڪ اسان امانت پيش ڪئي] جھڙي وڏي بار ڪڻڻ جي ساجھ بخشي. **وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِي آدَمَ** (بني اسرائيل: 70) [آدم جي اولاد ڪي عزت ڏني سون.] واري اعزاز سان نوازي ڪيس جھان جي ٻي ھر قسم جي مخلوق ڪان وڌيڪ سينگاري سنواري **وَعَلَّمْنَاهُ مِنْ لَدُنَّا عِلْمًا** (الڪھف: 65) [۽ پاڻ وٽان ان ڪي

علم سيڪاريوسين.] جي انعام واڪرام سان مخصوص ۽ ممتاز بڻايائين. بيشڪ ان مالڪ سائين جي عظمت ۽ وڏائي تمام وڏي آهي.

بي شمار درود **"لولاڪ لما خلقت الافلاڪ"** يعني جيڪڏهن تون نه هجين ها ته ڪائنات پيدا نه ڪيان ها جي مسندنشين تان نثار. جيڪو خاص مجلسِ ۾ ڪرسيءَ جو مالڪ آهي ۽ مبارڪ لشڪر جو محافظ ۽ نگهبان آهي صلواتون ۽ سلام هن مٿان ۽ سندس اولاد تي هجن.

اما بعد! چند نڪتا **'ڪئوس فخريه'** (فخري پيالا) جي نالي سان جيڪي هر لحاظ کان فياض ۽ فيض وراهيندڙ حاجتن جي در ڪوليندڙ حضرت مخدوم نوح عليه الرحمة جي فيوضات وبرڪات مان آهن. هتي لکت جي صورت ۾ پيش ڪجن ٿا. ان ڪري ته جيئن ساڻن طلب ۽ عقيدت ۽ ارادت رکندڙ سالڪن ۽ راهگيرن لاءِ اخلاص وعقيدت جي بلندين کي طي ڪرڻ واسطي تلقين ۽ توجهه جو سامان بنجن. ان ڪري جو **"نزول الرحمة عند ذڪر الصالحين"** [صالحن جي ذڪر سان رحمت جو نزول ٿيندو



آهي.] مطابق جيڪو به انهن جو مطالعو ڪندو، گهري ۽ اونهي نظر سان فڪر ڪندو ته هر لحاظ سان ڪيس پورو وند ۽ ڀرپور حصو ملندو.

**ڪ/س اول (پهريون پيالو)**

**اڳين بزرگن جي سلسلن ۽ سندن خليفن وغيره جي بيان ۾**

معلوم هجڻ گهرجي ته انسان جي خلقت جنهن مان مراد انسان جو وجود آهي متضاد شين ۽ مختلف صفتن رکندڙ عنصرن مان جوڙيل آهي ۽ سندس اها خلقت خاص طور عالم ملڪوت ۽ جبروت جي افراد جي مقابلي ۾ جيڪي لاهوت جي منزلن جا



واقف ۽ اتي ترسندڙ آهن کان بلڪل جداگانه آهي. جيئن ته انسان (ناسوت) جي ڪاروهنوار جو نظام حڪم هلائيندڙ حاڪم ۽ ساڳئي وقت روڪيندڙ کان سواءِ هلڻ جهڙو نه هو، تنهن ڪري ضروري ۽ لازمي هو ته هر زماني ۽ هر دؤر ۾ ڪا عظيم هستي ان ئي قوم مان موڪلي وڃي جنهن کي پيغمبر ۽ نبي چئجي ٿو. مقصد هو ته جيئن اُها قوم گمراهي واري واٽ کي ڇڏي هدايت ڏانهن اچي. انهيءَ ڪري ڪجهه گروهه فقط مشاهدي ۽ اکين سان ڏسڻ سان ئي پنهنجي وقت جي پيغمبر وٽ گڏ ٿي ويا ۽ ٻين وري معجزن ڏسڻ سان ايمان آندو. پر ڪِن انهيءَ جي اُبتڙ "**الشقي من شقي في بطن امه**" [يعني بد بخت اهو آهي جيڪو ماءُ جي پيٽ ۾ بدبخت ٿيو.] جي مطابق انڪار ۽ فساد جي واٽ ۾ قدم رکيو بلڪ معجزن جي فرمائش ۽ کُليل نشانين تي ضد ۽ هوڏ ڪيائون. آخرڪار اهي قتل ۽ جلاوطن ڪرڻ کان به نه مڙيا **خَسِرَ الدُّنْيَا وَالْآخِرَةَ ۚ ذَٰلِكَ هُوَ الْخُسْرَانُ الْمُبِينُ** (الحج: 11) [پيغمبرن ڪي دنيا ۽ آخرت ۾ خساري وارا ٿيا ۽ اهو وڏي ۾ وڏو نقصان آهي.] بهرحال مڃيندڙن مان به ٽولا ٿيا. هڪڙو علم

ظاهري کي ڦهلائيندڙ ٿيو جنهن کي علم معاملات به چئجي ٿو ۽ ٻيو علم باطني يعني علم

مڪاشفي جا پوئلڳ. ٻيو قِسم وري ٻه قِسم آهي پهريون اهي شخص جيڪي عرف عام ۾ چار پير ۽ چوڏهن خاندانن سان مشهور آهن جيڪي ظاهري واسطي سان حضور ﷺ سان وڃي ملن ٿا. انهن جو اجمالي ذڪر هن طرح آهي ته جڏهن رسالت جي فلڪ جو مشتري (وڏي ۾ وڏو تارو) ۽ نبوت سڳوريءَ جو سُهيل (گهٽي ۾ گهٽو چمڪندڙ تارو) يعني محمد مصطفيٰ ﷺ معراج واري رات ظاهري ۽ باطني اکين ۽ ظاهري ۽ باطني ڪنن سان ڪيس جيڪو ڏسڻو هو ڏنائين ۽ جيڪو ٻڌڻو هوس ٻڌائين ۽ گهڻو خوش ٿي **قَابَ قَوْسَيْنِ أَوْ أَدْنَىٰ** (النجم:9) [ٻن ڪمانن جيترو ويجهو ٿيو يا ان کان به گهٽ] وارو قرب ماڻي واپس ٿيو. تڏهن پاڻ مخفي ۽ ٻڌل راز بيبي اُم هانيءَ کي ٻُڌاياءُون. ڪين احديت واري چوکٽ تان خاص راز وارين گهڙين ۾ جيڪي تحفا ۽ سوکڙيون مليا هئا، اهي هر صحابي سڳوري کي سندس حوصلي ۽ حال مطابق وراهي ڏنائون. ان وقت حضرت



اميرالمؤمنين عليؓ عرض ڪيو ته جيڪا شيءِ الله تعاليٰ مخفي فرمائي آهي ته بنا گهرڻ جي ڪنهن کي نه ٻڌايو ان جي ذائقي جي چاشني مون کي عطا فرمايو. حضرت رسالتمآب ﷺ وحدت جي دسترخوان جا بچيل ذرڙا جناب امير المؤمنين علي ڪرم الله وجهه جي حوالي فرمايا ۽ انهن جي گهڻي برڪت مان چار شخص اخلاص جي هلت توڙي عقيدت ۾ امتيازي وصف وارا ٿيا ۽ خاص حصي دار بڻيا [141] (1) اميرالمؤمنين امام حسن مجتبيٰؓ (2) اميرالمؤمنين امام حسينؓ شهيد ڪربلا (3) خواجه حسن بصري مقتدا (4) ڪُميل بن زياد با صفا ۽ چار وڏا اصحابي سڳورا جيڪي خاص نائب آهن سواءِ حسن بصري جي چو ته اِهو تڏهن ننڍڙو هو پر رسالتمآب ﷺ جي پاڪ ڪُوزي مان پاڻي پيتل اٿس ۽ پاڻ هن جي لاءِ خيرو برڪت جي دعا فرمائي اٿن ته اهل الله جو پيشوا ۽ سالار ٿيندو.

چون ٿا ته يمن جي چونڊيل سُهيل (تاري) شيخ ڪُميل حضرت شاهه مردان ڪرم الله وجهه جي خدمت ۾ حقيقت ۽

عرض رکيو. حضرت امير "**ما لک والحقيقة**" يعني تنهنجو حقيقت سان ڇا؟ تڏهن تعظيم واري انداز ۾ مني زبان سان کيس فرمايائون ته توکي حقيقت جي معنيٰ سان ڪهڙي مناسبت آهي يا اهلِ معارف سان ڪهڙي مشابهت آهي؟ حضرت ڪُميل عرض ڪيو ته "**الست صاحب سرّکَ**" يعني ڇا مان اوهان جي راز جو ساٿي ناهيان؟ جناب امير فرمايو ته هائو! پر "**ولکن يترشح عليک ما يطفح مني**" يعني توتي اهو ئي ٽِمندو جيڪو مون کان هاربو. پر جيڪڏهن اسرارن جي سمنڊ مان اهو منهنجي ٿانوَ مان ئي نڪتو هارجي ته تو تي ڇا هاربو يا تو تائين ڪيئن پهچندو. ڪُميل عرض ڪيو ته "**امثلک يخيب سائلاً**" يعني ڇا اوهان جهڙو به سائل کي نا اميد ڪري سگهي ٿو؟ ڇا اوهان جهڙو زماني ۾ ٻيو ڪو سخي اڳواڻ ۽ با صفا يگانو مقتدا آهي؟ جڏهن ناهي ته پوءِ ڪهڙي طرح ممڪن آهي جو ان واٽ ۾ پوئتي پيل جناب جي جوانمردي ۽ عزت واري در تان محروم يا نااميد ٿئي. تڏهن سج جي مثل روشن حضرت امير رضي



الله عنه فرمايو "**الحقيقة کشف سبحات الجلال من غير اشارة**" يعني حقيقت اشاري کان سواءِ نوراني پردن جو کلڻ آهي. ڪُميل عرض ڪيو ته ان بيان کي ڪجهه سولو ڪيو ڇو ته منهنجي سمجهه هن اونهي معنيٰ جي تهه تائين ۽ منهنجو ذائقو ان جي مناڻ ۽ ڪتاڻ جي شناخت نٿو ڪري سگهي وڌيڪ کولي سمجهايو تانجو منزلِ مقصود تائين پهچان. پاڻ فرمايائون "**محو الموهوم مع صحو المعلوم**" يعني وهم کي ميٽجڻ سان ئي معلوم جو صحيح هجڻ ثابت ٿئي ٿو. ليڪن جڏهن هن سمجهاڻيءَ مان به ان جي اها مشڪل جي ڳنڍ نه کُلي ته وري عرض ڪيائين اجا به وڌيڪ سمجهايو. پاڻ فرمايائون "**هتک الستّر لغلبتہ السر**" يعني راز جو ظاهر ٿيڻ غلبي جي ڏَک سان آهي. جڏهن انهيءَ قسم جي بيابان ۾ هلڻ سان به ڪو مطلب حاصل نه ٿيو ته فرمايائون "**جذب الاحدية بصفة التوحيد انارة**" يعني احديت جو جذب ٿيڻ توحيد جي صفت جي روشني آهي. تڏهن وري "**هل من مزيد**" يعني ڇا اجا وڌيڪ آهي جو نعرو هنيائين. جواب ڏنائون "**اطف السراج فقد طلع الصبح**" يعني ڏيئو وساءِ جو بيشڪ صبح ٿي وئي.

شيخ محمود بن علي ڪاشفي انهيءَ معنيٰ کي تحريري ۽ تقريري ڏور ۾ هن طرح آندو آهي ته حقيقة فعليه آهي ۽ حق، يحق، حقا تحقيقا مان آهي ۽ لازم ۽ ثابت جي معنيٰ ۾ آهي ۽ تا وصفيت ڪان اسميہ ڏانهن ڪيڻ جي لاءِ آهي ۽ لام عهدِ ذهني لاءِ يعني جيڪي ڪجهہ حقيقة الحقائق مان مخاطب جي ذهن ۾ آهي ۽ اُهو حق تعاليٰ آهي جيڪو ثابت ۽ باقي آهي ۽ مابقي (جيڪو ان ڪان سواءِ باقي آهي) زائل ۽ فاني آهي. عوام ۽ سموري خلق جي سوچ ۽ وهم هن اٽلي طريقي جي راز ۽ حقيقت جي سمجهڻ ۾ عاجز ۽ قاصر آهن ۽ انهن جي بصيرت واري اک پنهنجي قصور ۽ عِجز سان ڏسندڙ آهي. لهٰذا نا اهلن کي حقيقت جي تعليم ۾ پاسو ڪرڻ لازمي ۽ يقيني شمار ڪيو اٿن. چيو اٿن ته امير المؤمنين امام المتقين اسد الله الغالب علي بن ابي طالب ڪرم الله وجهه ورضي الله عنه جو **"ما لک والحقيقة"** يعني تنهنجو حقيقت سان ڇا؟ وارو قول بظاهر هن مسئلي جي دريافت ۽ ان جي فهم جي ڏکئي هجڻ بابت دلالت ٿو ڪري، ڇو ته هو اڻ واقفن مان آهي. اهو



ٻانهي جي دل ۾ ان اهتمام سان پهچي ٿو جو مذڪور مسئلو سائل جي نفس ۾ عزت ۽ عظمت وارو ڏيکارجي ٿو. تڏهن ان جي معني اَجائي ۽ بي مقصد نہ ٿو ڄاڻي ۽ جدوجهد جي واڳ ان جي ڄاڻڻ موجب حوالي ڪري ٿو. ان ربت ٻئي قول ۾ "بليٰ" جو لفظ مذڪوره معنيٰ تي مضبوط دليل ۽ روشن حجت آهي باقي **"ولٰڪن يترشح ...... الخ"** ۾ هڪ باريڪ راز آهي.

ڄاڻ ته اهو سڀ ڪجهہ جيڪو مخاطب کي معلوم ٿو ٿئي ان فيض جي قطرن مان هڪ قطرو آهي ۽ ان جو **"امثلک يخيب سائلاً"** وارو قول استفهامي انڪاري آهي. يعني اگرچہ هن حاضر دسترخوان جي خوراڪ مان شڪر جي لقمي ۽ شهود و سرور جي لائق ناهي پر جڏهن توهان مقبول ۽ مُڪرم آهيو ته **"والحقيقة ڪشف سبحات الجلال ......الخ"** ۽ الڪشف معنيٰ کولڻ ۽ پردو ڪڻڻ آهي ۽ سبحات ۾ 'جيم' ضم سان سُبحة جو جمع آهي يعني نور ۽ ڪشف جي سبحات ڏانهن اضافت مصدر جي سبب ڏانهن آهي ۽ انهن جي قول **"ڪشف النقاب عن وجهه"** واري دليل سان مفعول محذوف آهي ۽ ان جو فاعل حق سبحانہ

آهي ۽ **الجلال** جو لام مضاف اليه کان بدل آهي ۽ انهيءَ جي
معنيٰ آهي **الله تعاليٰ** جو حجاب کي کولڻ ۽ اهو جيڪو سندس
ڪريم چهري جي انوار جي ڪري آهي. حديث پاڪ ۾ آهي ته
**الله تعاليٰ** جا ستر هزار نوري پردا آهن جيڪڏهن هڪ پردو به
کڻي ڇڏي ته انوار الاهي جي چمڪندڙ شعاعن جي ڪري
سموري جهان جي آئيني کي ساڙي ڇڏي ۽ انهن پردن مان مراد
وجود جا تعينات آهن جيڪي مطلق وجود جي نور کي ڍڪيندڙ
آهن جيڪڏهن ڪُلن ته اُهو وجود جيڪو **"ذنب لايقاس به ذنب"**
يعني تنهنجو وجود گناهه آهي جنهن جهڙو ٻيو گناهه ناهي چئو
ٿي پوي. **"قول من غيراشارة"** اِن طرف اشارو آهي ته مطلق وجود
اشاري جي لائق ناهي جيترو مشار اليه اُن جي قابل آهي ۽ ان جو
قول **"محو الموهوم ..... الخ"** يعني جڏهن مخلوق جي وجود جو
ڪَٽُ سالڪ جي دل واري آئيني تان هٽي ٿو ته سندس دل مطلق
وجود جي تجليات جو آئينو بنجي ٿي. وري ڇاڪاڻ مخلوق جو
وجود زوال ۽ انتقال واري حالت ۾ آهي تنهن ڪري موهوم جي
لفظ سان تعبير ڪيائين ۽ جڏهن واجب الوجود جو وجود لم يزل



ولايزال واري استقلال جي شرف سان آهي تڏهن معلوم جي لفظ
سان تعبير فرمايائون [142] ڇو ته علم وهم جي برخلاف واقعي
مطابق راسخ عقيدو آهي ۽ **الله تعاليٰ** بذاتِ خود قائم ۽ ثابت
آهي ۽ سيني وقتن ۾ موجود آهي پوءِ وجود جو عقيدو رکڻ ان
لاءِ حق آهي ۽ ان کان سواءِ سمجهه ته اجايو وهم آهي. باقي
صحو اصل ۾ آسمان تان ڪاري بادل جي هٽڻ کي چئبو آهي
۽ هي خيالي استعارو آهي يعني مخلوق جي وجود جي تاريڪي
جو مطلق حق جي وجود کان پري ٿيڻ ۽ سندن قول **"هتڪ الستر
لغلبة السرالستر"** يعني راز جو ڦاٽي ظاهر ٿيڻ غلبي سبب راز
کي لڪائڻ آهي. جتي سين جي ڪسر (زير) سان سِر يعني
اهڙي شي جنهن سان ڪا شيءِ ڍڪي وڃي ۽ سين جي فتح
سان سَر معنيٰ ڍڪڻ يعني لغلبة السر يعني حق جل وعلا جو
خلق جي وجود واري پردي کي ڦاڙڻ ۽ هٽائڻ آهي باقي قول
جذب الاحدية يعني حقيقت جي خصائص ۾ اِها ڳالهه شامل آهي
ته توحيد جي وصف موجب پنهنجي بيگانگي کي ٻيائي جي
وهم کان دور ڪري تانجو موحِّدُ ۽ موحَّدُ جي وچ ۾ ٻيائي جي

بوءِ بہ نہ رهي ۽ مڪمل هيڪڙائي نظر اچي ۽ ٻيائي ختم ٿي وڃي اهو قول بائنها يشرق.... **الخ** جڏهن سائل جي دل ۾ آيو تہ توحيد جيڪا جذب آهي ۽ ظاهر ۾ حدوث رکي ٿي تہ موصوف جي قديم واري صفت ڪهڙي طرح قائم رهندي. ان شڪ جي ازالي لاءِ جناب امير فرمايو تہ توحيد حقيقت **"صفاة المستجمع بجميع الڪمالات عزشانہ"** يعني **الله** تعاليٰ جي سمورن ڪمالن جون اجتماعي صفتون ۽ اهي انوارن مان هڪ ازلي نور آهي جيڪو روشنيءَ وانگر ظاهر ٿيندڙ آهي تہ جيئن موحّدَ توحيد جي نسبت ان جي وحدانيت سان ڪن. نڪي مخلوق جي صفتن مان ڪنهن صفت سان. انهن جو قول **"اذا طلع الصباح... الخ"** جڏهن سائل حال ۽ مقال واري زبان سان چيو "زدني" يعني اڃا بہ اضافو ڪر. تڏهن ڪيس فرمايائون **"آفتابِ عالمتاب"** جي اڀرڻ سان جڏهن صبح صادق ظاهر ٿي ٿئي تہ اِها چراغ ڪان بي نياز هوندي آهي **"والله ولي الرشاد واليه المبدء والمعاد"** يعني بيشڪ **الله** هدايت وارن جو دوست آهي ۽ ڏانهس موٽڻ بہ آهي تہ شروعات بہ آهي.



حڪمت ۽ ڏاهپ جي مسندنشين ۽ بصيرت جي چمڪندڙ سڪن کي پرکيندڙ، عملي ۽ نظري علوم جي جامع شيخ حسن بصري جي سعادت ڀري خدمت مان ٻن قسمن جي ماڻهن کي رُشد وهدايت حاصل ٿيو. پهريون اڪابرن ۽ بزرگن جي جماعت جو اڳواڻ شيخ عبدالواحد آهي ۽ ٻيو ابدي ۽ صمدي تجلين جو آماجگاہ شيخ المشائخ شيخ حبيب عجمي آهي. وري ان جي ولايت جي شمع شبستان منجهان نوَ چٽا خاص هدايت جي شُعلي سان روشن ٿيا جيڪي عرف عام ۾ نوَ خانوادا مشهور آهن.

پهريون خانوادو حبيبين جو آهي جيڪو سندن شيخ جي نالي سان منسوب آهي ۽ اُهي بہ ڀائر هئا جيڪي پنهنجي مالڪ جا مطيع تقويٰ و پرهيزگار ۽ علم جا صاحب هئا ۽ حضرت عبدالرحمان بن عوف جي اولاد مان هئا. هنن ارادت جو نويڪلو سندرو پنهنجي ساهہ ۽ پيٽ سان چڪي ٻڌو هو ۽ ان کي قبول ڪيائون، خلافت جي امر ملڻ سان ممتاز ۽ سرفراز ٿيا. هنن نسبي فخر بجاءِ حسبي عزت کي مقدم ڄاڻي هر قسم

جون تڪليفون برداشت ڪيون ۽ اُمّ القريٰ يعني مڪي پاڪ جي پسگردائي ۾ ڪوهِ حرّا ۾ وڃي عبادت ڪرڻ لڳا جِتي شمع رسالت جي فانوس حضرت رسالتمآب ﷺ پاڻ مجاهدا ۽ رياضتون ڪيون هيون. جڏهن اهڙي طرح پنهنجي شيخ جي خدمت ۾ ست ڏينهن ۽ ستن راتين جي گذرڻ بعد ڪين روزو افطار ڪرڻ جو حڪم حاصل ٿيو تڏهن باقي ٻارهن سال انهيءَ طريقي سان گذاريائون جو ڪڏهن نہ مهيني ڪان پوءِ بہ گاهہ جي سڪل پنن يا معمولي ڪجور تي بطور افطار گذر اوقات ڪندا هئا. ائين مليل صاف ۽ نوان وڳا خالق جي نيت سان ماڻهن ۾ ايثار ۽ صدقو ڪري ڇڏيندا هئا ۽ پنهنجي اُوگهڙ ڍڪڻ لاءِ پراڻا ۽ ڦاٽل ڪپڙا گڏ ڪري ٽوپا هڻي پائيندا هئا. اڪثر ڪري نذرونياز قبول نہ ڪندا هئا بلڪ جهنگلي جانور جهڙوڪ هرڻ ۽ گورخر وغيره وٽن اچي چوندا هئا تہ اي خدا جا دوستؤ! اسان جي هن غريب ٽولي ڪي صدق ۽ سچائي وچان ان بي نياز احد ۽ صمد جي ڪري قبول ڪيو. مطلب ڪنهن شيءِ ڏانهن بہ نہ



واجهائيندا هئا ۽ هن حقيقت ڪان هرڻ ٽوٽي ٻيا جهنگل جا جانور بہ واقف هئا.

ٻيو خانوادو طيفورين جو آهي جيڪو اونهي درياءَ سلطان العارفين حضرت بايزيد بسطامي عليه الرحمة والغفران لقب طيفور سان مشهور آهن. سندس عقيدت ۽ ارادت جي نسبت شيخ حبيب عجمي سان آهي ۽ هو مڪاشفي ۽ مراقبي جو صاحب هو. هو سخت مشڪل رياضتون ڪندڙ هو ۽ سندس عمر هڪ سؤ پنجاهہ سال هئي ۽ شيخ حسن بصري ڪي ڏٺو هئائين ۽ حضرت امام جعفر صادق جي خدمت ۾ بہ پهتل هو ۽ چئن شخصن ڪي مريدي جي خرقي سان نوازيائين. سندس خرقو چئن قِسمن جو هو هڪڙو مختلف رنگن جو جنهن ڪي شيخ مسعود اختيار ڪيو ۽ ٻيو خرقو هزار ميخي جنهن ڪي شيخ محمود قبوليو ۽ ٽيون خش پاره يعني کهري ڪپڙي وارو جيڪو شيخ ابراهيم ڪي وٽيو ۽ چوٿون اُن ۽ پراڻي ڪپڙي جو جيڪو شيخ احمد جو اختيار ڪيل آهي.

ٽيون خانوادو يا سلسلو ڪرخين جو آهي جيڪو شيخ معروف ڪرخي سان منسوب آهي ”ڪَرخ“ بغداد ۾ هڪ محلو آهي ۽ شيخ معروف ۽ حضرت حبيب عجمي جي وچ ۾ شيخ داؤد طائي جو هڪ واسطو آهي. جو تہ شيخ داود طائي ڪي حضرت حبيب عجمي ڪان خلافت جي مسند ملي ۽ وري شيخ داؤد ڪان شيخ معروف ڪي مليل آهي.

چوٿون خانوادو سقطين جو آهي جنهن جي نسبت حضرت شيخ سرّي سقطي سان آهي جيڪو شيخ معروف ڪرخيءَ جو خليفو آهي ۽ اهي ٽئي بادشاهن جي اولاد مان هئا جيڪي ڏينهن جو روزي سان گذاريندا هئا ۽ رات جو مالڪ الملڪ جي عبادت ڪندي قيام ۾ گذاريندا هئا ۽ نذرونياز هرگز قبول نہ ڪندا هئا.

پنجون خانوادو جنيدين جو آهي جنهن جو اڳواڻ شيخ جنيد بغدادي آهي ۽ ٻہ شخص سندس خدمت مان رُشد ۽ ارشاد جي درجي تي فائز ٿيا. هڪ ذي الرفق والوفاق المعرض عن الخلق وخلاف الشقاق شيخ عثمان علي دقاق ۽ ٻيو صاحب الذوق و



الحضور من مبادي الفطرة الي يوم النشور شيخ مجدد الدين منصور [143] جيڪي امام اعظم ڪوفي رحمة الله عليه جي شاگردن ۾ شمار ٿين ٿا. انهن ٻنهي ارادت واري خرقي حاصل ڪرڻ بعد هفتي ۾ هڪ ڀيرو افطار ڪرڻ واري عادت ڪي چاليهن ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو افطار واري عادت ۾ تبديل ڪيو. تڏهن هڪ ڏينهن آسماني فرشتو انساني لباس ۾ کير سان ڀريل پيالو کڻي وٽن آيو ۽ چوڻ لڳو تہ الله تعاليٰ پنهنجي رتبي جو قسم کائي فرمايو آهي تہ ڪيئن بہ ڪري هن منجهان هڪ ڍُڪ واپرايو تہ جيئن توهان جو شمار عالم بالا جي خاصن جي صف ۾ ٿئي. انهن جي زبان قضا جي حيّ وقدير واري ترجمان سان همراز هئي، ان ڪري جيڪو بہ سندن صحبت سان مشرف ٿيندو هو تہ صاحب ولايت بڻجي ويندو هو. شيخ ڪان خلافت ملڻ بعد ٻارهن سال جيستائين حياتي جي قيد ۾ هئا تہ ڪاڌي پيتي ۾ لذيذ شين ڪان پرهيز ڪيائون. هو هر قسم جي ملندڙ نذراني ڪي فقيرن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيندا هئا. مطلب هو ”ابيت عند ربي يطعمني ويسقيني“ يعني مان پنهنجي رب وٽ رات

گذاريان ٿو جيڪو مون کي کارائي ۽ پياري ٿو جي دسترخوان تان نوش ڪندا هئا. **وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْإِنْسَ إِلَّا لِيَعْبُدُونِ مَا أُرِيدُ مِنْهُمْ مِنْ رِزْقٍ وَمَا أُرِيدُ أَنْ يُطْعِمُونِ إِنَّ اللَّهَ هُوَ الرَّزَّاقُ ذُو الْقُوَّةِ الْمَتِينُ** (الذاريات: 56 کان 58) [مون جنّ ۽ انسان فقط انهيءَ لاءِ پيدا ڪيو ته منهنجي بندگي ڪن ۽ مان انهن کان ڪو رزق نٿو گهران ته اهي مون کي کارائن بيشڪ الله تعاليٰ ئي جهجهي رزق وارو ۽ وڏي قدرت وارو آهي.] جي آواز مطابق وقت گذاريندا هئا.

ڇهون خانوادو گازرونين جو آهي جيڪي بيروني ۽ اندروني اتفاق راءِ سان شيخ سلطان ابواسحاق گازروني تائين پهتل آهن جڏهن تجرد ۽ تفرد جا مرتبا سيني کان مٿي ڏنائون تڏهن ظاهري بادشاهيءَ مٿان ان کي ترجيح ڏنائون. شيخ ابواسحاق ٻن واسطن سان جنيد بغدادي تائين پهچي ٿو ۽ جڏهن ارادت جو خرقو خواجہ عبدالله خفيف کان حاصل ڪيائين ته خواجہ فرمايس: اي ابواسحاق! دين ۽ دنيا ٻئي تنهنجي حوالي ڪياسون ۽ هن کان بعد توکي اهڙو اشتياق ڪنهن به شخص



ڏانهن محتاج نه ڪندو. عَلَم بلند ڪر ۽ نقارو ڪڻ، ڇو جو سياڻي قيامت ۾ تنهنجي مريدن جو اهو ئي نشان امتياز ۽ نيازمنديءَ جو اهڃاڻ هوندو. انهيءَ خاص محفل جا مسندنشين خلوت ۾ انهيءَ اسم جي شغل "**بانتَ القدرة**" يعني سڀ تنهنجي قدرت آهي ۾ مشغول هوندا آهن. اهي سڀ حروفِ تهجي جا ڏهه حرف آهن جيڪي واجب التعظيم والاڪرام جل جلاله عظمته وڪبريائہ جي ذات پاڪ جي نالي مان نڪرن ٿا. جيئن قاف مان قادر ۽ با مان بارّي ۽ الف مان الله ۽ را مان رب ۽ اهڙي طرح ٻيا.

ستون خانوادو طوسين جو آهي جيڪو ٽن واسطن سان شيخ جنيد بغدادي سان ملي ٿو. فردوسي ۽ طوسي هڪ ئي خرقي سان پاڻ ۾ ملن ٿا پر طوسين درويشن جو نشان هي آهي ته هي سماع ۾ حصو وٺندا آهن ۽ موسيقيءَ جي سُرن ۽ لئي کي ٻڌندا آهن ۽ ذڪرِ جلي رقص سان ڪندا آهن. هو خير و شر توڙي نفعي ۽ نقصان تي جيڪا به شيءِ کين پهچي ٿي ان تي راضي ۽ شاڪر هوندا آهن ۽ هر حال ۾ سندن زبان مان "**بلاءِ**

**المحبُّ عندي نعمة**” يعني دوست جي تڪليف مون لاءِ نعمت آهي جاري رهندو آهي. هو هر وقت وظيفہ خوان ۽ شاڪر ۽ فيض بخشڻ ۾ سچ وانگر تيز آهن ۽ آسمان مان رحمت جي بارش وانگر آهن.

اٺون خانوادو فردوسين جو آهي جن شيخ جنيد بغدادي وٽان پيالا پيتا آهن. هڪ ڀيري فردوسي ٽولي جي اڳواڻ جيڪو فردوس شهر ۾ رهندو هو جنهن جو نالو شيخ نجم الدين هو ۽ هن جو شيخ علاؤالدين طوسي سان اُخوت ۽ ڀائپيءَ جو رابطو قائم ٿيل هو. اتفاق سان ٻئي گڏجي شيخ ضياءالدين سهرورديءَ جي مسرت انگيز خدمت ۾ اچي عرض ڪرڻ لڳا تہ اسان جون عمريون ۽ اسانجو زمانو مجاهدن ۾ گذري ويو پر مقصود حاصل نہ ٿي سگهيو. شيخ ضياءالدين وراڻيو تہ مان بہ اوهان وانگر ساڳي آزمائش ۾ مبتلا آهيان اچو تہ ٽئي ڄڻا شيخ وحيدالدين ابوحفص عمر عمويہ جي خدمت ۾ هلون جيڪو عرش کان فرش درميان تصرف رکي ٿو. جيڪو اولهہ کان اوڀر سڀ هڪ اک ڇنڀ ۾ گهمندڙ آهي. اتي پهچي هنن سچن جي قبلي جي آستاني



تي عاجزي ۽ انڪساري واري مضبوط رسيءَ سان پنهنجيون جانيون ٻڌي ڇڏيون. آخرڪار ٽئي ڄڻا ان بابرڪت خدمت ۾ جلد کان جلد پهچي ويا. اتي شيخ ضياءالدين سهروردي ۽ شيخ علاؤالدين طوسي کي خلافت سان نوازي ڪين هر شهر ۽ واهڻ ۾ خلق کي خالق ڏانهن سڏڻ ۽ بر و بحر ۾ نرمي سان هلڻ ۽ ظاهر و باطن ۾ سختي سان ڪار بند ٿيڻ جو حڪم مليو. شيخ نجم الدين ڪبير جو هٿ وٺي شيخ ضياءالدين سهروردي جي هٿ ۾ ڏنائون تہ هن جي پاڻ تربيت ڪريو تہ جيئن اسان جي زماني جي بازار جو هي ناياب سڪو مالڪ سائين جي هن جهان ۾ وڌيڪ وڌندو رهي. شيخ ضياءالدين بلاشڪ ست مهينا گذرڻ بعد ارادت ۽ عقيدت جي خرقي سان نوازي سمورن فردوسي مشائخن تي فوقيت عطا ڪئي.

نائون خانوادو سهروردين جو آهي جن جو اڳواڻ شيخ ابونجيب ڪبير آهي ۽ هي سلسلو ٽن واسطن سان شيخ جنيد بغدادي وٽ پهچي ٿو. شيخ ضياءالدين ابونجيب ارادت کان اڳ ۾ پنهنجي نفس کي مجاهدن جي ٻٽيءَ ۾ اهڙو تہ ڳاريو هو جو

هفتي ۾ فقط هڪ ڀيرو پاڻي پيئندو هو ۽ ٽن ڪارڪن تي افطار ڪندو هو. هو ٽيهه سال نه سُتو ۽ هميشه قبلي مُنهن هوندو هو ۽ ڪنهن ٻئي پاسي ڪڏهن پاسي منهن نه ڦيرايائين. ٻيا پنج خانوادا جيڪي هر حال ۾ رياضت ڪندڙن جا اڳواڻ آهن ۽ حق جي تلاش ۾ مجاهدن جي ٽولي جا رهبر آهن. بلڪ اهي وڏن نالي وارن جي مجموعي فهرست ۾ شامل آهن ۽ مشائخن سڳورن جي وچ وارو واسطو آهن ۽ هدايت جي واٽ جي طالبن کي فيض بخشيندڙ ۽ تاريڪ راهن ۾ روشني ڪندڙ مشعل وانگر آهن. اهي رحمان جي نظر ۾ منظور نظر ۽ پاڪ ذات جي شان کي ڦهلائيندڙ آهن. [144] اهي ئي صحبت ۾ خلوت سان هميشگي ڪندڙ ۽ ظاهري طور انسانن جي ورونهه جو وسيلو آهن. سرڪش ۽ انڪاري نفس سان جهاد ڪندڙ آهن. هو هر قسم جي تعريف کان بيپرواه آهن. دائمي ۽ خالص شراب ۾ مخمور آهن، هميشه قائم رهندڙ راحت جي نشي سان پُر آهن. انڪاري ۽ حق کان ڀڄندڙن لاءِ حق ڏانهن رهنمائي ڪندڙ آهن، اهي اعليٰ صفتن سان سينگاريل آهن.



شيخ عبدالواحد روح الله روحه جي وجود مسعود جو واسطو به انهن سان آهي. پهريون خاندان زيدين جو آهي ۽ هي پنج هئا. اهي نگهبان ۽ نگهباني واري درجي تي فائز عبدالله ابن عوف جي اولاد مان آهن جيڪي اميد ۽ خوف سان موصوف ظاهري علوم سان بهرور ۽ باطني علوم سان به ڀرپور هئا. ان فضيلت واري شيخ وٽان خلافت سان مشرف ٿيل ۽ سراپا صدق ۽ صفائي جو نمونو هئا. هنن ڪنهن به جاندار شيءِ کي نه رنجايو سخت مشڪل تڪليفون برداشت ڪرڻ سندن پسنديده شيوو ۽ قرباني ۽ نفس جي مخالفت ۽ ان کان پري ڀڄڻ ۽ پنهنجن پراون کان لاپرواه ٿي رهڻ ۽ دنيا جي ڪاروبار کان بيزار رهڻ هو. هنن جو شغل پروردگار جي چانئٺ جي قريب رهڻ ۽ مجبوري کان ڪناره ڪش ٿيڻ ۽ پروردگار جي نعمتن ۾ سوچ و فڪر ڪرڻ هو. هي سموريون صفتون خلق کان پري ۽ خلق کان آزاد رهڻ وارن جون آهن. رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين.

هنن جو ٻيو خانوادو عياضين جو آهي جيڪو شيخ فضيل عياض تائين پهچي ٿو. انهن جو طريقو ۽ سلسلو نفس

کي خواهشن کان پري رکڻ تخليو ڪرڻ، ٻئي ڪنهن کان سوال نہ ڪرڻ، تڪليف تي رنج نہ ٿيڻ، وطن ۾ بہ سفر تي رهڻ، وات تي چُپ جي مُهر رکڻ، رات جو جاڳڻ، دل دلدار ڏانهن ۽ هٿ ڪم ۾ رکڻ، رات ڏينهن الله جي ذڪر ۾ مشغول رهڻ، پيرين اگهاڙو ٽچڪندڙ ديگڙي وانگر رهڻ، گپ چڪ ۾ بار کڻڻ ۽ خوف جي سواري تي سوار رهڻ.

شل! الله تعاليٰ اسان کي جيڪو سمورن طالبن کي ان مقام ڏانهن وڌڻ جي توفيق ڏي.

ٽيون خانوادو ادهمين جو آهي ۽ سلطان ادهم سان ملي ٿو سندن خرقي جو بار جهڙو ڏهہ مڻ آهي. هو مان ۽ تون جي گمان کان پاسو ڪن ٿا. هنن وٽ نسب تي حسب کي اختيار ڪرڻ ۽ جلوت تي خلوت کي ايثار ڪرڻ آهي. مالڪ مهربان طرفان هنن ۽ ٻين اهڙن ڀلن انسانن تي سلام هجي.

چوٿون خانوادو هُبيرين جو آهي ۽ شيخ هُبير سان انهن جي نسبت آهي. انهن جي خاص صفت چڱائي ۽ برائي کان



پالهو رهڻ ۽ سوال جواب کان پري رهڻ آهي. هو ثواب و عتاب کان دوري اختيار ڪن ٿا. هوشياري ۽ خرابي کان الڳ ۽ نند ۽ ڪاڏي ڪاٺڻ کان پاسو ڪندڙ آهن. حضرت ذوالجلال شل! سندن عزت کي وڌائي ۽ مغفرت سان نوازي.

پنجون خانوادو چشتين جو آهي جيڪي شيخ ابواسحاق چشتيءَ سان واڳيل آهن. جيڪي چِشت مان آيل هئا ۽ بغداد ۾ ارادت جو هٿ شيخ علي دينوري کي ڏنل اٿن. شيخ عليءَ ڪانئس پڇيو تہ نالو ڇا اٿئي. چيائين خدا جو ٻانهو پر ماڻهن جو نالو ابواسحاق چشتي رکيل آهي. شيخ علي کيس خرقو پارايو ۽ خلافت بخشي ۽ واپس چشت وڃڻ جي اجازت ڏنائين. اتان کان اڳتي چشت جا خواجگان پيدا ٿيا ۽ اهي پنج ڄڻا هئا. هڪ شيخ ابواسحاق چشتي، ٻيو خواجہ احمد چشتي، ٽيون خواجہ محمد چشتي، چوٿون خواجہ نصيرالدين ابويوسف چشتي ۽ پنجون خواجہ قطب الدين مودود چشتي.

ٻيو قسم اويسين جو آهي جيڪي ٻئي ڪنهن جي ظاهري واسطي ۽ پير جي دستگيري کان سواءِ الاهي تائيد ۽

توفيق جي ذريعي باطني طور جناب رسالتمآب ﷺ وٽ پهتل آهن. انهيءَ عالي جماعت جو خلاصو ۽ انهيءَ وڏي جماعت جو اڳواڻ ۽ وحدت رباني جي اسرارن جو خزانو ۽ رحماني دريائن جو منفرد موتي ۽ سڌي سنئين راهه تي گامزن شيخ اُويس قرني آهي جيڪو مراتب شناس، راسخ دم ۽ ثابت قدم آهي ۽ گهٽ توڙي وڌ سيني مليل رنگن جي چِٽن جا نقش ڏسندڙ آهي. تڏهن ته دُرّة التاج حضرت رسالتمآب ﷺ معراج واري رات فلڪ الافلاڪ جي بالاخانه کان مٿي کيس نوراني موتين سان جُڙيل تخت تي چمڪندڙ چادر ۾ ويڙهيل ڏٺو هو. تڏهن کين دل ۾ خيال ٿيو ته اها سگهه ڪنهن کي آهي جو فراغت جو فائدو وٺي اوقات قدسي ۾ اهڙي جرأت ڪري. واقعي جي اصل صورت ڇا آهي ۽ اهو جرأت ڪندڙ ڪير آهي. تڏهن جبرئيل امين رب العالمين جي امر سان حاضر ٿي عرض ڪيو ته هي شيخ اُويس قرني جي روح پُر فتوح جو قالب آهي جنهن توهان جي محبت ۾ مردانه همت جو قدم رکيو ۽ اوهان جي محبت جي اظهار ۾ الڳ راهه ورتي هئي جنهن ڪري اوهان جي عشق واري درگاهه



مان ان کي خاص درجو مليل آهي ته محبوب جي پسنديده هجڻ باوجود ظاهري ديدار کان ڇو رهجي ويو. اِهائي ڳالهه آهي جو اُن ڀاڳن واري انسان کي سيد الابرار جي وصال بعد آنحضرت ﷺ جو جُبو پاڪ جيڪو ٻين صحابين جي قد تي پورو نه ٿي آيو ته اهو خيرالانام جي وصيت مطابق پوري اتفاق سان شاهِ ولايت ۽ ميدان جي لڪل شهسوار اُويس قرني ڏانهن موڪليو ويو. تڏهن شيخ اُويس نئون وضو ڪري ٻه رڪعتون شڪراني جون ادا ڪري ان کي ڍڪيو ۽ سر سجدي ۾ زمين تي رکيو هو. ان ڪري مٿس مخلص عاشق ۽ مخلص حبدار هئڻ جو خطاب درست ثابت ٿيو ۽ جڏهن پاڻ کي هر قسم جي ڏک ڏوراپي کان پاڪ صاف ڏٺائين ته حيرت جي دريا ۽ فڪر جي ڪُن جي حوالي ٿي ويو ۽ ان ڪري هر مهل جُدائيءَ ۽ اشتياق جي باهه ۽ هاءِ هاءِ جو شڪار ٿي ويو [145] هر گهڙي سندس حال ۽ قال جي زبان مان هاءِ افسوس جا الفاظ پئي نڪتا. آخر شيخ ابولقاسم گُرگاني طوسي هن مقام بابت خاص توجه حاصل ٿيو ۽ نجم الدين ڪبريٰ جي سلسلي کي ان ۾ خاص جذب وارو مقام مليو. اهو

ئي سبب آهي جو شيخ ابوسعيد ابوالخير ۽ شيخ ابوالحسن خرقاني قدس الله تعاليٰ سره هميشہ توحيد جي ڪُن ۾ مستغرق رهندا هئا ۽ انهيءَ حال ۾ اڪثر ڪري ’اُويس‘، ’اُويس‘ ڪندا رهندا هئا. بيشڪ اهو الله جو فضل آهي جنهن کي وڻي ان کي نوازي ۽ بيشڪ الله وڏو فضل ڪندڙ ۽ عظمت وارو آهي.

خوش آن کس کش ز بهر زر مقصود
محک هرگز نباشد هيچ مشهود

[اهو شخص ڀاڳ وارو آهي جنهن کي گهربل سون لاءِ ڪا ظاهري ڪسوٽي نہ گهرجي.]

قل الله ثم ذرهم خواب خور اوست
ابيت عند ربي برگ و بر اوست



[فرمان ربي مطابق ”سڀ ڪجهہ قربان ڪريو“. ان جو کائڻ پيئڻ آهي ان ڪري پنهنجي رب وٽ رات گذارڻ سندس اُٿڻ ويهڻ ۽ لباس آهي.]

**ڪ/س ثاني (پيو پيالو)**

**مناقب مخدوم نوح عليه الرحمة**

ولايت جو روشن سج، وحدت جي شمع شبستان، معرفت جي شاهي تخت جو مسندنشين، شريعت جي گلشن جو بلبل، حقيقت جي باريڪين جا نڪتا ڄاڻندڙ، طريقت جي ميدان جنگ جو رستم، هدايت ۽ ڪرامت جي تلوار جو روات، هدايت ۽ رهنمائي واري فانوس جو چراغ، اهل الله جي قافلي جو سالار، خدا جي آگاهي رکندڙن جي دفتر جو اڳواڻ، انساني مجلس جي ٽولي جو رهبر، قدسي گهر جي خلوت جو محرم راز، جدوجهد ۽ اجتهاد جي رستن جو راهي، هدايت ۽ نيڪ بختيءَ جي بُلندين جو ستارو، حق ۽ دين جو غوث ۽ فرياد رس، عين اليقين جي حقيقت جو سڃاڻندڙ، ظاهري ۽ معنوي منزلن تي حاوي ٿيندڙ، ڪسبي ۽ وهبي علمن جو جامع، بزرگي واري خاندان جو نمونو، عزت ۽ ثنا واري خاندان جو



عمدو مثال، عارفن جي اڳواڻن جو سرمايو، وڏن محققن جو اڳواڻ، ظاهري ڪرامتن ۽ عالي معارف جو صاحب، بلند مقام ۽ مسنون احوالن وارو، سرڪش نفس مٿان ماهر سوار ۽ سرڪردو، روح ۽ جسمن جي متن جو شارح يعني مخدوم نوح شل الله تعاليٰ هن جي مرقد کي روشن رکي، سندس هستي هر وقت بي گمان عبادت جي نقشن ۽ صورتن موجب غيبي ارادت سان سينگاريل، اُجايلن کي طلب جي واديءَ مان سهڻين سوارين تي سوار ڪري، پنهنجي خاص تلقين سان مٿي پاڻيءَ جي چشمي تي پهچائڻ ۾ مددگار هئي، هو نفس جي باغن توڻي ساهه جي مُڪڙين کي سينگاري سنواري پروردگار جي ذڪر جو جلوو بخشي، نالائقن ۽ نااهلن کي سندن حال ۽ لياقت موجب ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪندا هئا. هو فيوضات جي نوازش ڪندي واضح دليلن سان حالتن جي پيش نظر ضروتمندن جا سچا مطلب ۽ مقصد سامهون رکي هر ٽولي جي مُدعا موجب الهام واري زبان سان **وَلَا رَطْبٍ وَلَا يَابِسٍ إِلَّا فِي كِتَابٍ مُبِينٍ** (الانعام: 59) [۽ ناهي آلي ۽ نه ئي سُڪل ڪا شيءِ مگر روشن ڪتاب ۾ آهي] واري آيت مطابق سمورو بيان فرمائيندا

هئا. تڏهن هر طالب پنهنجي ضرورت آهر ان آئيني مان پنهنجي مقصود ۽ مطلب جو معائنو ڪندو هو. هو پاڻ قرآني آيتن محڪمات و متشابهات جي سمجهاڻين ڪي اهڙي طرح بيان فرمائيندا هئا جو وقت جا فصيح ۽ بليغ عالم سندن سامهون دليل پيش ڪرڻ کان پوئتي هٽي ويندا هئا. وڏي ڳالهه اها آهي ته قرآن مجيد جي ڪل ويهن پارن

يعني پهرين پنج ۽ پوين پندرنهن جي حفظ کان وڌيڪ سندن کو ظاهري علم حاصل ٿيل نه هو. پاڻ هميشه جماعت جي وچ ۾ ويهي ماضيءَ جي قصن ۽ نشانين جو ذڪر انتهائي مٺي زبان سان بيان ڪندا هئا. ان ڪري جيڪو به ارادت جي صدق سان سندن خدمت عاليه ۾ ايندو هو. لااله الاالله جي ڪلمه طيبه جي ورد سان پنهنجي زبان هميشه لاءِ سلوٽي ڪري ويندو هو. ان جو اثر ان ريت ظاهر ٿيندو هو جو پوءِ اهو شخص باري تعاليٰ جي ياد ۽ سندن مريدي جي شيوي اختيار ڪرڻ کان هرگز ٻاهر نه ويندو هو. انهيءَ سلسلي ۾ ڪيئي شاهديون بيان ٿيل آهن. جيئن معرفت جي جام پيئندڙ بهاؤالدين دلق پوش پاڻ ٻن قسمن جون صحيح



روايتون نقل ڪيون آهن. هڪ فرزند ارجمند صاحبِ معرفت مخدوم فضل الله جي آهي ۽ ٻي نيڪ بخت ۽ نيڪ عاقبت ميان محمود ڪاريه کان ٻڌل آهي. هڪ ڏينهن صبح شام حاضريءَ ۾ رهندڙ شيخ ابوبڪر قريشي جيڪو غوث العالم شيخ بهاؤالدين زڪريا جي سعادتمند اولاد مان هو. هن ارادت جي راهه ۾ راحت رسائيندڙ پيالن جي ساقي، صدق ۽ وفا جي ٻن دريائن جي ميلاپ مخدوم نوح جي خدمت ۾ ڪيترو وقت گذاريو هو. تنهن حقائق کي پهتل مخدوم فضل الله کان پڇيو ته حضرت مخدوم ڪهڙي سلسلي طريقت سان اخلاص واري نسبت رکن ٿا؟ آخر مذڪور حقيقت جي اصل تائين پهچڻ خاطر پاڻ مخدوم صاحب جي خدمت ۾ پيش ٿيو ۽ اجا دل جي ڳالهه ظاهر ئي ڪو نه ڪئي هئائين جو ڪيس چيائون **لَيْسَ لَهُمْ مِنْ دُوْنِهٖ وَلِيٌّ وَلَا شَفِيْعٌ** (الانعام: 51) [ناهي انهن لاءِ هن کان سواءِ ڪو ولي ۽ سفارش ڪندڙ.] هن آيت ڪريمه جي ٻڌڻ سان ئي شيخ ابوبڪر استغراق واري ڪُن ۾ هليو ويو. هوش ۾ واپس اچڻ بعد انهيءَ معنيٰ جو راز مخدوم فضل الله جي سامهون رکيائين جيڪو پڻ حيرت جي شراب جا

ڏک پريندو رهجي ويو. صحيح سالم ۽ هوش ۾ اچڻ وقت چيائين تہ جيڪو فرمايائون حق آهي ۽ اهو ئي پڪو اعتقاد رکڻ گهرجي. چو تہ "**شرف الانسان بالنطق وشرف النطق بالعقل و شريف العقل بالعلم و شرف العلم بالعمل و شرف العمل بالاخلاص و شرف الاخلاص بالتقويٰ وشرف التقوي بالادب وشرف الادب بالمعرفة وشرف المعرفة بالله**" يعني انسان جو شرف ڳالهائڻ سان آهي ۽ ڳالهائڻ جو شرف عقل سان آهي ۽ عقل جو شرف علم سان آهي ۽ علم جو شرف عمل سان آهي ۽ عمل جو شرف اخلاص سان آهي ۽ اخلاص جو شرف تقويٰ سان آهي ۽ تقويٰ جو شرف ادب سان آهي ۽ ادب جو شرف معرفت سان آهي ۽ معرفت جو شرف **الله** تعاليٰ سان آهي. وڌيڪ فرمايائون **وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوَىٰ** (النازعات: 40) [جنهن پنهنجي نفس کي خواهش کان روڪيو.]

ولايت جو صاحب مخدوم زادو ميان موسيٰ جيڪو ان وقت محفل ۾ موجود هو اسرار الاهي جي ان بيان ٻڌڻ ۽ خاموشيءَ جي دريا ۾ ٽبين کائڻ بعد اصل سوال کي هن ريت واضح ڪيو [146] جناب مخدوم جو سلسلو کهڙي هڪ



خانوادي سان ڳنڍجي. اها خبر نہ هجڻ ڪري مان گهڻو وقت چُپ رهيس تان جو هڪ ڏينهن سندن خدمت سڳوريءَ ۾ ارادو ڪيم تہ مذڪور مشڪل جي حل لاءِ زبان چوريان تہ پاڻ عقل کي عاجز ڪندڙ هي آيتون: **مَنْ يَهْدِ اللَّهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِي** (الاعراف: 178) [جنهن کي **الله** تعاليٰ هدايت ڏي پوءِ ان کي ڪو گمراه ڪندڙ ناهي.] **وَمَنْ يُضْلِلُمَنْ يُضْلِلِ اللَّهُ فَلَا هَادِيَ لَهُ** (الاعراف: 186) [۽ جنهن کي اهو گمراه ڪري تہ پوءِ ان لاءِ ڪو هادي ناهي.] **مَنْ يَهْدِ اللَّهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِ وَمَنْ يُضْلِلْ فَلَنْ تَجِدَ لَهُ وَلِيًّا مُرْشِدًا** (الڪهف:17) [۽ جنهن کي **الله** تعاليٰ هدايت ڏي پوءِ اهو ئي هدايت ڏنل آهي ۽ جنهن کي گمراه ڪري تہ پوءِ هرگز ان لاءِ ڪو دوست هدايت ڏيندڙ نہ لهندين.] **يُضِلُّ اللَّهُ مَنْ يَشَاءُ وَيَهْدِي مَنْ يَشَاءُ** (الابراهيم: 4) [۽ جنهن کي چاهي گمراه بڻائي ۽ جنهن کي چاهي هدايت ڏئي.] **وَمَنْ يُضْلِلِ اللَّهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهُ سَبِيلًا** (النسآء: 143) [۽ جنهن کي گمراهہ ڪري تہ پوءِ ان لاءِ هرگز ڪا راهہ نہ لهندين.] پڙهڻ سان روشن ڪيائون. مطلب هدايت ۽ گمراهي جو منشور مالڪ ڪُل جي منشا ڪان سواءِ نشانِ شرف

سان سينگاريل ناهي، ان ڪري جيڪو ان مالڪ جي هدايت ۽ بي انتها عنايت سان نوازيل يا متصف هوندو ته پوءِ اهو آدم جي اولاد مان ٻئي ڪنهن فرد جو محتاج نه هوندو آهي بلڪ هدايت جا طلبگار رياضتن ۽ مجاهدن وسيلي ارشاد جي توسط سان حقيقي محبوب جي مشاهدي سان سرفراز ٿي ويندا آهن ۽ ان لاءِ مرشد ۽ مريد جي مرتبن ۾ امتياز سان ڪو فرق نٿو پوي. جيئن سچي ڪلام ڪنڌڙ ۽ پلي ۾ پلي انسان مٿس الله جون صلواتون ۽ سلام هجن فرمايو "**من طلب شيئاً جَدَّ وَجَدَ**" يعني جنهن ڪنهن شيءِ جي طلب خاطر جدوجهد ڪئي ته اها ان کي ملندي. اهي ٻئي ڳالهيون هن وٽان آهن. اهو ئي اويسين جو مرتبو آهي جهڙي طرح لغت جي ماهرن جي اڳيان اويس لفظ جي دلالت لڪل ناهي جو اويس اوس جو تصغير آهي ۽ اوس ڦاڙيندڙ بگهڙ کي چئبو آهي ۽ تصغير تعظيم جي لاءِ آهي يعني اويسي هو الله کان سواءِ هر شيءِ کي چڱي طرح ڦاڙي صمديت واري بارگاهه ۾ پهچي وقت گذاريندو آهي. انهيءَ حقيقت جي شاهديءَ خاطر شيخ فريد الدين عطار فرمايو آهي ته



طريقت جي وڏن اوليائن ۽ حقيقت جي وڏن مشائخن مان هڪ ٽولي اهڙي به آهي جيڪا ظاهري طور ڪنهن جي ارادت جو هٿ نه پڪڙيندا آهن پر انهن جو مرتبو سمجهه. وهم ۽ گمان کان مٿي آهي. جيئن قدسي ڪلام آهي ته "**ان لي عباداً سوي الانبياء و المرسلين خمس مائته رجال مراتبهم اعليٰ من كل درجاة وهم مغرقون في بحرالمشاهدات واكلهم نور للبقا وشربهم ماء الحيٰوة ونومهم كالمعراج وذنوبهم كالاعمال وشهواتهم كالطيبات وضحكهم عبادت و مزاجهم تسبيح وكلامهم ذكر الله تعاليٰ ولباسهم صوف الاسود و صورهم كالياقوت و وجههم كالشمس في السماء وبصرهم وسمعهم ولسانهم وبدنهم وجلودهم ولحمهم ودمهم وقلوبهم و ارواحهم كلهم نور الله و اقامتهم في حضرت الله تعاليٰ وهم اصحاب البقاء لاموت لهم ولا زوال لهم، ولافناء لهم ولايعرف لهم احد سوي الله، و لو جلس كافر عندهم صار مسلما، مؤمنا. ولو جلس فاسق او ظالم او كافر بما عندهم فقد صار تائباً صادقاً مخلصاً**". يعني بيشڪ منهنجا نبين ۽ رسولن کان سواءِ پنج سؤ ٻانها آهن جن جا درجا تمام

اعليٰ آهن ۽ اهي مشاهدن جي دريا ۾ غرق آهن ۽ انهن جي خوراڪ هميشه وارو نور آهي ۽ انهن جو پاڻي آب حياة آهي ۽ انهن جي ننڊ معراج وانگر آهي ۽ انهن جا گناهه عمل آهن ۽ انهن جو خواهشون پاڪ آهن ۽ انهن جو کلڻ عبادت آهي ۽ انهن جي مزاج تسبيح آهي ۽ انهن جو ڪلام الله تعاليٰ ذڪر آهي ۽ انهن جو لباس ڪاري اُن آهي ۽ انهن جون صورتون يا قوت وانگر آهن ۽ انهن جو منهن آسمان جي سج وانگر آهي ۽ انهن ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ زبان ۽ بدن ۽ گل ۽ گوشت ۽ رت ۽ دليون ۽ روح سڀ ڪجهه **الله** تعاليٰ جو نور آهن ۽ اُهي **الله** تعاليٰ جي حضور ۾ هوندا آهن ۽ اهي بقا وارا آهن انهن کي ڪو موت ۽ زوال ناهي ۽ نه ئي ڪا فنا ۽ انهن کي **الله** تعاليٰ کان سواءِ ڪو به نه ٿو سڃاڻي ۽ جيڪڏهن انهن وٽ ڪو ڪافر اچي ويهي ته مومن مسلمان بڻجي وڃي ۽ جيڪڏهن فاسق يا ظالم يا ڪافر انهن وٽ اچي ويهي ته توبه تائب ۽ صادق ۽ مخلص بڻجي وڃي.



اهڙيءَ طرح رب الارباب جو غوث الاعظم سان خطاب هن ريت وارد آهي: "**يا غوث الاعظم ان لي عباداً سوي الانبياء و المرسلين لايطلع عليٰ احوالهم احد من اهل الدنيا ولا احد من اهل الاخرة ولا احد من الجنة ولا احد من اهل النار ولا مالڪ ولا رضوان وما خلقتهم للجنة والنار ولا للثواب ولا للعقاب ولا للحُور ولا للقصور ولا للغلمان طوبيٰ لمن آمن بهم ولم يعرف هم الا انا**" يعني اي غوث اعظم! بيشڪ منهنجا نبين ۽ رسولن کان علاوه ڪي اهڙا ٻانها آهن جن جي احوالن جي خبر دنيا، آخرت ۽ جنت، جهنم مان ڪنهن کي ناهي ۽ نه ئي مالڪ (دوزخ جو داروغو) ۽ نه ئي رضوان (جنت جو داروغو) کي انهن بابت ڪا خبر آهي. مون انهن کي نه جنت ۽ جهنم، نه ثواب ۽ عذاب، نه ڪنهن حُور ۽ محلات ۽ غلمان لاءِ پيدا ڪيو آهي. مبارڪ هجي انهن کي جن انهن کي سڃاتو ۽ انهن کي مون کا سواءِ ڪير نٿو ڄاڻي. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي ته. "**الانسان سِرَّ الله تعاليٰ في الارض**" يعني انسان زمين تي **الله** تعاليٰ جو راز آهي. پر پڪي ۽ سچي ڳالهه مطابق "**لولاڪ لما خلقت الافلاڪ**" يعني اگر تون نه

هجين ها تہ آسمانن کي پيدا نہ ڪريان ها. وڏيڪ موتين جهڙي مضمون جي منشا آهي تہ "**طرق الطالبين من الله ڪثيرة لڪن لاطريق سوي المحمد**" يعني **الله** ڏانهن طالبن جا رستا گهڻا آهن پر محمد ڪريم ڪان سواءِ ڪو رستو ناهي. مطلب تہ هيءَ راهہ جيڪا اڻ تر آهي پوءِ اها ظاهري هجي يا باطني حضرت محمد ڪريم ﷺ جي نبوي شريعت ڪان ٻاهر ناهي. اها ئي راضپي واري راهہ آهي.

روز و شب طالب قبول وئيمہ
پيروي سنت قبول وئيم

[رات ڏينهن ان جي قبوليت جي طلب ڪندڙ آهيون ۽ ان جي مقبول سنت جي پيروي ڪندڙ آهيون.]

هدايت ۽ تميز واري مخدوم عبدالعزيز ۽ يقين جي چهري واري ميان بهاؤالدين ڪان نقل آهي تہ هڪ ڀيري حضرت مخدوم ڪنهن تقريب ۾ وڃڻ لاءِ ٺٽي شهر جو پڪو ارادو



ڪيو. نبوي خاندان جو خلاصو ۽ مرتضوي خاندان جي ڪَڙي، حقيقت جي باغ جو بلبل سيد علي شيرازي مخدوم صاحب جي برڪت واري آمد جو ٻُڌي ڪين پنهنجي گهر وٺي آيو. شهر جا ننڍا وڏا برڪت ڀري خدمت ۾ اچي پهتا. سهڻن خيالن سان سنواريل صاف مرتبي واري سيد جلال اسرار ورموز جي ڪيترين ڳالهين بعد خدمت بابرڪت ۾ عرض ڪيو تہ چيو ٿو وڃي تہ سائين جن جي ارادت ولايت جي امير حضرت علي ڪرم **الله** وجهه جي خدمت ۾ تحقيق گهري ٿي. فرمايائون: هائو، اُها ان درگاهہ جي باري ۾ اٽل آهي. آءٌ ننڍپڻ ۾ چوڏهن سالن جي عمر ۾ قبلة السالڪين مخدوم عربي جي ڪُتاب ۾ قرآن جو سبق پڙهي رهيو هوس ۽ "**ونادىٰ اصحٰب الاعرٰف**" واري لڪيل فرحي درياء تي ڌوئڻ لاءِ ڪٽي ويس. مون ڏٺو تہ پٽي ڌوئڻ ۽ نئين وضو ۽ غسل بعد اوچتو هوا مان ٻہ چنڊ جهڙا جسم ظاهر ٿيا. چيائون اي مولانا، اي مخدومنا! تو کي حضرت رسالتمآب ﷺ طلب فرمايو آهي ائين هو مون کي جنهن روپ ۾ آيا هئا پنهنجي ڪلهن تي سوار ڪري مٿي کڻي ويا. اتي ڏٺم تہ هڪ عاليشان

ڪرسيءَ تي حضرت عيسيٰ عليه السلام ويٺا آهن انبياء ۽ اولياء کي واعظ ونصيحت فرمائي رهيا هئا پاڻ منهنجي هٿ سان لکيل پٽي وٺي ان تي ارڙهن سِٽون [147] ۽ هر سٽ تي ارڙهن علم لکيائون ۽ سيکاريائون. اتي دل ۾ خيال آيو ته مون کي حضرت سيد الانام جي نالي تي هٿي وٺي آيا آهن. ان گهڙي سينجلي جي سينگار اميرالمؤمنين علي رضي الله عنه فقير کي حضرت رسالت مآب ﷺ جي خدمت ۾ آڻي پوري ادب سان گوڏا پيچي ويهاريو. جناب رسالتمآب ﷺ منهنجي هٿ مان پٽي وٺي ان تي چار سٽون پاتائون ۽ هر سٽ تي ڪجهه لکي منهنجي حوالي ڪيائون ۽ شفقت ۽ مهرباني سان سبق ڏنائون. سمورا ملائڪ ۽ فرشتا مون ڏانهن ڏسڻ لڳا ان ڪانپوءِ مخلوقات مان ڪنهن طرف ڏسڻ جي ضرورت نه پئي گويا **وَعَلَّمَ آدَمَ الْأَسْمَاءَ كُلَّهَا** (البقرة: 31) [آدم کي سمورن شين جا نالا سيکاريائين.] جي دانش جو سياق ۽ سباق مون تي کلي پيو ۽ ظاهري ۽ باطني علومن جا اسرار واضح ٿي پيا. ان ڏينهن جناب رسالتمآب جن جي بي انتها مهربانيءَ سبب لاالٰه



الاالله جي تلقين سان احديت جي چوکٺ مان گذرڻ جي اجازت ملي. بلڪ سيدالابرار **ثَانِيَ اثْنَيْنِ إِذْ هُمَا فِي الْغَارِ** (التوبة: 40) [ٻن مان ٻيو جنهن وقت غار ۾ هو.] خلافت واري زبان سان مون لاءِ چيو ته منهنجي اولاد مان آهي، تڏهن پاڻ سڳورن ان جي تصديق ڪئي. راوي چوي ٿو ته اهو ٻڌي سيد جلال شيرازي چوڻ لڳو ته ايتري قدر عزت وارو بيان سراسر ڪشف ۽ جذب تي ٻڌل آهي جنهن جي اظهار جي ضرورت ناهي، چو ته حقيقت ظاهر ۾ نظر اچي ٿي.

**نقل:** عرفان وشهود جي محفل جي سينگار ميان محمود ڪان آهي ته حضرت غوث الثقلين محي الدين عبدالقادر جيلاني جي اولاد مان هڪڙي شخص حضرت غوث الحق جي خدمت ۾ اچي ظاهر ڪيو ته مان خلافت جي برابر فائدو ڏيڻ تي مامور آهيان ۽ علم ڪيميا ۾ به گهڻي مهارت رکان ٿو جيڪڏهن دل سان قبول ڪريو ۽ شفقت ڏيکاريو ته ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، چو ته ظاهري طور ڪنهن وقت به ڪم ايندو. فرمايائون جڏهن ڪان حضرت رسالتمآب ﷺ جي خدمت ۾ باريابي نصيب ٿي آهي

تہ مون کي ٻئي ڪنهن ڏانهن نياز جو جواز يا سبب نظر نٿو اچي. تڏهن درهم طلب ڪري خاڪ ڪري ڇڏيائون جيڪو ڳاڙهو سون ٿي هو.

**نقل:** بهاؤالدين دلق پوش کان آهي تہ هڪ ڏينهن جناب مخدوم ذڪر و اذڪار جي تڪميل بعد آيتن جو تفسير شروع ڪيو جيڪو وڏن وڏن عالمن کي بہ عاجز ڪندڙ هو. اهڙي محفل ۾ ڪيترائي جمهور مشاهير ۽ سجاتل نڪتہ دان موجود هئا. فرمايائون تہ هڪ ڏينهن برڪتون ورهائيندڙ بهاؤالدين والدنيا بهاؤالدين زڪريا جي ملاقات سان گهڻي خوشي حاصل ٿي. قادر مختار جي بي انتها قدرت بابت گهڻي گفتگو بعد انتهائي مهرباني ۽ ڪمال نرميءَ سان فرمايائون تہ تو کي مڙني فقيرن کي ڪلاهہ ڏيڻ جي اجازت ۽ دنيا کان منهن موڙڻ وارن تارڪن تي قينچي هلائڻ جو اذن ڏئي مظهر بڻايو اٿئون تہ جيئن انهيءَ طرح ڀوڙن طالبن کي حقيقي مطلوب تائين پهچائيندڙ بڻجين. هيءَ ڳالهہ تنهنجي زماني تائين يادگار رهندي. مون چيو تہ اي شيخ المشائخ! ملڪ العلام ڪلام سڳوري ۾ تاڪيد



فرمايو آهي **وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ وَمَا تَعْمَلُوْنَ** (الصافات: 96) [۽ **الله** تعاليٰ خلقيو توهان کي ۽ جيڪي توهان عمل ڪيو ٿا.] مطلب قينچي هلائڻ ۽ ڪلاهہ ڏيڻ جدا خصوصيت رکن ٿا. ليڪن هي فقير ڪلمه طيبہ لاالٰہ الاالله سان امتياز رکندڙ آهي. اهڙيءَ طرح اوهان مريدن کي ڪلاهہ ڏئي ۽ قينچي هلائي اخلاص جي راهہ ۾ منسلڪ ۽ حضوصيت جي رستي ۾ پوئيندا وجو ٿا تہ هي فقير وري لاالٰہ جي نفي واري قينچي سان وسوسن ۽ خواهشن جي رسيءَ کي ڪاٽي. الاالله جي اثبات واري ٽوپي انهن جي مٿن تي ڍڪائي ٿو ۽ انهن کي پنهنجن دوستن ۾ داخل ڪري ٿو. ان کان بعد فقير ۽ پنهنجي سلسلي جي لاءِ دعا گهريائون.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ حضرت غوث الحق جي جسم جي ڪنهن عضوي ۾ ڪو زخم ٿي پيو ۽ ڪابہ دوا ڦٽ کي ڇٽائڻ واري نہ پئي ٿئي. حاضرين مجلس ۾ چوٻول پئجي ويو تہ حضرت مخدوم کي زخم آهي. فرمايائون تہ ڪهڙو مخدوم؟ جواب ڏنائون تہ ابن نعمت **الله**. فرمايائون تہ ڪو هوندو. ٻئي ڏينهن عرض ڪيائون تہ ڪا مدت ٿي آهي جو خدا جي ٻانهي کي

ڪنهن عضوي تي ڪو ڦٽ ٿي پيو آهي ۽ اُها وضو ڪرڻ واري جاءِ آهي ۽ علاج سان فائدو نہ ٿو ٿئي، جيڪڏهن ڪنهن پتر تي ڪا شيءِ پڙهي عنايت ڪن تہ ان جو مهٽڻ شفا جو سبب بڻجي پوي. آخر ائين ڪيائون ۽ هڪ ٻہ دفعا ڦٽ کي مهٽيائون تہ بهتر ٿي ويو.

حقيقت جو واصل ميان محمد ڪبير حضرت غوث احد جو ڏُهٽو روايت ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت مخدوم معظم اڪيلا صحرا جي رستي سان پئي ويا. اتفاق سان هڪ عورت جو ان رستي تان گذر ٿيو جنهن پنهنجي مقصد لاءِ عرض ڪيو. مخدوم صاحب هٿ مبارڪ سان اشارو ڪندي چيو وڃ، هادي مطلق تو تي هدايت جو در کوليندو ۽ تو کي گمراهي کان پنهنجي پناهہ ۽ حفاظت ۾ رکندو. ان کان پوءِ معرفت جو چراغ سندس قالب جي شبستان ۾ اهڙو روشن ٿيو جو هوءَ ڪامل واصلن مان ٿي وئي ۽ حقيقت جي منزلن کي طي ڪري دنيوي خطرن کان محفوظ بڻجي وئي.



آنانکہ خاک را بہ نظر کیمیا
کنند
آیا بود کہ گوشہ چشمي بما
كنتد

[جن جي مهر واري نظر مِٽيءَ کي سون ڪندڙ آهن. شل! اسان تي بہ ڪا مهر جي نظر فرمائن.]

ان ڏينهن کان وٺي سندن ظاهري ٻڌڻ ۽ ڏسڻ وارن حواسن ۾ اهڙو خلل فرق واقع ٿيو جو ڪڏهن غير تي نظر ۽ ڌاري ڳالهہ سندس اکين آڏو ۽ سندس ڪنن ۾ نہ پئي.

متيٰ خبرت ان الشمس انثيٰ
ينهني عفا في ان اراها [148]

[جڏهن کان خبر پئي آهي تہ سج مونث آهي تہ منهنجي پاڪائي مون کي غيرت وچان ان کي ڏسڻ کان روڪيو آهي.]

ڳالھ ڪن ٿا تہ بخشڻھار جي ان برگذيده بندي کي سڄي عمر ۾ ان ھڪڙي ڏاري عورت کان سواءِ ٻئي ڪنھن سان ڳالهائڻ جو اتفاق نہ ٿيو. ساڳيو ناقل ٻڌائي ٿو تہ ھڪ ڏينھن ڪو مرد ٿورو پاڻي ڪنھن مائٽ جي عارضي جي شفا لاءِ پيالي ۾ وجھي حضرت غوث جي خدمت ۾ کڻي آيو. حضرت مخدوم آڱر شريف پاڻي ۾ وجھي ڪجھہ پڙھي دم ڪري سندس حوالي ڪيو ۽ چيائونس تہ اي مسلمان! تنھنجي اجازت کان سواءِ پاڻي ۾ آڱر آلي ٿي آھي بخشجو. تڏھن ھن عاجزي ڏيکاريندي بخشي ڇڏيو.

ھڪ ڏينھن حضرت مخدوم بخار جي اثر ڪري ڪمري جي پٽ تي گھر جي ڪنڊ ۾ ليٽيل ھئا. اتي گھر ۾ ننڍڙو ڇوڪرو جيڪو سندن حاضري جي لاءِ موجود ھو. تنھن کي چوڻ لڳا تون ۽ مان ٻئي خدا جا ٻانھا آھيون پر جيئن تہ تنھنجي ڪفالت جو ذمو اسان تي ۽ اسان جي خدمت تو تي لازم آھي تہ ٿورو پيئڻ لاءِ پاڻي کڻي اچ. ڇوڪرو کلندي لنوائي ھليو ويو



پر پاڻي کڻي نہ آيو. فرمايائون تہ الحمد للهٰ! سڄي عمر اِھو ئي ھڪڙو سوال ڪيوسون پر اھو بہ قبول نہ پيو.

ڳالھ ڪن ٿا تہ حضرت مخدوم معظم وٽ ھڪ مھمان آيل ھو ان لاءِ پاڻ اندر گھر تشريف کڻي ويا ۽ پڇيائون تہ طعام لاءِ ڪجھہ موجود آھي. گھر وارن چيو تہ گھڻو ڪجھہ آھي. پاڻ فرمايائون ھڪ سير؟ پاڪدامن سائڻ چيو تہ مخدومنا! سير کان وڌيڪ آھي. ھڪ ٻئي کان سوال جواب بعد ڳالھہ چئن سيرن تي پھتي. سائڻ چيو تہ مخدومنا! خدا جو ڏنو گھڻو ڪجھہ آھي. مخدوم صاحب فرمايو ايترو سامان گھر ۾ رکڻ توڪل جي خلاف آھي. بلڪ سڀاڻي لاءِ سامان رکڻ رزاق جي رزق ڏيڻ تي اعتبار ڪرڻ کان بعيد آھي. ان وقت ئي فقيرن کي آواز ڏنائون ۽ گھر وارن جي سامان سميت جيڪي ڪجھہ گھر ۾ ھون ٻاھر ڪڍي ڏئي ڇڏيائون. ھڪ ڏينھن ڪي بزرگ حضرت مخدوم معظم جي خدمت ۾ اچي گڏ ٿيا. وحدت جي حقيقت جا نڪتا ۽ فقر جي معنيٰ ۽ لطائفن متعلق گفتگو پئي ڪيائون. پاڻ ٻڌايائون تہ ھڪ ڏينھن وڏا درويش ۽ اولياء ھن فقير

جي حجري ۾ تشريف فرما ٿيا. انهن مان هڪڙي شيخ حسن بصري جي زباني ۽ ان امير ولايت حضرت علي ڪرم الله وجههٗ کان روايت ڪئي ته هڪ ڏينهن حضرت رسالتمآب ﷺ جي پيشاني مبارڪ ۾ اهڙو نور ڏٺم جو ان مان ارڙهن هزار جهانن جي جهلڪ مون تي ظاهر ٿيڻ لڳي. عرض ڪيم ته اي خدا جا حبيب! اڄ رات ڪٿي هُيوَ ۽ ڪهڙا مشاهدا ڪيوَ ۽ پاڪ روح جي ڪهڙي مبارڪ غذا هُئي جو فقط فرحت بخش ديدار سان ملڪ ۽ ملڪوت ۽ وما فيها مون تي ظاهر ٿيا آهن. فرمايائون ته اڄ تمام وڏي عزت واري معراج واري رات هُئي. جڏهن ان درگاهه عالي ۾ پهتس آسمان جي ستن طبقن ۽ عرش و ڪرسي کان گذرڻ بعد قَابَ قَوْسَيْنِ أَوْ أَدْنَىٰ (النجم:9) [ٻن ڪمانن کان به وڌيڪ ويجهو يا ان کان به گهٽ] جي مقام ڏانهن وڌندي قسمين قسمين دعائن ۽ مقدس ثنائن جا هديا پيش ڪيم ته هر جهت کان مالڪ الملڪ جي ڪيڪار جو اعزاز حاصل ٿيو. تڏهن پاڻ تي ۽ صالح ٻانهن تي سلام موڪلڻ سان هڪ آواز آيو ته نظر مٿي گهماءِ اتي هڪ صورت ڏٺم جنهن جي تجليءَ سان



زمين و زمان ۽ سمورا مڪين و مڪان گم ٿي ويا گويا هوش جو اختتام ٿي ويو. انهيءَ مهل مون کي مرادن جو جام پيارايائون. مناجات ڪيم ته فرمايائون 'تجرد تراني' ڏسندين يعني اها صورت جيڪا محسوس ڪيئي اها فقر جي صورت ۽ ذات جي تجلي آهي باقي جيڪو ڏُک پريئي سو عشق جي شراب جو ڏُک آهي جيڪو ان کي گهري ته تجرد جو ايثار ڪري ۽ تفرد اختيار ڪري. چو ته کائڻ پيئڻ جا ظاهري سامان حقيقي ديدار لاءِ حجاب آهن. انهن کان پري پڇڻ ملڪ ۽ دنيا جي محبت ۽ خودپسندي ۽ ريا کي تڙي ٻاهر ڪڍڻ سان احديت واري فردانيت نصيب ٿيندي آهي.

دانہ گندم ازمحا لات است
چون فشاندي بخاک دانہ جو

[ڪڻڪ جو داڻو نصيب ٿيڻ مشڪل ڳالهه آهي جڏهن تو مٽيءَ ۾ جوَ جو داڻو ڇَٽِيو آهي.]

'ڪشف الاسرار' ۾ آهي ته "اي احمد! جيڪڏهن ڪو ٻانهو آسمانن ۽ زمين وارن جيترين نمازون پڙهي ۽ ڪائڻ به ملائڪن وانگر ڇڏي ڏي تانجو ڪا به شيءِ نه ڪائي يا وري اوليائن عارفن وانگر عاريت جو لباس پائي. ليڪن هن وٽ ذري برابر به دنيا جي ڏيکاءَ تعريف، سُونهن يا ان جهڙو ٻيو ڪجهه ڏٺم ته ان کي پاڻ وٽ هرگز جاءِ نه ڏيندم ۽ ان جي دل مان پنهنجي محبت کي ڪڍي ڇڏيندس ۽ ان جي دل تي اونداهي وجهي ڇڏيندس، ايستائين جو مون کي وساري ڇڏيندو ۽ سلام هجن تو تي، تو لاءِ منهنجي رحمت ۽ معرفت آهي. "

جيستائين سالڪ سلوڪ توڙي فقر جي راهه ۾ لاڳاپن ۽ ٻين حائل شين کان ڇوٽڪارو نه لهندو ۽ ناسوت ۽ ملڪوت مان ترتيب وار لنگهي لاهوت تائين پوري واقفيت حاصل نه ڪندو يا رياضت ۽ خلوت ۽ اهڙيءَ طرح گهٽ ڪائڻ ۽ گهٽ سمهڻ کي پنهنجو دوست نه بڻائيندو يا شريعت طريقت ۽ حقيقت جي رستي تي ثابت قدمي سان نه هلندو ته هن راهه کي طي ڪرڻ مشڪل آهي.



چون ٿا ته فقر جي راهه ۾ هڪ هزار منزلون هولناڪ آهن هڪ قول مطابق چاليهه ۽ هڪ روايت موجب نوي ۽ هڪ عقيدي وارن وٽ  اٺ ۽ هڪڙن وٽ ست آهن يعني اهي سڀ ملڪ ۽ ملڪوت جي وچ تي عالم ناسوت واري نگاهه موجب رڪاوٽ ۽ جيستائين هو انهن منزلن مان گذر نه ٿو ڪري، تيستائين فقر جو سلطان ڪيس پنهنجي راهه مان گذرڻ نه ٿو ڏئي ۽ هر پيري در جي ٻاهران تڙي ڪڍي ٿو. هر مقام کي ان جي ضرورتن مطابق طي ڪرڻ گهرجي تان جو فقر جو خرقو مٿس پورو اچي پر جيڪڏهن هن جو اندر ٻاهر جو مخالف آهي ته منافق ۽ مرتد وانگر آهي پر جيڪڏهن ان جي ابتڙ هن جو اندر فقر جي حُليي سان سينگاريل آهي باقي ٻاهران خرقي کان خالي آهي ته ڪامل فقير آهي. ان ڪري حُسين ٿهيم چيو آهي ته فقر کي دنيا جي ظاهري پوشاڪ هيٺان ڳجهو رکڻ کپي ۽ نه دنيا کي فقر جي لباس جي هيٺان لڪائڻ گهرجي. [149] حديث پاڪ ۾ آيو آهي ته "ان الله لا ينظر اليٰ صورڪم ولٰڪن ينظر اليٰ قلوبڪم يعني بيشڪ الله تعاليٰ توهان جي صورتن ڏانهن

نٿو ڏسي پر توهان جي دلين کي ڏسي ٿو. اهڙن ڪٿ لڳل ڇهرن کي صاف ڪندڙ، عرفاني منزل واري ميان بهاؤالدين چيو آهي ته هڪ ڏينهن شيخ پرڪيو ڪاتيار جذب ۽ حال ۾ اچي چوڻ لڳو ته فخرالاسلام والمسلمين شيخ فخرالدين جي اولاد مان هڪ اهڙي شخص ظهور ڪيو آهي جيڪو هر وقت ٻن مشاهدن وارو آهي ۽ اسلاف مان اڪثر جي حال جي برخلاف هر شخص سان ان جي لياقت موجب گفتگو ڪرڻ وارو آهي تاهم عوام جي صحبت کان پاسو ڪرڻ ان جي اختيار ۾ نه آهي.

رکن الاسلام حقيقت ۽ معرفت جو صاحب ميان رکن الدين روايت ٿو ڪري ته هڪ ڏينهن جناب مطلق حضرت برگزيده فيض بخش يعني غوث الحق جي خدمت ۾ مخدوم بلال جو ذڪر نڪتو ته جنهن جاءِ تي فخر موجودات سان مُلاقات جو شرف حاصل ٿيس اُتي ئي حجرو بڻائي خلوت اختيار ڪئي اتس ۽ هر عام و خاص لاءِ در بند ڪري خدا تعاليٰ جي عبادت ۾ مشغول ٿي ويو آهي ته جيئن پيهر ان سرمدي دولت ۽ ابدي سعادت کي حاصل ڪري سگهي. اهو ٻڌي پاڻ چيائون



ان ڪريم ذات طرفان بغير سبب ملندڙ بيشمار عنايتن سان فقير جي هيءَ پوري مسجد اهڙوئي حجرو آهي ۽ ان برڪت جي ڪري هر جاءِ ۽ هر ڪُند رُتبن کي پهتل آهي ۽ جوامع الڪلم حضرت خير الاُمم جي ذات بابرڪت سان ممتاز ۽ سرفراز ٿيل آهي.

رکن الاسلام معرفت ۽ حقيقت جو صاحِب ميان رکن الدين روايت ٿو ڪري ته هڪ ڏينهن مڪاشفي وارن جي عارف شيخ پرڪيي ڪاتيار جي فصاحت واري زبان کان ٻُڌم ته حضرت غوث الحق جي حال جو هڪ خاص پهلو اهو آهي جو خلق کان اجتناب نه ڪرڻ ۽ گهڻي عبادت نه ڪرڻ جي باوجود بظاهر معلوم ٿو ٿئي ته بارگاهه الاهي ۾ مقبول ۽ محبوب آهن ۽ بارگاهه نبوي جي مهربانين ۽ شفقتن جا منظور نظر آهن. اهو ئي سبب آهي جو خاص الخاص روحاني مقام تي پهتل آهن. ”انه يعلم الجهر و ما يخفيٰ“ [بيشڪ اهو ڄاڻي ٿو هر ڪليل ۽ لڪل کي] ۽ ”الانسان سرّي وانا سرّه“ يعني انسان منهنجو ڳجهه آهي ۽ مان ان جو ڳجهه

میان خاصگان مخصوص

رمزیست

کراماً کاتبین را هم خبر نیست

[خاص ٻانهن جي وچ ۾ خاص رمزون آهن جن جي ڪراماً ڪاتبين ملائڪن کي بہ خبر نہ هوندي آهي.]

نقل: زماني جي سچن راوين ۽ قصن ڪهاڻين بيان ڪندڙن کان ٻڌو ويو آهي تہ جبروتي معرڪن جون صفون چيريندڙ ۽ لاهوتي ميدان جو جوان مرد مخدوم نوح عليه الرحمة ظاهري طور وظيفن ۽ نفلن جي ادائگيءَ ۾ جلدي ۽ تڪڙ ڪندا هئا. ان ڪري دين محمدي جا ڪار فرما ۽ ملت احمدي جا ظاهر پرست عالم گهرندا هئا تہ ﴿كُنْتُمْ خَيْرَ أُمَّةٍ أُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَأْمُرُونَ بِالْمَعْرُوفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ﴾ (آل عمران: 110) [توهان ڀلي امت آهيو جو ماڻهن لاءِ آندي وئي آهي نيڪيءَ جو حڪم ڪيو ٿا ۽ برائيءَ کان روڪيو ٿا.] جي آيت مطابق عبادتن جي اڻ پوري ادائگي ۽ گهٽ توجهہ جي ڪري مخدوم صاحب کي امر ۽



نهيءَ جي تبليغ ڪن. هڪ ڀيري خطري وارين وادين کان بيخبر اهڙن ظاهر وارن مان هڪڙي عالم سڳوري جماعت کي صبح جي نماز پئي پڙهائي ۽ جڏهن آخري قعدي ۾ ويٺل هو تہ غوث الحق پهچي ويا. "لا تتركوا سنة الفجر ولو طردتكم الخيول" يعني فجر جون سنتون نہ ڇڏيو توڙي جو اوهان کي گهوڙا لتاڙين جي ضرورت مطابق پاڻ بہ رڪعتون فجر جي سنت جون جوڙي انهن کي پورو ڪري امام کي ان ئي قعدي ۾ پهتا. اهڙيءَ صورت ۾ ان اڻ پوري امام ملامت ۽ نالائقي واري زبان سان مخاطب ٿيندي مخدوم صاحب کي چيو تہ فرض نماز اطمينان سان پڙهڻ لازم آهي ۽ انهيءَ دير ۾ ڪهڙي قرأت ڪئي هوندؤ. فرمايائون دائمي ترتيب وارو وظيفو ۽ طريقو رڪان ٿو ۽ ان موجب ٻن مان پهرئين رڪعت ۾ سورة بقره ۽ ٻيءَ ۾ سوره آل عمران پڙهندو آهيان. انهيءَ جواب سان امام جي دل کي هيڪاري گهڻي تڪليف پهتي چيائين: اي مخدوم! اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي. فرمايائون تہ ڪن فقيرن جي جسم جي هر وار تي زبان هوندي آهي ۽ هر زبان ۾ ڪيئي بيان ۽ جڏهن قرآن مجيد کي عالي

مقصد خاطر پڙهڻ يعني فرقان حميد جي تلاوت جو ارادو ڪندا آهن ته هر وار ڪي هڪ هڪ حرف جو حصو نصيب ٿيندو آهي. چو ته سموري قرآن جا حرف انسان جي جسم جي وارن جيترا هوندا آهن. ان طرح لازمي طور هڪ قول سان نازل ٿيل پورو قرآن اختتام پذير ٿيندو آهي ۽ "**طيّ لسان**" يعني زبان جي ويڙهجڻ جي به اها ئي معنيٰ آهي بلڪ شير خدا حضرت علي ابن ابي طالب جي قرآن جو ختم به ائين هو جو جڏهن سواري تي چڙهندي هڪ رڪاب ۾ پير پائيندو هو ته منڍ کان شروع ڪري ٻئي رڪاب ۾ پير وجهڻ تائين ختم قرآن پورو ڪندا هئا.

ڳالهه ٿا ڪن ته غوث الحق کي ٻڌايائون ته مخدوم ساهڙ لنجار ظاهري بي وضو ۽ ناپاڪائيءَ ۾ ميري مٽي هئڻ جي باوجود نئون وضو نه ٿو ڪري ۽ چوي ٿو ته منهنجي وضوءَ جو پاڻي اهڙي جاءِ کان آهي جو اصلي نه ٿو پيچي. فرمايائون ته صحيح ٿو چوي ۽ انهيءَ ڳالهه جي دعويٰ ۾ سچو آهي. اصل ۾ بعض فقرا اهڙا آهن جيڪي ان جاءِ سان جڙيل آهن جتان هڪ



پيرو وضو ۽ غسل ڪري ڇڏيندا آهن پر پوءِ به شريعت مبارڪ جو طريقو هٿان نه ڇڏيندا آهن ۽ ظاهري وضوءَ جي تجديد به ڪندا رهندا آهن. اهو به بيان ڪيائون ته ساڳيو مخدوم گاهه جي داڻن ڪانسواءِ ڪجهه نه ٿو نوش ڪري. فرمايون ته ان جي قسمت ۾ ناهي جو ان جو نصيب ٿئي. "**النصيب يصيب ولو ڪان بين الجبلين وغير النصيب لايصيب و لو ڪان تحت الشفتين**" [نصيب ملندو توڻي جو ٻن جبلن جي وچ ۾ هجي پر جيڪو نصيب ۾ ناهي ته اهو نه ملندو ڀلي ٻن چپن جي وچ ۾ هجي.]

آنچہ نصيب ست بتو ميرسد
گر نه ستاني به ستم ميرسد

[جيڪا شيءِ تنهنجو نصيب آهي توکي ملندي توڙي جو تنهنجي مرضي نه هجي. پر اها زبردستيءَ توکي ملندي.]

اها ڳالهه حق تعاليٰ وٽ مرتبي ۽ مان جي نشاني ڪونهي چو ته گهڻو ڪائڻ جانورن جي عادت آهي ۽ گهٽ ڪائڻ

چڱن ۽ نيڪن جي عادت آهي. **"اعروا اجسادڪم واظمؤا اڪبادڪم ترؤ الله عياناً"** يعني پنهنجن جسمن کي هيٺو ڪيو ۽ پنهنجن جگرن کي پياسو رکو ته **الله** تعاليٰ کي چٽو ڏسندؤ.

جان محمد [150] جيڪو بارگاهه الاهي ۾ اڪمل واصلين مان هو روايت ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حقيقتن جي آسمان جو نيڪ بخت تارو مخدوم جعفر بوبڪائي ننڍي شهر وڃڻ جي ارادي سان ٻيڙيءَ تي پئي ويو. جڏهن ٻيڙيءَ جو گذر هالاڪنڊيءَ کان ٿيو ته اتفاق سان حضرت غوث الحق درياءَ جي ڪناري تي موجود هئا. ملاقات دوران تمام ڏکهي گفت وشنيد ٿي ۽ احاديث مبارڪ بابت بيشمار ڳالهين ڪرڻ بعد آخر ۾ ڪانئس غوث الحق پڇيو ته رحلت کان پوءِ يعني محشر جي ڏهاڙي شفيع المذنبين پيغمبر سڳوري کي مٿي جي هنن اکين سان ڏسڻ تي اعتبار رکو ٿا يا نه؟ چيائين ته نه! ان تي پاڻ چيائونس اوهان جي ڳالهه جو اعتبار ڪريون يا سيدالابرار جي ديدار تي جو پاڻ کي ڪيترا دفعا نصيب ٿيو آهي ۽ ان جي پڪ آهي. جواب ڏنائين ته **"العلماء ورثة الانبياء"** يعني عالم نبين جا



وارث آهن جي مطابق علماء کي واقعي ۽ محل جي لحاظ کان اهميت ڏيڻ گهرجي ڇو ته هو جيڪي چون ٿا واقعي ۽ نفس الامر جو بيان ڪن ٿا ڇو ته ظاهر باطن کان سواءِ ۽ باطن ظاهر کان سواءِ ناهي. اصل ۾ ولايت جي مرتبي تي فائز جي جڏهن غفلت ۽ ننڊ ختم ٿيندي آهي ۽ جڏهن تلوين تمڪين ۾ تبديل ٿيندي آهي ته ان حال ۾ سرورِ ڪائنات جي ذات کي ۽ خداوند اڪبر جي ذات کي مٿي واري اک سان ڏسڻ واقع ٿئي ٿو. پر ظاهري عالمن وٽ اک لڳي ته بيداري وئي ۽ جيتري دير به ڪو بيدار نه آهي ته خواب جي حڪم ۾ آهي توڙي جو بي خوابي آهي. فرمايائون ها ڳالهه صحيح آهي پر اڪثر ماڻهو گمراهه ۽ هدايت جي واٽ کان پري آهن.

**نقل** آهي ته حضرت غوث الحق جي هڪ نياڻيءَ عاجزه محترمه بيبي مريم مير سيد عبدالله متعلوي جي نڪاح ۾ آيل هئي پر جڏهن هوءَ پيءَ جي خدمت ۾ ايندي هئي ته مخدوم صاحب سندن تعظيم ۾ اٿي بيهندا هئا. هن ڪيترائي ڀيرا عرض ڪيو ته جڏهن اسان توهان جي اولاد آهيون ته پوءِ اها

تڪليف ڇا لاءِ ٿا ڪيو. فرمايائون ته توهان جي لاءِ نه ٿا اُٿون پر توهان سان گڏ پيٽ ۾ هڪ موتي آهي ان جي تعظيم اسان تي واجب آهي.

سيد اسماعيل بخاري روايت ٿو ڪري ته هڪ ڏينهن مخدوم معظم صحرا جي طرف ڪافي پري نڪري ويا هي فقير به سندن پويان هيو. اوچتو درياءَ جي ڪناري واري جهنگل منجهان هڪ تتر نڪري اچي سندن پيرن تي ڪريو ۽ پنهنجي مٿي تي مٿي وجهڻ لڳو. مخدوم معظم برڪت واري نظر وجهندي، مون کي چيو ته وڃ ۽ تتر جي تڪليف دور ڪر. اتي وڃي ڏٺم ته هڪ ڪارو نانگ تتر جو آنو ڪائي ان جي آکيري ۾ سُتل هو. مون پري کان بيهي سڏ ڪيو ته تو کي مخدوم نوح گُهرايو آهي. اهو ٻڌڻ سان نانگ اڳ ۾ رستو ورتو ۽ مان تِتر جي پٺيان هلڻ لڳس تانجو تئي غوث الحق جي خدمت ۾ پهتاسون. نانگ اطاعت جي چيلهه چُست ڪري پُڇڙي مٿي ڪري مٿي پر بيهي رهيو. پاڻ چيائونس ته اي نانگ! خدا کان به نه ڊنين جو ويچاري تتر کي آکيري مان ٻاهر ڪڍيئي ۽ ان جي



ٻچي کي ڪائي ۽ ان جي ٿي گهر ۾ آرام سان ويهي رهين. نانگ اهي الفاظ ٻڌڻ سان بي اختيار ٿي پاڻ کي اهڙو وٺي زمين تي سَٽِيو جو اتي ئي مري ويو ۽ تتر پنهنجي آکيري جو رستو ورتو. مون عرض ڪيو ته نانگ کي روڪيوَ ڇو نه ته پاڻ کي نه ماري ها! فرمايائون ته پنهنجي غلطيءَ تي واقف ٿيڻ بعد خالق جي خوف کان ساهه ڏئي ڇڏيائين ۽ موت جي تڪليف کان نجات لڌائين ورنه ڪنهن ايندڙ عذاب ۾ مبتلا ٿئي ها.

**نقل** آهي ميان ڪبير محمد کان ته غوث الحق ڪڏهن ڪڏهن اوچتو بيابان ڏانهن نڪري ويندا هئا ۽ ڪو به خادم پاڻ سان گڏ نه ڪٽندا هئا. پر هڪ ڏينهن دوستن مان ڪو هڪ انتهائي شوق وچان صبح سوير سندن پٺيان لڳو. جڏهن درياءَ جي ڪناري تي پهتا ته اتان نئون وضو ڪري ان وٽندڙ جڳهه تي به رڪعتون ادا ڪري ويهي رهيا. اوچتو هوا مان هڪ شخص نوراني لباس سان ظاهر ٿيو ۽ اچي سندن اڳيان ويٺو پاڻ ان جي اچڻ ڪري نه اُٿيا. پر موڪلائڻ وقت انتهائي هيٺانهين ۽ مسڪراهٽ وچان تعظيم جي رسمن ۾ اڳرائي ڪيائون. آخر اهو

دوست جيڪو هن وقت تائين لڪو ويٺو هو ٻاهر نڪري آيو. تڏهن حضرت جن ڪيس چوڻ لڳا ته اهو شخص جيڪو نوراني پوشاڪ ۾ ڏٺئي غوث الثقلين شيخ عبدالقادر جيلاني هو سندس سعادت ڀري آمد وقت تعظيم وتڪريم ۾ گهٽتائي جو سبب اهو هو ته حضرت رسالتمآب عليه الصلاة والسلام نوراني پوشاڪ پهري فقير جي گوڏي تي ٽيڪ ڏيئي تشريف فرما هئا. ان وقت الاهي نوازشن جي لامحدود بارش ٿي رهي هئي، جنهن جو تفصيل يا اجمال بيان کان ٻاهر آهي.

ٻيو نقل ساڳئي ميان ڪبير محمد کان هن ريت آهي ته هڪ ڏينهن حضرت غوث الحق جا دوست احباب هڪ محفل ۾ اسلاف جي حقيقت و معرفت جي احوالن ۽ اڳوڻن زاهدن جي باري ۾ گفتگو ڪري رهيا هئا. اتي موجود حاجي الحرمين حاجي زڪريا گفتگو ڪي بلاغت انگيز انداز ۾ اڳتي وڌائيندي چوڻ لڳو ته مون سيد السادات سيد طيب جي زبان کان ٻڌو ته ڪي چوندا هئا ته مان ساداتِ عظام جي پشت جي سلسلي مان آهيان ۽ ننڍپڻ ۾ جهنگلن ۾ ڦرندو رهيس ۽ ڪيترن قسمن



جون سخت محنتون ۽ رياضتون ڪندو رهيس ته جيئن وقت جي مخصوص چاليهه عارفن جي جماعت ۾ شامل ٿيان. مون هر قسم جون صعوبتون برداشت ڪيون ۽ هر قسم جي ڪاڏي پيتي کان پرهيز ڪيم ۽ روحاني طور گهڻي ڪوشش ڪيم پر ذاتي حضور جي درجي تائين جيڪو صفات ڪُليه کان آزاد چون تا حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيس ان راهه [151] کان نا اُميد ٿي پنهنجي جڳهه تي موٽي آيس ۽ گهڻن جي آڌو سالڪن جي سلوڪ ۽ عابدن واري راهه انهيءَ اميد سان اختيار ڪيم سان ته منزل مقصود جو آئينو شايد ڪٿي نظر اچي وڃي. آخر حضرت غوث الحق جي برڪت فيض اثر جي خبر پئي تڏهن بنا ڪنهن دير جي هالاڪنڊي جي شهر جو رخ رکيم جيڪو سندن مسڪن آهي. بس اصلي مطلوب ۽ مقصود واري گلشن جي خوشبو سُنگهڻ سان ئي منهنجي ساهه جي اندر اهو احساس پهچي ويو. پاڻ کي چوڻ لڳس ته **”اني لاجد ريح يوسف“** يعني بيشڪ مون کي يوسف جي خوشبو اچي ٿي مطابق جنهن چانداڻ واري نظر لاءِ آءُ سکي رهيو هوس ته ان ۾ ڪامياب ٿيڻ

وارو آهيان. اُها ڪاميابي جنهن جي طلب ۾ سالن جا سال ڪشالا ۽ منزلون طي ڪندو رهيس، مون محسوس ڪيو ته جنهن جي ڳولا ۾ هيس اهو سڀ ملي ويو. مون کي تڏهن پتو پيو ته پاڻ ننديپڻ کان انتقال تائين يعني هن دنيا کان هميشه واري هنڌ پهچڻ تائين ڪو به ڪم شريعت سڳوري ۽ سنت جي خلاف نه ڪيائون. پاڻ خاص مجلس ۾ توڙي عام مجمعي ۾ تفسير قرآن جي اسرارن ۽ رموز جي بيان کان سواءِ حديثن جي بيان ڪرڻ ۽ مشهور مفسرن تائين محدود نه رهندا هئا. بلڪ هر راز کي پنهنجي انداز ۾ بيان ڪندا هئا جنهن جا آثار هميشه لاءِ يادگار آهن ۽ رهندا. شال الله تعاليٰ! مسلمانن جي ساهن جي ڳڻپ برابر مٿن رحمتون ۽ برڪتون نازل ڪري.



**ڪ/س ثالث (ٽيون پيالو)**

**جهري (ڏاڍيان) ۽ سرّي (هوريان) ذڪر جي فضيلت ۽ اطاعت جي ڪلمي جي باري ۾.**

شهود ۽ استغراق جي اونهي درياءَ جو غواص وجود مطلق جي باغن جي بهار، ذات مطلق جي رضا ۾ غرق مخدوم غوث الحق حقائق جا راز کوليندڙ ڪلام قديم جي آيت جا حق ادا ڪندڙ قابلِ تڪريم ڪتاب جي آيت **فَاذْكُرُونِي أَذْكُرْكُمْ** (البقرة: 152) [پوءِ مون کي ياد ڪيو ته مان اوهان کي ياد ڪيان.] جي معرفت نما مضمون جي تفسير ۾ فرمايو آهي ته مون کي زباني ذڪر سان ياد ڪريو ته آءٌ توهان کي قلبي ذڪر جي توفيق ڏيڻ سان ياد ڪيان، مون کي روحي ذڪر سان ياد ڪيو ته آءٌ اوهان کي سرّي ذڪر سان ياد ڪيان. هن امام زاهد لائق تڪريم قول **فَإِذَا قَضَيْتُمُ الصَّلَاةَ فَاذْكُرُوا اللَّهَ قِيَامًا وَقُعُودًا**

**وَعَلَىٰ جُنُوبِكُمْ** (النسآء: 103) [پوءِ جڏهن توهان نماز ادا ڪري چڪا ته **الله** ڪي بيٺي ۽ ويٺي ۽ پاسن ڀر ليٽندي ياد ڪريو.] جي تفسير ۾ ”**في اليل والنهار والبر والبحر والسفر والحضر والسر والجهر**“ يعني رات ۽ ڏينهن ۾، خشڪي ۽ پاڻيءَ ۾، سفر ۽ حضر ۾، آهستي ۽ ڏاڍيان. ڪي شامل ڪيو آهي ۽ ’بحرالدرر‘ واري هن آيت **فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ** (النصر: 3) [پوءِ پنهنجي رب جي حمد سان تسبيح بيان ڪر.] ۾ ”ارفع بذڪر **الله**“ ڪي ساڳيءَ طرح آندو آهي. ساڳيءَ ريت **إِنَّ إِبْرَاهِيمَ لَأَوَّاهٌ حَلِيمٌ** (التوبة: 114) [بيشڪ ابراهيم عاجزي ڪندڙ آهي.] جو تفسير ”**الاوّاه هوالذي يرفع الصوت بالذڪر**“ يعني ”الاوّاه“ اهو آهي جيڪو ڏاڍيان آواز سان ذڪر ڪري. ڪيو آهي ۽ **وَاذْكُرْ رَبَّكَ فِي نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَخِيفَةً وَدُونَ الْجَهْرِ مِنَ الْقَوْلِ** (الاعراف: 205) [۽ پنهنجي رب ڪي پنهنجي دل ۾ ياد ڪر عاجزي ۽ خوف سان ۽ بغير آواز ڪڍڻ جي زبان مان.] واري آيت شريفه **وَعَلَّمَكَ مَا لَمْ تَكُنْ تَعْلَمُ** (النسآء: 113) [۽ ڄاڻايائين اهو سڀ ڪجهه جيڪو نه ڄاڻندو هئين.] عاليشان معلم جي بارگاهه پر شڪوه سان



مخصوص آهي يعني شاهي تخت تي ويهڻ سان يا وري منسوخ آهي. **ادْعُوا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَخُفْيَةً إِنَّهُ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِينَ** (الاعراف: 55) [پنهنجي رب کان دعا گهر عاجزي سان ۽ آهسته بيشڪ حد لنگهندڙ ان ڪي پسند ناهن.] واري جامع آيت ۽ ناسخ آيت دعا آهي. دعا سرگوشي آهي ۽ اخفا سرگوشي ڪي لازم آهي. انهيءَ معنيٰ جي تائيد ڪندڙ ’سراجيءَ‘ جو هيءُ قول آهي ته ”**الاخفاءِ في الدعاء مستحب والجهر بدعة**“ يعني دعا ۾ اِخفا مستحب آهي ۽ ڏاڍيان بدعت آهي. يا وري ”ادعوا“ مان مقصود ”اذڪروا“ آهي ۽ خُفيه مان مراد ذڪر سرّي ۽ ”**انه لايحب المعتدين**“ [بيشڪ اهو حد لنگهندڙن ڪي پسند نٿو ڪري.] مان مراد مؤمنن ڪي بد دعا ڪندڙ آهن. جهڙي طرح ’تفسير مشتري‘ ۾ آهي ته ”**ادعوا ربڪم تضرعاً اي علانيته و خفيه اي سراً انه لايحب المعتدين اي لايحب من اعتدي بدعاء السوء**“ يعني پنهنجي رب ڪي ڏاڍيان سڏيو يعني ڏاڍيان ۽ آهستي يعني آهستي بيشڪ هو حد ٽپندڙن سان محبت نٿو ڪري يعني جيڪو بد دعا ۾ حد ٽپي ٿو ان ڪي پسند نٿو ڪري. ان تي

پهريون دليل آهي ۽ ’تفسير ڪبير‘ ۾ آيت ڪريم **فَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَذِكْرِكُمْ آبَاءَكُمْ أَوْ أَشَدَّ ذِكْرًا** (البقرة: 200) جي معنيٰ ۾ آهي ته جيئن توهان پنهنجي ابن ڏاڏن جو وڏي واڪي ۽ فخريه ۽ وڏائي واري انداز ۾ ذڪر ٿا ڪيو ائين هڪ بي نياز خدا جو ذڪر به واجب ۽ لازم آهي.

ڪتاب ’عين العلم‘ ۾ آهي ته حضرت سيد المرسلين عليه افضل صلواة المصلين ساقي ڪوس بحار التحقيق يعني حضرت صديق رضي **الله** عنه کان ذڪر خفي جي نيت جي باري ۾ پڇيائون. هن چيو **”اسمع من انادي“** يعني جنهن کي سڏيان ٿو ان کي ٻڌايان ٿو. حضرت خير البشر وري پاڻ حضرت فاروق عمرؓ کان پڇيو ته ذڪر جلي جي باري ۾ اوهان جي نيت ڇا آهي هو چوڻ لڳو **”اوقظ الوسنان واطرد الشيطان“** يعني سُتلن کي جڳايان ٿو ۽ شيطان کي تڙيان ٿو. هڪ حديث ۾ آهي ته حضرت علي المرتضيٰ بارگاهه نبوي صلوات **الله** وسلام عليه و علي من لديه ۾ عرض ڪيو ته مون کي اهو رستو ڏيکاريو جيڪو **الله** تعاليٰ وٽ آسان ۽ قريب ترين هجي. فرمايائون اها



شاهراهه خدا جي ذڪر جي اسان جي بعثت واري آهي جنهن ۾ مالڪ ذوالمنن سچ وانگر هر وقت ظاهر ظهور ۽ هر شيءِ ۾ آهي يعني **وَإِنْ مِنْ شَيْءٍ إِلَّا يُسَبِّحُ بِحَمْدِهِ** (بني اسرائيل: 44) [۽ ناهي ڪا به شيءِ مگر ان جي حمد جي تسبيح بيان ڪري ٿي.] جو تڪرار صاف ظاهر آهي ته ڪا به شيءِ اهڙي ناهي جيڪا خدا جي ذڪر ۾ رڌل ناهي يا اهو ان جي عضون ۽ حصن. جُزن ۽ پاڳن ۾ جاري ۽ ساري ناهي. انهيءَ سلسلي ۾ معتبر تلقين مطابق پنهنجو هٿ مبارڪ امير جي هٿ ۾ ڏئي، ٽي ڀيرا لااله **الاالله** جو ڪلمو مني زبان تي آڻي مني بيان تي آڻي فرمايائون: **”هٰڪذا القن الذڪر“** يعني ائين ئي ذڪر جي تلقين ڪيائين. ’تبيان سوادي‘ ۾ آهي تڪ **”ان النبي ﷺ ڪان اذڪار والتهليل والتسبيح بعد الصلواة“** ائين ’صحيح ابن داؤد‘ ۽ ’نسائي‘ ۾ عبدالله بن زبير جي روايت سان آهي ته خاص خلعت عطا ڪندڙ ۽ **”انا اوتيت جوامع الڪلم“** يعني مون کي جامع ڪلما ڏنا ويا آهن. [152] گويا جيڪي آسماني ۽ قدسي ڪلما آهن. **”معلم لااله الاالله وحدهٗ لا شريڪ لهٗ له الملڪ وله الحمد و هو عليٰ ڪل**

**شيءِ قدير ولاحول ولاقوة اليٰ بالله ولا نعبدُ الا اياه مخلصين له الدين ولو كره الڪافرون.*** يعني ناهي ڪو معبود مگر الله تعاليٰ اڪيلو آهي ان سان ڪو شريڪ ناهي ان لاءِ بادشاهي آهي ۽ ان لاءِ تعريف آهي ۽ اهو ئي هر شيءِ تي قادر آهي. ناهي شر کي ڦيرائيندڙ طاقت ۽ نيڪي ڏيندڙ طاقت مگر الله تعاليٰ ۽ نٿا عبادت ڪيون مگر خاص ان جي، خالص ڪندي ان لاءِ دين کي توڙي جو ڪافر نا پسند ڪن. اهو سڀ ڪجهه نماز کان بعد بلند آواز سان چيائون.

'بخاري' ۽ 'مشڪوٰة المصابيح' ۾ حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته مان پنهنجي ٻانهي جي گمان مطابق آهيان ۽ مان ان سان گڏ هوندو آهيان جنهن وقت هو مون کي ياد ڪندو آهي پوءِ جيڪڏهن هو مون کي دل ۾ ياد ڪندو آهي ته مان به ان کي دل ۾ ياد ڪندو آهيان پر جيڪڏهن هو مون کي ماڻهن جي ميڙ ۾ ياد ڪندو آهي ته مان ان کي اهڙي جماعت ۾ ياد ڪندو آهيان جيڪا ان کان ڀلي آهي. 'مسلم شريف' ۾ حضرت اُبيؓ ۽



ابوسعيد خدريؓ کان روايت ته نبي ڪريم ﷺ فرمايو اهڙي ڪا قوم ناهي جيڪا الله تعاليٰ کي ياد ڪري ۽ ان جي ملائڪ حفاظت نه ڪن بلڪ انهن کي الله جي رحمت ڍڪي ڇڏي ٿي ۽ انهن تي سڪون واري ڪيفيت نازل ٿئي ٿي ۽ انهن کي الله تعاليٰ اهڙي حال ۾ ياد ڪري ٿو جيڪو ان وٽ آهي. 'بيهقي' ۾ حضرت عبدالله بن فضيل رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ فرمايو اهڙي ڪا قوم ناهي جيڪا جڏهن گڏ ٿي الله تعاليٰ جو ذڪر ڪري ته انهن کي آسمان مان سڏيندڙن مان ڪو سڏ نه ڪري ۽ چوي ته اُٿو توهان بخشجي ويا آهيو. بيشڪ توهان جون بُرايون نيڪين ۾ مٽايون ويون آهن. حضرت ابوسعيد خدري رضي الله تعالي عنه کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ فرمايو الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن فرمائيندو اڄ عنقريب اهل جمع اهل ڪرم وارن کي ڄاڻي وٺندا. پوءِ چيو ويندو ته اهي اهل ڪرم ڪير آهن. جواب ايندو ته اهل ڪرم مسجدن ۾ ذڪر ڪرڻ وارا آهن. 'بيهقي' ۾ حضرت زيد رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي پڇيائون خشوع خضوع وارا

ڪتي آهن. مان نبي ڪريم ﷺ سان گڏ چانڊوڪي رات مسجد ۾ هڪ مرد کي ڏٺو جيڪو وڏي آواز سان ائين ذڪر ڪري رهيو هو گويا ڏيکاءُ ڪري رهيو هجي. ان تي پاڻ ﷺ فرمايائون ته نه. هو پاڏائي رهيو آهي.

'نوادر الاصول' جي 262 فصل ۾ حضرت ابن عمر **رضي الله تعاليٰ** عنها کان روايت آهي ته رسول **الله** ﷺ جن فرمايو ته خفي ذڪر جي اجازت آهي پر افضل جلي يعني وڏي آواز سان آهي. 'شرعة الاسلام' ۾ آهي ته **الله تعاليٰ** جو ذڪر نفس تي سخت عملن مان آهي ۽ ان جو وڏو اجر آهي ۽ اهو دل کي صاف ڪندڙ اوزار آهي. ايمان جو علم آهي ۽ نفاق کان ڇوٽڪارو ڏيندڙ آهي. اهو عبادت جو مغز آهي ۽ ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي. بلڪ سنت مان دل جي حضوري ۽ اندر جي سچائي ثابت آهي. ليڪن هيءَ ڳالهه به سنت ۾ آهي ته ذڪر ۾ اخفا (لڪ) هجي ڇو ته اهو ظاهري ذڪر تي فضيلت رکي ٿو ۽ خفي ذڪر پاڪ خوشبوءِ کان سواءِ نٿو سڃاپجي ۽ افضل ذڪر وڌيڪ چڱو آهي. اُهو **لااِلٰه الاالله** جو ڪلمو آهي ۽ انجو آواز ايترو



بلند ڪجي ته جيئن هر عضوو ان ۾ حصيدار ٿئي ۽ غافلن لاءِ ذڪر غنيمت آهي جيڪو رڳن کي تازو ڪندڙ آهي. ڪتاب 'روضة العلماءِ' جي 81 باب ۾ حضرت ابن عمر رضي **الله تعاليٰ** عنه کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ فرمايو جنهن **الله** تعاليٰ جي راهه ۾ آواز بلند ڪيو ته ان لاءِ **الله تعاليٰ** وڏو رضامندو لکي ڇڏيندو ۽ جنهن لاءِ **الله** تعاليٰ وڏو رضامندو لکندو ته هن کي **الله** تعاليٰ حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ سمورن نبين جي درميان عزت واري جڳهه ۾ جمع فرمائيندو. جتي اهو شخص انهن مان هوندو جيڪي صبح شام پنهنجي رب جي طرف ڏسندا آهن. اهڙي طرح 'شمالي' ۾ آهي ته "**ادْعُوا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَخُفْيَةً** " [پنهنجي رب کي

عاجزي ۽ هوريان يعني آهستي سڏيو.] يا فرمايو ويو آهي ""**واذڪر ربڪ في نفسڪ تضرعاً وخيفة وّدون الجهرمن القول**" [پنهنجي رب کي پنهنجي دل ۾ عاجزي ۽ آهستگيءَ سان ياد ڪر بلڪ وڏي آواز کي ڇڏي ڏي.] اهي ٻئي آيتون اسلام جي شروع ۾ نازل ٿيون هيون. ڇو ته ان وقت آذان ۽ نماز ۽ ڏاڍيان قرأة ۽

اهڙيءَ طرح ذڪر ۽ تسبيح ۽ تهليل کي مخفي رکندا هئا.
ليڪن اسلام جي ڦهلجڻ ۽ عروج واري وقت هي آيت نازل ٿي:
**سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْاَعْلَى** (الاعلي: 01) [پنهنجي بلند رب جي اسم جي تسبيح بيان ڪر. يعني پنهنجي رب جي ذڪر سان آواز بلند ڪر. 'شعب الايمان' ۾ حضرت ابيّ رضي **الله** تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته رسول **الله** ﷺ فرمايو **الله** تعاليٰ جو گهڻو ذڪر ڪيو تانجو منافق اوهان کي پلي ڏيکاءُ وارو چون. **'الاربعين المسمي مکالة الرسول في الاصول المشتمل علي الاعشار'** ۾ پڻ آهي ته نبي ڪريم ﷺ فرمايو وڏي آواز سان ذڪر ڪندڙ اهي آهن جيئن ڪي ظاهري دشمنن سان جنگ ڪندا هجن ۽ جيڪي هوريان ذڪر ڪن ٿا اُهي اهي آهن جڻ باطني دشمن سان جنگ ڪندڙ هجن. پاڻ سڳورن فرمايو جيڪو **الله** تعاليٰ جي ذڪر تي هميشگي ڪندڙ آهي اهو پنهنجي دشمن تي غالب رهندو ۽ جيڪو **الله** تعاليٰ جي ذڪر تي هميشگي نه ڪندو ته ان تي دشمن غالب رهندا. پاڻ سڳورن فرمايو جلّي (ڏاڍيان) ذڪر ۾ ڏهه فائدا آهن: 1. دل جي صفائي



2. غافلن کي تنبيهه 3. بدن جي صحت 4. **الله** تعاليٰ جي دشمن سان جنگ جوٽڻ 5. دين کي غالب ڪرڻ 6. نفساني وسوسن جي نفي 7. شيطاني کُٽڪن کي ٽارڻ 8. **الله** تعاليٰ ڏانهن متوجهه ٿيڻ 9. **الله** تعاليٰ جي غير کان منهن موڙڻ ۽ 10. انهي ذڪر سان **الله** پاڪ بندي ۽ پنهنجي درميان پردا ڪٽي ڇڏيندو آهي. پاڻ سڳورن ائين به فرمايو **الله** تعاليٰ ڏانهن ڪئين رستا آهن انهن مان بهترين رستو ان جو ذڪر آهي، جنهن جي شيخ تلقين ڪندو آهي ۽ پاڻ فرمايائون جيڪو دنيا ۽ آخرت جو ارادو ڪري ته ان کي گهرجي ته **الله** تعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول رهي ۽ ٻين کان منهن موڙي ڇڏي. وڌيڪ پاڻ فرمايائون جيڪو ارادو رکي ٿو ته پنهنجي رب کي دنيا ۾ ظاهر ظهور ڏسي ته ان کي گهرجي ته **الله** تعاليٰ جي ذڪر ۾ گهڻو مشغول رهي ۽ ان جي غير کان منهن مُوڙي. ائين به فرمايو اٿن ته جيڪو حقيقي ايمان جو ارادو ٿو رکي ته پنهنجي رب کي ڏسي ته **الله** تعاليٰ کي هميشگي واري ذڪر کان سواءِ ۽ ان جي غير کان منهن موڙڻ کان سواءِ ڏسڻ ممڪن ناهي.

جيڪو ٻانهو ذڪر تي هميشگي ڪري ٿو تہ مٿس جنت جا در کُلي پوندا آهن ۽ الله تعاليٰ پنهنجي تجليات جي انوارن ۽ اسرارن سان هن جي دل کي روشن فرمائيندو آهي ۽ ائين درميان جا پردا ڪٽي ڇڏيندو آهي تانجو هو الله پاڪ کي دنيا ۾ ڇٽو ڏسندو آهي. پاڻ فرمايائون زنده جو ذڪر ڪيو ۽ مردن جو ذڪر نہ ڪيو. ڪنهن پڇيو تہ اي الله جا رسول! زندھ جو ذڪر ڇا آهي ۽ مُردن جو ذڪر ڇا آهي؟ [153] پاڻ فرمايائون جيڪي الله تعاليٰ جو ذڪر وضوءَ واري حالت ۾ ڪن ٿا تہ اهو زندھ جو ذڪر آهي ۽ جيڪي رب کي غفلت واري حال ۾ ياد ٿا ڪن تہ اهو مُردن جو ذڪر آهي. پاڻ فرمايو اٿن تہ جيڪي الله تعاليٰ جو ذڪر ظاهر ظهور ڪن ٿا ڄڻ تہ ان سان ظاهر ظهور محبت ڪن ٿا ۽ جيڪي آهستہ ذڪر ڪن ٿا ڄڻ تہ اهي الله تعاليٰ سان لڪائي محبت ڪن ٿا ۽ جيڪو ان سان محبت ظاهر ظهور ڪندو تہ الله تعاليٰ بہ ان سان ظاهر ظهور محبت فرمائيندو ۽ جيڪو ان جي محبت لڪائيندو تہ الله تعاليٰ بہ ان سان محبت کي لڪائيندو آهي. پاڻ فرمايو اٿن ايمان سيني اندر هڪ راز



آهي ۽ اسلام پڌرو اعلان آهي ۽ ’مسلم شريف‘ ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو جنهن دل سان لااله الاالله چيو اهو جنت ۾ داخل ٿيندو ۽ ’الاحياء‘ ۾ آهي تہ نبي ڪريم ﷺ فرمايو پنهنجن جسمن جي زڪواة ڏيو پوءِ بيشڪ توهان جي جسم جي زڪواة لااله الاالله جو ورد آهي ۽ ’مصابيح‘ ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو جنهن جو اول ڪلام لااله الاالله ۽ آخر ڪلام لااله الاالله آهي ۽ توڙي جو هزار بُرايون ڪيائين تہ بہ الله تعاليٰ ان کان هڪ گناھ بابت بہ پڇا نہ فرمائيندو. بلڪ لک گناھ ڪندو تہ بہ الله تعاليٰ ڪانئس هڪ گناھ جو بہ نہ پڇندو. ان ڪان ئي روايت آهي تہ جنهن هڪ دفعو چيو لااله الاالله تہ الله تعاليٰ ان جا ڪيل گناھ بخش فرمائيندو توڙي جو سمنڊ جي گج يا ڦيڻ جيترا هجن.

امام غزاليءَ پنهنجي تاليف ڪيل ڪتاب ’ڪيمياءِ سعادت‘ ۾ آندو آهي تہ عبادت جو محصول (فائدو) خدا کي ياد ڪرڻ آهي ۽ نماز جو مقصود مسلمانيءَ جو ٿنڀ آهي. ﴿إِنَّ الصَّلَاةَ تَنْهَىٰ عَنِ الْفَحْشَاءِ وَالْمُنكَرِ وَلَذِكْرُ اللَّهِ أَكْبَرُ﴾ (العنڪبوت: 45)

[بيشڪ نماز بيحيائيءَ ۽ بُرائي کان روڪي ٿي ۽ بيشڪ **الله** **تعالي جو ذڪر سڀ کان مٿي آهي.]** ۾ شامل آهي. قرآن پڙهڻ جو خلاصو انهن عبادتن کي لازم آهي جنهن ۾ ذڪر به آهي ۽ روزي رکڻ جو مقصد ۽ خلاصو شهوات کي ٽوڙڻ آهي. اهو ان ڪري ضروري آهي ته جڏهن دل جو آئينو خراب لاڳاپن ۽ شهوات جي زنگ جي ميراڻ کان پالهو ٿئي ٿو ته مشاهدي سان لازم ذڪر جي جاءِ جي صفائي حاصل ٿئي ٿي. مطلب حرم جو طواف جيڪو خانه ڪعبه جي زيارت وانگر آهي اهو ذڪر "**ذڪر و ما به النجاح والفلاح**" ۾ آهي يعني ڪلمه طيب لااله الاالله جيڪو اسلام جو پڻ بڻياد آهي. اهو ئي اصل ذڪر ۽ سمورن عبادتن ۽ اطاعتن جو مغز آهي. **وَاذْكُرُوا اللَّهَ كَثِيرًا لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُونَ** (الانفال: 45) [**الله** تعاليٰ جو ذڪر گهڻو ڪيو ته جيئن اوهان ڪامياب ٿيو.] ابوالليث جي 'تنبيه الغافلين' ۾ آهي ته مسجد جي تڪريم مان هڪ هي به آهي ته ان ۾ ڪثرت سان ذڪر ڪجي ۽ **الله** جي ذڪر کان سواءِ ٻيو ڪو آواز نه ڪڍڻ کپي.



'انيس الواعظين' ۾ آهي ته **الله** جو ذڪر ڏاڍيان آواز سان ڪرڻ جائز آهي ان کان ڪو به نه ٿو روڪي سگهي ۽ اگر روڪيندو ته عذر وارو آهي.

مخدوم غوث الحق اڪثر حضور ﷺ جن جي طريقي مبارڪ تي هلندا هئا جنهن مطابق جيڪو به اسلام جي دولت سان مشرف ٿيندو هو ته پاڻ سڀُورا هن کي ڪلمه طيبه سان خوشخبري ڏيندا هئا. ائين وٽن جيڪو به ارادت لاءِ ايندو هو ته پاڻ انهيءَ کي ڪلمه طيبه جي تلقين فرمائيندا هئا. ۽ چوندا هئا ته دل ۽ زبان سان ڪنهن به قسم جي آواز ذريعي ٽوڙي جو آواز صحيح نه هجي ۽ ڪيترو به گهٽ وڌ هجي پر حروف تهجي جو لحاظ رکي ادا ڪجي ته اهو ذڪر جلي آهي. هدايت وٺندڙ (مسترشد) کي جماعت سان نماز کان فارغ ٿيڻ بعد هڪ ڪنڊ ۾ ويهاري زباني ذڪر ۾ مشغول رکندا هئا. خاص ڪري فجر کان بعد سج اُيرڻ تائين ۽ ٽيهري کان پوءِ سج لٿي تائين ۽ ذڪر جو ٿل اُها محبت آهي جنهن جو اثر پوري گوشت ٽوٽي گل وغيره تائين برابر پهچي ٿو. ان ڪري مختلف رنگ جلوه گر

ٿيندا آهن ۽ خفيءَ جي مرتبن جو اضافو حاصل ٿئي ٿو ۽ اُهو عشق هوندو آهي. خفي ٻہ قسم آهي پهريون هي آهي تہ پاڻ ٻُڌي ۽ ٻيو نہ ٻڌي ۽ ٻيو جڏهن پاڻ بہ نہ ٻُڌي.

مبتدي يعني سيکڙاٽ کي گُهرجي تہ پهريون قسم اختيار ڪري ۽ جڏهن شوق وڌي وڃي تہ ڪوشش ڪري تہ جيئن پري تائين سندس آواز وڃي ۽ جڏهن پاڻ ۾ انهيءَ کان مٿي ڪنهن حالت جو مشاهدو ڪري يا وري ڏاڍيان آواز جي ڪري ڪمزوري جا نشان ۽ ملالت ظاهر ٿيندي ڏسي تہ اندر ساھ کڻڻ سان **الاالله** ۽ ٻاهر ڪڍڻ سان **لااله** تي هميشگي ڪري ۽ مذڪور کي هر حال ۾ ظاهري ۽ باطني طور حاضر وناظر ڄاڻي. جلي اهو وڻ آهي جنهن جو ميوو خفي آهي ۽ خفي اُها حالت آهي جيڪا پوري ڍڪڻ واري چادر آهي ۽ ان جي عبارت توڙي تقرير يا بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. انهيءَ ڪري غوث الحق جي خدمت ۾ جڏهن هڪ عورت ذڪر خفي جي تلقين جي گذارش ڪئي هئي تہ ڪيس فرمايائين تہ ڪڏهن ڪوئي پهرئين ئي مرحلي ۾ خفيءَ جو طالب بنجي وڃي ٿو. درحقيقت خفيءَ



ڪي نہ آواز آهي ۽ نہ ئي حرف ۽ نہ ئي اسماء الاهي مان ڪو اسم ۽ نہ ئي حسي اشاري جي قابل آهي بلڪ اها هڪ اهڙي ڳجهي حالت آهي جيڪا پوري وجود ۾ جاري هوندي آهي تانجو هو جيڪو بہ ڏسي ٿو تہ اهو مطلق وحدت جو اثر محسوس ڪري ٿو ۽ فنا جو سبب پڻ ڪيس حاصل ٿي وڃي. مطلب "ڪان **الله** ولم يڪن شيئاً يعني جڏهن ڪا شيءِ نہ هئي تہ بہ **الله** هو جو راز مٿس کُلي پوي.

وڌيڪ فرمايائون هي (حال) ان سان ائين رهندو آهي جيئن هڪ ديڳ طعام سان ڀريل هوندي آهي تہ ان ۾ لوڻ جو ذائقو بہ ان حساب سان هوندو آهي. ليڪن دسترخوان جو مالڪ جڏهن بہ ان ديڳ مان جتان بہ طعام ڪڍندو آهي تہ لوڻ جو ساڳيو ذائقو ان ۾ هر هنڌ نمايان هوندو آهي حالانڪ پاڻ وچ ۾ نہ هوندو آهي. اهل تحقيق تلقين جي بيان جا ٻہ سبب بيان ڪيا آهن هڪ روزي، نماز، تهجد، اشراق ۽ چاشت وغيره ۾ مشغول رهڻ ۽ ٻيو ذڪر ۾ غير جي نفي ۽ حق تعاليٰ جي اثبات ۾ مشغول رهڻ. نبي ڪريم ﷺ فرمايو "**من اراد ان يجلس الانبياء**

**فليجلس مع العلماء ومن اراد ان يجلس مع الله فليجلس مع الفقراء"** يعني جيڪو گُهري ته نبين سان گڏ ويهي ته عالمن سان گڏ ويهي ۽ جيڪو گُهري ٿو ته **الله** تعاليٰ سان گڏ ويهي ته فقيرن سان گڏ ويهي. علماء مان مراد عابد ۽ فقراء مان مراد ذاڪر آهن. سالڪ کي سلوڪ جي راهه ۾ ٻه شيون گهرجن پهرين اخلاص جي ڍال پر اخلاص جون وري ٻه معنائون آهن هڪ پنهنجي خوديءَ مان ڇوٽڪارو ۽ ٻيو خلوص. ان جو مثال آهي جيئن سٽيپ ڪير مان ۽ ڪير رت مان آهي. ٻيو طلب جي قافلي جي استقامت ڇوته **"الاستقامة فوق الكرامة"** يعني استقامت ڪرامت کان مٿي آهي. ۽ جتي به استقامت جي منزل ايندي آهي ته اتي اقامت جو سامان لاهيندا آهن. تڏهن حقيقت ۾ **سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْأَعْلَى الَّذِي خَلَقَ فَسَوَّىٰ وَالَّذِي قَدَّرَ فَهَدَىٰ وَالَّذِي أَخْرَجَ الْمَرْعَىٰ فَجَعَلَهُ غُثَاءً أَحْوَىٰ** (الاعليٰ: 01 کان 05) [154] [پنهنجي بلند بالا رب جي نالي جي پاڪائي بيان ڪر جنهن خلقيو ۽ ان کي ٺيڪ ٺاڪ ڪيائين ۽ جنهن ٺيڪ اندازو فرمايو پوءِ راهه ڏيکاريائين ۽ جنهن آلو گاهه اُپاريو پوءِ ان کي سُڪو



ڪارو ڪري ڇڏيائين.] هن جي راهه جو سامان ٿي پوي ٿو. وڌيڪ فرمايائون ته لااِلٰه **الاالله** ناسوتي ذڪر آهي ۽ **الاالله** ملڪوتي ذڪر آهي ۽ **الله** جبروتي ذڪر آهي ۽ هو لاهوتي ذڪر آهي.

ٻئي طريقي سان فرمايائون لااِلٰهُ **الاالله** زباني ذڪر ۽ **الاالله** قلبي ذڪر ۽ **الله** روحي ذڪر سان گڏ مڪاشفو آهي ۽ هو سرّي ذڪر سان گڏ مشاهدو آهي. چون تا ته صوفين جي اصطلاح ۾ مبتدي (سيڪڙات) اهو شخص آهي جنهن جي نفسانيت جو لاڙو لذيذ کاڌا کائڻ ۽ سبيل ڪپڙا پائڻ ۽ گهٽي سمهڻ ڏانهن اڃا باقي هجي. متوسط (وچون) اُهو شخص آهي جنهن جي آڏو نفساني خيال نه هجن ۽ سندس توجهه جو قبلو آخرت طرف هجي. پهرئين کي گهرجي ته شروعاتي مرحلي ۾ لااِله الاالله جي ذڪر يعني **"لامعبود بالحق غيرالله"** يعني هُن کان سواءِ ڪو به معبود بالحق ناهي ۾ مشغول رهي ۽ جڏهن عروج لهي ته **"لامقصود الاالله"** يعني الله کان سواءِ ڪا به شيءِ مقصود ناهي. ڏانهن وڌڻ لڳي ۽ ان کان بعد "لا شيءِ مقصود

غيرالله  يعني الله کان سواءِ ڪا شيءِ مقصود ناهي ڪي پنهنجو
نصب العين بڻائي. هيو "لامقصود الاالله" يعني الله کان سواءِ ڪو
مقصود ناهي جي دوام سان نظر تان نقاب لاهي ڇڏي ۽ مقصد
۽ مطلب جي اڪرن ۾ حق تعاليٰ جي محبت ۽ رضا کان سواءِ
ڏسڻ جي قابل نه رهي. منتهي اهو شخص آهي جو ماسوٰي **الله**
کان ڇڄي "**لاشي موجود غير الله**" جي مضبوط رسيءَ سان
چنبڙيل هجي ۽ "**لاذکر ولا ذاکر ولا مذکور**" يعني ان  کان سواءِ
ڪو ذڪر ۽ ذاڪر ۽ نه ئي ڪو مذڪور آهي. الاهو سان توسل
حاصل ڪري ۽ "**بي يسمع وبي يبصر**" يعني مون سان ٻڌي ٿو
۽ مون سان ڏسي ٿو ڪي پنهنجي سمجهه جو راز ڄاڻي ۽ اهو فنا
في الله ۽ بقا بالله جو مقام آهي.

منقول آهي ته جنهن ڪي ذڪر جو ارادو هجي ته افضل
ذڪر واري حڪم لااله الاالله جي متبرڪ ڪلمي جو تڪرار
ڪري ۽ ارادتمند "يا لطيف" جو ورد ڪري ۽ صلوٰة التسبيح
جهڙا نوافل پڙهندو رهي. هڪ ڏينهن مخدوم عربي سندن
ڪيميا جهڙو اثر رکندڙ خدمت ۾ نفلي نمازن جي تمام گهڻ



پڙهڻ جو سبب پڇيو. جواب ڏنائون پاڻ ۾ نوافل ادا ڪرڻ جي
لياقت نٿو ڏسان ڇو ته ان لاءِ "**لاصلوٰة الا بالحضور**" يعني نماز
حضور کان سواءِ ناهي جي ضرورت آهي ۽ جيڪو به نماز ۾
ٻئي ڪنهن ڪي باطني يا ظاهري طرح سان ڏسندو اهو پاڻ ڪي
پنهنجي پروردگار وٽ گهڻ ۽ ڏوراپي وارو بڻائيندو. انهيءَ ڪري
ذڪر جلّيءَ جي طريقي ڪي اختيار ڪيو ويو ۽ طالبن ڪي ذڪر
جي هدايت ٿيل آهي. انهيءَ خيال جي مدنظر ته ريا ۽ شهرت
جي شائبي کان پاڪ ۽ غيبت جهڙين گناهه وارين ڳالهين ٻڌڻ
کان ذڪر وارو پاسي ٿي رهي. پر ڪي وري هن خيال جا آهن ته
جيئن هر وقت گهڻي اُداسي ۽ گهڻي پريشاني آهي ۽ بيداري ۽
هوشياري تمام گهڻ ۽ حواس جي جمعيت ڏکي لاحق يا وري
مشڪل آهي، ان ڪري ڏاڍيان آواز سان ذڪر وڌيڪ فضيلت
رکي ٿو. جيئن فرمان خداوندي آهي **وَلِكُلٍّ وِجْهَةٌ هُوَ مُوَلِّيهَا
فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرَاتِ أَيْنَ مَا تَكُونُوا يَأْتِ بِكُمُ اللَّهُ جَمِيعًا إِنَّ اللَّهَ
عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ** (البقرة:148) [۽ هر ڪنهن جي لاءِ هڪ
طرف آهي ۽ جنهن ڏانهن هو مُنهن ڪري ٿو پوءِ توهان چڱن

ڪمن ۾ اڳرائي ڪريو. توهان جتي بہ هوندا تہ **الله** توهان کي گڏ ڪندو. بيشڪ **الله** تعاليٰ هر شيءِ تي قدرت وارو آهي.]

ذڪر جا چار درجا آهن هڪڙو جڏهن زبان مشغول ۽ دل فارغ هجي پر اثر کان خالي نہ هجي ۽ هي ضعيف مرتبو آهي ۽ ٻيو زبان ۽ دل ٻنهي سان هجي پر مستقل ۽ اثر پذير نہ هجي ان صورت ۾ عقيدت گذار جي دل گهٽن ڪمن ڏانهن ظاهري طور لاڙو رکي ٿي. ٽيون طالب مستقر ۽ متمڪن هجي. يعني جڏهن پاڻ تي ضابطو ۽ حڪم هلائي سگهي ۽ ان قوت کي ٻئي ڪنهن مقام جي خاطر ڪم آڻي سگهي ۽ اهو مرتبو ئي حق آهي. چوٿون مستولي اهڙو طالب جيڪو غالب آهي جڏهن ڪيس اهو سمجهي تہ **الله** تبارڪ و تعاليٰ ئي حق آهي نہ ذڪر. چو تہ انهن ٻنهي ۾ فرق آهي هڪڙو تہ جڏهن دل دوست سان هميشه هجي ۽ ٻيو تہ دوست جو ذڪر دوست سان هجي، ذڪر جي حقيقت هي آهي تہ هر امر ۽ نهي پاڻ بجا ٿئي ۽ هر اهو ڪاروبار جيڪو ان ڏانهن منسوب آهي هٿان نہ وڃي. گناهہ وقت تہ پاڻ **الله** جو ذڪر تمام گهٽو ڪرڻ گهرجي چو تہ اهڙي وقت



ڏک ۽ تڪليف جا آثار باطن منجهان جلوه گر نہ ٿا ٿين. هن باري ۾ حضرت غوث جي مريد ميان مٺي ڪجهہ دل کي وڻندڙ ۽ سمجهہ وارا نڪتا ٻڌايا آهن. هڪ اها تہ شيخ جي ذڪر جي تلقين ڪڪرن مان گهٽي وسندڙ بارش جيان آهي چو تہ نانگ ۽ سِپ ٻئي قطري حاصل ڪرڻ لاءِ وات کوليندا آهن پهرئين يعني نانگ جو انجام زهر ۽ ٻيو يعني سپ کي قيمتي مُوتِي حاصل ٿئي ٿو. ان جو مثال اهو آهي تہ کاري پاڻيءَ جو قطرو دنيا وانگر آهي جيڪو برسات سان ملي سِپ ۾ پوي ٿو تہ اهو ئي پاڻي محض وحدت جي حالت ۽ برڪت سان "مرواريد" (موتي) ٿو بنجي ۽ جوهر جي علامتن ۽ عنصرن جي ميلاپ کي پنهنجي ذات ۾ ظاهر ڪري ڏيکاري ٿو. اهڙي طالب لاءِ مرشد جي تلقين بہ ائين آهي جيڪو دُنيوي تعلقات جي چار ۾ ڦاٿل هوندو آهي تہ اها داخل ٿيڻ جي باوجود بارآور نہ ٿٽبي آهي. بلڪ اٿلو ان جي حال جي خساري جو سبب ٿٽبي آهي. ٻيو تہ انسان جي سعادت هي آهي جو فرشتن جي صفتن سان موصوف بنجي. ان ڪري جو هڪ لحاظ کان سندس جوهر فرشتن جي

ڪاڻ مان اُڌارو ورتل آهي ۽ هتي چند ڏينهن جي مسافريءَ خاطر ان جو وطن بڻايو اٿن. ان ڪري انسان کي گهرجي تہ پنهنجي چار کي اُجلائي ڦٽو ڪري ۽ هستيءَ جو سامان ٻڌڻ وقت ۽ پنهنجي اصل جون صفتون پنهنجي حال موجب حاصل ڪن. جڏهن فرشتن جو شغل احديت جي ذات جي عشق کان سواءِ ڪا ٻي شيءِ ناهي. تڏهن جڳائي تہ حق کان سواءِ سمورين شين کان ناتو ڇني حق تعاليٰ جي حقيقت ڏانهن مائل ٿئي. انهيءَ ڪري آيو آهي **قُلِ اللّٰهُ ثُمَّ ذَرۡهُمۡ** (الانعام:91) " **والله يكفيهم** " [**الله** چئو ۽ پوءِ سڀ ڇڏي ڏي. بيشڪ **الله** ئي ڪافي آهي.] ٻيو ذڪر خفي آهي جنهن جو نہ سُر آهي ۽ نہ آواز جيڪو ذاڪر جي دل يا سامع جي ڪَن ۾ پوي. بلڪ اصلي غالب بادشاهہ جڏهن دل جي شهر ۾ پنهنجو جهنڊو نصب ڪري ٿو تہ اهو ڪلام جيڪو ان جي ڪري دل مان نڪري ٿو اهو دوست دشمن تان گذري پنهنجو اثر ڏيکاري ٿو. ان طرح اها خوشخبري چست ڪنن جي سوراخن تائين رسي ٿي ۽ انهيءَ وسيلي سان زهد ۽ سرد دليءَ جي شڪار طالب جي دل کي فائدو پهچي ٿو. ان وقت



توڙي جو ظاهري طور اميدن جي آلاڻ سان دامن تر ٿئي ٿي پر باطن ۾ اها ڪناري تي هوندي آهي. ان جي مقابلي ۾ سخاوت ۽ جوانمرديءَ جا شعاع عام خلق تي اهڙيءَ طرح پوڻ لڳندا آهن جيئن سج جا ڪرڻا پري ۽ ويجهي وارن تي پوندا آهن [155] تڏهن لکڻ پڙهڻ ۽ سيکارڻ کان سواءِ علم لدني سندس فصيح زبان تي جاري ٿئي ٿو ۽ اهڙي وقت حرڪت يا سڪوت جيڪو ڪاوڙ ڏياريندڙ هجي تہ ان تي ڪا ڪاوڙ نہ ڪري ۽ ماڻهن جي غلطين کي معاف ڪري ۽ انتقام جي قافلن ۽ ڪيني وارين ڪاروائين کي ويجهو اچڻ نہ ڏئي. بلڪ پنهنجي وڻندڙ خوشبوءِ سان جيڪي سندس چوڌاري اهل آهن تن کي واسي معطر ڪري ۽ اهو ئي خفي جو شان آهي. ٻيو سادو لباس پهرڻ خلق سان بهترين ميل جول رکڻ ۽ بي تڪلف زندگي گذارڻ اختيار ڪري. ذڪر جي آغاز ڪرڻ جو پلو طريقو اهو آهي تہ گوڏا پيچي پلٿي هڻي ۽ ٻئي پير ساڄي يا کاٻي پاسي ڪري ۽ ساڄو هٿ کاٻي تي رکي يا هٿ گوڏن تي رکي ۽ آڱريون قبلي منهن ڪري جيئن نماز ۾ هونديون آهن ان وقت يقين ۽ پڪ سان ڄاڻي تہ

ساڃي کان حضرت علي المرتضيٰ آهي ۽ ڪاڀي کان حضرت پير عليه الرحمة ۽ سامهون کان حضرت ختم مرتبت عليه وعليٰ آله افضل التحية تشريف فرما آهن ۽ الله جي وحدانيت جي روشنيءَ سان دل کي منور ڪري ۽ پنج ڀيرا يا وڌيڪ "**اللّهم صل عليٰ سيدنا ونبينا محمد و عليٰ آل سيدنا ونبينا محمد و بارڪ وسلم**" ۽ هڪ ڀيرو "**بعدد ڪل معلوم للڪ يا الله، يا رحمٰن، يارحيم، يا ڪريم وصل ڪذالڪ عليٰ جميع الانبياء والمرسلين والملائڪة المقربين والصديقين والشهداءِ والصالحين وعليٰ اهل طاعتڪ اجمعين والحمدلله رب العالمين ورضي الله سبحانہ وتبارڪ و تعاليٰ عن اصحاب رسول الله اجمعين**" ۽ چار ڀيرا يا وڌيڪ "**سبحان الله والحمد لله ولااله الاالله والله اڪبر ولا حول ولا قوة الا بالله العلي العظيم**" ۽ ٽي ڀيرا يا وڌيڪ "**استغفر الله الذي لااله الاهو الحيّ القيوم غفار الذنوب ستار العيوب عالم الغيوب يا مقلب القلوب والابصار واتوب اليه**" ۽ هڪ ڀيرو "**بسم الله توڪلت علي الله ولا حول ولا قوة الا بالله العلي العظيم**" انهيءَ ترتيب سان چوي، تڏهن لااله الاالله کي گهڻو چڪي تڪرار ڪري ۽



سمجهي تہ "**لامعبود الاالله**" آهي. تنهن کان بعد ٻن حرفن جي مد سان پڙهي ۽ دل ۾ ڄاڻي تہ "**لامطلوب الاالله**" تنهن کي بعد ۾ گهٽائي دل ۾ لااله جي نيت ڪري ۽ الاالله زبان سان چوي. تنهن کان بعد "واحد الاحد الحمد" جي وحدانيت کي دل جي صحيفي تي لکي ۽ زبان سان الله جو تڪرار اهڙيءَ طرح ڪري جو لام چوڻ سان وات کي ڀربل يا ڀُر ڪري.

ڳالهہ ڪن ٿا تہ هڪ ڏينهن غوث الحق قيلولہ جي وقت مسجد ۾ هئا يا مجلس ۾ يا رستي ۾ مطلب هو گهر طرف وڃي رهيا هئا تڏهن ڪين پتو پيو تہ مسجد ۾ ويٺل هڪ طالب تي حال پئجي ويو آهي ۽ هو ايڏي تيزي سان الله جو اسم زبان تي تڪرار ڪري رهيو آهي جو فقط "ها" جو آواز پيو ٻڌجي ۽ چوي پيو تہ ڪيس حضور جو شرف بہ حاصل ٿي رهيو. ساڳئي وقت ڳائڻ ۾ بہ مشغول ٿي تاڙيون هڻڻ شروع ڪري ڇڏيون اٿائين، جنهن ڪري ان جا ٻيا ساٿي پڻ ان جي پوئلڳيءَ ڪري رهيا آهن. آخر جڏهن ٻنپهرن جو وقت اچي ٿيو تہ حضرت غوث الحق جي ڪنن تائين اها ڳالهہ پهچايائون تہ فلاڻو درويش انهيءَ

عجيب طريقي سان ذڪر شروع ڪيو آهي. چيائون تہ **الله** سائين جي محبت جو ڪيس تمام گھڻو ذوق آهي. وڌيڪ عرض ڪيائون تہ قوال بنجي ڳائڻ ۽ هٿ هٿ تي هڻڻ جو شوق بہ ڪمال جو اٿس. چيائون مالڪ سائين جي شوق ۾ جيترو بہ وڌاءُ ڪري جائز آهي. ان لحاظ کان ميان مٺي **لاالٰہ الاالله** جي معنيٰ **"لاشيءِ موجود غير الله"** صحيح ڪئي آهي. **"وهو الحيُّ القيوم هو الهادي"** ۾ هو ضمير جي معنيٰ ۾ آهي ۽ ان مان مراد هر وقت شوق جو وڌائڻ آهي. حضرت غوث الحق فرمايو ظاهري عالم ڪلمه تمجيد جي معنيٰ **"لامعبود سوي الله"** ڪن ٿا ۽ فقراء وري **"لاشيءِ موجود غير الله"** ڪن ٿا. پاڻ تلقين اندر بيعت ۽ ارادت رکڻ واري کي همٿائيندا هئا تہ **الاالله** وڏي آواز سان چوي ۽ لاالٰہ آهستي چوي. خلق جي هجوم ۾ ويهڻ وقت ساهہ کڻڻ وقت هڪ ٻئي سان ڳڏجي ذڪر ڪرڻ ۾ مشغول رهڻ ۽ هر هنڌ موجود ٻين پيائرن جو خيال پڻ رکجي. انهيءَ معنيٰ ۽ مفهوم کان خالي نہ رهڻ گھرجي تہ جهڙي ريت واهولو ۽ کهاڙو پنئين پاسي کان بہ نقصان ڪار آهن پر ڪائيءَ ۾ اثر ڪندڙ ناهن.



اهڙيءَ طرح جنهن وٽ ٽانوَ ڪير سان پريل آهي پر پاڻ پيئي نٿو تہ اهي مثال هڪ جهڙا آهن (سو ذڪر جي محفل بہ ائين غير مؤثر) نہ رهجي وڃي. اهو ذڪر گهٽ ۾ گهٽ چاليهہ ڀيرا ڪري پر ٽي سو تيرنهن ڀيرا وڌيڪ نفعو بخشيندڙ آهي. ليڪن فارغ ٿيڻ بعد ٿوري دير مراقبو ڪري ۽ دل جو توجهہ **الله** سائين جي نعمتن ۽ نوازشن ڏانهن ڪري ۽ متبرڪ دعائون ۽ ڪلمہ تمجيد ٽي دفعا استغفر**الله** ۽ سبحان **الله** پڙهي ۽ هٿ مٿي ڪٽي هيءَ دعا پڙهي **"اللّٰهم صل عليٰ آل محمد سلطان الرسل ختم الانبياء محمد مولي الثقلين تاج الحرمين صلوٰة دائمة بنور ابد الاباد. اللّٰهمّ صل يا هادي، يا هادي، يا هادي، اهدنا الصراط المستقيم يا هادي نور قلوبنا بنور هدايتک وبنور معرفتک کما نورت الشمس والقمر بنور قدرتک. اللّٰهم انا قد ذکرناک علي قدر قلة علمنا وعقلنا وفهمنا ودرايتنا فاذکرنا يا رب العالمين علي قدر سعت رحمتک ولطفک وجودک ومنّک وکرمک وعطائک يا خير الذاکرين ويا خيرالناصرين. اللّٰهم رزقنا طاعتک وطاعة انبياء لک وطاعة اولياء لک. اللّٰهم اجعل ذکر لک احب الينا من سمعنا**

**وبصرنا ومن جميع جوارحنا. اللّٰهم احيينا ذاكرين وامتنا ذاكرين وابعثنا ذاكرين واحشرنا يا الاهنا في زمرة الذاكرين العارفين العابدين الواصلين الخالصين المخلصين. الذين لاخوف عليهم ولاهم يحزنون. الصلوٰة والسلام عليک يارسول الله. الصلوٰة والسلام عليک يا حبيب الله. يا سيد الاولين ويا سيد الاخرين ياسيد العاشقين يا سيد المعشوقين. السلام حضرت مخدوم نوح قدس الله تعاليٰ سره العزيز وصلي الله عليٰ خير خلقه محمد وآله وصحبه اجمعين. يا ارحم الراحمين** ۽ حضرت خاتم النبوة جي روح تي ختم ڪن ۽ طالبن جي طلب جي اضافي لاءِ فاتحه پڙهي ان کان بعد بيعت ڪري ۽ هڪ ٻئي سان هٿ مسنون طريقي سان ملائين. **فان الله تعاليٰ بميا من برکات عباده الصالحين الذين يطلبون الحق ويسلكون مسالک الفائزين وهديهم اليٰ صراط المستقيم با النبي وآله المتقين والحمد لله رب العالمين.**



## ڪ/س رابع (چوٿون پيالو)

**نسب ۽ ولايت حسب ۽ سڪونت بابت ۽ هالا شهر جي پسگردائيءَ ۾ آباد ٿيڻ جي بيان ۾.**

آسمان جي چنڊ ڪي پڻ هالہ ڪوئين ٿا. چون ٿا ته هڪڙو شخص فقيراڻي لباس ۾ ڪيتري عرصي کان ان محلي جي مسجد جي در وٽان لنگهندو هو جتي غوث الحق والدين جو والد بزرگوار جيڪو معارف ۽ حقائق آگاه هو، پنج وقت نماز ادا ڪرڻ لاءِ اتي تشريف فرما ٿيندو هو. اهو درويش سندس آمد وقت وڏي تواضع سان اُٿي استقبال ڪندو هو. هڪ ڏينهن ان سهڻي روش ۾ ڪوتاهي ڪيائين ته ڪنهن ڪانئس پڇيو. وراڻيائين ته تعظيم عزت واري جي عزت لاءِ هوندي آهي پر اڄ ان سندس پٺيءَ مان نڪري ماءُ جي پيٽ ۾ جاءِ والاري آهي. ان ولادت باسعادت کان فوراً بعد ان درويش گمنام هنڌ ڏانهن سفر

جو رستو ورتو ۽ ظاهر ڪيائين ته اسان جو هتي ويهڻ هن هڪ وجود جي ڪري هو ۽ اهو ابن نعمت الله بن مخدوم اسحاق بن مخدوم شهاب الدين بن مخدوم سرور بن مخدوم فخرالدين صغير عليهم الرحمة هو. هو ڪرامتن جو سج ۽ هدايت جي آسمان جو چنڊ آهي جيڪو پنهنجي ڪرامتن ۽ ٻين ڪيترين ڳالهين جي ڪري پنهنجي وقت ۾ زمين تي گهڻو مشهور ٿيندو. ڳالهه ٿا ڪن ته لاکا ۽ هالا قوم جا ماڻهو پراڻي روايت موجب هڪ ٻئي ۾ ايڪو ۽ يڪجهتي قائم رکندا ٿي آيا ۽ ان ڪري پنهنجن ڌيئرن جي سڱابندي ڪندا هئا. هڪ ڀيري جڏهن انهن جي وچ ۾ اهڙي چڱي ڪم جو موقعو مقرر هو جنهن لاءِ هالا قوم وارا لاکن جي ڳوٺ ۾ ويا ۽ انهن جي ڇوڪرين سان نڪاح ڪرائي آيا. پر ان کان پوءِ ڪنهن دشمنيءَ جي بنياد تي جيڪا انهن جي سيني ۾ ظاهر ٿي پئي هئي، هالا وارن قسم ڪاڌو ته هن کان پوءِ لاکا قوم سان سڱا بندي نه ڪندا.



هوڏانهن لاکا قوم جا ماڻهو هڪ طي ٿيل نسبت جي ڪري جڏهن ٻيءَ ڌر وٽ ويل هئا ته ٻنهي درميان سخت ڪلامي ٿي پئي هو ريل پرڳڻي جي هڪ درويش ڪي منٿ ميڙ لاءِ هالا قوم وٽ وٺي ويا ته جيئن اها اڻبڻت ختم ٿي وڃي ۽ پراڻي دشمني نئين قرابت ۾ قائم ٿي وڃي. هالن وارن اها نسبت قائم ٿيڻ نه پئي گهري پر ان درويش جي خوف کان ته متان ڪٿي ٻيءَ ڌر جو حمايتي نه ٿي پوي، مخدوم صاحب جي خدمت ۾ اچي سهڙيا ۽ پنهنجو عرض لکي پيش ڪيائون. پاڻ ڪين چيائون ته اهو خير جو ڪم صورت پذير ٿيندي نظر نه ٿو اچي. پر توهان درويش جي اڳيان خدمت جو سندرو دل سان ٻڌل رکجو ۽ ان جي مهمان نوازي ۾ ڪا گهٽتائي نه ڪجو. آخر اهو درويش جيڪو لاکن جي چوڻ تي آيو هو. ان مخدوم صاحب جي خدمت ۾ پيغام موڪليو ته اهو شينهن جيڪو اسان جي سواري ۽ چڙهڻ لاءِ آهي اڄ اوهان جو مهمان آهي. مخدوم صاحب جي خادمن پنهنجي طرفان ڏڳي پيش ڪئي. درويش جي ساٿين شينهن ۽ ڏڳي کي هڪڙي ئي جاءِ ۾ واڙي در پوري

چڏيو ۽ ڪاڏي لاءِ دسترخانو وڇايائون. فارغ ٿيڻ کان بعد چاهيائون ته ٺاهه ڪرائجي. هالن چيو ته اسان هي ڪم جهان ۽ وقت جي مخدوم جي حوالي ڪيو آهي ايتري ۾ مسجد جو خطيب منبر تي چڙهي جهڳڙي واري انداز ۾ چوڻ لڳو ته جيڪڏهن مخدوم صاحب پاڻ چون ته هن جاءِ تي ڪا بي ڳالهه نه ٿئي ته اسان جو عذر صفائي جي شرف سان قبول ڪن. حقيقت جي نظر سان لوح محفوظ مان گهوٽ ڪنوار جي صورتحال معلوم ڪن. مخدوم صاحب ڪجهه دير غور بعد پنهنجي مصلي جي ڪُنڊ هيٺان ڊگهي لڪير ڪڍي وري اڳ سان ڊاهي ڇڏيائون. دعا کان بعد فرمايائون ته ان درويش کي چون ته نئين سر نظر ڪري. پر هو تقدير جا دفتر پڙهڻ کان عاجز ٿي الٽو چوڻ لڳو ته هالن جي زمين درياءُ پائي ويندو. مخدوم صاحب کان معلوم ڪيائون ته فرمايائين ته واقعي ائين آهي پر درياءُ وري هليو به ويندو. اهو ٻڌي درويش اُٿيو ۽ چاهيائين ته پنهنجي راهه وٺي روانو ٿئي پر سواريءَ جو خادم ڇا ٿو ڏسي ته شينهن جي بجاءِ ڳئون شينهن کي ڪائي وئي آهي، فقط ڪُر ۽



پير پيل آهن. لاچار اهو درويش خاموشيءَ جي مُهر چپن تي هڻي سفر جو سامان ٻڌائين ۽ اتان راهي ٿيو.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ ڀيري اتفاق سان مخدوم صاحب سير جي خاطر خادمن سان گڏجي دريا پار ڪري هالن جي سر زمين تي ويا ته اتان جا ماڻهو سندن آمد کي قادر جي ڪمال عنايت ۽ پنهنجي لاءِ وڏو شرف ۽ سعادت سمجهي حضرت مخدوم جي خدمت ۾ برڪت خاطر همت جو سندرو ٻڌي وڏي شوق سان ڊوڙندا آيا ۽ ڏاڍا ايلاز ڪيائون ته وٽن مستقل رهائش اختيار [157] ڪن. آخر ان ڏينهن جڏهن واپسيءَ جو خيال هون ته ڪرامت واري ذات جو مشاهدو ڪيائون نتيجي طور سمورن تابعدارن ۽ وفادارن سان ترسڻ جو ارادو ترڪ ڪري سفر اختيار ڪيائون. ان وقت پاڻ پڇيائون ته پنهنجا دوست گهٽا آهن يا وابسته ماڻهو گهٽا آهن. ٻڌيائون ته هالا جا ماڻهو وڌيڪ نڪتا. هن حالت کي ڏسڻ بعد ۽ وڌيڪ پس وپيش ڪرڻ ڪانسواءِ اتي ئي ان عالي همت جي ذمي تي سمورن رعايتن رهائش سان

اختيار ڪئي وئي. مالڪ بي نياز جا ٿورا ۽ احسان جو ان بابرڪت ساعت جي مناسبت سان هي فقرو يا مصرع آهي.

چار تڪبير ز دم يڪسر بر هرچہ هست

بهرحال ڪيترن ڏينهن ۽ راتين جي محنت ۽ مال ۽ رزق خرچ ڪرڻ بعد جڏهن مجلس آرا ٿيا تہ ڳڻڻ کان ٻاهر ڪيترا پروانا عاشقن وانگر اتي اچي گڏ ٿيا جن جي لڪل رازن ۽ رمزن جي بيان کان زبان قاصر آهي ۽ زماني وارن جو قلم ان ڪي بيان ۾ آڻڻ کان عاجز آهي. ليڪن ضرورت مطابق هي عاجز لاچار ٿورو ثمر گهٽ طاقت هجڻ جي باوجود هن سلسلي ۾ سندن ڪجهہ احوال ۽ آثار پيش ڪرڻ جي همت ڪري ٿو. سندن مبارڪ مقبرو هالا شهر جي ڏکڻ ۾ آهي ڪين چار مشهور ڪرامتن وارا فرزند ۽ هڪ نياڻي هُئي. مخدوم شهاب الدين، مخدوم نور محمد، مخدوم حسام الدين ۽ مخدوم عزالدين. انهن جو اولاد هن طرح آهي: ٽي فرزند مخدوم شهاب الدين مان آهن ۽ چئني جي آرامگاهہ مخدوم جو قبرستان آهي ۽ اهو ابن مخدوم عزالدين بن مخدوم اسماعيل بن مخدوم شيخ اعظم



بن فخرالدين آهي. مخدوم ڪبير ظاهري صورت ڪي حقيقت جي آئيني موجب ظاهر ڪي باطن سان آشنا رڪندو هو. ان ڪري پاڻ سير سفر ڪندي ڪوٽ ڪروڙ ڪي ڇڏي سيوستان ۾ اچي ڪجهہ وقت سڪونت اختيار ڪيائين. ڇو تہ قسمت جي حڪم موجب سندس داڻو پاڻي اتي لڪيل هو. ائين بہ مشهور آهي تہ سندس ۽ ٻين وابستہ گهريلو افراد جو اصلي ڳوٺ بوبڪ هو ۽ ان برگزيده شخص جي مدفن واري جاءِ بہ اتي آهي. بلڪ وڌيڪ صحيح قول مطابق سيوستان شهر ۾ مخدوم شهباز جي ڀرپاسي ۾ آهي ۽ هو شيخ ابوبڪر جو پٽ آهي جيڪو ڪتاني جي لقب سان مشهور آهي.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ قريش قبيلي جا پنج ڄڻا ولايت مان آيا ۽ ڪوٽ ڪروڙ ۾ پنهنجي رهائش وارين جاين ڪي سجاڻي الله تعاليٰ جي عبادت ۾ مشغول ٿيا. شيخ ابوبڪر ڪتاني، شيخ احمد، [158] شيخ محمد، شيخ علي المعروف قاضي ۽ شيخ جلال الدين محمد رقود. انهن پنجن جي رحمتن ۽ برڪتن واري جاءِ بہ اتي هڪ ئي هنڌ آهي ۽ ان جڳهہ تي تمام گهڻا مشائخ

آهن جتي اڪثر ماڻهو اچي متبرڪ زيارت ڪان مشرف ٿين ٿا. ان ڪانپوءِ ٻئي ڪنهن جي زيارت جو قصد ڪو نہ ٿا ڪن. اهي پنج پير طور پڻ گهڻو مشهور آهن. شيخ ابوبڪر ڪي انهن سيني جو سردار ۽ اڳواڻ مڃين ٿا جنهن ڪي زمانن جو مرشد چون ٿا ۽ اڪثر ماڻهن وٽ سندس مشهور نالو شيخ شمس الدين آهي يا ڪيس شيخ شمس الدين ڪوٽ ڪروڙي چوندا آهن. هن جا ٻہ پوٽا هئا: شيخ فخرالدين ۽ شيخ اسماعيل يا هڪ قول مطابق شيخ عبدالله جيڪو سهروردي والد جناب مخدوم بهاؤ الدين زڪريا آهي. شيخ محمد غوث بن قاضي علي بن سلطان الىٰ آخره شيخ ابوبڪر بن شيخ اسماعيل ۽ ڪن وري چيو تہ ان جو نالو جعفر بن شيخ عبدالوهاب آهي ۽ عبدالله وڏي ڏاڏي جو نالو آهي ابن شيخ نصير الدين ابي القاسم جي ڪنيت سان بن شيخ سراج الدين بن شيخ خيرالدين يا منير الدين شيخ ابوعاصم ان جو نالو شيخ عبدالله سهروردي ابومحمد جي ڪنيت سان ۽ پنهنجي چاچي ابن ابراهيم سان مشهور آهي. ابراهيم ڪي ٻہ پٽ هئا هڪ عبدالله جنهن جو لقب ابومحمد



آهي ۽ العمويہ طور مشهور آهي جيڪو شيخ شهاب الدين سهروردي جو پيءُ آهي ۽ ٻيو ابونجيب سهروردي آهي. شيخ ابومحمد بن شيخ ابراهيم ابوحفص بن اعظم العظام شيخ الاسلام شيخ وجهہ الدين المسميٰ محمد والمڪني بہ ابوحفص عمر سهروردي آهي ۽ اهو سهروردي خاندان جو سربراهہ ۽ صاحب خرقه وخلافت ۽ ارشاد وهدايت هو. هن پاڻ پنهنجي پيائٽي شيخ رضاءَ الدين محمد ڪي منصب خلافت ۽ بيعت حوالي ڪيو هو. ڇو تہ ابوالنجيب پنهنجي ڏاڏي شيخ وجهہ الدين جو مريد هو. ابوالنجيب وري پنهنجي پيائٽي شيخ شهاب الدين الملقب شيخ الشيوخ ڪي ڪرامت جي اعتبار سان اقتدار جي آسمان تي آندو. شيخ وجهہ الدين ابن شيخ محمد عمر عمويہ ابن شيخ عبدالله ابوحفص ابن شيخ رضاء الدين محمد ظاهري حڪومت دنيا وارن جي حوالي ڪري خدا پرستي ۽ خلوت نشيني اختيار ڪئي. جنهن ڪري عرفان ۽ معرفت جي سالڪن جي ڳولا ۾ لڳي ويو. آخر ڪيترين تڪليفن ۽ وڏن ڪشالن بعد ولايت ۽ ڪرامت جون چاڙهيون چڙهي حالت عدم ڪان وجود جي سرحد ۾ قدم

رکيائين. سندس مرقد مبارڪ ٽونڪ ۾ آهي [158] پاڻ ٽي فرزند ۽ ٻئي قول موجب چار زماني وارن لاءِ يادگار ڇڏيائين. جن مان هڪ ابن شيخ مسعود آهي جيڪو ٽونڪ جي قلعي ۾ آرامي آهي. ڪي هن کي ابن شيخ شريف ابوالقاسم ته ڪي وري ڪيس شيخ شريف سمجهن ٿا ڇو ته سندن والده ماجده اهل بيت مان هئي ۽ سندس مدفن مبارڪ بندر نحيلو (بخيلو - ايران) ۾ ٻڌائن ٿا.

چون ٿا ته "**لافتيٰ الاعلي**" جو رازدار ۽ سينجلي جي ڳنڍ کوليندڙ يعني حضرت علي ڪرم **الله** وجهه پنهنجي خلافت واري وقت ۾ شريف ابي القاسم کي بصره جي حڪومت ڏئي پاڻ نجف ڏانهن روانو ٿيو ۽ رمضان المبارڪ جي ايڪيهين تاريخ تي جمعي جي ڏينهن **الله** سبحانہ و تعاليٰ جي قضا سان اُتي شهادت جو شربت نوش فرمايائون ڪتاب 'فوائد' ۾ ائين آيو آهي. خلافت امام حسن لاءِ مقرر ٿي ليڪن ڪجهه وقت بعد پاڻ زهر جي ڪري وصال فرمايائون ۽ ان بعد تڙيل يزيد جي عداوت ڪان وٺي حضرت امام حسين جي شهادت تائين اُتي رهيا پر جڏهن وقت



جي بادشاهي ازل ۽ ابد جي تڙيل لاءِ مقرر ٿي ته هر نيڪ ۽ بد پنهنجي جڳهه تي پاسيرو ٿي ويهي رهيو. جڏهن منصور بن احمد نالي شخص بصري تي مقرر ٿيو ته هن شريف ابوالقاسم ۽ ان جي پٽ شيخ مسعود کي سندس ٻن پٽن شيخ رضاءالدين محمد ۽ ابوالبرڪات جيڪي لاسيف الا ذوالفقار جي رازن جا ڄاڻندڙ هئا ۽ حد درجي جا امين ۽ ديانتدار ۽ پرهيزگار هئا. ڪي چورايو ته جيڪڏهن اهي متابعت ۽ اطاعت جو ڳٽ ڳچيءَ ۾ وجهن ته ڪين ساهه جي امان ملي ويندي. قدرت خدا جي سان ماخ نالي شخص جيڪو شير خدا حضرت علي المرتضيٰ جي مخلصن مان هو بغداد ۾ اٺ وڪٽي بصره پئي آيو. هو جڏهن سمناني جي ڪوهه وٽ پهتو ته ساڻن ملاقي ٿيو ۽ حقيقي حال کان واقف ڪري راتو رات شريف ابي القاسم کي تڙيل يزيد جي ارادي ۽ منصور جي مقرر ٿيڻ ۽ ان ڪوهه وٽ پهچڻ کان آگاهه ڪيائين. جڏهن شريف ان ڳالهه تي وڏيڪ غور ڪيو ته ان عناد سان ڀريل پليت جي دل ۾ اهل بيت جي اطاعت ۽ حبداري نه ڏسي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڀڄندو رهيو ۽ آخر باقي عمر بندر نحيلو ۾ بسر ڪيائين ۽ اتي ئي جان

ڏٽيءَ حوالي ڪيائين. هوڏانهن جڏهن يزيد پليت جي سخت عذاب ۾ مبتلا ٿيڻ کان پوءِ وليد خلافت تي مسند آرا ٿيو ته شريف ابي القاسم جي خبر چار ورتائين. گذريل ماجرا کان واقف ٿي حڪم ڪيائين ته شيخ مسعود ٻنهي پٽن سميت ۽ حجاج بن يوسف ۽ محمد قاسم بن عقيل ڇهن ڄڻن سان گڏجي هڪ ٻئي جي اتفاق سان راجه ريل جي بادشاهي کي قبضي ۾ آڻين، هن شرط سان جيڪو اسلام آڻڻ کان انڪار ڪري ته ان کي قتل ڪري ڇڏين. ٻيو ڪو حيلو پيش ڪرڻ نه ڏين. شيخ مسعود اطاعت گذار بنجي وليد جي فرمان تي ڪاربند ٿي راجه ريل کي قتل ڪري ان جي اڪثر ملڪ کي فتح ڪيو. فاتح لشڪر ان ملڪ جي تخت کي شيخ مسعود جي مبارڪ وجود سان زينت بخشي هر قسم جي جهڳڙن تي قابو ڪري انتظام قائم ڪيو ۽ پاڻ واپس ٿيو. شيخ ٽونڪ جي قلعي ۾ داخل ٿي اتي پنهنجي رهائش اختيار ڪئي ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. سندس پٽ شيخ رضاءالدين محمد دنيوي معاملن، هر قسم جي ميل جول کان الڳ ٿي خلوت ۽ تنهائي کي اختيار ڪري الله تعاليٰ جي عبادت ۾ مشغول ٿي ويو. شريف



ابوالقاسم ابن شيخ محمد صغير جنهن کي عُموي به ڪوٺين ٿا چوي ٿو ابن عبدالرحمٰن بن عبدالله امير المؤمنين ابوبڪر صديق رضي الله عنه ابن عثمان المشهور ابوقحافه بن سعد بن تميم بن مره بن ڪعب جيڪو حضرت رسالتمآب ﷺ جي ڏاڏنگ ۾ آهي. جهڙي طرح پاڻ ڪريم جن ابن عبدالله ابن عبدالمطب بن هاشم بن عبد مناف. بن قصي بن ڪلاب بن مره بن ڪعب الخ. اهڙي طرح صحابه ڪرام جيڪي عشره مبشره آهن ۽ قريش جا ٻيا قبيلا جيئن سيرت جي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو نسب ۾ حضرت ختم نبوت جي ڏاڏنگ سان وڃي مِلن ٿا. تفسير جي ڪتابن ۾ آهي ته ڪلام ربي: **رَبِّ أَوْزِعْنِي أَنْ أَشْكُرَ** (النمل:19) [اي منهنجا رب! مون کي توفيق ڏي جو مان شڪر ڪريان.] **ثَانِيَ اثْنَيْنِ إِذْ هُمَا فِي الْغَارِ** (التوبه: 40) [ٻن مان ٻيو جنهن وقت اهي غار ۾ هئا] رضوان الله عليه وعليٰ آله الاطهار يعني حضرت ابوبڪر صديق لاءِ مخصوص آهي. هن جڏهن پاڻ، اولاد ۽ خاندان جي ڪاميابي ۽ اصلاح لاءِ رب جي درگاهه ۾ هيءَ دُعا گهري **أُجِيبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ إِذَا دَعَانِ فَلْيَسْتَجِيبُوا لِي** (البقرة: 186) [سڏيندڙ جي

سڏ جو جواب ڏيان ٿو جنهن وقت مون کي سڏيائين پوءِ مون کي بہ سڏ ڏين] تڏهن کيس قبوليت ۽ عزت جو شرف حاصل ٿيو بلڪ جيڪو بہ سندس اولاد مان آيو يا ايندو اهو صلاح ۽ تقويٰ سان سنواريل سينگاريل هوندو. جناب مخدوم معظم بہ نسب ۾ ساڻن ملن ٿا. جيئن هن مختصر رسالي مان ٿوري بہ سوچ ۽ سمجھ رکندڙ کي معلوم ٿي ويندو. بهاءالدين گوڏڙيو پنهنجي رسالي ۾ لکي ٿو تہ مولانا عبدالغفور بن مخدوم ناصر مخدوم زاده عبداللطيف بن مخدوم جمال الدين جيڪو شيخ فخرالدين ڪبير جي اولاد مان آهي، ان ڪان نقل آهي تہ حضرت مخدوم جي فصيح زبان ڪان ٻڌم تہ هڪ دفعي ڪين حضرت رسالتمآب ختم المرتبت جي خدمت جي وسيلي سان رب العزت جي بارگاه جو شرف حاصل ٿيو، جتي صديق اڪبر بہ مجلس ۾ حاضر هئا. سندن خدمت ۾ عرض ڪيم تہ مان اوهان جي اولاد مان آهيان يا نہ. فرمايائون تہ هائو، توهان منهنجي پٽ عبدالرحمٰن جي اولاد مان آهيو ۽ حضرت رسالتمآب عليه الصلوة والسلام جن فرمايو تہ اي مخدوم نوح تون منهنجي اولاد مان پڻ آهين اهو هيئن جو



منهنجي نياڻي فاطمہ جي نياڻي بيبي اُم ڪلثوم امير المؤمنين عمر جي نڪاح ۾ آئي هئي ۽ اها عمر بن عبدالرحمٰن بن ابي بڪر جي گھرواري هئي ۽ تون ان جي نسل مان آهين. بهاءالدين رسالي ۾ وڌيڪ لکي ٿو تہ ڪيترائي پيرا مخدوم محمد معظم جي زبان مان ٻڌو ويو تہ فرمايائون اسان اصل ۾ سيدزاده آهيون. مخدوم محمد معظم جي والده بيبي راڄي آهي جيڪا لاکن جي قوم مان آهي ۽ ان بيبيءَ جي والده نبوه سومرن [160] مان آهي. ائين بہ چون ٿا تہ امام اعظم جي والده پڻ انهيءَ قوم مان هئي. مخدوم معظم کي چار گھر واريون ۽ سترهن يا ٻئي قول مطابق پندرهن فرزند هئا. پهرين گھر واري ترڪ قبيلي مان هئي جيڪو باجار نالي سان مشهور آهي. ان مان چار پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون. محمد امين جيڪو صاحب سجاده ٿيو، ٻيو ميان حامد، ٽيون ميان نور محمد ۽ چوٿون ميان احمد ۽ بيبي تاج خاتون جيڪا ميان محمود کي نڪاح ۾ ڏنل هئي ۽ بيبي رقيه ميان قاسم ابن عبدالله جي گھر واري هئي ۽ بيبي مريم متعلوي ساداتن مان سيد عبدالله بن يعقوب جي اهليہ هئي ۽ بيبي صحت خاتون ميان

صالح محمد بن قاسم جي گهر واري هئي. ٻي گهر واري جيڪا چهوائڻ ذات مان هئي ان مان پنج پٽ ٿيا: ميان دائود، ميان موسيٰ، ميان هارون، ميان يوسف ۽ ميان آدم ۽ ٽئين گهرواريءَ مان ٽي پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي. ميان ميران محمد، ميان ابراهيم ادهم ثاني جو لقب هوس ۽ ميان جلال الدين محمد ۽ بيبي بيبائي جيڪا ميان الهداد ابن حضرت بلال جيڪو مخدوم معظم جو سڳو ڀاءُ هو، جي نڪاح ۾ آئي. اولاد مان ٻارنهن ٻار وڏا ٿيا. باقي ننڍپڻ ۾ الوداع ڪري ويا. حضرت غوث الحق پاڻ 27 ذي القعد 993 ھ جمع جي ڏينهن صبح جي وقت قادر مطلق جي جوار رحمت ۾ وڃي مليا.

بحمده الله تعاليٰ بغفرانہ واسکنہ بحبوحة جنانہ بالنبي وآلہ الطاهرين والحمد لله رب العالمين.



تعليقات

**ص 7 : انا افصح العرب و العجم**

هڪ حديث جي شروع ۾ اهي الفاظ ملن ٿا.

[احاديث مثنوي- فروزانفر، ص 94]

**ص 7: انا سيد ولد آدم**

هي الفاظ حديث جا آهن جيڪا هن ريت پوري آهي: ”انا سيد ولد آدم يوم القيامة واول من ينشق عن القبر واول شافع واول مشفع“ يعني: آءٌ آدم جي ڄائي جي حيثيت ۾ سردار آهيان قيامت ڏهاڙي، آءٌ ئي پهريون قبر مان اٿندس ۽ آءٌ ئي پهريون شفاعت ڪندڙ ۽ شفاعت حاصل ڪيل هوندس.

[مختصر صحيح مسلم، ص 430]

**ص 9: فتحيہ ۽ بهائيہ**

هتي ’فتحيہ‘ مان مراد رسالہ ’فتحيہ‘ ۽ ’بهائيہ‘ مان مراد رسالہ بهاءُالدين گودڙيو آهي، جنهن جو ٻيو نالو رسالہ ’انصريہ‘ ملي ٿو. رسالہ فتحيہ جو مصنف مخدوم نوح جو پوٽو مخدوم فتح محمد ابن مخدوم امين محمد آهي، جنهن اهو ڪتاب 1019هه/ 1610ع ڌاري لکيو گويا مخدوم نوح بابت اهو اوائلي ڪتاب آهي، اسان جي تحقيق سان اهو ڪتاب شايع ٿي چڪو آهي. رسالہ انصريہ مخدوم نوح جي خاص خليفي بهاءُالدين دلقپوش جي تصنيف آهي جيڪو اڃا تائين گوشۂ گمنامي ۾ آهي.

[رسالہ فتحيہ - سنڌي ادبي بورڊ، 2011ع - تحفة الروح - 2009]

**ص 12: بيبي اُم هاني**

هوءَ حضرت ابوطالب جي نياڻي ۽ حضرت عليءَ جي ڀيڻ آهي. مشهور روايت موجب رسول ڪريم ﷺ جن هڪ رات سندن گهر ۾ ترسيل هئا جو پاڻ اڌ رات جو اٿي ڪعبي طرف عبادت لاءِ روانا ٿيا. اتي جڏهن مٿن ننڊ جو غلبو ٿيڻ وارو هو تہ جبرئيل اچي حاضر ٿيو ۽ ڪين معراج لاءِ وٺي ويو.



[Muhammad (Pbuh) Martin Lings P - 101 - سيرة ابن هشام اردو، جلد اول، ص 349]

**ص 13: الحقيقة كشف سُبحات الاجلال من غير اشارة**

حضرت عليؓ جو هي قول ’نفحات الانس‘ ۾ ملي ٿو.

[نفحات الانس فارسي، ص486 - نفحات الانس اردو، ص 730]

**ص 13 حضرت حسن بصريؒ (21هه - 110هه)**

هو صحابي نہ پر تابعين ۾ شامل آهي ۽ حضرت عمر ڪي ڏٺو هئائين. ’ڪشف المحجوب‘ مطابق هن حضرت حسن رضي الله عنہ ڪي خط لکيو، جنهن جو پاڻ ڪيس جواب ڏنائون. اهي خط ڪشف المحجوب ۾ ملن ٿا. اهڙيءَ طرح پاڻ هڪ خط عمر بن عبدالعزيز ڪي بہ لکيائون جيڪو پڻ ’حلية الاولياء‘ ۾ محفوظ آهي. ’تذڪره الاولياء‘ ۾ عطار اويسي قرنيءَ ڪان پوءِ سندس ذڪر ڪري ٿو ۽ لکي ٿو تہ هن حضرت عليءَ ڪان خرقو حاصل ڪيو.

[ڪشف المحجوب - فارسي، ص 113 - سفينة الاولياءِ، ص 49 - حلية الاولياء - حصہ دوم، ص 466 - تذڪرة الاولياء - فارسي، ص 31]

**ص 13 حضرت ڪميل بن زياد**

هو حضرت عليءَ جي خاص ساٿين ۾ شامل آهي. جنگ صفين ۾ شامل هو. حجاج جي وقت ۾ 82هه ۾ ڪيس شهيد ڪيو ويو. صوفين جو هڪ سلسلو سندس وساطت سان حضرت عليءَ تائين پهچي ٿو. ٻيو عام سلسلو حضرت حسن بصري جي معرفت حضرت علي رضہ تائين پهچي ٿو. حضرت علي رضہ ۽ حضرت ڪميل رضہ درميان اهو گفتگو جيئن جو تيئن ’چهل مجلس‘ شيخ علاؤالدين سمنانيءَ ۾ موجود آهي. سمناني ستين ۽ اٺين صديءَ هجريءَ جو وڏو صوفي هو سندس وفات جو سال 736هجري آهي. ان کان پوءِ اها ساڳي روايت هوبهو ’مرآة الاسرار‘ ڪتاب ۾ ملي ٿي جنهن جو مصنف شيخ عبدالرحمٰن چشتي آهي، جو هن اهو ڪتاب يارهين صديءَ ۾ هندستان اندر 1045 کان 1065 دوران لکيو.



[چهل مجلس، ص 206 - 207 - نفحات الانس، ص 848 - مرآة الاسرار، ص233 - 235]

**ص 18 طريقت جا خانوادا**

تذڪرة الاولياء موجب حبيب عجمي حضرت حسن بصريءَ جي صحبت ۾ رهي فيض حاصل ڪيو ۽ ان کان پوءِ هي سلسلو اڳتي وڌيو جنهن جو ذڪر ’ڪشف المحجوب‘ ۽ ٻين ڪتابن ۾ ملي ٿو. علي هجويري ڪل يارهن قسمن جي صوفين جو ذڪر ڪري ٿو جيڪي هن ريت آهن: (1) محاسبيان، (2) قصاريان، (3) طيفوريان، (4) جنيديان، (5) نوريان، (6) سهيليان، (7) حڪيميان، (8) خرزيان، (9) خفيفيان، (10) سياريان، (11) حلوليان. هو آخري حلوليہ وارن کي گمراهہ سمجهي ٿو. هتي جن ٻين خاندان جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اهي ظاهر آهي تہ پوءِ وجود ۾ آيا آهن.

[تذڪرة الاولياء فارسي، ص62 - ڪشف المحجوب فارسي، ص 257]

**ص 24 عوارف المعارف**

شيخ شهاب الدين سهروردي (539 - 632) جي مشهور تصنيف آهي. هن کان اڳتي سمورو مواد 'عوارف المعارف' تان ورتل آهي ۽ اهو ساڳيو مواد وري 'نفحات الانس' ۾ مولانا جاميءَ آندو آهي. هتي اهو مڪمل مواد اتان لفظ به لفظ ورتل آهي جيڪو ڪيترن صفحن تي ڦهليل آهي. اهو ڄاڻ ته بزرگن جا ٽي قسم آهن: ص 24 کان شروع ٿي 35 صفحي تائين هليو وڃي ٿو جتي اهو فصل پورو ٿئي ٿو. نفحات الانس ۾ ان جو عنوان هن ريت آهي: صوفي، متصوف، ملامتي، فقير ۽ انهن جي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي.

**ص 26 الملامتي هو الذي .....**

[نفحات الانس، ص 6]

**ص 28 الفقر عدم الاملاڪ...**

[نفحات الانس، ص 8]



**ص 28 الفقير الذي .......**

اهو ابوعبدالله طفيف جو قول آهي.

[نفحات الانس، ص 8]

**ص 28 الصوفي من استقصيٰ.....**

[نفحات الانس، ص8]

**ص 28 ابو عبدالله خفيف**

ابوعبدالله خفيف جو تفصيلي احوال 'تذڪرة الاولياء' ۾ ملي ٿو. ابوالحسن ديلمي سندس سوانح بابت پورو ڪتاب لکيو آهي. جنهن کي رڪن الدين شيرازيءَ فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو. اهو ڪتاب اينمري شمل جو ايڊٽ ڪيل موجود آهي.

[سيرت ابوعبدالله ابن خفيف شيرازي - تهران، ص 63]

**ص 29 الصوفي هو الخارج .......**

[نفحات الانس، ص8]

**ص 29 الفقر بداية......**

[نفحات الانس، ص8]

**ص 30 اذا رائيت لي طالباً ....**

[نفحات الانس - اردو، ص 153 - نفحات الانس - فارسي، ص 5 کان 9]

**ص 36 - 40 فصل توحيد جي باري ۾**

هي پورو فصل لفظ بلفظ ’نفحات الانس‘ تان ورتل آهي.

[نفحات الانس، ص 14]

**ص 37 فلمّا استبان الصبح ....... نور الكواكب**

هي اشعار ’نفحات الانس‘ ۾ ملن ٿا. اهي ابوالعباس سياري (وفات 342هه) ڏانهن منسوب آهن. اهي ’رسالہ قشيريہ‘ ۾ بہ ملن ٿا.



[نفحات الانس، فارسي، ص 14 - حوالو تحقيق در رسالہ قشيريہ، ص 90]

**ص 38 التوحيد معني يضمحل فيه الرسوم ......**

جنيد بغدادي جو هي قول رسالہ فتحيہ ۾ بہ ملي ٿو.

[رسالہ فتحيہ، ص 7 ۽ 13]

**ص 38 التوحيد غريم لايقضيٰ دينه و غريب .....**

شيخ ابوعلي دقاق جو اهو ساڳيو قول ’نفحات الانس‘ ۾ ملي ٿو، جيڪو رسالہ فتحيہ ۾ بہ آيل آهي. [رسالہ فتحيہ، ص 14]

**ص 39 كان الله ولم يكن معه شيئاً**

هي قول رسالہ فتحيہ ۾ بہ ملي ٿو. هن جو پهريون حصو حديث تسليم ڪيو ويو آهي.

[رسالہ فتحيہ، ص 15 - موضوعات ڪبريٰ عربي، ص 172]

**ص 39 ما وحد الواحد ...... من وحده جاحد**

شيخ عبدالله انصاريءَ جي عربي اشعار رسالہ فتحيہ جي شروعات ۾ آيل آهن جيڪي نفحات الانس ۾ ملن ٿا.

[رسالہ فتحيہ، ص 17 - نفحات الانس فارسي، ص 13 - 15 - نفحات الانس اردو، ص 160 - 163]

**ص 41 فصل ولايت وارن جي باري ۾**

هن فصل جو شروعاتي مواد پڻ ’نفحات‘ تان ورتل آهي جتي ان جو عنوان بہ ساڳيو آهي ۽ اهو بہ ’ڪشف المحجوب‘ جي حوالي سان شروع ٿئي ٿو.

[نفحات الانس، 12 - 15]

**ص 42 حضرت اويس**

حضرت اويس قرني کي خير التابعين ۾ شمار ڪيو ويو آهي. هو يمن جو رهاڪو هو. جيتوڻيڪ پاڻ رسول **الله** ﷺ جي وقت ۾ هو ۽ اڻ ڏٺي ايمان آندائين. ان ڪري سندس محبت کي مثالي



سمجهيو ويو آهي. صحيح مسلم ۾ هڪ حديث ۾ سندس ذڪر ملي ٿو جنهن جي روايت حضرت عمر کان ٿيل آهي ان روايت جو ترجمو هن ريت آهي: ”حضرت عمر بن خطاب چيو تہ رسول **الله** ﷺ فرمايو تہ يمن مان هڪ شخص توهان وٽ ايندو. جنهن جو نالو اويس هوندو. هن کي يمن ۾ ماءُ کان سواءِ ٻيو ڪو نہ هوندو. هن جي جسم تي هڪ دينار جيتري اڇي داغ کان سواءِ باقي ٻيو نشان نہ بچندو چو تہ ٻيا دعائن سبب هٽي ويندا. ان ڪري جيڪو ساڻس ملاقات ڪري تہ ڪانئس مغفرت جي دعا ڪرائي. هڪ روايت ۾ اهي الفاظ بہ آهن تہ رسول **الله** ﷺ فرمايو تہ ”ڀلارن تابعين مان هڪ شخص هوندو جنهن جو نالو اويس هوندو. هن جي هڪڙي ماءُ هوندي، هن جي بدن تي اڇا نشان هوندا. توهان هن کان مغفرت جي دعا گهرائجو.“ جيستائين هرم بن حيان جي ملاقات جو تعلق آهي تہ اهو سمورو احوال وري مستدرڪ علي الصحيحين ۾ ملي ٿو. تاريخي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو جنگ صفين يعني 57ھ ۾ موجود هو ۽ ان جنگ ۾ شهيد ٿيو. صوفين جي ڪتابن مان

معلوم ٿئي ٿو ته ’اويسي‘ بذات خود ڪو سلسلو ناهي. البت اها هڪ خاص نسبت آهي جيڪا ڪي صوفي ۽ درويش پنهنجي ذوق شوق ۽ طلب سان حاصل ڪن ٿا. خواجه بهاءُالدين نقشبندي جي لاءِ سندس خليفي خواجه محمد پارسا ’اويسي‘ نسبت جو ذڪر ڪيو آهي.

[رساله اُويسه فارسي - اردو: عبدالمقيت - حيدرآباد ص 117 - 128]

**ص 42 فما رئيت فيما رئيت....**

هي قول دراصل ابن عربيءَ جي مشهور ڪتاب ’فتوحات مڪيه‘ ۾ ملي ٿو. اهو ذڪر باب 198 جي 31 فصل ۾ آهي. ابن عربيءَ مطابق ڌرتيءَ جون ست اقليم آهن ۽ ان حساب سان ست ابدال آهن. ابن عربي چوي ٿو ته هو انهن مان هڪ سان حرم پاڪ ۾ مليو آهي ۽ ساڻس گفتگو ڪئي آهي.

[الفتوحات المڪيه ، عربي، مجلد 2، ص 456]



**ص 42 نفحات الانس**

مولانا جامي (817 - 898) جي مشهور تصنيف آهي جنهن جو موضوع 661 صوفين جي سوانح ۽ احوال آهي. هن ۾ پهريون دفعو صوفي عورتن جو الڳ ذڪر ڪيو ويو آهي. فارسي زبان ۾ اهڙو پهريون تذڪرو ’طبقات الصوفيه‘ نالي سان عبدالله انصاري پنجين صديءَ ۾ لکيو هو. ان ڪان پوءِ ٻيو تذڪرو جنهن ڪي غير معمولي مقبوليت حاصل ٿي اهو ’تذڪرة الاولياء‘ آهي جنهن جو مصنف شيخ فريدالدين عطار (شهادت 627ھ) آهي. ان ڪان پوءِ هي تذڪرو آهي جنهن ڪي سنڌ هند ۾ غير معمولي مقبوليت حاصل ٿي. بلڪ سنڌ جي صوفين جو پهرين تذڪرو ’حديقة الاولياء‘ آهي جنهن جو مصنف سيد عبدالقادر پڻ تمهيد ۾ اهو اعتراف ڪرڻ ضروري سمجهيو ته هن اهو ڪتاب ’نفحات الانس‘ ڪان متاثر ٿي لکيو. ’دليل الذاڪرين‘ ۾ ’نفحات الانس‘ جا ڪيترا پيرا حوالا آيا آهن جنهن جو مطلب آهي ته هي ڪتاب سنڌ ۾ گهڻو مقبول هو.

[نفحات الانس من حضرات القدس - تصحيح دڪتر محمود عابدي تهران، 1375 - نفحات الانس - اردو، شمس بريلوي - ڪراچي، 1982]

**ص 43 - 50 : نفس الرحمٰن من جانب اليمن**

حديث جا هي الفاظ مسند احمد ۾ ملن ٿا. صفحي 43 کان 50 صفحي تائين حضرت اويس قرني رضہ جي باري ۾ جيڪو احوال آهي، اهو سڀ ٿوري لفظي ڦيرگهير سان 'تذڪرة الاولياء' تان ورتل آهي. البت ڪجهہ ٽڪرو ڇڏيل آهي ۽ وري آخري ٽڪرو 'اويسان گويند' کان پڇاڙيءَ تائين اتان ڪنيل آهي.

[تذڪرة الاولياء: عطار فارسي، دڪتر استعلامي، ص 1377]

**ص 43 حضرت اويس قرنيءَ**

هن بابت ساڳيو احوال امام عبدالله بن يافعي جي ڪتاب 'روض الرياحين في حڪايات الصالحين' ۾ بہ ملي ٿو. ياد رهي تہ امام يافعي جو جنم 668هہ ۽ وفات 768 آهي. هن جو تعلق



يمن سان هو. سندس اهو ڪتاب سنڌ ۾ بہ گهڻو مقبول ٿيو جنهن جو حوالو مخدوم معين ٺٽوي پنهنجي مختصر رسالي 'اويسيہ' ۾ ڏنو جيڪو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ڏانهن خط جي صورت ۾ آهي.

[بزم اولياء اردو ترجمو روض الرياحين، ص 213 -219 - رسالہ اويسيہ، فارسي، اردو، ص 22]

**ص 44 اوليائي تحت قبائي لايعرفهم غيري**

هن لاءِ ڏسو

[رسالہ فتحيہ، ص 187]

**ص 44 اني لا جد نفس الرحمٰن من جانب اليمن**

احياءَ علوم الدين ۾ هن ڪي حديث طور ذڪر ڪيو ويو آهي.

[اسرار الغيوب، ص 1194]

**ص 47 هرم بن حيان**

هو تابعين منجهان آهي.

[الطبقات الڪبريٰ شعراني، ص 113]

**ص 49 الناس نيام فاذا ماتوا انتبهوا**

حديث جي ڪن ڪتابن ۾ هيءَ حديث ڄاڻايل آهي، ليڪن ڪن ڪتابن ۾ وري حضرت عليءَ جي قول طور به ملي ٿي.

[شرح فصوص الحڪم خواجہ پارسا، ص 566]

**ص 50 ربيع بن خثيم (وفات 67ھ)**

ڪن هن کي ربيع بن خيثم لکيو آهي هو تابعين منجهان آهي.

[الطبقات الڪبريٰ شعراني، ص 115]

**ص 50 - 51 فريدالدين عطار ۽ 'اُويس، اُويس'**

هيءَ سموري عبارت نفحات تان ورتل آهي.

[نفحات الانس، فارسي - 16]



**ص 51 ابوالقاسم گرگاني**

چوٿين صدي هجريءَ ۾ ٿي گذريو. هو جنيد بغداديءَ جي سلسلي سان وابسته هو ۽ ابوسعيد ابوالخير جو همعصر هو.

[تذڪرة الاولياء، ص 828]

**ص 51 ابوالحسن خرقاني**

مولانا جامي 'نفحات الانس' ۾ هن جو گهڻو ذڪر ڪيو آهي. مشهور صوفي بايزيد بسطامي جڏهن خرقان مان گذريو هو ته پيشنگوئي طور چيو هئائين ته "هتي هڪ اهڙو شخص پيدا ٿيندو، جيڪو اسان جو مريد هوندو ۽ مٿس الاهي فيض جي وڏي پالوٽ ٿيندي." هيءَ حڪايت 'بيان العارفين' ۾ به موجود آهي. شاهه عبدالڪريم هڪ بيت ۾ سندس نالو وٺي هيئن چيو آهي:

خرقان خوش ڪري، اچي ويناسون،
جئان ڏنئي حسن کي، تئان ڏيندين تون.

[بيان العارفين - ڇاپو پهريون، ص189 ۽ 296]

**ص 51 ابوسعيد ابوالخير (وفات: 440ھ)**

هن جو تفصيلي احوال تذڪرة الاولياء توڙي نفحات الانس ۾ ملي ٿو. هو پنهنجي صوفيانه رباعين جي ڪري گهڻو مشهور آهي.

**ص 51 نجم الدين ڪبريٰ (وفات: 618ھ)**

هن جو تفصيلي احوال نفحات ۾ ملي ٿو. منگولن جڏهن خوارزم تي حملو ڪيو ته هو پنهنجو خرقو پٽرن سان پري سندس مقابلي ۾ آيو ۽ ائين 618ھ ۾ شهيد ٿيو. سندس تصنيفات منجهان قرآن جو صوفيانه ’تفسير التاويلات النجميه في التفسير الاشاري الصوفي‘ پهريون ڀيرو سال 2009 ۾ بيروت مان شايع ٿيو آهي.

[نفحات الانس، ص427 - التاويلات النجميه، بيروت، ص2009]

**ص 56 ان لي عباداً سوي الانبياء و المرسلين خمس مائة رجال..... الخ**



اسان وٽ حديث قدسيءَ جي ٻن مجموعن ۾ اهڙي ڪا حديث نظر نه آئي. هونئن قدسي حديثن جو تعداد ٽن سون کان نون سون تائين ٻڌايو ويو آهي.

[الاحاديث القدسيه، دارالڪتاب العربي - بيروت - حديث قدسي، لاهور 2008]

**ص 53 بهاءُالدين گودڙيو (دلقپوش)**

هو مخدوم نوح جي خاص وڏن مريدن ۾ شامل آهي هو عالم فاضل شخص هو، جيئن هن بابت ڪيترن حڪايتن مان ظاهر ٿئي ٿو. سندس وڏو ڪارنامو مخدوم نوح جو فارسي ۾ قرآن جو اهو ترجمو آهي جيڪو هن پاڻ املا ڪيو يعني سندس لکت ۾ محفوظ آهي جيڪو هاڻي فارسي، سنڌي ۽ اردو ۾ شايع ٿي چڪو آهي. هن ڪتاب جي شروع ۾ مصنف ٻڌائي ٿو ته ’دليل الذاڪرين‘ مرتب ڪرڻ وقت هن رسالہ ’بهائيه‘ ۽ رسالہ ’فتحيه‘ تان استفادو ڪيو آهي. رسالہ فتحيه هن کان اڳ شايع ٿي چڪو آهي البته رسالہ بهائيه بابت وڌيڪ معلومات نٿي ملي.

بهاءُالدين جو ٿورو احوال ’تحفة الطاهرين‘ ۾ ملي ٿو. ليڪن هو ٻہ سندس وفات وغيره جو ڪو سال ڪو نہ ٿو ٻڌائي. البت هو ٻڌائي ٿو تہ هو اڪثر علي ثاني شيرازيءَ جي صحبت ۾ رهندو هو. ان لحاظ ڪان سندس جنم 950ھ جي لڳ ڀڳ ٿيڻ گهرجي ڇو تہ علي ثاني وفات 971ھ ۾ ڪئي. علي شير قانع جي لکڻ موجب بهاءُالدين پهريائين درويش موسيٰ جوڻ واري جو مريد هو ۽ پوءِ مخدوم نوح جي ارادت ۾ داخل ٿيو جتي هن زندگيءَ جو وڏو عرصو گذاريو جو مخدوم نوح جو بااعتماد خليفو ٿيو ۽ سندس قرآن بابت اشارات ۽ معنائن کي ترجمي جي صورت ۾ 1013ھ ۾ يعني مخدوم نوح جي وفات کان 15 سال پوءِ لکي پورو ڪيائين. ’دليل الذاڪرين‘ جي روايت موجب جڏهن شهزادو خرم شاهجهان پيءَ کان ڀڄي سنڌ جي شهر ٺٽي ۾ آيو تہ ٺٽي جي گورنر سندس مخالفت ڪئي. بهاءُالدين گودڙيي شهزادي جي عزت ڪئي ۽ دعا ڪيائين تہ دهليءَ جو تخت ڪيس ملندو. ان ڪري ٺٽي جو گورنر بهاءُالدين جو سخت مخالف ٿي پيو ۽ ڪيس تڪليفون ڏنائين شاهجهان جو سنڌ ۾ اچڻ تاريخي طور



ثابت آهي ۽ هو 1035ھ ۾ آيو هو جهانگير 1037ھ ۾ وفات ڪئي. بهاؤالدين گودڙي جي وفات 1040ھ کان 1050ھ دوران ڪنهن وقت ٿي آهي.

[قرآن شريف فارسي، مخدوم نوح - مقدمو، مولانا قاسمي، ص ... مخدوم نوح سرور جا سهيوڳي، ص 109 - تحفة الڪرام، ص41]

**ص 53 مخدوم فضل الله**

هو مخدوم نوح جو پڙپوٽو آهي. هو ٽين گادي نشين مخدوم ابومحمد جو پٽ آهي.

[ڏسو: تحفة الروح، ص86]

**ص 53 ميان محمود ڪاريو**

هن جو ڪو احوال نہ ملي سگهيو آهي.

**ص 53 شيخ ابوبڪر قريشي**

علي شير قانع هن جو نالو بهاءَالدين زڪريا جي اولاد ۾ ڏنو آهي.

[تحفة الڪرام، ص 553]

**ص 54 مخدوم زاده ميان موسيٰ**

مخدوم موسيٰ مخدوم نوح جو اٺون نمبر فرزند آهي.

[تحفةالروح، ص 97]

**ص 57 مخدوم عبدالعزيز**

هن جو ڪو احوال نہ ملي سگهيو.

**ص 57 سيد علي شيرازي (وفات: 1573/981)**

سيد علي ثاني پٽ سيد جلال پٽ سيد علي اول آهي جو ابتدائي احوال ’حديقة الاولياء‘ واري 1016ھ ۾ لکيل تذڪري ۾ ڏنو آهي بلڪ اهو نظم ۾ آهي. ان کان پوءِ مخدوم نوح جي احوال تحت هتي ڏنل روايت هن بلڪل ساڳئي انداز ۾ بيان



ڪئي آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ’دليل الذاڪرين‘ جي تصنيف وقت وٽس ’حديقة الاولياء‘ موجود هو. اهڙيءَ طرح نہ صرف هيءَ روايت بلڪ ٻيون ٽي روايتون بہ بلڪل ساڳئي انداز ۾ حديقة الاولياء واريون دليل الذاڪرين ۾ بيان ڪيون ويون آهن. ’تحفة الڪرام‘ ۾ انجوي شيرازي سيدن تحت سيد عليءَ جي خاندان سميت احوال ڏنو ويو آهي جنهن ۾ ٻڌائي ٿو تہ سيد علي مخدوم نوح جو مريد هو ۽ هن ننڍو رسالو ’آداب المريدين‘ لکيو آهي. سندس مقبرو مڪلي تي آهي. هتي ڏنل ساڳي روايت مير علي شير قانع پڻ ’تحفة الڪرام‘ ۾ بهاءَالدين گودڙي جي حوالي سان بيان ڪئي آهي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ’حديقة الاولياء‘ توڙي ’تحفة الڪرام‘ جي روايت جو اصل ماخذ بهاءَالدين گودڙي جو رسالو آهي.

[حديقة الاولياء فارسي، ص65 ۽ 132 - تحفة الڪرام - سنڌي، ص 384]

**ص 56 يا غوث الاعظم، انّ لي عباداً سوي الانبياء .... الخ**

هيءَ عبارت غوث اعظم شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي 'الهامات غوث' ۾ ملي ٿي. وڌيڪ ڏسو:

[منهاج المعرفت، ص 212 - الفيوضات الرباني - عربي - مصر، ص 81]

**ص 59 شيخ محمود (فخريہ يا فخري)**

هو مخدوم نوح جي وڏن خليفن ۾ شامل آهي. هو فخرالدين سهرورديءَ جي اولاد منجهان آهي.

[تحفة الروح، ص 182]

**ص 59 ڪينچي هلائڻ جي اجازت**

شيخ بهاءُالدين زڪريا ملتانيءَ وارن وٽ مريد جي وارن جي چڳ ڪٽڻ جي روايت اجان تائين هلندڙ آهي. هن روايت مان معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم نوح پاڻ هن روايت کي اختيار ڪرڻ پسند نہ ڪيو. اهڙي طرح ٻي روايت صوفي ڪلاهہ (خاص اُپي ٽوپي)



جي بہ نفي ملي ٿي. ان جي بجاءِ زور ڏنو ويو آهي ته "لاالٰہ الاالله" جي ڪينچي ئي ڪافي آهي.

**ص 60 ميان محمد ڪبير**

وڌيڪ احوال نہ ملي سگهيو.

**ص 61 آنانکہ خاک را ......... چشمئہ بما کنند**

هي شعر ديوان حافظ مان ورتل آهي.

[ديوان حافظ - محمد قزويني، ص 132]

**ص 61 متيٰ خبرت ان الشمس اُنثيٰ - ينهني عفافي ان اراها**

تحقيق مڪمل ٿي نہ سگهي.

**ص 62 حسن بصري رضہ**

حوالو اڳ ۾ گذري آيو.

**ص 63 يا احمد، لوصلي العبد صلواة اهل السمٰوات ....الخ**

هيءَ عبارت مستدرڪ سفينة البحار ۾ ملي ٿي. هتي جنهن ’ڪشف الاسرار‘ ڪتاب جو نالو ڪنيو ويو آهي ان بابت وڌيڪ معلومات نه ملي سگهي آهي.

**ص 64 ان الله لاينظر الي صورکم ......**

هيءَ حديث صحيح مسلم توڙي جامع صغير ۾ ملي ٿي. ان کان سواءِ ’احياءَ علوم الدين‘ ۽ ’فيه ما فيه‘ ۾ پڻ موجود آهي. ان جو حوالو ’بيان العارفين‘ ۾ آيل آهي.

[صحيح مسلم، ص 506 - فيه ما فيه، ص 338 - بيان العارفين، ص 221]

**ص 64 درويش حسين تميم يا ٿهيم**

هو مخدوم نوح جي خاص معتقدن ۾ شامل آهي.

[تحفة الروح، ص 133]

**ص 65 شيخ پرڪيو ڪاتيار**



’حديقة الاولياء‘ ۾ هن جو تفصيلي احوال ملي ٿو. سندس وفات جو سال 998ھ آهي جيڪو مخدوم نوح جي رحلت جو سال پڻ آهي. ان لحاظ کان هو مخدوم نوح جو همعصر آهي. مخدوم محمد اسماعيل سومرو پڻ سندن همعصر هو ۽ هن جي وفات جو سال به ساڳيو 998 هجري آهي. شيخ پرڪيي جي باري ۾ ڪيترا ساڳيا نقل حديقة الاولياء توڙي بيان العارفين ۾ ملن ٿا. ڪتاب ’تذڪرة العاشقين‘ ۾ وري شيخ پرڪيي جي وفات جو سال 978ھ ڄاڻايو ويو آهي.

[حديقة الاولياء، ص 177 - بيان العارفين، ص 234 - رهاڻ هيرن ڪاڻ، ص666،680]

**ص 65 الانسان سرّي وانا سرهٗ**

هن قول جي حوالي لاءِ ڏسو:

[بيان العارفين، ص 330]

**ص 66 لا تترکوا سنة الفجر.....**

حوالو نہ ملي سگھيو.

**ص 67 مخدوم ساهڙ لنجار**

'حديقة الاولياء' ۾ سندس تفصيلي احوال ملي ٿو جتي سندس وفات جو سال 981ھ ڄاڻايل آهي. ان کان سواءِ بيان العارفين، تحفة الڪرام ۾ پڻ سندس ذڪر اچي ٿو. 'دليل الذاڪرين' ۾ وري اڳتي 187 صفحي تي شيخ محمود فخري جي حوالي سان روايت اچي ٿي تہ سڀ کان پهرين جن ٻن شخصن مخدوم نوح کان فيض حاصل ڪيو آهي اهي مخدوم ساهڙ لنجار ۽ شيخ المشائخ هوتي لاڪو هئا. هوڏانهن مشهور روايت موجب ساهڙ لنجار، مخدوم بلال جي ٻارهن خليفن مان هڪ هو. مخدوم بلال 929ھ ۾ وفات ڪئي. اهڙيءَ طرح شيخ مشائخ هوتي لاڪي جي مزار ڳوٺ مشائخ پوٽو تعلقي ٽنڊو آدم ضلعي سانگهڙ ۾ آهي. سندس مزار تي جيڪو فارسي ۾ ڪتبو لڳل آهي ان جي تاريخ 811ھ ڄاڻايل آهي بلڪ ان ڪتبي ۾ اهو بہ ڄاڻايل آهي تہ سندس اهو مقبرو پهريائين ڄام نظام الدين يعني ڄام نندو ٺهرايو هو. شيخ هوتيءَ کي چار پٽ ٿيا جن مان شيخ احمد وڏو



عالم ٿيو هن وري 820ھ ۾ وفات ڪئي ۽ پنهنجي والد جي پير ۾ دفن ٿيو. حديقة الاولياء ۾ پڻ شيخ هوتي لاڪو ۽ سندس پٽ احمد ۽ محمد جو ذڪر ڪيو آهي. مطلب تہ شيخ هوتي لاڪو توڙي سندس ٻئي پٽ احمد ۽ محمد مخدوم نوح کان اڳ ٿي گذريا.

[رهاڻ هيرن کاڻ، جلد ڇهون، ص 89 -90 - مقالات خانائي، ص ص 20 - 22 - حديقة الاولياء، ص 101 کان 114]

**ص 68 اعرواجسادڪم واظمئوا اڪبادڪم ترؤالله.....**

حديث قدسي جا مڪمل الفاظ آهن جيڪا 'ڪشف المحجوب' ۾ ملي ٿي.

[ڪشف المحجوب، فارسي، ص 484 / 944]

**ص 68 العلماءَ ورثة الانبياء**

حديث جي ڪن ڪتابن جهڙوڪ صحيح بخاري، ترمذي ۽ جامع صغير وغيره موجب حديث آهي.

[رسالہ فتحیہ، ص 178 - آداب المريدين، ص 21]

**ص 68 مخدوم جعفر (بوبڪائي 930 - 1002ھ)**

مخدوم جعفر جو والد مخدوم ميران پنھنجي وقت جو وڏو عالم هو جنهن جو ٺٽي جي شهر ۾ وڏو مدرسو هو. هن 949ھ ۾ وفات ڪئي. ان وقت سنڌ جون سياسي حالتون سخت خراب هيون جو همايون سنڌ ۾ اچي پناهگزين ٿيو هو ۽ شاهه حسن کيس سنڌ ۾ ترسائڻ لاءِ هرگز تيار نہ هو. انهن حالتن ۾ مخدوم جعفر نوجوانيءَ ۾ حرمين جو سفر ڪيو جتي ڪيترائي سال درس و تدريس ۾ مشغول رهيو ۽ آخر 961ھ ۾ واپس آيو ۽ اچي پنھنجي اباڻي ڳوٺ بوبڪ ۾ مدرسي جو اهتمام ڪيائين. جيئن هن نقل مان ظاهر آهي تہ ٺٽي ويندي هالا ۾ مخدوم جعفر جي مخدوم نوح سان ملاقات ٿي جنهن ۾ مخدوم جعفر پنھنجي علمي ۽ فقهي راءِ ڏني جنهن جو مخدوم نوح احترام ڪيو. هيءَ نقل ٻين تذڪرن ۾ پڻ ملي ٿو.

[تحفة الڪرام، ص 374 - مخدم جعفر بوبڪائي، ص 148]



**ص 69 شيخ علي هيئتي**

هي نقل نفحات الانس ۾ موجود آهي.

[نفحات الانس، فارسي، ص 513]

**ص 69 الناس نيام فاذا ماتوا ....**

هن جو حوالو اڳ ۾ گذري آيو.

**ص 70 من رآني فقد رآني فان الشيطان لايتمثل بي.**

هيءَ حديث صحيح مسلم ۾ ابوهريره جي روايت سان موجود آهي پوري حديث هن ريت آهي: ”من رآني في المنام فسيراني في اليقظ، او لكانّما رآني في اليقظ، لايتمثل الشيطان بي“ ابوقتاده رضہ کان وري هي الفاظ مروي آهن: ”من رآني فقد رائ الحق“

[مختصر صحيح مسلم، ص 427]

**ص 72 سيد ساجن متعلوي**

تحفة الڪرام وارو لکي ٿو تہ ھو مخدوم نوح جو مريد ھو ۽ پوءِ گھڻو مشھور ٿيو. زندگيءَ جو پويون حصو لاڙ ۾ گذاريائين آخر ڏندي شھر تلھار پرسان وفات ڪيائين جتي مدفون آھي. ھو ساجن سوائي طور بہ مشھور آھي جتي اڄ ڏينھن تائين وڏو ميلو لڳندو آھي.

[تحفة الڪرام، ص 300 - تحفة الروح، ص 178 - تذڪره مشاھير سنڌ، ص 59]

**ص 72 سيد رڪن الدين متعلوي**

مير علي شير قانع سندس ذڪر ڪيو آھي پر ھن اھو ساڳيو نقل دھرايو آھي، جيڪو 'بيان العارفين' ۾ موجود آھي.

[تحفة الڪرام، ص 441 - بيان العارفين، ص 310]

**ص 72 محمد امين (اول) (952ھ - 1015ھ)**

ھو مخدوم نوح کان پوءِ سندس سجاده نشين ٿيو ان وقت سندس عمر 46 سال ھئي.



[تذڪره مشاھير سنڌ، ص 51 - تحفة الروح، ص 83]

**ص 72 سيد عبدالله متعلوي**

ھن جو ان کان وڌيڪ احوال ڪو نہ ٿو ملي تہ ھو مخدوم نوح جو نياڻو ھو.

[تحفة الروح، ص 135]

**ص 72 سيد اسماعيل بخاري**

شاھ ڪپور تعلقي جاتيءَ ۾ سندس مزار آھي.

[تحفة الروح، ص 134]

**ص 74 حاجي زڪريا**

وڌيڪ احوال ڪو نہ ٿو ملي.

**ص 74 سيد طيب متعلوي**

ڊاڪٽر اسرار علوي مطابق هو مٽياريءَ جي ڄاموٽن جو وڏو ڏاڏو هو. جنهن جو پاڙو 'موسيٰ پوٽو' چون ٿا. انهيءَ خاندان جي اها شهرت گهڻو پوءِ به قائم رهي.

[تحفة الروح، ص 135 - 175]

**ص 76 حسن ڀانگو**

هو هالا جي ويجهو ڳوٺ ڀاٽوٽ جو هو.

[تحفة الروح، ص 137]

**ص 80 مخدوم ڪرم الله**

هو مخدوم نوح جو معتقد ۽ مريد هو.

[راحت الروح، ص 95]

**ص 81 مخدوم اسماعيل سومرو (وفات 998هه)**

هن جو تفصيلي ذڪر 'حديقة الاولياء' ۾ ملي ٿو جتي سندس وفات جو سال به ملي ٿو. اهوئي سال سندس مقبري تي تاريخي



مقام اگهاماڻي ۾ لکيل ملي ٿو. 'بيان العارفين' ۾ آهي ته وٽس جهجهو ماهيو مال هوندو هو. ايتريقدر جو سندس ڏيءَ وقت جي عالم مخدوم عثمان کان پڇيو ته اسان جون نوڪراڻيون پيرن جي تڏ ڏيئي مانڌاڻيءَ کي گهمائينديون آهن ته ڏڌ جا ڦڙا پيرن کي لڳي وري اچي چاڏيءَ ۾ پوندا آهن ٻڌايو ته اهي پاڪ آهن يا نه؟ مخدوم جواب ۾ هي بيت پڙهيو:

چارئي پلئه چڪ ۾، پڇي پاريهر وٺ

ان اهڙي احتياط سين، ڦٽ پڃاڻان ڦِٽ.

ترجمو چادر جا چارئي پالاند گپ چڪ ۾ آهن پر پاريهر ڪبوتر جي وٺ بابت پيو پڇي؟ اهڙي احتياط جو نتيجو جُٺ ڦِٽ ئي آهي.

[بيان العارفين، ص 247 - حديقة الاولياء، ص 154 - تحفة الڪرام، ص 407]

**ص 82 يا طالب الدنيا لتبرّان ان ترکه ان ترکه لابرح**

حوالو نہ ملي سگھيو.

**ص 83 امام غزالي (وفات 505/ 1102)**

اسلامي دنيا جو وڏي ۾ وڏو صوفي جيڪو پنهنجي تصنيفات 'احياءعلوم الدين' ۽ 'ڪيمياي سعادت' جي ڪري تمام گھڻو چاتل سڃاتل آهي.

**ص 84 ملا حسين خيالي**

وڌيڪ حوالو نہ مليو.

**ص 85 قلب المؤمن عرش الله تعاليٰ**

هيءَ يا ان سان ملندڙ جلندڙ مقولا "قلب بيت الله" وغيره صوفين جا قول آهن جيڪي سندن ڪتابن ۾ ملن ٿا. مشهور صوفي سهل تستريءَ جو قول آهي: "القلب هو العرش و الصدر هو الڪرسي"

[تمهيدات، ص 147 - عوارف المعارف، ص 373]



**ص 85 اڪرم الضيف ولو ڪان ڪافراً**

حوالو نہ ملي سگھيو.

**ص 87 عثمان چاڪي**

هن ڪي ڪتي 'عصار' چئي بہ ياد ڪيو ويو آهي. هو خاص عقيدتمندن ۾ شمار ٿئي ٿو. هو سفر توڙي حضر ۾ مخدوم صاحب سان گڏ هوندو هو. هن جو اولاد چاڪي سومرا هالا ۾ اڄ تائين درگاهہ جا معتقد آهن. سندس مزار 'چوڪنڊي مخدوم نعمت الله' ۾ موجود آهي. هو انشاپرداز هو ۽ مخدوم نوح طرفان خط و ڪتابت ڪندو هو.

[تحفة الروح، ص 145 - پيغام نوح، ص 68]

**ص 88 هند جي لشڪر جو سنڌ تي حملو**

تاريخي لحاظ کان مخدوم نوح جي زندگي (911 - 998) ۾ هند جي ڪنهن لشڪر جو ذڪر ڪو نہ ٿو ملي. البت همايون پنهنجي وڏي اتالي سميت سنڌ ۾ (947هہ - 949هہ) ٽن

سالن جو عرصو وڏي افراتفريءَ ۾ گذاريو. پهريائين بکر جي قلعي تي قبضو ڪيائين جيڪو شاهه حسن ڪانئس خالي ڪرايو. اتان نڪري دربيلي کان ٿيندو سيوهڻ جي قلعي تي حملي آور ٿيو پر ان ۾ به ڪامياب نه ٿيو. اهو ممڪن آهي ته سيوهڻ ڏانهن ويندي همايون جو لشڪر هالڪنديءَ وٽان گذريو هجي. بهرحال اهو سال 948هه جمادي الاول جو مهينو هو جڏهن همايون جو نڪاح پاٽ شهر ۾ حميده بيگم سان پڙهيو ويو. مولائي شيدائي جي لکڻ موجب 'ماثر رحيمي' ۾ اهو ذڪر ملي ٿو ته مخدوم نوح پنهنجي ماڻهن کي چيو هو جن همايون کي ٻيڙين جي مدد ڪئي هئي.

[جنت السنڌ، ص 390 - پيغام نوح، ص 68]

**ص 90 دائود مداري**

وڌيڪ احوال نه مليو

**ص 91 اوتاد**



ابدال ۽ اوتاد جي باري ۾ وضاحت 'ڪشف المحجوب' ۽ 'نفحات الانس' ۾ ملي ٿي. ان کان سواءِ ابن عربي 'فتوحات مڪيه' ۾ پڻ چئن اوتادن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن جا نالا عبدالحي، عبدالعليم، عبدالقادر ۽ عبدالمريد ٻڌايا آهن. 'ڪشف' ڪتاب ۾ وري هي نالا ملن ٿا. اوڀر ۾ عبدالرحمٰن، اولهه ۾ عبدالودود، اتر ۾ عبدالقدوس ۽ ڏکڻ ۾ عبدالرحيم. جڏهن انهن مان ڪو وفات ڪري وڃي ٿو ته وري ٻيو ان جي جاءِ وٺي ٿو.

[القاموس الصوفي، ص 17 - فرهنگ اصطلاحات، ص100]

**ص 91 شاهه مدار بديع الدين (771 - 851)**

شيخ عبدالحق هن جون عجيب و غريب حالتون ٻڌائي ٿو. هو اڪثر جوڳين جي صحبت ۾ گذاريندو هو. پنهنجي منهن تي ڪپڙو رکندو هو ۽ پاتل ڪپڙا نه لاهيندو هو. هن جون ڪيتريون ڳالهيون شريعت جي خلاف هيون. هن نقل مان معلوم

ٿئي ٿو تہ مداري سلسلي جا فقير سنڌ ۾ پهتل هئا. هو ڏونهين يا ٻاهہ ٻاري ان جي چوڌاري ويهي گفتگو ڪندا هئا. هنن جو نعرو ’دم مدار‘ هو.

[اخبار الاخيار، ص233 / A Short History of Sufism in India [P - 319

ص 92 درويش مٽو

درويس مٽو يا مٽو هڪ آهي يا ٻہ. فارسيءَ ۾ ”ٽ“ نہ هجڻ ڪري اها غلط فهمي باقي رهي ٿي. بهرحال جيڪڏهن اهو مٽو آهي تہ پوءِ اهو مخدوم نوح جو تمام پيارو مريد هو، جنهن سان مخدوم صاحب هي مصرع چئي مخاطب ٿيندو هو:

مٽا! مٽائي جون، ڪر ڪي ڳالهڙيون

تحفة الڪرام ۾ بہ سندس ذڪر ملي ٿو.

[تحفة الڪرام، ص 613 - تحفة الروح، ص153]

ص 92 حمدون قصار



اهو بيان ’نفحات‘ ۾ ملي ٿو.

[نفحات الانس، ص59]

ص 93 نوح ڪاريو

هن جو وڌيڪ احوال ڪونہ ٿو ملي.

[تحفة الروح، ص 135]

ص 94 اُمة مذنبة و انا رب غفورٌ

هي قول ’تنبيه الغافلين‘ ۾ ملي ٿو.

[تنبيه الغافلين - اردو، ص276

ص 95 سارو عرف پهاڙ

اصل فارسيءَ ۾ ساره يا ساده عرف بهار لکيل آهي، جيڪو ”سڌو پهوڙ“ بہ ٿي سگهي ٿو. هن جو هڪ ٻيو نقل بہ ملي ٿو. ٻئي هنڌ ڪٿي بہ حوالو نٿو ملي.

ص 95 امام اعظم ابوحنيفہ (80هہ - 150هہ)

ڪن ڪتابن ۾ امام ابوحنيفہ ڏانهن اهو منسوب شعر ملي ٿو.

[الدّرالمنظوم اردو، ص 129]

**ص 96 لي مع الله وقت**

مڪمل حديث جا الفاظ هن ريت آهن: لي مع الله وقت لايسعني فيه ملک ولامقرب ولانبي مرسل يعني مون کي الله تعاليٰ سان اهڙو وقت حاصل آهي جنهن ۾ ڪو مقرب ملائڪ يا ڪو نبي ۽ رسول نہ هوندو آهي.

[حوالو ڏسو منهاج المعرفت، ص275 - احاديث مثنوي، ص 152]

**ص 99 سابقنا سابق و مقتصدنا ناج و ظالمنا مغفور له**

حديث جي ڪن ڪتابن جهڙوڪ ڪتاب السنن وغيره ۾ اهي الفاظ ملن ٿا. وڌيڪ تحقيق لاءِ ڏسو:

[رسالہ فتحيہ، ص 210 ۽ 415]

**ص 100 شيخ احمد خرقاني**



هي نقل مشهور شيخ ابوالحسن خرقاني (وفات 424هہ) بابت ٿي سگهي ٿو يا ان سان ملندڙ جلندڙ آهي.

[تذڪرة الاولياء- فارسي، ص 336]

**ص 101 والذي نفسي بيده ... الخ**

ابوهريره رضہ جي روايت سان هيءَ حديث صحيح مسلم ۾ ملي ٿي.

[مختصر صحيح مسلم، ص 564]

**ص 101 مصابيح**

حديثن جي هن مجموعي جي مؤلف جو نالو امام ابومحمد حسين بن مسعود الفراءَ البغوي (وفات 516هہ) آهي. [بُستان المحدثين، ص 225]

**ص 102 انّ اولياء الله لايموتون بل ينتقلون من دار الي الدار**

مثنوي روميءَ ۾ هن کي حديث ڪري پيش ڪيو ويو آهي.

[اسرار الغيوب شرح مثنوي معنوي، ص 983]

**ص 105 الموت جسر يوصل الحبيب الي الحبيب**

هيءَ قول يحيٰ بن معاذ رازيءَ ڏانهن منسوب آهي.

[تذڪرة الاولياء فارسي، ص 364]

**ص 108 لا رهبانية في الاسلام**

مثنوي روميءَ ۾ حديث طور آيل آهي.

[اسرار الغيوب، ص 848]

**ص 108 حُبّب اليّ من دنياكم ثلث الطيب ......**

حديث جي ڪيترن ڪتابن ۾ هيءَ حديث ملي ٿي. مسند احمد ۽ جامع صغير وغيره

[شرح فصوص الحڪم، ص570]

**ص 108 سياهي گر بداني ...... آب حيات است**



هي شعر گلشن راز مثنويءَ ۾ ملي ٿو.

[گلشن راز - ڪشف اعجاز، ص 55]

**ص 110 تخلقوا باخلاق الله**

هي الفاظ مولانا روميءَ جي 'فيه ما فيه' ۾ حديث طور ملن ٿا.

[اسرار الغيوب، ص 318]

**ص 110 ڪنت سمعه و بصره وقلبه ويده ورجله**

هيءَ حديث ڪجهه لفظن جي ڦيرڦار سان صحيح بخاريءَ ۾ ملي ٿي ۽ ان ڪان پوءِ صوفين جي ڪيترن ڪتابن ۾ پڻ اچي ٿي.

[شرح فصوص الحڪم، ص577]

**ص 111 قلب المؤمن عرش الله تعاليٰ**

مٿي ص 85 جي تعليقات ۾ وضاحت اچي چڪي آهي.

**ص 111 لااله الاالله**

ڪلمئہ طيبہ جي پهرين حصي جي حديثن ۾ گهڻي فضيلت آئي آهي. صحيح مسلم جي حديث موجب ايمان جا ستر کان وڌيڪ قسم يا ڀاڱا آهن. پهريون ۽ سڀ کان بهترين ”لاالٰہ الاالله“ آهي ۽ آخري يا گهٽ ۾ گهٽ رستي تان ڪنهن ايذاءُ ڏيندڙ پٿر يا پٽر ڪي هٽائڻ آهي. ”الايمان بضع و سبعون شعبة، اولها قول: الاالٰہ الاالله، وادناها اماطة الاذي عن الطريق“

[مختصر صحيح مسلم، ص 19]

**ص 112 لايسعني ارضي ولاسمائي ولٰکن يسعني قلب عبدي المؤمن**

هن حديث جو حوالو احياءَ العلوم ۽ عوارف المعارف ۾ ملي ٿو.

[شرح فصوص الحڪم، ص580]

**ص 112 ان في جسد آدم لمضغة .....**

حديث جي ڪتابن ۾ شروع وارا الفاظ ”ان في جسد آدم لمضغة“ کان پوءِ هي الفاظ آهن: ”اذا صلحت الجسد كله و اذا



فسد فسدت الجسد كله الا وهي القلب“ اهي الفاظ صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم وغيره ۾ ملن ٿا.

[وڌيڪ تحقيق لاءِ ڏسو رسالہ فتحيہ ص 428کان 433]

**ص 113 بايزيد بسطامي (وفات 260ھ)**

هو پنهنجي شطحيات جي ڪري گهڻو مشهور آهي، هيءَ قول بہ هڪ قسم جي شطح آهي. ”سبحاني مااعظم شاني“ سندس مشهور شطح آهي.

[تذڪرة الاولياء، ص 166]

**ص 113 لاحول ولا قوة الابالله**

دعا جا هي الفاظ ڪيترين حديثن ۾ ملن ٿا.

[مختصر صحيح مسلم، ص233]

**ص 116 سلمان فارسي رضي الله عنه**

هو اصل ۾ اصفهان جو هو. هو رسول ڪريم ﷺ مديني ۾ اچڻ کان پوءِ مسلمان ٿيو. ڪن روايتن ۾ آهي ته هو اڍائي سؤ سال زنده رهيو حالانڪ سندس عمر اسي سالن کان وڌيڪ ڪونه هئي. ابن حجر جي لکڻ موجب ذهبيءَ ان روايت کان رجوع ڪيو آهي.

[رسالہ قشيريہ - اردو، ص 1045]

**ص117 طي زمان ۽ طي مڪان**

صوفي روايتن ۾ ان جا ڪيترا مثال ملن ٿا. بلڪ مخدوم جعفر بابت به اهڙي روايت موجود آهي.

[مخدوم جعفر بوبڪائي، ص 148]

**ص 118 هاشم ابن حماد**

هن جو مقبرو بلڙي شهر جي ويجهو آهي.

[تحفة الروح، ص 134]



**ص 118 موسيٰ تميم**

وڌيڪ حوالو ڪو نه مليو.

**ص 119 رڪن الدين ابن وتايو**

هن جو وڌيڪ حوالو ڪونه مليو. هن کان اڳ ص 64 تي به سندس حوالو شيخ پرڪيي سان گڏ آيو آهي.

**ص 119 درويش محمود بوبڪائي**

هن جو نالو محمود به اچي ٿو.

[تحفة الروح، ص 136]

**ص 119 خير الامور اوسطها**

بيهقيءَ هن کي سنن ڪبريٰ ۾ بيان ڪيو آهي.

[حلاوة الفمّ - عربي، ص 81]

**ص 120 ٻارهن فرزند**

مخدوم نوح جا ٻارهن فرزند هئا تفصيلي احوال لاءِ ڏسو.

[تحفة الروح، ص43]

**ص 120 حديقة اولياء**

سنڌ جي صوفين جو اوائلي تذڪرو جيڪو 1016هه جي تاليف آهي. مصنف سيد عبدالقادر مخدوم نوح تي هڪ پورو باب قائم ڪيو آهي، جنهن ۾ ڪيترائي نقل بيان ڪيا اٿس. بهاءُالدين گودڙيي جي حوالي سان اهو ساڳيو نقل ‘حديقة الاولياء‘ ۾ موجود آهي، ان وقت بهاءُالدين گودڙيو زنده هو. ان جو مطلب ته حديقة الاولياء واري ڪي اهي روايتون پاڻ بهاءُالدين کان مليون يا سندس لکيل هٿ آيون جو سيد جلال پٽ علي شيرازيءَ جو نقل ڪندي ”نقل نوشته“ جا الفاظ ڪم آڻي ٿو. ليڪن ٻئي نسخي ۾ وري ”نقل است از درويش بهاءُالدين گودريه“ ملي ٿو.

[حديقة الاولياء - فارسي ، ص131 - 129، سنڌي - ص 161]

**ص 120 حضرت حُذيفه رضہ (وفات 36هه)**



هو حذيفه بن اليمان صحابي آهي. هن لاءِ چيو وڃي ٿو ته پاڻ سڳورن ڪيس سيني منافقن جا نالا ٻڌائي ڇڏيا هئا. ان ڪري حضرت عمر رضہ ڪنهن جي ايستائين جنازي نماز نه پڙهائيندو هو، جيستائين حُذيفه ان ۾ شامل نه هجي.

[رسالہ قشيريہ، ص 941]

**ص 121 سيد عبدالرحمٰن**

ٻيو ڪو حوالو نه مليو.

**ص 122 مخدوم امام بن مخدوم يوسف**

ڪو حوالو نه مليو.

**ص124 درويش صوبو ڪيبرائي**

هن جي احوال لاءِ ڏسو

[تحفة الروح، ص 134]

**ص 125 ادهم ثاني**

مخدوم نوح جو پنجون نمبر فرزند سلطان ابراهيم سندس نالو هو. هو 1002 ۾ هالا ڇڏي لاڙ طرف هليو آيو ۽ اتي سڪونت اختيار ڪيائين. هو مخدوم نوح جي وڏي معتقد ميرڻ ڪاتيار جو نياڻو هو. سندس مقبرو بلڙي شاهه ڪريم جي ويجهو خليفو احمد سمون ڳوٺ ۾ آهي.

[تاريخ درگاهه شريف هالا، ص 26]

## ص 125 مرزا جاني بيگ ۽ مرزا غازي بيگ

هي نقل مخدوم نوح جي زندگيءَ جو نٿو ٿي سگهي ڇو ته مخدوم صاحب 27 ذوالقعد 998هه تي وفات ڪئي. اڪبر جي سپهه سالار خانخانان سنڌ ۾ 22 شوال 999هه يعني تقريباً هڪ سال پوءِ آيو ۽ مرزا جاني بيگ سان لڙائي ۽ مقابلي جو آغاز ٿيو. هڪ سال کان وڌيڪ اهي لڙايون هلنديون رهيون. آخر خانخانان جي خط لکڻ تي مرزا جاني بيگ صلح لاءِ آماده ٿيو ۽ 26 محرم 1000هه تي ان ريت صلح ٿيو ته مرزا جاني بيگ کي اڪبر جي دربار ۾ پنج هزاري منصب ملندو ۽ ٺٽي جي



حڪمراني سندس پٽ غازي بيگ کي ملندي. مرزا جاني بيگ 1009هه ۾ برهان پور ۾ وفات ڪئي ۽ سندس لاش کي ٺٽي ۾ آڻي مڪليءَ تي دفن ڪيو ويو.

[تاريخ معصومي، ص 294، 297 ۽ 300 - مرزا غازي بيگ ترخان اور اس کي بزم ادب، ص 19]

## ص 128 سيد حيدر (وفات 937هه)

مير علي شير قانع پڻ لکيو آهي ته هو مخدوم بلال جو مريد هو. هن کان اڳ ۾ مير معصوم به ڄاڻايو آهي ته هو مخدوم بلال کان فيض يافته هو ۽ هن جي خاص خليفن ۾ شامل هو. ميران محمد جونپوري جيڪو مهدي سڏائيندو هو جڏهن سنڌ ۾ آيو هو ته سيد حيدر سندس عقيدن جي سخت مخالفت ڪئي هئي. هن روايت مان معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم نوح کي مخدوم بلال سان وڏي عقيدت هئي.

[تذڪره مشاهير سنڌ - ڀاڱو ٻيو، ص 64]

## ص 130 مخدوم ساهڙ لنجار ۽ مشائخ هوتي لاکو

هي ٻيو پيرو ٻنهي جو ذکر گڏ آيو آهي. مخدوم ساهڙ لنجار مخدوم نوح جو وڏو همعصر آهي جيڪو شروع ۾ مخدوم بلال جو عقيدتمند هو ۽ پوءِ مخدوم نوح سان عقيدت وارو ٿيو. ليڪن مشائخ هوتي توڙي هن جو پٽ احمد هوتي ٻئي نائين صديءَ جي اوائل ۾ ٿي گذريا. ڏسو اڳ ۾ آيل حوالو.

[حديقة الاولياء، ص 121]

## ص 131 مخدوم امين محمد ۽ مخدوم ابومحمد ۽ مخدوم جلال الدين جلال

مخدوم امين محمد ۽ مخدوم جلال محمد پهريون ۽ ڇهون نمبر پٽ آهي البت ابومحمد مخدوم امين محمد جو فرزند آهي. مخدوم امين محمد مخدوم نوح کان پوءِ اول دستار جو ۽ مخدوم ابومحمد دستار ثاني جو شرف حاصل ڪيو.

[تحفة الروح، ص 101]



## ص 134 شاهه خيرالدين بکري

هن جو شمار مخدوم نوح جي وڏن خليفن ۾ ٿئي ٿو. هو 911ھ ۾ بغداد ۾ ڄائو ۽ سندس نسب پنجن واسطن سان سيد عبدالقادر جيلانيءَ سان ملي ٿو. سندس وفات جو سال 1027ھ آهي. هو سکر ۾ مدفون آهي. مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو ته صدو فقير شاهه خيرالدين جو گادي نشين ٿيو. چاڪاڻ ته هو لاولد فوت ٿيو. ان کان پوءِ هن جو فرزند دروش يحيٰ مسند جو مالڪ ٿيو جنهن جو تعلق مخدوم نوح جي جماعت سان قائم رهيو.

[تذکره مشاهير سنڌ - ڀاڱو ٻيون، ص 69]

## ص 136 مرزا محمد باقي

هو مرزا عيسيٰ ترخان جو پٽ آهي ۽ سندس ٻيو ڀاءُ مرزا صالح هو. مرزا عيسيٰ جي جيئري ٻنهي ڀائرن ۾ وڏو اختلاف ٿيو. مرزا عيسيٰ مرزا صالح جو پاسو ورتو جنهن ڪري مرزا باقي ڀڄي وڃي پيءَ جي مخالف سلطان محمود وٽ بکر ۾ ترسيو. مرزا

صالح ڪي 970ھ ۾ مريد بلوچ قتل ڪري وڌو تہ مرزا عيسيٰ مرزا باقيءَ کي پاڻ وٽ اچڻ ڏنو. 974ھ ۾ مرزا عيسيٰ مري ويو. ليڪن مرڻ کان اڳ ننڍي پٽ مرزا جان بابا لاءِ وصيت ڪري ويو. ان ڪري ٻنهي ۾ سخت خونريزي ۽ لڙاين جي شروعات ٿي وئي. مرزا جان بابا شاھ قاسم بيگلار جي مدد سان مرزا باقيءَ تي حملي آور ٿيو پر مرزا باقي بچي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيو. آخرڪار مرزا باقي جان بابا کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ ٺٽي ۾ وري حڪمراني ڪرڻ لڳو پر جلد ئي هن ظلم ۽ انڌير شروع ڪري ڏنو. هاڻي ڪيس ڪنهن تي بہ اعتماد نہ رهيو هو. انهيءَ دوران هن مرزا صالح جي نياڻي سيد علي شيرازيءَ جي فرزند سيد جلال کي بہ نہ بخشيو. ٻيو واقعو اهو ٿيو تہ سندس پٽ شاھ رخ اوچتو مري ويو جنهن ڪري مرزا باقي دماغي توازن وڃائي ويٺو. آخر هڪ رات پنهنجو پاڻ کي خنجر هڻي ماري وڌائين. اهو واقعو 993ھ ۾ ٿيو. اهڙيءَ طرح هن يارهن سال حڪومت ڪئي جنهن ۾ ڪا بہ نيڪنامي نہ ڇڏيائين.

[تحفةالڪرام، ص 174 - 184]



**ص 136 جامع فرخ**

جامع فرخ ارغوني امير فرخ مرزا شاھ حسن جي دور ۾ 938ھ ۾ ٺهرائي هئي. جيئن هڪ اهڙي ڪتبي مان خبر پوي ٿي، جيڪو عجائب گھر ڪراچي ۾ رکيل آهي.

[تاريخ طاهري - سنڌي، ص 322]

**ص 136 ڪڪراله**

مرزا قليچ جي لکڻ موجب ابن شاھ شيخ بهاءالدين ملتانيءَ جي اولاد مان هو ۽ شيخ اسماعيل قريشي ان جي اولاد مان هو جيڪو بدين ۾ اچي رهڻ لڳو.

[تحفة الڪرام، ص 439 - قديم سنڌ، ص 91]

**ص 137 مولوي حامد اگهمي**

هو وڏو فقيه هو. دين محمد وفائي لکيو اهي تہ مخدوم حامد جون فتوائون ۽ تحريرون اجا بہ موجود آهن جن مان مخدوم محمد هاشم

نٿوي ۾ مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي جهڙا عالم بہ سند ۾ حجت وٺندا هئا.

[تذڪره مشاهير سنڌ - پاڳو پيو، ص 73 - سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ص 261]

**ص 137 مريد ۽ مراد**

ذوالنون جي حوالي سان اهو قول ملي ٿو.

[نفحات الانس، ص30]

**ص 138 اهل القرآن اهل الله خاصة**

ترمذيءَ ۾ هيءَ حديث هن ريت آهي: "اهل القرآن هم اهل الله"

[فصل الخطاب، ص 523]

**ص 139 شيخ بهاءالدين زڪريا جي مريد جو ڪشف**

شيخ بهاءالدين زڪريا ستين صديءَ ۾ ٿي گذريو. انهين صدي ڪان وٺي سنڌ ۾ هن جو روحاني اثر رسوخ چوٿيءَ تي نظر اچي



ٿو. اهوئي سبب آهي جو ’حديقة الاولياء‘ واري سنڌس سڀ ڪان پهرين ذڪر ڪيو آهي. ليڪن ڏهين صديءَ ۾ جڏهن مخدوم نوح جو روحاني اثر ۽ پيري مريدي ڦهلجڻ لڳي تہ ٻنهي درگاهن جي مريدن درميان ڪڏهن ڪڏهن جهيڙا ٿيا آهن جيئن ڪيترن نقلن مان واضح ٿئي ٿو. ڪن نقلن مان وري اها خبر بہ پوي ٿي تہ مخدوم نوح ۽ شيخ بهاءالدين زڪريا روحاني طور پاڻ ۾ ڪيرڪندبُ هئا ۽ انهن ۾ ڪو بہ اختلاف نہ هو. جيئن هڪ هنڌ بهاءالدين زڪريا چوي ٿو تہ اسان ۽ مخدوم صاحب هڪ ئي وجود آهيون جيڪو بہ اسان جي مريدن مان آهي تہ اهو مخدوم صاحب جي زيارت لاءِ وڃي حاضر ٿئي.

**ص 140 سيد طيب متعلوي**

هن جو حوالو مٿي ص 74 جي تعليقات ۾ اچي چڪو آهي.

**ص 143 سيد عبدالڪريم، صابر سومرو**

’بيان العارفين‘ ۾ بهاءالدين گودڙي ۽ صابو سومري جي حوالي سان مخدوم نوح بابت ڪيترا نقل ملن ٿا.

[بيان العارفين، ص 13 ۽ 16]

**ص 143 شيخ پرڪيو لنگ**

هن جو تاريخي احوال سيد طاهر محمد نسياني تاريخ طاهريءَ ۾ ڏنو آهي جنهن جو والد مرزا محمد باقيءَ وٽ سپاهگيريءَ جي حيثيت ۾ ملازم هو. نسياني لکي ٿو ته شيخ پرڪيي هڪ اهڙو اوچو منارو تيار ڪرايو هو جنهن تي رات جو روشنيءَ جو انتظام ڪندو هو ته جيئن ايندڙ سامونڊي سوداگر سلامتيءَ سان اچي لنگر انداز ٿين. اهي سوداگر ڪيس نذر نياز ڏيندا هئا، بلڪ پئسا ڏوڪڙ به امانت رکندا هئا. آخر اها خبر مرزا باقيءَ تائين وڃي پهتي جنهن هن کي پنهنجي لاءِ خطرو سمجهي ڳجهه ڳوهه ۾ قتل ڪرائي سندس لاش لوڙهائي ڇڏيو جو ڪنهن کي خبر ئي نه پئي. اٽلو پاڻ مڪر ڪري سندس تعزيت ۾ اچي شامل ٿيو. مير علي شير قانع به ساڳي ڳالهه ڪئي آهي پر ايترو واڌارو ڪيو اٿس ته شيخ پرڪيي، سيد علي ثانيءَ کي به تڪليف ڏني هئي جنهن مخدوم نوح کي اهڙي دانهن ڏني هئي. دراصل مرزا باقي ماڻهن مارائڻ ۾ دير نه ڪندو هو. جيئن شيخ عبدالوهاب پورانيءَ



کي به پنهنجي خاص خدمتگار خليل جي هٿان مارائي ڇڏيو هئائين. ٻي روايت موجب جڏهن سيد علي ثاني اهڙي شڪايت مخدوم نوح وٽ ڪئي ته مخدوم نوح جي اثر سبب مرزا باقيءَ شيخ پرڪيي لنگ کي مارائي ڇڏيو.

[تاريخ طاهري، 137 - 140 - تحفة الڪرام، ص 616]

**ص 145 انما الاعمال بالنيات**

صحيح بخاريءَ ۾ هيءَ پهرين حديث طور موجود آهي. ان کان سواءِ صحيح مسلم ۾ به ملي ٿي ۽ حديث جي ٻين ڪيترن ڪتابن ۾ آهي.

[حلاوة الفم، ص 72]

**ص 145 من مدح فقد ذبح بغير سڪين**

’ڪشف المحجوب‘ ۾ هي الفاظ ملن ٿا. ”من جُعل قاضياً فقد ذُبح بغير سڪين“ يعني جنهن کي قاضي بنايو ويو ان کي بغير

ڇُريءَ جي ڪُنو ويو.

[ڪشف المحجوب، ص 143]

**ص 145 الانسان عبيدالاحسان**

هي قول 'رسالہ فتحيہ' ۾ ملي ٿو.

[رسالہ فتحيہ - ص 481]

**ص 150 سيد اسماعيل بخاري**

هو جاتيءَ جو رهاڪو هو ۽ مخدوم نوح جو خاص معتقد هو.

[تحفة الروح، ص 181]

**ص 151 شيخ محمود صديق فخريہ**

مولانا دين محمد وفائي جي لکڻ موجب هو مخدوم نوح جي عزيزن مان شيخ فخرالدين سهرورديءَ جي اولاد مان هو. جنهن ڪري ڪيس فخريہ سڏيندا هئا. [تذڪره مشاهير سنڌ، ڀاڱو ٻيو، ص29]



**ص 151 مخدوم جعفر بوبڪائي**

هي ٻيو نقل آهي جنهن ۾ مخدوم جعفر بابت ڄاڻايو ويو آهي تہ هو سيڙجي مخدوم نوح وٽ پهتو تہ قرآن پاڪ جي تفسير بابت ڪانئن ڪجهہ معلوم ڪجي.

**ص 152 باران ڪہ در لطافت ..... در شور خار وخس**

هي شعر شيخ سعديءَ جو آهي جيڪو گلستان ۾ ملي ٿو.

[گلستان، ص 221]

**ص 153 نوح ولد هوٿي ڪبير**

هن ڪي 'تحفة الڪرام' ۾ ڪيبرائي لکيو ويو آهي جيڪو هالا جي پرسان ڪيبر ڳوٺ جو هو. نوح هوٿياڻيءَ مان ظاهر آهي تہ وڏي نوح فقير جي پيءَ جو نالو هوٿي هو، جنهن لاءِ تاريخي طور مشهور آهي تہ اٺين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ زنده هو جو ڄام تماچيءَ کي دعا ڪيائين. روايتي طور انهيءَ خاندان ۾ نوح نالو هلندڙ هو جو هتي ڪنهن پوئين نوح ڏانهن اشارو واضح آهي.

[تحفة الڪرام، ص 390 - رهاڻ هيرن ڪاڻ - پاڳو پيو، ص 85]

**ص 152 اللّٰهم اني اسالک علماً نافعاً واعوذبک**

**ص 152 اللهم اعوذبک من علم لاينفع وقلب لايخشع**

حديث جا اهي الفاظ معمولي تبديليءَ سان ملن ٿا جن جو مفهوم ساڳيو آهي.

[فرهنگ ماثورات عرفاني، ص 76]

**ص 158 لايؤمن احدڪم حتيٰ يحب لاخيه ....**

مثنوي روميءَ ۾ حديث طور ملي ٿي. ان ڪان سواءِ ٻين ڪيترن ڪتابن ۾ پڻ موجود آهي. ڏسو ’منهاج الطالبين‘ سيد محمود بخاري.

[اسرار الغيوب، ص 1011 - فرهنگ ماثورات عرفاني، ص 421]

**ص 158 شيخ المشائخ ديوانہ قريشي**



غالباً هي شاهہ ديانہ آهي جيڪو مخدوم عربي ديانہ سان گڏ مڪتب ۾ هوندو هو ۽ شاهہ ديانہ قبرستان ۾ مخدوم عربيءَ سان گڏ مدفون آهي.

[تحفة الروح، ص 192]

**ص 161 مخدوم نوح جا نالا**

تقريباً اهي ساڳيا نالا رسالہ فتحيہ ۾ ملن ٿا. صوفي ادب ۾ اهڙي روايت ٻئي هنڌ بہ ملي ٿي، مثلاً بابا فريد گنج شڪر جا بہ هڪ سو هڪ نالا ملن ٿا. [رسالہ فتحيہ، ص 440 - 441 - اقتباس الانوار، ص 431]

**ص 164 مطلع انوار عرفان و صفا**

هي قصيدو ’رسالہ فتحيہ‘ ۾ موجود آهي جتان هتي داخل ڪيو ويو آهي جيئن هن ڪتاب جي مصنف پاڻ شروع ۾ ان ڳالهہ جو اعتراف ڪيو آهي تہ هن رسالہ فتحيہ ۽ رسالہ بهاءالدين مان

گھڻو استفادو ڪيو آهي.

[رسالہ فتحيہ، ص 661]

**ص 177 روضة الاحباب**

هن ڪتاب ۾ رسول **الله** ﷺ ۽ سندس آل ۽ اصحاب جو مفصل احوال ملي ٿو. هن ڪتاب جو مصنف عطاءُ**الله** بن فضل **الله** جمال حسيني آهي، جنهن هي ڪتاب علم پرور وزير امير علي شير نوائي جي فرمائش تي تصنيف ڪيو. ان جو مطلب اهو ڏهين صديءَ جي تاليف آهي. هي ڪتاب لکنوءَ مان سال 1308ھ ۾ ليٿو تي شايع ٿيو آهي.

**ص 174 نفحات الانس**

مولانا جامي شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جو مختصر احوال ڏنو آهي جنهن ۾ اهي الفاظ ملن ٿا. اهڙيءَ طرح شيخ بهاءُالدين جو ڪانئس فيضياب ٿيڻ بہ ٻڌايو آهي.

[نفحات الانس، 474 ۽ 504]



**ص 175 حضرت قاسم رضہ**

حضرت قاسم بن محمد بن ابي بڪر، حضرت ابوبڪر رضہ جو پوٽو آهي ۽ امام زين العابدين رضہ جو ماسات آهي. ان لحاظ کان امام جعفر صادق رضہ سندس ڏهٽو ۽ ڪانئس فيض يافتہ آهي. حضرت قاسم 108ھ ۾ رحلت ڪئي. هوڏانهن امام جعفر صادق جيڪو امام محمد باقر بن زين العابدين جو فرزند آهي، ان جي ماءُ امِ فروه حضرت ابوبڪر رضہ جي پوٽي ۽ ڏوهٽي آهي. ان ڪري امام جعفر صادق رضہ جو قول آهي تہ ڪيس حضرت ابوبڪر جي ٻٽي اولاد هئڻ جو شرف آهي. سندس رحلت 148ھ ۾ ٿي آهي. حضرت قاسم کي ستن مشهور فقيه تابعين ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. نقشبندي سلسلي ۾ هو سلمان فارسي وسيلي حضرت ابوبڪر تائين پهچي ٿو ۽ ڪانئس وري امام جعفر صادق ذريعي هي سلسلو اڳتي ڳنڍجي ٿو.

[عمدة السلوڪ - اردو، ص 315 ۽ 316]

**ص 175 قلعو ٽونڪ**

هن سلسلي ۾ حبيب الله صديقيءَ جي وضاحت ڪافي روشني وجهندڙ آهي جيئن لکي ٿو: ”شيخ ابونجيب ۽ شيخ الشيوخ جي اولاد مان جن بغداد جي تباهيءَ 1258ع کان اڳ برصغير يعني سنڌ هند طرف هجرت ڪئي، اهي بالترتيب شيخ نصيرالدين (بن سراج الدين بن ابونجيب عبدالقاهر سهروردي) ۽ شيخ قاسم (بن محمد بن شيخ الشيوخ عمر شهاب الدين سهروردي) جي سربراهيءَ ۾ مختلف مقامات تي قيام ڪندا رهيا. سندن واٽون، پنڌ ۽ هنڌ، ماڳ ۽ مڪان ڪجهه ذريعن کان حاصل ٿيندڙ معلومات مان قياس هيٺ آڻي سگهجن ٿا. مثال طور شيخ قاسم بن محمد کي ’جنگ لاهور‘ (1240ع) ۾ شريڪ ڏيکاريو ويو آهي جيڪا مغلن (منگولن) طرفان لاهور تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رونما ٿي. بعد ۾ سندس پوٽو شيخ مسعود بن شيخ رضي الدين ٽونڪ (راجستان) جي علائقي تي قابض ٿيندي ڀڄايو ويو آهي، جنهن بعد هي خاندان ڪوٽ ڪروڙ (ملتان) ۾ مقيم نظر اچي ٿو. شيخ ابونجيب جي اولاد جي ڪوٽ ڪروڙ ۾ آمد جي رستي جو ڏس پتو پڻ هنن لفظن ۾



ملي ٿو: ”از بغداد به هرات آمده، به ديره جات قيام نموده، بعده به سنده آمدند بود و شاخ شدند.“

[تاريخ باب الاسلام سنڌ، ص 131]

**ص 176 فوائد (حساسي)**

هي فقه جو ڪتاب آهي جنهن جو حوالو ترغيب الصلوٰة ۾ ملي ٿو.

[ترغيب الصلواة، ص 105]

**ص 176 طرماح**

طرماح بن عدي جو نالو تاريخ طبري ۾ ان ريت ملي ٿو ته جڏهن امام حسين رضه 60هه ۾ ڪوفي لاءِ روانو ٿيو هو ته رستي ۾ طرماح اچي ساڻن مليو هو ۽ وفاداريءَ جو اعلان ڪندي مشورو ڏنو هئائين ته هو ڪين اهڙي هنڌ وٺي هلڻ ۽ سندن تحفظ ڪرڻ لاءِ تيار آهي جتي دشمن جي پهچڻ جو امڪان نه ٿو ٿي سگهي.

[تاريخ طبري - جلد چهارم، ص 218 ۽ 219]

**ص 178 عشره مبشره**

عشره مبشره جا اهي نالا معتبر تاريخي ڪتابن ۾ ملن ٿا تاهم رسالہ فتحيہ ۾ بہ ڏنل آهن.

[رسالہ فتحيہ، ص 121]

**ص 179 حضرت عمر جو نڪاح**

حضرت عمر رضہ جو ام ڪلثوم بنت علي بن ابي طالب سان نڪاح جو بيان تاريخ طبري توڙي ٻين ڪيترن تاريخي ڪتابن ۾ ملي ٿو.

[تاريخ ابن خلدون، حصہ اول، ص 317]

**ص 184 نواب شاد خان ۽ امير خان**

نواب امير خان جو نالو مير علي شير ٺٽي جي حاڪمن ۾ ڏنو آهي ۽ سندس ساراهہ ڪئي آهي.



[تحفة الڪرام، ص 236]

**ص 187 مخدوم ساهڙ لنجار ۽ شيخ المشائخ هوٿي**

هي ٽيون دفعو آهي جو ٻنهي جو ذڪر گڏ آيو. هنن جو احوال اڳ ۾ گذري آيو.

**ص 187 سيد ابوبڪر لڪعلوي**

مخدوم نوح جي وڏن خليفن ۽نهايت پر خلوص معتقدن ۾ شامل آهي. هو بهاءالدين دلقپوش سان گهٽو گهرو هو. مولانا دين محمد وفائي هن ڪتاب تان سمورو احوال گڏ ڪري ڏنو آهي ۽ سندس لکڻ موجب هن صاحب يارهين صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. مخدوم صاحب جي ابوبڪر سان تمام گهڻي محبت هئي جو پنهنجي آخري وقت ۾ بہ ڪيس ياد ڪيائون ۽ هي بيت روايت طور ان ڪري مشهور آهي:

ابوبڪرا! آءُ، نہ تہ سامين سفر سنباهيو.

مولانا دين محمد جي لکڻ موجب مخدوم نوح وارو قرآن شريف جو فارسي ترجمو جيڪو بهاءالدين گودڙيي لکيو هو، ابوبڪر لڪعلوي ۽ ڪانئس پوءِ سندس اولاد وٽ محفوظ رهيو جو هنن جون مهرون ان تي لڳل آهن.

[تذڪره مشاهير سنڌ - ڀاڱو ٻيو، ص 104 - 7 - تحفة الروح، ص 140]

**ص 194 سيد علي متعلوي**

[ڏسو تحفة الروح، ص 161]

**ص 198 حضرت علي رضہ جا نڪاح**

ابن خلدون حضرت علي رضہ جا ڪل نو عقد يعني نڪاح ٻڌائي ٿو.

[تاريخ ابن خلدون، حصہ اول اردو، ص 440]

**ص 199 اول ما يُحاسب به العبد يوم القيامة صلاته**



هيءَ حديث ابوهريره رضہ ۽ تميم الداري رضہ جي روايت سان ملي ٿي.

[احاديث قدسي، ص 106]

**ص 200 الوضوءَ سلاح المؤمن**

هي الفاظ حديث طور بيان ڪيا ويا آهن.

[مصباح الهدايہ مفتاح الڪفايہ، ص 289]

**ص 201 ملا حسن ۽ ڪڇ جي راڄا جو معاملو**

تاريخي نوعيت جو واقعو معلوم ٿئي ٿو ليڪن وڌيڪ معلومات نہ ملي سگهي.

**ص 203 ٺٽي جو حاڪم شريف**

تاريخي طور شهزاده خورم يعني شاهجهان جو ٺٽي ۾ اچڻ ثابت آهي ۽ انهن ڏينهن ۾ ٺٽي جو حاڪم شريف الملڪ هو جيڪو هڪ اک ڪان ڪاڻو هو. قانع لکي ٿو تہ سال 1053 ۾ شهزادو

شاهجهان پيءَ کان ناراض ٿي ڪجهه ماڻهن سان گڏجي عراق عجم وڃڻ جي ارادي سان ٺٽي پهتو هو. شريف الملڪ سندس سخت مخالفت ڪئي ۽ آخر نوبت جنگ جهيڙي تائين پهتي جنهن ۾ توب جي گولن تائين استعمال ڪيا ويا. قانع وڏيڪ لکيو آهي ته شاهجهان بادشاهه ٿيڻ بعد شريف الملڪ کي وڏي سزا ڏني. شاهجهان سنڌ ۾ پنهنجي رهڻ واري عرصي کي وساري نه سگهيو ۽ اهوئي سبب آهي جو ٺٽي ۾ عاليشان مسجد ٺهرايائين جيڪا سندس حڪم تي امير ابوالبقا سال 1054ھ ۾ ٺهرائڻ شروع ڪئي جيڪا 1068ھ ۾ مڪمل ٿي. شاهجهان به سال پوءِ جلد ئي يعني 1037ھ کان 1068ھ تائين هندستان جو بادشاهه بنجي ويو. ٺٽي جي شاهجهاني مسجد مغل عمارت سازيءَ جو اعليٰ نمونو آهي جنهن جي تڪميل ۾ 14 سال جو عرصو لڳو آهي. مسجد جي مختلف حصن ۾ تڪميل جا سال ڪيترن شعرن ۾ ڄاڻايل آهن اهڙيءَ طرح مسجد ۾ قرآني خطاطيءَ جو بي مثال ڪم ٿيل آهي جيڪو اڄ ڏينهن تائين انتهائي خوبصورت ۽ قابل ديد آهي. ليڪن اها به حقيقت



آهي ته ٺٽي پهچڻ کان اڳ جڏهن شاهجهان دريا سنڌ ۾ سفر ڪري رهيو ته ڪجهه ڏينهن لاءِ موجوده ٽنڊي محمد خان تعلقي جي سهراڻيءَ ڳوٺ ۾ ترسڻو پيس جو اتي پوءِ ٽن گنبذن واري ننڍي مسجد پڻ ٺهرائي وئي. ان مسجد جي دريافت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي تحقيق جي نتيجي ۾ سامهون آئي جنهن سان گڏجي اها مسجد اسان پاڻ ڏٺي ۽ ان جي وچين ڊٺل گنبذ جي پوءِ ڳوٺ جي چڱي مڙس ميان غلام حسين جي تعاون سان مرمت به ڪرائي وئي. هن واقعي جو شاهد اسان جو دوست محترم در محمد پيٽي آهي جنهن جي معرفت ان مسجد واري ڳوٺ ۾ اهو سڀ ڪجهه ڏسڻ وائسڻ ۽ ڪم ڪرائڻ جو موقعو مليو. ان ڳوٺ ۾ به دفعا وڃڻ ٿيو جنهن لاءِ ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي هڙان ڪجهه روڪ پئسا به ڏنا هئا.

[تحفة الڪرام، ص 234 - 235 - تاريخ مظهر شاهجهاني، ص 373 - 375 - تذڪره اميرخاني، ص 87 ۽ 240]

**ص 206 قدمي هٰذه علي رقبة ڪل ولي الله**

شيخ عبدالقادر جيلاني (470 / 561) جي پهرين سوانح 'بهجة الاسرار' عربيءَ ۾ ستين صديءَ ۾ تصنيف آهي جنهن ۾ شروعات ئي هن قول سان ٿئي ٿي ۽ ان جي سند جي روايت اتي پوريءَ ريت بيان ڪئي وئي آهي بلڪ هن سلسلي ۾ سڀ روايتون جمع ڪري ڏنيون ويون آهن. ان کان پوءِ اهو قول 'قلائد الجواهر' ۾ پڻ ملي ٿو. جيڪو ڏهين صديءَ جي تصنيف آهي. اهڙيءَ طرح شيخ عبدالحق پڻ اهو قول 'اخبار الاخيار' ۾ ڏنو آهي جنهن جو مطلب اهو ٻڌائي ٿو ته وقت جا سڀ حاضر ۽ غائب اوليا سندن فرمانبردار هئا.

[بهجة الاسرار - اردو ص 16 کان ص 58 - قلائدالجواهر - اردو ص 78 کان 86 - اخبار الاخيار - اردو، ص 28]

**ص 208 مٺو فقير**

هن جو احوال 'تحفة الڪرام' ۾ ملي ٿو جتي ٻڌائي ٿو ته هو پير آسات جي ڏاڪڻ هيٺان مدفون آهي. دين محمد وفائي 'دليل الذاڪرين' جي روشنيءَ ۾ پيرائتو احوال ڏنو آهي. هو لکي ٿو ته



ٺٽي جو حاڪم سيد بايزيد جو مٺي فقير ۾ گهڻو اعتقاد ۽ محبت هوندي هئي. قانع جي لکڻ موجب مرزا بايزيد بخاري 1028ھ ۾ ٺٽي جو حاڪم هو جيڪو جڏهن به حاضر ٿيندو هو ته ويهه رپيا نذراني طور پيش ڪندو هو.

[تحفة الڪرام، ص 234 ۽ 613 - تذڪره مشاهير سنڌ، ص 14 - 19 - تحفة الروح، ص 153 ۽ 154]

**ص 212 الانسان سرّي و انا سرّه**

صوفين جو هي مشهور قول رسالہ قشيريہ ۾ به آيل آهي.

[رسالہ فتحيہ، ص 473]

**ص 212 من طلبني فقد وجدني...**

حديث قدسيءَ جا فقط شروع وارا الفاظ آهن. باقي ٻيا ملايا ويا آهن. 'من قتلته فانا دية' لاءِ ڏسو مڪمل شرح ابيات سنڌي.

[مرموزات اسدي در مزمورات دائودي، ص 180 - مڪمل شرح ابيات سنڌي، ص 184]

**ص 215 الدنيا جيفة وطالبها ڪلاب**

گهڻن صوفين وٽ هيءَ حديث آهي تاهم هن جي روايت علي بن الحسين ڏانهن منسوب آهي.

[تحقيق فروز انفر - احاديث مثنوي، ص 590]

**ص 216 اُدُنُ مني**

ڪشف المحجوب ۾ حديث قدسي طور آيل آهي تہ قيامت ڏينهن الله تعاليٰ فرمائيندو "اُدُنو مني احبائي" يعني منهنجا پيارا منهنجي ويجهو آڻيو. ملائڪ عرض ڪندا اُهي ڪير آهن. جواب ايندو، اهي فقير ۽ غريب مسلمان آهن.

[ڪشف المحجوب، ص 29

**ص 217 قف ان ربّڪ في الصلواة**



هن ڪي قسطلاني 'مواهب اللدنيہ' ۾ آندو آهي. ان ڪان سواءِ 'سيرة حلبيہ' جي باب ذڪر الاسراء و المعراج ۾ ۽ پڻ هي الفاظ مڪتوبات دفتر سوم امام ربانيءَ ۾ اهي الفاظ اچن ٿا.

[معارف سلطان الاولياء، ص 482]

**ص 217 بيبي رابعہ بصري (وفات 185/ 801)**

تصوف جي سيني ڪتابن ۾ سندس احوال ۽ حڪايتون ملن ٿيون جن ۾ اوائلي ڪتاب جهڙوڪ رسالہ قشيريہ، ڪشف المحجوب ۽ تذڪرة الاولياء خاص طور قابل ذڪر آهن.

[بيان العارفين، ص 350]

**ص 217 ثناء ذاته لذاته ۽ ثناءَ عليڪ ڪما انت اثنيت علي نفسڪ**

حديث جي مشهور ڪتابن ۾ ڪجهہ لفظن جي ڦيرگهير سان ملي ٿي وڌيڪ لاءِ ڏسو:

[بيان العارفين، ص 303]

**ص 218 اطلبوا الحوائج من حسان الوجوه**

ڪشف المحجوب ۾ رسول الله ﷺ جي قول طور آيل آهي.

[فرهنگ ماثورات، ص 54]

**ص 218 ان الله جميلٌ و يحب الجمال**

مثنوي روميءَ جي حوالي سان تحقيق ڪندي ان ڪي فروزانفز حديث جي ڪيترن ڪتابن جهڙوڪ مسلم، جامع صغير، مستدرڪ حاڪم وغيره ۾ ڏيکاريو آهي جنهن ۾ ڪجهه وڌيڪ الفاظ پڻ آهن. عوارف المعارف ۾ پڻ ان ڪي حديث طور بيان ڪيو ويو آهي.

[احاديث مثنوي، ص 157 - عوارف المعارف، ص210]

**ص 219 من رآني في المنام .....**

هن حديث جو حوالو مٿي ص 70 ۾ اچي چڪو آهي.

**ص 221 موتوا قبل ان تموتوا**



حافظ ابن حجر چوي ٿو تہ حديث ثابت ناهي. ملا علي قاري چوي ٿو تہ اهو صوفين جو ڪلام آهي.

[ڏسو رسالہ فتحيہ، ص 586]

**ص 221 لاعارف ولا معروف ولا معرفت**

نفحات الانس ۾ جنيد بغداديءَ کان ڪنهن پڇيو تہ معرفت ڇا آهي؟ جواب ڏنائين: "المعرفة وجود جهلک عند قيام علمہٗ" يعني معرفت اها آهي تہ هن جي علم وقت تنهنجو جهل (اڻ ڄاڻائي) موجود هجي. ماڻهن چيو تہ ڪجهہ وڌيڪ سمجهايو. تہ چيائين: "هو العارف و المعروف" يعني اهو پاڻ عارف آهي پاڻ ئي معروف آهي. مطلب جيئن جيئن قرب جي مرتبن ۾ اضافو ٿيندو ۽ الاهي عظمت جا آثار ظاهر ٿيندا تيئن جهل يعني اڻ ڄاڻائي پڻ وڌندي ويندي. ان ڪري معرفت جو انڪار بہ وڌندو ويندو، بلڪ حيرت پويان حيرت ۾ واڌارو ٿيندو ۽ اهو سڀ ڪجهہ علم معرفت آهي پر خود معرفت ناهي. ڇو تہ معرفت وجداني (اندر ۾ ظاهر ٿيندڙ) آهي ۽ اها بيان نٿي ڪري

سگھجي. البت علم ان جي شروعات جو سبب آھي ۽ علم کان سواءِ معرفت حاصل نٿي ٿي سگھي ۽ علم معرفت کان سواءِ وبال يا مصيبت آھي.

[نفحات الانس، اردو، ص 151 ۽ 152]

**ص 224 رسالہ شاھ عبدالڪريم (بيان العارفين) جو حوالو**

اسان اھو اڳ ۾ واضح ڪري چڪا آھيون تہ دليل الذاڪرين جي مؤلف وٽ بيان العارفين موجود ھو جو ان مان گھڻا نقل ۽ حڪايتون نقل ڪري ٿو. بيان العارفين ۾ مخدوم نوح جو ذڪر ويھن پيرن کان وڌيڪ آيو آھي.
[بيان العارفين، ص 381]

**ص 225 لڏو پھوڙ ۽ قاسم ڪوري**

اھي ساڳيا نقل بيان العارفين ۾ ملن ٿا.

[بيان العارفين، ص 234]

**ص 233 مخدوم فتح محمد**



دليل الذاڪرين جي منڍ ۾ ئي مؤلف اھا وضاحت ڪري ٿو تہ ھن ڪتاب لکڻ وقت ٻن ڪتابن خاص طور 'رسالہ فتحيہ' جيڪو مخدوم نوح جي پوٽي مخدوم فتح محمد جي تصنيف آھي، ان مان استفادو ڪيو آھي جنھن جو ثبوت ڪيترا نقل ۽ اقوال آھن. ٻيو رسالہ بھاءالدين جو نالو ڪڍي ٿو ليڪن ان جو پورو نالو نٿو ٻڌائي، اھو رسالو 'انصريہ' جي نالي سان ملي ٿو جنھن جو ذڪر قاضي غلام محمد قريشي تاريخ درگاھ شريف ھالا ۾ مددي ڪتابن جي فھرست ۾ ڪيو آھي. اھڙيءَ طرح ڪانئس پوءِ وري اسرار احمد آخوند علوي ان جا ڪي حوالا ڏنا آھن ۽ سندس چوڻ مطابق اھو رسالو ھن پاڻ قاضي شوڪت علي قريشيءَ جي موجودگيءَ ۾ ڏٺو ھو.

[تاريخ درگاھ شريف ھالا، ص 124 - تحفة الروح، ص 249]

**ص 227 الفقر فخري والفقر مني**

عام طور 'الفقر فخري' جا الفاظ صوفين جي ڪتابن ۾ ملن ٿا.

[فصل الخطاب، ص452]

**ص 235 شيخ فريد گنج شڪر (وفات 549 - 664ھ)**

هو ستين صديءَ ۾ ٿي گذريو. هو هندستان ۾ چشتي سلسلي جي باني خواجہ معين الدين اجميري چشتيءَ جو فيض يافتہ آهي ۽ نظام الدين اولياء وري سندس مريد ۽ تربيت يافتہ آهي. شيخ فريد بابت ساڳيو نقل بيان العارفين ۾ ملي ٿو. وڌيڪ ڏسو:

[بيان العارفين، ص 344]

**ص 239 سيد رڪن الدين متعلوي ۽ سيد عبدلڪريم**

بيان العارفين ۾ پڻ ٻنهي جو ذڪر گڏ اچي ٿو.

**ص 240 درويش بادو**

هن بابت پڻ هڪ نقل بيان العارفين ۾ ملي ٿو.

[بيان العارفين، ص 239]

**ص 242 درويش يحيٰ رائنتيو**



مخدوم نوح کان پوءِ هو سندس فرزند مخدوم سلطان ابراهيم جي خدمت ۾ رهيو.

[تحفة الروح، ص 176]

**ص 242 الطرق الي الله بعدد انفاس المخلوقات**

هن ڪتابن ۾ اها حديث طور بيان ٿيل آهي، رسالہ فتحيہ ۾ بہ ملي ٿو.

[فرهنگ ماثورات مثنوي عرفاني، ص 308 - رسالہ فتحيہ، ص 294]

**ص 245 امام احمد (بن حنبل) (164ھ - 241ھ)**

هو مشهور محدث ۽ فقيه آهي ۽ حنبلي فقيه جو امام آهي. هن امام شافعي کان حديث ۾ گهڻو استفادو ڪيو حديث جي سماع لاءِ هن گهڻا سفر ڪيا. امام احمد جڏهن خلق قرآن تي اصولي موقوف اختيار ڪيو تہ وقت جو حڪمران معتصم عباسي کيس ڪوڙا هڻڻ جو حڪم ڪيو ۽ کيس 28 مهينن

تائين قيد ۾ رکيو ويو. امام احمد پنهنجي مثالي زهد جي کري صوفين ۾ وڏي حيثيت رکي ٿو. سندس ڪتاب الزهد جو هن ڪتاب ۾ پڻ حوالو ملي ٿو.

[تذڪرة الاولياء فارسي، ص 256 - تاريخ دعوت و عزيمت، ص 92]

**ص 245 من مات عشقا ....... عشق بلا موت**

هي بيت نفحات الانس کان سواءِ طبقات الصوفيہ عبدالله انصاري ۽ احياء العلوم ۾ ملي ٿي. [حوالو تحقيق در رسالہ قشيريہ - ص 91]

**ص 247 ميرڻ ڪاتيار**

هن جو ذڪر بيان العارفين ۾ ڪيترا ڀيرا آيو آهي ۽ ان کان سواءِ تحفة الڪرام ۾ پڻ ملي ٿو.

[بيان العارفين، ص 240 ۽ تحفة الڪرام، ص406]

**ص 248 من تواضع لله رفعه الله**



امام بيهقيءَ هن کي حديث ڄاڻايو آهي.

[زاد الطالبين، ص 24]

**ص 250 حزب البحر**

حزب لفظ هونئن لغوي معنيٰ جماعت يا ٽولو آهي، ان جي هڪڙي معنيٰ ورد بہ آهي. صوفين جي ڪن حلقن قرآن شريف ۽ حديث وغيره ۾ آيل دعائن کان سواءِ پنهنجي طرفان پڻ ڪيتريون دعائون ٺاهيون آهن. جن کي هو ٽوليءَ يا جماعت جي صورت ۾ وقت جي مناسبت سان پڙهندا رهندا آهن. سڀ کان پهرين اهڙيون دعائون شاذلي طريقي جي بزرگ حزب البحر نالي سان ٺاهيون. ان جو سبب اهو بيان ڪيو وڃي ٿو تہ هڪ دفعي هو جڏهن پنهنجي ساٿين سان مصر مان حج لاءِ ٻيڙين ذريعي روانو ٿيڻ وارو هو تہ اهڙو اٽائو ساموندي واءَ لڳو جو ڪيترا ڏينهن ٻيڙا هڪ هنڌ بيٺا رهيا. اهڙي حالت ۾ هن رسول الله ﷺ ڏانهن متوجهہ ٿي ڪيتريون دعائون گهريون جنهن کان پوءِ سٺائو واءَ لڳو ۽ اهي ٻيڙا مقرر وقت اندر حج تي پهچي ويا. ان

ريت اهي دعائون سامونڊي سفر جي حفاظت واسطي گهڻو مشهور ٿيون. ايتري قدر جو مشهور سياح ابن بطوطہ (وفات 779/ 1377) پاڻ اهي دعائون پڙهڻ جو ذڪر ڪيو آهي. شيخ شاذلي کان پوءِ ٻين ڪيترن صوفين ۽ عالمن پڻ اهڙيون دعائون ٺاهيون آهن جن ۾ ملا علي قاريءَ جي دعائن جو مجموعو ’حزب الاعظم‘ نالي سان پڻ مشهور آهي جنهن جي عربي متن کي سنڌيءَ ۾ پڻ ترجمو ڪيو ويو آهي.

[اردو دائره معارف اسلاميہ. جلد8، ص 168 -169 - زاد المتقين، اردو، ص 242]

**ص 252 تا بجاروب لا نروبي راه**

هي شعر نقشبندي صوفين جي تذڪرن ۾ ملي ٿو.

[مڪتوبات امام رباني دفتراول، مڪتوب 52]

**ص 257 اقتلوا الموذي قبل الايذاءَ**

هي قول بيان العارفين ۽ رسالہ فتحيہ ۾ به ملي ٿو.



[بيان العارفين، ص 290 - رسالہ فتحيہ، ص 240]

**ص 262 لاذات ولاصفات - الحقيقة ساري في الاڪوان**

هي قول رسالہ فتحيہ ۾ به ملي ٿو. هن مقولي ۾ ٻہ ٽي مقولا گڏي بيان ڪيا ويا آهن. آخري حصي ”الحقيقة ساري في الاڪوان“ لاءِ ڏسو:

[رسالہ فتحيہ، ص 296 - بيان العارفين، ص 332]

**ص 255 قطب بري ۽ مخدوم جعفر**

هن نقل جو پهريون حصو بيان العارفين ۾ ملي ٿو پر اتي درويش جو نالو صرف قطب ڄاڻايل آهي. [بيان العارفين، ص 234]

**ص 258 هاشم بن حماد**

هن جي تفصيلي احوال لاءِ ڏسو

[تحفة الروح، ص 156 - 158]

**ص 260 انا عند ظن عبدي بي ......**

هيءَ هڪ ڊگهي حديث قدسي آهي جنهن جو صرف پهريون ٽڪرو هتي ڏنو ويو آهي ۽ ان سان "والطمع يفسد الدين" جو ڪو واسطو ناهي. صحيح مسلم، سنن ترمذي وغيره کان سواءِ حديث جي ٻين ڪتابن ۾ پڻ ملي ٿي.

[حوالو تحقيق در رساله قشيريه - ص 130 وڌيڪ لاءِ ڏسو رساله فتحيه، ص 563]

**ص 261 لاشيخ ابلغ من العشق**

هي قول تمهيدات ۾ ملي ٿو.

[تمهيدات، ص 283]

**ص 264 لاشيءِ موجود غيرالله**

هي قول وڌيڪ لفظن سان رساله فتحيه ۾ ملي ٿو، جيڪو هن ريت آهي: "لاموجود في الدارين الاهو ولاشئي موجود غير الله"



[رساله فتحيه، ص 36]

**ص 264 هر ڪرا جامہ ....... نيک مرد انگار**

هي اشعار شيخ سعديءَ جي گلستان باب دوم مان ورتل آهي.

[ڪليات سعدي، فروغي، ص 75]

**ص 266 پير آر ۽ پير پٽو**

پير پٽو شيخ بهاءُالدين زڪريا ملتاني ۽ قلندر شهباز جو همعصر آهي بلڪ هو شيخ بهاءُالدين کان بيعت ٿيل آهي سندس وفات جو سال 646هه آهي.

[حديقة الاولياء، فارسي، ص 45 - سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ، ص 128 - تحفة الڪرام، ص 619 ۽ تاريخ طاهري - سنڌي، ص 306]

**ص 268 لا تعظمون في بيت ربي**

هي الفاظ لاتعظمون في المسجد پڻ ملن ٿا ۽ اها حديث ناهي.

[موضوعات الڪبريٰ، ص264]

**ص 269 ساه بند ڪرڻ وارو نقل**

بيان العارفين ۾ موجود آهي. مطلب ته دليل الذاڪرين جي مؤلف وٽ بيان العارفين هو جو ان مان استفادو ڪيائين ۽ ڪيترا نقل ساڳيا ملن ٿا بلڪ ڪيترا ڪردار به ساڳيا آهن.

[بيان العارفين، ص 223]

**ص 269 پاس انفاس / حبس دم**

حبس دم اهو نقل بيان العارفين ۾ موجود آهي. پاس انفاس مان مراد اهڙو ذڪر آهي جڏهن ذاڪر پنهنجي هر ساهه کان خبردار رهي. ان صورت ۾ جڏهن ساهه ٻاهر ڪڍي ته دل ۽ زبان مان ”لااله“ نڪري ۽ وري جڏهن اندر ساهه کڻي ته ”الاالله“ چوي. اهو گويا سندس معمول بنجي پوي.

[ندارج سلوڪ، ص 118]

**ص 270 قاطع الرحم لايدخل الجنة**



رسائل نجم الدين رازيءَ ۾ ان کي حديث طور ذڪر ڪيو ويو آهي. صحيح مسلم ۾ پڻ ملي ٿي.

[فرهنگ ماثورات عرفاني، ص 411 - مختصر صحيح مسلم، حديث نمبر 1765، ص 504]

**ص 270 صلة الله**

شيخ عبدالقادر جيلاني وٽ هي قول هن ريت آهي: ”الصلاة صلة بالله“ يعني نماز الله تعاليٰ سان ملڻ جو نالو آهي.

[فيوض يزداني، ص 583]

**ص 271 شبلي ابوبڪر (وفات 334ھ)**

سندس تفصيلي احوال تذڪرة الاولياء ۾ ملي ٿو ۽ ان کان سواءِ نفحات ۾ پڻ سندس حالات درج آهن. هو جنيد بغداديءَ کان فيض يافته آهي.

[تذڪرة الاولياء - فارسي، ص 614 - نفحات الانس، ص 183]

**ص 272 شمائل**

جيئن مٿي گذري آيو هي ڪتاب امام ترمذي جي تصنيف آهي جنهن ۾ هن چار سؤ حديثن کي 56 بابن ۾ ورهائي رکيو آهي. هن ڪتاب تي ڪيترن عالمن شرحون لکيون آهن جن مان ان جي مقبوليت جو اندازو ٿئي ٿو. حديثن جو موضوع نبي ڪريم ﷺ جي اٿڻي ويهڻي سان گڏ عادتن ۽ عبادتن جو ذڪر آهي. ساڳئي نالي سان ٻيو ڪتاب ’شمائل بغوي‘ پڻ آهي جنهن جو مصنف حسين بن مسعود بغوي (وفات 510ھ) آهي. [شمائل بغوي - اردو - لاهور، 2009]

**ص 274 شيخ ابونجيب سهرورديءَ جو اولاد**

ڊاڪٽر حبيب الله صديقيءَ جي تحقيق موجب مخدوم نوح، شيخ ابونجيب سهرورديءَ جي تيرهين پيڙهي آهي.

[تاريخ باب الاسلام، ص 132]



**ص 276 نعمت الله چشتي**

مستند حوالو نہ ملي سگهيو.

**ص 277 شيخ عيسيٰ (962 - 1032ھ)**

شيخ عيسيٰ جو تعلق پاٽ جي صديقي خاندان سان هو ۽ سندس جنم بہ پاٽ ۾ ٿيو. البت ’گلزار ابرار‘ جو مؤلف غوثي مانڊوي جيڪو شيخ عيسيٰ جو وڏو معتقد هو. سندس جنم هندستان جي شهر برهانپور ۾ ٻڌائي ٿو. جتي سندس وڏا سنڌ مان لڏي وڃي آباد ٿيا هئا. شيخ عيسيٰ اتي شطاري سلسلي جي شيخ محمد عارف جو مريد ۽ خليفو ٿيو ۽ وڏو نالو ڪڍيائين. اڪبر بادشاهه ڪانئس ايترو متاثر ٿيو جو ڪيس ڪجهه وقت لاءِ پاڻ وٽ وٺي آيو. مجدد الف ثانيءَ مڪتوبات ۾ شيخ عيسيٰ جي روحاني عروج جو ذڪر ڪيو آهي.

[تاريخ باب الاسلام، ص 200 ۽ 201 - گلزار ابرار - سنڌي، ص 570]

## ص 278 شيخ عبدالحق محدث دهلوي (958 - 1052ه)

شيخ عبدالحق اڪبر بادشاهه جو دور پاڻ اکئين ڏٺو. جنهن ڪري ان وقت جي مذهبي ۽ علمي حالتن جو ڪيس صحيح ادراڪ هو. ان پس منظر ۾ هن جي اڪبر جي نو رتن فيضيءَ سان خط وڪتابت بہ آهي. ياد رهي تہ فيضيءَ قرآن پاڪ جو بي نقاط تفسير 'سواطع الهام' لکيو هو ۽ پنهنجي هڪ خط ۾ شيخ عبدالحق ڪي ان بابت ٻڌائي ٿو. ٻئي طرف مجدد الف ثانيءَ جي مرشد خواجہ باقي بالله ۽ خود مجدد الف ثانيءَ ڏانهن سندس ڏگهو مڪتوب محفوظ آهي. شيخ عبدالحق جي تصنيفات جو تعداد سؤ جي قريب آهي جنهن ۾ ڪيترا موضوع شامل آهن. هڪ خط ۾ لکي ٿو تہ مون کي پنهنجي مرشد شيخ عبدالوهاب هدايت ڪئي هئي تہ اونها حقائق بيان ڪرڻ بجاءِ مخلوق خدا کي معاملات جي تعليم ڏيڻ کپي. هن وڌيڪ چيو هو تہ فقيه صوفي ٿجانءِ ۽ نہ صوفي فقيه. يعني پهريائين فقيهہ ٿي دين جي سمجهہ رک ۽ پوءِ صوفي ٿيءُ. باقي اڳ ۾ صوفي ٿي پوءِ دين کي سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪر. هتي جنهن ڪتاب جو



حوالو ڏنو ويو آهي، ان جو اهوئي پس منظر سمجهہ ۾ اچي ٿو. ان ڪتاب جو اصل نالو 'تڪميل الايمان' آهي جيڪو فارسي ۾ آهي.

[حيات شيخ عبدالحق دهلوي، ص 347 - مڪتوبات شيخ عبدالحق دهلوي، ص 260 ۽ تڪميل الايمان مع اعتقاد نامہ. 1421ه]

## ص 283 مرزا پائينده

هو مرزا باقيءَ جو پٽ هو ۽ جڏهن مرزا باقي 993ه ۾ پنهنجي پيٽ ۾ ترار هڻي پاڻ کي ماري وڌو تہ اميرن سندس وڏي پٽ پائنده بيگ کي حڪمراني لاءِ چونڊيو. قانع جي لکڻ موجب هو چريٽ يا چريو هو جنهن ڪري اميرن سندس پٽ مرزا جاني بيگ کي ملڪ جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ مقرر ڪيو ۽ ٻنهي کي سيوهڻ مان گهرائي ورتائون. هتي بيان ٿيل واقعو ان عرصي اندر ٿيو هوندو. مرزا جاني بيگ جڏهن اڪبر جي سپہ سالار خانخانان

سان لڙاين ۾ مصروف هو ته پائنده بيگ نٿي ۾ مري ويو. اهو سال 1000هه هو. [تحفة الڪرام، ص 196]

**ص 284 من اکل مع المغفور فهو مغفور**

تحقيق جي لحاظ سان هيءَ حديث ضعيف ٻڌائي وئي آهي.

[احاديث ضعيفہ کا مجموعہ، جلد سوم، ص 23]

**ص 285 عورتن جو اخلاص سبب درياءَ پار ڪرڻ**

اهو نقل بيان العارفين ۾ پڻ بيان ٿيل آهي.

[بيان العارفين، ص 223]

**ص 286 اويس قرني**

هن جو حوالو مٿي گذري آيو.

**ص 289 رجعنا من جهاد الاصغر الي جهاد الاکبر**

هيءَ حديث احياءعلوم الدين ۾ ملي ٿي ان کان سواءِ سيوطيءَ جي 'جامع الصغير' ۾ آهي، وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو:



[منهاج المعرفت، ص284 - فيه ما فيه، ص279]

**ص 291 لوايح مولانا جامي (718/ 1414 - 898/ 1492)**

مولانا عبدالرحمٰن جامي نقشبندي سلسلي جو وڏو عالم صوفي ۽ شاعر آهي. پنجهٺ سالن جي عمر ۾ صوفين جو مشهور تذڪرو 'نفحات الانس' لکيائين. جنهن جو حوالو هن ڪتاب جي شروع ۾ اچي چڪو، بلڪ ان مان گهڻو مواد جيئن جو تيئن هن ڪتاب جي پهرئين باب ۾ آيل آهي. هتي مولانا جاميءَ جي توحيد وجودي بابت سندس ٻي تصنيف 'لوايح' جو ذڪر آهي جنهن ۾ 30 لائح آهن. لائح لفظ جي معنيٰ شعاع يا چمڪاٽ آهي. اهو ڪتاب فارسي زبان اندر مسجع اعليٰ نثر ۾ آهي ۽ انهن جي وچ ۾ رباعيون آندل آهن، جيڪي پڻ اعليٰ نظم جو مثال آهن، جن کي تصوف جي علمي دنيا ۾ گهڻي مقبوليت ملي آهي. هن ڪتاب جو انگريزيءَ ۾ ترجمو اِي. ايڇ.ونفيلڊ جو ڪيل آهي، جيڪو فارسي متن سان گڏ ڇپيل آهي. اردو ۾ هڪ کان وڌيڪ ترجما موجود آهن. سنڌ هند ۾ مولانا جاميءَ جي شاعري ۽ فڪر کي گهڻي پذيرائي حاصل رهي آهي جيئن اسان اهو بيان ڪري

چڪا آهيون ته سنڌ جي اوليائن جو پهرين تذڪرو حديقة الاولياء به ان ڪان متاثر ٿي لکيو ويو. ان کان پوءِ شاهه عبدالڪريم بلڙي ءَ واري جي ملفوظات ۾ پڻ لوايح مان ڪن رباعين جا ڪجهه شعر آندل آهن. هيءَ رباعي تيرهين لائح ۾ اچي ٿي. مرزا قليچ بيگ لوايح جي ڪن رباعين جو منظوم سنڌي ترجمو ڪيو آهي. هن رباعي جو سندس ڪيل ترجمو هتي ڏجي ٿو:

بي رنگ سدا ٿيو يار دلخواهه اي
دل
راضي نه ٿي رنگ تي تون ناگاهه اي
دل
رنگين سيني جو اصل ٿيو بي
رنگي
من احسن من صبغة الله، اي دل.

[شرح لوائح جامي - عبدالرشيد فاضل، سال 1985، چندن هار، ص 61]



**ص 292 من عشق و ڪتم و عف و مات مات شهيداً**

هيءَ حديث معمولي ڦيرگهير سان سيوطيءَ جي جامع صغير ۾ ملي ٿي. صوفين جي ڪيترن ڪتابن ۾ اها ملي ٿي.

[حوالو توضيحات روضة المذنبين، ص 312 -313]

**ص 292 رآيت ربّي في احسن صورة**

هيءَ حديث پوريءَ ريت هنن لفظن ۾ ملي ٿي: ”رايت ربّي ليلة المعراج في احسن الصورة“

[ڪنز العمال 1/ 1151 بحواله تحقيق در رساله قشيريه، ص 144]

**ص 293 ڪعبي جي چابي**

اهو واقعو مواهب لدنيه ۾ ان طرح بيان ٿيل آهي. ثعلبيءَ جي تفسير ۾ وري ان آيت: ”ان الله يامرڪم ان توءَ دو الامانات اليٰ اهلها“ جو شان نزول ٿي اهو ٻڌايو ويو آهي ته جڏهن پاڻ ڪريمن ڪعبي جي چابي عثمان بن ابي طلحه لحجيءَ کي ڏني هئي.

[مواهب لدنيہ، اردو، ص 427 - 428]

**ص 295 آدمي چيست ....... و حق درو واقع**

هي شعر مولانا جاميءَ جي هفت اورنگ ۾ آيل پهرين مثنوي 'سلسة الذهب' مان ورتل آهي. اهو ساڳيو بيان العارفين ۾ پڻ ملي ٿو.

[مثنوي اورنگ، ص 68 - بيان العارفين، ص 142]

**ص 296 والارض من كاس الكرام نصيب**

هيءَ مصرع محمد غرقي جي آهي پورو قطعو احياء علوم الدين ۾ آهي.

[غبار خاطر، ص 341 - رسالہ فتحيہ، ص 702]

**ص 296 اكثروا من الاخوان ...... اخوانه.**

حديث جا هي الفاظ ڪشف المحجوب ۾ ملن ٿا جنهن ۾ يوم القيامة جو اضافو آهي.



[ڪشف المحجوب، ص 495]

**ص 298 مرزا پائنده**

هن جي چريي هجڻ ۽ قلندر شهباز جي روضي ۾ اندر هڪ عورت سان حرڪت وارو قصو مٿي ص 283 تي پڻ گذري آيو.

**ص 306 تفسير غزالي**

حجة الاسلام امام غزالي (وفات 505ھ) جي نالي سان هڪ تفسير ملي ٿو جنهن کي 'ياقوت التاويل' پڻ چيو وڃي ٿو.

[تاريخ تفسير، ص 59]

**ص 306 تفسير زاهدي**

تفسير زاهدي جو مصنف مفسر احمد بن سليمان درواڪي بخاري آهي. اهو تفسير 519ھ ڌاري مڪمل ٿيو. تفسير زاهدي سيد سليمان ندوي جي لکڻ موجب سنڌ هند ۾ مقبول رهيو آهي. شيخ منيري جي مڪتوبات صديءَ ۾ پڻ هن جو حوالو ملي ٿو. تازو هن تفسير جو ڪراچيءَ ۾ اصل تان عڪسي ڇاپو

شايع ڪيو ويو آهي، جنهن مان اسان کي ڊاڪٽر محمد ادريس السنديءَ جي معرفت استفادي جو موقعو مليو. هن جي شروع ۾ اها دعويٰ ڪئي وئي آهي ته اهوئي فارسيءَ ۾ پهريون تفسير آهي.

[تفسير زاهدي - تقديم مولانا محمد زرولي، ص2]

**ص 306 تفسير تستري**

مشهور صوفي سهل تستري (وفات 283ه) جو تفسير آهي، جيڪو چئن جلدن ۾ آهي.

[نفحات الانس - اردو، ص 227]

**ص 309 تفسير ڪشاف**

هن مشهور تفسير جو مصنف ابوالقاسم محمود بن عمر زمخشوي (1075/ 1144ع) آهي. هو خوارزم ۾ پيدا ٿيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. مصنف معتزله جي ڪن عقيدن جي حمايت ڪندي نظر اچي ٿو تاهم هيءَ تفسير تمام گهڻو مشهور رهيو



آهي ۽ ان ڪري ڪيترن عالمن مٿس شرحون ۽ حاشيه لکيا آهن.

[تاريخ التفسير، ص 60]

**ص 310 سهل تستري (وفات 283ه)**

هو ذوالنون مصريءَ سان مليو هو جڏهن هو حج تي آيو هو. هن ننڍپڻ ۾ پنهنجي مامي کي رات جو عبادت ڪندي ڏٺو جنهن کيس چيو ته تون خدا کي ڇو نه ٿو ياد ڪرين، جنهن توکي پيدا ڪيو آهي. ان تي هن ڪانئس پڇيو آءٌ کيس ڪيئن ياد ڪريان. تڏهن مون کي هي الفاظ سيکاريائين: ”**الله** معي، **الله** ناظر اليّ، **الله** شاهدي“

[رساله قشيريه - اردو، ص 174]

**ص 312 تفسير مدارڪ التنزيل**

هن تفسير جو مصنف امام عبدالله حافظ الدين نسفي آهي. هن 710ه ۾ وفات ڪئي. تمام معتبر تفسير ليکيو وڃي ٿو.

[معارف سلطان الاولياءِ، ص 451]

**ص 312 عين العلم**

محمد عثمان بلخيءَ جي تصنيف آهي جنهن ۾ قرآن جي ڪجهه آيتن سان گڏ چوندن حديثن جي صوفيانه تشريح ملي ٿي. اهو ڪتاب فارسي ترجمي ۽ حاشين سان 1291ھ ۾ بمبئي مان ليٿو تي شايع ٿيل آهي. هن ۾ مقدمي ۽ خاتمي کان سواءِ ويهه باب آهن.

[عين العلم - مطبع حيدي بمبئي، 1291ھ]

**ص 312 خانيه**

خانيه مان مراد گهڻو ڪري فتاويٰ تاتارخانيه آهي جنهن جو مصنف علامه عالم بن علاءَ (وفات 686ھ) آهي. هيءَ فتويٰ خان اعظم تاتارخان جي حڪم سان مرتب ڪئي وئي هئي. تنهن ڪري ان نالي سان مشهور ٿي وئي.

[تحفة المتخصص، ص 227]



**ص 313 تفسير بيضاوي**

تفسير انوار التنزيل عام طور تفسير بيضاوي جي نالي سان مشهور آهي. مصنف شافعي فقه سان تعلق رکندڙ هو. ليڪن سندس تفسير کي يڪسان مقبوليت حاصل رهي آهي. اهو ئي سبب اهي جو ان تي وڌ ۾ وڌ تعليقات به لکيا ويا ته ان جا اختصار به تيار ڪيا ويا.

[تاريخ التفسير، ص 67 - 70]

**ص 314 تفسير بيهقي**

جيئن نالي مان ظاهر آهي ته هن جو مصنف شيخ ابوالمحاسن مسعود بن علي بيهقي معروف فخرزمان آهي. سندس وفات جو سال 544ھ آهي.

[تاريخ التفسير، ص 62]

**ص 314 لاشيءِ موجود غير الله، لامعبود سوي الله**

كتاب 'مرصاد ' ۾ هي قول شيخ جنيد بغداديءَ جي حوالي سان ملن ٿا.

[رسالہ فتحيہ، ص684]

**ص 314 خزانة الروايات**

كشف الظنون جي لکڻ موجب هيءَ قاضي جڳن هندي جي تصنيف آهي. هن ۾ ضعيف روايتن جي موجودگي ٻڌائي وئي آهي.

[تحفة المتخصص، ص244]

**ص 314 فتاويٰ (صيرفيہ)**

هيءَ شيخ مجدالدين اسعد بن يوسف بن علي بخاري الصيرفي جي تصنيف آهي. [برصغير ۾ علم فقيه، ص 379]

**ص 315 مشكواة المصابيح**



هي كتاب دراصل ٻن كتابن جو مجموعو آهي. پهريون 'مصابيح السنيه' جنهن جو مصنف ابومحمد الحسين بن مسعود الفراء بغوي (وفات 516ھ) آهي. ان كتاب كي وري محدث عبدالله الخطيب (وفات 740ھ) حديثن جي تخريج سان گڏ محدث جو نالو ڏيئي مكمل كيو ۽ ان جو نالو 'مشكواة' ركيائين.

[مشكواة المصابيح - اردو، جلد اول، ص 12]

**ص 315 ترمذي**

حديث جي ڇهن مشهور كتابن ۾ شمار ٿئي ٿو. هن جو مصنف ابوعيسيٰ محمد آهي. هو 209ھ ۾ ترمذ جي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. هن وقت جي محدثن جهڙوك امام بخاريءَ وغيره كان استفادو كيو. هن جون كيتريون تصنيفون آهن جن ۾ جامع ترمذي ۽ الشمائل حديث جي موضوع تي آهن.
[حالات مصنفين درس نظامي، ص 120]

**ص 315 رشحات (الاولياء)**

اصل ۾ اهو 'رشحات عين الحيات' آهي جنهن ۾ اڪابر نقشبندي صوفين جا اقوال ۽ احوال ملن ٿا. هتي جيڪو نقل بزرگ عزيزان جي نالي سان آندل آهي، اهو جيئن جو تيئن اتان ورتل آهي ۽ عربي قول به سندس حوالي سان نقل ٿيل آهي.

[رشحات عين الحيات - فارسي، ص64]

**ص 315 فتاويٰ بزازيه**

شيخ محمد بن شهاب الدين ڪردري (وفات 827ھ) جي تصنيف آهي. هو بزازي جي لقب سان مشهور ٿيو. هو اصل ۾ وچ ايشيا جو هو ۽ پوءِ روم يعني ترڪيءَ جو رخ ڪيائين. ليڪن اتي پهچڻ کان اڳ پنهنجو ڪتاب وجيز لکيائين جيڪو اڳتي هلي سندس نالي پويان فتويٰ بزازيه طور مشهور ٿيو. اهو ڪتاب هن سال 806ھ ۾ مڪمل ڪيو. ڪشف الظنون واري هن ڪتاب جو لفظن ۾ ذڪر ڪيو آهي.

[تحفة المتخصص، ص 226]



**ص 315 لقنوا امواتڪم لااله الاالله**

هيءَ حديث صحيح مسلم ۾ 453 نمبر تي موجود آهي.

[مختصر صحيح مسلم، ص 139]

**ص 316 سراجيه (الفتاويٰ)**

هي ڇهين صديءَ جي عالم سراج الدين اوشيءَ جي تاليف آهي. هن جي تڪميل جو سال 569ھ آهي.

[برصغير ۾ علم فقه، ص 380]

**ص 316 فتاويٰ قاضي خان (خانيه)**

هن جو مصنف حسن بن منصور اوزجندي آهي. هو اصفهان جي پسگردائي ۾ ڄائو هو. هن 592ھ ۾ وفات ڪئي. سندس ٻيون ڪيتريون تصنيون آهن. بهرحال سندس هن ڪتاب کي گهڻي مقبوليت حاصل ٿي.

[تحفة المتخصص، ص 230]

**ص 316 قنيہ**

هن جو مصنف معتزلي زاهدي عزميني آهي. هن کي فقه حنفي ۾ ڪافي عبور هو. ليڪن غير معتبر روايتن نقل ڪرڻ سبب قابل اعتماد نہ سمجهيو ويو آهي.

[تحفة المتخصص، ص 243]

**ص 316 شرعة الاسلام**

هيءَ محمد بن ابوبڪر امام زاده حنفي (وفات 573ھ) جي تصنيف آهي. هن جون ڪيترن عالمن شرحون لکيون آهن.

[برصغير ۾ علم فقيه، ص 379]

**ص 316 عقود الـلي في احاديث المسلسله و العوالي**

هيءَ بہ شمس الدين محمد الجزريءَ جو حديث بابت ڪتاب آهي جنهن ۾ جيئن نالي مان ظاهر آهي خاص معيار واريون حديثون شامل آهن.



[بُستان المحدثين - اردو، ص 130 - 131]

**ص 317 تنبيه الغافلين**

امام فقيه ابوالليث سمرقندي (وفات 373ھ) جي مشهور تصنيف آهي جنهن ۾ قرآن ڪريم جي آيتن ۽ حديثن سان گڏ دانائي جون حڪايتون گڏ ڪيل آهن جيڪي نهايت پر تاثير آهن.

[تنبيه الغافلين - اردو، لاهور]

**ص 318 حصن حصين ۽ جزري**

حصن حصين جي لفظي معنيٰ "مضبوط ڪوٽ يا قلعو." هيءَ ڪتاب حديثن مان گڏ ڪيل دعائن جو مجموعو آهي جيڪو شمس الدين محمد الجزري شافعي جو مرتب ڪيل آهي. جيئن مرتب پاڻ ظاهر ڪيو آهي تہ ڪتاب جي تاليف کان پوءِ هو جلد ئي تيموري فوجن جي گهيري ۾ ڦاسي ويو. ليڪن انهن دعائن جي تاثير ۽ برڪت سان جلد ئي سڄي شهر جو گهيرو ختم ٿي

ويو. هي 791ھ جو واقعو آهي. مؤلف هر ڏينهن جي حساب سان مختلف وقتن ۽ ڪمن جي خاطر دعائون ۽ ورد ٻڌايا آهن، جيڪي هن سڀ حديث جي ڪتابن مان ورتا آهن تاهم ان کي عمليات ۽ وظيفن جو ڪتاب نه سمجهڻ گهرجي. هن جو مصنف عام طور جزري مشهور آهي.

[حصن حصين، اردو، تاج ڪمپني لميٽيڊ ڪراچي.]

**ص 318 نجم الدين ڪبريٰ (شهادت 618/ 1221)**

هو اصل خوارزم جو هو ۽ جڏهن منگولن اتي حملو ڪيو ته مقابلو ڪندي شهيد ٿيو. سندس تصنيفات ۾ قرآن جو صوفيانه تفسير 'تاويلات النجميه' مشهور آهي. ان کان سواءِ سندس تصنيفات ۾ فواتح الجمال، رساله آداب المريدين، اقرب الطرق وغيره شامل آهن. هو مشهور صوفي روزبهان بقليءَ کان فيض يافته آهي جنهن جو صوفيانه تفسير 'عرائس البيان' صوفين وٽ گهڻو مقبول آهي ان کان سواءِ سندس شطحات جي شرح پڻ گهڻو مشهور آهي.



[نفحات الانس، ص 604 - فواتح الجمال، ص 49]

**ص 318 صحيح ابن دائود**

ابودائود سليمان اسعث (202/ 817 - 889/275) سجستان ۾ پيدا ٿيو. هن امام احمد بن حنبل ۽ ٻين کان حديث جو علم حاصل ڪيو. سندس ڪيترين تصنيفون آهن. جن ۾ السنن ابي دائود کي گهڻي مقبوليت ملي. گڏ ڪيل حديثن جي خاص خوبي اها آهي ته انهن مان فقهي استدلال ڪيو ويو آهي.

[تذڪره مصنفين درس نظامي - اختر راهي، ص 38]

**ص 318 نسائي**

نسائي احمد شعيب (830/215 - 915/303) جو تعلق خراسان جي شهر نساءِ سان هو هن امام بخاري ۽ ٻين کان حديث جي علم ۾ مهارت حاصل ڪئي. هن زندگيءَ جو گهڻو حصو مصر ۾ گذاريو. سندس ڪتاب جو پورو نالو السنن الڪبريٰ آهي.

[تذڪره مصنفين درس نظامي - اختر راهي، ص 46]

**ص 319 صحيح بخاري يا الجامع الصحيح**

احاديث جو مشهور مجموعو جنهن جو مرتب امام ابوعبدالله محمد آهي. هو خراسان جي مشهور شهر بخارا ۾ 810/194 ۾ پيدا ٿيو. هو سورهن سالن جي عمر ۾ مڪي پاڪ پهتو جنهن ڪان پوءِ هن پاڻ کي حديثن کي گڏ ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. هن 256ھ ۾ وفات ڪئي. تاريخي شهر سمرقند جي پس گردائي ۾ مدفون اهي.

ابن حجر عسقلانيءَ جي چوڻ موجب صحيح بخاري ۾ حديثن جو ڪل تعداد 7397 آهي جن مان 2623 مرفوع آهن.

صحيح بخاري کي حديث جي ڇهن معتبر ۽ مستند ترين ڪتابن ۾ اوليت ڏني وڃي ٿي. راقم کي سندس مزار تي حاضريءَ جو شرف حاصل ٿيو آهي.

[حالات مصنفين درس نظامي - ص 90]

**ص 320 نوادر الاصول**



هن ڪتاب جو مصنف علاؤالدين ترمذي آهي جيڪو مشهور صوفي آهي. ترغيب الصلواة ۾ هن جا حوالا ملن ٿا.

[ترغيب الصلواة، ص 88]

**ص 320 حلية الاولياء**

هن اوائلي ضخيم ڪتاب جو مصنف ابونعيم اصفهاني (وفات 430ھ/1038) آهي. اصل ڪتاب عربيءَ ۾ ڏهن جلدن ۾ آهي جنهن ۾ صوفين بابت تمام گهڻو تفصيلي احوال ڏنو ويو آهي.

[Sufism - P -70]

**ص 321 زينو القرآن باصواتڪم**

ڪشف المحجوب ۾ لفظي ڦيرگهير سان حديث ملي ٿي.

[ڪشف المحجوب، ص 582]

**ص 322 ثوري سفيان (وفات: 161ھ)**

هو حديث جي روايت مان آهي ۽ ڪوفي جو رهندڙ هو. حڪمران منصور عباسي ڪيس ڪوفي جو فرمانروا بنايو ليڪن هو ان کي ڇڏي مديني هليو ويو.

[تذڪرة الاولياء، ص 843]

**ص 322 حضرت علي رضہ جو ذڪر جو طريقو سکڻ**

هيءَ روايت اڪثر صوفين جي ڪتابن ۾ ملي ٿي ته اهو طريقو پاڻ رسول ڪريم ﷺ کان سکيو. حضرت علي رضہ کان وري اهو حسن بصري ۽ پوءِ ان کان حبيب عجمي وغيره ۽ پوءِ اڳتي اهو سلسلو جيئن ڪتابن ۾ ڄاڻايل آهي. شاهه ولي الله چشتي مشائخن جي حوالي سان اها روايت آڻي ٿو. اٺين صديءَ ۾ مخدوم جهانيان جي ملفوظات ۾ پڻ اها ساڳي روايت ملي ٿي.

[الدر المنظوم - اردو، ص 66 ۽ 67 - القول الجميل، ص 285]

**ص 323 ڪتاب اربعين**



’اربعين‘ نالي سان گهڻا ڪتاب ۽ رسالہ لکيا ويا آهن جن ۾ عام طور حديثن کي جمع ڪيو ويو آهي. مثلاً اربعين غزالي ۽ اربعين نووي مشهور آهن.

**ص 332 الدين النصيحة**

مشهور حديث آهي جيڪا صحيح مسلم ۾ تميم الداري سڏوسنئون رسول الله ﷺ کان روايت ڪئي آهي.

[مختصر صحيح مسلم، رقم 1209ص 352]

**ص 332 ما لا عين رأت و لا أذن سمعت و لا خطر علي قلب بشر**

هيءَ حديث صحيح بخاري کان سواءِ ٻين حديث جي ڪيترن ڪتابن ۾ ملي ٿي جيڪا حديث قدسي آهي.

[احاديث قدسي عربي، ص 52 - رسالہ فتحيہ، ص 591]

**ص 332 لا ايمان لمن لا امانة له**

امام بيهقي مطابق حديث آهي.

[زاد الطالبين، ص 11]

**ص 333 ابراهيم ادهم (وفات 160/ 777)**

ٻي صدي هجريءَ جو صوفي جيڪو اصل ۾ بلخ جو بادشاهه هو.

[تذڪرة الاولياء، ص 102]

**ص 333 بايزيد بسطاميءَ ۽ سهل تستري**

هنن جو احوال مٿي گذري آيو.

**ص 333 شيخ معاذ**

هن جو نالو رسالہ قشيريہ ۾ ملي ٿو.

[رسالہ قشيريہ، ص 606]

**ص 333 ابوسعيد خراز**

هو ٽين صدي هجريءَ جو مشهور صوفي آهي.

[تذڪرة الاولياء، ص 457]



**ص 334 من اهان لي ولياً فقد بارزني بالمحاربة**

هن ساڳئي مفهوم ۾ هڪ ٻي حديث بہ ملي ٿي جنهن جا الفاظ هن ريت آهن: ”من عادي لي ولياً“

[فصل الخطاب، ص 59]

**ص 336 اهل صُفہ**

اهي اصحابي سڳورا جيڪي رسول ڪريم ﷺ جي وقت ۾ مسجد نبويءَ جي اندر خاص هنڌ تي ويٺا هوندا هئا ۽ اڪثر ذڪر ۾ مشغول رهندا هئا. هجويري هنن بابت خصوصي ذڪر ڪيو آهي تاهم هن سڀ نالا نہ ڏنا آهن.

[ڪشف المحجوب، فارسي ص 105- 108]

**ص 338 يا مؤمن جز فقد اطفا نورک لهبي (ناري)**

صوفين وٽ گهڻو مشهور حديث آهي. ڪجهہ لفظن جي ڦيرگهير سان حديث جا اهي الفاظ ڪن ڪتابن ۾ ملن ٿا.

[روضة المذنبين، ص 269 - احاديث مثنوي، ص 182]

**ص 341 انا مع عبدي ما ذڪرني و تحرّڪت بي شفتاه**

حضرت ابوهريره جي روايت سان هيءَ حديث آهي جيڪا شرح السنه ۾ ملي ٿي.

[فصل الخطاب، ص 359]

**ص 341 من شغلة ذڪري عن مسالتي اعطيئة افضل ما اُعطي السائلين**

هيءَ حديث سنن ترمذي، سنن درامي، شعب لايمان بيقهي، ومسند بزاز و التاريخ بخاري ۾ ملي ٿي.

[بحواله تحقيق در رساله قشيريه، ص 159]

**ص 342 صلواة القاعد نصف صلواة القائم**

هي الفاظ حديث طور بيان ٿيل ملن ٿا.

[الدرالمنظوم، ص 159]



**ص 345 ليس يتحسّر اهل الجنة ....... يذڪرو الله فيها**

معاذ بن جبل جي روايت سان حديث آهي.

[مفتاح الفلاح - السڪندري، ص 33]

**ص 345 احياءَ علوم - امام غزالي (451/ 1059 - 505/111)**

اسلامي دنيا جو وڏي ۾ وڏو صوفي جنهن کان مغرب بہ چڱيءَ ريت مستفيد ٿيو آهي. دنيا جي سيني سڌريل ٻولين ۾ سندس ڪتابن جا ترجما ٿيا آهن تن ۾ شايد انگريزيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ آهن. سنڌيءَ ۾ بہ سندس ڪيترا ڪتاب خطن سميت شايع ٿيل آهن جن ۾ 'ڪيمياي سعادت' ۽ 'احياءَ علوم' جا ڪجهہ حصا شامل آهن. امام غزالي پنهنجو احوال تہ هو خالص عالم منجهان صوفي ٿيڻ ڏانهن ڪيئن راغب ٿيو، 'المنقذ من الضلال' ۾ ڏنو آهي جنهن کي سنڌي ۾ غلام حسين جلباڻي 'چوٽڪاري' نالي سان ترجمو ڪيو.

[چوٽڪارو، سنڌي ادبي بورڊ - 1959]

**ص 345 ڪتاب الزهد**

امام احمد بن حنبل (164ھ - 241ھ) جي تصنيف آهي. هو مشهور فقيه ۽ محدث آهي. مُسند احمد سندس مشهور تصنيف آهي. ڪتاب الزهد ۾ 2367 روايتون بيان ٿيل آهن جن ۾ نبين سڳورن کان سواءِ ڪيترن صحابين بابت روشنيءَ وڌل آهي. هن ڪتاب ۾ حضرت عمر جي اويس قرنيءَ سان ملاقات توڙي هرم بن حيان جي ساڻس ملاقات جو ذڪر ملي ٿو ۽ اها روايت هن ڪتاب جي شروع ۾ بيان ڪئي وئي آهي.

[ڪتاب الزهد - بيروت 1420ھ]

**ص 345 ليس يتحسر اهل الجنة ....... فيها**

معاذ بن جبل جي روايت سان حديث آهي.

[مفتاح الفلاح - السڪندري، ص 33]

**ص 346 ان الله تعاليٰ سيارة من الملائڪة اذا مرّوا**



ذڪر جي باري ۾ ڪيترين قدسي حديثون ملن ٿيون جن ۾ ڪجهه ڪافي ڊگهيون آهن. انهن مان ﺑﻪ "ان لله تعاليٰ سيارة" ۽ ٻيءَ ۾ وري "ان لله تعاليٰ ملائڪة سيّاحين في الارض" جا الفاظ اچن ٿا ۽ انهن جي پڇاڙي "لايشقي هم جليسهم" تي ٿئي ٿي يعني انهن سان گڏ ويهندڙ ڪڏهن ﺑﻪ اياڳو نٿو ٿي سگهي.

[الاحديث القدسية، ص 18 ۽ 19]

**ص 346 اذا مررتم برياض الجنة ....... رياض الجنة.**

رسالہ قشيريہ ۾ حديث طور آيل آهي.

[تحقيق در رسالہ قشيريہ، ص 125]

**ص 346 خزانہ جلالي**

جلال الدين بخاري (707 - 785ھ) مخدوم جهانيان جهان گشت جي نالي سان مشهور آهي. هو ائين / چوڏهين صديءَ جو مشهور عالم ۽ صوفي آهي. هن جو تعلق اُچ سان هو ۽ سندس

سلسلو سهروردي آهي. اصل ۾ سندس ڏاڏو جلال سرخ بخاري شيخ بهاءالدين زڪري ملتاني کان خرقو حاصل ڪيو هو.

مخدوم جهانيان ڪي پنهنجي وقت ۾ وڏو سياسي اثر رسوخ حاصل هو. انهيءَ پس منظر ۾ ملتان جي گورنر عين الملڪ ماهرو مخدوم جهانيان ڪي سومرن جي آخري حڪمران همير سومري ۽ ڄام ٻانيڻي درميان مصالحت ۽ مدد لاءِ درخواست ڪئي هئي. ان کان پوءِ جڏهن سما سنڌ جا حڪمران بنجي ويا ته وري فيروز شاهه تغلق ۽ ڄام ٻنيڻي درميان ڪشمڪش شروع ٿي وئي جنهن ۾ هڪ دفعو سنڌ جي سمن کي برتري حاصل ٿي. آخر فيروز شاهه ٻيو دفعو وري لشڪر وٺي سنڌ تي حملہ آور ٿيو ته ان مرحلي تي مخدوم جهانيان پاڻ ٺٽي آيو ۽ صلح جي ڪوشش ۾ ڪامياب ٿيو. مخدوم جهانيان جي سنڌ ۾ روحاني اثرات بابت هڪ نقل ملي ٿو هڪ ڏينهن هڪ سنڌي عورت وٽس اچي عرض ڪيو ته مان جيڪي ڏسان ٿي ان کان حجاب گهران ٿي. مخدوم پڇيس ڇا ٿي ڏسين. چيائين عرش، ڪرسي، لوح و قلم، بهشت ۽ دوزخ. وڏيڪ چوڻ لڳي ته مون



کي انهن سان ڪهڙو واسطو؟ هن عورت سنڌيءَ ۾ چيو ته "آءٌ فقط خدا جي ذات کي گهران ٿي."

مخدوم جهانيان جي ملفوظات جا هڪ کان وڌيڪ مجموعا مرتب ڪيا ويا جن ۾ الدر المنظوم، جواهر جلالي، مظهر جلالي، سراج الهدايہ ۽ خزانہ جلالي آهن. هن خاندان مان شاهه حسن جهانيان بن حامد شاهه ڪلهوڙن جي دور ۾ جڏهن نور محمد ڪلهوڙو سنڌ جو حڪمران هو ته موري جي پرسان شاهپور جهانيان ۾ اچي ڳوٺ ٻڌي ويٺو.

[مخدوم جهانيان جهان گشت، ص 177 - 182 - جهانيان خاندان- سنڌي ص 60]

**ص 348 ۽ 353 مفردون**

صحيح مسلم ۾ حضرت ابوهريره کان روايت ٿيل حديث ۾ اهي لفاظ هن ريت اچن ٿا: "سبق المفردون. قالوا ومالمفردون يارسول الله. قال الذاڪرون الله ڪثيراً والذاڪرات" يعني مفردون اڳتي نڪري ويا. تڏهن انهن رسول ڪريم ﷺ کان پڇيو ته اهي مفردون

ڪير آهن. پاڻ فرمايائون: اُهي الله جو گهڻو ذکر ڪندڙ آهن ۽ اهي عورتون جيڪي پڻ گهڻو ذکر ڪندڙ آهن.

[مختصر صحيح مسلم، ص 524]

**ص 348 اذيبو طعامكم بذكرالله ولاتناموا عليه فتقسوا قلوبكم.**

سيوطيءَ ان حديث کي اـلي ۾ بحث هيٺ آندو آهي ته اها طبرانيءَ پهريائين الاوسط ۾ ۽ ابن السني 'عمل اليوم و الليل' ۾ بلڪ بيهقيءَ شعب الايمان ۾ ان جو ذکر ڪيو آهي. البت ڪن وٽ اها موضوع آهي. [احاديث ضعيفه ڪا مجموعه، جلد دوم، ص 27]

**ص 353 شيخ الاسلام گاذروني**

نفحات ۾ شيخ ابواسحاق گاذروني جو احوال ملي ٿو. جنهن 426/ 1034 ۾ وفات ڪئي.

[نفحات الانس، اردو، ص 482]

**ص 355 شيخ الاسلام عبدالله انصاري (وفات 1088/481)**



هو پنجين صديءَ جو وڏو صوفي آهي جنهن جون عربي توڙي فارسيءَ ۾ ڪيتريون تصنيفون آهن جن ۾ 'منازل السائرين'، 'طبقات الصوفيه'، 'تفسير عرفاني' يا تفسير ڪشف الاسرار شامل آهن. هو فارسي نثر ۽ نظم ۾ يڪتا حيثيت رکي ٿو. سندس فارسي مناجات مسجع نثر جو اعليٰ نمونو آهي.

[مکمل شرح ابيات سنڌي، ص 11]

**ص 355 رساله قشيريه**

ابوالقاسم قشيري (376 - 465) هڪ جامع علوم شخصيت آهي. هو اصل ۾ عرب نسل جو آهي جنهن جا وڏا نيشاپور ۾ اچي آباد ٿيا. قشيري علي هجويريءَ جو همعصر آهي جنهن جو تصوف ۾ ڪشف المحجوب فارسي زبان ۾ اولين تصنيف آهي. قشيريءَ جي تصنيفن ۾ سندس تفسير آهي جيڪو هن 410هه ۾ مڪمل ڪيو. ان کان پوءِ 'لطائف الاشارات' آهي جنهن ۾ هو قرآن جي ڪجهه سورتن جو صوفيانه تفسير پيش ڪري ٿو. ان لحاظ کان هو قرآن جو صوفيانه تفسير ڪندڙ پهريون صوفي

آهي. قشيريءَ جي سڀ کان مشهور تصنيف ’رسالہ قشيريہ‘ آهي جيڪو هن 437ھ کان 438ھ ڌاري مڪمل ڪيو. جيڪو تصوف جي علمي دنيا ۾ هڪ شاهڪار آهي. رسالہ قشيريہ اردو ۾ ڊاڪٽر پير محمد حسن جي تحقيق سان شايع ٿيل آهي.

[رسالہ قشيريہ - اداره تحقيقات اسلامي، ص 20 - 29 - تصوف اسلام - دريابادي، ص 61]

**ص 356 مفردون**

هن بابت حوالو مٿي گذري آيو.

**ص 360 ابوالحسن نوري (وفات 295ھ)**

هو جنيد بغدادي جو همعصر ۽ سري سقطيءَ جو شاگرد آهي. منصور حلاج سندس صحبت يافتہ آهي.

[تذڪرة الاولياء - فارسي، ص 862]

**ص 360 ابوعبدالرحمٰن سُلّمي (وفات 420ھ)**



چوٿين صدي هجريءَ جو وڏو مصنف ۽ مورخ آهي جنهن جو ’حقايق التفسير‘ مشهور آهي. ان کان سواءِ سندس صوفين جي سوانح بابت ڪتاب ’طبقات الصوفيہ‘ گهڻو معتبر آهي.

[فصل الخطاب، ص706]

**ص 362 الاطال شوق الابرار الا لقائي و اني الي لقائهم اشد شوقاً**

احياءَ العلوم ۾ هن کي حديث طور بيان ڪيو ويو آهي.

[شرح فصوص الحڪم - خواجہ پارسا، ص 567]

**ص 363 افضل الدعاء لااله لاالله**

عوارف المعارف ۾ ”افضل الدعاء لااله لاالله و افضل الدعاء الحمدلله“ کي حديث طور بيان ڪيو ويو آهي ۽ ترمذيءَ ۾ بہ ائين آيل آهي.

[زاد الطالبين، ص 11 - عوارف المعارف، عربي، ص 290]

**ص 364 مڪتوبات منيري**

شيخ احمد يحيٰ 661ھ ۾ منير شريف ضلع پٽ بهار هندستان ۾ پيدا ٿيو. تعليم کان فارغ ٿي سيروسفر ڪيائين. پھريائين شيخ نظام الدين اولياء وٽ ۽ پوءِ شيخ بوعلي قلندر وٽ حاضر ٿيو. آخر شيخ نجيب الدين فردوسيءَ وٽ آيو جتي فردوسي سلسلي ۾ بيعت ٿيو. سندس وفات جو سال 782ھ آهي. هو پنھنجي مڪتوبات جي ڪري گھڻو مشهور آهي جيڪي فارسي نثر جو اعليٰ مثال پيش ڪن ٿا. انهن ۾ مڪتوبات صدي (هڪ سؤ خط)، مڪتوبات دو صدي، فوايد رڪني وغيره خاص طور قابل ذڪر آهن. مڪتوبات سه صدي يعني ٽي سو خطن جو مجموعو سال 1898 ۾ لاهور مان شايع ٿيل آهي. ان کان علاوه 28 مڪتوبات آهن جيڪي هن پنهنجي خاص مريد مظفر شمس بلخي ڏانهن لکيا هئا جن لاءِ هن چيو هو ته اهي ساڻس گڏ دفن ڪيا وڃن. بهرحال اهي خط هينئر موجود ملن ٿا. انهن اڻاويهن خطن مان ڪيترن جا حوالا مخدوم عاقل کهڙويءَ جي ڪتاب ’تلقين السالڪين‘ ۾ ملن ٿا. ان جو مطلب ته مڪتوبات منيري ڪي سنڌ ۾ گهڻي وقت کان مقبوليت حاصل



رهي آهي. مڪتوبات منيري توڙي سندس ٻين ڪيترن ڪتابن جا اردو ترجما ٿي چڪا آهن. بلڪ هڪ سؤ خطن جو انگريزي ترجمو سال 1980 ۾ شايع ٿي چڪو آهي. اهڙيءَ طرح فوايد رڪنيءَ جو سنڌي ترجمو پڻ ٿيل آهي. شيخ منيري جون ٻيون ڪيتريون تصنيفون آهن جن ۾ سندس ملفوظات معدن المعاني، ارشادالطالبين ۽ ارشادالصادقين وغيره شامل آهن. دليل الذاڪرين جي مرتب ڪتاب ’ارشاد الصادقين‘ جو نالو ورتو آهي. اسان جي خيال ۾ اهو به شيخ منيري جي تصنيف آهي جيڪو ظاهر آهي ته وٽس موجود هو.

[مڪتوبات سه صدي - فارسي لاهور، 1898 - مڪتوبات دوصدي - اردو ڪراچي، 2001 - مڪتوبات صدي اردو لاهور The Hundred Letters Paul Jackson New York, - 2003 1980.

**ص 364 عبدالله بلياني (وفات 686ھ)**

هن جو تفصيلي احوال نفحات ۾ ملي ٿو جتي سندس ڪجهہ فارسي شعر بہ ملن ٿا.

[نفحات الانس - اردو، ص 489]

**ص 364 حب الدنيا راس ڪل ..... والدنيا جيفة**

شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي خطبات ۾ ”حب الدنيا راس ڪل خصلية“ جا الفاظ ملن ٿا جن کي حديث طور ذڪر ڪيو ويو آهي. اصل عبارت ۾ ”الدنيا جيفة“ جا الفاظ شامل ناهن.

[فيوض يزداني، ص 297 - فصل الخطاب، ص 483]

**ص 367 من اراد ان يجلس مع الانبياء**

مثنوي روميءَ ۾ وري هي الفاظ آهن: ”من اراد ان يجلس مع الله فليجلس مع اهل التصوف“ اهي ساڳيا الفاظ فيه ما فيه ۾ بہ ملن ٿا. صوفي ان کي حديث طور ذڪر ڪن ٿا. ليڪن سيوطي ان کي موضوعات ۾ ڳڻي ٿو.

[صوفي نامہ، ص 288]



**ص 372 سبحان الله والحمد لله و لا اله الاالله و الله اڪبر**

دعا جا هي الفاظ صحيح مسلم جي حديث نمبر 1906 ۾ ملن ٿا.

[مختصر صحيح بخاري، ص 537]

**ص 372 استغفر الله الذي لااله الاالله ......**

استغفار جي دعا آهي.

[حصن حصين، ص286]

**ص 374 لاشيءِ موجود غير الله لا معبود سوي الله**

ڪتاب مرصاد ۾ هي قول شيخ جنيد بغداديءَ جي حوالي سان ملن ٿا.

[رسالہ فتحيہ، ص 684]

**ص 381 لولاڪ لما خلقت الافلاڪ**

مشهور حديث قدسي آهي جيڪا 'عوارف المعارف' ۾ بہ ملي ٿي. مثنوي رومي ۾ بہ آهي.

[فرهنگ ماثورات متون عرفاني، ص 440 - عوارف المعارف، ص 109 - احاديث مثنوي، ص 484]

**ص 382 نزول الرحمة عند ذکر الصالحين**

عسقلانيءَ هن کي حديث نٿو چوي. عراقي چوي ٿو تہ هيءَ سفيان بن عينيه جو قول آهي.

[الموضوعات الکبريٰ، علي قاري، ص 161]

**ص 382 الشقّي من شقي في بطن اُمة**

حديث جا الفاظ آهن جيڪا جامع صغير ۾ ملي ٿي.

[احاديث مثنوي، ص 140]

**ص 386 وجودک ذنب لايقاس به ذنب**



هيءَ مشهور عربي شعر جي آخري سٽ آهي پهرين هن ريت آهي: "فقلت اما اذنبت قالت مجيبة" سهو شعر اوس بن حجر جو آهي.

[غبار خاطر، ص 340]

هروردي ۾ شيخ شهاب الدين سهرورديءَ سان ملي ٿو، جيڪي حضرت ابوبکر صديق رضہ جو اولاد آهن. اهو شجرو سڀ کان پهريائين 'رسالہ فتحيہ' ۾ ملي ٿو، جنهن ڪانپوءِ اهو شجرو هن ڪتاب ۾ بيان ٿيل آهي. تقريباً ساڳيو شجرو تحفة الڪرام واري ڏنو آهي. اهو شجرو وڌيڪ تحقيقي انداز ۾ موجوده سجاده نشين مخدوم جميل الزمان جي ڪاوشن سان تذڪره مخدومان هالا ۾ شايع ٿيل آهي. جنهن کي اسان

مقدمي ۾ شامل ڪيو آهي، ليڪن شجري جي ڪن شخصيتن جي باري ۾ مزيد تحقيق جاري آهي جيڪا سندن چوڻ مطابق جلد مڪمل ٿيڻ واري آهي.

هن موقعي تي آءٌ ڪتاب جي پيش لفظ لکڻ لاءِ سروري درگاهه جي موجوده اهل علم و قلم سجاده نشين ۽ ڪيترن ڪتابن جي مصنف مخدوم جميل الزمان جو خاص طور شڪرگذار آهيان. ان ڪانسواءِ بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيدالزمان جو به ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب[د] جي رپيٽ جي بنياد تي بورڊ جي منظوريءَ سان شايع ڪرائڻ جو بندوبست ڪيو.

هن ڪتاب جي مواد کي اوائلي صورت ۾ ڪمپوز ڪرڻ ۽ پروفن پڙهڻ ۾ محترم سائين بخش قبولائي منهنجو پوريءَ طرح ساٿ ڏنو. ان کان پوءِ بورڊ منجهان ميرزا دبير حسين ۽ عبدالصمد ان کي آخري صورت ڏني، جنهن لاءِ انهن سيني جو شڪريو ادا ڪرڻ پڻ لازمي سمجهان ٿو.



عبدالغفار سومرو

23 ذوالحج 1444هه

13 جولاءِ 2023ع

ڈسٹیون

**الف: متن ۾ آيل قرآن جون آيتون**

**أَتَأْمُرُونَ النَّاسَ بِالْبِرِّ وَتَنْسَوْنَ أَنْفُسَكُمْ** (البقره: 44)

289

**أُجِيبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ إِذَا دَعَانِ فَلْيَسْتَجِيبُوا لِي** (البقرة:186)

435-179

**اخْسَئُوا فِيهَا وَلَا تُكَلِّمُونِ** (المؤمنون: 108)

271

**ادْعُوا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَخُفْيَةً** (الاعراف: 55) -312

418-415-317-313

**ادْعُوا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَخُفْيَةً** الاعراف: 55)

308



**ادْعُونِي أَسْتَجِبْ لَكُمْ** (المؤمن:60)

334

**إِذْ نَادَىٰ رَبَّهُ نِدَاءً خَفِيًّا** (مريم: 3)

314-308

**إِذَا قِيلَ لَهُمْ لَا إِلَٰهَ إِلَّا اللَّهُ يَسْتَكْبِرُونَ** (الصافات:35)

326

**اذْكُرُوا اللَّهَ كَثِيرًا لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُونَ** (الانفال: 45)

311

**أَقِمِ الصَّلَاةَ لِذِكْرِي** (طٰهٰ: 14)

333-128

**أَلَا لَهُ الْخَلْقُ وَالْأَمْرُ** (الاعراف: 54)

109

**أَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ قَالُوا بَلَىٰ** (الاعراف: 172)

329

أَنْ بُورِكَ مَنْ فِي النَّارِ وَمَنْ حَوْلَهَا (النمل: 8)

134

إِنْ تُبْدُوا الصَّدَقَاتِ فَنِعِمَّا هِيَ (البقره:271)

348

إِنْ تُعَذِّبْهُمْ فَإِنَّهُمْ عِبَادُكَ .... أَنْتَ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ (المائده: 118)

264

إِنَّ زَلْزَلَةَ السَّاعَةِ شَيْءٌ عَظِيمٌ (الحج: 1)

103

إِنَّ سَعْيَكُمْ لَشَتَّى (الليل:4)

254

إِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ لَوَاقِعٌ (الطور:7)

359

إِنَّ لَدَيْنَا أَنْكَالًا وَجَحِيمًا (المزمل:12)

359



إِنَّا أَخْلَصْنَاهُمْ بِخَالِصَةٍ (ص: 46)

26

أَنَا رَبُّكُمُ الْأَعْلَى (النازعات: 24)

221

إِنَّا عَرَضْنَا الْأَمَانَةَ (الاحزاب: 72)

381

إِنَّا لِلَّهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ (البقره: 156)

264

إِنِّي لَأَجِدُ رِيحَ يُوسُفَ (يوسف:94)

74

أُولِي الْأَمْرِ" (النساء:59) 146

أَيْنَمَا تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجْهُ اللَّهِ (البقره: 115)

141

آنَسَ مِنْ جَانِبِ الطُّورِ نَارًا (القصص:29)

134

تَوَكَّلْ عَلَى اللَّهِ (الطلاق: 3)

264

ثَانِيَ اثْنَيْنِ إِذْ هُمَا فِي الْغَارِ (التوبة: 40)

435-402-179

ثُمَّ إِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ فَإِلَيْهِ تَجْأَرُونَ (النحل: 53)

309

الْحَيِّ الَّذِي لَا يَمُوتُ (الفرقان: 58)

333

خُذُوهُ فَغُلُّوهُ (الحاقة:30) 359

خَسِرَ الدُّنْيَا وَالْآخِرَةَ ذَلِكَ هُوَ الْخُسْرَانُ الْمُبِينُ (الحج: 11)

382





ذَلِكَ فَضْلُ اللَّهِ يُؤْتِيهِ مَنْ يَشَاءُ (الجمعة: 4)

247-111-51

الَّذِينَ يَتَّبِعُونَ الرَّسُولَ النَّبِيَّ .... فِي التَّوْرَاةِ وَالْإِنْجِيلِ (الاعراف: 157) 306

الَّذِينَ يَذْكُرُونَ اللَّهَ قِيَامًا وَقُعُودًا وَعَلَى جُنُوبِهِمْ وَيَتَفَكَّرُونَ (آل عمران: 191) 342-311

رَبِّ إِنِّي وَهَنَ الْعَظْمُ مِنِّي وَاشْتَعَلَ الرَّأْسُ شَيْبًا (مريم: 4)

308

رَبِّ أَوْزِعْنِي أَنْ أَشْكُرَ (النمل:19)

435

الرَّحْمَنُ عَلَى الْعَرْشِ اسْتَوَى (طه: 5)

151-111

زُيِّنَ لِلنَّاسِ حُبُّ الشَّهَوَاتِ ...... مَتَاعُ الْحَيَاةِ الدُّنْيَا (آل عمران: 14) 216

فَنَادَىٰ فِي الظُّلُمَاتِ أَنْ.... إِنِّي كُنْتُ مِنَ الظَّالِمِينَ (الانبياء: 83)

300

قَابَ قَوْسَيْنِ أَوْ أَدْنَىٰ (النجم:9)

406

وَقَالَ نُوحٌ رَبِّ لَا تَذَرْ عَلَى الْأَرْضِ مِنَ الْكَافِرِينَ دَيَّارًا (النوح: 26)

305

قُلِ الرُّوحُ مِنْ أَمْرِ رَبِّي (بني اسرائيل: 85)

109

قُلِ اللَّهُ ثُمَّ ذَرْهُمْ (الانعام: 91)

425

قُلِ اللَّهُمَّ مَالِكَ الْمُلْكِ (آل عمران: 26)

157

قُلْ كُلٌّ مِنْ عِنْدِ اللَّهِ (النساء: 78)

264



قُلْ مَنْ يُنَجِّيكُمْ مِنْ ظُلُمَاتِ .... تَضَرُّعًا وَخُفْيَةً (الانعام:63)

309

قُلْ يَا أَهْلَ الْكِتَابِ تَعَالَوْا إِلَىٰ كَلِمَةٍ سَوَاءٍ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ (آل عمران:64) 39

كِرَامًا كَاتِبِينَ يَعْلَمُونَ مَا تَفْعَلُونَ (الانفطار: 11)

301

كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ إِلَّا وَجْهَهُ (القصص: 88)

339

كُلَّمَا دَخَلَ عَلَيْهَا زَكَرِيَّا الْمِحْرَابَ وَجَدَ عِنْدَهَا رِزْقًا (آل عمران: 37) 225

كُلُوا مِنَ الطَّيِّبَاتِ وَاعْمَلُوا صَالِحًا (المؤمنون: 51)

365

كُلُوا وَاشْرَبُوا (الاعراف:31)

225

وَمَا كَانَ اللَّهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَأَنْتَ فِيهِمْ (الانفال: 33)

351

وَمَا مُحَمَّدٌ إِلَّا رَسُولٌ (آل عمران: 144)

378

وَمَا يَعْلَمُ تَأْوِيلَهُ إِلَّا اللَّهُ (آل عمران: 7)

256

وَمِزَاجُهُ مِنْ تَسْنِيمٍ عَيْنًا يَشْرَبُ بِهَا الْمُقَرَّبُونَ (المطففين: 27)

37

وَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّنْ مَنَعَ مَسَاجِدَ اللَّهِ أَنْ يُذْكَرَ فِيهَا اسْمُهُ وَسَعَىٰ فِي خَرَابِهَا (البقرة:114) 311

وَمَنْ صَلَحَ مِنْ آبَائِهِمْ ...... فَنِعْمَ عُقْبَى الدَّارِ (الرعد:23 -24)

103

وَمَن يَتَوَكَّلْ عَلَى اللَّهِ فَهُوَ حَسْبُهُ (اطلاق: 3)

188

وَمَنْ يُضْلِلِ اللَّهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهُ سَبِيلًا (النسآء: 143)

399-55

وَمَنْ يُضْلِلْ مَنْ يُضْلِلِ اللَّهُ فَلَا هَادِيَ لَهُ (الاعراف: 186)

398

وَنَادَىٰ أَصْحَابُ الْأَعْرَافِ (الاعراف: 48)

58

وَنَحْنُ أَقْرَبُ إِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيدِ (ق: 16)

217

وَنَفَخْتُ فِيهِ مِنْ رُوحِي (الحجر: 29)

117-110

وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوَىٰ (النازعات: 40)

398-54

وَهُزِّي إِلَيْكِ بِجِذْعِ النَّخْلَةِ (مريم: 25)

301

وَهُوَ مَعَكُمْ أَيْنَ مَا كُنْتُمْ (الحديد: 4)
257

وَيَتَعَلَّمُونَ مَا يَضُرُّهُمْ وَلَا يَنْفَعُهُمْ (البقره: 102)
152

وَيَوْمَ يُعْرَضُ الَّذِينَ كَفَرُوا ...... وَبِمَا كُنْتُمْ تَفْسُقُونَ (الاحقاف: 20)
263

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تُلْهِكُمْ أَمْوَالُكُمْ وَلَا أَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللَّهِ (النافقون: 9)
304

يَا نَارُ كُونِي بَرْدًا وَسَلَامًا (الانبياء: 69)
117

يُثَبِّتُ اللَّهُ الَّذِينَ آمَنُوا بِالْقَوْلِ الثَّابِتِ فِي الْحَيَاةِ الدُّنْيَا وَفِي الْآخِرَةِ (ابراهيم: 27)
337-328

يُحِبُّهُمْ وَيُحِبُّونَهُ (المائدة: 54)
362



يَحْكُمُ مَا يُرِيدُ (المائدة: 1)
161

يُضِلُّ اللَّهُ مَنْ يَشَاءُ وَيَهْدِي مَنْ يَشَاءُ (الابراهيم: 4)
398

يُضِلُّ مَنْ يَشَاءُ وَيَهْدِي مَنْ يَشَاءُ (الفاطر:8)
398-55

يَعْلَمُ مَا تُكِنُّ صُدُورُهُمْ وَمَا يُعْلِنُونَ (القصص:69)
354

يَفْعَلُ مَا يَشَاءُ (الحج:18)
117

يُوسُفُ أَعْرِضْ عَنْ هَذَا (يوسف: 29)
308

يَوْمَئِذٍ لَا تَنْفَعُ الشَّفَاعَةُ إِلَّا مَنْ أَذِنَ لَهُ الرَّحْمَنُ وَرَضِيَ لَهُ قَوْلًا (طٰه: 109)
100

ب: متن ۾ آيل حديثون ۽ اقوال


الا ان اولياء الله ..... منزل الي منزل 251





الا ذاكر اذكر معه الامذكر اذكر معه

345

الا طال شوق الاحباب .... لقائهم اشد شوقاً

362

الا وهي كلمة الاسلام 327

الا وهي كلمته الا خلاص 331

اَبيتُ عند ربي يطعمني ويسقيني

20

احب الصالحين ولست .... يرزقني صلاحاً

97

أدن مني

216

اذ طلع الصباح استغنيُ عن المصباح -17

387

اذا تغد لم تعش واذا تعش لم تغد
365

اذا قال المؤمن لااله الاالله ..... بعد ان غفرته 338

اذا مررتم برياض ..... الجنة قال حَلِقُ الذكر
346

اذريت لي طالباً فكن لهُ خادماً 30

اذيبوا طعامكم ..... فتقسوا قلوبكم 348

استغفرالله الذي لااله الا هو... والابصار واتوب اليه
372-426

الاستقامة فوق الكرامة -367
422

اطف السراج فقد طلع الصبح -14
385



اطلب الحوائج من سهان الوجوه 218

اعجز احدكم ان يقرء .....يعدل ثلث القرآن
326

اعروا اجسادكم واظمؤا اكبادكم ترؤ الله اعياناً -68
410

اعوذبك من علم لاينفع ..... ونفس لايشبع
152

افضل الاعمال الانفاس بالتعظيم
322

افضل الدعاء لااله الاالله 363

اقتلوا الموذي بعد الايذاء 257

اقتلوا الموذي قبل الايذاءِ 257

اكثر وامن الاخوان ..... من بين اخوانه 296

اکثروا ذکر اللّٰہ حتیٰ یقول المنافقون انکم مراؤن 323-356

اکرموا الضیف ولو کان کافراً 85

اَلحَمرَہ زیّ الشیطَانِ 192

اَلمَجَازُ قَنطَرَةُ الحقیقتِ 244

امثلک یخیب سائلاً 384

ان اسعد الناس شفاعتي .....من قلبه او نفسه 338

ان الشیطان جاثم علي قلب ...... قلبہ فحدثه ومناه 340

ان اللّٰہ امرني ان یکون نطقي ذاکرا 341

ان اللّٰہ تعالیٰ سیار رضی اللہ عنہ ة ..... یرجعون مغفور لهم 346





ان اللّٰہ جمیل ویحب الجمال 218

ان اللّٰہ خلق آدم عليٰ صوره 295

ان اللّٰہ طرقا احق الطرق ذکره 242

ان اللّٰہ غیور یحب الغیور 143

ان اللّٰہ لاینظر اليٰ صورکم ولٰکن ینظر اليٰ قلوبکم 64

ان النبي صلی اللہ علیہ وسلم کان اذکار والتهلیل والتسبیح بعد الصلواة 416

ان اولیاء اللّٰہ لایموتون بل ینقلون من دار الي دار 102

ان في امة محمد رجالاً .... جزاءهم عندي کجزاء الانبیاء 353

ان لي عباد سوي الانبیاء ..... صار تائباً صادقاً مخلصاً 400

انا افصح العرب والعجم 7

انا اوتیت جوامع الکلم 416

انا سيد ولد آدم 7

انا عند الظن عبدي بي والطمع يفسد الدين
319

انا مع عبدي ما ذكرني وتحركت بي شفتاه
341

الاناء ينز شرح بما فيه 296

الانسان سِرَّ اللّٰه تعاليٰ في الارض 57-
400

الانسان سرّي وانا سره 212

الانسان عبيد الاحسان 145

انما الاعمال بالنيات لكل امري مانوي 145-
365



انه يعلم الجهر و ما يخفيٰ
65

اني لا جد ريح الرحمان -220
413

اني لاجد نفس الرحمٰن من جانب اليمن 43

الاوّاه هوالذي يرفع الصوت بالذكر 414

اوقظ الوسنان واطرد الشيطان 415

اول ما يوحُسب با العبد . . . . التوحيد من الصلواة
199

اوليائي تحت قبائي لايعرفهم غيري 44

اهل القرآن اهل اللّٰه خاصته
97-138

بسم الله توکلت علي .... بالله العلي العظیم
372-426

بعدد کل معلوم للک ...... . رسول الله اجمعین 372-
426

بلاءُ المحبِّ عندي نعمة 391

بي یبصر وبي یسمع 363-
368

تخلقوا باخلاق الله 77-110

تکلموا في قراءة القرآن عند القبور 316

التوحیُد غریمْ لایقضيُ دینه و غریب لایودي حقه 38

التوحید معنيُ یضمحلّ ..... ویکون الله لم یزل 38

ثناءُ ذاتِه لذاته 217



ثناءَ علیک کما انت کما اثنیت عليٰ نفسک
217

جذب الاحدیة بصفة التوحید انارة 384

حب الدنیا راس کل . . . . عبادة والدنیا جیفة
364

حُبب اليّ من دنیا کم ثلث . . . . العیون في الصّلوٰة
108

حرم النار علي من قال لااله الاالله
338

حسبي الله 253-
264

حضور مجلس الذکر افضل ..... جنازة وعیادة الف مریض 243

الحقیقة کشف سبحات الجلال من غیر اشارة 284

الحمد لله عليٰ كل مصيبة
332

خذوها با بني طلعته خالدة تالده لاينزعها منكم الا ظالم
294

خصص البطون من الطويٰ ...... العيون من البكاء 365

خفض الصوت بين المخافت والجهر
314

خير الامور اوسطها 119

خير الذكر الخفي 354

الدنيا جيفة وطالبها كلاب
215

الدين نصيحة 332



الذاكر ناعم غانم سالم . . . . بالاجر سالم عن الوزر
334

ذكر الله خير لا شرفيه .... اللسان ثقيلي في الميزان
339

ذكر الله شفاء وذكر الناس داء 340

الذكر بين الذكرين . . . . والذنب بين الفرضين 362

ذكر و ما به النجاح والفلاح
420

ذنب لايقاس به ذنب 386

رايت ربي في احسن صورة -292
295

رأيت ربي ليلة المعراج علي صورة امرد شاب قطط
181

رأيت رجلا من امتي استوشہ . . . .الله من ايديهم 340

رجتنا من الجهاد الاصغر اليٰ الجهاد اكبر 289

الرّيا قنطرة الحقيقة 156

زيارة الصالحين كفارة الذنوب ........ نور رحمة للعالمين 142

زينو القرآن باصواتكم فان الصوت الحسن يزيد القرآن 321

سابقنا سابق ومقتصدنا ناج وظالمنا مغفور لہٗ 99

سالت عن الله تعاليٰ عَنِ الفقر ...... مقرب الا محمد ﷺ 213

سبحان الله والحمدلله...... الا بالله العلي العظيم 372- 426

الشاهدة رؤيت الحبيب في الحجاب 363





شرف الانسان بالنطق ....... وشرف المعرفة بالله 54- 398

شغل من كل الوجوه 376

الشقي من شقي في بطن امه 382

شكر علي كل مصيبة 211

صاحب السلعة بالحمل اولي 142

صحبت الملوك سم قاتل لا دوا لہٗ 254

الصحبة مُوثر 105

صفاة المستجمع بجميع الكمالات عزشانه 342

صلة الله 271

صلوٰة القاعد علي النصف من صلوٰة القائم
342

الصوفي من استصفيٰ ..... نفسه في فقره تقرباً 28

الصوفي هو الجارح عن ..... هوالفاقد الاشياء
29

طرق الطالبين من الله كثيرة لكن لاطريق سوي المحمد 57-
401

الطرق الي الله بعدد انفاس المخلوقات 242

العادة لايردّ 260

العصا معلم الماء وقوة الاعضاء ودافع البلاءِ
90

العقل يدل عليٰ امور . . . . رب زدني علماً
213





العلم حجاب الله الاكبر 151

العلماء ورثة الانبياء 68-411

علمني ربي 128

عليكم بہ لااله الاالله..... .. بالاستغفار وَ لااله الاالله
340

عليكم لقيام اليل فانه . . ...... ومطردة للدار عن الجسد
342

فاذا عملت سيئة فاعمل حسنة فانها عشر امثالها
339

الفقر بداية التصوف 29

الفقر عدم الاملاک والخروج عن احکام الصفات
28

الفقر فخري والفقر مني 227

الفقر كنز من كنوز الله . . . . عليه احداً الا محمداً ﷺ 226

الفقير الذي لايملك ولايملک 28

فلمّا استبان الصبح ادرج ضوءَهٗ باسفاه اضواه نور الكواكب 37

فمارئيت فيما رئيت ..... شغلا منهم ياالله

42

قاطع الرحم لايدخل الجنت

270

قال اخ داؤد يا الٰهي ..... فانها نعمة تنعم بها علي

347

قدمي هٰذه علي رقبة كل ولي الله

206

القرآن يفسر بعضه بعضا

309



قف اِن ربک في الصلوٰة 217

قلب المومن عرش الله تعالي 111

قنعني فيما رزقتني ولا تشغلني فيما صرفت عني

104

كان الله ولم يكن شيئاً 39-

367

كان يرفع صوتہ حتي يسمع النساء

322

كشبوت الشجرة في الارض . . . . صعدت الي السماء

328

كشف النقاب عن وجه 15-

386

كُلُّ شيءٍ يرجع اِلٰي اصلہٖ 276

كما لايخفيٰ علي ناظر. . . . قلتہ التامل والتدبر 179

كُنت سمعه وبصره و قلبه ويده ورجله 110

كنت كنزاً مخفياً 116

لَا ايمان لمن لا امانة له 332

لا تتركوا سنتہ الفجر ولو طردتكم الخيول 66-

409

لا تدعون اليٰ آخرہٖ الحديث

321

لا ذات ولاصفات ...... وهو ساري في كل ذراري 262

لا قدر و لا جبر 278

لااله الاالله حصي فمن دخل حصي امن من عذابي 331-

341-364



لا تعظموني في بيت ربي

268

لاحول ولاقوة الاباللّٰه 114-330-426

لاذاكرولامذكور ولاشاهد . . . . ولامنظور الااللّٰه 110

لاذكر ولاذاكر ولامذكور الاهو 368-

423

لارهبانية في الاسلام 108

لاشي غير اللّٰه 254

لاشيءِ موجود غير اللّٰه 76-264-361-368-

374-427

لاشيخ ابلغ من العشق 261

لاصلوٰة الابالحضور 424

لاصلوٰة ثم الا بالخشوع والخضوع
369

لاعارف ولامعروف ولامعرفت 221

لامعبود بالحق غير الله 368

لان اقعد مع قوم ...من اعتق اربعة من ولد اسماعيل
343

لايدخل الجنة ديوثاً 246

لايسعني ارضي ولاسمائي . . . . عبدي المومن 112

لايمس النار مسلما راني ..... من رآي من رآي من رآني 69

لايومن احدكم حتيٰ يحب لاخيه المسلم ما يحب لنفسه 158

لقنّوا امواتكم بہ شهادة ان لااله الاالله 315

لو علم الناس من المغفرة لتقربوا الي بالجرائيم 101



لولاک لما خلقت الافلاک
57-381-401

له مقاليد السمٰوٰت والارض 330

اللّٰهم اجعل لي منهم ولا تو اخذني ما قلت لهم
347

اللهّم اغفرلي ولجميع المؤمنين 47

اللّهُم اني اسالک علما نافعا و اعوذبک من علم لاينفع 152

اللّهُم صلّ عليٰ محمد كما امرتنا...... قبر محمد في القبور
70

اللّهم صلي عليٰ سيدنا ونبينا ........ وبارک وسلم
371-426

اللهم صلي عليٰ محمد .....دائمة بنور ابد ےباد.
379

اللّهم طهر قلبي من الشرک .... برحمتک يا ارحم الراحمين
378

اللّهم لک الحمد ولک .....برحمتک يا ارحم الراحمين
89

اللهم يا هادي ..... الذين لاخوف عليهم ولاهم يحزنون. 379

لي مع الله وقت 96

ليس يتحسّر اهل الجنة عليٰ ....... لم يذکر الله فيها
345

ما اجتمع ملاء عليٰ ذکر الله ...... الاشفعہ الله تعاليٰ فيهم
348

ما انعم الله علي عبد نعمة افضل من ان يلهم ذکره
342

ما کلمة اجل من لااله الاالله ....... في کفتہ لرجحت بهن 327



ما وحد الوحد من واحد - اذکل من وحدہٗ جاحد
39

ماء المزن صارفي . . . . الافاعي صار سماً
370

ماقال عبد لااله الاالله في ..... ... مثلها من الحسنات
339

مالا عين رأت، ولا اذن سمعت ولا خطر علي قلب بشر
243-332

المالک في ملک يتصرف کيف يشاء 206

مالک والحقيقة -385
13-14-384

مامن ساعة ياتي علي ابن ...... حسرة وان دخل الجنة
345

متيٰ خبرت ان الشمس انثيٰ - ينهني عفا في ان اراها
61

محو لموهوم مع صحو المعلوم 16-
384-386

المستحب في الدعا الاخفاءُ والجهر بدعةُ 305

معلم لاالٰه الاالله وحدهٗ . . .الدين ولو كره الكافرون 416

مفتاح الجنة لاالٰه الاالله 340

مفتاح الصلاة لاالٰه الاالله 328

الملامتي هو الذي لايظهر خيراً ولايضمر شراً
26

من ادرك آخر الشيء فقد ادركها 156

من اراد ان يجلس ....فليجلس مع الفقراء 367-
422



من اكل مع المغفورٍ فهو مغفورُ 284

من أهان لي ولياً فقد بارزني بالمحاربة 334

من تشبهہ بقوم فهو منهم
364

من تواضع لله رفعه الله 248

من ذكر الله طاهراً فالواحد .......فواحدة بواحدة
342

من رإني فقد رئ الحق فان الشيطان لايتمثل بي 70-
219

من راني في المنام فيراني في اليقظة 69

من رآني باي وجه كان ..... اللتي هي غير الباطل
70

من ربّیٰ صغيرا حتیٰ .... لم يحاسبه الله
339

من شغله ذكري عن مسالتي .... ما اعطي السائلين
341

من طلب شيئاً جَدَّ وَجَدَ 212

من طلبني فقد وجدني ....... قتلتهٗ فانا ديته
55-399

من عشق و كتم و عف و مات مات شهيداً
292

من قال لااله الاالله غرست له ..... ريحا من المسک
340

من قال لااله الاالله لم ...... لم ينفعه معها حسنة
339

من قال لااله الاالله ومدها ..... ذنب من الكبائر 373



من له المولیٰ فله الكل 151

من مّات عشقاً فليمت .... الي من كان يمنع
245

من مدح نفسه .... ذبح بغير سكين
144

الموت جسر يوصل الحبيب الي الحبيب 105

موتوا قبل ان تموتوا -121
184

المؤمن لاينجس 120

الناس نيام فاذا ..... باالقرب منه 69

نزول الرحمة عند ذكر الصالحين 382

النصيب يصيب ولو ..... ولو كان تحت الشفتين -77
410

نعم لاالٰه اِلاالله ولانعبد الا اياه مخلصين له الدين 75

نعم من احسن الحسنات

339

نم كنومة العروس — كن واحا من الناس 121

نور يشرق من صبح . . . . هياكل التوحيد آثره 17

وافضل الذكر لااله الاالله

والجهر بدعةُ

والذي نفسي بيدهٖ ....... فليستغفر الله فيغفرلهم 101

والكاظمين الغيظ والعافين . . . . يحب المحسنين

258

والله سبحانهٗ الي الرشاد واليه المبدءَ والمعاد

18

والله ولي الرشاد واليه المبدء والمعاد 387



وان اجلس مع قوم يذكرون ..... ثمانيه من ولد اسماعيل

343

وان في جسد آدم لمضغتہ ......اخفاء وفي الاخفاء انا

343-112

وتعز من تشآء بمحبة الفقراءِ وتذل من تشآء ببغض الفقراء

154

وجودلک ذنب لا يقاس بہ ذنب 15

الوضو سلاح المؤمن 200

وعزتي و جلالي ....... الا اردت ان اعصمه

341

ولارض من كاس الكرام نصيب 296

ولكن يترشح عليک ما يطفح مني

384

ولو يعلم التاجر ماله في ذكر الله لترك تجارته 339

وهو الحيّ القيوم هوالهادي -374-
427

هتك الستر لغلبته السر -384-16-
386

هو يطعم ولا يطعم 80

هي امة مذنبة وانا رب غفور 94

يا ابن آدم انک ما ذكرتني ......كفرتني 341

يا احمد! لوصلي العبد صلوٰة اهل السمٰوات....الخ
63

يا طالب الدنيا لتبرّ ان تركه لابرح
82



يا غوث الاعظم ان لي عباد ..... يعرف هم الا انا
400

يا موسيٰ انّهم صاحوا .... فانهم لي وانا لهم
347

يا مؤمن جز فقد اطفاء نورک لبهي
338

ياايها الناس اربعوا نفسكم ...... سميعاً وقريباً 321

يشرق من صبح الازل فيلوح عليٰ هياكل التوحيد
14

يقول الله تعاليٰ للمَلٰئكة ...... اني غفرت له ما بينهما
344

## ج: متن مي آيل كتاب


احياء العلوم 303-314-316-325-345-420

ارشاد الطالبين 373

اصول روشن 208

انجيل 306





انيس الواعظين 317-421

بحر الدرر 14-414

تبيان سوادي 416

تحفة الفقه 315-316

تذكرة الاولياء 254

ترغيب الصلٰوة 120-126-156

ترمذي 315

تفسير البُستي 315

تفسير البيهقي 314-319-325-417

تفسير امام غزالي 306

تفسير املاء 306

تفسير بحر درر والغرر 305

تفسير بيضاوي 316-314-313
تفسير تستري 306
تفسير زاهدي 305
تفسير كبير 315
تفسير كشاف 309
تفسير مدارك التنزيل 312
تنبيه الغافلين 420-317
توراة 306
جزري 318
حديقة الاولياء 120
حزب البحرين 375-280
حزب جعفري 250



حزب محبوبي 250
حزب يماني 250
حصن الحصين 365-318-157
حلية الاولياء 320
خانیہ/ فتویٰ قاضیخان 316-312
خزانة الجلالي 346-306
خزانة الرواية 314
خزانة العلوم 317
دستور القضات 314
دعاء سيفي 375
دليل الذاكرين 9
رسالہ بہائیہ (بہاءالدین دلقپوش) 425-361-179-9

| | |
|---|---|
| رسالہ خطیب جمال الدین شیرازي | 331 |
| رسالہ فتحیہ | 183-9 |
| رسالہ قشیریہ | 355 |
| رشحات الاولیاء | 315 |
| روضة الاحباب | 177 |
| روضة العلماءَ | 418-320 |
| زاد لافقیر | 373 |
| شرح المشارق | 69 |
| شرح الناس | 320 |
| شرح ثوري | 322 |
| شرح عقائد شیخ عبدالحق | 278 |
| شرح مشکوٰة | 318 |





| | |
|---|---|
| شرعة الاسلام | 417-316 |
| شعب الایمان | 418-323 |
| شمالي | 428-317 |
| صحیح بخاري | 416 |
| صحیح مسلم | 420-417-325-324 |
| صحیح ابن داؤد | 416-318 |
| طهارة القلوب | 319 |
| عقد اےلي | 316-14 |
| عقد الفرید | 373 |
| عمدة الواعظین | 346 |
| عوارف المعارف | 315-24 |
| عین العلم | 415-312 |

| | |
|---|---|
| فتاویٰ بزازیہ | 315 |
| فتاویٰ سراجیہ | 316 |
| فتاویٰ صیرفیہ | 314 |
| فتحی اوراد | 250 |
| فتوحات مکیہ | 41 |
| فضائل اعمال | 318 |
| فوائد | 176 |
| قنیہ | 316 |
| کبریٰ | 315 |
| کتاب اربعین | 323 |
| کتاب الزہد | 345 |
| کتاب الشواہد | 358-357 |





| | |
|---|---|
| کشف الاسرار | 406-63 |
| کشف المحجوب | 41 |
| کیمیاءِ سعادت | 420 |
| کئوس فخریہ | 381 |
| گلشن راز | 108 |
| لوایح جامی | 291 |
| مجموع خانی | 71 |
| مرآۃ الارواح | 355 |
| مسبعات عشر | 375 |
| مشکوٰۃ مصابیح | -352-319-315 420-416 |
| مطلع الانوار | 306 |

معركة الاسواق 317

مكتوبات منيري 346

منازل السائرين 39

نسائي 416-318

النشر 318

نصاب (فقه) 316

نفحات الانس 174-137-92-69-42

نوادر الاصول 417-320

نور الرياض 346

هداية الذاكرين 376-375-320



د: متن ۾ آيل نالا

ابراهيم ٺل ذات جو ناهيو 286

ابن حيان 357

ابن مسعود 317

ابن وهب 357

ابو محمد بن حيان 358

ابوالحسن الاشعري 314

ابومحمد بن امين محمد بن جلال محمد -240- 281

اتو 272

احمد بن حنبل 345

اسامته بن زيدان ابوحاذم 357

اسحاق گونگو 193

اسماعيل بلوچ -222
246

اسماعيل بن عبدالجميل
358

اسماعيل عرف فخريه 286

اُم رُمان بنت عامر 177

امام اعظم ڪوفي -180-97-95
316-200



امام جعفر صادق
175-19

امام زمخشري 309

امام شافعي 95

امام محمد 316

امام محمد غزالي
420-83

اِملي 289

بشر حافي 168

بهاءالدين دلق پوش -179-161-143-120-65-59-57-53
-238-224-222-208-206-205-204-203-201-192-191
407-401-361-303-284-277-270-256-243-242

بيبي اُم ڪلثومؓ
179

بيبي اُم هانيؓ 12

بيبي آمنهؓ 265

بيبي بيبائي (ميان الهداد ابن بلال جي نڪاح ۾ آئي)
436-180

بيبي تاج خاتون
436-180

بيبي حوا 49

بيبي رابعه بصري
217-188

بيبي رقيه (ميان قاسم ابن عبدالله جي گهرواري)
180



بيبي صحت (ميان صالح محمد بن قاسم جي گهرواري)
180

بيبي عائشه صديقهؓ 314-213-177

بيبي فاطمهؓ 205-187-186

بيبي مريم 301

بيبي مريم (سيد عبدالله بن يعقوب متعلوي جي اهليه) 180

تاجن 143

جان محمد 410-68

جمال الدين محمد شيرازي
331

جمعه جاڙيجو 196

جهانگير بادشاهه
203

حاجي زڪريا 413-74

حاجي عبد الله ابن حاجي هارون 135

حاجي ڪلهوڙو 286-241

حاجي گگرو 262-261

حاجي ملا قاسم سيوستاني 185

حاجي نعمت الله چشتي مُلڪ پنجاب 276

حافظ حماد 83

حافظ يوسف 295

حبيب 143

حجاج بن يوسف 177

حسن پانگو 189





حسن حاملي 332

حسين بن حسن طبري 358

حسين پگڙا 211

حسين ٿهيم بُڪيرائي 155-203-231-232-242-244-
272-253

حسين ٿهيم ڳوٺ ناهيون
278-272

حضرت ابراهيم 49-310-320-332-
418-345

حضرت ابن عباس 352-308

حضرت ابن عمر 320-357-417-
418

حضرت ابو قتادہ 315
حضرت ابوذر 323
حضرت ابوسعيد خدري 417-168
حضرت ابوطالب 253
حضرت ابوعبید بن عامر 178
حضرت ابوہریرہ -319 416
حضرت امام حسن -312-176-13 383
حضرت امام حسین 383-176-126
حضرت انس 318



حضرت آدم -329-151-93-49 381
حضرت جابر بن عبداللہ انصاري 320
حضرت جعفر طیار 177
حضرت حُذیفہ 120
حضرت حسن نساج 268
حضرت حماد 285
حضرت خضر -139-96-93 290
حضرت دائود -118-92-49 322
حضرت زبیر بن العوام 178
حضرت زکریا علیہ السلام 314-308-301

حضرت زيد 319

حضرت سعد بن مالڪ 178

حضرت سعيد بن زيد 178

حضرت سلمان فارسي -116
175

حضرت سليمان 150-84-83

حضرت سهيل يمني 286

حضرت شاهه عبدالوهاب 91

حضرت شعيب 333

حضرت شيخ پنو
266

حضرت شيخ سعدي 264

حضرت شيخ ڪبير 254



حضرت صالح 118

حضرت صديق اڪبر -179-177-166-174-139-59-49-44
-315-293-217-216-
415-359-350

حضرت طلحه بن عبدالله
178

حضرت عباسؓ 293

حضرت عبدالرحمٰن بن ابوبڪر صديقؓ 177

حضرت عبدالرحمٰن بن عوف 387-178-18

حضرت عبدالله ابن عبدالمطلب 177

حضرت عبدالله بن زبير 318

حضرت عبدالله بن فضيل 417

حضرت عثمان بن طلحه -293
294

حضرت عثمان بن عفان -178
330

حضرت عزيزان 315

حضرت علي -116-67-62-58-46-15-14-13-12
-198-197-178-176

-383-371-365-362-359-357-346-323-302-294
426-416-405-402-358

حضرت عمر بن خطاب. -49-47-46-45-43
-306-293-179-178-108

359-350-315

حضرت عيسيٰ -301-167-76-58
402-333





حضرت منو -215-214-213-212-211-210-208
-253-252-242-223

375-374-302-299-291-281-275-270-266

حضرت محمد ﷺ -58-49-46-44-43-42-41-18-12-11-7
-83-78-76-74-71-69-62

-179-167-159-157-151-138-129-111-108-96-94-86-84
379-371-344-329-219-186

حضرت محمد بن ابوبكر 177

حضرت محمد زمان 8

حضرت مخدوم نوح -68-67-66-65-62-54-53-52-51-8
-268-267-255-187-170-168-167-162-137-88-83-79-76
-256-254-253-266-264-261-260-258-272-271-270
412-409-296-281-275-257

حضرت معاذ بن جبل 348

حضرت موسيٰ 49-83-86-118-191-320-
353-347-346-336

حضرت مير لطف الله 147

حضرت نوح 49-
167

حضرت هاشم ابن حماد 118-158-183-211-218-219-221-
-248-244-239-234
-295-292-284-282-281-280-279-249
302-301-297-296

حضرت يار محمد ساڪن درپيله 104

حضرت يحيٰ بن زڪريا 352

حضرت يعقوب 96-
120





حضرت يوسف 97-96

حفص بن عمر 358

حمدون قصار نيشاپوري 92

حمران بن امين 358

خواجه احمد چشتي 24-
393

خواجه بايزيد بسطامي 18-113-168-282-
388-333

خواجه حسن بصري 13-18-62-323-387-
388

خواجه داؤد طائي 389

خواجه شمشاد 147

خواجہ عبدالله خفيف -20
390

خواجہ قطب الدين مودود چشتي -24
393

خواجہ محمد چشتي 393

خواجہ نصيرالدين چشتي -24
393

درويش ابراهيم پٽ جلال ناهيہ 297

درويش ابوبڪر هوتي -248
257

درويش احمد ولد درويش حاجي نساج 122

درويش امين پليجو 280

درويش آريسر سوڍو 220



درويش بادو سهتو -240
241

درويش پرڪيو مڪلي وارو 148-147-143

درويش حافظ دَل
244

درويش حمزه 227

درويش خيرالدين سوڍو -234
236

درويش داؤد بصير 209

درويش دائود مداري 92-91

درويش ڏاهر سميجو 262

درويش رڪن الدين ابن وتايو 80

درويش زڪريا ٻيڙ سمہ -229-231

درويش زڪريا قبيلہ سوڍو 286

درويش سارو عرف پهاڙ 95

درويش شڪرالدين 154

درويش شهمير ٻُڪيرائي 279

درويش صوبيو ڳوٺ ڪيبر 235

درويش طاهر پهوڙ 135

درويش عثمان چاڪي -153-136-128-127 194-157





درويش عثمان متقي 288

درويش علي لقب گلخن 215

درويش علي ولد مراد قريشي عُرف پنهوار 258

درويش عمر (بودلو) 194

درويش لڏو پهوڙ 255

درويش محمد امين ڳوٺ ڪڪري 290

درويش محمد بوبڪائي 119

درويش مظفر جوڻيجو 375

درويش موسيٰ تميم 118

درويش نوح ڪاريو 93

درويش هارون بري 275

درويش يحيٰ مندي 303

درويش يحييٰ رائنتيو 250-243-242

رب ڏنو اونچ 229

ربڏنو ولد ابوبکر عباسي 299-291

ربيع ابن سليمان 357

ربيع ابن خيثم 50

روح بن مسافر 358

سالار ڪلهوڙي 286

سدو درويش سمو مريد شاهه خيرالدين بکري 134





سلاهه 293

سلطان ابراهيم ادهم 23-254-203-204-244-250-253-257-
291-282-276-275

سلطان ابراهيم بن شاهه عبدالڪريم بلڙي 247

سماپو فخريه -124
172

سيد ابراهيم 280

سيد ابوبکر لکعلوي 193-192-191

سيد اسماعيل بخاري -150-149-72
191

سيد بايزيد (ٺٽي شهر جو حاڪم) 216-215

سيد جعفر بکري مهدي 224

سيد حيدر سنائي
128

سيد رڪن الدين متعلوي -172
239-129-80

سيد ساجن بن سيد قاسم متعلوي
296-72

سيد طيب متعلوي -140
413-300

سيد عبدالرحمٰن مريد مخدوم نوح
121

سيد عبدالڪريم ولد سيد لله معتلوي -223-203-143-
269-247-239-224



سيد عبداللطيف تارڪي
269

سيد عبدالله بن يعقوب متعلوي 411-180-72

سيد عبدالوهاب 158

سيد علي شيرازي -147-145-143-
148

سيد علي متعلوي -194-
300-204

سيد نصيرالدين 242

شاھ اسماعيل بخاري ڳوٺ ڪڪري 411-299-238

شاھ خرم دهلي 203

شاھ خيرالدين بکري -186-150-137-134
232-230

شاهہ رڪن الدين (پوٽو غوث ملتاني) 301

شريف الملڪ گورنر صوبيدار ٺٽہ 203

شهاب الدين قل مريد شاهہ خير الدين بکري
137

شيبہ بن طله 294

شيخ ابراهيم -19
333

شيخ ابواسحاق چشتي -23
393-24

شيخ ابواسحاق گاذروني -20
390

شيخ ابوالحسن خرقاني -51
395





شيخ ابوالحسن نوري 360

شيخ ابوالقاسم بن محمد بن ابوبڪر
175

شيخ ابوالقاسم گرگاني طوسي 51

شيخ ابوبڪر بن شيخ اسماعيل 432

شيخ ابوبڪر قريشي -54
398

شيخ ابوبڪر ڪتاني (مدفون ڪوٽ جي چوٽي) -173
432-174

شيخ ابوسعيد ابوالخير -51
395

شيخ ابوعبدالرحمٰن السلمي 360

شيخ ابوعبدالله خفيف 28

شيخ ابونجيب ڪبير -22
174

شيخ احمد (مدفون ڪوٽ جي چوٽي) 173

شيخ احمد خرقاني مريد مخدوم نوح 100

شيخ اڪبر محي الدين اندلسي 334

شيخ اُويس قرني -51-50-47-45-44-42
394-286-159-174

شيخ بهاؤالدين زڪريا -139-135-83-60-59-53
-174-159-154-152
-397-301-280-199-191-186
432-403

شيخ پرڪيو ڪاتيار -407-266-126-65
408



شيخ جلال الدين محمد (مدفون ڪوٽ جي چوٽي)
432-173

شيخ جنيد بغدادي -375-168-22-21-19
391-390-389-376

شيخ حبيب عجمي -387-19-18
389

شيخ ديوانہ قريشي 158

شيخ سري سقطي
375

شيخ سهل بن عبدالله تستري -333-93-32
335-334

شيخ شبلي 272

شيخ شهاب الدين سهروردي -174-173-170
276-274-175

شيخ ضياءالدين سهروردي 391-21

شيخ عبدالحق 278

شيخ عبدالقادر جيلاني -174-153-93-73-59 412-402

شيخ عبدالقدوس 224-184

شيخ عبدالله انصاري 355

شيخ عبدالله بلياني 364

شيخ عبدالواحد -387-18 392

شيخ عثمان 19



شيخ عثمان علي دقاق -389 360

شيخ علاؤالدين طوسي 391-21

شيخ علي (اولاد شيخ بهاءالدين زڪريا) ٺٽوي 159

شيخ علي المعروف قاضي (مدفون ڪوٽ جي چوٽي) 173

شيخ علي دينوري 393-23

شيخ علي هيئتي 69

شيخ فخرالدين -173-172-6-170-65 407

شيخ فريد شڪر گنج -276 373

شيخ فريدالدين عطار 56-50

شيخ فضيل عياض -23
393

شيخ کپور 207

شيخ ڪمال ڪهيري پنجاب -280
281

شيخ مجدد الدين منصور
389-19

شيخ محدث متعمر بن احمد بن زياد صوفي اصفهاني 357

شيخ محمد (مدفون ڪوٽ جي چوٽي) 173

شيخ محمد ناصرالدين 280

شيخ محمود بن شيخ علي ڪاشفي
385





شيخ محمود بن علي ڪاشفي 14

شيخ محمود ولد صديق فخريہ -227-191-187-153-130
-259-242-229-228
298-297-283-275

شيخ مسعود بن خواجہ ابوالقاسم 177-19

شيخ معاذ 333

شيخ معروف ڪرخي -19
389-375

شيخ نجم الدين فردوسي
391-318-21

شيخ نجم الدين ڪبريٰ 51

شيخ نجيب الدين سهروردي
274

شيخ نصيرالدين ابي القاسم 432
شيخ وجيهه الدين ابوحفص عمر عمويہ 175-21
شيخ هُبير -23
393
شيخ هوتي لاکو -131
187
صابو سومرو 143
عبدالجليل مگڻيجو 280
عبدالدار 293
عبدالرحيم 281
عبدالله ابن موسيٰ ابن مخدوم معظم 89
عبدالله بن عوف
392-22



عثمان طالب 280
عيسيٰ برهانپوري 277
عيسيٰ لکعلوي 125
فتح شاهه
281-280
قاسم کوري 225
قاضي احمد
210
قاضي مسعود نصرپوري 211
قطب بري ساکن کاهري ٻيله -254
255
قيله يا قيتلير بنت عبدالعزيٰ 177
کامل محمد 282

كُميل بن زياد -13-384
لعل شهباز 283
مالڪ دينار 334
مجذوب وهيو پٽ للو 228
مجذوب هارون ساڪن ٺٽو 275
محمد الملاهي 358
محمد امين بن مخدوم نوح 72-79-82-83-87-92-104-131-180-236-240-250-286
محمد بن المنڪدر ابن عمر 385



محمد بن هارون 357
محمد عارف ابن سدو مريد شاهہ خيرالدين بکري 150
محمود بن حامد 154
محمود بوبڪائي 297
محمود ڪاريو 275
مخدوم ابراهيم بن مخدوم معزالدين 148
مخدوم اسحاق 170
مخدوم اسماعيل جاڳو 83
مخدوم اسماعيل سومرو 81-82-83
مخدوم امام بن مخدوم يوسف 122-196-209-223

مخدوم بايزيد گهانگهرو 81

مخدوم بلاول 65-128-139-
408

مخدوم جان محمد سيوستاني 128

مخدوم جعفر بوبڪائي 68-157-255-
410

مخدوم جلال محمد بن مخدوم نوح 180-
436

مخدوم جمعہ دنبہ
139-143-148

مخدوم حامد اگهمي 137-139-213-
256

مخدوم حسام الدين بن فخرالدين
173-431





مخدوم داؤد 212

مخدوم دوست محمد (مخدوم نوح جو ڏوهٽو) 274

مخدوم ساند انڙ
283

مخدوم ساهڙ لنجار 67-81-130-187-409-
410

مخدوم شهاب الدين بن فخرالدين 170-173-429-
431

مخدوم عبدالعزيز 57-
401

مخدوم عثمان جهيجو 137

مخدوم عربي 58-98-361

مخدوم عزالدين بن فخرالدين -173-
431

مخدوم فتح محمد -183-104-102-94-
263-233

مخدوم فخرالدين صغير -173-172-170-128-
429-187

مخدوم فضل الله -268-54-53-
397

مخدوم ڪرم الله -80-
129

مخدوم لطف الله -98-
130-128

مخدوم نعمت الله -403-170-130-116-
429



مخدوم نور محمد بن فخرالدين 431-180-173

مرزا پائنده (والد مرزا جاني حاڪم سنڌ) -283-
298

مرزا جاني بيگ -125-
298

مرزا غازي بيگ 125

مرزا محمد باقي 136

مريد بلوچ 234

مسعو پٽ محمود
105

مطلق براتي ٽتو 299

ملا حسن 201

ملا ساند
298

مُلا سليمان سميجو 159

ملان حسين خيالي 84

منصور 176

مولانا ركن الدين 268

مولانا عبدالغفور بن مخدوم ناصر
179

مولانا يوسف 100

ميان ابراهيم عرف ادهم ثاني -125
182

ميان احمد -180
436



ميان الهداد بن بلال -180
436

ميان آدم
436-180

ميان جلال الدين محمد -180
436

ميان حافظ ولد هاشم 299

ميان حامد 436

ميان دائود -180
436

ميان ركن الدين
408-65

ميان صالح محمد بن قاسم
180

ميان ڪبير محمد (ڏوهٽو مخدوم نوح) 73-60

ميان محمود ڪاريو 180

ميان موسيٰ -156-128-54
398-180

ميان ميران محمد
184-180

ميان نور محمد 436

ميان هارون -180
436

ميان يوسف -157
436-180

ميرڻ ڪاتيار 247

نواب شاد خان 184





نوح ڪاريہ 140

وليد 177

وهيو پٽ للو 128

الهڏتو 236

هرم بن حيان 48-47

همون ڊيڊ 251

يزيد پليد
176

يعقوب واڍو 209

## ھ: متن ۾ آيل ماڳ، مڪان


اگهمر ڪوٽ 138

برهانپور 277

بصره 434

بغداد 23 -389

بکر 242-155-137-134

بکيرا -272-242-223 279

بندر نحيله 176





پاٽوٽ -189 192

پگڙا 211

پنجاب 276

ٺٽو -144-215-203-187-183-159-148-145-143-68-57 410-299-277-275-248

تر 138

تلتي 128

ٽونڪ 177-175

جامع مسجد فرخ (ٺٽو) 198

چشت 293-23

حرا جبل
18
خراسان
159
دربيلہ
203-104
دهلي
203-88
راهوت 143-138
ريل
171
سنڌ -190-154-88
283



سيوستان -173-128
432
قرن -44
45
ڪيبر
235
ڪاهري پيلو
254
ڪچ
201
ڪرخ محلہ -389-19
434
ڪڪري
290-238

ڪندياري
272

ڪوٽ ڪرڙو -173
434

ڪوفہ -45
48-47

ڪوهستان
229

لڪعلوي -191-189
192

مدينو شريف -70
314

مڪلي -159-143-138
184





مڪو شريف -91-42
327

ملتان -154
274

ناهيون 272

نصرپور
211

نيشاپور
92

هالاڪندي -172-171-170-146-142-127-124-120-89
-429-410-297-286-276-247-240-192-190-189-187
431-430

هند/ هندستان
251-190-88

## کتابیات

### عربي


1. تفسير ابن وهب: تحقيق احمد فريد، دارالكتب العلميہ بيروت لبنان، 2003
2. تفسير عرائس البيان: تحقيق الشيخ احمد فريد المزيدي، دارالكتب العلميہ بيروت لبنان، 2008
3. تفسير الجيلاني: تحقيق الدكتور محمد فاضل جيلاني الحسني، مركز الجيلاني للبحوث العلميہ استنبول، 2009
4. التاويلات النجميہ: تحقيق الشيخ احمد فريد المزيدي 2009 دارالكتب العلميہ بيروت لنبان2009
5. تفسير ابن عربي: الشيخ عبدالوارث محمد علي دارالكتب العلميہ بيروت لنبان، 2001





6. عوارف المعارف: صححہ محمد عبدالعزيز الخالدي، منشورات محمد علي بغوي، دار الكتب العلميہ بيروت
7. مختصر صحيح مسلم: دارالغد الجديد القاهره 2007
8. حلاوة الفمّ بذكر جوامع الكلم: محمد هاشم التتوي، دكتور محمد ادريس المكتبہ القاسميہ كنديارو، 1426هـ
9. الرسالہ القشيريہ: عربي- تحقيق الدكتور عبدالحيلم، دارا لفرفور دمشق، 2001
10. مفتاح الفلاح: الاسكندري
11. الموضوعات الكبريٰ: علي قاري قديمي كتب خانہ كراچي
12. ارشاد الطالبين: عربي / فارسي - مولانا عاشق الاهي برني، انتشارات سيلابہ پشاور
13. الاحاديث القدسي: مراجعہ د محمد الاسكندراني دارالكتاب العربي بيروت،
14. كتاب اللمع: صححہ كامل مصطفي الهنداوي دارالكتب العلميہ بيروت البنان، 1421هـ/ 2001 ع
15. الفتوحات المكيہ: ابن عربي، دارالفكر القاهره.


### فارسي

1. القرآن الحکيم: فارسي ترجمہ غوث الحق حضرت مخدوم نوح سرور هالائي سندي - تقديم ابوسعيد غلام مصطفيٰ قاسمي سندي ادبي بورڊ حيدرآباد جامشورو، 1401هہ
2. تفسير زاهدي: تقديم مولانا زرولي ڪراچي
3. ڪشف الاسرار ومکاشفات الانوار: عربي/ فارسي - روزبهان بقلي، تصحيح و ترجمہ دکتر مريم حسيني تهران 1393هہ
4. تذکره الاوليا: دکتر محمد استعلامي انتشارات زوار تهران، چاپ نهم 1377هہ
5. ڪشف المحجوب: بامقدمہ دکتر محمد شفيع، نوائي وقت پرنٽرز لاهور
6. ڪيماي سعادت: فارسي - ابوحامد محمد غزالي طوسي، حقيقت ڪتابوي استنبول، ترڪي 1988ع
7. حديقة الاوليا: بتصحيح سيد حسام الدين راشدي، انجمن ادبي سندي، حيدرآباد، 1967ع
8. بيگلر نامہ: ادراڪي بيگلاري، بتصحيح دکتر نبي بخش بلوچ سندي ادبي بورڊ حيدرآباد جامشورو، 1400هہ
9. احاديث مثنوي: فروزانفر، مرکز نشر دانشگاهي تهران 1381هہ
10. فصل الخطاب: خواجہ پارسا، مرکز دانشگاهي، تهران، 1381هہ
11. فرهنگ ماثوارات: باقر صدري نيا، سروش تهران 1380هہ



12. فيه ما فيہ: مولانا رومي، فروز انفر، تهران 1369هہ
13. صوفي نامہ: قطب الدين العبادي، تهران 1368هہ
14. مثنوي هفت رنگ: مولانا جامي - آقاء مرتضيٰ مدرس گيلاني، تهران 1351
15. نفحات الانس: مولانا جامي - مقدمہ و تصحيح دکتر محمود عابدي، انتشارات اطلاعات تهران 1375
16. فواتح الجمال:
17. شرح گلشن راز: شمس الدين لاهيجي - محمد رضا کرباسي ڪتابخانہ ملي ايران 1371هہ
18. تمهيدات: عين القضات همداني، انتشارات منوچهوي تهران 1377هہ
19. مصباح الهدايہ و مفتاح الکفايہ: عزالدين کاشاني، ڪتابخانہ ملي ايران، 1382
20. عين العلم: عثمان بلخي - مطبع حيدري، 1291هہ
21. ترغيب الصلواة: محمد بن احمد زاهد البوني، مکتبتہ الحقيقت استنبول ترکيہ 2010ع
22. شرح منازل السائرين: عبدالله انصاري، نگارش علي شيرواني - ڪتابخانہ ملي ايران، 1379هہ

23. عبهرالعاشقين: روزبهان بقلي شيرازي - محمد معين و هنري کربن تهران 1337ھ
24. رشحات عين الحيات: واعظ کاشفي، تهران شهر پورمان 2536ھ
25. ديوان حافظ: محمد قزويني و دکتر قاسم غني، کتابفروشي زوار تهران 1362

اردو

1. سیر العارفین: مترجم مخدوم محمد ایوب قادری، مرکز اردو بورڈ لاہور، 1976ء
2. نفحات الانس: مترجم شمس بریلوی، مدینہ پبلشنگ کمپنی کراچی، 1982ء
3. رسالہ قشیریہ: مترجم پیر محمد حسن، ادارہ تحقیقات اسلامی اسلام آباد، 2009ء
4. کتاب اللمع: مترجم پیر محمد حسن، ادارہ تحقیقات اسلامی اسلام آباد 2009ء
5. مآثر رحیمی: عبدالباقی نہاوندی، مترجم سید منصور علی سہروردی، الفیصل ناش ادارہ کتب لاہور 2018ء




6. اخبار الاخیار: شیخ عبدالحق محدث دہلوی، دارالاشاعت کراچی، 1997ء
7. قلائد الجواہر: اردو ترجمہ مولانا زبیر افضل عثمانی مدینہ پبلشنگ کمپنی کراچی، 1978ء
8. بہجتہ الاسرار: الشطنوفی، اردو ترجمہ عارف نوری، لاہور، 2000ء
9. الدرالمنظوم فی ملفوظ المخدوم: مطبع انصاری دہلی، 1309ھ
10. القول الجمیل: شاہ ولی اللہ مترجم محمد سرور، سندھ ساگر اکادمی، لاہور 1981ء
11. مدارج سلوک: میر ولی الدین، مدینہ پبلشنگ کمپنی، کراچی
12. حیات شیخ عبدالحق دہلوی: خلیق احمد نظامی، ندوۃ المصنفین اردو بازار دہلی، 1953ء
13. مکتوبات شیخ عبدالحق دہلوی: مترجم مولانا محمد فاضل، مدینہ پبلشنگ کمپنی کراچی
14. شرح لوائح جامی: پروفیسر سید عبدالرشید فاضل، کراچی 1985ء

15. مواهب لدنیہ- سیرت محمدیہ: عبدالستار طاهر مسعودی، شبیر برادرز اردو بازار لاهور، 2002ء
16. احادیث ضعیفه کا مجموعه: ناصرالدین البانی- ترجمه مولانا محمد صادق خلیل، مکتبه محمودیه، ساهیوال
17. زادالمتقین: شیخ عبدالحق دهلوی، الرحیم اکیڈمی کراچی 1998ء
18. اردو دائره معارف اسلامیه: زیر اهتمام دانشگاه پنجاب
19. تحفة المتخصص: مفتی ضیاءالدین ذاکر، مکتبه عمر فاروق، 2012ء
20. مکتوبات دوصدی: شیخ منیری سیرت فاؤنڈیشن لاهور، 2003ء
21. برصغیر میں اسلامی فقه: محمد اسحاق بھٹی کتاب سرائے لاهور، 2009ء
22. تاریخ التفسیر: پروفیسر عبدالصمد صارم الازهری، نورمحمد کارخانه و تجارت کتب لاهور، 1971ء
23. بستان المحدثین: شاه عبدالعزیز دهلوی آرام باغ کراچی دارالاشاعت کراچی 2000ء
24. حالات مصنفین درس نظامی: مولانا محمد حنیف گنگوهی، کرمانواله بک شاپ لاهور، 2009ء



25. شمائل بغوی: امام حسین بن مسعود بغوی، مترجم محمد عابد انجم، کرمانو که لک شاپ
26. رساله اویسه: فارسی، اردو- ڈاکٹر عبدالمقیت، زیب ادبی مرکز حیدرآباد، 2002ء
27. مشکواة المصابیح اردو ترجمه ابوانس گوهر، مکتبه اسلامیه لاهور 2013ء
28. تنبیه الغافلین: ابواللیث سمرقندی، مترجم مولانا عبدالحمید انور، لاهور
29. مخدوم جهانیان جهان گشت: محمد ایوب قادری، لاهور، 1986ء
30. تصوف اسلام: عبدالماجد دریابادی، اسلامک فاؤنڈیشن لاهور، 1980ء
31. حصن حصین: محمد الجزری، تاج کمپنی لمیٹڈ کراچی
32. عمدة السلوک: مولانا سید زوار حسین، کراچی 1984ء

سنڌي:

1. قرآن مجيد: حضرت مخدوم نوح - مترجم مولانا سعيداحمد پيٽو، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو سنڌ 2008ع

2. تفسير انوار الاسرار: مسيح الاوليا شيخ عيسيٰ پاٽائي، مترجم پروفيسر محمد عثمان ميمڻ، اداره پاٽ هائوس حيدرآباد سنڌ، 2006ع
3. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پاڪستان اسٽڊيز سينٽر ڄام شورو سنڌ، 1990ع
4. رهاڻ هيرن ڪاڻ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2012ع
5. تحفة الڪرام: مير علي شير قانع - مترجم مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1976ع
6. تاريخ معصومي: مترجم مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1980ع
7. تاريخ باب الاسلام سنڌ: ڊاڪٽرحبيب الله صديقي، بت العزت ڄام شورو 1996ع
8. ترخان نامو: مترجم مرزا عباس علي بيگ، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1996ع
9. تذڪره مشاهير سنڌ: مولانا دين محمد وفائي، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1995ع
10. تاريخ طاهري: مترجم نياز همايوني، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1996ع





11. عوارف المعارف: مترجم مخدوم عبدالجبار صديقي، اداره پاٽ هائوس حيدرآباد، 1998ع
12. راحت الروح: مولانا دين محمد وفائي، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2019ع
13. تحفة الروح: ڊاڪٽر اسرار احمد علوي، ڪتب خانہ قاضي غلام محمد قريشي هالا پراڻا، 2009ع
14. تذڪره مخدومان هالا: مخدوم جميل الزمان، طالب الموليٰ اڪيڊمي هالا 2001ع
15. سڪينة الروح: قلمي فوٽو اسٽيٽ - مملوڪ ڊاڪٽر محمد ادريس السندي، قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو.
16. چونڊ ملفوظات غوث الحق حضرت مخدوم نوح: مرتب قاضي محمد شوڪت علي قريشي، اداره ڪتب خانہ قاضي غلام محمد قريشي هالا پراڻا
17. ڪشف المحجوب: مترجم عطا محمد حامي، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1988ع
18. گلزار ابرار: سنڌي ادبي بورڊ، 2009
19. چندن هار: قليچ بيگ مرزا، سنڌي ادبي بورڊ، 1965
20. مڪمل شرح ابيات سنڌي: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، سنڌالاجي ڄام شورو، 2008

21. معارف سلطان الاولياءِ: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2018

22. منهاج المعرفت: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، سنڌالاجي، 2009

23. گلزار صديق: مخدوم جميل الزمان، طالب الموليٰ اڪيڊمي هالا، 2011ع

24. گلستان سروري، ڊاڪٽر عبدالرحمٰن قريشي، طالب الموليٰ اڪيڊمي هالا 2010ع

25. مخدوم جعفر بوبڪائي: تحقيق مولانا عبدالله ڪوسو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2012ع


## انگريزي


1. A . J . Arberry, Revelation And Reason in Islam, London, 1956
2. F . Steingass Arabic English Dictionany Sang - e- Meel, Lahore, 1979.
3. R . A . Nicholson Khasf al Mahjub XVII, 1959 London.
4. Paul Jacson The Hundred Letters, New Yark, 1980
5. E . H . Winfield, Lawaih, Lahore, 1978.





6. Makhdoom Jamilzaman The Days & Dates, Talib - ul- Mola, Academy, 1431/2010.


پورو ٿيو